تحفة الڪرام

مصنف:

مير علي شير قانع ٺٽوي

مرتب :

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مترجم :

مخدوم امير احمد

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

چاپو پهريون	سال ١٩٧٥ع	تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٻيو	سال ١٩٧٨ع	تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٽيو	سال ١٩٨٩ع	تعداد ٢٠٠٠
چاپو چوٿون	سال ١٩٩٤ع	تعداد ١٠٠٠

[هن ڪتاب جا جملي حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

[redacted]

[redacted]

ملڻ جو هنڌ

"سنڌي ادبي بورڊ" جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

عنوانن جي فهرست

پيش لفظ (ڊائريڪٽر طرفان) 1

مهاڳ (مترجم طرفان) 4

مصنف مير علي شير قانع جي سوانح حيات 11

ڀاڱو پهريون

مصنف طرفان ديباچو ١

مصنف طرفان مقدمو ٢-٨

باب پهريون: راءِ گهراڻو ٩-١٢

باب ٻيو: برهمڻ حاڪمن جو طبقو ١٣-٥٨

باب ٽيو: بنو اميه جي گورنرن جو طبقو ٥٩-٦٧

باب چوٿون: عباسي گهراڻي وارن جي گورنرن جو طبقو ٦٧-٧٠

باب پنجون: غزنوي ۽ دهلي جي شهنشاهن جي گورنرن جو طبقو ٧٠-٩١

باب ڇهون: سومرن جو طبقو ٩١-١٢٠

باب ستون: سمن ڄامن جو طبقو ١٢١-١٤١

باب اٺون: ارغون گهراڻو ١٤٢-١٦٦

باب نائون: ترخان گهراڻو ١٦٧-١٩٣

باب ڏهون: مغل سلطنت ۽ ان جا گورنر ١٩٤-٢٣١

باب يارهون: تيموري (مغل) شهنشاهن جي اميرن جو طبقو ٢٣٢-٢٥٤

باب ٻارهون: عباسي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت جو بيان ٢٥٥-٢٨٣

ڀاڱو ٻيو

باب تيرهون: ملتان، اچ، مئو، ساٽيلو، سيتپور ۽ اتي جا بزرگ ٢٨٧-٣١٠

باب چوڏهون: ٻکر جو شهر ۽ ٻکر پرڳڻي جا ڳوٺ ۽ اتي جا رهاڪو بزرگ ٣١١-٣٤٧

باب پندرهون: سيوستان، دشت باران پرڳڻن جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ	٣٧٦-٣۴٨
باب سورهون: هالا ڪندي پرڳڻي جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ	٣٩١-٣٧٧
باب سترهون: ساڪري درياءَ جي ڪناري وارن متفرق ڳوٺن جا بزرگ	۴١١-٣٩٢
باب ارڙهون: بدين ۽ تلهار، ونگي ۽ ولهار وغيره شهرن ۽ پراڻ جي ڪناري وارن ڳوٺن جا بزرگ	۴٢١-۴١٢
باب اڻويهون: سنڌ جي غير معلوم شهرن ۽ ڳوٺن جا بزرگ	۴٢۴-۴٢٢
باب ويهون: ٻوري ۽ ڪڪرالي پرڳڻن جا بزرگ	۴۴٠-۴٢٥
باب ايڪيهون: منياري، نيرون ڪوٽ، گنجو ٽڪر ۽ اتي جا بزرگ	۴۴٨-۴۴١
باب ٻاويهون: ستيار ۽ ٻليجار وغيره جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ	۴٥٣-۴۴٩
باب ٽيويهون: سونڊا ڪينجهر، ساموئي، مڪلي جي ٽڪري ۽ مڪلي تي مدفون بزرگ	۴٦٢-۴٥۴
باب چوويهون: شهر ٺٽو ۽ اتي جا خاندان، بزرگ عالم ۽ شاعر	٦٠١-۴٦٣
باب پنجويهون: ٺٽي شهر جي الله وارن، آس پاس جي اوليائن، سالڪن ۽ مجذوبن جو طبقو	٦٣١-٦٠٢
باب ڇويهون: خاتمو- ٺٽي ۽ ان جي الهندي طرف وارو جابلو علائقو ۽ اتي جا بزرگ	٦٣٦-٦٣٢
فهرست-١: مصنف طرفان استعمال ڪيل ڪتابن جا نالا	٦٣٧
فهرست-٢: قبيلن، قومن ۽ ماڻهن جا نالا	٦٨٣-٦٣٨
فهرست-٣: ماڳن ۽ مڪانن جا نالا	٦٩٥-٦٨۴

ناشر پاران

پيشڪش

هي ڪتاب ٻارهين صدي هجريءَ جي عظيم اديب، شاعر ۽ مورخ مير علي شير "قانع" جي فارسي تصنيف "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو سنڌ ۾ راڄ ڪهرائي ڪان ولي ڪلهوڙن جي حڪومت واري زماني جي تاريخ تي بنيادي مواد مهيا ڪري ٿو.

مير "قانع" سنڌ ۾ مغلن جي زوال وارن آخري آثارن ڪان وٺي ڪلهوڙن جي مڪاني آزاديءَ واري زماني ۽ سنڌن ڪوس ۽ ڪيس جي بدترين واقعن، ١١٥٢هه ۾ نادر شاهه جي ڌمڪاءَ، ١١٩٣هه ۾ مدد خان پٺاڻ جي تباهين ۽ پوءِ ١١٩٨هه ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي هالانيءَ واريءَ ويڙهه ۾ ڪلهوڙن جي خاتمي ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ تائين، مڪمل صديءَ جي انتهائي اهم تاريخي دور جو پاڻ شاهد آهي. ابتدائي احوال لاءِ وٽس ڪانئس اڳ جا تاريخي ماخذ - "چچنامو"، "تاريخ معصومي" ۽ "تاريخ طاهري" - موجود هئا، جن کي هن بنياد بڻايو آهي. پر هن جيڪا شهرن ۽ شخصيتن بابت معلومات آخر ۾ ڪٺي ڪري ڏني آهي، سا اصلي ۽ تمام قيمتي آهي.

سنڌ جي تاريخ جو هي اهم ڪتاب "سنڌي ادبي بورڊ" اول ١٩٥٧ع ۾ ڇاپيو هو. تنهن بعد سال ١٩٨٩ع ۾ ڇاپايل ٻيون ڇاپو به اڻلڀ هو، تنهنڪري هي ٽيون، ڇوٿون ڇاپو پيش ڪري رهيا آهيون.

ڄامشورو: ١٨- اپريل، ١٩٩٤ع

- شمشير الحيدري

پيش لفظ

"سنڌي ادبي بورڊ" پنهنجي پهرين نشست مؤرخ ٢٠ آڪٽوبر ١٩٥١ع ۾ فيصلو ڪيو هو تہ سنڌ جي تاريخ جا ٽي سڪيہ ڪتاب (١) فتحنامہ سنڌ، (٢) تاريخ معصومي، ۽ (٣) تحفة الڪرام (جلد ٽيون) فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا وڃن، انهيءَ لاءِ تہ اهل وطن پنهنجي تاريخ کي پنهنجي سنڌي زبان ۾ آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن. بورڊ طرفان انهن ٽنهي ڪتابن جي ترجمي جو ڪم مخدوم امير احمد صاحب، پرنسيپال اورينٽل ڪاليج حيدرآباد کي سونپيو ويو، ۽ هن اسڪيم جي نگراني ۽ ذميواري بحيثيت ڊائريڪٽر جي راقم الحروف جي حوالي ڪئي وئي.

جناب مخدوم صاحب ۽ بندہ هن ڪم کي اهم قومي خدمت سمجهي ان کي جلد از جلد پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن موجب "تاريخ معصومي" جو ترجمو ١٩٥٣ع ۾ ڇپيو ۽ "فتحنامہ سنڌ" (چچ نامہ) جو ترجمو ١٩٥٤ع ۾ شايع ٿيو. اميد هئي تہ "تحفة الڪرام" جو ترجمو سنہ ١٩٥٥ع ۾ مڪمل ٿي ويندو، مگر جڏهن تہ هن ڪتاب جي ترجمي جي لاءِ خاص طرح مصنف ميرعلي شير قانع جي هٿ لکيل قلمي نسخي کي ڏسڻو هيو جو لاهور ۾ مولوي محمد شفيع صاحب وٽ سوگهو هو، انهيءَ ڪري هن ترجمي جي تڪميل ۾ البتہ دير ٿي. بهرحال هينئر "تحفة الڪرام" جو ترجمو ناظرين ڪرام جي آڏو پيش ڪجي ٿو، ۽ جنهن جي اشاعت سان "سنڌي ادبي بورڊ" جي سنڌ جي تاريخ بابت پهرين اهم تجويز پوري ٿي.

فاضل مترجم مخدوم امير احمد صاحب هيءُ ترجمو بالڪل ڪاميابيءَ سان عام فهم ۽ سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ڪتاب جي متن جي صحت خاطر بورڊ طرفان انتظام ڪيو ويو تہ صاحب موصوف لاهور ۾ وڃي خود مصنف مرحوم جي دستخط قلمي نسخي

تان پڙهئيون درست ڪري. پڻ مرحوم سرڪار مير نورمحمد خان جي شاهي ڪتب خاني جو هڪ قلمي نسخو جو نوجوان مير نورمحمد خان جي مهرباني سان هٿ ڪيو ويو، سو پڻ فاضل مترجم جي حوالي ڪيو ويو. انهن قلمي نسخن جي آڌار تي مخدوم صاحب هي ترجمو مڪمل ڪيو آهي جو بالڪل مصنف جي متن مطابق آهي. هي ترجمو تحفةالڪرام جي ٽئين جلد جو آهي جنهن جو تعلق خاص سنڌ سان آهي. پهرين ٻن جلدن جي عنوانن جو خلاصو فاضل مترجم پنهنجي ديباچي ۾ ڏنو آهي جنهن کي ڏسڻ سان پڙهندڙ کي سڄي ڪتاب "تحفةالڪرام" جي سنداء سمجهه ۾ اچي ويندي.

هن ترجمي جي سڄي مواد کي سهوليت خاطر ٻن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. پهريون ڀاڱو سنڌ جي تاريخ سان واسطو رکي ٿو جنهن کي مصنف ٻارهن طبقن ۾ ورهايو آهي. ترجمي ۾ هرهڪ "طبقي" کي مستقل باب جي صورت ۾ بيهاريو ويو آهي. پهرئين "طبقي" وارو پهريون باب "راءِ گهراڻو" صفحي ۹ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻارهين "طبقي" وارو ٻارهون باب "عباسي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت جو بيان" صفحي ۲۸۳ تي پورو ٿئي ٿو. ان بعد مصنف سنڌ جي مشهور شهرن ۽ اتي جي شخصيتن جو ذڪر شروع ڪيو آهي ۽ ان لحاظ سان هن ترجمي ۾ اسان ان مواد کي ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو قرار ڏنو آهي جو صفحي ۲۸۵ کان شروع ٿئي ٿو. مصنف سنڌ جي وسيع حدن کي خيال ۾ رکي سنڌ جي اترين سرحد کان اول اول شهر ملتان ۽ اتي جي بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پوءِ اچ، مئو، ماٿيلي جي بيان بعد بکر ۽ سيوستان پرڳڻن جي مشهور شهرن ۽ شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي: يعني ته اترين سرحد کان شروعات ڪري پوءِ درجي بدرجي هيٺ ڏکڻ طرف وارن شهرن جو ذڪر ڪندو آيو آهي. البت هيٺ هلي مصنف کان اها جغرافيائي ترتيب ڪن جاين تي فوت ٿي چڪي آهي. جغرافيائي ترتيب جي لحاظ سان باب ۱۷، ۱۸، ۱۹، ۲۰، ۲۱ ۽ ۲۲ جيڪر ۲۱، ۱۷، ۲۲، ۱۸، ۱۹ ۽ ۲۰ ٿي بيهن ها. پيو ته

مصنف انهن مشهور ماڻهن ۽ شخصيتن جو بيان محض شهرن يا پرڳڻن جي نالن هيٺ ڪيو آهي. اسان انهيءَ سڄي مواد کي پنهنجي اصلي ترتيب موجب مگر بابن جي عنوانن هيٺ رکيو آهي، ۽ انهن بابن جو سلسلو پهرئين ڀاڱي جي آخري باب ٻارهين بعد مسلسل باب تيرهون، باب چوڏهون - الخ قائم ڪيو آهي. البت ڇاپي جي غلطيءَ سببان پهرئين توڙي ٻئي ڀاڱي ۾ بابن جي انگن ۽ عنوانن ۾ چوڪون ٿيون آهن جي آخر ۾ ڏنل صحت نامي تان درست ڪري ڪپن.

مصنف مير علي شير قانع جي سوانح، محترم سيد حسام الدين شاه راشدي جي تحقيق جو نتيجو آهي جنهن کي هن صاحب "مڪلي نامه" جي مقدمه طور، رسالي مهراڻ نمبر ٢، ١٩٥٦ع ۾ شايع ڪرايو هو.

اندر ترجمي جي متن هيٺ فاضل مترجم ڪافي جاين تي سنڌ جي ٻين مکيه تاريخي ڪتابن مان قيمتي حاشيا ڏنا آهن. ڪتاب جي آخر ۾ اسان ماڻهن ۽ ماڳن ۽ ڪتاب جي عنوانن جون فهرستون شامل ڪيون آهن. انهيءَ اهتمام سان هن ڪتاب کي سردست ڪافي ڪارآمد بنايو ويو آهي. ان هوندي به اجا هن ڪتاب ۾ متعدد حوالن ۽ حاشين جي ضرورت آهي ۽ ڪتاب جي مستند ايڊيشن تيار ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ۽ محنت جي گنجايش آهي. اميد ته تحفة الڪرام جو اصل فارسي متن بورڊ جي هڪ نئين اسڪيم مطابق انهيءَ اهتمام سان شايع ڪيو ويندو.

خادم العلم

نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

١٠- اپريل ١٩٥٧ع

مهاڳ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمد لله رب العالمين و العاقبة للمتقين و الصلواة و السلام
علي سيد الانبياء و المرسلين و علي آله واصحبه اجمعين :

هن ڪان اڳ مير معصوم جي تاريخ سنڌ ۽ چچنامي جو سنڌي ترجمو ناظرين ڪرام جي هٿن ۾ پهچي چڪو آهي. هيءُ ترجمو به ساڳين انهن اصولن تي ٽيل آهي، جن تي هن ڪان اڳين ٻن ڪتابن جو ترجمو ٻڌل آهي، تنهنڪري هتي وڌيڪ تفصيل جي ڪا به ضرورت ڪانه ٿي ڏسجي. فقط هيترو ذڪر سو لازمي آهي ته ترجمو ڪرڻ وقت تحفة الڪرام کي فتح نامي (چچنامه)، تاريخ معصوميءَ، بيگ لارنامه، فتوح البلدان- بلاذري ۽ ڪن ٻين تاريخن سان پيٽيو ويو آهي. ۽ جتي جتي ڪو اختلاف نظر آيو آهي ته انهيءَ جو ذڪر حاشيي تي، حوالي سان، ڪيو ويو آهي. سنڌ جي بزرگن جا جيڪي ڪجهه وڌيڪ حالات معلوم ٿي سگهيا آهن، اهي حاشيي تي ڏنا ويا آهن. هن ڪري ڪتاب جي افادي حيثيت گهڻو وڌي ويئي آهي. اجا به هن ڪتاب تي تحقيق ۽ تفتيش جي گهڻي گهرج آهي. جهڙوڪ مغليه گورنرن جي سلسلي ۾ مصنف مير قانع گهڻي ڳڙٻڙ ڪئي آهي، سومرن ۽ سمن بابت گهڻو ڪجهه لکڻ جي گنجائش آهي، محمد بن قاسم کان پوءِ، بني اميه خواه بني عباس گهراڻن جا جيڪي گورنر سنڌ ۾ آيا، تن متعلق عربي تاريخن ۾ ڪافي مواد موجود آهي. جن جن عالمن، فاضلن، شاعرن، الله وارن وغيرهم جو ذڪر تحفة الڪرام ۾ آهي، تن مان ڪيترن متعلق ٻين تذڪرن ۽ تاريخن مان ڪافي معلومات جو ذخيرو گڏ ٿي سگهي ٿو. علي هذا القياس. مگر انهيءَ ڪم لاءِ ڪافي وقت کپي. في الحال مٿي ڄاڻايل قدر تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي. اميد ته قدردان حضرات وٽ هيءَ محنت قبول پوندي.

هاڻي اصل ڪتاب تحفة الڪرام متعلق ٿورو لکي، قارئين سان انهيءَ جو تعارف ڪرائڻ واجب آهي.

جيڪڏهن مخدوم محمد عاقل عرف مخدوم پير محمد ڪهڙن (رياست خيرپور) واري جي لکيل تاريخ "آئينءِ جهان نما" کان قطع نظر ڪجي (ڇاڪاڻ ته اهو ڪتاب هڪ شخص جي هٿن ۾ آهي جو ڪتاب ڏيڻ ته پري رهيو پر ڏيکارڻ لاءِ به تيار ناهي) ته پوءِ سنڌ جي تاريخ تي فارسي زبان ۾ لکيل، قديم ڪتابن مان "تحفة الڪرام" بهترين ۽ آخرين ڪتاب آهي.

حقيقت ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ تحفة الڪرام لکي سنڌ ۽ سنڌين تي وڏو احسان ڪيو آهي. جيڪڏهن هيءُ ڪتاب نه هجي ها ته اڄ سنڌ جو ڪافي حصو ضايع ٿي ويل هجي ها. هن ڪتاب ۾ نه فقط سنڌ جي بادشاهن جي تاريخ ڏنل آهي؛ پر سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن بلڪ جهنگن ۽ جبلن ۾ جيڪي درويش، مجذوب، صوفي، خوشنويس، شاعر، سيد، قاضي، عالم ۽ فاضل رهندا هئا، تن مان گهڻن جو ٿورو ڪي گهڻو احوال ڏاڍيءَ محنت سان هٿ ڪري ڪتاب ۾ داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڏيڪ لاءِ پڙهندڙ کي گويا ڪ هڪ شاهه راهه ڏيکاري اشارو ڪيو ويو آهي ته "داديم ترا ز گنج مقصود نشان_گر، نرسيديم تو شايد برسي".

هيءُ ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ لکيل آهي. پهريان ٻه ڀاڱا دنيا جي تاريخ سان تعلق رکن ٿا باقي ٽيون ڀاڱو سنڌ لاءِ مخصوص آهي. جنهن ۾ مؤلف راهه گهرائي کان سنڌ جي تاريخ شروع ڪري، پنهنجي وقت يعني ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي احوال تي ختم ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ سنڌ ۾ رهندڙ مختلف قسمن جي بزرگن جو ذڪر آندو ويو آهي. ڪتاب سنه ١١٨٠هه ۾ لکجڻ شروع ٿيو ۽ سنه ١١٨١هه ۾ لکجي پورو ٿيو. "تحفة الڪرام" جي حرفن جو جيڪڏهن ابجد جي حساب موجب تعداد ڪبو ته ١١٨٠ ٿيندو جو ڪتاب جي شروع واري سال ڏانهن اشارو آهي.

هن ڪتاب جو ٻيو ۽ ٽيون ڀاڱو سنه ١٣٠٤هه ۾ بمبئي مان هڪ يڪي جلد ۾ ڇپجي شايع ٿيو هو. اهو ڇاپو هاڻي ناياب آهي. صحت جي لحاظ سان هيءَ ڇاپو نهايت غلط ۽ ردي آهي. ڪتاب جا قلمي نسخا ٻه ڪن ڪن خاص ماڻهن وٽ موجود آهن؛ مگر اهي ٻه تمام ناقص ۽ غلطين سان ڀريل آهن.

مون تي جڏهن "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان تحفة الڪرام جي سنڌي ترجمو ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو ۽ مون خدا تي توڪل رکي بسم الله ڪئي، تڏهن ڇاپي نسخي ۾، جو عزيزم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان ترجمي لاءِ عاريتاً مليو هوم، ايتريون ته غلطيون ڏسڻ ۾ آيون، جن جو ڪو حد حساب ڪونه هو. بلڪ ڪيتريون عبارتون ته منهنجي سمجهه کان ٻاهر هيون. مان سنڌي ادبي بورڊ جو مشڪور آهيان جن هڪ ٺهراءُ پاس ڪري، هيءُ موقعو ميسر ڪري ڏنو ته مان، بورڊ جي خرچ تي لاهور وڃي، خود مصنف مير قانع جي هٿ اکرين لکيل نسخي تان، جو سنڌين جي بد ذوقيءَ ۽ نا قدريءَ کان وڃي لاهور پهتو آهي، ڇاپي نسخو ڀيٽي اچان. پڻ بورڊ، انهيءَ نسخي جي مالڪ مولوي محمد شفيع، سابق پرنسيپال اورينٽل ڪاليج لاهور، سان لکپڙهه هلائي، ڪيس انهيءَ لاءِ آماده ڪيو ويو ته هو صاحب، اوتري وقت لاءِ، پنهنجو ڪتاب پنجاب يونيورسٽيءَ جي لئبريرين جي حوالي ڪندو، جيتري وقت لاءِ مون کي انهيءَ ڪتاب جي ڏسڻ جي ضرورت هوندي. انهيءَ سڄي معاملي طئي ٿيڻ کان پوءِ، مون لاهور وڃي، اتي ١٢ ڏينهن رهي، ڇاپي نسخي کي قلمي نسخي سان ڀيٽيو ۽ ڀيٽڻ ني ٻنهي نسخن ۾ تمام گهڻو فرق ڏسڻ ۾ آيو جو سمورو قلمبند ڪيو ويو. انهيءَ لحاظ سان موجوده ترجمو خود مصنف جي دستخطي نسخي جو ترجمو آهي. ترجمو پوري ڪرڻ کان پوءِ اسان کي مرحوم مير نورمحمد خان حيدرآباديءَ جي ڪتب خاني مان، عزيزم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي معرفت تحفة الڪرام جو خطي نسخو مليو. هي نسخو ١٢ محرم

۱۲۳۳هه ۾ مير مرادعلي خان جي حڪم سان لکيو ويو هو. اگرچه هن ۾ به صحت جو التزام تمام گهٽ آهي، تاهم ٻين نسخن جي مقابلي ۾ چڱو آهي. هيءَ نسخو مصنف واري نسخي کان ڪن جاين ۾ مختلف آهي. اسان ڪي جيڪڏهن ڪنهن اختلاف ۾ ٿورو گهڻو وزن ڏسڻ ۾ آيو آهي ته حاشيه ۾ نسخي "ن" جي عنوان سان اسان اهو اختلاف لکي ڇڏيو آهي.

مصنف جي دستخطي نسخي مان هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح واضح ٿئي ٿي ته هن اگرچ تحفةالڪرام، سنه ۱۱۸۱هه ۾ پورو ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪتاب جا قلمي نسخا به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا هئا؛ پر تنهن هوندي به جڏهن جڏهن ڪيس ڪا نئين ڳالهه معلوم ٿيندي ويئي ته اها پنهنجي قلمي ۾ درج ڪندو ٿي ويو، ۽ جيڪي ڳالهيون اڳتي هلي سندس ئي تحقيق موجب غلط ثابت ٿيون آهن، تن کي ڏاهي ٿي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح ڪتاب جي اصلاح ۽ محوائبات جو سلسلو سندس وفات (سنه ۱۲۰۳هه) تائين جاري رهيو. شايد اهوئي سبب آهي، جو تحفةالڪرام جا جيڪي به ڇاپي يا خطي نسخا اسان جي نظر مان گذريا آهن تن ۾ يڪساني ۽ هڪ جهڙائي بالڪل ڪانه آهي.

اسان مٿي ڄاڻائي آيا آهيون ته مصنف "تحفةالڪرام" ٽن ڀاڱن يا جلدن ۾ لکيو. هيءَ ترجمو فقط ڪتاب جي ٽئين جلد جو آهي، جنهن جو تعلق سنڌ سان آهي. مناسب آهي ته ناظرين کي ٻڻ تحفةالڪرام جي پهرين ٻن جلدن جي باغ جو سرسري سير ڪرايون ته جئن هو سڄي ڪتاب جي اهميت ۽ گوناگونيءَ جو اندازو ڪري سگهن ۽ ڏسن ته ناخلف سنڌين جي غفلت ڪان، اسان جي بزرگن جون ڪهڙيون نه عجيب و غريب محنتون ضايع ٿي ويون يا ڌارين جي هٿن ۾ پهچي ويون.

پهريون جلد. هن جلد ۾ هڪ مقدمو ۽ ٻي دفتر آهن. مقدمي کي ٻن حصن ۾ ورهائي هرهڪ حصو جو نالو "ذڪر" (بيان) رکيو

ويو آهي. پهرئين "ذڪر" ۾ مخلوقات جي ابتدا ۽ ٻئي "ذڪر" ۾ جنن جي پيدائش جو بيان آهي.

ٽن دفترن مان پهرئين دفتر جا ٽي ڀاڱا آهن. هرهڪ ڀاڱي کي "طبقي" جي نالي سان سڏيو ويو آهي. پهرئين طبقي ۾ ٻين جو بيان آهي. ٻئي طبق ۾ اسلام کان اڳ ٿي گذريل بادشاهن جو ۽ ٽئين طبقي ۾ انهيءَ وقت جي حڪيمن، زاهدن ۽ مشهور شاعرن جو ذڪر آهي.

ٻئي دفتر کي پنجن حصن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هرهڪ کي "مجلس" نالو ڏنو ويو آهي. پهرينءَ "مجلس" ۾ حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي پيدائش جي ابتدا، ٻيءَ "مجلس" ۾ سندن حالات، ٽينءَ "مجلس" ۾ خلفاي راشدين رضي الله عنهم جو احوال، چوٿينءَ مجلس ۾ امامن پاڪن جو ذڪر ۽ پنجينءَ مجلس ۾ اهل بيت ڪرام جي مشهور مشهور هستين جو بيان آهي. ٽيون دفتر ٽن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيل آهي. هرهڪ ڀاڱي تي "طبقي" نالو رکيو ويو آهي. انهن مان پهرين طبقي کي وري ٽي ڀاڱا ڪري هرهڪ ڀاڱي کي "مقصد" سڏيو ويو آهي. پهرين "مقصد" ۾ بني اميه گهراڻي جي خليفن جو بيان آهي. ٻئي "مقصد" ۾ ٽي مقالا آهن. پهريون مقالو خاص بني اميه گهراڻي جي انهن اميرن جي بيان ۾ آهي جيڪي عراق عرب ۽ عراق عجم جي حڪومت تي سرفراز هئا. ٻئي مقالي ۾ بني اميه جي خراسان وارن اميرن ۽ ٽئين ۾ بني اميه گهراڻي جي ڪن مکيه ماڻهن جو احوال آهي. ٽئين "مقصد" ۾ خاص انهن ماڻهن جو احوال ڏنو ويو آهي جن بني اميه جي حڪومت واري دور ۾ بغاوتون ڪيون.

ٻيو طبقو پنجن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ هرهڪ حصي کي "مذڪور" لقب ڏنو ويو آهي. پهرئين "مذڪور" ۾ عباسي خليفن جو ذڪر آهي. ٻئي ۾ انهن عباسي شخصيتن جو بيان آهي، جن معبر

۾ خلافت جو لقب لڌو. ٽئين ۾ عباسين جي اميرن ۽ وزيرن ۽ سندن نامي گرامي ماڻهن جو احوال ڏنو ويو آهي. چوٿين ۾، جن ماڻهن عباسي دور ۾ بغاوتون ڪيون، تن جو بيان ۽ پنجين ۾ قرمطين جو ذڪر آهي.

ٽئين طبقي جا ۽ حصا ڪيا ويا آهن. هرهڪ حصي جو نالو رکيو ويو آهي "اساس". پهرين "اساس" ۾ انهن مسلمان بادشاهن جو احوال آهي، جيڪي بني عباس گهراڻي جي خلافت وقت دنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي بادشاهہ هئا. اهڙن يارهن گهراڻن جو احوال ڏنو ويو آهي. پهريون طاهري گهراڻو- ٻيو صفاري گهراڻو- ٽيون ساماني گهراڻو- چوٿون غزنوي گهراڻو- پنجون غوري گهراڻو- ڇهون آل بويہ يعني ديلمي گهراڻو- ستون سلجوقي گهراڻو- اٺون خوارزمشاهي گهراڻو- نائون اتابڪ گهراڻو- ڏهون اسماعيلي گهراڻو- ۽ يارهون ڪرمان جو قراختائي گهراڻو.

ٻئي اساس ۾ فقط انهن شاهي گهراڻن جو احوال آهي جن روم تي حڪومت ڪئي. اهڙا اٺ گهراڻا پڌايا ويا آهن: پهريون قيصر گهراڻو، ٻيو سلجوقي گهراڻو، ٽيون دانشمندي گهراڻو، چوٿون سليقي بادشاهن جو گهراڻو، پنجون منڪوچڪي اميرن جو گهراڻو، ڇهون قرامان گهراڻو، ستون ذوالقدر گهراڻو، ۽ اٺون عثماني بادشاهن جو گهراڻو.

ٽئين اساس ۾ حرمين شريفين - زادهما الله شرفا وتعظيما - جي شريفين جو ذڪر آهي. چوٿين اساس ۾ ترڪستان جي خانن يعني چنگيزخان ۽ سندس اولاد جو بيان آهي. پنجين اساس ۾، ابوسعيد خان بهادر ڪان بوءِ، جيڪي ايران ۾ ننڍڙا بادشاهہ ٿيا تن جو احوال آهي ۽ اهڙا پنج گهراڻا هئا. ڇهين اساس ۾ قراقونيلو گهراڻي جي بادشاهن جو احوال ڏنو ويو آهي. ستين اساس ۾ دياربڪر (روسي ترڪستان) جي آقاقونيلو بادشاهن جو ذڪر آهي. اٺين اساس ۾ ايران جي صفوي گهراڻي جو ۽ نائين اساس ۾ خاص صاحبقران امير تيمور گورگان ۽ سندس اولاد جو احوال آهي، جن ايران ۽ توران تي حڪومت هلائي.

ٻيو جلد:- هن جلد ۾ ڪل ست مقالا ۽ هڪ خاتمو آهي. ستن مقالن ۾ ستن ئي ولايتن جو ترتيب وار ذڪر، انهن جي مختصر جاگرافي ۽ اتي جي بادشاهن، اميرن، وزيرن، خداوارن ولين، عالمن، ۽ ٻين ڪمال جي صاحبن جو احوال ڏنل آهي.

خاتمي کي ٻن حصن ۾ ورهايو، هر هڪ حصي کي "نمود" نالو ڏنو ويو آهي. پهرئين نمود ۾ مشهور ۽ مکيه مکيه شهرن جي وچ ۾ مفاصلو ڏيکاريل آهي. ٻئي نمود ۾ انهن ملڪن جو مختصر بيان آهي جيڪي ستن ولايتن جي احاطي کان ٻاهر آهن.

هن فهرست مان صاف ظاهر ٿيو ته هيءَ جو ٻيئيءَ واري ڇاپي ۾ فقط احمدآباد، گجرات ۽ اتي جي حاڪمن ۽ بزرگن جو ٿورو بيان ڏنئي، انهيءَ کي تحفة الڪرام جو پهريون جلد سڏيو ويو آهي، انهيءَ سان تحفة الڪرام جي حقيقي پهرئين جلد جو ڪوبه واسطي ڪونه آهي. حقيقت ۾ پهريون جلد هڪ ضخيم ڪتاب آهي، جو فلسڪيپ پيپر کان به وڏيءَ سائيز تي، نهايت گنجان ۽ گهاٽن اکرن ۾ ٣٢٠ صفحن تي شامل آهي. اسان لاهور ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ ڪتاب جي پهرئين ۽ پوئين صفحي جي عڪسي ڪاپي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جي لئبريرين، روٽو گراف مشين تي اهڙي عڪسي تصوير وٺي موڪلڻ جو وعدو به ڪيو مگر افسوس جو هن صاحب اهو وعدو پورو نه ڪيو.

آخر ۾ ناظرين حضرات کان صرف هيءَ استدعا آهي ته جيڪڏهن ڪين منهنجي هيءَ ناچيز محنت پسند اچي ته مون عيبدار کي پنهنجي خير جي دعا کان نه وسارين. وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

مخدوم امير احمد، عفي عنه
پرنسيپال، اورينٽل ڪاليج،
حيدرآباد سنڌ.

١٤ نومبر ١٩٥٥ع

مصنف مير علي شير قانع جي سوانح حيات

(از سيد حسام الدين راشدي)

خانداني پس منظر

مير علي شير پنهنجو نسبي سلسلو هن طرح بيان ڪيو آهي: مير علي شير، بن سيد عزت الله، بن سيد محمد ڪاظم، بن سيد محمد مقيم، بن سيد ظهيرالدين ثاني، بن سيد شڪرالله ثاني، بن سيد ظهيرالدين والاسلام المعروف به سيد جادم اول، بن سيد قاضي شڪرالله شيرازي، بن سيد وجيه الدين، بن سيد نعمت الله، بن سيد عرب شاهه، بن امير سيد نسيم الدين محمد المعروف به مير ميرڪ شاهه، بن امير سيد عطاالله جمال الدين محدث، بن امير سيد فضل الله المحدث الحسيني الدشتڪي* الشيرازي.

مير صاحب پنهنجن مٿين بزرگن جو ذڪر "تحفة الڪرام" جي ٻئي جلد ۽ "مقالات الشعراء" ۾، پنهنجي سوانح جي ضمن ۾ ڪيو آهي. "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد ۾، قاضي سيد شڪرالله اول کان وٺي پاڻ تائين، خاندان جي سنڌي افراد جو احوال لکيو اٿس.

پنهنجن ايراني بزرگن جي سلسلي ۾، مير صاحب جا ماخذ تاريخ "حبيب السير"، "هفت اقليم" ۽ "مجالس المومنين" آهن، جن تان هن صاحب پنهنجا خانداني حالات نقل ڪيا آهن.

مناسب آهي ته مير صاحب جي سوانح حيات سندس بزرگن جي مختصر احوال سان شروع ڪئي وڃي، ته ڪ پڙهندڙ مير صاحب جي حالات پڙهڻ کان اڳ، سندس خانوادي جو علمي پس منظر ذهن نشين ڪن.

---

* "دشتڪ" شيراز جي هڪ انهيءَ محلي جو نالو هو، جنهن ۾ اهي بزرگ رهندا هئا. هن وقت شهر جي انهيءَ حصي کي "لب آب" سڏيو وڃي ٿو.

(١) السيد الجليل امير اصيل الدين عبدالله (بن سيد عبدالرحمان، بن سيد عبداللطيف، بن سيد جلال الدين يحيى محمد الحسيني) تفسير، حديث، ۽ فن انشا جو جيد عالم ۽ پنهنجي زماني جو فاضل ترين بزرگ هو. "حبيب السير" جي مصنف، جنهن ادب ۽ احترام سان هن بزرگ جو ذڪر ڪيو آهي، اهو سنڌس لي لفظن ۾ پڙهڻ جي لائق آهي:

- "بصفت اصالت و وفور جلالت و نباهت شان، و قدم دودمان موصوف و معروف بود، و بوفور زهد و تقوىٰ و ديندارى و غايت ديانت و پرهيزگاري، از اڪثر علما و سادات بني آدم ممتاز و مستثنى مينمود. زبان گهرافشانش مفسر حقايق صحف آسماني، و بيان بلاغت نشانش مبين دقايق ڪتب سبحاني، باطن خجسته ميامنش مظهر آثار ولايت و رشاد، و خاطر فرخنده مآثرش مهبط انوار هدايت و ارشاد، و بي شائبه مدح گستري آن مهر شريعت پروري، در علم تفسير و حديث و انشا و تاليف شبيه و نظير نداشت."*

سيد صاحب، سلطان ابوسعيد جي زماني (٨٥٥-٨٧٢هه) ۾، شيراز کان لڏي هرات ۾ اچي مقيم ٿيو، ۽ بادشاه جي تحريڪ تي هفتي ۾ هڪ دفعو مدرسه گوهرشاد آغا ۾ وعظ فرمائيندو هو. اهڙيءَ طرح، هر سال ربيع الاول جي مهيني ۾ ميلاد جي مجلس منعقد ڪري، حضور جن جي سيرت پاڪ اهڙي دلنشين پيرايي ۾ بيان فرمائيندو هو، جو سامعين جي تاثر جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان ٿيندي هئي†. سندس تصنيفات ۾ هيٺين ٻن ڪتابن شهرت دوام حاصل ڪئي:

(١) "شرح درج الدرر" (بر "سير سنية خيرالبشر")

(٢) "ڪتاب مزارات هرات."

---

* "حبيب السير" ج ٣، جزو ٣، ص ٣٣٥؛ "مجالس المومنين"، مجلس پنجم، ص ٢٢٦.

† "حبيب السير" ج ٣، جز ٣، ص ٣٣٥؛ "هفت اقليم"، ص ٢٦١، مطبوعه بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي، ڪلڪته.

پوئين ڪتاب لاءِ صاحب "حبيب السير" جو قول آهي تہ

–"درميان افاضل اقطار جهان مشهور است، و صحت روايت و بلاغت عبارت آن نسخہ برالسنہ و افواه خلايق مذكور."

سيد صاحب جو انتقال، سلطان بايقرا جي دور ۾، ١٧ جمادي الاخر * سنہ ٨٠٣ھ ۾ ٿيو. سلطان حسين سندس اولاد لاءِ جاگيرون مقرر ڪيون، مير عليشير سندس ٻن فرزندن جو نالو ڪنيو آهي: سيد صفي الدين محمد ۽ سيد برهان الدين محمد.

(٢) سيدالحكما و المدققين امير صدرالدين محمد شيرازي

("ابوالمعالي" ڪنيت؛ "صدرالعلما" ۽ "صدرالحقيقة" لقب): سندس والد جو نالو امير غياث الدين منصور هو، جنهن لاءِ حبيب السير جي مصنف جو قول آهي تہ

–"در سلڪ سادات عالي نسب مملڪت فارس انتظام داشت، و مرجع اشراف داعيان بوده؛ پيوسته نقش خيرخواهي بر الواح خواطر آدميان مي نگاشت."

امير صدرالدين، مولانا قوام الدين ڪلباريءَ وٽ علوم جي تحصيل ڪئي†. جنهن کان پوءِ شيراز ۾ هڪ عظيم الشان مدرسو– "مدرسہء منصوريہ"– ٺهرائي، ان ۾ درس جو سلسلو شروع ڪيائين. "حبيب السير" ۾ آهي تہ

–"صفت بالاعزاز بنشر علوم محسوس و مفهوم قيام و اقدام مينمود، و بجودت طبع و دقت ذهن از جميع علماى متبحرين و فضلاى متاخرين ممتاز و مستثني بود."††

* "مجالس المومنين" ۾ ربيع الاول لکيل آهي. ص ٢٢٦.

† "مجالس المومنين" جي صاحب لکيو آهي تہ مير صاحب شرعي علوم جي تعليم پنهنجي والد ۽ پنهنجي سوٽ مير نظام الدين احمد وٽ ورتي. ۽ عربي علوم ۽ ادب جي تعليم پنهنجي پٽي سوٽ مير حبيب الله وٽان حاصل ڪيائين– صفحو ٣٥٠

†† "حبيب السير"، ج ٣، جز ٣، ص ١١٠–١١١

انهيءَ مدرسي ۾ هزارن طالبعلمن، ۽ سَون ذوق رکندڙ پين صاحبن، علم حاصل ڪري، دين ۽ دنيا ۾ سرخروئي حاصل ڪئي.

"مجالس المومنين" جي صاحب جو انهيءَ بزرگ لاءِ قول آهي تہ "حديث جو جيّد عالم ۽ حافظ هو. علوم حڪميہ ۽ شمسيہ ۾ دنيا جي عظيم ترين حڪما جي درجي تائين پهتل هو. جن بزرگن کان پاڻ تعليم ۽ فيض پرايائين، سي سڀ پنهنجي دور جا بينظير عالم هئا، جن جي استادن جا سلسلا بوعلي سينا، ملا قطب الدين، علامہ شيرازي، سلطان المحققين خواجہ نصيرالدين طوسيءَ، ۽ امام غزاليءَ، امام فخرالدين رازيءَ ۽ علامہ شيخ جمال الدين حسن جهوَن بزرگن تائين پهتا ٿي*.

مولانا جلال الدين دوانيءَ ۽ سيد صاحب جي درميان علمي نڪتن تي اختلاف ٿيندا رهندا هئا، ليڪن منهن سامهون بحث ڪرڻ جي هام محقق دوانيءَ ڪڏهن نہ پري. البت اختلافي مسئلن تي، هن صاحب ڪيترا رسالا لکيا، جن مان "حواشي تجريد" ۽ "حواشي مطالع" مشهور † آهن- اهڙيءَ طرح وقت جي ٻين عالمن بہ سيد صاحب سان ڪڏهن مناظرو ڪونہ ڪيو.

"حبيب السير" هيٺيان ڪتاب سندس تصنيف ڪيل لکيا آهن:

(١) "رسالہ تحقيق علم در اثبات واجب"; (٢) "حاشيہ شرح شمسيہ"; (٣) "حاشيہ مطالع"; ۽ (٤) "حاشيہ تجريد"

مير قانع انهن چئن ڪتابن سان گڏ هيٺين تصنيفات جو بہ ذڪر ڪيو آهي: ††

(٥) "حاشيہ بر 'اوائل شرح مختصر اصول- ابن حاجب' "؛

(٦) "حاشيہ بر 'ڪشاف' "; (٧) "رسالہ در حل مغالطہ"؛

---

* "مقالات الشعرا"، ص ٢٠٨; "مجالس المومنين" ص ٣٥٠

† مقالات ص ٢٠٩

†† اها فهرست مير صاحب "مجالس المومنين" کان نقل ڪئي آهي (ڏسو مجالس المومنين، ص ٣٥٠)

(٨) "رسالہ در علم فلاحت"; (٩) "رسالہ در علم معرفت قوس قزح"; ۽ (١٠) "تعليقات بر فقه شامي".

سيد صاحب جو تولد ٢ شعبان ٨٢٨هہ اڳاري ڏينهن ٿيو، ۽ ١٢ رمضان ٩٠٣هہ ۾ جمعي ڏينهن ڪيس دياربڪر جي ترڪمانن هٿان شهادت نصيب ٿي.*

(٣) خاتم الحڪما امير غياث الدين ثاني: هي ٿي بزرگ امير صدرالدين جو صاحبزادو هو. سنہ ..٩هہ ۾ سندس ولادت ٿي. پنهنجي والد محترم جي خدمت ۾ رهي تحصيل علوم ڪيائين، ۽ ويهن ورهن جي ڄمار ۾ فارغ ٿي، درس جو سلسلو شروع ڪيائين. سندس علمي مرتبي ۽ شان جو ذڪر ڪندي، صاحب "حبيب السير" هيئين ٿي طرح سندس تعريف ڪري ٿو:

- "آنجناب حالا بوفور علم و دانش در اطراف و اڪناف عالم بغايت مشهور است، و مهارتش در فنون حڪمي و رياضي ضرب‌المثل جمهور علماي نزديک و دور" †

سيد صاحب جي رياض دانيءَ ۽ طبي صلاحيتن جو ذڪر ڪندي، نورالله شوستري لکي ٿو تہ "ارسطو ۽ افلاطون بلڪ سڄي دنيا جهان جا حڪيم ۽ طبيب جيڪڏهن سندس دور ۾ هجن ها، تہ هوند سندس معتقد ۽ نيازمند بڻجي وڃن ها!"

- "ارسطو و افلاطون بلڪہ حڪماي دهر و قرون اگر در زمان آن قبلهء اهل ايقان بودندي، مفاخرت و مباهات در سلک مستفيدان و ملازمان مجلس عاليش نمودندي" ⌘

"حبيب السير" جو مصنف، سيد موصوف جو معاصر ۽ واقف هو. نورالله شوستريءَ جي قول کي جيڪڏهن مبالغو سمجهيو وڃي، تڏهن

---

*"شرح اثبات واجب" از امير غياث الدين منصور ثاني (رجال "حبيب السير" ص ٢٤١); "مجالس المومنين"، ص ٣٥٠

† "حبيب السير" ج ٣، جز ٤، ص ١١١

⌘ "مقالات الشعرا"، ص ٢٠٩; "مجالس المومنين"، ص ٣٥٠

۾ "حبيب السير" جي مصنف جي راءِ، سيد صاحب جي علمي بلنديءَ ۽ برتريءَ لاءِ ڪافي وزندار آهي.

سيد صاحب ڪجهه وقت مصر ۾ مقيم ٿي، صدارت جو بلند مرتبو ماڻيو. عراق کان جڏهن مجتهدالزمان شيخ علي بن عبدالعالي مصر آيو، ان وقت بادشاهه جي سامهون، عدم تقليد جي مسئلي تي شيخ ۽ سيد صاحب جو مناظرو ٿيو. بادشاهه چاٽي واٽي مجتهد جو طرف ورتو، جنهنڪري سيد صاحب ناراض ٿي، صدارت جي عهدي تان استعفا ڏئي شيراز هليو آيو.

"حبيب السير" جي تصنيف وقت سيد صاحب پنهنجي والد واري مدرسه منصوريه ۾ درس ۾ مشغول هو، ۽ بقول مصنف:

"... به افاده قيام مي نمايد، و گوش و هوش طلبهٔ علوم را از نتائج درياى طبع نقاد خود مي آرايد."

۴۸ ورهن جي جوان عمر ۾، سيد صاحب ۹۴۸هه ۾ انتقال ڪيو. "حبيب السير" جي مصنف سندس تصنيفات جو ذڪر شرح ڪيو آهي، البته مير قانع "مجالس المومنين" تان سندس انهن ڇهن ڪتابن جا نالا نقل ڪيا آهن*، جيڪي نورالله شوستريءَ پاڻ ڏنا

* (۱) "ڪتاب صحة الڪلام" (در رد "حجة الاسلام" - امام غزالي)؛ (۲) "هزار بيت"؛ (۳) "محاڪات"، اول - ثاني - ثالث؛ (۴) "شرح بر ڪتاب اثبات واجب"؛ (۵) "ڪتاب تعديل الميزان بر منطق" (خلاصه "منطق شفا")؛ (۶) "معيار الافڪار" (خلاصه "تعديل الميزان")؛ (۷) "ڪتاب لوامع و معارج" (علم هيئت)؛ (۸) "تحفهٔ شاهي" (۱۷ ورهين جي ڄمار ۾ لکيائين)؛ (۹) "تجريد در حڪمت" (جامع مسائل حڪمت طبيعي و الاهي)؛ (۱۰) "رساله در معرفت قبله"؛ (۱۱) "ڪتاب معالم الشفا" (طب)؛ (۱۲) "شافيه"؛ (۱۳) "مفرويه هيئت"؛ (۱۴) "حاشيه بر الاهيات شفا"؛ (۱۵) "حاشيه بر شرح حڪمت العين"؛ (۱۶) "رساله در باب خلافت فرزند خود"؛ (۱۷) "رد بر حاشيه شمسيه - علامه دواني"؛ (۱۸) "رد بر حاشيه محمد"؛ (۱۹) "خلاصة

(ڏسو حاشيه صفحو ۱۷)

۾ پڙهيا هئا. هن ڪتاب جو مصنف وڏيڪ لکي ٿو ته "اُنهن کان سواءِ به سيد صاحب جا تصنيف ڪيل ڪتاب ڪيترا آهن، جيڪي سندس نگاهه تائين پهچي نه سگهيا†".

مير صاحب جي شعر سخن سان به دلچسپي هئي؛ سندن هيٺيون شعر مثال طور "مجالس المومنين" ۾ نقل ٿيل آهي:

— هر کجا بي هنري هست بدو مي بخشند،
بيشتر زانکه ز ايام تمنا دارد.

مير علي شير سندس ٻن فرزندن جا نالا ڏنا آهن: (۱) مير شرف الدين علي، (۲) مير صدرالدين محمد

(۴) السيد الاجل امير جمال الدين عطاالله (بن سيد فضل الله المحدث):

سيد صاحب، مير اصيل الدين جو ڀائٽيو ۽ مير علي شير جي ڏهن پيڙهيءَ ۾ ڏاڏو هو. "حبيب السير" جو صاحب، حسب دستور هن بزرگ جي تعريف ۽ توصيف ۾ به رطب اللسان نظر اچي ٿو. هڪ جاءِ تي چوي ٿو:

—"آنحضرت، مانند عم بزرگوار خويش امير سيد اصيل الدين، در علم حديث بي نظير آفاق گشته اند؛ و در ساير اقسام علوم دينيه و انواع فنون يقينه از محدثان باستحقاق در گذشته اند."

(اڳئين حاشيه، صفحو ۱۶)

التلخيص" (اختصار رساله تلخيص و معاني و بيان)؛ (۲۰) "رد بر حاشيه تهذيب"؛ (۲۱) "رد انموذج"؛ (۲۲) "رساله تحقيق جهات"؛ (۲۳) "رد بر رساله زوراء"؛ (۲۴) "رساله مشارف در اثبات واجب کتاب اخلاق منصوري"؛ (۲۵) "حاشيه بر اوائل کشاف تفسير سورة الانسان"؛ (۲۶) "مقامات العارفين" (تصوف و اخلاق - پنهنجي پٽ مير شرف الدين عليءَ لاءِ لکيائين)؛ (۲۷) "رساله قانون السلطنت دين"؛ (۲۸) "شرح کتاب هياکل انوار"؛ ۽ (۲۹) "حاشيه بر اشارات" مير علي شير وڌيڪ هيٺين ٻن ڪتابن جا نالا ڏنا: (۳۰) "کتاب رياضي الرضوان"؛ ۽ (۳۱) "کتاب اساس در علم هندسه" ("مقالات الشعرا"، ص ۲۱۱؛ ۽ "مجالس المومنين"، ص ۳۵۱).

† "مجالس المومنين"، ص ۳۵۱

ٻيءَ جاءِ تي جنهن طريقي سان سندس تعريف ڪري ٿو، سا ٻڻ سندس ئي عبارت ۾ پڙهڻ جي لائق آهي:

-"سدهٔ سنيه اش، ملاذ طوايف اكابر و اشراف انام است، وعتبهٔ عليه اش مجمع اعاظم اولاد امجاد خير الانام، لوح ضمير مهر تنويرش مُطرح اشعهٔ انوار اسرار كتب الاهي و صحيفهٔ خاطر عالي ماثرش مهبط لوامع حقايق اخبار حضرت رسالت پناهي، گنجينهٔ سينهٔ اش بجواهر زواهر علوم مشحون، و عقود در كلمات درّر مخزن باطن خجسة ميامنش مخزون، نيّر شمايل نبوي از مشارف جمال خجسة سما ايش طالع و شعشعهٔ آثار فضائل مرتضوي از مطالع خصايص علم و كمالش لامع، راي عالم آرائش كشاف اسرار معالم تنزيل، و طبع مشكل كشايش حلال معضلات موافق تاويل.

زبانش مظهر اسرار تحقيق ضميرش مظهر انوار توفيق
ز توضيح بيانش گشتة روشن براهل علم هرمشكل ز هرفن
جمال دين مزين ز اهتمامش علوم شرح واضح از كلامش*

سيد صاحب جو مشغلو، پنهنجي بزرگن وانگر، درس تدريس هو. مدرسهٔ سلطانيه هرات جي انهيءَ گنبد ۾، جنهن ۾ پوءِ سلطان حسين بايقرا دفن ٿيو، سندس مدرسو هو. ڪجهه سالن بعد، وري خانقاه اخلاصيه ۾ درس ڏيندو رهيو. هفتي ۾ هڪ دفعو، پنهنجي چاچي امير اصيل الدين جي مسند تي، جامع مسجد هرات ۾ وعظ ۽ نصيحت جي به مجلس ڪندو هو.

صاحب "حبيب السير" (٨٨٠-٩٤١هه) جو قول آهي ته "هن وقت پاڻ گوشي نشينيءَ جي زندگي گذاري ٿو. وعظ جي مجلس به بند ڪري ڇڏي اٿائين ۽ سندس سمورو وقت طاعت ۽ عبادت الاهيءَ ۾ گذري ٿو":

---

* "حبيب السير"، ج ٣، جز ٣، ص ٣٤٨

-"سلاطين ايام، و حڪام اسلام، باقدام ارادت و اعتقاد و ملازمت آنحضرت را بر ذمہ همت واجب ميدانند، و در ترفيه حال و فراغ بال خدام عالي مقامش طريقهء اشفاق مبذول ميدارند، بر آنچه ميتوانند."

"حبيب السير" جي مصنف سندس هڪ تصنيف -"روضة الاحباب في سيرة النبي والال والاصحاب"- جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ چوي ٿو تہ "سڄي آفاق ۾ مشهور آهي ۽ انهيءَ تصنيف جهڙو مثال ملڻ مشڪل آهي" :

-"در اقطار آفاق اشتهار تمام دارد، و بي شائبہء شبهۂ عقل دراک نظير آن ڪتاب افادت مآب را در آئينهء خيال امر محال مي شمارد."

"تحفة الڪرام" ۾ سندس هيٺين ٻن تصنيفن جو بہ ذڪر آهي: "تحفة الاحبار"، ۽ "رياض السير". *

سندس انتقال جو سال معلوم ٿي نہ سگهيو، جنهن وقت "حبيب السير" تصنيف ٿي رهيو هو، ان وقت هاڻ گوشينيءَ جي زندگي گذاري رهيو هو. †

<u>(٥) امير نسيم الدين محمد معروف بہ ميرڪ شاه</u>: ميرجمال الدين جو فرزند رشيد، ۽ پنهنجي والد محترم جهڙو ئي علم ۽ عمل ۾ يگانو هو. حديث ۾ خاص طرح ڪيس درڪ هو، "حبيب السير" جو قول آهي تہ

-"در تڪميل علوم و فنون سيما علم حديث يگانہء زمانہ اند."

---

* "تحفة الڪرام"، ج ٢، ص ١٧؛ "مجالس المومنين"، ص ٢٢٢

† "حبيب السير" جي مصنف جو نالو غياث الدين بن همام الدين محمد خوندمير هو، هو ٨٨٠ هہ جي قريب هرات ۾ ڄائو، ۽ ٩٤١ هہ ۾ گجرات ۾ فوت ٿيو، نظام الدين اولياءَ جي مقبري جي ايوان ۾ امير خسرو جي قريب دفن ٿيو، "حبيب السير" ٩٣٠ هہ ۾ ختم ڪيائين.

پنهنجي والد بزرگوار جي مسند تي مدرسهٴ سلطانيه ۾ درس ڏيندو هو، ۽ هزارين طالب علم وٽانئس فيضياب ۽ بهره مند ٿي ويا*.

(٦) سيد عرب شاهه، (٧) سيد نعمت الله، (٨) سيد وجيهه الدين:

سيد عرب شاهه، امير نسيم الدين جو فرزند، ۽ ان جو فرزند سيد نعمت الله ۽ ان جو صاحبزادو سيد وجيهه الدين هو. اهي ٽيئي بزرگ به هرات ۽ شيراز ۾ پنهنجي بزرگن وانگر علوم جي نشر و اشاعت ۾ زندگي بسر ڪندا رهيا.

(٩) قاضي سيد شڪرالله شيرازي (والد سيد وجيهه الدين): اهو بزرگ ترين انسان هرات کان قنڌار آيو، ۽ اتان سيد شاهه مبين، سيد ڪمال ۽ سيد عبدالله سان سنڌ ۾ آيو، سال ٩٢٧ هه ۾ ٺٽي پهتو.

اهي چارئي بزرگ علم ۽ ايقان، دين ۽ ايمان جا روشن چراغ هئا، جن نه فقط ٺٽي جي شهر کي، بلڪ سموريءَ سنڌ کي پنهنجي عمل ۽ علم جي ضياپاشين سان منور ڪري ڇڏيو. اڄ صديون گذري ويون، ليڪن سندن مقابر اڄ به موڙهل ۽ منجهيل انسانن جي حاجت روائيءَ ۽ مشڪل ڪشائيءَ لاءِ مرجع ۽ مرڪز آهن†.

سيد شڪرالله ئي اهو بزرگ آهي، جنهن جي نسل مان ٺٽي جي شڪرالاهي ساداتن جو سلسلو هليو، ۽ اهائي اها موتين جي لڙهي آهي، جنهن جو هڪ دُر شاهوار، سنڌ جو لافاني مورخ، بيمثل تذڪره نگار ۽ بي بدل شاعر، مير علي شير ”قانع“ هو.

---

* ”مجالس المومنين“، ص ٢٢٢.

† ”تحفة الڪرام“ جو مصنف لکي ٿو ته ”سيد شڪرالله پنهنجي پٽ کي وصيت ڪئي هئي ته ’جيڪڏهن تنهنجي اولاد کي ڪا مشڪل پوي ته منهنجي انهن ٽنهي سنگتين ڏانهن ڪين رجوع ڪرڻ گهرجي‘؛ انهيءَ وصيت مطابق اڄا تائين عمل ٿيندو اچي ٿو. چنانچه، محمد حسين ۽ سيد ظهيرالدين ثاني بن سيد شڪرالله ثانيءَ جو اولاد سيد مبين ڏانهن رجوع ڪن ٿا؛ ۽ سيد نظام الدين جو اولاد سيد ڪمال سان متوسل آهي، ۽ اهڙيءَ طرح سيد عبدالرحمان جو اولاد سيد عبدالله ڏانهن رجوع ڪري ٿو.“ - (تحفة الڪرام، ج ٣، ص ١٩٥).

سيد صاحب جا مراسم شاه بيگ ارغون جي گهراڻي سان غالباً هرات ۾ پيدا ٿيا، ۽ جڏهن بايقرا جي وفات بعد هرات جي محفل درهم برهم ٿي، ۽ شيباني، شاه اسماعيل صفوي ۽ بابر جي معرڪه آرائين ملڪ جو اهو حصو تيغ زني ڪندي ڪندي تاراج ۽ ته و بالا ڪري ڇڏيو، تڏهن انهيءَ تعلق سبب سيد صاحب شاه بيگ وٽ قندار آيو؛ ۽ جڏهن سنڌ شاه بيگ فتح ڪئي ۽ سنڌ ۾ ئي مستقل بود و باش اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين، تڏهن سيد صاحب به پنهنجي ننهي سنگتين ۽ پنهنجي فرزند ارجمند سيد مير ظهيرالدين سان گڏجي، ارغونن جي دارالسلطنت ٺٽي ۾ اچي قيام پذير ٿيو.

شاه بيگ ته چند مهينن بعد گذاري ويو، ليڪن سندس جانشين شاه حسين جو تعلق ۽ اعتقاد ساڳيءَ طرح سيد صاحب سان رهيو. هن سيد صاحب جي علم، فضل، ديني عظمت ۽ بزرگيءَ سبب ڪيس پنهنجي حڪومت جو سڀ ڪان پهريون شيخ الاسلام بڻائي سڄيءَ سنڌ جو منصب قضا سندس سپرد ڪيو. هر چند سيد صاحب انهيءَ منصب لاءِ مناسب ۽ لائق هو، بلڪ جيڪڏهن ائين چئجي ته سيد صاحب جي ذات سبب انهيءَ عهدي جو خود شان ۽ مان وڌيو، ته بيجا نه ٿيندو؛ ليڪن منصب ۽ ان جي فرائض جون پابنديون سيد صاحب جي افتاد طبع جي خلاف هيون، تنهنڪري ڪجهه عرصي کان پوءِ سيد صاحب علحدگي اختيار ڪري، رياضت ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ شروع ڪئي*.

سيد صاحب جنهن محلي ۾ ٺٽي اندر اچي قيام ڪيو، اهو ان وقت انهن انصارن جو محلو هو، جيڪي شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ سان

* سيد صاحب کان پوءِ شاه حسين، حضرت قاضي محمد اڇيءَ کي بکر مان گهرائي انهيءَ عهدي تي رکيو، ۽ ان کان پوءِ اهو منصب قاضي صاحب جي ئي خاندان ۾ پشت به پشت هلندو آيو، جنهن جو سلسلو انگريزن جي ابتدائي زماني تائين قائم رهيو. قاضي علي محمد صاحب ٺٽوي انهيءَ گهراڻي جو هن وقت يادگار آهي.

ڪلاجي برهانپور مان ٿي آيا هئا. سيد صاحب پنهنجي فرزند سيد مير ظهيرالدين ولاسلام - معروف بہ جادم - جي شادي انهن انصارن مان ڪرائي، جنهن مان گويا ٿي جي شڪرالاهي ساداتن جو نسل نروار ٿيو. انصارن جي انهيءَ قبيلي جو اڳتي هلي نسل ختم ٿي ويو ۽ محلي جو نالو بدلجي شڪرالاهي ساداتن جي نالي تي مشهور ٿي ويو. اڄ تائين انهيءَ گهراڻي جي پسماندن جو انهيءَ ئي محلي ۾ قيام آهي.

سيد ظهيرالدين جادم لاءِ مير علي شير لکي ٿو ته "درس تدريس سندس ظاهري مشغلو هو، ليڪن باطني طرح فقيري ۽ سلوڪ سان لئون لڳل هيس.

- "ظاهرش بتقوي و تشرع و تدريس، و باطن بسلوڪ راه فقر و سبيل سنت اجداد مصروف بود."*

سيد ظهيرالدين بہ فرزند يادگار ڇڏيا: هڪ سيد شڪرالله ثاني ۽ ٻيو سيد عبدالرحمان. مير علي شير قانع، سيد ظهيرالدين جي وڏي فرزند سيد شڪرالله ثانيءَ جي اولاد مان آهي - جهڙيءَ طرح ابتدا ۾ اسان شجرهء نسب ۾ ڄاڻائي آيا آهيون.

مير علي شير "قانع"

ولادت: مير عزت الله بن سيد محمد ڪاظم، بن سيد محمد مقيم، بن سيد ظهيرالدين ثاني، بن سيد شڪرالله ثانيءَ، کي ڇهہ پٽ ٿيا: سيد فخرالدين، سيد يارمحمد، سيد محمد امين، سيد محمد صلاح، سيد مير ضياءَ الدين "ضيا"، ۽ مير علي شير "قانع". مير علي شير ١١٤٠هه ۾ اڪيون ڪوليون - "خلق انسانا من السلاله" مان اهو سال برآمد ٿئي ٿو.

اهو زمانو، ميان نورمحمد جي حڪومت جو هو - ڪيس پنهنجي والد ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي مسند تي ويٺي پورا ڏهہ ورهيہ ٿيا هئا، جو مير صاحب ڄائو.

هندستان جي مغل سلطنت جو شيرازو، عالمگير جي وفات کان پوءِ، ڪثيرالتعداد شاهزادن جي باهمي خونخرابيءَ ۽ هڪ ٻئي سان جنگ وجدل منتشر ڪري ڇڏيو هو، جنهنڪري مرڪزي حڪومت جو ڪوبه وقار باقي ڪونه بچيو هو، ۽ هندستان جي متحد سلطنت ٽڪر ٽڪرا ٿي، مختلف خودمختيار رياستن ۾ ورهائجي چڪي هئي.

سنڌ جو به تعلق تقريباً ڏيڍ سؤ سالن کان دهليءَ جي مغليه مرڪز سان هو؛ تنهنڪري هتي جون حالتون به ٻارهين صديءَ جي شروع کان ئي بدلجي چڪيون هيون. سنڌ تي دهليءَ کان ايندڙ گورنر، مرڪزي بادشاهت جي روزانه تبديلين سبب، پنهنجي قوت ۽ اقتدار- جنهن جي آڌار تي سنڌ سندن قبضي ۾ رهندي ٿي آئي- وڃائي ويٺا هئا ۽ نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ ۾ مرڪز کان آزاد ٿيڻ جي تحريڪ شروع ٿي. ڪلهوڙن جي هڪ مقامي خاندان، جنهن کي نه فقط زميداري زور ۽ قبيلي جي قوت ٻنيان هئي، بلڪ پيريءَ ۽ روحاني رهبريءَ سبب به سڄيءَ سنڌ تي تسلط حاصل هو- آزاديءَ جي انهيءَ تحريڪ ۾ پلئون پل حصو ورتو.

مغل سلطنت جي ڪمزوريءَ ۽ انتظامي ابتريءَ جو فائدو وٺندي، سڀ کان پهريون ميان يار محمد اتر سنڌ جو پاسو مرڪز کان ساليانيءَ ڍل تي ورتو ۽ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو؛ جنهن کان پوءِ سندس جاءِ نشين، ميان نور محمد، لوور سنڌ به ساڳين شرطن تي حاصل ڪري، ملڪي آزاديءَ واري خواب کي تعبير بخشيو.

مير علي شير ٻارهين ورهين جي ڄمار جو هو، جڏهن ۱۱۵۱هه ۾ ميان نور محمد اهو تاريخي قدم کنيو- جنهن کان پوءِ مغلن جو براهه راست تعلق سنڌ سان قطع ٿي ويو.

آزاديءَ جي ٻئي سال تي سنڌ کي هڪ اوچتي آفت سان سابقو پيو، ۽ هندوستان جي مغل سلطنت تي ته گويا ڪاري قيامت ٽٽي پئي.

* "تحفة الڪرام"، ج ۳، ص ۱۹۵.

محمد شاه بادشاه- جنهن ڪي تاريخ ۾ عام طور "رنگيلي" جي مناسب ۽ موزون عرف سان ياد ڪيو وڃي ٿو- شاهجهان واري تخت طائوس تي جلوه گر هو. ايران جو نودولت، جابر ۽ قهار حڪمران نادرشاهه وڏو ڪٽڪ ڪاهي اچي دهليءَ ۾ پهتو. بادشاهه بيطاقت، رياستون سڀ جدا جدا، لشڪر حفاظت لاءِ ڪونه، مقابلي جي طاقت نه بادشاه ۾ نه ملڪ ۾- دهليءَ ڪي نادرشاهه نه فقط لٽيو ۽ ڦريو، بلڪ اهڙي خونريزي ڪيائين، جو انساني نسل قطع ٿيڻ تي اچي پهتو؛ ڪنهن خدا جي بندي دلسوزيءَ مان ڏانهس لکي موڪليو:

"ڪسي نماند ڪه او را به تيغ ناز ڪشي،
مگر ڪه زنده ڪني خلق را و باز ڪشي!"

جنهن کان پوءِ ايران جي انهيءَ خونخوار حملي آور کي رحم آيو، ۽ باقي بچيل انسانن جي جان بخشي ڪري، تلوار مياڻ ۾ وڌائين.

دهليءَ کان موٽندي، نادرشاهه سنڌ ۾ به آيو. دهليءَ جي خبرن پوري ملڪ کي دهشت زدو ڪري ڇڏيو هو. سنڌ به لرزه براندام هئي. نادرشاهه جڏهن اچي لاڙڪاڻي ۾ لٿو، تڏهن سموريءَ سنڌ ۾ ڏهڪاءُ پئجي ويو. "نادر نه پنيان ڪونه اٿئي"؛ "نادر به نادر آ، پر قادر به قادر آ"؛ "نادري حڪم"- اهي ۽ پيون اهڙيون عام چوڻيون اڄ تائين سنڌ ۾ مشهور آهن، ۽ انهيءَ دهشت انگيز دور ڏانهن حافظي جا ورق ورائن ٿيون. "ياد باد زماني ڪه قيامت است"- به ڪنهن شاعر انهيءَ دور جي تاريخ لاءِ چيو.

نادرشاهه جو مقصد لٽ ڦر ۽ ملڪ جي ملڪيت تي قبضي ڪرڻ جو هو- انساني خون مان ته دهليءَ واري ڪوس ۾ ئي ڍءُ ڪري چڪو هو! ميان نور محمد عمرڪوٽ ۾ هو. نادر پاڻ اتي پهچي، کانئس هڪ ڪروڙ نقد وصول ڪيو؛ ويهه لک سالياني ڏن جي به مٿس چٽي رکيائين، ۽ موٽندي سندس عظيم الشان ڪتبخانو به کڻيو ويو، ۽ سندس ٻه نور نظر به يرغمال طور وٺيو ويو.*

---

* نادرشاهه، ١١ محرم ١١٥٣هه جو، لاڙڪاڻي مان ڪوچ ڪري، ايران هليو ويو.

تازي حاصل ڪيل آزاديءَ کان پوءِ، سنڌ کي وري جو ھي ٺئون طوق ايران جي غلاميءَ جو پيو، تنھن ملڪ کي سخت ذھني اذيت پھچائي، ۽ سچيون خوشيون خاڪ ٿي ويون. نادر جڏھن ايران پھچڻ بعد قتل ٿيو، تڏھن ڪنھن پاھرئين شاعر چيو :

"بيڪ گردشِ چرخِ نيلوفري؛ نه نادر بجا مانڊ ني نادري!"

سنڌي شاعرن پنھنجي جذبي جو اظھار ھن طرح ڪيو:

"فتنهء نادر چو بيرون شد زميان، راحت آمد بر ھمه عالميان؛
خوش خبر ھاتف فرمود ز غيب : "محو شد آفت نادر ز جهان"-۱۱۶۰ ھ

اھا تاريخ آخوند عبدالقادر ٺٽويءَ چئي. اڏارام ٺٽويءَ فرمايو:

"شاهِ شاهِ نادرِ ايران ديار، داشت باغِ دولتش خرم بهار؛
تاکه از حکمِ قضا پيڪِ اجل، نيز بگرفتش عنانِ اختيار؛
بهرِ تاريخ وفاتش عقل گفت: "رخت بست از تخت هستي شهريار".

اھو ھو ملڪ جو سياسي ماحول، جنھن ۾ مير علي شير زندگيءَ جو سفر شروع ڪري پارھن منزلن تائين پھتو ھو.

تعليم: ٺٽو، جنھن کي سنڌ جا مورخ تمدني بلنديءَ، ثقافتي برتريءَ ۽ علمي اوج اقبال سبب، قرطبہ، دمشق، ۽ بغداد سان تشبيھ ڏيندا رھيا آھن، سو باوجود دارالسلطنت واري حيثيت وڃائي ويھڻ جي بہ، اجا تائين سابقہ صدين وارين پنھنجي علمي روايتن کي زندہ رکيو ٿي آيو. سوين دارالعلوم، اڪيچار خطاب خانا، ۽ بيشمار مدرسا ۽ مڪتب، ديني خواہ دنيوي علوم جي نشر و اشاعت لاءِ رات ڏينھن روشن ۽ آباد ھئا.

مير علي شير جي پيدائش کان ٽيھہ ورھيہ اڳ، ۱۱۱۱ھ (۱۶۹۹ع) ۾، ھڪ انگريز سياح مسٽر ھئملٽن ٺٽي آيو، جنھن ٺٽي جي علمي برتريءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آھي تہ "شھر ۾ چار سؤ دارالعلوم موجود آھن، جن ۾ ھزارين طالب علم، راتو ڏينھن تعليم پرائڻ ۾ مشغول آھن".

انهيءَ زماني جي ٺٽي ۾ مير علي شير تعليم حاصل ڪئي ۽ تربيت پرائي. پنهنجي تعليم جي روئداد ڪانه لکي اٿائين؛ البت ضمني طرح، جن چند استادن جو ذڪر ڪري ٿو، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ زماني جي جيد استادن ۽ عالمن ڪان هن سبق ورتا. ميان نعمت* ۽ ميان محمد صادق†، ميان عبدالجميل†† جا فرزند ۽ پنهنجي دور جا جيد عالم ۽ ديني دنيوي علومن ۾ ڪامل هئا. انهي بزرگن جو مشغلو درس تدريس هو. مير صاحب پنهي بزرگن جي مدرسي ۾ پڙهيو. "مقالات الشعرا" ۾ هڪ هنڌ پاڻ فرمائي ٿو ته

— "فقير بخدمتِ هردو صاحبان نسبتِ تلميذي دارد". ۞

محمد صادق جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته

— "فقير کہ کمين تلامذہء ايشان است". ※

ميان نعمت الله وٽ 'ميزان صرف' کان وٺي 'شرح ملا' تائين تعليم ورتائين ❋. ميان محمد صادق وٽ ڪهڙا ڪتاب پڙهيائين،

---

* هي بزرگ، مخدوم ضياءُ الدين جو ڏهٽو هو؛ ويهن ورهين جي ڄمار ۾ تعليم جي تڪميل ڪري، درس ڏيڻ شروع ڪيائين. مير صاحب لکيو آهي ته سندس مدرسو ايڏو مشهور ۽ عظيم الشان هو، جو شهر ۾ ان جو بيو ثاني ڪونه هو. 'منقول' ۾ پنهنجي ناني ضياءُ الدين ۽ 'معقول' ۾ مولانا محمد صادق جو شاگرد هو. ١١٧٩ھ ۾ حج تي اسهيو، جتي ١٨ ذيقعد جي انتقال ڪيائين – ("تحفة الكرام"، ٢٢٥؛ "مقالات الشعرا"، ٢٩٥).

† ميان نعمت الله جو وڏو ڀاءُ هو؛ عالم باعمل ۽ نهايت ئي پاڪ باطن ۽ صاف سيرت بزرگ هو. حرمين ۾ هڪ سال رهي، حديث جي سند ورتائين. جوناڳڙهه ۾ به ڪجهه عرصو رهيو. ٻيو دفعو به جوناڳڙهه ٿي ويو، جو واٽ تي ڪڇ ۾ انتقال ڪيائين – ("تحفة الكرام"، ص ٢٢٦؛ ۽ "مقالات الشعرا" ص ١٣٢).

†† ميان رحمت الله جو فرزند ۽ مخدوم علي احمد المعروف به قمري (برادر مخدوم آدم) جي اولاد مان هو؛ صاحب نسبت ۽ وڏيءَ ڪٽيءَ وارو بزرگ هو. ١١٥٤ھ ۾ انتقال ڪيائين – ("تحفة الكرام"، ٢٢٦؛ "مقالات الشعرا"، ٧٥)

۞ "مقالات الشعرا"، ص ٧٥

※ "مقالات الشعرا"، ص ١٤٣

❋ "مقالات الشعرا"، ص ٢٩٥

انهن لاءِ ڪجهه ڪونه لکيو اٿائين. انهن پنهي بزرگن جو مدرسو "مقالات الشعرا" جي تصنيف واري سال تائين نهايت عمدگيءَ سان جاري هو:

—"اکنون (۱۱۷۴ هه) مدرسهء علمي بوجودِ فايض الجودِ ايشان گرم است" *.

انهن پنهي استادن کان سواءِ مير علي شير، آخوند محمد شفيع جو به پنهنجي استادن ۾ ذڪر ڪيو آهي؛ لکي ٿو ته

—"فقير، ايام پيريش ديده، از جوانان زمانه درخوش باشي صد قدم در پيش داشته، اين قليل البضاعت از قصاعد "عرفي" و عروض سيفي و چند سبق بخدمت ايشان استماع نموده." †

اهو بزرگ ۱۱۵۶ هه ۾ فوت ٿيو: گويا مير صاحب ۱٦ ورهين جي ڄمار جو هو، جڏهن آخوند صاحب انتقال ڪيو، ۽ وٽس عرفيءَ جا قصيدا ۽ عروض سيفي، ۱۳ يا ۱۴ ورهين جي عمر ۾ پڙهيا هوندائين.

آخوند ابوالحسن "بي‌تڪلف" ٺٽوي به فارسيءَ ۾ سندس استاد هو. پاڻ لکي ٿو ته

—"بسيار طباع و پر استعداد است. در مکتب وي جمعي از هندو و مسلمين بهره بردند، فقير در پارسي شاگرد خدمت ايشانست" ††

* "مقالات الشعرا"، ص ۷۵.

† "مقالات الشعرا"، ص ۱۳۵: مير صاحب لکي ٿو ته "(هيءَ بزرگ) نهايت باوقار ۽ پر تمڪين شخص هو. طبيعت جو خوش باش ۽ نهايت ئي رنگين مزاج هو. خوراڪ پوشاڪ جو به شوقين هو. مير عبدالقدوس شيرازي سندس دوست هو. تاريخ گوئيءَ ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو. شهر خواه حاڪمن ۾ سندس وڏي عزت هئي (تحفة الڪرام، ص ۲۴۴). "مقالات الشعرا" ۾ مير صاحب سندس تاريخ گوئيءَ جا مثال به ڏنا آهن.

†† "مقالات الشعرا" (ص ۵۸): آخوند صاحب ڪجھ عرصي تائين جهانگارن باجارن جي ساداتن وٽ رهيو. تاريخ گوئيءَ ۽ شعر و سخن جو به شوق هوس. مير فخرالدين شيرازي برادر مير علي شير "قانع" ڪي جڏهن علي اڪبر نالي پٽ ڄائو، تڏهن هيٺيون قطعه تاريخ لکيائين:

(ڏسو حاشيه صفحو ۲۸)

مولوي مرزا جعفر شيرازي سير ۽ تفريح لاءِ ٺٽي ۾ آيو هو. ڏاراڄ جي زميندار، راڻو جمال، وٽ ڪجهه عرصو رهيو. مخدوم محمد مسڪين سندس علم، ذاتي جوهر ۽ بيحد و حساب قابليت سبب سندس گهرو دوست ٿي ويو. مير علي شير صاحب سان سندس تعلق خاطر پيدا ٿي ويو، جنهنڪري سيد صاحب انهيءَ بزرگ وٽ به ڪجهه پرايو: پاڻ لکي ٿو ته

"فقير در خدمت ايشان چند ايام بسر برده و از دست و دل شان ممنون ابد است".*

(آندل حاشيه صفحو ٢٧)

بهار همايون بعـالم رسيد	صنوبر به بستان احمد چميد
گـل گلشـن باغ آل رسول	در روشن از درج شاه شهيد
بفر همايـون و فرخنده نـام	بروز سعيد از عدم سر کشيد
چگـويـم وفاتش که نايد بعد	نجيب و نقيب و حسيب و سعيد
نيازم بدرگاه حق صبح و شام	که نامش علي اکبر آيد پديد
بسال تـولـد شـريفش فتاد	چو فکرم بخاطر ز احصي البعيد
در انداخت ناگاه هاتف نـدا	"گل اندر گلستان حيدر دميد"

-١١٣٦هه

* مرزا محمد جعفر جي علم و فضل جي شهرت ٻڌي، مياں مراد ياب بن ميان نورمحمد کيس پاڻ وٽ گهرائي، پنهنجو معتمد خاص ڪري رکيو. "قانع"، "مقالات الشعرا" (ص ٧٢) تي لکي ٿو ته "ڪجهه عرصي بعد اهو درجو حاصل ڪيائين، جنهن کان مٿي تصور ڪرڻ ناممڪن آهي". صاحبزادو ميان مراد ياب جڏهن هندستان ويو، ان وقت ميان نور محمد کيس پنهنجي دربار ۾ مقرر ڪيو، جتي صاحبزادي کان به وڌيڪ سندس قدر ۽ منزلت ٿي. محمد مراد ياب جڏهن تخت تي ويٺو (١١٦٧هه)، تڏهن کيس پيهر پاڻ وٽ رکيائين. ڪجهه عرصي کان پوءِ، کن سببن ڪري معزول ٿي ۽ عراق جي زيارتن تي وڃڻ لاءِ ڪراچي بندر تي پهتو؛ اتان کيس ڪراچي جي ڄام جهاز تي سوار ٿيڻ نه ڏنو، جنهنڪري ڪراچيءَ بندر تان سوار ٿيڻ جو ارادو

(ڏسو حاشيه صفحو ٢٩)

شعر و سخن جي مشق: مير صاحب شعر و سخن جي صلاحيت ڇهن سالن ڄمار تائين پيدا ٿي ويئي. پارهن ورهين جي ڄمار ۾، جڏهن اڃا مدرسن ۽ مڪتبن ۾ سبق آموزيءَ ۾ منهمڪ هو، شعر چوڻ شروع ڪيائين. لکي ٿو ته

—"بفيض صحبت بزرگان في الجمله آشنا بسفيد و سياه گشت. هرچند درخود لياقت آن نمي بيند که در جنب عزيزان جاداشته باشد، اما چون کهان را با مهان آميزش قدير است، باري بوسيلۀ توسل بزرگان اگر در نعال آن صدر نشينان مقيم شود، جا دارد."

ڪسر نفسيءَ جي انهيءَ تمهيد کان پوءِ فرمائي ٿو ته

"در فريب بايام امتياز که نيّر عمر باختتار سير بروح دوازده گانه از سنين مطلع شوارق هوش بر فلک تبيين وقوع يافته، سر سوداى سخن در پيچيده". *

انهيءَ عمر ۾ اٺن هزارن شعرن جو ديوان مرتب ڪيائين، جنهن ۾ سڀئي اصناف سخن موجود هئا، ليڪن خبر نه آهي ڪهڙن سببن ڪري اهو سڄو ديوان درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائين. تقريباً ڏه سال کن خاموش رهيو. گويا ۱۱۵۲ هه ۾، جڏهن سندس عمر پارهن ورهيه هئي، شعر چوڻ شروع ڪيائين؛ ۱۱۵۳ تائين اٺ هزار شعر

(آئندل حاشيه صفحو ۲۸)

ڪيائين؛ ليڪن روانو ٿيڻ کان اڳ سندس انتقال ٿيو. مير علي شير هيئين تاريخ چئي:

—ز روى تعمير تاريخش افتاد،
"غريب از دام دنيا گشته آزاد"
۱۲۱۲ - ۴۵ = ۱۱۶۷ هه

جفر ۽ تڪثير ۾ به ڪامل ۽ عامل هو. "جفر جامع" نالي ڪتاب ميان نورمحمد لاءِ لکڻ شروع ڪيائين، ليڪن ميان صاحب جي انتقال سبب ڪتاب پورو ڪري نه سگهيو.

* "مقالات الشعرا"، ص ۲۱۴

چئي، ديوان- جنهن ۾ نالو بطور تخلص جي استعمال ڪيو هئائين- لوڙهي ۵۴-۱۱۵۰ھ جا سال خاموش رهيو، تان جو ۱۱۵۰ھ ۾ وري ڪيس نئين سر سخن سنجيءَ جو شوق جاڳيو.

انهيءَ زماني جو هڪ واقعو بيان ڪندي، مير صاحب لکي ٿو ته "مظفرعلي خان نادري زماني ۾ ٺٽي ۾ آيو، ۽ سندس ڏنل زمين "سرد مک در آب"، "نمک در آب" ٺٽي جي شاعرن ۾ تمام مشهور ٿي، ۽ تقريباً سڀني شاعرن انهيءَ تي طبع آزمائي ڪئي'. مير صاحب انهيءَ زماني ۾ طفل مڪتب هو، ليڪن ڪيس شوق جاڳيو ۽ ساڳيءَ زمين ۾ استادن جي مقابلي ۾ هن به غزل تيار ڪيو، جنهن مان لکي ٿو ته هيٺيون هڪ شعر ڪيس ياد رهجي ويو:

با صاف مشربان چہ زني لاف سرکشي،
صد بار ديده ايم ترا اي فلک در آب. †

۱۱۵۰ھ ۾ مير حيدرالدين ابوتراب "ڪامل" †† جهڙي استاد ڪامل سان سندس ملاقات ٿي، ۽ انهيءَ بزرگ جي فيض ۽ صحبت سبب چڱيءَ شوق ۽ وسريل ذوق ۾ وري جولان جاڳيو*، ۽ سندس شاگردي اختيار ڪري، نئين سر مشق سخن شروع ڪيائين. مير ڪامل سندس تخلص "مظهري" رکيو، جنهن مان تجديد شاعريءَ جو سال ۱۱۵۰ھ به برآمد ٿئي ٿو.

† "مقالات الشعرا"، ص ۶۶

†† مير حيدرالدين ابو تراب "ڪامل" بن مير رضي‌الدين "فدائي"، بن مير ابوالمڪارم "شهود"، بن مير ابوالبقا امير خان، بن مير ابوالقاسم "نمڪين"، جيد عالم، بلند پايه شاعر ۽ درويش صفت انسان هو. سنڌي، هندي ۽ فارسيءَ ۾ جدا جدا ديوان مرتب ڪيائين. محمد پناه "رجا"، مير ابوالبقا بهرو رعلي پيا ڪيترا انهيءَ دور جا شاعر سندس شاگرد هئا. ۱۱۷۴ھ ۾ انتقال ڪيائين- (ڏسو "مقالات الشعرا"، "تحفةالڪرام"، ۽ "تذڪره امير خاني").

* "مقالات الشعرا"، ص ۲۱۴، ص ۲۵۲، ۽ ۲۵۴

مير صاحب ڪجهه وقت تائين "مظهري" تخلص قائم رکيو، ليڪن ان کان پوءِ "قانع" تخلص اختيار ڪيائين، جيڪو آخر دم تائين سندس نالي سان پيوست رهيو.

ملازمت: سنڌ جي آزاد حڪمران ميان نورمحمد ڪلهوڙي، ۱۱۶۷ هه ۾ وفات ڪئي؛ سندس پٽ ميان مرادياب تخت نشين ٿيو. ميان صاحب جي وفات بعد تخت و تاج جي لالچ ۽ لوڀ، حڪمران خاندان ۾ باهمي آويزش جي ابتدا ڪئي. ميان مراد ياب چار سال به پورا نه ڪيا، جو معزول ٿي جيل ۾ وڃي پيو، سندس پيو ڀاءُ ميان غلام شاه، جيڪو ڪلان طوائف جي پيٽ مان هو، تخت نشين ٿيو. انهيءَ ئي حڪمران لاءِ ڪنهن سنڌي شاعر جو هي شعر مشهور آهي:

"ڪلان وڃان جو ڪل ڪليوسي،
ڪجهه ڪٺيا هي ڪجهه ڪٺسي." *

ميان غلام شاه، بيحد سمجهدار ۽ حڪمرانيءَ ڪرڻ لاءِ هرطرح موزون ۽ مناسب هو. هن پنهنجي زماني ۾ ملڪ ۾ نه فقط امن امان قائم ڪيو، بلڪ سرحدي علائقا به ڪيترا حاصل ڪري، سنڌ ۾ شامل ڪيائين. ڪڇ جي راجا کان بست ۽ لکپت جو بندر ورتائين؛ سبز ڪوٽ ۽ اُچ، بهاولپور جي نواب کان ڇڏايائين؛ ۽ ڪراچيءَ جو بندر، قلات جي خان کان واپس ڪيائين؛ حيدرآباد جو شهر آباد ڪيائين، ۽ ۱۱۸۲ هه ۾ حيدرآباد جو قلعو تعمير ڪرائي، اُن ۾ گادي ڪيائين. انگريزن سندس ئي زماني، ۱۱۷۱ هه، ۾ ٺٽي ۾ پنهنجي تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي. اهڙيءَ طرح ملڪ سندس زماني ۾ ڏاڍو وسيو ۽ رسيو، سکيو

---

* "مقالات الشعرا"، ص ۲۱۴

† ميان مراد ياب جي معزولي ۽ غلام شاه جي تخت نشينيءَ تي بالچند "آزاد" هينئن تاريخ چئي:

بنشست غلام شاه بر مسند جاه، برخاست مراد ياب نااُميد به آه

۱۱۷۰=(۶ + ۳۶۶) — (۱۴۳ + ۱۳۷۷)

۾ ستابو ٿيو؛ ليڪن افسوس جو سورهن سالن جي حڪمرانيءَ بعد ١١٨٦ھ ۾ لقوي، فالج ۽ غشيءَ سبب هن انتقال ڪيو، جنهن بعد ڪلهوڙن جي حڪومت جو شيرازو روز بروز درهم برهم ٿيندو ويو.

انهيءَ روشن دماغ بادشاه، مير علي شير کي پنهنجي خاندان جي تاريخ نويسيءَ لاءِ هٿان وٺ رکيو، ۽ مير صاحب "شاه نامه" جي طرز تي فارسي نظم ۾، ۽ ٻي مفصل تاريخ نثر ۾، لکڻ شروع ڪئي. سندس تقرر تاريخ نويسيءَ جي عهدي تي ١١٧٥ھ ۾ ٿيو*، ۽ مير صاحب ٺٽي کان خدا آباد هليو ويو. اهو معلوم نه ٿي سگهيو، ته مير صاحب ميان غلام شاه جي دربار سان ڪيتري وقت تائين وابسته رهيو؛ ليڪن جنهن صورت ۾ مير صاحب پنهنجون ٻئي تصنيفون مڪمل ڪري نه سگهيو، تنهنڪري خيال آهي ته شايد چند سال يا ڪجهه عرصو مير صاحب، ميان غلام شاه جي دربار ۾ رهي، وري ٺٽي واپس موٽي آيو.

١١٨٠ھ ۾ مير صاحب "تحفة الڪرام" لکڻ شروع ڪيو. ان ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو ذڪر شروع ڪندي، ابتدا ۾ لکي ٿو ته

"ذڪر ايشان در طبقهٔ علحده ميگردد، و بنا بر مزيد فائده و اداي حقوق نمڪ ذڪر از اصل مع بيان بزرگان اين سلسله مجملاً گذارش ميڪند." †

"اداي حقوق نمڪ" جي اشاري سان ظاهر آهي ته ١١٨٠ھ کان اڳ مستقل ملازمت کان آجو ٿي، ٺٽي هليو آيو هو، ۽ حق نمڪ نباهڻ سبب سنه ١١٨٠ھ ۾ به ڪيس اهو خيال هو ته هو ڪلهوڙن جي تاريخ جا ٻئي ڪتاب ضرور ختم ڪندو. بهرحال مير صاحب جي مستقل ملازمت رهي يا نه رهي، ليڪن سندس تعلقات ملازم ٿيڻ کان اڳ انهيءَ حڪمران گهراڻي سان جهڙيءَ طرح خوشگوار هئا، اهڙيءَ ريت پوءِ به رهيا، جنهن جي تصديق اسان کي انهن فرمانن

* "مقالات الشعرا"، ص ٢١٥

† "تحفة الڪرام"، ص ١٠٢

۽ سنَدن مان ملي ٿي، جيڪي وقت بوقت وظيفن، تنخواهن ۽ مزروعہ زمينن جي سلسلي ۾ مير صاحب ڪي انهيءَ خاندان طرفان ملندا رهيا.

مير صاحب جو معاش: قديم خانداني دستاويزن مان † معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب جو سمورو خاندان شروع ايامن کان وٺي، سندس زماني تائين خوشحال ۽ فارغ البال رهيو، ۽ ڪائنس پوءِ بہ حسب دستور اهو گهراڻو جاگيرون تنخواهون، وظيفا، خلعتون ۽ انعام اڪرام جوڙيندو ۽ ماڻيندو رهيو.

مير سيد شڪرالله جيئن ٩٢٧هہ ۾ ٺٽي پهتو، تيئن ئي ارغونن طرفان سندس وظيفو جاري ٿيو. همايون جي فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب جي گهر ڪي هن جي طرفان بہ بطور ¹سيورغال* وظيفو، ۽ ساڪرى پرڳڻي ۾ ڪجهہ زمين مدد معاش لاءِ مليل هئي. اهڙيءَ طرح ترخاني دور جا دستاويز بہ ملن ٿا، جن ۾ نہ فقط اڳين بادشاهن جي عطا ڪيل وظيفن ۽ جاگيرن جي تصديق ٿيل آهي، بلڪ اُن تي پنهنجي طرفان بہ وقت بوقت اضافا ڪندا رهيا آهن. مرزا جانيءَ جي هڪ فرمان (مرقومہ ١٠٠٧هہ) مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ جون پرڳڻي ۾ بہ ڪي ڳوٺ انهيءَ خاندان کي بطور مدد معاش مايل هئا. سنڌ جڏهن مغل سلطنت جو حصو بڻي، تڏهن هن گهراڻي جا سڀئي وظيفا، تنخواهون ۽ زمينون بحال ڪيون ويون. ١٠٢٩هہ جي هڪ فرمان مان معلوم ٿئي ٿو تہ جهانگير، سيد ظهيرالدين ثاني خلف سيد شڪرالله ثانيءَ لاءِ بہ سؤ خرارسارين جا بطور وظيفي جي ساليانو منظور ڪيا، جن جي وصوليءَ لاءِ ننڪر هنگوري ۽ ننڪر هالي

† جناب قاضي علي محمد صاحب ٺٽويءَ وٽ فرمانن ۽ سنَدن جو هڪ مجموعو آهي، جيڪو ٺٽي جي ڪنهن بزرگ انگريزن جي آمد کان پوءِ مرتب ڪيو آهي: ٺٽي جي مختلف خاندانن جي سلسلي ۾ منجهس شاهي فرمان هن لاءِ نقل ڪيا ويا آهن تہ اهو مجموعو انگريزن ڪمي ڏيکاري، انهن سنَدن کي سنڌن دور حڪومت ۾ بہ جاري ڪرائجي.

جي پرڳڻي تي فرمان جاري ٿيو. ڪجهه وقت بعد ٻجاه سارين جي، ٽڪر هنگوري جي جاگير مان پاويهه هزار دام* بطور ساليانو تنخواهه جي ڪيس مقرر ٿي مليا. ١٠٣٧هه ۾ سيد شڪرالله فوت ٿيو. ١٠٣٩هه ۽ ١٠٤٠هه جي فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو ته اها تنخواهه شاهجهان، سيد صاحب جي اولاد لاءِ بحال ڪئي. جيئن جيئن خاندان وڌندو ويو ۽ گهر جدا جدا ٿيندا ويا، تيئن تيئن اهي تنخواهون به تقسيم ٿينديون مختلف شخصن جي نالي تي بحال ٿينديون رهيون. ١١٣٨هه جي هڪ فرمان مان معلوم ٿئي ٿو ته پنجاهه هزار دام† اهو خاندان ساليانو تنخواهه کڻندو هو. ١١٤٣هه ۾ خان خانان معظم خان هڪ سند جاري ڪئي، جنهن بناء تي ميرعلي شير "قانع" جي والد سيد عزت الله کي ٥٤٠ بيگا زمين ملي. ميان نورمحمد، ١١٥٥هه ۾، سيد عبداللطيف بن سيد عبدالمجيد کي ٻليجي پرڳڻي تي ستر خرار سارين جي سند ڪري ڏني††. سيد صاحب ١١٥٨هه ۾ فوت ٿيو. جنهن بعد سندس پٽ عبدالمجيد ثانيءَ جي نالي اهو وظيفو بحال ڪيو ويو، ۽ آخر اهو وظيفو ڦرندي ڦرندي سيد عبداللطيف ثانيءَ وٽ آيو، ۽ ان کان پوءِ ميرعلي شير جي والده جي نالي تي بحال ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته انهيءَ گهر ۾ نرينو اولاد ڪونه ٿيو ۽ مير صاحب جي والده انهيءَ گهر جي وارثياڻي هئي. بيبي صاحبه کان پوءِ، ميرعلي شير ۽ سندس ڀاءُ مير ضياءالدين "ضيا" انهيءَ حصي تي متصرف ٿيا. انهيءَ مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته مير صاحب ۽ مير ضياءالدين سڳا ڀائر ۽ انهيءَ بيبيءَ جي بطن مان هئا، ۽ انهيءَ ڪري ئي ٽهن ڀائرن مان فقط اهي ٻه ڀائر وظيفي جا وارث ٿيا. سندس ٽئين ڀاءُ سيد فخرالدين کي جدا پنهنجي ناناڻڪي حصي مان هڪ سو بيگا زمين تصرف ۾ آئي.

*چاليهه دام هڪ رپئي ۾ ٿيندا هئا. پاويهن هزار دامن جا ٥٥٠ رپيا ٿيا.

† ساڍا ٻارهن سؤ رپيا

†† ٥ رپيا في خرار هو- مجموعي قيمت ٣٥٠ رپيا ٿي.

ميان نورمحمد جو هڪ پروانو مليو آهي، جنهن مطابق ميرعلي شير جي والد سيد عزت الله کي جکڙ پور ۽ ڪڪرالي وغيره ۾ ٻه ڪي ڪوٽ جاگير طور مليا. انهن جي آمدنيءَ تي هن هيٺينءَ طرح پنهنجي پٽن جون تنخواهون جاري ڪرايون: سيد فخرالدين ۽ سيد يارمحمد ۷۸-۱۴ رپيا، ۽ سيد علي شير ۽ سيد ضياءالدين ۷۲-۰-۰ رپيا.

ڪلهوڙن بعد ٽالپرن به ساڳيءَ طرح هن خاندان جي جاگيرن، تنخواهن، وظيفن، ۽ ٻين انعامن اڪرامن کي جاري رکيو. ميان نورمحمد جي زماني کان وٺي ٽالپرن جي ابتدائي دور تائين، کي اهڙا فرمان به ملن ٿا، جن ۾ روزانه وظيفي ڏيڻ جو به ذڪر آهي. ميان غلام شاهه جي هڪ فرمان (مرقوم ۱۱۷۲هه) مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان نورمحمد کان وٺي سيد عزت الله جو روزينو جاري هو، جيڪو غلام شاهه جي تخت نشينيءَ بعد ميرعلي شير جي نالي منتقل ٿيو. ۱۱۸۸هه ۾ ميان سرفراز جي فرمان ۾ ٻه ان جي تصديق ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح، ۱۱۹۱هه ۾، ميان عبدالنبي به ساڳيو روزينو جاري رکيو. ساڳئي سال جي ٻئي هڪ پرواني مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان عبدالنبيءَ، ميرعلي شير جي پٽ مير غلام علي "مائل" جو ٻارهن رپيا درماهو وظيفو جاري ڪيو هو.

۱۱۹۷هه ۾، مير فتح علي خان- فاتح سنڌ- ميرعلي شير جي نالي هڪ پروانو ڪڍيو، جنهن ۾ ۴۲ رپيا "بعد اجارهٔ مير بحري(؟)" عنايت ڪرڻ جو ذڪر آهي، ۽ اهو وظيفو ڪلهوڙن جي زماني کان مير صاحب جي نالي هلندو ٿي آيو. ۱۱۹۸هه ۾ مير فتح علي خان هڪ فرمان ڪڍيو، جنهن مطابق ميرعلي شير کي هدايت ڪئي وئي ته جنهن صورت ۾ حيدرآباد سرڪار جي حصي ۾ سنڌ جو اڌ ملڪ آهي، تنهنڪري اها سرڪار کيس مقرر ٿيل وظيفن جو آئيندي اڌ ڏيندي؛ ۽ باقي اڌ مير سهراب، مير ٺاري ۽ مير ٻاگي کان کيس وٺڻ گهرجي.

ڪلهوڙن جي زماني کان جيڪي ستر رپيا بطور وظيفي جي مير علي شير ۽ مير ضياءالدين کي ملندا هئا، سي مير فتح علي خان جي دور ۾ پنهي ڀائرن جدا جدا ڪرائي پنهنجن نالن تي پروانا ورتا- چنانچه ٧٠ رپين مان ٤٢ رپيا مير علي شير ورتا، ۽ باقي مير ضياءالدين ولندو رهيو. ١٢٥٣هه جي هڪ فرمان مان معلوم ٿئي ٿو ته مير نورمحمد خان جي زماني ۾ انهيءَ ساڳئي وظيفي جو هڪ حصو مير علي شير جي پوٽي مير صابرعلي ولد مير غلام علي "مائل" کي ٦-٥-٧ روپين جي صورت ۾ درماهو ملندو هو. ١٢٥٥هه ۾، مير محمدخان اڌائي آنن جو اضافو ڪري پورا ساڍا ست رپيا درماهو ڏيڻ جو پروانو جاري ڪيو، ۽ ڪوري ضرب مان ڦيرائي سورتي ضرب يعني انگريزي سڪي ۾ ڏيڻو ڪيو.

اها آهي مير صاحب ۽ آن جي خاندان جي معاشي پهلوءَ جي منتشر معلومات، جنهن کي اسان مختلف سَنَدن جي ذريعي يڪجا ڪري، پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. اگرچ مٿيان انگ اکر مير صاحب جي، مڪمل آمدنيءَ جو خاڪو پيش ڪري ڪونه ٿا سگهن، تاهم اسان هن نتيجي تي پهچون ٿا ته مير صاحب جو خاندان فارغ البال ۽ نهايت خوشحال هو. سندن گذر بسر نهايت ڪشادگيءَ ۽ عزت آبروءَ سان ٿيندو هو. سيني حڪمرانن انهيءَ خاندان جي عزت ڪئي، وظيفا ڏنائون، جاگيرون جاري ڪيائون، درماها ۽ روزينا عطا ڪيائون، ۽ وقت بوقت جيڪي انعام اڪرام ۽ خلعتون ۽ ٻهرائيون ملنديون ٿي رهيون، سي ان کان علاوه هيون*.

* اها خوشحالي، اها عزت ۽ آبرو، انگريزي دور تائين رهندي آئي. چوڏهين صدي هجريءَ جي شروعات ۾، مير علي شير جو پوٽو مير صابرعلي شاهه ثاني زنده هو، جنهن کي نه فقط شهر ۾ عزت هئي، بلڪ انگريز سرڪار وٽ به ڪيس هر طرح جي آبرو حاصل هئي-چنانچه انگريزن هندوستان جي مکيه ماڻهن متعلق جيڪو ٽن جلدن ۾ ضخيم ڪتاب شايع ڪيو آهي، ان ۾ سيد صاحب جو به فوٽو ڏنو ويو آهي.

میر صاحب جي دور جو سياسي پس منظر: مير قانع ، جيئن اسان منهي ڄاڻائي آيا آهيون، ميان نورمحمد جي دور حڪومت ۾ پيدا ٿيو. سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو دهليءَ جي بالادستيءَ کان ته آزاد ٿيا، ليڪن نادر جي اچڻ، سنڌس لٽ ڦر، ۽ آخر ۾ افغانستان جو باجگذار بنائي وڃڻ، سنڌ ين کي آزادي ماڻڻ ڪانه ڏني- گويا سنڌ جي زبردستيءَ واري قطب نما جو رخ دهليءَ کان ڦري افغانستان طرف ٿي ويو، ۽ فرق فقط هي ٿيو ته دهليءَ جي سنڌ تي گورنرن جي ذريعي براه راست حڪومت هلندي هئي، ۽ هن کان پوءِ اندروني طرح سنڌ آزاد رهندي به افغانستان جو ڍل-ڀرو صوبو ٿي وئي، ۽ بجاءِ گورنرن جي، ڍل جي وصوليءَ ۽ عام نظرداريءَ لاءِ افغاني وڪيل اچڻ لڳا.

ميان نورمحمد جي وفات (١١٦٧ هه) تائين، سنڌ جي حڪمران خاندان ۾ خير جي گذرندي رهي، ليڪن هن جي اکين بند ڪرڻ بعد، تخت و تاج جي سلسلي ۾، رفتي رفتي آويزش جي ابتدا ٿي. ميان غلام شاه جي دور ۾ (١١٧٠-١١٨٦ هه) ڪا خاص خرابي ڪانه ٿي. مير عليشير تاريخ نويسيءَ جي عهدي تي ڪجهه سال پنهنجو وقت سٺو بسر ڪيو، ليڪن ١١٨٦ هه کان پوءِ، جو حڪمران خاندان ۾ خونريزي ۽ ملڪ ۾ انتشار جي ڪيفيت قائم ٿي، تنهن ١١٩٨ هه تائين سنڌ کي برابر تباهه ۽ تاراج ڪيو. انهن ٻارهن تيرهن سالن جي عرصي ۾ سنڌ جي تخت و تاج ڪيترن حڪمرانن جي مسند آرائي ڏٺي، ۽ ڪيترن شهزادن جا ڪنڌ ڪپيا ۽ ٽالپور سردارن مان ڪيترا ڪونڌر ڪسندا ڏٺا. سرفراز تقريباً ٽي سال حڪومت ماڻي؛ محمد خان چند مهينا مسند جو مزو ورتو؛ غلام نبيءَ ڏيڍ سال ڪن تخت نشيني ڪئي؛ عبدالنبيءَ تقريباً ساڍا ٽي سال واڳ ورتي؛ صادق عليءَ چند مهينا؛ ۽ ان کان پوءِ دوبارو عبدالنبيءَ قبضو ڪيو، ۽ پنجن سالن ۾ اعا ڪشت و خون ڪيائين. جو سنڌ جي بدنصيبيءَ ۽ بربادي تي نه فقط پنهنجن رت رنو، بلڪ ڌارين جي اکين مان به لڙڪ وهي نڪتا.

ٽالپر سردار، جيڪي حقيقي طرح حڪومت جا قوت بازو هئا، تن مان ڪيترا سربراهہ ناحق خون ٿيا. مير بهرام ۽ سندس فرزند مير صوبدار خان ميان سرفراز جي چرچ تي بنا سبب قتل ڪيا ويا؛ ميان غلام نبيءَ ڀيريون پنهنجي خاندان جا پنج شاهزادا ڪهرايا - محمد سرفراز، محمد خان، محمود خان ۽ ٻيا. انهيءَ دردناڪ واقعي تي ڪنهن شاعر هيٺين نادر تاريخ چئي:

از گلِ باغِ عباسي پنج کم*

ٽالپر اميرن جي شهادت جو سلسلو بہ ساڳئي وقت جاري رهيو: مير بجار کي ڏوڪو ڏئي شهيد ڪرايو ويو†؛ مير عبدالله ۽ مير فتح خان بہ ساڳيءَ طرح ١١٩٧ ھ ۾ نهايت بيدرديءَ سان قتل ڪرايا ويا.

ٽالپرن جي بيگناه خونن نہ فقط بلوچ قوم کي بغاوت تي آمادو ڪيو، بلڪ سڄيءَ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي انهيءَ ظالم حڪمران جي خلاف باهہ ٻري وئي. چنانچہ ١١٩٨ ھ ۾ هالا ڻيءَ جي ميدان تي حاڪم ۽ محڪومن جو معرڪو ٿيو، جنهن ۾ حاڪم کي شڪست ۽ محڪومن کي فتح نصيب ٿي؛ سنڌ جي واڳ ٽالپرن جي هٿ ۾ آئي، ۽ ڪلهوڙا هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا.

ميان عبدالنبيءَ خانہ جنگيءَ سبب افغان حڪومت کان مدد ورتي. اُن حڪومت جو ظالم ترين سردار، مدد خان افغان، سنڌ ڏانهن موڪليو ويو، جنهن ١١٩٤ ھ ۾ هتي پهچي، سموريءَ سنڌ کي تهہ و بالا، ناس ۽ نابود ڪري ڇڏيو. انهيءَ مدد خان جي ڪاهہ

---

* اهو نهايت ئي نادر تعميہ آهي. مٿين مصرع جا عدد ١١٩١ ھ آهن.

† مير بجار وزير اعظم هو، سندس شهادت جي تاريخ هن ريت آهي:

از سرِ افسوس گفتا هاتفم «مير شد از جمدرِ هندو شهيد»

١ + ١١٩٣ = ١١٩٤ھ

«بمحفلِ شهدا جلوه کرد مير بجار» - ١١٩٤ ھ

سنڌ ۾ ڪي ايترو متاثر ڪيو، جو ڪيترا سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون اڄ تائين انهيءَ دور جي يادگار طور موجود آهن-

"گهوڙا ڙي گهوڙا!"

"گهل ڙي گهل!"

"مدد ته پٺيان ڪونه اٺي!"

فارسي گو شاعرن چيو:

"اي داد، از ظالم بيداديءِ منجوس"- سنه ۱۱۹۴ هه

"چنان هول در ملک سند اوفتاد که هولِ قيامت بداده زياد"

ڪنهن شاعر انهيءَ ظالم جي وڃڻ جي تاريخ ڪڍي:

"بشر بود رفت"- سنه ۱۱۹۴ هه.

سنڌ ۾ ايتري لٽ ڦر ٿي، انهيءَ حد تائين خوف رهيو، ۽ ايترا گهر، خاندانيون ۽ ڳوٺ تباهه ٿيا، جو چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي خون آشامين ۽ تيمور جي عالم سوزين ۽ هلاڪت آفرينين جي ياد تازي ٿي وئي. سنڌ انهيءَ قسم جي تباهي ڪڏهن ڪانه ڏني هئي؛ دهليءَ تي نادر ۽ بغداد تي هلاڪوءَ ۾ اهڙي بربادي ڪانه آندي، جهڙي ميان عبدالنبيءَ مدد خان جي ذريعي سنڌ تي آندي.

اهوئي زمانو هو، جڏهن عمادالملڪ، غازي‌الدين نظام*، سنڌ ۾ آيو، ۽ تباهي ۽ بربادي‌ءَ جا هولناڪ منظر اکين سان ڏسي ايترقدر متاثر ٿيو، جو اهڙوئي دردناڪ مرثيو چيائين، جهڙو حضرت سعديءَ بغداد جي بربادي‌ءَ تي چيو هو:

"در سند چه فتنه و بلا شد گوئي که قيامتي بپا شد
چون سند که مامن جهان بود اي آه! چه گويمت چها شد

* مير شهاب‌الدين (خان بهادر، وزيرالممالڪ، عمادالملڪ، عمادالدوله، نصرت جنگ، غازي‌الدين خان ثالث)، بن امير الامرا حافظ محمد پناه (عمادالملڪ، فيروز جنگ غازي‌الدين خان ثاني)، ابن مير قمرالدين (خان بهادر، نظام‌الملڪ آصف جاه اول، بانيءِ سلطنت آصفيه- سنڌس تخلص "نظام" هو) ۱۱۹۵هه ۾ سنڌ آيو، ۽ چاهتر سالن جي عمر ۾، ۱۲۱۵هه جو، انتقال ڪيائين.

هر خانہ بخاک شد برابر | هر صاحب دولتي گدا شد
هر تاجوري برهنہ برگشت | هر ماہ سري برهنہ پا شد
تا ناموران بہ بند افتند | سر رشتۂ صبر دل رها شد
مادر ز پسر، پسر ز مادر | سر از تن و تن از سر جدا شد
منعم پيءَ مشت آرد يک سير | سر گردان هم چو آسيا شد
گل رويان را ز خار صحرا | خونِ کفِ پاي خود حنا شد
هر پرده نشين کنج عصمت | بي برقعہ و معجر و ردا شد
زرها بہ نثار حفظ جان رفت | جانها بر آبرو فدا شد
رفت از همہ هرچہ در گرہ بود | زين گونہ فلک گرہ ڪشا شد
يڪ ظلم نہ شد ڪہ شد دو صد ظلم | يڪ کار نہ شد ڪہ ڪارها شد
بر اهل زمين عجب بلائي | يڪ مرتبہ نازل از سما شد
دل خون شد زين ستمگري چند | هر چند ڪہ جملہ از قضا شد
بي ستري طرفہ آہ! صد آہ! | بر سيدها و پارسا شد
از امت مصطفي چہ ظلمي | امروز بر آل مصطفي شد
امروز پس از هزار و صد سال | احوال عراق رونما شد
جستم چو "نظام" سال تاريخ | از هاتف غيبي ام ندا شد

ڪاي بندہ اهل بيت بشنو
"... ڪہ سند ڪربلا شد"

اهو سڄو ملڪي ۽ سياسي پس منظر آهي انهيءَ منيءَ صديءَ جو، جنهن ۾ مير علي شير اکيون کوليون، پليو، ڀروان چڙهيو؛ تعليم حاصل ڪري، علم جي انتهائي اوج تي پهتو؛ شعر و سخن جو شغل ڪندو رهيو؛ ۽ تصنيف تاليف ڪي پنهنجو اوڇڻ ۽ اوڍڻ بڻائي، زندگي بسر ڪندو رهيو. سواءِ انهن چند سالن جي، جيڪي هن ميان غلام شاه وٽ تاريخ نويسيءَ جي عهدي تي گذاريا - باقي سڄي زندگي آزاديءَ سان بسر ڪندو رهيو. انهيءَ بادشاه گرديءَ ۾ ڪنهن کي طاقت هئي، جو درباري ملازمت جو بار سر تي کڻي، سازشن ۽ منصوبن ۾ حصو وٺي ۽ خون خرابيءَ، قتل ۽ غارتگريءَ کي اکين ڏسندو رهي!

مير صاحب جي غير معمولي شخصيت ۽ بيپناه صلاحيت جو هن مان اندازو ٿئي ٿو ته انهيءَ سموري دور جي سڀني بلائن، آفتن ۽ اندوهناڪين جي هوندي به سندس سڪون قلب ضايع ۽ اطمينان دل غارت نه ٿيو. هن بزرگ دنيا جهان جي جهيڙن، ملڪي تباهين ۽ هلاڪت خيزين کي ڏسندي به، سڀني ڳالهين کي پس پشت وجهي، اکين کي بند ڪري، ڪنن ۾ ڪپهه ڏئي، تصنيف ۽ تاليف جاري رکي؛ ۽ پنهنجي خالص علمي ۽ ادبي زندگيءَ کي برباد نه ڪيو. ۽ ۱۲ ورهين جي زندگيءَ کان وٺي جهان ڇڏڻ واري سال کان هڪ سال اڳ تائين، برابر دماغ ۽ قلم هلائيندو آيو، ۽ هزارن ورقن جو عظيم الشان ادبي ذخيرو سنڌ جي آئيندي نسلن لاءِ ڏيئي ويو.

سير و سفر: مير صاحب جي سموري زندگي سراسر علمي هئي؛ تنهنڪري پانئجي ٿو ته هن پنهنجو وقت دنيا جي پين مشغلن ۾ ڪونه وڃايو، ۽ گهڻو ڪري گهر ۾ رهي، تصنيف تاليف ڪندو رهيو- سواءِ هڪ معمولي وقفي جي، جنهن ۾ هن کي نامعلوم سببن ڪري سورت، چار ننگر ۽ پڄ جو سفر درپيش آيو.

"تحفة الڪرام" (ج ۲، ص ۳۳) ۽ "مقالات الشعرا" مان معلوم ٿئي ٿو ته ۱۱۶۰هه ۾ هو سورت ۾ ويو، جتي مير سعدالله سورتيءَ ۽ ان جي فرزند مير عبدالوالي "عزلت" سان سندس ملاقات ٿي؛ ۽ انهيءَ سفر ۾ چند پين اهل علم بزرگن سان به سندس صحبتون ۽ رهاڻيون ٿيون - جهڙوڪ "رضائي" شاعر سورت کان لاهري بندر تائين ساڻس پيڙيءَ ۾ گڏيو آيو ("مقالات الشعرا"، ص ۱۰۹): محمد اڪرم اصل ٺٽي جو شاعر هو، ليڪن سندس زندگي دهلي، دکن ۽ سورت ۾ مختلف سرڪاري منصبن تي گذري - مير صاحب جڏهن سورت کان وطن واپس ٿيو، ان وقت محمد اڪرم به ساڻس گڏيو آيو: واٽ تي پيڙو ٻي ڏينهن ۽ ٻي راتيون طوفان جي گرداب ۾ ڦاٿو، ۽ اهڙي

نااميديءَ جي حالت ٿي، جو مير صاحب ان کي "حادثہءِ عظيم" تصور ڪندي لکي ٿو:

"ڪ خلاصي از آن تهلڪہ، محض بفضل حقيقي صورت بست".

انهيءَ مصيبت ۾ محمد اڪرم هيٺيون شعر حسب حال چيو:

در ميان آب و آتش همچو گل ڪشتيءِ اميد ما دارد شنا
گر نہ فضل حق نمايد رهبري نيست مخلص از چنين جوش بلا

-("مقالات الشعرا"، ۳۴)

"تحفة الطاهرين" جي مصنف شيخ محمد اعظم ٺٽويءَ جي ملاقات بہ ساڻس سورت ۾ ٿي. اهو بزرگ بہ انهيءَ زماني ۾ سورت منجهہ مقيم هو.

چام ننگر عرف اسلام آباد کي بہ مير صاحب انهيءَ سفر جي دوران ۾ ڏٺو؛ ۽ اتي ئي سندس ملاقات محمد عاقل "ابلہ" جهوناڳڙهيءَ سان ٿي، جيڪو صاحب شاعر ۽ ٺٽي جي ميان ابوالقاسم جو شاگرد هو.-("مقالات الشعرا"، ۲۶).

اهڙيءَ طرح، غالباً ساڳئي سفر ۾، جڏهن سيد صاحب پچ ننگر ويو، تڏهن سندس ملاقات هڪ ايراني شاعر "هوشيار" صفاهانيءَ سان ٿي، جيڪو پوءِ ٺٽي بہ آيو، ۽ اتان وري هندوستان هليو ويو.-("مقالات الشعرا"، ۳۱۱). بندر سورت کان موٽندي، سيد صاحب سان گڏ "مفلس" شاعر بہ پيڙيءَ ۾ همسفر هو، جيڪو سنڌ ڏانهن قلندر لعل شهباز جي زيارت لاءِ ٿي آيو.-("مقالات الشعرا"، ۲۶۵).

گجرات سان، انهيءَ سفر کان پوءِ، مير صاحب جي ڪافي دلچسپي پيدا ٿي، ۽ ان کان پوءِ جيڪي بہ خاص واقعات انهيءَ طرف ٿيندا هئا، انهن تي مير صاحب تاريخي قطعا ۽ شعر تصنيف ڪندو هو.

نورالدين محمد، معروف به مومن خان، ۱۱۷۰ھ گجرات تي قابض ٿيو، تہ مير صاحب تاريخ چئي:

چو شد نواب مومن خان بگجرات ز ڪفر ڪافران گرديد خالي*

*نواب مومن خان جا عدد ۸۴۶ ٿيا؛ ان ۾ گجرات جا ۹۲۴ ملائبا تہ ۱۴۷۰ ٿيندا؛ ڪفر جا ۳۰۰ عدد وضع ڪبا تہ سال ۱۱۷۰ھ برآمد ٿيندو.- "مقالات الشعرا"، ص ۱۵۴.

۱۱۹۵ھ ۾ بندر سورت جي حاڪم نواب صفدر محمد خان جو پٽ وقارمحمد خان فوت ٿيو. ميرصاحب هيٺين طرح سندس تاريخ ڪڍي:
"فلا خوف عليهم ولاهم يحزنون"*

مطالعي جو شوق: مير صاحب جو دور جيتري قدر سياسي ۽ ملڪي حالتن سبب اونداهو ۽ اندوهناڪ هو، ايتري قدر علمي ۽ ثقافتي لحاظ سان روشن ۽ خوشگوار هو. هڪ ئي وقت سوين مدرسا علم آموزيءَ لاءِ آباد هئا؛ هرهڪ گهراڻو ۽ هرهڪ فرد علم جو مرڪز ۽ منبع هو. هرعلم دوست جي اوطاق ۽ بيٺڪ "اڪيڊمي" جو ڪم ڏيندي هئي. هرهڪ عالم، اديب ۽ شاعر وٽ جدا جدا ڪتبخانا هوندا هئا. گهرن ۽ اوطاقن ۾، رستن تي، دڪانن ۽ بازارن جي چوراهن تي، علم پرورن جون ملاقاتون، صحبتون، مجلسون ۽ مشاعرا، صبح شام ۽ رات ڏينهن ٿيندا رهندا هئا. هڪ ئي وقت مخدوم محمد هاشم (متوفي ۱۱۷۴ھ)، مخدوم محمد معين (متوفي ۱۱۶۱ھ)، مخدوم ضياءالدين، ميان نعمت الله، ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع، ۽ آخوند ابوالحسن جهڙا يگانهءِ روزگار عالم، ۽ مير "محسن" (متوفي ۱۱۶۳ھ)، غلام علي "مداح"، بالچند "آزاد"، شيوڪ رام "عطارد"، شيخ محمد محفوظ "سرخوش"، غلام علي "موبن"، محمد پناه "رجا"، مير ابوالبقا "بهرورعلي" ۽ مير ابو تراب "ڪامل" جهڙا نغزگو شاعر ٺٽي جي شهر ۾ موجود هئا، جن مان هرهڪ پنهنجي دور جو "غزالي" ۽ "دواني"، "سعدي" ۽ "انوري" هو.

اهي سڀ بزرگ پاڻ صاحب تصانيف ۽ صاحب دواوين هئا؛ انهن مان هرهڪ کي جدا جدا ڪتبخانو هوندو هو، جنهن مان نه فقط پاڻ فائدو وٺندا هئا، بلڪ دوست احباب به وقت بوقت استفادو ڪندا رهندا هئا؛ انهن مان هرهڪ بزرگ جي اوطاق "دارالمصنفين" ۽ "ندوة المصنفين" هوندي هئي؛ ۽ هرهڪ استاد ۽ عالم جو مدرسو، "دارالعلوم ديوبند" ۽ "ندوة العلوم" هو.

* "مقالات الشعرا"، ص ۲۸۰

مير علي شير کي اهڙا معاصر مليا؛ انهيءَ قسم جا همعصر شاعر مليا؛ ۽ اهڙا علمي فضا ۽ ادبي ماحول نصيب ٿيو. هن علمي صحبتن ۽ ادبي مجلسن جو پورو پورو فائدو حاصل ڪيو. انهن مدرسن ۾ هن علم پرايو؛ ۽ انهن دارالعلومن ۾ هن عربي ۽ فارسي زبانن تي قدرت ڪامله حاصل ڪئي؛ ۽ انهن ڪتبخانن جي هرهڪ ڪتاب جي هن ورق گرداني ڪئي؛ ۽ ڪتابن جي هرهڪ جلد مان هن مطلب ۽ مواد اخذ ڪيو. ڪتبخانا نه فقط هن پئي جا ڏٺا، بلڪ خود سندس پنهنجو ذاتي ڪتبخانو ايڏو عظيم الشان هو، ۽ ان ۾ ايترا نادر مخطوطا موجود هئا، جو اج به ان جي فهرست ۽ ان جا باقي بچيل ڪتاب پڙهي ۽ ڏسي حيرت وٺيو وڃي ٿي *.

مير صاحب جي مطالعي جي شوق، ۽ ٺٽي ۾ ڪتابن جي فراوانيءَ ۽ دستيابيءَ جو اندازو تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن سندس پنهنجي تصنيفن ۾ اهڙن اهڙن ڪتابن جا حوالا پڙهجن ٿا، جن مان اج به ڪيترا ناياب ۽ نادرالوجود آهن.

تاريخ فرشته، طبقات اڪبري، منتخب التواريخ، ده ساله عالمگيري، آئين اڪبري، روضة الصفا، حبيب السير، مراة احمدي، مراة سڪندري، خزانهء عامره، يد بيضا، تذڪرهء واله داغستاني، هفت اقليم ابن رازي، ڪلمات الشعرا، مجالس المومنين، وغيره - تاريخون ۽ تذڪرا، تصنيف تاليف ڪندي، مير صاحب جي پيش نظر هئا.

ايراني خواه هندوستاني شاعرن مان ڪيترن جا ديوان مير صاحب وٽ موجود هئا. اهڙيءَ طرح سنڌ جي تقريباً سيني مصنفن جون تصنيفون به سندس پيش نظر هيون. تاريخ معصومي، طاهري، بيگلر نامه، ترخان نامه، تذڪرة المراد، آداب المريدين، حديقة الاوليا، ڪان سواءِ

---

* ٺٽي جي ڪتبخانن جون فهرستون، ايليٽ جي فائلن ۾، برٽش ميوزم ۾ موجود آهن. مير صاحب جي ڪتبخاني جا ڪيترا ڪتاب "سنڌي ادبي بورڊ" ۾ محفوظ آهن.

ڪيترا ديوان ۽ گهڻو ڪري سيندين جون سيئي مذهبي تصنيفون سندس مطالعي ۾ رهيون هيون. "طومار سلاسل گزيده" تيار ڪرڻ وقت، طريقت جي بزرگن جون گهڻو ڪري سيئي ملفوظاتيون، ۽ سلسلءِ طريقت جون اسناد ڏٺيون هئائين. ملفوظات مخدوم جهانيان، منهاج العباد- شيخ سعدالدين، تحفةالبررـ شيخ مجدالدين بغدادي، بحرالدقائق شافعي، ڪتاب استعداد الاخرة، به انهيءَ ڪتاب جي ماخذن مان آهن.

پنهنجي ايراني بزرگن جون به گهڻو ڪري سيئي تصنيفون پڙهيون هئائين ـ جيئن ته امير غياث الدين منصور جا تصنيف ٿيل ڪيترا ڪتاب سندس نظر مان گذريا هئا. "طبقات ابن سعد" جهڙو نادر ۽ ناياب ڪتاب، جيڪو اڄ ڇپجي ڪان پوءِ به ايتري قدر نادرالوجود آهي، جو اسان جي ملڪ جا گهڻو ڪري سيئي ڪتبخانا ان ڪان محروم آهن، اڄ ڪان ٻه سو ورهيه اڳ ٺٽي ۾ مير صاحب جي مطالع مان گذريو ـ جيئن پاڻ هڪ هنڌ ("مقالات الشعرا"، ٢١٢) فرمائي ٿو ته "٢٥ ربيع الاول ١١٦٩ هه جو، مخدوم ضياءالدين ٺٽويءَ ڪان، 'طبقات ابن سعد' جو پيو جلد پڙهڻ لاءِ مستعار ورتم".

مير صاحب جو علمي ورثو

تصانيف: مير علي شير جي زندگيءَ جو مقصد فقط تصنيف تاليف هوـ جئن اسين مٿي ڄاڻائي آيا آهيون. هن ١٢ ورهن جي ڄمار ۾ قلم ۽ ڪاغذ ڪنيو، ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ان کي هٿ مان نه ڇڏيائين. صحيح پتو ڪونه ٿو پوي ته هن ڪيترا ڪتاب لکيا، ليڪن "مقالات الشعرا"، "فهرست ڪتبخانه ٺٽه" (برٽش ميوزم O. R. 2073) ۽ "تحفة الڪرام" (مملوڪ خان بهادر مولوي محمد شفيع، لاهور) مان جن ڪتابن جا نالا ملن ٿا، انهن جو تعداد ٣٤ آهي. ڪيترا ڪتاب اڌورا به هئا، جن جا مسودا نامڪمل رهجي وياـ جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

"اڪثر مسودات بهرجا ڪه ماندند، ماندند"ـ("مقالات الشعرا"، ٢١٤)

۱۱۷۴ھ ۾ "مقالات الشعرا" تصنيف ڪيائين. ان ۾ لکي ٿو ته "الي الحال اگر بجمع شعر مي پرداخت تا مي (۳۰) هزار بيت ڪم و بيش رسيده مي بود"- گويا مٿين سال تائين جيڪي هن شعر چيو، سو به گڏ ڪونه ڪيائين، جن جو تعداد ڪم و بيش ٽيهه هزار ٿئي ها. اهڙيءَ طرح، ۱۱۷۳ھ کان وٺي ۱۲۰۲ھ تائين، ۲۸ سال پورا به، اهو سلسلو جاري رکيائين: خبر نه آهي ته ان مان ڪيترو ضايع ٿيو ۽ ڪيترو بچيو. بهرحال جن ڪتابن جا نالا معلوم ٿيا آهن، يا ڪتاب دستياب ٿيل آهن، انهن جو ذڪر سال تصنيف جي ترتيب سان هن هيٺ ڪجي ٿو.

(۱) "ديوان علي شير"- (۱۱۵۲ھ): ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ هي ديوان مرتب ڪيائين، جنهن کي نامعلوم سببن ڪري درياه ۾ لوڙهي، ايندڙ ٻه سال، ۱۱۵۴-۵۳ھ، شعر چوڻ ڇڏي ڏنائين؛ هن ۾ نالو تخلص طور استعمال ڪندو رهيو.

(۲) "مثنوي شمع از قدر حق"- (۱۱۶۵ھ): مثنويءَ جو نالو تاريخي آهي- سال تصنيف ۱۱۶۵ھ ان مان برآمد ٿئي ٿو. انهيءَ مثنويءَ جو ڪوبه نسخو موجود نه آهي. ڀانئجي ٿو ته مثنويءَ ۾ ڪو قصو بيان ڪيل آهي. "مقالات الشعرا" ۾ نمونتاً چند شعر ڏنا ويا آهن، جن مان مٿيون قياس ٿئي ٿو:

- در تعريف بر دڪان نشستن آن جوهري پسر-

پسر چون دڪاندار شد در ديار چو خورشيد اندر حمل بسته بار
ڪفش بر ترازو چو گشتي فرو قمر در ترازو مڪان يافت گو

- قطعات لعل امانت فقرا را جوهري پسر درستون مخفي ساخته-

ستون گشته ڪان بدخشان سپس برو رشڪ بروي بسي ڪان سپس
چو در راستي بوده پا استوار شده زادگان خورش در ڪنار

(۳) "مثنوي قضا و قدر"- (۱۱۶۷ھ): "گل از بهار قضا" مان اهو سال تصنيف برآمد ٿئي ٿو. ڪوبه نسخو موجود نه آهي. "مقالات الشعرا" ۾ هيٺيان اقتباس ڏنل آهن:

ـ در صفت کشمیر ـ

خور اندر سبزه زارش شپره وار — نیارست آنکه بیند روی انوار
گر آید بالمثل مه در زمینش — کند گلچین غلط با یاسمینش
ببوی بوی شبویش زهر باد — گل خورشید گیرد غنچگی یاد
گهي تقریر وصفِ زعفران زار — لب از خنده نیابد راه گفتار
زبس سرّوش بازادي علم شد — ثمر در نخلهایش وقف هم شد
طلای آفتاب آنجا است پر غش — زبش در بوتهٔ گل دیده آتش
تونگر گردد آن کو بار دارد — گلستانش گل دینار دارد

ـ در صفت خوبرویان چین ـ

ز روي گلرخانش چشم خورشید — زبس گستاخ بین افتاد جوشید
ز گفتارِ ملاحت ریز خوبان — بگیرد عندلیب آتش بد امان
ز فر جبهٔ شان حسن آداب — نماید همچو در مینار میٔ ناب
مه نو تا به ابرو یافت نسبت — همي بالد بخود از فرط بهجت
مگر دست قضا از صنع ایزد — لطافت جمله اندر ساعدش زد
ز روی بیت صدرِ شان توان یافت — معاني را که اندر دل همان یافت
نهد از پشت بر دیوار چون مست — توانِ دریافت نقش او چه چیز است
گهي نظاره خوبیٔ هر ماه — تماشائي بر آرد الله الله

ـ صفت هند و نغمه نوازان هند ـ

بپا کوبیٔ رقاصان مه وش — فتد نظاره را نعل اندرِ آتش
صلای باده نوشي اندرو عام — بود خورشید آنجا صورت جام
مدام اندر وي از صافیٔ مهتاب — مه نو هر شب آفزاید میٔ ناب
مگو اختر که رخشانند هر شام — خم گردون شراب انداخت در جام
بهار نشهٔ سرشار دارد — سرود آنجا عجب بازار دارد
هر آنکو بسته آهنگ حجاز ست — اجاز تونش از تار ساز ست
دف خورشید اندر دست زهرش — بپیش مطربش کمتر ز مهرش
بهر محفل که نا و نوش دارد — هوس بر سر پا پردوش دارد

- در وصف مصر و تعريف عمارتهايش -

وزد بادش اگر از جانب آب حباب از ياسمين گيرد فزون تاب
هوايش گر بروي هجر آيد ز شاخ خشک مرجان گل بر آيد
بدوش مشرق اندر وقت تعمير فلک مي ريخت آهک از تباشير
ازان خورشيد بر کف رعشه دارد که خواهد دستي از باشش بر آرد
که گچکاري از خورشيد تابان ستاند پنجه وازش دستگردان
بهر خشت عمارتهاش خورشيد براي اقتباسِ نور بوسيد
کمانِ طاقش از قوسِ قزح ساخت رواقش را چو بنّا منشرح ساخت
بود مهتاب آنجا آهکِ کرم سفيده صبح از خاکش کشد شرم

- رسيدن از خشکي بدريا و صفت آن -

دگر راه شتابيدن چو طي شد بجمله احتياجِ کشتيء شد
بلي کشتي گدايان را ضرور است که فاقه را بدو راهِ عبور است
مسافر را برطب و يابس است راه ز خشکي باز دريا گشت دلخواه
غبارِ ماندگي بست ابر در دل کنارِ بحر ماندم پاي در گل
چه بحر آن کز کمالِ پاکيء رنگ نهنگ چرک را زد قافيه تنگ

(ع) "نو آئين خيالات"- (١١٦٩ ﻫ): انهيءَ نالي مان سال تصنيف برآمد ٿئي ٿو. اهو ڪتاب نثر ۾ آهي. ڪوبہ نسخو موجود نہ آهي، جنهنڪري معلوم نہ ٿي سگهيو تہ ڪتاب ڪهڙي موضوع تي هو.

(ه) "مثنوي قصهء ڪامروپ"- (١١٦٩ ﻫ): هيءَ مثنوي بہ گم آهي. "مقالات الشعرا" ۾ لکي ٿو تہ تخميناً ٽي هزار بيت منجهس آهن، ۽ ١١٦٩ ﻫ ۾ تصنيف ڪيائين. "مقالات الشعرا" ۾ انهيءَ مثنويءَ جا هيٺيان اقتباس ڏنل آهن، جن مان نوعيت ۽ انداز معلوم ڪري سگهجي ٿو:

تا قدم از ارض رضاعت کشيد پايهء قدرش بعليين رسيد
قبضهء قدرش چو کمان گير شد ناوک دستش بفلک تير شد

بخت بلندش نہ شمارد یکي بلکہ کند سہو کہ جم بود وکي
بازوی قدرت چو فشردي بہ تیغ زهرهٔ رستم بزدي ژ یغ ژیغ

-در صفت چترسن مصور-

کز قلم موچو کشد مشکل باغ لالہ ز شنجرف بر آرد ایاغ
آب گہر درصدفش داشت جا تا ورق سبزه نماید اطلا
غنچهٔ تصویر وي از بوی فرح رایحهٔ خلد برین راست شرح
بر لبۂ تصویرش حرف نشاط گل کند از گوشهٔ صحن بساط
گر بمثل درکشود شکل آب نقطهٔ سہو قلمش دان حباب

-صفت صید گاه مینوشان-

آهکش از پرتو مہ بیش تاب در گچش آمیختہ رنگ سحاب
خشت پزانش پیٔ حسن نظر بستہ نمودند خمیر گہر
مخمل سبزه بہ هجومي کہ آب راه نمي یافت ببالین خواب
بر لب هر جدولش از موج آب نقش نشاط ابدي داشت تاب
بلبلش از نغمہ سرائي فرح از پي سیپارهٔ گل بستہ شرح
فاختۂ زاهد مشرب دران داشت بلب آیهٔ کوکو روان
حاجیٔ قمري ز پیٔ طوف سرو خواستہ احرام ز بال تذرو
پیر عصا درکف زنبق بنام داشت بصحن چمن آنجا خرام
موی دماغش ز بس آشفتہ بود بینیٔ وا کرده سخن مي نمود
از گل شب بوش گل آفتاب گریہ همي خواست کہ بوی آب
باد صبا داشت درو زرگري سکہ همي زد بزر جعفري

-در شکستن جهازات بطوفان-

یوسف مہ رفتہ تہ قعر چاه یونس شب حوت گرفتہ پناه
فتنہ بپا خواستہ در رنگ باد جوش زده بحر کہ طوفان فتاد
آتشي افروخت منقل حباب سوختہ هر خار وخسي را بر آب
ماهیٔ موج از اثر برق باد سینهٔ خود را بشر بر نهاد
جامہ بہ تن چاک زده ناخدا رفتہ زسکان سکون جملہ را

در کفِ ملاح ز بادي چنان — پنبهء حلاج شده بادبان
ديدهء گرداب ز بس کور بود — در طلبِ مردم پرشور بود
خورد شد آن جمله کشتي بر آب — در نفسي همچو سفالِ حباب
مردم خشکي همه آبي شدند — در چهِ آن بحر شتابي شدند

-در صفت جنگ-

صور صرافيل دميده چونائي — مغز هژبران بچکيده زنالي
بسکه بپا گشت دَمِ گاو دُم — گاو زمين و فلک انداخت سم
در کف هر برگ تبيره زنان — خون يلان بسته چو بيره زنان
بحر ستيز آنکه طوفان گرفت — پنجهء خورشيد ببحران گرفت
تير فلک ريخت برنگِ خدنگ — کاهکشان پا زده در تير لنگ
اژدرِ شمشير چو پر وار شد — هر طرف از زخم بهم غار شد
مغز پراگنده شد از عطسه تيغ — در سر پيکار کنان بيدريغ
گشت بپا تاکه طريدهِ ستيز — جان به برِ رستم شد ريز ريز
هر طرفي خاست ترنگا ترنگ — پنجهء خورشيد شده بر خدنگ
شور چقا چاق نهنگِ خدنگ — ريخت همي مغز دماغِ پلنگ
بسته بخون بود يلان را مگر — لاله صفت کرده سپر در سپر

-صفت مبارزت نانک چند جوهري-

تيغ بکف نانک چند جوهري — بود چو الماس پيء جان جري
تابزدي از سر غصه طريد — لعل ز فيروز همي شد پديد
داشته تيغش عمل کهربا — بهر خسيسان بجان در بلا

-صفت رزم دهنتو طبيب-

دهنتو آنجا که فشردي قدم — تيغش مي جسته زکف دم بدم
شربتِ مرگ از کفِ او موجزن — بوده پيء نوش عدو در زمن

-صفت جنگ رس رنگ کلاونت-

کرده چو رس رنگ سوی رزم راه — جسته ز چنگش اجل آنجا پناه
گوش مخالف، ز طريدش بخست — تيغ دو دستي بزدي همچو مست

کرده بقانون شجاعان نبرد از سر مردان چو اجل ريخت گرد
گرز گران در کفش از پردلي زمزمه خوان بود بنقشِ يلي

-صفت نبرد چترمن معمور-

چترمن آنکه که شدي رزم جو پای عدو بود گو اندر فرو
در کفِ او مانده عدو نقش وار بلکه چو تصوير بديوار يار
صفحهء صحرا ز کفش رنگ بست بسکه سرانِ سپه اندر شکست

-در فتح شاه و هزيمت دشمن-

شير علم ديده چو روباه شد بود ز جان سير بلا خواه شد
پرچمِ اقبال شه از بادِ فتح ترجمه مي بست باسناد فتح

(٦) "ديوان قانع"-(١١٧١هه): ديوان جو اهو تاريخي نالو آهي. منجهس غزل، قصيدا، مخمس، ترجيع بند، وغيره سيئي اصنافِ سخن موجود هئا. نو هزار شعرن جو هي مجموعو به زماني جي دستبرد تباهه ڪري ڇڏيو.

(٧) "ساقي نامه"-(١١٧٤هه): "ساقي نامه" جو انداز هي آهي:

بيا ساقيا زان مي‌ء ناب ده بلب تشنگان يکدمي آب ده
که در آتشم از خمار شراب باتش ز آتش توان داد آب
شب و روز در فکر آنم که کي شود جان اين مرده دل باز حي
گروهي که رفتند زين تيره خاک ندانم چه کردند باجانِ پاک
وضو را بآبِ عنب مي کنم نمازِ سرِ شام و شب مي کنم
همي بينم از دور محراب جام که پيشش صراحي است اندر قيام
باين قائم الليل دارم شروع که در سجده افتم ز بعدِ رکوع
موذن چو گلبانگ هي" در زند صراحي در جامِ مي در زند
در اخلاص مي چار قل بر زبان چو مينا دهم روح گريه کنان
مناجاتيان تا نيابند راه بکوی خرابات بردم پناه
مغني نواي که مستي دهد رهي زن که ذوقِ الستي دهد
چو در کاسهٔ سر نداريم آب لبم تر نمائي ز موجِ رباب

(٨) "واقعات حضرت شاه"-(١١٧٤هه): هن جو ذڪر به "مقالات الشعرا" ۾ آيو آهي، جنهنڪري پانئجي ٿو ته ١١٧٤هه کان اڳ جي تصنيف آهي. هن مثنويءَ ۾ هڪ هزار شعر هئا. نسخو ڪو به موجود نه آهي. ناليءَ هيٺين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ مثنوي ڪربلا جي واقعات ۾ آهي، ۽ منجهس مختلف بحرن ۾ شعر چيا ويا آهن.

مگر هلال که يک کشتي است طوفاني	تنور فتنه ز بس جوش کرده عماني
دو نيمه گشتهٔ دل روزگار روزِ عزا	يکي بزير زمين شد دگر بروي سما
زبس گريست محبان زين مصيبت خون	فتاد ناخنه در چشم ارزقِ گردون
پر از ستاره نباشد بچشم اندهناک	ز ناوک غم گشته مشبک اين افلاک
مگر که مهر بروي سما نمود طلوع	درين معامله چشم مسيح شد نگران
درِ آبي نبوده جز درِ تيغ	مگر از آسمان باريد اين ميغ
لباسِ چرخ زان گرديد نيلي	کزين جورِ زمانه خورد سيلي
بسر اندامِ خور از آن رعشه افتاد	که روزي کربلا مي باشدش ياد

(٩) "چهار منزله"-(١١٧٤هه): مصنف هن مثنويءَ جو ذڪر به "مقالات الشعرا" ۾ ڪيو آهي، جنهنڪري مثنوي ١١٧٤هه يا ان کان اڳ جي تصنيف پانئجي ٿي. هڪ هزار شعرن جي هيءَ مثنوي به گم ٿي وئي. هيٺين اقتباس مان اندازو ٿي سگهي ٿو:

-در صفت حلقه بيني-

بروي راست بينش حلقه ديدم	دکانِ حيرتم بر خويش چيده
کدامي بي ادب پيچيده بر راست	که شکل حلقهٔ بينيش پيداست
تامل کردم تا من خوب ديدم	بروي راست بيني سر کشيدم
سرش گردِ دهانِ يار الحق	طلوعِ آفتابست اين ز مشرق

- در شڪايت زمانه -

مرا از بي زري شد آنچه حاصل ندیده عشر آن قارون ته گل
مرا او را کرده زر مردود ایزد منم از بي زري در مردمان بد
بسي از دوستان در بي زري ام همين رانند اندر زرگري ام
همه اخوان بحق اخ نويسند شدم تا بينوا اخ اخ نمايند
کليم الله بفرض آيد اگر باز ازين قارون سرشتان نيستش ساز
کساني که چنين کالا کشيدند مگر از خانهء خالا کشيدند

(١٠) "تزويج نامهء حسن وعشق"-(١١٧٤هه): هي ڪتاب ١١٧٤هه کان اڳ جي تصنيف آهي. نه نسخو موجود آهي نه اقتباس، جنهن مان ڪتاب جي مضامين جو اندازو ڪري سگهجي: البته پاڻ لکي ٿو ته هن ۾ مقفيٰ ۽ مسجع نثر لکيو ويو آهي. عنوان مان معلوم ٿئي ٿو ته حسن ۽ عشق جي ميلاپ ۽ معاملات تي ادبي طور طريقي ۾ خيال آرائي ڪئي وئي هوندي.

(١١) "اشعارمتفرقه در صنايع و تاريخ"- (١١٧٤هه): هي هڪ جدا مجموعو، ڇاڪاڻ سال تائين مرتب ڪيو هئائين، جنهن ۾ تاريخي قطعا ۽ صنايع جا اشعار، هڪ هزار جي تعداد ۾ هئا. اهو نسخو به گم آهي.

(١٢) "بوستان بهار"-(١١٨٤هه)، معروف به "مڪلي نامه": "بوستان بهار تازهء دل" مان سال برآمد ٿئي ٿو. مڪليءَ جي منظرن ۽ مقبرن تي هن ۾ نظم ۽ مقفيٰ نثر ۾ شاعرانه خيال آرائي ڪئي وئي آهي. هن جو مسودو سنڌي ادبي بورڊ ۾ مصنف جي خط ۾ محفوظ آهي.

(١٣) "مقالات الشعرا"-(١١٦٤هه): مصنف لکي ٿو ته ١١٦٩هه ۾، جڏهن هو "مثنوي ڪامروپ" لکي رهيو هو، ان وقت ڪيس هن بيش بها تذڪري لکڻ جو خيال پيدا ٿيو. انهيءَ سال هن لکڻ شروع ڪيو، ۽ پنجن سالن جي ديده ريزيءَ ۽ محنت بعد ١١٧٤هه ۾ جوڙي تيار ڪيائين. تالي مان اختتام جو سال نڪري ٿو، ۽

جيڪڏهن ان مان ۽ عدد گهٽ ڪبا تہ تصنيف جي شروعات جو سال ۱۱٦۹ هہ معلوم ٿيندو. سنڌ جي فارسي گو شاعرن تي انهيءَ ڪان اڳ ڪوبہ تذڪرو ڪونہ هو. اهوئي پهريون ڪتاب آهي، جنهن مان سنڌ جي فارسي ادب جي تاريخ معلوم ڪري سگهجي ٿي. مير صاحب سينڌ ين ڪان سواءِ، هن ۾ انهن شاعرن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سنڌي النسل نہ هئا، بلڪ ٻاهران اچي سنڌ ۾ رهيا، يا سفر ڪندي سنڌ مان اچي لانگهائو ٿيا. هن تذڪري لکڻ ڪري، مير صاحب جو سنڌ تي اهو احسان عظيم آهي، جنهن جي بار ڪان سنڌي قيامت تائين آجا نٿا ٿي سگهن. مصنف جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود ۾ آهي؛ ۽ هڪ نسخو برٽش ميوزم ۾ بہ (ADD 21, 589) آهي، جيڪو ۱۲۴٦هہ ۾ مير مراد علي خان لکرايو. انهن ٻنهي نسخن جا نقل مون وٽ آهن؛ اِنهن ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ نسخو موجود نہ آهي.

(۱۴) "تاريخ عباسيہ"-(۱۱۷۵هہ): ميان غلام شاہ ۱۱۷۵ ۾ مير صاحب کي ڪلهوڙن جي تاريخ لکڻ لاءِ مقرر ڪيو. معلوم نہ آهي تہ مير صاحب ڪهڙن سببن ڪري ان کي مڪمل نہ ڪيو، ليڪن ان جي ڪتبخانن جي فهرست برٽش ميوزم ۾ (O.R.2073) آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪتاب جو گهڻو حصو لکجي چڪو هو. فهرست نگار لکي ٿو تہ

> "تاريخ عباسيہ' اعني در بيان ميان صاحبان ڪلهوره از ابتداى آمدن شان در سند، مع تحقيقات نسب اوشان، و تقرر زمينداري آن فرقہ در سند، و بدست رسيدن بانها حڪومت سند، و احوال و واقعات آن ايام، سيد علي شير قانع مرحوم در نظم و نثر تاليف و تصنيف ڪرده، و مسوده ناتمام از هر دو در ڪتبخانہ موجود۔نسخۂ نظم قريب بيست هزار ابيات."

(١٥) "تاريخ عباسيه"-(١١٧٥هه): مٿين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو نامڪمل نسخو به مير صاحب جي ڪتبخاني ۾ موجود هو، ۽ ان ۾ ويهه هزار اشعار هئا. پانئجي ٿو ته دستور مطابق اها تاريخ "شاه نامه" جي طرز تي ساڳئي ئي بحر ۾ لکي وئي هوندي. افسوس آهي جو هنن پنهي ڪتابن جا نسخا تلف ٿي ويا؛ ورنه انهيءَ دور جي تاريخ تي اهي ٻئي تاريخون مستند ماخذ جو ڪم ڏين ها. جنهن صورت ۾ مير صاحب انهيءَ دور جي تاريخ تي جدا ڪتاب لکي رهيو هو، تنهنڪري "تحفة الڪرام" ۾ ڪلهوڙن جو ذڪر نهايت سرسري محض هن طرح ڪيو اٿس ته

"ذڪر شان درطبقه علحده ميگردد، و بنابر مزيد فائده و اداي حقوق نمک ذکر از اصل مع بيان بزرگان اين سلسله مجملاً گذارش ميکند"

(١٦) "تحفة الڪرام"-(١١٨١هه): "مقالات الشعرا" کان پوءِ مير صاحب هي پيو ڪتاب معرڪي جو لکي، سنڌ ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ اهل علم مائهن تي عظيم احسان ڪيو. ڪتاب ٽن جلدن ۾ هيٺينءَ طرح وراهيل آهي:

جلد پهريون- انبيا، حڪما، بادشاه ۽ خلفاء اسلام جي حالات ۽ تاريخ ۾. چنانچه ٻئي جلد جي ابتدا ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته

"از تاليف مجلد اول تحفةالڪرام مشعر حالات خلاصه موجودات انبيا و اوصيا و حکما و خلفا و سلاطين فراغت يافته".

مطبوعه نسخي ۾ جيڪو پهريون جلد آهي، سو حقيقت ۾ "تحفة الڪرام" جو پهريون جلد نه آهي، بلڪ تاريخ "مراة احمدي" جي ٻئي جلد جا ٨٦ صفحا "تحفة الڪرام" جي عنوان سان ڪنهن ڇپائي ڇڏيا آهن. "مراة احمدي" ١٣٥٧هه ۾ مطبع فتح الڪريم بمبئي ۾ ڇپيو، جنهن جي ساڳئي ڇاپي جي ٨٦ صفحن کي علحده ڪري، غالباً ساڳئي پريس وارن ان تي "تحفة الڪرام" جو نالو لکي، بقيه ٻن جلدن سان پيوست ڪري ڇڏيو آهي.

ٻئي جلد کي ستن اقليمن ۾ ورهائي، ۽ هرهڪ اقليم جو تاريخي احوال ڏيئي، ۽ ان جي هرهڪ شهر جي بيان ڪرڻ بعد، انهيءَ شهر جي مشاهيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مير صاحب اگرچ لکيو آهي ته هن متقدمين ۽ متاخرين جون تصنيفون ڏسي، پڙهي ۽ پوءِ اهو جلد مرتب ڪيو آهي، ليڪن پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته امين رازيءَ جي "هفت اقليم" کي هن بنياد بڻايو آهي، ۽ مضمونن کان سواءِ ترتيب به ساڳي رکي اٿائين. اهڙيءَ طرح ٻئي نمبر ۾ "حبيب السير" ۽ "مجالس المومنين" تي هن مدار رکيو آهي؛ چنانچ پنهنجي بزرگن جي حالات جي سلسلي ۾، بنا حوالي، جي سموري عبارت لفظ بلفظ "مجالس المومنين" جي نقل ڪري ويو آهي- جيڪو طريقو تقريباً سڀني متوسطين خواه متاخرين جو هو.

مطبوعہ نسخي ۾ پيو جلد سنہ ١٣٠٤هه ۾ غالباً بمبئي مان شايع ڪيو ويو آهي.

ٽيون جلد حقيقت ۾ "تحفة الکرام" جو نهايت قيمتي آهي، ۽ سنڌ جي تاريخ تي گويا 'انسائيڪلو پيڊيا' جي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ جلد جي ابتدا ۾، سنڌ جي تاريخ شروع کان ڪلهوڙن جي زماني تائين بيان ڪئي ويئي آهي؛ ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي شهرن جو احوال، ۽ ان ۾ رهندڙ مشاهيرن جو تذڪرو آهي؛ آخر ۾ ٺٽي ۽ ان جي مشاهيرن جو مفصل ذڪر ڪيو ويو آهي. مير صاحب تاريخ جي سلسلي ۾ "چچ نامہ"، "معصومي"، "طاهري"، "بيگلر نامہ"، ۽ "ترخان نامہ" کي ماخذ بڻايو آهي؛ البت مشاهيرن جو تذڪرو، ۽ سنڌ جي قديم شهرن جي تاريخ تي هن جيڪا تحقيق ۽ تلاش ڪئي آهي، اها قابل داد ۽ اڻ وسرڻ جوڳي آهي. حقيقت ۾ محنت ۽ زحمت برداشت ڪرڻ ۾ مير صاحب ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اڄ کان پونا ٻه سؤ ورهيه اڳ مير صاحب اهو مواد گڏ نہ ڪري وڃي ها، تہ هوند مشاهيرن جي تذڪري ۽ شهرن جي

تاريخ جا سڀئي پهلو اڄ اسان جي اکين کان پوشيده، بلڪ سڄي ثقافتي ۽ علمي تاريخ گم هجي ها.

مطبوع- نسخي جو ٽيون جلد مطبع ناصريءَ دهليءَ ۾ ڇپيو آهي؛ ۽ تقريباً انهيءَ ئي سال جو ڇپيل آهي، جنهن سال ۾ پيو جلد شايع ٿيو.

مير صاحب ۱۱۸۱ هه ۾ "تحفة الڪرام" جو ٽيون جلد ختم ڪري، هيٺيون اختتامي قطعو لکيو:

شڪر خدا ڪه تذڪره "تحفة الڪرام" اندر سه جلد يافته تزئين اختتام
هر جلد اوست روضهٔ اخبار دلڪشا نظاره ڪيش مفت شود ديده شادڪام
"قانع" اگرچه نيست سزاوار ذڪر خير ليڪن بفيض اهل خبر يافت اين مرام
باشد ڪنند اهل دلش ياد بعد مرگ يعني ڪه يادگار نڪو ماند مستهام
سال تماميت چو نمود از خرد سوال اينڪ چه "منتخب" ز دل آمد مرا پيام
-۱۱۸۱هه

شڪرِ خدا ڪه يافته تزئين انتخاب اين "تحفة الڪرام" بآئين انتخاب
سال تماميت چو نمودم ز دل سوال هاتف زده ندا ڪه "نو آئين انتخاب"

۱۱۸۱هه

مصنف جو پنهنجو دستخطي نسخو، لاهور جي خان بهادر مولوي محمد شفيع صاحب وٽ آهي؛ ۽ برٽش ميوزم ۾ جيڪي ٻه نسخا مصنف جي پنهنجي خط جا آهن، انهن جي فوٽوگراف ڪاپي مون وٽ آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته مصنف ۱۱۸۸ هه تائين اضافا ڪندو رهيو آهي.

(۱۷) "اعلان غم"-(۱۱۹۲هه): هن ڪتاب جو نالو ايليٽ واري فهرست ۾ مليل ٿو، ۽ لاهور واري تحفة الڪرام جي سر ورق تي به مير صاحب جي تصنيفات ۾ هن جو نالو موجود آهي. فهرست نگار تفصيل هن طرح ڏنو آهي: ۳۵۶ صفحا، في صفحو ۱۴ سٽون؛ ۱۱۷۳۲ شعر؛ تاليف ۱۱۹۲هه، بخط مصنف. هن مثنويءَ ۾ نبين جي مصيبتن ۽ شهيدان ڪربلا جي تڪليفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن وقت تائين ڪو به نسخو دستياب ٿي ڪونه سگهيو آهي.

(١٨) "زبدة المناقب"-(١١٩٢هه): هن ۾ خلفاء راشدين ۽ حضرات اثنا عشر جا مناقب آهن. ايليٽ جي فهرست نگار هن طرح تفصيل ڏنو آهي: صفحا ٣٦٢، ني صفحو ١٧ ۽ ٢٠ سٽون؛ ١٢٠٠ شعر؛ تصنيف ١١٩٢ هه - بخط مصنف. لاهور واري نسخي جي سر ورق تي ۽ هن ڪتاب جو نالو موجود آهي.

(١٩) "مختار نامه"-(١١٩٤هه): مختيار ثقفيءَ جي حالات ۾ مير صاحب هيءَ مثنوي لکي. فهرست نگار هيئين طرح تفصيل ڏنو آهي: صفحا ٢٠٨، ني صفحو سٽون ٣٤-٣٦؛ جملي اشعار ٧ هزار؛ سن تاليف ١١٩٤هه. جنهن نسخي جو ذڪر ايليٽ جي فهرست نگار ڪيو آهي، اهوئي ساڳيو نسخو هن وقت سنڌي ادبي بورڊ جي ملڪيت آهي.

پهريون شعر هي آهي:

بنام جهانداور ڪردگار ڪه بر قدرت اوست مختار ڪار

آخري شعر اختتام جي تاريخ جو آهي.

(٢٠) "نصاب البلغا"-(١١٩٨هه): مير صاحب، "قاموس" جي طرز تي، هي ڪتاب نهايت عجيب و غريب ۽ انتهائي محنت ۽ تحقيق سان لکيو آهي. هيئين چند عنوانن مان ڪتاب جي مواد جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

(١) علم طب و متعلقات او؛ (٢) اسماء اعضا؛ (٣) اسباب غذا؛ (٤) ذڪر آب و زمين؛ (٥) اجناس غله؛ (٦) اقسام سبزي و بقول؛ (٧) موسم ڪاشت؛ (٨) ذڪر لحوم؛ (٩) ذڪر شير و متعلقاتش؛ (١٠) عطريات و عقاقير؛ (١١) طعام؛ (١٢) اقسام فواڪه؛ (١٣) آلات و ادوات طبخ؛ (١٤) اقسام پلاءِ؛ (١٥) اصناف قليه؛ (١٦) برياني و غيران؛ (١٧) اقسام آش؛ (١٨) اقسام ڪشڪ؛ (١٩) اقسام آچار؛ (٢٠) اقسام خاڪينه؛ (٢١) اقسام حلويات و ماليده؛ (٢٢) الوان نان؛ (٢٣) اوقات طعام خوردن؛ (٢٤) حيوانات پوستينه؛ (٢٥) چرم دوزي و آلات آن؛ (٢٦) لباس پشميني؛ (٢٧) لباس نفيس پشمينه؛ (٢٨) آلات ندف؛

(۲۹) آلات جولاهي؛ (۳۰) الوان اقمشه و اجناس آن؛ (۳۱) صباغي و الوان آن؛ (۳۲) اقسام كسوات؛ (۳۳) پاپوشها؛ (۳۴) اقسام متفرق جامها؛ (۳۵) آلات درزي و كِشيده كاري؛ (۳۶) در عمارات؛ (۳۷) درودگري؛ (۳۸) الوان عمارت زمستاني و تابستاني؛ (۳۹) لوازم خانه؛ (۴۰) حيوان خانه داري؛ (۴۱) تجملات خانه از فروش و مراكب؛ (۴۲) دربيان طيور؛ (۴۳) لوازم شهريت؛ (۴۴) لوازم ترتيب شهر؛ (۴۵) اهل حرفت؛ (۴۶) تجارت وبيع و شراع؛ (۴۷) اسباب حكومت و متعلقات آن؛ (۴۸) مناصب و القاب عهده داران؛ (۴۹) تسجيل و دفاتر؛ (۵۰) ضوابط و قواعد در اسماء اصطلاحات؛ (۵۱) الفاظ متعارفه؛ (۵۲) تاهل و تناكح و توالد؛ (۵۳) آرايش عروس؛ (۵۴) داسادي و صحبت؛ (۵۵) لوازم مولود؛ (۵۶) ابتداي حمل؛ (۵۷) لوازم طفل؛ (۵۸) بازيهاي اطفال؛ (۵۹) تعليم و تعلم اطفال؛ (۶۰) اصطلاحات علوم؛ (۶۱) شعر و شاعري؛ (۶۲) آداب دبيري؛ (۶۳) علم لغت؛ (۶۴) قواعد مساحت؛ (۶۵) ضوابط علم نجوم؛ (۶۶) اسماي منازل ماه؛ (۶۷) تقشيم منازل بر بروج؛ (۶۸) سال عربي؛ (۶۹) عدد ايام سال فارسي؛ (۷۰) ماههاي بحساب شمس؛ (۷۱) ماههاي سندي و ناسهاي فارسي؛ (۷۲) لوازمات سواري؛ (۷۳) اسلحه حرب؛ (۷۴) جانوران شكاري؛ (۷۵) حيوانات؛ (۷۶) طيور خوردني وغيره آن؛ (۷۷) تشرب و اقسام آن؛ (۷۸) اوقات تشرب؛ (۷۹) تغني و اوقات آن؛ (۸۰) نغمات اهل فرس؛ (۸۱) بيان سي لحن؛ (۸۲) نام سراينده و سازها؛ (۸۳) نغمات اهل هند؛ (۸۴) سياحت و سير؛ (۸۵) صفت جبال؛ (۸۶) لوازم بخار و مراكب؛ (۸۷) جانوران آبي و اقسام ماهي؛ (۸۸) حشرات موزى وغيرهم؛ (۸۹) اشجار و نباتات؛ (۹۰) اوقات و جهات و اماكنه.

كتاب ۱۸۵ صفحن جو آهي؛ باريك شكسته خط اٿس؛ آخر ۾ مصنف لکيو آهي: "كاتبه ومولفه روزخميس چهاردهم رجب ۱۱۹۸ هه".

ڪتاب جي مٿين عوانن مان مير صاحب جي همہ گير معلومات ۽ تحقيق ۽ تجسس جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڪتاب ۾ مٿين عنوانن هيٺ نہ فقط عنوانن سان متعلق معلومات فراهم ڪئي وئي آهي، بلڪ انهيءَ سلسلي جي سموري لغت بہ ڏني وئي آهي ▪ محاورا بہ ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ خود سنڌيءَ جي ڪيترن متروڪ لفظن جو پتو پوي ٿو.

انهيءَ ڪتاب جو واحد نسخو حضرت مولانا محمد ابراهيم صاحب ڳوهي ياسينيءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي*.

(٢١) "مثنوي ختم السلوڪ"- (١١٩٩ هہ): "ختم السلوڪ" مان سال تصنيف نڪري ٿو. هيءَ مثنوي تصوف جي سلسلي جي آهي. ٢٨٦ صفحا، هر صفحي ۾ ١٥ شعر- مثنويءَ جو پهريون شعر آهي:

من ڪہ باشم تا زنم دم از ثنا جون بلا احصي محمد زد ندا

آخري شعر، جنهن مان سال تصنيف بہ برآمد ٿئي ٿو، هي آهي:

هاتف اينجا ديد خوش ڪارم چو... سال وي گفتا بود "ختم السلوڪ"

١١٩٩ هہ

انهيءَ مثنويءَ جو واحد نسخو- جيڪو مير مرحوم جي پنهنجي خط ۾ آهي- هن وقت ادبي بورڊ جي ملڪيت آهي. مير صاحب مثنويءَ جي پهرين ٽن صفحن ۾ مثنويءَ جي مضامين جي فهرست ڏني آهي، جنهن کي اسان هن هيٺ نقل ڪريون ٿا، جيئن پڙهندڙ مثنويءَ جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ڪري سگهن:

(١) مقدمہ در بيان علم قيام.

(٢) مقالہ در بيانِ معرفت حق سبحانہ: درآنکہ صحت عقل و رويت آيہء سبب معرفت است نہ علت معرفت: اقوال شيخ در معني معرفت، معني معرفت: درخلاف نفس: معرفت نفس کہ علم بان علم بحق

---

* مٿين فهرست حضرت مولانا صاحب جن مرتب ڪري عزيزم آغا بدرالدين خان جي ذريعي موڪلي، جنهن لاءِ پنهنجي صاحبن جو سپاس گذار آهيان.

است؛ اقوال شیخ؛ کیفیتها ارتباط نفس بمعرفت الاهي؛ معرفت روح؛ وصف روح اعظم؛ در بیان آنکہ آدم مظهر روح کلي ست.

(۳) مقالہ در بیانِ توحید باري: اقوال شیخ؛ توحید ایماني؛ توحید علمي؛ توحید حالي؛ اقوال شیخ؛ توحید الاهي.

(۴) مقالہ در بیانِ تصوف: وجهہ تسمیہ؛ تلقین؛ لقب صوفي؛ معني صوفي و متصوف؛ اقوال شیخ در وصف صوفي و متصوف.

(۵) مقالہ در بیانِ فقر: فقر و غنا؛ جواب و سوال ابن عطار و جنید؛ اقوال شیخ؛ تقسیم محققان فقر.

(۶) مقالہ در بیان توبہ: معني توبہ و اقسام آن و خصوصیہ؛ اختلاف اقوال شیخ در وصف و صحت آن؛ احوال و مقامات و ارکان توبہ؛ چهار مقام توبہ؛ پنج ارکان توبہ؛ نتائج توبہ و درجات آن.

(۷) مقالہ در بیانِ توکل: مواضع اطلاق توکل؛ اقسام رزق؛ علو توکل و متوکلان.

(۸) مقالہ در بیانِ صبر: انواع متعلق صبر؛ انواع صبر اقوال شیخ.

(۹) مقالہ در بیانِ شکر: مواضع شکر؛ اختلاف شیخ؛ معني شکر؛ انواع شکر؛ تبیین و قسم نعمت؛ و دو قسم شاکران.

(۱۰) مقالہ در بیان رضا: حقیقت رضا و قسمین آن؛ اقسام راضیان.

(۱۱) مقالہ در بیانِ حال و مقام: فرق بین الحال و المقام؛ اختلاف در دوام حال.

(۱۲) مقالہ در خوف و رجا: بیان قسمین خوف و وصف هریک؛ وصف رجا و ارتباط آن بخوف.

(۱۳) مقالہ در بیانِ جمع و تفرقہ - تفضیل جمع بر تفرقہ.

(۱۴) مقالہ در سکر و المحو: تبین مقامات واحدین؛ اختلاف در فضل سکر و محو.

(۱۵) مقالہ في الغنا و البقا: تبین اقوال دران.

(۱۶) مقالہ در بیانِ غیب و شهود.

(١٧) مقالہ در بيان تجلي.
(١٨) مقالہ در بيانِ محبت: اقوال شيخ.
(١٩) مقالہ در بيانِ سماع و مايتعلق به: اباحت سماع شعر؛ اباحت اصوات؛ فوايد چند مخصوص؛ اقوال شيخ؛ مراتب اهل سماع؛ في الوجد و الوجود؛ اختلاف شيخ؛ در رقص و پاکوبي؛ خرق خرقہ؛ آداب سماع.
(٢٠) مقالہ در لبس خرقہ.
(٢١) مقالہ در بيان اختلاف احوال مردمان و عد اقسام آن تبين مشتبهان.
(٢٢) مقالہ در بيان اهل ولايت.
(٢٣) خاتمہ متضمن تاريخ اختتام.

ڪتاب ۾ هڪ مقدمو، ايڪيهہ مقالا، ۽ هڪ خاتمو آهي.

(٢٢) "طومار سلاسل گزيده"-(١٢٠٢ هہ): هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشاهير تصوف جي طريقت جا سلسلا بيان ڪيا ويا آهن. تاليف جو سال مٿين نالي مان بر آمد ٿئي ٿو. سنڌ جي تصوف جي تاريخ لاءِ هي ڪتاب از حد ڪارآمد آهي. هن مان ٿي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي بزرگن ۽ صوفي سڳورن جي طريقت ۽ بيعت جو ڪهڙو سلسلو هو. مير صاحب هي ڪتاب وفات کان هڪ سال اڳ لکيو- جيئن هيٺ اچي ٿو. ڪتاب جو واحد نسخو، مصنف جي خط ۽ مهر سان، سنڌي ادبي بورڊ وٽ موجود آهي.

(٢٣) "شجرهٔ اطهر اهلبيت"-(١٢٠٢ هہ): نالي مان تاليف جو سال نڪري ٿو. مير مرحوم مٿين ڪتاب وانگر، هي ڪتاب لکي سنڌ جي تاريخ تي وڏو احسان ڪيو؛ ليڪن افسوس آهي، جو ان جو نسخو تلف ٿي ويو، ۽ اچ تائين دستياب ٿي نہ سگهيو. "معيار سالڪان طريقت" جي ديباچي ۾ مير صاحب لکي ٿو:

"در سال دويم و دوازده صد هجري کہ آفتاب عمر برلب بام، و سبق حيات قريب باختتام، شصت و سہ سال از عمر در رفت،

و امراض چند طبعيت را تفت، اول شجرهء اهل بيت سند وغيره
بقدر دريافت نوشته؛ ثانياً طوماري درذکر اسماء سلاسل
گزيده طريقت بنگاشت: تاريخ اول 'شجرهء اطهر اهلبيت'،
و تاريخ ثاني 'طومار سلاسل گزيده' دست داده".*

(۳۲) "معيارسالڪان طريقت"-(۱۲۰۲ھ): صنف "تحفةالڪرام" ۾ سنڌ جي سرسري تاريخ بعد، سنڌ جي بزرگن، مشاهيرن، صوفياء ڪرام جو مجمل ذڪر ڪيو آهي. مصنف ان ۾ اصحاب تذڪره جي سال تولد، سال وفات يا سندن زماني جو تعين نہ ڪيو آهي، جنهن جو ڪنڪو معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف کي بہ هو، ۽ اها ڪمي ۽ ڪوتاهي پاڻ بہ محسوس ٿي ڪيائين؛ جنهنڪري وفات ڪان سال اڳ، هن مٿيون تذڪرو مرتب ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي پنج سؤ بزرگن جو احوال بقيد سال يا بقيد زمانہ لکي، "تحفةالڪرام" جي ڪوتاهيءَ جو ازالو ڪيائين. مصنف ديباچي ۾ لکي ٿو:

"بالجملہ عقده خاطر آن ماند، کہ مشائخ زمان بقيد و مکان و
انتساب سلاسل و اصحاب ببيان آرد، اين رسالہ موجز حاوي
آن مقصد شده، و تاريخش در اسم 'معيار سالڪان طريقت'
مبراهن...... آنکہ صريح وي بتحرير سال وفات معلوم نشد
بهم عصران الحاقش کرده، و اگر در حقيقت مابين زيادتي
و کمي ده بيست سال بوده باشد...... مقصد آنکہ گويند
فلاني در زمانہ فلان...... بوده، يا بفلاني صحبت کرد......"

جن جو نہ سال معلوم ٿيو ۽ نہ زمانو، انهن کي مصنف آخر ۾ آندو آهي. ڪتاب جو اختتام هيٺئين قطعي تي ٿئي ٿو:

در مرز دل چو تخم ولانيک کشتہ شد خوش رشتہء ز ريشہء... رشتہ شد
آن رشتہ بستہ گل بسر گل ازان نهال کز دست آبيار کرامات گشتہ شد
بوده ولاى اهل ولايت مراد من جزذکرشان هرآنچہ بلب بود شستہ شد

* ديباچو "معيار سالڪان" - برٽش ميوزم.

بخشد عروج عرش صفا سير اين سوار | زان ره‌که ذکر هر ولي اينجا فرشته شد
بالفعل آنچه گشت ز قوتِ ظهور آن | روز ازل بطينت طبعم سرشته شد
در آتش مجاهدهء جمع اين کتاب | بسيار روزگار روانم برشته شد
تاريخ اين رساله براي عيار طبع | "معيار سالکان طريقت" نوشته شد

۱۲۰۲ هه

خوش قسمتيءَ سبب، هن قيمتي ڪتاب جو هڪ خوشخط نسخو برٽش ميوزم (ADD. 21,589) ۾ موجود آهي - جيڪو ۱۲۴۶ هه ۾ مرحوم مير مراد علي خان ٽالپر پنهنجي لاءِ لکرايو هو. انهيءَ تان 'مئڪروفلم' نقل راقم الحروف تيار ڪرائي پاڻ وٽ محفوظ ڪيو آهي.

مير صاحب مرحوم جي علمي انهماڪ ۽ ذوق جو بي‌اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو، جڏهن ڏسجي ٿو ته ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾، جيتوڻيڪ مختلف بيمارين ڪري سندس صحت بيڪار ۽ بدن ضعيف ٿي چڪو هو، ان وقت به قلم هٿ مان نه ڇڏيائين، ۽ وفات کان هڪ ورهيه اڳ به، هڪ ئي سال ۾، مٿيان ٽي نهايت ئي قيمتي ۽ ڪارآمد ڪتاب لکيائين.

(۲۵) "روضة الانبيا": هن ڪتاب جي تصنيف جو سال معلوم نه ٿي سگهيو. ٿٽي جي فهرست نگار، اهو ڪتاب به مير صاحب جي تصنيفات ۾ ڏيکاريو آهي. مير "مائل" جيڪا فهرست "تحفة الڪرام" جي سر ورق تي لکي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب نظم ۾ هو. ڪتاب جو ڪوبه نسخو موجود نه آهي.

(۲۶) "زينت الاخلاق": هن ڪتاب جو نالو به مير "مائل" لکيو آهي. ڪتاب منظوم، ۽ نصائح ۾ آهي.

(۲۷) "غوثيه": هن جو نالو به مير "مائل" لکيو آهي. سلوڪ ۽ معرفت تي منظوم ڪتاب آهي.

(۲۸) "قصاب نامه": هي به نظم ۾ آهي؛ مير "مائل" ان جو نالو لکيو آهي.

(٢٩) "ميزان الافڪار": منظوم: سلوڪ ۽ معرفت ۾: مير "مائل" هن جو نالو فهرست ۾ ڏنو آهي.

(٣٠) "تهذيب طباع": سلوڪ ۾ ڪتاب آهي: مير "مائل" جي فهرست ۾ ان جو نالو آيل آهي.

(٣١) "سرفراز نامہ": پند و نصائح ۾ آهي. نالي جي مناسبت سبب خيال ٿئي ٿو تہ شايد هي ڪتاب مير صاحب، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي نالي معنون ڪيو آهي، ۽ غالباً نظم ۾ آهي.

(٣٢) "حديقة البلغا": مير "مائل" هن ڪتاب جي موضوع متعلق ڪجهہ ڪونہ لکيو آهي: نالي مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي ڪتاب علمي آهي.

(٣٣) "مثنوي ڪان جواهر": مير "مائل" هن جو بہ تفصيل ڪونہ ڏنو آهي.

(٣٤) "ميزان فارسي": ڀانئجي ٿو تہ صرف نحو جي سلسلي جي تصنيف آهي.

(٣٥) "رسالہ معما مع شرح": نظم و نثر.

(٣٦) "لب تاريخ ڪلهوره": مير "مائل" جي فهرست مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي ڪتاب بہ نثر ۾، ڪلهوڙن جي تاريخ تي آهي: گويا هي ٽيون ڪتاب انهيءَ موضوع تي آهي، جنهن جو پڻ نسخو تلف ٿي ويو.

(٣٧) "بياض محڪ الشعرا": مير صاحب، قديم دستور مطابق، هن ڪتاب ۾، متقدمين کان وٺي پنهنجي زماني تائينءَ جي فارسي گو شاعرن جي هر طرح غزلن جو انتخاب ڪيو آهي. هن ڪتاب جي ترتيب جو خيال ڪيس "محسن" ٺٽويءَ جي انتخاب ڪسي ڏسي آيو. خبر نہ آهي تہ ڪتاب جي ڪيتري ضخامت هئي. ادبي بورڊ ۾ ٻہ نامڪمل نسخا مير صاحب جي هٿ اکرين موجود آهن، جيڪي انهيءَ

ضرز تي آهن - ڪن ۾ غزلن جو انتخاب آهي، ۽ ڪن ۾ فقط اشارن جو. اهي بياض "محڪ" جا مختلف جزا آهن، يا "محڪ الشعرا" نالي ڪو پيو مڪمل ڪتاب هو -ان جي خبر ڪانه تي پئجي سگهي.

(٣٨) "ديوان اشعار": مير صاحب جو ڪوبه مڪمل ديوان ڪونه تو ملي. مير "مائل" جنهن ديوان جو حوالو پنهنجي فهرست ۾ ڏنو آهي، اهو غالباً ضايع تي ويو.

(٣٩) "قصائد و منقبت": جنهن بياض ۾ "مڪلي نامو" آهي، انهيءَ بياض جي شروع ۽ آخر ۾، مير صاحب پنهنجا قصيدا، منقبت وغيره لکيا آهن، جن جو تعداد ٢٦ ڪن ٿيندو. ان ۾ وڏا وڏا قصيدا ۽ طويل منقبت آهن. هڪ قصيدو "لاميه" ٢٦٥ شعرن جو آهي؛ چند رباعيون به آهن، ۽ هڪ نامڪمل مثنوي به منجهس موجود آهي.

(٤٠-٤١) مير "مائل" جي فهرست ۾، ٻن ٻين ڪتابن جا نالا به آهن، جيڪي سمجهه ۾ نٿا اچن.

(٤٢) "انشاي قانع": سنڌي ادبي بورڊ ۾ مير صاحب جي انشا جو هڪ نامڪمل مجموعو، سندس پنهنجي خط ۾، موجود آهي. مجموعي جا جملي ٣٢ صفحا آهن؛ صفحي جي سائيز ڪرائون آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ خوب عبارت آرائي ڪيل آهي، ۽ جابجا موزون شعر به ڪتب آندل آهن. چند شعر نمونتاً هيٺ ڏجن ٿا:

بسيار صبح شد ڪه نسيمي نمي وزد اي گل مگر تو پاي صبا را شڪسته اي

گر بر تنِ من زبان شود هر مو يک شکر تو از هزار نتوانم کرد

نشد ڪه از سر ما هجر دست بر دارد بهر ديار ڪه رفتيم آسمان پيدا است

ز تيغ شوق تو هرعضو بسمل افتاد است مرا سفر برفيقان ڪاهلي افتاد است
زمانه دشمن و من بيزبان وقت زبون اگرنه رحم ڪني ڪارمشڪل افتاد است
ز ديده دوري و از دل نمي روي بيرون خدا بيڪس ننمايد وصال هجر آميز

قلم شکسته تر است از زبان نميدانم — که شرح غم بکدامي زبان کنم تقرير
زبان کس نتواند جهات شکرش را — اگر بهر نفسي صد چو من کند تقدير

شکوه نقصان داشته فصل از ميان انداختم — نرخ ارزان بود کالا در دکان انداختم

جنون بصف شکني عقل در صف آرائي — دل کرانه طلب درميان تماشائي

سوادش نور بخش ديدهء حور — بياضش از فروغ صدق پر نور

عباراتش چو آبِ زندگاني — دور پيدا جواهر از معاني

ما شرمسار مانده ز تقصيرهاي خويش — لطف تو خود نمي نگرد خوب و زشت ما

گر عظيم است از فرودستان گناه — از بزرگان عفو کردن اعظم است

خواستم تا شرح شوقِ صحبتت سازم بيان — ناشکيبا شد دلم رفت از کفم تاب و توان

ضرورت است وگر نه جدائي ميداند — که ترک صحبت ايشان نه اختيار من است

طريقت جو سلسلو: مير صاحب جو خاندان مائل به تشيعت هو؛ چنانچه انهيءَ سبب کري نور الله شوستريءَ سندس ايراني بزرگن کي پنهنجي ڪتاب "مجالس المومنين" ۾ جاءِ ڏني. مير صاحب جي "مختار نامه"، "اعلان غم"، "زبدة المناقب" ۽ منقبتن خواه سلامن جي ڪثرت تعداد مان پڻ اهوئي اندازو ٿئي ٿو ته سندس پنهنجي طبيعت به تشيعت ڏانهن مائل هئي- ۽ پاڻ کي جابجا خادم اهلبيت لکندو رهي ٿو؛ ليکن ساڳئي وقت، سندس وسيع المشربيءَ جي هيءَ حالت هئي، جو ڪيترن جاين تي، هن قسم جا اشعار تصنيف ڪري، پاڻ کي تن يارن سان به سرخرو ڪيو اٿائين:

چو رافضي نکنم سرد دل به بغض کسي
ز چهار يار درين دهر گرم محفل ماست

نبود عجب بما نشد ار صاف رافضي
که دل ز گرد کينهء اصحاب شسته ايم

نہ فقط ايترو، بلڪ سندس والد خواه سندس پنهنجي بيعت، طريقہ نقشبندي ۾ ٿيل هئي؛ چنانچہ "طومار سلاسل گزيده" ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي والد جو سلسلو هن طرح ڏنو اٿائين:

"مير علي شير مريد شيخ عبدالاحد جو؛ اهو مريد پنهنجي والد حاجي غلام معصوم جو؛ اهو مريد شيخ محمد اسماعيل جو؛ اهو مريد حضرت قيوم زمان محمد صبغة الله جو؛ ۽ اهو مريد خواجہ محمد معصوم بن مجدد الف ثانيءَ جو.

"سندس والد مير عزت الله، مخدوم آدم (عرف مخدوم آدو) جي ڏهٽي ميان محمد* جو مريد هو، جيڪو ٺٽي جي مشهور بزرگ مخدوم ابوالقاسم (المتوفي ۱۱۳۸ ھ) نقشبنديءَ جو مريد هو؛ اهو مريد شيخ سيف الدين (برادر محمد معصوم) جو، ۽ اهو مريد پنهنجي پيءُ خواجہ محمد معصوم ولد مجدد الف ثانيءَ جو.

اهڙيءَ طرح ميرصاحب جي ناناڻڪي آکہ مان، سيد رحمت الله عرف سيد مٺو بہ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو مريد هو؛ اهڙيءَ طرح ميرصاحب جا بہ پيا عزيز، سيد محمد ناصر ۽ سيد عبدالله (ولدان سيد نعمت الله شڪرالاهي) بہ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ کان بيعت ڪيل هئا. اهڙيءَ طرح طريقت جي سلسلي جو تعلق، انهيءَ خاندان جو نقشبندين سان هو.

ميرصاحب جي والد، عزت الله، ۱۱۶۱ ھ ۾ انتقال ڪيو. ميرصاحب جي عمر ان وقت ايڪيهن ورهين جي هئي. پاڻ هيٺين تاريخ انهيءَ حادثي تي تصنيف ڪيائين:

خرد گفت تاريخ سالِ وفات "کہ پيوست با رحمتِ ايزدي"– ۱۱۶۱ ھ

بعد ۾ ڪيس معلوم ٿيو تہ منشي چترڀوج، قاضي محمد امين جي تاريخ وفات "برحمت ايزدي پيوست" (۱۱۶۰ ھ) مان ڪيدي

* پير محمد زمان لنواريءَ وارو بہ ساڳئي ميان محمد جو مريد ۽ مير عزت الله جو پير ڀائي هو.

آهي؛ ۽ ڪيس خيال ٿيو ته معاصر مٿس سرقي جو الزام نه ڏرين، تنهنڪري سندس قول مطابق 'منعم غيبيءَ' ڪيس هي نعم البدل عطا فرمايو:
"لله العزة و للرسل و للمومنين" — ١١٦١هه

اولاد: مير صاحب کي ١١٦٠هه تائين؛ نرينو اولاد ڪونه هو. ١١٦٠هه ۾ پاڻ سورت ويو، جتي سندس ملاقات علامه سعدالله سورتيءَ سان ٿي. اهو بزرگ جيد عالم ۽ معقولات ۾ بي نظير هو؛ ڪيس به پٽ هئا — مير عبدالعلي ۽ مير عبدالولي. انهن ٻنهي نالن ۾ ڀيءَ رمز رکيل هئي، جو جيڪڏهن ٻنهي نالن جا آخري لفظ گڏ ڪبا ته "علي ولي الله" جو فقرو ٺهندو. مير صاحب کي اها ترڪيب نهايت پسند آئي، ۽ ارادو ڪيائين ته جيڪڏهن مٿس به الله فضل ڪيو، ۽ ڪيس اولاد ٿيو ته نالا انهيءَ ترڪيب سان رکندو. انهيءَ واقعي جو ذڪر پاڻ به "تحفة الڪرام" (ج ٢، ص ٢٣) ۾ ڪيو اٿائين، ۽ "تحفة الطاهرين" جو مصنف شيخ محمد اعظم ٺٽوي جيڪو پڻ ان وقت سورت ۾ مقيم هو، ان سان به اهو خيال ظاهر ڪيائين، جنهن صاحب انهيءَ واقعي کي هيٺينءَ طرح نظر ڪيو:

علي شير "قانع" حسيني که او — بود زبدهء آل خيرالبشر
يکي روز مي گفت با من به راز — که ايزد ببخشد مرا دو پسر
يکي را بخوانم غلام علي — غلام ولي الله نام دگر
که از اسم شان سال ميلاد شان — به پيش سخن گر شود جلوه گر
'علي ولي الله' از هر دو اسم — برآمد بوضع خوش و خوبتر
بخاموش ماندم ازين گفتگو — که اين از کرامات باشد مگر
بدل گفتم آخر اگر عمر هست — شوم تجربه را يکي منتظر
پس سال آن هردو پور گزين — که "قانع" ازان داد سابق خبر
ولادت موافق باعداد نام — خدايش عطا کرد با زيب وفر
تواي "اعظما" زين شگفتي مدار — که اين گفته ز الهام دارد اثر*

* بياض حسام الدين ، "تحفة الڪرام" نسخه لاهور (سرورق بخط مير "مائل")

الغرض انهيءَ ارادي ۾ عزم ڪان پوءِ، ڪيس سڀ ڪان پهريون پٽ ١١٦١ هه ۾ تولد ٿيو، جنهن جو نالو غلام علي† رکيائين. نالي مان تولد جو سال بر آمد ٿئي ٿو. ١١٦٣ هه ۾ ڪيس ٻيو فرزند ڄائو، جنهن تي "غلام ولي الله" نالو رکيائين، جنهن مان به ڄم جو سال نڪري ٿو. مير صاحب جي آس پوري ٿي؛ اميد بر آئي: نه فقط تولد جا سال نالن مان نڪتا، بلڪ حسب خواهش نالي جي آخري جزن ملائڻ سان "علي ولي الله" جو فقرو به ٺهي ويو.

مير صاحب کي ٽيون پٽ ١١٧١ هه ۾ ٿيو، جنهن جو نالو 'مير اميرعلي' رکيائين. - ميان غلام محمد ٺٽويءَ تاريخ ڪئي "در چمن جاه شگفته گلي"- ١١٧١ هه؛ ۽ ميان محمد پناه "رجا" هيءَ تاريخي سجع تيار ڪئي: "اميرعلي بن عليشير حسيني"- ١١٧١ هه.

مير صاحب جي خاندان جي هاڻوڪي جانشين مير حسن علي شاه- بن مير صابرعلي "صابر" بن مير حسين علي "ضيا" بن مير صابرعلي "سائل" بن مير غلام علي "مائل"- وٽان جيڪو مون کي شجرو مليو، ان ۾ چوٿين پٽ جو نالو "سيد ڪاظم" لکيو ويو آهي، جنهن جي تصديق ٻئي ڪنهن ذريعي سان ڪا نه ٿي. ازان سواءِ ٽئين پٽ جو نالو "غلام حسين" لکيل آهي، جنهن کي اسان مير اميرعلي جو عرف سمجهون ٿا.

شاگرد: مير صاحب پنهنجي شاگردن جو ذڪر ڪو نه ڪيو آهي. "مقالات الشعرا" ۾ فقط ٻن شاگردن جو نالو ڪنيو اٿائين. هڪ پرسرام "مشتري"، جنهن لاءِ لکي ٿو ته "پرسرام مشتري پاٽيو، ولد دوارڪا داس ابن سجان سنگ (اهي ٻئي صاحب مير ڪمال الدين احمدخان وٽ مير منشي هئا) مير محمود صابر جو هنديءَ ۾ شاگرد هو؛ فارسيءَ ۾ "مشتري" ۽ هنديءَ ۾ "بيربل" تخلص ڪندو هو، ۽ فارسيءَ ۾ مير قانع کان اصلاح وٺندو هو- ("مقالات الشعرا"، ص. ٢٩).

† مير غلام علي "مائل" تي اسان جو مضمون "مهراڻ" (بهار- ١٩٥٥) ۾ ڏسڻ گهرجي.

اهو ذڪر "مقالات" ۾ آهي، ۽ مير صاحب لکيو آهي تہ "درين وقت نامبردہ مشق سخن مي ڪند"- جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "مقالات" جي تاليف (١١٦٩ تا ١١٧٤ هه) وقت، "مشتريءَ" سندس شاگردي ڪئي. مير صاحب جو ٻيو شاگرد هو شيخ حسن بخش "اظهر" جيڪو اصل هندو هو، ۽ پوءِ پنهنجي والد جهوڙيمل سميت مسلمان ٿيو، ۽ سندس والد عبدالسلام نالو رکرايو. فارسي شعر جي اصلاح، اهو نوجوان بہ مير صاحب کان وٺندو هو- (مقالات الشعرا"، ٣٠).

مير "مائل" "مجمع البلغا" نالي جيڪو سنڌ جي فارسي گو شاعرن جو تذڪرو لکيو هو، ان ۾ مير صاحب جي شاگردن جو مفصل احوال هن لکيو هوندو؛ ليڪن افسوس، جو اهو تذڪرو تلف ٿي ويل ٿو ڀانئجي، جنهنڪري مير صاحب جي شاعرانہ فيض جو اهو باب بہ تذڪري مان گُڏ گم ٿي ويو.

وفات: مير صاحب پنهنجي عمر جا پويان چند سال، مختلف بيمارين ۽ جسماني نقاهت ۾ گذاريا، جنهن جو اشارو "معيار سالڪان طريقت" جي ديباچي ۾ ڪيو اٿائين. ١٢٠٢ هه ۾ سندس عمر ٻياهٺ ورهيہ هئي؛ بيماريءَ ۽ ڪمزوري هوندي بہ هو پنهنجي علمي مشغلي، شعر و سخن ۽ تصنيف تاليف ۾ مصروف رهيو، ۽ انهيءَ هڪ سال ۾ هن ٽي ڪتاب تيار ڪيا، جن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون. ايندڙ سال يعني ١٢٠٣ هه ۾، سندس انتقال ٦٣ ورهين جي عمر ۾ ٿيو. افسوس آهي جو ايڏي عظيم المرتبت اديب، مورخ ۽ شاعر جي انتقال جي تاريخ ۽ مهينو ڪنهن محفوظ ڪونہ ڪيو؛ ۽ نہ سندس مزار تي ڪنهن ڪتبو هنيو- تاڪ شڪر الاهي ساداتن جي قبرستان ۾، سنڌ جي انهيءَ محسن اعظم جي آخري آرام گاهہ تي، اڄ ڪو عقيدت ڪيش پهچي، عقيدت جي گلن ۽ محبت جي سلامن جي ورکا ڪري سگهي.

آخوند غلام محمد ڏنويءَ "عليه الرضوان" مان انتقال جو سال برآمد ڪيو؛ ۽ مير مرحوم جي فرزند رشيد مير غلام علي مائل "ابشره بالجنه النعيم ابدا" وفات جي سال لاءِ تجويز ڪيو.

اهو زمانو، ٽالپرن جي ٻهرين "چوياري" جي فرمانروائيءَ جو هو، جنهن جو ٻڳدار مير فتح علي خان هو؛ ۽ پيا ٽي ڀائر، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سندس شريڪ ڪار هئا، ۽ ڪين حڪومت هلائيندي ڇهه ورهيه ٿيا هئا.

شڪرالاهي خاندان: انهيءَ خاندان جي بزرگن جهڙيءَ طرح ايران ۾ علم جو چراغ روشن رکيو، اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ به انهيءَ ڌرتيءَ کي اجهامڻ ڪونه ڏنو؛ ۽ خاندان جو هر فرد ۽ گهرائي جو هر چشم و چراغ، تيل وجهندو ۽ وٽ سوريندو رهيو: ڪم و بيش ساڍا ٽي سؤ ورهيه، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ، انهيءَ خاندان جي روحاني ۽ علمي ضوفشانين سان منور ٿيندي رهي؛ جيڪو فرد پيدا ٿين سو پنهنجي زماني جو فرد فريد ثابت ٿيو: ڪن روحاني تعليم ڦهلائي؛ ڪن دنيوي علومن جي اشاعت ڪئي؛ ۽ ڪن شعر و ادب ۽ تصنيف تاليف کي پنهنجو وطيرو بڻايو. "تحفة الڪرام" ۾، مير صاحب پنهنجي خاندان جو جيڪو اجمالي ذڪر ڪيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترن بزرگن، نه فقط طريقت ۽ سلوڪ جا سجادا آراسته ڪيا، بلڪ خود مير صاحب کان اڳ ڪيترا اهڙا بزرگ به ٿيا، جن شعر و سخن، ادب خواه مذهبي علومن ۾ پنهنجو ٽالو روشن ڪيو.

سيد شاه ولي بن سيد ابوالقاسم بن سيد علي اڪبر بن سيد عبدالواسع بن سيد محمد حسين بن سيد شڪرالله ثاني، جيد عالم ۽ بيمثل انشا پرداز هو؛ مخدوم رحمت الله جو شاگرد ۽ "تحفة المجالس" جو مصنف هو. انهيءَ بزرگ جو فرزند، مير سراج الدين ابوالقاسم، صاحب طرز شاعر ۽ تاريخ گوئيءَ ۾ خاص مقام جو مالڪ هو. اهڙيءَ طرح سيد نظام الدين ثاني، بن سيد نورمحمد ثاني بن سيد نظام الدين بن سيد شڪرالله ثاني، انهيءَ درجي جو صاحب ڪمال بزرگ هو، جنهن کي هتان گهرائي عالمگير بادشاه ان وقت جي چونڊ علمائن جو جيڪو ايڊيٽوريل بورڊ "فتاواي عالمگيري" مرتب ڪرڻ لاءِ ٺاهيو هو، ان ۾ ڪيس شريڪ ڪيو، جنهن لاءِ هر لحاظ سان سيد صاحب پاڻ کي اهل ثابت ڪيو.

مير علي شير جي خود پنهنجي گهر ڪيئي اديب، مصنف ۽ شيرين بيان شاعر پيدا ڪيا: سندس پاڻ مير ضياءالدين "ضيا"، مير ٽاري خان جي درٻار جو "ملڪ الشعرا" هو؛ ڪيترن ديوانن جو صاحب ۽ "مثنوي هير رانجهه" جو مصنف هو. مير مرحوم جو پائيو مير عظيم الدين "عظيم"، مير فتح علي خان جي درٻاري شاعرن جو سردار ۽ پنهنجي دور جو عظيم الشان شاعر هو؛ ديوان، "مثنوي هير رانجهه" ۽ "فتح نامه" سندس يادگار آهن. مير صاحب جو پنهنجو پٽ مير غلام علي "مائل"، مير ڪرم علي خان جي درٻار جو شاعر ۽ وڏي فضل و ڪمال ۽ اوج اقبال جو صاحب هو. مير "مائل" کان پوءِ به سندس ٽي پيڙهيون شعر و سخن جو شغل جاري رکنديون آيون؛ يعني مير "مائل" جو پٽ مير صابر علي "سائل"، ان جو پٽ مير حسين علي شاهه "ضيا" ۽ ان جو پٽ مير صابر علي "صابر" پنهنجي پنهنجي دور ۽ زماني جا ناليرا شاعر هئا- پوئين بزرگ کي تقريباً چاليهه ورهيه ڪن لاڏاڻي ڪئي ٿيا، ۽ انهيءَ بزرگ تي نه فقط شاعريءَ جو سلسلو ختم ٿيو، بلڪ خاندان جي ٽن حدن وارين علمي ۽ ادبي روايتن ۽ ورثي جا به دروازا بند ٿي ويا.

- تلڪ الايام ندا ولهابين الناس.



ديباچو

(مصنف طرفان)

بسم الله الرحمن الرحيم

انهيءَ بيمثال، يگاني، سڀني ثنائن کان بلند ۽ مٿاهين جي تعريف کان پوءِ، جنهن هن نادان، واقف حضرات جي خوشه چين کي "تحفةالڪرام" جي ٽن جلدن جي تاليف ڪرڻ جي توفيق ڏني؛ پڻ انهيءَ ڪارن خواهه ٻاڙهن (ساريءَ دنيا) ڏانهن موڪليل سردار جي نعت کان پوءِ، جنهن پنهنجي غلاميءَ جي فيض سان اڳين برگزيدن بزرگن جي احوال جو گهولائو ٻڌايو: واقف حضرات کي معلوم ٿو ڪرائجي ته اڳين خواهه پوين جي ڪنهن به ڪتاب ۾، سنڌ جو ۽ خصوصاً ٺٽي جو، پورو ذڪر نظر نه آيو- حالانڪ حقيقت ۾ هيءَ مردم خيز زمين علم ۽ معرفت وارن سان سينگاريل آهي. انهيءَ ڪري، هن ڪوشش ۾ لڳس ته مختلف ڪتابن مان گهربل مواد هٿ ڪري، تنهن سان ڪجهه معتبر خبرون ملائي، هڪ خلاصو جلد [تيار ڪري]، دوستن جي محفل ۾ تحفي طور پيش ڪجي- مٿن خير جي دعا سان ياد ڪن، ۽ اصلاح جي نظر کان پهلوتهي نه فرمائين!

اگرچ، گهٽي وقت گذرڻ ۽ هن ميدان ۾ ڪنهن جي قدم نه رکڻ ڪري، مقصود کي پوريءَ طرح رسڻ ڏکيو آهي، تاهم نشانيءَ لاءِ خرار مان هڪ لپ ئي ڪافي آهي: جيڪي هٿ آيو سو آيو، ۽ هن کان پوءِ جيڪو زياده ڪندو، سو احسان جو لائق ٿيندو.

"قانع" اين تازه راه دور دراز، ميکند طي بگام عجز و نياز؛
هرکه گردد دليل مقصد او، باد در دامن نبي يد او!

عاجزيءَ ۽ نياز پوري سان، ٿو وڻان واٽ هيءَ ڏکهي اج مان؛
جيڪو هن ڪم ۾ ڪجهه ڏيندو وڏس، ٿل نبي پاڪ ٿيندو يار سندس!

مقدمو

ولايت (سنڌ) جي تعريف ۽ سنڌس خصوصيتن جي بيان ۾

"سنڌ" تي اهو نالو 'حام' بن نوح عليه السلام جي پٽ، 'هند' جي ڀاءُ 'سند' جي نالي پٺيان پيل آهي. هيءُ، سڄيءَ زمين جي ايڪهٺ ملڪن مان ٻيتاليهين ملڪ جو نالو آهي. پهرين اقليم (ولايت) سنڌس اتر کان، ۽ ٻي ولايت سنڌس وچان لنگهي ٿي. هي ملڪ پهرين، ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجينءَ ولايت ۾ مشترڪ آهي - جئن اڳتي تفصيل سان ايندو - پر هن جو گهڻو ڀاڱو ٻيءَ ولايت جي خط هيٺ آهي؛ تنهنڪري مڪي مطهره ۽ مديني منوره جي پاڪ زمين سان هن زمين جو حقيقي قرب ثابت آهي. چون ٿا ته آڳاٽي سمي ۾ سنڌ جي پسگردائيءَ جي ڪنهن جبل ۾ آٽ گم ٿيو هو، جو ٿن ڏينهن کان پوءِ وچي حجاز کان نڪتو. [٢] جنهن زماني ۾ محمد بن قاسم سنڌ جي جهاد تي آيو هو، تڏهن [بغداد کان] قاصد ستن ڏينهن ۾ ايندا ۽ واپس ويندا هئا - ظاهر ۾ ٿو ڏسجي ته حادثن جي صدمن ۽ جبلن ۽ سمنڊن جي گهاٽائيءَ سبب، اهو رستو بند ۽ گم ٿي ويو آهي. مڪران جو جبل سنڌس اولهه طرف، ۽ ڪيڪانان جو جبل ان جي حدن ۾ داخل آهي. قليس جو بيابان، جو ويهه فرسنگ (٦٠ ميل) ڊگهو، ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ ڏکيائيءَ ڪري مشهور آهي سو منجهس آهي، ۽ جو بحر محيط وٽ - جنهن کي بحر عمان به چوندا آهن - انتها ڪري ٿو. سنڌوندي، جا ڪشمير جي جبلن مان نڪري ٿي - ۽ ڪابل جي جبلن وٽان ٻي ندي به ساڻس ملي ٿي - ۽ ملتان وٽ سيحون نديءَ سان ملي، اٽڪ سان شامل ٿي، سمنڊ ۾ پوي ٿي، تنهن جو پاڻي نهايت صاف ۽ روشن آهي، جو اونهاري ۾ نهايت ٿڌو هوندو آهي. سنڌ جي زبان ۾ ان کي "مهراڻ" چوندا آهن - مرزا حيدر، "رشيديءَ"

۾ لکيو آهي ته "ڏکڻ وارن جبلن مان جيڪو پاڻي ڏکڻ ڏانهن وهي ٿو - جهڙوڪ: نيلاب (نيلم)، بياس، چناب، لاهور ۽ سلطانپور واري ندي ۽ باجواره ندي - آهو سمورو هندي سمنڊ ۾ پوي ٿو؛ ۽ سندس نالو "سنڌو" ندي آهي". اڄ ڪالهه سنڌ جي درياءَ جو هيٺيون حصو، جو هندوستان جو لنگهه آهي، تنهن ڪي هن ملڪ ۾ هرجگهه جدا جدا نالا ڏنل آهن، ۽ پنجاب تائين ڪيترا نالا اٿس. هن ملڪ جي زمين، آب هوا جي عمدگيءَ ۽ صبح ۽ شام جي لطف ڪان مشهور آهي. پنجاب جي طرف وارو مٿيون حصو گرميءَ ۽ سمنڊ کي ويجهو ٿيڻ ڪري - اگرچ لئي پڻي گرم آهي - ٿڌاڻ ۾ مخصوص آهي. سنڌ جي زمين مردم خيز آهي، ۽ سندس رهاڪو، "مسڪينيءَ" ۽ لياقت ۾ ممتاز آهن. هتان علم ۽ يقين، فقيريءَ ۽ معرفت جا صاحب گهڻا پيدا ٿيندا رهن ٿا، جڻن اڳتي هلي معلوم ٿيندو - انشاءالله تعاليٰ.

پراڻي زماني ڪان، سنڌ جي رهاڪن ۾ ڪي رسمون مشهور آهن، جي اگرچ جهالت جون عادتون آهن، تاهم جيئن ته عجيب آهن، تنهنڪري انهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ تي ڪنهن وڏي گناهه جي تهمت رکي ويندي آهي، تڏهن هو پاڻ کي پاڪدامن ثابت ڪرڻ لاءِ، وڏيءَ باهه مان "سمندر" (۱) وانگيان پاڪ، ۽ حضرت خليل وانگيان بنا ڪنهن ڪنڊڪي جي لنگهي ڏيکاريندو آهي - جيئن عنقريب "مارئيءَ" ۽ "سسئيءَ" جي احوال ۾ ايندو.

گرم ڪوڏر جو هٿ ۾ ڪڻڻ جو رواج اڳا تائين جاهلن ۾ هلندو اچي، جنهن جو ڪجهه بيان "مارئيءَ" جي ذڪر ۾ ايندو. اهو هن طرح ڪندا آهن، جو تهمتيءَ جي هٿ تي، وڻ جو سائو پن

(۱) "سمندر" نور جي شڪل جو هڪ جانور ٿيندو آهي، جو باهه ۾ رهندو آهي ۽ باهه هن کي اصل نه ساڙيندي آهي. چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي باهه سؤ ورهيه سانده ٻرندي آهي، ته اتي سمندر پيدا ٿي پوندو آهي.

ڪچي ڏاڳي سان ٻڌي، پوءِ ڪوڏر گرم ڪري، ان جي مٿان رکندا آهن ۽ هو ٻئي وکون آهستگيءَ سان ڪٽندو آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته پڻ يا ڪچي ڏاڳي کي ڪوبه نقصان نه پهتو آهي؛ پر جڏهن ڪوڏر زمين تي اڇلائي ويئي آهي، تڏهين مٽيءَ کي پوڳڙين جي واريءَ وانگيان جوش ۾ آندو اٿس - يقيناً سچ جي برڪت آهي؛ نه ته اهڙيءَ باهه کان هٿ ڇو نٿو سڙي! ويجهڙائيءَ ۾ هڪ معتبر آدميءَ کان ٻڌو ويو ته "هڪ زال، ٻيءَ زال جو ڪنگڻ جو جوڙو چورائي، انڪاري ٿي ويئي. جڏهن ڪوڏر ڪڍڻ جو وقت آيو، تڏهن اها مڪريل عورت، اهو ڪنگڻ جو جوڙو هڪ ڪپاهه سان پريل چلمءَ ۾ وجهي، ائين ظاهر ڪندي ميدان ۾ آئي، جڻ ته ان وقت هوءَ انهيءَ ڪم (ڪڍڻ) ۾ رڌل هئي. اچڻ سان اها چلمي، فريادڻ عورت جي هٿ ۾ ڏنائين ته 'مان جيستائين امتحان ڏيئي پورو ڪريان، تيستائين تون هيءَ جهلي بيهه'. پوءِ چيائين، هن ڳالهه جي سچائيءَ ثابت ڪرڻ لاءِ، ته 'سون فلاڻيءَ جي ڪنگڻ جو جوڙو لڌو هو، مگر وري انهيءَ کي ڏنو اٿم؛ ڪوڏر ڪڍان ٿي'- ائين ڪرڻ سان هن کي ڪوبه ايذاءُ ڪونه آيو. جڏهن ته حق حق آهي، تنهنڪري فريادڻ عورت غصي ۾ اچي، اها زنبيل ڪڍي زمين تي اڇلي؛ ۽ انهيءَ مڪريل عورت جي مڪر جو پڙدو ڦاٽي پيو".

هڪ ٻئي ڪاڻي اونهي پاڻيءَ ۾ ڪوڙي، تهمتيءَ کي چوندا آهن ته ڪاڻيءَ کي وٺي، ٽٻي هڻي، پاڻيءَ جي تري ۾ وڃي [۳] ويهي. هوڏانهن هڪ تير ڇوڙيندا آهن، ۽ هڪڙو ماڻهو وڃي اهو تير کڻي ايندو آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪاڻيءَ کي ڇوڙيندا آهن. جيڪڏهن تهمتي بيڏوهو هوندو آهي، ته انهيءَ وقت تائين ويٺو هوندو آهي، ۽ اشاري تي نڪري ايندو آهي؛ نه ته پاڻيءَ جي تر ۾ هرگز ويهي نه سگهندو آهي!

هن ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪيترين انڪلون، جنتر منتر ۽ جادوءَ طور چالو آهن – مثلاً ٺٽي جي مهيءَ مان مکڻ چورائي، پنهنجي مهيءَ ۾ آڻڻ. هڪ معتبر ڳالهه ڪئي ته "آءٌ هڪ ڳوٺ ۾ هڪ زال وٽ مهمان هوس، جنهن کي هڪ ڳئون جي کير جي مهي هئي. مکڻ ڪڍڻ جي وقت، باهه جي بهاني سان پاڙي واريءَ جي گهر ويئي؛ پاڙي واريءَ جي اڳيان مهيءَ جو وڏو ٿانو، مکڻ ڪڍڻ لاءِ رکيل هو. هيءَ زال انڪل ڪري موٽي آئي، ۽ پنهنجي هڪ ڳئونءَ جي کير جي مهيءَ مان ڍهوٽو مکڻ ڪڍيائين!"

ڪن جابلو ماڻهن ۾ – جن کي "مانسنگهه" چوندا آهن – "ڦٽيءَ" جو علم (١) مشهور آهي. ڦٽيءَ جي تازن ليڪن مان هو جيڪي چاهيندا آهن، سو معلوم ڪندا آهن، جو صحيح واقعي جي موافق ظاهر ٿيندو آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته "جابلو ماڻهن جو هڪ ٽولو، دشمن جي ڊپ کان لڏي ڪنهن جاءِ ڏانهن وڃي رهيو هو. ٿوري پنڌ کان

(١) اصل متن جي فارسي عبارت اجها هن طرح آهي: "ديگر، 'علم شانه' معروف بعض مردم کوه است، که شانرا 'مانسنگه' نامند، از خطوط شانهٔ تازه هرچه خواهند دريابند، وراست بواقعه افتد". اصل ۾ لفظ "شانه" آهي، ۽ شانه جي معني آهي "ڦٽي" يعني وارن کي سنوارڻ جي ڦٽي؛ ڪورڪي ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ ڦٽي، جا گهڻو ڪري چيتين جي ٺهيل ٿيندي آهي، ۽ انهيءَ ۾ سٽ جون تندون لنگهائي اُڻندا آهن؛ رڍ يا ٻڪريءَ جي اڳين ٽنگن جي سنڌ ۾ هڪ چپٽرو هڏو، جو پاسرين سان ڳنڍيل ٿيندو آهي؛ وغيره. ڪتاب ۾ غالباً "شانه" مان مراد رڍ يا ٻڪريءَ جي ڦٽي آهي. فارسي زبان جي اصطلاح ۾ پڻ "شانه بين" اهڙي ماڻهوءَ کي چوندا آهن، جو ٻڪر جي تازي ڦٽي ڏسي ان مان ڪنهن ڳالهه بابت اڳڪٿي ڪري سگهي (ڏسو فارسي-انگريزي ڊڪشنري، تاليف اسٽينگاس). مرزا قليچ بيگ پڻ پنهنجي مخصوص انداز ۾ هن عبارت جو ترجمو هن طرح ڪيو آهي: "اتي جي جابلو ماڻهن کي، اڳڪٿي يا غيب جي ڳالهه ڪرڻ لاءِ هيءُ هنر ايندو هو، ته هڪڙي چيلي کي ڪُهي، هڪڙي دستي يا اڳين ران ڪڍي، انهيءَ جون ليڪون ۽ نشان ڏسي، غيب جي خبر ڏيندا هئا" (ڏسو "قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، ص ٣).

پوءِ، هڪ 'مانسنگهہ'، ڦٽي ڏسي چيو تہ 'اسان جي پٺيان، حملي ڪرڻ لاءِ، هڪ فوج پهچي رهي آهي، ۽ حيلي کان سواءِ ڇوٽڪارو ڪونہ ٿيندو'. پوءِ چيائين تہ 'جيڪو پاڻي مشڪن ۾ هجيوَ سو سڀ زمين تي هاري، انهيءَ جي وڇان لنگهي وڃو'. اتفاقاً دشمن جي فوج ۾ پيو 'مانسنگهہ'، ڦٽيءَ جي رستي هنن جي حالت معلوم ڪرڻ لڳو- ۽ ڏٺائين تہ هوُ 'درياءَ' ٽپي ويا آهن؛ جنهنڪري هو مايوس ٿي موٽي ويا، ۽ هي حيلو هنن جي آزاديءَ جو وسيلو ٿيو". هيءَ تہ ٿوري ڳالهہ آهي؛ ۾ هيءَ قوم، ڦٽيءَ جي رستي گهٽيون خبرون ڏيندي آهي.

۾ ٽي هٿ هڪ ٻئي ۾ گڏي، زمين تي کوليندا آهن؛ انهيءَ جي وسيلي ڳجهيون ڳالهيون معلوم ڪندا آهن.

جگر کائيندڙ زالون (ڏائڻيون) هونديون آهن، جي ٻڻ غيب جي ڳالهين کان واقفيت رکنديون آهن- جئن 'مرزا باقيءَ' جي احوال ۾ ظاهر ٿيندو.

"جوڳڻ" جو علم، جو اڪثر زالن ۾ ظاهر ٿيندو آهي- راجا ڏاهر جي قصي ۾ اُن جي سچائي ظاهر ٿيندي.

"ورتيہ" نالي هڪ قوم آهي، جيڪي گداگرن جي صورت ۾ ڦرندا وتندا آهن. هي دل جون ۽ گذريل ڳالهيون ٻڌائي، ماڻهن کي ٺڳيندا آهن؛ ۽ ايندڙ ڳالهيون ٻڌائيندا آهن، جيڪي گهڻو واقع ٿينديون آهن.

پير سڃاڻڻ جي فن ۾، ڪي ماڻهو اهڙا تہ ماهر آهن، جيڪي صرف پير جي نشان مان مرد، عورت، پنهنجي يا پرائي ۽ فرق معلوم ڪندا آهن، ۽ جبل خواه ميدان ۾ پير نہ وڃائيندا آهن؛ بلڪ گهٽو ڪري پاڻيءَ مان بہ نشان سڌو ڪڍي ويندا آهن.

ڪڇ جي سرزمين ۾ هڪ اهڙي جماعت آهي، جيڪي تتر جي آواز مان چڱائي يا برائي معلوم ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح، ٻين پکين

۽ حيوانن جي خاص جاين تان نڪرڻ مان به برائيءَ ۽ ڀلائيءَ جي خبر ڏيندا آهن. هڪ شخص ڳالهه ڪئي ته "هڪ جماعت سان گڏيو ٿي ويس، ته اوچتو هڪ ماڻهوءَ چيو ته "توهان ڀلي ڀويان اچو، آءٌ تڪڙو ٿو وڃان؛ ڇاڪاڻ ته پکين جي آواز مان، گهر ۾ مهمانن جي اچڻ جي خبر پوي ٿي، ۽ فلاڻو عزيز هن وقت فوت ٿي ويو آهي" - آخر ائين ئي هو، جئن هن چيو هو".

(اهڙيءَ ريت) هن ولايت جا ڪي عجائب، ايندڙ بيان جي ضمن ۾ پنهنجين جاين تي مذڪور ٿيندا. خاتمي ۾ جبل جا عجائبات بيان ٿيندا.

جئن ته وڏن ڪتابن ۾ فقط نالن ۽ واقعات جي بيان تي اڪتفا ٿيل آهي، تنهنڪري هتي ڪجهه مشهور حالات جو مختصر طور اضافو ڪجي ٿو، ته جئن انهيءَ احوال جي مقابلي ۾، هڪ خاص [٤] طرز معلوم ٿئي.

مخفي نه رهي ته اڳيان سنڌي ماڻهو جئن ته فارسي زبان کان ناواقف هئا، تنهنڪري ملڪ ۽ بادشاهن جي احوال ۾، ڪو به ڪتاب وجود ۾ ڪونه آيو: مگر سال ٦١٣ هه ۾، اُچ جو ويٺل، علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي، هن "ماثريءَ" ۾ ڊوڙي (هي خيال رکي)، بکر ۽ الور جي شهر ۾ اچي پهتو؛ ۽ اچي عرب جي پسمانده خاندانن جي بزرگن کي ڏٺائين ۽ پڇا ڪيائين، ته جئن ڪيس اسلام جي فتح جو سچو پچو احوال معلوم ٿي سگهي. نيٺ قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي کي وٽي ڄاڻ ڪيائين، جنهن بزرگ وٽ عربي زبان ۾ هڪ مسودو ڏٺائين، جو سندس وڏن سنڌ ۽ سنڌ جي فتح جي واقعن جي تفصيل متعلق لکيو هو، ۽ انهيءَ جو پارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ مير محمد معصوم بکريءَ، ۽ تنهن کان پوءِ مير محمد طاهر نسيانيءَ، اڪبر ۽ جهانگير جي زماني ۾ تصنيفون ڪيون. ساڳيءَ طرح "ارغون نامو"، "ترخان نامو" ۽ "بيگلر نامو" پڻ لکيا ويا - ان کان پوءِ جا حالات، ڪنهن به بيان ڪونه ڪيا آهن.

هنن ڪاغذن جو ڪارو ڪندڙ (مصنف)، الله تعاليٰ جي تائيد ۽ توفيق، سان پنهنجي وقت تائين (موجود ٿيل) متفرق ڪتابن مان چونڊ ڪرڻ جي وسيلي [نئين سر هن ميدان تي] وک وڪڻي ٿو، ۽ ڪن تازن احوالن جي تحقيق بابت ڏڪ ڊوڙ ڪري ٿو. اميد ته عام خواه خاص ماڻهن کي [سندس اهو سفر] پسند پوندو — "رب يسر و تمم بالخير" (اي مولاي آسان ڪر، ۽ خير سان پورو ڪر!).

[باب پهريون]

راءِ گهراڻو

چاڻڻ گهرجي تہ مٿي لکيل موجب، جڏهن سنڌ جو ملڪ، "سنڌ" جي نالي پنيان سڏيو، ۽ ان ڏانهن منسوب ٿيو، تہ هن جو اولاد، هڪ ڊگهي پويان انهيءَ ملڪ ۾ حڪومت ڪندو رهيو، ۽ انهن مان ڳاٽيئي ڪان ٻاهر قومون پيدا ٿيون، جن جو ڪتابن ۾ بيان ڪونہ ٿيو آهي - مثلاً، 'نبيہ' (١)، 'تاڪ' ۽ 'موميد' (٢) قومون، واري واري سان حڪومت ڪنديون رهيون. انهن جو تفصيل پڻ معلوم نہ ٿي سگهيو- تنهنڪري، پوئين ۾ پوئين طبقي "'راءِ' گهراڻي" جي بيان ڪان شروع ٿو ڪجي، تنهن ڪان پوءِ ٻين قومن جو بيان ڪيو ويندو.

هنن جو تختگاه "الور" جو شهر هو. ملڪ جون حدون، اپرندي ڪان ڪشمير ۽ قنوج، الهندي ڪان مڪران ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري يعني ديبل بندر، اتر ڪان سورت بندر ۽ ڏکڻ ڪان قنڌار، سيستان، سليمان جبل، ڪردان ۽ ڪيڪانان تائين هيون.

جنهن صورت ۾ هن گهراڻي جي ابتدا پڪيءَ طرح معلوم نہ آهي، تنهنڪري جيڪي نالا معلوم ٿيا آهن، انهن جي ٿوري بيان تي اڪتفا ڪجي ٿي. "راءِ ديوائج" عاليشان بادشاه هو. مٿين حدن ۾، سندس حڪومت مستقل طور هلندڙ هئي. هندوستان جا سڀ بادشاه، سندس مخلص ۽ خيرخواه هئا. چاڻو ڪامورن جي هٿ هيٺ ساري ملڪ ۾

---

(١) نبسيہ - "ن" (٢) ماميد - "ن"

ڪاروبار دل گهرئي نموني تي هليو. سندس مرڻ تي، هن جو پٽ ”راءِ سيهرس“، تخت ۽ تاج جو مالڪ ٿيو، ۽ پيءُ واري رستي تي گهڻو وقت عيش ۽ آرام ۾ زندگي گذاري، تخت کان تختي (غسل ڏيارڻ جو تختو) ڏانهن روانو ٿيو (مري ويو). ڪائنس پوءِ، سندس ناليري فرزند ”راءِ ساهيسيءُ“ حڪومت جي گاديءَ ۽ بادشاهيءَ جي تخت تي مرادون ماڻي، ڪيترو عرصو گذاريو ۽ وڏن واريون رسمون چڱيءَ طرح جاري رکيون. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ ”راءِ سيهرس-پيو“ جاءِ نشين ٿيو. هن تي نيمروز جي بادشاهه ڪاهه ڪئي. انهيءَ خبر پڌڻ شرط، هن ڪيچ جي حدن وٽ سندس سامهون تي [٥]، لڙائيءَ جو ميدان سينگاريو. صبح کان منجهند تائين جنگ جي باهه پڙڪندي رهي. اوچتو سندس نڙيءَ ۾ تير وچي لڳو ۽ ساهه ڏنائين. نيمروز جو بادشاه، سندس لشڪرگاه لٽي پوئتي موٽي ويو. سيهرس جي لشڪر گڏ ٿي، سندس پٽ ساهيسيءَ کي تخت تي وهاريو. ”راءِ ساهيسي-پيو“، وڏن کان به وڌيڪ وٽندڙ عادتن جو مالڪ هو، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ بادشاهيءَ جي حدن جو بندوبست ڪري، تختگاه ۾ آرام سان رهڻ لڳو، ۽ دل جي عيوض رعيت کي چهن قلعن—اَچ، ماٿيلو، سيورائي، مؤ، الور ۽ سيوستان—جي زمين، منيءَ سان پرڻ جو حڪم ڏنائين.

چون ٿا ته هن وٽ ”رام“ نالي هڪ سيڪريٽري، ۽ ”بڌيمن“ نالي هڪ وزير هو. هڪ ڏينهن ”سيلائج“ نالي هڪ مشهور برهمڻ جو پٽ، ”چچ“ نالي، رام سيڪريٽريءَ وٽ لنگهي آيو. سندس صحبت کان سيڪريٽري ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس وزير تائين پهچايائين. اتفاقاً، چچ جي خاص ملازم بنجڻ کان ٿورو وقت پوءِ، وزير بيمار ٿي پيو، ۽ هوڏانهن، باهران آيل ڪن خطن جي پڙهڻ لاءِ، راءِ جو سڏ ٿيو—۽ جئن ته (وزير) انشاء جي فن ۾ چچ جي

ڪامل مهارت ڏسي چڪو هو، تنهنڪري هن کي پنهنجي پاران موڪليائين. راجا محلات ۾ اندر هو، ۽ چچ کي اندر سڏيائين. راجا جي زال، راڻي ”سوهنديءَ“ پڙدي ۾ وهڻ گهريو، پر ساهسيءَ چيو ته برهمڻ کان ڪهڙو پڙدو آهي؟ (١)“ برهمڻ (چچ) جي اندر اچڻ کان پوءِ، ساهسي هن جي فصاحت بلاغت کان ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس جوابن لکڻ جو حڪم ڪيائين؛ ۽ جڏهن راجا وٽ سندس انشاء پردازيءَ ۾ ڪمال ثابت ٿيو، تڏهن حڪم ڪيائين ته ”اڄ کان پوءِ پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جو عهدو کيس ڏنو وڃي، جئن محلات ۾ اندر اچي ضروري سوال جواب ڪندو رهي“. انهيءَ وچ ۾ راڻيءَ جي دل چچ ڏانهن مائل ٿي، وڃي بي اختياريءَ جي حد کي پهتي؛ وصال لاءِ ڪيترائي پيغام موڪليائين، پر چچ نه قبوليا. نيٺ چچ جو ڪاروبار ترقي ڪري ويو؛ ۽ ننڍا وڏا، سندس احسان ۽ قابليت جا ممنون ٿي پيا. اتفاقاً، بخت جي ياوريءَ سان، راءِ ساهسي موت جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو. راڻيءَ، چچ کي گهرائي چيو ته ”راءِ جو حال اجهو اهو آهي؛ کيس ڪوبه فرزند ڪونه آهي، ضرور سندس مائٽ ملڪ جا وارث ٿيندا، جي توکي ۽ مون کي ڪين ڇڏيندا؛ [تنهنڪري ارادو اٿم] ته ڪو ڏيلو هلايان، جئن راجائي توکي ملي وڃي“. چچ جي قبول ڪرڻ تي، راڻيءَ اميرن کي پيغام

(١) ” فتحنامه “ يعني ”چچنامه“ (ص ٢٠) ۾ لکيل آهي ته: ”راجا، راڻيءَ کي چيو ته ’هڪ نا محرم حرم ۾ اچي ٿو، تنهنڪري تون پڙدي ۾ وڃ‘؛ جنهن تي راڻيءَ سوهنديءَ وراڻيو ته ’ڪيترا رذيل نوڪر اندر اچن ٿا، جيڪڏهن هڪ برهمڻ اندر ايندو ته منهنجو هن ڏانهن ڪهڙو نوجهه ٿيندو؛ يا مون کي هن کان ڪهڙو شرم رکڻو آهي، جو مان هن کان لڪان‘!“

موڪليو ته ”راءِ ساهيسيءَ ڪي ڪجهه افاقو ٿيو آهي، ليڪن ٻاهر نڪرڻ جي طاقت ڪانه اٿس. هوڏانهن ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن، جو ملڪن جو سوال جواب مهمل رهندو ٿو اچي. تنهنڪري هن وقت حڪم ڪيو اٿس، ۽ پنهنجي مهر چچ جي حوالي ڪئي اٿس، ته سندس پاران تخت تي ويهي، نائب جي حيثيت ۾، ملڪ جو ڪاروبار هلائي. توهان سڀ حاضر ٿيو“. حڪم جي تابعداري ڪري، سڀني اميرن ۽ مکيه ماڻهن حاضر ٿي چچ جو سلام ڪيو، ۽ [سندس اڳيان] گوڏا کوڙيا. جلدئي ساهيسي [٦] گذاري ويو. راڻيءَ پهريائين ته اهو بندوبست ڪيو، جو سندس مڙس جي وفات جي خبر ڪنهن کي به ڪن ڪانه پيئي. پوءِ [راءِ جي] انهن ويجهن عزيزن کي، جيڪي ملڪ جا دعويدار هئا، هڪ هڪ ڪري وصيت جي بهاني سان گهرائي قيد ڪيائين، تنهن ڪان پوءِ مسڪين ماڻهن کي گهرائي چيائين ته ”ملڪ جي دعويدار سردارن کي، توهان لاءِ قيد ڪيو اٿم، توهان مان هر هڪ کي گهرجي ته قيدخاني ۾ وڃي، جنهن کي پنهنجو حريف سمجهي، انهيءَ کي ڪُهي ڇڏي، ۽ وڃي سندس گهر ٺڙ ۽ عهدي تي متصرف ٿي، چچ جي تابعداري قبول ڪري، جئن ڪيس سموريون مرادون حاصل ٿين“. سڀني ماڻهن، هن کي غنيمت سمجهي، هڪدم ائين ڪيو. تنهن ڪان پوءِ هر هڪ کي گهرائي، نوازي، چچ جي حوالي ڪيائين، ۽ مڙس جو لاش ٻاهر ڪڍي ساڙيائين.

هنن مٿين پنجن راجائن جي حڪومت جو عرصو، هڪ سؤ سٺيهه سال لڳيو اٿن — تنهن ڪان پوءِ برهمڻن جي حڪومت شروع ٿي.

[باب ٻيو]

برهمڻ (حاڪمن) جو طبقو

انهن مان پهريون، "چچ بن سيلائج" هو. چچ جنهن وقت متئين نموني سان ملڪ جو پهريون وارث ٿيو، تڏهن راڻيءَ جي چوڻ موجب خزانن جو دروازو ڪولي، عام خاص ماڻهن کي احسان جي دام ۾ ڦاسايائين. اتي راڻيءَ، هن جو ڪم خاطريءَ جهڙو ڏسي، مکيه برهمڻن ۽ اميرن کي سڏي چيو ته "مون کي چچ تي حلال ڪريو" (۱)؛ جنهن تي هنن دستور موجب هن کي چچ جي نڪاح ۾ آندو. هيءَ خبر ٻڌي، ساهسيءَ [راءِ] جو هڪ عزيز، "راڻو مهرت" چيتوري(۲)، بيشمار لشڪر وٺي اچي جيسلمير(۳) وٽ پهتو، ۽ چچ ڏانهن خط لکيائين ته "برهمڻ جو حڪومت ۽ بادشاهيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ توکي پاڻ تي رحم ڪري، حڪومت تان

---

(۱) يعني 'چچ سان منهنجو نڪاح پڙهو'. (۲) "فتحنامي" ۾ لکيل آهي: "تا خبر، مرگ، ساهسي راؤ ببرادر، او مهرت ملڪ، شهر چتور رسيده بود ... الخ" (نيٺ ساهسيءَ جي موت جي خبر، سندس ڀاءُ مهرت، چتور جي بادشاه کي پهتي، وغيره)- معلوم ٿيو ته مهرت، ساهسيءَ جو ڀاءُ هو. (۳) پتو نٿو پوي ته مير "قانع" جو ساخذ ڪهڙو آهي. فتحنامي جو مصنف ته جيسلمير جو ڪوبه ذڪر ڪونه ٿو ڪري؛ هو ته فقط ايترو ٿو لکي ته "تا بيک فرسنگيءِ 'ارور' لشڪرگاه کرد"-ص ٢٦ (اروڙ کان هڪ فرسنگ، يعني ٽن ميلن تي اچي ڇانوٽي هنيائين)؛ پڻ فتحنامي ۾، راڻي سوهنديءَ سان، چچ جو نڪاح، مهرت تي فتح پائڻ کان پوءِ ڏيکاريل آهي (ڏسو "فتحنامو" ص ٢٩).

دستبردار ٿيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان، توکي تنهنجي اڳئين عهدي تي قائم رکيو ويندو". چچ مونجهو ٿي راڻيءَ وٽ ويو، ۽ وڃي چيائينس ته "طاقتور دشمن اچي پهتو آهي، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟" راڻيءَ چيو، "جنگ جي صلاح مرد ڇاڻندا آهن. جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي ويهي رهين، ۽ پنهنجا ڪپڙا لاهي مون کي ڏين، ته آءٌ وڃي تي دشمن کي منهن ڏيان". [هيءَ ٻڌي] چچ شرمندو ۽ متاثر ٿيو، تنهن تي راڻيءَ دلداري ڏيئي چيس ته "خزانو تنهنجي هٿ ۾ آهي، فتحمند ٿيڻ لاءِ نئين سر لشڪر جون دليون وٺ". چچ هڪدم لشڪر تيار ڪرڻ کي لڳي ويو، ۽ بيشمار پئسو خرچ ڪري تيار ٿيو. ايتري ۾ راڻو مهرت اچي 'اروڙ' جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. جڏهن ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون، تڏهن راڻي مهرت اڳتي وڌي اچي چيس ته "لڙائي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهي، پوءِ [ٻي] دنيا ناحق ڇو برباد ٿئي؟ اچ ته ٻئي پاڻ ۾ زور آزمايون". چچ جواب ڏنو ته "مان برهمڻ ماڻهو آهيان، سوار ٿي جنگ ڪرڻ ڪانه اچيم، [گهوڙي نان] لهه ته مقابلو ڪريون". راڻي مهرت گهوڙي کي ڇڏي ڏنو. [هوڏانهن] چچ پنهنجي سئيس کي چيو ته "آهستي آهستي، گهوڙو مون وٽ پهچائج". راڻو مهرت هن ٺڳيءَ کان ناواقف هو، سو گهوڙو ڇڏي، اچي سامهون ٿيو. چچ ڦڙتائيءَ سان گهوڙي تي چڙهي، هڪ ئي ڌڪ سان دشمن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. راڻي جو لشڪر شڪست کائي، ڦري پوئتي موٽيو، ۽ چچ فتحمند ٿي اروڙ ڏانهن آيو- هيءُ واقعو هجرتِ نبوي عليه الصلواة والسلام جي پهرئين سال جي لڳ ڀڳ آهي.

قصو ڪوتاه، راڻي مهرت تي فتح پائڻ کان پوءِ، چچ، ٻڌيمن وزير سان صلاح ڪري، پنهنجي ڀاءُ چندر کي نائب طور اروڙ ۾ وهاري، پاڻ [ملڪ جي] حدن مقرر ڪرڻ

ڏانهن متوجهه ٿيو. سيوستان جي حاڪم ”متي“، سندس [٧] اطاعت قبول ڪئي. برهمڻآباد جي حاڪم ”اگهم“ لوهاڻي، سندس اڳيان سر تسليم خم ڪيو(١). ’سويس‘ عرف ’سيويءَ‘ جي قلعي جي حاڪم، ”ڪبي بن ڪاڪي“ چني(٢)، جنهن جي تختگاه جو نالو ”ڪاڪا راج“ هو، تنهن پڻ سويس قوم سميت تابعداري اختيار ڪئي. آخر چاليهه سال ڪاميابيءَ سان پورا ڪري گذاري ويو.

ڪانئس پوءِ هن جو ڀاءُ، ”چندر بن سيلائج“ سندس قائم مقام ٿيو. سيوستان جي حاڪم متيءَ، قنوج جي راجا وٽ وڃي چيو ته ”چچ مري ويو آهي ۽ سندس ڀاءُ سندس جانشين ٿيو آهي. جيڪڏهن توهان توجهه ڪندا، ته ملڪ آسانيءَ سان هٿ اچي ويندو“. [اهو ٻڌي] هن پنهنجو ڀاءُ ”بسايس“ ساڻس گڏ روانو ڪيو. چندر هن خبر ٻڌڻ سان، دشمن جي مقابلي لاءِ ضروري تياري ڪئي. بسايس ۽ متو ڪجهه وقت ملڪ ۾ هيڏي هوڏي ڊوڙيا، اروڙ تي حملو ڪري حيلا هلايائون، پر آخرڪار چارو نه ڏسي، صلح

(١) فتحنامي مان صاف معلوم ٿو ٿئي ته سيوهڻ جي حاڪم متي، ۽ برهمناد جي حاڪم اگهم لوهاڻي، چچ جي تابعداري ڪانه ڪئي هئي؛ بلڪ متو شڪست کائي قنوج ڏانهن ڀڄي ويو هو، ۽ اگهم جنگ هلندي مري ويو، ۽ سندس پٽ ٻيءَ جي مرڻ کان پوءِ اطاعت ۾ آيو. فتحنامي ۾ هيءَ پڻ لکيل آهي ته سويس جو قلعو، چچ حملو ڪري فتح ڪيو هو. تنهن کان پوءِ اتي جي حاڪم جي پٽ ”ڪبي“ (نه ’ڪبي‘ - جئن تحفةالڪرام ۾ آهي) اچي پنهنجي ٻيءَ ۽ ماڻهن لاءِ امان گهُري (تفصيل لاءِ ڏسو ”فتحنامو“، ص ٣٩-٤٨).

(٢) فتحنامي ۾ ”ڪيه بن ڪاڪه“ آهي.

ڪري موٽي ويا (١). چندر جي ڪاروبار تقويت ورتي. هو ست سال حڪومت هلائي، ائين سال گذاري ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ سندس ڀائٽيو، چچ جو پٽ "ڏاهر"، بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو، ۽ پنهنجي ڀاءُ "ڏهرسين" کي، پنهنجي پاران برهمڻ آباد موڪليائين، جو وڃي اتي رهيو (٢). هڪ ڏينهن نجومين کان طالع بابت پڇا ڪيائين، جن چيس "تہ تنهنجي ۽ تنهنجي ڀاءُ جي طالع ۾ ڪابہ نحوست ڪانہ آهي؛ البت توهان جي ڀيڻ جي ويڙي، اهڙي ساٿهوءَ سان پڙهبي، جو اروڙ ۽ ملڪ جو وارث ٿيندو"؛ تنهنڪري هن، ملڪ جي کسجي وڃڻ جي خوف کان، حيلوڪري، ڀيڻ پنهنجي نڪاح ۾ آندي؛ پر مباشرت (هم-بستري) کان پاسو ڪندو رهيو. سندس ڀاءُ ڏهرسين، هيءَ خبر ٻڌي ڪاوڙجي حملو ڪيو، پر اوچتو اروڙ ۾ پهچڻ تي ڦرڙين جي بيماريءَ وگهي گذاري ويو. ڏاهر هن کي ساڙي برهمڻ آباد ويو، ۽ سندس زال، جا اگهم لوهاڻي جي ڌيءَ هئي، تنهن کي پنهنجي نڪاح ۾ آندائين. هڪ سال اتي

(١) هيءَ ڳالهہ فتحنامي ۾ پوري تفصيل سان لکيل آهي. فتحنامي ۾ قنوج جي راجا جو نالو "سهيرس"، ۽ سندس ڀاءُ جو نالو "برهاس بن ڪسائس" لکيو ويو آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ٥٠-٥٣).

(٢) فتح نامي جي لکڻ موجب، چندر جي مرڻ کان پوءِ، برهمناد تي ڀهريائين چندر جي پٽ "راج" قبضو ڪيو. هڪ سال کان پوءِ، اهو مري ويو؛ ۽ سندس مرڻ کان پوءِ "ڏهرسيہ" بن چچ برهمناد تصرف ۾ آندي، ۽ چچ جي ڌيءَ "ٻائي" پڻ ڏهرسيہ سان شامل هئي. ڏهرسيہ وڏو هو، تنهنڪري هن برهمن آباد تي سڄي حڪومت ٿي ڪئي، نہ ڏاهر جي پاران. (ڏسو "فتحنامو"، ص ٥٣-٦٣).

رهي، ڏهرسين جي پٽ چچ کي مقرر ڪري اروڙ ۾ آيو (١)، ۽ اروڙ جو قلعو، جو هن جي پيءُ چچ اڌورو ڇڏيو هو، تنهن جي تعمير ڪرايائين ۽ [پنهنجو اهڙو] دستورالعمل بنائي ڇڏيائين، جو سياري جا چار مهنا برهمن باد ۾ گذاريندو هو، ۽ بهار جا چار مهنا اروڙ ۾ رهندو هو(٢). اهڙيءَ طرح اٺ سال گذاريائين، ۽ آهستي آهستي ملڪ جو ڪاروبار دل گهرئي نموني تي ضابطي هيٺ آيو. انهيءَ کان پوءِ مشرقي حدن جو سير ڪري، ڪشمير جي حد تي سرحد جي نشانن واسطي، سروچا ۽ وڻ وهاري موٽي آيو (٣).

علافي عربن جي [ڏاهر سان] سلڻ جو احوال

خبرن جي راوين هن طرح بيان ڪيو آهي ته "عبدالملڪ بن مروان" جي خلافت جي زماني ۾، جڏهن "حجاج" پنهي عراقن (٤) جي حڪومت حاصل ڪري، سنڌ ۽ هند ۾ اک وڌي، ۽ "سعيد" کي مڪران موڪليو، تڏهن هن (سعيد) اچي "سفهوي بن لام" حماسيءَ کي قتل ڪيو، جنهن تي "بني اسامه" (٥) قبيلي جي عربن مان "عبدالله بن عبدالرحيم" ۽

---

(١) مير قانع جو ماخذ خبر ناهي ڪهڙو آهي؟ فتحنامي موجب ته ڏاهر، برهمناباد کان پوءِ، سيوستان کان ٿي، اروڙ جي قلعي ۾ آيو ۽ تڪميل ۾ انهيءَ قلعي جي ڪرايائين (ڏسو "فتحنامو"، ص ٦٨). (٢) فتحنامي ۾ وڌيڪ لکيل ٿو ته "ڏاهر گرميءَ جا چار مهنا راوڙ ۾ گذاريندو هو" (ڏسو "فتحنامو"، ص ٦٨-٦٩). (٣) فتحنامي ۾ ڏاهر جي سرحد جي سير جو ڪو به ذڪر ڪونهي؛ البت چچ جي ذڪر ۾ لکيو اٿس ته چچ، ڪشمير جي سرحد تي، ٻه وڻ - هڪ بيد جو ٻيو صنوبر جو - لڳايا هئا (ڏسو "فتحنامو"، ص ٣٨). (٤) يعني "عراق عجم" ۽ "عراق عرب". (٥) اصل متن ۾ "بني آسامه" آهي، جو غلط ٿو ڏسجي.

"محمد بن معاويہ" پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ 'سعيد' سفهويءَ (١) کي، جو اسان جي ڪٽنب ۽ طرف جو هو، ناحق ڪُٺو آهي [٨]، تنهنڪري اتفاق ڪري انهيءَ جي پاڙ پٽڻ گهرجي'. انهيءَ فيصلي تي بغاوت ڪري، سعيد کي ماري مڪران تي متصرف ٿيا؛ پر ٿوري وقت کان پوءِ ڀڄي خراسان پهچي ويا. جڏهن "مجاعه بن سعر" خراسان فتح ڪرڻ لاءِ ڪرمان آيو، ۽ "عبدالرحمان بن اشعث" کي [اڳيرو] روانو ڪيائين، تڏهن علافي هن کي رستي ۾ ڪُهي، سنڌ ڏانهن پهچي ويا، ۽ اچي ڏاهر وٽ پهتا. ڏاهر هنن کي، حڪومت جي ڪاروبار لاءِ غنيمت سمجهي، پاڻ وٽ رکيو. مٿيان علافي، "محمد بن قاسم" جي اچڻ ۽ سنڌ فتح ٿيڻ تائين اتي هئا، ۽ آخر امان نامو حاصل ڪري، اچي محمد بن قاسم سان مليا (٢).

قصو مختصر– هندوستان جي ڪن بادشاهن، ڏاهر جي استقلال جي خبر ٻڌي، پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ 'ڏاهر جي هن طرف رخ ڪرڻ کان اڳ ۾، لشڪر وٺي ڏانهس وڃڻ گهرجي، ممڪن آهي تہ سندس ملڪ پڻ هٿ اچي وڃي'. نيٺ راجائن جي صلاح سان، قنوج جو والي راجا "رنمل" لشڪر وٺي، ڏاهر تي ڪاهي ويو، ۽ وڃي اروڙ وٽ پهتو. راجا ڏاهر دشمن جي مقابلي کان عاجز ٿي، ٻڌيمن وزير سان صلاح ڪئي، هن چيس تہ "جنگ جو فن، عرب چڱيءَ طرح ڄاڻن، تنهنڪري اهو بار انهن تي رک". ڏاهر سوار ٿي اچي محمد علافيءَ کان مدد گهري. علافيءَ وراڻيو تہ "تون

---

(١) اصل ۾ "سفهوري" آهي، جو غلط آهي. (٢) فتحنامي ۾ علافين جي پهچي وڃڻ جي خبر ڪجهہ تفصيل سان آهي، پر انهيءَ ۾ عبدالرحمان بن اشعث جي قتل جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آهي، ۽ نہ وري علافين کي "بني اسامه" سڏيو ويو آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ٨٥-٨٨).

دلجاءِ ڪري لشڪر ٻاهر ڪڍي، هڪ فرسنگ (ٽي ميل) [جي مفاصلي] ۾ هڪ اونهي کاهي کوٽي، انهيءَ کي ڪکن سان ڍڪڻ جو حڪم ڪري، جئن آءٌ جيڪو به ويچار ڪريان، تنهن جو نتيجو مدعا موجب نڪري". نيٺ جڏهن راجا ڏاهر اهڙيءَ طرح [ڪم] تيار ڪيو، تڏهن محمد علافيءَ سنڌين ۽ عربن مان پنج سؤ چونڊ ماڻهو پاڻ سان ورتا، راجا رنمل جي لشڪر تي راتاهو ڏنو. سپاهي، بيخبريءَ جي حالت ۾ ننڊ مان جاڳيا، [پهريائين تہ] پاڻ ۾ جنبي ويا، ۽ پنهنجو ڪم پاڻ پورو ڪيائون. اتي پره ڦٽڻ وقت، محمد علافيءَ کين ڏيکاري ڏيئي، پٺڻ جو نمونو اختيار ڪيو. هُنن سمجهيو تہ اسان تي هيءَ مصيبت، هن ٽورڙيءَ جماعت آندي آهي، سو وٺي سندن پويان پيا ۽ وڃي کاهيءَ ۾ ڪريا. هاٿي ڏاهر پنهنجي فوج سميت سوار ٿي، ڪٿن جي علاوه آسي هزار مرد ۽ پنجاهه هاٿي قيد ڪري، ٻڌيمن وزير جي صلاح تي سڙيني کي آزاد ڪري ڇڏيو(١).

(١) هن بيان ۾، مير علي شير "قانع" پنهنجي هنڌن تي غلطيون ڪيون آهن: هڪ تہ حملي جو سبب، هندوستان جي راجائن جو حسد ۽ خوف بيان ڪيو اٿس؛ حالانڪ ائين بلڪل نہ هو، بلڪ ڏاهر جي ڀيڻ "ٻائي"، جنهن کي ڏاهر ڪٿي هرويرو نڪاح ۾ آندو، سا پهريائين "رمل" (جيسلمير) جي راجا سان مڱجي چڪي هئي. اهو مڱڻو ڏاهر جي وڏي ڀاءُ ڏهرسين ڪرايو هو، ۽ سمورو ڏاج ڏانوڻ تيار ڪري، ڀيڻ جي ٻانهن، ڏاهر ڏانهن، فقط پرڻائي ڏيڻ لاءِ رواني ڪئي هئائين؛ مگر ڏاهر نجومين ۽ ٻڌيمن وزير جي صلاح تي، ٻائيءَ سان پاڻ پلؤ ٻڌي ويهي رهيو. جنهن تي ڀهرين ڏهرسين لڙائيءَ لاءِ سنبري آيو، پر جڏهن اهو ڏجهه ڪرڻ کان سواءِ مري ويو، تڏهن خود رمل (جيسلمير) جو راجا لشڪر وٺي پاڻ کاهي آيو- ٻيو

(ڏسو حاشي صفحو ٢٠)

جنهن صورت ۾، هيءَ فتح پڌيمن جي صحيح رهنمائيءَ ڪري ٿي هئي، تنهنڪري ڏاهر مٿس ڏاڍي نوازش ڪري، سندس استدعا موجب، "تنڪه" (١) جي هڪ طرف تي سندس نالي چٽڻ جو حڪم ڏنو.

هن فتح کان پوءِ، ڏاهر جو ڪم تمام زور وٺي ويو، ۽ ڪيس سيني آس پاس جي بادشاهن تي غلبو حاصل ٿيو. انهيءَ غرور ۾ سندس سرڪشي ۽ هٺ وڌندو رهيو؛ ۽ پنجويهه سال پيا بہ سرڪشيءَ سان حڪومت هلايائين، جنهن جو نتيجو حڪومت جي زوال جي صورت ۾ ظاهر ٿيو— جنهن جو بيان پين سببن سميت مذڪور ٿيندو.

تہ 'رمل جي راجا' کي مير عليشير "قنوج جو راجا" ڀڌائي، سندس نالو راجا "رنمل" لکيو آهي: درحقيقت انهيءَ راجا جو نالو، "سوين راءِ" هو ۽ قوم جو ڀاٽيو هو؛ "رمل"، يعني جيسلمير جي ملڪ جو راجا هو (ڏسو "فتحنامو"، ص ٤٥–٧١). پڻ فتحناميءَ ۾، رمل جي راجا جي لشڪر جي ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آهي؛ بلڪ فقط ايترو ذڪر آهي تہ علائيءَ ڏاهر کي چيو تہ "تون هڪ فرسنگ (ٽي ميل) زمين ۾ کاهي کوٽائي تيار ٿي ويهہ" (ص ٧١)، ۽ علائيءَ جاچ ڪئي تہ معلوم ٿيس تہ هو رات جو نهايت غافل رهن ٿا، پهري ڀهري جو ڪوبہ انتظام ڪونہ اٿن؛ تنهنڪري علائيءَ وٽي مٿن راتاهو ڏنو. هو جٺن چرڪ ڀري وٺي اٿيا، تيئن انهيءَ سراسيمگيءَ جي حالت ۾، هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ ۾ لڳي ويا. نتيجو هي ٿيو، جو اسي هزار ماڻهو قيد ٿيا، ۽ پنجاهہ هاٿي ۽ بيشمار گهوڙا هٿ آيا – الخ ("چچنامو"، ص ٧١).

(١) فتحنامي ۾ "تنڪه" جي بدران "مهرسير" يعني چانديءَ جو سڪو آهي ("فتحنامو"، ص ٧٢).

سرانديپ جي ٻانهين جي قيد ٿيڻ جو احوال

جڏهن ته سرانديپ جي بادشاهه، ”يواقيت“ جي ٻيٽ (١) مان، خليفي ۽ حجاج لاءِ ڪي حبشي ٻانهيون ۽ ٻانهيون، گھڻن قيمتي جواهرن ۽ عجيب [٩] جنسن سان گڏ، [پنهنجن] اعتماد جوڳن ماڻهن هٿان آٺن ٻيڙين ۾ چاڙهي روانيون ڪيون هيون. اتفاقاً عربي سمنڊ ۾ طوفان لڳڻ ڪري، اهي ٻيڙيون اچي ديول بندر کان نڪتيون. ديول جي رهاڪو ’نڪامره‘ قوم جي چورن، انهن سڀني کي گرفتار ڪيو. سرانديپ جي بادشاهه جي خاص ماڻهن، کين ڏاڍو سمجهايو ته هي مسلمانن جي خليفي جون سوکڙيون آهن؛ مگر هنن قبول نه ڪيو، ۽ چيائون ته ”تو هان جو ڪو واهرو آهي، ته پاڻ کي وري خريد ڪريو“. انهيءَ ٽولي ۾ ڪي مسلمان پاڪدامن عورتون پڻ، حج ۽ دارالخلافت ۽ حجاج جي زيارت ڪرڻ جي خيال سان، اچي مليون هيون، تن مان ’هڪ بني عزيز‘ قبيلي جي عورت، ٽي دفعا بلند آواز چيو: ”آغِثْنِي يَا حَجّاجُ“ (اي حجاج منهنجي واهر ڪر!). هيءَ ڳالهه وڃي حجاج کي ٻڌايائون. جڏهن ٻڌائين ته انهيءَ عورت ٽي دفعا ”آغِثْنِي“ پڪاريو آهي، تڏهن جواب ۾ ”لَبَّيْکَ“ چئي، تدارڪ جي پويان پيو (٢).

---

(١) ”سيلان“ جي ٻيٽ کي، عربي تواريخن ۾، ”جزيره يواقيت“ لکندا آهن؛ ڇاڪاڻ ته اتي جي عورتن جو منهن تمام سهڻو ٿيندو آهي. بلاذري چوي ٿو، ”وانما سميت هذه الجزيرة جزيرة الياقوت لحسن وجوه نسائها“ (ص ٤٢٣). (٢) هيءُ بيان سمورو فتحنامي جي موافق آهي، پر بلاذري کان جاين ۾ مخالف آهي. بلاذري جي بيان موجب، اهي عورتون انهن مسلمانن جون ڌيرون هيون، جي تجارت جي خيال کان سرانديپ ٻيٽ ۾ آيا هئا، ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. سرانديپ جي بادشاهه، دوستي گنڍڻ خاطر، انهن عورتن کي حجاج ڏانهن روانو ڪيو. پيو ته بلاذريءَ جي چوڻ موجب، دانهن ڪندڙ عورت ’بني يربوع‘ قبيلي مان هئي. ٻيون چور—جن ٻيڙيون ڦريون هيون— ديبل جي ’ميد‘ قوم جا هئا (”بلاذري“، ص ٤٢٣).

بديل (١) جي شهادت جي ڪيفيت

حجاج بن يوسف، مسلمان قيدين جي تدارڪ واسطي، [هڪ پاسي] خليفي کي عرض ڪيو، [ٻئي پاسي] هڪ قاصد ڏاهر ڏانهن موڪلي، ڪيس دڙڪو ڪرڪو ڪيو. خليفي غفلت ڪئي، ۽ ڏاهر چيو ته ”مون کي ڪابه خبر ڪانهي؛ انهن کي چور ڪٺي ويا هوندا، جي منهنجي حڪم ۾ پڻ ناهن؛ وڃي توهان پاڻ سمجهو“— هن جواب پهچڻ تي، حجاج دوباره خليفي جي خدمت ۾ عرض ڪري، اجازت ورتي، ”عبدالله سليمي“ کي مڪران تي مقرر ڪيو، ۽ ”بديل“ کي مڪران پهچي، ٽي هزار ماڻهو وٺي، سنڌ ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو. بديل نيرون ڪوٽ ۾ پهچي، ديبل جي طرف ويو. ڏاهر هيءَ خبر ٻڌڻ سان ”جيسيه“ نالي پنهنجي پٽ کي، گهڻو لشڪر ساڻ ڏيئي، ديبل موڪليو. صبح کان شام تائين سخت لڙائي هلي، جنهن ۾ خوب حملن کان پوءِ بديل شهيد ٿي ويو، ۽ گهڻا مسلمان قيد ٿيا(٢).

---

(١) اصل ۾ ”بذيل“ (’ذ‘ سان) لکيل آهي، جو صحيح نه آهي.

(٢) هيءُ بيان پڻ تحناسي موافق آهي؛ مگر انهيءَ ۾ ”عبيد الله بن نبهان اسلمي“ — جنهن کي مير قانع غلطيءَ کان ”عبد الله“ سڏيو آهي — جي شهادت جو ذڪر بالڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي، جو بديل کان اڳ ۾ شهيد ٿيو هو. هن موقعي تي بلاذري چوي ٿو: ”فاغزي الحجاج عبيد الله بن نبهان الديبل فقتل فكتب الي بديل بن طهفة البجلي و هو بعمان يامره ان يسير الي الديبل“— ص ٤٢٣ (پوءِ حجاج عبيد الله بن نبهان کي ديبل تي چاڙهي موڪليو، پر هو قتل ٿي ويو؛ تنهن کان پوءِ عمان جي حاڪم بديل طهفه بجلي کي ديبل ڏانهن وڃڻ جو حڪم لکيائين.)

چون ٿا ته نيرون ڪوٽ جي حاڪم، جنهن جو نالو ”سمني“ هو (١)، تنهن کي اچي خوف ورايو ته ’مان عربن جي لشڪر جي رستي تي آهيان. اج هنن (سنڌين) عربن سان دشمنيءَ جو رستو کوليو آهي، متان مان مفت وچ ۾ پامال ٿي وڃان‘ ۽ سو چا ڪيائين، جو اعتماد جوڳا ماڻهو حجاج ڏانهن موڪليي، اطاعت قبول ڪري، امان نامون وٺي چڏيائين.

[بديل جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ] عامر بن عبدالله، حجاج کي چيو ته ”هيءَ مهم منهنجي حوالي ڪر ته مان سنڌ ۽ هندوستان وڃان“. [حجاج] وراڻيو ته ”هيءَ سوڀ تنهنجي نصيب ۾ ڪانه آهي، مون نجومين کان معلوم ڪيو آهي ته سنڌ ۽ هندوستان، ’محمد قاسم‘ (٢) جي هٿان فتح ٿيندا“. مطلب ته جنهن صورت ۾ ڪافرن جي حڪومت جي ستاري جو زوال، ۽ هن سرزمين تي ”دين محمديءَ“ جي سج اڀرڻ جو وقت اچي چڪو هو، تنهنڪري پهرئين واقعي کان سواءِ، ٻيو هيءُ واقعو به ”محمد قاسم“ جي اچڻ جو سبب ٿيو- جنهن جو بيان عنقريب ابتدا کان ڪيو ويندو- هتي جيسين

(١) مير قانع جو اگرچ هيءَ بيان فتحنامي تان ورتل ٿو ڏسجي، مگر ڪيس ديبل جي واليءَ جي نالي ۾ ڌوکو لڳو آهي: مير قانع ”سمنيءَ“ کي واليءَ جو نالو سمجهيو آهي، حالانڪ در حقيقت ائين نه آهي؛ ”سمنيءَ“ جي معنيٰ آهي ’پروهت‘ (Priest). انهيءَ وقت ۾ ٻڌ ڌرم جي پروهتن کي سمني چوندا هئا. نيرون جو والي، هڪ پروهت هو، جنهن جو نالو ”سندر“ هو. فتحنامي جي عبارت هن طرح آهي: ”و واليءِ نيرون سمني بوڌ، سندر نام“ (ص ٩٣).

(٢) عربن جو دستور آهي ته پيءُ ۽ پٽ جو نالو گڏي لکندا آهن، ۽ وچ ۾ ’ابن‘ جو لفظ ڪونه آڻيندا آهن- مثلاً چوندا ”محمد هاشم“، مطلب هوندو آهي ”محمد بن هاشم“- سا گهڻي رواج موجب هتي به ”محمد- قاسم“ جي معنيٰ ”محمد بن قاسم“ سمجهڻ گهرجي.

جي نالي جي مناسبت سان سندس چمڻ جي عجيب ڪيفيت جو بيان ڪجي ٿو.

چون ٿا ته هڪ ڏينهن، راجا ڏاهر شڪار ڪري رهيو هو، ته اوچتو جهنگل سان هڪ شينهن ٻاهر نڪتو. اگرچ ماڻهو [سندس مارڻ لاءِ] ڊوڙيا، پر ڏاهر سڀني کي منع ڪري پاڻ شينهن [١٠] جي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو. سندس زال — جنهن کي جيسيه ڏهن مهينن جو پيٽ ۾ هو، ۽ ساڻس ڏاڍي محبت هيس — هيءَ خبر ٻڌي، بي اختيار دانهن ڪري، زمين تي ڪري پيئي. آخر ڏاهر شينهن کي ماري، صحيح سلامت موٽي اچي زال کي مئل ڏٺو، ۽ هن جو ٻار پيٽ ۾ چُري رهيو هو. سندس حڪم تي هن (عورت) جو پيٽ ڦاڙي، ٻار کي ٻاهر ڪڍيائون ۽ سندس هيءُ نالو (جيسيه) رکيائون — جنهن جي معنيٰ آهي 'شينهن جو شڪار ڪندڙ'(١): بيشڪ هو وڏي ٿيڻ کانپوءِ بهادريءَ ۾ اهڙوئي ثابت ٿيو، جهڙو نالو هوس.

اسلام جي لشڪر جو سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اچڻ

صحيح روايتن ۾ آيو آهي ته اميرالمومنين "عمر بن الخطاب" رضي الله تعاليٰ عنه جي زماني ۾، جڏهن "عثمان بن ابي العاص"(٢) ثقفي، بحرين تي مقرر ٿي اچي عمان پهتو، تڏهن لشڪر جا ڪي جهاز تيار ڪري، پنهنجي ڀاءُ "مغيره بن ابي العاص" سان گڏ، ديول تي چاڙهي موڪليائين. انهن ڏينهن ۾ چچ جي ٻاران سندس ڀاءُ "سامه بن سيلائج" (٣) اتي حڪومت ڪري رهيو هو. هو اسلامي لشڪر سان جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو.

(١) فتحنامي ۾ "جيسيه" جي معنيٰ 'اَلمُظَفَّرُ بالاَسَدِ' يا 'شير فيروز' لکي ٿو، جنهن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ٿيندي 'شينهن تي فتح لهندڙ' ("فتحنامو"، ص ٢٣٤). (٢) متن ۾ 'عثمان بن عاص' آهي، جو غلط آهي. (٣) فتحنامي ۾ 'سامه بن ديوائج' لکيل آهي، ۽ ڪيس چچ جو ڀاءُ ڪونه ڪوٺيو ويو آهي ("فتحنامو"، ص ٧٣).

آخر گهڻيءَ خون خرابيءَ کان پوءِ مغيره بن ابي العاص شهيد ٿي ويو، ۽ گهڻي جماعت قتل ۽ قيد ٿي.

"ابو موسيٰ اشعري" رضي الله تعاليٰ عنه، جو مڪران جو حاڪم هو، تنهن هيءُ حال خليفي کي عرض ڪري، تدارڪ لاءِ قدم کڻڻ چاهيو، پر ڪيس اوڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منع ڪئي ويئي.

اميرالمومنين "عثمان" [بن عفان] رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت ۾، "عبدالله بن عامر بن ربيعه" مڪران جو حاڪم ٿيو، جنهن کي حڪم ٿيو ته اعتماد جوڳا ماڻهو سنڌ ڏانهن موڪلي، احوال کان واقف ڪري. آنهيءَ "حڪيم بن جبله" کي موڪليو، جنهن احوال معلوم ڪري، وچي خبر ٻڌائي ته "پاڻي ميرو، ميوو ڪنو ۽ قاتل، زمين پٿريلي، ۽ مٽي ڪلراٺي آهي"(١). خليفي پڇيو ته "اتي جا ماڻهو وفاداريءَ ۾ ڪئن ڏٺئي؟" جواب ڏنائين ته "غدار آهن" ــ تنهنڪري انهيءَ پاسي لشڪر موڪلڻ بند ڪيو ويو.

اميرالمومنين "علي" رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جي وقت ۾ هڪ لشڪر مڪران کان لنگهي، ڪاميابيءَ ۽ فتحمنديءَ سان وچي 'ڪوه پايه' ۽ 'ڪيڪانان' وٽ پهتو، جا سنڌ جي حد آهي. ويهه هزار جابلو ماڻهو سندن جنگ لاءِ دڳ جهلي بيٺا. اسلام جو لشڪر تڪبير هڻي اڳتي وڌيو. تڪبير جي غلغلي کان، ڪن ڊچي اچي امان ورتي، ۽ باقي ڀڄي ويا ــ انهيءَ وقت کان وٺي، جنگ جي ڏينهن ۾، انهيءَ جبل مان تڪبير جو آواز ٻڌجڻ ۾ ايندو آهي ــ ايتري ۾

(١) فتحنامي ۾ هيٺيان جملا زياد آهن: "أَهْلُهَا بَطَل ان قل الجيش بِهَا ضَاعُوا وَإِنْ كَثُرُوا جَاعُوا" ــ ص ٥٧ (آتي جا رهاڪو بهادر آهن؛ لشڪر ٿورو هوندو ته ضايع ٿي ويندو، ۽ جي گهڻو هوندو ته بک مرندو).

خليفي جي رحلت جي خبر پهتي، ۽ اڳتي وڃڻ ملتوي ڪري، اهو لشڪر مڪران موٽي آيو.

جڏهن امير "معاويه" رضي الله تعاليٰ عنه مستقل خليفو ٿيو، تڏهن "عبدالله بن سوار" کي چار هزار ماڻهو ساڻ ڏيئي، سنڌ تي مقرر ڪيائين. تقديراً، هو ڪيڪانان جبل ۾ پهچي، ڪافرن [۱۱] هٿان شهيد ٿيو. [اسلامي لشڪر] شڪست کاڌي ۽ باقي بچيل [ماڻهو] موٽي اچي مڪران پهتا.

انهيءَ وقت، امير معاويي جي طرفان "زياد" ٻنهي عراقن جو حاڪم هو، جنهن ڏانهن لکيائين ته "'راشد بن عمرو' (۱) کي سنڌ ڏانهن روانو ڪر". هن وڃي جبل جي دامن تي قبضو ڪيو، ۽ اڳين پوئين ڍل وصول ڪيائين. اهڙيءَ طرح پوري انتظام ۽ بندوبست سان، ڪيڪانان کان اڳتي وڌي، 'منذر' جبل ۽ 'ٻهروج' وٽ اچي پهتو. اتي جبل جا اٽڪل پنجاه هزار ماڻهو گڏ ٿي، گهٽيون جهلي بيٺا، ۽ صبح کان ظهر جي نماز تائين، سخت نڙائي ڪيائون. راشد شهيد ٿي ويو، ۽ اسلامي لشڪر کي شڪست آئي. انهيءَ [شڪست] جي تدارڪ لاءِ "سنان بن سلمه" (۲) انهيءَ مهم تي مقرر ٿيو. هو ڪيڪانان فتح ڪري اچي 'بودهيه' تائين پهتو، جتي لڳيءَ سان شهيد ٿيو. تنهن کان پوءِ "منذر بن جارود بن بِشر" هن ملڪ جو

(۱) فتحنامي جي لکڻ موجب، (ص ص ۸۰-۸۱) عبدالله بن سوار جي شهادت کان پوءِ، "سنان بن سلمه" مقرر ٿيو: تنهن کان پوءِ انهيءَ کي معزول ڪري، "راشد بن عمرو" کي مقرر ڪيو ويو- ليڪن "بلاذري" ۾، عبدالله بن سوار ۽ راشد بن عمرو جي وچ ۾ سنان بن سلمه جي مقرريءَ جو ڪوبه ذڪر ڪونه آهي. (۲) اصل ۾ "راشد بن سلمه" آهي، پر اهو غلط آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ۸۲: ۽ "بلاذري"، ص ۴۲۲).

حاڪم ٿيو، جو 'پورالي' (١) جي حد ۾ بيمار ٿي گذاري ويو، ايتري ۾ امير معاويه وفات ڪئي ۽ "مروان" جي تخت نشينيءَ واري وقت ۾، ڪوبه ماڻهو هن مهم کي سر ڪرڻ لاءِ مقرر ڪونه ٿيو(٢)۔ آخر جڏهن "عبدالملڪ" جووارو آيو، ۽ هن پنهي عراقن جي گورنري "حجاج" کي ڏني، تڏهن حجاج، مڪران ڏانهن "سعيد" [بن اسلم ڪلابي] کي موڪليو، جو تقديراً علافين هٿان شهيد ٿي ويو۔ جنهن مٿي ذڪر ٿي آيو، حجاج علافين کان وير وٺڻ لاءِ "مجاعه" کي ڪرمان روانو ڪيو، جنهن هڪ سال ڪرمان ۾ رهي، جان خداوند پاڪ جي حوالي ڪئي۔ انهن ڏينهن ۾ خليفو عبدالملڪ گذاري ويو، ۽ "وليد" سندس جانشين ٿيو۔ حجاج سنڌ، هند ۽ علافين جي ڪم سرانجام ڪرڻ لاءِ "محمد بن هارون" کي مڪران موڪليو۔ محمد، علافين مان هڪڙي کي ماري، پنجن مهنن اندر، مڪران ۽ آس پاس جي ڪن ملڪن کي دل گهرئي نموني سان ضابطي هيٺ آندو۔ انهيءَ کان پوءِ، 'بُدَيل' جي شهادت جو واقعو جو گذري چڪو، سو حجاج جي اڳئين پوئين انتقام وٺڻ جو باعث ٿي، 'محمد بن قاسم' ثقفيءَ جي اچڻ جو سبب ٿيو۔

(١) اصل ۾ "بورابي" لکيل آهي، جو صحيح نه آهي (ڏسو 'فتحنامو'، ص ٨٣)۔ "پورالي" مڪران ۾ هڪ نئن (ندي) آهي، جا سون مياڻيءَ جي نار ۾ چوڙ ڪري ٿي (Hedich Gates of India, P.30.). بلاذريءَ جي چوڻ موجب، منذر بن جارود "قصدار" ۾ گذاري ويو۔ ڏسو "بلاذري"، ص ٤٢٢)۔ (٢) منذر کان پوءِ، ڇهن مهنن تائين سنڌ جي گورنري، سندس پٽ "حڪم بن منذر" جي هٿ ۾ هئي (فتحنامو، ص ٨٣)؛ ليڪن بلاذري، حڪم بن منذر جي گورنريءَ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي - والله اعلم.

محمد بن قاسم ثقفيءَ جو سنڌ ۾ اچڻ

۽ اتي جيڪي فتحون ٿيون تن جو بيان

بديل جي شهادت جي واقعي کان پوءِ، حجاج بن يوسف خليفي کي عرض ڪيو ته "سنڌ ۾ سرڪش ماڻهو هن نموني پيش آيا آهن، تن جي تنبيهه لاءِ حڪم اشرف جاري ٿئي؛ جئن اڳين پوين مسلمان قيدين جي آزاديءَ جو تدارڪ ڪري، انهن ڪافرن کي سندن سرڪشيءَ جي واجبي سزا ڏني وڃي، ۽ ملڪ پنهنجي هٿ ڪيو وڃي". خليفي چيو ته "ملڪ تمام پري ۽ توريءَ پيدائش وارو آهي: انهيءَ لاءِ خرچ گهڻو گهرجي، ڪيترائي لشڪر ويندا ۽ تلف ٿيندا، تنهنڪري انهيءَ پاسي کان تغافل اختيار ڪرڻ گهرجي". حجاج دوباره عرض ڪيو ته "انشاءالله تعاليٰ، دين محمديءَ جي تائيد ۽ اعانت سان، ڪافر جلد مطيع ٿي پوندا؛ ۽ مسلمان قيدي، جن کي ڊگهو عرصو گذري ويو آهي، آزاد ٿيندا؛ ۽ هن لشڪرڪشيءَ تي جيڪو خرچ ٿيندو، تنهن کان ٻيڻي ٽيڻي [١٢] لاءِ مان جوابدار آهيان". خليفي لاچار اجازت ڏني؛ جنهن تي حجاج جو سوٽ ۽ نياڻو، محمد بن قاسم [بن محمد] بن عقيل ثقفي، سترهن ورهن جي عمر ۾، مقرر ٿيو: شام ۽ عراق جا ڇهه هزار چونڊ رئيس زادا (١) ساڻس گڏي روانا ڪيائون. هو

(١) هيءَ مير قانع جي کلي غلطي آهي: محمد بن قاسم سان ڇهه هزار ته فقط شام جا چونڊ سوار ساڻ هئا؛ عراق جا تنهن کان سواءِ. فتحنامي جو مصنف لکي ٿو ته "حجاج بنوشت تا شش هزار مرد از فرزندان رؤساى شام، که مادر و پدر ايشان در حيات بود و بسيار ساختگي کنند، و اخيار نامدار، که بنام و ننگ در مجادلت و محاربت ايستادگي کنند و با محمد قاسم وفاداري نمايند، بيامدند" (حجاج جي لکڻ تي،

(ڏسو حاشي صفحو ٢٩)

شيراز ۾ پهچي تدارڪ لاءِ سوچڻ لڳو. هوڏانهن، حجاج پنج منجنيقون ۽ ٻيو قلع-ڪشائيءَ جو سامان، ٻيڙين ۾ رکي ابن مُغيره ۽ خُرَيْمِ (٢) هٿان، هڪ چونڊ جماعت سميت موڪلي ڏنو، جئن ديول جي ڪناري تي وڃي ڪيس مليا.

قصو مختصر، محمد بن قاسم اڳيون پوين لشڪر-جنهن ۾ جملي ڇهه هزار گهوڙيسوار، ڇهه هزار اُٺ-سوار ۽ ٽي هزار بختي اُٺ هئا- ساڻ وٺي مڪران روانو ٿيو، ۽ حجاج جي اشاري موجب "محمد بن هارون" پڻ، طبيعت جي هيٺائيءَ هوندي به، ساڻس همراهه ٿيو. جڏهن 'ارمن' ٻيلي ۾ پهتا، تڏهن محمد بن هارون (١) قضا الاهيءَ سان گذاري ويو، ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

شام جي سردارن جا اهڙا ڇهه هزار فرزند، جن جا پيءُ ماءُ جيڏا هئا ۽ ڪافي تياري ڪئي هئائون، ۽ نالير ا چونڊ ماڻهو، جي پنهنجي ننگ ناموس خاطر بيهي مقابلو ڪن ۽ محمد بن قاسم سان وفاداري ڪن، اچي حاضر ٿيا- ص ٩٦). بلاذري (ص ٤٢٣) لکي ٿو ته "وضم اليه ستة آلاف من جند اهل الشام و خلقا من غيرهم" (۽ شام جي لشڪر مان ڇهه هزار ۽ ٻي ڪيتري خلق ساڻس شامل ڪئي ويئي). (٢) اصل ۾ "مغيره ۽ خزيم" لکيل آهي، جو صحيح نه آهي (ڏسو "فتحنامو" ص٩٨).

(١) اصل ۾ "هارون" آهي، جا مير قانع جي غلطي آهي. اسان مٿي چئي آيا آهيون ته عربن جو دستور آهي ته پيءُ پٽ جو نالو گڏي هڪ ڪري لکندا آهن، ۽ وچ ۾ "ابن" جو لفظ ڪونه لکندا آهن. ساڳيءَ طرح هتي به "محمد بن هارون" کي "محمد هارون" ڪري لکيائون، جنهن کي مير قانع پنهنجي سنڌ جي دستور موجب هڪ نالو ڪري ڄاڻو آهي، ۽ خيال ڪيو اٿس ته اصل نالو "هارون" آهي؛ "محمد" جو نالو فقط تبرڪ لاءِ اڳيان ڳنڍيو ويو اٿس- سو پاڻ به پهريائين "محمد هارون" لکي، پوءِ اڳتي ڇڙو "هارون" لکيو اٿس؛ حالانڪ هتي اصل نالو آهي "محمد بن هارون". مير قانع کي جيڪڏهن اختصار ڪرڻو هو ته به "محمد" لکي ها، نه "هارون".

چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾، ”جيسيه“ ولد ڏاهر نيرون جي قلعي ۾ هو، جنهن محمد بن قاسم جي اچڻ جي خبر پيءُ ڪي لکي. ڏاهر علافين کان صلاح پڇي، جن کيس ٻڌايو ته ”حجاج جو سوٽ، زبردست لشڪر سان پهچي رهيو آهي — خبردار! انهيءَ کي سامهون نه تج.“ خير، آخر محمد بن قاسم ارمن ٻيلو فتح ڪري، ديبل ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن ابن مغيره (١) ۽ خريم پڻ پنهنجي جماعت سميت، ديبل جي ڪناري تي پهچي، اچي ساڻس رفيق ٿيا. محمد بن قاسم ديبل جي آس پاس خندق کوٽائي ويٺو، ۽ پنهنجي اچڻ جو احوال حجاج کي لکيائين.

چون ٿا ته [انهن ڏينهن ۾] احوال ستن ڏينهن ۾ پهچندو هو: حجاج تکا ڊوڙندڙ ماڻهو، هڪ ٻئي جي ڪڍ اهڙيءَ طرح ڊوڙائيندو هو، جو سنڌ کان بغداد تائين [مفاصلو] ستن ڏينهن ۾ طي ڪري، هڪ ٻئي کي روزانو خبرون پهچائيندا رهندا هئا.

چون ٿا ته ديبل جي قلعي ۾، هڪ چاليهه گز اوچو بتخانو هو، انهيءَ جي مٿان، چاليهه گز بلند هڪ گنبذ ٺهيل هو، ۽ گنبذ جي مٿان هڪ چئن ريشمي بيرقن وارو جهنڊو لڳل هو.

[محمد بن قاسم جي پهچڻ تي] ڪافرن ڪنهن به خوف خطري کان سواءِ، ثابت قدم رهي، جنگ جو نغارو وڄايو. اهڙيءَ طرح ڪي ڏينهن (٢) گذريا ته هڪ برهمڻ قلعي مان نڪري اچي امان گهري، ۽ محمد بن قاسم وٽ حاضر ٿي چيو ته ”مون کي پنهنجن ڪتابن مان معلوم ٿيو آهي ته هي ملڪ اسلام جو زيردست ٿيندو، ۽ انهيءَ جو وقت هي آهي. اهو به يقين اٿم ته انهيءَ جو فتح ڪندڙ

(١) هتي به اصل ۾ ”مغيره“ آهي، جو غلط آهي؛ جئن مٿي گذري آيو.
(٢) ست ڏينهن (ڏسو ”فتحنامو“ ص ١٠٣)

توهان ئي آهيو، تنهنڪري تنهنجي رهنمائي ڪرڻ آيو آهيان. اڳين، هن بتخاني جي جهنڊي ۾ هڪ طلسم ٻڌو آهي؛ جيستائين اهو نه ڀڄندو، تيستائين هيءُ قلعو هرگز فتح نه ٿيندو ـــ ڀڃي پهريائين انهيءَ جي ڀڃڻ جي تدبير ڪر". محمد بن قاسم انهيءَ تي ويچار ڪرڻ لڳو. "جَعْونه" (١) منجنيقيءَ چيو ته "جيڪڏهن مون کي ڏهه هزار درهم انعام ڏيندا، ته مان شرط ٿو ڏيان ته ضرور ٽن ڌڪن سان جهنڊي ۽ [١٣] گنبذ جو ڪم لاهي ڇڏيندس، نه ته منهنجو هٿ ڪپي ڇڏجو". محمد بن قاسم، حجاج کان اجازت وٺڻ کان پوءِ، هن کي منجنيق هلائڻ جو حڪم ڪيو. قدرت الاهيءَ سان جڻ چيو هئائين تئن، ٽن ڌڪن سان ڪم پورو ڪري ڇڏيائين. هاڻي اسلامي لشڪر، صفون سنواري قلعي تي حملو ڪيو. ڪافرن مجبور ٿي لاچار ٿي امان گهري. محمد بن قاسم فرمايو ته "سپاهين کي امان ڪانهي". [اهو ٻڌي] قلعي جو سردار "جاهين ٻڌ" (٢) قلعي جي پٽ تان ٽپو ڏيئي ڀڄي ويو، ۽ قلعي وارن لاچار ٿي در کوليا. ٽي ڏينهن لڙائي جاري رهي؛ تنهن کان پوءِ مسلمان قيدين کي ٻاهر ڪڍيائون، ۽ گهڻو مال ۽ بي انداز خزانا غنيمت ۾ هٿ آيا. بتخانو ـــ جنهن کي ديول سڏيندا هئا ـــ ڀڃي، اتي مسجد جو بنياد رکيائون.

"گيلو" (٣) نالي هڪ ڪافر، مسلمان قيدين جو محافظ هو. قيدين جي آزاد ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هن سندن دلداري

(١) اصل ۾ "جعوبه" آهي، جو غلط آهي. (٢) سندس سچو نالو "جاهين بن برسايد راوت" هو ("فتحنامو"، ص ١٠٧)؛ هو شايد ٻڌ ڌرم جو پيرو هو، تنهنڪري مير قانع کيس 'ٻڌ' سڏيو آهي. ساڳيءَ طرح فتحنامي ۾ به کيس 'ٻڌ' سڏيو ويو آهي (ص ١٠٧). (٣) مير علي شير ڪبله لکيو آهي ۽ فتحنامي ۾ اهو ساڳيو نالو "قبله" لکيل آهي (ص ١٥٣). 'قبله' لاشڪ ته اصل ۾ "قيله" آهي، يعني 'گيله' يا 'گيلو' جو نالو سنڌ ۾ مشهور آهي (نبي بخش).

ڏيڻ ۾، ڏاڍيون سهڻيون ڪوششون ورتيون هيون، ۽ ڪين آزاديءَ ۽ اسلام جي فتح جي خوشخبريءَ سان خوش ڪندو رهندو هو. محمد بن قاسم ڪيس گهرائي، اسلام پيش ڪيو، ۽ هو هڪدم مسلمان ٿيو، جنهن تي هن ڪَي ڏاڍي عزت ۽ نوازش سان سرفراز ڪري، ”حميد بن وداع“ (١) نجديءَ سان، اتي جي حڪومت ۾ شريڪ بنايائين. پوءِ ديبل جو دل گهريو بندوبست ڪري، منجنيقون ٻيڙين ۾ وجهي، ’ساڪوره‘ نديءَ جي رستي، نيرون جي قلعي ڏانهن روانيون ڪري، پاڻ خشڪيءَ جي رستي اوڏانهن روانو ٿيو.

چون ٿا ته ڏاهر جو پٽ جيسيہ، اڳي ئي نيرون ۾ موجود هو. ديبل جي فتح جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ، ڏاهر هن کي گهرائي، برهمڻآباد ۾ واريو، ۽ سمني (٢) نالي ”ديبل“ جو اڳيون حاڪم، جو حجاج کان امان نامو وٺي ڏن-پرو ٿيو هو — جنهن بديل جي شهادت [جي بيان] ۾ ذڪر ٿي چڪو — ”ڏاهر“ وٽ هو. محمد بن قاسم آهستگيءَ سان، سَتن ڏينهن جي عرصي ۾، اچي نيرون جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. [اچي ڏٺائين] ته قلعي وارن ساٺهن، دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. اسلام جو لشڪر، آبڪلانيءَ جي موسم نہ هجڻ ڪري، پاڻي نہ ملڻ کان ڏاڍو تنگ ٿيو. محمد بن قاسم الله پاڪ جي درگاه ۾ مناجات ڪئي، هڪدم دل گهريو مينهن اچي لٿو، ۽ انهيءَ زمين جا چشما ۽ حوض

(١) اصل ۾ ”حميد بن دارع“ آهي، جو غلط آهي (ڏسو ”فتحنامو“، ص ١٠٩). (٢) مير قانع هتي پڻ ساڳي غلطي ڪئي آهي، جنهن جي وضاحت اسان مٿي ڪري آيا آهيون: يعني ديبل جي گورنر جو نالو ”سُمني“ لکيو اٿس، حالانڪ ”سمني“ سندس نالو ڪونہ هو: سندس نالو ”سندر“ هو — ”سمني“ سندس لقب هو، ڇاڪاڻ ته هو ٻڌ ڌرم جو هڪ پروهت هو.

سڀ پاڙيءَ سان پرجي ويا. اجا گاهه جي تنگي باقي هئي، تہ خوش قسمتيءَ سان، سمني (پروهت) بہ پنجن ڏينهن کان پوءِ اچي نيرون ۾ پهتو. اعتماد جوڳن ماڻهن کي، اسان جي پرواني سان، محمد بن قاسم جي خدمت ۾ موڪلي، چيائين تہ "اطاعت گذار بندو آهيان؛ ۽ منهنجي نہ هجڻ ڪري، قلعي وارن جيڪو در بند ڪري قصور ڪيو آهي، تنهن جي معافي تو گهران. جيڪڏهن ڪرم فرمائي، گناهه معاف ڪندا ۽ اهڙو يقين ڏياريندا، تہ پوءِ اچي قدمبوسي ڪندس". محمد بن قاسم هن جي قاصدن کي واجبي ترغيب ڏيئي فرمايو تہ "قلعي وارن جن دروازا بند ڪيا هئا، تن کي سزا ڏيڻ لازمي هئي؛ پر جنهن صورت ۾ انهن جي سفارش تو ڪرين، تنهنڪري معاف ڪيوسين؛ اچي ملاقات ڪر [١٤] ۽ دروازا کول". سمني (پروهت) قلعي جو دروازو کولي، ڪنجيون هٿ ۾ ڪٺي، لائق تحفن سان اچي قدمبوسي ڪئي ۽ انعام لڌي، سڀ ضروري شيون پهچايون. تنهن کان پوءِ، اسلامي لشڪر قلعي ۾ داخل ٿي، بتخانو ڀڃي، مسجد ۽ مناري جو بنياد رکي، بانگو ۽ امام مقرر ڪري، اتي جي نگرانيءَ لاءِ هڪ نائب (گورنر) متعين ڪري، سمنيءَ کي پاڻ سان وٺي، اڳتي روانو ٿيو. جڏهن نيرون کان ٽيهن ڪوهن (١) جي پنڌ تي، "موج" نالي هڪ جڳهہ ۾ پهتا، تڏهن سمنيءَ سيوستان (سيوهڻ) جي حاڪم "ٻجهرا

(١) فتحنامي ۾ آهي: "تا برسيد بموضع کہ آنرا موج گويند از نيرون بسي فرسنگ" (نيٺ اهڙيءَ جاءِ تي پهتو، جنهن کي موج چوندا هئا، نيرون کان ٽيهہ فرسنگ هئي.). فرسنگ ۾ ٽي ميل ٿيندا: ٽيهہ فرسنگ معنيٰ نوي ميل.

بن چندر" ڏانهن خط موڪليو (١) ته "اسان ناسڪ (پوڄاري) ماڻهو آهيون، اسان جي پَرَ ۾ خونريزي ناجائز آهي. توهان محلات ۾ ويٺو آهين؛ هيءُ عرب جو لشڪر زورآور آهي، ڪنهن به ماڻهوءَ کي ساڻس مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه آهي. توکي پنهنجي رعيت جي حال تي رحم ڪائي، تابعداري قبول ڪري، ٻاهر نڪري اچڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم قول جو پڪو آهي — ائين ڪرڻ ۾ ئي فائدو آهي".
'ٻجهرا' تابعداري قبول نه ڪئي، ۽ لڙائيءَ تي تيار ٿيو، جنهنڪري اسلام جو لشڪر اتان يلغار ڪري، اچي سيوستان جي قلعي وٽ پهتو. لڙائيءَ کي هڪ هفتو مس گذريو، ته ٻجهرا عاجز ٿي، "ٻوڌيه (٢) بن ڪاڪه بن ڪوتڪ" ڏانهن

(١) مير قانع جي تقرير مان ائين پيو معلوم ٿئي، ته سيوستان جي حاڪم ٻجهرا کي انهيءَ 'سمنيءَ' خط لکيو هو، جو محمد بن قاسم مان ساڻ هو، ۽ جو ٻهريائين ڏاهر جي طرفان نيرون ڪوٽ جو حاڪم هو؛ پر حقيقت ائين نه آهي، بلڪ خط لکڻ وارو هڪ ٻيو 'سمني' هو، جو 'موج' جو رهاڪو هو، ۽ رعيت تي سندس ڏاڍو اثر هو — انهيءَ ٻين 'سمنين' کي شامل ڪري، خط لکيو هو (ڏسو "فتحنامو"، ص ١١٨). (٢) هتي مير قانع سخت غلطيءَ جو شڪار ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته "ٻوڌيه" ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو نه آهي؛ بلڪ سنڌ جي هڪ حصي جو نالو آهي، جنهن جي واليءَ جو نالو 'ڪاڪو بن ڪوتڪ' هو، ۽ جتان جي سمنيءَ (پروهت) جو نالو ٻڪو (ٻهڪو) هو؛ اتي جي قلعي جو نالو 'سيسم' هو. مير قانع، خبر ناهي ڪهڙي آڌار تي، 'ٻوڌيه' کي بادشاه فرض ڪري، ڪيس ڪٿي ڪاڪي جو پٽ فرض ڪيو آهي. هن باري ۾ فتحنامي جي عبارت نهايت واضح آهي: "بگريخت تابحد بودهيه رسيد و آن وقت ملک بودهيه ڪاڪه بن ڪوتک بود؛ سمني بهڪو و حصار او سيسم بود بر لب آب ڪنبه" (هو ڀڄي وڃي ٻوڌيه جي حد ۾ پهتو، انهن ڏينهن ۾ ٻوڌيه جو حاڪم ڪاڪو بن ڪوتڪ هو؛ سمني 'ٻڪو'، ۽ اتي جو قلعو 'سيسم' هو، جو ڪنبه نديءَ جي ڪناري تي هو — "فتحنامو"، ص ١٢٠).

پڄي ويو، جو 'سيسم' جي قلعي جو حاڪم هو. محمد بن قاسم، سيوستان جي قلعي ۾ لنگهي، قلعو پنهنجي قبضي ۾ آندو، ۽ جن ماڻهن ڪي سمني وٽي آيو هو، تن تي نوازشون ڪري، سيسم ڏانهن رخ رکيو. 'ٻودهيه' ۽ 'ٻجهرا' جا ماڻهو لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي بيٺا. ڪافرن 'ٻودهيه' چني(١) جي پٽ 'ڪاڪي' کي وچي چيو ته "اسان کي اجازت ڏي ته اسلام جي لشڪر تي راتاهو ڏيون". ڪاڪي چيو ته "مون نجومين کان ٻڌو آهي ته هيءُ ملڪ اسلام جو لشڪر فتح ڪندو، ۽ انهيءَ جو وقت به هيءُ وقت آهي؛ هيءُ خيال هرگز دل ۾ نه آڻيو". مگر هو ڪين مڙيا ۽ راتاهي جو خيال ڪيائون: اتفاقاً هو رستو ڀلجي ويا ۽ چئن ٽولين ۾ ورهائجي، ساري رات [گهوڙا] ڊوڙايائون، پر صبح جو پاڻ کي اهوئي سيسم جي قلعي جي دروازي تي ڏٺائون. آخر حيران ۽ پريشان ٿي، 'ڪاڪي' چني وٽ آيا، ۽ اچي حال ٻڌايائون. هن چيو ته "مون کي بهادريءَ ۾ پاڻ کان گهٽ نه سمجهو؛ پر يقين اٿم ته هنن ماڻهن سان جنگ ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي ڪانهي". تنهن کان پوءِ ڪاڪو پاڻ، خدمت ۾ حاضر ٿي نوازش سان سرفراز ٿيو، ۽ پنهنجي تابعدار جماعت کي اسان هيٺ آندائين. محمد بن قاسم، "عبدالملڪ بن قيس" دقيقيءَ کي هن سان گڏي روانو ڪيو— جئن جيڪو تابعداري قبول ڪري تنهن کي وٺي اچي، ۽ جيڪو پوئتي پوي تنهن کي سزا ڏئي. خدا تعاليٰ کيس مشرڪن تي فتح عطا ڪئي، ۽ باقي رهيل ماڻهو، 'بهلطور'، 'سالوج' ۽ 'قندابيل' (٢)

(١) هتي به مير قانع غلطي ڪئي آهي- اسان مٿي ثابت ڪري آيا آهيون ته "ٻودهيه" سنڌ جي هڪ حصي جو نالو آهي: نه ڪنهن ماڻهوءَ جو.

(٢) اصل ۾ "قندائيل" آهي، جو غلط آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ١٢٣).

ڏانهن هليا ويا، ۽ اتان وچي امان نامو وٺي پاڻ تي ڍل مقرر ڪرائي (١)، ملڪ ۾ موٽي آيا (٢).

ايتري ۾ حجاج جو حڪم پهتو ته ”محمد بن قاسم نيرون جي قلعي ۾ موٽي وڃي ’ڏاهر‘ جي ڪم جو تدارڪ سوچي، ۽ مهراڻ ندي پار ٽپي“.

روايت آهي ته چنا [١٥] قوم، جا انهيءَ وقت هڪ وڏي جماعت هئي، جدا جدا جاين تان گڏ ٿي، هڪ ماڻهوءَ کي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو. هو اهڙي وقت پهتو، جو سارو لشڪر محمد بن قاسم جي پٺيان نماز پڙهي رهيو هو. هن قيام، قعود، رڪوع، سجدي ۽ ٻي سموريءَ چُرپُر ۾، امام جي تابعداري ڏسي، وڃي پنهنجي قوم کي چيو ته ”جتي هزارين ماڻهو، هر حالت ۾ بنا ڪنهن چُون چرا ۽ فرق جي، هڪ ماڻهوءَ جا ههڙا تابعدار هجن، تتي جيڪو هنن

(١) فتحنامي موجب هنن پاڻ تي، هڪ هزار درم تور چاندي مقرر ڪرائي هئي (”و رسولان درميان ڪردند ويڪهزار درم سنگ نقره برخود قرار دادند“ — ص ١٢٣). (٢) هيءُ بيان، ڪن ڳالهين ۾ فتحنامي جي بيان کان مختلف آهي — مثلاً فتحنامي ۾ هيءُ اضافو آهي ته ’جڏهن ڪاڪو پنهنجن اعتماد جوڳن ۽ خاص ماڻهن سان، عرب جي لشڪر ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن واٽ تي ڪين حنظله بن بنانه مليو، جو محمد بن قاسم جي پاران محافظ طور مقرر ٿيل هو. انهيءَ ڪين وٺي محمد بن قاسم وٽ آندو‘. ٻيو ته ’چندر بن سيلائج جو پٽ، ڏاهر جو سوٽ، بجهرا، ٻين ٺڪرن ۽ راوتن سان گڏ ڪسي ويو؛ باقي کي ٻوڏيه کان مٿي پچي ويا‘ — هتان واضح ٿيو ته اهي ماڻهو، ’قندابيل‘ ۽ ’سالوج‘ ڏانهن ڪونه ڀڳا هئا، جئن مير قانع چوي ٿو؛ بلڪ هو ’بهلطور‘ جي قلعي ڏانهن ڀڳا هئا، جو قندابيل ۽ سالوج جي وچ ۾ هو. (فتحنامو، ص ١٢٣-١٢٤).

جي مخالفت ڪندو، سو بدبخت ٿيندو“. تنهن تي ساري قوم، لائق نذرانا کڻي، اچي خدمت ۾ حاضر ٿي. هو جنهن وقت پهتا، تنهن وقت محمد بن قاسم جي مجلس ۾، دسترخوان وڇايو هئائون. [محمد بن قاسم] فرمايو ته ”هيءَ جماعت ’مرزوق‘ (رزق واري) آهي“—انهيءَ ڪري چنا قوم کي ”مرزوق“ لقب مليو—بس پوءِ ته انهيءَ ئي وقت تابعداري ۽ ڏل قبول ڪري موٽي ويا. اهوئي سبب آهي جو اسلام جي فقيهن، درياءَ جي هُن پر واري زمين کي—جا چنن جي تصرف هيٺ هئي—’عشري‘ لکيو آهي. ساڳيءَ طرح، نيرن ڪوٽ جي زمين، جا پنهنجي خوشيءَ سان تابعداريءَ هيٺ آئي هئي، تنهن تي پين زمينن جي مقابلي ۾ انگ ابواب گهٽ آهن(١).

(١) چاڙهي گهرجي ته اسلامي قانون مطابق زمين جا ٻه قسم آهن: هڪڙيون ’عشري‘، جن جي پيدائش مان ڏهون حصو، خدا جي حق طور وصول ڪيو ويندو آهي؛ ٻيون ’خراجي‘، جن تان ڏل ورتي ويندي آهي. اسلامي قانون موجب، جيڪا زمين زبردستي فتح ڪري، مسلمانن جي لشڪر ۾ تقسيم ڪئي ويندي، يا جنهن زمين جا مالڪ پنهنجي خوشيءَ سان مسلمان ٿيا هوندا، اها زمين عشري آهي؛ ۽ جيڪا زمين زبردستيءَ فتح ڪئي ويئي، پر وري ساڳيائي اتي جا رهاڪو اتي رهايا ويا، يا جيڪا زمين صلح سان فتح ٿي، ته اها زمين خراجي آهي—ڏل جو ڪو به مقدار مقرر نه آهي، بلڪ فتح وقت جيڪا ڏل رکي ويئي، سا قائم رهندي.
سنڌ جي سرزمين جو ڇهون وارو حصو ته عشري آهي، باقي ٻي ساري زمين خراجي؛ ۽ علامه شيخ ابوالحسن ڏاهريءَ جي چوڻ موجب، سنڌ جي ڏل، پيدائش جي پنجين پتي آهي (”اراضي السند والهند في زمن ’راجا وير‘ الذي كان قبل نبوة عيسىٰ عليه السلام كانت خراجية و خراجها الخمس اى ضعف العشر و بعد الاسلام بقيت ايضا خراجية علي خمس“—انتهي بحواله ’فتاوي همايون‘).

قصو ڪوتاه، محمد بن قاسم، حجاج جي اشاري موجب موٽي، راور ۽ جيور قلعن جي حد ۾ پٽڻ تي پهچي، اتي جي حاڪم "ماڪو پٽ وسايي" ڏانهن، اچي حاضر ٿيڻ جو حڪم موڪليو. هن چيو ته "جيڪڏهين ائين‌ئي هليو ايندس، ته ڏاهر جي عتاب هيٺ ايندس، باقي ان فلاڻي وقت، ڪجهه فوج ساڻ وٺي، نڪري فلاڻي هنڌ ايندس. تو هان پنهنجي لشڪر کي مون تي ڪاه ڪرڻ جو حڪم ڪريو، مان ٿورو جنگ جو نمونو ڪري، آخر عاجز ٿي گرفتار ٿيندس". نيٺ ماڪو اهڙيءَ طرح سان خدمت ۾ حاضر ٿي، نوازش جو حقدار ٿيو ۽ رستي جو رهبر بنيو (١).

روايت آهي ته راجا ڏاهر، اسلام جي فوج جي غلبي جي خبر ٻڌي، وڏو لشڪر ساڻ ڪري اچي پرينءَ پر ويٺو، ۽ پٽڻ ٽپڻ کان روڪڻ لڳو. اسلام جي لشڪر مان هڪ ٽولي، درياء لنگهڻ چاهيو، ته ڏاهر پاڻ هڪڙي کي تير هڻي ماري وڌو، تنهن کان پوءِ، 'جاهين' ٻڌ کي پنهنجي پاران اتي رهائي، پاڻ وڃي پرپرو ويٺو. جاهين، پٽڻ جي

(١) هن قصي ۾ مير قانع، اختصار خاطر ڪي ڳالهيون ڇڏي ڏنيون آهن: جڏهن ته محمد بن قاسم پٽڻ تان ماڪوءَ ڏي ڪهڙو نياپو موڪليو، ۽ ماڪو ڪهڙي بهاني سان پنهنجي قلعي مان ٻاهر نڪتو؟ فتحنامي انهن ٻنهي ڳالهين کي واضح ڪيو آهي - هو لکي ٿو ته "محمد بن قاسم، ماڪوءَ ڏانهن پيغام موڪليو هو ته 'توکي ڪڇ ۽ سورٺ جو ملڪ جاگير ۾ ڏنو ٿو وڃي، ۽ انهن تي تنهنجو قبضو تسليم ڪريون ٿا'. ماڪوءَ ڏٺو ته ڏاهر جو بخت ٽڙيل آهي، ۽ عربن جو ستارو زور؛ تنهنڪري موقعو غنيمت ڄاڻي، محمد بن قاسم سان اچي شامل ٿيو. بهانو هيءُ بنايائين، ته هو ساڪري جي راڻي سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرائڻ ٿو وڃي - هو ڏانهن محمد بن قاسم سان ٻه ٺهراءَ هوس، جنهن ڪيس وات تان پڪڙائي وڌو" (ڏسو "فتحنامو"، ص ١٣٣-١٣٥).

لنگهہ کي سخت مضبوط ڪري، هن پر ٽپڻ جي ڪم ۾ مشڪلات پيدا ڪري ڇڏي.

ايتري ۾ ”چند يرام“ هالي، جو هن کان اڳ ڪنهن وقت سيوستان جو والي هو، اسلامي لشڪر جي انهن ٽورن سوارن کي–جيڪي سيوستان ۾ هٿا–ٻاهر ڪيا، قلعو پنهنجي ضابطي هيٺ آندو. محمد بن قاسم هيءَ خبر ٻڌي، ”مصعب بن عبدالرحمان(١)“ کي هڪ هزار سوار ۽ ٻه هزار پيادا ڏيئي سيوستان موڪليو. چند يرام جنگ لاءِ ٻاهر نڪتو، ۽ شڪست کائڻ کان پوءِ واپس قلعي ۾ وڃڻ گهريائين؛ پر اندرين ماڻهن دروازا بند ڪري ڇڏيا، جنهنڪري اهو ذليل، اسلامي لشڪر جي ورچڙ هيو، ۽ جهنم ۾ پهتو. اسلامي لشڪر قلعي تي نئين سر قبضو ڪري، موٽي اچي محمد بن قاسم سان مليو.

هوڏانهن راجا ڏاهر، پنهنجي پٽ جيسيہ کي [١٦]، اسلامي لشڪر جي رستي روڪڻ لاءِ، ”بيٽ“ (٢) جي قلعي ڏانهن موڪليو. اهڙيءَ طرح، پنجاه ڏينهن گذري ويا ۽ اسلامي لشڪر جو حال تنگ ٿيڻ لڳو: جيڪو ٻه گهوڙو، گاه نہ ملڻ کان بيمار ٿي پيو، تنهن کي کهي تي کاڌائون. اتي راجا ڏاهر پيغام موڪليو تہ ”توهان جو حال هھڙو ٻڌجي ٿو: جيڪڏهن پاڻ تي رحم ڪندؤ، تہ آءٌ توهان جي ڪنهن کي ڪونہ پهچائيندس، بلڪ پاڻ خدمت ڪندس تہ جئن واپس موٽي وڃو“. محمد بن قاسم جوابي موڪليس تہ ”انشاءالله تعالى هي ملڪ اسلامي ملڪ ٿيندو. تون جيستائين تابعداري هيٺ

---

(١) اصل ۾ اهڙيءَ طرح آهي، پر صحيح «محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي» آهي، جئن «فتوح البلدان» ص ٤٢٥ ۾ آهي: «و بعث محمد بن القاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي الي سدوسان» (۽ محمد بن قاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان ثقفيءَ کي سدوسان ڏانهن موڪليو). (٢) اصل ۾ «بيت» آهي.

نہ ايندين، ۽ هيٺرن سالن جي ڏل ادا نہ ڪندين، تيستائين توکي نہ ڇڏيندا سون“.

چون ٿا تہ حجاج، گهوڙن مري وڃڻ جي خبر ٻڌي، ٻہ هزار گهوڙا روانا ڪري، تاڪيد ڪيو تہ ”ڏاهر جي مهم ۾ [وڏيڪ] دير نہ ڪريو ۽ جلد از جلد درياءَ ٽپي، پهريائين سندس ڪم پورو ڪريو“. هن تاڪيد پهچڻ تي، محمد بن قاسم ’جهم‘(١) جي سر زمين ۾ پهچي، دريا ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون مهيا ڪيون. انهن کي واريءَ ۽ پٿرن سان ڀري، مضبوط ميخن سان هڪ ٻئي ۾ ڳنڍيائون.

اها خبر ٻڌي، ڏاهر پنهنجي پٽ کي لکيو تہ ”ڪٿي بہ ڪري، ماڪوءَ کي هٽ ڪر، جو ههڙي جرأت ڪري رهيو آهي“. تنهن تي ماڪوءَ جي ڀاءُ راسل (٢)، جو ڏاهر وٽ هو ۽ ڀاءُ سان اڳ ۾ ئي قتل هو، چيو تہ ”ههڙو حڪم مون کي ڏئي تہ مان وڃي ڀاءُ کي هٽ ڪري اچان، ۽ اشڪر جي درياءَ ٽپڻ جي روڪ جو پڻ ذميدار بنجان“.

انهيءَ وچ ۾، الله تعاليٰ جي تائيد سان، اسلامي لشڪر ٻيڙين کي تيار ڪري سوار ٿيو، ۽ تير وسائي ڪناري تي بيٺل روڪيندڙن ڪافرن کي هٽائي، هڪ وڏو ٽولو وڃي هن پر پهتو، ۽ ڪناري کي دشمن کان صاف ڪري، پاڻ اتي تيسيتائين بيهي رهيا، جيستائين رهيل لشڪر سلامتيءَ سان ٽپي آيو.

روايت آهي تہ ڪافرن جي لشڪر مان ڏهي تڪا سوار، ساري رات گهوڙا ڊوڙائي، باک ڦٽڻ وقت، خبر ڏيڻ واسطي ڏاهر جي ڪئمپ ۾ پهتا. ڏاهر اڃا ننڊ ۾ هو تہ هنن وڃي دانهن ڪئي. دربان وڃي ڏاهر کي جاڳايو. هو مٺيءَ ننڊ

(١) يعني موجوده ”جهم-پير“-جي سر زمين. (٢) ”ن“ هرجگهہ ”رائيل“ لکيو آهي.

مان پريشان ٿي اٿيو، ۽ ايڏڙ ڪي منهن تي اهڙي سخت چماٽ وهائي ڪڍيائين، جو هو هڪدم مري ويو. پوءِ ته ڏاهر اچي پريشانيءَ ۾ پيو، ۽ خبر نٿي پيس ته ڇا ڪري؟

چون ٿا ته جڏهن محمد بن قاسم جو سمورو لشڪر درياءَ ٽپي ويو، تڏهن لشڪر ۾ پڙهو ڏياريائين ته ”هاڻي اسان جي پٺيان دريا ۽ اڳيان دشمن آهي: جيڪو به جان قربان ڪرڻ (جنهن جو نتيجو ٻنهي جهانن جي سعادت آهي) واسطي تيار هجي، سو رهي، ۽ جهاد جي عزت حاصل ڪري؛ پر جنهن ماڻهوءَ کي اڳتي هلي، دشمن سان سامهون ٿيڻ جي طاقت نه هجي، سو موٽي وڃي؛ [ڇاڪاڻ ته] جڏهن ڀڄڻ جو رستو ڪونه آهي، تڏهن ضرور هو يا ڪافرن جي ورچڙهندو، يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرندو. انهيءَ لڄ ۽ عار ڪان جو دين ۽ دنيا جي بدبختيءَ جو باعث آهي، [١٧] بهتر آهي ته هاڻي اجازت وٺي موٽي وڃي: ڇاڪاڻ ته سپاهي يا سر ڏيٺو آهي، يا سر وٺو آهي“. ٽي ماڻهو- هڪڙو ماءُ جي نڌڪائيءَ جي بهاني سان، ٻيو نياڻيءَ جي يتيميءَ جي فڪر ڪان، ۽ ٽيون قرض ادا ڪرڻ واسطي- پوئتي رهيا؛ باقي ٻين سڀني جهاد ۽ قربانيءَ لاءِ، سرتريءَ تي رکي چيو ته اسان کي جنگ ڪان سواءِ ٻيو ڪو خيال ڪونهي“.

قصو مختصر، جڏهن محمد بن قاسم لشڪر جو اتفاق ڏٺو، تڏهن اتان ڪوچ ڪري، ’پيٽ‘ جي قلعي ڪان ’راور‘ جي قلعي ڏانهن رخ رکي، انهيءَ جاءِ تي پهتو، جنهن کي ”جيور“ سڏيائون ٿي. راور ۽ جيور جي وچ ۾ هڪ خليج هئي، جنهن جي لنگهه تي ڏاهر جو لشڪر ڏسڻ ۾ آيو. ”محرز بن ثابت“ قيسي ٻه هزار لشڪر سان، ۽ ”محمد بن زياد“

العبدي (١) هڪ هزار لشڪر سان، انهيءَ طرف تي مقرر ٿيا، جن سيني کي ترڙي ڪڍيو.

اتي ڏاهر، ”محمد بن حارث“ علافيءَ کي سڏي چيو ته ”مون توهان کي هن ڏينهن لاءِ ئي تي نوازيو، هاڻي توکي جاسوسيءَ جو ڪم پنهنجي ذمي وٺي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي“. محمد بن حارث جواب ڏنو ته ”بيشڪ، اسان تي توهان جي خدمت لاءِ سر ۽ ڌڙ جي بازي لڳائڻ واجب آهي، پر هِتي طرف مقابلو مسلمانن سان آهي - جو مفت ۾ مرتد ٿيڻ، دنيا تي دين وڪڻڻ، مسلمانن جو خون گردن ۾ وجهڻ، ۽ مري جهنم ۾ داخل ٿيڻ جي برابر آهي. اسان کي هن تڪليف کان معاف ڪيو وڃي، باقي انهيءَ کان سواءِ، ٻيءَ هر خدمت لاءِ، دل و جان سان حاضر آهيون“. ڏاهر رنج ٿي ڪٽي ماٺ ڪئي، ۽ جيسيہ کي زبردست لشڪر ساڻ ڏيئي مقابلي لاءِ موڪليائين. سندس لشڪر، وڏي حصي قتل ٿيڻ کان پوءِ، شڪست کائي پوئتي هٽي ويو. ٻئي ڏينهن، ماڪوءَ جي پياءُ راسل کي مقرر ڪيائين، جنهن [محمد بن قاسم ڏانهن] مخفي پيغام موڪليو ته ”مون کي پڻ منهنجي پياءُ وانگيان، جنگ مان گرفتار ڪري وٺي وڃو“ - ۽ ائين ٿيو.

مطلب ته ڏهہ ڏينهن، هن نموني سان، ڪافرن جون فوجون جنگ ڪرڻ لاءِ تي آيون، ۽ شڪست کائي واپس تي وريون (٢). انهيءَ عرصي ۾، اسلام جي لشڪر غلبو

(١) اصل ۾ ”محمد زياد العبيدي“ آهي؛ پر جنهن صورت ۾ هن مان غلطي پيدا ٿيڻ جو انديشو هو، تنهڪري اسان وضاحت طور ”محمد بن زياد“ لکيو آهي؛ پڻ ”العبيدي“ غلط آهي، ۽ صحيح ”العبدي“ آهي (ڏسو فتحنامو، ص ١٦٠). (٢) فتحنامي مان معلوم ٿو ٿئي ته ڏاهر جي لشڪر سان لڙائي، صرف چار ڏينهن هلي، ۽ پنجين ڏينهن ڏاهر پاڻ نڪري آيو، ۽ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو (ڏسو ص ١٦٣-١٨٣).

ڪري، ڏاهر کي قلعي ۾ گهيري اندر آندو. يارهين ڏينهن — جو خميس جو ڏينهن ۽ تاريخ ڏهين رمضان ۹۳هه هو — ڏاهر، پنهنجن نجومين جي منع هوندي به، زبردست فوج وٺي — جنهن ۾ ڏهه هزار زره پوش سوار، ٽيهه هزار پيادا ۽ ڪجهه جنگي هاٿي هئا — پن سهٽين چوڪرين سان گڏ، جن مان هڪڙيءَ کيس پان ٿي ڏنو، ۽ ٻيءَ شراب ٿي پهچايو (۱)، پالڪيءَ ۾ چڙهي، مقابلي لاءِ نڪتو. صبح کان شام تائين اهڙي سخت جنگ هلي، جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي. مسلمانن آتشبازيءَ ۽ تيرن وسائڻ ۾ اهڙي ثابت قدمي ڏيکاري، جنهن کان وڌيڪ تصور ۾ نٿي اچي. پهريائين اسلام جو لشڪر هيٺ مٿي ٿيو، ۽ محمد بن قاسم حيران ٿي خداوند ڪريم جي درگاهه ڏانهن رجوع ٿيو، جنهن تي خدا جي فضل مددگاري ڪري فتح جا اسباب پيدا ڪيا.

چون ٿا ته ڏاهر کي هڪ لوهه جو دام-دار چڪرو هو، جو جنهن به سوار تي ٿي اڇلايائين ته انهيءَ جي منڍي ڪپي، پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي ورتائين. آخر جڏهن سج [۱۸] لهڻ کي قريب ٿيو، ۽ ٻنهي ڌرين جنگ کان آرام ڪرڻ ٿي گهريو، تڏهن مسلمانن جي هڪ ٽوليءَ جي آتشبازيءَ کان، جنگي هاٿي ڀڄي وڃي پنهنجي لشڪر ۾ پيا ۽ سندس پريشانيءَ جو سبب ٿيا. ساڳئي وقت ڪافرن جي هڪ جماعت اسان وٽ لاءِ آئي، ۽ اچي چيائون ته "ڏاهر جي فوج بيپرواه ۽ غافل آهي؛ توهان ڪجهه فوج اسان سان گڏجي رواني ڪريو ته

(۱) خبر ناهي ميرقانع جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ فتحنامي ۾ ته شراب جو ذڪر ڪونهي؛ بلڪ هن جي چوڻ موجب 'هڪڙيءَ پان ٿي ڏنو ۽ ٻيءَ هڪ ٻئي جي هوٺيان تير ڪٽي ٿي ڏنا' — "و دو نفر کنيزک باوی در عماري بود: يکي تيرها ٻيءَ يکديگر بوی مي داد و ديگري تنبول مي داد" ("فتحنامه"، ص ۱۷۰).

اسين پويان ڦري، اڳي اڳين جي رعب تاب ڪي ڏڪ هڻون“.
ائين ڪرڻ سان، دشمن جي لشڪر شڪست کاڌي. هي
حال ڏسي محمد بن قاسم لشڪر کي تيرن وسائڻ جو حڪم
ڏنو. قادر جي قدرت سان، هڪڙو تير وڃي ڏاهر جي نڙيءَ
۾ لڳو، ۽ [هو] مري ويو(١). سندس هاٿيءَ کي پوئتي
هٽايائون، ته اوچتو هاٿي گپ ۾ ڦاسي پيو. برهمڻ سندس
حال کي ڏسڻ خاطر، ڪيس ڪٽي گپ ۾ پوريو. ڪافرن
جي پوري لشڪر شڪست کاڌي ۽ اسلامي لشڪر اهڙيءَ
طرح رستا بند ڪيا، جو ڪي به اندر وڃي نه سگهيو. برهمڻ
’قيس‘ جي هٿ چڙهيا، ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ، ڏاهر جي
ڪسي وڃڻ جو ڏس ڏنائون ـــ انهيءَ وقت، ڏاهر جون ٻه ڏير
پڻ سپاهين جي هٿ آيون.

[هيڏانهن] محمد بن قاسم، انهيءَ گمان سان ته متان
ڏاهر لڪي ويو هجي، پنهنجي لشڪر ۾ پڙهو ڏياريو ته
[ڪافرن] جي پٺيان نه پون، متان دشمن لڪي حملو ڪري.
قيس اهو پڙهو ٻڌي، تڪبير هڻين. اها تڪبير ٻڌي ساري
لشڪر تڪبير جو نعرو هنيو. محمد بن قاسم، ڏاهر جي قتل
جي خبر معلوم ڪري، ڪجهه بهادر ساڻ وٺي، گپ جي
ڪناري تي اچي، برهمڻ جي ڏس تي، سندس پليد جسم

(١) فتحنامي جي لکڻ موجب، ڏاهر کي تير نڙيءَ ۾ نه، پر دل تي
لڳو هو، ۽ اهو انهيءَ تير کان مئو ڪونه هو. البته هيانءُ دوزجي
ويو هوس، پر پوءِ وري هوشيار ٿي، لهي پيادو ٿي هڪ عرب سان
سامهون ٿيو، ۽ بهادر عرب جي تلوار، سندس سرگردن تائين ٻه اڌ
ڪري ڇڏيو.

ٻاهر ڪڍيو(١)؛ ۽ سندس سر وڍي، نيزن جي نوڪ تي چاڙهي، ڇوڪرين ڪي ڏيکاريائون، جن انهيءَ جي تصديق ڪئي. تنهن ڪان پوءِ حڪم ڏنائين، جنهن تي انهيءَ مهربانيءَ جي شڪرگذاريءَ ۾، [سپاهي] ساري رات تسبيح ۽ تهليل ۾ مشغول رهيا(٢). جمعي جي ڏينهن ڏاهر جو سر، ڇوڪرين سميت، قلعي جي دروازي تي موڪليائون. قلعي وارن هنن کي ڪوڙو ٺهرايو؛ پر ڏاهر جي زال لاڏيءَ، قلعي جي پٽ تان، پنهنجي مڙس جو سر ڏسڻ شرط دانهن ڪري، بي اختيار ٿي، پاڻ کي هيٺ اڇلايو(٣). تنهن ڪان پوءِ، قلعي وارن دروازا کوليا ۽ اسلامي فوج اندر وڃي، بتخاني جي وچ ۾ منبر رکي، جمعي نماز ادا ڪئي؛ ۽ مال خزانا ۽

(١) فتحنامي ۾، برهمڻ جو قيس جي هٿ چڙهڻ، ڏاهر جي موت جي ڪيس خبر ٻڌائڻ، ۽ محمد بن قاسم جي پڙهي تي قيس جي تڪبير هڻڻ جو ذڪر بلڪل ڪونه آهي؛ بلڪ فقط ايترو بيان آهي ته ڏاهر جي موت بابت، محمد بن قاسم کي تردد هو، ۽ هڪ هڪ کان ڏاهر جي خبر پڇي رهيو هو، ته اوچتو هڪ برهمڻ اچي امان گهري، ۽ ٻڌايو ته جيڪڏهن سندس فرزندن ۽ تابعدارن کي امان ڏني ويندي، ته هو ڏاهر جو لاشو ڏيکاريندو. جيڪو کسي ويو آهي. جنهن تي معتبرن ماڻهن وڃي، ڏاهر جو لاشو گپ مان ٻاهر ڪڍيو ("فتحنامو"، ص ١٨٤).
(٢) فتحنامي ۾ فقط ايترو آهي ته ڏاهر جو سر ڏسي، محمد بن قاسم خداوند ڪريم جي حمد و ثنا ڪئي، ۽ ٻه رڪعتون شڪراني جو نفل پڙهيو (ص ١٨٥). (٣) فتحنامي جي بيان موجب، راڻي لاڏيءَ ۽ ڏاهر جون ٻه ڌيئر، برهمڻ آباد جي قلعي مان گرفتار ٿيون هيون (ڏسو "فتحنامو"، ص ص ٢٠٦-٢٠٧)؛ ۽ صفحي ١٨٦ ۾ وري راڻي لاڏيءَ جي گرفتاريءَ جو واقعو سندس زباني لکيل آهي ته "راجا ڏاهر، جنگ هلندي پنهنجن زالن مان هر هڪ تي سخت چوبدار مقرر ڪيو هو، ته جيڪڏهن شڪست ٿئي ته هنن زالن کي ڪهي ڇڏجو. جڏهن ڪافرن کي شڪست ٿي، تڏهن لاڏيءَ پاڻ کي اٽ تان ڪٽي ميدان جنگ ۾ اڇلايو، ۽ گرفتار ٿي".

د فينا ضابطي هيٺ آڻي، قيس جي حوالي ڪري، ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾، جملي حدن جو پورو انتظام ڪري، ڏاهر جو سر چوڪرين، قيدين ۽ غنيمت جي مال سميت، قيس جي هٿان، ٻن سون سوارن جي نگرانيءَ ۾ دارالخلافت ڏانهن روانو ڪيو (١).

ڏاهر جي بادشاهيءَ جو عرصو ٽيٽيهه سال، ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪمرانيءَ جا جملي ڏينهن، پيانوي سال آهن.

روايت آهي ته ڏاهر جي قتل کان پوءِ، 'ترڙيءَ' (٢) جي آس پاس جي سمن ماڻهن گڏ ٿي، دهلن ۽ شرناين سميت، خدمت ۾ حاضر ٿي، ناچ شروع ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو ته "هيءَ ڪير آهن ۽ ڇا ٿا ڪن؟" ٻڌايائون [١٩] ته "اسان جي رسم آهي ته جڏهن ڪو بادشاهه فتح ڪندو آهي، ته سندس خوشي هن طرح ڪندا آهيون". تنهن کان پوءِ هو پاڻ تي ڍل مقرر ڪرائي واپس ويا. پڻ "علي بن محمد بن عبدالرحمان" سليطيءَ جي صلاح سان، پاٽيا، لوهاڻا، سهتا، چنڊ، ماڇي، ڪوريجا ماڻهو آيا، ۽ سيني جا مٿا ۽ پير اگهاڙا هئا. ڪين امان ڏيئي مٿن [هيءَ ڪم] رکيو ويو ته اسلام جي لشڪر جا ماڻهو، جڏهن به دارالاسلام (٣) کان ايندا يا اوڏانهن ويندا، ته هي سندن رهبري ڪندا (٤).

(١) فتحنامي موجب، ڏاهر جو سر 'صارم بن ابي صادم' همدانيءَ جي حوالي ڪيو ويو هو، ۽ ساڻس گڏ بني قيس قبيلي جو ابو قيس ذڪوان بن علوان بڪري، يزيد بن مخالد همداني، زياد بن الحواري العبدي، ۽ ٻيا ماڻهو همراه ڪري موڪليا ويا هئا (ص ١٨٧). (٢) فتحنامي (ص ص ٢١٧-٢١٨) ۾ هيءَ نالو 'ساوندي' ڇاپيل آهي. (٣) 'دارالاسلام' انهيءَ ملڪ کي چئبو آهي، جتي مسلمانن جي بادشاهي هجي. هتي دارالاسلام مان مراد شام ۽ عراق آهي. (٤) فتحنامي ۾ لوهاڻن، ڀاٽين وغيره جو ذڪر ڪونهي، البت مير معصوم تاريخ سنڌ (ص ٢٧) تي اهو ذڪر ڪيو آهي؛ پر انهيءَ ۾ به ڀاٽين جو ذڪر ڪونهي، ۽ انهن جي بدران هالير (شايد 'هاله') قوم جو بيان آهي - مير معصوم جو ماخذ ڪهڙو آهي، سو خدا ٿو ڄاڻي.

هاڻي محمد بن قاسم ڏاهر جي پيڻ ڪي-جنهن ڪي هُن ملڪ جي زوال جي ڊپ کان پنهنجي نڪاح ۾ آندو هو- حجاج جي اجازت سان، پنهنجي نڪاح ۾ آڻي (١)، پين جڳهين جي فتح ڪرڻ ڏانهن رخ رکيو.

ايتري ۾، سنہ ٩٤هہ جي اوائل ۾، پڌڻ ۾ آيو تہ ڏاهر جا پٽ، 'اسڪلنده' (٢) جي قلعي ۾ جمع ٿي، خود مختياريءَ جو دم هڻي رهيا آهن (٣). محمد بن قاسم اوڏانهن روانو ٿيو ۽ قلعي

(١) فتحنامي مطابق، ڏاهر جي پيڻ "رائي بائي"، راوَر جي قلعي ۾ چکيا تي چڙهي وئي هئي (ڏسو "فتحنامو"، ص ١٩٤-١٩٥)؛ محمد بن قاسم ڏاهر جي بيءَ زال رائي لاڏيءَ سان، حجاج نہ، بلڪ اميرالمومنين کان اجازت وٺي شادي ڪئي هئي (ڏسو ص ١٨٥).
(٢) نسخه "ن"-"اسڪنده" (٣) فتحنامي مان ڏاهر جي صرف ٽن پٽن جو پتو لڳي ٿو: 'جيسيه'، جو بيءَ سان ميدانِ جنگ ۾ گڏ هو (ص ١٦٣-١٦٤)، ۽ بيءَ جي مرڻ کان پوءِ، سياڪر وزير جي صلاح سان اچي برهمڻ آباد ۾ رهيو (ص ١٩٣-١٩٤)، جتان پهريائين جيسلمير، پوءِ چتور هليو ويو وغيره (ص ٢٠٢)؛ پيو 'فوفي'، جو اروڙ جي قلعي ۾ هو، ۽ اتان پڄي پنهنجي ڀاءُ جيسيه وٽ چتور هليو ويو (ص ٢٢٤)؛ ڏاهر جو ٽيون پٽ 'وڪيو'-جنهن جو ذڪر سنڌ جي ڪنهن بہ ميدانِ جنگ تي ڪونہ آيو آهي- پنهنجي ڀاءُ سان چتور ۾ موجود هو (ص ٢٢٤)- معلوم ٿو ٿئي تہ اهو شايد صغير هو، ۽ جنگ ڪرڻ جي قابل نہ هو؛ باقي رهيو اسڪلنده جو قلعو، سو 'ٻاٻيہ' علاقي جو (جو غالباً رياست بهاولپور وٽ هو) هڪ مکيہ ۽ مضبوط قلعو هو، محمد بن قاسم، اهو قلعو اروڙ جي فتح کان پوءِ، ملتان ويندي، رستي ۾ فتح ڪيو هو (ص ٢٣٦-٢٣٧). انهن حقيقتن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ مير قانع جو هيءُ بيان فقط هڪ

(ڏسو حاشي صفحو ٤٨)

ڪي گهيري ۾ آئي، لڙائي ڪرڻ ڪان پوءِ، پوريءَ طرح مطيع ڪري، بتخانا ڍيجي، اتي مسجدن جو بنياد رکيائين ۽ اُتي جي رهاڪن تي جزيو مقرر ڪيائين. ساڳيءَ طرح برهمڻ آباد پڻ فتح ڪيائين.

چون ٿا ته هڪڙي ڏينهن، محمد بن قاسم وينو هو، ته اٽڪل هزار کن برهمڻن جو ٽولو، مٿو، ڏاڙهي ۽ مڇون ڪوڙيل ڪئمپ ۾ آيا. جاچ تي معلوم ٿيو ته هنن پنهنجيءَ پر موجب، سردار جي ڏک ۾ ائين ڪيو آهي. مڙيني کي سڏي، ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي صلاح تي، ڪين قديمي دستور موجب ملڪ جي پسگردائيءَ مان ماليات وصول ڪرڻ

وهم آهي. بلاذري (ص ص ٤٢٨-٤٢٩) لکي ٿو ته محمد بن قاسم جي وڃڻ کان پوءِ، سنڌي راجا، جيڪي محمد بن قاسم جي مقابلي ۾ شڪست کائي، هيڏي هوڏي ڀڄي ويا هئا، تن سڀني موٽي اچي پنهنجن ملڪن تي قبضو ڪيو هو- انهن ۾ ڏاهر جو پٽ جيسيه به هو، جنهن اچي برهمناباد تي قبضو ڪيو. حضرت ”عمر بن عبدالعزيز“ جي ڏينهن ۾، جيسيه ۽ انهن راجائن اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ تي عربن جهڙا نالا رکايا. ”هشام بن عبدالملڪ“ جي ڏينهن ۾، ’جنيد بن عبدالرحمان‘ مري سنڌ جو گورنر ٿي آيو. هن ۽ جيسيه جي پاڻ ۾ اٿبٿت ٿي پيئي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ زبردست لڙائي لڳي، جنهن ۾ جيسيه قتل ٿي ويو. جيسيه جي ڀاءُ چچ بن ڏاهر چاهيو ته ڀڄي وڃي اهو احوال خليفي کي ٻڌائي؛ پر جنيد کيس پنهنجي هٿ آڻي قتل ڪري ڇڏيو. جيسيه سچ پچ مسلمان ٿيو هو، يا رڳو ڪل بچائڻ کان اسلام جو اعلان ڪيو هئائين، تنهن ۾ تاريخ نويسن جو اختلاف آهي- هن بيان مان هي به پتو پيو ته ڏاهر کي ”چچ“ نالي ڇوٽون پٽ به هو.

جي ڪم تي ڇڏيائين. هو جڏهن مانوس ٿيا، تڏهن عرض ڪيائون ته ”اسان بت پرست قوم آهيون ۽ اسان جي ساريءَ قوم جو گذران بتخانن جي مجاوريءَ تي آهي: جنهن صورت ۾ اسان اطاعت قبول ڪري، پاڻ تي جزيو رکيو آهي، تنهن صورت ۾، اسان کي پنهنجي جاين تي بتخانن جي ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي(١)، ته خليفي جي اقبال کي دعا ڪندا رهنداسون“. محمد بن قاسم، حجاج کي اطلاع ڪرڻ ۽ خليفي کان اجازت وٺڻ کان پوءِ، کين پنهنجي پراڻيءَ پر موجب، رسمون عمل ۾ آڻڻ جي اجازت ڏني. تنهن سان گڏ هيءُ به حڪم ڪيائين ته ’برهمڻ، پنهنجي هندن کان امتياز خاطر، پٽل جا ننڍا ٿانوَ، گدائيءَ لاءِ ٺهرائين، ۽ هر صبح تي اهي هٿ ۾ کڻي گدائي ڪندي، هرهڪ جي دروازي وٽان لنگهن‘ - انهيءَ ڪري اها رسم ٿي چڪي آهي ته برهمڻ پيالو هٿ ۾ کڻي دان وٺڻ لاءِ، سڀني دروازن تي ڦرندا آهن، ۽ فائدو وٺندا آهن.

---

(١) چچنامي (ص ٢١٢-٢١٣) مان واضح ٿو ٿئي ته جڏهن مسلمانن برهمناباد جو قلعو فتح ڪيو، ۽ لڙائيءَ ۾ اتي جو بتخانو شڪسته ٿي پيو، تڏهن ڏيپ کان ماڻهن بت پرستي ڇڏي ڏني؛ جنهنڪري برهمڻ جو روزگار بند ٿي ويو، ۽ هنن محمد بن قاسم جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته هو ماڻهن کي هدايت ڪري، ته اصلوڪي دستور موجب برهمڻن کي خير خيرات ڏيندا رهن، ۽ کين بتخاني جي دوباره آباد ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏني وڃي. انهيءَ ڳالهه جي عام ماڻهن پڻ تائيد ڪئي - جنهن تي محمد بن قاسم، حجاج کان اجازت وٺي، کين ڏيٻل بتخاني جي تعمير جي اجازت ڏني، وغيره. هن بيان مان ظاهر آهي ته مير قانع جو اهو لکڻ ته ”رخصت بدهند تا معبدهاي خودرا بمکانهاي ديگر بنانهيم“ (موڪل ڏيو ته پنهنجا بتخانا پنهنجي جاين تي ٺاهيون) - پل آهي، جنهن لاءِ ڪو ماخذ ڪونهي.

روايت آهي ته جڏهن حجاج، اسڪلنده ۽ برهمناد جي قلعن فتح ٿيڻ کان واقف ٿيو، تڏهن محمد بن قاسم ڏانهن لکيائين ته ”جنهن صورت ۾، خدا جي فضل سان ڏاهر ۽ سنڌس ملڪ هٿ آيو، تڏهن هاڻي سنڌس تختگاه هٿ آڻڻ گهرجي؛ ۽ پيو ته ايتري تي اڪتفا نه ڪري. اپرندي طرف ڏانهن متوجهه ٿي، هندوستان ڏانهن رخ رکڻ گهرجي: محمدي دين جي برڪت، هر هنڌ مسلمانن جي مددگار ٿيندي“.

انهيءَ لکئي تي، محمد بن قاسم اروڙ [٣٠] جو اراد و ڪيو. ايتري ۾ خبر پهتي ته ”فوفي“ نالي ڏاهر جو هڪڙو پٽ، اروڙ ۾ مستقيم ٿيو ويٺو آهي، ۽ ڏاهر جي ڪُسي وڃڻ جو انڪار ڪري، چوي ٿو ته 'هو لشڪر مان گم ٿي هندوستان ڏانهن ويو آهي، ۽ عنقريب لشڪر ساڻ وٺي اچي انتقام وٺندو' - انهيءَ تي ڪيس اهڙو يقين آهي، جو جيڪو به سندس آڏو، سندس پيءُ ڏاهر جي ڪُسي وڃڻ جو بيان ٿو ڪري، تنهن کي قتل ڪري ٿو ڇڏي. تنهنڪري، سندس سامهون ڪوبه ماڻهو هيءَ حقيقت ظاهر ڪري نٿو سگهي؛ ۽ سندس به يائر، جيئين ۽ وڪيو، جيڪي هن گڙ ۾ نڙي پڪڙي ويا هئا، تن کي به پاڻ وٽ گهرايو اٿس (١).

اها خبر پڌي، هڪدم اوڏانهن توجهه ڪري، اروڙ جي قلعي کي گهيرو ڪري، ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي، مڙس جي مري وڃڻ [جي خبر] ظاهر ڪرڻ لاءِ، قلعي جي دروازي تي موڪليائين - انهيءَ کي ڪوڙو ٺهرائي، پٿر ۽ يتر هٽي چيائون ته ”تون گئو-هتيا ڪندڙن سان ٺهي ويئي آهين“. اتي، محمد بن قاسم گهيري کي سوڙهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اروڙ جي خلق، ٿوري وقت ۾ تنگ ٿي، ٻاهر نڪرڻ جو

(١) ”سندس به يائر-“ کان وٺي ”- گهرايو اٿس“ تائين، سڄو جملو مير قانع پنهنجي طرفان اضافو ڪيو آهي، جنهن لاءِ ونس ڪابه سند ڪانهي (ڏسو ”فتحنامو“، ص ٢٢١).

فڪر ڪرڻ لڳي. فوفيءَ سمجهيو ته سندس انتظام قائم رهي نه سگهندو، پر جنهن صورت ۾ غلط توهم ۾ مبتلا هو، تنهنڪري ڪيس دستبردار ٿيڻ پڻ مشڪل ٿي لڳو.

چون ٿا ته اتي هڪ جادوگرياڻي عورت رهندي هئي، تنهنڪري ان کي ڏاهر جي احوال ٻڌائڻ لاءِ التجا ڪيائين. جادوگرياڻيءَ - جنهن کي انهن ڏينهن ۾ جوڳڻ سڏ يندا هئا - هڪ رات جي مهلت گهري. انهيءَ رات گذرڻ کان پوءِ، ٻه سايون ٽاريون - هڪ اکروٽ جي وڻ جي ۽ ٻي مرچ جي وڻ جي - هٿ ۾ ڪري، فوفيءَ وٽ اچي چيائين ته "سراندیپ تائين، زمين جي هڪ هڪ گرانٺ جاچي اٿم، ۽ ثابتيءَ لاءِ هي [ٽاريون] آنديون اٿم: ڏاهر جيڪڏهن جيئرو هجي ها ته مون کي ڏسڻ ۾ اچي ها. خبردار! سندس جيئري رهڻ جو خيال دل ۾ نه آڻ ۽ مفت پاڻ کي برباد نه ڪر".
فوفي، جادوگرياڻيءَ کان ڏاهر جي مرڻ جي پڪ ڪري، راتوواهه قلعي مان نڪري، پنهنجن مٽين پيارن ڏانهن (جن کي هن کان اڳ پاڻ گهرايو هئائين ۽ هو اچا نه پهتا هئا) پهچي ويو. صبح جو علافين هيءَ حقيقت محمد بن قاسم کي لکي، پنهنجي لاءِ امان گهري، قلعي وارن کي قلعي جي کولڻ جي هدايت ڪئي (١). محمد بن قاسم فتحمند لشڪر ساڻ

(١) "صبح جو علافين -" کان وٺي "- هدايت ڪئي" تائين، مير قانع جي پنهنجي ايجاد آهي، جنهن لاءِ ڪابه سند ميسر ٿي نه سگهي آهي. فتحنامي ۾ - جو عربن جي سنڌ ۾ فتوحات جو مستند ترين ماخذ آهي - فقط هيترو لکيل آهي ته "پس مردی از علافیان در ارور بود، که با فوفي موافقت کرده بود - بنشته در قلم آورد و از گريختن و متواري شدن فوفي اعلام داد و بر تير بست و بينداخت که فوفي- داهر ترک امارت ارور گرفت و بطرفي متواري شد"
(ڏسو حاشي صفحو ٥٢)

شهر ۾ آيو، ۽ تمام گهڻيءَ خلق کي، هڪ مندر جي دروازي تي سجدي ۾ ڪريل ڏسي، پڇا ڪيائين ته ”هي ڇا ٿا ڪن؟“ معلوم ٿيس ته بُت کي سجدو ٿا ڪن. بتخاني ۾ اندر وڃي ڏٺائين ته هڪ پوري انسان جي صورت، گهوڙي تي سوار آهي - ترار ڪڍي، پانيائين ته هٽيءَ پر مجاورن دانهن ڪري چيو ته ”هيءَ [ماڻهو] جيءُ نه آهي، پر بُت آهي“ - [ائين چئي] هو محمد بن قاسم ڪان پري هٽي ويا. [محمد بن قاسم] بت جي ويجهو وڃي، هن جي هڪ ٻانهن مان ڪنگڻ لاهي، مجاورن کان پڇيو ته ”بت کي هڪ ٻانهن ۾ ڪنگڻ ڪونهي؛ ڪانئس پڇو ته ڪاڏي ڪيائين؟“ [مجاورن] ورائيو ته ”بت کي هن جي ڪهڙي خبر!“ - چيائين ته ”توهان به عجيب معبود جي عبادت ڪريو ٿا، جو پنهنجي حال جي به خبر نٿو ڀڏائي!“ - هي ڀڏي شرم کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيائون.

نقل آهي ته قيدين مان هڪڙي شخص، سندن ڪُڙهڻ جي حڪم ٿيڻ وقت، چيو ته ”آءٌ هڪڙي شيرڪت ڏيکاريندس (عجيب شي ڏيکاريندس)، جا توهان ڪڏهن به نه ڏٺي هوندي؛ ليڪن هن شرط سان، ته مون کي ۽ منهنجي تابعدارن کي امان نامو لکي ڏيندا“. [مسلمانن] ڀانيو ته شايد ڪو دفن ٿيل خزانو ڏيکاريندو؛ [٢١] سو کيس سندس چوڻ موجب، ٻن سؤ چٽن جو نااليوار امان نامو لکي ڏنائون. امان نامو

(علافين مان هڪڙي ماڻهوءَ، جو فوفيءَ سان موافقت ڪري اروڙ ۾ ٿي رهيو، تنهن فوفيءَ جي پڇي وڃڻ ۽ گم ٿيڻ جو احوال لکي، تير سان ڀڏي ٻاهر اڇلايو ته ”فوفي بن ڏاهر، اروڙ جي حڪومت جي دعوي ڇڏي، ڪنهن ٻاسي لکي ويو آهي‘) - ڳالهه فقط ايتري آهي، باقي انهيءَ ڪري هڪڙي علافيءَ کي علافين سان تعبير ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ امان گهرڻ ۽ قلعي جي کولڻ لاءِ رهبري - اهو سڀ مير قانع جو اضافو آهي.

وٺي، هڪدم ڏاڙهي وات ۾ ڪري، مٿي جا وار ڪنڌ پڙي، مٿي ڪي مروڙي سروڙي پيرن ۾ ڏيئي، ڏاڍو وٺي نچڻ شروع ڪيائين (١)، وات مان عجيب آواز ڪرڻ لڳو، ۽ اهڙي حالت پيدا ڪيائين، جو سيئي ڏسندڙ ٿڪ ڏيئي کلڻ لڳا! جڏهين بس ڪيائين، تڏهين محمد بن قاسم چيو ته "آخر هي راند يون چاجون؟ جنهن عجيب شي جو وعدو ڪيو اٿئي، سا ڏيکار!" وراڻيائين ته "چا هيءَ عجيب شي گهٽ آهي؟ بس منهنجي ته عجيب شي اهائي هئي، جا ڪيم!" [انهيءَ تي] محمد بن قاسم ڪي دوستن چيو ته "هي چرچا ٿو ڪري، هن ڪان عهد نامو واپس وٺڻ گهرجي". چيائين ته "قول قول آهي: جيڪي زبان تي آندو اٿئون، تنهن ڪان ڪونه ڦرنداسون" (٢).

(١) چچنامي ۾ (صفحو ٢٢٧) فقط هيترو آهي ته 'انهيءَ ساٿهوءَ امان نامو وٺي، پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ هڻي، ڏاڙهيءَ جا وار ڪولي، انهن جون چوٽيون پنهنجي پيرن جي آڱرين سان ٻڌي، نچڻ شروع ڪيو، ۽ بيت ڳائڻ لڳو: «ڪس نديد، است اين عجب ڪه مراست؛ سوي ريشم همي ڪشان تاپاست»!'. (٢) چچنامي ۾ (ص ٢٢٨) هن تي اضافو ڪري لکي ٿو ته 'محمد بن قاسم، انهيءَ ساٿهوءَ کي ٻن سون عزيزن قريبن سميت، جيل ۾ رکي، حجاج کي حقيقت حال کان واقف ڪيو. حجاج هڪ طرف ته هيءُ سوال ڪوفي ۽ بصري جي عالمن جي آڏو رکيو، ۽ ٻئي طرف وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ کي اطلاع ڏنو. عالمن خواه خليفي کان ساڳيو جواب پهتو ته اهڙا معاملا خود اصحابن سڳورن جي زماني ۾ فيصل ٿي چڪا آهن - ڏسو قرآن شريف جي آيت: «رجال صدقوا ما عاهد والله عليه» - حجاج وٽان انهيءَ حڪم پهچڻ شرط، انهيءَ ساٿهوءَ کي سيني لاڳاپيدارن سميت آزاد ڪيائين'.

قصبو ڪوتاه، جڏهن [ملڪ جو] تختگاه اروڙ پڻ قبضي ۾ آيو، ۽ ملڪ ڪان پوريءَ طرح دلجاءِ ٿي، تڏهن عام ماڻهن سان احسان جي هلت وئي، سڀني کي پنهنجن ڪاروبارن ۽ ڌنڌن ۾ لڳڻ جي اجازت ڏنائين. [انهيءَ کان پوءِ] "احنف بن قيس بن رواح" اسديءَ کي اروڙ جي گورنري (١)؛ "موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد بن شيبان بن عثمان" ثقفيءَ(٢) کي، قضا ۽ خطابت جو عهدو؛ "وداع بن حميد" نجديءَ کي برهمنآباد جي حڪومت؛ "نوبه بن دارس" کي راوَر جي قلعي جي نيابت؛ "هذيل

(١) اروڙ جي گورنري، احنف بن قيس کي نه، پر سندس اولاد مان هڪ شخص ــ رواح بن اسد ــ کي ڏني ويئي هئي (ڏسو "فتحنامو" ص ٢٣٤ــ٢٣٥). (٢) اصل ۾ "طائي بن شيبان" لکيل آهي، جو غلط آهي؛ صحيح "طائي بن محمد بن شيبان ــ الخ" آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ٢٣٥؛ ۽ خود "تحفة الڪرام"، ص ٢٧)؛ پر ساڳيو فتحنامي جو مصنف، ص ؟ تي، انهيءَ ساڳئي قاضيءَ جي پڙ پوٽي جو شجرهء نسب هن طرح لکي ٿو: اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شهاب بن عثمان الثقفي ــ هتي "موسيٰ" کان پوءِ "بن" لفظ زائد آهي؛ ۽ نسخي "ڪ"، "موسيٰ بن طائي" جي بدران "موسيٰ طائي" لکيو آهي، جو اسان جي نظر ۾ ٺيڪ آهي: "طائي"، "موسيٰ" جي صفت آهي، مگر ڪاتبن غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ڪٿي موسيٰ ۽ طائيءَ جي وچ ۾ "بن" جو لفظ وڌايو آهي. اڳتي هلي، ٻئي "طائي" کان پوءِ وري "بن موسيٰ" وڌايل آهي، جنهن متعلق ڪوبہ فيصلو ڪري نٿو سگهجي. پڻ "شيبان" کي هتي "شهاب" سڏيو ويو آهي ــ صحيح ڪهڙو آهي، سو خدا ٿو ڄاڻي. "عثمان ثقفيءَ" مان مُراد شايد اهوئي "عثمان ــ بن ابي العاص ثقفي" آهي، جنهن بحرين جي گورنريءَ جي زماني ۾ پنهنجي ڀاءُ مغيره بن ابي العاص کي بحرين جي رستي کان ديبل ڏانهن موڪليو هو.

بن سليمان" الازديءَ (١) کي گورج (٢)، ۽ "حنظله بن اخي بنانه" ڪلائيءَ کي دهليله هٽ ۾ ڏني، پاڻ ملتان روانو ٿيو. واٽ تي، پاٿيه (٣) جو قلعو فتح ڪيائين. پاٿيه جي قلعي جو والي، ڏاهر جو سوٽ "ڪڪسه بن چندر بن سيلائج" هو – جو ڏاهر کان پڇي وڃي اتي رهيو هو – سو اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. تنهن کان پوءِ سڪه جو قلعو فتح ڪري، "عتبه بن سلمه" تميميءَ (٤) کي اتي ڇڏي، وڃي ملتان، آس پاس جي قلعن سميت هٿ ڪيائين. [انهيءَ کان پوءِ] "خزيمه بن عبدالملڪ بن تميم" (٥) کي،

(١) اصل ۾ "هذيل بن الازدي" آهي، جو غلط آهي – شايد ڪتابت جي سهوَ کان "سليمان" جو لفظ وچ ۾ رهجي ويو ٿو ڏسجي (ڏسو "فتحنامو"، ص ٢١٨). (٢) هيءَ "گورج" شايد "ڪيرج" جي بگڙيل صورت آهي، جو گجرات جي "ڪيره" پاڳي جو معرّب ٿو ڀانئجي – پر محمد بن قاسم اهو ڪيرج فتح ڪونه ڪيو هو. هذيل بن سليمان ازديءَ کي فقط ڪچ جو پاڳو هٿ هيٺ ڏنو ويو، جو ڪيرج (ڪيره) جي بادشاه جي هٿ هيٺ هوندو هو، ۽ مسلمانن انهيءَ کي فتح ڪري ورتو هو. هن باري ۾ فتحنامي جي عبارت نهايت واضح آهي: "وناحيت قصه که 'دروهر' ملک ڪيرج داشت بهذيل بن سليمان الازدي داد" – ص ٢١٨ (۽ ڪچ وارو پاسو جو ڪيرج جي بادشاه 'دروهر' جي هٿ ۾ هوندو هو، سو هذيل بن سليمان ازديءَ کي ڏنائين). (٣) اصل ۾ "بابيه" آهي، جو غلط آهي – هي "پاٿيه" غالباً رياست بهاولپور وٽ واقع هو. (٤) اصل ۾ "عتبه بن تميمي" آهي، جو غلط آهي (ڏسو "فتحنامو"، ص ٢٣٧). فتحنامي جي ساڳئي صفحي مان هيءَ به واضح ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم، عتبه کي اسڪلندءِ جي قلعي جو والي بنايو هو، نه سڪه جو. (٥) فتحنامي (ص ٢٤١) ۾ "خريم بن عبدالملک تميمي" لکيل آهي؛ نسخي "ر–م" ۾ 'بن تميم' لکي ٿو – والله اعلم.

برهمپور (١) جي قلعي ۾، ۽ "داؤد بن نصر بن وليد" عمانيءَ کي ملتان ۾ مقرر ڪري، پاڻ ديبالپور (٢) تي ڪاهي ويو. هن وقت، مٿي ذڪر ڪيل جاين تي، مقرر فوج کان سواءِ اٽڪل پنجاهه هزار سوار ۽ پيادا، سندس جهنڊي هيٺ حاضر هئا. آخر قنوج ۽ ڪشمير جي سرحد تائين فتح ڪري، سروَ جا ٻه وڻ پوکي، ڏاهر جي ملڪ (٣) جي حد مقرر ڪري، هر هنڌ اعتماد جوڳا ماڻهو ڇڏي، موٽي اڏيپور پهتو، ته تقدير اچي سندس حياتيءَ جي پويان پيئي.

محمد بن قاسم جي رحلت جي واقعي جي ڪيفيت

محمد بن قاسم جي رحلت جي واقعي جي حقيقت هن طرح آهي ته جڏهن ڏاهر جون ٻه ڌيئر، "پرمل ديو" ۽ "سورج ديو"-- جي پالڪيءَ ۾ سائس گڏ هيون (٤) -- خليفي جي خدمت ۾

(١) اصل ۾ "مهپور" لکيل آهي، جو ڪاتب جو وهم ٿو ڏسجي. امير محمد بن قاسم، خزيم بن عبدالملڪ کي "برهمپور" جي قلعي ۾ مقرر ڪيو هو، جو جهلم جي ڪناري تي هو ۽ جنهن کي "سوپور" به سڏيندا هئا ("فتحنامو"، ص ٢٣١). (٢) اصل ۾ "ديالپور" آهي؛ نسخو "ن" - "ديبالپور". (٣) اصل ۾ "داهر را حد مشخص نموده" آهي؛ مگر اسان جي خيال ۾ ڪاتب جي ڀل کان "داهر" جي اڳيان "ملڪ" جو اکر وسري ويو ٿو ڏسجي - ٻيءَ صورت ۾ ڪابه معنيٰ نٿي نڪري. (٤) اهو غلط آهي ته راجا ڏاهر جون ڌيئر سائس گڏ پالڪيءَ ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ موجود هيون؛ بلڪ ميدان ۾ ڏاهرسان گڏ به "ٻانهيون" هيون - فتحنامي (ص ١٢٨-١٢٩) ۾ لکيل آهي: "ودو ڪنيزڪ ڪه باوي درعماري نشته بودند يڪي اورا تنبول ميداد و ديگر تير مي داد" (سائس گڏ پالڪيءَ ۾ جيڪي به ٻانهيون ويٺل هيون تن مان هڪ هن کي پان ٿي ڏنو ۽ ٻيءَ تير ٿي ڏنا). هن کان اڳ صفحي ١٧٠ ۾ پڻ چيل آهي ته "دو نفر ڪنيزڪ باوي درعماري بود - يڪي تيرها پيءِ يڪديگر مي داد و ديگري تنبول مي داد" - اهي ٻانهيون ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت گرفتار ٿيون هيون ("فتحنامه"، ص ٢٠٧).

پهتيون، تڏهن [خليفي] سنڌ ن بينظير حسن ڏسي انهن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪيو؛ پر سنڌن وحشت ۽ بيدلي دفع ڪرڻ خاطر، انهن کي حرم ۾ هوشيار داين جي حوالي ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ، انهن مان هڪڙيءَ کي بستري تي گهرايائين؛ پر چالاڪ ته پيءُ جي قتل جو ناسور اڃا چڪي رهيو هوس، سو [خليفي کي] چيائين ته ”اسان خليفي جي لائق نه آهيون، ڇو ته محمد بن قاسم اسان کي ٽي راتيون پنهنجي ڪم آندو هو“. خليفو هي ٻڌي باهه ٿي ويو، ۽ هڪدم پنهنجي هٿ سان حڪم روانو ڪيائين ته ’محمد بن قاسم کي هن حڪم پهچڻ شرط، پاڻ کي ڪچي چمڙي ۾ بند ڪري، حضور ۾ پهچائڻ گهرجي‘. هيءُ حڪم محمد بن قاسم کي اڏيپور ۾ پهتو. خدائي تقدير ائين هئي- تنهنڪري حڪم جي پيروي ڪندي، پاڻ کي چمڙي ۾ بند ڪري روانو ٿيو- ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ رستي ۾ گذاري ويو! تنهن کان پوءِ سندس لاش صندوق ۾ وجهي خليفي وٽ حاضر ڪيائون (١)، جنهن هڪدم انهن ٻنهي ڀينرن کي گهرائي، [٢٢] ڏيکاري چيو ته ”منهنجو حڪم ڏسو!“ [ٻنهي] بي اختيار کلي ڏنو ۽ چيائون: ”خليفي جي حڪم جاري هجڻ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ نه آهي، ليڪن [سندس] عدل ۽ عقل ۾ تمام خرابي ڏسڻ ۾ آئي؛ چالاڪ ته اهڙو ماڻهو، جيڪو اسان جي پيءُ ۽ ڀاءُ جي برابر هو، رڳو اسان دشمنن جي چوڻ تي، سچ ۽ ڪوڙ جي تحقيق کان سواءِ

(١) هن قصي جي بنا فتحنامي جي روايت تي ٻڌل آهي، جا بالڪل غلط ۽ واهيات آهي- عربي تاريخن جي روايت موجب محمد بن قاسم، خليفي وليد جي مرڻ کان پوءِ، سندس ڀاءُ سليمان جي سياسي عداوت جو شڪار ٿيو هو (تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب جو فتحنامي جي آخر ۾ محمد بن قاسم جي وفات تي نوٽ).

ضائع ڪري ڇڏيائين! اسان جو مقصد فقط پيءُ جو قصاص وٺڻ هو. [هن مان] محمد بن قاسم جي ڪم عقلي پڻ ظاهر ٿي، ڇو ته ڪيس گهربو هو ته حڪم موجب روانو ٿئي ها، ۽ جڏهن باقي هڪڙي منزل وڃي بچي ها، تڏهن پاڻ کي چمڙي ۾ بند ڪري ها، جيئن جيئرو پهچي وڃي ها ـ ۽ اسان جي سچي شاهديءَ ڏيڻ تي سندس جان بچي پوي ها". خليفي پشيمان ٿي، پنهي کي پٽ ۾ لنبي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو، ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته انهن کي هاٿيءَ جي پيرن ۾ ٻڌي بازار ۾ گهمائي ماري ڇڏيائون.

[باب ٽيون]

بنو اميه گهراڻي جي خليفن جي گورنرن جو طبقو (١)

جڏهن محمد بن قاسم سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن مٿي ذڪر ڪيل دستور موجب "احنف بن قيس بن رواح" اسدي اروڙ جو گورنر رهيو، ۽ پيا ماڻهو پڻ مٿي بيان

---

(١) بني اميه گهراڻي جا گورنر جيڪي محمد بن قاسم کان پوءِ سنڌ ۾ آيا، تن جا نالا هن ريت آهن: ١. يزيد بن ابي ڪبشة السڪسڪي (سليمان بن عبدالملڪ - سنه ٩٦ هه کان سنه ٩٩ هه - جي ڏينهن ۾)، فقط ارڙهن ڏينهن لاءِ؛ ٢. حبيب بن المهلب بن ابي صفره (سليمان بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾)؛ ٣. عمرو بن مسلم الباهلي (عمر بن عبدالعزيز - سنه ٩٩ هه کان سنه ١٠١ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٤. هلال بن احوز تميمي (يزيد بن عبدالملڪ - سنه ١٠١ هه کان ١٠٥ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٥. جنيد بن عبدالرحمان المري (هشام بن عبدالملڪ - سنه ١٠٥ هه کان سنه ١٢٥ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٦. تميم بن زيد العتبي (هشام بن عبدالملڪ - سنه ١٠٥ هه کان سنه ١٢٥ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٧. حڪم بن عوانه ڪلبي (هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾)؛ ٨. عمرو بن محمد بن القاسم (هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾)؛ ٩. يزيد بن عرار (وليد بن هشام - سنه ١٢٥ هه کان سنه ١٢٦ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ١٠. منصور بن جمهور الڪلبي (بني اميه جي پوئين خليفي مروان الحمار - سنه ١٢٧ هه کان سنه ١٣٢ هه - جي ڏينهن ۾) - (ڊاڪٽر دائود پوٽي جا تاريخ معصوميءَ تي تعليقات، ص ٢٦٦-٢٦٧، (ڏسو حاشي صفحو ٥٧)

ڪيل طريقي موجب، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي حڪومت تي قائم رهيا. ٻن سالن ڪان پوءِ، هندوستان جا ماڻهو باغي ٿي ويا – باقي ديبالپور جي سرحد ڪان وٺي سمنڊ تائين اسلامي گورنرن جي هٿ ۾ رهيو.

ٿوري وقت ڪان پوءِ ”ابوحفص قتيبه بن مسلم“، حجاج جي طرفان آچي، جيڪي ماڻهو اسلام جي شرف سان مشرف نہ ٿيا هئا تن تي جزيو رکيو، پنهنجا نائب ڇڏي، خراسان هليو ويو. انهيءَ ڪان پوءِ جلد، ”تميم بن زيد“ پڻ حجاج جي طرف ڪان آيو. تنهن ڪان پوءِ، ٩٦ھ ۾، خليفي ”سليمان“ جي طرفان ”عامر بن عبدالله“ کي سنڌ جي گورنري ملي؛ ۽ ١٠٠ھ ۾ خليفي ”عمر بن عبدالعزيز“ (رضي الله عنه) جي طرفان ”عمرو بن مسلم“ هندوستان جي جهاد تي آيو، ۽ هن ملڪ جو ڪجهه حصو فتح ڪري، سنڌ جي ڪن بادشاهن کي مسلمان ڪيائين – جي وري خليفي ”هشام“ جي زماني ۾ مرتد ٿي ويا.

ٿوري ڦير ڦار سان). باقي، مير قانع جو چوڻ تہ ”محمد بن قاسم ڪان پوءِ ابو حفص قتيبه بن مسلم، حجاج جي طرفان سنڌ تي مقرر ٿي آيو“، بالڪل غلط آهي. ساڳيءَ طرح، تميم بن زيد جو حجاج جي پاران اچڻ پڻ غلطي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ تميم بن زيد، هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ سنڌ جو گورنر ٿي آيو – جنهن مٿي ذڪاريو ويو. هيءَ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ حجاج بن يوسف، سنه ٩٥ھ ۾ مري ويو هو – يعني محمد بن قاسم ڪان هڪ سال اڳ. هيءَ بہ معلوم هئڻ گهرجي تہ منصور بن جمهور، بني اميه جي پاران مقرر ٿيل ڪونہ هو، بلڪ مروان الحمار جي ڏينهن ۾ عراق ڪان ڀڄي سنڌ ۾ آيو هو، ۽ سنڌ جي حاڪم يزيد بن عرار کي شڪست ڏيئي، سنڌ تي قبضو ڪري ويٺو هو (”يعقوبي“، ص ٣٠٧).

جئن پهرئين جلد ۾ بيان ٿي آيو، "سليمان بن هشام" (١)، مروان جي لشڪر مان ڀڄي، سنڌ ۾ آيو هو ۽ بي فرماني ڪري سنڌ ۾ رهجي پيو هو؛ جڏهن "سفاح" (٢) خلافت جي [تخت] تي ويٺو، تڏهن وڃي انهيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو (٣).

(١) مير قانع، سليمان بن هشام جو ذڪر، پهرئين جلد ۾، بني اميه گهراڻي جي آخرين خليفي مروان الحمار جي بيان ۾ ڪيو آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو هي آهي: "چون ٿا تہ سندس ڏينهن ۾، بڪر بن وائل قبيلي جي هڪ ماڻهو 'ضحاڪ' بغاوت ڪئي، ۽ سندس لشڪر جي ڏهن هزارن ماڻهن، سليمان بن هشام کي خليفو مقرر ڪيو. سليمان سٺر هزار ماڻهو گڏ ڪيا - سخت لڙائيءَ کان پوءِ مروان فتحياب ٿيو، ۽ ابراهيم بن سليمان ۽ خالد بن هشام مخزوميءَ کي قتل ڪيائين. هن جنگ ۾ ٻنهي طرفن جا ٽيهہ هزار ماڻهو ڪم آيا ۽ سليمان جي لشڪر مان ڪيئي ماڻهو قيد ٿيا. مروان آزاد ماڻهن کي کهڻ ۽ غلامن کي وڪڻڻ جو حڪم ڪيو. هي حال ڏسي، ڪيترا آزاد ماڻهو بہ پاڻ کي غلام سڏائي، قتل ٿيڻ جي بدران وڪامڻ تي راضي ٿيا. سليمان ٻئي ڀيري ٻڻ لشڪر گڏ ڪري لڙائي ڪئي، پر شڪست کائي وڃي ضحاڪ خارجيءَ سان بيعت ڪيائين، ۽ ڪوفو وٺي اچي موصل وٽ پهتو. مروان، ضحاڪ کي قتل ڪري ڇڏيو. سليمان بن هشام ۽ شيبان خارجي موصل جي پسگردائيءَ ۾ گم ٿي ويا، جتان وري خراسان ڀڄي ويا. شيبان سيستان ۾ وڃي مئو؛ باقي سليمان بن هشام سنڌ ڏانهن هليو ويو، ۽ 'سفاح' جي خلافت تائين اتي رهيو. هو پوءِ وڃي سفاح سان مليو، جنهن وٽ پهرياڻين تہ مٿس نوازشون ٿيون، پر آخر قتل ٿي ويو ("تحفة الڪرام" دستخط مصنف، مملوڪه پروفيسر محمد شفيع لاهوري، ورق ١٠٨). (٢) ابوالعباس سفاح (١٣٢-١٣٦ هه)، عباسي گهراڻي جو پهريون خليفو - کيس 'سفاح' (خونريز) هن ڪري چوندا هئا، جو نهايت خونريز هو - بني اميه گهراڻي سان ڏاڍيون تعديون ڪيائين. (٣) نسخي "ن" ۾ وڌيڪ لکيل آهي: "وهم ابوالخطاب از طرف مروان حمار بسند رسيده" (مروان حمار جي پاران ابوالخطاب پڻ سنڌ ۾ آيو هو).

”بني اميه“ خليفن جي گورنرن جي حڪومت جو دور ١٣٣ھ تائين رهيو. هن طبقي جو سارو عرصو- ٩٣ھ جي ابتدا ڪان وٺي، بيان ٿيل انتها تائين- چاليهه سال آهي. بني اميه خليفن جا گورنر جڏهن هيتري انداز ۾ سنڌ جي حڪومت ڪري چڪا، تڏهن هاڻي ”بنو عباس“ گهراڻي جي گورنرن جو وارو آيو- پر، پهريائين گذريل زماني جا ڪي ٿورا حالات [بيان ڪرڻ] ضروري آهن، جئن هي نسخو مقصودي حالات سان نندن خواه وڏن احوالن جو جامع هجي. مخفي نه رهي ته جڏهن سنڌ تي بنو اميه جا گورنر راڄ ڪري رهيا هئا، تڏهن سنڌ جا ڪي بادشاه، ظاهري ڏيک لاءِ، وقت جي بادشاه جي اطاعت تي قائم هئا، جن مان ”دلوراءِ“ به هڪڙو هو- هو ’راءِ“ گهراڻي جي نسل مان هو، ۽ ”دلور“ جي شهر ۾ رهندو هو، جو سندس نالي پٺيان سڏيو ٿي ويو؛ ٻيو ”ڀنڀور راءِ“ ڀنڀور شهر ۾، جنهن ڪي پاڻ آڏايو هئائين- انهن ڏينهن ۾ هڪ عجيب واقعو ٿيو، جنهن جو مختصر احوال شروع ڪجي ٿو.

سسئي- پنهونءَ جي احوال جو بيان

”تانير“ نالي هڪ برهمڻ، ”منڌر“ نالي پنهنجي زال سان، سڪيو ستابو، ”دلوراءِ“ جي حڪومت ۾، ”پانيرواه“ (برهمناباد) ۾ رهندو هو. هو پٽ فرزند جا طالب هئا. ٿوري وقت ڪان پوءِ، انهن ڪي هڪ اهڙي ڌيءَ ڄائي، جنهن جي حسن تي چوڏهينءَ جو چنڊ به ريس ڪري رهيو هو. [٣٣] اتفاقاً، سندس طالع ۾ ڏسڻ تي معلوم ٿيو ته هوءَ هڪ مسلمان جي زال ٿيندي. آخرڪار، ڌرم جي عار ڪان بچڻ خاطر، ڦتيل دل سان، انهيءَ دُرِيتيم ڪي صندوق جي صدف (سپ) ۾ رکي، درياه ۾ لوڙهي ڇڏيائون. اتفاقاً، انهيءَ صندوق ڪي پاڻي ”ڀنڀور“ ڏانهن لوڙهي ڪٺي آيو.

انهيءَ شهر ۾ "منهيہ" — ۽ ڪن جي چوڻ موجب "لار" — نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو، جنهن کي پنج سؤ شاگرد هئا، پر ٻار ڪونہ هوس. صندوق جڏهن شاگردن جي اڳيان اچي لنگهي، تڏهين هو اها استاد وٽ کڻي ويا. کولڻ تي، قدرت جي برج مان هڪ چنڊ اپري پيو — سندس نالو "سسئي" (چنڊ) رکي، کڻي پنهنجو ٻار بنايائين. هوءَ جڏهن جوان ٿي، تڏهن سندس محبت جي نشتر سيڪنهن سهڻي جي دل ۾ چڀي وئي، ۽ جنهن بہ ڪيس ڏٺو، سو سندس خريدار ٿي پيو؛ اڪثر ماڻهو سندس عشق ۾ دل ڦرائي ويٺا، ۽ جتي بہ وهندي هئي، اتي سندس چوڌاري ڪَتيءَ وانگر حلقو ٻڌندا هئا، ۽ سندس شوق ۾ پکيءَ مثل اڏامندا هئا! انهيءَ زماني ۾، ڪيچ ۽ مڪران جا قافلا واپار لاءِ هن پاسي ايندا هئا، جن وچي هن چنڊ جي تڪر جي خبر ڪيچ جي حاڪم جي پٽ "پنهونءَ" وٽ پهچائي. هو ٻڌڻ سان دل ڪسائي ويٺو، ۽ قافلي وارن جو ويس پهري ڀنڀور ۾ آيو، جتي سسئيءَ کي ڏسي، دل هٿن مان نڪري ويس — نصيب چڱي هجڻ ڪري، طالب کي پڻ مطلوب جي دل ۾ جاءِ ملي؛ ۽ وصال جي اميد ۾، هن جي پيءُ جي شاگردي اختيار ڪري، ڌوٻيءَ جو لباس پهريائين — (هن وچ ۾ ڪيئي احوال آهن، جن جي بيان ڪان طوالت جي خوف ڪان واڳ ڦيرايون ٿا). قصو ڪوتاه — سسئي، پنهونءَ تي گهڻو مفتون ٿي پيئي؛ ۽ جيئن رسم آهي — هڪڙيءَ سوناريءَ عورت پنهنجي مطلب خاطر، هنن ٻنهي طالب ۽ مطلوب کي ڦٽائڻ جي فڪر ۾ پئجي، پنهونءَ کي غيرت ڏياري، سسئيءَ کان رنجيدو ڪري وڌو. هوڏانهن سسئي، جا عشق ۾ سچي هئي، تنهن پاڻ کي باهہ جي مَچ مان خالص سون وانگيان پاڪ ۽ صاف ٻاهر ڪڍي ڏيکاريو، جنهن تي سڀ ماڻهو عبرت کائڻ لڳا. ٿوري وقت ڪان پوءِ، طالب (عاشق) جي مطلوب

(معشوق) سان سهڻي نموني سان شادي ٿي. هوڏانهن، پنهونءَ جي پيءُ هن حال کان واقف ٿي، ٻين پٽن کي چيو ته "ڪيئن به ڪري انهيءَ دل قرايل کي وٺي اچو". ڀڄن اچي پنهونءَ سان ملاقات ڪئي، ۽ مهمان ٿي، رات جي وقت سسئيءَ کي بي خبريءَ جي حالت ۾ ڇڏي، پنهونءَ کي ڪڙي، اُٺ تي سوار ڪري، پنهنجي ملڪ روانا ٿي ويا. سسئي پوئينءَ رات جو جاڳي، ته پنهنجي بخت بيدار جو مُلڪ نند جي لشڪر هٿان لُٽيل ڏسي، بي اختيار، ڪپڙا ڦاڙي، اڪيلي ئي اڪيلي پنهنجي محبوب جي پويان پئجي، شوق جي قدم سان سخت ڏونگر ڏورڻ لڳي. اٽڪل چاليهه ڪوهه پنڌ ڪري چُڪي، ته اُڃ کان بيتاب ٿي ڪري پيئي، ۽ جئن ڪو ماڻهو سڪرات جي وقت زمين تي ڇڙيون هڻندو آهي، تيئن زمين تي پير مهٽڻ لڳي. خدا جي قدرت سان، زمين ۾ پاڻيءَ سان ڀريل هڪ تلاءُ پيدا ٿي پيو، جنهن مان پاڻي پي تازي تواني ٿي — معتبر ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي ته اهو تلاءُ اڃان تائين پاڻيءَ سان ڀريل رهندو آهي، ۽ ڪٿي ڪهڙا ٻه ڏڪر جا سال ايندا آهن، پر اهو ڪنهن به وقت خشڪ نه ٿيندو آهي. هن واقعي کان اڳ ۾ سسئيءَ رات جو ميندي لاتي هئي، ۽ دستور موجب جيڪا مينديءَ جي ٽاري هٿ ۾ ڪري سُتي هئي، سا سجاڳيءَ کان پوءِ به هٿ ۾ هيس، جا پاڻ سان کڻي نڪتي هئي، سا انهيءَ تلاءُ تي پوکيائين. قدرت سان انهيءَ ٽاريءَ سان سرسبز وڻ ٿيو، جو اجا تائين اُن دل ڦٽيل جي يادگار طور قائم آهي. قصو مختصر — تازي تواني ٿيڻ کان پوءِ سسئيءَ اتان اڳتي ڪاهيو، [٢٤] ۽ اٽڪل ڇهه ست ڪوهه پيا ٻه جبل جو رستو جالي وئي. تنهن کان پوءِ وري اڃ ۾ مبتلا ٿي. اتفاقاً، هڪڙي ڌنار پريان ڏسي، منجهس لالچ جي نظر وجهي، ويجهو اچي ڪيس پاڻ سان وٺي وڃڻ چاهيو — جنهن تي سسئيءَ [هڪل ڪري] چيس ته "اي بي انصاف! مان اُڃ

ڪان بيتاب آهيان ۽ تون منهنجي ڪَڏِ حيران آهين! توکي ڦهر يائين تہ مون کي ڏؤ ڪرائڻ گهرجي". ڏنار تڪڙو تڪڙو ڏڻ ۾ ويو تہ هن لاءِ ڪجھ ڪير ڏُهي، ڪٽي اچي. هيڏانهن سسئي، جا يار جي ڏَس ڪان نا اميد ٿي چڪي هئي ۽ ڀاڻ کي ههڙيءَ مصيبت ۾ مبتلا ٿي ڏٺائين، دل جي درد مان الٰهي درگاه ۾ – جو سڀني بي چارن جو چاره ساز آهي – ٻاڏايو، ۽ انهيءَ غول بياباني‌ءَ ڪان پناه گهري. الله پاڪ جي قدرت سان جبل ڦاٽي پيو، ۽ جئن لعل پٿر جي وچ ۾ هوندو آهي، تئن انهيءَ دل ڦٽيل کي بہ پٿر جي دل ۾ جاءِ ملي، باقي [عام ماڻهن جي] عبرت ۽ محبوب کي ڏس ڏيڻ لاءِ، سندس چادر جي چُنڊِ ٻاهر رهجي وئي. ڏنار کير کڻي آيو ۽ اچي قدرت الٰهيءَ جو تماشو ڏٺائين، ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ رسم موجب قبر جي نشانيءَ لاءِ پٿرن جا لوڙهہ ٺاهي ڇڏيائين.

عشق ۽ محبت جا ڦٽيل هن طرح ڳالھ ڪن ٿا تہ جڏهن پنهونءَ کي ڪڙي، پيءَ وٽ کڻي ويا، تڏهن هو اتي ايترو تہ بيقرار ٿيڻ لڳو، جو پٽس کي اچي سندس مرڻ جي ڊپ ورايو، ۽ لاچار ٿي سندس پائر وري بہ ساڻس گڏي ڏنائين تہ "ڪيئن بہ ڪري سندس محبوب کي پڻ وٺي اچو". موٽندي، سسئيءَ جي قبر وٽ پهچي، تازا نشان ڏسي [پنهون] حيران ٿي بيهي رهيو. اندر جي ڇڪ ڪيس محبوب جو پتو ڏنو. ظاهري ثابتيءَ خاطر احوال جاچڻ لڳو. اوچتو مٿي ذڪر ڪيل ڏنار وقت تي پهچي، سربستو احوال ٻڌايس. [جنهن تي پنهون] هڪدم آٿ تان لهي، پائرن کي چيو تہ "تورو ترسو تہ مان هن لوڙهہ جي زيارت ڪري وٺان". بس پوءِ تہ ڀاڻ کي لوڙهہ جي مٿان ڦٽو ڪري، ڪريم ڪارساز جي درگاه ۾ ٻاڏائي، محبوب جي وصال جي درخواست ڪيائين- ۽ جنهن صورت ۾ بيوسيلن جي وسيلي جي درگاه ۾ ڪنهن بہ اميدوار کي، نا اميديءَ جي صورت ڏسڻي ڪانہ

پوندي آهي، تنهنڪري قادر باڪمال جي قدرت سان هڪدم جبل ڦاٽي پيو ۽ ڪيس بہ جاڙي بادامي‌ءَ وانگيان هڪڙيءَ ٺي ڪَل ۾ جاءِ ڏنائين. انهيءَ وقت ڪان وٺي هيءَ عجيب قصو عام ماڻهن جي زبان تي جاري آهي؛ ۽ حال ۽ قال جا صاحب هيءَ احوال انهيءَ عاشق ۽ معشوق جي واتان ـ جن سان هر هڪ درحقيقت عاشق بہ هو تہ معشوق بہ ـ سنڌي بيتن ۾ 'حسيني' سُر ۾ ڳائيندا آهن، ۽ انهيءَ مجاز سان حقيقت جو رستو ڳوليندا ۽ لهندا آهن ـ مطلب تہ انهن ٻن واصلن جي تاثير سان، وجد ۽ سماع وارن کي عجيب حالت پيدا ٿيندي آهي. "مير معصوم" بکريءَ هن قصي کي "مثنوي حسن و ناز" ۾ بيان ڪيو آهي. تنهن ڪان سواءِ "قاضي مرتضيٰ" سورٺيءَ، ساڪن ديهہ [٢٥] 'ڪتيانہ'، محمد شاه بادشاه جي زماني ۾ هڪ خاص طرز ۾ [ان کي] نظم ڪيو هو.

نقل آهي تہ "اسماعيل" نالي هڪ سلتان جو رهندڙ درويش، هنن ٻن عشق ۽ عاشقيءَ جي ملڪ جي شهنشاهن جي زيارت لاءِ آيو، ۽ پنهنجي اَٺ کي پري ڇڏي، ٻنهي جي ديدار جي لالچ رکي، تي ڏينهن بک تي ويهي رهيو. ٽن ڏينهن ڪان پوءِ، هڪ پوڙهي عورت ڪجهہ ماني ۽ ٿورو پاڻي ڪٺي ظاهر ٿي. [درويش] چيو تہ "جيستائين سسئيءَ ۽ پنهونءَ کي نہ ڏسندس، تيستائين هرگز ڪجهہ بہ نہ کائيندس". [پڙيءَ] وراڻيو تہ "سسئي آءٌ آهيان؛ باقي پنهونءَ جي ڏسڻ جي لالچ ڇڏي ڏي ـ ڇاڪاڻ تہ زماني تي اعتبار ڪونهي، ۽ آءٌ [اڳيئي] ڏيرن جي ڏڌل آهيان ـ هيءَ احوال [بلڪل] دردناڪ آهي". درويش چيو تہ "سون کي پڪ ڪيئن ٿئي تہ تون سسئي آهين؟ چو تہ سسئي نوجوان ۽ حسن واري هئي ۽ تون پڙي عورت آهين". هن هڪدم پاڻ کي انهيءَ اصلوڪيءَ جوانيءَ ۽ جمال ۾ ظاهر ڪري چيو تہ "ٿورو کاءُ". درويش جواب ڏنو تہ "توهان ٻنهي جي ڏسڻ ڪان

سواءِ هرگز ڪابه شي نه ڪائيندس، اگرچ بک ۾ مري ويندس - ڇاڪاڻ ته مون اهڙو انجام ڪيو آهي" - آخر، گهڻي مبالغي ۽ قسم قسمات کان پوءِ، سسئي قبر ۾ وڃي پنهونءَ کي، ڇيلهه تائين ٻاهر ڪڍيو؛ ليڪن هوءَ چند ڇهڙي پاڻ به "جوڙا" وانگيان ڪيس ٻنهي هٿن سان ڀاڪر ۾ وٺي ويٺي، ته مٿان اڳيئن وانگر ڪو ڪيس قُري ويو.

مطلب ته انهيءَ طريقي سان ڪيترن صفائيءَ وارن بزرگن هنن کي ڏٺو آهي. انهيءَ جاءِ تان آڻ تي سوار تي لنگهندڙ لاءِ چڱائي ڪانه ٿيندي آهي، ۽ جيڪو وڃي سندن قبر تي جاڳندو، ته باوجوديڪ اتي هن وقت ويراني آهي، هو غيبي مهمان ٿي رهندو- هيءُ احوال اجماليءَ طور ادا ڪرڻ کان پوءِ، اصلي مقصد ڏانهن رجوع ٿيون ٿا.

[باب چوٿون]

عباسي گهراڻي وارن جي گورنرن جو طبقو (١)

جڏهن 'عباسي' گهراڻي جو پهريون خليفو "سفاح" خلافت

---

(١) بني عباس گهراڻي جا گورنر جيڪي سنڌ ۾ آيا، تن جا نالا هن ريت آهن: ١. [عبدالرحمان بن ابي مسلم] مغلس بن السري العبدي (ابو العباس سفاح - ١٣٢ کان ١٣٦هه - جي ڏينهن ۾) [هن اچي سنڌ جي حاڪم منصور بن جمهور سان اڙائي ڪئي، پر انهيءَ ۾ مارجي ويو- "بلاذري"]؛ ٢. موسى بن ڪعب تميمي (ابو العباس سفاح جي ڏينهن ۾)؛ ٣. عيينه بن موسى بن ڪعب (ابو جعفر منصور- ١٣٦ کان ١٥٨ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٤. هشام بن عمرو التغلبي (منصور جي ڏينهن ۾)؛ ٥. عمر بن حفص بن عثمان هزار مرد (منصور جي ڏينهن ۾)؛ ٦. بسطام بن عمرو، هشام جو ڀاءُ (منصور جي ڏينهن ۾)؛ ٧. معبد بن الخليل تميمي (منصور جي ڏينهن ۾)؛ ٨. روح بن حاتم المهلبي (مهدي- ١٥٨ کان ١٦٩ هه - جي ڏينهن ۾)؛ ٩. [بسطام بن عمرو- هي روح کان پوءِ سنڌ جو حاڪم ٿي آيو هو، پر ٿورن مهينن کان پوءِ خليفي ڪيس موقوف ڪري سندس جاءِ تي وري روح کي گورنر ڪري موڪليو- "ابن الاثير"]؛ ١٠. نصر بن محمد بن الاشعث الخزاعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾)؛

(ڏسو حاشي صفحو ٦٨)

جي تخت تي ويٺو، تڏهن سنه ١٣٣ هه ۾، پهرين فوج (٢) سنڌ

١١. عبدالملڪ بن شهاب المسمعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾)؛ ١٢. نصر بن محمد بن الاشعث الخزاعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾)؛ ١٣. زبير بن عباس (مهديءَ جي ڏينهن ۾)؛ ١٤. مصح بن عمرو التغلبي، جنهن پنهنجي پاران ليث بن طريف کي سنڌ موڪليو (مهديءَ جي ڏينهن ۾)؛ ١٥. سالم اليونسي-اسماعيل بن عليءَ جو آزاد ڪيل غلام (هارون الرشيد-١٧٠ کان ١٩٣ هه-جي ڏينهن ۾)؛ ١٦. اسحاق بن سليمان بن علي هاشمي (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ١٧. طيفور بن عبدالله بن منصور الحميري (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ١٨. [جابر بن معد الطائي (هارون جي ڏينهن ۾)] ١٩. سعيد بن مسلم بن قتيبه، جنهن پنهنجي پاءُ ڪثير بن مسلم کي پنهنجي پاران سنڌ ۾ موڪليو (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ٢٠. عيسيٰ بن جعفر بن منصور-هن پنهنجي پاران محمد بن عدي تغلبيءَ کي موڪليو (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ٢١. عبدالرحمان (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ٢٢. ايوب بن جعفر بن سليمان (هارون جي ڏينهن ۾)؛ ٢٣. دائود بن يزيد بن حاتم المهلبي-سنه ١٨٤ هه-هن پنهنجي پاران پاءُ المغيره کي موڪليو؛ ٢٤. بشر بن دائود (امين-١٩٣ کان ١٩٨ هه-جي ڏينهن ۾)؛ ٢٥. [غسان بن عباد (مامون-١٩٨ کان ٢١٨ هه-جي ڏينهن ۾)]؛ ٢٦. موسيٰ بن يحيٰي بن خالد برمڪي (مامون ۽ معتصم بالله-٢١٨ کان ٢٢٧هه-جي ڏينهن ۾)-هو سنه ٢٢١ هه ۾ گذاري ويو؛ ٢٧. عمران بن موسيٰ (معتصم بالله جي ڏينهن ۾)؛ ٢٨. ايتاخ الترڪي، جنهن پنهنجي پاران عنبسة بن اسحاق ضبيءَ کي سنڌ موڪليو (الواثق بالله-٢٢٧ کان ٢٣٢هه-جي ڏينهن ۾) ["يعقوبيءَ" موجب عنبسة کي سڌو سنئون خليفي معتصم مقرر ڪيو هو، ۽ الواثق جي ڏينهن ۾ پڻ هو انهيءَ عهدي تي قائم هو]؛ ٢٩. هارون بن ابي خالد (متوڪل-٢٣٢ کان ٢٤٧هه-جي ڏينهن ۾)-هو سنه ٢٤٠هه ۾ وفات ڪري ويو؛ ٣٠. عمر بن عبدالعزيز هباري (متوڪل جي ڏينهن ۾)؛ ۽ ٣١. ابو الصمه (سنه ٢٥٥هه ڌاري). (ڊاڪٽر دائود پوٽي جا "معصوميءَ" تي تعليقات ٿوري زيادتيءَ سان، جا چورس ڏنگين ۾ ڏنل آهن)

(٢) نسخي "ن" ۾ هتي زيادهه آهي: "بسرڪردگي داؤد بن علي" (داؤد بن عليءَ جي سرداريءَ هيٺ).

ڏانهن موڪلي، 'بنو اميه' جي گورنرن ڪان سنڌ ڪسي ورتائين. ڇٺن سالن ڪان پوءِ، ”ابو جعفر منصور“ عباسيءَ سنڌ ۽ هند تي وري پيو لشڪر چاڙهي موڪليو. هارون رشيد جي وقت ۾ فضل برمڪيءَ جو پاٽ ”موسيٰ برمڪي“ سنڌ جو گورنر ٿي آيو، ۽ جيڪا به آمدني ٿي ٿي سا سخا ڪندو ٿي ويو، جنهنڪري موقوف ڪيو ويو- ۽ سندس جاءِ تي ”علي بن عيسيٰ بن ماهان“ مقرر ٿي آيو. انهيءَ وقت ۾ 'ساڪوره' (ساڪرو) جي سر زمين ۾ 'ترڙيءَ' جو مضبوط قلعو، 'بڪار' جو شهر ۽ انهيءَ سر زمين يعني الهندي سنڌ جون ڪي پيون وستيون، هڪ وڏي تبع تابع (١) شيخ ابو تراب جي هٿان - جنهن جي مزار پين شهيدن سان گڏ خدا وارن لاءِ زيارت گاه آهي ۽ سندس گنبذ تي تعمير جي تاريخ ١٧١ هه لکيل آهي- فتح ٿيون هيون، ۽ پنيور جو شهر ۽ پيا مٿي بيان ٿيل ڳوٺ ويران ٿي رهيا هئا، ۽ ماڻهو پين جاين ڏانهن لڏي رهيا هئا. تنهن ڪان پوءِ، ”ابوالعباس“ سنڌ جو گورنر ٿي آيو ۽ گهڻو عرصو اتي رهيو. مامون جي وقت ۾ هندوستان جو ڪجهه حصو وڏيڪ سندن گورنرن جي هٿ ۾ آيو. [٢٦] تنهن ڪان پوءِ، بغداد جي ”آل تميم“ جا ڪي ماڻهو سنڌ جي حڪومت تي مقرر ٿيا. 'سامره' جا رهاڪو عرب پڻ وڏي انداز ۾ تميم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا، ۽

(١) جن ماڻهن رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪان فيض حاصل ڪيو تن کي ”صحابي“ چئبو آهي، ۽ جنهن انسان ڪنهن صحابيءَ ڪان فيض پرايو، تنهن کي ”تابع“، ۽ تابع ڪان فيض وٺندڙ کي ”تبع تابع“ سڏيو ويندو آهي. انهن ٽنهي دورن لاءِ حضور اڪرم عليه الصلواة والسلام فرمايو آهي، ”خير القرون قرني ثم الذين يلونهم ثم الذين يلونهم“ (پهرين ۾ پهريون زمانو مون وارو آهي- تنهن ڪان پوءِ جيڪي انهن سان ملندا- تنهن ڪان پوءِ جيڪي انهن سان ملندا).

سڪونت اختيار ڪيائون. گھڻي عرصي گذرڻ ڪري جڏهن ’بني تميم‘ مان بگڙي ”ٿهيم“ ٿي پيو، ساڳيءَ طرح ’سامره‘ وارن مان پڻ هزارن جي تعداد ۾ مستقل قوم ”سومرا“ تيار ٿي پيئي، جنهن ۾ ڪيئي سرڪش سردار پيدا ٿيا- جن جو بيان اڳتي هلي ٿيندو.

نيٺ ”القادر بالله، ابوالعباس احمد بن اسحاق بن المقتدر بالله“ جي خلافت [واري وقت] ۾، رمضان شريف ۴۱۶هه جي وچ ڌاري، سلطان محمود غازي غزنيءَ کان ملتان پهتو، ۽ اچ هٿ ڪري، القادر باللّٰه جي ماڻهن کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏيائين - مٿي ذڪر ڪيل ابتدا موجب، عباسي خليفن جي گورنرن جي حڪومت جو عرصو جملي ٻه سو ٽياسي سال آهي.

مخفي نه رهي ته ’سومره‘ قوم درحقيقت ٻه سو ورهيه اڳي، سنڌ ملڪ جي ڪجهه حصي تي غالب هئي؛ پر جنهن صورت ۾ ڏيل پريندا هئا، ۽ مسلمان حاڪمن جي اطاعت جو ڳانو پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌيو ايندا هئا، تنهنڪري انهن جو ذڪر نه ڪيو ويو- بلڪ غزنوين، غورين ۽ دهليءَ جي شهنشاهن جي گورنرن جي بيان کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي حڪومت جي علحدي ذڪر ۾، انهن جا ڪي ٿورا احوال ذڪر ڪيا ويندا.

[باب پنجون]

غزنوين ۽ دهليءَ جي شهنشاهن غورين جي گورنرن جو طبقو

پهريائين سلطان ”محمود“ غازيءَ جي وزير عبدالرزاق سنه ۴۱۷هه ۾ بکر جي فتح کان فارغ ٿي، سيوستان ۽ ٺٽي پهچي، بنو اميه ۽ بنو عباس جي ماڻهن مان، انهيءَ ملڪ ۾

ڪوبہ ڪونہ ڇڏيو (١): صرف اهي چند ماڻهو جيڪي فضيلت ۽ چڱيءَ حالت جا مالڪ ۽ اهل عيال جي پابنديءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا، سي شرعي عهدن ۽ وظيفن تي قائم رهيا. نسب جي ڄاڻُن اهڙا ارڙهن (١٨) قبيلا ثابت

---

(١) سلطان محمود جي وزيرن يا سپہ سالارن ۾ 'عبدالرزاق' جي نالي سان ڪوبہ ڪونہ هو. البت، خواجہ حسن ميمنديءَ کي عبدالرزاق نالي پٽ هو، جنهن کي امير مودود بن مسعود سيستان تي مقرر ڪيو هو، ۽ جنهن عبدالرشيد بن مسعود کي قيد مان ڇڏائي، غزنيءَ آڻي، علي بن مسعود جي بجاءِ گاديءَ تي وهاريو هو: سلطان مسعود جي پٽن مان پڻ هڪڙي جو نالو عبدالرزاق هو.

تنهن ڪان سواءِ، جڏهن سلطان محمود گاديءَ تي ويٺو هو، تہ خليفي القادر بالله وٽس پنهنجا ماڻهو موڪلي، ڪيس خراسان جي حڪومت، جهنڊو، قيمتي سروپاءِ، ۽ "امين الدولة، امين الملک، ابوالقاسم محمود ولي امير المومنين" جو لقب عطا ڪيو هو- تنهن ڪان پوءِ تہ اهڙو ڪو سبب ئي معلوم نٿو ٿئي، تہ ڇو سلطان محمود سٺن سالن ڪان پوءِ ڪاوڙجي خليفي جي سينې ماڻهن کي سنڌ مان ڪيڏي ڇڏيو هوندو؟

"زين الاخبار" جي بيان موجب سلطان محمود 'سنہ ٣٩٦ھ ۾' جيپال جي پٽ انند پال کي شڪست ڏيئي، هندوستان جي رستي کان ملتان آيو هو، ۽ شهر کي ست ڏينهن گهيرو ڪيو هئائين. آخر هن شرط تي صلح ٿيو هو تہ 'ملتان صوبي مان سال ۾ ويهہ دفعا هزار هزار درم ڏنا ويندا' -۽ سلطان محمود موٽي ويو هو. سلطان محمود وري سنہ ٤٠١ھ ۾ موٽي آيو ۽ سڄو ملتان فتح ڪري، اتي جي قرمطين کي گرفتار ڪري، ڪن کي قتل ڪيائين، ڪن کي هٿن وڍڻ جي سزا ڏنائين، ۽ ڪن کي قلعن ۾ بند ڪيائين-

(ڏسو حاشي صفحو ٧٢)

ڪيا آهن، جن مان "ثقفي" ـ بـڪر ۽ اروڙ جي قاضين جو ـ قبيلو، موسيٰ بن يعقوب بـن طائي بن محمد بن شيبان بـن عثمان ثقفيءَ جي اولاد مان آهي. عربي زبان ۾ سنڌ جي فتح جي تذڪري جو پهريون لـڪندڙ، "قاضي اسماعيل" بن علي بن

جي اتي مري ويا؛ دائود بـن نصر ڪـي بـہ انهيءَ سـال گرفتار ڪري، غزني آندائين، جتان غورڪ جي قلعي ڏانهن موڪليائين ـ جتي هو مري ويو.

"فرخيءَ" جي هڪ قصيدي مان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ سلطان محمود جڏهن 'سومنات' فتح ڪري موٽيو هو، تڏهن ڪچ جو رڻ لنگهي سنڌ جي تختگاه منصوري ۾ آيو هو، ۽ اتي جو قرمطي حاڪم "خفيف" ڀڄي وڃي ڪنهن ڪجين جي جهنگل ۾ لڪو هو؛ جنهن تي سلطان ڪاوڙجي سندس پويان ماڻهو موڪليا، جن سندس ڇانوڻيءَ کـي گهيرو ڪري، سندس ڪيترا ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا؛ جيڪڏهن سنڌ جو ملڪ سلطان محمود جي قبضي ۾ هو، ۽ اتي جا حاڪم سندس تابعداري قبول ڪري چڪا هئا، تـہ پـوءِ خفيف جي ڀڄي وڃـڻ جو ڪو سبب ئي ڪونہ آهي.

انهيءَ ڪان سواءِ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ سلطان، منصوري ڪان سنڌ نديءَ جـو ڪنارو ڏيئي ملتان ويـو هـو، ۽ ڪيس بيابان جـي خشڪيءَ خواه سنڌ جي جتن ڪـان سخت تڪليف پهتي هئي، ۽ سندس لشڪر جـا ڪيترا ماڻهو مري ويـا هئا ـ جنهنڪري سلطان ڪي ملتان جي جتن ۽ سنڌ نديءَ جي ڪناري وارن ڀائين تي ڏاڍي يون خارون هيون، ۽ سنہ ٤١٨ هہ ۾ ڪين عبرت انگيز سزا ڏنائين ـ هن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنہ ٤١٨ هہ ڪان اڳـ، سلطان هن طرف جـو واقف ڪونہ هو: شايد انهيءَ ئي سال سنڌ ۽ ملتان جـو سارو ملڪ غزنيءَ جي قبضي ۾ آيو هجي (ڊاڪٽر داؤد پوٽي جي "تاريخ معصومي تي تعليقات" تان ورتل؛ ص ٢٦٩، ٢٧٠، ٢٧١).

محمد بن موسيٰ بن طائي (١) آنهن مان آهي. سندس ڏاڏي بزرگوار موسيٰ بن يعقوب کي محمد بن قاسم اروڙ جي قلعي فتح ڪرڻ وقت اتي جي قضا ۽ خطابت [جي عهدي] تي ڇڏيو هو. ”تميمي“ ۽ ”آل مغيره“ — جيڪي لهجي جي مٺ سٺ جي ڪري هو ’تهيم‘ ۽ هو ’موريه‘ تي پيا آهن. ’عباسي‘ — ’صديقي‘، ’فاروقي‘ ۽ ’عثماني‘ آهن، جن جو اولاد اڄ تائين ساريءَ سنڌ ۾ رهي ٿو؛ [حضرت] ”حارث“ جي اولاد مان ’پهنور‘ آهن؛ ”منگي“ قوم ’تميمين‘ جي هڪ شاخ آهي؛ ”جبريه“ (٢) قبيلو — جن مان هالائيءَ وارو ’شيخ طائي‘ آهي؛ ”بني اسد“ قبيلو — جن مان ’شيخ ترهه‘، فتحپور ۾ بيان ٿيندو؛ ”آل عتبه“ جو قبيلو — جن مان ’قاضي برهان‘ ساڳيءَ فتحپور ۾ موجود آهي؛ ”بنوائيءَ“ جي صوفين جو قبيلو — جن مان ’ريل‘ جا ڪي درويش آهن، ”حاڪم“ جو اولاد، جهانگارن واري ”باجر“ قوم؛ ’جريمه‘ انصاريءَ جو اولاد — جن مان ”سپيه“ قوم سيوستان [٢٧] جي مالڪ آهي؛ ۽ جت ۽ بلوچ، ”محمد بن هارون“ مڪرانيءَ (٣) جو اولاد آهن — وڌيڪ فائدي لاءِ، جتن ۽ بلوچن جي شجري جو تفصيل مختصر طور ڏجي ٿو.

جتن ۽ بلوچن جو شجرو

محمد بن هارون مڪراني، جنهن جو ذڪر مڪران جي گورنرن جي سلسلي ۾ ٿي آيو، ۽ جو سنڌ جي فتح وقت

---

(١) فتحنامي (ص ٩-١٠) مان معلوم ٿو ٿئي ته قاضي اسماعيل بن موسيٰ ثقفيءَ سنڌ جي فتح جو تذڪرو عربيءَ ۾ ڪونه لکيو هو، بلڪ سندس وڏن مان ڪنهن جو لکيل ونس موجود هو، جنهن جو ترجمو ”علي بن حامد“ ڪوفيءَ فارسيءَ زبان ۾ ڪيو، جو اڄ ڪالهه ”چچنامه“ (فتحنامه) جي نالي سان مشهور آهي. (٢) نسخو ”ن“ — ”حميريه“ (٣) اصل ۾ ”هارون مڪراني“ آهي، جو صحيح نه آهي، جيئن مٿي گذري آيو آهي.

محمد بن قاسم سان ارمن پيلي (لس پيلي) تائين آيو هو، ۽ اتي ئي وفات ڪري دفن ٿيو هو، سو نسب جي عالمن جي فيصلي موجب - جنهن جي جوابداري انهن تي آهي - "محمد بن امان بن عبدالرحيم بن حمزه بن عبدالمطلب" جو پٽ هو.

ڪنهن وقت امير حمزو رضي الله تعاليٰ عنه شڪار ڪندي وڃي ڏورانهين ملڪ ۾ نڪتو، ۽ رڻ پٽ ۾ اڪيلو رهجي ويو. جنهن صورت ۾ خدا تعاليٰ جون پنهنجن خاص ٻانهن سان مهربانيون هونديون آهن، تنهنڪري انهيءَ رڻ پٽ ۾ سندس وندر لاءِ هڪ پري پيدا ٿي، ۽ خدا جي حڪم سان سندس لاءِ حلال ٿي. هڪ صحبت کان پوءِ اها وحشت، اڪيلائي ۽ ٿڪ دور ٿي ويا، تڏهن خدا تعاليٰ جي حڪم سان پري نظر کان غائب ٿي ويئي، ۽ امير پنهنجي ملڪ واپس موٽي آيو - مٿين پريءَ کي "عبدالرحيم" پٽ پيٽ ۾ ٿيو، ۽ ڄڻيائين.

قصو مختصر ته محمد بن هارون کي ستن زالن مان پنجاه پٽ ڄاوا: ١. عيسيٰ، ٢. مهران، ٣. حجاز، ٤. سهتڪ، ٥. بهرام، ٦. رستم ۽ ٧. جلال - هڪ ماءُ نالي "حميرا" مان آهن ۽ ١. مزيد، ٢. جمال، ٣. راڏو، ٤. بهلول، ٥. شهاب، ٦. نظام، ٧. جلال ۽ ٨. مريد - هڪ ماءُ نالي "حميريءَ" مان ۽ ١. رودين (شايد راڏن)، ٢. موسيٰ، ٣. نوتي، ٤. نوح، ٥. منده ۽ ٦. رضي الدين - "مريم" مان ۽ جلال - "عائشه" مان ۽ ١. آدم، ٢. ڪمال، ٣. احمد، ٤. حماد، ٥. حامد، ٦. سعيد، ۽ ٧. مسعود - مسمات "مديءَ" مان ۽ ١. شير، ٢. ڪوهه، ٣. بلند، ٤. ڪدڪ، ٥. نورالدين، ٦. حسن، ٧. حسين، ٨. سليمان ۽ ٩. ابراهيم - "فاطمه" مان ۽ ١. عالم، ٢. علي، ٣. تيرڪش، ٤. بهادر، ٥. تيغ زن، ٦. مبارڪ، ٧. ترڪ، ٨. طلحه، ٩. عربي، ١٠. شيراز، ١١. تاج الدين، ۽ ١٢. تخت گير - گلستان برگ "حوا" مان.

جڏهن تہ [محمد بن هارون] حجاج جي حڪم موجب - جئن مٿي بيان ٿي آيو - مڪران کي صاف ڪري گذريو هو، تنهنڪري اتان جي زميينداري آس پاس سميت اڏواڏ ڪري، هڪ اڏ جلال کي ۽ ٻيو اڏ سندس ڀائرن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٿوري وقت کان پوءِ ڀائرن ۾ جهڳڙو ٿيو، ۽ گهڻو اولاد تہ ٻين قومن سان گڏ (جيڪي ساڻن سليل هيون) انهيءَ ملڪ ۾ رهڻ لڳو- باقي 'جلال الدين' جو اولاد پڇي اچي سنڌ ۽ ڪڇ ۾ پهتو، جن جو اولاد سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙيل آهي - ۽ ٻي انداز راڃن ۾ [ورهايل] آهي.

قوم لوڏه (لَڏا)

"لوده" (لَڏا) قوم، جنهن کي "لوليان" (لولا) پڻ سڏيندا آهن - [انهن جي] حقيقت هن طرح آهي تہ حضرت سليمان، جنن جي هڪ ٽوليءَ کي ڪجهہ سريتين خريد ڪرڻ لاءِ روم موڪليو هو. رستي ۾ هڪ جِنَ جو "لوليا" نالي هڪ ٻانهيءَ سان ميلاپ ٿي ويو، ۽ سندس رحم (پيٽ) ۾ نطفو رهجي ويو. حضرت سلميان کي اها خبر پئي تہ اها ٻانهي انهيءَ جِنَ کي بخش ڪيائين -- جنهن مان "لوده" (لڊي) نالي هڪ مرد پيدا ٿيو. گهڻي وقت گذرڻ ڪري، سندس اولاد عربن ۾ گڏجي ويو، ۽ سنڌ فتح ڪرڻ وقت هتي اچي رهيا - يا انهيءَ کان اڳ اچي هن سرزمين ۾ رهيا هوندا.

سمہ قوم جي شجري جو بيان

(جن جي بيان جي ضمن ۾ سنڌ ملڪ جي مخصوص تاريخ سان لاڳاپو رکندڙ جملي احوال ظاهر ٿيندا)

"سام" — جو نسب دانن جي اختلاف جي بنا تي، هڪڙي قول موجب 'عمر بن هشام بن ابولهب' جو پٽ آهي؛ ٻئي قول موجب 'عمر بن عڪرمه بن ابي جهل' يا

’عڪرمه بن عصام بن ابوجهل‘ جو پٽ آهي؛ پر وڌيڪ صحيح قول هيءُ آهي تہ هو ”جمشيد“ جي اولاد هو، جنھن ’جام‘ (ڄام) جو لقب انھيءَ تي دلالت ڪري ٿو؛ يا مرڳوئي ’سام بن نوح‘ عليه السلام جي اولاد مان هو— تنھن کي چار پٽ هئا، هڪ ”بدها“، جنھن جو اولاد— بدھ، سومره (١)، سهتہ، اداکهيل (٢)، اوتار، اسره ۽ نهدير، وغيره— جملي سورنھن پٽ هئا، جيڪي ”رائوڙ“ جي لقب سان مشھور آهن؛ ٻيو ”سنگا“؛ ٽيون ”همهر“؛ چوٿون ”پاڳرت“، جنھن کي هڪ پٽ ”ڏيره“ (٣) نالي سان ڄائو— ۽ انھيءَ کي ”اجيپار“ نالي هڪ پٽ پيدا ٿيو، جنھن کي هڪ پٽ ”دسرت“ ڄائو. چون ٿا تہ دسرت کي ٽي زالون هيون: هڪ ڪسيلا (ڪوشليا)، ٻي ڪيليہ (ڪيڪئي) ٽيي سميا (٤). ”ڪسيلا“ مان ہہ پٽ— ”رام“ ۽ ”لڪمڻ“ (لڇمڻ) پيدا ٿيا؛ ”ڪيليا“ مان هڪ پٽ— ”ڀرت“ نالي، ۽ ”سميا“ مان هڪ پٽ ”چترگن“ نالي ڄائو. سنگا ولد سام ۾ اولاد ڇڏيو. همهر بن سام کي پڻ ’تودر‘ جي نالي [سان مشھور] اولاد آهي. دسرت جي پٽ ڀرت جو اولاد ’ڀرهار‘، ’جانسپا‘ ’ڪوريجہ‘، ۽ ’ناهہ‘ جي نالي سان باقي آهي. چترگن ولد دسرت جو اولاد ’چٺرا‘ جي نالي سان مشھور آهي. ڀرت جي پٽ لڪمڻ (لڇمڻ) کي ڪو اولاد ڪونہ رهيو. رام بن دسرت هڪ پٽ ”تواڪس“ نالي ڇڏيو، جنھن کي ”اتت“ نالي پٽ ٿيو؛ انھيءَ کي هڪ پٽ ”تتت“؛ انھيءَ جو پٽ ”نرگنت“؛ نرگنت جو پٽ ”ڪين“ هو— ”ڪن“ جو شھر انھيءَ جي نالي سان مشھور آهي— ڪن جي پٽ کي ’سنبوت راجا‘ جو لقب مليو؛ سنبوت راجا کي چار پٽ ڄاوا—

(١) نسخو ”ن“— ’سوره‘ (٢) نسخو ”ن“— ”اکهيل‘ (٣) نسخو ’ن“— ’ديٿر‘ (٤) نسخو ”ن“— ’سيميا‘

هڪڙو "سام"، ٻيو "پَرڪَرره" — جنهن کي 'شاهه' پڻ چوندا آهن، ٽيو "هُنُرُت" — جنهن کي 'دکن' پڻ چوندا آهن، ۽ چوٿون "ماده". سنبوت راجا جي پٽ سام کي "جادم" نالي پٽ پيدا ٿيو. جادم ولد سام بن سنبوت کي چار پٽ ڄاوا — هڪڙو "هسپت"، جنهن جو اولاد 'سند سما' آهن. ٻيو "ڪڄپت"، جنهن جو اولاد 'چغده' آهن. ٽيون "پوپت" — 'پتي' قوم انهيءَ جو اولاد آهي. چوٿون "چوڙا سما" — جنهن جو اولاد، "سورٺ" جي سر زمين واري ڪرنال (گرنار) جي قلعي جو حاڪم "راءِ ڏياچ" هو، جنهن جي حشمت خلق ۾ مشهور آهي، ۽ جنهن پنهنجو سر خدا جي واٽ ۾ وقف ڪيو هو — سندس زال 'سورٺ' جي سانس عجيب محبت هوندي هئي — انهن زال ۽ مڙس جي [پاڻ ۾] عشق ۽ محبت جي تاثير ڪان، سندس سر ڏيڻ جو واقعو خاص 'سورٺ' جي سُرَ ۾ [ڳائڻ سان] حال جي صاحبن جو هوش ڦُري وٺندو آهي: هسپت ولد جادم بن سام بن سنبوت راجا کي "ابدري" نالي هڪ پٽ پيدا ٿيو، جنهن کي "نيٿ" نالي پٽ ڄائو. انهيءَ مان "نوتيار"؛ تنهن مان "اودها"؛ انهيءَ مان "آوِدَهه" [٢٩]؛ تنهن مان "لاڪيار"؛ انهيءَ مان "لاکهه" [پيدا ٿيو] — لاکي بادشاهي ڪئي هئي — هن "بوٿهي جاره" [قوم] مان شادي ڪئي، جنهن مان چار پٽ پيدا ٿيا. انهن مان هڪڙو "اودهه" هو، جنهن کي اولاد ڪونه ٿيو، ۽ "اودهه" سندس رهڻ جي هنڌ جو لقب آهي؛ ٻيو "مهر"، جنهن کي چار پٽ هئا — ١. سيتہ، ٢. دتيرهاڻاري، ٣. ورها (جنهن کي پڻ اولاد ڪونہ ٿيو)، ۽ ٤. ساند (جنهن کي پڻ اولاد ڪونہ هو). چون ٿا تہ متئين لاکي پيريءَ ۾ ٻي زال پرڻي، جنهن مان چار پٽ پيدا ٿيا — ١. انڙ، ٢. ڄُنو — جنهن جو اولاد "بابڙا"، "دَنَڪَنَہ" ۽ "ڪلا" آهن، ٣. ڦل لاکهه — مشهور [قوم] "ڦلائي"

انهيءَ جو اولاد آهن ۽ ٤. مناهيه. لاکي جي پٽ انڙ کي "لاکي" نالي پٽ ڄائو، جنهن کي "سمي" نالي پٽ پيدا ٿيو. سمي بن لاکي بن انڙ بن لاکي کي ٻه پٽ ڄاوا - ١. ڪاڪو ۽ ٢. جنڪيرو. ڪاڪو حڪومت جو مالڪ ٿيو - ديهه "ڪاڪا" (شايد ڪکڙ) سندس نالي تي آهي - انهيءَ کي ٻه پٽ ڄاوا - هڪُ پلي، ٻيو رائدن (رائڏنه). پليءَ جي اولاد مان "مسرق" سمو سردار ٿيو. رائدن ولد ڪاڪي کي نوَ پٽ ڄاوا: انهن مان [هڪ] "سمه" آهي - "سميجا" انهيءَ جو اولاد آهن؛ [ٻيو] "نوتيار" - سپ "نوت" انهيءَ جو اولاد آهن؛ [ٽيون] "لاکهه" - سندس اولاد آهن "لنجار" - مخدوم "سهار" (ساهڙ) لنجار عليه الرحمت، جنهن جو بيان مشائخن جي ذڪر ۾ ٿيندو، انهيءَ جي اولاد ۽ پيڙهيءَ مان آهي؛ [چوٿون] "ابڙو" - انهيءَ جو اولاد "ڏاهر ناهيه" ۽ "فل ناهيه" آهن؛ [پنجون] "ناهيه" - ڪن جو چوڻ آهي ته ناهيه "رائدن" جي اولاد مان آهي (١)؛ [ڇهون] "چنيسر" پڻ رائدن جي اولاد مان پنهنجي وقت ۾ مشهور معروف ٿي گذريو آهي؛ [ستون] "مناهيو"؛ [اٺون] "ڪوريو" - "منڌرا" (٢) قوم هنن ٽنهي جو اولاد آهي؛ [نائون] "پلي"، جو سردار ٿيو. کيس ٻه پٽ هئا: هڪ "اوڍهه"، جنهن جي اولاد کي "ٻهريه" (پريا)، "اوڍيجه" (آڏيجا)، ۽ "ڪوريه پوٽا" چوندا آهن ؛ پليءَ جو [ٻيو] پٽ "ساند" نالي پڻ قوم جو سردار ٿيو. پليءَ جي پٽ ساند کي پڻ ست پٽ هئا: پهريون "ڪاڪو" - سندس اولاد "ڪاڪيجا پوٽا"، ٻيو "جاڙو" - سندس اولاد "جاڙيجا"؛ ٽيون "ويرو" ۽ ڪن جي چوڻ موجب "نارو" - جنهن

---

(١) ڪذافي الاصل - والله اعلم (٢) نسخو "ن" - "منده".

جو اولاد "ناريجا" آهي؛ پنجون (١) "هنگورو" — سندس اولاد "هنگورجا"، "اوڍيجا"، "جڪسيا" ۽ "دورها" (ڍورا) آهن؛ ڇهون ڏيرو — سندس اولاد "ڏيرا سمان"، جي ڪڇ ۾ موجود آهن؛ ستون "چام هوٺي". انهيءَ کي پنج پٽ ڄاوا: هڪڙو "هالو" — سندس اولاد "هالا" قوم مشهور آهي؛ ٻيو "هنگورو" — جنهن جو اولاد ڏوري هنگوري، جار هنگوري، ۽ رام دهين ۾ رهن ٿا، ۽ انهن جڳهين کي انهن ئي آباد ڪيو آهي؛ "ساهڙ" — سندس اولاد 'ساهڙ سما' ديهه 'ساهڙ سمي' جا باني ۽ رهندڙ آهن؛ چوٿون "چيلاريو" مشهور 'نهريه' قوم انهيءَ جو اولاد آهي؛ ۽ پنجون "چام هاپر". چام هاپر کي ٻه پٽ هئا: "راهوجو" ۽ "چام جوٹو". چام جوٹي کي "ڪراهو" نالي پٽ پيدا ٿيو. ڪراهوءَ کي ٽي پٽ ٿيا: پهريون "ساند" — سندس اولاد 'راهوما'، 'لاکاٽيا' ۽ 'جکرا' [آهن]؛ ٻيو "سومره" جنهن کي اولاد ڪونه رهيو؛ ۽ ٽيو "لاکو" چام. لاکي چام کي "ڪاهي" نالي پٽ پيدا ٿيو. انهيءَ کي [٣٠] "لاکي" نالي پٽ ڄائو، ۽ سندس (ڪاهي جي) مري وڃڻ کان پوءِ، ٻيو پٽ ڄائو، جنهن جو پيءُ وارو نالو "ڪاهو" رکيائون. مٿين ڪاهي جي پٽ لاکي بن ڪاهي کي ٻارهن پٽ هئا: انهن مان هڪڙو چام "جوٹو" هو، جنهن جي اولاد مان 'ساموئيءَ' جا وينل سنڌ جا بادشاهه سما آهن (جن جو بيان پنهنجي جاءِ تي ٿيندو)، ٻيو "انڙ" — انهيءَ 'بهريه' (ٻريا) ۾ بادشاهي ڪئي، ۽ اولاد ڪونه ڇڏيائين؛ ٽيون "ٻلي" — هن جو اولاد 'ٻلي سما'؛ چوٿون "ڪاهو"، تنهن جو اولاد 'سوڍياري سما'؛ پنجون "اوٺو" — آن جو اولاد 'صاحب سما'، 'اوٺا سما' ۽ 'سيڪاٽ سما' ڇهون "جيسر" — تنهن جو اولاد 'ٻهيم پريا'؛

(١) ساند بن ٻليءَ جي چوٿين پٽ جو نالو، نه ڇپيل نسخي ۾ آهي ۽ نه مصنف جي هٿ اکرين لکيل نسخي ۾.

ستون "منگر" — هن جو اولاد ڪونہ رهيو؛ اٺون "ابڙو" — سندس اولاد قوم 'ابڙيجا'؛ نائون "هنگوروڪونر"؛ ڏهون "سلطان" — انهيءَ جو اولاد سلطان 'اوٺه (اوٺا)'؛ يارهون "رائدن"، ٻارهون "لاڪو". انهن مان هنگوري ڪونر کي ٽي پٽ پيدا ٿيا: هڪ "ڏيسر"، ٻيو "مناهيو"، ٽيون "مراديو". ڏيسر کي پنج پٽ هئا: "ڪاهو"، "هالو"، "رڪڻ"، "هنگورو"، ۽ "جوٽو". جوٽي بن لاڪو بن ڪاهو مٿئين کي پڻ پنج پٽ هئا: "کهوريه"، "ناجيه"، "ابڙو"، "بلوچ"، ۽ "بانبنيه" — بانبنيي (ٻنبو) جي اولاد جو بيان عنقريب تفصيلوار سمن بادشاهن جي طبقي ۾ ٿيندو، جن سنڌ جي بادشاهي ڪئي.

مخفي نہ رهي تہ مٿئين تفصيل موجب، اڄ تائين، سڄيءَ سنڌ — [ملڪ] گجرات تائين — جا اڪثر رهاڪو 'سمي' جو اولاد آهن، ۽ سنڌ گهڻو ڪري هنن ماڻهن سان آباد آهن. انهن کان سواءِ، بلوچ ۽ جت قومون ۽ ٻيا ڪي مٿي ذڪر ڪيل قبيلا آهن، جي پڻ هن ملڪ جا قديم رهاڪو آهن؛ ٻيون آيل قومون پويون آهن، ڀريون هنن کي شمار ڪري سگهجي ٿو. جنهن صورت ۾ ڏيکهه هن ڪتاب جو مقصد نہ آهي، تنهنڪري ضروري مقدار تسي، جو ڪجهه قدر حالات جي تشريح لاءِ ڪافي هو — اڪتفا ۽ اختصار ڪيو ويو — جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي زياده تحقيق ڪرڻو آهي، تہ ٻلي ڪري.

قصو ڪوتاه — سلطان "محمود" جي گورنرن کان پوءِ، سلطان "مسعود" جا ماڻهو، پوءِ سلطان "مودود" جا ماڻهو، پوءِ سلطان "مجدود" جا ماڻهو، پوءِ سلطان "قطب الدين" جا ماڻهو، تنهن کان پوءِ سلطان "آرام شاه" جا ماڻهو — جن مان هرهڪ جو بيان جلد ڀهرئين ۾ ٻئي ۾ مذڪور آهي — سنڌ [٣١] جي پرڳڻي کي قبضي ۾ ڪندا آيا. سلطان آرام شاه

جني وقت ۾ بادشاهي چار حصا ٿي وئي — جن مان ملتان، اُچ ۽ ساريءَ سنڌ تي "ناصرالدين - قباچه" جو حڪم جاري ٿيڻ لڳو. انهيءَ وقت سنڌ جي سرزمين تي — انهن جاين تي، جيڪي بيان ٿينديون — سَتَ راڻا ملتان جا ڏَنَ-پَرَوُ هئا: پهريون راڻو "سهتو" (پؤنر) راڻوڙ، رهندڙ 'ڏيرو' تعلقو دربيلو (١)؛ ٻيو راڻو "سنر ولد ڌاچ"، ڪوريجو سمو، رهندڙ 'تونگ' — جو 'روپاه' جي حدن ۾ هو؛ ٽيون "جيسر ولد ججه (ججو)"، ماڇي سولنگي، رهندڙ 'مانگتارو'؛ چوٿون "وڪيو ولد پنهون" چنو، ساڪن 'سيوئيءَ' جو لَڪ؛ پنجون "چنو ولد ڌهته (ڌيٿو)"، ذات چنو، ساڪن 'بهاگ' نئي (ناڙي)؛ ڇهون "جيو ٻن ورياه"، ساڪن 'جهم' يعني 'هيمه ڪوٽ'؛ ۽ ستون "جسوڌن آگرو"، رهندڙ 'سين تڪر' تعلقو 'پانيرواه'.

مطلب ته جڏهن "تاج الدين" بلدوز جي ساڻهن لاهور فتح ڪيو، تڏهن بادشاهه ناصرالدين قباچه، ملتان ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهيو — ۽ سنه ٦٢٣ هه جي پڇاڙيءَ ۾، "ملڪ خان" خلجي ۽ سندس تابعدارن سيوستان جي پرڳڻي تي قبضو ڪيو، ته سلطان "ايلتمش" پنهنجي وزير نظام الملڪ "محمد بن ابي اسعد (٢)" کي اُچ جي گهيري ڪرڻ لاءِ موڪلي، پاڻ

(١) تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته اڳئين زماني ۾ "ڏيرو" ۽ "دربيلو" ٻه جدا جدا شيون هيون - 'ڏيرو' شهر جو نالو هو، ۽ 'دربيلو' سنڌ جي هڪ پرڳڻي جو نالو هو. سنڌ جي هن ڀاڱي ۾ اڄ تائين سهته قوم موجود آهي؛ ۽ سهتن جي راڄ ۽ اثر ڪري تعلقي نوشهري ۽ ڪنڊياري کي گڏي، اڄ تائين "ساهتي پرڳڻو" چوندا آهن: ڏيري جي شهر جو ڪجهه حصو ڪنڊياري تعلقي ۾، ۽ ڪجهي حصو نوشهري تعلقي ۾ آهي. (٢) اصل ۾ "محمد بن اسعد" آهي، جو غلط آهي.

دهليءَ هليو ويو. نظام الملڪ، سنه ٦٢٥ ۾، اُچ کي صلح سان فتح ڪري بکر تي ڪاهيو، جنهن تي ناصرالدين پنهنجي حياتيءَ جي پيڙي موت جي ڪُنَ ۾ اُڇلائي. [انهيءَ ڪان پوءِ] سلطان "شمس الدين" سنڌ جو مالڪ ٿيو(١).

(١) هن بيان ۾ ميرقانع حد کان وڌيڪ اختصار ڪري، قصو سڄو گڏ ڪري ڇڏيو آهي. تاريخ معصوميءَ جي بيان موجب، آرام شاه جي ڏينهن ۾ سنڌ س پيءَ سلطان قطب الدين جي حڪومت ڇڻ حصن ۾ ورهائجي وئي: هڪڙو دهليءَ جو تختگاه- جو جڏهن اميرن آرام شاه کي نالائق ڏسي کيس تخت تان لاهي ڇڏيو، تڏهن سلطان شمس الدين جي قبضي ۾ آيو؛ ٻيو، اچ، ملتان ۽ سنڌ- جو ناصرالدين قباچي جي هٿ ۾ رهيو؛ ٽيو، لکنو- جو خلجي بادشاهن جي ورچڙ هيو؛ چوٿون لاهور ۽ ان جي آس پاس- جنهن تي تاج الدين بلدوز جا گورنر حڪومت ڪرڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ ناصرالدين قباچي تي چنگيزخان جي هڪ فوج چڙهي آئي، جنهن سان مقابلي جي طاقت نه ساري ناصرالدين ملتان جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهيو، ۽ ماڻهن جي دلين وڌڻ لاءِ ڏاڍي سخا ڪيائين. آخر چنگيزخاني قلعو فتح ڪري نه سگهيا ۽ موٽي ويا. سنه ٦٢٣ ۾ ملڪخان خلجي ۽ سنڌ س ماڻهن اچي سيوهڻ جي پاسي تي قبضو ڪيو. ناصرالدين انهن سان سخت جنگ ڪئي، جنهن ۾ ملڪخان خلجي مارجي ويو. نيٺ جڏهن ناصرالدين جا ڏينهن ڪتا، تڏهين ٦٢٤ ه [بلڪ ٦٢٥ ه- "تعليقات معصومي"، ڊاڪٽر داؤد پوٽو] ۾، سلطان شمس الدين التمش اُچ تي ڪاهيو. ناصرالدين قباچو اتان ڀڄي بکر ۾ آيو. هوڏانهن، سلطان پنهنجو وزير نظام الملڪ محمد بن ابي اسعد اچ جي گهيري تي ڇڏي دهليءَ موٽي آيو. نظام الملڪ، تاريخ ٢٨ جمادي الاول سنه ٦٢٥ ه تي، اُچ صلح سان وٺي، بکر تي چڙهائي ڪئي. قباچو ڀڄڻ جو ارادو ڪري پيڙيءَ ۾

(ڏسو حاشي صفحو ٨٣)

سنه ٦٣٠ ۾ "نورالدين محمود" (١) سنڌ جي گورنريءَ تي مقرر ٿيو. سنه ٦٣٣ ۾ سلطان ايلتمش گذاري ويو، ۽

چڙهي نڪتو، پر وچ سير ۾ سندس عمر جي ٻيڙي فنا جي درياء ۾ غرق ٿي وئي ("تاريخ معصومي"، ص ٣٥-٣٦). "طبقات ناصري" (ص ص ١٤٤ ۽ ١٧٣) جي چوڻ موجب، سلطان التمش دهليءَ موٽي ڪونه ويو، بلڪ پاڻ اچ تي گهيرو ڪري ويهي رهيو، ۽ پنهنجي وزير نظام الملڪ ۽ ٻين بادشاهن کي ملڪ ناصرالدين قباچي جي پوئيان بکر چاڙهي موڪليائين. قباچي جو موت ڪيئن ٿيو، تنهن بابت پڻ علامه "قزوينيءَ"، "لباب الالباب" جي مقدمي (ص ڪ) ۾، "جوامع الحڪايات" جي روايت موجب، هن طرح لکيو آهي ته "بکر جي قلعي فتح ٿيڻ کان پوءِ، ناصرالدين قباچي قلعي ۾ وڃي پنهنجا سمورا خزانا ۽ مال پنهنجي پٽ علاوالدين بهرام شاه جي هٿان، التمش جي خدمت ۾ موڪلي، معافيءَ لاءِ عرض ڪيو- جنهن تي التمش کيس پنهنجي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو- ناصرالدين قباچي اهڙيءَ ذلت جي زندگيءَ کان موت بهتر سمجهي، ١٩ جمادي الاخر ٦٢٥ هه ڇنڇر رات، پاڻ کي بکر جي قلعي تان درياء ۾ اڇلايو" ("تعليقات معصومي"، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢٧٦-٢٧٧). هي به ياد رکڻ گهرجي ته ناصرالدين قباچو سڄي سنڌ جو حاڪم ڪونه هو- سندس هٿ ۾ فقط اپر سنڌ وارو ڀاڱو هو، جنهن جو پايءِ تخت بکر هو؛ باقي سنڌ جو هيٺيون ڀاڱو، جنهن جو پايءِ تخت ديبل هو ملڪ سنان الدين چنيسر جي هٿ ۾ هو، تنهن کي بکر جي فتح ڪرڻ کان پوءِ تابعدار ڪيو ويو- جيئن "طبقات ناصري" جو منصف چوي ٿو ته "اهو ملڪ سمنڊ تائين فتح ٿيو ۽ ديول ۽ سنڌ جو والي ملڪ سنان الدين چنيسر اچي شمسي درگاه (شمس الدين التمش) سان مليو" ("طبقات ناصري"، ص ١٢٣، بحواله "تعليقات"، ڊاڪٽر دائود پوٽو).

(١) مير قانع، نورالدين 'محمود' (تاريخ معصوميءَ موجب، 'محمد') جو نالو "تاريخ معصوميءَ" تان ورتو آهي، پر هن ماٺهوءَ جو

(ڏسو حاشي صفحو ٨٤)

"مسعود شاھ" [ملڪ جو] وارث ٿيو. انھيءَ عرصي ۾ مغلن جي لشڪر سنڌ وندي ٽپي، اچي اُچ کي گھيرو ڪيو؛ پر سلطان مسعود جي توجھ ڪرڻ تي، ھو خراسان ڀڄي ويا.

سلطان مسعود، نورالدين جي جاءِ تي ملڪ "جلال الدين محمد" (١) کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو- ايتري ۾ سلطان مسعود

نالو تاريخ جي ٻئي ڪنھن بہ ڪتاب ۾ ڪونہ ٿو ملي، البت "طبقات ناصريءَ" جو مصنف (ص ص ٢٣٢-٢٣٣ ۾) چوي ٿو: "جڏھين سلطان شمس الدين اچ جي قلعي ھيٺان اچي ڇانوڻي ھنئي، تڏھين ٦٢ ھ ۾ ڪزلڪ خان کي وزير نظام الملڪ محمد جنيديءَ جي خدمت ۾ بکر جي قلعي تي چاڙھي موڪليائين. ٿوري وقت کان پوءِ، اھو قلعو فتح ٿيو ۽ ملڪ ناصرالدين سنڌ نديءَ ۾ ٻڏي ويو. ھوڏانھن اچ جو قلعو بہ ھٿ آيو. سلطان اچ جو قلعو ۽ شھر سموري آس پاس ۽ پرڳڻي سميت ملڪ ڪزلڪ خان جي حوالي ڪيو. سلطان جي دھليءَ موٽي وڃڻ کان پوءِ، ڪزلڪ خان انھيءَ ملڪ تي قبضو ڪري، ان کي آباد ڪيو ۽ ڏتڙيل پڪڙيل ماڻھو گڏ ڪري، عام خاص ماڻھن سان انصاف سان وقت گذارڻ، سڀني سان عدل ۽ احسان جو طريقو اختيار ڪرڻ، ۽ رعيت جي آرام ۽ آسائش لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ، خاتمو بالخير، ايمان جي سلامتي، صدقا، احسان، خيراتون ۽ نيڪيون ڪٺي، ٦٢٩ ھ ۾، آخرت جي منزل ڏانھن لڏي ويو" ("تعليقات بر تاريخ معصومي"، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ص ٢٢٧-٢٢٨).

(١) ھيءَ احوال پڻ، مير قانع، تاريخ معصوميءَ تان ورتو آھي. تاريخ معصوميءَ "جلال الدين 'حسن'" لکيو آھي، ۽ مير قانع وري "جلال الدين 'محمد'" لکيو آھي؛ پر ٻيءَ ڪنھن بہ تاريخ ۾ جلال الدين 'حسن' يا جلال الدين 'محمد' جو نالو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي ("تعليقات معصومي"، از ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢٢٨).

جو چاچو ”ناصرالدين محمود“ تخت ۽ تاج جو وارث ٿيو، ۽ ٦٤٩ھ ۾ لاهور، ملتان، اچ، بکر ۽ پي سموري سنڌ فتح ڪري، ملتان، اچ ۽ سارو سنڌ ملڪ ”سنجر“ جي حوالي ڪري، موٽي ويو (١).

٦٦٢ھ ۾ سلطان ”غياث‌الدين“ دهليءَ جي تخت تي ويهي، ملتان، لاهور ۽ سنڌ جو پاسو (٢) پنهنجي پٽ سلطان ”محمد“ کي ڏنو– هو ٽن سالن کان پوءِ، پنهنجي پيءُ جي خدمت ۾ دهليءَ ويندو هو، ۽ هڪ سال کان پوءِ موٽي ايندو هو.

سنه ٦٨٣ھ ۾ سلطان محمد (٣) چنگيز خان جي لشڪر هٿان [٣٣] قتل ٿي ويو، ۽ دستور موجب [مٿيون ملڪ] سندس پٽ ”ڪيخسرو“ کي مليو.

سنه ٦٩٣ھ ۾، سلطان جلال الدين خلجيءَ لاهور پهچي، ملتان ۽ اچ پنهنجي پٽ ”ارڪلي خان“ کي ڏيئي، [باقي رهيل] سنڌ جي حڪومت ”نصرت خان“ جي حوالي ڪئي.

سنه ٦٩٥ھ ۾، سلطان ”علاؤالدين“ پنهنجي ڀاءُ ”الغ خان“ کي ارڪلي خان جي ڪڍي ڇڏڻ لاءِ روانو

---

(١) تاريخ معصومي (ص ٣٨) جي لکڻ موجب سلطان ناصرالدين، ملڪ سنجر کي فقط اچ ۽ ملتان جي پرڳڻن جي حڪومت ڏني هئي؛ باقي سيوستان جي پرڳڻي جي حڪومت قتلغ خان جي حوالي ٿي هئي.
(٢) ”تاريخ مبارڪ شاهي“ (ص ٤٣) جو مصنف چوي ٿو ته ”’خان بزرگ‘، يعني سلطان غياث‌الدين جو وڏو پٽ محمد سلطان– جنهن جي ملتان واريءَ جاگير ۾ ’مالو‘ کان وٺي ’جناني‘ تائين [ملڪ] داخل هو، ۽ جنهن کي شهادت کان پوءِ ’خان شهيد‘ چوندا آهن. ’جناني‘ ٺٽي کان ست ڪوهه اڳتي، درياءَ جي ڪناري تي آهي– ايتريون جاگيرون الهندي پاسي به هيس“ (بحواله ”تعليقات معصومي“، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢٧). (٣) اصل متن ۾ سلطان محمود آهي، جو غلط آهي.

ڪيو، ۽ نصرت خان کي اڳئين وانگيان ڏهن هزارن فوج سان ملتان، اچ، بکر، سيوستان ۽ ٺٽي تي قائم رکيائين (١).

سنه ٦٩٧ ھ جي اوائل ۾ ”صلدي“(٢) مغل سيستان کان اچي سيوستان تي قبضو ڪيو، جنهن کي نصرت خان ڏاڍي شان ۽ شوڪت سان اچي آزاد ڪرايو (٣).

(١) هتي تحفةالڪرام جي عبارت واضح نه آهي. مير معصوم، ”تاريخ سند“ (ص ٤٣) ۾ لکي ٿو ته سنه ٦٩٦ ھ ۾ [سلطان علاؤالدين]، ملتان ۽ سنڌ جي مهم بادشاهي جي سڀني ڪمن کان زياده ضروري سمجهي؛ ڇاڪاڻ ته سلطان جلال الدين جو پٽ ارڪلي خان ملتان ۾ ٿي رهيو، تنهنڪري پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي چاليهن هزارن سپاهين سان تکڙو تکڙو روانو ڪيائين. الغ خان ملتان پهچي محاصرو ڪيو. ٿن مهينن کان پوءِ قلعي وارا تنگ ٿي پيا، ۽ ملتان جا رهاڪو ارڪلي خان کان ڦري، هڪڙيءَ رات قلعي مان نڪري وڃي الغ خان سان مليا. ارڪلي خان لاچار ٿي، مخدوم شيخ رڪن الدين کي وچ ۾ آڻي، امان گهري، ملتان مان نڪري ويو؛ ۽ سلطان علاؤالدين، نصرت خان کي ڏهن هزارن سوارن سان ملتان، اچ، بکر، سيوستان ۽ ٺٽي جي حڪومت تي مقرر ڪري، حڪم ڪيو ته نصرت خان، ملتان ۽ سنڌ جي ساري ملڪ ۾ گشت ڪري، ۽ جتي ڪو فسادي يا سرڪش ڏسي ته ان جي پاڙ پٽي، هرطرح جي دلجاءِ ڪري، سنڌ جي شهرن ۽ قلعن تي اعتماد جوڳا ماڻهو ڇڏي، پاڻ ملتان ۾ رهي. (٢) اصل ۾ ”صلدائي“ آهي، جو غلط آهي. (٣) هتي پڻ مير قانع، مير معصوم جو پوءِ لڳ ٿيو آهي- درحقيقت صلدي مغل کان سيوستان ظفرخان آزاد ڪرايو هو، نه نصرت خان؛ ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ نصرت خان، الغ خان سان گڏ گجرات جي مهم تي روانو ٿي ويو هو ۽ ظفرخان ملتان جو حاڪم مقرر ٿيو هو (”تعليقات معصومي“ از ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢٦٩).

سلطان علاؤالدين پڇاڙيءَ ۾ غازي "ملڪ" کي ڏهه هزار سوار ساڻ ڏيئي، چنگيزخاني مغلن کي دفع ڪرڻ لاءِ ديپالپور موڪليو، ۽ ملتان، اچ ۽ سنڌ جا پرڳڻا کيس جاگير ڏنا.

انهيءَ عرصي ۾ "خسروخان"، سلطان علاؤالدين کي تخت تان لاهي، تخت جو مالڪ بڻجي ويٺو (١). انهيءَ تي غازي ملڪ، سنڌ ۽ ملتان جو لشڪر ساڻ وٺي، وڃي خسروخان کي لاهي، پاڻ، "سلطان غياث الدين" جي لقب سان، تخت تي ويٺو- انهيءَ وچ واري زماني ۾ سومرا ماڻهو، باغي ٿي، ٺٽي تي قبضو ڪري ويٺا (٢).

(١) مير قانع کان هيءَ زبردست تاريخي غلطي سرزد ٿي آهي- خسروخان، سلطان علاؤالدين کي تخت تان ڪونه لاٿو هو؛ بلڪ سلطان علاؤالدين ٦ شوال سنه ٧١٥ تي گذاري ويو. سلطان جي پٽن ۾ افعال ڪونه هو ۽ هميشه عيش عشرت ۾ مشغول رهندا هئا. هوڏانهن غازي ملڪ کي سلطان علاؤالدين، پنهنجي حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾، چنگيزخاني مغلن کي منهن ڏيڻ لاءِ، ڏهن هزارن سوارن سان ديپالپور موڪلي ڇڏيو هو- اهو وجهه وٺي خسروخان شرارت ڪري، سلطان علاؤالدين جي پٽ سلطان قطب الدين جو، سندس خاص ماڻهن هٿان سر وڍارائي، پاڻ گاديءَ تي ويهي، ملڪ تي قبضو ڪيو. هو جنهن صورت ۾ هڪ لوفر قسم جو ماڻهو هو، تنهنڪري سندس وقت ۾ ڪافرن ۽ لوفرن ڏاڍو زوروزتو ۽ شريف مسلمانن کي تنگ ڪرڻ لڳا ("تاريخ معصومي"، ص ٤٤-٤٥).
(٢) تاريخ معصومي (ص ٤٦) جو مصنف چوي ٿو، "جنهن وقت سلطان غياث الدين (غازي ملڪ) ملتان کان دهليءَ روانو ٿيو، انهيءَ وقت سومرا بغاوت ڪري ٺٽي تي متصرف ٿيا".

سلطان غياث الدين، ملڪ "تاج الدين" کي ملتان، "خواجه خطير" کي بکر، ۽ ملڪ "علي شير" کي سيوستان تي مقرر ڪيو.

ٿوري وقت کان پوءِ، جڏهن ڪشلوخان ملتان ۾ بغاوت ڪئي (١)، تڏهن سلطان غياث الدين جو پٽ سلطان "محمد شاه" سنه ٧٢٨ هه ۾ ملتان پهچي، هن تي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ، بکر ۽ سيوستان تي معتبر ماڻهو مقرر ڪري،

(١) مير قانع هتي پڻ پنهنجي عادت موجب حد کان وڌيڪ اختصار ڪري ڳالهه منجهائي ڇڏي آهي- حقيقت هن طرح آهي ته سلطان غياث الدين تغلق شاه سنه ٧٢٥ جي ابتدا ۾ وفات ڪري ويو ("تاريخ معصومي"، ص ٤٧). ڪانئس پوءِ سندس لائق فرزند سلطان محمد شاه بن تغلق شاه گاديءَ تي ويٺو. هن سنه ٧٢٧ هه ۾ ڪشلوخان کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو ("تاريخ معصومي"، ص ٤٧). تنهن کان پوءِ سلطان محمد تغلق پنهنجي پاٽيجي بهاؤالدين تي ڪاوڙجي، سندس جثي کل لهرائي، بهه سان ڀرائي، بهادرپوري جي لاش سان گڏ، پنهنجي بادشاهيءَ ۾ چوطرف ڦيرائيي- اهي ٻئي بهه سان ڀريل کلون جڏهن سنڌ ۾ پهتيون، تڏهن اتي جي حاڪم ڪشلوخان انهن کي ڏاڍي احترام سان دفن ڪرائي ڇڏيو. هيءَ خبر ٻڌي سلطان محمد تغلق ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڪشلوخان کي اوچتو برباد ڪرڻ گهريائين. تنهنڪري ڪشلوخان احتياط طور بغاوت جو اعلان ڪيو ("سفرنامه ابن بطوطه"، ص ٣١٨-٣٢٣). ڪشلوخان بکر کان ملتان اچي، ملتانين ۽ بلوچن کي پاڻ سان ملائي، تياري ڪئي؛ هوڏانهن سلطان محمد شاه اها خبر ٻڌي سنه ٧٢٨ هه ۾ اچي ملتان تي ڪڙڪيو. ڪشلوخان سامهون ٿيو پر پهرين ئي حملي ۾ سلطاني لشڪر جي مقدمي هٿان مارجي ويو، جن سندس سر وڍي آڻي سلطان اڳيان حاضر ڪيو ("تاريخ معصومي"، ص ٤٧).

موٽي ويو، ۽ سنه ٧٥١ هه ۾ وري "طغي" [نالي هڪ غلام جي پويان پوندي، گجرات ۽ ڪڇ مان لنگهي، ٺٽي جي ملڪ ۾ پهتو، جتي 'ترڙيءَ' جي ديهه ۾ دريا جي ڪناري تي منزل ڪيائين؛ [پر پوءِ] تپ جي عارضي ڪري، اتان ڪوچ ڪري، 'ڪنڊل' (١) ۾ پهتو. ڇگو ڀلو ٿيڻ کان پوءِ وري ٺٽي پهچي، ٺٽي کان ٽن ڪوهن تي ڇانوڻي هنيائين - هتي هو بيماريءَ جي وري اٿلڻ ڪري گذاري ويو، ۽ سلطان "فيروزشاه" بادشاهيءَ جو وارث ٿيو.

طغي - جو ٺٽي ۾ وينو هو - هيءُ ٻڌي، سومرا، جاڙيجا ۽ سما ماڻهو ساڻ وٺي، جنگ لاءِ ڊوڙيو، پر شڪست کاڌائين. سلطان، ساڳئي سال جي پهرين صفر تي، ٺٽي جي آسپاس کان ڪوچ ڪري، 'سانڪري' (٢) درياءَ جي ڪناري تي، قلعي ٺهرائڻ جو حڪم ڪيو، ۽ امير "نصر" کي هزار سوارن سان اتي ڇڏيائين، جنهن شهر ٻڌايو، ۽ انهيءَ جو نالو "نصرپور" رکيائون؛ [ساڳئي وقت] ملڪ "بهرام" کي انهيءَ حد جو فوجدار ٿي رهڻ جو حڪم ڪيائين - "بهرام پور" انهيءَ ڏانهن منسوب آهي. [تنهن کان پوءِ] ملڪ "علي شير" ۽ ملڪ "تاج" ڪافوريءَ کي سيوستان ۾ ڇڏي پاڻ بکر پهتو، جتي ملڪ "رڪن الدين" کي نائب (گورنر) ۽ ملڪ "عبدالعزيز" کي ديوان مقرر ڪري، اعتماد جوڳن ماڻهن جي ٽولي (٣) ساڻ ڏيئي، قلعي جو نگران

(١) ڪنڊل گونڊل - جو گرنار کان اتر طرف پندرهن ڪوهن تي ڪاٺياواڙ ۾ هڪ شهر آهي. ضيا برنيءَ جي چوڻ موجب هيءُ ڪونڊل دمريلي جي سومرن واري ٺٽي طرف هڪ ڳوٺ آهي ("تعليقات معصومي" از ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢٨٠). (٢) 'سانڪره' يا 'سانڪيره' سنڌ جي دريا مهراڻ جو هڪ پراڻو پيٽ آهي ("آثار قديمه سنڌ"، تاليف ڪزنس، ص ١٦٧). (٣) تاريخ معصوميءَ (ص ٥٠)، انهيءَ ٽولي جو عدد اسي لکيو آهي.

ڪري ڇڏيائين ۽ پڻ ملڪ رڪن‌الدين کي ”اخلاص خان“(١) جي لقب سان نوازي، سنڌ جي ڪاروبار جو مالڪ بڻائي، پاڻ دهليءَ روانو ٿي ويو.

وري سنه ٧٧٢هه ۾، نگرڪوٽ جو ارادو رکي، ٺٽي پهتو. ٺٽي جو والي ڄام ”خيرالدين“ ’آب‘ جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ويٺو ۽ لشڪر جو بچاءُ ڪندو رهيو. سلطان، اناج جي قلت ۽ مڇرن جي گهڻائيءَ ڪان تنگ ٿي، وري ٺٽي موٽي آيو(٢). ڄام خيرالدين امان وٺي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن کي [سلطان] پين زميندارن سان گڏ دهليءَ وٺي هليو. جڏهن سيوستان جي آسپاس ڪيس ڄام جي پٺيءَ وڃڻ جي ارادي جي خبر پيئي، تڏهن ڪيس ڪُٽ ۽ پيڙيون وجهارايائين. ٿوري وقت ڪان پوءِ، ڄام ”جونه [بن] خيرالدين“ (٣) کي سروپا عنايت ڪري، حڪومت واسطي موڪليائين.

سنه ٧٩٠هه ۾ فيروزشاه گذاري ويو ۽ تخت جو وارث سلطان ”تغلق شاه“ ٿيو- تنهن ڪان پوءِ سلطان ”ابوبڪر“،

---

(١) اصل متن ۾ ”اخلاص خواني“ لکيل آهي جو غلط آهي. (٢) ميرقانع هتي پڻ قصو منجهائي ڇڏيو آهي. هن اجمال جو تفصيل هن طرح آهي ته سلطان فيروزشاه سنه ٧٧٢ هه ۾ دهليءَ ڪان سڌو نگرڪوٽ ويو هو. نگرڪوٽ فتح ڪري موٽي ٺٽي آيو. ٺٽي جو والي ڄام خيرالدين آب جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ويٺو ۽ پنهنجي لشڪر جو بچاءُ ڪندو رهيو- هيڏانهن فيروزشاه اناج جي قلت، گاه جي گهٽتائي، پاڻيءَ جي اٿل ۽ مڇرن جي گهڻائيءَ ڪان مجبور ٿي، گجرات هليو ويو ۽ برسات جي موسم اتي وڃي گذاريائين: سانوڻ جي موسم گذاري، سلطان فيروزشاه وري ٺٽي موٽي آيو ۽ ڄام خيرالدين [پيو ڪو چارو نه ڏسي] امان گهري اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو (”تاريخ معصومي“، ص ٥١).

(٣) اصل متن ۾ ”ڄام جونه خيرالدين“ آهي- پر تاريخ معصومي(ص ٥١) ۾ ”ڄام جونه ڄام خيرالدين“ لکيل آهي.

پوءِ سلطان "محمد شاه"، پوءِ سلطان "سڪندر شاه" (١)، ۽ پوءِ سلطان "ناصرالدين" دهليءَ جي تخت تي ويٺو- هن سارنگ خان کي ديپالپور، ملتان ۽ سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ موڪليو.

سنه ٨٠٠ھ ۾ امير "تيمور" جو پوٽو ميرزا "پيرمحمد" سنڌ وندي ٽپي، اچي اچ جي قلعي کي گهيرو ڪيو- ملڪ علي، جو سارنگ خان جي پارن اتي هو، تنهن هڪ مهيني تائين لڙائي جاري رکي-[هوڏانهن] سارنگ خان، ملڪ "تاج الدين" کي چئن هزارن فوج سان سندس مدد ۾ موڪليو. [اهو ٻڌي] مرزا "پيرمحمد"، اُچ کي ڇڏي، [پهريائين] انهيءَ کي شڪست ڏيئي پوءِ وڃي ملتان کي گهيرو ڪيو. ڇهن مهينن کان پوءِ سارنگ خان خدمت ۾ حاضر ٿي، ملتان حوالي ڪيو. جلد ئي صاحبقران (امير تيمور) پاڻ به سنه ٨٠١ھ ۾ اچي ملتان ۾ منزل ڪئي- هن تاريخ کان، سنڌ جي حاڪمن تان دهليءَ جي بادشاهن جو رعب لهي ويو، ۽ سنڌ جي حاڪمن خود مختياريءَ جو جهنڊو کڙو ڪيو، جنن [اڳتي] ذڪر ڏيندو.

[باب ڇهون]

سومرن جو طبقو (٢)

هن قوم جي ڪن ماڻهن جو غلبو، [سنڌ جي] زمين جي

---

(١) تاريخ معصومي (ص ٥٦) ۾، سلطان محمد شاه کان پوءِ "سلطان علاؤالدين شاه بن محمد شاه" - جنهن جو پهريائين "همايون" نالو هو- لکيل آهي"، ۽ "سڪندر شاه" جو ڪو به ذڪر نه آهي؛ پر تاريخ مبارڪ شاهي (ص ١٥٥)، ۽ طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٤٩) مان معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ سلطان علاؤالدين کي سڪندر شاه سڏيندا هئا- تنهنڪري مير قانع جو لکيل نالو "سڪندر" وڌيڪ صحيح ٿو معلوم ٿئي.

(٢) سنڌ ۾ "سومرا" هڪ قديم قوم آهي، جن سنڌ ملڪ تي وڏي عرصي تائين حڪومت ڪئي؛ پر سندن حڪومت جي تاريخ تي ايڏا ته تاريڪ پردا

(ڏسو حاشي صفحو ٩٢)

ڪجهه حصي تي، درحقيقت هن کان اڳ ۾ پڻ هو- جئن ته هنن جي خودمختاري جي ڏينهن سميت، هنن ماڻهن جي [حڪومت جو] سمورو عرصو پنج سو ۽ پنج سال [٤١٩] لڳيا اٿن-

---

پيل آهن، جن جو نظير شايد ئي ڪنهن ملڪ يا قوم جي تاريخ ۾ ملي سگهي- اڄ تائين اهو فيصلو نه ٿي سگهيو آهي ته سومرا قوم جو نسل ڪٿان ٿو شروع ٿئي؟ ڪي مؤرخ چون ٿا ته هيءَ قوم اصل عرب قوم آهي، جا حجاج جي ڏينهن ۾ سنڌ فتح ٿيڻ وقت، عراق جي ”سامره“ (سرمن رائي) شهر مان لڏي اچي سنڌ ۾ رهي (پهريائين کين سامري سڏيو ويندو هوندو، جو پوءِ بگڙي سومرا ٿي پيو آهي)- هن قول جي تائيد ابن بطوطه جي قول مان ٿئي ٿي، جو هن ”جناني“ شهر جي وصف ڪندي لکيو آهي (ج ٣، ص ١٠١-١٠٢):
”اسان سنڌو نديءَ جي رستي پنڌ ڪري پن ڏينهن کان پوءِ جناني شهر ۾ پهتاسون. هيءُ سنڌو نديءَ جي ڪپ تي هڪ وڏو سهڻو شهر آهي. هن جون بازاريون وڻندڙ آهن. اتي جي رهاڪن کي ”سامره“ سڏيو ويجي ٿو. هو قديم زماني کان اتي رهندا اچن ٿا- سنڌ جي فتح جي تاريخ نويسن جي لکڻ موجب، سندن وڏا اتي انهن ڏينهن کان رهن ٿا، جن ڏينهن ۾ حجاج جي هٿان سنڌ فتح ٿي هئي“. پر تاريخ دانن جو پيو طبقو سومرن کي اصل سنڌ جا رهاڪو ۽ هندو راجپوت تسليم ڪري ٿو- جئن ايليٽ پنهنجي ڪتاب ”هسٽري آف انڊيا“ (ج ١، ص ٤٨٣) ۾ لکي ٿو: ”تاريخ طاهري جي دستخط نسخي، صفحي ٢٥ تي لکيل آهي ته سومرا اصل هندو هئا- الور رياست جي حڪمران هندو راجپوتن مان؛ سندن گاديءَ جو هنڌ ڳوٺ محمد طور هو، جو دڙڪ پرڳڻي ۾ هو“. ساڳيءَ طرح ايليٽ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ“ جي فوٽ نوٽ (ص ٨٩) ۾ سومرن بابت ڪافي بحث مباحثي کان بعد گجراتي تاريخن جي حوالن جي

(ڏسو حاشي صفحو ٩٣)

اهو هن ڪري جو بني عباس جي پوئين گورنر آل تمير (١) کان پوءِ، هنن مان گهڻن جو دخل ڏسي، تاريخ دانن جي

بنا تي ثابت ڪيو آهي ته سومرا راجپوت هندو آهن. سومرن جي ريتين رسمن بابت جيڪي تحفة الڪرام يا ٻين تاريخن لکيو آهي- مثلاً سومرن سردارن جو رعيتي ماڻهن جي ڪلهن تي ڏنپ ڏيڻ، انهيءَ لاءِ ته هو سندن غلام ليکيا وڃن؛ پاڻ کي ٻين کان اتم ڏيکارڻ لاءِ هنن پيرن جا نهن پاڙئون ڪڍائي ڇڏڻ؛ جيڪا به زال هڪ دفعو پار ڇٽي تنهن کي وري ويجهو نه وڃڻ؛ نئون ڪپڙو پائي سيرو ڪري لاهڻ کان پوءِ وري اهو ڪپڙو نه پهرڻ، وغيره- سو ڏيکاري ٿو ته سومرا اصل عرب نه هئا؛ ڇاڪاڻ ته عربن ۾ ڪڏهن به، جاهليت خواه اسلام جي زماني ۾، اهي رسمون رائج نه هيون- تنهنڪري اها راءِ وڏيڪ وزندار ٿي ڏسجي ته "سومرا اصل هندو راجپوت هئا"- سومرن حاڪمن جا ٺيٺ هندي نالا پڻ انهيءَ راءِ جي تائيد ڪن ٿا- هي ماڻهو جيڪڏهن عرب هجن ها، ته سندن نالا به ضرور عربي هجن ها.

سمن خواه سومرن جي قوميت متعلق هڪ ٽين راءِ به ٿي سگهي ٿي، جنهن ڏانهن ڪنهن جو خيال نه ڇڪيو آهي- اها هيءَ (ڏسو حاشي صفحو ٩٤)

(١) بني عباس جو آخري گورنر "ابوالصمه" هو، جو "ڪند،" قبيلي جو آزاد ڪيل غلام هو، ۽ هن سنڌ تي زبردستيءَ غلبو ڪيو هو؛ تنهن کان اڳ ۾ "عمر بن عبدالعزيز" هباري سنڌ جو گورنر هو- بلڪ عباسين جي گورنرن جي لسٽ جيڪا اسان مٿي لکي آيا آهيون ان تي غور ڪيو ته انهيءَ ۾ "آل تمير" نالي ڪوبه گورنر ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو؛ البت پهريون نمبر گورنر "موسيٰ بن ڪعب" سو تميمي آهي، ۽ انهيءَ کي "آل تمير" سڏي سگهجي ٿو- ساڳيءَ طرح ستون نمبر گورنر پڻ تميمي آهي.

هڪڙي ٽوليءَ هن قوم جو زمانو [انهيءَ وقت ڪان] ليکيو آهي؛ پر جنهن صورت ۾ انهيءَ وقت ۾ ـ جڏهن بيان ٿي آيو ـ سنڌ جي گهڻي پاڱي جي حڪومت غزنوين ۽ غورين جي هٿن ۾ هئي، تنهنڪري هن طبقي جو راڄ انهيءَ وقت ڪان وٺي ليکيو ٿو وڃي، جنهن وقت ڪان هيءَ ٻئي ڪنهن جي پائيواريءَ ڪان سواءِ متصرف ٿيا.

آهي ته هيءَ ٻئي قومون ايشيا جي مشهور "سمير ين" قوم مان آهن، جن کي عربيءَ ۾ "سامي" چوندا آهن. پراڻي زماني ۾ هيءَ قوم تمام وڏي ۽ طاقتور قوم هئي، جنهن جو وچ ايشيا ۾ تمام گهڻو اثر ۽ رسوخ هو: ٿي سگهي ٿو ته انهن جو ڪو پاڱو انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ اچي نڪتو هجي، ۽ سنڌ کي پنهنجو گهر بنايو هجين.

سومرن جو راڄ ڪڏهن ڪان شروع ٿئي ٿو، تنهن ۾ پڻ تاريخ نويس مختلف آهن: مير معصوم، سومرن جي حڪومت جو آغاز سلطان عبدالرشيد (٤٤١-٤٤٤هه) جي ڏينهن ڪان مڃي ٿو؛ ۽ تحفةالڪرام جو مصنف ميرعلي شيرقانع سومرن جي باقاعدي حڪومت غازي ملڪ عرف سلطان غياث‌الدين تغلق شاه (٧٢٠-٧٢٥هه) جي ڏينهن ڪان شروع ڪري ٿو، پر ساڳئي وقت سندن حڪومت جو جملي عرصو پنج سو پنج ورهيه ٻڌائي ٿو؛ تاريخ طاهريءَ جو مصنف مير طاهر نسياني سومرن جي حڪومت جو عرصو ڪل ١٤٣ سال ٻڌائي ٿو ـ اسان جي خيال ۾ سومرن جي حڪومت جي ابتدا متعلق ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب جو چوڻ نهايت صحيح ۽ موزون آهي: هو صاحب تاريخ معصوميءَ جي تعليقات (ص ٢٨٦-٢٨٧) ۾، سومرن جي حڪومت جي ابتدا خليفي متوڪل عباسيءَ جي وفات (٢٤٧هه) ڪان شروع ڪري ٿو ـ ڇاڪاڻ ته انهيءَ خليفي جي وفات ڪان پوءِ عباسي حڪومت جو زوال شروع ٿئي ٿو؛ تنهنڪري اها ڪا بعيد

(ڏسو حاشي صفحو ٩٥)

هن قوم جي بنياد بابت ڪا ثابتي ڪانہ آهي — جئن مٿي بيان ٿي آيو، هي 'سامره' جا عرب آهن، جيڪي سنڌ ۾ هجري چوٿينءَ صديءَ ۾ آيا هئا — ڪي چون ٿا تہ "دلوراءِ" امرائيءَ جو پاءُ "چنو" امرائي جڏهن پاءُ جي ظلم کان تنگ ٿيو، ۽ پاءُ جي نحوست کان اروڙ شهر جي ويراني ۽ پاٻيرا (برهمڻ آباد) جي بربادي پنهنجي اکين سان ڏٺائين، تڏهن بغداد ويو، خليفي کان، "سيد علي" موسويءَ — جنهن جو بيان اڳتي ايندو — جي سرڪردگيءَ هيٺ، سامري جا رهاڪو

ڳالهہ ڪا نہ آهي، جيڪڏهن سومرن عباسي خليفن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي پنهنجي خودمختاريءَ جو بنياد رکيو هجي ۽ آهستي آهستي زور وٺي سنڌ جو لاڙ وارو پاڱو ٻڌائي ويٺا هجن.

سومرن حاڪمن جو تعداد ۽ هرهڪ جي حڪومت جو عرصو پڻ اهڙي ڳجهارت آهي، جنهن جي حل ۾ سنڌ جا تاريخدان ڏاڍا منجهيل ۽ سرگردان آهن — ابولفضل "آئين اڪبري" (ص ٥٥٩) ۾ چوي ٿو تہ سومرا حاڪم جملي ٣٦ ٿي گذريا آهن، ۽ سندن بادشاهي پنج سو ورهيہ هلي؛ مير معصوم فقط ننڍو نالا لکي خاموش ٿي ويو آهي؛ تحفةالڪرام اوٺيهن حاڪمن جا نالا ڏنا آهن. هوڏانهن وري مولوي عبيدالله "شائق" سومرن جي وڏن جي شجرن ۽ مولوي عبدالرحيم سومري جي جوڙيل تاريخ "گلزار سنڌ منظوم" تان هڪ ننڍڙو ڪتابڙو "دولت علويه" (يا سومرن جي حڪومت) نالي ٺاهي شايع ڪيو آهي، تنهن ۾ ايڪيهہ نالا ڏنل آهن — مگر تاريخي حيثيت سان ڏسبو تہ سيني ويهي ڏڪا هنيا آهن. بهر حال، اسن هتي ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب جي تاريخ معصوميءَ جي تعليقات ۾ ڏنل سومرن حاڪمن جي فهرست بعينه نقل ڪريون ٿا، تہ جئن پڙهندڙن کي ٿوري گهڻي واقفيت حاصل ٿي سگهي.

(ڏسو حاشي صفحو ٩٦)

هڪ سؤ عرب سنڌ ۾ وٺي آيو. نيٺ سندس پاڻ دلوراءِ سيد جي تابعداري قبول ڪري، پنهنجي نياڻي سيد جي نڪاح ۾ ڏني، هو سنڌ ۾ رهي پيو ۽ اولاد ڇڏيائين — ’متعلوي‘ (متياري) نالي ڳوٺ سندن رهڻ جو هنڌ هو.

قصو ڪوتاه — اڳين ڪلام جي سلسلي موجب، جڏهن سنه ٧٢٠ هه ۾ غازي ملڪ، سنڌ ۽ ملتان جو لشڪر گڏ ڪري

تاريخ معصومي	تحفۃ الڪرام	دولت علويه
١. سومرو	سومرو (وفات ٣٣٥-٣٣٦هه)	سومرو (وفات ٣٣٨هه)
٢. پونگر	پونگر (وفات ٣٦١هه)	عصام الدين پونگر (وفات ٣٦٦هه)
٣. دودو	دودو (وفات ٣٨٥ هه)	صمصام الدوله دودو (٣٨١هه ۾ گوشي نشين ٿي ويو)
٤. تاري	سنگهار (وفات ٥٠٠ هه)	زينب (تاري) (سنه ٣٩١ هه ۾ تخت تان دستبردار ٿي)
٥. سنگهار	خفيف (وفات ٥٣٦هه)	شهاب الدين سنگهار (وفات ٥٠٣هه)
٦. همون	عمر (وفات ٥٤٦هه)	همون ۽ جو پاڻ فخرالملڪ (هڪ سال حڪومت ڪيائين)
٧. ڦتو	دودو (وفات ٥٩٠ هه)	سراج الدين فتح خان (ڦتو) (وفات ٥١١هه)
٨. خيرو	ڦتو (وفات ٦٢٣هه)	عمادالدين خفيف (وفات ٥٣٦ هه)
٩. ارميل	گهنرا (وفات ٦٣٩هه)	جلال الدين عمر (وفات ٥٥٦هه)
١٠. ...	محمد طور (وفات ٦٥٣هه)	صلاح الدين هجو (وفات ٥٧٠ هه)

(ڏسو حاشي صفحو ٩٧)

دهلي وٺي وڃي خسرو خان تي غالب ٿيو، ۽ تخت ۽ تاج جو وارث ٿي، "سلطان غياث الدين تغلق شاه" جو لقب حاصل ڪري، انهن طرفن ۾ رذل رهيو- تڏهن سومرن ماڻهن ٿرڙيءَ جي آسپاس مان ماڻهو گڏ ڪري، "سومرو" نالي هڪ ماڻهوءَ کي حڪومت جي گاديءَ تي وهاريو. هن، ملڪ جي آسپاس صاف ڪري، "صاد" نالي هڪ زميندار- جو خود مختياريءَ

١١. ...	گهنرا (وفات ٦٥٨ هه)	غياث الدين دودو (وفات ٦٠٠ هه)
١٢. ...	طائي (وفات ٦٨٢ هه)	علاؤالدين خيرو (گهنرو) (وفات ٦١٩ هه)
١٣. ...	چنيسر (وفات ٧٠٠ هه)	سيف الدين طائي (وفات ٦٣٨ هه)
١٤. ...	پونگر (وفات ٧١٥ هه)	شمس الدين پونگر (وفات ٦٧٨ هه)
١٥. ...	خفيف (وفات ٧٣٣ هه)	ڪمال الدين چنيسر (هن کي سنه ٦٩٦ هه ۾ تخت تان لاهي ڇڏيائون)
١٦. ...	دودو (وفات ٧٥٨ هه)	اسدالملة دودو (وفات ٧٠٠ هه)
١٧. ...	عمر (وفات ٧٩٣ هه)	ظهيرالدين پونگر (وفات ٧٣٠ هه)
١٨. ...	پونگر (وفات ٨٠٣ هه)	فخرالدين عمر (هي سنه ٧٧٥ هه ۾ گوشي نشين ٿي ويو)
١٩. ...	همير (هن کي سمن تخت تان لاهي ڇڏيو)	قمرالدين طاهر (وفات ٨١٣ هه)
٢٠. ...	...	معين الدين ارميل (وفات ٨٢٢ هه)
٢١. ...	...	بهاوالدين شهمير شاه عرف حمير (وفات ٨٤٣ هه)

جو دم هڻي رهيو هو- جي ڏيءَ نڪاح ۾ آندي، جنهن مان "پونگر" پٽ پيدا ٿيس. سومري جي گذاري وڃڻ کان پوءِ، پونگر پيءُ جو جانشين ٿيو؛ سندس پٽ "دودي" نصرپور تائين [ملڪ] قبضي ۾ ڪيو؛ انهيءَ "سنگهار" نالي هڪ صغير پٽ ڇڏيو، تنهنڪري دودي جي ڌيءَ "تاريءَ" ملڪ جي واڳ پنهنجي هٿ رکي. سنگهار بالغ ٿيڻ تي حڪومت جو وارث ٿيو، ڪڇ جي پاسي ڪاهي، 'نانڪنيءَ'(١) تائين [ملڪ] قبضي ۾ آندو- جئن ته پٽ ڪونه ڇڏيائين، تنهنڪري ڪانئس پوءِ سندس زال مسمات 'هيمو' پنهنجن ڀائرن کي طور ۽ ترڙي شهرن تي مقرر ڪيو. [پر] ٿوري وقت کان پوءِ، "دودو" نالي هڪ سومري- جو واهڪه (وڳه) جي قلعي جو حاڪم هو- آسپاس سان پنهنجن ڀائرن کي گڏ ڪري، هيموءَ جي ڀائرن جي پاڙ پٽي ڇڏي. انهيءَ عرصي ۾، [وڏي] دودي جي اولاد مان [هڪ شخص، نالي] "دادو پهٽو (ڦٽو)" بغاوت ڪري، عجيب لشڪر گڏ ڪيو، ۽ ڪيترو وقت حڪومت ڪندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ "خيرو" نالي [هڪ شخص] ملڪ جو مالڪ ٿيو. تنهن کان پوءِ "ارميل" حڪومت سنڀالي؛ پر جنهن صورت ۾ هو ظالم نڪتو، تنهنڪري سمن ساڻهن بغاوت ڪري کيس ڪهي ڇڏيو- اهو واقعو ٧٥٢ھ ۾ ٿيو.

هن قوم جي حڪومت جي ابتدا، انتها ۽ سندن نالن جو تعداد ٻيءَ طرح پڻ بيان ٿيل آهي- جئن ته "منتخب التواريخ" ۾ لکيل آهي ته "جڏهن سلطان محمود غازيءَ جو فرزند سلطان عبدالرشيد تخت تي ويٺو، تڏهن هن جي سادگيءَ ۽ ڪم عقليءَ جو فائدو وٺي، سنڌ جي ماڻهن سرڪشي ۽ بغاوت شروع ڪري ڏني؛ ۽ سنه ٤٤٥ھ ۾، سومرا قوم جي ماڻهن ترڙيءَ

(١) شايد ڪڇ ۾ ڪنهن ڳوٺ جو نالو آهي.

۾ لشڪر گڏ ڪري، 'سومري' نالي هڪ شخص کي گادي ۽ تي وهاريو- سومرو گهڻو وقت خود مختار رهيو، ۽ آخر 'صاد' نالي هڪ زميندار جي ڌيءَ مان، 'پونگر' نالي هڪ پٽ وليعهد ڇڏي، گذاري ويو. پونگر بن سومره پندرهن سال مرادون ماڻي، سنه ٤٦١ھ ۾ عالم بقا ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ کان پوءِ 'دودو' بن پونگر چوويهه سال راڄ ڪري، سنه ٤٨٥ھ ۾، گذاري ويو: تنهن کان پوءِ سنگهار پندرهن سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'خفيف' ڇٽيهه سال؛ تنهن کان پوءِ 'عمر' چاليهه سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'دودو-ثاني' چوڏهن سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'پهتو' (ڦتو) ٽيٽيهه سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'کهينرو' سورهن سال؛ پوءِ 'محمد طور' پندرهن سال؛ پوءِ 'کهينرو' (گنرو) ڪجهه سال؛ تنهن کان پوءِ 'دودو-ثالث' چوڏهن سال؛ تنهن کان پوءِ 'طائي' چوويهه سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'چنيسر' ارڙهن سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'پونگر-ثاني' پندرهن سال؛ تنهن کان پوءِ 'خفيف-ثاني' ارڙهن سال؛ تنهن کان پوءِ 'دودو-رابع' پنجويهه سال، انهيءَ کان پوءِ 'عمر-ثاني' پنجٽيهه سال؛ انهيءَ کان پوءِ 'پونگر-ثالث' ڏهه سال؛ تنهن کان پوءِ 'همير' [هڪ ٻئي جي پويان] حڪومت جون واڳون وٺندا رهيا- هيءُ (همير) جنهن صورت ۾ ظالم هو، تنهنڪري سما قوم کيس تخت تان لاهي ڇڏيو.

هن طائفه جي زوال جو سبب ٻيءَ طرح پڻ روايت ٿيل آهي- پهريائين مٿين سردارن کان سواءِ، هن قوم جي ڪن ٻين چڱن مڙسن جو- جي ڪن جڳهن جا مالڪ هئا [٣٥]- ذڪر ڪري، سندن خاتمو، سندن ڪن ناهموار ۽ نامناسب طريقن ۽ نمونن سان گڏ، انهيءَ روايت تي ڪيو ويندو.

عمر سومرو

"عمرڪوٽ" جو قلعو انهيءَ ڏانهن منسوب آهي. سندس حالات ۾ ٻہ عجيب واقعا آهن، جي ذڪر ڪجن ٿا:

مارئيءَ جو قصو

"مارئيءَ" نالي هڪ پاڪدامن ۽ خوبصورت عورت، مارن جي قوم مان 'تلها' [ڳوٺ] ۾ رهندڙ هئي. سندس ماءُ پيءُ هن جو مڱڻو پهريائين "پنهونءَ" نالي هڪ شخص سان ڪيو هو؛ پر پوءِ ڦري هڪ ٻئي عزيز کي ڏيئي ڇڏيائون. پنهون انهيءَ محبوبہ جي هٿان نڪري وڃڻ ڪان ڦٿيل دل ٿي، "عمر" وٽ فريادي ويو، ۽ وڃي چيائينس تہ "هڪ ههڙي خداداد حسن جي مالڪياڻي عورت، منهنجي مڱيندي، ٻئي سان پرڻائي ويئي آهي: مون تہ انهيءَ تان آسرو لاٿو، پر جيڪڏهن توهان هڪوار ڏسندا، تہ هوءَ محلات جي لائق آهي". عمر ڇمڙا پوش ڪري، هڪ تڪي اٺ تي ويهي، مارئيءَ جي ڳوٺ ۾ پهتو ۽ ڪيس ڏسڻ سان [مٿس] چريو ٿي پيو! جڏہن تہ سندس طلب جو سنڌائتو تير هن جي دل ۾ چڀي چڪو هو، تنهنڪري موقعي ملڻ تي ڪيس اٺ تي وهاري، زبردستيءَ اچي پنهنجي جاءِ تي ڪڍيائين. پوءِ تہ [ڪيس لالچائڻ لاءِ] گهڻوئي سون، چاندي، زيور ۽ عيش آرام جو سامان آڇيائين، مگر هوءَ راضيائي نہ ٿي؛ بلڪ پنهنجي مڙس جي ياد ۾ هميشه راتيان ڏينهان روج راڙو ڪندي، بي‌خواب رهڻ لڳي ۽ کاڌو پيتو ڇڏي ڏنائين. پوري هڪ سال گذرڻ ڪان پوءِ- بلڪ اڳيئي- عمر هن جي سچائي ۽ پاڪدامني ڏسي، سندس مڙس کي گهرائي، ڪيس گهڻيئي زر ۽ زيورن سميت ان جي حوالي ڪيو- پر سندس مڙس، عمر جي استعمال ڪرڻ جي شڪ تي، ڪيس ماريندو ۽ ڌڪوئيندو رهيو. [تنهن ڪان سواءِ] قوم جا ماڻهو پڻ ڪيس

طعنا تنڪا هٽندا، ۽ عمر جو نالو بي شرميءَ سان وٺندا ايندا هئا. عمر انهن عيبن کان پاڪدامن هو، تنهنڪري ڏاڍو ڪاوڙجي متن ڪاهه ڪرڻ جو پڪو اراد و ڪيائين. مارئيءَ کي جڏهن اها خبر پيئي، ته سندس ڪري ٿي سندس قوم تي مصيبت اچڻ واري آهي، تڏهن پنهنجي قوم کي تسلي ڏيئي، عمر وٽ لنگهي ويئي ۽ وجي چيائينس ته "ڏوهه تنهنجو آهي، جو ڏاريءَ زال کي هيڏو عرصو پنهنجي محل ۾ رکي ڇڏيئي- هاڻي ماڻهو طعنا نه هٽندا، تڏهن ڇا ڪندا؟ ۽ منهنجو مڙس بدگمان ڇو نه ٿيندو؟ هيئنر هيءُ فساد [هيڪاري] اڳئين خطا کان وڏيڪ وري پيو گناه، بلڪ هميشه جي بدناميءَ جي تائيد ٿيندو!"- عمر متاثر ٿي، انهيءَ ارادي کان باز آيو ۽ سندس مڙس کي گهرائي، چيائين ته "هن پاڪدامن عورت جو مان [برابر] طلبگار هوس، پر جئن ته هوءَ راضيائي نه ٿي ۽ سندس سچائي ثابت ٿي- تنهنڪري مون ڪيس پنهنجي نياڻي سڏي، توکي ڏني آهي! انهيءَ ڳالهه جي سچائيءَ لاءِ جيڪڏهن توکي ثابتي صفائي گهرجي، ته اجهو مان حاضر آهيان؛ جنهن نموني سان تنهنجي دل کي اطمينان ٿئي سو [بيشڪ] چئي ڏي، ۽ ائين ڪر- ته جئن مون تان ۽ مارئيءَ تان هيءُ ٽڪو ڌوپي وڃي!" اتي مارئيءَ چيو ته "هيءُ گناه مون تي مڙهيو ويو آهي: تنهنڪري لوهه تپائي منهنجي هٿ تي رکو، ته مان سچ تي ڪٽي وڃان"- [بس پوءِ ته] سيني متن مائٽن ۽ شهر جي رهاڪن گڏ ٿي، اهڙو گرم لوهه، جنهن جي گرميءَ کان ڏسندڙ جون اکيون ٿي سڙيون، سندس هٿ تي رکيو، ۽ هن کي ڪو به ايذاءُ نه آيو- اتي مارئيءَ چيو ته "اجا انهيءَ کان به وڏو امتحان ڏينديس"... پوءِ سندس چوڻ تي، باهه جو وڏو مچ ٻاريائون، جنهن مان اها سهڻي عورت [حضرت ابراهيم] خليل وانگيان، اهڙيءَ طرح جو گويا ڪو ماڻهو باغ جو سير ڪري رهيو هجي، ڏاڍي مزي ۽ آهستگيءَ سان،

ڪيئي دفعا آئي ويئي. خدا جي قدرت ۽ سچائيءَ جي برڪت سان، سندس جسم جي ڪنهن وار ۽ ڪپڙي [جي ڪنهن تند] کي ايذاءُ نہ پهتو! - هاڻي مرس خواه ماڻهن جي، عمر ۽ مارئيءَ ۾، بدگماني بالڪل دور ٿي ويئي.

بيشڪ، مارئيءَ جي سچائيءَ ۽ پاڪدامنيءَ تي بہ آفرين آهي، پر هزارين آفرينون عمر جي خود-روڪ ۽ لالچ کي دٻائڻ تي آهن، جو ههڙيءَ مفت ۾ هٿ آيل پريءَ کي سندس مرضيءَ کان سواءِ هٿ نہ لاتائين! مثال طور هڪ عجيب ڳالهہ ياد آئي آهي، ۽ جئن تہ موقعي سان مناسب آهي، تنهنڪري داخل ڪجي ٿي:

ڳالهہ - هڪڙو شخص ڪنهن عورت تي عاشق هو، ڪيترو وقت سندس طلب ۾ حيران هو، مگر هوءَ ڪيس هٿ نٿي آئي. آخر هڪڙي وقت، ڪنهن حيلي بهاني سان، هن کي ڪنهن خالي گهر ۾ آڻي، ڪٽي دروازو بند ڪيائين. هوءَ پاڪدامن عورت - جا ڏگهي عرصي تائين پاڻ کي بدڪاريءَ کان بچائيندي ٿي رهي - هاڻي لاچار دام ۾ ڦاسي، عاجز ٿي پيئي، ۽ بد ڪم لاءِ مرد جي تڪڙ ڏسي، چيائينس تہ "هاڻي تہ توکي دلجاءِ آهي، تنهنڪري پريشاني ڇڏي، منهنجي هڪڙي سوال جو جواب انصاف سان ڏي- پوءِ جيڪي گهرندين سو تنهنجي ميلڪ آهي". مرد چيو تہ "چؤ"، تنهن تي عورت چيو تہ "[چون ٿا تہ] عقل کي چاليهہ حصا ڪري، انهن مان اٺيتاليهہ حصا مرد کي ڏنائون، ۽ هڪ حصو عورتن کي؛ تنهنڪري انهن کي 'ناقص العقل' سڏيندا آهن - اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ؟" چيائين، "هائو": عورت چيو، "شهوت جا بہ چاليهہ حصا چوندا آهن، جن مان اٺيتاليهہ حصا خاص عورت کي ڏنل آهن، ۽ هڪ حصو مردن کي؟" ؛ مرد وراڻيو، "بيشڪ" - اتي عورت چيو: "جڏهن هيءَ ڳالهہ قبول تو ڪرين، تڏهن مون کي تہ عجب آهي تہ تون، جو هڪ

مرد آهين، عقل جي انهن اٽيتاليهن حصن جي باوجود بہ، شهوت جي هڪ حصي ڪان بي اختيار ٿيو آهين، ۽ ان کي روڪي نٿو سگهين؛ ۽ مان ايتري ٿوري عقل هوندي بہ هيڏي گهڻي شهوت کي روڪيندي آئي آهيان- تون پاڻ انصاف ڪر!" جنهن صورت ۾ انهيءَ شير عورت جو ڪلام، پاڪدامني ۽ نفس مٿان ضابطو رکڻ تي مبني هو، تنهنڪري [ان جي] تاثير جو تير مرد جي دل جي نشان تي پورو لڳو، ۽ هڪدم عورت جي پيرن تي ڪري، گذريل قصور جي معافي گهري، کيس ڇڏي ڏنائين.

قصو ڪوتاه- مارئيءَ ۽ عمر جي ڳالهہ سنڌي زبان ۾ منظوم ۽ مشهور آهي؛ ۽ حال جا صاحب، مخصوص سُر ۾ جوڙي، ترانن ۾ ڳائيندا آهن، ۽ انهيءَ مجاز مان حقيقت جو رستو لهي، وجد ۽ حال پرائيندا آهن. ظاهر پرستن تي [پڻ] انهيءَ جي سر، عشق جي صدا، ۽ ولولي مان تاثير ٿيندو آهي. سيد محمد طاهر نسيانيءَ هن قصي کي فارسيءَ ۾ نظم ڪري، "ناز و نياز" نالو رکيو آهي.

[٣٧] ٻي ڳالهہ- تمير قوم جي هڪ "گنگا" نالي ڇوڪري نندپڻ ۾ "عمر" سان مڱائي هئائون- ائين ٿو ڏسجي تہ هن کي هڪ ڏينهن ڪنهن اهڙي حال ۾ ڏٺائين، جو ننڍپڻ جي ڪري، هن جي حسن جو گل اڃا پوريءَ طرح نہ ٽڙيو هو، ۽ کيس نہ وڻي- جنهن تي چيائين تہ هن کي "جنهن سان وڻيو، تنهن سان مڱائي ڇڏيو". سندس اجازت موجب، هوءَ تميم قوم جي هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان مڱائي ويئي، جو 'عمر سومري' جو وزير هو. وقت اچڻ تي، گنگا سونهن ۾ بينظير نڪري پيئي ۽ ملڪان ملڪ مشهور ٿي. عمر پڻ هاڪ ٻڌي، ڪنهن بهاني سان کيس ڏسڻ چاهيو. انهيءَ عرصي ۾، شڪار ڪندي، اچي ڪنهن ڍوٻيءَ وٽان لنگهيو، جو ڪپڙا ڌوئي سڪائي رہيو هو. هڪ خوشبودار وڳو ڪنهن وڻ تي

ڏسڻ ۾ آيس — ڏوبيءَ ڪان پڇڻ تي معلوم ٿيس ته 'اهو وڳو گنگا جو آهي!' اهو ٻڌي، هڪدم انهيءَ جي گهر روانو ٿيو. معلوم ٿيس ته مڙس گهر ۾ ڪونه آهي. [سو ڇا ڪيائين جو] گز ڪبوتر ڏانهن اڇلي، انهيءَ گز ڪڍڻ جي بهاني سان، دروازي ڪان اندر لنگهي، مرضيءَ موجب ديدار جو مطلب پورو ڪري، سندس گهنڊيدار زلفن جي قيد ۾ گرفتار ٿي، پيچ تاب کائيندو، گهر موٽي آيو؛ ۽ حيلا هلائڻ شروع ڪيائين — وزيرن ڪان پڻ صلاح پڇيائين — آخر صلاح پيهاري، مٿئين تميميءَ کي گهٽي ۾ گهٽي عزت ڏيڻ لڳو. عُمَن عمر جو پاڻ ڏانهن اڳوڻي ڪان سؤڻو وڌيڪ توجه ڏسي، وزيرن ڪان پڇيو ته ”هن اميد ڪان وڌيڪ نوازش جو سبب ڪهڙو آهي؟“ چيائونس ته ”عمر توکي پسند ڪيو آهي ۽ پنهنجي پيڻ جو سڱ تنهنجي نڪاح ۾ ڏيڻ گهري ٿو“ — هو بيوقوف هن لڳيءَ تي هئن مان نڪري، انهيءَ مائٽيءَ جو چاهه رکڻ لڳو! نيٺ هڪ ڏينهن، عمر، شراب جي محفل برپا ڪري، ڪيس نشي ۾ چور بنائي، وزيرن کي پنهنجي ڪم سرانجام ڪرڻ جو اشارو ڪيو؛ جنهن تي وزيرن تميميءَ کي چيو ته ”عمر کي پنهنجي پيڻ جو سڱ توکي ڏيڻ جو شوق آهي، پر فقط اهو ويچار ٿيو ٿئيس ته توکي اڳيئي زال آهي، جنهن جي محبت ۾ گرفتار آهين؛ جيڪڏهن تون انهيءَ کي [پاڻ ڪان] جدا ڪري، عمر جي حوالي ڪرين — جئن هو جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيئي ڇڏي — ته هو هڪدم پنهنجي پيڻ تنهنجي نڪاح ۾ ڏيندو!“ انهيءَ سادي بي نصيب کي، نشي جي حالت ۾ — جنهن ۾ هوش ۽ حواس گم ٿي وڃن ٿا — جيڪي چيائون سو بجا آندائين. جڏهن تميميءَ جي زال [گنگا]، هن جي ڇڏڻ ۽ بخشڻ موجب، عمر جي قبضي ۾ آئي، تڏهن وزيرن جي چوڻ تي، انهيءَ نشي ۾ چور بيهوش کي، ڏاڍيءَ خواريءَ ۽ ذلت سان، غاليچي جي ڪنڊ تان ٽنگ کان گهلي، ڪڍي

ٻاهر اڇلايائون، ۽ چيائونس تہ ”تو جڏهن اڳوڻيءَ زال کي، بنا ڪنهن ڏوهہ جي، محض دولت جي محبت ۾ بخشي ڇڏيو، ۽ وفا جو طريقو – جو مردانہ ڪمن جو خلاصو آهي – بالڪل ڇڏي ڏنو، تڏهن تون سردار جي مائٽيءَ جو لائق ڪيئن ٿيندين؟“ ويچارو، صبح جو جڏهن رات واري نشي کان هوش ۾ آيو، تڏهن انهيءَ ٿيل حادثي کان ڪپڙا ڦاڙي، دهليءَ جي بادشاه سلطان علاؤالدين وٽ فريادي ويو، ۽ دربار مان عمر جي گهرائڻ جو پروانو ڪڍائي موڪليائين. ٿيندي ٿيندي، ٻيءَ ڳالهہ، ٻين سببن سان گڏجي – جي [اڳتي هلي] بيان ٿيندا – انهيءَ قوم جي حڪومت جي زوال جو سبب بڻي.

اگرچ ڪن [تاريخ نويسن] جي لکڻ موجب، هيءَ عمر، سڄيءَ قوم جي سردار ۽ ملڪ جي مالڪ عمر کان پيو آهي، پر ڳالهہ جو بيان ڏيکاري ٿو تہ هيءَ خواہ اڳيون واقعو، خاص عمر سردار سان تعلق رکن ٿا.

”همير“ سومرو پڻ، ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي سرزمين جي ڪنهن حصي تي، عدل ۽ انصاف سان حاڪم رهي ويو آهي. مٿئين عمر کان سندس اڳي يا پوءِ هجڻ، ۽ سندس وقت جو تعين، ڪتابن مان ثابت نہ آهي، پر ڪي چون ٿا تہ هيءَ اهو ساڳيو همير آهي، جو سومرن جو پويون سردار هو. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ هيءَ عمر کان پوءِ آهي – والله اعلم.

مومل ۽ مينڌري جو قصو سندس وقت جي عجائبات مان آهي – جنهن ذڪر ڪجي ٿو.

مومل ۽ مينڌري جو قصو

گوجر بادشاهن جي اولاد مان، ”مومل“ نالي هڪ عورت، پيءُ جي لوٽ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪ تي حڪمراني ڪري رهي هئي، ۽ شهر جي ڪناري تي هڪ عاليشان ماڙي ٺهرائي،

هئائين - انهيءَ جي ٻاهران جادو جي زور تي هڪ دريا بنائي، ان جي گهيرڻ تي ماڙيءَ جو پٿر جو دروازو ٺهرائي ڇڏيو هئائين. دروازي تي پٿر جي ٻن خوفناڪ شينهن جو ڏيکاءُ ڪري، اندر صفحي ۾ ست پلنگ وڇائي ڇڏيا هئائين، جن تي هڪ جهڙا هنڌ پٿاريل هئا - انهن مان، ڇهه ڪچن ڌاڳن سان واڻيل هئا. هرهڪ پلنگ جي هيٺان اونهي کڏ کوٽيل هئي - تنهن کان پوءِ فيصلو ڪيو هئائين ته 'جيڪو ٻ انهيءَ درياءَ ۽ شينهن کان لنگهي، پنهنجي دانائيءَ جي زور تي، اچي سچي پلنگ تي وهندو، تنهن کي هوءَ پنهنجو مڙس ڪري قبول ڪندي!' انهيءَ خواهش ۾ ڪيترا ماڻهو ويا، پر پنهنجي مقصد ۾ ناڪامياب ٿي، عدم آباد ڏانهن روانا ٿيا. هڪ ڏينهن، همير سومرو پنهنجن ٽن وزيرن سان گڏ-جن ۾ سندس سالو ۽ وزير "راڻو مينڌرو" پڻ هئا-شڪار ڪري رهيو هو، ته ڪيس هڪڙو سيلاني جوڳي مليو، جنهن مومل جي حسن جي تعريف ڪري، [ڪيس سندس ديدار جو شوق ڏياريو. همير سومرو، بي اختيار پنهنجا ٽيئي رفيق وٺي، اوڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي اچي مومل جي محلات جي ٻاهران لٿا. خبر ملڻ تي، مومل هڪ هوشيار ٻانهي موڪلي، ته ايندڙن جو احوال معلوم ڪري، انهن جي وڏي ڪي دعوت ڏيئي وٺي اچي. پهريائين همير ٻانهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو-اوچتو ٻانهي اڳ ۾ نڪري ويئي، ۽ هيءُ، طلسمي چوليون هئنڌڙ درياءُ ڏسي، مقصد حاصل ڪرڻ کان سواءِ موٽي آيو، ۽ شرم جو ماريو ڪجهه نه ڪڇيائين! ٻيءَ رات، ٻانهي اچي ٻئي کي وٺي ويئي، جو پڻ ساڳيءَ طرح موٽي آيو. ٽيءَ رات جو، ٽيون ويو ۽ واپس آيو. چوٿين رات راڻو مينڌرو ٻانهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو-ٻانهيءَ دستور موجب اڳ ۾ هلڻ گهريو، پر هن سندس دامن جهلي، پوئتي هٽائيندي چيس ته "ٻانهين کي سردارن کان اڳ ۾ هلڻ نه جڳائي". پوءِ طلسمي درياءَ تي پهچي، حيران ٿي بيهي رهيو-آخر نيزو

جو همٿ ۾ هوس، سو درياء جي اونهائي معلوم ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ هنيائين، ۽ معلوم ٿيس ته انهيءَ پاڻيءَ کي ڪا حقيقت ڪانه هئي، تنهنڪري هڪدم انهيءَ مان اڪتي لنگهي ويو. [پوءِ] دروازي وارن شينهن تي نظر پيس، ته انهن کي پڻ نيزي سان ٺوڪيائين - جڏهن [ڏٺائين] ته اهي پڻ رڳو ڏيک هئا، تڏهن ڪاميابيءَ سان ماڙيءَ ۾ اندر لنگهي ▪ صفحي ۾ گهڙيو. [اتي] ست هڪ جهڙا پلنگ ڏسي، ويچار ڪيائين ته وهڻ لاءِ آخر هڪڙو هوندو؛ متان هن ۾ به ڪا اٽڪل رکيل هجي، سو هرهڪ کي نيزي جي چوڪ ڏيئي، سچو پلنگ معلوم ڪري، انهيءَ تي پلٿ ماري ويهي رهيو. بانهيءَ هن جي احوال ۽ عقلمنديءَ جي ڳالهه وڃي مومل کي ٻڌائي، جا هڪدم ٻاهر نڪري آئي - هو هڪ ٻئي صحبت ۾ پاڻ ۾ ٺهي ويا، ۽ نڪاح ڪري هڪ ٻئي جا طالب ۽ مطلوب ٿيا. ميندرو، اها رات عيش عشرت ۾ پوري ڪري، صبح جو همير سومري ۽ ڀين جي خدمت ۾ پهتو، ۽ کين احوال ٻڌايائين. همير [ٻڌي] چيو ته "جڏهن اها خاص تنهنجي ٿي چڪي، تڏهن توکي گهرجي ته هڪ دفعو ڏ ع جي اجازت اسان کي به ڏين". [انهيءَ تي] ميندرو ٻيءَ رات همير کي ڏنار جي پوشاڪ ۾ پاڻ سان وٺي ويو - انهي بي ادبيءَ ڪري، همير، راڻي [ميندري] تي ڏورو رنج ٿي، کيس پاڻ سان شهر ۾ آڻي ڪٿي نظربند ڪيو.

ميندرو جنهن ته مومل کي دل ڏيئي چڪو هو، تنهنڪري چوڪيدارن کي پاڻ سان ٺاهي، راتو رات ڳجهه ڳوهه ۾ هڪ تکي اٺ تي - جو هڪ رات ۾ پنجن ڏينهن جو اوٺ موٽ جو پنڌ ڪندو هو - سوار ٿي، محبوب جي ديدار مان بهرو حاصل ڪري، موٽي ايندو هو. اتفاقاً، هڪ ڏينهن مومل پيڻ جي ملاقات لاءِ ويئي هئي - ميندرو وڃي واپس موٽي آيو، ۽ شڪ جو شڪار ٿي، ڪاوڙجي، آئينده لا▪ وڃڻ ڇڏي ڏنائين! ٻيڏوهي مومل، ميندري جي انهيءَ رنجش ڪان بيتاب ٿي،

ملڪ ڇڏي، مينڌري جي شهر ۾ آئي ۽ سندس ماڙيءَ جي سامهون ماڙي ٺهرائي، دريون مينڌري جي ماڙيءَ جي درين سامهون ڪرايائين - [انهيءَ خيال ڪان] تہ مانَ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏسي، پنهنجي اکين کي منور ڪندي رهي - پر مينڌري ڪاوڙ ڪان انهيءَ پاسي جون دريون بند ڪرائي ڇڏيون. سومل ٻئي پاسي ڪان ماڙي ٺهرائي، وري بہ دريون مينڌري جي ماڙيءَ جي درين سامهون رکايون. اهڙي طرح چؤطرف ماڙيون اڏايائين، پر ديدار ڪان ناڪامياب رهي. نيٺ، هر طرح مينڌري جو توجهہ پاڻ ڪان هٽيل ڏسي، هڪ درد پري دانهن ڪري، ناڪاميءَ جي حالت ۾ ساهہ ڏنائين! جڏن تہ عاشق جو معشوق جي دل تي پورو اثر هوندو آهي، ۽ هڪ ٻئي سان سندن هڪ قسم جو قلبي اتحاد ۽ عشق ثابت آهي، تنهنڪري جڏهن [هيءَ] خبر وڃي مينڌري کي ٻڌايائون، تڏهن ٻڌڻ سان دانهن ڪري [ڪري پيو ۽] ساهہ محبوب وٽ رسايائين!

هيءُ احوال سنڌي بيتن ۾ مشهور سُر ۾ ڳائيندا آهن، ۽ حال جا صاحب هن مجاز مان حقيقت جو پتو معلوم ڪري، پنهنجو شوق ۽ جذبو وڌائيندا آهن - مثلاً "مقيم" نالي هڪ ماڻهوءَ هيءُ قصو فارسيءَ ۾ نظم ڪري، ان جو نالو "ترنم عشق" رکيو آهي.

ليلا ۽ چنيسر جو واقعو

گذريل زماني جي عجيب واقعن جا داستان لکندڙ، اڳوڻي وقت جي حالات ۾، هن طرح بيان ڪن ٿا تہ صاحب حشمت ۽ ناليري بادشاهہ "ڪنگهار" جي ڌيءَ، "ڪؤنروءَ" نالي [١٤٠]، پنهنجي سوٽ سان مڱيل هئي. هوءَ حسن ۾ بينظير هئي، تنهنڪري پاڻ جهڙين سان هميشه شوخيءَ ۽ غرور سان هلندي هئي. انهن ڏينهن "چنيسر" ديولي حسن،

دولت، وڏي بادشاهت ۽ طاقت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو- وقت جي هر هڪ سهڻي سندس وصال لاءِ خواهان هئي. هڪ ڏينهن، ”جمنيءَ“ نالي هڪ سهيلي ڇوڪريءَ، ڪؤنروءَ کي طعنو هڻي چيو ته ”تنهنجي هن ناز ۽ بيباڪيءَ مان ائين پيو معلوم ٿئي، ته گويا تنهنجي دماغ ۾ چنيسر جي وصال جو خيال سمايل آهي!“ هيءُ طعنو ڪؤنروءَ جي دل ۾ چڀي ويو: اڻ ڏٺو چنيسر تي دل ڦُرائي ويٺي، ۽ وڃي بيحيائيءَ جي حد کي پهتي. سندس ماءُ ”مرڪيءَ“ هيءُ حال معلوم ڪري وڃي راڻي ڪنگهار کي ٻڌايو- چنيسر جو وصال انهيءَ وقت ۾ فخر جهڙي ڳالهه هئي، مگر اهو حيلي کان سواءِ حاصل ٿيڻ وارو نه هو- سو راڻي ڪنگهار، مرڪيءَ کي چيو ته ”ڪؤنرو پاڻ ناڪاميءَ جي ڳليءَ ۾ دربدر ڦري، تنهن کان چڱو ائين ٿيندو ته تون چمڙا پوش ڪري، انهيءَ ملڪ جي واپارين جي لباس ۾، ڪيس پاڻ سان وٺي وڃي ڪا اٽڪل ڪر: ممڪن آهي ته اهو هنيلو تنهنجي ڪنهن اٽڪل جي دام ۾ شڪار ٿي پوي“. هيءُ ٻڌي، مرڪي سارو [ضروري] سامان ساڻ ڪٺي، ڌيءَ سميت، پنهنجو ملڪ ”ڍٽ“ ۽ پربت ندي لتاڙي، ٿوري وقت ۾ ’ديول‘ جي سرزمين تي پهچي، چنيسر جي شهر ۾ آئي؛ ۽ هڪ ماڻهوءَ جي وسيلي، چنيسر جي وزير ”جکري“ ڏانهن سڱابندي جو پيغام موڪليائين. چنيسر پنهنجي زال ’ليلا‘ کي-جا حسن و ادا ۾ ليليٰ کان به ڪٿر هئي- دل ڏيو ويٺو هو، سو جواب ڏنائين تہ ”ليلا کان سواءِ ٻي ڪانه گهرجيم. خبردار، ٻيهر اهڙا لفظ زبان تي نه آڻج، ۽ آيل ماڻهوءَ کي موٽائي ڇڏ- متان ليلا ٻُڌي ڏک پرجي!“

هيءُ جواب ٻڌي، مرڪيءَ سوداگريءَ جو سامان وڪڻي ڇڏيو؛ ۽ هڪ ڏينهن مسافرن وانگيان غريبن جي شڪل ۾ ليلا وٽ حاضر ٿي اچي ليلايائين ته ”مان ۽ منهنجي ڌيءُ، زماني جي حادثن جو شڪار ٿي، وطن کان پري رهجي ويون

آهيون، ڪورڪي ڪم ۾ پنهنجو سٽ پاڻ آهيون. جيڪڏهن غريب نوازي فرمائي، اسان کي ٻانهيون ڪري رکو، ته اهڙي نوڪري ڏينديونسين جا دنيا کي پسند پوندي". ليلا ٻنهي کي پاڻ وٽ رکيو ۽ سندن ڪم کيس پسند آيو- هلندي هلندي آخر ڪؤنرو، چنيسر جي آرام جي بستري [٤١] وڇائڻ جي ڪم تي مقرر ٿي. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، هڪ رات، ڪؤنروءَ کي پنهنجي بادشاهي ۽ شان شوڪت ياد آيا، تنهنڪري اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيس- هيءَ حال ڏسي چنيسر پڇا ڪئي، جنهن تي جواب ڏنائين ته "جنهن هٽ ۾ ڏئي جي وٽ ڪنئي هيم، انهيءَ ئي هٽ سان اک ڪنهي اٿم، تنهنڪري اکين مان پاڻي نڪري آيو آهي". هيءَ ڳالهه ليلا ٻڌي، وڏيڪ زور ڪرڻ لڳي؛ ۽ گهڻيءَ پڇا کان پوءِ، ڪؤنروءَ چيو ته "سچي ڳالهه هيءَ آهي ته 'مان اصل ۾ هڪ ملڪ جي مالڪ جي ڌيءَ آهيان، جنهن وٽ ڏئي جي بدران شب-چراغ موتي ٻرندا هئا؛ هتي ڏئي جي دونهين منهنجو دماغ پريشان ڪيو آهي، سو انهن ڏينهن جي هتان نڪري وڃڻ تي روئي ڏنم'." ليلا هن کان ان دعويٰ جي سچائيءَ جو دليل گهريو؛ هن هڪدم نفيس پٽ [جا ڪپڙا]، جن جهڙا ليلا اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺا هئا، ۽ نوَ لکو هار ڪڍي سندس اڳيان رکيا- ليلا هن قسم جي عجيب شين تي موهجي، انهن جي گهُر ڪئي، جنهن تي ڪؤنروءَ ۽ مرڪيءَ وراڻيو ته "هڪ شرط سان ڏينديونسين، [اهو هي] ته هڪ رات چنيسر اسان کي بخشين"- جئن ته زالون گهٽو ڪري ڪم عقل ٿينديون آهن، سو ليلا به شرط قبول ڪري، هڪ رات، نشي جي حالت ۾ چنيسر کي ڪؤنروءَ جي حوالي ڪيو. چنيسر ساري رات نشي جي بيخبريءَ ۾ گذاري، صبح جو سجاڳ ٿيڻ وقت حيران ٿي پڇيو ته "ڪيچ ۾ ڪير آهي؟" هوڏانهن، ڪؤنروءَ جي ماءُ به سڄي رات ڪؤنروءَ جي واٽ

وڃنندي رهي، ۽ صبح تائين ڏيءَ جي ناڪاميابي ڏسي، پردي جي پويان منڊ پڙهڻ شروع ڪيائين ته ”ليلا جو به عجيب حال آهي، جو چنيسر جهڙو مڙس هارتي وڪٽي ڇڏيو اٿس! چنيسر کي اها خبر نه پيئي آهي، نه ته ههڙيءَ زال ڏانهن توجهه ڪرڻ مردن جي شان وٽان نه آهي!“ — هيءَ ٻڌي، چنيسر ڪئونروءَ ڏانهن رخ ڪري، ڪانئس اول کان آخر تائين، ذري پرزي جو احوال معلوم ڪري چيو ته ”جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تون دلجاءِ ڪر: آءٌ پيهر ليلا جو ناهيان، بلڪ توکي ساهه سنئون گهرندس!“ ليلا هيءَ ٻڌي گهڻائي حيلا هلايا، پر ڪجهه نه وريو — آخر جڏهن دائمي وصال بدران ڪمال جدائيءَ جي [عذاب ۾] گرفتار ٿي، تڏهن گهڻي وقت [ائين] گهارڻ کان پوءِ، موڪل وٺي، پنهنجن پيڪن جي ڳوٺ وڃي، سدائين جدائيءَ ۾ ڳرندي رهي.

هن کان اڳ، جکرو وزير، ليلا جي مائٽن مان هڪ ڇوڪريءَ سان مڱيو هو. ليلا جي واقعي ٿيڻ کان پوءِ، ليلا جي مائٽن ڇوڪري پرڻائي ڏيڻ جي نٿي ڪئي. جنهن صورت ۾ جکري کي انهيءَ سڱ جو ڏاڍو شوق هو، تنهنڪري حيلا هلائيندو ٿي رهيو، پر ڪامياب نٿي ٿيو — ليلا کيس چوائي موڪليو ته ”جيڪڏهن ڪنهن به نموني چنيسر کي پاڻ سان وٺي اچين، [١٤٢] ته پوءِ تنهنجي مائٽيءَ جي آءٌ ضامن آهيان“. هيءُ پيغام ٻڌي، جکرو هزارين منٿون ڪري، چنيسر کي پاڻ سان وٺي، ليلا جي ڳوٺ ۾ آيو. ليلا لباس بدلائي، شاديءَ جو پيغام ڪٽي ايندڙ زالن جهڙا ڪپڙا پهري، منهن تي پردو وجهي، چنيسر جي مجلس ۾ پهتي، ۽ سندس ليلا سان بيوفائيءَ متعلق ڪجهه ڏک ڏوراپا زبانان ڪڍيائين. گفتگو هلندي، هن ڪجهه اهڙو ته ناز و انداز ڏيکاريو، جو چنيسر، انهيءَ چاڻ کان سواءِ ته هوءَ ڪير آهي، مٿس موهجي پيو! جنهن صورت ۾ چنيسر هيءَ سموري بيرخي ۽ بي توجهي

فقط غيرت وچان ڪئي هئي، باقي سندس دل ليلا سان ساڳيءَ طرح ٻڌل هئي. تنهنڪري هن جي (ليلا جي) وصال واري زماني جا حق ياد ڪري، بيخود ٿي ويو، ۽ شرم لڪائڻ خاطر چيائين ته ”اي خوش گفتار تينگري! تون پاڻ سُهڻين جو نڪ آهين، ليلا جي ڳالهه ڪيتري ڪندينءَ؛ آخر پاڻ کان ته واقف ڪر، جو دل توڏانهن تمام مائل ٿي چڪي آهي!“ هن وراڻيو ته ”تو جهڙي بيوفا سان ميلاپ، ڪنهن جي دل چاهيندي؟“ چنيسر هن جي گفتگوءَ کان بي اختيار ٿي، سندس منهن تان پردو پري ڪرڻ گهريو- ليلا جا پنهنجي ڪم جو قاصد پاڻ ٿي آئي هئي، تنهن چنيسر جي شوق جي عين گرميءَ وقت ڪٽي منهن تان پردو لاٿو- چنيسر اهو ڏسڻ سان ته هوءَ ليلا پاڻ آهي، هڪدم پنهنجي دردناڪ دل مان ٿڌو ساهه کنيو، ۽ انهيءَ گهڙيءَ ساهه ڏنائين؛ ليلا پڻ هيءُ حال ڏسي، هڪڙي ئي دانهن ڪري بيجان ٿي زمين تي ڪري پيئي! ٻنهي کي رسم موجب پاهه جو نذر ڪيائون، ۽ هيءُ عجيب واقعو زماني ۾ يادگار رهيو. حال جي صاحبن هن احوال کي سنڌيءَ جي هڪ سُر ۾ ٻڌو آهي، جنهن جي ٻُڌڻ کان ڪين هڪ عجيب حالت پيدا ٿيندي آهي. ادراڪي بيگلار، هيءُ واقعو فارسيءَ ۾ نظم ڪيو آهي- لکندڙ ڊيگهه جي خوف کان هيتري بيان تي اڪتفا ڪري ٿو.

[دلوراءِ]

”دلوراءِ“ مٿئين، ’دلور‘ جي مالڪ، دلوراءِ جي اولاد مان، سومرن جي زماني جو هڪ سردار هو، پر بڇڙن افعالن ڪري، سندس زندگيءَ ۾ ننگ ۽ عار جو چٽو سندس پيشانيءَ تي لڳو، ۽ اروڙ جي ويراني ۽ ٻانڀرا جي برٻادي، سندس ظلم جي هٿان ۽ سندس ذات بدنهاد جي

نحوست ڪان ٿي—جنهن صورت ۾ هي احوال عبرت جا نشان آهن، تنهنڪري سندن مختصر بيان ڪيو وڃي ٿو.

اروڙ جي ويران ٽيڪري جو واقعو

هن بدبخت ظالم جو اهو رستو هو، ته هندوستان مان جيڪو به سوداگر ايندو هو ته لنگهه جي محصول جي انگن ابوابن ۾ سندس اڌ مال ڦري وٺندو هو؛ [تنهن ڪان سواءِ] سيڪنهن جي سهڻي زال زور سان کسيندو هو. هڪڙو عزت وارو ۽ ناليرو سوداگر—جو "سيف الملوڪ" جي نالي سان مشهور هو، ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هو اصل ۾ شهزادو هو، جو سوداگرن جي لباس ۾ بيت الله ڏانهن وڃي رهيو هو—هن نالائق جي ڪارنامن ڪان بيخبر، اچي سندس ملڪ مان لنگهيو. ساڻس گڏ "بديع الجمال" نالي هڪ سهڻي زال هئي. انهن ڏينهن مهراڻ جو پاڻي اروڙ شهر جي ويجهو وهندو هو. [دلوراءِ] بديع الجمال جي حسن جي خبر ٻڌي، هن جي هٿ آڻڻ جي لالچ رکي، سوداگر کي لنگهه جي ابوابن ادا ڪرڻ جي واسطي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. وڻجاري ويچاري، انهيءَ ظالم کي ٽن ڏينهن جي تسلي ڏيئي، ساري رات الاهي درگاه ۾ پاڏايو. جڏهن ته پاڏائيندڙن جي دعا جو تير ضرور قبوليت جي نشان تي پورو لڳندو آهي، تنهنڪري کيس خواب ۾ الهام ٿيو—جنهن تي صبح جو، ماڻهن ڪان لڪ چوريءَ، فرهاد جهڙن ڪاريگر سنگتراشن جي هڪ ٽوليءَ کي وڏي رقم ڏيئي راضي ڪيائين، جن راتو واهه پاڻيءَ کي روڪيندڙ جبل کي وچان ٽڪي، ٻيڙيءَ جو لنگهه تيار ڪري، ٻئي پاسي ڪان مضبوط بند ٻڌي ڇڏيو. اگرچ هي ٻئي ڪم انساني طاقت ڪان ٻاهر هئا، ليڪن خدائي مدد سان، عبرت طور يادگار رهڻ لاءِ، هيءَ سڄو منصوبو هڪ رات ۾ عمل ۾ اچي ويو—ائين به ٿي سگهي ٿو ته تقدير

جا ڪارپرداز هن سڀئي ڪم جا باني ٿيا هجن- بهر حال، سوداگر پيڙين سميت انهيءَ رستي ڪان صاف بچي نڪري ويو ۽ مهراڻ ندي پراڻو رستو ڇڏي، انهيءَ رستي سان وهڻ لڳي، جنهن سان هنئر وهي رهي آهي. صبح جو شهر وارن دلوراءِ کي خبر ڏنائي. هن گهڻي ڪوشش ڪئي، پر تقدير جي معاملي کي ڦيرائي نہ سگهيو- اروڙ شهر جي بربادي جي ابتدا اتان کان آهي.

چون ٿا تہ سيف الملوڪ ڪعبي جي سفر کان موٽي، پنهنجي محبوبہ بديع الجمال سميت اچي ديري غازيخان ۽ سيتپور جي وچ واري پرڳڻي ۾ رهيو، ۽ اتي گذاري ويو. کيس اتي بديع الجمال مان ٻہ پٽ، ”رتو“ ۽ ”چنو“ نالي ڄاوا. هنئر تائين سندس ۽ سندس پٽن جي مزار، مٿئين پرڳڻي ۾، رتي ڪوٽ ۾- جو قديم زماني ۾ هڪ آباد ۽ عاليشان شهر هو ۽ سندس نشان اڃا تائين ظاهر آهن- عام ماڻهن لاءِ زيارتگاه آهي. اها زمين بہ مٿئين دلوراءِ جي بادشاهي ۾ هئي.

شهر ٻانڀرا عرف برهمڻ آباد جي بربادي جو واقعو

چون ٿا تہ مٿيون دلوراءِ، اروڙ شهر جي ويرانيءَ کان پوءِ انهيءَ شهر [ٻانڀرا] ۾ رهڻ لڳو هو. کيس ”ڇٽي“ نالي هڪ ڀاءُ هو، جنهن جو لقب ”امراني“ هو. خداتعاليٰ ان کي ننڍپڻ ۾ اسلام جي توفيق عطا ڪئي، ۽ هن انهيءَ شهر مان نڪري وڃي قرآن شريف ياد ڪيو ۽ اسلام جا عقائد سکيا. شهر ۾ موٽي آيو، تہ سندس مائٽن کيس شادي ڪرڻ لاءِ زور ڀريو، مگر هن قبول نہ ڪيو؛ اتي ڪنهن ماڻهوءَ کيس طعنو هڻي چيو تہ ”هيءُ ترڪ شايد ڪعبي ۾ وڃي ’فلاڻي‘ ناليري عرب جي ڌيءَ سان شادي ڪندو“. حسن اتفاق ڏسو، جو انهي ئي ننڍپڻ جي وقت ۾ کيس حج جو پڪو ارادو ٿيو. اتي پهچي، هڪ عورت کي دڪان تي قرآن [پاڪ] جي تلاوت ۾

مشغول ڏٺائين. هيءَ پڙهڻ واسطي ويهي رهيو. عورت پڇيس ته ”ڇو ويٺو آهين؟“ وراڻيائين، ”قرآن شريف پڙهڻ لاءِ؛ جيڪڏهن ڪرم ڪري مون کي قرائت سيکارين ته غلام رهندس“. عورت چيو ته ”منهنجي استاد ”فلاڻي“ نينگر آهي؛ جيڪڏهن تون ڪپڙا بدلائي، ڇوڪرين جي لباس ۾ ٿي اچين، ته آءٌ توکي اتي وٺي هلان“— اهڙيءَ طرح ڪيس وٺي وڃي انهيءَ نينگر وٽ قرآن [پاڪ] جي پڙهڻ ۾ لڳايائين. اها قاري نينگر نجوم جي علم ۾ ڏاڍي ماهر هئي. هڪ ڏينهن ڪا عورت پنهنجي ڌيءَ جي طالع پڇڻ لاءِ وٽس آئي. واندي ٿيڻ کان پوءِ چنّي انهيءَ قاري نينگر کي چيو ته ”جڏهن توکي ٻين جو حال معلوم ٿي سگهي ٿو، ته ضرور پنهنجي حال جي به توکي واقفيت هوندي!“ [هيءَ پڙهي] قاري نينگر چيو ته ”چڱو جو ياد ڏياريئي“— ۽ هڪدم پنهنجو طالع ڏسي چيائين ته ”منهنجي شادي هڪڙي سنڌ جي رهاڪوءَ سان ٿيندي“. [چنّي] پڇيو، ”ڪڏهن؟“ وراڻيائين، ”عنقريب“. چيائين، ”اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟“ قاري نينگر حساب ڪري چيو ته ”اهو ماڻهو تون آهين!“ جڏهن چنّي جي حال تان پردو کڄي ويو، تڏهن قاري نينگر چيس ته ”اڄ کان پوءِ هتان نڪري وڃ ۽ پيهر نه اچ— هيءَ ڪپڙا لاهي ڇڏ، ۽ منهنجي شاديءَ جي گهُر ڪر: ڇاڪاڻ ته مان تنهنجي قسمت ۾ لکجي چڪي آهيان!“— پوءِ ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي احوال ٻڌائي، توري ئي وقت ۾ چنّي جي نڪاح ۾ آئي.

چنّو ڪجهه وقت کان پوءِ وطن وريو، ۽ زال کي به— جنهن جو نالو ”فاطمه“ هو— پاڻ سان وٺي آيو. دلوراءِ جي شهر ۾ پهچڻ تي، انهيءَ ظالم جو هيءُ دستور ڏسڻ ۾ آيس، ته جيڪا به ڇوڪري نئين پرڻي ٿي، تنهن کي زبردستيءَ گهرائي، پاڻ استعمال ڪري، موٽائي ٿي ڏنائين— چنّو هميشه کيس نصيحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر هو پنهنجن

برن ڪمن ڪان باز نہ آيو- نيٺ هڪ ڏينهن فاطمه جي تعريف ٻڌائين، ۽ اهڙي وقت، جڏهن چنو ٻاهر هو، [وجهه وٺي] هن جي ڏسڻ لاءِ سندس گهر آيو. چني، دل جي صفائيءَ جي مدد سان، هيءُ حال پرپٺ ڏسي ورتو، ۽ هڪدم گهر پهچي، زال کي پاڻ سان وٺي، بنا دير شهر کان ٻاهر نڪتو، ۽ پڙهو ڏياريائين تہ 'حاڪم جي نحوست ڪان، اڄ رات، هيءُ شهر سرنگون ٿي زمين ۾ غرق ٿيندو! جنهن کي بہ انهيءَ [ٿوري] فرصت ۾، هن موت جي دام مان نڪرڻو هجي، تہ ڀلي نڪري'. سندس ڳالهہ تي ڪن ٿورن ماڻهن اعتبار ڪيو: ٻهرين رات، هڪ پوڙهي- جنهن چرخي تي سٽ ٿي ڪتيو- جي جاڳڻ جي برڪت سان، ۽ ٻيءَ رات هڪ چاڪيءَ جي محابي، شهر تان اها بلا ٽري ويئي- نيٺ ٽينءَ رات، سڄو شهر رهاڪن سميت سرنگون ٿي، عدم جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي ويو، فقط هڪ منارو عبرت خاطر يادگار رهيو!

هن قوم جي رئيسن جي عام روش جو ٿورو بيان

چون ٿا تہ هي جاهل، رعيت ۽ ٻائرن کي ڏنيي ڏيئي چوندا هئا تہ "هيءُ اسان جا ٻانها آهن!". پاڻ مٿن تي پڳون ٻڌندا هئا، ۽ ماڻهن کي اڻ ائيل ٿان مٿي تي ويڙهڻ جو حڪم ڏنو هئائون. هي هٿن ۽ پيرن جا ننهن ڀاڙان ڪيارائي ڇڏيندا هئا- چوندا هئا تہ "سردارن ۽ ٻيءَ قوم ۾ هيترو فرق هجڻ گهرجي!" هڪ دفعو عورت ٻار ڄڻيندي هئي، تہ انهيءَ کي وري ويجهو نہ ويندا هئا، بلڪ بيڪار سمجهي ڇڏي ڏيندا هئا، ڪپڙا پڻ پهريون ڌوپ پهري ڪٽي ڦٽا ڪندا هئا.

چون ٿا تہ هڪ دانا عورت کي حمل ٿيو. جنهن صورت ۾ مڙس سان ڏاڍي دل هئس، تنهنڪري اڃي ڳڻتيءَ ورايس تہ ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪيس شايد ڦٽو ڪيو ويندو!

هوءَ هوشيار هئي، سو نيٺ هڪ حيلو سُجهي آيس، [چا ڪيائين] جو مڙس جون قِتي ڪيل چادرون ڌوٻيءَ کي ڏنائين، [١٣٦] جو چڱيءَ طرح ڌوئي ڪٺي آيو، ۽ جڏهن سندس مڙس تڙ ڪري چادرن جي گهر ڪئي تڏهن اهي تازيون تازيون ڪيس ڏنائين. سادو مڙس، اهي چادرون پهري، سندن خوشبو ۽ ملائمت ڏسي، پڇڻ لڳو ته "هيءَ ڪهڙي ڪپڙي جون آهن؟ ڏاڍيون خوشبودار ۽ عجيب نرم ٿيون ڏسجن!" عورت ٻڌايس ته "هيءَ اهي ساڳيون تنهنجون قِتي ڪيل چادرون آهن: خدا تعاليٰ توهان جو عقل ڪسيو آهي، جو ههڙي پاڪيزي لباس کان محروم رهجي ويا آهيو!" مڙس کي هن جي هيءَ معقول ڳالهه آئڙي، ۽ آئيندي لاءِ پنهنجي اڳئين دستور کان دستبردار ٿيو، پين پڻ اها ڳالهه پسند ڪئي.

دانا عورت ڏٺو ته سندس اها رٿ راس ٿي آهي، تڏهن [مڙس کي] چيائين ته "ويابل زال جو پڻ ساڳيو حال آهي!" — جنهن صورت ۾ مڙس هن جي عقلمنديءَ جو قائل ٿي چڪو هو، تنهنڪري هن ڳالهه کي پڻ تجربي ڪرڻ کان پوءِ پسند ڪري، پين کي ٻڌايائين، ۽ اها بد رسم رفتي رفتي گهٽجي سومرن مان نڪري ويئي.

چون ٿا ته سومرا گهڻو ڪري شراب پاڏي جي گوشت سان پيئندا هئا. هڪ ڏينهن ڪنهن سمي جي گهران زوريءَ هڪ ڪونهت ڪٺي، پنهنجي ڪتب آندائون. هن (سمي) جي زال، مڙس کي چيو ته "اڄ هڪڙو ڪونهت ڪٺي ويا، سڀاڻي زال ۽ ڪين ڇڏيندا!" انهيءَ تي مرد غيرت وچان پنهنجي قوم کي گڏ ڪيو، ۽ سومرن جا ڪي سردار ڪُهي، ملڪ، ڳوٺ ۽ گهر ڇڏي لڏي ويا. سومرا سندن پويان گهڻوئي ڊوڙيا ۽ صلح خواه جنگ سان ڪين موٽائڻ چاهيائون، پر ڪجهه نه وريو.

ڪڇ ولايت جي سمن جي هٿ اچڻ جي حقيقت

مٿين قوم جڏهن وچي ڪڇ جي سرزمين ۾ رهڻ لڳي، تڏهن ڪڇ جي واليءَ ساڻن ڏاڍي رعايت ۽ همدردي ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ، هنن ماڻهن چيو ته ”اسان جهڙي هڪ وڏي قوم توهان جي پناهه جي پاڇي ۾ اچي رهڻ لڳي آهي، ڪيستائين توهان کي تڪليف ڏيندا رهنداسون؟ [اسان جي صلاح آهي ته] اسان لاءِ ڪو زمين جو ٽڪرو مقرر ڪيو وڃي، جنهن کي پنهنجي ٻج ۽ خرچ سان آباد ڪري، توهان کي ڏيل ڏيندا رهون“. ڪڇ جي راجا، مهربانيءَ روءِ، زمين جو هڪ ڪشادو ٽڪر ڪين عطا ڪري، مٿن هر هڪ فصل ۾ پنج سؤ گاهه جون گاڏيون مقرر ڪيون، جي سما ماڻهو باقاعدي ادا ڪندا رهيا- ٿوري وقت ۾، حاڪم خواه رعيت جي طور طريقي کان واقف ٿي، پاڻ ۾ ملڪ کسڻ جا پهه پچائڻ شروع ڪيائون.

ڪڇ جي قلعي جي دروازي مٿان، بالڪنيءَ تي، هميشه هڪ نجومي برهمڻ ويٺو هوندو هو، جو آئي وئي [٤٧] کي سندس احوال معلوم ڪرڻ کان پوءِ موڪل ڏيندو هو. هڪڙي فصل ۾، هيءَ ماڻهو گاهه جون پنج سؤ گاڏيون تيار ڪري، هر هڪ گاڏيءَ ۾ ٻه هٿيار بند ماڻهو سمهاري، هڪڙو ماڻهو ظاهر ظهور گاڏيءَ تي وهاري، شهر ۾ وٺي آيا- چون ٿا ته برهمڻ، گاڏين جي اندر گهڙڻ وقت چيو ته ”هن گاهه مان ڪچي گوشت جي بوءِ ٿي اچيم!“ دربانن انڪار ڪندي چيو ته ”گاهه ۾ ڪچي گوشت جو هئڻ ممڪن ئي ناهي“- تنهن هوندي به ڪن ماڻهن احتياطاً گاهه ۾ نيزا چڀايا. ڳالهه ٿا ڪن ته نيزا جڏهن لڪل جوانن جي بدن ۾ چڀيا، رت ۾ پرجي پيا، تڏهن انهن هڪدم نيزن جي چهنبن کي ڪپڙي سان اهڙو ته صاف ڪري موڪليو، جو [رت جو] ڪوبه نشان ڏسڻ ۾ نه آيو! آخر دربانن نجوميءَ کي ڪوڙو

ٺهرائي، گاڏين کي [اندر وڃڻ جي] موڪل ڏني. سڄو ڏينهن گاڏيون اندر وينديون رهيون. رات جو وجهه وٺي، پنج سؤ هٿيار بند ماڻهن، قلعي جي دروازي تي قبضو ڪري، ٻاهرين ڪي پڻ - جي سڏ جي انتظار ۾ هئا - اندر سڏي، ڪڇ جي راجا کي لاهي، [پاڻ] قلعي ۽ ملڪ جا مالڪ ٿي ويٺا - انهن سمن جو نسل اڄ تائين ننڍي خواه وڏي ڪڇ جو مالڪ آهي.

قصو ڪوتاه - جڏهن دلوراءِ جي ظلم ڪان، مهراڻ جو پاڻي سيوستان جي پاسي کان وهڻ لڳو، ۽ هيءَ زمينون جيڪي هاڻي آباد آهن سي آباد ٿيڻ لڳيون، تڏهن سومرن جي زمين خشڪيءَ سبب ويران ٿيڻ لڳي. هوڏانهن ڏنيءَ جي ظلم ۽ زال جي کسجڻ ڪري، تميمي - جنهن جو بيان مٿي تي آيو - دهليءَ جي بادشاه سلطان علاؤالدين جي دربار ۾ دانهن کڻي ويو، جنهن تي ڪن [تاريخ نويسن] جي چوڻ موجب سلطان پاڻ، ۽ ڪن جي چوڻ موجب سالارخان نالي سندس سپه سالار، سومرن تي ڪاهي آيو. سومرا، چارڻ قوم کي - جنهن کي هنن قومون وڏي تعظيم ڏينديون هيون - منٿ ڪري، [پنهنجو] اهل عيال، ابڙي نالي ايراني سمي ڏانهن ڪڇ موڪلي، پاڻ سلطان سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا ۽ جڏهن بادشاهي لشڪر انهيءَ قوم جي مٿان اچي طوفاني بلا وانگر ڪڙڪيو، تڏهن سخت جنگ ڪيائون.

سومره قوم جو سردار "سيڙهه" سومرو، شاهي لشڪر جي غازين جي خونخوار ترار جو لقمو ٿي ويو ۽ ٻين کي محمدطور شهر ۾ رهڻ جي طاقت نه رهي، ۽ لاچار ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا. بادشاهي لشڪر پڻ سندن زالن ۽ ٻارن جي پويان ڪڇ ڏانهن يلغار ڪئي، ۽ جتي ٻه رات رهيا ٿي، اتي دشمن جي راتاهي جي ڀَو کان لشڪر جي چوڌاري کاهي کوٽيائون ٿي - اڄ انهن کاهين مان گهٽيون، اونها دريا ٿي پيون آهن.

ڪچ پهچڻ تي اٻڙي سمي، سومرن جي عيال اطفال مٿان، سلطاني لشڪر سان ڪيئي جنگيون ڪيون.

نينگرين جي زمين ۾ گهوڙي وڃڻ جو احوال

چون ٿا ته انهيءَ پاڙ ۾، سومرن جي اولاد سان ڪي پاڪدامن نينگريون، همراهن کان ڇڄي، شاهي فوج جي چنبي ۾ اچي ڦاٿيون، ۽ خدا ڏانهن متوجه ٿيون. جڏهن فوج کين پڪڙڻ لاءِ ويجهي پهتي، تڏهن اهي پاڪدامن نينگريون، بچڻ جو آسرو لاهي، قادر ڪارساز جي درگاهه ۾ پاڙائي، وڃي انهيءَ جبل ڏانهن ڀڳيون، جنهن ۾ لڪل هيون. قضا الاهي، اهو جبل ڦاٽي پيو، ۽ انهن پردي-وندين کي-جن ڪڏهن به ڪنهن نامحرم جو منهن نه ڏٺو هو-لشڪر جي هٿ کان بچائي، پنهنجي اندر ۾ جاءِ ڏنائين. سندن چادرن جون ڪنڊون، عبرت ۽ يادگار واسطي، ٻاهر رهجي ويئون-اها جاءِ، انهيءَ وقت کان وٺي اڄ تائين، ماڻهن لاءِ زيارتگاهه آهي.

قصو مختصر-سومرا قوم کان پوءِ سما قوم نڪري هن زمين جي وارث ٿي؛ ۽ جڏهن ته سلطاني لشڪر جي آمد سببان ”محمدطور“ شهر ويران ۽ برباد ٿي ويو هو، تنهنڪري ساموئي ۽ ٻيا نوان ڳوٺ آباد ڪري، محمدطور شهر کي-جو درڪ جي پرڳڻي ۾ هو-منحوس سمجهي ڇڏي ڏنائون؛ هنن نئون طور طريقو اختيار ڪيو، جڏهن اڳتي بيان ٿيندو.

[باب ستون]

سمن ڄاسن جو طبقو

[تاريخ نويسن جي] هڪ جماعت، هن قوم جي نسب، کي "عڪرمه" بن عصام (١) بن ابي جهل سان ملائي ٿي جنهن مٿي ذڪر ٿي آيو، پر جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته محمد بن قاسم ثقفيءَ جي اچڻ وقت، هن قوم اڃا اسلام جي تابعداري قبول ڪئي هئي- اها ڳالهه مير معصوم، چچنامي جي حوالي سان بيان ڪئي آهي- تنهنڪري هيءَ [بيان] صحت کان بالڪل پري ٿو ڏسجي؛ ڇاڪاڻ ته عڪرمه جو اولاد ڪئن دين اسلام ڇڏي، ٩٢هه جي لڳ ڀڳ، هيڏيءَ وڏي قوم جي صورت ۾، هڙيءَ پرانهين زمين تي اچي گڏ ٿيو هوندو، جڏهن خود عڪرمه انهيءَ زماني جو همعصر يا انهيءَ زماني کي ويجهو ٿي گذريو هو؟ ۽ سندن نسبت، "سام" بن عمر بن هشام بن ابولهب ڏانهن ڪرڻ، پڻ ساڳئي دليل جي بنا تي نامقبول آهي؛ تنهنڪري، جنهن [تاريخ نويس] چيو آهي ته هيءَ "جمشيد" ڏانهن منسوب آهن ۽ ڄام جو لقب انهيءَ ڏانهن اشارو آهي- تنهن جو چوڻ صحيح سمجهي سگهجي ٿو. هڪڙي بزرگ کان

(١) غلط آهي، بلڪ عڪرمه پاڻ ابوجهل جو پٽ هو. هو مڪي شريف جي فتح کان پوءِ اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ ٦٢ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ١٣هه ۾ يرموڪ واريءَ مشهور لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو ("اڪمال في اسماء الرجال" ۽ "الاصابه في معرفة الصحابة"، وغيره).

[هئن ۾] روايت آهي تہ هيءَ اصل ۾ سام جو اولاد آهن، جو "سام بن نوح" جي اولاد مان هو (۱)، جئن [هن قوم جي] شجري ۾ لکيل آهي، انهيءَ ڪري ڪين "سما" لقب مليل آهي — وَذٰلِڪَ عِلمُ اللهِ وٽ آهي.

ڄام انڙ بن ٻانڀڻيو (۲)

سومرن جي زور ختم ٿيڻ کان پوءِ، سمن ماڻهن — جي اڳ رعيت جي حالت ۾ ڪيتيءَ تي گذران ڪندا هئا — گڏ ٿي،

---

(۱) اسان جي خيال ۾ صحيح قول بہ اهوئي آهي، باقي ٻيون روايتون سڀ ڏڪا ۽ واهيات آهن. سما بہ سومرن وانگيان اصل سنڌي هندو هئا. هو محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام ۾ داخل ٿيا. پهريائين سومرن جا ٻانهن ٻيلي ۽ سندن بازو هئا، پر پوءِ هنن جي بد اعمالين کان تنگ ٿي، سندن برخلاف بغاوت ڪري، ڪين تخت تان لاهي، پاڻ حڪومت جا مالڪ ٿيا.

يا تہ، جئن مٿي سومرن جي بيان ۾ لکي آيا آهيون، سما اصل سميرين يا ساميِ قوم مان آهن، ۽ قديم زماني کان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن.

(۲) اصل نسخه ۾ "پانيه" آهي. تاريخ معصومي ۾ "پانيه" جي بدران "بانبيه" لکيل آهي. تحفةالڪرام جي مير مراد عليءَ خان واري نسخي ۾ سيني جاين تي ۽ بمبئي واري ڇاپي ۾ صفحي ۳۱ تي "بانبينه" آهي. "مبارڪشاهي" (ص ۱۳۱) "بانبهنيہ"، ۽ "تاريخ فيروز شاهي" مؤلفه سراج عفيف "بانبهينہ" لکيو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي ("تعليقات معصومي"، ص ۲۹۵) هن لفظ جو تلفظ "بانبهہ" يا "بنبہ" (ٻنڀيو) ڪري ٿو، ۽ سندس چوڻ موجب اهائي صورتخطي درست ٿي سگهي ٿي؛ ڇاڪاڻ تہ اڄ تائين سنڌ جي ڄامن ۾ اهو نالو انهيءَ تلفظ (ٻنڀيو) سان هلندو ٿو اچي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "بانبهنيه" پڙهڻ کي ترجيح ڏني ٿو، جا درحقيقت سنڌي نالي "ٻانڀڻيه" جي فارسي صورتخطي آهي. "ٻانڀڻيو" نالو اڃا تائين سمات قوم ۾ عام مروج آهي.

هن (چام انڙ) ڪي ”چام“ جو لقب ڏيئي، پنهنجو سردار ڪيو—اهو ٧٥٢ھ ۾ ٿيو. متئين چام ٿورن ڏينهن ۾ وڏي طاقت پيدا ڪري، ”ملڪ رتن“(١) ۽ ٻين انهن ترڪ آفيسرن

(١) ابن بطوطه جو سنڌ ۾ سنه ٧٣٤ھ ۾ آيو هو، سو چام انڙ جي هٿان ملڪ رتن جي ڪسڻ جو واقعو هن طرح بيان ڪري ٿو: ”هن شهر (سيوهڻ) ۾، امير ونار (انڙ) سامري ۽ امير قيصر رومي رهندا هئا. ٻئي، سلطان (محمد شاه تغلق) جي نوڪري ۾ هوندا هئا. هنن وٽ اٽڪل هڪ هزار اٺ سؤ سوار هئا. اتي رتن نالي هڪ هندو ڪافر به رهندو هو، جو حساب ڪتاب ۾ ڏاڍو ڀڙ هو—اهو (رتن) ڪنهن امير سان گڏجي سلطان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هو بادشاه کي وڻي ويو، جنهن کيس ”سنڌ جو سردار“ جو لقب ڏيئي، انهيءَ ملڪ جي گورنري عطا ڪئي، ۽ کيس سيوستان ۽ ان جي آسپاس وارا پرڳڻا جاگير ڏنا؛ تنهن کان سواءِ جيڪي درجا وڏن اميرن کي ڏنا ويندا آهن—جهڙوڪ نغارا، جهنڊا وغيره—سي پڻ کيس عطا ڪيا. هو سنڌ ۾ موٽي آيو ته انڙ، قيصر ۽ ٻين کي، ڪافر کي وڌائڻ ڏکيو لڳو، ۽ هنن سندس قتل جو ٺهراو ڪيو. هن جي واپس اچڻ کان پوءِ ٿورا ڏينهن رکي، کيس سنڌ جي ڀراڙين ۾ نڪري حال احوال معلوم ڪرڻ جي صلاح ڏنائون، جنهن تي هو ساڻن گڏجي ٻاهر نڪتو. رات ٿيڻ تي وٺي شور ڪيائون ته هُن تي ڪنهن شينهن حملو ڪيو آهي—۽ انهيءَ گوڙ ۾ ڪافر جي تنبوءَ ۾ وڃي، کيس قتل ڪري، شهر ۾ موٽي آيا ۽ اچي سلطان جي خزاني تي قبضو ڪيائون، جو ٻارهن لک هو. ماڻهن چام انڙ کي پنهنجو سردار بنايو ۽ سندس نالو ”چام فيروز“ رکيائون. هن سمورو مال لشڪر ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هو اچي ڊنو: ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ڪٽنب کان پري هو، انهيءَ ڪري هو پنهنجا مٽ مائٽ—جي ساڻس گڏ هئا—ساڻ وٺي، پنهنجي قوم ڏانهن هليو ويو. باقي پوئتي رهيل ماڻهن ”قيصر“ کي پنهنجو سردار بڻايو. هيءَ خبر سلطان جي غلام ”عماد الملڪ سرتيز“ کي—جو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو اميرالامرا هو، ۽ ملتان ۾ رهندو هو—پيئي، ته هو بحري ۽ بري لشڪر تيار ڪري

(ڏسو حاشي صفحو ١٢٤)

سان - جيڪي سيوهڻ ۾ آفيسر هئا - جنگ ڪري، ڪين قتل ڪري ڇڏيو. آخر ٽي سال ۽ ڇهه مهينا حڪومت ڪري، گذاري ويو.

ڪن جو چوڻ آهي ته سنڌس وڪيل ”ڪاهي بن تماچيءَ“ جي ماڻس دشمني هئي، تنهن علي شاه ۽ ملڪ فيروز کي بکر مان بهرام پور آڻي، کيس قتل ڪرايو، ۽ تن ڏينهن کان پوءِ، انڙ جي ماڻهن اچي ملڪ فيروز کي ڪُٺو.

روانو ٿيو. ملتان ۽ سيوستان جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو پنڌ آهي. هيڏانهن قيصر به مقابلي لاءِ ٻاهر نڪتو. لڙائي لڳي جنهن ۾ قيصر بريءَ طرح شڪست کائي وڃي قلعي ۾ بند ٿيو. هن کيس گهيرو ڪري منجنيقون کڙيون ڪيون. آخر چاليهن ڏينهن کان پوءِ هنن تنگ ٿي امان گهري. سرتيز هنن کي امان ڏني، پر جڏهن هو لهي آيا تڏهن سندن مال ضبط ڪري کين قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. هر روز انهن مان ڪن چونڊ ماڻهن کي قتل ڪرائيندو، ۽ ٻين جون کلون لهرائي ٻُهه سان ڀرائي قلعي جي ڀت تي ٽنگائيندو هو؛ جنهنڪري قلعي تي گهڻي ڀاڱي کلون ٽنگيل ڏسڻ ۾ اينديون هيون ۽ ڏسندڙ ڊڄي ويندا هئا! انهن جا سر شهر جي وچ ۾ ڍير ڪرايا هئائين، جيڪي ٽڪريءَ وانگيان ڏسڻ ۾ ٿي آيا. مان هن واقعي کان ٿورو پوءِ شهر جي هڪ وڏي مدرسي ۾ اچي لٿس ۽ رات جو انهيءَ جي ڇت تي سمهندو هوس. جڏهن به جاڳندو هوس ته انهن ٽنگيل کلن تي نظر پوندي هئي، جنهنڪري دل گهٻرائجي ويندي هئي. آخر مدرسي ۾ رهڻ دل گوارا نه ڪيو ۽ وڃي ٻئي هنڌ رهيس“ - (بحواله ” تعليقات معصومي“).

ابن بطوطه، ڄام انڙ کي سامري (سومرو) سڏيو آهي، جا سندس ڀل آهي. هو اصل سمو هو، پر سندس سرداريءَ بابت سومرا پڻ متفق هئا؛ تنهنڪري ابن بطوطه کيس سومرو سمجهي ويٺو آهي.

ابن بطوطه سنڌ ۾ سنه ٧٣٤هه ۾ آيو هو ۽ ملڪ رتن - جي ڪسڻ جو واقعو سندس اچڻ کان ٿورو اڳ - ٿي چڪو هو تنهنڪري مير قانع جو ڄام انڙ جي تخت نشينيءَ جو سنه ٧٥٢هه ۾ لکڻ پڻ غلط آهي.

ڄام جوڻو بن ٻانڀيڻو

ٻاءُ کان پوءِ ملڪ جو وارث ٿي، وڏو لشڪر ساڻ وٺي، ٺٽي وٽان درياءُ ٽپي، اچي ٻکر جي ڳوٺن ۾ ڦرلٽ ۽ قتلام شروع ڪيائين – ترڪ لاچار ٿي ڇڏي ويا. هيءُ پوءِ [٤٩] سنڌ ۾ خودمختيار ٿي رهڻ لڳو. نيٺ سلطان علاؤالدين پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي ملتان پرڳڻي جو گورنر مقرر ڪيو، جنهن ”ملڪ تاج ڪافوري“ ۽ ”تاتارخان“ کي، ڄام جوڻي جي ڪڍڻ لاءِ سنڌ موڪليو؛ پر ڄام جوڻو هن کان اڳيئي فوت ٿي ويو هو(١). سندس حڪومت جو عرصو تيرهن يا چوڏهن سال رهيو(٢). شاهي لشڪر، ٻکر وٺي سيوهڻ ۾ اک وڌي.

ڄام تماچي

ڄام جوڻي کان پوءِ، ”ڄام تماچي“ بن ڄام انڙ حڪومت جي تخت تي ويٺو. سلطان (علاؤالدين) جو لشڪر کيس اهل عيال سميت قيد ڪري، دهليءَ وٺي ويو(٣).

(١) ڄام جوڻو خناق جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو هو(”تاريخ معصومي“، ص ٦٣). (٢) مير معصوم پنهنجي تاريخ (ص ٦٣) ۾، بغير ڪنهن شڪ جي، سندس حڪومت جو عرصو تيرهن سال لکيو آهي. (٣) هيءُ بيان پڻ ڪابه تاريخي وقعت نٿو رکي؛ ڇاڪاڻ ته سلطان علاوالدين سنه ٧١٥ هه ۾ گذاري ويو، ۽ ڄام تماچيءَ جي حڪومت غالباً سنه ٧٥٠ هه کان شروع ٿي هوندي. ساڳيءَ طرح ڄام جوڻي جي ڪڍڻ لاءِ ملڪ تاج ڪافوري ۽ تاتارخان جو مقرر ٿيڻ پڻ غلط آهي؛ ڇو ته ڄام جوڻي جي حڪومت ڪنهن به حالت ۾ سنه ٧٣٤ هه کان اڳ ۾ شروع نٿي سگهي- پوءِ ڪئن چئي سگهبو ته سلطان علاوالدين پنهنجي ڀاءُ کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو، جنهن وري ڄام جوڻي کي سنڌ مان هڪالي ڪڍڻ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا؟ مطلب ته سمن جي سچي تاريخ موجود نه هجڻ ڪري، هي مؤرخ رڳو ڳوڙا هڻي رهيا آهن.

[ڄام ٻانڀيو]

سما قوم ٽرڙيءَ ۾ گذارڻ لڳي، ۽ ڄام ٻانڀيي ٻن ڄام اٺ پندرهن سال مٿن سرداري ڪئي.

ڄام خيرالدين بن تماچي

مير معصوم جي چوڻ موجب– ”ڄام خيرالدين“ ولد ڄام تماچي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ، بادشاه جي حڪم سان، دهليءَ کان سنڌ ۾ اچي، [ملڪ تي] متصرف ٿيو. [هن جي ڏينهن ۾] سلطان محمدشاه، طغي غلام جي پويان پئي– جئن مٿي بيان ٿي آيو– ٺٽي جي سر زمين ۾ پهتو ۽ اتي گذاري ويو. سلطان فيروز سنڌس جانشين ٿي، دهليءَ واپس وريو. ڄام خيرالدين ”سن“ تائين سنڌس تعاقب ڪري، ٻه ٽي دفعا ڪجهه ٽڪرا کائي واپس موٽي آيو. هن رعيت کي عدل ۽ انصاف سان خوش رکيو. نقل آهي ته هو هڪ ڏينهن سير تماشي لاءِ نڪتو، ۽ هڪ کڏ ۾ ڪجهه هڏا پيل ڏسي، ٿورو وقت بيهي، حاضرين ڏانهن منهن ڪري چيائين ته ”ڪي مظلوم آهن، جي انصاف گهري رهيا آهن!“ جاچ مان معلوم ٿيو ته ست سال اڳ هتي گجرات جو هڪ قافلو لٽيو ويو هو ۽ ماڻهو ماريا ويا هئا– هن مال ڇڏائي، وارثن ڏانهن موڪليو، ۽ قاتلن کان قصاص ورتو.

ڄام ٻانڀيو

خيرالدين کان پوءِ هن جو پٽ ”ڄام ٻانڀيو“ گاديءَ تي ويٺو. [هن جي ڏينهن ۾] سلطان فيروزشاه هڪ دفعو اچي موٽي ويو، ۽ ٻئي دفعي کيس قيد ڪري وٺي ويو(١). ٿوري

(١) هن متعلق مير قانع جو(ص ٣٣ تي) بيان ٻي طرح آهي– اتي لکي ٿو ته ”[سلطان فيروز] سنه ٧٧٢ هه ۾ نگرڪوٽ جو ارادو رکي، ٺٽي پهتو؛ ۽ ٺٽي جو حاڪم ڄام خيرالدين ”آب“ جي قلعي ۾ لشڪر وٺي (ڏسو حاشي صفحو ١٢٧)

وقت ڪان پوءِ سندس حسن خدمتون (چڱيون نوڪريون) ڏسي، ڪيس چٽ عنايت ڪري، سنڌ جي حڪومت تي موڪليائين. هو پندرهن سال حڪومت ڪري گذاري ويو. ”ساموئي“ جو شهر هن بڏايو هو-ڪي چون ٿا ته بڏايل پنهنجي بن انڙ جو آهي، پر هن انهيءَ کي وڌايو هو.

قلعي بند ٿي ويهي رهيو. سلطان اناج جي قلت ۽ مڇرن جي ڪثرت ڪان مجبور ٿي، وري ٺٽي موٽي آيو. ڄام خيرالدين امان وٺي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن کي [سلطان] پنهنجي زميندارن سان گڏ دهليءَ وٺي ويو. سيوهڻ وٽ ڄام جي پڇي وڃڻ جو ارادو معلوم ٿيس، ته کيس ڪٽي گهٽ ۽ پيڙيون وجهايائين. ٿوري وقت ڪان پوءِ خيرالدين جي پٽ ڄام جوڻي کي سروپا پهرائي، سنڌ جي حڪومت واسطي روانو ڪيائين“- هن عبارت سان صاف ظاهر آهي ته سلطان فيروز ڄام خيرالدين کي قيد ڪري وٺي ويو؛ ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ سندس پٽ جوڻي کي سنڌ تي حاڪم ڪري موڪليائين- گويا ڪ ڄام خيرالدين دهليءَ ۾ وفات ڪري ويو-مگر هتي ساڳيو مير قانع انهيءَ بيان جي خلاف لکي رهيو آهي ته سلطان فيروز، ڄام خيرالدين ڪان پوءِ، سندس پٽ پنهنجي ڏينهن ۾ آيو ۽ ڪيس گرفتار ڪري وٺي ويو: مٿي لکيائين ته سلطان، ڄام جوڻي کي حاڪم ڪري موڪليو؛ ۽ هت ويتو لکي ته ڄام پنهنجي جون حسن خدمتون ڏسي، ڪيس چٽ عنايت ڪري، سنڌ جي حڪومت تي روانو ڪيائين؛ ۽ ڄام جوڻي جو سڀني حاڪمن جي بيان ۾ سورڳو ذڪر ئي نٿو ڪري، ساڳيو حال مير معصوم جو آهي: اهو به پنهنجي تاريخ جي صفحي ٥١ ۾ مير قانع جي پهرئين بيان سان همنوا آهي ۽ صفحي ٦٥-٦٦ تي وري ساڳيو انبن لکي رهيو آهي، جئن مير قانع جو پويون بيان آهي.

(ڏسو حاشي صفحو ١٢٨)

چام تماچي

چام ڄنيي کان پوءِ سندس ڀاءُ ”چام تماچي“ حڪمران ٿيو، ۽ تيرهن سال آرام سان گذاري، گذاري ويو.

[چام صلاح الدين]

انهيءَ [چام تماچي] کان پوءِ سندس پٽ چام ”صلاح الدين“ گاديءَ تي ويٺو. هن، سنڌ جي بندوبست کان پوءِ، ڪڇ تي ڪاهيو ۽ فتح سان موٽي آيو. هو پندرهن سالن کان پوءِ وفات ڪري ويو (١).

درحقيقت هي ٻئي مورخ هڪ زبردست ڏوکي جو شڪار ٿيا آهن، ۽ هڪ واقعي کي ٻه واقعا سمجهي، دهرايو اٿن. ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب جي خيال موجب، چام خيرالدين ۽ چام ڄنيي (جنهن کي مير قانع چام ”بانڀڻيه“ سڏي ٿو ۽ جو غالباً چام خيرالدين جو وڏو پٽ آهي) جو زمانو ساڳيو آهي. هو ٻئي پيءُ پٽ گڏجي حڪومت ڪندا هوندا. ساڳي طرح چام تماچي ۽ چام جوڻي جو زمانو به هڪ آهي (”تعليقات معصومي“، ص ٢٩٩-٣٠٠). جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب جو اهو خيال صحيح آهي ته پوءِ ميڙو پوندو ته سلطان فيروز شاه سنڌ ۾ اچڻ وقت ڄنهي پيءُ پٽن کي گرفتار ڪري، دهليءَ وٺي ويو هوندو. پوءِ، ”تاريخ فيروز شاهي“ جي مصنف شمس سراج عفيف جي بيان (ص ٢٥٣) موجب، چام تماچيءَ جي باغي ٿيڻ تي پهرياڻين چام خيرالدين کي سنڌ جي موڪل ملي، جنهن چام تماچيءَ کي گرفتار ڪري، دهليءَ موڪليو، ۽ پاڻ سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو؛ وري جڏهن سنه ٧٩٠هه ۾ سلطان تغلق شاه گاديءَ تي ويٺو، تڏهن انهيءَ چام ڄنيي کي سفيد چٽ پهرائي ٺٽي روانو ڪيو، ۽ هو رستي ۾ گذاري ويو.

(١) مير معصوم پنهنجي تاريخ (ص ٦٦) ۾ هن چام جي حڪومت جو عرصو يارهن سال ۽ ڪي مهينا لکيو آهي. ساڳيءَ طرح، نسخي ”ن“ ۾ پڻ يارهن سال لکيو آهي.

"حديقة الاوليا" جي مصنف، شيخ حماد جماليءَ جي ڪرامتن ۾ لکيو آهي ته ڄام جوڻي، ڄام تماچيءَ ۽ هن جي پٽ صلاح الدين کي قيد ڪري دهليءَ موڪليو هو، جتان هو مٿئين شيخ (حماد) جي دعا سان، قيد و بند مان آزاد ٿي سنڌ ۾ پهتا، ۽ جوڻي کي ڏاهي ملڪ جا وارث ٿيا. پهريائين پيءُ، پوءِ پٽ پنهنجي حڪومت جو وارو ڪاميابيءَ سان وڃايو. [هن ڳالهه جو] مٿئين بيان [۵۰] سان - جو "معصوميءَ" تان [ورتل] آهي - پورو اختلاف ظاهر آهي (۱)؛ ۽ علم الله وٽ آهي.

"نُوريءَ" جو قصو

[نوري] ذات جي گندري، 'ڪنجهر' ڍنڍ جي مهاڻن جي ڇوڪري [هئي، جنهن] ڄام تماچيءَ جي صبر ۽ سڪون تي ڏاڙو هنيو هو - ڄام تماچيءَ جي ساڻس عشق ۽ بيقراريءَ جو قصو، سنڌي زبان جي بيتن ۾، هڪ خاص سر ۾ مشهور آهي - ڄام هن جو سڱ سندس مائٽن کان ورتي، کيس پنهنجي پٽ-راڻي بڻائي، ڪنجهر جي ڪناري تي سندس لاءِ عاليشان ماڙي ٺهرائي. ٻنهي جون قبرون مڪليءَ تي، شيخ حماد جماليءَ جي پيرانديءَ وٽ، هڪ حجري ۾ يادگار طور باقي آهن.

[ڄام نظام الدين]

ڄام صلاح الدين کان پوءِ، سندس پٽ "ڄام نظام الدين" حڪومت جي تخت تي ويهي، پنهنجن چاچن - سڪندر، ڪرن، ٻهاؤالدين ۽ آمر - کي قيد مان ڪڍي، هر هڪ

(۱) "تاريخ فيروز شاهي" (تاليف سراج عفيف) جو بيان - جيڪو مٿي حاشيءَ تي ذڪر ٿي آيو - هن روايت جي تائيد ڪري ٿو؛ البت انهيءَ بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته ڄام تماچيءَ کي ڄام خيرالدين قيد ڪري دهلي موڪليو هو، نه ڄام جوڻي.

ڪي ڏار ڏار پاسن ڏانهن موڪلي، ملڪ جو ڪاروبار هڪڙي منشيءَ جي حوالي ڪري. [پاڻ] عيش عشرت کي لڳي ويو. ٻن سالن ۾ ڪجهه مهينن کان پوءِ سندس چاچا کيس غافل ڏسي، لشڪر وٺي شهر ۾ گهڙي پيا. ڄام نظام‌الدين وٺي ڀڳو. سندس چاچا پنهنجي لشڪر... پر ڄام نظام‌الدين گجرات ڏانهن نڪري ويو، ۽ رستي ۾ گذاري ويو.

[ڄام علي شير]

شهر جي مکيه ماڻهن، هيءَ بد انتظامي ڏسي، ڄام "علي شير بن تماچيءَ" کي گمناميءَ جي گوشي مان ڪڍي، حڪومت جي تخت تي وهاريو. هن ملڪ جو ضابطو ۽ انتظام ٺيڪ ڪري، آرام سان وقت گذارڻ شروع ڪيو، ۽ رات جو ڪن ڳاٽ ڳنڍين ماڻهن سان چانڊوڪيءَ جي سير تي نڪرندو هو. ڄام تماچيءَ جا پٽ سڪندر، ڪرن ۽ فتح خان (١)- جي رٽن پٽن ۾ سرگردان رهندا هئا- ڄام علي شير جي هن حال کان واقف ٿي، راتين جو پنڌ ڪري ڏينهن جو جهنگلن ۾ لڪي اچي شهر جي ويجهو پهتا ۽ شهر جي ماڻهن جو هڪ ٽولو پاڻ سان متفق ڪري، چنڊ جي تيرهين تاريخ، جمعي رات، جڏهن ڄام علي شير پنهنجي دستور موجب هڪ ٻونڊڙيءَ ۾ سير ڪري رهيو هو، تڏهن کيس جهلي قتل ڪيائون. علي شير جي حڪومت جو زمانو ست سال هو.

(١) ڄام فتح خان، ڄام تماچي جو پٽ نه، پر پوٽو ۽ ڄام سڪندر جو پٽ هو، جئن تاريخ معصومي (ص ٨٢) ۾ ڄاڻايل آهي- ۽ خود هن ڪتاب ۾ به اڳتي ايندو- شايد هتي پٽ مان مراد اولاد ورتي ويئي آهي، جنهن ۾ پوٽو به اچي وڃي ٿو.

[ڄام ڪرن]

انهيءَ [ڄام علي شير] کان پوءِ ڄام ”ڪرن“ حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. هيءُ شهر جي مکيه ماڻهن کان ناراض هو. اتفاقاً انهي ئي ڏينهن، يا ٻئي ڏينهن، فتح خان بن سڪندر جي اشاري سان، کيس طهارتخاني جي دروازي تي ڪٺائون (١).

[ڄام فتح خان]

[ڄام ڪرن کان] پوءِ ڄام ”فتح خان“ بن سڪندر پندرهن سال (٢) [حڪومت هلائي].

[ڄام تغلق]

تنهن [ڄام فتح خان] کان پوءِ ڄام ”تغلق“ بن سڪندر بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو - تغلق آباد جو قلعو عرف ”ڪلان ڪوٽ“ انهيءَ جو اڏايل هو، جو اڄ پورو رهجي ويو (٣).

---

(١) تاريخ معصومي (ص ٨٢) جي لکڻ موجب، کيس فدائين جي جماعت، شهر جي مکيه ماڻهن جي ترغيب ڏيڻ تي، قتل ڪيو هو.

(٢) تاريخ معصومي [ص ٨٤] موجب، هن ڄام جي حڪومت پندرهن سال ۽ ڪي مهينا رهي. صاحبقران امير تيمور گورگان جو ڏهٽو مرزا پيرمحمد، هن ڄام جي ڏينهن ۾ ملتان ۽ اچ تي ڪاهي آيو هو، جنهن جو بيان مٿي ئي آيو آهي (”تاريخ معصومي“، ص ٨٣-٨٤).

(٣) هن هرهڪ پرڳڻي ۾ ٺاڻو قائم ڪيو. سندس حڪومت جو عرصو ٢٨ سال هو (”تاريخ معصومي“، ص ٨٥). هن جي ڏينهن ۾ دهليءَ جي شهنشاهت جو زور ٽٽي چڪو هو، تنهنڪري هن اوڏانهن آسرو پلي گجرات جي بادشاهن سان ناتو ڳنڍيو. هن کان پوءِ جيڪو به سمون حاڪم تخت تي ويهندو هو، گجرات جي سلطانن سان تعلقات رکندو ايندو هو (”تعليقات معصومي“، ص ٣٧١-٣٧٢؛ بروايت ”تاريخ فرشته“)،

[ڄام سڪندر]

[ڄام تغلق کان] پوءِ، ڄام ”سڪندر بن فتح خان“ (١) حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. هيءَ تمام ننڍو هو، تنهنڪري سيوهڻ ۽ بکر جي حاڪمن سندس تابعداري قبول نه ڪئي. [هن مٿن چڙهائي ڪئي ۽ اڃا] نئين ڪان نڪري نصرپور تائين مس پهتو هو، ته [پويان] مبارڪ نالي ڄام تغلق جي هڪ دربان، بغاوت ڪري، پاڻ کي ”ڄام مبارڪ“ جو لقب ڏنو. ٺٽي جي مکيه ماڻهن، ٽن ڏينهن اندر، هن کي ڪڍي، سڪندر کي گهرايو[٥١]. سڪندر ڏيڍ سال راڄ ڪري گذاري ويو.

[ڄام رائڏنو (٢)]

سڪندر جي فوت ٿيڻ جي خبر ٻڌي، ڄام ”رائڏنو“ - جو ڄام تغلق جي ڏينهن ۾ ڪڇ ۾ رهندو هو، ۽ انهن ماڻهن سان لاڳاپو پيدا ڪيو هئائين - لشڪر گڏ ڪري اچي شهر ۾ سهڙيو؛ ۽ چيائين ته ”حڪومت ڪرڻ لاءِ نه، بلڪ مسلمانن جي ننگ ۽ ناموس کي بچائڻ لاءِ آيو آهيان: توهان جنهن کي به تخت تي وهاريندا، پهريائين آءٌ انهيءَ جي بيعت ڪندس“. [شهر جي] سربرآوردن ڪيس ئي حڪومت لاءِ چونڊيو. هن ڏيڍ سال جي عرصي ۾ سڄي سنڌ ملڪ کي، سمنڊ کان وٺي ماٿيلي ۽ اپاوڙي جي سرحد گاجريلي

(١) مير معصوم، ڄام سڪندر کي ڄام تغلق جو پٽ لکي ٿو ("تاريخ معصومي"، ص ٧٠).

(٢) "طبقات اڪبري" جي مصنف ۽ "فرشته" هن ڄام جو بيان بالڪل ڪونه ڪيو آهي. "آئين اڪبري" ۾ هن کي سنجر جو همنام ڄاڻايو ويو آهي- "سنجر" عرف "رادهن". "مآثر رحيمي" (ج ٢، ص ٢٢١)

(ڏسو حاشي صفحو ١٣٣)

۽ ڪنديءَ تائين، صاف ڪري ڇڏيو. سنڌس حڪومت کي ساڍا اٺ سال گذريا هئا، ته سنڌس خاص ماڻهوءَ ڄام سنجر کي اچي بادشاهيءَ جو شوق جاڳيو، ۽ هن (ڄام رائڏنو) کي شراب ۾ زهر ملائي ڏنائين، جنهنڪري ٽن ڏينهن ۾ گذري ويو.

ڄام رائڏني جو عربي نالو "ڄام نظام الدين" لکيو آهي - جيڪڏهن ڄام رائڏني جي ميدان ۾ اچڻ جو سال ٨٥٨هه ("تاريخ معصومي"، ص٨٥) صحيح آهي، ۽ جيڪڏهن ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊو جي تخت نشينيءَ جو سال ٨٦٦هه ("تاريخ معصومي"، ص٨٨) پڻ درست آهي، ته پوءِ ڄام رائڏني جي ميدان ۾ اچڻ ۽ ڄام نظام الدين جي تخت تي وهڻ ۾ فقط اٺ سال رهن ٿا؛ ۽ ڄام سنجر جي حڪومت جو عرصو به اٺ سال آهي - جئن هيٺ اچي ٿو - تنهنڪري اسان کي ڄام رائڏنو ۽ سنجر هڪڙو ئي تسليم ڪرڻو پوندو. اهو اندازو تڏهن صحيح ٿيندو، جڏهن ڄام نظام الدين جي وفات سنه ٩١٣ هه ۾ مڃبي - جئن "تحفة الڪرام" (ج ٣، ص ٣٣) ۽ "تاريخ طاهري" (ص ٧٠) وغيره ۾ لکيل آهي - ڇاڪاڻ ته مير قانع، تحفة الڪرام (ج ٣، ص ٥٣) ۾ سنڌس حڪومت جي عرصي بابت لکي ٿو ته "وڌيڪ صحيح ائين آهي ته پنجاهه کان گهٽ ۽ چاليهن کان مٿي آهي"؛ مير معصوم پڻ تاريخ معصومي (ص ٨٩) ۾ هن جي حڪومت جي مدت ٤٨ ورهيه لکي آهي: پر جيڪڏهن هن جي وفات جو سال ٩٢٣هه آهي - جئن تاريخ معصومي (ص ١٣٤) مان معلوم ٿو ٿئي - ته پوءِ اسان کي ڄام رائڏنو ۽ ڄام سنجر جدا جدا تسليم ڪري، هنن ٽنهي سمن بادشاهن جي بادشاهيءَ جا سال هن طرح مقرر ڪرڻا پوندا:

ڄام رائڏنو ٨٥٨هه - ٨٦٦هه (اٽڪل اٺ سال)؛ ڄام سنجر ٨٦٦ - ٨٧٤هه (اٽڪل اٺ سال)؛ ڄام نظام الدين ٨٧٤هه - ٩٢٣هه (اٽڪل اٺونجاهه سال) - (ڊاڪٽر داؤد پوٽي جي "تعليقات معصومي"، ص ٣٠١ ۽ ص ٣٠٣ تان ورتل).

[ڄام سنجر]

هن [ڄام رائڌني] کان پوءِ ”ڄام سنجر“ حڪومت جي تخت جو مالڪ ٿيو. چون ٿا ته هو نهايت سهڻو ۽ خوبصورت هو. هڪ درويش جو ساڻس باطني عشق هو. هڪ ڏينهن [سنجر] درويش کي چيو ته ”بادشاهي ڪرڻ گهران ٿو، پوءِ پلي ته ڪٿي رڳا اٺ ڏينهن هجي“. درويش وراڻيو ته ”اٺ سال بادشاهه رهندين!“ جڏهن هو درويش جي دعا سان تخت تي ويٺو، تڏهن ماڻهن خود بخود سندس تابعداري اختيار ڪئي. هن جي وقت ۾ خلق ڏاڍو سکيو گذاريو. جمع ڏينهن فقيرن کي جهجهي خيرات ڏيندو هو، شريعت وارن کي لائق وظيفا ۽ پگهارون ڏنائين - آخر انهن سالن کان پوءِ گذاري ويو.

[ڄام نظام الدين]

[ڄام سنجر] کان پوءِ ”ڄام نظام الدين“ عرف ”ڄام نندو“ بن بابنهيه (پنيو) بن انڙ بن صلاح الدين بن تماچي بادشاهيءَ جي تخت تي قابض ٿيو. هو هڪدم ٺٽي کان بکر ويو ۽ اتي هڪ سال ويهي، ملڪ جو پورو پورو بندوبست ڪري، پنهنجي خانزاد (گهر جائي غلام) ”دلشاد“ کي اتي ڇڏي، موٽي آيو. هيءُ، هن (سما) قوم ۾ سڀني کان وڌيڪ عادل، شاندار ۽ ڊگهو عرصو حڪومت ڪندڙ ثابت ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ عالم، سيد، صالح ۽ عام ماڻهو بالڪل آرام سان وقت گذاريندا هئا. اسلامي طريقو ايترو ته رائج تي چڪو هو، جو ڪوبه ماڻهو نماز روزي کان خالي نه هو. ملتان جي حاڪم سان دوستيءَ جو رستو بضبوط ڳنڍي ڇڏيو هئائين. ڪنهن به طرف کان ڪوبه فساد پيدا ڪونه ٿيو. هر هفتي ڪُرُهه ۾ وڃي، گهوڙن جي پيشانيءَ تي هٿ گهمائي چوندو هو ته ”اي غازيو! آءٌ توهان تي

هنان ڪرڻ ٿئو چاهيان، چاڪاڻ ته چئني طرفن کان مسلمان حاڪم آهن: دعا ڪريو ته شرعي سبب کان سواءِ ڪٿي به وچٿو نه پويم، متان مسلمانن جو خون منهنجي گردن ۾ پوي!“

سندس نيڪبختيءَ ۽ پرهيزگاريءَ متعلق عجيب داستان ۽ اندر جي صفائيءَ بابت روشن نشانيون مشهور آهن. نقل آهي ته هڪ بزرگ — جو وڏيڪ صحيح قول موجب، ’قاضي عبدالله‘ آهي، جنهن جو مقبرو شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي پويان مشهور آهي — جو لاش از غيبي مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي، پنهنجي دفن ٿيڻ واريءَ جاءِ تي اچي ظاهر ٿيو، ۽ هڪ بزرگ کي خواب ۾ اشارو ڪيائين ته ’منهنجي لاش تي جنازي جي نماز اهڙو ماڻهو پاڙهي، جنهن سمجهه واري ٿيڻ کان وٺي، (هڪ قول موجب) آسمان ڏانهن وضوءَ کان سواءِ نه ڏٺو هجي، ۽ (ٻيءَ روايت موجب) پنهنجي اوگهڙ تي به نظر نه وڌي هجي‘ — ٻئي جي اوگهڙ ته پري رهي! بهرحال تمام گهڻيءَ ڳولا کان پوءِ به، خود جام نظام الدين کان سواءِ ڪو به اهڙو ماڻهو هٿ نه آيو، تنهنڪري جنازي جي امامت پاڻ ڪيائين.

پڻ ”رساله قطبيه“ ۾ سيد مراد شيرازي رحمت‌الله عليه جي احوال ۾ لکيل آهي ته هو (جام نظام الدين) هڪ ڏينهن جهنگل مان ٿي لنگهيو، ته هڪ مئل ماڻهوءَ سندس رستو جهلي کيس چيو ته ”هن جاءِ تي مون کي چورن ڦري شهيد ڪيو آهي؛ مون کي گجرات ۾ يتيم ٻار آهن، تون منهنجو انصاف ڪر!“ اتي ويهي، تحقيقات ڪري، هن (مردي) جو مال موٽائي گجرات موڪليائين، ۽ قاتل کان قصاص ورتائين. هيءُ نقل، مٿي ذڪر ڪيل انهيءَ نقل سان ٺهڪي ٿو اچي، جيڪو جام خيرالدين جي احوال ۾ بيان ٿي آيو — ۽ علم الله وٽ آهي.

هن پنهنجي بادشاهيءَ جي شروعات ۾ ساموئي ڇڏي، ان جي بدران موجوده [ٺٽي واريءَ] سرزمين تي — جنهن پنهنجي جاءِ تي بيان ٿيندو — شهر ٻڌائي، تختگاهه بنايو.

سندس بادشاهيءَ جي پوين ڏينهن ۾، ”شاهه بيگ“ جي لشڪر قنڌار کان اچي، اڳڙي، چانڊوڪي، سند يچه ۽ ڪوٽ ماڇيءَ جي ڳوٺن کي ڦُريو. سندس پويان، دريا خان، سيويءَ تائين (١) ڪاهي ويو ۽ سخت لڙائي ڪري، شاهه بيگ جي ڀاءُ ابو محمد (٢) مرزا کي ڪُهي، فتح سان موٽي آيو. هن جي ڏينهن ۾ شاهه بيگ وري سنڌ تي لشڪر نہ موڪليو.

سندس حڪومت جو عرصو ٽيهتر ورهيه هو؛ ڪن ٽيهٺ ۽ ٽيتاليهہ پڻ چيو آهي، پر وڌيڪ صحيح ائين آهي تہ پنجاهہ کان گهٽ ۽ ٽيتاليهن کان مٿي آهي - مطابق ٩١٤هه — جنهن هن قوم جي بادشاهيءَ جي ابتدا کان هن سال (ڄام نظام الدين جي وفات) تائين معلوم ٿو ٿئي.

[ڄام فيروز]

ڪانئس [ڄام نظام الدين کان] پوءِ ”ڄام فيروز“ ولد ڄام نظام الدين تخت تي ويٺو. هيءُ ننڍيءَ عمر جو هو،

(١) تاريخ معصوميءَ ۾ لکيل آهي تہ ڄام نظام الدين جو لشڪر مغلن جي لشڪر کي ”جلوگير“ جي ڳوٺ وٽ پهتو. سخت لڙائي ٿي، جنهن ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ مارجي ويو. مغل شڪست کائي قنڌار هليا ويا، ۽ ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ وري سنڌ ۾ نہ آيا (ص٩٠-٩١). ’جلوگير‘ بولان جي دري ۾ بي بي نانيءَ جي ڀرسان هڪ جاءِ جو نالو آهي (معصوميءَ تي ڊاڪٽر داؤد پوٽي جا تعليقات، ص ٣٠١).

(٢) مير معصوم پڻ پنهنجي تاريخ (ص ١١٢) ۾ شاهه بيگ جي ڀاءُ جو نالو ”ابو محمد مرزا“ لکيو آهي؛ پر طبقات اڪبري (ج ٣، ص٥١٧) ۾ سندس نالو ”سلطان محمد“ لکيل آهي-ٿي سگهي ٿو تہ هن جو نالو ’سلطان محمد‘ ۽ ڪنيت ’ابو محمد‘ هجي.

تنهنڪري [ڄام نظام الدين جي] وصيت موجب، سندس استاد ۽ مدارالمهام، ڄام نظام الدين جو پٽيلو ”دريا خان“، مقرر ٿيو. [ڄام] سنجر جي پوٽي ڄام ”صلاح الدين“ ملڪ جي دعوىٰ ڪئي؛ پر دريا خان ۽ سارنگ خان ڪيس بيهڻ نه ڏنو، ۽ هو سلطان مظفر گجراتيءَ ڏانهن – جنهن جي نڪاح ۾ سندس سوٽ هئي – ڀڄي ويو. فيروز، پوري خودمختياريءَ ملڻ ڪان پوءِ، بيخبريءَ جي نشي ۾ چور ٿي، عيش عشرت ڪي لڳي، دريا خان جي هٿ مان نڪري ويو، [جنهن تي] دريا خان پنهنجي جاگير ”ڪاهان“ (ڳاهن)(١) ۾ وڃي گوشي‌نشين ٿي ويهي رهيو. ڄام صلاح‌الدين وجهه وٺي، سلطان مظفر جي مدد سان اچي ٺٽي تي قبضو ڪيو. فيروز جي ماءُ (٢) [اهو حال ڏسي] پٽ ڪي درياخان وٽ وٺي ويئي ۽ [اڳين] اوٽائين ڪان توبهه ڪري، مدد گهريائين. دريا خان [ڪڇ] حيلي ۽ [ڪڇ] لڙائيءَ سان ڄام صلاح الدين ڪي تڙي، ڄام فيروز ڪي نئين سر خودمختار بڻايو. هيءُ هن دفعي پڻ درياخان سان چڱيءَ طرح نه هليو، بلڪ دولت‌شاهي ۽ نورگاهي مغلن جي ٽولي ۽ ڪيبڪ ارغون ڪي – جي سندس وقت ۾ شاهه بيگ ڪان ڀڄي ٺٽي آيا هئا، هن اميد تي ته، هو ڪيس ڪم ايندا ۽ درياخان جي چنبي مان هن ڪي ڇوٽڪارو ڏياريندا – پاڻ وٽ نوڪر رکي، ڪين ٺٽي جي مغلواڙي محلي ۾ رهايائين؛ پر بيوقوف ايترو نه ڄاتو ته اهي ماڻهو سندس مٿان ڪهڙو ڏکيو ڏينهن آڻيندا!

مطلب ته جڏهن نفساني خواهشن ۾ گرفتار ٿي، حڪومت هلائڻ ڪان بيخبر رهيو، تڏهن مير قاسم ڪيبڪيءَ ملڪ

(١) ”ڪاهان“ (ڳاها) سيوهڻ ڪان اتر الهندي طرف اٽڪل ڏهن ڪوهن پنڌ تي هڪ ڳوٺ آهي. (٢) تاريخ طاهري (ص ٤٢) جي لکڻ موجب ڄام فيروز جي والده جو نالو ”مدينه ماڇاڻي“ هو.

جي حالت معلوم ڪري وچي شاهه بيگ کي پهچائيي، [۽ سنڌ] فتح ڪرڻ جي ترغيب ڏني(١)؛ ۽ سنه ٩٢١هه ۾ شاهه بيگ هزار سوار، سيويءَ کان سنڌ [٥٣] موڪليا، جن مان هر هڪ رستم ۽ اسفنديار جي مٽ هو. هنن اچي ڳاهن ۽ باغبان جي ديهن کي ڦُريو.

مخدوم جعفر بوبڪائيءَ، مرزا عيسيٰ ترخان کان نقل ڪيو آهي ته شاهه بيگ جي لشڪر انهيءَ حملي ۾ اهڙا هزار اُٺ هٿ ڪيا، جي رات جو باغن جي نارن ۾ ڪم ڪري رهيا هئا- ٻئي [سامان] جو اندازو هن مان لڳائڻ گهرجي. تنهن کان پوءِ، جنهن صورت ۾ سما قوم جي زوال جو وقت اچي چڪو هو، تنهنڪري فيروز جي ماءُ، درياخان جي ايذي هلندي ڏسي- جنهن ۾ پنهنجي پٽ جو فقط نالو ڏسڻ ۾ ٿي آيس- وچي سنه ٩٢٤هه ۾ شاهه بيگ کي دعوت ڏني. شاهه بيگ، جو اڳيئي مير قاسم جي هرڪائڻ تي تياري ڪري رهيو هو، سو هاڻي ته پنهنجو بخت مرادن موجب ڏسي، انهيءَ پاسي جي بندوبست کان فارغ ٿي، جلدئي سنه ٢٦ (٩٢٦هه) ۾ ٺٽي تي چڙهي آيو. ڄام فيروز ۽ سندس ماءُ انهيءَ پنهنجي ڪڌ ڪنيل کان ڏاڍو پشيمان ٿيا، پر ڪو به فائدو نه ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته هٿ جي وڃيءَ جو نڪو آهي ويچ نه طبيب. درياخان لشڪر گڏ ڪري، شاهه بيگ کي سامهون ٿيو.

(١) تاريخ معصومي (ص ١١٠) مان معلوم ٿو ٿئي ته مرزا شاهه بيگ، سنه ٩٢١هه ۾، پنهنجو لشڪر ازخود ڪنهن جي به هرڪائڻ کان سواءِ سنڌ ۾ جي طاقت معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، ڇاڪاڻ ته ڪيس ڊپ هو ته ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور بابر بادشاهه ڪيس قندار کان بيدخل ڪري ڇڏيندو؛ تنهنڪري هو پنهنجي لاءِ ڪا ٻي جاءِ پناهه ڳولي رهيو هو. آخر سنه ٩٢٤ ۾ مير قاسم ڪيبڪيءَ جي هرڪائڻ ۽- بقول مير قانع- ڄام فيروز جي والده کي دعوت ڏيڻ تي، پوري تياري ڪري سنڌ تي چڙهي آيو ۽ محرم سنه ٩٢٦ ۾ اچي ٺٽي پهتو.

’عاليجان‘ (١) جي ڪناري تي- جو ٺٽي کان هيٺ هڪ واهه آهي- ٽئي ڏريون پاڻ ۾ ٽڪريون. سنڌي ماڻهو ۽ سنڌن گهوڙا، ڪلاه پوش مغلن جي هيبت کان، ڀرئين ٺي دفعي ٽاهه کائي ڀڄي ويا. دريا خان پاڻ ڪن ڳاڻ ڳٽين ماڻهن سان گڏ، خوب هٿ پير هلائي، قتل ٿي ويو. فيروز بد بخت ٻار ٻچا ٺٽي ۾ ڇڏي، ’پير آر‘ (پير پٽو) ڏانهن ڀڄي ويو. شاه بيگ ١١ محرم سنه ٩٢٧ هه (٢) تي فتح جا نغارا وڄائيندو، ٺٽي ۾ داخل ٿيو. فيروز بد بخت جي حڪومت جو عرصو، ڄام صلاح الدين جي ٿورن ڏينهن سميت، ٻارهن سال ۽ ڪجهه مهينا آهي- هن واقعي جي تاريخ ”خرابيءِ سند“ (سنه ٩٢٧ هه) لکي اٿن.

مٿئين بيان موجب، سمن جي حڪومت جو جملي عرصو پورا هڪ سؤ پنجهتر سال آهي. اگرچ هن کان پوءِ پڻ ڄام فيروز ڪجهه وقت ملڪ جي هڪ حصي ۾ رهندو آيو، پر جنهن صورت ۾ خود مختار حڪومت ڪانه ڪيائين، تنهنڪري ڄامن جي گهراڻي جي بادشاهي اتي پوري ٿي.

چون ٿا ته شاه بيگ جو لشڪر ٻارهين تاريخ کان ويهينءَ تاريخ تائين شهر کي ڦريندو ۽ قيد ڪندو رهيو. قاضي قاضن جا ٻار ٻچا پڻ قيد ٿي پيا هئا، جنهن تي هو ڇڙين وانگيان پنهنجن وڃايلن کي ڳوليندو ۽ سڪنهن ڳليءَ ۽ رستي ۾ ڦرندو ٿي رهيو. آخر مرزا شاه بيگ جي پيش امام

(١) تاريخ معصومي (ص ١١٣) هن واهه جو نالو ”خان واهه“ لکيو آهي. ساڳيءَ طرح تاريخ طاهري (ص٢٧، ٣٧) ۾ پڻ ”خان واهه“ نالو لکيل آهي. وڏيڪ پڌايل آهي ته اهو واهه، دريا خان، ساڪري پرڳڻي ۽ شهر جي آسپاس ۽ جبل جي دامن واريءَ زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ کوٽايو هو. (٢) تاريخ معصومي (ص ١١٤) ۾، ١١ محرم ٩٢٦هه‘ لکيل آهي.

حافظ محمد شريف جي ذريعي، هڪ عريضو پيش ڪري، قيدين ڇڏائڻ جو حڪم ورتائين.

سمن ڄامن جي ڏينهن ڄا امير

مخفي نه رهي ته ڄام نظام الدين جي وقت کان اڳ، سمن جا حاڪم خود وحشي هئا، ۽ سندن امير پڻ اهڙا ئي هئا. ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ ڪجهه انسانيت پيدا ٿي، ۽ سندس اميرن مان ڪي ته ٿي ناليرا ۽ اخلاق جي زيور سان سينگاريل سردار ٿي گذريا آهن - انهن جو مختصر احوال ڏجي ٿو.

ڄام نظام الدين جو وزير دلشاد

جنهن مٿي گذري آيو، بادشاهيءَ جي شروعات ۾ ڪيس بکر ۾ ڇڏيو هئائين، ۽ هن نهايت عقلمنديءَ سان انهيءَ پاسي جو جوڳو انتظام ڪري، ڏاڍي بهادري ۽ انسانيت ڏيکاري هئي. اگرچ هيءَ اصل ۾ گهر-ڄاول غلام هو، پر سندس بلند جوهر سببان، سيئي آزاد خواه غلام ماڻهو سندس ساراه ڪندا هئا. سنه ٩١٢ هه ۾، ڄام نندي جي پوين ڏينهن ۾، ڪنهن موقعي تي لٽي کان ڪاهي وڃي آڇ کي لٽي آيو. سندس فوت ٿيڻ جو واقعو معلوم نه آهي.

دريا خان

پهريائين "قبوليو" نالو [هوس]، ڄام نظام الدين جي وزير "لڪدير" [٥٤] يا "لکسير" جو غلام هو. چون ٿا ته هو اصل ۾ سيد زادو هو، جو زماني جي حادثن ڪري قيد ٿي پيو، ۽ کيس لڪدير خريد ڪيو - وڌيڪ صحيح به اها روايت آهي.

هڪ ڏينهن ڄام نظام الدين شڪار ڪندي، رستي جي ڊوڙ ڊڪ کان اڃارو ٿي، ڏينهن جي عين گرميءَ وقت پاڻي گهريو. لڪدير جي آبدار قبوليءَ پاڻيءَ جو پيالو پري - انهيءَ لاءِ ته ڄام پاڻي آهستگيءَ سان پيئي - انهيءَ ۾ ٿورا ڪک

وجهي چڏيا، ۽ ٻڌايو تہ "ڪڪ انهيءَ لاءِ وڏا اٿم، تہ جيئن ڄام ههڙيءَ گرميءَ ۾ پاڻي يڪدم نہ پئي، مٿان ڪو ڪيس نقصان پهچي!" ڄام ڪي سندس هيءَ دانائي ڏاڍي وڻي ۽ هن جي ٻانهن اتي جو اتي لکدير ڪان ونئي، ڪيس "دريا خان" نالو ڏنو، ۽ سندس ذاتي جوهر ڏسي، تربيت ڪري، ڪيس بلند درجي تي رسايو. هو جلد ئي وڏو درجو حاصل ڪري، دلشاد وزير ۽ پين اميرن کان بہ اڳتي ٿيو، مدارالمهام ۽ اميرالامرا ٿيو، ۽ "مبارڪ خان" لقب مليس. ميران سيد محمد جونپوريءَ جي ٺٽي ۾ اچڻ تي، باوجود يڪ ڄام، عالمن جي چرچ تي هن سان اعتقاد منديءَ سان پيش نہ آيو هو، مگر هن انهيءَ بزرگوار جي سچيءَ دل سان خدمت ڪري، انهيءَ وقت جي صاحب جي خوشنودي حاصل ڪئي-مطلب تہ ڄام ڪيس پٽ سڏيندو هو، ۽ فوت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو پٽ ڪيس سپاري ويو هو-جيئن مٿي گذري آيو-سنہ ٩٢٧ ھ ۾ شاهہ بيگ جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو. مڪليءَ ۾ دفن ٿيل، ۽ اهل الله جي زيارتگاهہ آهي.

علاوالدين

سندس پٽ علاوالدين پڻ اميرن جي سلسلي ۾ داخل هو. هو شاهہ بيگ کي هٿ لڳو، جنهن مٿس نوازشون ڪيون.

محمد خان ۽ مٽن خان

درياخان جا پيا بہ پٽ [هئا. هنن] پيءُ جي واقعي کان پوءِ پنهنجي جاگير ۾-جا ٽلٽيءَ ۽ ڪاهان (ڪاهن) وٽ هئي- شان شوڪت پيدا ڪيو، مگر ڪجهہ ڪري نہ سگهيا.

[سارنگ خان]

سارنگ خان پڻ ڄام نظامالدين ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن جو ناليرو امير هو. سندس بهادريءَ ۽ عقلمنديءَ جي ذريعي وڏا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا.

[باب اٺون]

ارغون گهراڻو

ارغون، چنگيزخان جو اولاد آهن – هن تفصيل سان؛ ارغون خان بن اباقا خان ولد هلاڪوخان بن تولي خان بن چنگيز خان. ڪتاب ”تذڪره“ جو مصنف لکي ٿو ته ارغون خان پنهنجي پيءُ اباقا خان جي ڏينهن ۾ خراسان جو بادشاه هو. پيءُ جي موت کان پوءِ سندس پٽ غازي (غازان) خان، خانيءَ جي تخت تي ويٺو ۽ خدا تعاليٰ سندس دل ۾ اسلام جو نور روشن ڪيو. مصلح الدين، ”ڪتاب الابرار“ ۾ لکي ٿو ته ارغون خان بادشاه ٿيڻ کان پوءِ، خراسان غازان خان جي حوالي ڪري، پاڻ حضرت سيدالانبيا (محمد صلي الله عليه وسلم) جي زيارت جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو هو، ۽ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي حڪم سان، اميرالمومنين حضرت علي ۽ امام حسين کي پاڪر پاتو هئائين؛ انهيءَ ڪري هو سيدّن جي احترام ۾ مبالغو ڪندو هو. امام حسين رضي الله عنه جي مشهد (شهادت جي جاءِ) واسطي هڪ اهڙو ته ويڪرو ۽ اونهو واهه کٽايو هئائين، جو پيڙ ي دجلي ۽ فرات سان ’ڪربلا‘ هلي ويندي هئي. قاضي غياث الدين هروي، پنهنجي تاريخ ۾ آڻي ٿو ته سلطان محمود غازان ولد ارغون خان سنه ٦٩٤ هه ۾ تبريز ۾ تخت تي ويٺو ۽ انهيءَ ڏينهن توحيد جو ڪلمو پڙهي، انهيءَ ئي وقت سيني مغلن کي مسلمان ڪري، سڪي تي ڪلمو طيب ۽ سرڪيولرن تي ”الله اعليٰ“ جو جملو لکايائين.

قصو ڪوتاه– ”شاه بيگ“ ولد امير ذوالنون ولد مير حسن مصري، مٿئين ارغون خان جي اولاد مان، جنهن مٿي لکجي آيو، جڏهن ٺٽي تي قبضو ڪري، [٥٥] اتي جي لٽ مار، قتل ۽ قيد کان واندو ٿيو، تڏهن ڄام فيروز– جنهن جا پويان قيد تي پيا هئا– پيش پوڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. شاه بيگ انهيءَ تي نوازش ڪري، ’پنهنجو پٽ‘ سڏي، سيوستان تائين ملڪ کيس ڏيئي، لکيءَ جو جبل حد مقرر ڪري پوئتي موٽيو، ۽ مير عليڪه ارغون، سلطان مقيم بيگلار، ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان فيروز وٽ رهائي، سيوستان جي آسپاس ۾ درياخان جي پٽن جو ڪم پورو ڪري، شال ۽ سيويءَ ڏانهن هليو ويو.

سما ماڻهو، جي هن افراتفريءَ واري زماني ۾ ترڙي پکڙي ويا هئا، سي ڄام صلاح الدين سان مليا، کيس گجرات کان وٺي آيا. هو ڪڇ جي واليءَ راءِ کنگهار جي امداد سان –جو پڻ سمن جي نسل مان هو– ڏهه هزار ڄاڙيجا ۽ سوڍا ساڻ ڪري، ٺٽي تي ڪاهي آيو. هن خبر [پڌڻ] ۽ ڄام فيروز جي عرض ڪرڻ تي، ”مرزا شاه حسن“ ولد شاه بيگ، ساڳئي سال جي ١٤ محرم تي ’شال‘ مان نڪري، ويهن ڏينهن اندر سينگاريل فوج سان مدد لاءِ پهچي ويو. جڏهن هڪ ٻئي جي سامهون جنگ جون صفون سينگاريائون، تڏهن صلاح الدين جي طرفان سندس پٽ هيبت خان –جو سلطان مظفر گجراتيءَ جو نائي هو– لشڪر جي مقدمي تي هو. هن طرف کان مرزا عيسيٰ ترخان، مير عليڪه ۽ سلطان قلي بيگلار پيشقدمي ڪري، مٿن حملي آور ٿيا، هيبت خان کي گهڻن ڪارگر آدمين سميت قتل ڪري ڇڏيو.

صلاح الدين، پٽ جي قتل جي خبر ٻڌي، ڏاڍي ڪاوڙ ۽ جوش مان جنگ ڪرڻ آيو. هيڏانهن مرزا شاه حسن مٿس ڪڙڪي، بهادريءَ جو حق بجا آڻي، دشمن جي لشڪر جو

انتظام توڙي چڏيو، ۽ هڪڙن کي ڪهي بين کي پڄائي سوپارو ٿيو. راءِ ڪنگهار جو پاءُ آمر آمراڻي گهڻن ساٿين سميت ميدان ۾ ڪم آيو. حملي ڪندڙن کي گجرات ڏانهن پڄائي، هيءَ، تن ڏينهن ڪان پوءِ موٽي آيا. ربيع الثاني مهيني ۾ شاهه بيگ پاڻ باغبان جي آسپاس پهچي، مرزا شاهه حسن کي پاڻ وٽ گهرايو؛ ۽ ماڇي، جن خود مختياريءَ جو دم ٿي هنيو، تن کي ختم ڪري، سندن قلعي جي بنياد ڪيري چڏيائين. [ايتري ۾] مرزا شاهه حسن به پيءُ جي قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو ۽ حڪم موجب سيوستان وڃي، قلعي ۾ اعتماد جوڳا ماڻهو ڇڏي، نئين سر اڏڻ لاءِ ڪين جڳهيون تقسيم ڪري، ذخيري گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، موٽي اچي پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. شاهه بيگ، چام فيروز ڏانهن لکي موڪليو ته "دل ۾ گجرات فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو آهي؛ جڏهن اها تمنا پوري ٿيندي، تڏهن سنڌ ملڪ سڄو اصل وانگيان توکي ڏنو ويندو". [اهو خط لکي] پاڻ بکر ڏانهن روانو ٿي ويو. اتي پهچي قلعي ۾ اندر رهندڙ سيدن کي روهڙيءَ ۾ جايون ڏيئي، اروڙ شهر جي سرن مان نئون قلعو ٺهرايائين. ماڻهن چيس "هيءَ الهندي پاسي وارا به ٽڪر بچڙا ٽڪر آهن (قلعي لاءِ نقصانڪار آهن) (١)، پهريائين انهن جي ڪيڻ جو خيال ضروري آهي". چيائين ته "جنهن صورت ۾ زبردست دريا قلعي کي چوڌاري گهيرو ڪندڙ آهي، تنهنڪري هنن ٽڪرن جي ڪهڙي ڳڻتي؟ چاڪاڻ ته بادشاهه ههڙي ننڍڙي قلعي جي فتح ڏانهن توجهه

(١) مير معصوم پنهنجي تاريخ (ص ١٢٣) ۾ لکي ٿو ته "شاه بيگ بمرزا شاه حسن گفت که اين دو کوه که بر طرف جنوبي واقع است بدسر کوبي اند اين قلعه را" (شاهه بيگ مرزا شاهه حسن کي چيو ته هي ڏکڻ وارا به جبل هن قلعي لاءِ بچڙا تباهه ڪندڙ آهن).

ڪونہ ڪندا، ۽ پين [جهڙن تهڙن] کان فتح ڪونہ ٿيندو.
بهرحال جڏهن پوري سال ۾ قلعي جي عمارت تيار ٿي،
تڏهين مير فاضل ڪوڪلتاش، ملڪ محمد ڪوڪه [٥٦] مير
محمد ساربان ۽ سلطان محمد مهردار جهڙا ڪي امير انهيءَ
۾ رهائي، بلوچ ذات وارن فسادي ماڻهن – جن آسپاس ۾
فساد جي باهہ ٿي پڙڪائي – بابت رٿ رٿي، اهڙيون
فوجون مقرر ڪيائين، جن هر هنڌ هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي
وقت انهيءَ ٽوليءَ کي برباد ڪري ڇڏيو. هن ڪم کان
واندو ٿي، [شاه بيگ] شال ۽ سيويءَ ڏانهن هليو ويو. هو
وري سنه ٢٨ (٩٢٨ هه) ۾ بکر موٽي آيو ۽ پائنده محمد ترخان
کي اتي جي حڪومت سپاري، پاڻ گجرات روانو ٿي، اڳهہ
جي گهوٽ وٽ چام فيروز جو انتظار ڪرڻ لڳو. اتفاقاً سنه
٩٢٨ هه جي شعبان مهيني جي ٢٢ تاريخ، مرٽينگ ٿي پيو(١)،

(١) مرزا شاه بيگ جي وفات جي سال ۾ اختلاف آهي. مير معصوم
پنهنجي تاريخ (ص ١٢٧) ۾ سنہ ٩٢٨ هه لکيو آهي؛ مير قانع پڻ مير
معصوم جي تقليد ڪندي ساڳيو سال ڏنو آهي؛ پر "طبقات اڪبري"
(ج ٣، ص ٥٢٠) ۽ "تاريخ فرشته" (ج ٢، ص ٦٢١) جا مصنف سندس
وفات جو سال ٩٣٠ هه لکن ٿا. ارسڪن، بيل ۽ برني الياس پڻ هن
پوئين قول کي اختيار ڪيو آهي.

اسان جي خيال ۾ مير معصوم جو ڏنل سال وڌيڪ صحيح آهي؛
ڇاڪاڻ تہ مرزا شاه بيگ جي حڪومت جو جملي عرصو ١٥ سال هو
("تعليقات معصومي"، ص ٣٨٩)، ۽ سندس والد امير ذوالنون جي شهادت
سنہ ٩١٣ هه ۾ ٿي هئي ("تاريخ معصومي"، ص ٩٩"). انهيءَ حساب سان
مرزا شاه بيگ جي وفات جو سال ٩٢٨ هه ٺيڪ گهرجي. هن خيال
جي تائيد "بيگلارنامه" (ترجمو سنڌي، ص ١١) مان پڻ ٿئي ٿي، جنهن
۾ لکيل آهي تہ نواب مرزا شاه بيگ هڪ سال سنڌ تي حڪومت
هلائڻ بعد وفات ڪئي.

۽ پيش امام حافظ شريف کي سورة "ياسين" پڙهڻ جو حڪم ڏنائين. هو جڏهن آيت "وَمَالِيَ لاَ اَعۡبُدُ الَّذِيۡ" وٽ پهتو، تڏهن چيائين تہ "وري پڙهہ". ٻيءَ ڀيري جڏهن ستيون حافظ، آيت "يَا لَيۡتَ قَوۡمِيۡ يَعۡلَمُوۡنَ بِمَا غَفَرَلِيۡ" وٽ پهتو، تڏهن ساهہ حق تعاليٰ جي حوالي ڪيائين- "شهر شعبان" سندس تاريخ آهي.

مير طاهر سندس وفات ھڪڙي قول موجب قنڌار ۾، ٻئي قول موجب ملتان ۾ لکي آهي؛ پر ٻئي ڳالهيون اڻ ٺيڪ آهن. ڇاڪاڻ، تہ جڏهن بابر بادشاهہ قنڌار ڪائنس کسي ورتو هو، تڏهن هن سيويءَ ۽ شال ۾ پهچي، اچي سنڌ تي قبضو ڪيو هو؛ ۽ هيترڙي ٿورڙي عرصي ۾ سندس قنڌار ڏانهن موٽي وڃڻ ڪئن ٿو ممڪن ٿي سگهي؟ ملتان ۾ تہ هن جو وڃڻ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو هو، جنهن جي بنا تي سندس موت اتي ٿي سگهي؛ ۽ جڏهن گجرات جو ارادو هوس تہ پوءِ گجرات جو رستو ملتان کان ڪيڏانهن آيو؟

بهرحال سندس لاشو مڪي [شريف] کڻي ويا. هيءَ، جوانيءَ ۾ خواجه عبدالله جي خدمت ۾ حاضر ٿي، [علمي] ڪمالات حاصل ڪري، بلند درجي تي پهتو هو. جڏهن هرات ۾ پيءُ جي خدمت ۾ رهندو هو، تڏهن هميشه عالمن جي مجلس ۾ ويهندو هو، ۽ هفتي ۾ بہ دفعا انهن کي پنهنجي جاءِ تي گهرائي، سندن خدمت ڪندو ۽ فائدو پرائيندو هو. سندس تصنيفات مان ڪافيه جو شرح ۽ ڪن رسالن جا حاشيه مشهور آهن.

مرزا شاهہ حسن

مير معصوم جي قول موجب، پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ نصرپور ۾ تخت تي ويهي، 'خطبهٔ بابر' بابر بادشاهہ جي نالي پڙهيائين. ڪي خيرخواه گهٽوئي ناراض ٿيا پر فرمايائين

تہ ”پنهنجي قديمي ولي نعمت بادشاهہ جي هوندي، اسان کي سندس سڳورو نالو خطبي سان ڪڍي ڇڏڻ مناسب نہ آهي“. چام فيروز، شاهہ بيگ جي فوت ٿيڻ جي خبر تي خوش ٿي، فاتحه خوانيءَ کي نظر انداز ڪري، تابعداريءَ کان منهن موڙيو. مرزا شاهہ حسن انهيءَ کان واقف ٿي، سندس پاڙ پٽڻ جو ارادو ڪيو، ۽ چام فيروز اها خبر ٻڌي، حافظ رشيد خوشنويس ۽ قاضي قاضن مفتيءَ کي سوڪڙيون ساڻ ڏيئي، قصور معاف ڪرائڻ لاءِ موڪليو؛ پر ڳجهہ ڳوهہ ۾ جنگ جي تياريءَ ۾ مشغول رهيو. مرزا اهو حال معلوم ڪري، ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. چام فيروز مقابلي جو ست نہ ساري، ماڻڪ وزير ۽ شيخ ابراهيم داماد کي جنگ تي ڇڏي، دريا ٽپي پڇي ويو. هنن گهٽيون ٺي دنگيون جوڙيون ۽ توبچين ۽ تيراندازن سان پريل ٻيڙيون رستي تي آڻي روڪ ڪئي، پر مرزا جو لشڪر سيني کي [57] اڳيان هٽائي، سوڀارو ٿي ٺٽي ۾ گهڙيو. نياڳو چام فيروز ڪڇ ۾ ڀڄي، لشڪر تيار ڪري، جلدئي پنجاه هزار پيادا ۽ سوار ساڻ وٺي، چاچڪن ۽ راحمن وٽ اچي جنگ جو گهورو ٿيو. مرزا شاهہ حسن ڪجهہ ماڻهو ٺٽي جي نظرداريءَ لاءِ ڇڏي، سندس سامهون ٿيو. جڏهن ٻئي ڌريون دوبدو ٿيون، تڏهن سنڌي ۽ ڪڇي ماڻهو، ڳڀون مٿن تان لاهي، رسم موجب چادرن جون ڪنڊون هڪ ٻئي سان مضبوط ٻڌي، گهوڙن تان پيادا ٿي، لڙائي لاءِ تيار ٿي بيٺا ــ سنڌ خواه هند جي ماڻهن جي اها رسم آهي تہ جڏهن پنهنجي لاءِ مرڻ جو فيصلو ڪندا آهن، تڏهن انهيءَ نموني جي جنگ شروع ڪندا آهن.

چون ٿا تہ مرزا شاهہ حسن اها حالت ڏسي، اميرن کي مبارڪ ڏيئي چيو تہ ”هنن پاڻيهي پاڻ کي ٻڌي اسان جي سامهون ڪيو آهي؛ انشاء الله تعاليٰ ائين ئي ٿيندو“. [ائين چئي] هڪدم گهوڙي تان لهي، پيادو ٿي، وضو ڪري،

مناجات جي نيت سان ٻه رڪعتون نفل ادا ڪري، مولي پاڪ جي درگاهه مان ڪاميابيءَ جو سوال گهريائين ۽ دعا جو تير وڃي قبوليت جي نشان تي لڳو. لشڪر سنڌس حڪم موجب پهريائين تير وسائي رهيو هو. جڏهن مرزا مناجات کان فارغ ٿيو، تڏهن گهوڙي تي سوار ٿي حملي جو اشارو ڪيائين. صبح کان وٺي پوئينءَ سانجهي تائين لڙائي جاري رهي، جنهن ۾ اٽڪل ويهه هزار ماڻهو ڪسي ويا. ڄام فيروز خوار خراب ٿي گجرات ڀڄي ويو، ۽ مرڻ تائين اتي رهيو. مرزا تي ڏينهن انهيءَ سرزمين تي ترسي، غنيمتون، گهوڙا ۽ ٻيو جيڪو اسباب هٿ آيل هوس، سو پنهنجن ماڻهن ۾ تقسيم ڪري، موٽي اچي پنهنجي شهر ٺٽي ۾ لٿو، ۽ تغلق آباد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ڇهن مهينن کان پوءِ هالڪنڊي (هالا) جي رستي کان، پهريائين سيوستان پهچي، دربيلي جو پرڳڻو مير فرخ کي عطا ڪري، شڪار ڪندي وڃي ٻيرلوءِ - جو بکر کان ٽن ڪوهن تي آهي - ۾ تشريف فرما ٿيو. رستي ۾ هرهنڊ جي راڄن ۽ رهاڪن کي تابعدار بنائيندو ويو. اباوڙي جي حد ۾ سنڌس لشڪر، ڌهرن ۽ ماڇين کي شڪست ڏيئي، اباوڙو هٿ ڪيو. آخر سنه ٩٣٠هه ۾ ملتان فتح ڪرڻ جو ارادو رکي(١)، پهريائين هڪ هفتو سيويءَ وڃي، اتي جي قلعي کي نئين سر تعمير ڪيائين. موٽندي رندن ۽ مگسي بلوچن کي تابعدار ڪندو بکر آيو ۽ ظهير السلطنت بابر بادشاهه سان پڻ اخلاص ۽ مائٽيءَ جو ناتو ڳنڍيائين. تنهن کان پوءِ

(١) طبقات اڪبري (ج ٣، ص. ٥١٤) مان معلوم ٿو ٿئي ته مرزا شاهه حسن ملتان فتح ڪرڻ جو ارادو هن ڪري ڪيو هو، جو بابر بادشاهه سنه ٩٣٠هه ۾ پنجاب تي قبضو ڪري، دهليءَ ڏانهن ويندي، ملتان ۽ ان جو آسپاس مرزا شاهه حسن کي عطا ڪري، اهڙو پروانو ڏانهس ڏياري موڪليو هو (بحواله "تعليقات معصومي"، از ڊاڪٽر دائود پوٽو).

سنه ٩٣١ هه ۾ ملتان روانو ٿيو. رستي ۾ 'سيورائي' جو قلعو هٽ ڪري برباد ڪرڻ کان پوءِ، 'مئو' جي قلعي ڏانهن رخ رکيائين، پر قطب العارفين شيخ روح الله قدس سره جي وچ ۾ پوڻ تي انهيءَ کان درگذر ڪيائين. ملتان جا بهادر رحمو ۽ بنده ڏهر [به] اچي خدمت ۾ حاضر ٿيا(١). لانگاهن جا شهزادا ۽ بلوچ جيڪي سامهون ٿيڻ لاءِ آيا هئا، تن کي شڪست ڏيئي 'اُچ' فتح ڪري، قلعو مسمار ڪري ڇڏيائين. [اتي] سلطان "محمود" لانگاهه، بلوچن، جتن، رندن، دودائن، ڪوراين ۽ چانڊين جو جملي اسي هزار لشڪر جمع ڪري جنگ ڪرڻ

(١) هتي مصنف جي دستخطي نسخي ۾ اصل متن جي عبارت هن طرح آهي: "رحمو و هنده و هزار شجاعان آمده ملازمت کردند"- جا صريح غلط آهي. اسان جي خيال ۾ مير قانع، تاريخ معصوميءَ (ص ١٥١، ١٥٢) جي عبارت "بنده دهراز شجعان ملتان" جي پڙهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي، ۽ انهيءَ کي "بنده و هزار شجعان" پڙهيو آهي؛ تنهن کان پوءِ پنهنجي عادت موجب اختصار جي خيال کان به جدا جدا واقعا هڪ هنڌ گڏي لکيا آهن، ۽ اهڙو ته خلل پيدا ڪيو آهي جو سندس عبارت سمجهه کان ٻاهر ٿي پيئي آهي. حقيقت هن طرح آهي ته جڏهن مرزا شاهه حسن مئو ۾ منزل انداز ٿيو، تڏهن اتي جي شيخ روح الله، "رحمو ڏهر" جي گناهه معاف ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي، ۽ سلطان محمود خان جي مرضيءَ سان سندس گناهه معاف ٿيو هو؛ ۽ "لار" جي منزل تي "بنده ڏهر"- جنهن کي مير معصوم "از شجعان مردم ملتان" يعني ملتان جو هڪ بهادر، سڏيو آهي- اچي حاضر ٿيو (تفصيل لاءِ ڏسو "تاريخ معصومي"، ص ١٥٢). تاريخ معصوميءَ جي روشنيءَ ۾ تحفة الڪرام جي عبارت هن طرح هجڻ گهربي هئي: "رحمو و بنده دهر از شجاعان ملتان آمده ملازمت کردند"- اسان انهيءَ موجب درستي ڪري ترجمو ڪيو آهي- والله اعلم.

آيو. آخر [مرزا، لانگاهن سان] صلح ڪري(١)، گهاري واهه(٢) جي حد مقرر ڪري، معتبر ماڻهو اُچ ۾ ڇڏي، دلاور جي قلعي تي چڙهائي ڪئي؛ ۽ اهو ڪلرائيءَ زمين جو قلعو، جو مضبوطيءَ ۾ ملڪين مشهور هو، ٿورڙي وقت ۾ فتح ڪيائين. ڳالهه ٿا ڪن ته مرزا جي لشڪر حڪم موجب هڪ مهيني جو سمر پاڻ سان ڪنيو هو. هنن ٽن ڏينهن جي اندر قلعي جي چوڌاري ٽيهه سؤ کوهه کوٽي، ترڙ رسائي، پاڻ کي خشڪيءَ جي پريشانيءَ کان آزاد ڪري ڇڏيو هو- هوڏانهن غازي خان قلعي ۾ اندر اچي ڦاٿو ۽ هٿ پير هڻي نيٺ لاچار ٿي پيو. قصو مختصر، ته قلعي وارن مان گهڻن کي قتل ڪري ۽ قيدي، باقي رهلين کي قيد ڪري، ڏاڍيون غنيمتون هٿ آئي، پندرهن ڏينهن اندر بکر موٽي آيو. سنه ٩٣٢ هه ۾ وري پيو پيرو ملتانين جي بيفرمانيءَ سبب اوڏانهن ڪاهي ويو ۽ پوري سال جي محاصري کان پوءِ، خونريزيءَ ۽ ڦُرلُٽ بعد شهر فتح ڪري، سلطان محمود لانگاهه جو پٽ ۽ ڌيءَ، مسڪين ترخان جي حوالي ڪيائين، جو پنهي کي پنهنجو جگرگوشو ۽ فرزند

(١) هن صلح جي حقيقت مير معصوم ("تاريخ معصومي" ص١٥٣-١٥٥) هن طرح ڏني آهي ته "سرزا شاهه حسن جي ڪاهه جو ٻڌي، ملتان جو حاڪم سلطان محمود لانگاهه اسي هزار پيادن ۽ سوارن جو لشڪر تيار ڪري ملتان کان نڪتو. هيڏانهن مرزا شاهه حسن گهاري واهه تي لهي، سندس انتظار ڪرڻ لڳو ته انهيءَ وچ ۾ پاڻ ۾ ناسازيءَ سببان سلطان محمود جي نائيءَ شيخ شجاع بخاريءَ کيس زهر ڏياري ماراڻي ڇڏيو. هيءُ راز گهڻوئي لڪايو ويو؛ پر آخر ظاهر ٿي پيو ۽ لانگاهن جي لشڪر ۾ ڏاڍو تفرقو پئجي ويو. نيٺ صلح کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، مخدوم زاده شيخ بهاؤالدين کي وچ ۾ آڻي صلح ڪيائون.

(٢) متن ۾ لفظ "آب ڪهاره" آهي جنهن جو ترجمو اسان "گهارو واهه" ڪيو آهي.

سمجهڻ لڳو(۳). ۾ مهينا ٽڪي، خواجه شمس الدين کي ملتان ۾ رهائي، پاڻ بکر موٽي آيو. ٿوري وقت کان پوءِ ملتان نذراني طور بابر بادشاهه کي ڏيئي، خواجه شمس الدين کي بکر گهرائي ورتائين. بابر بادشاه [وري] ملتان پنهنجي پٽ ڪامران کي عطا ڪيو.

ايتري ۾ ڪڇ جي والي راؤ ڪنگهار، جو ڄام صلاح الدين جي مدد ۾ اچي شڪست کائي پڇي ويو هو- تنّي [جي فتح ڪرڻ] جو ارادو رکي، هن مضمون جو خط موڪليو ته "منهنجو پاءُ آمر آمراڻي توهان جي هٿان ڪٺو هو، [هينئر] هن جا مائٽ تني [تي حملو ڪرڻ] چاهين ٿا، پر خالي ملڪ تي اچڻ جائز نه سمجهي اطلاع ڏنو ويو: جيڪڏهن تني ولايت جو ڪجهه حصو مقتول جي وارثن کي ڏيندا ته بهتر، نه ته اسان اچون ٿا". مرزا جواب ۾ لکي موڪليو ته "آمر جي خون جو جوش اجا جهڪو نه ٿيو هوندو- اسان کي توهان وٽ پهچڻو آهي تون [هيڏانهن اچڻ جي] تڪليف نه ڪر". ڪي چون ٿا ته مرزا پاڻ ابتدا ڪري هُن ڏانهن لکيو هو ته "تنهنجن پائرن جو سمورو ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندو اٿم، [تڏهن به] عجب آهي ته تو جهڙي غافل هن ويجهڙائيءَ ۾ ڪڏهن به ڪو هديو ۽ تحفو موڪلي، اطاعت ۽ اتحاد- جنهن ۾ حال خواه مستقبل جي بهتري آهي- جي رسم زنده نه رکي! هاڻي [اسان کي] گجرات فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته پاڻ کي مفت رستي ۾ پائمال نه ڪراءِ، ۽ تابعداريءَ ڏانهن وک وڌاءِ: ڪڇي گهوڙا، جن جي سواريءَ ڏانهن عرصي کان طبيعت مائل آهي، نذراني طور موڪل: ٻي صورت ۾ جنگ لاءِ تيار رهه!"

(۳) مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته "مسڪين ترخان، سلطان محمود جي نياڻي شريعت جي قانون موجب پنهنجي نڪاح ۾ آندي، ۽ سندس پٽ کي پنهنجو فرزند بنايو".

خير ڪئن ۽ هجي- پر جنهن صورت ۾ راءِ ڪنگهار ڪي پنهنجي لشڪر ۽ ماڻهن تي ناز هو، ۽ هو تڪبر جي پيرن تي بيٺو رهيو، تنهنڪري [مرزا] تڪڙو تڪڙو اوڏانهن روانو ٿيو. ڪڇ جي آسپاس رسڻ تي لشڪر ۾ اناج جي ڏاڍي قلت ٿي پيئي، ۽ لشڪر جا ماڻهو تنگدل ٿي پيا. مرزا فوج جا چار دستا مقرر ڪري، حڪم ڪيو ته هرهڪ دستو جدا جدا طرف کان ڪنگهار تي حملو ڪري، پر هڪ ٻئي کان غافل نه رهجو ۽ اهڙيءَ طرح ظاهر ڪجو جئن حريف ٻيءَ فوج جي وجود کان بي گمانو ٿي اچي انهيءَ [هڪ دستي] سان ڳنڍجي، پهريون دستو "سلطان محمود خان" جي نگرانيءَ هيٺ هو؛ ٻيو دستو "ميرفرخ" ۽ خود "مرزا شاهه حسن" جي هٿ هيٺ؛ ٽيون دستو خاص شاهه حسن تڪدري ۽ چوٿون دستو "مرزا عيسيٰ" ۽ "ميرعليڪه" [جي زير نظر هو. هوڏانهن] "ڪنگهار" کي خبر ملي ته "مرزا شاهه حسن" کي ڳاڻ ڳڻيا ماڻهو وٽي مٿس ڪاهي آيو آهي، سو جنگ لاءِ تيار ٿي ڏهه هزار سوار ۽ بيشمار پيادا ساڻ ڪري، مقابلي لاءِ نڪتو- سلطان محمود واري دستي کي ڪنگهار جي اچڻ جي خبر پيئي، ته [هڪدم] سندس رستو جهلي مرزا کي خبر ڏنائون، ۽ هڪڙو تکڙو قاصد مير فرخ ڏانهن پڄايائون. ڪنگهار جي لشڪر گهوڙن تان پيادو ٿي، چادرون هڪ ٻئي سان ٻڌي، ڍالون هڪ ٻئي سان ملائي، نيزي بازي شروع ڪئي. هيڏانهن مغلن پنهنجي رسم موجب تير وسائڻ شروع ڪيا. ٻه ٽي ڪلاڪ لڙائي هلي [٥٩] ته خدا پاڪ جي مدد سان اڪيلي سلطان محمود خان جي فوج کان شڪست کاڌائون- پڄڻ وقت مير فرخ جي فوج جي ور چڙهيا، جنهنڪري گهڻا ته خونخوار ترار جو لقمو ٿي ويا. جڏهن مرزا جي لشڪر کي دل گهري ڪاميابي حاصل ٿي، تڏهن اتي ئي لهي پيا، ۽ صبح جو ڳوٺن ۽ واهڻ جي لٽڻ لاءِ لشڪر روانو ڪري،

بيشمار گهوڙا، اسباب، قيدي ۽ چوپايو مال هٿ ڪري، سوڀارا ٿي موٽي ويا.

جهرڪ ۽ جهرڪي ڪوه جي حقيقت

مير طاهر نسياني لکيو آهي ته سفر ڪنان موٽڻ وقت، مرزا شاه حسن جهرڪ ۽ جهرڪي ڪوهه وٽ پهچي، "طولا پرس" ـ جو هڪڙو خدائي ڪرشمو انهيءَ ڪوه ۾ مخفي هو ـ جو احوال ٻڌي، انهيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ چاهيو. انهيءَ [ڪوهه] جي پرسان هڪڙو ٻيو ڪوهه کوٽي، نار چاڙهي انهيءَ جو پاڻي ڪڍيائون ـ ڪوهه خالي ٿيڻ تي طولا پرس انهيءَ مان اڏامي، وڃي پاڻيءَ سان پريل نئين ڪوهه ۾ پيو. اگرچ ڪيئي دفعا هين ۽ هُن ڪوه کي پاڻيءَ کان خالي ڪيائون، پر [طولاپرس] هين مان هُن ۾ ۽ هُن مان هين ۾ ويندو رهيو. آخر ٻڌڻ ۾ آيس ته هيءُ طلسم جو قسم آهي، تنهنڪري لاچار درگذر ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري مٽئين ڪوهه کي لٽائي ڇڏيائين ـ جڻ ته انهيءَ جو احوال عجائبات الاهي کان خالي نه آهي ـ تنهنڪري سندس بيان لکجي ٿو.

طولا پرس (١) جي ٺهڻ ۽ انهيءَ جي خاصيت جي حقيقت

چون ٿا ته ڪڇ جي راءِ "لاکي بن ڦل" جي ڏينهن ۾، هڪ نباتات جي خاصيتن جو واقف جوڳي، هڪ اهڙيءَ ٻوٽيءَ جي ڳولا ۾ هو، جنهن کي جيڪڏهن ڀاڙان پٽي باه جي مچ ۾ ڪٽي ڪنهن آدميءَ سان گڏ ڦٽو ڪبو، ته اهو ماڻهو سونو ٿي پوندو، ۽ هن جو جيڪو به عضوو وڍبو، ته انهيءَ جي جاءِ تي ٻيو نئون عضوو پيدا ٿيندو! اتفاقاً هڪ ڏينهن انهيءَ

(١) "طولا پرس"، [طولا (طلا) = سون + پرس (پرش) = ماڻهو] = سونو ماڻهو

جوڳيءَ جو هڪڙي ڏڻ ونان لنگهڻ ٿيو، جنهن جي هڪ ڪريءَ جو وات ڳاڙهو هو- انهيءَ ٻڪريءَ جي پويان گهمي، ها ٻوٽي لهي، ٻاڙان پٽي، ڏنار کي چيائين ته باه جي پوچا و اراده اٿم، اچ ته گڏجي پوچا ڪريون- تنهن تي ٻنهي چڻن گڏجي، ڪکن ڪنڊن جو ڍير ڪري، اها ٻوٽي ٻه انهيءَ وجهي، باه ٻاري. [جوڳي] ٻڪرار کي چيو ته "اڳتي ڏ ته باه جو طواف ڪريون". خوش نصيباً، ٻڪرار جي دل ڊپ پيدا ٿيو، تنهن جوڳيءَ کي اڳ ۾ ڪيو؛ پر جوڳيءَ جي روش مان معلوم ٿيس ته هو ڪيس باه ۾ اڇلائيندو، ر اڳرائي ڪري، هن [جوڳيءَ] کي باه ۾ ڌڪو ڏنئي، پڇي ويو- جوڳي باه ۾ سڙي، خدا جي قدرت سان، سونو ماڻهو ٿي پيو! ٻئي ڏينهن، ٻڪرار حالت معلوم ڪرڻ لاءِ انهيءَ رک جي ڍير تي پهچي ڏٺو، ته جوڳيءَ جا سڀ عضوا سونا ٿي پيا هئا- هڪ عضوو ڪپي، باقيءَ کي زمين ۾ دفن ڪري، شهر ڏانهن هليو ويو؛ ٻئي ڏينهن ٻئي عضوي ڪپڻ لاءِ آيو، ته وڍيل عضوو بحال ۽ سالم ڏٺائين. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن جيڪو عضوو ڪپيندو رهيو، سو وري [ٻئي ڏينهن] صحيح سالم ڏسندو رهيو. آخر، جڏهن ڪيس ڍؤ ٿيو ۽ انهيءَ حالت جي ظاهر ٿيڻ کان سندس دل ۾ خوف پڻ پيدا ٿيو، جڏهن هڙئي عجائب جو حال وڃي "لاکي" کي سليائين، جو اتي وڃي 'طولا.پرس' يعني سوني ماڻهوءَ کي پاڻ سان نئي آيو- ۽ اهڙي طرح ڪپي، ڏاڍو فائدو حاصل ڪري، ايتري ته دولت گڏ ڪيائين، جو هڪ لک پنجويهه هزار رپيا روزانو فقيرن تي خرچ ڪندو هو؛ هوڏانهن دنيا جي ڪنهن به ڪم جي ويجهو نه ويندو هو.

چون ٿا ته هن مرڻ وقت الله پاڪ کي سوال ڪيو ته اها دولت ڪنهن ٻئي کي نصيب نه ٿئي ۽ [دعا جي] قبوليت جو اثر ڏسي ڪٽي ڪوه ۾ لڪايائين: جنهن کان

پوءِ اهو عجائب مخفي رهندو آيو ۽ انهيءَ طلسم [٦٠] جي ڪنجي ڪنهن به ماڻهوءَ کي هٿ ڪانه لڳي.

قصو مختصر، ته مرزا شاهه حسن، ڪنهگار تي فتح پائي لٽي موٽي آيو.

مرزا جو پٽڻ تي حملو ڪرڻ ۽ ڪاميابيءَ سان موٽڻ

مرزا شاهه حسن، ڪچ تي سوپارو ٿي نهايت شان ۽ شوڪت سان موٽي اچڻ کان پوءِ، ڪيترو وقت سنڌ ۾ مرادون ماڻيندو رهيو. آخر ٩٤٢هه ۾ همايون بادشاهه دهليءَ کان چتور تي ڪاهيو. چتور جي راجا کي چڙائڻ لاءِ سلطان محمود بهادر گجراتيءَ هڪ سخت خط لکيو، جو بادشاهه جي دل تي گران گذريو، ۽ هن يلغار ڪري، مٿئين سلطان جي ملڪ تي ڪاهي کيس شڪست ڏني (١)؛ ۽ مرزا شاهه حسن کي لکيو ته وفاداريءَ جو طريقو خيال ۾ رکي پاڻ کي سنڌ مان ”پٽڻ“ پهچائي، جئن انهيءَ شڪست کاڌل جي ڀڄڻ جو رستو بند ٿي وڃي. مرزا شاهه حسن انهيءَ لڪئي پهچڻ تي، جلدي جلدي لشڪر تيار ڪري، نصرپور کان رانڌن پور (راڌن پور) جي رستي اچي پٽڻ پهتو. ۽ پٽڻ جي حاڪم خضرخان کي گهيري ۾ آڻي، آسپاس جو چوپايو ۽ ٻيو اسباب ڦرڻ لٽڻ شروع ڪيو. بکر جو حاڪم سلطان محمود خان لشڪر جي مقدمي تي هو، تنهن جنيد ۽ جوڻي ڏاريجي کي خضرخان وٽ پٽڻ موڪلي [چوايو] ته اچي مرزا جي خدمت ۾ حاضر ٿئي. هن وراڻيو ته ”سلطان محمود

(١) تاريخ معصوميءَ (ص ١٦٢) لکيو آهي ته ”سلطان بهادر نيٺ وڃي قلعي ۾ بند ٿي ويٺو“؛ ۽ هيٺان پٽڻ جي قلعيدار خضرخان جي جواب مان معلوم ٿو ٿئي ته سلطان بهادر، همايون بادشاهه کان شڪست کائي وڃي گرنار جي ڪوٽ ۾ قلعي بند ٿي ويٺو هو.

بهادر، ڪرنال (١) ۾ صحيح سلامت ويٺو آهي، آءٌ سندس حڪم ڪان سواءِ قلعو حوالي ڪئن ڪندس؟" [اهو ٻڌي] قاصد هن جي ماءُ وٽ ويا. آخر پٽڻ جي آسپاس مان لشڪر جي منزل پٽڻ لاءِ، هڪ لک فيروزشاهيون مرزا شاه حسن ۽ ٽيهه هزار فيروزشاهيون سلطان محمود خان کي نذرانو ڏيڻ جو فيصلو ٿيو. نذراني وٺڻ کان پوءِ، مرزا پنهنجي اچڻ جي حقيقت، عبدالقدوس هٿان، بادشاه جي خدمت ۾ عرض ڪري، پٽڻ جي آسپاس ۾ پندرهن ڏينهن ترسي پيو. انهيءَ عرصي ۾ سلطان محمود خان، محمود آباد تائين وڃي، ڦر ڪري، گجراتين جو ڏاڍو مال متاع هٿ ڪري آيو. اتي مير فرخ، مرزا شاه حسن کي چيو ته "جيڪڏهن مرزا [توهان] کي بادشاه پنهنجي ڪئمپ ۾ گهرائيندو ته ضرور وڃڻو پوندو؛ پوءِ انٿين ضرور ٿيندو ته ارغون، ترخان خواه سنڌين جو لشڪر، سلطاني سازو سامان، عطا ۽ بخشش ڏسي، اسان وٽان ڀڄي ويندو" تنهنڪري صلاح اها آهي ته ڪو بهانو پيش ڪري هتان ئي سنڌ موٽي هلجي"— اها صلاح ڪري مرزا قاسم بيگ هٿان عريضي موڪليائون "ته مان شاهي حڪم جي تعميل ڪري سمورو لشڪر وٺي هتي آيو هوس، پر هاڻي ٺٽي ۽ بکر جي اميرن وٽان خط پهتا آهن ته ڪلمتي جتوئي ۽ ٻيا زميندار سنڌ خالي ڏسي، لشڪر گڏ ڪري، ڦرمار ڪري رهيا آهن؛ تنهنڪري لاچار اوڏانهن موٽڻو ٿو پوي". آخر ٤٥ (٩٤٥) جي اوائل ۾ راڌڻپور جي رستي کان ٺٽي روانو ٿيو، ۽ واٽ تي جاڙيجن ۽ سوڍن کي ڏاڍو ڦري لٽي اچي ٺٽي پهتو. ٩٤٦ ھ ۾ مير عليڪه

---

(١) "ڪرنال" يعني "گرنار": "گرنار جو ڪوٽ" رياست جهوناڳڙهه (ڪاٺياواڙ) ۾ مشهور آهي — خصوصا ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي قصي ته هن کي دائمي شهرت بخشي ڇڏي آهي.

ارغون کي گجرات ۽ بنگال جي فتح جي مبارڪباديءَ لاءِ همايون بادشاه جي حضور ۾، ۽ مير خوش محمد ارغون کي قندار جي فتح جي مبارڪ واسطي مرزا ڪامران ڏانهن روانو ڪيائين. مير عليڪ شاهي ڪئمپ مان بنا موڪل نڪري، اچي مرزا شاهه حسن کي چيو ته ”بادشاه جي غفلت واريءَ روش مان ائين معلوم ٿيم ته عنقريب ڪو ڏاريو بادشاه [مٿس] غالب ٿيندو، تنهنڪري جلدئي بنا موڪل موٽي آيو آهيان“. ٿورن ئي ڏينهن ۾، انهيءَ موجب، همايون بادشاه جي ”شيرخان“ کان شڪست کائڻ جي خبر آئي. مرزا شاهه حسن، مير عليڪه جي عقل تي آفرين ڪري، صلاح جي مجلس سڏائي. آخر اُچ کان بکر تائين درياءَ جي پنهي پرين کي ويران ڪري، اهڙيءَ طرح غيرآباد ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو.

[٦١] همايون بادشاه جي سنڌ ۾ اچڻ جو احوال

شعبان ٩٤٧ هه جي آخر ۾ بادشاهي ڪئمپ اُچ ۾ پهتي. بخشو لانگاه، خان جهان جي لقب، جهنڊي، نغاري ۽ قيمتي سروپا جي عنايت سان سرفراز ٿيڻ هوندي به، پاڻ حاضر ڪونه ٿيو، باقي لشڪر جي خرچ لاءِ اناج جون ڪي ٻيڙيون موڪلي ڏنائين. آخر ٢٨ رمضان [مبارڪ] تي شاهي تنبو اچي روهڙيءَ جي شهر ۾ ڪتا، ۽ ٻيرلوءَ جو ”چارباغ“ — جو نظاري ۽ نزاڪت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو — همايون بادشاه جي رهڻ جي جاءِ بڻيو. سلطان محمود خان قلعو مضبوط ڪري، ٻيڙيون ڪهرائي پنهنجي طرف ڪري ويهاريون، ۽ بادشاه جيڪو ڏانهنس حاضريءَ جو حڪم موڪليو هو، تنهن جي جواب ۾ عرض ڪيائين ”ته مان مرزا شاهه حسن جو نوڪر آهيان، جڏهن اهو حڪم ڪندو، تڏهن قلعو حوالي ڪندس“ — ساڳئي وقت بادشاه جي ڪئمپ

۾ خوراڪ جي ڪمي پدي، آن جا اٽڪل پنج سو خرار موڪلي خدمت بجا آندائين، جا پسند ڪئي ويئي - بادشاه، اسير طاهر صدر ۽ سمند ر بيگ کي، پهرائيءَ جي، وڏن وعدن ۽ اڳين حقن جي ياد گيريءَ [جٺي پيغام] سان، مرزا شاه حسن ڏانهن موڪليو. مرزا قاصدن جي جوڳي خدمت ڪري، هيءَ اقرار ڪيو ته هو حضرت بادشاه جي تشريف فرمائيءَ تي، هالڪنڊي (هالا) کان بنوري تائين، درياءَ جي هن پر وارا ڳوٺ حرمسراءِ جي خرچ لاءِ حوالي ڪندو، ۽ عهد اقرار پڪي ڪرڻ کان پوءِ، حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري، پنهنجي لشڪر سميت حضوروالا سان همرڪاب رهي، گجرات فتح ڪرڻ کان پوءِ موٽي ايندو. انهيءَ اقرار موجب جناب شيخ ميرڪ پوراني ۽ ميرزا قاسم طغائيءَ کي لائق نذرانا ساڻ ڏيئي موڪليائين. ۽ هن مضمون جو عريضو پڻ لکيائين ته "بکر جي زمين گهٽ پيدايش واري آهي، ۽ چاچڪن جي زمين نهايت سرسبز - جيڪڏهن حضور اوڏانهن تشريف فرما ٿيندا، ته دل و جان سان خدمت بجا آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي". بادشاه جي خيرخواهن عرض ڪيو ته "جيڪڏهن سچيءَ دل سان خدمتگاريءَ جو ارادو رکي ٿو، ته پوءِ پنهنجا قلعا ڇو نٿو نذر رکي، ته [اسان کي به] ڪا پناه جي جاءِ ته هجي، ڇاڪاڻ ته شيرخان لاهور ۾ ملتان ويٺو آهي؛ تنهنڪري مرزا جي هن عريضي ۾ لڳي ٿي ڏسجي!" اهو ٻڌي بادشاه بکر کي گهيري ڪرڻ ڏانهن توجهه ڪيو(١).

(١) تاريخ معصوميءَ (ص ١٦٩) جي بيان موجب، پهريائين بادشاه هيءَ آڇ قبول ڪري مرزا شاه حسن جي مدعا موافق پروانو لکڻ جو حڪم ڪيو هو؛ پر پوءِ اميرن وزيرن جي برغلائڻ تي - جٺن هتي پڻ لکيل آهي - انهيءَ کان ڦري بکر جي قلعي کي گهيري ڪرڻ ڏانهن متوجهه ٿيو.

هوڏانهن مرزا شاهه حسن کي به سندس ماڻهن انهن انجامن کان ڦيرائي ڇڏيو

بادشاه پيرلوءِ جي باغ ۾ ٽِي رهيو ۽ ساڻس اٽڪل ۾ لک ماڻهو هئا، جنهنڪري ڏڪار هن حد کي وڃي پهتو، جو ساهه جي عوض به ماني نٿي ملي! آخر ڇهن مهنن کان پوءِ وڃي پاٽ ۾ منزل ڪيائين؛ پر جنهن صورت ۾ اتي لشڪر به گندگي پيدا ٿي پيئي، تنهنڪري وري بکر موٽي آيا. ٿوري وقت کان پوءِ پهرين جمادي الاول ٩٤٨ ھ تي، بادشاه، يادگار ميرزا کي بکر ۾ ڇڏي پاڻ سيوستان تي چڙهائي ڪئي- بادشاهه جي پهچڻ کان اڳ ۾ مير سلطان قلي بيگ، مير شاه محمود ارغون، مير محمود ساربان، علي محمد ڪوڪلتاش ۽ مير صفر ارغون قلعي جي آسپاس واريون عمارتون ۽ باغات ويران ڪري پٽر ڪري ڇڏيا. بادشاه جڏهن قلعي وارن کي سوڙهو ڪيو تڏهن مرزا شاهه حسن نٽي کان ٻاهر اچي، ڪاهي ڪوٽائي گهٽيون پيڙيون جمع ڪري ويهي رهيو، ۽ "مير عليڪه" کي سيوستان تي مقرر ڪيائين. هو شاهي ڪئمپ مان لنگهي، بازار واري رستي کان قلعي ۾ گهڙي ويو. بادشاهي لشڪر هڪ پاسي کان ڪاٽ هٽي، ٻاهه ڏني؛ پر پٽ ڪرڻ کان اڳ ۾ قلعي وارن ماڻهن انهيءَ کان به وڌيڪ مضبوط نئين پٽ ٺاهي ڇڏي هئي (١) هيءَ حال ڏسي بادشاهه [هڪ طرف] قلعي جي مضبوطي ۽ ٻئي طرف قلعي فتح ڪرڻ جي سامان جي اڻاٺ [٦٢] سببان ستن مهينن جي گهيري کان پوءِ، جڏهن پاڻي جي اٿل اچي ويئي، مرزا شاهه حسن خوراڪ جي سامان جي اچڻ وڃڻ جو رستو بند ڪري ڇڏيو، لشڪر

(١) تاريخ معصوميءَ (ص ٢٧٣) ۾ لکيل آهي ته "قلعي وارن هڪدم ٻي پٽ ڪڍي ڇڏي".

جو ڪجهہ حصو پاسو ڪري هليو ويو ۽ مرزا شاهہ حسن، مرزا ”يادگار ناصر“ کي پنهنجو ڪري وڌو(١) تڏهن لاچار بکر ڏانهن موٽي ويو، ۽ مرزا يادگار ناصر کي پاڻ سان وٺي، حجاز ڏانهن وڃڻ گهريائين ٿي، تہ ايتري ۾ راجا ”مالديو“ جوڌپوريءَ بادشاهہ کي [وٽس] تشريف آوريءَ لاءِ عرض ڪيو، جنهن تي هو ايڪيهين محرم ٩٤٩ ھ تي اچ روانو ٿيو، جتان ساڳئي سال جي ٢٠ ربيع الاول ”مالديو“ ڏانهن روانو ٿي، ١٤ ربيع الثاني اچي دلاور جي قلعي ۾ منزل ڪيائين. ساڳئي مهيني جي ٢٠ تاريخ بيڪانير ۾ ڪئمپ هڻي، اتان جوڌپور کان ٽيهن ڪوهن [جي مفاصلي] تي پهتو، جتي معلوم ٿيو تہ راجا مالديو جي انهيءَ عرض ۾ نڳي رٿيل هئي — تنهنڪري تڪڙا جيسلمير روانا ٿي، پهرين جمادي الاول جيسلمير پهتا — جيسلمير جي راجا پاٽي روڪي ڇڏيو. آخر ساڳئي مهيني جي ڏهين تاريخ عمرڪوٽ پهتا. [عمرڪوٽ جي] راڻي ”ويرسال“ استقبال ڪري قلعي ۾ اندر جاءِ ڏني. انهيءَ ئي سال جي پنجين رجب آچر رات جلال الدين ”محمد اڪبر“

(١) تاريخ معصوميءَ (ص ١٧٣) ۾ لکيل آهي تہ ”انهن ئي ڏينهن ۾ مرزا شاهہ حسن، يادگار ناصر مرزا ڏانهن امير قلي مهردار موڪلي، دوستيءَ جو سلسلو چوري، ظاهر ڪيو تہ ’مان پڊو ٿيو آهيان: ۽ فرزند ڪونہ اٿم- پنهنجي نياڻي اوهان سان مڱايان ٿو، ۽ جڏهن تہ منهنجي حياتيءَ مان باقي ڪي ڏينهن رهيا آهن، تنهنڪري هيءَ ملڪ، جنهن جو مون سان تعلق آهي، سو توهان جي ملڪيت آهي ۽ توهان کي گهٽائي خزانا ڏيان ٿو ۽ گجرات جو ملڪ پڻ گڏجي فتح ڪيو ويندو- مطلب تہ يادگار ناصر مرزا، مرزا شاهہ حسن جي وعدن تي نڳجي، محمد همايون بادشاهہ جي مخالفت تي تيار ٿي ويو“- وري (ص ١٧٧ تي) لکيل آهي تہ ”جڏهن تہ اهي وعدا ڪوڙا هئا، تنهنڪري انهن مان هڪ بہ پورو نہ ٿيو“.

آتي ڇائو. هن وچ ۾ مرزا شاهه حسن بکر ۽ سيوستان وچين، ٻنهي قلعن جي پڳ-تڳ درست ڪرائي، [اڳئين ڪان به] وڌيڪ مضبوط بنائي، ٿٽي موٽي آيو. بادشاهه، عمرڪوٽ کي فوجن جو بار سهڻ جهڙو نه ڏسي، سنڌ جو ارادو رکي، ٿوري ئي وقت ۾ اچي 'جون' جي ڳوٺ ۾ پهتو. جنهن صورت ۾ اها جاءِ باغات، نهرين ۽ ميون جي ڪثرت کان سڄيءَ سنڌ ۾ ممتاز هئي، تنهنڪري عرصي تائين جون جي ڳوٺ ۾ باغات جي وچ ۾ ڪئمپ رهي. مرزا شاهه حسن به لشڪر وٺي، اچي ٻئي ڪپ تي سامهون ٿي ويٺو. بادشاهه کي معلوم ٿيو ته ٻنوري جي سرزمين ۾ هڪڙو قلعڙو اناج سان ڀريل آهي، سو پنهنجا ڪي اعتماد جوڳا ماڻهو اوڏانهن موڪليائين. هيڏانهن مرزا شاهه حسن روڪڻ لاءِ، مرزا عيسيٰ کي موڪليو، پر انهيءَ ڪجهه به نه ڪيو. آخر سلطان محمود اوڏانهن ويو. [لڙائي لڳي، جنهن ۾] بادشاه جا ڪار جهڙا ماڻهو قتل ٿيا. ٻيءَ طرح به اڪثر ڪري ٻنهي لشڪرن ۾ [وقت بوقت] جنگ ۽ جهيڙي جي باهه ٻرڪندي ٿي رهي. شاهي درگاهه جا ملازم جي [جدا جدا] ڏيهين ۾ وچي رهيا هئا، تن کي مرزا جي حڪم موجب ارغوني لشڪر پاڻ ۾ صلاح ڪري، هڪڙي ئي وقت ۾ کهي، سندن سر مرزا ڏانهن ڏياري موڪليا.

چون ٿا ته اها ڳالهه ٻڌي همايون بادشاه ارغونين کي پاراتو ڏنو، جنهن جي اثر ڪان اهي ماڻهو سڀئي محمد باقي ترخان هٿان قتل ٿيا — جئن اڳتي هلي بيان ٿيندو.

[هاڻي] بادشاه جي دل سنڌ ۾ رهڻ ڪان ملول ٿي پيئي. ايتري ۾ بيرم خان پڻ گجرات ڪان اچي، قنڌار جي رستي ڏانهن عراق هلڻ جي تحريڪ ڪئي، ۽ مرزا شاهه حسن سان صلح جون ڳالهيون هلايون. مرزا هيءَ موقعو غنيمت سمجهي، لک مثقال روڪڙا ۽ پيو سفر جو سامان تيار ڪري، تن سون

گهوڙن ۽ ٽن سون ائن سميت (١) خدمت ۾ موڪليو. [تنهن کان پوءِ] ”جون“ جي سامهون هڪ پل ٺهرايائون. پل ۽ صلح جي تاريخ ”صراط مستقيم“ مان نڪتي (٢). بادشاه ٧ ربيع الآخر ٩٥٠هه تي انهيءَ پل تان لنگهيو.

چون ٿا ته مرزا عيسيٰ ترخان، گجهي خواه ظاهر، بادشاه جي ڏاڍي خدمت ڪئي هئي، جنهن تي بادشاه هن جي حق ۾ [٦٣] تمام گهڻي دعا فرمائي هئي؛ ۽ انهيءَ دعا جي اثر کان، ڪانئس وڏيڪ وڏن اميرن جي موجود هوندي به، هو ملڪ جو وارث ٿيو—جيئن اڳتي بيان ٿيندو. هوڏانهن مرزا شاه حسن کي، پنهنجي ولي نعمت سان بي ادبي ڪرڻ جي سزا ۾، سندس نوڪرن هٿان اهو معاملو پيش آيو. قصو ڪوتاه—هنن ٽن سالن ۾ بادشاهي لشڪر جي اچڻ ڪري سنڌ ملڪ ۾ زبردست ڏڪار پيدا ٿيو هو.

---

(١) همايون نامي (ص ٦٣) ۾ ائن جو انداز هڪ هزار لکيل آهي—پر ڪهڙي قسم جا اٺ؟ اهي اٺ اهڙي قسم جا هئا جن جي ستن ٻاڪ ستر پيڙهين به شهر، ماڻهو ۽ بار نه ڏٺو هو! جنهن صورت ۾ لشڪر ۾ گهوڙن جي قلت هئي، تنهنڪري گهڻا ماڻهو ائن تي (ص ٦٤) سوار هئا؛ باقي بچيل ائن تي بار ڪنيو ويو. جيڪو به مٿن سوار ٿي ٿيو ته سوار ٿيڻ سان هن کي زمين تي ڪيرائي، جهنگل جو رستو ٿي ورتائون. بار ڪندڙن ائن مان جنهن تي بار ٿي ٺهرائون، سو رڳو گهوڙي جي سنب جي آواز ٻڌڻ سان ڪُڏي ڪُڏي بار زمين تي اڇلائي پاڻ جهنگل ۾ لنگهي ٿي ويو. پر جيڪڏهن ڪنهن اٺ تي بار محڪم ٻڌو ويو هو ۽ هن جي ڪيتري به ڪڏڻ تي اهو بار نٿي ڪريو، ته هو بار سميت جهنگل جو رستو وٺي ڀڄي ٿي ويو—اهڙيءَ طرح قندار ڏانهن ويندي ويندي ائڪل ٻه سو اٺ ڀڄي ويا هوندا (بحواله ”تعليقات معصومي“، ص ٣١٧). (٢) تاريخ معصومي (ص ١٨٠) مان معلوم ٿو ٿئي ته اها تاريخ بادشاه همايون پاڻ ڪڍي هئي.

عجيب نقل

انهيءَ حادثي ۾ مهانگائيءَ سببان هڪ عورت پنهنجن پٽن سميت، ڪجهه بکون ڪڍڻ کان پوءِ، جلاوطني اختيار ڪري پنجاب تي وڃي هڪ جهنگل ۾ ڪري؛ پٽن کي بک ۾ پاهه ٿيندو ڏسي، انهن کي چيائين ته ”توهان کي هن حال ۾ ڏسي نٿي سگهان، تنهنڪري سون پنهنجو خون توهان کي معاف ڪيو: توهان سون کي ڪهي کائو ۽ منهنجو بچيل گوشت رستي جو سمر بڻايو؛ مان ڪنهن سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي وڃي پهچو!“ پٽن گهڻو انڪار ڪيو، ۽ زبان تي ”حاشا“ ۽ ”ڪلاّ“ (١) جا الفاظ آندائون، پر ماءُ جي زور تي ائين ڪرئو پين. هڪڙو گوشت جو ٽڪر پچايائون، ايتري ۾ اتفاقاً ڪن ماڻهن جي ڳئون گم ٿي ويئي هئي، سي اچي مٿن ڪڙڪيا ۽ ڳئون جي ڪهڻ [جي تهمت] ۾ کين ڪٽي پڪڙيائون. ويچارن پاڻ کي بيڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ، سچو احوال ذري پرزي ڪري ٻڌايو ۽ ماءُ جا آنڊا ۽ پيون نشانيون ڏيکاريون. اهو ٻڌي انهن ماڻهن پاڻ کين وڏيڪ زورسان ڪٽي ٻڌو ۽ چيائون ته ”اهو ممڪن نٿي ناهي ته ڪو ماڻهو ’ماءُ‘ ڪهي کائي؛ توهان ضرور ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪٺو هوندو!“ هنن گهڻوئي ٻاڏايو، پر ڪو فائدو نه ٿيو. آخر سچي حقيقت ظاهر ڪرڻ لاءِ، کين وٺ سان ٻڌي ڇهبڪ هٿڻ گهريائون، ته ايتري ۾ ماءُ جا آنڊا هڪدم پنهنجي جاءِ تان ڊوڙي وڃي مارينڊڙن جي پيرن ۾ وچڙيا، ۽ کين مارڻ کان روڪي، اڳتي قدم وڌائڻ نه ڇڏيائون. انهن ۾ هڪ پيرمرد موجود هو، جنهن چيو ته ”هنن بيشڪ پنهنجي ماءُ کي سندس اجازت سان ڪٺو آهي.

---

(١) هي لفظ اصل عربي آهن ۽ فارسي زبان ۾ ”هرگز نه“ ”ڪڏهن به نه“ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن.

جا هاڻي مادري شفقت (مامتا) سڀان توهان ڪي پٽن جي مارڻ کان روڪي ٿي. بيشڪ "اولادنا اڪبادنا"(١) جي مصداق هتي ظاهر ٿي آهي.

قصو مختصر — انهيءَ افراتفريءَ جي زماني ۾ بخشو لانگاه ملتان جي آسپاس 'جنپور' جي سامهون قلعو ٺاهي، ملتانين کي لڏائي اچي انهيءَ قلعي ۾ وهاريو، ۽ وڏو ڪٽڪ گڏ ڪري بکر تي ڪاهيو(٢)، جنهنڪري مرزا شاهه حسن، مير شاهه محمود ارغون کي بکر جي حفاظت لاءِ موڪليو.

٩٥٥ هه ۾ مرزا ڪامران 'هزاره' کان سنڌ ۾ آيو. مرزا شاهه حسن 'پاٽ' کي سندس منزل گاهه مقرر ڪري، پنهنجي نياڻي سندس نڪاح ۾ ڏني (٣)، ۽ ٽن مهنن کان پوءِ هزار سوارن جي مدد ڏيئي روانو ڪيائينس. ڪامران ٩٥٧ هه ۾ وري بکر ۾ آيو، مگر هن دفعي همايون بادشاهه کيس انڌو ڪري ڇڏيو هو(٤).

(١) معني: "اسان جو اولاد، اسان جو جگر آهن". (٢) هيءُ واقعو جمعي رات ١٣ جمادي الثاني ٩٥٠هه ۾ ٿيو (تفصيل لاءِ "تاريخ معصومي" ص ١٨٠-١٨١). (٣) تاريخ معصومي (ص ١٨) مان معلوم ٿو ٿئي ته مرزا شاهه حسن جي نياڻي "چوچڪ بيگم" جي نسبت مرزا ڪامران سان هن کان چار سال اڳ ٩٥١ هه جي شروعات ۾ ٿي چڪي هئي، جڏهن مرزا ڪامران ڪابل جو حاڪم هو ۽ همايون بادشاهه پاڻ ڀائرن جي بيوفائيءَ کان تنگ ٿي، مدد وٺڻ لاءِ عراق روانو ٿي ويو هو. ٩٥٥هه ۾ مرزا ڪامران، همايون بادشاهه کان شڪست کائي ڪابل مان ڀڄي سنڌ ۾ آيو هو ۽ اچي مرزا شاهه حسن جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين.

(٤) تاريخ معصومي (ص ١٨٢) جي بيان موجب مرزا ڪامران کي همايون بادشاهه انڌو ڪونه ڪرايو هو: پر هندوستان جي گکر (گاهڪواڙ) قوم، جن وٽ مرزا ڪامران ڪابل کان ڀڄي اچي پناه ورتي هئي، اهو معلوم ڪري ته مرزا جا بادشاهه بابت خراب خيال آهن، کيس انهن کان پڪڙي سندس اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون هيون.

مرزا شاه حسن هن کي [پهريائين] شاد پيلي (ساڌ پيلي) جي ٽڪريءَ تي-جا بکر جي الهندي طرف دريا جي وچ ۾ آهي- رهايو، ۽ تنهن کان پوءِ بٺوري جو پرڳڻو سندس بورچيخاني جي خرچ لاءِ مقرر ڪري، ڪيس فتح باغ ۾ رهائڻ جو انتظام ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ هو حج تي روانو ٿي ويو.

چون ٿا ته مرزا شاه حسن پنهنجي نياڻيءَ کي ڪانئس [ڇني] پاڻ وٽ رهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر انهيءَ معصومه چيو ته "ماڻهو مون کي طعنو هڻندا ته 'اکين واري وقت ۾ ته مڙس وٽ رهي، باقي نابينا ٿيڻ کان پوءِ ڪيس ڇڏي ڏنائين' !"

هن واقعي کان پوءِ همايون بادشاه جي رنج جي اثر کان مرزا جي حالت بگڙڻ لڳي. هن "عربي گاهيءَ" جي پٽن - جي ارغونن ۽ ترخانن کي ايذائڻ ۾ نهايت ظلم ۽ دست درازي ڪندا هئا-جهڙن رذيل ۽ ڪميڻن ماڻهن جي پرورش ڏانهن توجهه ڪري، ارغونن ۽ ترخانن کي رنج ڪري وڌو، ۽ پاڻ فالج (اڌرنگ) جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو، جنهن جو علاج رڳو اهو هو ته هميشه ٻيڙيءَ ۾ ويهي، ٺٽي کان بکر ۽ بکر کان ٺٽي آمدرفت ڪندو رهي.

سنه ٩٦٠هه ۾ ٺٽي جي شهر جي اربابي (گورنري) 'عربي گاهي' ۽ 'اسماعيل باناري' کي عطا ٿي. ساڳئي سال جي آخر ۾ ٺٽي جي نگراني 'شنبي' ۽ 'رفيق' جي حوالي ڪيائين، جي زرخريد غلام هئا. [اهو حال ڏسي] ارغون اميرن، محرم ٩٦٢هه جي شروعات ۾ ميرزا [٦٤] عيسيٰ ترخان جي تابعداري ڪئي، جو خدا شناس بادشاه جي دلي دعائن جو نوازيل هو. مرزا شاه حسن هيءُ ڏڌي پيچ تاب کاڌا ۽ تدارڪ واسطي گهڻا ئي حيلا هلايا، پر بادشاهي رنجش جو تير نشان تي لڳي چڪو هو، ۽ تدبير جي ڍال انهيءَ کي بي اثر ڪري نه سگهي. آخر سندس حياتيءَ ۾ ئي سلطان محمود خان ۽ ميرزا

عيسيٰ سنڌ کي پاڻ ۾ اڌو اڌ ڪري - لڪيءَ جي جبل کان هيٺ ميرزا عيسيٰ ۽ مٿي سلطان محمود خان جي واسطي مقرر ڪري - هن بابت پاڻ ۾ پڪو عهد نامو ڪيو، ۽ ميرزا شاه حسن جي حياتيءَ ۾ - ڇاڪاڻ ته هو مفلوج ۽ بيڪار هو - سنڌس ظاهري تابعداري ڪندا آيا. تقديراً مرزا شاه حسن، ساڳئي سال جي ١١ ربيع الاول تي گذاري ويو - ڪي چون ٿا ته کيس زهر ڏنو هئائون، ۽ اڳ ۾ ڪيل عهدنامي موجب مٺيان خانَ، ٺٽي ۽ بکر جا مالڪ ٿيا.

مرزا شاه حسن لاثاني بهادر هو. ننڍپڻ کان بيماريءَ جي زماني تائين، جيڪي به جنگيون ڪيائين تن ۾ سوڀارو رهيو. هو سنه ٨٩٦ هه ۾ ڄائو هو ۽ ٦٦ سال عمر هيس. منقولي علمن (١) ۾ ڏاڍو ماهر هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو، جنهن ۾ "سپاهي" تخلص ڪندو هو. عالمن، فاضلن ۽ سيدن جي عزت ڪماحقه بجا آڻيندو هو. ٣٤ سال حڪومت ڪيائين. ڪانئس پوءِ ڪو به اولاد ڪونه رهيو. سندس لاش مڪي شريف کڻي ويا. هن طبقي - يعني پيءُ ۽ پٽ - جي سنڌ تي حڪومت جو عرصو ٣٦ سال آهي.

---

(١) منقولي يا نقلي علم انهن علمن کي چيو وڃي ٿو، جن جو تعلق روايت ۽ نقل سان آهي - جهڙوڪ علم ادب، صرف - نحو، فقه، وغيره؛ انهن جي مقابلي ۾ وري معقولي يا عقلي علم آهن، جن جو تعلق عقل ۽ فهم سان آهي - جهڙوڪ منطق، فلسفو، وغيره.

[باب نائون]

ترخان گهرائو

جڏهن پهرئين جلد ۾ بيان ٿيل آهي، حضرت صاحبقران امير تيمور ١٨ سالن جي ڄمار ۾ هڪ دفعي شڪار ڪندي رستو ڀلجي ويو. سخت سيارو ۽ اونداهي رات هئي، جنهن ڪري همراهن سميت مرڻ لاءِ تيار ٿيو، ته اوچتو ڪي ڪارا گهر ڏسڻ ۾ آيس. جڏهن ويجهو پهتا ۽ ڏين جي روشنائيءَ ذريعي تنبن جي درن وٽ آيا، تڏهن اهي ماڻهو کين چور سمجهي، وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتا، پر نيٺ سڃاڻي گهر ۾ اندر وٺي ويا ۽ زمين تي وهاري، ٻاهه ٻاري، پنهنجي طاقت ڪان مٿي خدمت ڪري کين راضي ڪيائون. صاحبقران ٣٤ ورهين جي عمر ۾ بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو، ته وهڻ سان انهن ماڻهن کي گهرائي، مٿن ڏاڍيون نوازشون ڪري، کين "ترخان" يعني 'نوڪريءَ کان معافي ڏنل' جو خطاب ڏنائين. ترخان قوم انهن جي اولاد آهي — ڪن جو چوڻ آهي ته سندن وڏا ڪنهن لڙائيءَ ۾ رتورت ٿي آيا هئا، تنهنڪري انهن کي "ترخون" (١) لقب مليو، جو رفتي رفتي "ترخان" ٿي پيو.

مرزا عيسيٰ ترخان

"مرزا عيسيٰ" ولد مرزا محمد بن مرزا عبدالعلي ترخان پهرين جمادي الاول ٩٦٢هه تي حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. هن سپاهين خواه رعيت کي سهڻي نموني سان راضي

---

(١) "ترخون" (تر = پريل + خون = رت) = رت ۾ پريل.

رکيو. ڪيبڪ، فرخ ۽ تيمور جهڙا ارغوني امير- باوجود ڍيڪ
پاڻ کيس حڪومت لاءِ چونڊيو هئائون- اڪثر شراب پي
نشي جي حالت ۾ سندس حويليءَ تي ڪاهي ايندا هئا، ۽
رڪيب مان پير سندس ڳلم تي اچي ڪيرندا هئا. اهڙو
ڪوبہ ڏينهن ڪونہ گذرندو هو، جنهن ۾ هن جي دروازي
کي نيزن ۽ ڪهاڙين سان ڪٽي، مرزا (شاه حسن) جي ڇڏيل
خزاني مان حصو نہ گهرندا هئا؛ مگر هو دانائيءَ سان همدردي
ڪري کين چوندو هو تہ "خزانو توهان جي ملڪيت آهي،
پر اسان ڏاڙئين ملڪ ۾ آهيون ۽ [اسان کي] خزانو ضرور
گهرجي، جو ڏکئي وقت ڪم اچي؛ جيڪڏهن توهان کٽي
ويندا تہ شراب ۽ معشوقن تہ صرف ڪري ڇڏيندا". [هوڏانهن]
حڪم ڪندو هو، تہ هر هڪ ارغون جنهن محلي ۾ رهندو
هو، انهيءَ محلي مان کيس سڏ ٿيندو هو- انهيءَ حيلي سان
پاڻ کي انهن جي شر کان بچائيندو ايندو هو. نيٺ هوريان
هوريان سندس پٽن- مرزا محمد باقي، مرزا محمد صالح، جان بابا
۽ غالب(١)- ساٿهو گڏ ڪيا، ۽ هرهڪ ملا بهبود، شبرنگخان(٢)،
ملا صالح، فتح خان ۽ پين ڪمائتن ماڻهن جي سرداريءَ
هيٺ اهڙو تہ منظم ۽ تيار ٿيو، جو ارغون [خود] ريسون
[٦٥] ڪرڻ لڳا. هاڻي مرزا پنهنجي حويليءَ جي چوڌاري
هڪ ننڍڙو قلعو اڏايو ۽ پٽن کي پنهنجي پرسان رهايائين.
نيٺ سندس پٽن ميان محمد باقي ۽ محمد صالح ۾ مخالفت پيدا
ٿي پئي. مرزا صالح وڏو بهادر هو ۽ مريد ڪوڪہ بن

(١) بيگلارنامي (ص ١٣) موجب مرزا عيسيٰ جي چوٿين پٽ جو
نالو "مرزا ابراهيم" هو- پنجون پٽ بہ هوس، "مرزا جوهر"، پر هو
ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويو هو؛ مرزا ابراهيم بہ ٻيءَ جي
جيٺري گذاري ويو هو؛ (ترجمو سنڌي "بيگلارنامه")
(٢) نسخو "ن": نيرنگ خان

مراد ڪوڪہ وغيره جهڙا مرزا ڪامران جا ڪوڪا [وٽس رهندا هئا] تنهنڪري نهايت شان شوڪت پيدا ڪري، پيءُ کي بيدخل بنائي وهاري ڇڏيو هئائين. هن مرزا باقيءَ کي جلاوطن ڪري ڪڇ ڏانهن ڪڍي ڇڏيو. هوڏانهن مرزا جان بابا. سميجن جي جهنگل ۾ پٽڪندو رهيو. مرزا باقي ناواقفيت سببان ڪڇ ۾ پهريائين ڏاڍيون تڪليفون ڏٺيون.

نقل - مير طاهر، مرزا مظفر ولد مرزا محمد باقي ترخان جي واتان نقل ڪيو آهي، تہ ڪجهہ بکن ڪيڏڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن مرزا سائين کي چيو تہ "سخت بک لڳي اٿم، ڪا شي پيدا ڪريو". سنگتين کي ڪابہ شي هٿ ڪانہ لڳي؛ مگر قاضي خميسو ٿورا ڪتي جا اوباريل ڪچا چانور ڪٺي آيو، جن تي مٿان ڪتي ڦيءَ پڻ ڪئي هئي. مرزا فرمايو تہ "ڳالهہ نہ ڪر، هڪدم ڌوئي وجي پچاءِ تہ ڪم اچن". پچائڻ کان پوءِ پهريائين پاڻ کاڌائين. ٿوري وقت کان پوءِ سندس سائين ٻڪري چورائي ڪباب ڪئي - ٻڪريءَ جي مالڪ پتو ڪڍي، کين چورن وانگيان پڪڙي، وڃي راڻي ڪنگهار وٽ حاضر ڪيو. چاڪاڻ تہ سيڪنهن ڏک کان پوءِ سک آهي، سو هن ذريعي سان راڻو ڪنگهار سندس واقف ٿي پرداخت ڪرڻ لڳو. صاحب سمي نالي [هڪ] جاڙيجي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ کيس ڏنو، جنهن مان مرزا مظفر پيدا ٿيو.

مرزا محمد باقيءَ جي مرزا محمد صالح سان جنگ

ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن مرزا محمد باقي ڪڇ ۾ [رهي]، لشڪر تيار ڪيو ۽ صاحب سمي پڻ سندس مدد ۾ هڪ راجپوتن جو لشڪر سنباهيو، تڏهن هو [اتان روانو ٿي] اچي 'بدين' جي پاسي پهتو. مرزا صالح، مغلن، ٺٽي ۽ ٻين راڄن جو لشڪر پاڻ سان وٺي، کيس سامهون ٿيو. ٻہ ٽي ڏينهن لشڪرن جي مقدمن ۾ ڪجهہ جهڙپون ٿيون ۽ آخرڪار

جنگ جون صفون پڌيون. راجپوت گهٽوئي سر ڏيڻ جو فيصلو ڪري، بهادري ڏيکاري، گهوڙن تان لهي چادرون هڪ ٻئي سان ٻڌي، [ميدان ۾] ثابت قدم رهيا، پر مغلن تيرن ۽ تفنگن سان مٿن زمين تنگ ڪري، کين پڇائي ڪڍيو، ۽ هو جنهن واٽ کان آيا هئا، انهي ئي واٽ سان واپس ويا. مرزا صالح سوڀارو ٿي، ٺٽي موٽي آيو. مرزا باقي زال ۽ ٻار ٻچا ڪڇ موڪلي، پاڻ ڀڪر وٽي سلطان محمود کان مدد گهري. سلطان محمود چيس ته "اسان ۽ مرزا عيسيٰ جو هڪ ٻئي تي ڪاهه نه ڪرڻ جو عهدنامو آهي. تون هت رهي پوءِ ڏس ته غيب جي پردي مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي". هوڏانهن سلطان محمود خان، مرزا صالح سان صلاحڪار ٿي، مرزا باقيءَ کي قيد ڪري هندوستان موڪلڻ تي گهريو(١). ايتري ۾ انهيءَ دربدر ٿيندڙ لاءِ هڪ غيبي لطيفو ظاهر ٿي پيو.

نقل – جون ته مرزا باقيءَ جي همراهن مان هڪ هندو، شام جي وقت، روهڙيءَ جي ڀاهران دريا جي ڪناري تان ٿي ويو، ته هڪڙيون ٻه مهاٽيون ڏاٽيون قضا حاجت لاءِ ويٺل ڏٺائين. انهن مان هڪڙيءَ ٻيءَ کي چيو ته "سلطان محمود خان، مرزا باقيءَ کي ٻڌي، اڪبر بادشاهه ڏانهن موڪلڻ گهري ٿو، مگر تقدير ۾ هن جو اوڏانهن وڃڻ لکيل ڪونه آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪالهه ٻپهريءَ وقت مريد نالي هڪ بلوچ، مرزا صالح کي ڪاتي هڻي

(١) مير قانع جو هي بيان مير معصوم جي بيان جي صريح مخالف آهي. مير معصوم ته پنهنجي تاريخ (ص ٢٠٨) ۾ لکي ٿو: "مرزا محمد باقي هندوستان وڃڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر سلطان محمود – هن خيال کان ته متان هندوستان مان ڪو لشڪر وٺي اچي، ۽ جنهن صورت ۾ انهي لشڪر کي ڀڪر وٽان ئي لنگهڻو پوندو – تنهنڪري سندس حڪومت جي انتظام ۾ خلل پوندو – کيس هندوستان وڃڻ نه ڏنو".

ڪري آهي: ٿن ڏينهن کان پوءِ هن جو رت پريل چولو اچي مرزا باقيءَ کي ملندو"۔ اتفاقاً ڪيس (مرزا باقيءَ کي) ٻه مرزا صالح جي موت جي خبر ساڳئي انهيءَ نموني تي ملي.

ڳالهه ٿا ڪن ته مريد بلوچ پنهنجن مائٽن ۽ پيءُ۔ جن کي مرزا صالح قيد ڪري ڪنو هو۔ جي وير وٺڻ لاءِ دم هنيو هو ته "جيستائين پيءُ جو وير نه وٺندس، تيستائين مٿي تي پڳ نه ٻڌندس"۔ انهيءَ ارادي سان ڪاتي هٿ ۾ ڪٽي شهر ۾ آيو ۽ چرين وانگيان گهٽين ۽ سيرن ۾ ڦرندو چوندو ٿي رهيو ته "هان! ڪاتي! تو ۾ ڪم اٿم۔ ڪنديءَ ياڻه؟ هان، اي دل، دلير ٿيءُ!" ٻارن ڪيس چريو سمجهي سندس پويان اهي حرف وري وري ٿي چيا ۽ ننڍن خواه وڏن انهيءَ کي بڪوات ٿي سمجهيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن [جڏهن] مرزا صالح سوار ٿي پنهنجي محلات ڏانهن وڃي رهيو هو، تڏهن هيءُ ڪاتي ڪاغذ ۾ ويڙهي، فريادين وانگيان "فرياد! فرياد!" ڪندو، سندس اڳيان آيو. خدمتگار گهوڙي ڪاغذ وٺڻ لاءِ ڊوڙيا، پر هن چيو ته "آءٌ پاڻ ڏيندس، زباني احوال پڻ عرض ڪندس"؛ جنهن تي مرزا ڪيس پاڻ وٽ سڏايو. هو پهچندو ويو، ۽ ڪاتي سندس پيٽ ۾ ٽنبيندو ويو. آخر ڪيس (مرزا صالح کي) اتي جو اتي ٺاري ڇڏيائين. پوءِ ته هن (مريد خان) کي به ذرا ذرا ڪري ڇڏيائون.

قصو ڪوتاه۔ مرزا محمد باقيءَ جي پيڻ، جا هميشه پيءُ ۽ ڀاءُ کان چوريءَ، پيسا، انهن ڏينن ۾، جيڪي هندو تيل خريد ڪرڻ لاءِ انهيءَ پاسي موڪليندا هئا، وجهي موڪليندي رهندي هئي، تنهن رت پريل پيراهن پڻ ڀاءُ کي پهچايو. هاڻي مرزا عيسيٰ، سلطان محمود خان کي، هن (مرزا باقي) جي ٽئي موڪلڻ لاءِ لکيو، ۽ هن جي ٽئي پهچڻ تي مرزا عيسيٰ ڪيس پنهنجو وليعهد بنائي، پوين ڏينهن ۾ سلطان محمود خان کان هن جي لاءِ نئون عهدنامو وٺي گهريو.

فرنگين جي قتلعام جي حقيقت

جڏهن مرزا عيسيٰ اهو ارادو رکي ٺٽي کان نڪتو، تڏهن سلطان محمود خان اچي پنهنجي ڳتي ۾ پيو ته متان هن اچڻ ۾ مرزا عيسيٰ جو ڪو پيو مقصد هجي- درحقيقت مرزا عيسيٰ جو اندروني مقصد درپيلي پرڳڻي کي پڻ سيوستان ۾ داخل ڪرڻ جو هو. هو سيوستان کان اڳتي وڌيو ته سلطان محمود خان تدارڪ جو ويچار ڪري، سامهون ٽيڻ لاءِ ڊوڙيو. ايتري ۾ فرنگي 'گوا' بندر کان 'لاهري' بندر تي آيا. ملڪ کي مالڪ کان خالي ڏسي، شهر ۾ گهڙي پيا ۽ جمعي جي ڏينهن نماز وقت جامع مسجد فرخ ۽ ٻين جاين تي ڏاڍي خونريزي ڪيائون- بازار امير بيگ ۽ جامع فرخ جي پر وارو شهيدن جو گنج خواه ٻين متفرق جاين تي جيڪي شهيدن جون مزارون آهن، سي انهيءَ واقعي جون [نشانيون] آهن. مرزا عيسيٰ هيءَ خبر ٻڌي ملڪ جون حدون محمود خان جي حوالي ڪري، ٺٽي روانو ٿيو(١). ڪي چون ٿا ته فرنگين کي

(١) مير قانع پنهنجي عادت موجب اختصار جي ڪوشش ڪندي، مرزا عيسيٰ خان ۽ سلطان محمود خان بکريءَ جي وچ ۾ پيدا ٿيل واقعات کي پاڻ ۾ گڏي، منجهائي ڇڏيو آهي. اصل حقيقت جا تاريخ معصومي (ص ٢٠٧-٢١٠) مان معلوم ٿئي ٿي، هن طرح آهي ته مرزا شاهه حسن جي وفات کان پوءِ، مرزا عيسيٰ ترخان سنه ٩٦٢هه ۾ تخت تي ويٺو. هڪ سال کان پوءِ يعني سنه ٩٦٣هه ۾ ارغوني سردارن جي برغلائڻ تي وڏو لشڪر وٺي، اچي بکر جي سامهون لٿو. پندرهن ڏينهن لڙائي جاري رهي ته فرنگين وارو ٺٽي کي ڦرڻ جو واقعو ٿي پيو، جنهنڪري مرزا عيسيٰ گهيرو ڇڏي تمام تڪڙو ٺٽي موٽي ويو. ٻيو دفعو وري سنه ٩٧٠-٩٧١هه ۾ مرزا ۽ ارغونين

(ڏسو حاشي صفحو ١٧٣)

هن پاڻ واهر لاءِ گهرايو هو ۽ هنن هتي پهچي، ڪيس نه ڏسي ائين ڪيو هو.

بهرحال فرنگي، مرزا عيسيٰ جي اچڻ جو ٻڌي، ٺٽي جي شهر کي ڦري، گهڻين ۽ سيرن ۾ باروت وجهي باهه ڏيئي، ڀڄي نڪري ويا. مرزا عيسيٰ اچي پنهنجي حويليءَ واري قلعي کي وڌيڪ محڪم ڪيو ۽ شهر جي چوڌاري شهر پناه ٺهرائي. جنهن صورت ۾ لاهري بندر واريءَ ڪاريءَ کان لاهري بندر جي دڪي تائين، ڪاريءَ مان نڪرندڙ 'نارقي' واهه (١) ڪشادو ۽ اونهو هو، جنهن مان وڏا ٻيڙا ڪاريءَ کان دڪي تائين بيڌڙڪ پهچي سگهيا ٿي، تنهنڪري چاڻن جي صلاح سان [انهيءَ واهه کي] وڏن پٿرن سان پرڻ جو حڪم ڪيائين، جئن ڪوبه ڏاريو، رهبر کان سواءِ، اوچتو اندر نه اچي سگهي. دڪي ۽ بندر جي وچ ۾ بندر جي سردار جي وهڻ لاءِ هڪ ننڍڙو مضبوط قلعو ٺهرايائين. آخر ارڙهن سال حڪومت ڪري سنه ٩٨٠ ۾ گذاري ويو. هو هن گهراڻي ۾ سنجيدگيءَ، مضبوط ويچار ۽ سهڻين وصفن ۾

جي پاڻ ۾ اٿبٿت ٿي پيئي، جنهنڪري ڪي ارغون سردار ڀڄي سلطان محمود خان وٽ آيا، جن سان گڏجي سلطان محمود خان جي ماڻهن وڃي سيوهڻ جي قلعي کي گهيرو ڪيو؛ مگر ڪجهه ڪري نه سگهيا. آخر سانوڻ جي موسم ۾ مرزا عيسيٰ اچي ڪين اتان ڀڄائي ڪڍيو. رفيان وٽ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ سلطان محمود خان جا چڱا چڱا ماڻهو قتل ٿي ويا. مرزا عيسيٰ اچي درپيلي وٽ ديرو دمائي ويٺو. نيٺ شيخ عبدالوهاب ۽ ماه بيگم جي وچ ۾ پوڻ تي ٺهراءُ ٿيو. مرزا عيسيٰ ٺٽي موٽي ويو ۽ سلطان محمود خان جا ماڻهو بکر موٽي آيا.

(١) اصل متن ۾ "ناله‌ءنار" لکيل آهي؛ مگر تاريخ طاهري (ص ١٠٧) ۾ لکيل آهي ته هن واهه کي ٺٽي جا ماڻهو "نارقي" سڏيندا آهن. جاڪاڻ ته تاريخ طاهري، تحفة الڪرام کان اڳاٽي ۽ انهي جي هڪ ماخذ آهي، تنهنڪري اسان انهي تي اعتماد ڪري ترجمي ۾ "نارقي واهه" لکيو آهي.

ممتاز ۽ نرالو هو. ننڍي ڏرجي هوندي به وڏن وڏن ارغوني اميرن کان بهادريءَ ۽ جوانمرديءَ ۾ گوءِ کڻي ويو هو. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي دفن ٿيل آهي.

مرزا محمد باقي

مرزا عيسيٰ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ارغون سردار جي مرزا عيسيٰ جي حڪومت تي پشيمان ٿيا هئا. مرزا محمد باقيءَ جي گاديءَ تي ويهڻ جي مخالف ٿي بيٺا. هن حڪمت عمليءَ سان هڪڙي ارغوني ٽولي کي احسان جي وعدن ۽ وڏين مهربانين [جي انجام] جي وسيلي پنهنجو ڪيو، ۽ ٻين کي خزاني ورهائي ڏيڻ جي اميد سان لڳيو. اهڙي طرح ارغون سردار ٻن حصن ۾ ورهجي، پنهنجي صلاح مشوري ۾ هن (مرزا باقي) جي روڪڻ جو ڪوبه واضح رستو پيدا ڪري نه سگهيا. نيٺ مرزا پنهنجي مراد موجب حڪومت جي تخت تي ويهي، فساد جي پاڙ پٽڻ جو فڪر ڪرڻ لڳو. جنهن صورت ۾ ارغون سردار گذريل مرزا (مرزا عيسيٰ) جي ڏينهن کان هن نوجوان رئيس تي غالب پيل هئا، تنهنڪري هيءَ انڪل سان پنهنجو انتظام ڪري رهيو هو، ۽ جلدئي ڪجهو ٿوري ظاهر هڪ لشڪر گڏ ڪري، ٺڳي رٿي، ارغون سردارن کي خزاني ورهائي ڏيڻ جي بهاني سان مٿي ماڙيءَ تي گهرايائين. هوڏانهن هڪ هڪ صندوق ۾ ٻه ٻه هٿيار بند مرد ڦاهي وهاري، هڪ ٻئي دستي کي وقت جي انتظار ۾ ڇڏي، چيائين ته ”توهان سردار هميشه خزاني جي طلب ڪندا ٿا اچو. [اگرچ] سان ۽ منهنجو پيءُ اهو خزانو ضرورت جي وقت لاءِ سنڀاليندا ٿي آياسون، پر جنهن صورت ۾ توهان انهيءَ کان دست بردار نٿا ٿيو، تنهنڪري لاچار توهان جي حوالي ڪريان ٿو: مگر خيال ٿو ٿئيم ته متان توهان جو پاڻ ۾ تقسيم تي تڪرار ٿي پوي، تنهنڪري جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته سان لهي وڃي هيٺ

ويهان، ۽ هيءُ خزانو توهان پلي پاڻ ۾ تقسيم ڪري ڪٽو".
اهو فيصلو ڪري پاڻ لهي اچي ڪم جو بندوبست ڪيائين.
[مٿي] هڪدم هٿياربند مردن صندوقن ۽ ڪنڊن ڪڙڇن
مان نڪري انهن سڀني کي تلوار جو ڪاج بنائي ڇڏيو، ۽ پاڻ
هيٺ نندن وڏن کي پورو ڪرايائين؛ بلڪ سندن حويلين
تي لشڪر موڪلي [منجهائن] ڪوبہ چرندڙ ڪونہ ڇڏيائين،
حتيٰ ڪ ٻارن کي پيڻن مان ڪڍي، ڳاهہ وانگيان ڪاٽيائون!
ڪي ٿورڙا ساهہ بچائي هيڏي هوڏي نڪري ويا. انهيءَ کان پوءِ
مرزا محمد باقي خود مختيار ٿي "آنا وَلا غَيْرِي" (١) جو نغارو
وڃائڻ لڳو.

مرزا جان بابا جي شورش

مرزا جان بابا، جو پيءُ جي ڏينهن ۾ مرزا صالح جي
هٿان دربدر ٿي، سميجن مان مائٽي ڪري وچي اتي رهيو هو،
تنهن کي سلطان محمود، پٽس جي فاتحہ خوانيءَ جي موقعي تي
پاڻ سان وٺي، ٺٽي پهتو هو، تعزيت جي رسمن بجا آڻڻ کان پوءِ
سلطان محمود خان جي ذريعي، پيءُ جي ورثي ۽ ملڪ جي
حصي جي گهر ڪئي. مرزا محمد باقي جو ڪاروبار نهايت
منظم ٿي چڪو هو، تنهنڪري سلطان محمود خان کي چيائين تہ
"بابي جي وقت کان وٺي توهان ۽ اسان جي وچ ۾ پڪو
عهدنامو ٿيل آهي؛ توهان جهڙي طرح منهنجي ۽ مرزا صالح
جي وچ ۾ دخل نہ ڏنو هو، ساڳي طرح اج پڻ وچ ۾ نہ اچو.
مال ملڪيت وراهڻ واپاري ڀچن کي ٺهي سونهي ٿو، حڪومت
خدائي ذات آهي. جيڪڏهن منهنجو پياءُ راضي ٿي مون وٽ
رهي پوندو تہ آخر پياءُ آهي، سندس خدمت چڱيءَ طرح
ڪندس؛ باقي ڪيس علحدو پرڳڻو ڏيئي، پنهنجي ڪڪ ۾
ڪان ڪونہ هٽندس. مون ملڪ لاءِ ڪيترا نہ ڏکيا ڏينهن
ڏٺا آهن!" سلطان محمود خان هيءُ ٻڌي وڌيڪ ڳالهائي نہ
سگهيو ۽ موٽڻ جي موڪل ورتائين. جان بابا، انهيءَ ڏپ

ڪان ته متان سنڌ پاڻ ڪيس مارائي ڇڏي. سوني وجي سميجن وٽ رهيو، ۽ شاه قاسم، علي شير ۽ انهن جهڙا ٻيا باقي ٻچيل ارغون، جيڪي ٽڙي پکڙي ويا هئا، گڏ ڪري، پروسي جهڙو لشڪر ٺاهي، ٺٽي تي ڪاهيائين. هوڏانهن محمد باقيءَ سپاهين ۽ خاصخيلين [٦٨] کي چيو ته "ڏينهن اچوڪو آهي، جيڪڏهن ڪٿيوسون ته ملڪ اسان جي ملڪيت آهي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ اڳيان ڏچها ڏئل آهن ۽ آرام سان گذارڻ لاءِ ٻي ڪا جاءِ ڪانهه آهي". بس پوءِ ته مڪليءَ جي مقام ۽ شهر جي وچ تي زبردست لڙائي لڳي. ملا بهبود - جنهن کي مرزا باقي پنهنجين محلاتن مان هڪڙيءَ ۾ رهايو هو- قتل ٿي ويو. مرزا محمد باقيءَ جي لشڪر زبردست حملا ڪري، جان بابا کي شڪست ڏني. جان بابا، ڪڪرالي جي حاڪم ڏيسر وٽ مدد لاءِ ويو، پر خالي هٿين موٽي، وڃي پنهنجن مائٽن سميجن وٽ پهتو. ٻئي پيري وري هڪ وڏو ڪٽڪ سنباهي، مرزا باقيءَ تي ڪاهيائين. هوڏانهن مرزا باقي پڻ ڪيس سامهون ٽيڙ لاءِ ندي ڏيئي روانو ٿيو.

شاه قاسم ارغون جي راتاهي جو بيان (١)

جڏهن مرزا محمد باقي، جان بابا جي سامهون پهتو، تڏهن سنڌ فوج اڳينءَ فتح جي غرور ۾ جابجا دلجاءِ سان ڪئمپ

(١) هن راتاهي جو بيان مير معصوم پنهنجي تاريخ سنڌ (ص ٢١٢) ۾ هن طرح ڏنو آهي: "نيٺ جان بابا ترخان سميجن ۽ سوڍن جا راڄ گڏ ڪري، مرزا محمد باقيءَ تي راتاهو هنيو. مرزا محمد باقيءَ ٻيڙيءَ جي پاڇل تان پاڻ ڪٽي درياهه ۾ اڇلايو ۽ اتان وڃي هڪ ٻونديءَ تي چڙهيو. سميجا ٻيڙيءَ ۾ گهڙي آيا ۽ رائجه بيگم (مرزا محمد باقيءَ جي بيگم) کي قتل ڪري ڇڏيائون" - پر هن باب ۾ مير علي شير قانع جو بيان وڌيڪ صحيح آهي. هيءُ راتاهو شاه قاسم ارغون هنيو هو، جنهن کي 'خان زمان' جي لقب سان سڏيندا هئا. هيءُ واقعو سن جي پرسان لاکن جي ڳوٺ ۾ ٿيو هو، جتي مرزا محمد باقي ڇانوڻي هنيو ويٺو هو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "بيگلارنامو"، سنڌي ترجمو، ص ٦٧-٧٣)

لڳائي ويهي رهي. خود مرزا جنگ ڪرڻ ڪان سواءِ پاڻ
جي ڪم پوري ڪرڻ جون رٿون رٿي رهيو هو، ته اوچتو
هڪ رات شاه قاسم ارغون وڏو لشڪر وٺي راتاهو هنيو.
مرزا جو لشڪر، جو غافل ستو پيو هو، يڪجي ڇڙوڇڙ ٿي ويو.
شاه قاسم، جو پنهنجي وقت اندر بهادريءَ ۾ بي نظير ۽ مشهور هو،
تنهن پاڻ مرزا باقيءَ جي بيڙيءَ تي پهچي پائرن جو انتقام
وٺڻ چاهيو. مرزا باقي پنهنجي حرم سان ڪوٺيءَ ۾ اندر
ننڊ ۾ محو هو. هو (شاه قاسم) دروازي تي پهتو ته سندس
(مرزا باقيءَ جي) گهر واريءَ ڪٺي پنهي هٿن سان دروازو
بند ڪيو. مرزا باقي ساهه جي خوف ڪان، پٺي دروازي مان
نڪري، وٺي دريا ۾ ٽپو ڏنو، ۽ هن مردن جي مت شيز عورت
شمع جي ٽالهي ڪٽي، شاه قاسم جي منهن تي اهڙي ته زور
سان هنئي، جو مرندي گهڙيءَ تائين انهيءَ جو نشان باقي هوس.
آخر شاه قاسم اونداهيءَ ۾ انهيءَ عورت کي مرزا باقي سمجهي
کهي ڇڏيو، ۽ سڄي لشڪر کي ڦري لٽي خوار خراب ڪيو.
هوڏانهن مرزا باقيءَ جي درياهه ۾ ڪرڻ وقت، خليل خدمتگار-
جو پڻ ساهه جي خوف ڪان پاڻيءَ ۾ لڪو ويٺو هو- کيس
سڃائي، مرادبي ميربحر سان ڳالهه ڪري، ٻوڙندي وٺي آيو،
جنهن تي چڙهي هو ڪناري تي پهتو. نغارو هٿ نه لڳڻ،
سو علي پوٽن جي ڳوٺ مان دهل گهرائي، ڇڙوڇڙ ٿيل لشڪر
کي گڏ ڪرڻ لاءِ وڄايائون. دشمن، مرزا جي خير سلامتيءَ
۽ لشڪر جي وري گڏ ٿيڻ جي خبر ٻڌي پوئتي هٽي ويا،
۽ هيءَ سندن تعاقب ڪري، کين پوريءَ طرح پڃائي،
ڪاميابيءَ سان لٽي موٽي آيا. خليل هن خدمت جي بدلي ۾
لشڪر ۽ نوڪرن جو سردار ۽ خاص مهردار مقرر ٿيو ۽
مرادبي کي درياهه جي سرداري عطا ٿي.

قصو ڪوتاه ـ جڏهن مرزا محمد باقي جان بابا کي شڪست ڏيئي (١) آرام سان ٽي ويٺو، تڏهن پنهنجي ننڍي ڀاءُ غالب (٢) کي پڻ فنا جو ڏڪ وٺائي، ڀائرن جي نگرانيءَ ۽ ڏڙڪ کان سواءِ، ظلم ۽ ناحق شروع ڪري، بزرگن

(١) جان بابا جي قتل جو واقعو تاريخ معصوميءَ (ص ٢١٣) ۾ هن طرح بيان ٿيل آهي: ”مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين ڀهرئين ٿي حملي ۾ ڪرالي ڏانهن نڪري ويا، جو سمنڊ جي ڪناري تي چام مهر (چام ڏيسر) جي رهڻ جو هنڌ هو...... مرزا محمد باقي ٺٽي جي هڪڙي وڏي پير، سيد علي [شيرازيءَ] کي وچ ۾ آڻي، مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين کي صلح سان هٿ ڪري، قتل ڪري ڇڏيو“: بيگلار نامي (ص ٧٨، ٧٩) به تقريباً ساڳي طرح لکيو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته جنهن جنگ ۾ جان بابا ۽ يادگار مسڪين شڪست کائي ڪرالي پڳي ويا هئا، انهيءَ جنگ جو بيان مير قانع ڪونہ ڪيو آهي. اها جنگ ماه بيگم ـ جنهن کي بيگلار نامي جو مصنف حاجي بيگم سڏي ٿو ـ جي سرڪردگيءَ هيٺ ٩٧٧هه ۾ مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي لڳي هئي، جنهن ۾ ماه بيگم قيد ٿي پيئي؛ جان بابا ۽ يادگار مسڪين ڪرالي پڳي ويا ۽ مرزا محمد باقيءَ جي فتح ٿي. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”بيگلار نامه“، سنڌي ترجمو، ص ٧٦-٧٩؛ ۽ تاريخ ”معصومي“، ص ٢١٢-٢١٣). (٢) مرزا عيسيٰ جي پٽ مرزا غالب جو ذڪر تاريخ جي ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪونہ ٿو ملي ـ البت جڏهن مٿي صفحي ٩٢ جي حاشيءَ ۾ بيگلار نامي جي حوالي سان ڏيکاري آيا آهيون، مرزا عيسيٰ کي ابراهيم ۽ جوهر نالي به پٽ هئا، پر اهي پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويا؛ مرزا صالح به ـ جڏهن مٿي بيان ٿي آيو ـ پيءُ جي جيئري مارجي ويو هو، تنهنڪري مرزا عيسيٰ کان پوءِ فقط سنڌ ۾ به پٽ مرزا باقي ۽ جان بابا بچيا هئا ـ والله اعلم.

جي حياتين وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. انهن مان شيخ پيرڪي لنگ- جنهن جي تعريف اڳتي بيان ٿيندي- کي ڳجهه ڳوهه ۾ قتل ڪرائي، شيخ ميرڪ عبدالوهاب پوراني (٣)- جو اتي جو پير هو ۽ آيو ويو سندس سخا جي دسترخوان تان فيضياب ٿيندو رهندو هو- لاءِ [صرف] انهيءَ وهم تي ته هن کي ٻاهرين ماڻهن جي معرفت حڪومت حاصل ڪرڻ جي خواهش آهي، [قتل جو] حڪم ڏنائين، جنهن تي قاضي خميسي، عيد جي ڏينهن عيدگاه کان موٽندي، کيس سندس سواريءَ تي قتل ڪري ڇڏيو. باوجوديڪ مٿئين شيخ سندس تخت نشينيءَ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ خليفي سيد عبدالوهاب عباسيءَ کي- جنهن جا عام ماڻهو معتقد هئا- خليل مهردار جي هٿان "ولدارالآخرة خير [و ابقي]" (بيشڪ آخرت جو گهر ڏاڍو چڱو ۽ جٽادار آهي) [٦٩] ڏانهن روانو ڪيائين.

چون ٿا ته قتل ٿيندڙ خليفي جي پٽ- صادق نالي- پيءُ جي قتل ٿيڻ تي [غصي ۾ اچي] خليل کي ترار هڻي، سندس نڪ صفا ڪپي ڇڏيو، ۽ هو جيستائين جيئرو هو تيستائين ميڻ جو نڪ تيار ڪري [نڪ جي جاءِ تي لڳائي]، عيب ڍڪڻ لاءِ، اکين تي، اکين اٽيل ماڻهوءَ وانگيان، ڦڪي رنگ جو ڪپڙو وجهون وتندو هو. انهيءَ (صادق) کي به پيءُ وارو رستو

(١) هن بزرگ جو نالو تاريخ معصومي (ص ١١٣-٢١٥) ۾ ميرڪ عبدالرحمان لکيل آهي ۽ سندس شهادت جو سبب هن طرح ٻڌايل آهي: "٩٩٢هه ۾ سلطان خواجه جو پاءُ شاهه خواجه حج کان موٽڻ وقت هرمز جي رستي کان لنگهي آيو ۽ اچي شيخ عبدالرحمان ولد شيخ ميرڪ جي گهر لٿو. ميرڪ عبدالرحمان کان جيترو ٿي سگهيو اوترو شاهه خواجه جي مهمانيءَ ۽ خوش آمديد ۾ مبالغو ڪيائين. شاهه خواجه، عالم پناهه جي دربار ۾ پهچڻ کان پوءِ مٿئين ميرڪ ڏانهن نوازش ڀريا خط موڪليا ۽ اهائي ڳالهه هن بزرگ زادي جي شهادت جو باعث ٿي".

وٺارائي ڇڏيائون. [هن جو] پيو پٽ محمد هاشم نالي گهوڙي ۽ هٿيارن سوڌو وچي درياهہ ۾ پيو، ۽ سندس ڪو بہ پتو نہ مليو. هن (مرزا باقي) بزرگن جي خانہ خرابيءَ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ شهر جي ننڍن خواهہ وڏن کي شهر کان ٻاهر رهائي، چيائين تہ "اسان جي حڪومت جا بدخواهہ اسان جي شهر ۾ نہ رهڻ گهرجن". سيد علي شيرازيءَ جي فرزند جناب سيد جلال کي- جو سندس پاءَ مرزا صالح جو نائي هو- پڻ شهر ۾ رهڻ نہ ڏنائين. ڪنهن ٻاهران آيل کي جيڪڏهن ملاقات جو لائق سمجهندو هو تہ گهرائي، ظاهر ۾ سندس ڏاڍي آجيان ڪري، مراديءَ مير بحر کي، کيس پيڙيءَ تي چاڙهي درياهہ جي سير ڪرائڻ جو حڪم ڪندو هو. جنهن تي هو کيس نهايت پرتڪلف پيڙيءَ ۾ وهاري، سندس حياتيءَ جي پيڙي وچي اجل جي ڪُن ۾ اڇليندو هو. اهو سيڪجهہ انهيءَ لاءِ ڪيو ويندو هو تہ جئن ڪو ماڻهو ملڪ جي حالت جي خبر ٻاهر نہ ڪڍي وڃي، ۽ جنهن ماڻهوءَ کي ملاقات جو لائق نہ ڏسندو هو، تنهن جو ڪم ٻاهران ئي پورو ڪري ڇڏيندا هئا. جنهن وٽ ڪا بہ شي ڏسندو هو تہ، انهيءَ کان زوريءَ کسي وٺندو هو. اناج قلعي ۾ اندر گڏ ڪندو ويندو هو. اگرچ اناج پيو سڙندو ۽ ضايع ٿيندو هو، تہ بہ ڪم نہ آڻيندو هو. سڄو ملڪ خالصو (١) ڪري فصل لهڻ وقت اناج تي ڪاراوا مقرر ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس وڪيلن کيس عرض ڪيو تہ "قلعي ۾ اناج رکڻ جي جاءِ ڪانہ رهي آهي، ۽ پراڻي اَن

---

(١) خالصو=خلاصو يا نجو. پراڻي اصطلاح ۾ 'جاگير' جي ضد طور استعمال ٿيندو آهي- "هيءُ پرڳڻو خالصو آهي"، معنيٰ 'خلاصو ملڪ جي واليءَ جي هٿ هيٺ آهي ۽ ڪنهن جي بہ جاگير ناهي' - هتان معلوم ٿو ٿئي تہ مرزا محمد باقيءَ سڀني جاگيردارن کان جاگيرون کسي پنهنجي هٿ ۾ رکيون هيون.

مٿان نئين اناج پرڻ ڪري گھڻو حصو سڙي وڃي ٿو: جيڪڏهن اجازت ملي ته ڪجهه حصو تقاويءَ طور ڏنو وڃي، جئن فصل تيار ٿيڻ وقت انهيءَ مان پورو فائدو حاصل ٿئي". چيائين، "انهيءَ جو جواب رات ونجو". رات جو سندس چوڻ تي ڪي مانيون مٽيءَ جون ٺاهي، انهيءَ سڙيل اناج جي مانين سان گڏ رکي، انهن ماڻهن کي دسترخوان تي گهرايائين. مٿين ماڻهن دسترخوان جو اهو حال ڏسي سڙيل اناج جي مانين ڏانهن هٿ وڌايو. [مرزا باقي] چيو "مٽيءَ جون مانيون ڇو نه ٿا کائو؟" هنن وراڻيو "مٽيءَ جون مانيون ماڻهو ڪئن کائيندا!" تنهن تي [مرزا] چيو: "جڏهن وقت تي ههڙو آن به ڪم اچي سگهي ٿو، تڏهن مون کي انهيءَ جي اچلائڻ جي تڪليف ڇو ٿا ڏيو؟ شايد همايون [بادشاهه] جي اچڻ وارو وقت توهان کان وسري ويو آهي!" جنهن ڪاموري تي ڪاوڙبو هو ته انهيءَ کي بازيون بازيون ڪري خونچن ۾ رکي سندس گھر موڪليندو هو. اهڙي طرح، سندس ظلم جي هٿ دنيا ۾ ڇا نه ڪيو هو!

ٿوري وقت کان پوءِ معلوم ٿيس ته مجاهد خان نالي هڪ امير، جلال الدين اڪبر بادشاه جي طرفان بکر تي ڪاهيو آهي. جهٽ پنهنجي نياڻي سيد جلال شيرازيءَ هٿان انهيءَ بادشاه جي پانهپ ۾ ڏياري موڪليائين، جئن انهيءَ حيلي سان پاڻ کي بچائي سگهي. اتفاقاً بادشاه انهيءَ سان هڪ صحبت ڪري، فرمايو ته "هيءَ باقيءَ خونيءَ جي ڌيءَ آهي، هن کي حرم کان ٻاهر رهايو". ارغون جيڪي دربدر ٿي وڃي اتي رهيا هئا، تن خانداني ننگ جو خيال رکي، سفارشون ڪرائي، ڪيس موٽائي پيءُ ڏانهن موڪليو. مرزا باقي سندن ڏاڍو ٿورائتو ٿيو، ۽ ڪين پاڻ وٽ گھرائي عزت تعظيم ڏنائين.

[هوڏانهن] مجاهد خان، سلطان محمود خان کي گھيري ۾ آڻي، فوج جو هڪ دستو بکر کان سيوستان موڪليو. [هيڏانهن] مرزا محمد باقي پنهنجي [وڏي] پٽ پائند. مرزا کي سندس

پٽ جاني بيگ ۽ شمس ڪشميريءَ سان گڏي، سيوستان تي مقرر ڪيو. مرزا [٧٠] جاني بيگ ننڍيءَ عمر هوندي به وڏن جهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ انهيءَ پاسي جي جوڳي حفاظت ڪئي. هو [مرزا باقي] پنهنجي [ٻئي] پٽ شاه رخ کي علي شير ڪوڪه سان گڏي نصرپور ۾ وهاري، ٽئين پٽ مظفر ترخان کي علي خان ڪوڪه سان گڏ بدين ۽ چاچڪان جو پرڳڻو ڏيئي، مرزا محمد ترخان ۽ قاسم علي سلطان ساربان کي نيرون ڪوٽ وارو پاسو حوالي ڪري، پاڻ ٺٽي ۾ ويهي رهيو، ۽ بندرن تي اعتماد جوڳا ماڻهو وهاري، سمجهدار جاسوس مقرر ڪري، اهڙو انتظام رکيائين جو اميرن، پٽن ۽ رعيت جي روش جو حال احوال ڪيس هر هفتي پهچندو رهندو هو.

چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ هڪڙو ايلچي اڪبر بادشاه جو نشان ۽ ڪي جوڙا ڪبوترن جا ڪٺي وٽس آيو، تنهن تي وزيرن کي چيائين ته ”ڪبوترن جي جوڙن موڪلڻ مان مراد آهي ته هُن مون کان هنن جي داڻي جي تنخواه جي گهر ڪئي آهي“. ٿوري وقت کان پوءِ ايلچيءَ کي عزت ۽ احترام سان موڪل ڏيئي، ڪوٺيءَ جي ٻچ ۽ مولن جي پاڙن جهڙا کي پاڻيهي پيدا ٿيندڙ ڏٽ ڳوترين ۾ وجهي، موڪلي، ڏاڍيءَ عاجزيءَ ۽ نياز سان عرض ڪيائين ته ”حضرت اعليٰ ڪبوترن جا چند جوڙا عنايت فرمائي، مون جهڙي ضعيف جهرڪيءَ کي شهباز جو مرتبو عطا ڪيو آهي: پر هاڻي مان انهن جي داڻي جي ڳڻتيءَ ۾ حيران آهيان، ڇاڪاڻ ته هن زمين ۾ جيڪي پيدا ٿئي ٿو، سو انهن جي داڻي جي لائق نه آهي- جڻن نظرانور جي گذارش هيٺ ايندو- تنهنڪري [توهان جي] بنده نوازيءَ مان اهائي اميد آهي ته هن کان پوءِ حضور اعليٰ خاص توجه فرمائي، هن غيرآباد ڪنڊ ڏانهن ڪنهن قوت گذران جهڙيءَ شي جي نوازش فرمائيندا!“

مير محمد طاهر، پنهنجي تاريخ ۾ مولانا جمال الدين کان - جو مرزا جي مقربن مان هو - نقل ڪيو آهي ته "هڪ ڏينهن روزنامچو منهنجي نظر تي چڙهيو، [جنهن ۾ ڏٺم] ته مولانا مير، مرزا جو بخل ڏسي، گهوڙن جي لڏ مان سڄي نڪرندڙ آن جي عيوض سٺسن تي سيڪنهن فصل ۾ ڪي خرار ان مقرر ڪيو هو. هن خدمت جي عيوض مرزا جي مٿس خاص مهرباني ٿي ۽ ڪن هزارن توبچين ۽ توبخاني جو سردار بنجي 'آتش خان' جو لقب لڌائين".

مطلب ته سندس برن ڪمن جون ڪنديون آهن، ٻڌندڙن کي ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايون! [هو ملڪ جي] حدن جو بندوبست رکي، آرام سان پنهنجي آڏو ملڪ جي آمدنيءَ ۽ خرچ جو دفتر رکي، ويهي رهيو. ڪو ڏينهن ڏاڙهيءَ پٽڻ، نڪ ۽ کن ڪپڻ ۽ هاٿين جي پيرن ۾ ٻڌي گهٽين ۽ بازارين ۾ گهمائڻ جي سزائن کان خالي نه هوندو هو، جنهنڪري ماڻهن جا هٿ آسمان ڏانهن کڄڻ لڳا ۽ ڦٽيل دليون خدا کي ٻاڏائڻ لڳيون. اوچتو سندس پٽ شاهرخ جي موت جي خبر آئي، تنهن تي محل جي زالن جي سٽڻ ۾ پيليون وجهارائي، سندن ٻيا وڏارائي چڏيائين ۽ مردن کي هاٿين جي پيرن سان ٻڌارائي گهٽين ۽ بازار ۾ گهمايائين - ڇي "هنن منهنجو پٽ مون کان جدا ڪيو هو!" نيٺ سڙي سڙي سندس جاءِ تي [شاه] قاسم ارغون کي نصرپور موڪليائين (١).

(١) نهايت تعجب جهڙي ڳالهه آهي جو ههڙي ظالم جيءَ - جنهن جي ظالم هجڻ تي مير قانع ۽ مير معصوم ٻئي متفق آهن - بيگلارنامي جو مصنف ڏاڍي تعريف ڪري ٿو. لکي ٿو: "مرزا محمد باقي داناءِ عاقبت انديش ۽ انصاف وارو حاڪم هو. هو هلندڙ حالتن مان ايندڙ حالتون جاچيو سگهندو هو. ملڪ جي انتظام رکڻ ۾ بي نظير هو.

(ڏسو حاشي صفحو ١٨٤)

آخر دلين جو دونهون آسمان تي وڃي ته ڇمائي بيٺو ۽ اجل جي تيرن جي بارش مٿس وسڻ لڳي ته هن کي ساه جي خوف ورتو. پاڻيءَ ۽ ماڻيءَ تي سندس خاص معتمد ملڪ احمد جي مهر ٿيندي هئي. هن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر جنهن صورت ۾ تقدير پنهنجو ڪم ڪري چڪي هئي ۽ هڪ جهان جو خون سندس حياتيءَ جي شريان ۾ نشتر جئن لڳي چڪو هو، تنهنڪري هڪ رات، بي اختيار پلنگ تان اٿي، شمع وسائي، پنهنجي خاص تـرار مياڻ مان ڪڍي، سندس ڇهنب پيٽ تي ۽ قبضو دريءَ جي طاق تي رکي، اهڙو ته زور ڏنائين جو ڦٽيلن جي دعا جي تير جي مدد سان [٧١] سندس پٽيءَ ڪـان ظاهر ظهور نڪري آئي. پنهنجو ڪم پاڻ پورو ڪري، آنڊا هٿ ۾ جهلي، ديوانخاني ۾ ٻئي قدم هلي ڪري پيو، ۽ گذاري ويو. هن جي نامعلوم موت [جي سلسلي] ۾ ڪئين ڏسٽا وائسٽا ماڻهو تهمت هيٺ اچي گرفتار ٿيا - هيءَ پڻ سندس ظلم جي نشاني آهي، جو موت کان پوءِ به انهيءَ کان نه رهيو. اهو [واقعو] سنه ٩٩٣ھ ۾ ٿيو.

سندس قبر مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي مشهور معروف رانڪ ۾ آهي. سندس حڪومت جو عرصو ١٣ سال هو.

هن جي حڪومت ۾ ماڻهن امن امان ۽ آسودگيءَ ۾ گذاريو. ڪو به ڏاريو ماڻهو هن جي ڏينهن ۾ سنڌ تي ڪاهي نه آيو هو. فقيرن ۽ درويشن ۾ گهڻو ويساهه هوندو هوس. ساداتن ۽ عالمن جي گهڻي عزت رکندو هو. مذهبي اڳواڻن ۽ طالب علمن کي طرحين طرحين انعام ۽ بخششون ڏيندو هو. رعيت کي ڪا به گذران ۽ پيسي جي تنگي ڪانه هئي. لشڪر کي پگهار ۽ ڪاڌو خوراڪ باقاعدي ملندو هو. ملڪ جي پوک ۽ آباديءَ تي خاص طرح ڌيان ڏيندو هو. سمجهه ۽ گهڻيءَ سجاڳيءَ سان هو پنهنجو ملڪ هلائيندو هو". («بيگلارنامه»، ترجمو سنڌي، ص ١٨٤).

اميرن صلاح ڪري سندس وڏي پٽ پائنده بيگ کي حڪومت لاءِ چونڊيو، پر هو پاڻ جنهن صورت ۾ چريٽ هو ۽ سندس پٽ جاني بيگ هڪ عقلمند جوان هو، تنهنڪري انهيءَ کي قانوني صلاحڪار مقرر ڪري، ملڪ جو ڪاروبار سندس نگرانيءَ هيٺ تجويز ڪرڻ ڪان پوءِ، پنهي کي سيوستان کان گهرايائون. هيڏانهن مرزا مظفرخان به، هڪ ڏينهن ۾ بدين کان اچي پهتو، اميرن کيس شهر کان ٻاهر ترسايو. جيستائين ٽئين ڏينهن پائنده بيگ ۽ جاني بيگ به اچي پهتا.

[مرزا جاني بيگ]

مرزا جاني بيگ جڏهن خليل مهردار، خسرو چرڪس، ملڪ محمد فراخي، شمس الدين سلطان، ملڪ جمال الدين ۽ ٻين اميرن جي فيصلي موجب، پيءَ جي زندگيءَ ۾ ئي حڪومت جي ڪاروبار جي ٻڌ ڇوڙ جو مالڪ ٿيو، تڏهن سياست طور، خودڪشي ڪندڙ مرزا جي خون جي تهمتين کي دربار ۾ گهرائي، دريائي آبدار کي ٽوئن ۾ ويڙهي ساڙايائين، توشا خاني جي سنياليندڙ جي بدن ۾ ڪرٽ وجهي، مٿي کان پيرن تائين ٽڪرا ڪرائي، هرهڪ اڌ کي ذرا ذرا ڪرائي بازار ۾ گهٽين ۾ اڇلارايائين، ڪن هندن کي سنگسار ڪرائي، ملڪ احمد کي بازار ۾ وهاري، پيرن کان مٿي تائين کل لهرائي، سندس جسم ۾ ٻوٽيون ڪرائي، ڪتن آڏو ڦٽو ڪرايائين.

آفرين آهي ملڪ احمد جي بهادريءَ تي: سندس کل پيرن جي ننهن کان لاهي، مٿي جي کل سوڌي وات تائين آندائون، پر هن اف به ڪانه ڪئي ۽ نه پنهنجي جاءِ تان چريو!

مرزا مظفر، جو شهر کان ٻاهر عاليجان [جي ڪپ] تي لٿو پيو هو، سو انهيءَ سياست کان ڊڄي پنهنجي وڪيل عليخان کي - جنهن تخت نشينيءَ لاءِ گهوڙي جي چمڪي (قمچي)

ساڻ آندي هئي- پاڻ سان وٺي، اهڙو تڪڙو بدين هليو ويو، جو سندس ڪيترو سامان ۽ گهر جو فرش فروش اتي ئي رهجي ويو. هو بدين وڃي ڪاهه ڪرڻ جي تياريءَ ڪي لڳي ويو.

مرزا جاني بيگ جي پنهنجي چاچي مظفر ترخان تي ڪاهه (١)

مرزا جاني بيگ پڌو ته سندس چاچو بدين ۾ ڪاهه ڪرڻ جا سانبها ڪري رهيو آهي، تڏهن اميرن کي چيائين ته اسان کان جيستائين هيءُ فساد بند نه ٿيندو تيستائين حڪومت هلائڻ مشڪل آهي. آخر انهيءَ مهم جو تدارڪ سوچي روانو ٿيو. هوڏانهن مرزا مظفر، علي خان ڪوڪ سان گڏ جنگ جي صلاح ڪري وڏيڪ ڪم صبحائي تي چڙهيو هو، ته رات جي پيٽ ۾ مرزا جاني بيگ بدين جي مغلن کي لکي موڪليو ته ”جيڪڏهن مرزا مظفر ڪامياب ٿيندو ته ضرور پنهنجن مائٽن، ڪڇي راجپوتن کي توهان سيني تي ترجيح ڏيندو ۽ انهن جي رهڻ ڪري توهان جي زندگي زهر ٿيندي. هيءُ وقت [توهان جي] خدمت ڪرڻ جو آهي، [باقي پوءِ] انشاءالله تعاليٰ اسان جي طرفان توهان جون سڀ اميدون پوريون ٿينديون. جيڪڏهن [هن وقت] هن کان چڱو نٿا سمجهو ته صبحائي جنگ جي وقت پنهنجن خاص مائٽن سميت پاسو ڪري وڃجو“. اهڙي طرح پڪن انجامن سان [٧٣] انهن مائٽن کي پنهنجي پاسي ڪيائين.

ٻئي ڏينهن جنگ جي نوبت وڳي ۽ ٻنهي طرفن کان لڙائيءَ جي باهه جون چڻيون بلند ٿيڻ لڳيون، تڏهن مرزا جاني بيگ جي لشڪر، مرزا مظفر جي مائٽن کي-جي اڪثر

(١) بيگلارنامي (ص ١٣٣ - ١٣٥) موجب مظفر ترخان کي بدين ۾ شڪست شاهه قاسم ارغون عرف خان زمان ڏني هئي- وڌيڪ تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي.

ڪڇ جا راجپوت هئا ـ اچي تلوار جي هٿئون هٿ لڙائيءَ ۾ سوڙهو ڪيو. مرزا مظفر بدين جي مغلن ڪي لڙائيءَ تي ڏاڍو همٿايو، پر ڪارگر نه ٿيو. آخر [پنهنجي] لشڪر جو نفاق ۽ مرزا جاني بيگ جي فوج جو غلبو ڏسي پنهنجي ماڻهن کي چيائين ته ”جنگ ۾ مشغول رهجو، ته مان پنهنجي والده ۽ تعلقدارن کي پنهنجي سامان سميت اڳيرو ڪري ٿو اچان“. [ائين چئي] پاڻ ٽڪرو ٽڪرو پيڇي وڃي ڪڇ جي راهه ورتائين. مرزا جاني بيگ جي چوڻ تي سندس خواه سندس همراهن جو سمورو سامان، جو ماڻهن جي گهرن ۾ رهيل هو، پڻ وهٽن تي لڏي سندس پويان موڪليائون، ۽ پاڻ قلعي ۾ داخل ٿي مغلن تي مهرباني جو هٿ رکي، انجام کان وڌيڪ نوازشن سان نوازي، سندن جاگيرون وڌايائين، ۽ رعيت جي، مرزا جي زماني وارن اڳوڻن، ڦٽن تي نوازشن جي مرهم رکيائين. مرزا مظفر وڃي ڪڇ جي والي ڀاري راءِ وٽ پناهه ورتي.

مرزا جاني بيگ سوڀ ڪري، ٺٽي موٽي اچي مرزا باقيءَ جو سمورو گڏ ڪيل خزانو، لشڪر ۽ اميرن کي بخشي، سارو حقدارن تي خرچ ڪيو، جنهنڪري مرزا باقي جي زماني وارا ماڻهن جا ڦٽ ميڄڻ لڳا ۽ سندس سخا ۽ احسان جي هير کان ماڻهو ائين ٽڙڻ لڳا، جيئن باغُ بهار جي هير کان ٽڙندو آهي. عرب ڪوڪ، يعقوب علي ڪوڪ، رستم بيگ جهڙن پنهنجن ڪن خاصخيلن کي نهايت وڏن درجن سان نوازيائين. مثلاً گداعلي ولد مهترعلي کي ياني خان جو لقب ڏيئي پنهنجو وزير بنايائين.

چون ٿا ته ٺٽي ۾ هن کان اڳ ضربخاني جو رواج ڪونه هو ـ اڪثر فرنگي مُهر واري اشرفي، ٽنڪي ۽ ڍکهي لاري مروج هئي، مگر مرزا عيسيٰ نامي جو پيسو ايجاد ڪيو هو، جنهن کي ”عيسائي“ سڏيندا هئا. جاني بيگ انهيءَ کي کهٽائي

"ميري" نالو ڏنو. ان جي ماڻ ۾ پڻ ڪمي ڪيائين. هن مان دانائن ماڻهن بدفال ورتي ۽ ائين ئي ٿيو.

صادق محمد خان جو اچڻ

جڏهن مرزا باقيءَ جي موت، مرزا پائنده بيگ جي تخت تي وهڻ ۽ سندس پٽ مرزا جاني بيگ جي مدارالهاميءَ جي خبر، هندستان جي مالڪ جلال الدين محمد اڪبر جي حضور ۾ عرض ڪئي ويئي، تڏهن هڪ فرمان جاري ٿيو، جنهن جو مضمون هيءُ هو: "جنهن صورت ۾ پراڻي زماني کان اسان جو خطبو پڙهڻ لازمي ٿا سمجهو، تنهنڪري بهتر آهي ته اڄ کان پوءِ سڪو، لائق تحفا ۽ سوڪڙيون موڪلڻ پڻ شامل ڪري پنهنجو نالو غلامن ۾ داخل ڪرايو". انهيءَ فرمان جي پوياڻ صادق محمد خان زبردست فوج سان هن علائقي تي مقرر ٿيو. مرزا جاني بيگ جواب ۾ لکيو ته "اسان قديم کان غلام آهيون - جيئن خطبي کي پنهنجي فخر جي چهري جي رونق سمجهون ٿا، تئن سڪو پڻ پنهنجي سرفرازيءَ جو سرمايو سمجهنداسون؛ باقي رهيو نذرانو، سو پڻ غلامن جي لاءِ اعتماد جو سامان آهي، پر ڪيترن سالن کان ملڪ ڏيڻ کان خالي هو، نوازش فرمائي ٿوري مهلت ڏيندا ته جيئن هڪ غلام کي جڳائي، لائق تحفا هٿ ڪري، پنهنجي ڀاءُ مرزا شاه رخ جي هٿان حضور ۾ پهچائيندس" (١).

ايتري ۾ صادق محمد خان اچي سيوستان جي قلعي کي وچڙيو. بلبل خان، کهوريو راءِ وغيره جيڪي ماڻهو قلعي ۾

(١) هي "شاه رخ" شايد مرزا پائنده بيگ جو پٽ ۽ جاني بيگ جو ڀاءُ ٿو ڏسجي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪٿي به ڪونه آيو آهي. مٿي جنهن "شاه رخ" جو ذڪر صفحي ٦٦ تي ٿي آيو آهي، سو مرزا باقيءَ جو پٽ هو ۽ اهو مرزا محمد باقيءَ جي ڏينهن ۾ گذاري ويو هو، جيئن بيان ٿي چڪو.

رهندڙ هئا، تن اهڙي ته جنگ ڪئي جو ايندڙ ڪڪ ٽي، صفن جي لڙائي ڪامياب ٿيندي نه ڏسي، شهر جي گهرن جي پويان ڪاٽ هڻڻ جو حڪم ڪيو، ۽ پانيائين ٽي ته اندرين ماڻهن کي ڪابه خبر ناهي؛ پر اندرين رکو ڳالهه ٻڌڻ تي [اڳينءَ پٽ] ڪان به وڌيڪ مضبوط نئين پٽ ڪٽي ڇڏي. جنهن ڏينهن [٧٣] صادق محمد خان ڪاٽ ۾ باهه ڏياري ۽ ٻاهرين پٽ اچي پٽ پيئي، ته انهيءَ ڪان به قوي نئين پٽ ظاهر ٿي. هن قلعي وارن جي عقل تي آفرين ڪري، قلعو فتح ڪرڻ طاقت ڪان ٻاهر سمجهيو ۽ جڏهن مرزا جاني بيگ انهيءَ پاسي آيو، تڏهن ته پوريءَ طرح مايوس ٿي تڪڙو تڪڙو پوئتي موٽيو، ۽ تعاقب جي خوف ڪان بکر وڃي ساهه کنيائين(١). مرزا جاني بيگ، مرزا شاهرخ کي لائق تحفا ڏيئي [شهنشاهه اڪبر] جي حضور ۾ موڪلي، دلجاءِ ڪري غافل ٿي ويهي رهيو.

(١) مير معصوم پنهنجي تاريخ (ص ٢٤٨-٢٤٩) ۾ لکي ٿو ته "سيوهڻ کي گهيرو جاري هو ته مرزا جاني بيگ ٻري ۽ بحري فوج وٺي سيوهڻ ڪان ڇهن ڪوهن پنڌ تي اچي مهراڻ جي ڪپ تي لٿو. محمد صادق خان گهيرو ڇڏي مرزا جاني بيگ ڏانهن متوجهه ٿيو. لکي جبل جي برابر اچڻ تي مرزا جاني بيگ جي غرابن محمد صادق خان جي لشڪر جي سامهون اچي توبون ۽ گولا ڇوڙڻ شروع ڪيا. ڪيترا ڏينهن ڏريون هڪ ٻئي جي منهوءِ رهي لڙائي جي ڪوشش ڪري رهيون هيون، ته ايتري ۾ بادشاهه جو فرمان پهتو ته "مرزا جاني بيگ، درگاهه ۾ لائق تحفا پيش ڪري، عاجزي، نياز ۽ سچائي ظاهر ڪئي آهي"- تنهنڪري محمد صادق خان بکر موٽي آيو، ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ عالم پناهه جي درگاهه ڏانهن روانو ٿي ويو.

خبر نٿي پئجي سگهي ته مير معصوم، جو اڪبري دربار جو هڪ امير هو، نمڪ جو حق ادا ڪندي، هن طرح هڪڙي اڪبري نواب جي پيشانيءَ تان شڪست جو داغ ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، يا مير قانع ڏنوي هجڻ ڪري ويهي خواه مخواه ڏني جي نواب جي ساراهه جا ڍڪ پريا آهن ۽ ڪيس ٻڌايو آهي- بيگلارنامي جو مصنف، مير قانع جي تائيد ڪري ٿو (ص ١٣٧).

نواب خان خانان جو اچڻ

حضور جلال الدين محمد اڪبر، صادق خان جي واپس اچڻ کان ڪاوڙجي، سنه ۹۹۱ ھ ۾ عبدالرحيم خان خانان ولد بيرم خان کي مقرر فرمايو (١). مرزا جاني بيگ هي خبر ٻڌي خشڪي خواه دريائي لشڪر وٺي اچي نصرپور تعلقي جي بوهري ڳوٺ ۾ اونهي کاهي کوٽائي، هڪڙو ننڍڙو مضبوط قلعو ٺهرائي ويٺو. رستم بيگ کي ٻي فوج ساڻ ڏيئي سيوستان موڪليائين ته وڃي اهو قلعو مضبوط ڪري، ۽ قلعي کان ٻاهريان گهر ڍاهي ميدان ڪرائي. اگرچ هيءَ سڀڪجهه ڪيائين، پر لڪيءَ جو جبل، جو شهنشاه جي فوج جو لڪ هو، تنهن ڏانهن ڪو توجهه ڪونه ڪيائين- بيشڪ جڏهن زوال ايندو آهي تڏهن هوش حواس پراگنده ۽ عقل خطا ٿي ويندو آهي.

مرزا خان خانان لڪيءَ جي جبل وٽ پهچي، انهيءَ وڪڙ واريءَ جاءِ کي- جتان هڪڙو سوار به سخت مشڪل سان ٿي لنگهي سگهيو، ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي ٿورو مضبوط ڪن ها، ته هڪڙو ماڻهو رڳو پٿرن ۽ پٿرن سان به هزارن جو مقابلو ڪري ها- ڏسي، عجب کائي، چيو ته ”جڏهن دشمن هيڙو گهٽ اسان لاءِ کليو ڇڏيو آهي، تڏهن انشاءالله سندس ڪم جلد پورو ٿيندو“. پوءِ پهريائين سيوستان جو قلعو فتح ڪرڻ گهريائين، پر پوءِ اهو خيال ڪري ته جيستائين ملڪ جو

---

(١) مير معصوم پنهنجي تاريخ (ص ٢٥٠) ۾ اڪبر بادشاه جي ڪاوڙجڻ جو ٻيو سبب ٻڌايو آهي- اهو هي آهي ته جڏهن بادشاه لاهور ۾ تشريف فرما ٿيو هو، تڏهن مرزا جاني بيگ، مرزا شاه حسن جي نقش قدم تي هلي، فرمانبرداريءَ جا شرط پوريءَ طرح بجا نه آندا هئا، ۽ خود مختياريءَ جو دم هڻي رهيو هو؛ تنهنڪري بادشاه، نواب خان خانان کي ٺٽي جي ملڪ فتح ڪرڻ ۽ پروچن کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ مقرر فرمايو.

مالڪ ۽ تختگاه هٿ نہ آيو آهي، تيستائين هن منيءَ جي ڊير مان چا ورندو- پهريائين ملڪ جي مالڪ ۽ تختگاه کي تابع ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيائين؛ پوءِ هڪ دستو سيوستان جي قلعي کي گهيري ڪرڻ تي مقرر ڪري، انهيءَ وڪڙ واريءَ جاءِ مان ساري لشڪر سوڌو نڪتو، مرزا جاني بيگ تي ڪاهيائين. مرزا جاني بيگ انهيءَ لڪ ٽپڻ تي ڏاڍو افسوس ڪاڏو، پر ڪم هٿ ڪان نڪري چڪو هو، [افسوس مان] ڪهڙو فائدو؟- مرزا خان خانان ڪامياب ٿي ٿوري ئي وقت ۾ ڏاڍي شان شوڪت سان اچي مرزا جاني بيگ جي قلعڙي جي سامهون ڇانوڻي هنئي.

چون ٿا تہ جڏهن خانخانان هن ڏکي مهم کي سرانجام ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو هو، تڏهن هُو صادق خان جي [ناڪامياب ٿي] موٽي اچڻ ڪري، ٺٽيءَ ۾ پهچي ويو هو، ۽ جتي بہ ڪو اهل الله ٿي ڏٺائين تنهن کان پنهنجي فتح لاءِ دعا جي درخواست ٿي ڪيائين- هڪ بزرگ کان نقل آهي تہ ڪنهن اهل الله کيس ٻڌايو تہ ويجهڙائي ۾ جناب ڪرامتماب شيخن جو شيخ مخدوم نوح هالا ڪنڊي (هالا ئي) عليه‌الرحمة، هالا ڪنڊي (هالن) ۾ گذاري ويو آهي؛ جيڪڏهن انهيءَ جي فاتح خوانيءَ لاءِ توهان اڳ ۾ پهتا تہ توهان ڪامياب ٿيندا، پر جيڪڏهن مرزا جاني بيگ اڳ ۾ پهتو تہ پوءِ اهو اڳرو ٿيندو. الله پاڪ جي تائيد جو اتفاق ڏسو، جو جاني بيگ ايتري ويجهڙائيءَ هوندي بہ انهيءَ رحماني بخشايش جي خزانن جي ڪنجي (مخدوم نوح) جي فاتح خوانيءَ جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اچا پهتوئي ڪين هو، تہ (خانخانان) وڃان گوئي کڻي ويو.

جنگ جي ڪيفيت

جڏهن ٻئي لشڪر اچي هڪ ٻئي جي پاسي ۾ لٿا، تڏهن ڪيترا مهينا سندن وچ ۾ خشڪي خواه پاڻيءَ تي اهڙي تہ

سخت لڙائي هلندي رهي، جنهن ڪان شينهن جو پتو پاڻي ٿي ٿيو، [۴۷] ۽ ٻنهي طرفن ڪان ڪارائتا ماڻهو ڪم ايندا (قتل ٿيندا) ٿي رهيا. آخر فيصلي ڪُن لڙائيءَ جي [هڪ ٻئي کي] دعوت ڏنائون. ٻنهي طرفن کان لشڪر تمام گهڻو هو، تنهنڪري امتياز خاطر هندستانين پٽڪن ۾ تير ڇپايا هئا، ۽ سنڌين ووڻن جون سايون ٽاريون لڳايون هيون. آخر اهڙي جنگ لڳي، جنهن جي ڪميت ۽ ڪيفيت جي اندازي لڳائڻ کان عقل جي تارازي عاجز آهي. هٿئون هٿ لڙائي شروع ٿي، ته مرزا جاني بيگ جو پاسو تمام ڇڙهندو ڏسڻ ۾ آيو. خان خانان پنهنجي لشڪر جي شڪست ڏسي، الله پاڪ جي حضور ۽ شهنشاه جي اقبال جي امداد ڏانهن رجوع ڪيو، ۽ الله پاڪ ۽ شهنشاهي بخت جي تائيد سان، مرزا (جاني بيگ) جي لشڪر جي عين غلبي وقت، هڪ مست هاٿي لشڪر جي اڳيان ٿهي فوج کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو؛ تنهن سان گڏ وري سندن سامهون سخت واءُ گهلڻ لڳي، جنهنڪري اوچتو ٽاڪوڙو پنجي ويو ۽ عين غلبي جي حالت ۾ مغلوب ٿي ويا، ۽ آيت ڪريمه "يوم يفرّ المرءُ مِنْ آخيه"(۱) جي مصداق ظاهر ٿي. پندرهن ماڻهن کان سواءِ، مرزا جاني بيگ اڳيان ڪوڪون رهيو. مرزا سر ست ۾ ڏيئي بيهي رهيو، پر شاهه قاسم ارغون نهايت زور سان ڪيس اتان ڪڍي وڃي پيڙيءَ ۾ چاڙهيو. مرزا جي فوج هن پريشاني ۾ گهڻي تلف ٿي ويئي. پيهريءَ جي قريب مرزا انڙپور پهتو. جنهن صورت ۾ ڪوبه بيلدار هٿ ڪونه آيو ۽ زمين وارياسي هئي، تنهنڪري تڏا هڪ ٻئي سان سبي، واريءَ سان پري، سانجهي تائين ماڻهوءَ جي قد جيتري

---

(۱) سڄي آيت: "يوم يفر المرء من اخيه و امه و ابيه و صاحبته و بنيه لڪل امرء منهم يومئذ شان يغنيه" (اهو ڏينهن اهڙو ته سخت هوندو جو آدمي پنهنجي ڀاءُ، ماءُ، پيءُ، زال ۽ ٻچن کان بيزار هوندو؛ هر هڪ ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو).

پناه ڪري ڪيائون. هوڏانهن خان خانان پڻ تعاقب ڪري، ڊوڙي اچي خندق هٽي ويٺو ۽ رسد جي آمدرفت جو رستو بند ڪري ڇڏيائين. جاني بيگ ٻيءَ کي لکيو، جو شهر کي لڏائي، ويران ڪري، وڃي ڪلان ڪوٽ جي قلعي (۱) ۾ ويٺو، جنهن جي ڀِڃَ ڊاهَه ڏينهن لاءِ مرمت ڪرائي ويٺي هئي. ساڳيءَ طرح هرهڪ ڳوٺ ۽ ديهه جي ويران ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، پاڻ ٿورو لشڪر گڏ ڪري، سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو.

چون ٿا ته هڪڙو مهينو ٺٽي ۾ ڏاڍي بربادي رهي. هيڏي ساري عاليشان شهر کي باهه ڏيئي ڇڏيائون. ماڻهن جو پوريل مال ٿورو ڪونه ڪٽي ٿي ويا. آڳ جي ڪرايي ۾ سامان جو اڌ ورتو ٿي ويو.

خان خانان هي حال ڏسي چوطرف صوبيدار موڪليا، جن نيرون ڪوٽ جو قلعو محمد امان ترخان ۽ قاسم علي وڪيل کان ڇڏايو. ٻئي طرف شاه بيگ خان، ابوالقاسم ارغون جي هٿان شاه ڪره (ساڪرو) کسيو، تنهن کان سواءِ چاچڪان جو پرڳڻو پڻ اتي جي ماڻهن کي امان ڏيئي ضابطي هيٺ آندائون. هيڏانهن وري مرزا جاني بيگ جو ٻيءَ پاينده بيگ ۽ پٽ ابوالفتح عمر ۽ ملڪ جو سرمايو برباد ڪيو (مري ويا). مرزا جاني بيگ هيءَ سڀ ڳالهيون ٻڌي - باوجوديڪ خان خانان جي لشڪر، مورچا سندس قلعي سان ويجها ڪري، ڳالهه هن حد کي پهچائي هئي جو ٻنهي طرفن جا سپاهي هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندا هئا، ۽ هڪ ٻئي تي پٿر ۽ لٺيون اڇلائيندا هئا - مردانگيءَ جو ڪوبه دقيقو پوئتي نه ڇڏيو - ۽ ساڳي طرح جانبازيءَ واري قدم تي قائم رهندو آيو.

(۱) هي ڪوٽ چام تغلق اڏايو هو. هن کي تغلق آباد به چوندا هئا (ڏسو ص ۱۳۱).

[باب ڏهون]

[مغل سلطنت ۽ ان جا گورنر]

صلح ۽ ملڪ فتح ٿيڻ جي حقيقت

خان خانان ڏٺو ته جاني بيگ ۾ جيستائين جان آهي تيستائين هو پنهنجي ننگ ۽ ناموس ڪان پوئتي نه پوندو، ۽ سندس سرويچي خبر ناهي ته ڪيس ڪهڙا ڏينهن ڏيکاري، تنهنڪري بهتر آهي ته ڪيس پڪن وعدن جي دام ۾ ڦاسائي صلح جي رستي تي آڻجي. اهو خيال ڪري، هڪ هوش وارو ايلچي مرزا جاني بيگ ڏانهن موڪلي پيغام ڏنائينس ته "توهان ۽ اسان اصل ۾ هڪ گهراڻي يعني صاحبقران جا غلام آهيون، ۽ هڪ ئي گهراڻي جا پانهان، [٧٥] جيڪڏهن آسماني تقديرن ڪان هڪ ٻئي ڪان دور ٿياسون، ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانه آهي. هنن جنگين ۾ تو جهڙي بي نظير بهادر جي همت ۽ دل جيڪا بهادري ڏيکاري آهي، سا زماني ۾ يادگار رهندي؛ ليڪن معلوم هجڻ گهرجي ته ٻئي طرف هندستان جي چئني طرفن جي مالڪ شهنشاه جو لازوال اقبال آهي، جنهن جي بندگي وقت جي بهادرن ۽ رستمن جي نام و ننگ جو سرمايو آهي. جنهن حڪومت هن درگاه [جي چائٺ تي] سر نه رکيو، تنهن تي انيڪ مصيبتون آيون. هن ڪان وڌيڪ خلق جي خونريزيءَ جي ڪوشش ڪرڻ، پنهنجي پياري ساه ـ ڪان هٿ ڌوئڻو آهي، ۽ جيڪڏهن زمين و زمان جي وارث (شهنشاه اڪبر) ـ جو وقت

جو اولو الامر (١) آهي - جي بيفرمانيءَ جي آوه ۾ پياري جان هجي ويئي، ته پوءِ عزت ۽ ناموس، شان ۽ شوڪت جي سڀ انهيءَ مقصد جا مقدما آهن - ڪٿي رهندا؟ توهان جي وقار ۽ اعتماد لاءِ آءٌ ضامن آهيان - تنهنڪري بهتر آهي ته هتان ويل ڪم ڪي وري هٿ آڻيو“.

جون ته مرزا جاني بيگ جو جيڪو ٿورو لشڪر وڃي بچيو هو، تنهن جي تنگي ۽ تڪليف جي هن وقت حد ٿي چڪي هئي، ۽ سيئي مٿلن جي ماتم ۾ ڪپڙا نير ۾ رڱي، ماتم جا ڪپڙا پهري، سر ترڻيءَ تي رکيو ويٺا هئا. خود مرزا پڻ پيءُ، لشڪر ۽ ملڪ جي برباد ٿيڻ جي غم ۾ ۽ پڌايان ته ڪهڙي حال ۾ ويٺو هو، پر جڏهن ايلچي آيو، تڏهن ڏيکاءَ لاءِ اهڙو ته ٿاهه لوهه ظاهر ڪيائين، جو خان خانان کي پڻ پڌي تعجب ٿيو. آخرڪار سوال جواب کان پوءِ محمد علي ڪابليءَ کي ايلچي سان گڏي خان خانان ڏانهن موڪليائين.

جون ته انهن ڏينهن ۾ مرزا جي لشڪر جي ڪجهه حصي، ڪجهه ڪوهه ۾ خان خانان ڏانهن امان طلبيءَ جون عريضيون لکيون هيون. بهرحال پڪن انجامن وٺڻ کان پوءِ، اهو فيصلو ٿيو ته هڪ ٻئي ڏانهن سوڪڙين ٻاڪڙين جو رستو ڪليل رهڻ ڏجي [redacted] سپاهي پڻ هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ ۽ آمد رفت جو رستو رکي، دلين مٿان دشمنيءَ جي ڪٽ لاهين [redacted] ۽ مرزا پنهنجن ماڻهن کي هر هنڌان گهرائي، قلعن جون ڪنجون حوالي ڪري، جئن خان خانان جا ماڻهو وڃي [انهن تي] قبضو ڪن - تنهن کان پوءِ ٻنهي اميرن جي ملاقات انهيءَ واهه تي ٿئي، جو ٺٽي علا ٺٽي جو وچ آهي.

(١) قرآن شريف جي آيت - اطيعوا الله و اطيعوا الرسول و اولي الامر منکم (تابعداري ڪريو الله جي، رسول الله جي، [redacted] پنهنجن حاڪمن جي)

چون ٿا تہ مٿين شرطن پوري ٿيڻ کان پوءِ، پهريائين مرزا، پويان خان خانان، ٺٽي روانا ٿيا. فيصلي موجب واه وٽ، ڪن جي چوڻ موجب سواري جي حالت ۾ هٿ ملايائون، ۽ ڪن جي چوڻ موجب پيادا ٿي هڪ ٻئي سان ڀاڪر پاتائون؛ ۽ ٿوري وقت کان پوءِ وري سوار ٿيا. مرزا حضور ۾ حاضر ٿيڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ تغلق آباد [ويو]، ۽ خان خانان رعيت جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ ٺٽي ۾ ويٺو- مٿين صلح جو واقعو سنہ ۱۰۰۰ھ ۾ ٿيو.

مرزا جاني جي والد مرزا پائنده بيگ جي حياتي جو عرصو، تخت نشينيءَ کان وٺي هن واقعي تائين، ست سال هو ۽ مرزا جاني پيءُ کان پوءِ [صرف] ٻارهن ڏينهن خود مختيار رهيو؛ انهيءَ کان پوءِ ملڪ هٿان نڪري ويو- جيئن بيان ٿيو. هن طبقي جي سموري حڪومت ۳۸ سال رهي، تنهن کان پوءِ اميرن جي سلسلي ۾ شامل ٿي ويا.

رعيت جي دلداري ۽ ملڪ جي پوريءَ طرح بندوبست ڪرڻ کان پوءِ، خان خانان جي دل ۾ ٿورو سمنڊ جي سير ڪرڻ جو خيال جاڳيو، تنهنڪري مرزا جانيءَ کي پاڻ سان [۷۶] وٺي وڃي لاهري بندر جي ڪاريءَ تان ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو. اتي سندس دل ۾ وهم پيدا ٿيو تہ 'مون ڪهڙو نہ بروڪم ڪيو آهي جو پاڻ کي دشمن جي هٿان ههڙي جاءِ تي آندو اٿم!' مرزا دانائيءَ سان سندس تغير جو اثر معلوم ڪري، چيو تہ "خان کي دلجاءِ ڪرڻ گهرجي، اسان ماڻهو ٺڳي ڪرڻ وارن مان نہ آهيون". خان خانان اتان جلدي موٽي آيو.

چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن خان خانان، مرزا کي چيو تہ "ڏٺئي، توکي ڪيئن نہ حيلي سان هٿ ڪيم؟" مرزا ورائيو تہ "بيشڪ، پنهنجي حيلي جا پاڻ اقراري ٿيا آهيو؛ الحمد الله جو اسان جي طرفان ڪو حيلو ڪونہ ٿيو". نقل آهي تہ خان خانان چوندو هو، "مرزا جي جواب کان جهڙو شرمندو ٿيس، تهڙي شرمندگي ڪڏهن ڪانہ ٿيم".

خان خانان جو مرزا جاني بيگ کي ساڻ وٺي شهنشاهه جي حضور ۾ وڃڻ

خان خانان جڏهن ڏٺو ته مرزا پنهنجي سفر جي تياري ڪئي آهي، ۽ پاڻ ۾ ملڪ جي [ڪاروبار جي] دلجاءِ ڪيائين، تڏهن بادشاهي حڪم موجب، دولت خان لوڌيءَ کي ٺٽي جي حڪومت تي ڇڏي پاڻ حضور ڏانهن روانو ٿيو. اگرچ مرزا، خان خانان سان چڱيءَ طرح گهرو ٿي ويو هو، تڏهن به هميشه ڳڻتي هوندي هيس ته [اڪبر بادشاهه] جي حضور سان ڇا پيش ايندو. پر بلند بخت جي اتفاق سان جڏهن آستاني بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائين، تڏهن دنيا جي شهنشاهه مٿس مهربانيءَ جو پاڇو ڪري، ٺٽ جاين -سيوستان، ضربخاني ۽ لاهري بندر - کان سواءِ سڄو ملڪ کيس موٽائي ڏنو. هو پاڻ حضور ۾ رهڻ لڳو. هوڏانهن لوڌي خان کي حڪم ٿيو ته سڀني اميرن جي دستور موجب مرزا جي حرم کي پڻ نوروز جي ڏينهن درگاهه ۾ حاضر ڪري. مرزا تي اگرچ ڏاڍيون نوازشون ٿيون هيون، تاهم هيءَ حڪم ٻڌي منجهي پيو. خان خانان کيس دلاسو ڏيئي چيو ته ”هي اسان اميرن جو فخر آهي“. مرزا وراڻيو ته ”اسان اڄ تائين هيءَ رسم نه ڏٺي آهي: اسان هڪدم ڪٿن ههڙي، مستورات جي دور دراز پنڌ تان اچڻ جي، بدناموسي برداشت ڪري سگهنداسون؟ شايد پاڻ کي مارئو پوندو!“ تنهن تي خان خانان حضور ۾ عرض ڪيو ته ”نوروز ويجهو اچي پيو آهي ۽ مرزا جي قبائل اچڻ لاءِ ڊگهو عرصو گهرجي - جيڪڏهن هن پيري ملتوي ڪيو وڃي ته مناسب آهي“. بادشاهه ڪمال مهرباني فرمائي انهيءَ خيال کي درگذر ڪيو، ۽ حڪم ٿيو ته مرزا جاني بيگ ملڪي ڪاروبار ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽ ڏانهن وڪيل موڪلي. جنهن تي شاهه قاسم ارغون، خسرو خان چرڪس - ٻائيخان، عرب ڪوڪه ۽ جمال الدين ديوان، مرزا غازي بيگ،

جو اچا ننڍو هو-جي خذمت ۾ روانا ٿيا، ۽ حرمن کي به بکر کان واپس موٽائي، لٽي پهچي اچي ملڪ جي ڪاروبار کي لڳا.

مرزا جاني سنه ١٠٠٨ﻫ تائين آٺ ورهيه شهنشاهه زمين و زمن جي خذمت ۾ رهي، نمايان ڪم ڏيکاري، گذاري ويو. بادشاهه جي حڪم موجب خواجه محمدقوربيگ سندس لاش لٽي ڪٺائي اچي مڪليءَ تي مشهور رانوڪ ۾ دفن ڪرايو.

مرزا غازي بيگ

بادشاهي حڪم موجب، پيءُ کان پوءِ خودمختار ٿي تخت تي ويٺو. اميرن جو ڪيس ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو سو، سندس ڪابه عزت نٿي ڪيائون. سندس پاڻ مرزا ابوالفتح جي زندگيءَ ۾، هڪ ڏينهن هيءُ سپ سوار هئا ۽ هُن [٧٨] (ابوالفتح) جي تعظيم خاطر هن کي پوٽي چڏي ڏنو هئائون. انهيءَ ننڍپڻ جي وقت چيو هئائين ته "جيڪڏهن مون کي حڪومت ملي ته هنن بدباطن پي‌اڪيائي ڪندڙن سان چا نه ڪندس!" جيئن ته الٰهيءَ تقدير موجب مرزا ابوالفتح اڳيرو وفات ڪري ويو هو-جهڙيءَ طرح بيان ٿي آيو-۽ هن وقت هي ملڪ جو والي ٿي ويٺو، تنهنڪري پنهنجي ڪاروبار ڏانهن توجه ڪرڻ لڳو، ۽ هو پڻ ظاهرداري ڪرڻ لڳا. يعقوب علي ڪوڪو منڊو، استاديءَ واري وقت ۾ ڏاڍي تڪليف ڏيندو هوس، ۽ مرزا جنهن به ماڻهوءَ کي سروپا بخشيندو هو ته پرپٺ انهيءَ کان کسي، هزارين حيلا هلائي، انهيءَ کي [مس مس] انعام جي ڏهين پتي ڏيندو هو. پهريائين پين جي عبرت واسطي انهيءَ جي جاگير مُلا يعقوب کي-جو ننڍي هوندي سندس مڪتب جو پيش امام هو-ڏنائين. ظاهر ۾ پيءُ جي وڪيلان تي مهرباني ۽ انهن جي خاطرداري ڪندو آيو، پر [اندروني طور] پنهنجن خاص ماڻهن تي هٿ رکڻ لڳو. عرب ڪوڪه ۽ پائيخان هن کي خيال ۾ ئي نه آڻيندا

هئا – نادانن ائين نٿي چاتو ته ”بزرگي به عقل است نه بسال“ (بزرگي عقل تي آهي نه عمر تي). پوءِ ته انهيءَ بلند فطرت صغير پنهنجي حالت کي روز بروز تقويت ڏني، پهريائين شهبازيءَ کي – جو ڪتن ۽ ڪبوترن جي سنڀال ڪندو هو – نوازي، شهبازخان جو خطاب عطا ڪري، مدارالمهام بنايو. پر جيئن سمجهيو هئائين تيئن نه ٿيو، تنهن تي احمد بيگ کي عام مختيار بنائي، سُولي نالي هڪ هندو نوڪر کي ’دولتراءِ‘ جو لقب ڏيئي، ماليات ان جي حوالي ڪيائين. احمد بيگ اڳين سيني وڪيلن کي نظرانداز ڪري، ڏاڍي دور انديشيءَ سان ملڪ جي آمدني مان – جنهن تي اميرن ۽ وڏن ماڻهن قبضو ڪري، مرزا کي هڪ هڪ ويلي جو محتاج بنائي ڇڏيو هو – لکين روپيا وڌيڪ پيدا ڪيا. هاڻي جڏهن مرزا کي دل گهريو وڪيل ملي ويو، تڏهن هن رعيت ۽ سپاهين تي رعايت جو هٿ رکي، سيني جا مواجب ۽ پگهارون وڌائي کين راضي ڪيو، ۽ خود پرست اميرن کي دل تان وساري بيڪار ڪري ڇڏيو. سندن جاگيرون هوريان هوريان وٺي، خالصه ڪري ان جي عيوض کين نقدي مواجب مقرر ڪري ڏنا. قصو مختصر، ته ننڍي چمار هوندي به پنهنجو ڪاروبار بلند درجي تي پهچائي، تورن ٺي ڏينهن ۾ جئن گهرجي تئن خود مختاريءَ جو دم هڻڻ لڳو. احمد بيگ کي ’احمد سلطان‘ جو لقب بخشيائين.

ابوالقاسم سلطان جو باغي ٿيڻ

مرزا جي ڪاروبار مٿين نموني سان استقلال ورتو، ته پهريائين محمد علي سلطان ڪابلي – جنهن جو پٽ محمد معين پنهنجي مامي نالي سيورعلي (١) سميت، [مرزا غازي جي] پيءُ وارن ڏينهن ۾، مرزا غازيءَ جي ڪچهريءَ ۾ شطرنج بازيءَ تان ڪاوڙجي، نديم ڪوڪه ۽ قاسم علي ڪوڪي کي قتل ڪري،

( ) نسخو ”ن“: ”سيوم علي“

ڪچهريءَ مان نڪري ويو هو، ۽ ٻئي ڇٽا پنهنجي حويليءَ جي در تي لڳل ٽيا هئا- سو [فقط] هڪ مست هاٿيءَ ڪاڻ، جنهن جي گهرائڻ لاءِ مرزا پنهنجو خاص ماڻهو جهنگلي شاه موڪليو هو، بغاوت جو دم هڻي، لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويٺو. مرزا هي ٻڌي چيو ته "هيءَ سارو ڪم خسروخان چرڪس جو آهي، پهريائين انهيءَ کي هٿ آڻڻ گهرجي". هو مرزا عيسيٰ ترخان جو دلي دوست هو، تنهن کيس خبر ڏيئي واقف ڪيو. اتي مرزا غازيءَ سمجهيو ته خسرو خان کان مرزا عيسيٰ جو ڪم [پورو ڪرڻ] مقدم آهي، جنهن تي هو ٻچي وڃي پنهنجن ناناڻن سميجن ۾ ويٺو، ۽ چوڻ لڳو ته "نئي ۾ اڄ سيان فساد ٿيندو، جنهن ۾ اسان به ڪانڌ ڪا ڪنڌ هٿ ڪنداسون". مرزا غازيءَ جو بخت زور هو، نه ته مرزا باقيءَ جو پٽ مظفر ڪڇ ۾، ۽ مرزا عيسيٰ ترخان سميجن ۾ کي گهٽ نه هئا.

ايتري ۾ [٧٨] ابوالقاسم سلطان ولد شاه قاسم خان ارغون- جو ڏکهي عرصي کان نصرپور جي پرڳڻي جو حاڪم هو ۽ بهادريءَ ۾ سندس مثال ڏنو ويندو هو- مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾، سوڍن کي ڪڍي، ڪيترا ڏينهن عمرڪوٽ جي قلعي تي متصرف رهيو هو، ۽ آخر سندس پيءُ کيس پنهنجي صوبي ۾ موٽائي آيو هو، سو- باوجوديڪ سندس پيڻ مرزا جانيءَ جي گهر ۾ هئي، ۽ پنهنجي ڌيءَ پنهنجي ڀائيجي مرزا ابوالفتح سان مڱائي هئائين، جا هن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ مرزا غازيءَ جي نالي ڪئي هئائين- چوڻ لڳو ته "مرزا غازي ڪير آهي، جو منهنجي هوندي سندس ملڪ تي نوان نوازيل ماڻهو اقتدار ڄمائين!" [ائين چئي] اول انهن واپارين کي ڦريائين، جي نئي کان اوڏانهن وڃي رهيا هئا.

مرزا جي انهيءَ باري ۾ لکڻ تي جواب ڏنائين ته "توهان ۽ اسان جي وچ ۾ هيءَ "بارگاهه واهه" حد آهي؛

توهان کي پنهنجين حدن جو فڪر ڪرڻ گهرجي، ۽ هيڏانهن جي نيڪيءَ بديءَ جو نالو نه ڪٿو. ٻيءَ صورت ۾، اسان پنهنجي حد 'عاليجان' جي ڪناري تي ڪنداسون". اهو خط لکي، اهڙو ته فساد برپا ڪيائين جو خشڪي خواه پاڻيءَ جون اچڻ وڃڻ جون سموريون واٽون بند ٿي ويئون. هن واقعي تي اڳوڻا ترخان ۽ ارغون امير خوش ٿيڻ لڳا ته خودسر مرزا اجهو ٿو برباد ٿئي. هوڏانهن بزرگ فطرت مرزا، ظاهر ۾ انهن تي نوازشون ڪري ڪانئن مدد جو طلبگار ٿيو، ۽ باطن ۾ پنهنجن نون نوازيلن کي نئين انتظام سان نوازڻ لڳو، ته جئن منافقن کان باخبر رهي، ڪو اهڙو ڪم ڪري ڏيکارين جو دشمن جي بربادي جو سبب ٿئي.

مرزا غازيءَ جو ابوالقاسم سلطان سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرڻ

مرزا، دشمن جي بيخ ڪنيءَ کي ملڪ جي پائداريءَ جو سبب سمجهي، لشڪر وٺي ٺٽي کان نصرپور تي ڪاهيو. رستي ۾ دشمن جي راتاهي جي خوف کان هرهنڌ ڪاهيون ڪوٽيندا، [رهندا] اچي ڪاتيار ۾ پهتا. اتي ڪاهي ڪوٽي، چانوٽي هنيائون. ابوالقاسم سلطان، کي چالاڪ جوان ساڻ وٺي، اچي پاپياد و ڪاهيءَ پاهران بيهي آواز ڏنو ته "فلاڻو (ابوالقاسم) دعا سلام چئي پڇي ٿو ته توهان جي اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟" ابوالقاسم اهڙو هيٺو ناهي جو توهان جي ڪاهه کان ڊڄي، راتاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري. دلجاءِ ڪري صفن جي جنگ جي تياري ڪريو". هيڏانهن جواب ڏنو ويو ته "هو پنهنجي سر ۽ ساهه جو دشمن ٿي بيٺو آهي، جيسين اهي برباد نه ڪندو تيسين [آرام سان] نه رهندو". قصو ڪوتاهه- مرزا اتان نڪري، ساڪري جي سامهون منزل ڪري، مورچا قائم ڪيا.

چون ٿا ته ابوالقاسم جوانيءَ جي مستيءَ ۾ هٿ ۾ پرچي قلعي جي پٽ تي چڙهي، سپاهين کي پئي چيو ته "مرزا جانيءَ جي والد، پنهنجي پيءُ کي ڏيندس؛ محمد باقي ۽ سيني ترخانن جون ڏيڙون اوهان کي ورهائي ڏيندس؛ هن جي نوڪرن جون جاگيرون پڻ توهان کي عطا ڪندس!" پر غافل کي اها خبر نه ٿي پيئي ته تقدير کيس ڪهڙا ڏينهن ڏيکاريندي، ۽ کيس نمڪ حراميءَ جو ڇا نتيجو ملندو!

صلح جي حقيقت

ابوالقاسم سلطان جي والد شاه قاسم، دور انديشيءَ ۽ عقلمنديءَ کان ڪم وٺي، دل ۾ چيو ته "سندس پٽ هيءَ ڪم برو ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته پنهنجي مُربيءَ سان فساد هميشه جي خواريءَ جو سبب آهي؛ خصوصاً اهڙي ملڪ جي مالڪ سان جو رُوءِ زمين جي بادشاه جو مقرر ڪيل آهي، مخالفت [79] ڪرڻ، پنهنجي بدبختيءَ جي نشاني آهي. بهتر ائين ٿيندو ته مرزا جي خدمت ۾ پٽ جي جان بخشي ۽ گناهن جي معافيءَ جي درخواست ڪري، هن [قصور] جو تدارڪ ڪيو وڃي." پائيخان-انهيءَ خيال کان ته هن فساد بند ٿيڻ کان پوءِ مرزا جي دربار ۾ سندس عزت نه رهندي-صلح کان روڪيندو ٿي آيو. مرزا جي فدائين کيس (مرزا کي) اها ڳالهه دل تي وهاري، ڪاري نالي نوڪر جي هٿان پائيخان کي زهر ڏياريو (١). هو بيمار ٿيڻ کان پوءِ موڪل وٺي لئي روانو ٿيو، ۽ گهر ۾ پهچڻ سان گذاري ويو. انهيءَ روڪ دفع ٿيڻ کان پوءِ، ابوالقاسم سلطان پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ مقيم سلطان جي معرفت مرزا جي خدمت ۾ حاضر ٿي،

(١) اصل متن ۾ "در "فلونيا" زهرش وارد ند" لکيل آهي. "فلونيا" جي معنيٰ سمجهڻ کان اسان قاصر آهيون، تنهنڪري ترجمي ۾ نٿا لکون-مطلب صاف آهي.

ٿوري وقت کان پوءِ موڪلي وڏي سوٽي ويو. اهڙيءَ طرح ڪيترا ڏينهن آمدرفت ڪندو رهيو.

ابوالقاسم سلطان کي انڌي ڪرڻ جي حقيقت

چون ٿا ته ابوالقاسم سلطان ڏاڍو سخي ۽ مخير هو، پر ريل جي درويشن جو چوپايو مال ڦريو هئائين، سو اهي هڪ ڏينهن ڏاڍا رنج ٿي گڏجي ويهي چوڻ لڳا ته "انهيءَ بدلي وڻ لاءِ غيب جي ٻتيءَ سان تير ڪڍي، هن ظالم کي هٿڻ گهرجي." تنهن تي هڪڙي چيو، "احسان ۽ سخا ڪرڻ ڪري سندس سڀ عضوا [خدائي] حفاظت جي زره ۾ محفوظ آهن، مگر سندس اکيون انهيءَ کان خالي آهن، جيڪو انهن کي نشان بنائي سگهي ته ڀلي ڪري." اتفاقاً انهيءَ ويجهڙائيءَ ۾ هوڏانهن اهو واقعو ٿيو، ۽ هيڏانهن مرزا پنهنجن خاص ماڻهن کي چيو ته "ابوالقاسم تي اعتبار ڪونه اٿم، ۽ سندس جان بخشيءَ جو قسم کٽي چڪو آهيان، تنهنڪري کيس اکين جي نور کان محروم ڪري بيخوف ٿيڻ گهرجي"- اهو ٺهراءُ ڪري، هڪڙي ڏينهن ٻونڊيءَ جو سير مقرر ڪري، انهيءَ واهه سان لنگهي - جو سندس (ابوالقاسم) جي ديري جي سامهون هو- دريا جي ڪناري تي ساوڪ ۾ وزيرن سان مجلس قائم ڪيائين؛ ۽ فيصلو ٿيو ته سيڪو هٿيارن ۽ ماڻهن کان سواءِ حاضر ٿئي. اتي ويهي، ابوالقاسم سلطان ڏانهن ماڻهو موڪليائين ته "'چنيسر نامه' پاڻ سان کنيو اچ، ته هن تفريح گاهه ۾ انهيءَ شغل ۾ مشغول [رهون]." هو ڏاڍي شوق سان اهو ڪتاب کٽي- جو سندس نالي تي تصنيف ٿيو هو- دستوري شان شوڪت سان سوار ٿيو. اڌ واٽ ۾ کيس محمدعلي سلطان ڪابليءَ جو خط مليو، جنهن ۾ کيس خبردار ڪيل هو؛ پر چاڪاڻ ته تقدير سندس ڪم پورو ڪري چڪي هئي، تنهنڪري اهو خط بنا پڙهڻ جي

ڪٽي ڪيسي ۾ وڌائين. مرزا جي دربار ۾ لهڻ ڪان پوءِ دربان ڪيس پڌايو ته ”مرزا ڪن ٿورن وزيرن سان هُن پرسير ڪري رهيو آهي، توهان اڪيلا تشريف وٺي وڃو.“ هو غرور ۽ تڪبر وچان سڀ ماڻهو ديوانخاني ۾ ڇڏي، فقط هڪ ماڻهوءَ سان وڃي ڏوڙيءَ ۾ چڙهيو، جنهن ۾ مرزا جا ڪي ساٿهو وينل هئا. جنهن وقت وچ واهه ۾ پهتا، تڏهن بابا علي دل جو نهايت قداور ۽ سگهو مڙس هو، تنهن ٽپو ڏيئي ڪٽي سندس ٻئي هٿ پنيان محڪم ڪري جهليا. پوءِ ته هڪڙي سندس پڳ لاٿي ۽ ٻئي ترار ۽ جمدر کسيا، ۽ مضبوط ٻڌي مرزا ڏانهن خبر موڪليائون. حڪم ٿيو ته ”اتي ئي سيخون تپائي، سرائيءَ وانگيان سندس اکين ۾ گهمايو“. جنهن ڪان هن جا ٻئي تارا واسدانيءَ وانگيان جهانجهرا ٿي پيا. بس پوءِ ته ڪيس پيرن ۾ پيڙيون وجهي، سندس ديري جي لٽڻ تي ماڻهو ڇڏيائون. سندس رفيق، جي سڀ بهادريءَ جي دعوا ڪندڙ هئا، نهايت بربادي‌ءَ سان لڄي ويا. سندس عزيز جعفر علي ارغون ڪجهه ڏڪ هنيا، پر گرفتار ٿي پيو، ۽ پيا ماڻهو امان وٺي لاءِ وڃي مرزا جي ماڻهن جي چادرن ۾ لڪا. ديري کي ڦري لٽي، لشڪر ساڪري وڃي سندس سمورو مال [۸۰] هٿ ڪيو، پر هن جي تعلقدارن کي ڪوبه ايذاءُ نه ڏنو. تنهن ڪان پوءِ ابوالقاسم ۽ جعفر عليءَ کي پيڙيءَ ۾ وجهي، عرب ڪوڪي جي نوڪر دريا خان هٿان، لٽي موڪليائون. محمد علي سلطان ڪابليءَ لاءِ حڪم ٿيو ته ”توبچي بندوقن جي قنداقن سان سندس ڪلهن جا هڏا ڇڙين“، ۽ متس پٽنهس جي هاٿيءَ نه ڏيڻ جي تهمت رکي، ڪيس آتش خان جي حوالي ڪيو ويو. مرزا عيسيٰ ترخان پنهنجي ڪٽيءَ ۾ [شهنشاه اڪبر جي] حضور ۾ پچي ويو. هاٿي مرزا [غازي] دلجاءِ ڪري اچي لٽي ۾ ويٺو.

چون ٿا ته اڪبر بادشاهه جي دربار جو ايلچي بابا طالب، هن ڏينهن ۾ مرزا جي وٽ لاءِ آيو هو ۽ اهي سڀ واقعا سندس اکين آڏو ٿيا هئا. اگرچ مرزا جي حضور ۾ پهچائڻ لاءِ هر روز تاڪيد ٿي رهيو هوس، پر ملڪ ۾ هيءَ فساد ڏسي دير ڪندو ٿي رهيو. ڪيس زبردستيءَ ڪٿي وڃڻ جيترو هن ڪي زور به ڪونه هو. آخر پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ٻن سالن جي عرصي ۾ ملڪ جو پورو پورو انتظام ڪري، رعيت ۽ سپاهين کي عطائن ۽ انصاف سان پنهنجو گرويده بنايائين. راتين جو ڇمڙا پوش ڪري، شهر ۾ چڪر ڏيئي رعيت جو پورو پورو احوال معلوم ڪرڻ، سندس دستور هو.

ڪڪرالي جي حاڪم چام ڏيسر جي پٽ چام هالي، مرزا جي ڪنهن جاگيردار کي سندس حدن اندر ڪُٺي فساد ڪڙو ڪيو، جنهن جي وير وٺڻ لاءِ مرزا مٿس حملو ڪيو. بخت جي زور هجڻ ڪري، چام هالي جو هڪ مائٽ چام داؤد سندس لشڪر جو سونهون ٿي پيو، ۽ دشمن کي ملڪ مان هڪالي ڪڍيائين؛ جنهنڪري اهو ملڪ مرزا جي هٿ ۾ آيو.

چام داؤد ملازمت جو شرف حاصل ڪري، پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ مرزا کي ڏيئي، انهيءَ ملڪ جي زمينداريءَ جي درخواست ڪئي. هن جي حسن خدمتيءَ جي مدنظر تي [اها درخواست] قبول پيئي، ۽ مٿئين ملڪ کي ٽي حصا ڪري، هڪ حصو چام داؤد کي ڏيئي، باقي ٻه حصا خالصه ڪري ڇڏيائون. چامن جي هيءَ مائٽي مرزا غازيءَ جي خصوصيت آهي، جاڪاڻ ته اڳيان ارغون ۽ ترخان انهيءَ لاءِ ڏاڍي ڊڪ ڊوڙ ڪري ويا، پر ڪجهه نه وريو.

قصو ڪوتاهه- هاڻي خبر پهتي ته [اڪبر جي] حضور مان مرزا جي آڻڻ لاءِ، نواب سعيد خان مقرر ٿيو آهي. هيءَ خبر ٻڌي، اميرن کي گڏ ڪري چيائين ته "جيڪڏهن زر

۽ خزانو هجيم ها، ته هڪ دفعو وري به بابي وانگيان زور آزمايان ها - پيءَ صورت ۾، پوءِ صلح پري ڪونه هو - جنهن اسان جو رعب تاب زائل نه ٿئي ها؛ ۽ پهريائين لڪيءَ جي جبل وٽ آمدرفت جو رستو بند ڪري، هڪ مضبوط ننڍڙو قلعو ٺاهيون ها. پر خزاني جو هٿ اچڻ ڏکيو آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته نواب سعيد خان - جو لشڪر ۽ طاقت ۾ خانخانان کان وڌيڪ ٿو ٻڌجي - جي اچڻ کان اڳ حضور ڏانهن روانا ٿيون". اهو فيصلو ڪري، خسرو خان چرڪس، عرب ڪوڪه ۽ آله قلي ديوان کي اعتماد جوڳي لشڪر سان ٺٽي ۾ ڇڏي، احمد بيگ سلطان، لطف الله سلطان، خواجه امير بيگ بخشي ۽ خسرو خان جي پٽ پائيخان کي پين مقربن سميت پاڻ سان رکي، فتح باغ ۾ ويهي، حضور ڏانهن روانگيءَ جي تياري ڪرڻ لڳو.

مرزا ابوالقاسم سلطان جو قيد مان ڀڄڻ ۽ وري گرفتار ٿيڻ جو واقعو

جنهن وقت ابوالقاسم سلطان، عرب ڪوڪه جي حويليءَ ۾ هن جي خدمتگار دريا خان جي نگرانيءَ هيٺ قيد ۾ ٿي رهيو، تڏهن ساٿس ايتري ته رعايت روا رکي ٿي ويئي جو ڪاڏي پيتي کان سواءِ، جيڪڏهن ڪنهن زال يا لاسرّيات ڇوڪري جي گهرُ ٿي ڪيائين ته به ڪيس ڪنهن نٿي روڪيو. [هن انهيءَ آزاديءَ جو غلط فائدو ورتو مرزا] غازيءَ جي نڪري وڃڻ کان پوءِ، پنهنجي پيٽ سان صلاح ڪئي، جنهن ڪاڏي جي خونچي ۾ سندس لاءِ هڪ ڪمند [٨١] موڪلي، هوڏانهن واهه تي ٻيڙي تيار رکي، ٻئي ڪپ تي ٻه آٺ بيهاري ڇڏيا. آخر هڪ رات، اڪين جي نور نه هوندي به، انهيءَ وڏيءَ حويليءَ مان - جنهن کي بادگير کان سواءِ ٻاهر نڪرڻ جو ٻيو ڪو به رستو نه هو - چوڪيدارن جي ننڊ پوڻ کان پوءِ اٿي، اڪيلوئي اڪيلو، سمهڻ واري ڪمٽ سڌي بادگير هيٺان

پٽ سان رکي، بادگير مان مٿي چڙهي ويو، ۽ ته طبقي حويلي لتاڙي، هڪ سوڙهيءَ دريءَ مان، ڪمند محڪم ٻڌي، ايذي تڪليف سان جو سندس بدن جي اڪثر کل لهي وئي هئي، پاڻ کي زمين تي پهچايائين؛ ۽ پيءَ حويليءَ مان جعفر عليءَ کي پاڻ سان وٺي، پيرين تي واهه ٽپي، آئن تي چڙهي، ڪٺي شورن جي ڪوهستاني قوم وارو رستو ورتائين. صبح جو چوڪيدارن کي خبر پيئي، تن هر طرف سوار خواه پيادا ماڻهو ڊوڙايا. مرزا غازي فتح باغ ۾ اهو واقعو ٻڌي، ڳٺيءَ ۾ پئجي ويو ته، متان اهو رستم ڪو لشڪر وٺي راتاهو ڏئي. دريا خان خانه خرابيءَ جي خوف کان هر گهاٽ ۽ گهيڙ تي انهن جو ڏس پڇندو رهيو. آخر ساموئيءَ جي ڳوٺ ۾ ٻڌائين ته، اتان صبح جو ڪن سفيد پوش ماڻهن سان پريل پيڙي لنگهي هئي؛ تنهن کان پوءِ معلوم ٿيس ته چار ماڻهو ٻن آئن تي، جي ڪالهه هتي پئي چريا، سوار ٿي ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري جبل جو رستو وٺي ويا — سو انهيءَ ڏس تي ڊوڙي وڃي ڪين پهتو. پيادا جهنگل ۾ لڪي ويا، باقي ٻئي اٺ سوار — ابوالقاسم سلطان ۽ پيو جعفرعلي — دريا خان جي اکين چڱيءَ طرح سڃاتا. پوءِ ته هڪدم پرواني وانگيان اڪيلوئي اڪيلو وڃي جعفرعليءَ تي ڪڙڪيو. هن به گهوڙي جي پوٽ تي ڏڪ هنيو. هڪ ٻئي سان ٻه ٽي دفعا ڏڪا ڏڪي ڪرڻ کان پوءِ، آخر ٻئي پيادا ٿيا؛ ۽ ڪجهه مارڪٽ کان پوءِ نيٺ جعفرعلي قتل ٿي ويو. ابوالقاسم سلطان آٺ تان لهي ٿورا پٽر پاڻ وٽ گڏ ڪري هٿ لڳو. دريا خان چيس ته ”جيستائين منهنجو ٽڙيل پکڙيل لشڪر گڏ ٿئي، تيستائين اتي ويٺو رهج؛ ڇُرندين ته ڪنڌ لاهي ڇڏيندو سانءِ!“ چوڻ ڪاڻ ته اهي الفاظ چئي ويو، پر ساڻس ڪو به همراه ڪونه هو، تنهنڪري ماڻهن جي ڪولا ۾ اتان کان پوئتي موٽي آيو، ۽ اهو وقت ابوالقاسم سلطان کي اتي ڇڏي ڏنائين.

دريا خان ويجهڙائيءَ واري هڪ ڳوٺ جو وڏيرو ۽ هڪ ٻيو ڳوٺاڻو هٿ ڪري، پاڻ سان رفيق ڪيو؛ پر ڇاڪاڻ ته بيخود تي ماڻهن جي ڳولا ۾ ڊوڙندو تي وتيو، تنهنڪري اها جنگ واري جاءِ پلجي ويو، ۽ ان جي پٺي ڪيڻ کان عاجز تي بيهي رهيو. هو وڏيرو ڪاراٺتو ماڻهو هو، تنهن چيو ته ”جتي ماڻهو قتل ٿيو هوندو اتي ضرور ڪانو پهتا هوندا؛ تنهنڪري جاچڻ گهرجي ته ڪانو ڪا جاءِ ڏيکارين ٿا يا نه“. آخر انهيءَ پٺي تي جاءِ هٿ ڪري، جعفرعليءَ جو سر وڍي نيزي تي چاڙهي، ابوالقاسم ـ جنهن کي ٻڌي آٿ تي ڪڙيو هئائون ـ جي سامهون رکي، شهر ۾ ڪٺي آيا، ۽ سڄو شهر ڦيرائي وڃي کيس قيد ڪيائون.

نقل آهي ته جعفرعليءَ جي ڪتي ڏاڍي وفاداري ڏيکاري. جيڪي ٻه ڏينهن سندس مالڪ جو سر بازار ۾ لڙڪيل هو، ته انهيءَ کان جدا نه ٿيو؛ ۽ دفن ڪرڻ کان پوءِ به ڪيترو وقت ماڻهو هن کي قبر تي ڏسندا رهيا.

مرزا غازيءَ، ابوالقاسم سلطان جي ليڻ جي خبر ٻڌي عرب ڪوڪ جي لاءِ گهوڙو ۽ سروپا، ۽ دريا خان لاءِ سروپا ۽ مواجب جي اضافي [جو حڪم] موڪليو.

مرزا غازي بيگ جو حضور ۾ پهچي سرفرازي حاصل ڪرڻ

مرزا، ابوالقاسم جي ڪم جي دلجاءِ ڪري، فتح باغ کان اڳتي روانو ٿيو. بکر جي شهر ۾ نواب سعيد خان سان ملاقات ڪري کيس نياز واريءَ زبان سان دير جا سبب ٻڌايائين. مٿين نواب سندس حال تي ڏاڍو توجه ڏنو، ۽ پنهنجي پٽ مرزا [٨٣] سعدالله کي چيائين ته ”هن جوان جي پيشانيءَ ۾ بخت جا نشان ظاهر آهن، ۽ توکي هن جو پاڻ بنايان ٿو؛ تنهنڪري هڪ ٻئي سان ظاهري خواه معنوي برادري قائم ڪريو، جئن دلگير نه ٿئي.“ هو ٻئي گهڻو

ڪري هڪ ٻئي سان گڏ پولو راند يا شڪار ۾ مشغول رهندا هئا. آخر مقرر منزلن طي ڪرڻ کان پوءِ، ١٠١٣ھ ۾ دارالخلافت آگره ۾ اعليٰ حضرت جي قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪري، پيءُ واري منصب سان سربلند ٿي سنڌ جو پرڳڻو جاگير طور وٺي، حضور ۾ رهڻ لڳو. ٿورن مهينن گذرڻ کان پوءِ، تقديراً بادشاهه جو قضيو ٿي پيو، ۽ جهانگير جي حڪومت جو ستارو سلطنت جي مٿان چمڪيو. انهيءَ حالت ۾ ڪن بدخواهن جي صلاح تي، مرزا مخفي طور آگري کان ٺٽي پهچي آيو. مرزا جي ٺٽي ۾ پهچڻ تي، نورالدين محمد جهانگير بادشاهه جي طلب جو فرمان به اچي پهتو، تنهن سان گڏ مودي خان کي موقوف ڪري، مير عبدالرزاق معموريءَ کي ملڪ جو امين ۽ سيوهڻ، لاهري بندر ۽ ضربخاني جي نگرانيءَ ۽ انتظام جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. مرزا غازي بيگ گهرائڻ تي هڪدم اعليٰ حضرت جي بساط بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو، ۽ انهن حاسدن جي مرضيءَ جي برخلاف- جن پريٽ سندس باري ۾ ڪي ڳالهيون عرض ڪيون هيون- اڳئين کان به وڌيڪ سرفراز ٿيو.

چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ بادشاهه کي شهزادي خسرو جي مهم درپيش هئي، ۽ ان جي دفع ڪرڻ لاءِ اميرن سان صلاح ڪري رهيو هو. مرزا حضور ۾ پهتو، ته اميرن کي چيائين ته، "غازي مرزا کان پڇڻ گهرجي ته هن باري ۾ سندس راءِ ڪهڙي آهي". اميرن ورائيو ته "هو نوجوان ناتجربيڪار آهي، بادشاهي معاملات جي ڪيس ڪهڙي خبر." بادشاهه فرمايو ته "آخر ملڪ جي واليءَ جو پٽ آهي، سندس راءِ ڪنهن به حالت ۾ غلط نه هوندي." بس پوءِ ته مرزا کي سڏڻ لاءِ ماڻهو پهچي ويو. زمين بوسيءَ جي شرف حاصل ڪرڻ کان پوءِ، بادشاهه فرمايو ته "غازي مرزا، هن مهم ۾ تون ڇا ٿو چوين؟" ورائيائين، "جيڪا راءِ-عاليءَ جي

تقاضا هوندي، اهائي صحيح هوندي.“ فرمايائين، ”آخر ڪجهه ته ٻڌاءِ ته تنهنجي دل ۾ ڇاتو اڇي؟“ عرض ڪيائين ته ”دين ۽ دنيا جا قبلا، جڏهن هن ڪمترين غلام کي هن خصوصيت سان مخصوص فرمايو ٿا، تڏهن جيڪي منهنجي دل ۾ آهي سو انهيءَ وقت عرض ڪندس، جڏهن هڪڙو پير مبارڪ رڪيب ۾ وجهندا.“ ظاهراً بادشاهه جي راءِ پڻ پنهنجي سر وڃڻ تي هئي. هن جو مقصد معلوم ڪري، اميرن کي فرمايائين ته ”آخر شهزادو آهي، جيڪي چوي ٿو، اسان جي صلاح به اهائي آهي“ - ۽ انهيءَ روانگيءَ جي ڪري، خسرو جو تدارڪ عنقريب دل گهرئي نموني تي ٿي ويو.

خسرو خان جي شورش جي حقيقت

جڏهن مرزا غازي بيگ حضور ڏانهن ٿي ويو، تڏهن احمد بيگ سلطان کي ٺٽي ۾ رهائڻ ٿي چاهيائين، ۽ خسرو خان چرڪس کي - جنهن کان اطمينان ڪونه هوس - پاڻ سان گڏ وٺي ٿي ويو. خسرو خان ڪيس اتي ڇڏي وڃڻ لاءِ ماڻهو سفارشي آندا. هوڏانهن احمد بيگ سلطان پڻ چيو ته ”ملڪي ماڻهو خسرو خان سان ٺهيل آهن، تنهنڪري منهنجي هٿ رهڻ جو ڪو به وزن نه ٿيندو“؛ تنهنڪري هن دفعي ڪيس پاڻ سان وٺي. جڏهن حضور ۾ حاضر ٿي نوازشن سان سرفراز ٿيو، تڏهن حضور جي حڪم سان هن کي وري ٺٽي موڪلي، خسرو خان کي فوجداري [معاملات] کان سواءِ ماليات ۾ دخل نه ڪرڻ بابت لکيائين. احمد بيگ سلطان جي اچڻ کان پوءِ، خسرو خان، قطب عالم شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد شيخ ڪالي - جو سندس نائي هو - ۽ قاسم چرڪس سان صلاح ڪري، فيصلو ڪيو ته هڪ دفعي احمد بيگ کي بيحرمت ڪري [٨٣] سندس مالڪ ڏانهن موڪلڻ گهرجي،

جيئن وري پيهر حڪومت جي خواهش نہ ڪري. اهو فيصلو ڪري، ارغون جماعت کي گهرائي چيائين تہ ”صبحاڻي جڏهن مرزا احمد بيگ، مرزا غازيءَ جي والده بيگم جو سلام ڪري ديوان عام ۾ ويهي، تيئن توهان سندس بيعزتي ڪجو.“ صبح جو احمد بيگ اهو معاملو معلوم ڪري، جيڪي ماڻهو ساڻ آندا هئائين تن سان تڪڙو تڪڙو پنهنجي حويليءَ ۾ گهڙي ويو، ۽ اتان شاهہ ابوالقاسم ارغون جي مدد سان - جو نصرپور کان اچي پهتو هو - عمرڪوٽ جي رستي، حضور ڏانهن روانو ٿيو. ارغونن جو ٽولو خسرو خان جي چوڻ تي گهٽوئي سندس پٺيان پيو، پر هو حقيقي حافظ جي حفاظت ۾ سندن شر کان محفوظ رهي، وڃي حضور ۾ حاضر ٿيو.

مرزا جو پهريون دفعو قندهار وڃڻ

سنہ ١٠١٥ هہ ۾ شاهہ بيگ خان جي ملازم حيدر جي نمڪ حراميءَ ڪري خراسان جو لشڪر، قنڌار تي ڪاهي، پورو سال شاهہ بيگ خان تي گهيرو ڪري ويٺو. دارالخلافت مان مرزا قره خان - جنهن کي انهيءَ صوبي جي سرداري عطا ٿي هئي - [هن مهم کي سر ڪرڻ لاءِ] مقرر ٿيو. مرزا (غازي) پڻ انهيءَ سان شامل ڪيو ويو. بخت جي تائيد ڏسو، جو قره خان رستي ۾ گذاري ويو. هن جي وڪيلن سندس چڏيل سامان ۽ لشڪر سندس پٽ وٽ پهچائڻ چاهيو، جو بکر ۾ رهندو هو. مرزا، لشڪرجي بخشيءَ (خزانچي يا سيڪريٽري) کي چيو تہ ”قره خان جي موت ڪري هن مهم کي دير ڪرائڻ، ۽ سندس لشڪر کي سندس پٽ ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ بادشاهہ جي خيرخواهي ڪانہ آهي. اسان سڀ بادشاهہ جا ملازم آهيون، سندس بخت اسان جو سردار آهي، تنهنڪري بهتر آهي تہ جنهن صورت ۾ منهنجو لشڪر ۽ خزانو منهنجي ملڪ ۽ جاگيرن مان اچا مون وٽ نہ پهتو آهي، توهان هي

[سيڪجهه] منهنجي حوالي ڪريو، ته الله تي توڪل رکي هن مهم کي منهن ڏيان.“ بادشاهي امير هن باري ۾ ويچار ڪرڻ لڳا، ته هوڏانهن مرزا ڪوچ جو نغارو وڄائي، ٻاهر نڪتو. لاچار سڀيئي هن جي مخالفت نافرمانيءَ جو سبب سمجهي، سندس پويان لڳا. حسن اتفاق ۽ بخت جي تائيد اهڙي ٿي، جو هيءُ اڃا قنڌار کان ٻه ٽي منزلون پري پهتائي ڪين، ته خراسان جو لشڪر واپس پڇي ويو، ۽ ”فتحنامو“ مرزا جي نالي لکيو ويو.

چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ قنڌار ۽ انهيءَ جي آسپاس اناج تمام مهانگو ٿي ويو هو، جنهنڪري مرزا جا گهڻا ماڻهو زيان ٿيا ۽ ڪيئي سوار پيادا ٿيا. مرزا پنهنجي تنگيءَ جو احوال حضور ۾ عرض ڪيو، جتان بکر موٽي وڃي پنهنجو تدارڪ سوچڻ، ۽ هن کان بعد سندس لاءِ جيڪو پيو حڪم صادر ٿئي، تنهن جي تعميل ڪرڻ جو ارشاد ٿيو. مرزا حڪم موجب اتي پهچي تياريءَ ڪي لڳي ويو، ته هيڏانهن سندس بخت جي بدخواه حاسدن، بادشاه کي عرض ڪيو ته ”مرزا وري پنهنجي ملڪ مان موٽي حضور جي قدمبوسيءَ لاءِ حاضر ڪونه ٿيندو.“ انهيءَ خبر کان متاثر ٿي، بادشاه سندس گهرائڻ جو فرمان موڪليو. جڏهن ته هي اڳيئي تيار ۽ منتظر ويٺو هو، تنهنڪري فرمان پهچڻ شرط حضور ڏانهن روانو ٿيو، ۽ جنهن وقت بادشاه ڪابل کان لاهور وڃي رهيو هو، تنهن وقت قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪري، چغلن جو منهن ڪارو ڪيائين، ۽ شاهي نوازشن، عهدي ۽ جاگير جي ترقي ۽ قنڌار جي بالاستقلال سرداريءَ سان سرفراز ٿيو.

مرزا غازيءَ جو ٻئي دفعي قنڌار ڏانهن سردار جي حيثيت ۾ روانو ٿيڻ

جڏهن مرزا سنڌ تي سيوستان ۽ ملتان جي ڪجهه حصي جي اضافي سان گڏ قنڌار جي سرداريءَ سان سرفراز ٿي، لاهور

ڪان سلتان [٨١٤] پهتو، تڏهن پهريائين ڪنهن ٻئي ڪي پنهنجي پاران نائب مقرر ڪري اوڏانهن (قنڌار) موڪلڻ گهريائين. اول محمد امان ترخان کي هاٿي، جهنڊي ۽ پين نوازشن سان سرفراز ڪري [موڪلڻ جي] صلاح ڪيائين، پر هن بدبخت چيو ته ”نينڊڙو ڀٽ سان اٿم، انهيءَ ڪي ٿني پهچائڻ جو موقعو ڏيوم، پوءِ جيڪو حڪم فرمائيندا انهيءَ تي تعميل ڪندس“؛ تنهنڪري هن جي موقوف ٿيڻ تي احمد بيگ سلطان هن نعمت سان سرفراز ٿي، ’اعتماد خان‘ جو لقب لهي، اچي قنڌار پهتو، ۽ مُلڪ جو ڏارئين لشڪر جي اچڻ ڪري دربدر ٿي ويو هو، تنهن کي اڳي ڪان اڳرو آباد ڪيائين. مرزا به ملتان ڪان ٻڪر اچي، پنهنجي وڏيءَ والد، کي ملڪ جي ڪامورن سميت گهرائي، ملڪ جي ڪاروبار جو انتظام درست ڪري، هرهڪ ملازم ۽ لاڳاپيدار کي درجي آهر نوازي، ڪن کي موڪل ڏيئي ۽ ڪن کي پنهنجي همرڪاب رکي، سيويءَ ۽ گنجابه (١) جي رستي ڪان قنڌار ويو. اتي ويهي، خسرو خان جي پٽ پائيخان ۽ لطف الله کي افغانن تي چاڙهي موڪليائين، ۽ راءِ کهورئي جي پٽ راءِ مانڪچند کي مٿين حيدر فساديءَ جي مٿان مقرر ڪيائين، جن هرهڪ جي [دماغ مان] وڏائيءَ جو واءُ ڪڍي سندن پاڙ پٽي ڇڏي. مير عبدالله سلطان کي ’مير خان‘ جي لقب سان سرفراز ڪري، ايران جي والي شاه عباس ڏانهن ايلچي ڪري موڪليائين، جنهن لائق تحفا سان ڪٽي وڃي پاڻ ۾ جيڪو جهڳڙو هو تنهن کي بند ڪيو. پوءِ آرام سان حڪومت جي گاديءَ تي ويهي مرادون ماڻڻ لڳو.

چون ٿا ته مرزا ٺٽي، سيوهڻ ۽ ملتان جي ڪجهه حصي جي جاگير ۽ پوري قنڌار هوندي به، گهڻيءَ سخا ۽ عطا سببان،

(١) نسخو ”ن“: ”ڪنجاره“

حاڪم، گهڻو ڪري ارغونن ۽ ترخانن تي ظلم ڪندو هو، ۽ جيڪو ٻه ايندو هو ته هٿ [٨٥] جي بدران پير ڏگهو ڪري ڏيندو هو. ۽ سندس پٽ پائيخان جي پٽ فتح الله، مرشد خان کي- جنهن کي مرزا سندس پيءُ پائيخان کان وڌيڪ عزت ڏيندو هو-سندس جاگير تان گهرائي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏنو. شيخ ڪالي جي پٽ شيخ عبدالباقيءَ هندن جي هڪ وڏيءَ مجلس ۾ هڪ ڪنيءَ کي اشارو ڪيو، جنهن تي هن پريءَ مجلس مان هڪ عورت ڪنئي؛ پر هندن- جي هزارن جي تعداد ۾ هئا- بلوو ڪري هن کان کسي ورتي.

مطلب ته ماليات جي غبن کان سواءِ، اهي مٿيون ڳالهيون سڀ مرزا جي گوش گذار ڪيون ويون، جنهن تي مرزا کي ڏاڍو غصو آيو، ۽ هڪ ڏينهن کُليءَ مجلس ۾ چيائين ته ”خدا گهريو ته خسروخان کي لڪڙي هٿ ۾ ڏيئي پانهين جو دربان بنائيندس؛ ۽ لطف الله، پائيخان جي پٽ فتح الله کي ڪونرو هٿ ۾ ڏيندس، ته پيءُ ۽ ڏاڏي جي روبرو پنهنجن نوڪرن جا هٿ ڌئاري؛ ۽ محمد بيگ کي گهنڊيون چيلهه ۾ ٻڌي، شاطرن (ڪنجڪين) وانگيان، گهٽ ۾ گهٽ غلام جي رڪيب مان ڊوڙائيندس!“ پر ڪيس تقدير جي خبر ڪانه هئي، ته پنهنجي هن تمنا کان اڳ پاڻ ڪٺي وڃي پهچندو.

قصو مختصر ته خسروخان کي ذهني پوتن، مال ملڪيت ۽ ننڍن وڏن چرڪسن سميت وٺي اچڻ لاءِ، راءِ ڪهورئي جي نائي راءِ سائينڏني کي- جنهن کي هندوخان جو لقب مليل هو- سردار مقرر ڪري، سندس سالي راءِ مانڪچند ۽ شهباز سان گڏ ٺٽي تي مقرر ڪيائين.

هندوخان جي اچڻ کان پوءِ پيدا ٿيل واقعن جو بيان

هندوخان مٿين سردارن سان گڏ نصرپور جي حد ۾ پهچي، پهرين ٻاهرين معاملن کي سڌو ڪري پوءِ ملڪ ۾

اندر قدم رکڻ چاهيو، تہ ايتري ۾ خسروخان جي اشاري تي مقيم سلطان پائرن سان هم صلاح ٿي ڪٽي سيني ڪي نصرپور جي قلعي ۾ بند ڪيو. ابوالقاسم سلطان- جو خسروخان جي سفارش تي مرزا جي اجازت سان آزاد ٿيو هو- پائرن ۽ مددگارن کي قلعي ۾ بند ٿيلن جون واهون بند ڪري، رسد جو رستو روڪڻ جي ترغيب ڏني. هوڏانهن مانڪچند کي ڪمّيءَ ڪنيو، سو ميرڪ محمد سلطان بن قاسم علي سلطان کي پاڻ سان ڪٽي، مقيم سلطان کي تسلي ڏيئي، هندوخان سان متفق ڪرڻ لاءِ سندس گهر لنگهي ويو، ڳالهين ۾ نہ لهڻ ڪري، هو مجلس کان اٿيو تہ ٻاهر هڪ ارغون کيس قتل ڪري ڇڏيو. مٿئين ميرڪ حملو ڪرڻ گهريو، پر اهو بہ ڪسي ويو. اها خبر ٻڌي، مانڪچند جو پٽ راءِ سنگهہ هيٺن چٽي ٻاهر نڪتو تہ "انتقام وٺڻ کان اڳ پيءَ جو لاش نہ ساڙيندس"، ۽ زوردار حملو ڪري، شاه قاسم ارغون جي نائيءَ شيربيگ کي چوندن ماڻهن سميت قتل ڪري، سندن هاٿي ۽ پيو سامان حڪما حڪميءَ پڪڙي کين لادعوي ڪري اچي پيءَ جو لاش ساڙيائين، تنهن کان پوءِ، سوپ جو نغارو وڄائيندو مرزا جي حضور ڏانهن روانو ٿيو. هندوخان ۽ سندس پياءُ نارائنداس- جنهن کي شجاعت خان (١) جو لقب مليل هو- هن جي پيءَ جي پرچاٽي تي اچي، کيس گهٽوئي پرچائي پوئتي موٽڻ جا زور پريا، پر هن هڪ نہ ٻڌي. مرزا سندس هيءَ جرات ڏسي کيس پٽس کان بہ وڌو درجو ڏنو.

هيڏانهن هندوخان پنهنجي مٿين ساٿين سميت ٺٽي پهچي، خسروخان کي بيدخل ڪيو. خسروخان ڪڇهہ ڳوٺ ۾ گهٽوئي زميندارن کي برغلايو، پر مرزا جي بخت جي برڪت سان سندس

(١) نسخو "ن": "شجاعت راؤ"

ڪوشش بارآور نه ٿي. [٨٦] هندوخان جي خودمختيار ٿيڻ کان پوءِ، خسروخان پڻ سميت هالڪنڊي (هالا) جي ڳوٺ ۾ پهچي، قنڌار وڃڻ تي گهريو، ته ايتري ۾ مرزا غازيءَ جي فوت ٿيڻ جي خبر پهتي.

مرزا غازي بيگ جو فوت ٿيڻ

معتبرن کان روايت آهي ته مرزا جڏهن قنڌار ۾ انهيءَ بلند مرتبي کي پهتو، ۽ سندس بخت روزبروز ترقي ڪندو ٿي رهيو، تڏهن سندس عزيزن مان ڪي سندس بخت جا بدخواه هن اقبال جي ہوڻي کي فنا جي جهولي سان پاڙان پٽڻ (کيس مارڻ) لاءِ آماده ٿيا. نيٺ سنه ١٠٢١ ۾ عبداللطيف نالي هڪ خانه زاد غلام جي هٿان، هڪ قول موجب گهڻو ۽ ٻئي قول موجب زهر ڏياريائون. سندس تاريخ متعلق هڪ شاعر چيو آهي: ”زدستِ غلام گل برون رفته، دريغ!“ (ضايع ٿيو غلام هٿان هاءِ هاءِ گل!). سندس لاش ٺٽي آڻي پٽن جي پرسان هڪ قبي ۾ دفن ڪيائون. شعر عمدو چوندو هو. ”وقاري“ تخلص هوندو هوس. ”طالب آملي“ پهريائين وٽس ملازم هو. ”ملامرشد يزجردي“ (١) ۽ ”شمس“ پڻ مدتن جون مدتون هن وٽ رهيا.

چون ٿا ته ”وقاري“ تخلص سان قنڌار ۾ هڪ ٻيو شاعر به پيدا ٿيو، جنهن کي ڳري رقم، گهوڙو ۽ سروپا ڏيئي اهو تخلص بند ڪرايائين.

ترخان گهراڻي جي حڪومت خير سان هتي ختم ٿي، مگر جهانگير جي پوين ڏينهن ۾ مرزا عيسىٰ ترخان ٿورا ڏينهن هن ملڪ جي حڪومت سان سرفراز ٿيو هو.

(١) نسخو ”ن“: ”يزدجردي“

نقل آهي ته مرزا ۽ سندس پيءُ موسيقي (راڳ جي علم)، خاص طرح 'توڙي' راڳڻيءَ جا وڏا ماهر هئا. سيد لطف الله شيرازيءَ جي پٽ مير عبدالولي جي زباناني نقل ڪندا آهن ته جيڪو ماڻهو هن پيءُ ۽ پٽ جي قبي ۾ ڪنهن ڪم لاءِ مٿين راڳڻي ڳائيندو، ته تورن ڏينهن ۾ سندس ڪم ضرور پورو ٿيندو.

جنهن صورت ۾ اولاد ڪونه هوس، ۽ هندوخان ڪي وري خسروخان ختم ڪري بي اعتداليءَ جو رستو ورتي بڇڙا پير ڪڍڻ لڳو، تنهنڪري جهانگير بادشاه ٺٽي جو ملڪ ٻين ملڪن وانگيان سندس حضور مان مقرر ٿيندڙ اميرن جي حوالي ڪيو- جيئن ارغوني ۽ ترخاني ڏينهن جي ڪن اميرن جي احوال بيان ڪرڻ ڪان پوءِ ذڪر ٿيندو (انشا الله تعاليٰ).

ارغوني ۽ ترخاني ڏينهن جا امير

اگرچ هنن ٻنهي گهراڻن-جن ڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان اتحاد ۽ گهڻن لاڳاپن سببان درحقيقت هڪڙو گهراڻو شمار ڪرڻ گهرجي- جا امير گهڻا آهن، پر لڪندڙ انهن مان ڪن تورن جو، جي نهايت مشهور آهن، مختصر طور بيان لڪي ٿو:

سلطان محمود خان

سلطان محمود خان بن مير فاضل ڪوڪلتاش بن عادل خواجه اصفهاني- سندس وڏا اصفهان جي حسن ضلع جي خورسڪان ڳوٺ ۾ رهندا هئا. انهيءَ پاسي جا ماڻهو سرڪش هئا، تنهنڪري صاحبقران امير تيمور گورگان مٿن ڪاهه ڪرڻ لاءِ هڪ فوج موڪلي هئي. عادل خواجه جو پيءُ احمد خواجه، ذوالنون جي پيءُ حسن مصريءَ ڪي هٿ لڳو، جنهن ڪيس پنهنجو پنيلو بنايو. احمد خواجه ٿينءَ پيڙهيءَ ڪان پوءِ سلڪ محمود خان سان ملي ٿو، جو اصفهان جي شهر ۾ نهايت سخي

مشهور هو، ۽ ارڙهين پيڙهيءَ ۾ عدي بن حاتم جو اولاد آهي. سلطان محمود خان جي والده 'شال' مستنگ جي ڪاسي پٺاڻن مان هئي. هن چوڏهن سالن جي عمر ۾ خوب حملا ڏيکاريا، تنهنڪري شاه بيگ کي پسند اچي ويو. سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ، ڪنهن به امير بکر جي نگرانيءَ جو ذمو نه کنيو. هن قبول ڪري اتي جي چڱيءَ طرح حفاظت ڪئي، ۽ اڪثر لڙاين ۾ شاه بيگ ۽ [٨٧] شاه حسن سان گڏجي ڏاڍا ڪم ڏيکاريائين. مرزا شاه حسن کان پوءِ، جڏهن مٿي گذري آيو، بکر جي ملڪ جو بالاستقلال وارث ٿيو. سنه ٩٦٥ (١) ۾ شاه طهماسپ صفويءَ وٽان 'خانيءَ' جو خطاب، عَلَم، نغارو، تمن-طوغ (٢)، ڪپڙا ۽ پيون ڪيتريون نوازشون عطا ٿيس. بروچن جي انتقال ڪري وڃڻ سبان ملان محب علي سنڌي سندس لاءِ اڪبري دربار مان آچ، پٽي ۽ [ججو] واهڻ جي پرڳڻن جي حڪومت جو پروانو ڪٺي آيو (٣). ٩٧٠ ۾ شاه طهماسپ جو ايلچي حق بردي بيگ دوباره نوازشون ڪٺي آيو، ۽ هتان وري

(١) نسخو "ن": خمس وسبعين وتسعماة-يعني سنه ٩٧٥ هه.

(٢) "تمن-طوغ" (تمن=ڏهه هزار ماڻهو؛ طوغ=جهنڊو)=اهڙو جهنڊو، جو ڏهن هزارن ماڻهن جي سرداريءَ جي نشاني هجي.

(٣) هتي اصل متن جي عبارت منجهيل آهي-لکيل آهي ته "ملان محب علي سندي براي وي از درگاه اڪبري تفويض رياست حدود اوچه و آهن وبتي از انتقال بلوچان آورده"؛ خود مصنف جي هٿ اکر لکيل نسخي ۾ به عبارت ائين آهي. تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو، ص ٢٦٦) ۾ لکيل آهي ته "سنه ٩٦٥ ۾ مُلا محب علي، درگاه عالم پناه ۾ ايلچي ٿي ويو، ۽ بلوچن جي انتقال ڪري وڃڻ سبب آچ، ججو واهڻ ۽ پٽي واهڻ، سلطان محمود جي جاگير مقرر ٿيا." اسان تاريخ معصوميءَ جي روايت تي اعتماد ڪري، پنهنجي ترجمي ۾ "آهن" کي 'واهڻ' سان بدلايو آهي، ۽ '[ججو] واهڻ' ڪري لکيو آهي.

مير ابوالمڪارم هديا ۽ نذرانا ڪٺي مٿئين ايلچيءَ سان گڏجي وڀو. حق بردي بيگ ٽيون پيرو بہ ’خان خاني‘ جو خطاب ۽ قسمين قسمين انعام ڪٺي آيو. سنہ ٩٨١ ۾ مبارڪ خان ڪان ماٿيلي جو قلعو ورتائين. انهيءَ ٻي سال اعتماد خان، اڪبر بادشاه لاءِ سندس نياڻيءَ جو سنگ گهرڻ لاءِ قيمتي وکو، ڪمربند، ۽ جڙاؤدار تلوار، هني ۽ لغام سوڊ و گهوڙو، ۽ چار هاٿي پاڻ سان وٺي آيو. هن انهيءَ ٽي سال پنهنجي نياڻي خاص ماڻهن هٿان رواني ڪئي، ۽ انهيءَ عرصي ۾ حڪومت جي زوال جا سبب پيدا ٿيا، جن جو بيان ڊگهو آهي. محب علي خان ۽ مجاهد خان، سندس ٻي نمڪ حرام ماڻهن جي مدد سان، ڪيس قلعي ۾ سوڙهو ڪيو. باوجوديڪ، سندس نياڻي پهچڻ ڪان پوءِ شاهي فرمان، قسمين قسمين نوازشن سان پهتو، پر مٿيان خان انهيءَ تي عمل پيرا نہ ٿيا. اتفاقاً ڪيس اِستسقا (جلندر) جي بيماري ٿي پئي، جا ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي. آخر سندس پاڪ روح جسم جي قيدخاني مان ٻاهر نڪري ويو. اهو واقعو سنہ ٩٨٢ ۾ ٿيو. ”در بهشت آسود“ هن جي تاريخ آهي (١).

[امير شاه قاسم بيگلار]

امير شاه قاسم بيگلار (٢) بن ابرڪ بيگ بن چوچڪ بيگ، فريد بيگ بيگلار جو پائيٽو، بيگلار گهراڻي مان – جو حضرت علي رضي الله عنه جي اولاد جي سلسلي ۾ داخل آهي – اصل سمرقند جو هو. بيگلار جو ڏاڏو سيد علاؤالدين علي خواجہ ولد سيد نظام الدين ملڪ بن سيد بهاوالدين عمر بن سيد علي بن سيد احمد بن سيد عبدالله بن سيد جعفر بن سيد عبدالله

---

(١) سلطان محمود خان جي مفصل احوال معلوم ڪرڻ لاءِ، ڏسو تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو، ص ٢٥٩–٢٨١).

(٢) ”بيگلار“ معنيٰ شهزادو؛ ”بيگلار بيگي“ معنيٰ شهزادن جو شهزادو.

بن سيد نظام الدين اعليٰ ـ جو ترمذ کان سمرقند ۾ آيو، جنهن جي اچڻ تي ملڪ الشعرا سوزنيءَ چيو هو:

سمرقند يثرب شد و مکه ترمذ ز مکه بيثرب خراميد سيد

[سمرقند يثرب ۽ مکو ٿيو ترمذ ڏسيو واه! مکي کان يثرب ڏي سيد]

ولد سيد ابوالقاسم بن سيد زين العابدين بن سيد شمس الدين محمد بن شرف الدين حسين، پنهنجي زماني جي سيدن جو سردار ۽ جعفر الحجة (امام جعفر صادق جهڙي حجت رکندڙ)، ولد سلطان العارفين (عارفن جو بادشاه) پنهنجي وقت ۾ سيدن جو سردار عبدالله الاعرج بن سيد حسين الاصغر بن امام زين العابدين ـ زماني جي حادثن کان ترڪستان ۾ آيو، ۽ انهيءَ ملڪ ۾ سندس اولاد ترڪن سان ملي جلي ويو، جنهنڪري بيگلار جو ارغونن سان تعلق پيدا ٿيو. مير شاه قاسم، شاه حسن جي ڏينهن ۾ سمرقند کان سنڌ ۾ پهچي ڏاڍيون نوازشون لڌيون. جهيجن جا پرڳڻا جاگير ۾ مليس، عمرڪوٽ جي راڻي ورسي جي ڀاڻيجيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان ٩٤٧ ۾ ابوالقاسم پٽ [88] پيدا ٿيس. هو ويجهڙائيءَ ۾، همايون بادشاه واريءَ پهرينءَ جنگ ۾ گذاري ويو آهي، جا ٩٥٢ (١) ۾ لڳي هئي. سندس قبر توڪيءَ جي ڳوٺ ۾ آهي.

ابوالقاسم خان زمان

مير ابوالقاسم خان زمان ولد شاه قاسم بيگلار، پيءُ کان پوءِ ٽن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي ماءُ ـ راڻي ورسي جي ڀاڻيجيءَ ـ سان پٽڻ ۾ رهڻ لڳو. اتفاقاً انهيءَ ديهه تي جوڻيجن حملو ڪيو، ۽ هن جنگ ۾ ڪيس منهن تي زخم رسيو، ۽ انهيءَ حالت ۾ هن کي شاه حسن وٽ وٺي آيا، جنهن سندس تربيت جي ڏاڍي ڪوشش ورتي، ۽ گاجيءَ جو ڳوٺ انعام ڏنو. سندس اقبال جو ستارو روزبروز ترقي ڪندو رهيو. شاه حسن

(١) "نسخو "ن": ٩٥٠هه.

ڪان پوءِ مرزا عيسيٰ وٽ [رهڻ لڳو]. انهيءَ ڪان بعد، ارغونن جي قتل جي واقعي ڪان پوءِ مرزا باقيءَ ڪان ڀڄي وڃي جان بابا سان مليو، ۽ انهيءَ وٽ جيڪي ڪارناما ڏيکاريائين، تن مان ڪي تورا بيگلار نامي ۾ لکيل آهن. آخر مرزا باقيءَ وٽ موٽي آيو. هن ڪان پوءِ مرزا جانيءَ وٽ رهي، چونڊ اميرن جي سلسلي ۾ داخل ٿيو. جڏهن خان خانان مرزا جاني بيگ کي حضور ۾ وٺي ويو، تہ هي ساڻس گڏ هو. پهرين ملاقات ۾ اڪبر بادشاهہ پڇيو تہ "تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟" هو جواب ڏيڻ ۾ هو، تہ جاني بيگ جواب ڏيندي چيو تہ "پاونجاهہ سال." بادشاهہ پڇيو، "ولادت ڪٿي ٿي؟" هن پاڻ جواب ڏنو تہ "عمر ڪوٽ ۾". بادشاهہ [هڏي] فرمايو تہ "منهنجو ۽ سيد جو ڄمڻ جو هڪڙو هنڌ آهي." بادشاهہ، مرزا جاني بيگ کي نوازيو تہ امير خسرو خان ۽ خان زمان هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ "بادشاهہ اسان تي سروپا جي نوازش نہ ڪئي، تہ پوءِ ڪهڙو منهن وٺي سنڌ ڏانهن وينداسون!" اها گفتگو ٿي رهي هئي، تہ ٻنهي اميرن کي باشاهہ سڏايو. هي ويا تہ بادشاهہ اندر هو، ۽ ٻاهر ٻہ گهوڙا هڪ نيلو ۽ ٻيو شبرنگ (مشڪي) بيٺا هئا. خان زمان، خسرو خان کي چيو تہ "ڪيئن تو ڀائين، جيڪڏهن هي ٻئي گهوڙا اسان کي عطا ٿين!" جيئن تہ هيءَ خوشطبعيءَ جي ڳالهہ هئي، تنهنڪري هن ورائيو تہ "ها، توکي تہ گهوڙي ڪان سواءِ هڪ هاٿي بہ عنايت ٿيندو"- گويا ٻنهي اميرن جي ڳالهہ ٻولهہ تقدير [جي فيصلي] مطابق هئي.

ٻئي گهوڙا ٻنهي کي ڏنائون، ۽ خان زمان جي گهر پهچڻ-تي هڪ هاٿي پڻ سندس لاءِ آيو، ۽ ٻئي مرزا غازيءَ جي خدمت ۾ سنڌ ۾ مقرر ٿيا. سندس نشانين مان ميرگ منارو- جو گهوڙي تي ٺاهيو هئائين- اڃا تائين باقي آهي.

چون ٿا ته انهيءَ گهوڙي ۾ عجيب وصفون هيون. هڪ ڀيري جنگ هلندي سندس ٻه جاني رفيق زمين تي ڪري پيا - هڪڙو مثل هو ۽ ٻيو زخمي. مثل کي گهوڙي جي پٺيءَ تي ۽ زخميل کي پنهنجي پٺيءَ تي ٻڌي، تي ڏينهن پاڇڙ جي جنگ ۾ انهيءَ تي سوار هو. گهوڙو انهيءَ بار، ٽن ڏينهن جي بک، جنهن ۾ پاڻي ۽ گاهه ڏنو ڪونه هئائين، ۽ سخت زخمن کائڻ جي باوجود به تيستائين اصلي نه ڪريو، جيستائين مالڪ کي ڪنهن [محفوظ] هنڌ نه پهچايائين. هو جڏهن [سلامتيءَ واري] جاءِ تي پهتو، تڏهن هڪدم ساهه ڏنائين. 'مرگ' جي معنيٰ هرڻ آهي. سندس پيو نشان سانڪره جي ڪناري تي، شاهڪره (ساڪري) جو قلعو آهي، جنهن جو هن وقت فقط نالو وڃي رهيو آهي.

[مير ابوالقاسم سلطان]

مير ابوالقاسم ولد خان زمان مٿيون - جنهن جو ڪجهه احوال اڳئي ذڪر ٿي چڪو - نهايت بهادر ۽ سخي هجڻ سان گڏ، شعر گوئي ۽ شعر فهميءَ ۾ سندس وقت ۾ سندس جهڙن همعصرن مان سائس ڪو به مٽ ڪونه هو. "بيگلر" تخلص ڪندو هو. سندس ولادت ٩٦٩ ۾ ٿي هئي. ادراڪي بيگلار - جو اڳتي مذڪور ٿيندو - [٨٩] "چنيسر نامه" سندس نالي [منسوب] ڪيو. هي جيڪي جو "منتخب التواريخ" جي مصنف ۽ مير طاهر اهو ڪتاب سندس تصنيف لکيو آهي، انهيءَ تحقيق ۾ انهن غلطي ڪئي آهي؛ ڇاڪاڻ ته لکندڙ (مير قانع) اهو نسخو پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي، ۽ انهيءَ جو مصنف اهوئي ادراڪي بيگلار آهي. ۽ هي سندس ممدوح.

[مقيم سلطان]

مقيم سلطان ولد خان زمان، ابوالقاسم سلطان جو پاڻ پڻ ارغون ۽ بيگلار قوم ۾ نهايت شاندار ٿي گذريو آهي.

[مسڪين ترخان]

مسڪين ترخان، شاهه بيگ ۽ مرزا شاهه حسن جي ڏينهن ۾ شان مان ۽ عزت وارن اميرن مان هڪڙو هو. مرزا شاهه حسن وٽ سندس مقرب ۽ معزز هجڻ جو اهوئي دليل ڪافي آهي، ته هن (مرزا) جڏهن ملتان ورتو هو، تڏهن ملتان جي حاڪم سلطان محمود لانگاه جو پٽ ۽ نياٽي خاص هن جي فرزنديءَ ۾ ڏنا هئائين.

فرخ ارغون

مرزا شاهه بيگ ۽ شاهه حسن جي نامي گرامي اميرن مان نهايت بهادر ۽ مشهور بزرگ هو. سندس نشاني عاليشان [مسجد] جامع فرخ يادگار آهي، جنهنجي شاهجهان جي ڏينهن ۾ دوباره تعمير ٿي. پر تازن تڪرن کان سواءِ، هاڻوڪي عمارت پڻ اڳوڻي ساڳي صورت تي ظاهر آهي (١).

مير يونس ارغون

پهرياڻين همايون بادشاهه ۽ محمد زمان مرزا جي ملازمت ۾ هو، تنهن کان پوءِ مرزا شاهه حسن جي اميرن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ سلطان محمود خان سان وڃي مليو ۽ آخر گوشه نشيني اختيار ڪيائين. سنه ٩٨٥ ۾ گذاري ويو. پنهنجي وفات کان به ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي تاريخ، "رستم از قيد اين و آن اي دل" (هين ۽ هُن جي قيد کان اي دل ٿيس آزاد مان) – معلوم ڪئي هئائين.

(١) هتي اصل متن جي عبارت ۾ خلل آهي. متن جي عبارت هن طرح آهي: "وبناي حال شعر دو قطع اساس زمان قريب هم ازان قرار صورت ظهور دارد". اسان جي خيال ۾ 'شعر' لفظ ڪاتب جي غلطي آهي؛ سندس جاءِ تي "باستثناء" لفظ هوندو. اسان پنهنجي ترجمي جو بنياد انهيءَ درستيءَ تي رکيو آهي. والله اعلم بالصواب.

شاه حسين تڪدري

مرزا شاه حسن جي تڪدري اميرن جي لسٽ ۾ داخل هو. طبع جي تيزي، ذهن جي عمدگي، سهڻن اخلاقن، ۽ ونندڙ ادبن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هووقت جي علماء جو سردار ۽ تاريخ جي فن ۾ خاص ڪمال جو مالڪ هو. "روضة السلاطين" سندس تصنيف آهي.

مير عليڪ ارغون

شاه بيگ ۽ شاه حسن جي اميرن مان ڪمال بهادري ۽ نهايت دانائيءَ ۾ مشهور هو. جيئن ته همايون بادشاه جي اوج وارن ڏينهن ۾ مرزا شاه حسن هن کي ڪنهن موقعي تي موڪليو هو، جتان هو جيئن بيان ٿي چڪو بنا اجازت هليو آيو، ۽ اچي چيائين ته "بادشاه جو اهڙو نمونو ڏٺو اٿم، جو عنقريب ڪو ماڻهو سندس برخلاف بغاوت ڪندو"، حالانڪ (انهيءَ وقت) هيءَ صورت ڪنهن جي خواب خيال ۾ به ڪانه هئي. اتفاقاً ٿوري ئي وقت ۾ (هو جبل) جيڏو بادشاه شيرخان جي هٿان دربدر ٿيو.

غضنفر بيگ ارغون

مرزا باقي هن کي ٺٽي مان ڪڍي ڇڏيو هو، ۽ هو ڪڇ جي سرزمين ۾ رلندو ٿي وتيو. آخر مرزا جانيءَ جي ڏينهن ۾ خسروخان جي سفارش سان واپس اچي مقرب بڻيو، ۽ خان خانان واريءَ جنگ ۾ سيوهڻ جي آس پاس مردانا ڪارناما ڏيکاري قتل ٿي ويو.

مرزا بيگ عادل خان ترخان

پائرن جي دشمنيءَ ڪري مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ وڃي اڪبري دربار ۾ داخل ٿي، جهانگير جي ڏينهن ۾ قنڌار

جو حاڪم ٿيو، پر جنهن صورت ۾ قزلباش لشڪر جو مقابلو نہ ڪري سگهيو، تنهنڪري مرزا غازي بيگ وجي- جيئن بيان ٿي آيو، سوپارو ۽ سندس قائم مقام ٿيو. هو نڪتہ سنج ۽ صاحب طبع هو. مير طاهر، "تاريخ طاهري" سندس لاءِ تصنيف ڪئي هئي.

ملا بهبود

مرزا عيسيٰ جي خاصخيلين مان هو. مرزا باقي ڪيس محلات [جي پانهين مان] هڪ ڏني، جنهن مان مير علي نالي پٽ ڄائس. پاڻ مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ جان بابا مان جنگ ڪندي، سخت حملن ڪرڻ ڪان پوءِ ڪم آيو، ۽ سندس پٽ پاڻ کي ارغون گهراڻي مان سمجهي، مرايم علي سلطان جي لقب سان سڏجڻ لڳو.

قاضي خميسہ

اصل ۾ هڪ رول ماڻهو [٩٠] هو. قاضيءَ جو لقب، "برعڪس نهند نام زندگي ڪافور" (کگهي کي يقين شاه اچ ڪلهہ چون ٿا) جي قسم مان آهي. شايد هن جو بنياد قاضي گهراڻي مان هجي. مرزا باقيءَ جي دربدريءَ واري وقت ۾، سندس رفاقت ۽ بخت جي ياوريءَ جي برڪت سان نالا ئق هوندي بہ، مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ سندس پٽ مرزا صالح جون جاگيرون هٿ ڪري، ساري ملڪ جو وڪيل مطلق ۽ مدارالمهام ٿيو. سندس اوج هن حد کي پهتو، جو هزارين گهوڙن ۽ نوڪرن سان نڪرندو هو. سندس انسانيت ايها هن نقل مان ظاهر ٿئي ٿي:

چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن سيد علي شيرازي ۽ شيخ عبدالوهاب پوراني اڪثر عالمن، مکيہ ماڻهن ۽ وڏيرن مان گڏ ڪنهن ضروري ڪم جي فيصلي لاءِ وٽس ويا. هن

حقارت طور چيو تہ ”اڇو اي ملؤا!“ هن جماعت ۾ قاضي نعمت الله ڏاڍو تيز طبع هو، تنهن هٿن مان نڪري پڇيو تہ ”قاضي صاحب، ملا جي معنيٰ ڇا آهي؟“ جيئن تہ هو معقوليت جي علم کان نهايت بي بهره هو، تنهنڪري انهيءَ سوال جي جواب ۾ آڱر سان هڪ گول ليڪو ڪڍي، چيائين تہ ”هي ڪهڙي شڪل آهي؟“ سيني وقت جي فيلسوفن ۽ ڪماليت جي صاحبن هيءَ لا يعني شڪل ڏسي، حيرت ۾ پئجي چيو تہ ”اسان کي هن عجيب و غريب شڪل جو پتو نہ ٿو پوي، توهان پاڻ اٿي (اسان کي) سيکاريو“. وراڻيائين، ”هيءَ شڪل اهڙي نہ آهي جو هيڏيءَ بزرگيءَ هوندي انهيءَ ۾ منجهي پئو!“ وري بيو هڪڙو وروڪڙ ليڪو ڪڍي، چيائين تہ چڱو هيءَ (هِن کان) وڌيڪ آسان آهي، انهيءَ جو جواب ڏيو.“ هنن جواب ڏنو تہ ”هيئت، حڪمت، هندسہ، ڪيميا، سيميا، توحيد ۽ تسخير جا مسئلا گهڻا ئي پڙهياسون، پر ههڙي شڪل ڪٿي بہ نظر ڪانہ آئي، توهان۔ جو عقل جي وڻ جي ٽاري آهيو۔ جي روشن دل کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ خيال ۾ نٿي اچي سگهي“. چيائين ”اي نادانوا باوجود هيڏي هم دانيءَ جي دعويٰ جي، هن صورت ۾ اچي ايڏا سخت مُنجهيا آهيو، جا هڪ هاريءَ جي ڍڳي جي پيشاب جي صورت آهي“ بزرگ ههڙي صحبت ڏسي، پنهنجي مطلب ظاهر ڪرڻ کان سواءِ ئي اٿي ڪرڻا ٿيا. جڏهن ڏٺائين تہ بزرگن کي ڏاڍو ڏکويو اٿم تڏهين معافي ورتي، جنهن ڪم لاءِ تشريف آندي هئائون، سو ڪم پورو ڪري ڏنائين. هيءَ سڀ حاڪم جي بد تميزي آهي، جو ههڙي بيوقوف کي مدارالمهام ڪيو اٿس. تنهن کان پوءِ ضرورت هوندي بہ انهن بزرگن مان ڪوبہ ولس ڪونہ ويو.

خواجہ خليل

پھريون تہ گھڻي ڪونہ ھو، پر جيئن مٿي گذري آيو، مرزا باقيءَ کي پٽڻ کان بچائڻ ۾ مدد ڪرڻ جي خدمت جي بدلي ۾ وڏي عهدي تي سرفراز ٿي مهردار ٿيو. پنهنجي سر سٺو ماڻهو ھو. سندس رائنڪ مڪليءَ تي مشهور آهي. چون ٿا تہ ھن رائنڪ ٺهي راس ٿيڻ کان پوءِ، وصيت ڪيائين تہ "جنهن صورت ۾ هن جي تعمير حڪومت جي ڏينهن ۾ ٿي آهي، ۽ متان ڪنهن مزورسان ناحق ٿيں هجي، تنهنڪري انهيءَ ۾ دفن نہ ڪجو"، انهيءَ ڪري کيس انهيءَ کان ٻاهر اڳڻ ۾ هڪ علحده گنبذ ۾ دفن ڪيائون.

خسرو خان چرڪس

چنگيز خان جي اولاد مان چرڪس خان ڏانهن منسوب آهي، جو قبچاق جي پٽ تي حڪومت ڪندو ھو. ابتدا ۾ ملا جاني بند ري وٽ ھو، جنهن کان مرزا عيسيٰ ولي ڪوڪلو ڪٺندڙ بنايو، ۽ سندس ذاتي جوهر ڏسي کيس عنقريب [ڪن] پرڳڻن جي عملداري عطا ڪيائين. مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ ترقي ڪري، مرزا جانيءَ جي ڏينهن ۾ هڪ وڏي اعتماد وارو امير ٿي پيو. جهڙس توفيق ۽ خير جو صاحب پيو ڪو هن سرزمين تي پيدا ڪونہ ٿيو. جيتريون سندس نشانيون [۹۱] باقي آهن، ڪنهن بہ امير يا بادشاه کي انهن جي ڏهين حصي جي بہ توفيق ڪانہ ٿي. ٺٽي، مڪلي ۽ شهر جي گرد و نواح ۾ ٿي سو سٺ مسجدون، رائنڪون، پليون، کوھ ۽ تلاءَ ٺهرايائين، جن مان هرهڪ تي ڪافي رقم خرچ ٿي هوندي. هن سچي توفيق جو سبب هي ھو تہ هڪ ڏينهن پنهنجي حويليءَ جي ڇت تي چڙهيو، ۽ سندس نظر اوچتو ٻاڙيسريءَ جي زال تي وڃي پئي، جا غسل ڪري رهي هئي.

هن اها اک ڪڏي چڏڻ گهُري، پر عالمن کيس منع ڪئي. پوءِ اهي سڀ خيراتون، انهيءَ جي ڪفارت ۾ ڪيائين.

ڪنهن ڪشف جي صاحب، کيس فوت ٿيڻ کان پوءِ خواب ۾ ڏسي، احوال پڇيو، جواب ڏنائين ته ”دنيا ۾ جيڪي ثواب جا ڪم ڪيا هيم، سي سڀ نانءَ نيڪيءَ جي باعث ٿيڻ (رياء) سببان منهنجي ڪم ڪونه آيا، مگر هڪ ڏينهن لکڻ ۾ مشغول هوس ته هڪڙي مک مس کائڻ لاءِ اچي هڪ حرف تي ويٺي، جنهن تي مان پنهنجي اختيار سان مک جي اٿڻ تائين قلم کي لکڻ کان جهليو- انهيءَ جانور جي دل خوش ڪرڻ جي بدلي ۾ مون کي بخشيائون“.

هو هڪ نامور ترخاني امير هو، ۽ جيئن ذڪر ٿي آيو، غازي بيگ جي نگراني واسطي ڪن ٻين سردارن سان [دهليءَ کان] لٿي آيو هو. مرزا جاني بيگ کان پوءِ جڏهن مرزا غازي [اڪبر جي] حضور ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن ڪيترو عرصو خود مختيار رهي حڪومت هلايائين. سندس [حڪومت جي] ڏينهن ۾ چرڪس ماڻهن ۽ سندس ڏوهٽن ڏاڍيون ارڏايون ڪيون، تنهنڪري مرزا غازي بيگ جي دل تان ڪري پيو، ۽ هن سندس موقوفيءَ جو حڪم ڪري، سندس جاءِ تي هندوخان رکيو، پر جيئن ته جلدئي مرزا غازي گذاري ويو ۽ سندس ڪو اولاد ڪونه رهيو- هيڏانهن هن جي ارڏائي بادشاه جي حضور ۾ عرض ڪئي ويئي، تنهنڪري مُلڪ تيموري (مغل) اميرن جي قبضي ۾ آيو. هڪڙي روايت موجب هو ٺٽي کان لاهري بندر ڏانهن وڃي اتان ايران هليو ويو، ۽ ٻئي قول موجب هتي گذاري ويو. سندس سجع خسرو دهلويءَ جي هيءَ مصرع هوندي هئي: ”خسرو از تو پناه مي طلبد“.

ٻائيخان

لطف الله نالي مٺئين خسرو خان جو پٽ [باد شاه جي] حضور ۾ خواه قندار ۾ غازي بيگ سان گڏ هو. قندار مان پٺاڻن جي تڙڻ ۾ نمايان ڪم ڏيکاريائين. سندس پٽ فتح الله ڏاڏي جي حڪومت ۾ مرادون ماڻي ۽ چاچڪان جي پرڳڻي ۾ خود مختيار ٿي رهيو.

هاڻي قطب الاقطاب شيخ بهاوالدين ملتانيءَ جا پوٽا، شيخ ڪاليخان جو اولاد ۽ مٺئين خسرو خان جا ڌهنا جيڪي قريشي قبيلي سان مشهور آهن، سندس حويليءَ ۾ رهن ٿا، جا فقط زمين وچي رهي آهي.

مُلا محمد علي

مرزا جاني بيگ جو وزير ۽ مغل گهر جو نائي هو. ٺٽي ۾ هڪڙو محلو سندس نالي تي مشهور آهي. سندس پٽ محمد قاسم، شاه جهاني وزير جعفر خان جي خدمت ۾ منشي هوندو هو. ڪيس ٻه پٽ محمد مقيم ۽ محمد عارف نالي ٿيا. محمد مقيم پيءُ کان پوءِ، ساڳيءَ سرڪار جو منشي ٿيو، ۽ محمد عارف شهزادي ڪام بخش وٽ منشي هوندو هو. ٻنهي جو اولاد دهلي لڏي ويو، ۽ ٺٽي ۾ سندس ڏوهٽا ـ جن جو بيان اڳتي ايندو ـ اڃا تائين موجود آهن.

ملا گدا علي 'ٻائيخان'

ملا گدا علي 'ٻائيخان' ولد مهتر عسل، مرزا جاني بيگ جي اميرن مان هو ۽ مرزا غازي بيگ سان گڏ زهر کائي گذاري ويو. ٻائيخان جو محلو سندس نالي تي مشهور آهي.

محمد امان ترخان

جاني بيگ جي اميرن مان هو. عام طور ڪيس "ملڪ امان" چوندا هئا. "چوڪ ملڪمان" الف جي تخفيف سان سندس نالي مشهور آهي.

امير بيگ

باقي رهيل ارغونن مان آهي. [٩٣] مرزا جانيءَ جي لشڪر جو بخشي هو، ۽ ساڻس گڏ [شهنشاه جي] حضور ۾ پڻ ويو هو. امير بيگ جي بازار انهيءَ ڏانهن منسوب آهي.

مير احمد بيگ مزنگ

مرزا جانيءَ جو خاص ماڻهو هو. مرزا غازيءَ ڪيس 'سلطان' جو لقب عطا ڪري وڪيل ڪل بڻايو، ۽ جڏهن قندار جو صوبو مليس، تڏهن امان خان مٿئين جي عذر پيش ڪرڻ ڪري انهيءَ جي تجويز رد ڪري، هن [احمد بيگ] کي "اعتماد خان' جو لقب ڏيئي، پنهنجي پاران اڳ ۾ موڪليو هئائين. سندس پٽ منعم بيگ ۽ پوٽو مير شرفو، ٺٽي ۾ مشهور و معروف هوندا هئا. پير پٺي جي درگاه جي ڏاڪڻ - جا ڪٽي جي لقب سان مشهور آهي - مير شرفوءَ جو يادگار آهي. سندس اولاد مان مير منون ۽ مير چتن ٺٽي جا ناليرا بزرگ هئا. دڪڙو وڏو محلو سندن رهڻ جي جاءِ هو، جتي هاڻي امير خاني رهن ٿا ۽ هن جي گهراڻي مان - انهيءَ اولاد کان سواءِ، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو - ڪوبه ڪونه رهيو آهي.

[باب يارهون]

تيموري (مغل) شهنشاهن جي اسيرن جو طبقو

مرزا غازيءَ جي وفات کان پوءِ (جا سنه ۱۰۲۱ هه ۾ ٿي)، جڏهن خسروخان بيپرواهي ڏيکاري ۽ هندوخان سندس هٿان لاچار ٿي پري پئجي ويو، تڏهن مير عبدالرزاق هي احوال حضور ۾ عرض ڪيو، جتان حڪم ٿيو ته ڪنهن ٻئي امير جي اچڻ تائين هو خسروخان کي بيدخل ڪري، پاڻ اهي حدون پنهنجي قبضي ۾ آڻي، تنهنڪري خسروخان عاقبت‌انديشي ڪري، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو، ملڪ مان هٿ ڪڍي ويو.

[۱مرزا رستم]

مرزا رستم بن سلطان حسين مرزا بن بهرام مرزا بن شاهه اسماعيل صفوي، جو ڀهريائين قندار جي آسپاس ۾ راور جي سرزمين جو حاڪم هو، اوزبڪن جي خراسان تي غلبي ڪرڻ کان پوءِ، مقابلي جي طاقت نه ساري، سنه ۱۰۰۲ هه ۾ اڪبر بادشاهه جي خدمت ۾ پهتو هو ۽ هميشه ملتان جو گورنر رهندو ٿي آيو، [سوهائي] ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو.

”منتخب التواريخ“ ۾ لکيل آهي ته جهانگير بادشاهه هن کي پنجهزاري [عهدي] سان سربلند فرمائي، ٺٽي جي حڪومت ۽ نگراني عطا ڪري، مير عبدالرزاق معموريءَ کي، ٺٽي جي آباديءَ جي قديمي دستور ۽ هلي چليءَ موجب جعبمندي ڪري، [جملي پيدائش] کيس جاگير ۾ ڏيڻ جو حڪم ڪيو، تنهن کان سواءِ ۾ لک روپيا نقد، انعام ۽ مدد خرچ طور حوالي ٿيس. جڏهن ته حضور ظل الاهي (الله جي

ٻاڇي) کي هن صوبي جي آباديءَ جو ڏاڍو خيال هو، تنهنڪري [اهو ملڪ] مٿئين مرزا کي سپاري اتي جي رهاڪن ۽ رعيت جي دلجوئيءَ ۽ مخلوق جي آرام بابت تاڪيد ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته ترخاني گورنرن جي پيچ ڏاهه واري وقت ۾ [هي ملڪ] اعتدال کان نڪري ويو هو. حضوراعليٰ جي دل ۾ اهوئي خيال هو ته هو انصاف ۽ عدالت جا شرط جوڳي نموني بجا آڻيندو. هن جي هن سرزمين تي اچڻ کان پوءِ معاملو ابتڙ ظاهر ٿيو. لاچار ٿوري عرصي کان پوءِ کيس موقوف ڪري، ملڪ راجا 'سنگهه سن' جي حوالي ڪيو ويو ۽ فيصلو ٿيو ته هو (مرزا رستم) جيستائين فريادين کي راضي نه ڪندو، تيسين کيس دربار ۾ حاضريءَ جي اجازت نه ملندي. [آخر] ٻن سالن کان پوءِ اها بندش لاهي، سروپا سان نوازي، پهريائين الله آباد جي صوبي ۽ پوءِ پٽنه ۽ بهار [جي حڪومت] سان سرفراز فرمايائونس. پڇاڙيءَ جو شاهجهان جي ڏينهن ۾ گوشي نشيني اختيار ڪري آگري ۾ رهڻ لڳو، ۽ نيٺ گذاري ويو. هي شعر عمدو چوندو هو، جنهن ۾ "فدا" (١) تخلص ڪندو هو.

سندس ڀاءُ مرزا مظفر حسين پڻ قنڌار جو والي هو، ۽ اوزبڪن جي غلبي کان پوءِ سنه ١٠٠٣ ۾ اڪبر بادشاه جي خدمت ۾ داخل ٿي سنبل [جو پرڳڻو] [٩٦] جاگير ۾ ورتائين. هن کان پڻ عمدا شعر روايت ٿيل آهن.

مرزا رستم جو پٽ مرزا مراد، شاهجهاني اميرن مان هو ۽ "التفاتخان" لقب هوس. هو پڻ تيز طبع هو ۽ برجستا شعر چيل اٿس.

[مرزا مصطفيٰ خان]

قصو ڪوتاه- مرزا رستم کان پوءِ مرزا مصطفيٰ خان نالي هڪ امير ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو.

---

(١) نسخو "ن": "فدائي"

[مرزا بايزيد ٻخاري]

هن (مصطفيٰ خان) جي موقوف ٿيڻ کان پوءِ مرزا (١) بايزيد ابن سيد مبارڪ خان ولد لالخان وَلد سيد حبيبُ ولد سيد يعقوب ولد سيد صالح ولد سيد موسيٰ ولد سيد ابراهيم ولد سيد اسماعيل ولد سيد يحييٰ ولد سيد محمود ولد سيد رڪن الدين ولد سيد عبدالله ولد حضرت مخدوم جهانيان ٻخاري جهانگيري۔ جلوس جي پندرهين سال، مطابق سنه ١٠٢٨ هه ۾ ٻه هزاري منصب حاصل ڪري، ٻه هزار پنج سو سوارن سان ٺٽي جو حاڪم مقرر ٿيو. هو هن کان اڳ ٻکر جو فوجدار هو.

[نواب شريف الملڪ]

انهيءَ کان پوءِ نواب شريف الملڪ عرف شريف خان يڪ۔چشم ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. هن جي وقت ۾ جلوس جهانگيري جي ايڪيهين سال، مطابق سنه ١٠٣٥هه، ۾ شاهزاده شاهجهان پيءُ کان ناراض ٿي، ڪي ٿورا خاص ساٿي ساڻ وٺي، عراق عجم [ڏانهن وڃڻ] جي ارادي سان ٺٽي پهتو. ٺٽي ۾ ڪجهه وقت رهڻ جو ارادو هوس، پر شريف الملڪ جنگ ڇيڙي وڌي. ڪئين دفعا ٻنهي پاسن کان توبون ۽ تفنگ ڇوڙيا ويا. شهزادي ٺٽي پيرا شهر جي اوڀر ڏکڻ ۽ اتر کان حملا ڪري شڪست کاڌي، هڪ پيري مڪليءَ جي پل جي ڀرسان پير بدر جي ويجهو سخت لڙائي لڳي، جنهن جي مُئلن جا هڏا انهيءَ زمين ۾ اڄ تائين ڏسبا آهن.

چون ٿا ته هڪ پيري شاهزادي جي بيگم۔جا حامله هئي۔ڪجهه ڏاڙهن جي فرمائش ڪئي، جنهن تي شاهزادي خاص پنهنجي هٿ سان هن باري ۾ خط لکيو. هن جواب ڏنو ته "آءٌ پاڻيهي تو بيگم ڏانهن موڪليان"، ۽ هڪدم

(١) نسخو "ن"؛ "مير"

هڪ فرنگي توب انداز کي وٺي، بيگم جي رهڻ واري تنبوءَ ۾ گولو اڇلائڻ جو حڪم ڏيئي چيائين ته ”هتي اڇي ڇهڙا ڏاڙهون ٿيندا آهن“. گولي جي صدمي کان بيگم جو حمل - جنهن جا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا - خطا ٿي پيو.

کي چون ٿا ته شريف الملڪ پاڻ دوربينيءَ ۾ ڏسي، شاهزادي کي نشان بنائڻ جي خيال کان توب کي باهه ڏني هئي، پر اتفاقاً شاهزادو هڪدم اُک چنبي ۾ جاءِ مٽائي ويو هو، ۽ نشان خالي ويو. هڪدم ڪاوڙ ۾ جنهن اک سان نشان پڌو هئائين، تنهن جو، هٿ هٽي، دوڙو ڪڍي ڇڏيائين، ۽ انهيءَ وقت کان ڪاڻو ٿيو. جيڪڏهن اها روايت سچي آهي ته گويا ڪ سندس بري ڪم جو نتيجو کيس سندس هٿان مليو.

قصو مختصر، ته انهيءَ جي بدلي ۾ شهزادي جي تخت تي ويهڻ سان کيس شاهي سزا ملي، ۽ سندس شامت کان سندس پيا عهديدار رفيق پڻ تهمت هيٺ آيا.

مرزا عيسيٰ خان

مرزا عيسيٰ وڏي جي پٽ جان بابا جو فرزند هو. مرزا غازيءَ جي تخت نشينيءَ جي ابتدا ۾ ابوالقاسم سلطان سان شورش ۾ رفيق هو، ۽ مرزا کان ڇڇي وڃي سميجن ۾ موقعي جو منتظر رهيو. ابوالقاسم جي گرفتار ۽ انڌي ڪرڻ کان پوءِ، ساهه جي ڊپ کان، [شهنشاهه اڪبر] جي حضور ڏانهن ڀڄي ويو، جتي ملازمن جي لسٽ ۾ داخل ٿي قسمين قسمين خدمتون ادا ڪيائين. آخر سنه ١٠٣٧ هه [مطابق] آخري سال جهانگيري جي ابتدا ۾ جهانگير [طرفان] چار هزار سوارن جي عهدي سان ٺٽي جي حڪومت مليس؛ ۽ جلد ئي ڪرنال جي نگرانيءَ تي مقرر ٿيو. شاهجهاني دور تائين انهيءَ طرح خوشيءَ سان وقت گذاريندو رهيو. سندس رائنڪ مڪليءَ ۾ هر ملڪ جي تماشائين جو تماشاگاهه آهي.

چون ٿا ته [رائنڪ لاءِ] پٿر پاڻ انهيءَ پاسي کان موڪليا هئائين ۽ ارڙهن سالن ۾ تيار ٿي. ان جو خرچ نوراڻي ديهه جي آمدنيءَ مان ٿيو، جا سندن وڏن جي قبرن جي خرچ لاءِ انعام هئي.

چون ٿا ته رائنڪ جي تعمير هلندي مرزا وفات ڪري ويو، ۽ سندس ڪامورن ڪٽي ڪم بند ڪيو، ورنه مرزا جي دل ۾ خيال هو ته وڏي نشيمن جي سامهون چئني پاسن کان جوڳا نشيمن هڪ ٻئي جي جواب ۾ تيار ڪيا وڃن.

نواب امير خان

خير ڳالهه ڪٿائي - انهيءَ کان پوءِ نواب امير خان مير 'ابوالبقا' ولد نواب قاسم خان 'نمڪين' هروي بن ملا مير سبزواري [آيو]. شاهه جهان کي جنهن صورت ۾ مٿئين شريف خان جي همراهن تي ڪاوڙ هئي، ۽ ڪڪرالي جي چام جي گستاخي - جو سندس لشڪر جي بازار تي حملو ڪيو هئائين - نڪامره ذات جي ڏاراجن جي راڻي ۽ مٿئين راڻي جي جاگير جي ان جي سنياليندڙ حمل جت جون سهٽيون خدمتون [به ياد هيس]، تنهنڪري مٿئين نواب کي شهر تي مقرر ڪري موڪليائين. هو سنه ١٠٣٧ هه جي آخر ۾ روانو ٿي ٺٽي جي شهر ۾ پهتو. ٺٽي تي مقرر ٿيل اڪثر عهديدارن کي موقوف ڪري وٽ هيٺ آٽي، ڪڪرالي جي چام کي شاهي سزا ڏنائين. حمل جت ۽ ڏاراجن جو راڻو، حضور ۾ پهچي سرفراز ٿيا. امير پور سندس آباد ڪيل آهي ۽ سندس نالي تي سڏجي ٿي. تنهن جو سبب هي آهي جو هو امير ٺٽي کان اڳ ۾ هڪ دفعو سوار ٿي انهيءَ پاسي کان اچي لنگهيو هو، ڏنارن بر پٽ ۾ سندس ڏاڍي خدمت ڪئي هئي، جنهن تي راضي ٿي سندن حال احوال پڇيو هئائين ۽ کيس معلوم ٿيو هو ته اها زمين ويران آهي

۽ اتي جا ماڻهو مال چاريندا آهن ۽ سندن وقت ڏکيائيءَ ۾ گذرندو آهي. هاڻي جڏهن نئين جو ناظر ٿي آيو، تڏهن انهيءَ احسان جي بدلي ڏيڻ لاءِ، انهيءَ زمين جي ڪچ ڪرائي، مٿين ماڻهن جي نالي ڪيائين، جي سندس حڪم موجب آباد ڪري ڳوٺ ٻڌي ويٺا - هاڻي [اهو ڳوٺ] ٻنوري، بهرامپور، درڪ، ۽ پليچار جو هيڊڪوارٽر آهي.

مطلب ته مٿيون امير هڪ عاليشان امير هو. الله تعاليٰ سندس اولاد ۾ برڪت وڌي آهي. اميرخاني ماڻهو (١) اهي آهن، جي سنڌ ۽ هند ۾ وڏي عزت ۽ علم ۽ دانائيءَ جي ڪمال ۾ مشهور آهن. سندس [اميرخان] جي دانائيءَ بابت عجيب نقل مشهور آهن.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن آئيني ۾ منهن ڏسي پنهنجي عڪس تي 'سلام عليڪ' چيائين. حاسدن هن کي دماغ جو خلل سمجهي اچي بادشاه کي عرض ڪيو. جڏهن کيس خبر پيئي تڏهين عرض ڪيائين ته "مون پنهنجي عڪس تي سلام هن ڪري ڪيو هو، جو پنهنجي سونهاريءَ ۾ تورا اچا وار ڏسڻ ۾ آيم، ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ ته حضوراعليٰ جي تربيت جي ڇاڃي ۾ ٻڍو غلام ٿيو آهيان، پنهنجي سونهاريءَ جي تعظيم بجا آندم". سندس هي عرض حضور کي پسند آيو. هن عقلمنديءَ ڪري سونهاريءَ جون اهي ڇڳون بلڪل ڇڏي ڏنيون هئائين، جيڪي سندس خيال موجب سچن کي تاب ڏيئي رهيون هيون. سندس نشانن مان چوڪ عبدالغني ۽ ملڪ مان جي وچ ۾، محلي پائيخان ۾، هڪ مسجد - جا هندن جي مڙهي ڊاهي [تاهي وئي هئي] - يادگار آهي. سندس رائنڪ مڪليءَ جي مقام ۾ آهي. سندس اولاد گهڻو ڪري بزرگ ٿيندا آيا آهن - جيئن ته ضياء الدين سيوستان

(١) نسخو "ن": "سادات."

جو فوجدار، [٩٥] شمس الدين ۽ ملتفت خان، پنهنجي وقت جو محقق ۽ ولي مير ابوالمڪارم تخلص "مشهود"- جنهن جو بيان اڳتي ايندو- پڻ سندس اولاد مان آهي، (پڻ) عقلي ۽ نقلي علمن جو جامع مير عبدالرزاق پنهنجي وقت جي عجائبات مان هو.

چون ٿا ته هو ڪن لفظن اچارڻ ۾ هڪرُ هو. پنهنجي صحيح تدبير سان انهيءَ کي بلڪل لڪائي ڇڏيو هئائين، چاڪاڻ ته جن اکرن جي اچارڻ ۾ هٽڪ ٿيندي هيس، اهي اکر ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏياهئائين. [ڪمال وري اهو جو] هر زبان ۾ انهيءَ موجب ڳالهائيندو هو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت هڪ ٻوليءَ ۾ بند ٿيندو هو، ته يڪدم ٻي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪندو هو- سندس سمجهه جي قوت، ٻوليءَ تي ضابطو ۽ علمن جي جامعيت جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو.

مثال: واصل بن عطا وڏو فصيح هو، پر 'السع' هو- السع انهيءَ کي چوندا آهن، جيڪو "را" جي اکر کي اچاري نه سگهي- تنهنڪري هو اهو تڪلف ڪندو هو، جو "ر" جو اکر ڪلام ۾ مطلق نه آڻيندو هو. هڪ ڏينهن ڪائنس پڇيائون ته "'نيزو اڇلائي گهوڙي تي چڙهه" کي عربيءَ ۾ ڪيئن چيو ويندو؟" مطلب هو ته هو چوندو، "اطرح رمحک و ارکب فرسک"- پر هن في البديهه چئي ڏنو: "آلق قناتک و اعل جوادک".

نواب مظفر خان جهانگيري

بهرحال، اميرخان کان پوءِ نواب مظفرخان جهانگيري عرف مير عبدالرزاق معموري، جو مٿي لکئي موجب لوڏي خان کان پوءِ ترخان گهراڻي کان ورتل پرڳڻن جو امين هو ۽ خسروخان کان پوءِ امانت سان گڏ ٺٽي جو ضابطو پڻ سندس هٿ ۾ هو، سو بالاستقلال ناظم مقرر ٿيو. ٺٽي جي گودڙي بازار واري جامع مسجد سندس نشانين مان آهي، جا امين هجڻ

واري زماني ۾ ٺهرائي هئائين، ۽ ’خضري مسجد‘ جي نالي سان مشهور آهي. چون ٿا ته اها پهريائين هندن جي مڙهي هئي، جنهن کي ’نهال دريا‘ چوندا هئا، مٿئين نواب سنه ١٠١٧ ۾ اها پڪي جامع مسجد ٺهرائي.

[سيد ابراهيم]

تنهن کان پوءِ مٿي ذڪر ٿيل مير بايزيد بخاريءَ جي پٽ سيد ابراهيم کي حڪومت ملي.

نواب مغل خان

پوءِ سنه ١٠٥٧ ھ مطابق سنه ٣١ جلوس شاهجهانيءَ ۾ نواب مغل خان ٺٽي جي حڪومت تي مقرر ٿي آيو. ڇهه سال مرادون ماڻيائين. سندس حڪومت جي عرصي ۾ سنه ١٠٥٩ مطابق سنه ٢٣ جلوسيءَ ۾ ٺٽي جو ملڪ شهزادي اورنگزيب جي حوالي ٿيو. بکر ۽ سيوستان جو علائقو شرطي زمينداريءَ طور عنايت ٿيو. تنهن کان اڳ ملتان جو صوبو انهيءَ شاهي تاج جي هيري کي تنخواه ۾ جاگير مليو هو، تنهنڪري قاعدي موجب صوبي جا گورنر سندس نائب بنجي ساڻس واسطا رکڻ لڳا.

نواب ظفرخان

انهيءَ کان پوءِ سنه ١٠٦٣ ھ مطابق سنه ٣٧ جلوسيءَ ۾، نواب ظفرخان ٺٽي جو نائب مقرر ٿيو. هو ڇهه سال رهيو، ۽ صاحبقران ثاني [شاهجهان] جي ڏينهن جو آخري حاڪم هي هو. ’مشڪين باغ‘، جنهن جو فقط نالو وڃي رهيو آهي، هن ٺهرايو هو.

هن جي ڏينهن ۾ شاهجهاني جلوس جي اوڻٽيهين سال مطابق سنه ١٠٦٥ ھ، ۾ دارا شڪوه جو پٽ سپهر شڪوه، هفت هزاري عهدي سان ٺٽي جو سردار مقرر ٿي آيو. شهر جو اڳيون ناظم سندس نائب مقرر ٿيو.

قباد خان

جڏهن صاحبقرآن ثاني (شاهجهان) جي فرزند گرامي، بادشاه اورنگزيب عالمگير جو وارو آيو، تڏهن سنه ١٠٦٩ ۾ قبادخان آيو. اتفاقاً سندس ڏينهن ۾ هن ملڪ جي رهاڪن تي سخت ڏڪار ۽ وبا جي مصيبت آئي، تنهن سان گڏ شهزادو محمد دارا شڪوه ٻه اچي وارد ٿيو، جنهن جي لشڪر جي اچڻ ڪري هيڪاري نئين مصيبت پيدا ٿي.

مشهور آهي ته نئي ڏانهن اچڻ وقت، دارا شڪوه [٩٦] دل ۾ سمجهي رهيو هو ته اتي جو قلعو رهڻ جي لائق هوندو، [سو قلعو] ڏسڻ سان چيائين ته ”هيءَ ڪنهن جي حويلي آهي؟“ جڏهن ٻڌائين ته دارالحڪومت ۽ قلعي جو شاهي محلات اهو آهي، تڏهن ڪاوڙجي ٻاهر نڪري انهيءَ کي باهه ڏيڻ جو حڪم ڏنائين. حڪم موجب شهر جي گهاٽ کي باهه ڏنائون. ’سوخته گهاٽ‘ نالو اتان پيو.

[نواب لشڪر خان]

خير- قباد خان کان پوءِ، سنه ١٠٧١ هه مطابق سنه ٣ جلوس عالمگيريءَ ۾، نواب لشڪر خان ٺٽي آيو، ۽ چار سال رهيو.

[نواب غضنفر خان]

پوءِ نواب غضنفر خان (١) سنه ١٠٧٥ هه مطابق سنه ٧ جلوس عالمگيريءَ ۾ ٺٽي ۾ آيو، ۽ ٽي سال رهي گذاري ويو.

[نواب سيد عزت خان عرف عزت پير]

پوءِ نواب عزت خان عرف عزت پير- جو ٻکر جو فوجدار هو- سنه ١٠٧٨ هه مطابق سنه ١٠ جلوس عالمگيريءَ ۾، ٺٽي جي نوابيءَ جي عزت لڌي ۽ پورا ٻه سال گذاريائين.

(١) نسخو ”ن“: ”مظفر خان“

[نواب ابو نصرت خان]

ان ڪان پوءِ عالمگير بادشاه جو مامون نواب ابو نصرت خان، جو هڪ ديندار ۽ پرهيزگار امير هو ۽ شعر گوئيءَ ۾ پڻ مهارت هيس، سنه ١٠٨٠ ھ مطابق (١) سنه ١٢ جلوس عالمگيريءَ ۾ ٺٽي جو ناظم ٿي آيو، ۽ ٻه سال گذاريائين.

[نواب سعادت خان]

انهيءَ جي موقوف ٿيڻ ڪان پوءِ، سنه ١٠٨٢ ھ مطابق سنه ١٤ جلوسيءَ ۾ نواب سعادت خان کي ٺٽي جي صوبيداري ملي.

[نواب سيد عزت خان]

اٽڪل ٻن سالن گذرڻ ڪان پوءِ، وري نواب سيد عزت خان ٻيو دفعو سنه ١٠٨٤ ھ مطابق سنه ١٦ جلوسيءَ ۾ ٺٽي جو ناظم ٿي آيو، ۽ ڇهه سال حڪومت هلايائين.

[نواب خانه زاد خان]

انهيءَ ڪان پوءِ، سنه ١٠٩٠ ھ مطابق سنه ٢٢ جلوسيءَ ۾، نواب خانه زاد خان ٺٽي جي ڪاروبار جو ناظم ٿي آيو، ۽ اٽڪل پنج ورهيه گذاريائين. هن کي شعر ۾ چڱو ملڪو هو، سندس شعر ڪتابن ۾ موجود آهن.

[نواب سردار خان]

هن جي موقوف ٿيڻ ڪان پوءِ، سنه ١٠٩٥ ھ مطابق سنه ٢٧ جلوسيءَ ۾، نواب سردار خان ملڪ جي سرداري ماڻڻ لڳو. هو پورا ٽي سال رهيو. تقديراً سندس ڏينهن ۾ نهايت سخت وبا ۽ ڏڪار سنهن ڪيو، ۽ انهيءَ وقت جي موت ۽ لڏ پلاڻ ڪري جيڪي هند ويران ٿيا، سي وري ڪين وسيا.

(١) اصل ۾ "در سال هزار و هشتاد و دو هجري" لکيل آهي؛ مگر هي غلط آهي، صحيح "در سال هزار و هشتاد" آهي؛ "و دو" جو لفظ ڪاتب جي غلطيءَ ڪان اضافو ٿي ويو آهي.

[نواب مريد خان]

هن جي موقوف ٿيڻ بعد، سنه ١٠٩٩هه مطابق سنه ٣٠ جلوسيءَ ۾ نواب مريد خان، جو اصل ۾ نومسلم راجا زادو هو، ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. چون ٿا ته ساڻس ڪيترا هزار راجپوت ساڻ هئا. شهر جي گهاٽ وٽ پهچڻ تي جڏهن معلوم ٿيس ته شاهي محلات جي قلعي تائين پهچڻ ۾ ڳئون ڪُهندڙن قصابن جي بازار مان ضرور لنگهڻو پوندو، تڏهن ڪجهه هنن جي پاسخاطريءَ ۽ ڪجهه پنهنجي اصليت جي اثر ڪان ٺٽي جي قاضيءَ، قاضي حسين ڏانهن پيغام موڪليائين ته ”مون سان راجپوت قوم جي هندن جي وڏي جماعت ساڻ آهي، تنهنڪري ڳئون ڪُهندڙن قصابن جا دڪان رستي تان ڪٽائي ڇڏيو، متان هنن ماڻهن کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ تڪليف پيدا ڪن“. جيئن ته شرع پرور بادشاهه جو قانون اهڙن ماڻهن جي مجبور ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ ڪان بيپرواهه هو، تنهنڪري قاضي صاحب راتو رات قصابن کي بازار جي پٺيءَ پاسن، [97] دستور موجب، اڳيئين ڪان اڳرن دڪانن سينگارڻ جو تاڪيد ڪيو. مٿيون ناظم، دين پرور شهنشاهه جي حڪم جي تعميل ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، لاچار اڳين حاڪمن وانگيان انهيءَ رستي تان لنگهي ويو ۽ ٻه سال ٺٽي ۾ مقرر رهيو.

جنهن صورت ۾ سنڌ لشڪر ڪان مسلمانن کي ڏاڍي تڪليف ٿي پهتي، تنهنڪري مڪيه ماڻهن جي عرض ڪرڻ تي هن نموني جو شاهي فرمان آيو ته ”سنڌ ’هينيان ۾ نقطا متان ڪري (مريد = مرتد) کي مسلمانن تي حڪومت ڪرڻ ڪان موقوف ڪريو.“ موقوف ٿيڻ ڪان پوءِ اکين جي ديد جهڪي هجڻ جي بيماريءَ سببان تغلق آباد عرف ڪلان ڪوٽ جي آبهوا طبع جي موافق ڏسي، ڪجهه وقت اتي وينو رهيو، ۽ بادشاهه پڻ سنڌ دلجوئيءَ خاص ڪابه روڪ ڪان نه ڪئي.

تلعي جي ٽوري تعمير ۽ تغلق آباد جي ڪجھ آبادي انهيءَ جي ڪرايل آهي.

نيٺ جڏهن پيو ناظم ٿي ويهي دخيلڪار ٿيو، تڏهن هن کي حضور ۾ گهرايو ويو.

[نواب زبردست خان]

نواب مريد خان جي حڪومت جي پورين ڏينهن ۾ سنه ١١٠١ هه مطابق سنه ٣٣ جلوسي - ٿٽي ۾ آيو، پر انهن ٿي ڏينهن ۾ گذاري ويو (١).

[نواب ابو نصرت خان]

انهيءَ کان پوءِ ساڳئي سال ۾ نواب ابو نصرت خان پيو دفعو آيو، ۽ ٻه سال ۽ ڪي مهينا گذاريائين.

[نواب حفظ الله خان]

هن جي موقوف ٿي هلئي وڃڻ کان پوءِ، شاهجهان بادشاه جي وزير سعدالله خان جو پٽ نواب حفظ الله خان، سنه ١١٠٣ هه مطابق سنه ٣٥ جلوسيءَ ۾، ٺٽي ۽ سيوستان جو حاڪم ٿي آيو. هي هڪڙو سخي ۽ صاحب توفيق امير هو. پيغمبر عليه الصواة والسلام جي عرس جي موقعي تي هزار ماڻهن لا شاهاڻو دسترخوان پکيڙيندو هو، ۽ اول توڙي آخر ۾ پاڻ ڪونرو هٿ ۾ کٺي هٿ ڌئاريندو هو. جنهن وقت شاهزادو محمد معزالدين، ميان دين محمد سرائيءَ کي پڪڙي آيو هو، تڏهن هن کي سيوستان واري دريا تي پل ٻڌڻ جو حڪم ٿيو هو. جڏهن ڏٺائين ته شيخ عبدالغني ٺٽي واري کان سندس حڪم موجب دل گهرئي نموني تي ڪم نٿو ٿئي

(١) نسخو "ن": "هڪ شاعر چيو آهي.

"سبوي زندگيءِ خان زبردست، قضا بين ازڪجا آورد بشڪست"!"

(زبردست خان جي جيئڻ جو گهڙو، قضا ڏس ڪٿان جوڪلي ٿي ڀڳو!)

سگهي، تنهن ڪري ٺٽي جي گرميءَ جي جهڙپ کان سنڌس طبيعت کي تڪليف پهتي، جنهن جي سستيءَ کان سنه ١١١٢ھ ۾ سيوستان ۾ گذاري ويو. مير غلام علي آزاد، ”يدبيضا“ ۾ سندس تاريخ، قرآن شريف جي هن آيت مان ڪڍي آهي: فَلَهُمْ جَنَّاتُ الْمَأْوَىٰ نُزُلًا بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ (سندس عملن جي انعام ۾ ڪين رهڻ لاءِ جنتون ڏنيون ويون آهن). ٺٽي جي حاڪم جي رهڻ وارو قلعو-جو اڃا تائين باقي آهي- انهيءَ جو ٺهرايل آهي. هن جي اُٺ پوري رهڻ جو سبب هي هو ته سوانح نگار(١) [بادشاه جي] حضور ۾ عرض پيش ڪيو ته ”مقصد شهر پناه [ٺهرائڻ] هو، پر هي پنهنجي حويليءَ لاءِ قلعو ٺهرائي رهيو آهي“، تنهنڪري انهيءَ جي خرچ جي مجرائي ڪانه ملي ۽ ڪم جتي هو اتي رهجي ويو. باقي حصو، مرزا باقي ترخان جي ڏينهن وارو، قائم رهندو آيو. ڪماليت ۽ بلاغت جي صاحب هجڻ ڪري شعر ڏاڍو لطيف چوندو هو.

[سعيد خان]

عرف خانه زاد خان سعيد خاني چنگيزخاني، سنه ١١١٣ھ مطابق سنه ٤٥ جلوسيءَ ۾، ٺٽي ۽ سيوستان جو ناظم مقرر ٿيو. پاڻ سيوستان ۾ ويهي پنهنجي پٽ ارشد خان کي ٺٽي موڪليائين.

[مير امين الدين خان حسين]

پوءِ مير امين الدين خان حسين ولد سيد ابوالمڪارم- تخلص ”مشهود“- بن مير ابوالبقاء عرف امير خان، جنهن

(١) مغل بادشاهن جي ڏينهن ۾ سوانح نگاري هڪ عهدو هوندو هو، جنهن جو ڪم هوندو هو ملڪ جي صحيح حالات کان شهنشاه کي واقف ڪرڻ.

جو ذڪر مٿي ٿي آيو، سنه ١١١٤ھ مطابق سنه ٤٦ جلوسي ۾ ٺٽي جي حڪومت سان سرفراز ٿيو. [٩٨] هو هڪ عاليقدر امير هو. گهڻو وقت ڪتابن جي مطالعي ۽ عالمن جي صحبت ۾ مشغول رهندو هو. چوڏهن علمن جي بيان ۾ ڪتاب ”رشحات الفنون“ ۽ ڪتاب ”معلومة الافاق“ سندس تصنيفات سان مشهور آهن.

”معلومة الافاق“ مان هي نقل هتي لکجن ٿا:

نقل - عالمگير جي پوين ڏينهن ۾ ٺٽي جي سماواتي پرڳڻي ۾ نيلوفري ڍنڍ تي - جتي اڪثر برهمڻ، هندو ۽ چاچڪ رهندا آهن - هڪ چاچڪياڻي عورت کي ڇهين مهني جو ڪچو ٻار ڄائو، جنهن کي انساني عضون مان ڪوبه عضوو ظاهر ڪونه هو. ڪيس چرندو پرندو ڏسي پيءُ ماءُ کي سندس پورڻ تي دل نه ٿي، ۽ سندس نگرانيءَ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. نيٺ رفتي رفتي انساني عضون - جهڙوڪ اکيون، ڪن، نڪ، چپ، منهن، هٿ ۽ پير وغيره - جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. جيئن ٻار ڄمڻ جي پوري مدت گذري، تيئن هو به صحيح سالم عضون وارو ٻار بنجي پيو ۽ ڪير ڏاڍڪ ٻار وانگيان ماءُ جي ٿڻ مان کير ڏائڻ لڳو. سندس پيءُ ماءُ کيس عمرڪوٽ ۾ ڪٺي وڃي پاليو. هو ڳالهائيندڙ ۽ اباڻي فن جو ماهر ٿي پيو، ۽ پندرهن سالن تائين جيئرو هو.

مثال - مادي شينهڻ رڳو هڪ ٻڇ ڄڻيندي آهي، جو ڄمڻ وقت فقط هڪ گوشت جو ٽڪرو هوندو آهي، ۽ منجهس ڪابه چرپر يا حس ڪونه هوندو آهي. هو ٽن ڏينهن تائين انهيءَ حالت ۾ هوندو آهي ۽ شينهڻ ان جي نظرداري ڪندي آهي. تنهن کان پوءِ سندس پيءُ ايندو آهي، جو ان کي لاڳيتيون ڦوڪون ڏيندو آهي ۽ هو چرڻ پرڻ ۽ ساهه کڻڻ ۽ شڪل وٺڻ لڳندو آهي. پوءِ سندس ماءُ اچي کيس کير

پياريندي آهي، ۽ هو صورت، وڻ کان پوءِ ستن ڏينهن گذرڻ کان بعد اکيون کوليندو آهي، ۽ ڇهن مهينن کان، پوءِ قوت گذران هٿ ڪرڻ سگهندو آهي ("عجائب الحيوانات" بحواله "عين الحيات منتخب حيات الحيوان").

نقل – عالمگير جي ڏينهن ۾، شهر ۾ هڪ حامله عورت، کي سُور ڇهه ڏينهن هليا، پر ڇوٽڪارو ڪونه ٿيو. تنهن کان پوءِ (سور لهي ويا) ۽ اهو خيال بلڪل دفع ٿي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ، قادر ڪارساز جي قدرت سان، انهيءَ عورت جي ران جي پاڙ ۾ ڦرڙي پيدا ٿي، جا وڏي ٿي ڦاٽي، ۽ انهيءَ مان هڪ ڇوڪري پيدا ٿي. زخم مرهمن رکڻ سان ميٺجي ويو، ۽ ڇوڪري ستين سال گذاري ويئي.

تمثيل – عنايت خان نالي هڪ ٺٽي ۾ رهندڙ پٺاڻ جي زال ويهه جي سورن ۾ گذاري وئي. اٽڪل ٽن سالن جي عرصي کان پوءِ، پاڙي جون زالون ڪنهن زيارت جي موقعي تي مڪليءَ جي مقام ۾ ويون. سندن ٻار راند روند ۾ مشغول هئا، ته انهن جي شور ۽ غل تي قبر مان هڪڙو ننڍو ٻار منهن ٻاهر ڪڍي، وري اندر هليو ويو. ٻارن هيءَ نئين ڳالهه ڏسي دهشت زده ٿي وڃي پنهنجن مائرن سان ڳالهه ڪئي، جن اچي ڏٺو ته مٿين پٺاڻ جي زال جي قبر ۾ انساني شڪل جو هڪ ٻار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. وڃي هن کي ٻڌايائون، اچي جاچ ڪيائين ته معلوم ٿيس ته اها عورت قبر ۾ صحيح سالم ستي پئي آهي، سندس ٿڻن ۾ کير موجود آهي، ۽ هي ٻار جو انهيءَ مان پيدا ٿيو آهي، سو سندس ٿڻن مان کير ڌائي رهيو آهي. آخر هزارين حيلن سان اهو پٽ مٿل ماءُ کان ڇني، گهر وٺي آيا، پر جيئن ته سندس تربيت جو ڪجهه عرصو قبر ۾ گذري چڪو هو، تنهنڪري هو فقط هيوليٰ (مادي صورت) رهيو ۽ ڳالهائي يا ٻڌي نٿي سگهيو. هو وڏي عمر ماڻي طبعي موت ۾ گذاري ويو. ڪتاب جي لکندڙ اهو ماڻهو ڏٺو. هو

۾ هن جو احوال سندس عزيزن کان ٻڌو هو. سندس وفات تي هن وقت تائين اٽڪل ٽورا ڏينهن گذريا هوندا.

نواب يوسف خان تر[مذ]ي

قصو ڪوتاه ـ هن کان پوءِ، سنه ١١١٥هه مطابق سنه ٤٧ جلوسيءَ ۾، نواب يوسف خان تر[مذ]ي ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو، ۽ هڪ سال کان پوءِ موقوف ٿيو.

نواب احمد يار خان

پوءِ نواب احمد يار خان ـ اصل برلاس قوم جو (ماٺهو)، سندس وڏا لاهور جي علائقي خوشاب ۾ رهندا هئا، سندس پيءُ الله يار خان لاهور ۽ ملتان جو گورنر ۽ اٽڪل چاليهه سال غزنين جو فوجدار هو، جيئن پهرئي جلد ۾ مذڪور آهي. مطلب ته مٿيون [نواب] سنه ١١١٦هه مطابق سنه ٤٨ جلوسيءَ ۾ ٺٽي جو ناظم ٿي آيو، ۽ ٽي سال حڪومت ڪيائين. هي [اڃا] عهدي تي برقرار هو ته عالمگير بادشاه سنه ١١١٨هه ۾ ٢٦ ذوالقعد تي گذاري ويو ۽ سندس وڏو پٽ بهادرشاه پهرين محرم سنه ١١١٩هه تي تخت نشين ٿيو. شاهي محلات جي قلعي جي اپرندي دروازي جي سامهون عاليجان [واه] واري پل سندس نشاني آهي.

[نواب سعيد خان بهادر]

پوءِ، مٿين سعيد خان جو پٽ نواب سعيد خان بهادر عرف عطر خان سنه ١١١٩هه ۾ بهادرشاه جي حڪم سان ٺٽي آيو، ۽ هڪ سال ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ موقوف ٿيو.

[نواب مهين خان]

سنه ١١٢١ ۾ نواب مهين خان ٺٽي جو ناظم ٿي آيو.

[نواب شاڪر خان]

پوءِ، سنه ١١٢٣ ۾، ٺٽي جي حڪومت نواب شاڪرخان کي ملي.

[نواب مهين خان]

انهيءَ ئي سال نواب مهين خان ٻيو دفعو آيو. هن جي ڏينهن ۾ بهادرشاه سنه ١١٢٤ ۾ گذاري ويو، ۽ سندس پٽ معزالدين جهاندار شاه گاديءَ تي ويٺو.

[نواب خواجه محمد خليل خان]

ساڳئي ئي سال نواب خواجه محمد خليل خان ناظم ٿي آيو. انهيءَ ئي سال نوَن مهينن جي عرصي اندر جهاندارشاه کي لاهي، ٻاره جي سيدن جي مدد سان فرخ سير گاديءَ تي ويٺو.

[نواب عطر خان]

[فرخ سير جي گاديءَ تي ويهڻ سان] مٿئين سعيد خان جي پٽ سعيدخان (جنهن جو ذڪر ڪجهه مٿي ٿي آيو آهي) جو پٽ عطرخان نئي آيو. هي ننڍي عمر جو ناتجربيڪار هو، سندس ڪاروبار سمورو محمد يعقوب ڪشميريءَ جي هٿ ۾ هو، تنهنڪري ٿوري وقت ۾ سندس انتظام بگڙي ويو، ۽ مير لطف علي خان سان (جنهن جو بيان اڳتي ايندو) ڪيس ڏکي لڙائي ڪرڻي پيئي. جنهن صورت ۾ مٿئين مير جي حضور ۾ ڏاڍي رسائي هئي، تنهنڪري ظاهري شان و شوڪت ۽ موروثي بهادريءَ هوندي به، پوري سال جي گهيري، مورچن جي جنگ ۽ گهڻين انڪلن ويڙهائڻ کان پوءِ، جنگ جي صف ۾ سوڀارو ٿيندي ٿيندي اوچتو قتل ٿي ويو.

[مير لطف علي خان]

مير محمد شفيع نالي، جنت آشيان عارفن جي اڳواڻ، مير محمد يوسف رضوي بکري (جنهن جو بيان اڳتي ايندو)، جي اولاد مان هو. مٿئين عطرخان کان ملڪ کسي خود مختياريءَ جو دم هڻڻ لڳو. هو هڪ سال گهيري ۾ رهي، [بادشاه جي] حضور ۾ پنهنجي پوري رسائي ڪري، هن [عطرخان]

ڪي جنگ جي صف ۾ قتل ڪري، بالاستقلال حاڪم بڻجي ويٺو. هن جي حڪومت جي ابتدا سنه ١١٢٥ھ کان ٿئي آهي. سنه ١١٢٧ھ ۾ عطرخان جي قتل کان پوءِ [99] 'شجاعت علي خان' لقب مليس. هڪ سال وڌيڪ حڪومت هلايائين. هن کان اڳي يا هن کان پوءِ وڏن وڏن عهدن تي مقرر ٿيندو آيو، ۽ ڏاڍي عزت ۽ آبروءَ سان زندگي گذاريائين. سانس بهادري ۽ عزت ۾ مٽ ٿني ۾ ڪي ٿورا پيدا ٿيا، ڪوبه حاڪم سندس سامهون سُچن ڪي وٺ نه ڏيندو هو. نهايت قابل ماڻهو هو، نثر ۽ نظم جو عمدو ملڪو هوس، "همت" تخلص ڪندو هو. آخر سنه ١١٤٥ھ جي پوري ٿيڻ تي گذاري ويو. مير محمد حسن شاعر، سندس تاريخ "آدخله في الجنات" مان ڪڍي آهي.

سندس فرزند رشيد مير غضنفر علي ۽ مير ذوالفقار علي حد درجي جي بزرگيءَ جي خوبين سان سينگاريل آهن. مير غضنفر علي ١١٨٣ھ ۾ گذاري ويو، ۽ مير ذوالفقار علي وڏن جو يادگار باقي آهي. الله تعاليٰ مٿين خان جي اولاد ۾ ايتري ته برڪت وڌي آهي، جو سندس پوٽن خواه ڏهٽن مان مردن ۽ عورتن جو تعداد پنجاه کان مٿي آهي ـ شل الله تعاليٰ اهلبيت جي گهراڻي ۾ اهڙي برڪت وجهندو رهي.

نواب اعظم خان

نواب اعظم خان ولد صالح بن فدائي خان، خان جهان بهادر عرف مير بابا ڪوڪلتاش جو پوٽو. خافي سيدن مان هو. هو مير لطف علي خان جي موقوف ٿيڻ کان پوءِ، ١١٢٨ھ مطابق سنه ٥ فرخسيريءَ ۾، ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو. پهريائين ٿوري وقت لاءِ سندس پاران خواجه محمد خليل آيو، ۽ پوءِ پنهنجي سر اچي پهتو، ۽ اٽڪل چار ورهيه حڪومت هلايائين.

اتفاقاً، سنڌ ۾ اچڻ، ملڪي ماڻهن لاءِ قسمين قسمين آزارن جو باعث ٿيو-جهڙوڪ ذڪار ۽ حق کي ڇڏائڻ، شريعت جي بنياد رکندڙ حقيقت جي سمنڊ جي دريتيم طريقت جي رمزن جي عارف ۽ عليم، خدا آگاه مرشدن جي مرشد، شيخ عنايت الله صوفيءَ جي شهادت جو واقعو.

چون ٿا ته اهو الله وارو، ٻوري پرڳڻي ۾ غازياه (شايد غازي واه) جي ڪناري تي، جهوڪ عرف ميرانپور جي ڳوٺ ۾، خدا پرست صوفين جي جماعت سان، الله جي يادگيريءَ ۾ مشغول هو، ته بلڙيءَ جي سيدن جي اٿبٺت (چاڪاڻ ته سندن خاندان جا فقير هن نئين سلسلي جي ترقي ڏسي انهن کان ڇڄي هينن سان ملي رهيا هئا) ۽ نورمحمد ڀايجي ۽ حمل جت جهڙن زميندارن جي چرچ تي (چاڪاڻ ته انهن جي زمين ۾ فقير اثر ۽ رسوخ پيدا ڪندا ٿي رهيا) مٿئين ناظم، حضور ۾ عرض ڪري، خدايارخان عباسي ۽ ٻين راڄن جي نالي امداد جو فرمان جاري ڪرائي، بي انداز لشڪر وٺي مٿن حملو ڪيو. پورن چئن مهينن جي گهيري ۽ فقيرن جي راتاهي جي ڏک سهڻ کان پوءِ-جنهن ۾ ٻاهرين جي برباديءَ اچي قريب پهتي هئي-آخر هڪڙي فقير غلطي ڪري اسم ذات (الله) جو نعرو هنيو، ۽ پيا به انهيءَ نعري ۾ ساڻس گڏجي پيا، جنهنڪري پنهنجا پراوا ظاهر ٿي پيا، ۽ گهڻا تـرار جو لقمو بڻايا ويا. [تاهم] اندرين تي فتح حاصل ڪرڻ امڪان کان ٻاهر هئي، تنهنڪري ٺڳي ڪري انهن کي صلح سان وٺي، نائين صفر ١١٣٠ھ تي، جيڪي ڪرڻو هوس ڪري، ٺٽي [١٠٠] سوٽي آيو، ۽ لشڪر جي خرچ جي عيوض واپارين تي پائو وجهڻ شروع ڪيائين. مخدوم رحمت الله طالب علم، جو وقت جو محقق ۽ پير هو، سو ڪيس منع ڪرڻ لڳو. جڏهن ڏٺائين ته باز نٿو اچي، تڏهن انهيءَ لاءِ ته منَ سنڌ اڪ ڪلي، هو شهر کان ٻاهر

نڪري ويو، پر جنهن صورت ۾ مٺيش ناظم جي حق شناسيءَ
جون اکيون لالچ جي ڪري بند ٿي چڪيون هيون، تنهنڪري
انهيءَ ظاهري ۽ باطني علمن جي جامع (مخدوم) کي شهر
جي ٻاهران آڻي، زنجيرن ۽ ڳٽن ۾ ٻڌرائي، ڪيترو وقت
قيد رکيائين، جنهنڪري اڪثر خدا وارا ۽ عام خلق مٺس
ناراض ٿيا.

[نواب مهابت خان]

قصو ڪوتاه، جڏهن فرخ سير رفيع الدرجات بن رفيع الشان
۽ رفيع الدولہ - جنهن جو شاهجهان [ثاني] لقب هو - جي
خلافت جي ستاري غائب ٿيڻ کان پوءِ، ١١٣١ ھ ۾،
محمد شاه بادشاه غازيءَ جي شهنشاهيت جو سج حڪومت
جي آسمان تي هميشه لاءِ اڀريو (تخت تي ويٺو)، تڏهن
شاه عالم بهادر بادشاه جي وزير اعظم محمد منعم خان
خان خانان جو پٽ نواب مهابت خان، سنه ١١٣٢ ھ مطابق
سنه ٢ جلوسيءَ ۾ ٺٽي تي مقرر ٿيو. هو وڏيءَ عزت وارو
امير، ڪم آزار، غريب پرور ۽ سير سلوڪ کان واقف هو.
هميشه فقيري ۽ ڪمال جي صاحبن سان صحبت رکندو هو،
شاعرن سان پڻ چڱا پيتي هوندي هيس. شعر جي واديءَ ۾
استادن طرح ڊڪ ڊوڙ ڪندو هو، ۽ "ڪاظم" تخلص
هوندو هوس. خدا [پاڪ] جي مرضيءَ سنه ١١٣٥ ھ ۾ هن
سر زمين ۾ گذاري ويو، ۽ سندس لاش لاهور جي رستي
کان ڪڍي ويا.

[سلطان محمود خان]

کانئس پوءِ سندس صغير پٽ سلطان محمود خان جانشين
ٿيو. جيئن تہ ڪاموڙا اڪثر ماليات کائي ٿي ويا، تنهنڪري
فوتي نواب جي بيگم پٽ جي ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ رضي محمد خان
کي موڪليو هو. سنہ ٣٦ (١١٣٦) ۾ اچي هڪ سال رهيو،
پر شاهي محلات واري قلعي ۾ اندر جاءِ نہ مليس. نيٺ ٻئي

سال نواب سيف الله خان ناظم مقرر ٿيو، ۽ سندس پاران هالا ڪنڊي (هالا) واري سانوريه قوم جي شاهه عبدالغفور جو پاءُ عبدالسميع خان نائب ٿي ٺٽي آيو. [هاٺي] سلطان محمود خان موقوف ٿي موٽي هليو ويو، پر رضي محمد خان [اچا به] حڪومت جي آسري ۾ ڪي ڏينهن ترسي پيو، ۽ ۽ تڪليف هيٺ آيو. هو نواب سيف الله جي اچڻ ڪان پوءِ دل شڪستو ٿي نڪري ويو.

جون ته مٿين نواب ڪيس نوڪريءَ جي تڪليف ڏني، پر هو پنهنجي ڪم جي رونق نه ڏسي موٽي هليو ويو. سندس رفيقن مان مرزا عبدالغفار، آقا عبدالڪريم، مرزا محمد حسين ۽ آقا محمد صادق، جن مان هرهڪ نامي گرامي هو، هتي رهجي پيا ۽ ڪافي ترقي ڪري پنهنجي ڪنيءَ گذاري ويا.

[نواب سيف الله خان]

اصل ۾ نواب ابراهيم خان ولد علي مردان خان جو محافظ (باڊي گارڊ) هو، ۽ مهيني ذوالحج سنه ١١٣٧ ۾ ٺٽي آيو. هو هڪ عاليشان ۽ بلند مڪان امير هو. سندس ڏينهن ۾ ٺٽي جيڪا رونق ورتي، سا وري خدا نصيب ڪري. ساٿس گڏ وڏا وڏا بزرگ هئا، ۽ هو بزرگن مان سندن مرتبي لائق هلت هلندو هو. شعيه مذهب کي ڏاڍو رواج ڏنائين. [١٠١] هو 'امر' ۽ 'نهي' ۾ تمام گهڻي ڪوشش وٺندو هو، سيني نشيدار شين کي بند ڪري ڇڏيو هئائين.

جون ته هڪڙي لاقيد (بيدين) ماڻهوءَ سندس حضور ۾ وڃي عرض ڪيو ته "نواب! اسان جي معشوقه کي ڇو اسان کان ڇنو اٿوَ، جنهن ڪان سواءِ اسان بيقرار آهيون؟" هن جي مراد ڀنگ هئي. جواب ۾ فرمايائين ته "اوهان جي معشوقه پينانگ ۽ رول ٿي پيئي هئي، تنهنڪري ڪيس پردي

۾ وهاريو اٿم“ ـ مطلب تہ ڏاڍو خوش اخلاق ۽ پاڪباز حاڪم هو، جهڙس ڪي ٿورا ليندا. اتفاقاً سنہ ١١٤٣ ھ ۾ چڻ جي مرض ۾ گذاري ويو. ڪيس مڪليءَ تي پنهي امامن(؟) جي سامهون دفن ڪيائون. ”دستِ وي با دامنِ آلِ عبا ست“ (آل نبي جي دامن ۾ آهہ هن جو هٿ) ـ تاريخ طور سندس قبر تي چٽيل آهي. سندس پٽ صادق علي خان ڪانئس پوءِ ڪجهہ وقت شهر ۾ رهيو.

[نواب دلير دل خان]

تنهن ڪان پوءِ، سنہ ١١٤٣ ھ جي پڇاڙيءَ ۾ نواب دلير دل خان، جو هڪ عاليشان امير هو، ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. ہ سال نهايت انسانيت ۽ امن امان سان گذاريائين. ايتري ۾ ٺٽي جو صوبو امير خان کي انعام مليو، ۽ اجاري تي ڏنو ويو.

[نواب همت دلير خان]

مٿين دلير دل خان جي پٽ، نواب همت دلير خان ـ اهو خيال ڪري تہ متان ڪو پيو وجي سندس پيءُ ڪان حساب ڪتاب جي طلب ڪري ـ امير خان ڪان مقرر [رقم] جو مقاطعو ٻڌي، سنه ١١٤٥ ھ ۾ ٺٽي پهتو. اگرچ جاگير مان ڦري اجاري جي صورت ۾ اچڻ ڪري وڏو فرق پيدا ٿي ويو، تاهم هن بختاور اٽڪل چار سال چڱيءَ طرح گذاريا.

[نواب صادق علي خان]

نيٺ هن جي موقوف ٿيڻ ڪان پوءِ، مٿين نواب سيف الله جو پٽ نواب صادق علي خان، ١١٤٩ ھ مطابق ١٩ جلوسيءَ ۾، امير خان ڪان [ملڪ] اجاري تي وٺي اچي ٺٽي ۾ لٿو. پهريون سال جيئن تيئن ڪري پورو ڪيائين، ۽ ٻئي سال ۾ نقصان پرٽو پيس. جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ نواب خدايار خان عرف ميان نورمحمد ڪلهوڙي عباسيءَ جي وڪيل، حضور وٽ

انتظام ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري صادق علي خان اجاري ۾ ڪوٽ ڏسي، ملڪ متئين خدايارخان جي وڪيل شيخ غلام محمد ولد شيخ عزيزالله جي حوالي ڪيو- انهيءَ وقت کان، هندستاني حاڪمن جي حڪومت ٺٽي تان لهي ويئي، ۽ هميشه لاءِ عباسي ڪهراڻو ڀکر، سيوستان ۽ ٺٽي جي حڪومت تي سرفراز ٿيو.

جنهن صورت ۾ هن ڪهراڻي جي حڪومت سمن ۽ ترخانن جي حڪومت کان وڌيڪ، ۽ ارغونن جي شان و شوڪت سان همسر آهي، تنهنڪري سندن ذڪر نرالي طبقي ۾ ڪجي ٿو؛ ۽ وڌيڪ فائدي ۽ نمڪ جي حق ادا ڪرڻ خاطر، هن سلسلي جي بنياد ۽ سندن وڏن جو اجمالي ذڪر پڻ بيان ڪجي ٿو.

[باب ٻارهون]

عباسي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت جو بيان

واقفڪار ماڻهن کي معلوم هجڻ گهرجي، ته نسبدان فرقي جي ڄاڻن ماڻهن جي فيصلي موجب، هي بزرگ ٽولو، رسول الله صلي عليه وسلم جي چاچي حضرت "عباس" سان مليل آهي. هن گهراڻي جو هڪ وڏو ميان 'اوڊاڻي' نالي ڪيچ مڪران ۾ پير طريقت هو، ۽ گهڻا ماڻهو سندس معتقد هئا. هن گهڻو اولاد ڇڏيو، جي سڀ 'اوڊاڻي' لقب سان سڏجن ٿا. انهيءَ ميان اوڊاڻي جي پنجين پيڙهيءَ ۾، 'ٿل' (١) نالي هڪ بزرگ ڪاهر ٻيلي ۾ اچي رهيو، ۽ [٢٠١] [اهو ملڪ گوجر قوم کان ڪسي ورتائين. هن کان پوءِ، سندس پٽ 'ٻهيل' نالي هن جي گاديءَ تي ويٺو. برلس (٢) جو قلعو ۽ فوتين جا قبا اچا تائين سندس نالي جا يادگار آهن. 'ڇنيه' نالي هن جو پٽ ڀائرن جي فساد کان، پنهنجن گهڻن پوئلڳن سميت، اچي ڪنياپت جي ڀرڪڻ ۾ اوڊيجا قوم ۾ رهيو. هن ديپال ڪانڪڙي تعلقي جي سمي زميندار 'ڏهره پلال' جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان 'محمد' نالي پٽ پيدا ٿيس، جو وقت جي حاڪمن جو ڏاڏو آهي. هو انهن سٽن راڻن جي مدد ۽ رفاقت سان، جن جو ذڪر غزنوي ۽ غوري سلطانن جي گورنرن جي بيان ۾ ٿي آيو آهي. ملتان اچي، ملڪ جي حاڪم وٽ رسائي پيدا ڪري، سيني جو سردار ٿيو ۽ هرهڪ کان ڏيءَ جو سگ وٺي 'چام' جو لقب حاصل

---

(١) نسخو "ن": "مثل" (٢) نسخو "ن": "برهي"

ڪري، بخت جي ڏاڪڻ تي ترقي ڪندو، وچي وڏي درجي کي پهتو. ڪيس ٻارهن زالن مان ارڙهن پٽ ڄاوا، جن مان هرهڪ کي گهڻو اولاد پيدا ٿيو. انهن مانِ ’دائود‘ نالي هڪڙو پٽ، راڻي ”چني‘ ولد دهتي (ڏيتي) - جنهن جو بيان اڳي ٿي آيو - جي ڌوهٽيءَ مسمات ’چوليہ‘ مان پيدا ٿيس، ۽ دائود پوٽا انهيءَ جو اولاد آهن، ۽ ڪاڇي جي جبل طرف پاڇ ۾ رهندڙ لاشاري قوم [مسمات] ’لاشار‘ مان [پيدا ٿي].

قصو ڪوتاه - ڄام چنيہ ڪيترو وقت روهڙي پرڳڻي جي پرالو [پريان لوءِ] تعلقي ۾ چنيہ ٻيلي ۾ رهي، آخر سانڪره (ساڪري) جي ڪناري تي ڪنيايت ۾ گذاري ويو، ۽ اتي دفن ٿيو. مير چاڪر بلوچ ۽ آري (١) ڏاڻي سندس يقين جا پٽ هئا.

هن ڪان پوءِ گهڻي عرصي تائين زماني جي انقلاب سببان سندس اولاد مان ڪوبہ ناليرو ماڻهو پيدا ڪونہ ٿيو. آخر نائين پيڙهيءَ ڪان پوءِ آدم شاه ولد ميان ڪچن بن صاحب بن ميان خان بن طاهر بن ميان راڻو بن ميان شاه محمد عرف شاهم بن ميان ابراهيم بن ميان محمد بن ڄام چنہ، شيخ الياس لنگراچ ۽ شيخ ابوبڪر جتوئيءَ جي واسطي سان، حقيقت جي ڪامل مظهر (ظاهر ٿيڻ جي جاءِ)، دائمي معرفت جي بنياد رکندڙ، مير سيد محمد عرف ميران محمد مهدي جونپوري - جنهن جو بيان ٻئي جلد ۾ آيو آهي - [جي فيض مان] ارشاد جي گادي روشن ڪري، سري جي سير ڪرڻ ڪان پوءِ، تعلقي چانڊوڪي جي هڙي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو، ۽ ڪجهہ ابڙو پنهنجن پوئلڳن سميت ڊبي ڳوٺ مان لڏي، اچي سندس مريدن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو. انهن ڏينهن ۾ نواب خانخانان، ميان آدم شاه وٽ دعا گهرڻ آيو، ۽ نذراني پيش ڪرڻ جو عرض ڪيائين،

(٣) نسخو ”ن“: ”ارسري“

جنهن تي مٿئين ڪبڙ ابڙي، درخواست ڪري، چانڊين جي لڏي وچڻ ڪان پوءِ چانڊوڪي جي زمين جي زميني زمينداري ڪيس وٺي ڏني. هن جي وقت جي مرشد لال عيسن سان ـ جو شيخ الشيوخ (مرشدن جي مرشد) شيخ بهاوالدين ملتانيءَ جي اولاد مان هو. تلهار ۾ محققانہ ملاقات ٿي هئي. ڏينهن گذرڻ ڪري جيئن مريد گهٽا ٿيا، تيئن زمين جي وڌائڻ جي ڪوشش ڪيائون. آخر زمين‌دارن جي چرچ تي هو ملتان جي حاڪم جي هٿان شهيد ٿيو. سندس وصيت موجب ملتان جي حاڪم جي ڪوتوال آقا شاه محمد، جنهن کي انهي خدا واري جي جيل واري وقت ۾ ڪافي فيض نصيب ٿيو هو، کيس سکر آٽي ٽڪريءَ تي دفن ڪيو، ۽ اتان ان شهيد جي رهڻ واري ڳوٺ ۾ وڃي هن جي ٻن صغير فرزندن [١٠٣] ابراهيم ۽ دائود ـ ۽ سندن پوئلڳن کي، جي انهيءَ وچ ۾ ٽڙي پکڙي ويا هئا، گڏ ڪري اتي رهڻ لڳو. شاه محمد اصل ڪهيري بلوچ قوم مان سيويءَ جي دري جي ويجهو، چتربار جي سر زمين جو رهاڪو هو.

ميان الياس

هن جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ ميان الياس بن داؤد بن آدم شاه، ملڪ جي گاديءَ جو وارث ٿي، مريدن جي وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ۽ آب دائي‌جا ڏينهن پورا ڪري گذاري ويو. سندس قبر لاڙڪاڻي ۽ هٽڙيءَ جي وچ تي ڊبري ڳوٺ ۾ آهي.

ميان شاهل محمد

ان ڪان پوءِ، سندس پٽ شاه علي عرف شاهل محمد ملڪ جي گاديءَ تي ويٺو. سندس فقير اڳئين ڪان وڌيا، ۽ پوکي راهيءَ جي وڌائڻ کي لڳي ويا. لاڙڪاڻي جو [گهاڙ] واه سندس کوٽايل آهي. واه جي ٻنهي ڪپن واري زمين، سانگي ۽ ابڙا قوم ڪان کسي پنهنجي اولاد ۽ ياٽرن ۾ ورهائي،

پاڻ حبيباڻي (١) ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو. ڄام صديق ۽ جلال خان جهڙن ابڙن سردارن مريديءَ جا حق وساري ٻين زميندارن سان ملي، ڪيس گهڻين لڙاين ڪان پوءِ بکر جي حاڪم هٿان قتل ڪرايو. سندس مزار گهاڙي پرڳڻي ۾ چانڊوڪي جي آس پاس مرنده ڳوٺ ۾ آهي.

ميان نصير محمد

هن ڪان پوءِ مٿين ميان الياس جو پٽ ميان نصير محمد سنه ١٠٦٨ ۾ وڏن جي گاديءَ تي ويٺو. هي مرشديءَ ۾ پنهنجن وڏن ڪان لنگهي ويو، ۽ وقت جا ماڻهو سندس جماعت تي حسد ڪرڻ لڳا. نيٺ ملڪي ماڻهن تڪرار ڪري، بکر جي مغلن کي اٿاريو، جنهنڪري هو لاچار ٿر ڏانهن هليو ويو. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ، پوک پلاهه - جا انسان جي قوت گذران لاءِ ضروري آهي - جي ذريعن نه هجڻ ڪري، موٽي اچي پنوهرن جي حد ۾ رهڻ لڳو. پنوهرن جو سردار مير پهنوار، بکر جي حاڪم سان صلاحو ٿي، هڪ زبردست لشڪر- جنهن ۾ سيويءَ جو حاڪم مرزا خان پني پڻ هو- وٺي آيو. ٿوريءَ ٽڪاڻيءَ ڪان پوءِ، مرزا خان ڪيس صلح سان گهرائي پنهنجي چاچي محبت خان هٿان عالمگير جي دربار ۾ ڏياري موڪليو. هو ڏانهن هتي هو ڪجهه عرصو جيل ۾ رهيو، هيڏانهن باقي بچيلن فقيرن تي ڪيئي دفعا حملا ڪيا ويا. نيٺ گهڻي عرصي ڪان پوءِ خود بخود جيل مان آزاد ٿي، پنهنجي وطن وري آيو. هاڻي سندس دولت ۽ پيريءَ ۾ خدا تعاليٰ ڪيس ڏاڍي ترقي بخشي، ۽ سندس ڏينهن ۾ ڪوبه فساد پيدا ڪو نه ٿيو. هو پنوهرن جي زمين ۾ اهڙي هنڌ، جنهن جي هڪ پاسي جبل ۽ ٻئي پاسي پاڻي هو، گهاري نالي شهر ٻڌي ويٺو، ۽ [پنهنجو اصلوڪو ڳوٺ] هڙڙي فوجي فقير ۽ ڪاچو عنايت شاه

(١) نسخو "ن": "جليپاڻي"

فقير ڪي ڏنائين. هي فقير جي اڳي چڙا چڙمل هوندا هئا، سي هاڻي زالون پرڻجي ٻارن ٻچن وارا ٿيا، ۽ ملڪ ۽ زمين وڏائڻ جو سٽون سٽڻ لڳا. مير يعقوب خان نالي بکر جي حاڪم سان هڪ ڀيري جنگ ڪري سوڀارا ٿيا. اهڙي طرح ڪيئي دفعا حاڪمن سان چڪريون لڳيون، پر ڪاميابي هنن جي پاسي ٿيندي رهي. سيوستان جي مغلن کان لاڪاٽ جو پرڳڻو اجارى تي هٿ ڪيائون. هوڏانهن فريد ڀاڳت جي ڪوشش سان مڪن موري تي قبضو ڪيائون. ساهتي پرڳڻو پڻ سندس تصرف هيٺ آيو، ته فيروز وير ر [هڪ فقير] انهيءَ سرزمين ۾ نوشهره نالي هڪ شهر ٻڌايو. هاڻي سرائين جا ديرا گهڻن هنڌن تي ٿي پيا. آخر [١٠۴] زماني جي دستور موجب، پنجنيهه يا ڇنيهه سال مرادون ماڻڻ کان پوءِ، هميشه واري جهان ڏانهن لڏي ويو، ۽ گهاريءَ ۾ ٻاڙهي دڙي تي دفن ٿيو.

چون ٿا ته اڳئين سمي ۾ انهيءَ زمين ۾ ٻه نيڪ ڀائر پوکي راهي ڪري پنهنجو وقت گذاريندا هئا. هڪڙو ڇڙو ۽ ٻيو ٻارن ٻچن وارو هو. هڪ دفعي سندن کيتيءَ ۾ ڏاڍي برڪت ڏٺي ويئي. [سبب ڇا هو،] ته ڇڙي ڀاءُ، انهيءَ مد نظر تي ته سندس ڀاءُ جو خرچ گهڻو آهي، پنهنجي ٻار مان اَن کڻي ڀاءُ جي کوڙ ۾ ٿي هاريو، ۽ ٻارن ٻچن واري، انهيءَ خيال سان ته سندس ڀاءُ اڃا دنيا جو مزو نه ورتو آهي، پنهنجو ان سندس کوڙيءَ ۾ ٿي اٿلايو- ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي حال کان ناواقف هئا. ڪيترو به ان کڻي ٿي ويا، ته به سچي نيت جي برڪت سان، اوتروئي پوئتي ٿي رهيو. آخر ان ڊوئن کان ٽڪجي پيا، ۽ پيل ان کي اتي کڻي ڦٽو ڪيائون. الله تعاليٰ جي قدرت سان اتي ٻاڙهو دڙو پيدا ٿي پيو، جو اڃا تائين بيٺو آهي.

ميان دين محمد

ڳالهه ڪنائٽي، ته ميان نصير محمد کان پوءِ، سندس پٽ ميان دين محمد ملڪ جي گاديءَ جو وارث ٿيو. سندس عزت وڌڻ لڳي، ته اصلوڪي دستور موجب، حاڪم ۽ زميندار سندس مخالفت تي ڪمر ڪشي بيٺا. مير پهنوار، جنهن جو شهر فتحپور سرائين جي قبضي ۾ هو، سو [بادشاه جي] حضور ۾ دانهين ويو، ۽ مرزا خان پنيءَ جي نالي حڪم ڪڍايائين. هن ٻه ٽي دفعا حملا ڪيا، پر ڪجهه ڪري نه سگهيو. هن جي بدلي وٺڻ لاءِ حضور وٽان امير شيخ جهان آيو، ۽ مير پهنوار جي ڏس تي فقيرن تي حملو ڪيائين. فيروز ويرر ديري قلعي مان نڪري سندس سامهون ٿيو، ۽ ڳيريلي جي ڳوٺ وٽ راتاهو هڻي ڏاڍو پريشان ڪيائينس. هوڏانهن، گهاري جي لشڪر ۾ پهچي، پهرين سان گڏجي، نئين سر ڪاهيو، جنهن ۾ مٿيون امير، فقيرن جي ترار جو شڪار ٿي ويو، ۽ بکر جي حاڪم الله يارخان پڄي جند ڇڏائي. ٻيو دفعو قنبرخان بروهيءَ لشڪر وٺي سرائين تي اوچتو حملو ڪيو، جنهن ۾ سوڀارو ٿيو، ۽ سرائن جي هٿ پير مارڻ کان پوءِ، سرائين جي سردار ميرڻ شاه سان صلح ڪري موٽي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ پنهوارن وري تحرڪ ورتو، جنهن تي سرائين جي فوج گهرام (١) کان سرکهه پور ۽ ٻي ڪيتري زمين کسي ورتي. آخرڪار پهنوار عاجز ٿي وڃي خدمت ۾ حاضر ٿيا. هاڻي باقي سيوي ۽ شڪارپور جي حاڪم پني پٺاڻ سان تڪرار هيو، ۽ ٻه ٽي دفعا پاڻ ۾ جهڙپون ٿيون. نيٺ شيخ جهان جي قتل ۽ الله يارخان جي شڪست جو ٻڌي، شاهزادي

(١) "گهرام" شايد ڪنهن پرڳڻي جو نالو ٿو ڏسجي؛ اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو، ته ڪنهن پهنور زميندار جو نالو هجي. نسخي "ن" ۾ "از ڪدام ديسي" (گدام ڏيسيءَ کان) آهي.

محمد معزالدين [پنهنجي سر] لاهور کان سنڌ ڏانهن رخ ڪيو.
ميان دين محمد ھي خبر ٻڌي، پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد
کي ڪمل ۽ قاسم وڪيلن سان گڏي ٻڪر موڪليو، جن
شهزادي جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ھن کي پاڻ کان راضي
ڪيو. شهزادو موٽي ٿي ويو، پر سرائين جي نصيب ۾ جو
مصيبت لکيل هئي، سو بهارشاه جي وڏي ڀاءُ مقصودي
کي ناداني کان اچي ڪڍ ڪنيو، تہ شاهزادو اسان جي
طاقت ڏسڻ کان سواءِ موٽيو ٿو وڃي، هڪ دفعو ڪيس پنهنجي
طاقت ڏيکارڻ گهرجي، تنهن تي پنهنجي سردار کي اطلاع
ڏيڻ کان سواءِ، زبردست فوج سان سوار ٿي وڃي ماٿيلي ۽
ان جي آسپاس وارن ڳوٺن جي ڦُر ۽ اڇ جي رهاڪن جو
ڪوس ڪيائين. جنهن صورت ۾ ڪٿي اچي چڪي هئي،
تنهنڪري شاهزادو ھي خبر ٻڌڻ شرط - جيئن سمنڊ جوش
۾ ايندو آهي، [١٠٥ا] تيئن - نهايت ڪاوڙ ۾ ٻرجي موٽي آيو.
ميان دين محمد مصيبت ايندي ڏسي پاسو ڪري ويو، ۽ شاهي
فوج سيوستان ۾ ويهي، گهاري ۽ ان جي [آسپاس وارن]
ڳوٺن کي ڦري صاف ڪري ڇڏيو. سيوستان ۾ ڇهہ مهينا
رهڻ کان پوءِ، آخر ميان دين محمد صلح ڪري اچي خدمت
۾ حاضر ٿيو. هن جي اچڻ کان پوءِ، پوين جي آڻڻ لاءِ هڪ
زبردست فوج مقرر ڪئي ويئي. ڪوڙ جي سرزمين ۾ گاج
نئن جي ڪناري تي، ميان يارمحمد شاهي فوج سان جنگ
ڪرڻ واسطي مقابلي جو نغارو وڄايو، ۽ ڏرين ۾ زبردست
لڙائي لڳي، جنهن ۾ ٻنهي طرفن کان رت جون نديون وهيون.
هُن پاسي کان راجا ڪجسنگ ٽيٽي ۽ سورجمل اڏيپوري،
۽ هِن طرف کان تاجو فقير، جادو فقير ۽ بختاور فقير اونوال-
هرهڪ گهٽڻ ماڻهن سان ڪم آيو (ڪسي ويو)، ۽ شڪست
مغلن کي آئي. انهيءَ کان پوءِ شاهزادو، ميان دين محمد
کي پاڻ سان وٺي موٽي ويو، ۽ ملتان پهچي ڪيس حياتيءَ

جي قيد مان آزاد ڪيائين (مارائي ڇڏيائين). ميان يارمحمد قلات هليو ويو. پهرين ته بروهي لڙائيءَ لاءِ سنيري آيا، ۽ سخت لڙائيءَ کان پوءِ- جنهن ۾ محراب خان هن طرف جي ڇاڻ کان سواءِ قتل ٿي ويو- پ فرزند ميان نورمحمد ۽ محمد خان ضمانت طور وٺي، صلح ڪري پاڻ وٽ جاءِ ڏنائون. اهو واقعو ١١١١ھ ۾ ٿيو.

ميان يارمحمد قلات ۾ ٻه سال پريشانيءَ جي حالت ۾ گذاريا. اڪثر سرائي سردار پڻ پاسڙو وٺي ويهي رهيا، ۽ سندس ملڪ جي گهڻي ڀاڱي تي مرزا خان جي پٽ بختاورخان [جي مائٽن] پٺاڻن قبضو ڪري ورتو. ٻن سالن کان پوءِ سنه ١١١٣ھ ۾ ميان يارمحمد، راجي فقير ۽ سرائي لشڪر جي اچڻ تي، مريدن کان بيعت وٺي التماس خان بروهيءَ کي مدد ۾ ڪٺي، پنهنجي موروثي زمين ڏانهن رخ رکيو. پهريائين زيدي کان لنگهي، منزل ڪندا، منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي هنڙي تعلقي جي نيتڪ ۽ سانوه ڳوٺن ۾ پهتا. جن کي زالون ساڻ هيون، سي اتي رهجي پيا، پاڻ اڳتي وڌي پهريائين قيصر پهنور کان سامتائي وٺي، پوءِ ڳاهن ۾ اچي ڇانوڻي هنيائين. تنهن کان پوءِ، پنهنجي ڀاءُ مير محمد کي سرائي سردارن سان گڏ اڳتي موڪليائين، جنهن وڃي مارڪپور ۽ ڳاهي جمشيد تي قبضو ڪري، فتحپور جو قلعو ڇڏايو. هن فتح کان پوءِ ميان يارمحمد پاڻ ب اچي سرائين سان مليو. التماس خان بروهي بخت جي ههڙي ياوري ڏسي چيو ته "توهان جو خداوند تعاليٰ مددگار ڪافي آهي، منهنجي ضرورت ڪانه آهي"- [ائين چئي] هوموٽي ويو. هائي ٽڙي پکڙي ويل سرائي هرطرف کان اچي گڏ ٿيا، ۽ هيءَ گهيرو فتح ڪري، پهنورن جي گادي شڪارپور جو نالو ڦيرائي 'خداآباد' نالو رکي، انهيءَ ۾ رهڻ لڳو، ۽ هيڏي هوڏي نوجون موڪلي گهاري ۽ ڪديارو، لشڪر جي مدد سان آزاد ڪرائي، لاڙڪاڻو بختاورخان جي ڀاءُ الله بخش جي هٿ

جي قيد مان آزاد ڪيائين (مارائي ڇڏيائين). ميان يارمحمد قلات هليو ويو. پهرين ته بروهي لڙائيءَ لاءِ سنيري آيا، ۽ سخت لڙائيءَ کان پوءِ- جنهن ۾ محراب خان هن طرف جي چاڻ کان سواءِ قتل ٿي ويو- ٻه فرزند ميان نورمحمد ۽ محمد خان ضمانت طور ونئي، صلح ڪري پاڻ وٽ جاءِ ڏنائون. اهو واقعو ١١١١ھ ۾ ٿيو.

ميان يارمحمد قلات ۾ ٻه سال پريشانيءَ جي حالت ۾ گذاريا. اڪثر سرائي سردار پڻ پاسڙو وٺي ويهي رهيا، ۽ سندس ملڪ جي گهڻي ڀاڱي تي مرزا خان جي پٽ بختاورخان [جي ماڻهن] پٺاڻن قبضو ڪري ورتو. ٻن سالن کان پوءِ سنه ١١١٣ھ ۾ ميان يارمحمد، راجي فقير ۽ سرائي لشڪر جي اچڻ تي، مريدن کان بيعت وٺي التماس خان بروهيءَ کي مدد ۾ ڪٺي، پنهنجي موروثي زمين ڏانهن رخ رکيو. پهريائين زيدي کان لنگهي، منزل ڪندا، منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي هنڙي تعلقي جي نيتڪ ۽ سانوه ڳوٺن ۾ پهتا. جن کي زالون ساڻ هيون، سي اتي رهجي پيا، پاڻ اڳتي وڌي پهريائين قيصر پهنور کان سامتاٽي وٺي، پوءِ ڳاهن ۾ اچي ڇانوڻي هنيائين. تنهن کان پوءِ، پنهنجي ڀاءُ مير محمد کي سرائي سردارن سان گڏ اڳتي موڪليائين، جنهن وڃي مارڪپور ۽ ڳاهي جمشيد تي قبضو ڪري، فتحپور جو قلعو ڇڏايو. هن فتح کان پوءِ ميان يارمحمد پاڻ به اچي سرائين سان مليو. التماس خان بروهي بخت جي ههڙي ياوري ڏسي چيو ته ”توهان جو خداوند تعاليٰ مددگار ڪافي آهي، منهنجي ضرورت ڪانه آهي“- [ائين چئي] هوموٽي ويو. هاڻي تڙي پکڙي ويل سرائي هرطرف کان اچي گڏ ٿيا، ۽ هيءُ ڳچيرو فتح ڪري، پهنورن جي گادي شڪارپور جو نالو ڦيرائي ’خدا آباد‘ نالو رکي، انهيءَ ۾ رهڻ لڳو، ۽ هيڏي هوڏي نوجون موڪلي گهاري ۽ ڪديارو، لشڪر جي مدد سان آزاد ڪرائي، لاڙڪاڻو بختاورخان جي ڀاءُ الله بخش جي هٿ

مان ڇڏايائين. بختاور خان لاچار ٿي ملتان جي شهزادي معزالدين جي خدمت ۾ عريضو موڪليو ته ”دين محمد جي پٽ وري هھڙي شورش مچائي آهي، هي وقت واهر ڪرڻ جو آهي“. اگرچ هن شهزادي کي پنهنجي مطلب لاءِ گهرايو هو، ليڪن ”مَنْ حَفَرَ بِئْراً لِاَخِيهِ وَقَعَ فِيْهِ“ (ڪر ڪڏ ڪٽي ٻئي جي ڪاڻ ڪيري ٻاڻ) جي مقتضا موجب، نتيجو ابتو نڪتو. اتفاقاً جڏهن شاهزادي سڌو سنڌ ملڪ جي رستي سان [١٠٦] رخ ڪيو، تڏهن ملڪ جي بربادي جي خوف کان عرض ڪيائين ته ”هن رستي کان نه اچڻ گهرجي“. شهزادي کي هي مختلف عريضا ڏسي انهي ۾ خلل ڏسڻ ۾ آيو، ۽ انهي پاسي روانو ٿيو. هن کي ڪٽڪ ڪنيو بيٺي هئي، تنهنڪري روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ سخت مقابلي ڪرڻ کان پوءِ قتل ٿي ويو. ايتري ۾ هن طرف جي وڪيلن حاضر ٿي [بادشاهزادي جي] دل تي پنهنجي غلامي ۽ اخلاص جو خاطرخواه اثر وهاريو. شهزادو، بختاورخان کي قتل ڪري ڪجهه وقت اچي ٻکر ۾ رهيو. سيوي جو درو بختاورخان جي انتقال ڪرڻ کان پوءِ غازي خان دودائي کي عطا ٿيو، پر هن کان جوڳو انتظام نه ٿي سگهيو، جنهنڪري ڦيرائي بختاورخان جي پٽ الله بخش خان کي ڏنو ويو، تنهن کان پوءِ اسلام خان ۽ قائم خان نهارن کي مليو، پر ڪو به پورو انتظام رکي نه سگهيو، ۽ نيٺ ميان يارمحمد جي وڪيلن جي حوالي ٿيو، ته وڃي پنهنجي مؤڪل (اصيل) کي پهچائيين! تنهن سان گڏ هي به حڪم ٿيو ته ”هن سرفرازي جي عوض ميان يارمحمد حضور ۾ حاضر ٿي دست بوسي جو شرف حاصل ڪري“- طلب موجب ميان يارمحمد دربيلي ۾ پهتو، ته خواجه حسين خان گهڻين نوازشن سان هن حڪم جي منسوخي جو فرمان ڪٽي آيو، ۽ ديري جي نگراني سنڌس حوالي

ڪيائين. اتان ڪان شاهي غلامن جي لسٽ ۾ داخل ٿيڻ جي ابتدا ٿي، ۽ 'خدا يارخان' جو خطاب سندن طرهٔ امتياز بڻيو.

شاهزادو، خانپور مير امين الدين خان کي، شڪارپور سنجرخان، مبارڪ خان ۽ هوت خان دائود پوٽن کي، ۽ سيوستان غلام محمد سکهانيءَ کي ڏنائين، بکر ڪان ملتان روانو ٿي ويو. ٿوري وقت ڪان پوءِ، غازي خان جي پٽ شاه محمد جي مهم کي منهن ڏيڻ لاءِ ديري ۾ آيو، ۽ سخت لڙاين ڪان پوءِ به سندس معاملو جتي جو تتي رهيو. آخر هتان مير شهداد خان ٿاپر وجي پنهنجي سهڻيءَ تدبير سان شاه محمد جو ڪم پورو ڪيو. هن خدمت اڳيںءَ غلاميءَ سان گڏجي سون جي مٿان سهاڳي جو ڪم ڏنو، [۽ شهزادي] درجي ۾ اضافي ۽ نئين سر انعامن جي نوازش ڪئي. مير شهداد خان کي پڻ پٽ ٻاران جي زمين جاگير ۾ عنايت ٿي. هنن واقعن ڪان پوءِ جيڪي شهزادا قلات ۾ هئا، سي پڻ اچي خيريت سان خدا آباد پهتا. سيويءَ جي ديري تي ڀرپائين صاحبزادو مير محمد ۽ پوءِ محمد دائود خان رهيا. هڪ دفعي رحيم خان پرانڪ ۽ دولت خان پني فساد مچايو، جنهن جي سزا ملين. ٿوري وقت ڪان پوءِ دائود پوٽا پڻ، سخت لڙاين ڪان بعد شڪست کائي، هميشه لاءِ پيش پيا.

هي سڀ معاملا نون سالن ۾ گذريا، باقي پيا نو سال عيش آرام ۾ گذريا، ۽ جهوڪ جي جنگ ڪان سواءِ ٻي ڪابه حرڪت پيدا ڪانه ٿي. مدد جي خدمت جي عيوض سماواتي ۽ چاچڪن جا ڪي ڳوٺ - جهڙوڪ لڪڙي ۽ ڏنڊو، حجام، دورنگ، رجب، ويسر، پاچاتہ (۱)، ٿهورو، ديهه سائينڏنو(۲)، ۽ جهوڪ جي آسپاس ديهي (۳) جي ڪجهه زمين جو حصو- ڪيس جاگير مليو. نواب شاڪرخان جي وڃڻ ڪان

(۱) متن ۾ "پاچهاتہ" (شايد 'پاچانو') لکيل آهي. (۲) نسخو "ن": "سارمنہ" (۳) نسخو "ن": "دهه".

پوءِ – جنهن جو سبب تاريخن ۾ مفصل بيان ٿيل آهي – رڻ ڀاه جو پرڳڻو ٻڻ اجاري تي هٿ ۾ آيس. آخر ارڙهن سالن جي مرادن ماڻڻ کان پوءِ، ١٥ ذوالقعد سنه ١١٣١ هه ۾، سومر يا اڳاري ڏينهن، ٻئي جهان جو عام رستو وٺي روانو ٿيو.

[ميان نورمحمد الملقب به خدايار خان]

هن کان پوءِ سندس پٽ ميان نورمحمد، 'خدايارخان' جي لقب سان، ٻيءَ جو ملڪ قبضي ڪيو، صاحبزاد و دائود خان ٽي سال مخالف رهيو، پر پوءِ نيٺ اچي پاڻيءَ جو ناتو رکيائين. حڪومت جي چوٿين سال، مطابق [١٠٧] سنه ١١٣٥ ۾، دائود پوٽا لڙائي لاءِ اٿيا، ۽ ملا جيئند و ابڙو، جو بکر تعلقي جي جتوئي پرڳڻي ۾ ڪن زر خريد ديهن جو سنڀاليندڙ هو، تنهن سان جهيڙو ڪيائون. شڪارپور ۽ خانپور جي سرزمين، جا [آسپاس جي] ديهن سميت مير عبدالواسع خان جي جاگير هئي، هنن انهيءَ ۾ ٻڻ دخل ڪري مٿين خان کي ڪوبه جواب ڪونه ٿي ڏنو؛ تنهنڪري ٿاري خدمتگار کي حضور ۾ موڪلي، [مٿينءَ] جاگير کي پنهنجي حوالي ڪرڻ جي گهر ڪري، هنن کي سيکت ڏيڻ لاءِ متوجهه ٿيو، ۽ ڪجهه لڙاين کان پوءِ کين شڪارپور جي قلعي ۾ گهيرو ڪري آڻ مڃايائين.

قصو مختصر، ته ملڪ کي چار حصا ڪري ٻه حصا جاگير جي مالڪ کي ۽ هڪ حصو دائود پوٽن کي ڏيئي، چوٿون حصو پنهنجي هٿ ۾ رکي، ضمانت وٺي، موٽي آيو. هيءَ قوم باربار عهد شڪني ڪري ساڪ ۽ زمين کان دربدر ٿي ويئي. رفتي رفتي خدا يارخان سنه ١١٣٩ هه ۾ شڪارپور ۾ منزل ڪري، دائود پوٽن جي بيخ ڪنيءَ لاءِ لشڪر روانو ڪيو، جنهن وجي 'دبلي' (١) جي قلعي ۾ کين گهيريو. آخر سيدن جي منت ڪرڻ تي کين امان ملي، ۽ فساد جو خيال

(١) نسخو "ن": "دبلي"

بلڪل دل مان ڪڍي ڇڏيائون. هن وقت 'نهاران' جي زمين، جا انهيءَ بد انتظاميءَ واري زماني ۾ دائود پوٽن کي هٿ آئي هئي، سا پوريءَ طرح مالڪن کي موٽي ملي آهي، ۽ هو دربدر ٿي وڃي ڏوراهين ملڪ ۾ پيا آهن، ۽ وڃي ملتان جي پرڳڻن- جهڙوڪ 'پهلي' ملڪ امام الدين جوئيه (١) ۽ فريد خان لکهديره، تاين (٢)، بهاولپور، هانسي (٣) سمي جو ملڪ، افغانن جي سرحدن جي ويجهڙائيءَ واري زمين، بابا فريد جو پٽڻ ۽ صير- ۾ رهيا آهن. نيٺ ٻن سالن کان پوءِ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي، نوڪريءَ جي التجا ڪيائون، جنهن تي لائق گذران عطا ڪري کين بکر تعلقي واري زمين ۾- جا سرائين کي تازي هٿ آيل هئي- جاگيرون ۽ گهر ڏيئي رهايو ويو. ساڳيءَ طرح ملتان جي آسپاس جا مشهور زميندار شيخ حميد ۽ شيخ عثمان رولڪ ٻه ٻارين ٻچين اچي ملازمت ۾ داخل ٿيا.

سنه ١١٤٢ ۾ مراد ڪليري، عرف گنجو، سيويءَ تي مقرر ٿيو ۽ گنجاوه جي زميندار قيصر مگسي، محال شورن جي سردار، ميرو گواري رند، محال سنيءَ جي سائيس گهرام لاشاريءَ جي اولاد، محال ڪڇيءَ جي مالڪ ميرو بلدي، محال ڀاڳ ناڙيءَ جي زميندارن، هرهڪ مهيان (٤) اسيري ۽ لهپا (٥) ماڇيءَ، ڍاڍار جي مالڪن، بازوئي قوم جي ڪالا خان ۽ پين ڪوهستان جي بلوچ زميندارن، ۽ ڪنڪانيءَ جي محالدار بهارخان امرائيءَ کي- جو هرهڪ هزارين لشڪر جو سردار هو- ماري مات ڪري قلات جي خان عبدالله بروهيءَ سان- جو پاڻ کي 'ڪوهستان جو شهباز' سڏائيندو هو- وڃي هٿ ڪيڏ پائين. آخر سنه ١١٤٣ ھ

(١) نسخو "ن": "چوبه" (٢) سڀني نسخن ۾ ائين آهي (٣) نسخو "ن": "هانس" (٤) نسخو "ن": "مهتان" (٥) نسخو "ن": "سرولها"

۾ پنهنجي سر چڙهائي ڪري، گهيري ۽ جنگ سان ڪرتہ (١) جو قلعو مبارڪ خان ڪان ورتائين، ۽ لشڪر اڳتي وڌي اسماعيل خان بروهيءَ کي شڪست ڏيئي، ڪاڪر(٢) بروهيءَ کي قتل ڪري سوڀارو ٿيو. هن واقعي کان پوءِ مير عبدالله خان پنهنجون ۽ نيائيون صاحبزادن کي ڏيئي صلح ڪيو. اتفاقاً سال ١١٤٤ ۾ بروهين جي هڪ قوم عهد شڪني ڪري فريد آباد جي پر واري ڪاڇي جي زمين کي ڦريو، جنهن تي [مياڻ] پاڻ پنهنجي سر انتقام وٺڻ جي خاطر وڃي لاڙڪاڻي [١٠٨] ۾ منزل انداز ٿيو، ۽ نامور سردارن کي امير عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ واسطي موڪليائين. جڏهن (٣) ۾ جتي مير عبدالله خان اڳرائي ڪري آيو هو- ٻنهي ڌرين جو ٽڪر ٿيو. هو [مير عبدالله] رستي جهڙپ جنگ ڪان پوءِ، مارجي ويو، ۽ آئيندي لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو. سنہ ١١٤٥ ۾ صاحبزادي محمد مراد ياب خان چوندي سردارن سان گڏجي، 'کهيارو' ۽ 'نرڪار' وڃي، مير عبدالله خان جي سوٽ مراد عليءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. سنہ ١١٤٦ ۾، صاحبزادو خدا داد خان هنن مائهن مان شادي ڪري مرادمند ٿيو. هن کان پوءِ نادرشاه بادشاه جي اچڻ جا سبب پيدا ٿيا، ۽ اوڏانهن وڪيل اچڻ وڃڻ لڳا. سنہ ١١٤٩ هه ۾ بکر جو ملڪ هٿ آيو. سيوستان انهيءَ کان اڳ هٿ اچي چڪو هو. سنہ ١١٥٠ هه ۾ ٺٽو پڻ- جيئن مٿي بيان ٿيو- قبضي ۾ آيو، ۽ اتي جي نائبيءَ جو شرف شيخ غلام محمد کي نصيب ٿيو. انهيءَ سال نادرشاه قنڌار فتح ڪري سنڌ جي رستي هندوستان ڏانهن وڃڻ بابت لکيو، تنهنڪري سرحدن مضبوط ڪرڻ خاطر [پاڻ] لاڙڪاڻي وڃي، صاحبزادي محمد مراد ياب کي ٺٽي روانو ڪيائين. هو سنہ ١١٥١ جي ذوالقعد مهيني جي آخر ۾ ٺٽي پهتو، تہ ڏاراجا

(١) نسخو "ن": "ڪرند" (٢) نسخو "ن": "ڪاڪري" (٣) نسخو "ن": "چند پهر"

جو حاڪم راڻو اجمال ۽ ڪڪرالي جو چام ساٿس ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ لڳا، ۽ ساموندي آرماڙ مٿي درياءَ ۾ وٺي آيا، جنهن ڪري پاڻيءَ توڙي خشڪيءَ تي ڪيئي جنگيون، توڙي چڪريون لڳيون. سندن جهازن، نئي جي گهاٽ وٽ پهچي نصرپور تائين پنهي ڪپن تي ڦرلٽ ڪئي. آخر جڏهن هن پاسي ڪان توبون اٽي ڪناري تي بيهاري ڇوڙ پائون، تڏهن شڪست ڪائي موٽي ويا، پر سرائين جي فوج پيڇو ڪري پنهي کي زبردستيءَ آڻ مڃائي. تنهن ڪان پوءِ نادري تفرقو پيدا ٿيو. محمد مراد ياب خان شوال جي ابتدا ۾ نئي مان وڃي ٻيءَ سان مليو. خدا يارخان عمرڪوٽ پهچي اهل و عيال کي تلهار روانو ڪيو، ۽ جنهن رات جي صبح جو پاڻ کي پڻ نڪرڻ جو اراد و هوس، انهيءَ جي صبح جو بادشاه پنهنجي سر اچي ناگهاني آفت وانگيان عمر ڪوٽ جي ٻاهران ڪڙڪيو. هاڻي جڏهين ڪم هٿان نڪري چڪو هو، تڏهين لاچار خدايارخان گنهگارن وانگيان اچي هٿ ٻڌي حاضر ٿيو. بادشاه کيس پاڻ سان وٺي اچي لاڙڪاڻي منزل انداز ٿيو، ۽ ڪروڙ روپيا وٺي، ملڪ وري بخشي، سيوي پٺاڻن ۽ شڪارپور دائود پوٽن کي ڏيئي، عزت افزائيءَ لاءِ ”شاه قلي خان“ جو لقب عطا ڪري، صاحبزاده محمد مراد ياب خان ۽ غلام شاه کي ضمانت ۾ وٺي، ١١ محرم سنہ ١١٥٣ ھ، لاڙڪاڻي ڪان واپس موٽي ويو. ذوالقعد مهيني جي پڇاڙيءَ ۾، جنهن ڏينهن بادشاه عمرڪوٽ پهتو هو، انهيءَ وقت مغلي فوجون سڄيءَ سنڌ ۾ گهڙي پيون هيون. انهن مان صالح خان بيات ۽ شاهورديخان ڪرت، شيخ شڪرالله ۽ مستي خان جوکيہ کي اگهم جي ڪوٽ مان ـ جو نئي ڪان ٽن ڪوهن جي پنڌ تي آهي ـ وٺي شهر ۾ آندو، ۽ شاهي حڪم موجب پاڻ سان وٺي ويا. تنهن ڪان پوءِ حڪم موجب شهر جا مکيہ ماڻهو، آقا محمد ڪريم اصفهانيءَ سان گڏ، [١٠٩] بادشاه جي قدم بوسيءَ تي اچي نوازش سان سرفراز ٿي موٽيا.

پوءِ آقا محمد ڪريم رعيت جو وڪيل مقرر ٿيو، ۽ سلطان سامٽيو، شاه قليءَ جي ٻاران ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو. هن شورا قوم کي ماري مات ڪيو، جي نادري بدانتظاميءَ [واري وقت] مغرور ٿي، ڪند جي سرزمين ۾ جا [پرڳڻن جي] دل آهي- منافي، ڪنرو، آريسر ۽ ڪهير تعلقي چاڪر هالا ۾، هوندي ۽ لڏي شوري جي سرڪردگيءَ هيٺ، ارڏايون ڪري رهيا هئا. تنهن کان پوءِ جلدئي ونگي تعلقي چاچڪان جي اربانن، ارباب تماچي، طوغاچي، ٿاري، سيلي، ڪاهي، ۽ آسو سومرن تي- جي ڍل ڏيڻ تي تيار نتي ٿيا- ڪاهي کين نابود ڪيائين.

١١٥٥ ۾، مظفر عليخان بيات بيگلر بيگي (سرڌارن جو سردار) انهن شاهي جهازن جي آڻڻ لاءِ جيڪي سورت بندر ۾ تيار ٿي رهيا هئا، ڪراچي بندر جي رستي، آيو. نواب شاه قلي خان سندس ملاقات لاءِ ٺٽي آيو، ۽ اڍائي مهينا ٺٽي رهي واپس وريو. ١١٥٦ ۾ سردار طهماسپ قلي خان، جلائر، دائود پوٽن کي سيکت ڏيڻ لاءِ آيو. هيڏانهن شاه قلي خان وقت جي مصلحتن خاطر پاسو ڪري ويو، تنهنڪري سنڌ ۾ نئين سر بدانتظامي پيدا ٿي. جنهن صورت ۾ ٺٽي جو ناظم سلطان سامٽيو ۽ شيخ شڪرالله، شاه قلي خان جي گهرائڻ تي ٺٽو خالي ڪري ڇڏي هليا ويا هئا، ۽ هوڏانهن مظفر علي خان، سردار سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو هو، تنهنڪري ڪيترا ڏينهن شاهي وڪيل رضا بيگ، هندستاني حڪومت جي باقي رهيل سردار فاضل بيگ، ڏاراچي جي راڻي ۽ ارباب ساجن راتيه (١) جي مدد سان ٺٽي جي نگراني ڪندو رهيو. نيٺ جڏهن شاه قلي خان سردار جلائر جي ملاقات لاءِ اڇي پوره ۾ حاضر ٿيو، ۽ پنهنجي ٽئين پٽ عطرخان کي ضمانت

(١) نسخو "ن": "رانسه"

۾ ڏيئي موٽي ويو، تڏهن سلطان سامئيو ۽ شيخ شڪرالله وري ٺٽي موٽي آيا.

١١٥٧ ۾ شيخ شڪرالله، ڪڪرالي جي حاڪم چام هوتيءَ کي نابود ڪري، سندس جاءِ تي چام موهر کي مقرر ڪيو. تنهن کان پوءِ، سال ١١٥٨ ۾، شاه قلي خان پاڻ ڪانجيءَ جي قلعي تي ڪاهي زبردستيءَ فتح ڪيو. ١١٥٩ ۾ انهن ڪجهي ڪافرن کي- جي ڪانجي جي قلعي فتح جي ٽين کان پوءِ بدين جي ڀرسان ۽ پين هنڌن تي اچي شورش پيدا ڪئي هئي- سيکت ڏيڻ لاءِ، بهارشاه فقير ۽ پين جي هٿ هيٺ لشڪر موڪليو ويو.

هاڻي سلطان فقير نيڪناميءَ سان گذاري وڃي مڪلي ٽڪريءَ تي آرامي ٿيو، ۽ سندس پٽ مسو فقير سندس جانشين ٿيو. ١١٦٠ ۾ نادرشاه قتل ٿيو. انهن ڏينهن ۾ ڏاراڃي جي راڻي جي چرچ تي سَو جابلو ويڙهاڪ ماڻهو ٺٽي جي پسگردائيءَ کي ڦرڻ لاءِ آيا. مسو فقير ۽ شيخ شڪرالله، بولي خان جاکري سان گڏ، کين سامهون ٿيڻ لاءِ، وڏي درجي واري پير (شايد پير پٺو) جي مزار وٽ اچي منزل ڪئي، پر جنهن صورت ۾ لشڪر قبرن مٿان لنگهيو هو، تنهنڪري ان بي ادبيءَ جي سزا ۾، ٽئين ڏينهن مقابلي ڪرڻ وقت هزارن، سون کان زبردست شڪست کاڌي. راڻي جي انهيءَ اڳرائي ڪري، صاحبزادو محمد خداداد خان وڏو لشڪر ساڻ ڪري ٺٽي آيو. مٿين ڏوهه ۾ مسو فقير نظامت (گورنري) کان موقوف ٿيو، ۽ بلاول فقير نائب [گورنر] مقرر ٿي، راڻي جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو. راڻو پاڻ سمنڊ ۾ هليو ويو ۽ قلعو ڪن غلامن جي نگرانيءَ ۾ ڇڏي ويو. انهن ڪاڻ ڪٿين ساٿهن بي انداز لشڪر سان جنگ جوٽي ڏني. [١١٥] آخر قلعو جنهن صورت ۾ نهايت اهم هو، تنهنڪري هڪ جڙتو دستاويز جي ذريعي فتح ڪيو ويو. قلعو هٿ ڪري صاحبزادو

موٽي ويو. ٽوري وقت کان پوءِ شيخ شڪرالله، راڻي کي ٻجار جوکئي جي معرفت صلح جي ڳالهين ڪرڻ لاءِ آرماڙ مان هيٺ لاهي قتل ڪرايو.

سنه ١١٦١ هه ۾، احمد شاه بادشاه دراني هندستان جي بادشاه سان نادرشاه جي وقت واريون سرحدون مقرر ڪري، سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد کي 'شاهنواز خان' جي خطاب سان نوازيو. سنه ١١٦٢ هه ۾، صاحبزاده غلام شاه ۽ عطرخان ايران کان موٽي آيا. سنه ١١٦٣ هه ۾، گل محمد خراساني ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو.

انهيءَ ئي سال مراد ياب خان جي مسقط ۾ اچڻ ۽ سنڌ مان ساٿي شيخ غلام محمد جي فوت ٿيڻ جي خبر پهتي، ۽ شيخ شڪرالله کي صاحبزادي کي وٺي اچڻ لاءِ آرماڙ وٺي رواني ٿيڻ جو حڪم ٿيو. سنه ١١٦٤ هه ۾، جهاز مسقط بندر ڏانهن روانا ٿيا، ۽ شيخ شڪرالله جي حياتيءَ جو جهاز موت جي سمنڊ ۾ غرق ٿيو.

صاحبزادو محمد مراد ياب خان پيءُ جي ديدار کان فيضياب ٿيو، ته کيس سڄو دفتر حوالي ڪري خدا آباد ۾ وهاري، شاهنواز خان پاڻ اچي نئين ٻڌايل شهر محمد آباد ۾ رهيو. صاحبزادو محمد خداداد خان، جو پيءُ جي وڏي سفر ڪري وليعهديءَ جو پڳدار ٿيو هو، تنهن جو پيءُ جي اچڻ ۽ وليعهدي کسجي وڃڻ ڪري دماغ خراب ٿي پيو، ۽ هندوستان هليو ويو. هيڏانهن محمد مراد ياب خان حڪومت جو ڪاروبار چڱيءَ طرح نه هلائي سگهيو، تنهنڪري دفتر کانئس کسيو ويو.

سنه ١١٦٦ هه ۾، سردار جهان خان جي اچڻ جو ٻڌي ٿوري گڙٻڙ پيدا ٿي، پر جلد ئي دفع ٿي ويئي. ساڳئي ئي سال جي آخر ۾ خود بادشاه جي هن طرف کان ٿيندو هندوستان وڃڻ جو گرما گرم هل ٿيو، ۽ محرم سنه ١١٦٧ جي چوٿين تاريخ، بادشاه جي آمد جي پڪي خبر ٻڌي، [شاهنواز خان] محمد آباد

ڪان تلهار هليو ويو، ۽ رستي مان تابعداري ظاهر ڪرڻ ۽ شاهي فوج جي رستي بدلائڻ بابت عرض ڪرڻ واسطي، گدومل کي وڪيل ڪري، شهنشاه جي ڪئمپ ۾ پهتو، پر بادشاه جي مزاج تي ڪاوڙ غالب هجڻ ڪري ان ڏينهن تائين حاضري ڪانه ٿيس. آخر جڏهن نوشهري جي سرزمين تي ڇاوڻي لڳي، تڏهن مٿين وڪيل جي مراد پوري ٿي پر اتفاقاً ايتري ۾ ملڪ جو والي، جيسلمير جي سامهون ڪورهه جي گهاٽ وٽ، خناق جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، بادشاهن جي بادشاهه جي سڏ کي لبيڪ چئي ساڳئي سال جي ٻارهينءَ صفر تي هميشه واري جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. سيني اميرن اتفاق ڪري صاحبزادي محمد مراد ياب خان کي- جو انهيءَ ڏيپ ڪانڻ ته مٿان اڳي وانگيان ڪيس ضمانت ۾ وٺو پوي. پيءُ جي خدمت مان پهچي ويو هو- گهرائي، ساڳئي مهيني جي ١٦ تاريخ حڪومت جي تخت تي وهاريو. هيءَ خبر ٻڌي، بادشاه ڪن دشمن جي برغلائڻ تي پنهنجين پهرين ڳالهين کان ڦري ويو، جنهنڪري محمد اسماعيل خان پني اڇي، محمد آباد تائين پهتو. هن ۾ تي غير مشهور سردار سيد شاه محمد جي هٿ هيٺ لٽي موڪليا، ۽ هڪ دستي ڏکي وڃي ٿر جي ويجهو ديهه تارو هگور جي (١) کي لٽيو. اسماعيل خان جي ماڻهن جي پويان، گل محمد خان خزانه آفيسر جي ٻاران صالح خان نالي هڪ ماڻهو، ڍل وصول ڪرڻ لاءِ آچي لٽي پهتو. [پر] انهيءَ کان اڳ ۾ محمد بيگ شاملو، لٽي جي بيٺل ساٿهن کي ڪوٺڻ لاءِ آيو هو، ۽ آقا محمد صالح کي لٽي جو نائب ناظم (گورنر) مقرر ڪري، لٽي جا مکيه ماڻهو ساڻ وٺي، ڪئمپ ڏانهن روانو ٿي چڪو هو. پويان ايندڙ ماڻهن آقا محمد صالح کي بيدخل ڪري ڇڏيو.

جيئن ته محمد بيگ [لٽي جي] مکيه ماڻهن کي رستي مان موٽي وڃڻ جي موڪل ڏيئي [اڪيلو] اچي ڪئمپ ۾

حاضر ٿيو، ۽ ڍل جي وصوليءَ لاءِ نائب مقرر ڪرڻ ڪري عتاب هيٺ آيو، تنهنڪري ڍل جي وصوليءَ جو پروانو قاضي محمد محفوظ جي نالي جاري ٿيو، ۽ ٻيڻل ماڻهن کي وري گهرايو ويو.

هيڏانهن قاضي صاحب جو فرزند رشيد، صالح خان مان ديوانيءَ جي حوالي جي ولڻ تي تڪرار ڪڍيو ويٺو هو، ته هوڏانهن مرحوم [ميان نور محمد] جي وڪيل، سرائي سردارن جو رضانامو، يرغمال (ضمانت) طور محمد عطرخان جي ٻانهن، ۽ سنڌ جي دستوري نذراني کان وڌيڪ نذرانو ڏيڻ جي آڇ پيش ڪري، محمد مراد ياب خان جي نالي تي سنڌ جي حڪومت جو پروانو، ۽ "سربلند خان" جو لقب حاصل ڪري، اچي پنهنجي مؤڪل (اصيل) کي اطلاع ڏنو.

هيءَ خبر ٻڌي لٽي جا مکيه ماڻهو نئين واليءَ کي ڏسڻ لاءِ رستي مان ئي عمرڪوٽ روانا ٿيا، ۽ محمد مراد ياب خان ملڪ ڏانهن توجهه ڪري لٽي جي گورنري شيخ ظفرالله جي نالي تي مقرر فرمائي. اهڙيءَ طرح سنڌ لٽين سر، آيت سڳوريءَ "إِنَّ المُلُوكَ إِذَا دَخَلُوا قَرْيَةً أَفْسَدُوهَا" (بيشڪ بادشاهه جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ قدم رکندا آهن، ته انهيءَ کي ويران ڪندا آهن) جي مصداق کان آزاد ٿي.

محمد مراد ملقب به نواب سربلند خان(١)

نواب سربلند خان جي عمرڪوٽ جي قريب پهچڻ تي، ديوان گدومل ۽ حڪومت جو پروانو ۽ سروپا کڻي اچي حاضريءَ جو شرف حاصل ڪيو. حڪم ملڻ تي ڪامورن اتان اچي نصرپور جي سامهون [نواب جي] ڪئمپ لاءِ هڪ زمين تيار ڪئي. [نواب جي] انهيءَ زمين تي تشريف فرما

(١) هيءُ عنوان بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ موجود آهي؛ باقي مصنف جي [illegible] سان لکيل نسخي ۾ موجود ڪونه آهي.

ٿيڻ ڪان پوءِ، تورن ٽي ڏينهن ۾، ’مراد آباد‘ نالي هڪ وڏندڙ شهر تيار ٿي ويو. ماڪُٽي ٽي سال جي پڇاڙيءَ ۾، ڪلهوڙن جي چاڙهه جي مهم ڏانهن توجهه ڪري، مناسب لڙاين ۽ صائب تدبيرن سان، سندس شان و شوڪت پيچي، ڪيس ڪوداريه ڪان ديري ڏانهن پڇاڻي، خورد (١)، اوچ، لنجاري، ميران ۽ ڪڇي جي زمين هٿ ڪيائين. ڪڇي کي چانوڻي مقرر ڪري، هر هڪ جاءِ ۾ محڪم قلعا ٺهرائي، انهيءَ کي مضبوط ڪيائين. هن ڪان پوءِ ٻه سال ٻيا به ملڪ آرام سان هلايائين. چوٿين سال روش بدلائي اهڙو لهونو اختيار ڪيائين، جو ملڪ جي زوال جو ڪارڻ ٿيو.

سرائي سردارن ۽ عام رعيت کي ايذايائين. جنهن صورت ۾ بادشاهي ماڻهن جي تسلط ۽ زبردستيءَ ڪان تنگ ٿي پيو هو، تنهنڪري ملڪ کي صاف ٻُهاري، ڪنهن ٻئي پاسي نڪري وڃڻ جو پڪو خيال ڪيائين-انهيءَ ڪري خزانو مسقط بندر ڏانهن روانو ڪندو رهندو هو. ڪلهوڙن جي چاڙهه جو ملڪ سندس رستي ۾ روڪ هو، تنهنڪري سال جي پڇاڙيءَ ۾ چاڙهه کي وڃان ڪري ڇڏڻ ۽ سندس ملڪ ٻنا ڪنهن رنڊڪ جي هٿ آڻڻ لاءِ، لشڪر مقرر ڪيائين. سرائي سردارن، جن چاڙهه سان صلح ڪرڻ وقت قرآن کنيو هو، تن کي اها ڳالهه نه وڻي. جنهن صورت ۾ سڀئي ڪڪ ٿي پيا هئا، تنهنڪري پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪري، ميان غلام شاه خان جي بيعت ڪري، ١٣ ذوالحج سنه ١١٧٠ جي رات، پنهنجو انتظام پڪو ڪري، صبح جو سندس حويليءَ تي ڪاهي، ڪيس سندس ٻڻن سميت قيد ڪيائون.

ميان غلام شاه خان

تيرهين ذوالحج سنه ١١٧٠ هه جي صبح [112] جو، حڪومت جي گاديءَ تي ويهي، ڏکيل حاڪم جي ظلم هٿان ڦٽيلن

(١) نسخو ”ن“: ”خورق“

ماڻهن جي دلين تي مهربانين جي ملم رکي. ماڻن همدردي ڪئي. عنقريب، ٽئين سال جي پورين ڏهن ڏينهن گذارڻ کان پوءِ، جڏهن انهيءَ منحوس شهر کي چوڏاري پاڻي وڪوڙي ويو، انان لڏي، هيءَ واريءَ محمد آباد جي پرسان "الهه آباد" نالي نئون شهر ٻڌائي. وڃي اتي رهيو. سڀني اميرن سنڌس حڪم آڏو سر جهڪايو، مگر محمد مراد ياب خان جي سڳي ڀاءُ احمد يارخان - جو خدا باد ۾ ٿي رهيو - تابعداري قبول نه ڪئي. هوڏانهن بهادرشاه جو پٽ مقصود و فقير، هيءَ کي هن ڪم ۾ ڏليل سمجهي، ڪنهن ٻي ارادي جي انتظار ۾ ويهي رهيو، ۽ نيٺ تسلي ڏيارڻ کان پوءِ، ٻاهريون پنو رکي، اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو.

ايتري ۾ عطرخان جو ضمانت طور [بادشاه جي] حضور ۾ موجود هو، تنهن محمد مراد ياب خان جي موقوفيءَ جي خبر ٻڌي، فرياد ڪري، ملڪ [جو پروانو] پنهنجي نالي ورتو. هيڏانهن وري احمد يارخان سنڌس واسطي لشڪر تيار ڪيو. سرائي پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي چوڻ لڳا ته "جنهن صورت ۾ عطرخان کي حڪومت بادشاه جي پاران ملي آهي، تنهن صورت ۾ اسان کي ضرور هن جي تابعداري (ڪرڻي هوندي)". غلام شاه وقت جي مصلحت ڪئي، ساڳئي ئي سال جي ٢٥ صفر تي، ساري لشڪر سميت ٺٽي ڏانهن لڪري ويو. ٿورين منزلن کان پوءِ مقصودو، عطرخان جي خطن پهچڻ تي، محمد مراد ياب کي آزاد ڪرائي، اڪثر سرائي سردارن سان گڏجي، اوڏانهن (عطرخان ڏانهن) روانو ٿيو ۽ غلام شاه پنهنجن خاصخيلين، رڄي ليکي، ۽ ڪن ٿورن فدائين سان اڪيلو هليو ويو.

محمد عطرخان ملڪ خالي ڏسي - جا لاءِ ته احمد يارخان سنڌس لاءِ اڳي ئي انتظام ڪري ڇڏيو هو - اچي نوشهري ۾ لٿو. ربيع الثاني جي شروع ۾ محمد مراد به اچي پهتو. ڪيس ۽ سرائي سردارن کي اهائي اميد هئي، ته عطرخان هيءُ ڪم

پنهنجي پاڻ لاءِ ڪيو آهي، ۽ جيئن جو حڪومت جو ڪاروبار ڏاڍو خود مطلبي آهي، سو عطرخان پاڻ جي اچڻ جو ٻڌي، ملاقات کان سواءِ ئي ڪيس خداباد ۾ رهائڻ جو حڪم ڪيو. اگرچ هن حرڪت جي ڪري هو سيني جي لظرن مان ڪري پيو، مگر جنهن صورت ۾ هو بادشاه جي ٻاران مقرر ڪيل هو، تنهنڪري لاچار سانس نهي هلندا ئي آيا. هالي شاهي محصل (ڊل اڳاڙيندڙ ماڻهو) سندس ڏاڍي بيعزتي ڪرڻ لڳا. هو پنهنجي مفلسيءَ ۽ ڊل جي سخت تقاضا کان مجبور ٿي، ملڪ تي ڏاڍو ظلم ڪرڻ لڳو. ليڪ مظلومن جي صبح واري دانهن ۽ ستايلن جي دعا وڃي آسمان تي رسي، ۽ غلام شاه ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ ڪاميابيءَ جي ڪجهه اميد رکي، اڌ پيور کان بهاولپور موٽي آيو، جتي ٿي مهينا رهي پورو انتظام ڪري، پنهنجي اڳين جي لار صاحبزادي سرفرازخان کي اهل و عيال سان اتي ئي ڇڏي، پاڻ رمضان جي وچ ڌاري سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. محمد عطرخان اڳتي وڌي سندس سامهون ٿيو، ۽ روهڙيءَ جي ٻاهران امرڪس واهه جي ڪناري تي، رمضان [مهيني] جي پوئينءَ تاريخ لڙائي ڪيائون. غلام شاه وٽ لشڪر ٿورو هو، پر تڏهن به بخت جي تائيد سان تيرن ۽ تفنگن جي ٿوري ڌڪا ڌڪيءَ کان پوءِ، واهه تي هٿئون هٿ جي لڙائيءَ ۾ فتحمند ٿيو- عطرخان، احمد يارخان ۽ مقصودو شڪست فاش کائي، ناڪاميءَ جو منهن ڏسي، ڀڄي ويا. [غلام شاه] ڪامياب ٿي بنا تڪليف جي اچي سينڪاريل ستواريل ڪئمپ ۾ لٿو. اهو ڏينهن ۽ پيو ڏينهن- جو عيد سعيد جو ڏينهن هو- [اتي ترسي] سرائي سردارن جي رنجش مهربانيءَ سان دور ڪري، پاڻ سان همرڪاب بڻائي، روهڙيءَ کان سيوستان پهچي، محمد مراد ياب خان مرحوم- جو انهيءَ قريبي عرصي ۾ [١١٣] گذاري ويو هو- جي پوين سان واجبي همدردي ڪري،

شوال سنہ ١١٧١ ھ جي آخر ۾ اچي الہ آباد ۾ منزل انداز ٿيو. صاحبزادي ٻه ٽي ڏينهن رهيلن سان گڏ عنقريب ديدار جو شرف حاصل ڪيو، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ اتان محمد آباد ويا، ۽ باقي سال خير سان گذريو.

سال ١١٧٢ ھ ۾ وري ڏٺير- جو اڪثر ڪري بختاورن جي حال جي ڪسوٽي آهي- جا اسباب پيدا ٿيا. هن طرح، تہ محمد عطر خان ۽ احمد يار خان مٿينءَ شڪست کان پوءِ قلات هليا ويا، جتي محمد نصير خان، ميان غلام شاھ سان اخلاص هجڻ سبب کين پاڻ وٽ ٽڪائي ڇڏيو. آخر هن (محمد نصير خان) جي بيفرمانيءَ ڪري، مٿس شاهي فوج چڙهائي ڪئي. بادشاہ جي فتحمند ٿيڻ کان پوءِ، هنن (عطر خان ۽ احمد يارخان) ڪمپ ۾ پهچي ڪن وسيلن جي ذريعي (سنڌ) ملڪ جي حڪومت جو پروانو نئين سر حاصل ڪيو. احمد يارخان حضور ۾ رهجي پيو، ۽ عطر خان عطائي خان نالي هڪ امير کي مدد ۾ وٺي سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. هيڏانهن ميان غلام شاہ وقت جي مصلحت خاطر، ربيع الثاني سنہ ١١٧٢ ھ ۾، ديري ڏانهن روانو ٿي وڃي ڪڇ پهتو. اورنگا بندر ٽپي ڪڇ تي 'شاھ ڪره' نالو رکي (ان کي) رهائشگاه بنايائين. شاھ ڪري (ساڪره) جي آمهون سامهون 'شاہ بندر' نالي هڪ بندر ٻڌائي، حويلي ۽ مضبوط قلعو ٺهرائي، اهل و عيال حريفن جي ٻانهن سميت پنهنجي نالي ڀري فرزند محمد سرفراز خان وٽ ڇڏي، پاڻ جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو. جنهن صورت ۾ هوڏانهن محمد عطر خان پنهنجي هٿان ملڪ ويران ڪرائيندو، مقصود ڏي کي لشڪر جو مقدمو بنائي، مقابلي لاءِ اچي رهيو هو، تنهنڪري ٿورن ڏينهن جي عرصي ۾ سندس استقبال ڪري، وڃي ڪيس چاچڪن جي سر زمين تي پهتا. ڀريائين لڙائيءَ جي ڳالهہ ٻولهہ هلي، پر آخر مخالف انهيءَ جو ست تہ ساري صلح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا، ۽ ملڪ کي ٽي حصا ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. شاه ڪري (ساڪره) کان

نصرپور تائين، ٺٽي جي آسپاس سميت، ميان غلام شاه جي حصي ۾ آيو، ۽ ٺٽو (باقي) سموري سنڌ سميت ٻائرن کي مليو. انهيءَ ڪري، ميان غلام شاه ساڪره تشريف فرما ٿيو، ۽ عطرخان وڃي نوشهري رهيو. رمضان [شريف] تائين [ڪم] انهيءَ نموني سان هليو، پر جيئن ته ميان غلام شاه جي نصيب ۾ سڄي حڪومت لکيل هئي، سو ٻائرن ۾ اچي ڦيٽو پيو، ۽ بادشاه کي به معلوم ٿيو ته عطرخان کان ملڪ جو ڪاروبار هلي ڪين سگهندو. احمد يارخان پنهنجو پٽ ضمانت طور ڏيئي، حڪومت جو پروانو پنهنجي نالي ولي، سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. ميان غلام شاه هن حقيقت کان واقف ٿي، رمضان سنه ١١٧٣ ۾، ڪاميابيءَ جو پڪو خيال دل ۾ پيدا ڪري سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. عطرخان هيڏانهن غلام شاه جي چرپر ۽ هوڏانهن احمد يارخان کي [ايندو ڏسي]، حواس باخته ٿي نوشهري کان پٺي ويو. ميان غلام شاه خان، رمضان جي عيد ڏينهن، نصرپور جي ٻريان هيءَ خبر پڌي اڳتي وڌيو، احمديارخان اوڏانهن ئي رهيو. [اهڙيءَ طرح] سمورو ملڪ ميان غلام شاه کي هٿ آيو.

هن کان اڳ محمد عطرخان جي ڏينهن ۾ ٺٽي کي قسمين قسمين ايذاءُ پهتا هئا- جهڙوڪ جوکيہ قوم جو مولا ٺٽي محلي کي ڦرڻ. هنن ڏينهن ڏلي جو، دلجاءِ سان انهيءَ محلي جا گهر پٽيا، اطمينان سان ڦر ڪئي هئي. [تنهن کان سواءِ] حاڪم جي بي بندوبستيءَ ڪري ٻيا اهڙا [١١٤] اهڙو ته ظلم ٿيو هو، جنهن کان وڌيڪ خيال ۾ ئي نٿو اچي سگهي.

قصو مختصر ته ساڳئي سال جي شوال مهيني جي ٻيءَ تاريخ عطرخان جو خط پهتو ته "مان ملڪ مان وڃان ٿو، هاڻي تو هان چائو ۽ منهنجو ٻاڻ ڄاڻي". ميان غلام شاه اڳتي وڌي ٻاڻ جا رهيل ساٿي هٿ ڪري، لاڙڪاڻي تائين ڪاهي، سيٺي مرادون

ماڻيون. ڪوسا سردار، جن هن ٻي ٻند ۾ ٻستيءَ وارن ڏينهن ۾ خداآباد ڪي ٻريءَ طرح ڦريو هو، مي سيپٽي خونخوار ترار جو لقمو ٿيا، سندن ڳوڻن ۾ سزا طور لشڪر مقرر ٿيو. تنهن ڪان پوءِ سيوهڻ ڏانهن واڳون واريائين. فتحمند لشڪر، ڪوسن ماڻهن جي ڳوٺن جي وچ واري جوڻ قلعي ۽ نلي لڪ (١) تي ڪاهه ڪري، [دشمن ڪي] قيد ۽ قتل ڪري، ڪاميابيءَ سان موٽي آيو.

ايتري ۾ خبر پهتي ته محمد عطرخان ۽ مقصودو، داؤد پوٽه سردارن - خصوصاً بهادرخان - جي مدد سان، وري دشمنيءَ جو نغارو وڄائي، لڙائيءَ ۽ حملي لاءِ تيار ٿيا آهن، تنهنڪري ٻنا ڪنهن ڍپ ڊاءَ جي سوپارو لشڪر ساڻ ڪري وڃي اپاوڙي تائين پهتو، جتي ڪيترن ناليرن سردارن ۽ خود بهادرخان ڪي لڙائيءَ جي ميدان ۾ ڪهي، دشمن ڪي شڪست فاش ڏيئي، فتح سان موٽي آيو.

هاڻي جڏهن دشمنن خواه ملڪ جي فتح جي طرف کان پوري دلجاءِ ٿيس، لڏهن تاريخ ٢٥ محرمالحرام سنه ١١٧٣ تي ٿئين وسايل شهر شاهپور ۾ سوپاري ڇانوٽي هٽي، صاحبزادي ڪي متعلقين سميت ساڪره ڪان ٻاڻ وٽ گهرايائين. هن ڪان اڳ محمد قائم ڪوڪلتاش، يعني دايو، ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو هو، جنهن وڃي اتي جي غريب رهاڪن ڪي موقوف ٿيل حاڪم جي ڪامورن جي ظلم زوريءَ ۽ پٺاڻن جي بيحد زبردستيءَ ڪان ڇڏايو. انهيءَ ئي سال ڪڪرالي جي حاڪم ڄام ڏيسر ڪي- جنهن ميان غلام شاه جي ساڪري ۾ رهي ۽ سنڌ جي فتح جي ارادي ڪرڻ وارن ڏينهن ۾، سچائيءَ جي دستور جي برخلاف هلت هلي هٽي- محمد صديق ڏيسر ۽ ٻين اميرن ملڪ سان تڙي ڪڍيو، تاريخ ٧ ماه صفرالمظفر سنه ١١٧٤

(١) نسخو "ن": "تلعه 'چوبه' ولک "تلي' ".

تي ڪيس آباد جي قلعي مان ڪڍي، ڪڇ (١) ڏانهن ولايو. سندس ٻه هردور جي، جيڪو ديري ۾ تشريف آڻڻ کان ولي همرڪاب ٿي رهيو، سو [ساکيءَ طرح] ميان غلام شاه جي خدمت ۾ حاضر رهڻ لڳو.

١١٧٥ھ ۾ بادشاه جي حضور مان کيس (غلام شاه کي) 'شاهوردي‌خان' جو خطاب، هڪ هاٿي ۽ ٻيون ڪيتريون نوازشون عطا ٿيون. انهيءَ ئي سال دائود پوٽن کي سيکت ڏيڻ لاءِ خانپور تائين ڪاهي ويو. پر آچ جي سيدن جي سفارش تي انهن جي خطائن کان درگذر ڪري، موٽي آيو.

سنه ١١٧٦ھ، تاريخ ۹ ربيع الثاني، ڪڇ جي ڪافرن کي سڌي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. ۽ رستي ۾ 'سندريءَ' جو قلعو فتح ڪيائين. جاڙي جبل تي اٽڪل ڇهه هزار ڪافر ترار جو ڪاچ ٿيا. اتان سوڀارو ٿي، اڳتي وک وڌائي، يلغار ڪري وڃي پيچ کان ٻارهن ڪوهن تي پهتو. [رستي ۾] ڪيئي ڳوٺ ۽ واهڻ ڦريا، لٽيا ۽ تابعدار ٿيا. بستا بندر ۽ لکپت بندر جا قلعا به فتح ٿيا. آخر ڪڇ جي راءِ جي نيزاريءَ ۽ صلح جي دروازي کڙڪائڻ تي، ڪاميابيءَ سان موٽي اچي مٺين سال جي ٢ رجب تي شاهپور پهتو.

سنه ١١٧٨ھ، دوباره ڪڇ تي ڪاهڻ جو اتفاق ٿيو. رستي ۾ مورو جو قلعو زبردستيءَ فتح ڪري، پيچ کان پنجن ڪوهن تي وڃي منزل انداز ٿيا. ڪڇ جي راءِ وسيلا وچ ۾ آندا، جنهن تي صلح ڪري پوئتي واڳون واريائون.

ڪڇ کان موٽي اچڻ تي گهٽيءَ منيءَ ۽ واٽ جي ڪري ٻراڻي شاهپور کان نئين شاهپور لڏي آيا، ۽ بادشاه جي درگاه مان اڳين لقب سان گڏ 'صمصام‌الدولہ' جو خطاب به عطا ٿيو.

(١) نسخہ "ن" : "ڪنبج"

هاڻي عطرخان جا مقصودي فقير جهڙا ساڻي گذاري ويا، تنهنڪري پشيمان ۽ ناڪامياب ٿي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ قسمين قسمين عنايتن سان سرفراز ٿي همرڪاب رهڻ لڳو. خدا پاڪ جي فضل سان ڏينهون ڏينهن سندس ملڪ وڌندو ۽ بخت بالا ٿيندو نو رهي.

سنه ١١٨١ ۾، پادشاهه جي حضور مان ڏيرن جي حڪومت سندس لکرائي ۾ ڏني ويئي، ۽ ساڳئي ئي سال جي ربيع الاول مهيني جي شروع ۾ اوڏانهن روانو ٿي، ٽن مهينن جي عرصي ۾ انهي ساري سرزمين کي فساد ٻن کان صاف ڪري، اتي جي سردارن کان ضمانت وٺي، سوڀارو ٿي، ١٧ رجب تي شاهپور موٽي آيو. اتفاقاً، انهي ملڪ ۾ مقرر ٿيل اشڪر جو اتي جي ٻين رهاڪن ـ خصوصاً نصرت تالي اتي جي هڪ ٽاليري سردار ـ سان جهيڙو ٿي پيو، جنهنڪري پوري هڪ سال تائين لڙائي ٿيندي رهي. انهي عرصي ۾ سردار جهان خان، پادشاهه جي حضور مان اهو ملڪ پنهنجي نالي تي ڪرائي، هن طرف جي ناظمن کي بيدخل ڪري موٽائي ڇڏيو. وري الله پاڪ جي امداد ۽ بخت جي ياوري سان سنه ١١٨٣ ۾ ديري غازيخان جو قبضو مٿين سردارن کان ڇڏائي ميان غلام شاهه جي انتظام هيٺ ڏنو ويو، جنهن تي لئين سر انتظام قائم ڪرڻ لاءِ اوڏانهن چڙهي ويو ۽ ڪاميابي سان واپس وريو. ديري غازيخان سان گڏ ملتان جي حڪومت پڻ اتي جي حاڪم جي مدد سان ميان غلام شاهه جي نالي ٿي.

جڏهن ته هن کان اڳ، مهيني ذوالقعد سنه ١١٨٢ ۾، نيرن ڪوٽ ـ جو هڪ مضبوط جبل آهي ـ جي سرزمين تي تختگاهه بنائڻ جي تجويز ٿي چڪي هئي، تنهنڪري حيدرآباد جو مضبوط قلعو سنه ١١٨٢ ۾ جڙي راس ٿيو، ۽ مٿس "حيدرآباد" نالو رکيو ويو. سندس سامهون ٽڪر جي مٿان شهر [اڏائي] رعيت کي قلعي جي حفاظت ۾ رهايائون. ذوالحج مهيني ۾ ديري کان موٽڻ تي اچي انهي قلعي ۾ رهيا.

(سنه ١١٨٤ ۾ ڪن سببن جي بنا تي ديري غازيخان جي حڪومت کان موقوفيءَ جو حڪم ٿيو، ۽ اڳوڻي دستور موجب سردار جهانخان قبضي هيٺ آندو). (١)

جنهن صورت ۾ [هن ڪتاب جي] لکڻ واري وقت تائين ايترا حالات ڏٺا ويا آهن، تنهنڪري [هاڻي] قلم جي واڳ هن شاندار حڪومت لاءِ دعا ڏانهن ورائي ويئي. شال ڏڻي تعاليٰ، پيغمبر ۽ سندس سڳوري آل جي مهابي هن سڳوري گهراڻي کي هميشه عزت ۽ اقبال سان اميدن ۽ مرادن جي ميدان ۾ ناسور رکي! (٢)

(١) هتي ڏنگين ۾ آندل سموري عبارت مصنف جي هٿ اکرين لکيل نسخي جي حاشيءَ تي موجود آهي. اها ۽ ٻه سٽون وڌيڪ لکيل آهن، جيڪي ٿني ۾ ڪيڙي جي کڻڻ سوراخن ڪري پڙهڻ ۾ نه اچي سگهيون. نسخي "ن" ۾ هتي ڪجهه زياده لکيل آهي، جنهن جو ترجمو هتي ڏجي ٿو: "هن ئي سال ۾ ڪڇ جي راءِ پنهنجي رضا خوشيءَ سان، ايسوجيءَ نالي پنهنجي ڌيءَ جي هڪ سوٽ جي ڌيءَ جو سڱ ڏنو. شاديءَ وقت ٻنهي طرفن کان ڏاڍا تڪلف بجا آندا ويا ۽ بستا بندر ۽ لکپت بندر جو قبضو واپس ڏنو ويو. ٻئي ئي سال يعني سنه ١١٨٥ هه جي عجيب واقعن مان هڪ واقعو هيءَ به آهي، ته ولد جي سرزمين ۾ اٽڪل هڪ جريب ۾ گوشت جي ٽڪرن جو مينهن وسيو، جنهن ۾ هرهڪ ٽڪرو ڪچيءَ سر کان به وڏو هو. ٻه ٽي ٽڪر ميان غلام شاه جي ملاحظي لاءِ کڻي آيا. سور جي گوشت جهڙا ٿي ڏٺا: ڪتن کي ڏنائون، پر انهن نه کاڌا".

(٢) ميان غلام شاه ڪلهوڙي سنه ١١٨٦ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي تاريخ هيٺ ڏنل بيت مان نڪري ٿي، جو "تحفة‌الڪرام" جي بمبئي ڇاپي واري نسخي جي حاشيءَ تي ڏنل آهي.

غلام شاه که بوده غلام "شاه نجف"
مقام کرده ارم همدمی بشاه نجف.

١١٨٦ هه

جنهن صورت ۾ مٿين بيان ۾ ٺٽي جي حاڪمن جا لالا احوال پابنديءَ سان بيان ڪيا ويا آهن، ۽ ڪل محمد خراساني کان پوءِ - محمد قائم ڪوڪلتاش کان سواءِ - ٻيو ڪو، مسلمان ناظم مقرر ڪونہ ٿيو، تنهنڪري ملڪ جي حاڪم جي ذڪر تي اڪتفا ڪئي ويئي. هاڻي محمدي دين جي برڪت سان، محرم سنہ ١١٨٤ هہ ۾ حبيب فقير ٺانچ ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو آهي - شال، الله تعاليٰ پنهنجي احسان ۽ ڪمال ڪرم سان مسلمانن جي هن شهر کي اسلام وارن جي گورنريءَ سان مشرف رکندو اچي.

[پاگو پیو]

مخفي نہ رهي، تہ جڏهن سنڌ جي حاڪمن ۽ بادشاهن جي طبقن جي حالات لکڻ کان فراغت حاصل ٿي، تڏهن پنهنجي شرط پوري ڪرڻ خاطر ڪن شهرن ۽ ڳوٺن جو بيان، اتي جي بزرگن جي ذڪر سميت، نهايت لازمي آهي. جنهن صورت ۾ هيءَ ٿوري معلومات وارو (مصنف) اڪثر جاين جي ڏسڻ کان سواءِ غائبانہ، رڳو ڪتابن مان چونڊ ڪري، يا فقط زبانن کان ٻڌي، هن سلسلي جي تحريڪ ڪري ٿو، باوجود ڪ وس پڄندي، روايتن جي صحت ۾ ڪو قصور ڪونہ ڪيو اٿس، تاهم جيڪڏهن بشري تقاضا موجب - جنهن سان سهو ۽ نسيان لازمي آهي - [ڪا غلطي ۽ ڪوتاهي ٿي ويئي هجي ۽] ڪنهن پياري کي وڌيڪ تحقيق جي توفيق ٿئي، تہ الهيءَ کي اصلاح لاءِ عرض آهي - ۽ اهو [قدم] ضرور ذڪر خير ۾ داخل ٿي ويندو. ڳالهين جي حقيقت کي الله تعالیٰ ئي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، ۽ اهوئي منهنجي لاءِ ڪافي ۽ مددگار آهي.

[باب تيرهون]

[ملتان، اچ، مئو، ماٿيلو، سسيتپور، ۽ اتي جا بزرگ]

لکل نه رهي ته جنهن صورت ۾ ملتان جو شهر جناب شيخ الشيوخ بهاؤالدين ملتاني؏ جو دفنگاهه آهي، ۽ سڄي سنڌ اول کان انهي؏ درگاهه جي ارادي ۾ هئل، تنهن کان سواءِ، جڏن هتي ذڪر ني آيو ته گهڻو ڪري سنڌ جا ماڻهو اتي جي حاڪم سان جوابدار هئا، ۽ ملتان جو خلاصو ذڪر ستن ولايتن [سان ڪنهن به ولايت] ۾ نه ڏنو ويو (١)- حالانڪ ڪنهن به شي جو ذڪر هن جي ذڪر ڪرڻ کان وڌيڪ چڱو آهي- تنهنڪري، ابتدا هن متبرڪ سرزمين جي ذڪر سان ٿي ڪجي، ته جئن [هن ڪتاب ۾] سنڌ جا حالات اچي وڃن.

ملتان

هن جي ڊگهائي ڦاڪ 'قزله' (١٤٢) ۽ ويڪرائي ڦاڪ 'الطم' (٨٠) آهي. هي ٽين ولايت ۾ داخل آهي، جنهن جو تختگاه "اردن" آهي. (تمام) قديم شهر آهي. سندس اڏاوت جي ابتدا ڪنهن کي به معلوم ناهي. هن هدايت وارن جي آرامگاهه جي قدامت جا سيبئي قائل آهن. محمد بن قاسم ثقفي؏ جي اچڻ کان اڳ هتي خود مختيار بادشاه رهندا هئا، جن جو تعلق سنڌ جي راجائن سان هوندو هو. اسلامي فتوحات کي ٿورو وقت ٿي ڪين گذريو ته هي شهر ملحدن (قرمطين) جي ور

(١) يعني اصل فارسي ۾ لکيل "تحفة الڪرام" جي جلد ٻئي ۾، جتي مصنف ستن اقليمن يا ولايتن جو ذڪر ڪيو آهي.

چڙهيو. ملحدن کان سلطان محمود (غزنوي) ڇڏايو. غزنوين جي دور ختم ٿيڻ کان پوءِ [هي شهر] دوباره ملحدن جي قبضي ۾ آيو، جن کان سلطان معزالدين محمد سام (غوريءَ) کي هٿ آيو. [تنهن کان پوءِ] سنه ٨٤٧هه تائين دهليءَ جي بادشاهن جي قبضي ۾ رهيو. مٿين سال ۾، جڏهن هندستان ۾ طوائف‌الملوڪي شروع ٿي ۽ [ملتان] مغلن جي حملن ڪري حاڪم کان خالي رهيو، تڏهن انهي سرزمين جي اڪثر زميندارن جيڪي شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني [رحمت‌الله عليہ] جي سلسلہ عاليہ جا مريد هئا، تن شيخ يوسف قريشيءَ کي، جو شيخ عليہ الرحمة جي درگاه جو سڄاڻيندڙ هو، بادشاه بنائي، اچ ۽ پين جاين جي ميمبرن تي سندس نالي خطبو پڙهيو. هو ملڪ جي ڪاروبار جي انتظام ۾ واجبي ڪوشش ونئ لڳو. [ايتري ۾] لانگاهن جي راڄ جو سردار رائي سيهڙ، (١) جنهن کي رپڙيءَ (٢) جو ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس هٿ ۾ هئا ۽ پيءُ ڏاڏي کان هن سلسلي جو مريد هو، سو شيخ کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيئي، سندس پاڙ ڪوٽڻ لڳو ۽ آخر پنهنجي پير کي ٺڳيءَ سان شهيد ڪري، ملڪ جو مالڪ ٿي پاڻ کي سلطان قطب الدين جو لقب ڏنائين. (٣)

"سنڌي پيرڪش" جو پهاڪو دنيا ۾ انهيءَ واقعي جي ڪري [مشهور] رهيو. قصو ڪوتاهه شيخ جي حڪومت ٻہ سال ۽ قطب‌الدين جي مورهن سال [رهي]. تنهن کان پوءِ سلطان حسين بن قطب‌الدين لانگاه ٣٤ سال پوءِ سلطان محمود بن فيروزخان لانگاه ٢٧ سال ۽ ڪي مهينا. انهيءَ کان پوءِ سلطان حسين بن سلطان محمود حڪومت ڪئي. ٽورن سالن

(١) نسخو "ن" سيهر (٢) نسخو "ن": رهرى (٣) شيخ يوسف قريشيءَ جي شهيد ٿيڻ راءِ سهره جي ملتان جي حڪومت تي قبضي ڪرڻ جو مفصل بيان تاريخ معصومي سنڌيءَ (ص ٧٧-١٧٩) ۾ ڏسڻ گهرجي.

کان پوءِ مرزا شاه حسن ارغون، جنھن مٿي بيان ٿي آيو ملتان فتح ڪري حضرت بابر بادشاه کي نذراني طور پيش ڪيو، جنھن وري پنھنجي پٽ ڪامران مرزا کي عطا ڪيو. اهڙي طرح [ملتان] دوباره دهليءَ سان متعلق ٿي، هن شهنشاهت جي گورنرن جو تختگاه رهندو آيو ۽ نادرشاه جي لاهور کان وٺي هن اورئين پاسي کي پنھنجي قبضي ۾ آڻڻ واري وقت تائين، گهٽو ڪري شاهزادن جي جاگير ۽ ناليرن اميرن جي [٢١٧] حڪومت جي گادي رهندو آيو. انهيءَ کان پوءِ هن وقت تائين، احمد شاه دراني (ابدالي) جي حڪم هيٺ آهي.

معلومة الآفاق ۾ لکيل آهي ته عالمگير (اورنگزيب) جي ڏينهن ۾ ملتان جي آسپاس نهارن جي زمين ۾ هڪ اونهو کوه کوٽي رهيا هئا، ته اوچتو کوه جي تري ۾ بيلدارن کي هڪ ڏڪ سان ٽوري خون سان مليل مٽي ڏسڻ ۾ آئي. جاچ ڪرڻ تي کپ مان هڪ ٽيج پياڪ بار نڪري آيو. انهيءَ بار کي دائيءَ جي حوالي ڪيائون ۽ هو کير تي وڏو ٿيو. جڏهن ڳالهائڻ جيڏو ۽ سمجهه وارو ٿيو تڏهن ڪلمو شريف ۽ قرآن مجيد پڙهڻ لڳو. پوءِ حرمين شريفن جي زيارت جو شرف حاصل ڪيائين. هن شهر جا بزرگ ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن. تبرڪاً ڪن ٿورن جي نالن تي اڪتفا ڪجي ٿي.

جعفر، لقب المؤيد من السماءِ (آسمان کان تائيد ڪيل).

[جعفر] ولد محمد بن عبدالله بن محمد بن عمر بن علي. سيدن مان ڦهريائين انهيءَ سڳوري هن سر زمين تي تشريف فرما ٿي سڪونت اختيار ڪئي. چون ٿا ته هن پنجاهه پٽ ڄڻيا، جيڪي هندستان، ڪرمان ۽ ايران ڏانهن ٽڙي پکڙي ويا. انهن مان عبدالحميد اچ تي حڪومت ڪئي.

الشيخ الڪبير بهاءُ الحق والدين شيخ بهاؤالدين زڪريا.

[شيخ بهاوالدين زڪريا] بن شيخ ابو محمد شيخ ابراهيم بن

شيخ عبدالله بن شيخ شهاب الدين بن شيخ زڪريا بن شيخ نورالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ وجه الدين بن شيخ مسعود بن شيخ رضي الدين بن القاسم بن الجعفر بن ابيبڪر رضي‌الله عنہ. ڪن [تاريخ نويسن] شيخ جو نسب هيئين طرح لکيو آهي. شيخ بهاؤالدين زڪريا بن محمد غوث بن ابي بڪر بن سلطان جلال الدين بن سلطان علي قاضي بن سلطان محمد بن سلطان حسين بن سلطان عبدالله بن سلطان طرفہ بن سلطان جذيم يعني عبدالله بن امير عاصم بن عبدالرحيم بن عبدالرحمٰن بن عياض بن اسد بن عبدالعزيٰ بن قصي بن ڪلاب. پهرئين لڪ موجب شيخ صديقي گهراڻي مان آهي، ٻئي موجب اسدي [آهي]. و الله اعلم. هو ظاهري خواه باطني علمن ۾ ڪامل هو.

شيخ شهاب الدين سهروردیؒ جو هڪ اڪمل مريد ۽ وڏي ۾ وڏو خليفو هو. شيخ جي رخصت سان اچي ملتان ۾ رهيو هو، اتي جو شيخ الاسلام ٿي گذاريائين. سنڌ جا اڪثر ماڻهو انهيءَ در وازي جا مريد آهن. پهريون پير جنهن سنڌ ۾ ارشاد جو سلسلو جاري ڪيو، سو اهو آهي. سندس روشن ڪرامتون ۽ خوارق عادات منجهند جي سج وانگيان ظاهر آهن. هو سنہ ٦٦٠ (١) ۾ گذاري ويو، ۽ ملتان جي قديم قلعي ۾ آرامي آهي. شيخ فخرالدين عراقي ۽ ڪتاب ڪنزالرموز، زادالمسافرين ۽ نزهة الارواح جو مصنف امير حسيني، سندس ڪامل مريدن مان آهن.

[شيخ صدرالدين محمد]. شيخ صدرالدين محمد، مٿئين شيخ جو فرزند رشيد ۽ جانشين، پيءُ جي وفات کان پوءِ ارڙهن سال مريدن ۽ طالبن جي تڪميل ۾ مشغول رهيو. هن جون پڻ سندس والد بزرگوار وانگر ڪيئي ڪرامتون مشهور آهن.

---

(١) نسخو "ن": ششصد و شش سنہ ٦٠٦

[شيخ رڪن الدين]. شيخ رڪن الدين مٿئين شيخ صدرالدين جو فرزند ارجمند ۽ خليفو آهي. ٥٢ سال پيءُ ۽ ڏاڏي بزرگوار جي مصلي تي ويهي، طالبن کي مقصد جو رستو ڏيندو رهيو.

[شيخ اسماعيل شهيد]. انهيءَ کان پوءِ سندس فرزند رشيد شيخ اسماعيل شهيد قائم مقام ٿيو. علم خواه سلوڪ جي طالبن جي رهنمائيءَ ۾ عمر گذاري - ۽ شيخ الاسلام جي موروثي [عهدي] سان ممتاز ٿيو.

[شيخ صدرالدين ثاني]. تنهن کان پوءِ شيخ صدرالدين ثاني ولد شيخ اسماعيل شهيد، پيءُ ڏاڏي جي دستور موجب قائم مقام، سجاده نشين، وڏن جي مزارن سڳورين جو متولي ۽ ملتان جو شيخ الاسلام ٿي رهيو.

[شيخ رڪن الدين ثاني]. پوءِ شيخ صدرالدين ثانيءَ جي فرزند شيخ رڪن الدين ثاني - جو وڏن وانگيان بلند مقامات جو صاحب [هو] - سجاده نشينيءَ ۽ شيخ الاسلاميءَ ۾ پنهنجا برڪت پريا ڏينهن پورا ڪيا.

[شيخ اسماعيل ثاني]. انهيءَ کان پوءِ شيخ اسماعيل ثاني ولد شيخ رڪن الدين ثاني وڏن جي نموني تي زندگي گذاري.

[شيخ يوسف]. تنهن کان پوءِ شيخ اسماعيل ثانيءَ جو فرزند شيخ يوسف وڏن جي دستور موجب ملتان جو شيخ الاسلام [٢١٨] ٿيو، ۽ جئن مٿي بيان ٿي آيو، هو سنه ٨٤٧ ۾ بادشاه ٿي، پن سالن کان پوءِ شهيد ٿيو.

[شيخ شهرالله]. پوءِ شيخ شهرالله وڏن جو جانشين ٿيو.

[شيخ بهاوالدين]. تنهن کان پوءِ هن جو پٽ شيخ بهاءُ الدين گادي نشين ٿيو. هن جي تعريف حد ۽ انداز کان ٻاهر آهي. سنڌ جا اڪثر مشائخ خواه عوام هن جا مريد آهن. هن جي

اولاد مان ڪيئي بزرگوار سنڌ جي سير و سياحت ۽ رشد ۽ ارشاد ۾ مشغول رهي، ازلي گهر [۽ آيت سڳوري] "وَلاَ تَدْرِي نَفْسٌ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوتُ" (ڪنهن به جاندار کي معلوم نه آهي ته هن جا پساه ڪهڙيءَ زمين ۾ پورا ٿيندا) جي مصداق موجب، سنڌ جي ڪونن ۽ شهرن ۾ آرامي آهن - گهڻن جو بيان خاص جاين جي موقعي مناسب ٿيندو (انشاءَ الله تعاليٰ).

[شيخ محمد غوث]. مٿئين شيخ بهاؤالدين جي اولاد مان وڏن جو جانشين، گهراڻي جو رئيس، خلق ۾ مشهور ۽ عام خاص ماڻهن جو مرشد هو. هو تمام متبرڪ هو ۽ تازو گذاري ويو آهي. هاڻي پاونشاه نالي سندس پائينو وڏن بزرگن جو مسند نشين آهي.

لڪندڙ جي دل جي خواهش اهائي هئي، ته هن سلسلي عاليه جا سجاده نشين جيڪي مٿئين شهر ۾ اڄ تائين ٿي گذريا آهن، تن سڀني جو ذڪر پنهنجي پنهنجي وقت [جي احوال سميت] ترتيب وار ڪيو وڃي، پر معلومات جي فراهم نه ٿيڻ ڪري، اها آرزو پوري ٿي نه سگهي". جيڪڏهن حياتيءَ وفا ڪئي پوءِ ڪريم ڪارساز جي ڪرم ۾ اميد آهي ته اها تمنا پڻ پوري ٿيندي. انهيءَ وچ ۾ جيڪڏهن ڪنهن سعادتمند کي هن سعادت جي توفيق حاصل ٿئي، ته ڪيس مؤلف جي پاران اجازت آهي، بلڪ "ذڪر حق چون ذڪر اهل الله نيست". (ذڪر اهل الله جهڙو پيو ٿيو نه ذڪر) جي حقيقت موجب، پاڻ ثواب پڻ پوندس- والله ولي التوفيق (الله پاڪ توفيق جو مالڪ آهي).

[شيخ عمادالدين اسماعيل]. شيخ عمادالدين اسماعيل ولد شيخ صدرالدين بن شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني، هڪ ڪامل ولي ۽ وڏو پرهيزگار، هن سرزمين تي فيض واري زندگي گذاري ويو آهي.

[شاهه گرديز]. شاهه گرديز، مشهور معروف سيد ۾ ملتان ۾ تشريف فرما ٿيو هو. هو قديم زماني جو پير ۽ شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو همعصر هو. هو ملتان ۾ رهيو، اتي ئي گذاري ويو، ۽ دفن ٿيو. نقل آهي ته ڪيتري عرصي تائين هو قبر مان پنهنجن مريدن کي هٿ ڏيندو هو. هن وقت ۾ اها واٽ ڇڏيل آهي، جتان هٿ ٻاهر ڪڍندو هو.

[شيخ موسيٰ]. شيخ موسيٰ، لقب 'پاڪ شهيد'، شيخ سيد حامد گنج بخش جو اولاد، سيد عبدالقادر ثانيءَ ولد شيخ محمد غوث ـ جنهن جو بيان اچ جي ذڪر وقت ٿيندو ـ جو پوٽو، طريقت جي رازن کان واقف، حقيقت جي واديءَ جو سالڪ، [پنهنجن] وڏن وانگيان بزرگيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو. سندس اولاد اتي موجود آهي.

افضلي. وقت جي وڏن عالمن مان هو. ناصرالدين قباچه جي خدمت ۾ رهندو هو. ڪماليت جي فن جو جامع هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شعرگوئي ۾ ڪندو هو.

مخدوم حسام الدين. وقت جو وڏي ۾ وڏو ۽ انهيءَ ملڪ جو ڪامل ۾ ڪامل [بزرگ] آهي. شريعت جي ادبن جي بجاآوري جو ڏاڍو اهتمام ڪندو هو. مير عبدالقادر "حديقة الاوليا" ۾ لکيو آهي ته 'شيخ، سفر ۾ هلندي جنهن ڳوٺ وٽان لنگهندو هو، ته ٻاهران ئي اتي جي رهاڪن جي هلت چلت متعلق پڇا ڪندو هو. جيڪڏهن هو شريعت جي زيور سان سينگاريل هوندا هئا ته اندر گهڙندو هو، نه ته ٻاهران ئي ٻاهران هليو ويندو هو'. سندس وقت گهڻو ڪري عبادت ۽ طالبن کي فيض ڏيڻ ۾ گذرندو هو. سندن مزار حسام پور جي ڳوٺ ۾ آهي، جو سندن نالي پويان سڏجي ٿو.

سعيد قريشي. شهزادي مراد بخش بن عالمگير بادشاه جو ملازم هو. شاعريءَ ۾ مهارت جو علم بردار هو. مثالاً پَدَ رَڪَ:

ڪُلّهُ لاَ يُتْرَڪُ ڪُلّهُ (١) (جا شي سڄي هٿ نہ ڪري سگهبي آهي تہ سڄي ڇڏي نہ ڏبي آهي) موجب، هن ٿورڙي حالات تي اڪتفا ڪئي ويئي، جا خرار مان هڪ لپ جي برابر آهي. جيڪڏهن ڪو پيارو وڏائيندو تہ احسان جو لائق ٿيندو.

(آچ)

مشهور معروف ۽ عزت واري جڳهہ ۽ قديم زماني کان ملتان جي تابع آهي. هن جي سر زمين انهن ڇهن جاين مان آهي، جن جي قلعن کي مٽيءَ سان پرڻ جو حڪم راءِ ساهسي بن سيهرس رعيت کي ڏِل جي بدران ڏنو هو، ۽ هو آچيون ٽي پيون هيون. گهٽي وقت گذرڻ ڪري، اهي جايون - ڊهي [ويون آهن]. هاڻي انهن ستن جاين مان ٽي جايون يعني اچ گيلاني، اچ مخدوم جلال جهانيان، ۽ اچ مغليہ - هڪ ٻئي جي پرسان آباد آهن. نالي جو سبب اهو آهي، جو سندن زمين متاهين آهي - هي خدا وارن جي مرجع ۽ اهل الله جو آرامگاه آهي.

عبدالحميد. اتي جي رهاڪن مان [سيد] جعفر، لقب 'المويد من السماء' - جنهن جو ذڪر ملتان ۾ گذري آيو - جي پٽ [سيد] عبدالحميد جي بزرگي تعريف جي محتاج نہ آهي. ڪجهہ وقت اهو هدايت وارو هن سر زمين تي حڪومت ڪندو رهيو.

[شيخ صفي الدين ڪبير]. پيو شيخ صفي الدين ڪبير گاذروني، هن برڪت پرئي ٽڪر ۾ الله وارن جو مرجع ۽ هدايت وارن جو زيارتگاه آهي. شيخ صفي الدين صغير، جو مخدوم شيخ محمد غوث گيلاني جو همعصر آهي (جنهن جو بيان اڳتي ايندو) سو سندس اولاد مان آهي. هن جو اولاد اڄا تائين باقي آهي. تنهن کان سواءِ پيا بہ عزت وارا ۽ هدايت جا علمبردار خاندان پنهنجي وقت ۾ ممتاز آهن.

(١) اصل متن ۾ ”من لا يدرڪالڪل“ لکيل آهي، جو غلط آهي.

[مخدوم شيخ محمد غوث]. مخدوم شيخ محمد غوث بن سيد شاه مير بن سيد علي بن سيد مسعود بن سيد احمد بن سيد صفي الدين بن سيد سيف الدين عبدالوهاب بن سيد السادات غوث الثقلين قطب رباني محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره- [هو] معقولي خواه منقولي علمن جو جامع، فروع ۽ اصول جو ماهر، الله جو عارف ۽ هندستان جو هڪ ڪامل مرشد آهي، جو اچ گيلاني ۾ اچي رهيو ۽ ڪافرن خواه فاسقن جي هڪ وڏي جماعت کي اسلام جي شرف سان مشرف ڪيائين. هي شيخ صفي الدين ڪبير گاذروني- جنهن جي تربت اچ ۾ خدا وارن جي زيارتگاه آهي- جي اولاد مان صفي الدين صغير جي نياڻي سان شادي ڪري، هميشه لاءِ اتي رهي پيو. هن ملتان جي زميندارن لانگاهن مان پڻ شادي ڪئي. هن بزرگ کي چار پٽ پيدا ٿيا.

[مخدوم شيخ عبدالقادر]. هن کي عبدالقادر ثاني جو لقب مليل آهي- ولد شيخ [محمد غوث] بن سيد شاه مير بن سيد علي بن سيد مسعود بن سيد احمد بن صفي الدين. [١١٩] دارشڪوه "سفينة الاوليا" ۾ شيخ عبدالحق قادري دهلوي کان نقل ڪيو آهي ته شيخ "اخبار الاخيار" ۾ چوي آهي ته "شيخ عبدالقادر ثاني ولايت ۾ حضرت غوث الثقلين جو حقيقي وارث آهي". سندس اولاد ۾ ولايت، عزت ۽ شرافت موروثي طور هلندي اچي ٿي. سندس مدفن انهي برڪت پري سرزمين تي سندس والد جي قبي ۾، الله پاڪ جي رحمت جي نور جو خزانو آهي. سندس اولاد مان ڪي وڃي ملتان ۾ رهيا ۽ ڪيا اچ تائين برڪت پري اچ ۾ هدايت جي گادي جاري رکيو اچن ٿا.

[سيد عبدالرزاق]. ڪانئس پوءِ سندس سگورو فرزند سيد عبدالرزاق، جنهن کي هدايت جي دولت مان بهرو عطا ٿيل هو، ڏاڍي بزرگوار جو گادي نشين رهيو.

[شيخ حامد بخش]. انھيءَ ڪان پوءِ انجو پٽ سيد شيخ حامد بخش، وڏن جي بزرگيءَ سان موصوف ۽ ڏاڏي بزرگوار جي اولاد جو سرگروه ۽ گادي نشين ٿيو.

[سيد شمس الدين]. پوءِ سيد شمس الدين يقين، هدايت ۽ عرفان جي نور سان [منور ٿي] عزت جي گاديءَ تي ويٺو.

[سيد عبدالقادر ثالث]. انھيءَ ڪان پوءِ وري سيد عبدالقادر ثالث وڏن وارن، گڻن سان سينگارجي سجاده نشين ٿيو.

[شيخ زين العابدين]. [خدا جي] بندن جي سونهن ۽ اهل ارشاد جو سينگار شيخ زين العابدين، مٿين مخدوم جي اولاد مان، مرزا شاه حسن ارغون جو همعصر هو.

[شيخ ابراهيم]. خدا جو خليل شيخ ابراهيم، مٿين مخدوم جو وڏي ۾ وڏو خليفو ۽ شيخ زين العابدين جو همعصر، ڪرامتن ۾ نهايت مشهور آهي.

[شيخ ممن ۽ سندس پٽ شيخ شڪرالله]. شيخ ممن، قادري، ۽ سندس پٽ شيخ شڪرالله عرف شيخ پنيو قادري، پيڙهيءَ ۾ جناب حضرت غوث الثقلين سان ملن ٿا. سيد باقر "جواهر الاوليا" ۾ هن پيءُ ۽ پٽ متعلق عجيب روايتون لکيون آهن.

[سيد حامد گنج بخش]. هائي سيد گنج بخش ولد سيد عبدالقادر خامس، مٿين مخدوم محمد غوث جي اولاد مان، عجيب شان ۽ بزرگيءَ جي نشان سان، پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي خلافت جي گاديءَ تي ويٺل آهي.

هن مخدوم (شيخ محمد غوث) جي اولاد جي پوري احوال نامعلوم هئڻ ڪري، هنن نالن تي اڪتفا ڪئي وئي. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي امداد سان هن سلسلهءِ عاليه جي سڄي احوال کان واقفيت ٿي، ته هن ڪتاب ۾ وڌائي وينديس.

انهيءَ عرصي ۾ جيڪڏهن ڪنهن بختاور ڪي هن سعادت جي توفيق عطا ٿي، ته واهه نصيب. پيو:

[سيد جلال بخاري]. سيد جلال بخاري جنهن کي "سيد جلال سرخ" جو لقب مليل آهي، سو شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو مريد ۽ يار آهي. هو [پاڻ ۾] چار يار آهن- شيخ بهاؤالدين، شيخ فريدالدين، سيد عثمان مروندي (قلندر شهباز)، ۽ سيد جلال سرخ.

سيد جلال هڪ ڪامل ولي آهي. هو ٻن ڀائرن- سيد علي ۽ سيد جعفر- سان گڏ ملتان کان ٻکر آيو هو، جتي کيس آنحضرت محمد صلي الله عليه وسلم، سيد بدرالدين- جنهن جو بيان اڳتي ايندو- جي ڀڻ نيائين سان هڪ ٻئي ڀويان شادي ڪرڻ جو خواب ۾ حڪم ڪيو. حضور صلي الله عليه وسلم جي طرفان خواب ۾ سيد کي ٻيڻ اهڙو ارشاد ٿيو. نيٺ سيد جلال هن مائٽيءَ جو شرف حاصل ڪيو، ۽ ٿوري وقت کان پوء، پائرن جي تڪرار ۽ حسد کان مجبور ٿي اچ روانو ٿيو، جتي کيس فرزند پيدا ٿيا. سيد جلال وڏي کي چار پٽ هئا- سيد علي، سيد جعفر، سيد محمد غوث ۽ سيد احمد ڪبير. سيد احمد ڪبير کي ٻه پٽ ڄاوا: هڪ مخدوم سيد جلال جهانيان ۽ ٻيو سيد راجو قتال. ٻئي وڏن ولين ۾ شمار ٿين ٿا. مخدوم جهانيان جي ظاهري خواه باطني تربيت اگرچ سندس والد فرمائي هئي، پر تنهن هوندي به هو شيخ رڪن الدين جو مريد ٿيو هو.

ڪين مخدوم جهانيان انهيءَ ڪري چون ٿا جو عيد جي ڏينهن شيخ بهاؤالدين جي روضي تي وڃي عيد جي خرچي گهر يائون- آواز ٿيو ته "خدا تعاليٰ توکي 'مخدوم جهانيان' (سيني جهان وارن جو مخدوم) بنايو آهي، تنهنجي عيد جي خرچي اها ڪافي آهي!" شيخ صدرالدين جي روضي تي ويا ته اتان به اهوئي ٻڌڻ ۾ آين- ٻاهر نڪتا ته ڪين هر هڪ

ماٺهو "مخدوم جهانيان" سڏڻ لڳو. هن بزرگوار جون ڪرامتون ۽ خوارق ڪاٿيئي ڪان ٻاهر آهن. مڪي ۾ رهڻ واري وقت ۾ امام عبدالله يافعيءَ سان محبت ونڊيدا هئا. پنهنجي ڪتاب "خزانهء جلالي" ۾ امام عبدالله يافعي جا گهڻا ملفوظات لکيا اٿن. مڪي [شريف] کان موٽڻ وقت، رستي ۾ [١٢٠] شيخ نصيرالدين چراغ دهلويءَ کان چشتي خلافت جو خرقو ڏڪي، اچ ۾ پهتا. "تاريخ محمدي" ۾ لکيل آهي ته هن نبوي حرم شريف جي محدثن جي سردار، شيخ الاسلام، شيخ عفيف‌الدين عبدالله‌العطري کان خلافت جي ٽوپي ۽ تبرڪ جو خرقو پهريو هو، ۽ ٻه سال سندس صحبت ۾ رهي ڪتاب عوارف ۽ ٻيا سلوڪ جا ڪتاب سندن خدمت ۾ پڙهيا. [آخر ۾] شيخ عفيف‌الدين فرمايو ته توهان جي ڪنجي هلائڻ (مريد ڪرڻ] گاذرون [وڃڻ] تي موقوف آهي. گاذرون پهچڻ تي شيخ الاسلام امين الدين جي پاڻ، شيخ امام الدين کيس ٻڌايو ته "مون کي شيخ امين الدين رحلت ڪرڻ وقت وصيت ڪئي هئي ته سيد جلال الدين اچ ۽ملتان کان ملاقات جو ارادو رکيو تي آيو، پر [رستي ۾] کيس شيطان ڀرغلائي وڌو ته امين الدين گذاري ويو آهي- جنهنڪري مڪي [شريف] ڏانهن هليو ويو آهي. هو جڏهن اچي ته کيس منهنجي سلامن ڏيڻ کان پوءِ منهنجو مصلو ۽ ڪنجي سندس حوالي ڪري، کيس [مريدن ڪرڻ جي] اجازت ڏجي." اتان اها نعمت حاصل ڪري موٽي آيو ۽ اچي شيخ رڪن‌الدين کان برڪت جو خرقو حاصل ڪيائين.

سلطان محمد تغلق جي ڏينهن ۾ سيوستان ۽ ان جي آسپاس لاءِ شيخ الاسلامي جي عهدي ۽ خانقاه محمد جي سند سان سرفراز ٿيو، پر ٿوري وقت کان پوءِ اهو سڀڪجهه ڇڏي گوشي نشين ٿي ويهي رهيو. سلطان فيروز جي ڏينهن ۾ ...(١)! سنه ٧٨٥ هه ۾ گذاري ويا. سندس روضو مبارڪ اچ ۾ الله وارن جي مرجع آهي.

(١) هتي اصل متن جو پنو ڦاٽي ويو آهي.

[شيخ برهان الدين قطب العالم]. شيخ برهان الدين قطب‌العالم، مخدوم جهانيان جو فرزند ۽ جانشين آهي- جيئن گجرات جي بيان ۾ ذڪر ٿي چڪو(١).

(١) برهان‌الدين قطب‌العالم جو بيان تحفة‌الڪرام، مطبوعه بمبئي، ج ١ ص ١٦-١٧ تي هن طرح ڏنل آهي، جو ناظرين جي ضيافت طبع لاءِ هتي نقل ڪجي ٿو: سيد برهان‌الدين ابو محمد عبدالله عرف قطب عالم بن سيد ناصرالدين محمود بن سيد الاقطاب مخدوم جهانيان بخاري جن جو عالي سلسله حضرت امام عسڪريؑ جي پاٽ سيد جعفر مثني تائين پهچي ٿو، تاريخ ١٣ رجب سنه ٧٩٠ هه سومر رات دنيا ۾ قدم رکيو. پاڻ ڏهن سالن جي ڄمار جا ٿيا ته سندن والد بزرگوار جو انتقال ٿيو، جنهنڪري سندن سڳو چاچو شاه راجو قتال سندن سنڀاليندڙ ۽ مربي بڻيو، ۽ ٻن سالن ۾ کين هدايت جي مرتبي تي پهچائي فرمايائون ته "جنهن صورت ۾ گجرات جي رهاڪن جي هدايت توهان جي حوالي آهي، تنهنڪري توهان اوڏانهن وڃو." [تنهن کان پوءِ] غلاف باش، تـرار وغيره تبرڪات، جيڪي سندن ولادت کان به اڳ سندن نالي ڏنل هئا، سي سندن حواله ڪري کين رخصت ڏنائين. پاڻ پنهنجي والده سڳوري، بيبي هاجره- جنهن جو لقب بيبي سعادت خاتون هو- سان گڏ سنه ٨٠٢ ۾ اچي پٽڻ جي شهر ۾ پهتا. سيد راجو جي اشاري موجب حضرت شيخ فريد شڪر گنج جي پوٽي شيخ رڪن ■ ڪان شڪر" جي صلاح سان، انهيءَ وقت اتي رهي، ظاهري خواه باطني ڪمن ۾ مشغول ٿيا. روايت ڪن ٿا، ته سلطان مظفر، قطبن جي سردار، مخدوم جهانيان جو مريد هو- تنهن جڏهن ٻڌو ته سيد الاقطاب جو پوٽو اچي رهيو آهي، تڏهن استقبال جي رسم بجا آندائين. پاڻ انهيءَ شهر ۾ مولانا علي شير وٽان علم جي تحصيل به ڪيائون. جڏهن سلطان احمد، احمد آباد جو شهر ٻڌارايو تڏهن حضرت قطب عالم کي پٽڻ جي شهر

(ڏسو حاشي صفحو ٣٠٠)

چون ٿا تہ هڪ رات سيد برهان‌الدين تهجد لاءِ اٿيو، رات اونداهي هئي تنهنڪري سندن پير هڪ ڪاٺي تي لڳي ڦٽجي پيو، فرمايائون تہ هيءَ پٿر آهي يا لوه آهي يا ڪاٺي آهي. صبح ٿيڻ تي ماڻهن انهيءَ کي روشنائيءَ ۾ ڏٺو

ڪان احمد آباد ۾ تشريف فرمائڻ لاءِ عرض ڪيائين، جنهنڪري پاڻ اتان لڏي احمد آباد تشريف فرما ٿيا. سلطان احمد کي شعر ۾ ملڪو هو، تنهن سندن تعريف ۾ هڪ قصيدو تيار ڪري درٻاري شاعرن وانگيان سندن خدمت ۾ حاضر ٿي پڙهيو. قصيدي جو مطلع هيءُ آهي:

"قطب زمان مايان برهان بس ست مارا
برهان او هميشہ جون نامش آشڪارا"

پوري ڪرڻ ڪان پوءِ، عرض ڪيائين تہ دعا جي انعام جو اميدوار آهيان. پاڻ فرمايائون تہ توهان جي خاندان کي ڏاڏي مخدوم جهانيان دعا ڪئي آهي. سلطان عرض ڪيو تہ پاڻ اسان جي ڏاڏي سلطان مظفر جي اولاد کي بادشاهيءَ جي دعا ڪئي اٿن، توهان شهر جي آبادي لاءِ دعا فرمايو. چون ٿا تہ بادشاه جي عرض ڪرڻ ڪان پوءِ، حضرت قطب جي زبان مان هيءُ لفظ نڪتا تہ "احمد آباد ابدالا باد انشاءالله الرؤف بالعباد" (جيڪڏهن ٻانهن تي ٻاجهہ ڪرڻ واري الله چاهيو تہ احمد آباد سدائين قائم رهندي). پاڻ پراڻي اساول ۾ سابرمتيءَ جي ڪناري تي سڪونت اختيار ڪيائون. اتي هڪڙي مسجد بہ تيار ٿي. نورآباد ۾ سندن سڪونت جون نشانيون اڃا تائين ظاهر آهن. ٿوري وقت ڪان پوءِ "ٻٽوه" ۾ وڃي رهيا. اهـا جاءِ سندن خرچ لاءِ بادشاه مقرر ڪئي هئي.

سندن ڪرامتون هن ملڪ جي عام خاص ماڻهن ۾ مشهور آهن. انهن مان هڪ "لوهہ لڪڙ پٿر" جو قصو بہ آهـي. هڪ ڪنڌ ٻاري ڪاٺي گهر جي اڱڻ ۾ پيئي هئي. هڪ رات جيئن تهجد جي نماز ادا

(ڏسو حاشي صفحو ٣٠١)

تہ [جٺن] زبان مبارڪ مان نڪتو هو، انهيءَ ڪاٺيءَ جو، ٽڪرو پٿر، ٽڪرو لوهہ ۽ هڪ ٽڪرو ڪاٺيءَ جي اصلوڪي صورت ۾ هو. دارا شڪوه "سفينہ الاوليا" ۾ لکيو آهي تہ اڄ بہ (جو سال ١٠٤٩هہ آهي) اها ڪاٺي مٿين ٽنهي حالتن ۾ احمدآباد

ڪرڻ لاءِ آيا، تہ اتفاقاً سندن پير وڃي انهيءَ ڪاٺيءَ تي لڳو ۽ ٽنجي خون آلود ٿي پيو. سندن زبان مبارڪ مان هيءَ لفظ نڪتا: "ڪيا لوها هے کہ لکڑی هے کہ پتهر هے؟" (ڇا هي لوهہ آهي يا ڪاٺي آهي يا پٿر آهي) ڏينهن ٽيڻ تي ڏٺو ويو تہ انهي ڪاٺيءَ ۾ ٽيئي صفتون موجود هيون. واقف ٿيڻ کان پوءِ هڪ خادم کي، اها هڪ ڪنڊ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ فرمايائون. هيءَ بہ فرمايائون تہ جيڪو من کي ٻاهر ڪڍندو تنهن کي اولاد ڪونہ ٿيندو. ڪجهہ مدت تائين ائين رهي، پر حضرت جي وفات کان پوءِ، مريدن مان هڪ شخص چيو تہ مون کي بي اولادي هجڻ قبول آهي. ائين چئي ڪٺي اها ٻاهر ڪڍيائين ۽ ماڻهو انهيءَ جي زيارت کان مشرف ٿيا. اڄ تائين بہ انهيءَ جو اڌ باقي آهي، پيو اڌ حضرت عرش آشياني (شايد عالمگير) ڪپرائي دارالخلافت ڏانهن ڪٺائي ويا.

زندگي جا اٺهٺ سال، چار مهينا ۽ چوويهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ٨ ذوالحج سنہ ٨٥٠ ۾ هميشہ واري جهان ڏانهن لاڏائو ڪيائون. ڪنهن عالم سندن تاريخ "مطلع يوم الترويۃ" مان ڪڍي آهي. سندن آرامگاه ٻتوه جي ديهہ ۾ قبي، درگاه ۽ مضبوط مسجد سميت اڄ تائين انهيءَ ملڪ جي رهاڪن لاءِ زيارتگاه آهي.

حويلي پرڳڻي جي مٿين ديهہ ۽ ديهہ ٻالري ۽ ديهہ سيخري حضرت سجاده نشين ۽ صاحبزادن ۽ عرسن جي خرچ لاءِ ۽ حويلي پرڳڻي جي ديهہ ڪمورقطبي سيدن جي مدد معاش لاءِ اڳئين فرمان موجب مقرر ٿيل آهن.

(ڏسو حاشي صفحو ٣٠٢)

گجرات ۾ سندن اولاد وٽ موجود آهي. سندن وفات سنه ٨٥٦ھ [۾ ٿي]. سندن عمر جو عرصو ٦٨ سال [هو]. سندن قبر احمد آباد گجرات جي پسگردائيءَ ۾ بٽوه جي ڳوٺ ۾ آهي.

[سلطان محمود ناصرالدين]. سلطان محمود ناصرالدين ولد مخدوم جهانيان ڏاڏي هدايت ۽ مريدن جي مشڪلات پوريءَ طرح حل ڪرڻ ۾ زندگي گذاري.

حضرت قطب ڪي ٻارهن پٽ ۽ سترهن نياڻيون هيون.

مير قانع جي پنهي بيانن ۾ هيٺين ڳالهين ۾ اختلاف آهي: هڪ ته هتي سيد برهان الدين ڪي مخدوم جهانيان جو فرزند سڏيو ويو آهي ۽ جلد ٻهرئين ۾ ڏنل بيان ۾ - جيڪو اسان حاشيه تي نقل ڪيو آهي - سيد برهان الدين ڪي سيد ناصرالدين محمود جو پٽ ۽ مخدوم جهانيان جو پوٽو لکي ٿو. ٻيو ته ٻهرئين جلد ۾ سيد راجو قتال ڪي سيد برهان الدين جو سڳو چاچو سڏي ٿو. حالانڪ هتي سيد راجو قتال ڪي مخدوم جهانيان جو ڀاءُ لکي رهيو آهي، جو ٻهرئين جلد ۾ ڏنل سيد برهان الدين جي نسب جي آڌار تي سندس پيءُ جو چاچو ٿئي ٿو، نه سندس سڳو چاچو. البت جيڪڏهين سيد برهان الدين ڪسي مخدوم جهانيان جو فرزند تسليم ڪبو ته پوءِ سيد راجو قتال سندس سڳو چاچو ٿيندو. بهرحال ڳالهه هيءَ آهي ته خود مير قانع کي هن خاندان جي سلسلهٔ نسب جي پوري خبر ڪانهي، تنهنڪري ويچارو اڻڙي رهيو آهي، ڪڏهن ڪئن ٿو لکي ۽ ڪڏهن ڪئن. ميـر قانع هتي توڙي ٻهرئين جلد ۾ سيد برهان الدين جي وفات سنه ٨٥٠ ۾ لکي ٿو پر وري جلد ٢، صفحي ٣٠ تي سندس وفات سنه ٨٥٦ ۾ لکي ٿو. ٽ ٻهرئين ۾ چوي ٿو ته سندس سنڀال ۽ تربيت سيد راجو قتال ڪئي، ته جلد ٻئي، (صفحي ٣٠) ٿو لکي ته „ هو پنهنجي پيءُ جو مريد ۽ خليفو آهي“ - والله اعلم بالصواب.

[سيد فيض الله]. سيد فيض الله ولد سلطان محمود ناصرالدين رڳو فيض الاهيءَ ۽ سلوڪ جي واقفيت ۾ محو هو.

[سيد اسماعيل]. مٿئين سيد فيض الله جو پٽ سيد اسماعيل وڏن جي رستي جو چڱيءَ طرح واقف هو.

[سيد راجو] سيد راجو ولد سيد اسماعيل هدايت جي رستي جو سالڪ ٿي گذريو آهي.

[سيد ابراهيم] سيد ابراهيم ولد سيد راجو الله جي رستي جو خليل پيدا ٿيو.

[سيد قطب الدين]. سيد ابراهيم جو فرزند سيد قطب الدين هدايت ۽ ارشاد جي آسمان جو قطب هو.

[سيد فضل الله]. سيد فضل الله ولد سيد قطب الدين نسورو فضل خدا هو.

[سيد عثمان]. سيد عثمان ولد سيد داؤد بن سيد شڪرالله بن سيد حاجي حميد بن سيد راجو بن سيد نظام الدين بن سيد ابراهيم بن سيد راجو بن سيد اسماعيل بن سيد فيض الله بن سيد محمود ناصرالدين بن سيد جلال جهانيان، معرفت وارن جي لسٽ ۾ داخل ۽ وڏيءَ هدايت وارو آهي.

[سيد باقر بن سيد عثمان]. مٿئين سيد عثمان جو فرزند سيد باقر، شيخ پنيو قادري ـ جنهن جو بيان ٿي آيو ـ جي گهراڻي مان رسالي "باقر الانوار" جو مصنف آهي. پڻ انهيءَ اچ جي شهر ۾ اعتڪاف ۾ ويٺي، حضرت رسول الله ڪان ٻڌو هو ته "يا ولدي من قراءَ اللهم انک تعلم ذنو بنا الخ بعد کل صلواة احد عشر مرة قضي الله تعاليٰ له کل حاجة من الدنيا والا خرة" (اي منهنجا فرزند جيڪو به هرهڪ نماز کان پوءِ يارهن دفعا اللهم انک تعلم ذنو بنا الخ پڙهندو ته الله تعاليٰ هن جي

دنيا خواه آخرت جي سيڪا ضرورت پوري ڪندو)- ۽ جيڪي مصطفي [صلي الله عليه وسلم] جي حضور مان پڙائين سو ٢٥ رمضان سنه ١٠٧٠ ﻫ "جواهر الاولياء" ۾ لکيائين.

[سيد محمد مراد ۽ سيد ورايو]. سيد باقر جا پائر سيد مراد ۽ سيد ورايو، مٿئين سيد عثمان جا پٽ، چڱي حالت جا صاحب ٿي گذريا آهن.

[سيد جلال]. سيد جلال، لقب "جليل الله"، بن سيد داؤد بخاري- سيد باقر، سيد مراد ۽ سيد ورائي جو چاچو، پنهنجي ڏاڏي سان همنام هجڻ جي برڪت سان حال ۽ قال جو صاحب ٿي گذريو آهي.

[شيخ ابو طالب]. شيخ ابوطالب هن جو مريد آهي، جنهن معرفت منجهان وڏو حصو هٿ ڪيو هو [١٢١].

[سيد نو بهار شاه]. مخدوم جهانيان جي اولاد مان ڏاڏي بزرگوار جو گادي نشين [هو] ۽ ڏاڏي هدايت ۽ امتياز سان گذاري ويو.

[سيد نو ناصرالدين]. هائي سيد نو ناصرالدين انهيءَ محفل جي شمع، نيڪ وڏن جو جانشين ۽ مريدن جي مرجع آهي، جو امتياز سان زندگي گذاري رهيو آهي.

[سيد راجو قتال]. سيد راجو قتال بن سيد احمد ڪبير بن سيد جلال وڏو بخاري عجيب و غريب حال ۽ ڪمال جو مالڪ هو. هن جي شان ۾ جيڪي به لکيو وڃي سو ٿورو آهي. هن جي صحبت مان ڪيترائي طالبِ فيض جا صاحب ٿيا. جن مان هڪ سنڌ جو بلوچ "عارف" آهي- جو جهڙو نالو عارف اٿس اهڙو ئي عارف آهي. قاضي نوراالله شوستري "مجالس المومنين" ۾ هن ڪي حال جي صاحبن جي لسٽ ۾ لکيو آهي. مير عبدالرشيد پنهنجي منتخب ۾ هن جو شعر "ڳي" بمعني ابلق جانور لاءِ شاهد طور آندو آهي.

[سيد راجو]. سيد راجو بن سيد حامد الحسين البخاري هڪ فاضل، عالي همت ۽ ڪرامت جو صاحب سيد هو. جيئن مٿي بيان ٿي آيو، سندس وڏا بخارا کان هندستان آيا هئا. هن بلوچن جي هڪ جماعت کي مريد بنايو هو. ڪنهن وقت همايون بادشاه کي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. بادشاه کي خبر پئي ته سيد جي استقبال جو پڪو اراد و ڪيائين، [پر] سيد جي پهچڻ تي مخدوم الملڪ ملا عبدالله لاهوريءَ بادشاه کي چيو ته "[هي] سيد رافضي بدعتي آهي، هن جو استقبال دين جي بيعزتي آهي!" [مطلب ته] ايترو چيائين جو بادشاه پنهنجي سر استقبال ڪرڻ جو ارادو ڇڏي، پنهنجي پاران شهزادي جلال الدين اڪبر کي بيرم خان سان گڏي استقبال واسطي موڪليو، ۽ پاڻ معافي گهريائين. تقديراً انهيءَ ڏينهن لاهور جي حاڪم مير حاجي سيستاني، ملا عبدالله کي قيد ڪيو. عبدالله پنهنجي حق ۾ آزاديءَ جي دعا گهرڻ لاءِ سلطان پور ۾ رهندڙ شيخ عزيزالله عباسي ملتانيءَ ڏانهن لکيو ۽ شيخ دعا خواهيءَ ۾ لڳي ويو. رات جو سرور ڪائنات کي خواب ۾ ڏٺائين ته سيد راجو گوڏي شريف تي ويٺو آهي. شيخ عرض ڪيو ته "ملا [عبدالله] حضور جو مداحي آهي، سندس آزادي ڏانهن توجهه فرمايو". آنحضرت صلي الله عليه وسلم سيد ڏانهن ڏسي فرمايو ته "منهنجو پٽ ملا جي هٿان رت جا ڳوڙها ڳاڙهي رهيو آهي". شيخ، ملا ڏانهن حقيقت لکي موڪلي، جنهن تي هن توبهه استغفار ڪري سيد کي راضي ڪيو.

[شيخ جمن]. شيخ جمن بن سيد زين العابدين بن سيد راجو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي آيو، پنهنجي وقت جو وڏو فاضل هو. قاضي نورالله شوستريءَ جي سائس خط و ڪتابت هوندي هئي. قاضيءَ جا ڪجهه سوال سيد جي جوابن سميت قاضيءَ جي ڪتاب مجالس المؤمنين ۾ لکيل آهن.

مخفي نہ رهي تہ هتي بيان ٿيل سيد راجو ۽ مٿي بيان ٿيل سيد راجو جي وچ ۾ تمام گهڻي عرصي جي دوري آهي. هيءَ سيد راجو، شايد مٿئين سيد راجو جي اولاد مان آهي- والله اعلم بالصواب.

[سيد علي اڪبر]. سيد راجو قتال جي اولاد مان سيد علي اڪبر بن سيد حامد قتال، "فوائدالبخاري" جو مصنف ۽ "جواهرالاوليا" جي راوين مان هڪڙو آهي.

[شاه عيسيٰ عبدالوهاب]. مخدوم جهانيان جي اولاد مان [آهي]. اچ ۾ سندس تربت الله وارن جي زيارتگاه آهي.

[سيد شاه چراغ] مٿئين شاه عيسيٰ جو سجاده نشين سيد شاه چراغ، مياں نورمحمّد [ڪلهوڙي] جو همعصر هو. هو دائود پوٽن کي ڇڏائڻ لاءِ آيو هو ۽ وڏو مان پاتو هئائين. نهايت وڏيءَ بزرگيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو آهي.

[سيد اسماعيل بخاري]. سيد اسماعيل بخاري اچ جو رهاڪو هو. "جواهرالاوليا" جي مصنف مير محمد باقر هن کان روايتون ڪيون آهن. هو انهن ماڻهن مان آهي جن کي مٿئين مير (باقر) پيغمبر عليه الصلواة والسلام جي حضور ۾ ڏٺو [هو]. مير عبدالرزاق جو والد ۽ سيد عبداللطيف سيوستاني (جيڪو راقم الحروف جي ناني سيد عبداللطيف عرف سيد مهتو جو ڏاڏو ٿئي، ۽ [سندس ذڪر] پنهنجي جاءِ تي ٿيندو) جو ڏاڏو [آهي].

ڪتاب ۾ هن خاندان جي سجاده نشين بزرگن جو بيان ترتيب وار ڪرڻ جو ارادو هو، پر هن وقت جيترو ٿورو گهڻو ميسر ٿي سگهيو اوترو بنا ترتيب جي داخل ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ و تقدس جي بي انتها احسان ۾ اميد آهي تہ اها تمنا حاصل ٿيندي، يا ٻيو ڪو توفيق جو صاحب هن سهڻي بيان جي سلسلي جي تحقيق ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو.

[شيخ يحيل اچي]. شيخ يحيل اچي ڪرامت ۽ تقوي جو صاحب، مخدوم جهانيان جو جانشين، نهايت بزرگيءَ ۽ ڪمال ارشاد جي حالت ۾ زندگي گذاري ويو.

[شيخ فياضي]. ڪمال جو صاحب، فيض وارو ۽ مخدوم جهانيان جي نور مان فيض پرائيندڙ مريد ۽ باڪمال طالبن مان هو.

[شيخ فضل الله]. شيخ فضل الله بن ضياءُ الدين عباسي مخدوم جهانيان جو مريد، معرفت ۽ يقين جي لست ۾ داخل هو.

[شيخ حماد قريشي]. مخدوم جهانيان جو مريد ۽ ارشاد ۽ يقين جي صاحبن وٽ مشهور هو.

[شيخ جمال]. شيخ جمال درويش آچي مخدوم جهانيان سيد جلال جو مريد ۽ حال ۽ قال جو صاحب هو.

[شيخ اسماعيل، قاضي ابو الخير ۽ قاضي عبدالرحمان].

شيخ اسماعيل حالي، قاضي ابوالخير ۽ قاضي عبدالرحمان اچ جا بزرگ ۽ مرزا شاه حسن جا همعصر هئا. جيئن ته انهن ئي مٿي ذڪر ڪيلن شيخ زين العابدين ۽ شيخ ابراهيم سلن گڏجي سفارش ڪئي، جنهن تي مرزا اچ جي [ماڻهن ڪي] قتل ڪان معافي ڏني.

[شيخ شجاع بخاري]. شيخ شجاع بخاري ملتان جي حاڪم حسين لانگاه جو نائي هو.

[ميان سچڻ صديقي]. ميان سچڻ صديقي پرهيزگار ۽ متقي عارفن جي جماعت ۾ داخل آهي. فرزند سند س [١٣٢] مخدوم بهاؤالدين فضيلت ۾ مشهور ۽ علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجي وقت ۾ معروف هو. هو پنهنجي پراڻي وطن اچ ۾ گذاري ويو.

سندس پٽ محمد عثمان جو ذڪر لئي جي بيان ۾ ايندو.

[سيد نصيرالدين قادري]. سيد نصيرالدين قادري سيد عثمان بن سيد ڏاؤد (جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو) جو مريد آهي. ڏاڍو صالح، پرهيزگار ۽ الله وارن جي سلسلي ۾ داخل هو.

[شيخ جمال]. اُچ جو رهاڪو شيخ جمال ڪورڪي ڏنڌي مان گذري، حقيقت جي ڪارخاني جو مالڪ هو.

[شيخ محمد بن بايزيد]. شيخ محمد بن بايزيد، ساڪن اچ، پڻ اتي جي مشهور ماڻهن مان آهي.

[محمد علي بن شيخ عبدالواسع]. محمد علي بن شيخ عبدالواسع صوفي پڻ هڪ باڪمال انسان هو. اچ جي بخاري سيدن جو شجرو سندس نظم ڪيل آهي.

[ڏيرو غازي خان]

ديره غازي خان هڪ آباد ملڪ آهي. منجهس اٽڪل هڪ لک ۲۰ هزار ڪوهه آهن. جن تي آبادي ٿيندي آهي. هميشه عظيم الشان خانن جي هجڻ ڪري ملڪين مشهور رهيو آهي. اِج ڪالهه دوباره ميان غلام شاه جي حوالي ٿيو آهي، [پر] ڪن سببن جي بنا تي شاهي دربار مان ميان محمد نوازخان جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي. [هيٺيان ماڻهو] اتي جي ناليرن ولين مان آهن:

[پير منبہ]. پير منبہ پنهنجي وقت ۾ الله وارن جي پوري پوري مرجع هو.

[شيخ فريد]. شيخ فريد پنهنجي وقت جو يگانو ۽ تجريد ۽ تفريد جي صاحبن ۾ ممتاز هو.

انهن ٻنهي بزرگن جي مزار نيڪن جي زيارت گاه آهي.

[مئو]

مئو جو قلعو هڪ ناليرو قلعو. انهن قلعن مان آهي، جن کي مٿي ڪرائڻ واسطي رائي ساهسي بن سيهرس، رعيت کي

ڏل جي عوض مٿيءَ سان پرڻ جو حڪم ڪيو هو. [هيٺيان ماڻهو] اتي جي بزرگن مان آهن:

[شيخ روح الله]. شيخ روح الله ولد قطب‌المحققين، شيخ بزرگ، حماد قريشي، مخدوم جهانيان جو مريد (جنهن جو بيان مٿي گذري آيو) وڏو ولي، خدائي رستي جي چاڻن جو اڳواڻ آهي. سندس مزار مٺين قلعي ۾ خلق الله جو زيارتگاه آهي.

[ماٿيلو]

ماٿيلو مٿي ذڪر ٿيل ڇهن قلعن مان آهي.

[سلطان نول غوري]. سلطان نول غوري جي درگاه، جيڪا الله وارن جي زيارتگاه ۽ خدا ترسن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ آهي، انهيءَ (ماٿيلي) ۾ آهي. اتي جي رهاڪن مان [سيد شجاع بخاري] وڏنڊ زندگي ۽ شاندار حالت جو مالڪ آهي.

[سبتپور]

ناهرن جو ملڪ آهي. اتي جي ماڻهن مان سيد خواجه ڪلان، مسڪين مودودي، مولانا عبدالله مفتي، مير يارمحمد صدر سان ملاقات ٿي- هر هڪ وقت جو بزرگ ۽ فضيلت ۽ چڱي حالت جو مالڪ آهي. هو خان ناهر جا همعصر هئا. جڏهين بکر جي حاڪم سلطان محمود خان مٿين خان کي سوڙهو ڪيو تڏهين اهي ٿي سندس سفارش جو ذريعو ٿيا هئا.

[شيخ بايزيد، شيخ حمزو ۽ سيد داؤد]. تنهن کان سواءِ شيخ بايزيد، شيخ حمزه ۽ سيد داؤد بخاري آهن. مير باقر "جواهرالاوليا" ۾ انهن کان روايتون آنديون آهن.

[مولانا يارمحمد]. مولانا يارمحمد عرف 'ياري' پڻ اتي آراميل آهي.

[سيد راجن شاه بخاري]. سيد راجن شاه بخاري سيد جلال عليه الرحمة جي اولاد مان آهي. سندس درگاه نيڪن جي زيارتگاه آهي.

[سيد سلطان شاه ۽ راجن شاه]. مٿئين راجن شاه جي اولاد مان سيد سلطان شاه عرف سلطان علي ۽ راجن شاه انهيءَ سر زمين تي نهايت بزرگيءَ ۽ امتياز مان گذري ويا آهن - اڪثر زمين سندن موروثي ملڪيت آهي.

[سيد امام الدين]. هاڻي سندن پوٽو سيد امام الدين جانشين [١٣٢] آهي.

[سيد خيرشاه]. سيد خيرشاه، حشمت ۽ عزت جو صاحب، باقي آهي.

[باب چوڏهون]

[بکر جو شهر ۽ بکر پرڳڻي جا ڳوٺ ۽ اتي جا رهاڪو]

سندس پراڻو نالو "فرشته" آهي. هندو راجائن جي ڏينهن ۾ هي شهر موجود ڪونه هو. اروڙ جي ويران ٿيڻ کان پوءِ اتي جا رهاڪو ايڏانهن (بکر ڏانهن) ۽ ٻين جاين ڏانهن لڏي ويا. نيٺ بکر جو ڳوٺ اروڙ بڄجي پيو.

[نالي جو سبب]. چون ٿا ته جڏهن سيد محمد مڪي بکره (باک ڦٽڻ) جي وقت اتي داخل ٿيو تڏهن چيائين: "جعل الله بکرتي في البتعة المبارکة" (۱) - 'الله تعاليٰ منهنجو صبح مبارڪ جاءِ ۾ ڪرايو آهي'، تنهن کان پوءِ ماڻهن جي زبان تي انهيءَ جڳهه جو نالو "بُکره" چڙهي ويو، جو آهستي آهستي بدلجي "بکر" ٿي پيو. ڪن جو چوڻ آهي ته مٿئين سيد کان نوڪرن پڇيو ته "منزل ڪٿي ڪئي ويندي؟" فرمايائين ته "جتي باک ڦٽڻ وقت بقر (ڍڳي) جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو". وقت گذرڻ تي لهجي بدلجڻ ڪري انهيءَ (بقر) مان "بکر" ٿي پيو. بهرحال اهو پراڻو شهر آهي ۽ روهڙي ۽ سکر انهيءَ کان نوان آهن. هيءَ مبارڪ سرزمين يقين وارن جي ملجا ۽ عارفن جو سرچشمو آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ ننڍي ۽ بکر جهڙي صفائي ۽ نزاڪت واري ۽ مردم خيز زمين پيدا ڪانه ٿي

---

(۱) اصل ۾ "في بقعتہ المبارکه" آهي، جو گرامر جي لحاظ کان غلط آهي.

آهي. اڳين ڏينهن ۾ ٻيرلوءِ جو چارباغ - جنهن کي سلطان محمود خان، همايون بادشاه جي منزل ڪرڻ کان ڪجهه وقت پوءِ، بيرم خان جي اچڻ جي خبر ٻڌي، پٽارائي ڇڏيو - دنيا جي هڪ نادر چيز هئي، جلال الدين محمد اڪبر بادشاه هڪ وڏي رقم حرمين شريفين ڏانهن نذر موڪلي هئي، جا اتفاقاً واپس موٽي آئي، جنهن مان مير معصوم بادشاه جي حڪم موجب، اتي خوبصورت جايون ۽ مشهور يادگار منارو تيار ڪرايو. اتي جي قلعي کي شاه بيگ ارغون جي سرڻ مان ٺهرائي، قلعي ۾ اندر رهندڙ سيدن کي ٻاهر روهڙيءَ ۾ رهايو. پوءِ نادرشاه بادشاه اهو قلعو ويران ڪري ڇڏيو. اهو (بکر) تفريح گاهن ۽ دل وٺندڙ باغن سان سينگاريل آهي. ۽ سڀوري آثار، يعني وار مبارڪ - جو صحيح روايتن موجب انهن اڏائن وارن مان آهي، جيڪي آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان مومنن جي زيارت لاءِ يادگار رهجي ويا آهن - جي وجود جي برڪت سان، خاص عزت لڏي اٿس. اتي جا اڪثر ماڻهو ٺٺي جي ماڻهن وانگيان سير ۽ صفائي پسند ڪندڙ، نازڪ مزاج ۽ لياقت جي ڪُولا ۾ مشهور آهن. گرميءَ جي ڏينهن ۾ - جا پاڻيءَ جي چڙهڻ ۽ ميون پچڻ جي موسم آهي - ننڍا توڙي وڏا، سردار توڙي نوڪر، زالون خواه مرد، باغن ۾ خلوتن ۽ محفلن ۾ ڏينهن گذاريندا آهن: مطلب ته جاءِ ڏسڻ وٽان، ۽ هن جي سرسبز باغ جو گل سنگهڻ جي لائق آهي. انهيءَ ۾ گهڻئي ولين جون مزارون آهن.

[سيد علاؤالدين]. سيد علاؤالدين بن سيد شهاب الدين بن سيد موسيٰ بن سيد علاؤالدين بن سيد محمد مڪي پنهنجي وقت جو بزرگ هو. سيد فيض الله ولد سلطان ناصرالدين محمود بن سيد جلال جهانيان سندس حقيقي ڏهٽو هو. سيد محمود بن سيد فخرالدين بن سيد علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني بن

سيد قاسم، جو سيد محمد مڪيءَ جو چاچو هو، [اهو] قاسم بن سيد ابوالمڪارم زيد بن سيد حمزه بن سيد جعفر بن سيد حمزه بن سيد هارون بن سيد عقيل بن ابي عقيل بن اسماعيل بن جعفر ثاني بن علي زڪي بن محمد تقي (شال مٿس تعريفون ۽ سلام نازل هجن)، جو فرزند آهي. سيد نظام الدين ولد سيد فضل الله بن سيد قطب الدين بن سيد ابراهيم بن سيد راجو بن سيد اسماعيل بن سيد فيض الله، جيڪو مخدوم جلال جهانيان جو پوٽو هو، اهو (سيد نظام الدين) سيد محمود مٿئين جو حقيقي ڏهٽو آهي. هن جي تعريف جي قلم کي طاقت نه آهي. سيد مبارڪ خان بن سيد بايزيد بن سيد محمود بن سيد فخرالدين بن سيد علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني بن سيد قاسم، سيد محمد مڪي جو چاچو، پنهنجي وقت ۾ نالير و ۽ مراد مند ٿي گذريو آهي. سيد حاجي حميد نظام الدين ولد سيد راجو، مٿئين ذڪر ٿيل سيد نظام الدين بخاريءَ جو نانو هو.

[سيد محمد مڪي]. سلطان العارفين سيد محمد شجاع جو فرزند رشيد سيد محمد مڪي آهي. سيد محمد شجاع مشهد مقدس ۾ رهندو هو، اتان حرمين شريفين جي زيارت تي آيو. سير ڪندي مرشدن جي مرشد شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿي، فائدو پرائي، فرزنديءَ جو تعلق حاصل ڪيائين (شيخ جو نائي بڻيو). شيخ جي معصوم نياڻيءَ مان سيد محمد مڪي مڪي (شريف) ۾ پيدا ٿيو. هن بزرگوار مشهد ۾ موٽي وڃڻ کان پوءِ جلد ئي فاني جهان کان موڪلايو. ڪيس امام علي موسيٰ رضا جي قبي ۾ جاءِ ملي. سيد محمد مڪي فرشتہ يعني بکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪري گذاري ويو. سندس مزار خاص بادشاهي قلعي ۾ [١٢٤] آهي. بکر جي سيدن جي سرداري ڏانهس منسوب هئي. هو پهريون سيد آهي، جو اتي آيو. سندس اولاد مان ڪيئي بزرگوار پيدا ٿيا آهن.

[سيد حيدر حقاني (١)]. سيد حيدر، لقب "حقاني"- سندس درگاه شهر ۾ اندر آئي وڻي لاءِ اجابت جي جاءِ آهي. سندس اولاد اڳتي بيان ٿيندو.

[مير ميران رضوي]. مير ميران رضوي روشن ڪرامتن جو صاحب، روهڙيءَ جي وچ ۾ آرامي آهي. سندس پوٽا اڳتي بيان ٿيندا.

[سعيد خان]. سعيد خان، لقب "فرڪائي"(٢)، اصل مغل- شهر ۾ اندر سندس تربت ضرورتمندن جي زيارتگاه آهي. سندس اولاد گهڻو ٿيو پر هاڻي ڪو ڪونه رهيو آهي.

شاه حاجي درياني. چون ٿا ته اڳئين زماني ۾ هڪڙي نابين قلندر، مڇيءَ جي شڪار لاءِ دريا ۾ ڪنڍي اڇلائي هئي؛ ٻاهر ڪڍيائين ته اها هڪ صندوق ۾ چنبڙيل ڏٺائين. انهيءَ کي هٿ لڳائڻ سان هو اکين وارو ٿي پيو، هن ۾ هڪ بزرگ جو لاش ڏسڻ ۾ آيس. خواب ۾ معلوم ٿيس ته هن جو نالو شاه حاجي آهي ۽ عرب کان پنهنجي مرشد شاه بهاؤالدين جي پاڙي ۾ آرامي ٿيڻ لاءِ، الله جي قدرت سان، اتي پهتو آهي. هاڻي ٻئي قبرون دريا جي ڪناري تي، هڪ ٻئي جي ڀرسان، ضرورتمندن لاءِ قبوليت جي جاءِ آهن.

(١) سيد حيدر حقانيءَ جي مزار ۽ قبو روهڙيءَ ۾ حيدرشاه حقانيءَ جي نالي سان مشهور آهي. تعجب آهي ته مير قانع هن کي بکر جي بزرگن ۾ ڪيئن ڳڻيو آهي! پر اڳتي هلي معلوم ٿو ٿئي ته جنهن صورت ۾ اهي سڀ پيارا بکر جي پيدائش آهن- پوءِ ڪي روهڙيءَ ۾ وڃي رهيا، اتي وفات ڪيائون ۽ دفن ٿيا- تنهنڪري پيدائش جي لحاظ کان کين بکري شمار ڪري، بکر ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٢) نسخه "ن": "ڀهڪرائي" (ٻڪرائي).

[شاه مقصود]. [نالو] شاه مقصود، لقب "موجود"، امرڪس واهه جي پرينءَ پر جبل تي آراميل آهي، سيڪنهن آچر ڏينهن اتي خلق جو مجمع، ۽ هر سال جي چوڏهينءَ تي هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي. چون ٿا ته انهيءَ رات ميلي ۾ غيبي بازاريون تيار ٿينديون آهن. هڪ شخص پنهنجي ترار ڪنهن دڪان تي گهڻ رکي هئي، صبح جو ڳوليائين، پر هٿ نه آيس. آخر حقيقت ڪان واقف ٿي، سال جي ختم ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ ٻئي [سال جي] چوڏهينءَ تي اهو دوڪان لڌي، پنهنجي ترار واپس ورتائين.

[حاجي غيب]. سندس پياءَ حاجي غيب [پڻ] اتي آراميل آهي.

[صالح شامي ۽ ڀٽ پير خيرالدين]. پيو صالح شامي ۽ ڀٽ پير خيرالدين عرف خيرو آهي. انهن مان هرهڪ جي زيارت مان حاجتمند بيحد فائدو پرائين ٿا.

[شيخ نوح ٻڪري]. مرشدن جو مرشد شيخ نوح ٻڪري، سنڌ جو هڪ وڏو ولي ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو ڪامل مريد آهي، هو فرشته يعني پراڻي ٻڪر ۾ رهندو هو. نقل آهي ته جڏهن غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني، شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي خدمت ۾ مريد ٿي، ملتان ڏانهن [وڃڻ جي] موڪل ورتي، تڏهن شيخ ڪيس فرمايو ته اسان جي مريدن مان هڪ هدايت وارو مريد سنڌ جي فرشته شهر ۾ آهي، انهيءَ کي ضرور ڏسڻو اٿيئي. چاڪاڻ ته هن ڏيو، وٽ ۾ تيل پنهنجو آندو هو، صرف چواتيءَ جي ضرورت هيس. اتفاقاً شيخ بهاؤالدين زڪريا جي فرشته ۾ پهچڻ کان اڳ، شيخ نوح، حياتيءَ جي ٻيڙي اجل جي طوفان مان جنت جي جوديءَ ڏانهن ڪڍي ويو هو (وفات ڪري ويو هو).

[سيد بدرالدين]. سيد بدرالدين عرف سيد بدر بن سيد صدرالدين خطيب ـ اعتماد جوڳين متواتر روايتن سان سندس پيڙهي امام علي نقيءَ سان ملي ٿي. هو ذات جي بزرگي ۽ سهڻين صفتن سان موصوف هو. يقين، معرفت ۽ ديني حقيقتن ۾ پنهنجي ڏينهن ۾ ممتاز رهي چڪو آهي. سندس اولاد خاندان جي سرداريءَ ۽ نسب جي بزرگيءَ ۾ روهڙيءَ ۾ مشهور آهي [١٢٥]. جنهن مٿي بيان ٿي آيو، هن حضرت رسالت مآب صلي الله عليه وسلم جي ارشاد موجب، پنهنجي نياڻي سيد جلال بخاري وڏي - جنهن کي "جلال سرخ" جي لقب سان ياد ڪندا هئا ـ کي ڏني هئي.

[مير ابوالغيث]. هڪ بکر جو مکيه ماڻهو ۽ دينداري ۽ پرهيزگاريءَ جي صفت سان موصوف هو. جڏهن امير تيمور جي پوٽي مرزا پيرمحمد جا ماڻهو بکر وٺڻ لاءِ آيا، تڏهن هو پنهنجي ڏاڏي عليه السلام جي حضور ۾ آبرو جي التجا ڪري، مرزا جي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. انهيءَ رات مرزا کي حضور اڪرم عليه الصلواة والسلام جي دربار مان، خواب ۾، سندس اولاد سان عزت ۽ احترام جي روش اختيار ڪرڻ جو حڪم ٿيو. نائين ڏينهن ڪان پوءِ، جڏهن مير مذڪور مرزا جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن هن جي ڏسڻ سان، تواضع خاطر، اٿي بيهي رهيو، ۽ شفقت سان ياڪر ۾ ورتي، ڏاڍي مهرباني فرمائي پنهنجي پاسي ۾ وهاري، خواب جو احوال بيان ڪيائين. موڪلائڻ وقت اروڙ جو پرڳڻو انعام ڏنائينس.

[مير ابوالبقا]. مير ابوالبقا، بکر جو هڪ نهايت سگهورو سيد، فقيريءَ ۽ خاص حالت جو مالڪ هو. همايون بادشاه جڏهن مٿي بيان ڪيل فساد سببان هتي آيو هو، تڏهن سيد جي زيارت لاءِ سندس گهر تشريف فرما ٿي، [سائنس] بزرگانه صحبت ڪئي هئائين. بکر جي چوڪيدارن کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن

رستي ويندي تير وسائي، [ڪيس] شهيد ڪيائون. همايون بادشاه کي هن جي فوت ٿيڻ ڪري ڏاڍو ڏک ٿيو.

[شاه قطب الدين محمد]. شاه قطب الدين محمد بن شاه محمود بن شاه طيب، خراسان جو هڪ نهايت جليل القدر ۽ بزرگ سيد هو. ترڪماني فساد کان پوءِ اچي بکر ۾ رهيو هو. جمع ڏينهن [عام] خلق کي وعظ سان محظوظ فرمائيندو هو. تمام متقي ۽ شريعت جو پابند رهي حياتي گذاريائين. مرزا شاه حسن ارغون، بکر جي شيخ الاسلاميءَ [جو عهدو] کيس ڏنو هو. ڪيترو وقت انهيءَ عهدي تي قائم رهي، آخر سنه ٩٧٧ ۾ ماڻهن کي "ڪَفَي بِالْمَوْتِ وَاعِظًا(١)" جو سڏ سڻائي ويو. سندس تاريخ "واعظ" مان معلوم ڪئي اٿن.

[شاه جهانگير هاشمي]. شاه جهانگير هاشمي، مٿئين شاه طيب جي اولاد مان، هڪ [فصيح] بليغ شاعر هو ۽ سندس شعر دنيا ۾ مشهور آهي. مرزا شاه حسن جي حڪومت جي ابتدا ۾، خراسان کان سنڌ ۾ اچي بکر ۾ رهڻ لڳو هو. "تحفة الاحرار" جي جواب ۾ "مظهر الا ٰثار" سندس طبع جو نتيجو آهي. سنه ٩٤٦ ۾ حجاز جي سفر تي نڪتو ۽ ڪيچ مڪران جي رستي ۾ شهادت کي رسيو.

[سيد ناصرالدين]. سيد ناصرالدين ولد سيد نظام‌الدين بکري- اڪثر راڳ ٻڌڻ ۾ مشغول رهندو هو، ۽ سوندري (سونڊي) جي مرسان ڏاڍو چاه هوندو هوس. سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ، جنازي کڻڻ جي ڪيتري ئي ڪوشش ڪيائون پر کڻي نه سگهيا. [نيٺ] سندس پٽ سيد رڪن الدين کي پيءُ جي وصيت ياد آئي، جنهن موجب هڪ شرنائي وٺي آيا، جنهن اچي هيڏانهن سوندرو سُر شروع ڪيو ته هوڏانهن جنازو قدرت الاهيءَ

(١) "موت نصيحت ڪندڙ ڪافي آهي".

سان هوا ۽ روانو ٿيو ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جو هٿ انهيءَ تائين ڪونه پهچي سگهيو- آخر اچي پنهنجي دفن ٿيڻ واريءَ جاءِ تي لٿو.

[سيد رڪن الدين]. سيد رڪن الدين بن بيءَ جي وفات ڪان پوءِ "آلنوَ لدُ سِرُّ لاَ بِيہِ (١)" جي مقولي موجب هرطرح نيڪي، بزرگي، قال خواه حال ۾ ممتاز رهي زندگي گذاري ويو.

[سيد صفائي]. سيد صفائي بن سيد مرتضي الترمذي، جو [ساهُه جي طرفان] سيد شير قلندر بن بابا حسن ابدال (جنهن جو ذڪر ٻئي جلد ۾ ٿي آيو)، ڏانهن منسوب آهي. بکر جي [معصومي] سيدن جي شجري ۾ سندس پيڙهيون هن طرح لکيل آهن. مير معصوم ولد مير مرتضيٰ بن مير تقي بن خوارزم شاه بن قلندرشير بن ميرعلي بن ميرعمار بن مير بزرگ بن خوارزم شاه بن شير قلندر بن حسين بن علاؤالدين بن محمد بن حسن بن علي بن جعفر بن محمد بن هارون بن محمد بن جعفر بن محمد بن احمد بن هاشم بن امام همام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام. هو علم ۽ عمل جو صاحب ۽ پنهنجي وقت جي فاضلن جو سردار هو. شاه قطب جي فوت ٿيڻ ڪان پوءِ سلطان محمود خان وٽان بکر جي شيخ الاسلاميءَ [جو عهدو] مليس. [مهينہ] ذوالقعد سنہ ٩٩١ هه ۾ گذاري ويو. [١٣٦]

[مير معصوم] مٿئين سيد صفائيءَ جو فرزند مير معصوم پهرياڻين سلطان محمود خان وٽ ۽ پوءِ اڪبر بادشاه جي حضور ۾ وڏي مرتبي کي پهتو. خان خانان سان گڏجي سنڌ جي فتح ڪرڻ واريءَ مهم ۾ نمايان ڪم ڪيائين. بکر جي آسپاس ۾ عاليشان عمارتون (جيئن مٿي بيان ٿي آيو) سندس يادگار آهن. قندار جي جبل تي، اڪبر بادشاه جي زيرنگين آيل ملڪن جي نالن تي مشتمل هڪ ڪتبو، وڏي خرچ سان، سندس اهتمام هيٺ، پٿر تي نقش ڪيائون. هو هڪ ديوان

(١) پٽ پيءَ جو راز آهي.

جو مالڪ آهي ۽ "نامي" تخلص [ڪندو هو.] سندس تصنيفات مان سنڌ جي حالات ۾ "تاريخ معصومي"(١) "طب نامي"، ۽ مسئي ۽ پنهون جي قصي متعلق "ناز و نياز" نالي هڪ مثنوي دنيا جي صفحي تي يادگار آهن.

[مير بزرگ]. مٿين مير معصوم جو فرزند مير بزرگ پنهنجي وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي. هنن بزرگوارن جو اولاد ننڍي نيڪيءَ سان زنده آهي (جن سکر جي بيان ۾ لکيو ويندو).

[مير قاسم خان]. مير قاسم خان "نمڪين" هروي بن ملامير سبزواري، ملامير امام موسيٰ رضا جي درگاه جو متولي هو، اوزبڪن جي فساد وارن ڏينهن ۾ هرات جي پسگردائيءَ واري ڪوٽ ييجڪ مان لڏي قنڌار جي آسپاس [پهچي] گذاري ويو. سندس پٽ مير قاسم لاهور ۾ اڪبر بادشاه جي نوڪري اختيار ڪري "چهار هزاريءَ" جو عهدو هٿ ڪري، اقتدار وارو امير ليکجڻ ۾ آيو. بکر ۾ رهي ڪري چڱا آثار ڇڏيائين. آخر قنڌار جي لڙائيءَ ۾ قتل ٿي ويو ۽ کيس روهڙيءَ جي ٽڪريءَ تي دفن ڪيائون.

[امير خان]. سندس پٽ اميرخان-جنهن جو بيان ٿي آيو(٢)، عزت ۾ پيءُ کان چڙهي ويو، سندس اولاد ٺٽي جي بيان ۾ ذڪر ٿيندي.

[مولانا عالم بکري]. مولانا عالم بکري ظاهري خواه باطني علمن جو عالم هو. سندس پٽ درويش يحيٰ ريل جي درويشن ۽ مشائخن ۾ مذڪور ٿيندو.

---

(١) تاريخ معصوميءَ جو سنڌي ترجمو ڇپجي شايع ٿي چڪو آهي، مير معصوم ۽ سندس خاندان جا وڌيڪ حالات اتي ڏسڻ گهرجن. (٢) نواب اميرخان جو بيان صفحي ١٣٨ تي آيو آهي

[قاضي معروف]. قاضي معروف پنهنجي وقت ۾ مشهور ۽ ٻکر جي شهر جو قاضي هو. نهايت عالم، فاضل، صالح، متقي، نازڪ طبع ۽ خوش مزاج هو. جام سنجر سمي کي وڏيون ٻڌايائون ته هو مدعي ۽ مدعاعليه کان ڪجهه اجورو وٺي ٿو. گهرائي پڇيائينس ته چيائين، "هائو، [بلڪ] اڪثر دل ۾ ايندو اٿم ته شاهدن کان پڻ ٿورو گهڻو وٺجي، ۽ دعوي جي فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي هو نڪري وڃن ٿا". جام هن حرف کان ڏاڍو خوش ٿيو. جام کي خوش ڏسي چيائين ته "سڄو ڏينهن خلق جي دعوائن ۾ مشغول رهان ٿو، جنهنڪري منهنجو وڏو عيال اڪثر بک ۾ گذاري ٿو- هيءَ حالت ڪيتري قدر جائز آهي؟"

معلوم ٿو ٿئي ته هن کان اڳ ملازمن جون پگهارون تمام ٿوريون ۽ وجه معاش اڻپورو هو. جام هن خواه ٻين جون مناسب پگهارون مقرر ڪيون.

[قاضي ابوالخير]. قاضي ابوالخير قاضن سيوستاني، جنهن جو بيان ٿيندو، جي ڏاڏن مان هو. نهايت [چڱي] حالت ۽ فضيلت جو صاحب هو. بکر ۾ رهندو هو ۽ اتي ئي گذاري ويو.

[مير غياث‌الدين محمد]. مير غياث‌الدين محمد عرف سلطان رضائي العريضي سبزواري، "حبيب السير" جي مصنف خواند مير جو پوٽو ۽ سلطان جنيد صفويءَ جو ڏوهٽو، شاه بيگ ارغون جو مقرب هو، [١٣٧] هن سان گڏجي سنڌ ۾ اچي، بکر ۾ رهجي پيو.

[مير ابوالمڪارم]. سندس پٽ مير ابوالمڪارم مير عبدالله سلطان (جنهن جو ذڪر ٿئي جي بيان ۾ ايندو) جو والد آهي. پهريائين ميرزا شاه حسن ارغون ۽ پوءِ سلطان محمود خان جي اميرن ۾ داخل ٿيو. سلطان محمود خان هن کي عراق عجم جي بادشاه شاه اسماعيل صفويءَ ڏانهن ايلچي ڪري موڪليو هو، جتان قسمين قسمين نوازشون ۽ "سلطاني" جو خطاب وٺي

موٽي آيو. چڱن اخلاقن سان موصوف ۽ نهايت فضيلت ۽ بلاغت ۾ مشهور رهي حياتي گذاريائين.

[ملا اسحاق بکري]. ملا اسحاق بکري نهايت فضيلت وارو، ۽ سلطان محمود خان جو ملازم هو. آخر ۾ مرزا جاني بيگ خان جي فرزند مرزا غازي "وقاريءَ" جو استاد مقرر ٿيو هو.

[مولانا يارمحمد]. مولانا يارمحمد، عرف مولانا ياري، اصل هرات جو هو. نهايت فصيح بليغ ۽ انشا جي فن ۾ وقت جو بينظير رهي، حياتي گذاريائين. سلطان محمود خان کيس همايون بادشاه جي درگاه ۾ ايلچي ڪري موڪليو هو، پر جنهن صورت ۾ دل گهريو ڪم نہ ڪيو هئائين، تنهنڪري حجاب کان موٽي، وقت سيتپور ۾ ٽڪي پيو ۽ گذاري ويو- جئن لکيو ويو آهي. سندس شعر اڪثر ڪري خوشطبعيءَ جي نموني ۾ مشهور آهن.

[سيد يعقوب خان]. سيد يعقوب خان رضوي، مٿي ذڪر ٿي آيل مير ميران جي اولاد مان، عالمگير جي ڏينهن ۾ بکر جي حڪومت تي سرفراز ٿيو.

[سيد صادق علي خان]. هن کان پوءِ سندس پٽ سيد صادقعلي خان کي پيءُ جي جاءِ تي اها حڪومت ملي.

[مير جعفر]. سيد صادق علي جي پٽن مان مير مرتضيٰ گذاري ويو ۽ مير جعفر، لقب يعقوب خان، اڃ تائين وڏن واري جاءِ نهايت بزرگيءَ ۽ سرداريءَ سان آباد رکندو ٿو اچي.

[مير سعيد خان رضوي]. مير سعيد خان رضوي مٿي بيان ٿيل مير حيدر جي اولاد مان آهي، ۽ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي اولاد جي سرداري ۽ وڏي مرتبہ کي پهچي، [پنهنجن] پائرن ۾ ممتاز رهي گذاري ويو.

[مير غلام شاه مرتضي]. سندس پٽ مير غلام شاه نالي، بزرگي، دولت، انسانيت ۽ نيڪن سهڻين عادتن ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور رهي ويو آهي. طاقت ۽ پڇنديءَ ۾ وڏن کان اڳيرو قدم کنيو هئائين. فاني جهان کان وڇڙائيءَ ۾ موڪلائي ويو آهي.

[مير محمد سعيد]. هاڻي سندس پٽن مان مير محمد سعيد پيءُ جو قائم مقام آهي.

[سيد امين شاه]. مٿي ذڪر ڪيل سيد حيدر جو پوٽو، نهايت بزرگ ۽ ناليرو پيدا ٿيو.

[سيد امين شاه جو اولاد]. سندس پٽ سيد محمد تقي، مير امير علي ۽ مير محمد طاهر، بزرگيءَ ۽ وڏن وارين صفتن ۾ ناميارا هئا.

[مير وارث علي]. انهن مان مير امير عليءَ جو پٽ مير وارث علي سهڻين وصفن سان موصوف ۽ حيات آهي.

[سيد حاجي نورمحمد]. مٿين شاه حيدر جي اولاد مان، سيد حاجي نورمحمد سهڻين وصفن سان حياتي گذاري ويو.

[حاجي سيد عبدالڪريم]. سندس فرزند رشيد سيد حاجي عبدالڪريم نهايت بزرگ آهي، ۽ هاڻي تازو طبابت جي فن ۾ نواب شاهوردي خان عرف ميان غلام شاه، والي سنڌ، جو ملازم ٿيو ۽ ڪاٺن پوءِ سندس ناليري فرزند ميان سرفراز سان تعلق رکي ٿو.

[مير جان شاه رضوي]. مير حيدر شاه جي اولاد مان مير جان شاه رضوي تمام لائق ۽ حق جي وات جو طالب آهي. شاه عنايت الله صوفيءَ جي خدمت مان ارشاد [جو رستو] پرائي، انهيءَ خاندان [۱۲۸أ] جو خليفو ٿي، معرفت جو جهنڊو کڻي، پنهنجي اصلي شهر ڏانهن موٽي آيو. "مير" تخلص

ڪندو هو. محققانہ شعرن سان ڀريل هڪ ديوان جو مالڪ آهي. پنهنجي طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سندس سخت ڊڪ ڊوڙ متعلق، هڪ مثنوي حقيقتن سان ڀريل يادگار ڇڏي ويو آهي.

[مير قلندر علي]. سندس فرزند ميرقلندر علي ڪيئي دفعا شاه پور ۾ ڏٺو ويو آهي. هو فقيريءَ ڪان واقف ۽ سلوڪ جي رستي تي قائم آهي.

[مير حسين قلي رضوي]. مير حسين قلي رضوي مير انشاه جو اولاد ۽ عمر شاه ـ جنهنجو پٽ فتح خان نالي هاٿي وڏن جي جاءِ روشن رکندو ٿو اچي ـ جو ڀائٽيو آهي. مظفرشاه فقير [ميرقانع] جو دوست ۽ سلوڪ وارو هو. ميان نورمحمد جي ڏينهن ۾ محمدآباد ۾ ڏٺو هوم، حڪيم عبدالهاديءَ وٽ دوا لاءِ آيو هو. فالج جي سخت بيماري هيس. آخر انهيءَ بيماريءَ ۾ وطن ويو ۽ گذاري ويو. مرد سالڪ، فقيريءَ جي رستي جو واقف ۽ سلسلي جو صاحب هو.

[مير اسد الله]. مير اسد الله ولد مير لطف الله بن مير محمد هاشم اصفهاني، مير هاشم نواب خدا يار خان عرف ميان نورمحمد جي ملازمن مان بلند مرتبي ۾ مشهور هو. هو خدا آباد ۾ گذاري ويو. سندس پوٽو مير مٺيون روهڙيءَ ۾ چڱيءَ حالت ۾ زنده آهي.

[مير محمد اڪرم] مير محمد اڪرم حڪيم، نواب خدايار خان (ميان نورمحمد) جو نوڪر ۽ روهڙيءَ جو رهاڪو هو. وقت ڏاڍي آرام ۽ عزت سان گذاريائين. ڪي ڏينهن ميان نورمحمد جي ڀاران بکر جو ناظم [٥] ٿيو هو.

[مير سراج الدين ۽ سندس ڀائر]. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ مير سراج الدين، مير تاج الدين، مير معين الدين ۽ مير نورالدين، جيستائين جيئرا هئا تيستائين انساني ڪمالات ۾

ذاتي بزرگيءَ سان حياتي گذاريندا رهيا. تقديراً چئن ئي بزرگوارن کان ڪوبہ اولاد يادگار ڪونہ رهيو. مير محمد اڪرم جو پاءُ مير محمد افضل نالي، جو ملتان ۾ رهندو هو، سو اڇي پاءُ جي پويرن کي پاڻ سان وٺي ويو- هن وقت انهيءَ شراب مان ڪابہ ڦڙي ۽ انهيءَ گل مان ڪابہ بوءِ باقي ڪانہ رهي آهي.

[مير افضل شاه]. بزرگيءَ ۽ تقويٰ جو صاحب ميرافضل شاه، غازي پوٽي [جي لقب سان] مشهور، غازي ترار جي اولاد مان هن وقت زنده آهي.

[قاضي محمد فاضل (١)]. قاضي محمد فاضل بکر جي قضا جي عهدي تي پهريائين نائب جي حيثيت ۾ پوءِ خود مختيار جي حيثيت ۾ [رهيو]. فاضلن جي لسٽ ۾ داخل [هو].

[قاضي عبدالرحمان]. هاڻي سندس پٽ قاضي عبدالرحمان قضا جي گاديءَ تي ويٺل آهي ۽ [چڱي] حالت کان خالي نہ آهي.

[ملا نورمحمد]. [پنهنجي] وقت ۾ ناميارو ٿي گذريو آهي. سندس اولاد ٺٽي جي بيان ۾ مذڪور ٿيندو.

[مخدوم محمد رضا]. آثار(وار) مبارڪ جو متولي، اهل الله فقير ۽ متبحر عالم آهي.

[مخدوم روح الله] عقلي ۽ نقلي علمن جو جامع، فروع خواه اصول جو ماهر، پنهنجي وقت ۾ بينظير ۽ بزرگيءَ ۽ دينداريءَ ۾ ناميارو هو. فقير (مصنف) سنہ ١١٦٦ هه ۾ انهيءَ حضرت کي محمد آباد ۾ ڏٺو هو، جو ميان نورمحمد جي عرض ڪرڻ تي دعا ڪرڻ لاءِ آيو هو. سندن خدمت جي موقعي ملڻ تي معلوم ٿيو تہ جملي ڪمالات کي حاصل ڪرڻ خاطر

(١) نسخو "ن" "افضل"

ڪڏهن ڪڏهن شعر جي واديءَ ۾ پڻ قدم رکندا آهن. پاڻ
ٻڌايائون ته نادرشاه جي تخت نشينيءَ وقت سندس تاريخ
”اَلْخَيْرُ فِيْمَاوَقَعَ“ (۱) لڌي هئائون. [۱۲۹] مون ٻڌي
چيو ته ”لاَخَيْرَ فِيْمَاوَقَعَ“ (۲). مان (مير علي شير) ٿو چوان
ته اتفاق ڏسو ته جڏهن انهيءَ ساڳئي بادشاه جي قتل جو
حادثو پيش آيو تڏهن سندس تاريخ ”اَلْخَيْرُ فِيمَا هُوَ وَاقِعٌ“
(۳) لڌائون، پر جنهن صورت ۾ انهيءَ بادشاه کان پوءِ ڏاڍا
فساد پيدا ٿيا هئا ۽ سچ پچ ته بادشاهن ۾ سندس وجود هن
پرڳڻي لاءِ چڱو هو، تنهنڪري مون چيو ته ”لاَخَيْرَ فِيمَا
هُوَ وَاقِعٌ“ (۴). سندس طبع جو لطف هتان سمجهي سگهجي ٿو.

سندس وفات کان پوءِ اولاد ڪونه رهيو. سندس ڀاءُ
محمد معصوم حال حيات ۽ چڱيءَ حالت جو مالڪ آهي.
مذڪور مخدوم جو ڀاءُ محمد افضل پڻ شاعريءَ ۾ چڱيءَ طبيعت
جو صاحب هو. سندس چوٿون ڀاءُ محمد غوث پڻ سلوڪ جي
رستي تي هلي گذاري ويو.

[ميان الهه بخش]. سندس (محمدغوث جو) پٽ ميان الهه بخش،
طالب علم ۽ فقيريءَ کان واقف هن وقت حيات آهي.

[آخوند ملا موسيٰ]. آخوند ملا موسيٰ پرهيزگاريءَ ۽
دينداريءَ جي زيور سان سينگاريل ۽ اتي جي اڪوڻن بزرگن
مان آهي.

[حافظ مير خليفو]. حافظ مير خليفو قادري نهايت بزرگيءَ
جي حالت وارو ٿي گذريو آهي.

[محمد هاشم]. هاڻي سندس پٽ محمدهاشم جيئرو آهي.

(۱) ”جيڪي ٿيو، تنهن ۾ چڱائي آهي.“ (۲) ”جيڪي ٿيو، تنهن ۾
ڪابه چڱائي ڪانه آهي.“ (۳) ”جيڪي ٿي رهيو آهي، تنهن ۾
ڀلائي آهي.“ (۴) ”جيڪي ٿي رهيو آهي، تنهن ۾ ڪابه ڀلائي ڪانهي.“

[حڪيم عبدالرؤف]. حڪيم عبدالرؤف لياقت وارو مرد، ڪمال جو صاحب ۽ مير عبدالجليل بلگراميءَ جي سنگتين مان آهي. نواب خدايارخان جي سرڪار ۾ وڏو عهدو هوندو هوس. حڪمت ۾ بينظير ۽ موسيقيءَ جي فن ۾ ماهر هو. ”ابوالنغم“ نالي هڪ مڪمل ڪتاب، انهيءَ علم ۾ لکيو هئائين.

[شيخ ڪرمالله] هاڻي سندس فرزند رشيد شيخ ڪرم الله نواب شاه هوردي خان (غلام شاه) جي سرڪار ۾ ملازم آهي، ۽ ٻيءَ وانگيان ناليرو آهي.

[شيخ محمد رضا]. شيخ محمد رضا اصل ٺٽي جو آهي پر بکر ۾ رهندو هو. عربيءَ ۽ فارسيءَ جو لائق طالب علم هو عالمگير جي ڏينهن کان وٺي محمد شاه بادشاه تائين بکر ۾ خود مختيار يا نائب جي حيثيت ۾ چڱن چڱن عهدن تي رهيو. سندس عزيز ٺٽي ۾ ۽ اولاد بکر ۾ موجود آهن. نانءُ نيڪيءَ وارو مڙس هو، ۽ سنه ١١٤٠ هه ۾ گذاري ويو. مؤلف [ڪتاب] لکڻ وقت سندس تاريخ هن طرح معلوم ڪئي آهي: ”محمد رضا داده جان در جنان شد“- (محمد رضا جان ڏئي ويو جنت ۾). شعر عمدو چوندو هو.

[شيخ ڦتو ۽ شيخ متو]. سندس پٽ شيخ ڦتو ۽ شيخ متو پڻ اتي جي مشهور معروف ماڻهن ۾ داخل هئا ۽ اولاد ڇڏي ويا آهن.

سکر

روهڙيءَ واري درياءَ جي پرئين ڪناري تي وڏندڙ شهر آهي. اصل بکر جو تعلقو آهي، پر نادري زماني کان شڪارپور سان ڳنڍيل آهي. صفائيءَ واري سرزمين ۽ الله وارن جي کاڻ آهي. اتي جي بزرگن مان [هيٺيان بزرگ آهن]:

[شاه خيرالله (١)]. پيران پير عليہ الرحمة جي اولاد مان [آھي] سندس درگاه ھر قسم جي خلق لاءِ زيارتگاه ۽ خدا وارن جي دعا لاءِ قبوليت جي جاءِ آھي.

(١) شاه خيرالله عرف شاه خيرالدين ولد سيد احمد بغدادي سنہ ٩١١ھ ۾ بغداد ۾ ڄائو. سندس نسب پنجن واسطن سان سيد عبدالقادر جيلاني- جنهن کي عام طور پيران پير چوندا آھن -سان ملي ٿو. اوائل عمر ۾ بغداد کان سکي آيو ۽ برابر چوڏھن ورھيہ حرمين ۾ رھي علم پڙھندو رھيو. علم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سيرو سياحت جي ارادي سان، سنڌ ڏانهن نڪري آيو ۽ اچي مخدوم نوح عليہ الرحمة جي صحبت ۾ رھيو، جتان گهڻوئي فيض ۽ ھدايت پرايائين. پوءِ سکر ۾ ھڪ ٽڪريءَ تي عبادت الاھي ۾ مشغول ٿيو، جتي ڪيترائي ماڻهو اچي سندس مريد ٿيا. مير محمد معصوم جو پوٽو، مير محمد زڪريا پڻ سندس معتقد ۽ مريد ھو. ڪتاب "دليل الذاڪرين" ۾ پير روضي ڌڻي سيد محمد راشد جي ملفوظات ۾ سندن ڪجهہ مناقب مذڪور آھن.

شاه خيرالدين پوين ڏينهن ۾ رھڻ واريءَ ٽڪريءَ تان لهي اچي پراڻي سکر ۾ انهيءَ ھنڌ رھيو ھو جتي سندس مقبرو آھي. اتي ترخان خاندان جي مغلن جا گهر ھئا، جي ھنن شاه صاحب کي نذراني طور ڏيئي ڇڏيا. سکر ۾ فقير سدو ۽ فقير جمال الدين سندن خدمت ڪندا ھئا. شاه صاحب سکر ۾ ئي ٢٧ رمضان المبارڪ سنہ ١٠٢٧ھ ۾ لاولد ھن فاني دنيا مان آخرت جو سفر اختيار ڪري ويو. سندن وفات جي تاريخ ھيٺين قطعي جي پوئين مصرع مان ملي ٿي.

شاه خيرالدين مہ برج شرف، مقبل درگاه ايزد سرمدي
سال تاريخ وصالش عقل گفت : "مرشد ڪامل طريق احمدي".

١٠٢٧

(ماخوذ از ھفتہ وار آزاد ڪراچي مورخ ٢٠ اپريل سنہ ١٩٥٣ع).

[ميرڪ بايزيد]. ميرڪ بايزيد ولد ميرڪ ابوسعيد بن مير علي شاه سبزواري عربشاهي، ميرڪ ابوسعيد شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ جو ڏوهٽو آهي. هن جو پٽ ميرڪ بايزيد ۽ سندس پياءُ ميرڪ شيخ محمود علمي خواه عملي ڪمالات جا جامع هئا. [پهريائين] ٻئي پائر سبزوار کان اچي قندار ۾ رهڻ لڳا، جتان پوءِ شاه بيگ ارغون سان گڏ سنڌ ۾ آيا. مٿيون ميرڪ بکر ۽ سکر جي شيخ الاسلاميءَ [جي عهدي] تي مقرر ٿي سکر ۾ رهڻ لڳو، سندس پياءُ - جنهن [١٣٠] اڳتي ذڪر ٿيندو - ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

[ميرڪ عبدالباقي]. سندس رحلت کان پوءِ سندس پٽ ميرڪ عبدالباقي ڏاڍي ڪماليت سان حياتي گذاري. ننڍا خواه وڏا هن ڏانهن رجوع هوندا هئا. سندس درگاه سکر جي ٻاهران عام خلق جي زيارتگاه آهي.

[ميرڪ محمد اول]. ڪانئس پوءِ ميرڪ محمد اول باقي رهيو، جنهن حياتيءَ جا ڏينهن ڪماليت جي صاحبن وانگيان مکيه ۽ مشهور ماڻهن جي نموني تي گذاريا، ۽ مير تقي الدين ۽ مير محمد افضل نالي ٻه پٽ ڇڏي ويو.

[مير تقي الدين ۽ سندس پٽ]. مير تقي الدين کي پنج پٽ ڄاوا - مير نواب، مير غياث الدين محمد، مير رضي الدين محمد، مير عزالدين محمد، ۽ مير محمد ڪاظم عرف مرزا - هرهڪ بزرگيءَ جي شان ۽ شرافت جي قدم ۾ پنهنجي وقت ۾ ممتاز هو.

[مير غياث الدين محمد ۽ سندس پٽ]. مير غياث الدين محمد

ٻه ناليرا پٽ، سيني پائرن جا سرتاج، ڇڏيا: هڪڙو مير قوام الدين، ٻيو مير عرب شاه، جو هاڻي بزرگن جي صورت ۾ بزرگيءَ ۽ شان جو علمبردار آهي.

[مير غلام عبدالقادر]. مير رضي‌الدين محمد بن مير تقي‌الدين محمد جو غلام عبدالقادر نالي فرزند رشيد هن سلسلي جي باغ جي گلن جو سردار آهي.

[مير عاقل شاه]. سيد زئي نالي سيدن مان، هتي جو رهاڪو، نهايت ناموري ۽ سهڻين وصفن جو مالڪ هو، ليڪن گذاري ويو.

[مير اڪبر شاه]. سندس اولاد مان هن وقت مير اڪبرشاه انهيءَ سلسلي جو وڏو ۽ صاحب توفيق آهي.

[مير محمد حسين]. مير محمد حسين مٿئين مير عاقل شاه جو پاءُ هو.

[مير محمد محسن شاه ۽ چراغ شاه]. ڪائنس پوءِ سندس فرزند مير محمد محسن شاه نالي رهيو. هاڻي مير محمد محسن جو فرزند مير چراغ شاه انهيءَ خاندان جو روشن چراغ آهي.

[مير محمد زڪريا]. مير محمد زڪريا ولد مير محمد بزرگ ولد مير معصوم بکري- جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو- ڏاڍي ظاهري توڙي باطني بزرگيءَ سان زندگي گذاريائين. مٿي ذڪر ڪيل جناب شاه خيرالدين شاه سان عقيدتمندي هئڻ ڪري اچي سکر ۾ رهيو.

[سيد محمد]. ڪائنس پوءِ سندس ۾ ناليرا پٽ هڪ سيد محمد ٻيو سيد علي‌شير پوئتان رهيا. سيد محمد وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي.

[مير عزيزالله ۽ مير لطف‌الله]. هو (سيد محمد) ۾ پٽ ڇڏي ويو- [هڪ] مير عزيزالله [ٻيو] مير لطف‌الله. مير عزيزالله بزرگيءَ جي ملڪ جو بادشاه ٿي گذريو آهي.

[مير ڪرم شاه ۽ مير گلاب شاه]. اهو (مير عزيزالله) ۾ پٽ ڇڏي ويو- مير ڪرم شاه ۽ مير گلاب شاه، جي هن وقت وڏن جي نشاني آهن.

[مير عزت علي ۽ مير احسان علي]. سيد محمد جو پٽ مير لطف الله، هو پٽ، مير عزت علي ۽ مير احسان علي، ڇڏي ويو. اهي ٻئي بزرگزادا حيات ٻڌجن ٿا.

[مير علي شير]. مٿين مير زڪريا جو فرزند مير علي شير وڏن جي وصفن سان موصوف رهي ڪري، ٽي پٽ هرهڪ مير اسدالله، مير عنايت الله ۽ مير بزرگ ڇڏي ويو.

[مير شهباز علي]. انهن مان مير بزرگ هڪ پٽ مير شهباز علي، "علي شير" جي لقب سان ڇڏيو، جو هاڻي جيئرو ٻڌجي ٿو.

[مير اسدالله]. مٿين مير اسدالله جو ڏوهٽو مير اسدالله هڪ لائق جوان آهي. ميان محمد مراد ياب خان جي مراد آباد ۾ ڪيس ڏنو هوم. شاعرانه طبع هيس. تخلص جي خواهش ڏيکاريائين، تنهنڪري نالي جي موافقت تي "ساقي" تخلص ۽ انهيءَ مناسبت تي "اسدالله ساقي ڪوثر" سجع [ڪيڏي ڏنم]- قبول فرمايائين. هن وقت جيئرو ٻڌجي ٿو.

[مير محمد يعقوب حڪيم]. اصل سکر وارن ميرڪن جو ڏوهٽو آهي. [۱۳۱] محمد شاه بادشاه جي حڪومت جي اوائل ۾ ملتان کان سکر آيو. پراڻيءَ مائٽيءَ جي ڪري ميرڪ سيد تقي الدين کيس پنهنجي فرزنديءَ ۾ قبول ڪيو (نائٽي بنايو). اٽڪل ٽيهه سال هتي طبابت ۾ گذاريائين. مون کيس مراد آباد ۾ ڏٺو هو، ۽ بزرگن جي وضع ۾ ڏسڻ ۾ آيو.

اروڙ

هڪ پراڻو شهر راءِ گهراڻي جي گاديءَ جو هنڌ هو. مهراڻ جي ڪناري تي آباد هو ۽ منجهس قسمين قسمين باغ هئا، جنهنڪري سڄيءَ سنڌ ۾ ممتاز هو. [آخر] زماني جي گذرڻ ڪري- جئن مٿي بيان تي آيو- دلوراءِ جي ظلم ڪان،

ٻاڻي چڙي ويو ۽ [شهر] ويران ٿي ويو. انهيءَ ڪان پوءِ بکر جي پرڳڻن ۾ داخل آهي.

[قاضي اسماعيل]. قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي، موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد بن شيبان بن عثمان ثقفيءَ جي اولاد مان آهي، جنهن کي محمد بن قاسم انهيءَ شهر جو قاضي ۽ خطيب مقرر ڪيو هو. سندس اولاد پشت بہ پشت اهو عهدو ماڻيندو آيو. قاضي اسماعيل سنہ ٦٠٠ ۾ هڪ ناليرو بزرگ هو. اچ جي رهندڙ علي بن حامد ڪوفي انهيءَ 'تذڪره' جو-جيڪو ونس سنڌ جي حالات متعلق عربي زبان ۾ سندس وڏن کان رهندو ٿي آيو-[فارسيءَ ۾] ترجمو ڪري هڪ وڏو رسالو تيار ڪيو.

[شيخ محمود قطب]. سهڻين وصفن وارو، عرفان جي آسمان جو قطب ۽ مخدوم جلال الدين جهانيان جو مريد آهي. سندس مزار انهيءَ سرزمين ۾ عام خاص ماڻهن جي مشهور زيارتگاه آهي.

[چنو امرائي]. اروڙ جي راجائن مان پوئين راجا دلوراءِ جي ڀاءُ آمر جو پٽ آهي. جنهن اروڙ ۽ ٻانيرا جي ويرانيءَ [جي قصي ۾] بيان ٿي آيو، هو اتان لڏي اچي سيوستان ۾ رهيو ۽ [اتي ئي] دفن ٿيو. اڄ تائين خدا وارن جو زيارتگاه آهي.

[قاضي ستابو]. اڳين زماني جي نامورن مان وڏيءَ بزرگيءَ سان موصوف هو. اروڙ جي قضا ۽ بکر جو احتساب سندس حوالي هوندو هو.

سيوي

سندس قديمي نالو سويس [آهي]-اتي جي رهندڙ قوم اڳئين زماني ۾ "سويس" جي لقب سان ملقب هئي. سندس ڳاديءَ جي هنڌ جو نالو ڪاڪاراج هو. گهڻن ڏينهن گذرڻ

ڪري سندس لقب سيوي ٿي پيو ۽ بکر جي حڪومت ۾ داخل ٿي ويئي. خراسان جي حد تي هڪ نهايت اهم لڪ آهي. اتي گهڻائي عجائبات آهن. انهن مان هڪڙو قطب جي طرف هڪ گنبذ آهي جو ظاهري اکين سان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو هڪ طلسم آهي جو اکين ٿاهيو آهي. گنبذ جو نالو "مارو ڪري" (١) آهي. جڏهن ڪو به ماڻهو اتي وڃي ٿو تڏهن ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هڪ دفعي سلطان محمود خان بکر وارو به ٽي هزار ماڻهو گڏ ڪري هٿ هٿ ۾ ڏيئي انهيءَ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو، پر گنبذ ڪونه لڌائون ۽ نه ڪا [ٻي] شي ڏسڻ ۾ آين. چون ٿا ته اتي خزانو دفن ٿيل آهي. آڳاٽي سمي ۾ ڪنهن درويش کي اتان ڪجهه هٿ آيو هو. پوءِ ته گهڻائي ماڻهو انهيءَ اميد سان ويا آهن پر ناڪام ٿي موٽي آيا آهن.

[سيوي جو] قلعو هڪ جبلڙي جي دامن ۾ واقع آهي. سندس سيئي پٿر گول آهن. زمين ڪيتري به کوٽيندا آهن، پر اهڙائي پٿر نڪرندا آهن.

سيويءَ جي آسپاس "چتر" نالي هڪ زمين آهي، جتي وڻن جا تڏا پير جي وڻ جيڏا ٿين ٿا. [ماڻهو] مٿي چڙهي انهيءَ مان ڪپاه چونڊيندا آهن. هر هڪ وڻ ۾ گرانٽ جيڏا اٽڪل ٻه سَو نانگ ٿيندا آهن. ڪپاهه چونڊڻ وقت وڻ کي
[١٣٢] چنڊيندا آهن ته نانگ پري ٿي وڃن. جنهن کي نانگ ڪاٽيندو آهي، تنهن جي زخم کي پاڪي هٽي ڪو ماڻهو وات سان چوسي، سندس زهر ڪڍي وٺندو آهي. هن تدبير کان سواءِ نانگ جو ڏنگيل ماڻهو مري ويندو آهي.

---

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب پنهنجي ايڊٽ ڪيل تاريخ معصوميءَ جي نسخي ۾ هن گنبذ جو نالو "ماروکهير" لکيو آهي، ۽ حاشيي تي ڏنو اٿس ته نسخي "م" ۾ "ماروکيري" ۾ نسخي "ح"، "ر"، "س" ۾ "ماروکري" آهي.

سيوي‎ءَ جي هيٺان هڪ واهڙ وهندو هو، جنهن مان جيڪو به پاڻي پيئندو هو سو بيمار ٿيندو هو. گويا ڪ هن جو لنگهه گوگرد جي کاڻ وٽان هو ۽ گهڻو ڪري انهي‎ءَ بيماري‎ءَ ۾ ماڻهو مري ويندا هئا. اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ هڪ چڙ آئي، جنهن گوگرد جي چشمن کي ڍڪي يا ڪڍي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ اها بيماري گهٽجي ويئي آهي. اهو پاڻي هڪڙي‎ءَ زمين ۾، جنهن کي سرواهه (١) چون ٿا، گڏ ٿي ڪيتي‎ءَ جي ڪم اچي ٿو ۽ بچتو پاڻي منڇر جي ڍنڍ ۾ جيڪا سيوستان جي ويجهو آهي، وڃي پوي ٿو. اڳئين وقت ۾ پاڻي‎ءَ جي ڪناري تي پڻ مٽئين قسم جا گهڻا نانگ رهندا هئا، جن جو ڏنگيل ڪو ورلي بچندو هو، تنهنڪري اتي جا ماڻهو سٿڻون ڪشاديون ۽ ڊگهيون پهريندا هئا (٢).

سيوي‎ءَ جي پٽ ۾ ڪيئي قلعا ۽ ڏاڍي آبادي هئي، جيڪي ويران ٿي ويا. بظاهر سيسم جو قلعو، جنهن ۾، اسلام جي فتح کان پوءِ، سيوستان جو والي ڀڄهرا ڀڄي وڃي پناهه وٺي ويٺو هو، ۽ جنهن کي محمد بن قاسم جي فوج وڃي فتح ڪيو هو، بهلطور، سالوج ۽ قنڏائيل جا قلعا، جن ۾ سيسم مان ڀڄي ويلن وڃي پناهه ورتي هئي ۽ آخر امان وٺي اچي حاضر ٿيا هئا، انهن مان آهن. اتي جي هوا جهولو آهي.

سيوي، بکر، سيوستان ۽ سيتپور جي وچ ۾ بارڪان نالي هڪ زمين هئي، جتي جا گهوڙا عراقي گهوڙن کان گهٽ نه ٿيندا هئا. پهاڻ ماڻ کان ڇچندو هو تہ ان جي ٿاڻ تي پٿريون هاريندا هئا. هڪ سال تائين انهن پٿرين تي ڦرندو هو، جنهنڪري هن جا سنب پٿر جهڙا ٿي ويندا هئا ۽ نعلن جي ضرورت ڪانہ رهندي هئي.

(١) اها سرواهه جي زمين پنجاهه ڪوهه پري هئي (ڏسو "تاريخ معصومي" ص ١٢٩). (٢) مير معصوم هتي "از پارچهء لک" (لاک جي ڪپڙي جون) جا لفظ وڌايا آهن ("تاريخ معصومي"، ص ١٢٩).

چتر جي ڳوٺ ۾ هڪڙا ماڻهو رهندا هئا، جن کي کهيري سيد چوندا هئا. سندن ناليِ جو سبب هيءُ هو ته کهير هڪ وڻ جو نالو آهي ۽ سندن وڏن مان هڪڙي انهيءَ تي چڙهي ڪيس چابڪ هڻي گهوڙي وانگر هلايو هو.

گنجابه جي قريب جبل جي دامن هڪ هال وانگيان اڪيلي وڏي ويٺي آهي (١) ۽ اتي هڪ لوهه جو پڇرو لڙڪيل آهي. چون ٿا ته انهيءَ ۾ هڪ چٽ (٢) رکيل آهي. ڪوبه ماڻهو انهيءَ کي پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن جبل جي مٿان (٣) رسو لڙڪائي ڪو آدمي موڪلڻ گهرن ٿا ته هو اتان هٺي تو وڃي ۽ هيٺان وڃڻ چاهين ٿا ته [وڃي نٿا سگهن. چاڪاڻ ته] انهيءَ جبل جي چوٽي لسي ۽ هڪ ٽڪر (٤) آهي.

سيويءَ کان پري گنجابي، پاٽ ۽ درياه جي ڪناري تائين، سڄو وچ رڻ پٽ (٥) آهي. قنڌار جو رستو [انهيءَ]

(١) مير قانع جي عبارت هن جاءِ تي نهايت منجهيل آهي. هو لکي ٿو ته "وقريب گنجابه در دامن کوه ايواني پيش رفته" مگر "تاريخ معصومي" (ص ١٣٠) ۾ هن طرح : آهي "و در يکي از کوه هاى گنجابه دامن او در رنگ ايوان پيش رفته"- اسان ترجمو معصوميءَ جي عبارت خيال ۾ رکي ڪيو آهي.

(٢) هتي تاريخ معصومي (ص ١٣٠) ۾ 'چيزي' (ڪا شي) لکيل آهي، ۽ مير قانع وري 'چتري' (چٽ) لکيو آهي- والله اعلم.

(٣) هت پڻ غالباً ڪاتب جي سهو کان تحفة الڪرام ۾ "از پاى کوه" لکيل آهي، جو صحيح نه آهي. تاريخ معصوميءَ ۾ "بالاى کوه" لکيل آهي. اسان جو ترجمو انهيءَ تي مبني آهي.

(٤) تحفة الڪرام ۾ "يکتاره" لکيل آهي جنهن جي ڪابه معني ڪانه ٿي نڪري. بلڪ صحيح "يکپاره" آهي، جئن معصوميءَ (ص ١٣٠) ۾ لکيل آهي اسان ترجمه پڻ انهيءَ موجب ڪيو آهي.

(٥) هتي پڻ تاريخ معصومي (ص ١٣٠) جو بيان وڌيڪ صاف آهي. لکيل آهي ته "سيويءَ ۽ گنجابيءَ جي زمين هن طرح آهي ته سيتپور جي جبل ۽ دريا جي ڪناري کان ڇڪجي وڃي ٿي، سيوي، گنجابي ۽ پاٽ سان لڳي آهي. اتان کان اڌ ڪول ٿاهي موني اچي دريا جي ڪناري تي پهتي آهي. وچ ۾ سورو رڻ پٽ آهي".

پٽ مان آهي. هن جي ڏيکهه درياء کان وٺي سيويءَ تائين سڌو ڪوهه ۽ ويڪر سٺ ڪوهه آهي. انهيءَ زمين جي گهڻي ڀاڱي ۾ اونهاري جا چار مهينا جهولو لڳندو آهي.

مخفي نه رهي ته جنهن صورت ۾ هن زمين ۽ جبل ۾ ڪوبه قابل ذڪر ساڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، تنهنڪري انهيءَ جبل کان منهن موڙي تعلقي بڪر جي جدا جدا جاين ۾ رهندڙ بزرگن جو واقفيت آهر بيان ڪجي ٿو. اڃا تحقيق جو رستو بند نه آهي، جيڪي به هن کان پوءِ معلوم ٿيندو ويندو سو ڪتاب ۾ داخل ڪرڻو آهي. دوستن کي به عرض آهي ته جيڪڏهن ڪين وڌيڪ تحقيقات ٿئي ته هنن ورقن ۾ داخل ڪرڻ سان ضرور احسان جا مستحق ۽ "عِنْدَ ذِڪْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ" (۱) جي ثوابن جا وڌيڪ حقدار ٿي سگهندا. الله پاڪ تي ڀروسو آهي ۽ اهوئي مون کي ڪافي آهي.

بڪار

بڪر تعلقي ۾ هڪ ديهه آهي، جنهن ۾ روهڙيءَ جي سيدن جا ڀائر سيد رهن ٿا - انهن جو وڏو سيد مير هو.

[سيد مير]. سيد مير نهايت بزرگيءَ ۽ برگزيدائيءَ ۾ ناميارو هو.

[سيد شاهه مردان]. سندس پٽ سيد شاهه مردان کي گهڻو اولاد ٿيو ۽ زميندارن جي طور، طريقي تي رهي ڏاڍي ڀلي سان گذاري ويو.

[ميرعلي شير]. سندس اولاد مان ميرعلي شير نشان وارو ٿيو.

[سيد لطف علي]. هاڻي سندس پاڻٽيو سيد لطف علي [۱۱۳۳] ديهي ۽ راڄ جو صاحب آهي، ۽ زميندارن جي نموني گذاري رهيو آهي.

(۱) صالحن جي ذڪر ڪرڻ وقت رحمت نازل ٿئي ٿي.

[سيد مير]. سيد علي شير ولد شاه مردان جي پاڻئين مان سيد مير پڻ هڪ پيو طاقت وارو ماڻهو پيدا ٿيو آهي. قديم وقت کان هنن سوڻن ۾ لڙائي جهڳڙو هلندو اچي ۽ پنهي گهراڻن مان ڪنهن جي به شادي يا غمي ۾ جهڙين برادريءَ جي رسمن کان سواءِ ڪڏهن به پاڻ ۾ سلوڪ ڪونه رکندا آهن. ٻئي پاسا ٻن راڄن ۾ وراهيل آهن ۽ انهن ۾ گهڻا ٺڪي مرد موجود آهن.

گهوٽو (گهوٽڪي)

بکر کان اتڪل ويهن ڪوهن تي هڪ ڳوٺ آهي. اتي جي بزرگن مان هي آهن:

موسن شاه. جنهن فقيريءَ ۽ زمينداريءَ ۾ ناموس سان زندگي گذاري، انهيءَ پاسي ۾ خدائي حڪمن [جي تبليغ] ۽ سنت نبويءَ جي اشاعت ۾ عجيب نالو ڪڍي ويو. احمد شاه دراني جڏهن انهيءَ پرڳڻي ۾ پهتو تڏهن سندس زيارت تي ويو هو. جو دم جيئرو هو تہ ننڍا وڏا سندس معتقد هوندا هئا.

[صالح شاه]. سندس پٽ صالح شاه [پنهنجي] وقت جو معزز، پيءُ جو جانشين ۽ سچن مريدن جو مرشد آهي.

کهڙا

روهڙيءَ کان اتڪل ويهہ ڪوهہ اورتي(١) هڪ ڳوٺ آهي.

قاضي عبدالرحمان. هو امر- نهيءَ جو ڏاڍو پابند هو. دين جي فيصلن ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو. سنت طريقي جي جاري ڪرڻ ۾ تمام مبالغو ڪندو هو. هڪ وڏي جماعت سندس اشاري تي هلندي هئي. آخر هڪ هدايت واريءَ جماعت سان،

---

(١) يعني لٽي جي پاسي.

اسلام جي حمايت ۾، مسجد اندر نماز پڙهندي شهيد ٿيو ۽ دفن ڪيو ويو(١).

(١) قاضي عبدالرحمان، جنهن کي اڄ ڪالهه مخدوم عبدالرحمان شهيد جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، تنهن جي نسب جو سلسلو حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي چاچي سڳوري حضرت عباس سان ملي ٿو. هن طرح: مخدوم عبدالرحمان شهيد بن مخدوم محمد بن مخدوم محمد عاقل بن مخدوم عبدالخالق بن مخدوم يحيٰي بن مخدوم جمال الدين بن مخدوم اسدالله بن مخدوم احمد بن مخدوم محمد بن سيدنا (نالو اڌيهي کائي ويئي آهي، پڙهڻ ۾ نه آيو) بن سيدنا عبيدالله بن جمال الدين محمد بن عبدالله بن سيد ابراهيم شهيد بن اسحاق بن معرف بن محمد بن عبدالله بن محمد بن علي بن سيدنا عبدالله بن سيدنا عباس عم النبي عليه الصلواة والسلام.

هن خاندان جو وڏو بزرگ سيدنا ابراهيم شهيد، خليفي معتصم بالله عباسيءَ جي خلافت وارن ڏينهن ۾ بغداد کان دين جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ اچي حيدرآباد- جنهن کي اڳي نيرون ڪوٽ سڏيندا هئا- جي ويجهو ڪلور نالي هڪ ٽڪريءَ تي رهيو، جتي سنه ٢٤٨ هه ۾ وفات ڪيائين.

سندس اولاد مان هڪ بزرگ، مخدوم اسدالله نالي اڪبر جي زماني ۾ سنڌ جو قاضي القضاة مقرر ٿيو. هن سنڌ جو دورو ڪندي رياست خيرپور جي حدن ۾ پيريءَ جي ڳوٺ ۾ سنه ٩٦٦ هه ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات کان پوءِ سندس وڏي فرزند مخدوم جمال الدين پيريءَ ۾ ئي سڪونت اختيار ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس فرزند مخدوم يحيٰي پڻ اتي وفات ڪئي. انهن بزرگن جي مسجد ۽ مزارون پيريءَ جي ڳوٺ ۾ اڃا تائين قائم ۽ عوام توڙي خواص لاءِ زيارتگاه آهن.

مخدوم يحيٰي جو فرزند مخدوم عبدالخالق پيريءَ مان لڏي اچي کهڙن جي شهر ۾ ويٺو، جتي سندن اولاد اڃا تائين موجود آهي.

(ڏسو حاشي صفحو ٣٣٨)

[قاضي محمدي ۽ قاضي احمدي]. سندس پٽ قاضي محمدي ۽ قاضي احمدي پيءُ جي دستور موجب دينداريءَ جي رسمن کي زنده رکڻ تي قائم رهيا. هن وقت قاضي احمدي حيات آهي (١).

مخدوم عبدالرحمان شهيد انهيءَ عبدالخالق جو پڙ پوٽو هو. هن ظاهري خواه باطني علمن جي تڪميل پنهنجي والد بزرگوار مخدوم محمد عليه الرحمة وٽان ڪئي، ۽ ڪانئس پوءِ سندس مسند تي ويٺي اسلام جي تبليغ ۽ شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ پٽڻ ۾ مشغول رهيو.

"تذڪرة مخاديم کهڙا" جي مصنف، مخدوم عبدالرحمان جي مذهبي صلابت ۽ شريعت تي استقامت جا ڪيئي واقعا ذڪر ڪيا آهن. هو هڪ وڏو عالم، بزرگ ۽ ڪرامت جو صاحب ولي الله هو. تذڪري جي صاحب سندس ڪرامتن جا ڪئي واقعا لکيا آهن. هو سنه ١١٤٥ هه ۾ ٢٢٢ ڄڻن سان ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو. "ڪانوا غازين ۽ هئي هئي ستون سنده فتاد" مان سندس شهادت جي تاريخ نڪري ٿي. مخدوم شهيد جي شهادت جو قصو وڏو آهي. مخدوم غلام محمد بگائي، جنهن جا مولود ۽ معجزا اڄ به عام طرح ڳائي روحاني سرور حاصل ڪيو ويندو آهي، تنهن هيءُ قصو سنڌيءَ ۾ نظم ڪيو آهي. جو "ميان غلام محمد بگائيءَ جي سنڌي" جي نالي سان سنڌ ۾ مشهور آهي.

(١) مخدوم عبدالرحمان جي شهادت وقت سندس وڏي فرزند ميان محمديءَ جي عمر ٨ سال هئي ۽ ننڍي فرزند ميان احمديءَ جي عمر هڪ سال هئي. تاريخ آئينءِ جهان نما جو مصنف، مخدوم محمدي جي باري ۾ لکي ٿو ته هن کي ظاهري خواه باطني علم سندس والد بزرگوار جي توجهه سان حاصل ٿيو هو. هو اويسي سلسلي جو هڪ وڏو شيخ ۽ مادرزاد ولي الله هو. هن پنهنجي والد جي شهادت کان پوءِ ستن

(ڏسو حاشي صفحو ٣٣٩)

[عبدالرؤف منشي]. ڪن جي چوڻ موجب هتان جو هو ۽ ڪن جي چوڻ موجب هنگورجن جو. بهرحال سهتن جي قوم جو ٿو ڀانئجي. انشاء جي فن ۾ [پنهنجي] وقت جو بينظير هو. پهرياڻين خانپور ۽ سيري جي حاڪم بختيارخان ۽ پوءِ نواب خدا يارخان جي سرڪار جو ملازم ٿيو، منشين جو

ورهين جي چمار ۾ قرآن شريف ياد ڪيو هو. سندس تعليم لاءِ سنڌ جي مشهور معروف علامہ مخدوم ابوالمعالي نوشهرائيءَ کي تڪليف ڏني ويئي، پر هن جيڪو به ڪتاب کولي انهيءَ جو مشڪل ۾ مشڪل مقام ڪڍي مخدوم محمديءَ جي آڏو رکي کيس پاڙهڻ جي ٿي ڪئي، ته هن في البديهه انهيءَ جي اهڙي ته ڪافي ۽ شافي تقرير ٿي ڪئي جو مخدوم ابوالمعالي حيران رهجي ٿي ويو. آخر قرآن، حديث، تفسير وغيره نقلي خواه عقلي علمن جي ڪتابن مان اهڙا اهڙا مشڪل مسئلا جن جي حل ڪرڻ ۾ انهن ڪتابن جا شرح خود حيران هئا، سي به مخدوم محمديءَ کان پڇيائين مگر هن انهن مقامن جون به اهڙيون ته جامع ۽ مانع تقريرون ڏنايون جو مخدوم ابوالمعالي جي زبان مان بي اختيار نڪتو ته "هن صاحبزادي کي ته خضري تعليم ۽ انهيءَ جي امداد سان لدني علم عطا ٿيل آهي. اسان جي رهڻ جو ڪو به ضرور نه آهي". ائين چئي پاڻ رخصت وٺي نوشهري روانو ٿي ويو.

آئينۂ جهان نما ۽ تذڪره مخاديم کهڙا ۾ مخدوم محمديءَ جي فصاحت بلاغت ۽ نڪته آفرينيءَ جا ڪيئي مثال مذڪور آهن. جيئن ته هڪ دفعي پاڻ اندر حويلي ۾ هئا ته هڪ دوست، جو سندن ملاقات لاءِ آيو هو، تنهن کين لکيو ته "حضرتا! آفتاب گرم مي شود رخصت فرمايند". پاڻ جواب ۾ لکيائون "تجنيس گرم (ڪرم) مطلوب است مبادا به تقليب آن (مرگ) تاسف خورند".

سنڌ جو زنده جاويد ولي ۽ شاعر شاه عبداللطيف مخدوم محمديءَ جو همعصر هو. تذڪره مخاديم کهڙا جو مصنف لکي ٿو ته هڪ

(ڏسو حاشي صفحو ٣٤٠)

سرگروه ۽ وزيرن جي لسٽ ۾ داخل رهي ڪري گذاري ويو. سندس انشاء ڪيترن جلدن ۾ رائج ۽ اڄ ڪالهه جي منشين جو دستورالعمل آهي.

[عبدالله منشي]. سندس وفات ڪرڻ تي سندس پوٽو ميان عبدالله منشي نواب جي نوڪريءَ ۾ سندس قائم مقام ٿيو ۽ مراد ياب خان جي ڏينهن ۾ گذاري ويو.

دفعي شاه ڀٽائي سير ڪندو اچي ڪهڙن ڪان نڪتو ۽ اچي شهر جي ٻاهران ميان چنيه جي ڪوهه تي لٿو-(ميان چنيه ذات جو اڄڻ مخدوم محمديءَ جي والد ميان عبدالرحمان شهيد جو خليفو هو. سندس اولاد اڃا تائين ڪهڙن جي شهر ۾ موجود آهي.) مخدوم صاحب کي خبر پيئي ته هڪ آدميءَ هٿان دعوت چوائي موڪليائين. شاه صاحب جواب ۾ هيءُ بيت چوائي موڪليو: "اڄ نه آيس آءٌ صبح ايندس سپرين، توتي جنهن جو نانءُ ڪٽي بار ڪهين جو"- ٻئي ڏينهن صبوح جو شاه صاحب مخدوم وٽ تشريف فرما ٿيو ۽ پورو هفتو مخدوم صاحب جو مهمان رهيو. ڏاڍيون صحبتون ڪيائون ۽ حال ونديائون. تنهن ڪان پوءِ شاه صاحب مخدوم صاحب کي دعائون ڪندو رخصتياب ٿي ويو. مخدوم محمدي نهايت بارعب، شريعت جو جان نثار ۽ صاحب استغنا بزرگ هو. تذڪرة مخاديم ڪهڙا ۾ هن بزرگ جا ڪيئي مناقب لکيل آهن. آخر هن بزرگوار سنه ١١٧٣ ۾ وفات فرمائي. سندس وفات جي تاريخ هيٺين قطعي مان نڪري ٿي:

بهشتم از ربيع الاول او رفت   زتاريخش بمن هاتف چنين گفت.
دوشنبه چونکه باز آمد زحانوت   مقام روح پاڪش جاي لاهوت.

(آئينهء جهان نما و تذڪره مخاديم ڪهڙا تان ورتل)

مخدوم احمدي خدائي. پنهنجي بزرگ پاءُ مخدوم محمديءَ جي وفات ڪان پوءِ سنه ١١٧٣ ۾ شريعت جي مسند تي ويٺو ۽ شريعت

(ڏسو حاشي صفحو ٣٤١)

[محمد حفيظ]. هاڻي مٽئين ميان عبدالرؤف جو پاٽ محمد حفيظ، هڪ لائق ماڻهو ۽ ميان غلام شاه خان جو ملازم آهي.

شڪارپور

روهڙيءَ جي قريب پهريائين داؤد پوٽن جي اڏايل ۽ هاڻي خودمختيار گاديءَ جو هنڌ آهي.

جي ترويج، سنت پيغمبريءَ جي احياء ۽ شرڪ ۽ بدعت جي بيخ ڪنيءَ جو ڪم نهايت شان شوڪت ۽ رعب تاب سان جاري رکيائين. ڪيس ظاهري خواه باطني فيض سيد پير موسيٰ شاه گهوڙنڪيءَ واري ڪان حاصل ٿيو، جنهن مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪان فيض پرايو هو. مخدوم احمدي قادري طريقي ۾ هڪ مرشد ڪامل ٿي گذريو آهي. سنڌ جا بيشمار باشندا سندس فيض جي چشمهٔ شيرين مان سيراب ٿيندا رهيا.

سلطان احمد شاه ابدالي هن بزرگ جو نهايت معتقد هو ۽ هندوستان ڏانهن ويندي، سندس خدمت ۾ دعا خواهيءَ لاءِ حاضر ٿيو هو، ۽ فقيرن جي خرچ ۽ لنگر لاءِ اڙهي ياسين تعلقي ضلعي سکر جون ديهون - مرزاپور، نئون آباد، وڪڙ، جرم وغيره - جاگير طور عطا ڪيون هئائين، جي اجا تائين مخدوم صاحب جي پوين جي هٿ ۾ آهن.

راشدي پيرن جو مورث اعليٰ حضرت پير محمد راشد صاحب هن مخدوم صاحب جو شاگرد هو. سنه ١٢٠٠هه جي اخير ۾ سلطان غازي تيمور شاه پنجاب تي حملو ڪيو، جنهنڪري شاهي لشڪر جي آمد رفت سنڌ مان ٿيڻ لڳي ۽ ملڪ ۾ سخت قحط جي حالت پيدا ٿي ويئي. اها حالت ڏسي مخدوم صاحب ڪٺي انهيءَ مسجد شريف جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو، جنهن ۾ سندس والد بزرگوار مخدوم عبدالرحمان شهيد ٿيو هو. هن مسجد تي پهريائين ڪچي چٽ پيل هئي، مخدوم احمديءَ ملتان ڪان ڪاريگر گهرائي، پهريائين ته جر تائين بنياد کوٽائي، چوني ڪچ ۾ خبث الحديد ملائي، انهيءَ سان نهايت مضبوط طريقي تي بنياد

(ڏسو حاشي صفحو ٣٤٢)

[سيد محمد تقي بخاري]. هتان جي ماڻهن مان سيد محمد تقي بخاري، [پنهنجي] وقت جو صاحب رهي ويو آهي. عام خاص ماڻهن جو منجهس اعتقاد هوندو هو.

پرايا ۽ پوءِ ٽن قبن سان نهايت مضبوط مسجد ٺهرائي. ساڳيءَ طرح پنهنجي والد بزرگوار مخدوم عبدالرحمان شهيد جي مزار تي هڪ عاليشان قبو پڻ اڏايائين. مسجد ۽ قبو سنه ١٢٠١ ۾ ٺهي تيار ٿيا. انهن جي تعمير جي تاريخ هيٺين قطعي مان نڪري ٿي:

دانيڪہ چيست قبہ چون مشعل فروزان، نور خدا مجسم بر تربت شهيدان؛
تاريخ سال تعمير از غيب دوش جستم، عرش خدا هويدا هاتف بگفت اينسان.

١٢٠١ هه

(تذڪره مخاديم ڪهڙا تان ورتل)

اها مسجد شريف ۽ قبو اج تائين (١٣٧٣هه) موجود آهن ۽ ٻارهين صديءَ جي تعميري قابليت جو هڪ عجيب و غريب نمونو آهن. مغل شهنشاهن جي شاهي عمارتن سان ڪلهو هڻن ٿا.

انهيءَ مسجد ۽ قبي جي ڪم جي بهاني سان مخدوم احمدي ڪٿي ديڳيون چاڙهيون ۽ ننڍو خواه وڏو، جوان خواه پيرو، عورت خواه مرد، جيڪو به ٿي آيو، تنهن کي ماني ۽ وقت جي رواج موجب روز ڏيندو ٿي رهيو. باوجوديڪ آمدنيءَ جو ڪو ظاهري ذريعو ڪونه هوس، تڏهن به غيبي امداد اهڙي ٿي جو مخدوم صاحب جو خرچ ڪڏهن ڪونه ڪٽو. جڏهن قبو ۽ مسجد ٺهي تيار ٿيا، تڏهن بادشاه تيمورشاه کي ماڻهن جي تڪليف بابت لکي، سورسات وغيره جي سڀني تڪليفن کان آزاد ڪرڻ جو عرض ڪيائين. بادشاه اهو عرض اگهائي معافيءَ جو پروانو جاري ڪيو، جو "آئينہ جهان نما" ۽ "تذڪره مخاديم ڪهڙا" ۾ جنسي نقل ٿيل آهي. مخدوم احمديءَ

(ڏسو حاشي صفحو ٤٢٣)

[سيد ابوطالب ۽ سيد مير محمد]. سندس پٽ سيد ابوطالب ۽ سيد ميرمحمد اتي مشهور آهن.

[حاجي فقيرالله]. پاهران آيل آهي پر گهڻي وقت کان هتي عام ماڻهن جو ڏانهن رجوع آهي، پيريءَ مريديءَ ۽ تعليم جي سلسلي کي نهايت جي حد تائين پهچائي ڇڏيو اٿس. بيشڪ حال جو صاحب ۽ چڱيءَ فضيلت جو مالڪ آهي. اتي جا حاڪم سندس خدمت ۾ مريديءَ جو رستو رکن ٿا

جي ڏينهن ۾ بغداد شريف کان حضرت پيران پير رحمت الله عليه جي اولاد مان ٻه ڀائر محمد شاهه ۽ احمد شاهه جي ناالي سان سنڌ ۾ آيا؛ پر ميان غلام شاهه کين رهڻ نه ڏنو، ڇاڪاڻ ته کيس شڪ هو ته هو ترڪي جي سلطان جا جاسوس آهن ۽ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪرڻ آيا آهن. ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ اهي ٻئي پير وري آيا ۽ سڌا اچي مخدوم صاحب جا مهمان ٿيا. مخدوم ميان احمديءَ، کين پورو سال پاڻ وٽ رهائي، پوءِ گنبٽ ۽ راڻيپور جا زميندار ڳهرائي ڪاڻن جايون ولي، وڏي پير ميان محمد شاهه کي گنبٽ ۾ ۽ ننڍي پير ميان احمد شاهه کي راڻيپور ۾ وهاريو. اڄ تائين انهي پيرن جو خاندان گنبٽ ۽ راڻيپور ۾ موجود آهي. مخدوم احمدي سنه ١٢٠٣ هه ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي وقت جي فصيح بليغ شاعرن گهڻا ئي مرثيا چيا، جي "تذڪره مخاديم کهڙا" ۽ "آئينهء جهان نما" ۾ مذڪور آهن. سندس تاريخ وفات "احمدي را مقام شد جنات" ۽ "کان وليا ملجاء الضعفاء" مان نڪري ٿي - (تاريخ آئينهء جهان نما ۽ تذڪره مخاديم کهڙا تان ورتل.) مخدوم ميان احمديءَ کي هڪ فرزند مخدوم محمد عاقل ناالي هو، جو پڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، ولي ڪامل ۽ شريعت جو پورو پورو پابند هو. هيءَ سنڌ جي مشهور معروف ولي الله، مخدوم محمد اسماعيل پريالوءَ واري جو نياڻو هو. کهڙن جا هاڻوڪا مخدوم سڀ سندس اولاد آهن.

[١٣٤] بادشاه کي سچائي تي ۽ امر ۽ نهيءَ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪري ٿو، ماڻهو ڏانهس ڏاڍا رجوع آهن (١).

(١) حاجي فقيرالله بن عبدالرحمان علوي اصل جلال آباد جي لڳ هڪ ننڍڙي ڳوٺ روقاس ۾ پيدا ٿيو. هن جي نسب جو سلسلو حضرت عليءَ سان امام محمد بن حنفيه جي وساطت سان ملي ٿو. حاجي صاحب ظاهري خواه باطني علوم جو ماهر هو. شاه محمد مسعود پشاوري ۽ حاجي محمد سعيد لاهوريءَ کان چئن ئي طريقن ۾ اجازت هيس. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان به حديث جي سند ۽ طريقت جي اجازت ورتي هئائين. هو باوجود يڪ وحدت الوجود جي عقيدي جي بانيءَ شيخ محي الدين ابن عربيءَ جو حامي ۽ مخدوم محمد معين جهڙي همه اوست جي نعري بلند ڪرڻ واري بزرگ جو يار غار هو، پر تڏهين به پاڻ وحدت الشهود يعني همه ازاوست جو قائل هو. سنڌ جي حاڪمن مان ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو پٽ ميان سرفراز سندس مريد ۽ معتقد هو. ساڳيءَ طرح بلوچستان جي رياست قلات جو والي مير نصيرخان بروهي به سندس مريدن جي زمري ۾ داخل هو. احمد شاه ابداليءَ سنڌ تي ڪاهيو ته اهو به حاجي صاحب جي فيض ۽ فياضيءَ جون خبرون ٻڌي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ سڪر ضلعي اندر ڪيتريون ديهون لنگر جي خرچ لاءِ عطا ڪيائين، جي اڄ تائين ٻنيداريءَ جي صورت ۾ سندس اولاد جي نالي داخل آهن ۽ انهن جي ڊل جي پيدائش مان ڪين حصو ملندو آهي.

حاجي صاحب هڪ وڏو عالم ۽ قادرالڪلام شاعر به هو. سندس تصنيفات مان هي ڪتاب مشهور آهن: ١- قطب الارشاد (هيءُ ڪتاب ڪنهن مريد ڪوئٽيا مان ڇپائي شايع ڪيو آهي)؛ ٢- طريق الارشاد؛ ٣- جواهر الاوراد؛ ٤- تڪميل المومنين والاولاد؛ ٥- فتوحات غيبيه شرح عقائد صوفيه؛ ٦- فتح الجميل في مدارج التڪميل؛

(ڏسو حاشي صفحو ٣٤٥)

پرالو

روهڙيءَ کان اٽڪل اٺ ڪوهہ اورتي هڪ ڳوٺ آهہ .
[سيد صالح شاه]. اتي جي ماڻهن مان سيد محمد صالح وقت جو پير ٿي گذريو آهي، سندس تربت ماڻهن جي مرجع آهي ۽ سندس زيارت ڪري عام خاص ماڻهن جون حاجتون پوريون ٿين ٿيون.
[سيد حيات شاه]. مٿين صالح شاه جي اولاد مان سيد حيات شاه، يقين جو صاحب رهي، زندگي گذاري ويو.
[سيد ولايت شاه]. هاڻي سيد حيات شاه جو پوٽو سيد ولايت شاه انهيءَ جڳهہ ۾ ناليرو آهي.

ڪنگري يا بادشاهپور

پرالي کان ڇهن ڪوهن تي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي.
[عبدالڪريم]. عبدالڪريم نالي هڪ ماڻهو اتي پير ٿي گذريو آهي.

٧- فتوحات الاهي؛ ٨- براهين النجات من مصائب الدنيا والعرصات؛ ٩- منتخب الاصول؛ ١٠- وثيقة الاکابر؛ ١١- قصيده مبروره. انهن سڀني تصنيفات کان علاوه حاجي صاحب جو زنده جاويد ڪارنامو آهي سندس مڪتوبات، جنهن کي سندس اولاد جي هڪ فرد فريد سيد مير علي نواز علويءَ ڇپارائي شايع ڪيو آهي. هي پلارو بزرگ ٣ صفر سنہ ١١٣٥هہ ۾ شڪارپور جي شهر ۾ رحلت فرمائي ويو. سندس شاگرد مير محمد وفا لکوي هڪ قطعہ تاريخ لکيو جو سندس گنبذ تي لکيل آهي:-

ولـي غوث خدا حاجي فقيرالله، شده بخلد مربع نشين الي‌الابد؛
وفاته و شب تاريخ وقت سال وصال، بگو سويم صفر و نصف ليلة الاحد.

سندس روضو مبارڪ شڪارپور ۾ هاٿيدر جي اندران عام ۽ خاص ماڻهن جو زيارتگاهہ آهي.

[عبدالعزيز]. هاڻي عبدالعزيز نالي سندس پٽ چڱي حالت سان جيرو آهي.

هالاڻي

پراڻو ڳوٺ آهي.

[شيخ طائي] جبريه قوم مان آهي. سندس مزار الله وارن جي زيارت گاه ۽ سندس زيارت هر خواهش جي پوري ٿيڻ جو باعث آهي.

[شيخ ڪبير]. شيخ ڪبير پڻ اتي جي بزرگن مان آهي. سندس آرام گاهه حاجتمندن جي مرجع آهي.

پيلاڻي

هالاڻيءَ جي سامهون آهي.

[پيرولي]. هڪ پير انهيءَ سرزمين ۾ آرامي آهي. دين جا بزرگ ۽ يقين جا صاحب سندس معتقد آهن.

[ميان عبدالله]. آگري قوم جو هڪ ڪامل فقير اتي جو رهاڪو آهي. هن وقت جيئرو ۽ڏجي ٿو.

فتحپور

اصل پنوهرن جو شهر هو.

[شيخ ترهو]. شيخ ترهو اتي جو آهي. هو وقت جو ڪامل ۽ زماني جو پير آهي. سندس پيڙهي بني اسد قبيلي سان ملي ٿي. سندس مزار مشهور تبرڪ ۽ [دل جي] حضور جي جاءِ آهي.

[قاضي برهان]. مشهور عارف آل عقبه ڏانهس منسوب آهي. سندس مزار قلجي ۽ ڪڪڙ جي وچ ۾ آهي. هن بزرگ جي زيارت ڪان ايندي ويندي جون حاجتون پوريون ٿين ٿيون.

ٻيرو (ڊرپيلو)

هڪ مشهور ڳوٺ آهي.

[مخدوم عثمان]. مخدوم عثمان اتي جو آهي. [هن جي] خدا وارن جي مرجع درگاهه گهڻي حضور ۾ مشهور آهي. هن کي رسول اطهر [صلي الله عليه وسلم] جي جناب جو قاضي سڏيندا آهن ۽ حاجتن پوري ڪرڻ لاءِ عام خاص ماڻهو هن کان دعا گهري دل جو مطلب گهرندا آهن.

باب پندرهون

سيوستان ۽ دشت باران پرڳڻن جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ

سيوستان

هن کي سيوهڻ ۽ سهوڻ به سڏيندا آهن. پنجين ولايت ۾ آهي، سندس لام قب نه (١٥٧) ۽ منڊو الول (٦٧) آهي. هڪ قديمي شهر سنڌ جي اولاد سهوارن جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. سندس قلعو مٽي بيان ڪيل ڇهن قلعن مان آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪيئي دفعا مرمت ٿيو آهي. قديم الايام کان خلاصو تختگاه هو. پوءِ وري اروڙ جي راجائن ۽ تنهن کان پوءِ ٺٽي جي بادشاهن جي حڪم هيٺ رهيو. شاه بيگ اهو چام فيروز کان کسيو هو. مرزا شاه حسن وري ٺٽي ۾ داخل ڪيو. جڏهن سنڌ جلال الدين محمد اڪبر بادشاه جي دربارجي گورنرن جي حڪم هيٺ آئي، تڏهن وري نئين سر علحده تختگاه ٿيو. نواب خدا يارخان جي حڪومت جي ڏينهن کان وري اصلوڪي دستور موجب باقي سنڌ ۾ داخل آهي.

سندس جبل تي واهي جو چشمو عجائبات مان آهي. ڪيترائي مريض انهيءَ مان غسل ڪرڻ ڪري شفاياب ٿيندا آهن. سدائين ساڳيءَ طرح پريل [رهي ٿو] ۽ پاڻيءَ جي اچڻ جي جاءِ معلوم ڪانهي. مقرر ڏينهن تي هندو اتي پوڃا لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن.

بي [١٣٥] هڪ ٽنبي جاءِ آهي. جو جبل ۾ هڪ وڏو صفحو هڪ ٽنب تي بيٺل آهي. ماڻهن جي اعتقاد موجب هيءَ قدرتي ٺهيل آهي. ماڻهو سير ۽ صفائيءَ لاءِ اتي ويندا آهن ۽ سندس چٽ تي چڙهي نظارو ڏسندا آهن. چون ٿا ته چڻ يارن

يعني مخدوم جلال جهانيان، شيخ عثمان مروندي، شيخ فريد ۽ شيخ بهاؤالدين اتي ويهي مڪاشفا ڪيا آهن. هڪ ناليري جاءِ ۽ سگهورو مڪان آهي.

شيخ عثمان مروندي (١). عرف مخدوم لعل شهباز بن سيد ڪبيرالدين محمد بن سيد صدرالدين، امام جعفر صادق عليہ السلام جي فرزند امام اسماعيل جي اولاد، مٿين ڄڻن يارن مان هڪ آهي، جن گڏجي سير سفر ڪيو هو. سنہ ٦٦٢ هه ۾ جڏهن ملتان پهتو، تڏهن دهليءَ جي بادشاه سلطان غياث الدين جي فرزند سلطان محمد، جو هڪ عابد زاهد نوجوان هو، عالمن صالحن ۽ شاعرن سان صحبت هوندي هيس، شيخ بهاؤالدين ذڪريا ۽ شيخ فريد شڪر گنج سندس مقرب هئا، امير خسرو ۽ امير حسن دهلوي سندس ملازمت ۾ داخل هئا، تنهن ڪيس [اتي ئي] رهڻ جي تڪليف ڏني، پر قبول نہ ڪيائين. شاه شمس بوعلي قلندر جي خدمت ۾ پهتو ته انهيءَ چيس ته هندوستان ۾ [اڳ ئي] ٽي سَو قلندر موجود آهن [تنهنڪري] بهتر آهي ته توهان وري سنڌ ڏانهن تشريف فرما ٿي وڃو. انهيءَ اشاري تي سيوستان اچي رهڻ گهريائين. اتفاقاً جنهن زمين ۾ هاڻي آراميل آهن، انهيءَ زمين تي فاحشہ عورتون رهنديون هيون. شيخ جي اچڻ تي [اهو اثر ٿيو جو] جيڪو بہ انهن زالن وٽ آيو سو [مٿن] قادر نہ ٿيو، صبح جو سيني عورتن شيخ جي اچڻ جي خبر ٻڌي اچي توبهہ ڪئي. تنهن ڪان پوءِ

(١) ميرقانع پنهنجي دستخطي نسخي جي پهرئين صفحي تي سندس نسب نامو هن طرح ڏيڪاريو آهي. مخدوم عثمان عرف لعل شهباز مروندي بن سيد ڪبير بن سيد شمس‌الدين بن محمد يحيٰ بن سيد .... بن سيد محمود شاه بن سيد احمد شاه بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد غالب بن سيد منصور بن ... بن امام‌الجن والانس محمد جعفر الصادق عليہ السلام. (جيڪي خال آهن اتيجا نالا ڪيڙو ڪائي ويو آهي ۽ پڙهڻ ۾ نہ آيا.)

شيخ ڪي زمين جي هڪ ٽڪر ڪي آباد ڪرڻ جو خيال ٿيو. انهيءَ خيال ڪان حاطي ڪڍڻ لاءِ هڪ مزور وٺي آيو ۽ پاڻ لٺ هٿ ۾ ڪٺي ويهي رهيو. زمين جو مالڪ اچي منع ڪرڻ لڳو، پاڻ ڪيس لٺ هنيائون ۽ هو مري ويو، جنهن تي ڪيس دفن ڪري ڇڏيائون. ميت جا وارث بازپرس ڪرڻ لاءِ شور ڪري آيا. تنهن تي فرمايائون ته: مون ته ڪتو ماريو آهي، اجهو زمين ۾ پوريو پيو آهي. ٻاهر ڪڍيائون ته سچ پچ ڪتو نڪري آيو. ڇاتائون ته فقير ڪرامت جو ڌڻي آهي، جنهن ڪري معتقد ٿي پيا ۽ زمين سندس حوالي ڪيائون. سندس ٻيون ڪانيون ۽ ڪرامتون ڳاٺيٽي ڪان ٻاهر آهن ۽ هن مختصر [ڪتاب] ۾ ڪيتريون ماپنديون؟ سندس وفات سنه ٦٧٣ هه ۾ ٿي. هو چڱو ۽ پرهيزگار [رهي] گذاري ويو. سندس اڳيان متولي جيڪي گذريا آهن، تن جي تحقيق ڪان مجبور ٿي تبرڪ طور ڪن ٿورن جو بيان ڪجي ٿو.

مخفي نه رهي ته هن درگاهه جي سنڀال قديم الايام ڪان شيخن جي حوالي آهي، جا اڄ تائين پشت به پشت، لاڳيتي [سندن هٿ ۾] رهندي اچي. سيدن جو به هن ڳالهه سان تعلق سندن مائٽيءَ جي ڪري پيدا ٿيو آهي.

شيخ مکڻ. قديمي شيخن مان درگاهه جو متولي ۽ ڪنجي بردار هو. مٿس پير جي ڏاڍي مهرباني هئي. چون ٿا ته سادات، جي شيخن جا ڏوهٽا آهي، تن جڏهن سجاده جي هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ درگاهه جي ڪنجيءَ جي لالچ رکي ۽ هنن مقابلي جو ست نه ساري ڪنجي ڏيئي ڇڏي. تڏهن سيدن ڪيتري به ڪوشش ڪئي پر در نه کليو. لوهار کي ڪلف پچڻ لاءِ وٺي آيا ته ڏک هٿن سان سندس هٿ سکي ويو. هن عجيب ڳالهه ڏسڻ تي سيد [پنهنجي] ڪئي تي پشيمان ٿيا ۽ ڪنجي شيخن جي حوالي [١٣٦] ڪيائون. هن ڪان پوءِ

ڪنجيءَ ۾ سيدن جي ڪابہ دست اندازي ڪانہ آهي. ۽ ٻہ گاديون ٽي پيون آهن جنن معلومات آهر بيان ٿيندو.

ميرصلاح الدين. اصل لڪعلوي (لڪيءَ) جي سيدن سڳورن سان آهي. پنهنجي ذاتي صلاحيت جي وسيلي، دين خواه دنيا جي سڌاري ۾ ڪوشش ڪري، نالو ڪڍيائين ۽ درگاھ جي سجاده نشينيءَ جي دولت نصيب ٿيس. سندس وجود پنهنجي پير جي نظر فيض اثر جي برڪت سان مريدن ۽ متعلقن جي هر طرح جي سڌاري جو باعث ٿيو. پڳي ٽوڙهي ڏڪر تي هڪ قلعڙو سندس يادگار آهي.

سيد پيرشاه. سندس فرزند رشيد سيد پيرشاه پيءُ جي قائم مقامي ۽ درگاھ جي سجاده نشينيءَ سان سرفراز ٿيو. هو رياضت جو صاحب هو. سڄي رات عبادت ڪندو هو. سياري خواه اونهاري ۾ نفل جي سيڪنهن ٻارهين رڪعت ڪان پوءِ نئون غسل فرمائيندو هو. سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد ڏاڍيءَ سڪ سان سندس زيارت جي درخواست ڪئي پر هن قبول نہ ڪئي. نيٺ هو سندس خدمت ۾ آيو تنهن تي پنهنجي سيدن ۽ خادمن کيس ڏاڍي تڪليف سان ٻاهر ڪڍيو. ڏمرڻ سان چيائين تہ هن ڪان پوءِ دنيا ۾ رهڻ چڱائي نہ آهي ۽ جلدئي گذاري ويو.

سيد نورشاه. تنهن ڪان پوءِ سندس پاٽ سيد نورشاه سجاده نشين ٿيو. هن جو ظاهري نمونو ابدالن جهڙو ۽ بي جوابدارانہ ۽ رندانہ هو، پر حقيقت ڪان ايڏو تہ ٻهرو مليل هوس جو جيڪي بہ سندس زبان مان نڪرندو هو، سو تقدير سان ٺهڪي ايندو هو. پير جي متس حد ڪان وڌيڪ مهرباني هئي. هفتي ۾ هڪ دفعو ٻاهر نڪرندو هو. ۽ پيڻ جو سامان ساڻ هوندو هوس. سندس وڏا خرچ ڏسي ماڻهو منجهس ڪيميا جو شڪ ڪندا هئا.

[سيد حيدرشاه]. ڪانئس پوءِ سندس پٽ حيدرشاه جاءِ نشين ٿيو جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي هدايت واري پٽ نظرشاه کي گاديءَ تي وهاريو.

[نظرشاه]. هن کي حال توڙي قال مان وڏو نصيب مليل هو. هيءَ پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو.

[اسد شاه]. تنهن کان پوءِ سندس پٽ اسد شاه پيءُ جي هٿان درگاه معليٰ جو سجاده نشين ٿيو. هاڻي سيد حيدرشاه گذاري ويو.

سيد نهال شاه. ڪاهڙوٽي جي سيدن مان آهي، جو سيوهڻ سان تعلق رکندڙ هڪ ڳوٺ آهي. اصلي متولي شيخن کان زبردستي مخدوم عليه الرحمة درگاهه جي سجاده نشينيءَ جو مالڪ ٿيو. پير جي گهڻي فيض سببان مٿي ذڪر ڪيل لڪعلوي سيدن جي اولاد جي سجاده نشينن کان وڏي ويو ۽ درگاهه جي دروازي جي ٻاهران تخت تي وهڻ جي خصوصيت عطا ٿيس. اها رسم سندس جاءِ نشينن ۾ هلي اچي.

[مير خضرشاه]. سندس گذرڻ کان پوءِ مير خضرشاه، پير جي خاص توجه سان سجاده نشين ٿيو.

[سيد موج دريا]. انهيءَ کان پوءِ سيد موج دريا ولد ساجو شاهه گادي نشين ٿيو. هن بزرگ جي وفات تازي ٿڌجي ٿي.

مخفي نه رهي ته جڏهن حضرت مخدوم جي بيان جي مناسبت تي ڪن سجاده نشينن جو بيان تي چڪو تڏهن پهريائين انهيءَ سرزمين تي رهندڙ بزرگان دين جو ذڪر ڪري پين سيدن جي ٿوري حالات لکي ويندي.

قاضي ابوسعيد ولد قاضي زين‌الدين بکري نهايت فضيلت ۽ حاضر جوابيءَ ۾ پنهنجي وقت ۾ يگانو ۽ انهيءَ ملڪ ۾ نامي گرامي ٿي گذريو آهي.

[قاضي قاضن]. سندس پٽ قاضي قاضن [پنهنجي] وقت جو [١٣٧] سرگروهه ٿيو. هو قسمين قسمين فضيلتن سان سينگاريل هو. قرآن جو حافظ ۽ قرات جو علم چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. فقه، تفسير، حديث، تصوف، تعويذات ۽ انشاء پردازيءَ ۾ ڪافي دسترس هيس، سلوڪ جي رستي ۾ ڏاڍيون رياضتون ڪيون هئائين. حرمين شريفين جي زيارت ڪري ڏاڍو سير سفر ڪيو هئائين. آخر سيد محمد مهدي جونپوريءَ جي مريدن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو جنهن ڪري ظاهر جا علما مٿس طعن ڪندا هئا. مرزا شاه حسن کان بکر جي قضا [جو عهدو] وٺي وچي پنهنجي ڏاڏي جي اباڻي جاءِ تي پهتو. وڏي عمر ۾ انهيءَ کان استعيفا ڏيئي پنهنجي پٽ قاضي نصرالله جي حوالي ڪيائين ۽ سنه ٩٥٨ ۾ گذاري ويو.

[قاضي نصرالله]. قاضي قاضن جو پٽ قاضي نصرالله ظاهري خواه معنوي ڪماليتن سان سينگاريل هو. وڏن جو طريقو پوريءَ طرح روشن رکندو آيو. قسمت جي ڏينهن پوري ٿيڻ کان پوءِ عزت ۽ ناموريءَ سان گذاري ويو.

شيخ محمود. وڏي ۾ وڏو عالم، پلي ۾ پلو متقي ۽ [پنهنجي] وقت جو ناميارو ٿي گذريو آهي.

[مخدوم راهو]. سندس اولاد مان قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو پڻ انهيءَ سرزمين جي ناليرن مان آهي.

[قاضي ڏتو سيوستاني]. سندس فرزند قاضي ڏتو سيوستاني، ڪيترن باطني عالمن جي صحبت پرائي، فيض جي نظر حاصل ڪئي هئي. [پهرياڻين] ڪو وقت پيءُ جي خدمت ۾ فضيلت حاصل ڪري پوءِ حديث ۽ تفسير جو علم مخدوم بلال جي خدمت ۾ رهي مطالع ڪيائين. گهڻو علم مخدوم محمود فخر پوٽي ۽ مخدوم عبدالعزيز هرويءَ کان [پڻ] پرايائين.

قرآن شريف جا ارڙهن تفسير مطالع هيٺ آڻي انهن جون معنائون ۽ دقائق ياد ڪيائين. علم جفر ۽ ٻين عجيب علمن مان وڏو حصو هٿ ڪيو هئائين. حافظو اهڙو ته [قوي] هوس جو اڪثر ڪتاب ياد پڙهي ويندو هو. مرزا شاه حسن کانئس تلقين ورتي هئي ۽ ڪيس مخدوم ۽ استاد جو لقب ڏنو هئائين. هو باغبان جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهي.

قاضي سائيڏنو. حضرت فاروق رضي الله عنه جو اولاد ۽ وقت جو وڏو عالم ۽ متقي هوندو هو. شريعت کي طريقت سان ۽ طريقت کي حقيقت سان شامل رکندو آيو. سيوستان بلڪ سڄي سنڌ ۾ نامي گرامي ٿي گذريو آهي.

[شيخ مير محمد مشهور ”ميان“ مير]. سندس فرزند ارشد شيخ مير محمد (معروف ”ميان مير“) دنيا جي ولين جو اڳواڻ ۽ وقت جو قطب هو. ظاهري فضيلت ۾ ڪو به ساڻس مٽ ڪونه ٿيو. سندس ولادت سيوستان ۾ سنه ٩٥٧ هه ۾ ٿي. سندس والد، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو، والده ۽ همشيره هرهڪ حال ۽ ڪشف ڪرامات جو صاحب هو. ست سالن کان مٿي لاهور جي شهر ۾ رهي شيخ خضر قادريءَ جو مريد ٿيو. اتاسي ورهين جي ڄمار ۾ سنه ١٠٤٥ هه ۾ وفات ڪري ويو. سندس قبو هاشمپور ۾ آهي. سندس مريدن مان هڪ وڏي جماعت ڪرامتن جا صاحب ۽ خدا کي پهتل آهن. دارا شڪوه سندس مريد ٿيو هو ۽ سندس حالات ۾ رسالو لکيو هئائين (١).

(١) بادشاه نامي، جو خاص شاهجهان جي احوال ۾ لکيل آهي، جي ص ٣٢٩ تي ميان مير جو ذڪر هن طرح ٿيل آهي: سندس ڳوٺ رو وطن سيوهڻ آهي، جو ملتان جي صوبي جو تابع آهي. قادري طريقو رکندو هو. ڦوهه جوانيءَ ۾ دارالخلافت (لاهور) ۾ اچي گمنائيءَ جي گوشي ۾ عمر گذاريائين. دنيوي تعلقات ۽ شاديءَ جو خيال اصلي ڪونه ڪيائين. ڪنهن به ماڻهوءَ کي تيستائين تلقين نه ڪندو هو، جيستائين هو دنيا جي شين کان متنفر نه ٿيندو هو. شاهجهان سندس

(ڏسو حاشي صفحو ٣٥٥)

مير سيد ڪلان. ڪربلا معليٰ جي عظيم القدر سيدن مان
آهي. انهيءَ مبارڪ سرزمين مان نڪرڻ ڪان پوءِ پهريائين قنڌار ۽ پوءِ سنڌ جي فتح ٿيڻ ڪان پوءِ، اچي سيوستان جي پسگردائيءَ ۾ رهيو. گهڻو وقت شيخ عثمان مروندي [١٣٨] جي مزار پرانوار تي گذاريندو هو. زهد ۽ تقويٰ ۾ بينظير هو. ڪيس گهڻي اولاد ٿي. مير معصوم بکري سندس اولاد مان آهي.

خدمت ۾ ٻه دفعا حاضر ٿيو هو. هڪ ڪشمير وڃڻ ڪان اڳ ۾ ۽ ٻيو ڪشمير ڪان موٽي اچڻ ڪان پوءِ، جو ٽن هفتن ڪان پوءِ واقعو ٿيو هو. وڏي عمر هجڻ ڪري هو اکين ڪان سڄو ٿي پيو هو ۽ سال ٣٣٠١هه ۾ وفات ڪري ويو. شاهجهان بار بار چوندو هو ته هندوستان جي درويشن مان ڪمالَيت کي پهتل فقط ٻه ڄڻا ڏٺا اٿم هڪ ميان مير ٻيو شيخ فضل الله برهانپوري.

مترجم ميان مير جي درگاهه پنهنجين اکين سان ڏٺي آهي جا لاهور ڇانوڻي اسٽيشن جي بلڪل قريب آهي. عام ماڻهو لاهور ڇانوڻي اسٽيشن کي سڏيندا ئي "اسٽيشن ميان مير" آهن. ميان مير جو قبو هڪ وسيع ميدان جي وچ ۾ سنگ مرمر جي ٿلهي تي ٻيٺل آهي. چوڌاري ڪليل صحن آهي. صحن کي چوڌاري شاليمار باغ ۽ شاهي مسجد جي احاطي جي نموني تي هڪ قلعي نما احاطو آهي. الهندي پاسي ڏانهن ٿلهي تي هڪ عاليشان مسجد آهي. چون ٿا ته اها مسجد ۽ احاطي واري پٽ دارا شڪوه ٺهرائي هئي. ميان جي قبي کي فقط ڏکڻ ڏانهن هڪ دروازو آهي. دروازي جي مٿان ڪجهه بيت لکيل آهن جيڪي هن وقت ياد نه رهيا آهن پر آخري مصرع آهي: بفردوس والا ميان مير شد. جنهن مان تاريخ وفات سنه ١٠٤٥هه نڪري ٿي.

دارا شڪوه سندن خاص مريد هو. هن "سڪنية الاوليا" نالي هڪ ڪتاب فارسي زبان ۾ خاص سندن تاريخ ۽ توصيف ۾ لکيو آهي؛ انهيءَ ڪتاب مان معلوم ٿو ٿئي ته سندن ولادت ٩٥٧هه ۾ ٿي هئي. سندن والده جو نالو بيبي فاطمه هو جا سنڌ جي مشهور جيد عالم قاضي قاضن جي نياڻي هئي، ۽ پنهنجي وقت جي رابعه هئي. سندن همشيره جو نالو بيبي جمال خاتون هو. سندن مرشد شيخ خضر سيوستان جي جبلن ۾ رهندو هو. پاڻ انهيءَ جا مريد ننڍپڻ ۾ ٿيا هئا. سندن وفات ١٧ ربيع الاول اڱاري ڏينهن، پهر ڏينهن چڙهئي ٿي هئي- والله اعلم.

میر عبدالله سلطان. عرف خان عريض ولد مير ابوالمڪارم بن مير غياث‌الدين جيڪي مٿي ذڪر ٿي آيا. سندس وڏا بکر ۾ گذريا پر هي سيوستان ۾ ڄائو ۽ نپنو. جهانگير جي ڏينهن ۾ مرزا غازي بيگ سان گڏ هو. جڏهن مرزا کي شاهي نوازش سان قنڌار ملڻ ٿي سان گڏجي مليو تڏهن هيءَ قاصد ٿي ايران جي بادشاه وٽ ويو ۽ انهيءَ سفر ۾ خراسان جي بادشاه جي زيارت جو شرف حاصل ڪري موٽي آيو. مرزا جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ٺٽي تي مقرر ٿيو. شاه جهان جڏهن تخت تي ويهڻ سان، بي ادبي ڪرڻ ڪري، شريف الملڪ تي ڪاوڙيو ۽ نواب امير خان اچي [ٺٽئين] نواب جي ڪامورن کي تڪليفون ڏنيون، تڏهن هن مير ۽ سندس ياءَ چيو ته جنهن صورت ۾ نمڪ حلاليءَ جو بدلو اهو آهي ته پوءِ گوشي ۾ ويهڻ گهرجي. ائين چئي عهدو ڇڏي ڏنائون. مرزا عيسيٰ گهڻوئي پڙڪاين پر جواب ڏنائون ته پيري اچي ويئي آهي ۽ نوڪريءَ جي طاقت نه رهي آهي. آخر ملا محب علي سنڌي، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، جي ذريعي، اولاد سميت مدد معاش طور چام تماچيءَ جي سيريءَ مان پنجاهه هزار درم پگهار وٺي ٺٽي هليا ويا. اتي هيءَ [سڳورو] ١٦ شعبان سنه ١٠٥٤ هه ۾ گذاري ويو. سندس اولاد ٺٽي ۾ رهجي پيئي. شعر عمدو [چيل] اٿس.

سيد عبداللطيف. ولد سيد عبدالرزاق بن سيد اسماعيل بخاري جنهن جو بيان مٿي ٿي چڪو، راقم‌الحروف جي ناني سيد عبداللطيف عرف سيد مهتو، جنهن جو اڳتي هلي بيان ٿيندو، جو ڏاڏو هو ۽ سيوستان ۾ رهندو هو. جهانگير بادشاهه جي حضور مان سيوهڻ جي پسگردائيءَ ۾ ڪڇيءَ جي ڳوٺ ۾ جاگير مليل هئس. ذاتي بزرگيءَ ۽ سهڻين صفتن ڪري وقت جي بزرگن [جي لسٽ] ۾ داخل هو.

ملا داؤد سيوستاني. فضيلت ۽ علم جو صاحب ۽ وقت جي متبرڪ عالمن مان هو.

[نورالحق]. چون ٿا ته سندس فرزند رشيد نورالحق جي طبع، ننڍ پڻ ۾ غبي هئي. قرآن پڙهڻ تي پٽس ڪيترو به ماريندو هوس پر فائدو ڪونه ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن کيس ڪنهن سوڙهي ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي بند ڪيائين. هو ڏاڍو رنو پر پٽس کيس معافي نه ڏني. آخر رئندي رئندي کيس ننڊ ڪٽي ويئي ته هڪ نوراني مرد، جو حضرت خضر هو، وٽس آيو ۽ چيائينس ته "ڪيترو سمهندين، اٿ، اڄ کان پوءِ جيڪي به پڙهندين، سو توکان نه وسرندو" جاڳڻ تي ڏٺائين ته جنهن سبق جي ياد ڪرڻ لاءِ پٽس کيس ماريو ٿي، سو سندس حافظي جي پٽيءَ تي پٿر تي ليڪي وانگيان ٿي ويو آهي. [بس پوءِ ته] پيءُ ۽ ماءُ کي سڏي وٺي قرآن پڙهڻ شروع ڪيائين. جڏهن پيءُ ماءُ کيس بند مان ٻاهر ڪڍيو، تڏهن جيڪي به چيائونس ٿي سو هڪدم ياد ٿي ڪيائين. نيٺ رفته رفته "استاذ" جي لقب وارو طالب علم ۽ مشتاقي لقب وارو شاعر ٿيو. جنهن وقت مرزا صائب هندوستان جي سفر ۾ هن رستي کان لنگهيو، تڏهن هن کي ڏسي سندس شعر پسند ڪيو هئائين. هن وقت هو نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ سان سينگاريل ۽ علم ۽ فضيلت سان سنواريل مرد ٿي پيو هو. سندس اولاد ۾ اها صلاحيت، علم ۽ شاعري اڄ تائين هلندي اچي ٿي. جئن ته سندس اولاد مان نورالحق نالي هڪڙو فضيلت ۽ صلاحيت وارو نوجوان زنده آهي ۽ ٻيو محمد عليءَ نالي بلاغت جو صاحب ۽ شاعر مزاج ماڻهو پڻ سندس اولاد مان باقي آهي.

ابوبڪر سيوستاني. سندس وقت ۽ حالات جو ڪو به پتو ڪونهي. باقي فقط ايترو آهي جو پنهنجي نالي ۽ جاءِ جي

تعريف، پنهنجي شعرن ۾ پاڻ بيان ڪئي اٿس جنهن مان سندس بلاغت معلوم ٿئي ٿي.

میان عبدالحلیم (۱). وقت جو بزرگ [هو] ۽ فضيلت ۽ چڱيءَ حالت ۾ حياتي گذاري ويو.

[وجيه الدين ۽ سندس پائر]. سندس پٽ وجيه الدين، ناصرالدين ۽ محمد رفيع، هرهڪ فضيلت ۽ چڱيءَ حالت ۾ وقت گذاري هليو ويو آهي.

قاضي محمد وارث. عدلاني مخدومن مان چڱيءَ حالت ۾ گذريو آهي.

[قاضي امين الدين]. سندس پٽ قاضي امين الدين هڪ فضيلت ۽ انسانيت وارو مرد [هو، جو] [۱۱۴۰] هاڻي تازو گذاري ويو آهي.

قاضي دين محمد. دڪاني مخدومن مان بزرگانه اخلاق ۽ فضيلت جو صاحب اجا تائين جيئرو ۽ ناميارو آهي.

مخفي نه رهي ته هي هيٺ نالا جيڪي ذڪر ٿيا، سي سمنڊ مان هڪ قطرو آهن، پر پنهنجي التزام موجب جيترو ٿي سگهيو، سو تبرڪاً لکيو ويو. جيڪو وڌائيندو تنهن جو احسان ٿيندو.

[هاڻي] جڏهن انهيءَ شهر جي بيان کان واندا ٿياسين، تڏهن انهيءَ جي ڳوٺن ۽ آسپاس جي بزرگن جو بيان شروع ڪريون ٿا. اتي پڻ جيتري معلومات آهي، تنهن تي اڪتفا ڪئي ٿي وڃي. ۽ الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو.

پاٽ

سيوستان جي پرڳڻي جي آسپاس ۾ هڪ ڳوٺ آهي.

حيدر هروي. "تحفهٔ سامي" ۾ سندس لقب "ڪليچه" (جيرو) لکيل آهي. ڇاڪاڻ ته ابتدا ۾ جيرن پچائڻ جو ڪم

---

(۱) نسخو "ن" عبدالحکيم

ڪندو ھو. ڪيس "ڪليچ" جو لقب پڻ ڏيندا ھئا. فرھنگ
رشيديءَ ۾ ڪلوچ ڪاف مفتوح ۽ واو معروف سان معنيٰ
وڏو جيرو [لڪيل آھي]. ھو ھڪ ديوان جو مالڪ شاعر
آھي. مرزا شاھ حسن جي ڏينھن ۾ پنھنجي ملڪ کان سنڌ ۾
آيو ۽ ھميشه لاءِ اچي مٽئين ڳوٺ ۾ رھي گذاري ويو.

ٽلٽي

انھيءَ شھر جو ھڪ ڳوٺ ٽلٽي بہ آھي، جتي جو:
مخدوم بلال. وڏو عارف ۽ واصل بالله ھو. ظاھري
علم ۾ [پڻ] وڏو شان رکندو ھو. رات جو پاڻيءَ سان ڀريل
ھڪ ڪونار ۾ وھندو ھو تہ ذڪر جي جوش ۽ حال جي
غلبي کان پاڻي جانداھ وانگيان چڪر ھڻڻ لڳندو ھو. صبح
جو ھو ٻاھر نڪري ويندو ھو تہ بہ پاڻي چڪر ۽ جوش ۾
ھوندو ھو. جيستائين درياھ ۾ نہ هاريندا ھئا، تيستائين بس
نہ ڪندو ھو.

ھڪ ڏينھن مخدوم لعل شھباز جي زيارت لاءِ ويندي ٻيڙيءَ
۾ ويٺو ھو [ھوڏانھن] مير بحر ڪارگند ۾ مشغول ھو ۽ ڪنھن
جي بہ چوڻ سان بس نٿي ڪيائين. مخدوم صاحب پنھنجي
ٽوپي سنڌس مٿي تي رکي تہ ھڪدم اجائي بڪوات کان بس
ڪري قال الله ۽ قال الرسول ۾ مشغول ٿي ويو. جيستائين
ٽوپي مٿي تي ھيس، تيستائين اھو حال ھوس. ٻيڙيءَ تان لھڻ
کان پوءِ ملاح جي مٿي تان ٽوپي لاٿائون ۽ ھو اڳئين دستور
موجب بڪوات ڪي لڳي ويو.

ڪاھان

ھڪ مشھور معروف ڳوٺ آھي.
مخدوم عبدالعزيز محدث ابھري [۽ سندس پٽ]. تبحر
۽ تحقيق جي مصر جو عزيز، علم ۽ تدقيق جي ملڪ جو شھنشاھ
ھو. ھو جام فيروز جي ڏينھن ۾ شاھ اسماعيل صفويءَ جي

بغاوت ڪري، پنهنجن پنهي عالي گوهر ۽ سراسر فضل ۽ سرتاپا هنر فرزندن، [هرهڪ] مولانا: اثيرالدين: جنهن جي فضيلت ۽ ڪماليت جو آواز آسمان جي اٿر کان لنگهي ويو هو، ۽ مولانا يارمحمد: جو علمن جي جامعيت ۾ يگانو هو، سان گڏ هرات کان ڳاهن جي ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿي مواليد ثلثہ وانگيان انهيءَ سرزمين کي علم جي اشاعت سان روح ۽ سرور جو سرچشمو بنائي ڇڏيائون. هو هميشه لاءِ اتي رهي پيا ۽ اتيئي حياتيءَ جي ڪتاب جي مطالع کان اک بند ڪيائون. (وفات ڪري ويا) مشڪواة شريف جي شرح ۽ اڪثر مروج ڪتابن جي حاشين وغيره جهڙيون عجيب غريب تصنيفون يادگار ڇڏي ويا.

درپيلو

ناليري جاءِ آهي.

قاضي ابراهيم. وڏو عالم، پرهيزگار، حضرت خليل وانگيان سلوڪ ۽ رضا جي رستي جو سالڪ هو.

[قاضي عبدالله]. سندس فرزند رشيد قاضي عبدالله، علم، متثين مخدوم عبدالعزيز ابهريءَ جي خدمت مان سکيو هو. پورو پورو متقي ۽ پرهيزگار هو. شاهه بيگ [١٣١] جي فتح کان پوءِ درپيلي کان باغبان ۾ لڏي آيو. سنہ ٩٣٤ ۾ گجرات ۽ اتان مدينہ طيبہ ڏانهن هليو ويو ۽ هميشه لاءِ اتي رهي سڪونت اختيار ڪري گذاري ويو(١).

(١) ڪتاب النورالسافر في اخبار القرن العاشر (٣٥٧) ۾ لکيل آهي تہ "شيخ، علامہ گهڻن فنن جو ماهر، عبدالله بن سعدالدين مدني سندي سنہ ٩٨٣هہ جي ذوالحج مهني ۾ مڪہ شريف ۾ وفات ڪري ويو. هيءُ هڪ زبردست عالم ۽ چيد و متبحر امام هو. هن جون ڪيتريون تصنيفون آهن جن مان هڪڙو سهرورديءَ جي عوارف تي حاشيو آهي". اسان جي خيال ۾ هيءُ شيخ عبدالله اهو ساڳيو قاضي عبدالله آهي جنهن جو ذڪر مير علي شير قانع هتي ڪري رهيو آهي. اگرچ مير قانع سندس والد جو نالو قاضي ابراهيم لکي ٿو، پر ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ قاضي ابراهيم کي سعدالدين جي لقب سان سڏيو ويندو هجي.

[شيخ رحمت‌الله]. سندس فرزند ارشد شيخ رحمت‌الله جو وجود خدا جي خاص ۽ نسوري رحمت هو. فضل ۽ ڪمالات جي فن سان سينگاريل ۽ [پنهنجي] وقت جو بينظير هو. مناسڪ الحج متعلق هن جا ٽي رسالا يادگار آهن (١).

[شيخ حميد]. شيخ رحمت‌الله جو ڀاءُ شيخ حميد ولد قاضي عبدالله مذڪور علوم عقليءَ ۽ نقليءَ ۾ تعريف جو لائق ۽ ڪامل هو. حديث ۽ تفسير ۾ وڏي دسترس هيس. خان اعظم

---

(١) النورالسافر في اخبار القرن العاشر (ص ٤٠٤) ۾ شيخ رحمت الله جي وفات جو قصو هن طرح ڄاڻايل آهي: ١٢ محرم سنہ ٩٩٣ هه ۾ شيخ، فاضل، عالم، محدث، فقيه، رحمت الله بن عبدالله السندي، حنفي، مدينہ منوره جو رهاڪو مڪہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ کيس اتيئي دفن ڪيو ويو. هو هڪ علم تي عمل ڪندڙ عالم ۽ الله جو صالح بندو هو. ڪنهن فاضل سندس وفات جي تاريخ ابجد جي حساب موجب ڪڍي آهي جا «رحمه‌الله قدنال مراده» (شال خدا تعاليٰ رحمت ڪريس هو پنهنجي مقصد کي پهتو) نڪتي. هن ۾ اگرچ ٻہ عدد وڌن ٿا، پر جيڪڏهن تاريخ جو مادو حال سان مناسب هوندو آهي تہ پوءِ فن جي ماهرن وٽ اهڙي واڌاري جي اجازت آهي. ماڻهو جنهن وقت کيس دفن ڪري فارغ ٿيا تہ هڪدم مينهن وسڻ لڳو. اسان جي دوست شيخ فاضل محمد بن شيخ عبداللطيف جامي مڪي عرف مخدوم زاده سندس مرثيہ چيو آهي جنهن ۾ انهيءَ واقعي ڏانهن پڻ اشارو ڪيو اٿس - جيئن تہ چيو اٿس تہ: رحمت الله لا تفارق مثوي - رحمت الله بالحيا والغمام. الله تعاليٰ جي رحمت مينهن ۽ جهڙ جي صورت ۾ رحمت الله جي جڳهہ کان جدا نہ ٿي ٿئي.

ڪوڪ، سان گڏجي مڪ، [شريف] ويو ۽ [وڃي] اهل حديث جو پيشوا بنيو (١).

مولانا سعد. علم ۾ ڪامل ۽ ڪماليت ۾ ملڪين مشهور هو.

[شيخ عبدالله متقي]. سندس فرزند شيخ عبدالله متقي تفسير ۽ حديث جي علم ۾ وقت جو بي نظير هو. سنہ ٩٤٧ ھ ۾ گجرات هليو ويو جتان متئين قاضي عبدالله سان گڏجي حرمين شريفين وڃي پنهنجا پيارا ڏينهن پورا ڪيائين. سيني علمن ۾ سندس عمديون تصنيفون ۽ رسالا لکيل آهن.

عبداللطيف. هڪ قابل طالب علم هو. شرح ملا [جامي] تي پرڪار نالي سندس حاشيو لکيل آهي. جنهن ۾ ڪلام جي، بحث ۾ "الڪلام ماتضمن ڪلمتين حقيقة او حڪما اي يڪون ڪل واحدة منهمافي ضمنه فالمتضمن اسم فاعل هو المجموع والمتضمن اسم مفعول ڪل واحد من الڪلمتين فلايلزم اتحاد هما" جو شرح هنن ٻن بيتن ۾ داخل ڪيو اٿس:

(١) النورالسافر (ص ٣٣٠) ۾ لکيل آهي، هن (شيخ رحمت‌الله) ڪي هڪ ڀاءُ هو جنهن جو نالو حميد هو. هو علم ۽ بزرگيءَ وارو سهڻن اخلاقن جو مالڪ، نهايت متواضع، ڏاڍو عقلمند، وڏي درجي ۽ ڪلي فضيلت جو صاحب هو. پڇاڙيءَ ۾ هن کي وڏي عزت نصيب ٿي هئي. هو مڪه شريف ۾ ٩ ورهيه رهيو ۽ اتيئي سنہ ١٠٠٩ھ ۾ وفات ڪيائين. کيس پنهنجي ڀاءُ جي پرسان دفن ڪيو ويو. هن جي عمر اٽڪل ٩٠ ورهيه هئي. مطلب ته هو سلف صالح جي نشاني هو. شال خدا مٿس رحمت ڪري. شيخ حميد عربي زبان جو هڪ وڏو شاعر هو. النورالسافر ۾ سندس شعر به نقل ٿيل آهي.

شيخ حميد جو ذڪر خلاصة الاثر جي اعيان القرن الحادي عشر ۾ به آهي. اتي کيس فاروقي سڏيو ويو آهي. خلاصة الاثر ص ٣٢٧ جزء ثاني.

قام زيد هيئت مجمو عيش اسم فاعل از تضمن مي شمر
و ر بخواهي اسم مفعولي ازو هيئتِ افراديش راکن نظر.

لکعلوي (لکي)

هڪ ناليرو شهر سيدن جي رهڻ جو هنڌ آهي. اتي جو جبل سنڌ جو هڪ نهايت سوڙهو لڪ آهي.

[سيد علي بن عباس]. پهريون سيد جيڪو اتي اچي رهيو، سو سيد علي بن سيد عباس بن سيد حسين بن سيد ارشد بن سيد زيد بن سيد جعفر بن سيد عمران بن سيد هارون بن سيد عبدالله اشرف بن قاسم بن عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام آهي، جنهن بيان ٿي آيو.

چون ٿا ته مٿين سيد جي اچڻ کان ٿورو اڳ دلوراءِ، جنهن جو بيان مٿي گذري آيو، جي ظلم کان اروڙ ۽ پانيرا (برهمڻ آباد) جا شهر ويران ۽ برباد ٿي چڪا هئا. دلوراءِ پنهنجي ڀاءُ چڻي بن آمر جي هدايت ڪرڻ تي، ٻرن ڪمن کان توبه تائب ٿي پشيمان ٿي اچي سيد جي خدمت ۾ پهتو ۽ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد جي نڪاح ۾ ڏنائين، جنهن مان چار پٽ ١. سيد محمد ٢. سيد مراديو، ٣. سيد حاجي عرف پرڪيو ٤. سيد چگو پيدا ٿيا ۽ انهن مان چار قبيلا ٿي پيا. ڪن جو چوڻ آهي ته چوٿينءَ صديءَ هجريءَ ۾ دلوراءِ جو ڀاءُ چڻو ولد آمر دانهن کڻي بغداد جي خليفي وٽ ويو هو ۽ مٿين سيد کي سامره جي رهاڪو سؤ عربن سميت سنڌ ۾ وٺي آيو. سومرن جا وڏا اهي (عرب) آهن.

مٿين سيد علي جي فرزند سيد چگي، سيد حسين نالي هڪ پٽ ڇڏيو جنهن مان سيد محمد، انهيءَ مان سيد محمود انهيءَ مان سيد بهاؤالدين، انهيءَ مان سيد حسين، انهيءَ مان سيد عبيد، انهيءَ مان سيد نٿو، انهيءَ مان سيد عبيد، انهيءَ مان سيد بايزيد، انهيءَ مان سيد فريد، انهيءَ مان سيد يونس،

انهيءَ مان سيد ڪهير [پيدا ٿيو]. هنن بزرگن مان هرهڪ کي گهڻي اولاد آهي. ناواقفيءَ سبب انهن جي بيان کي نه پهچي سگهيا آهيون. سيد ڪهير کي چار پٽ هئا. سيد ايوب، سيد فريد، سيد يعقوب، سيد يحيٰ. سيد يحيٰ جو اولاد سيد سماهبو عرف سيد ڪهير آهي. چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ ڪنهن خسيس سبب تي اچي سيدن ۾ سخت جنگ ۽ وڏو فساد پيدا ٿيو جنهنڪري ڪيترا سيد رنج ٿي هيڏي هوڏي پاسو ڪري هليا ويا. انهن مان سيد ڪهير ٺٽي هليو ويو.

آمري

آمريءَ جو ڳوٺ دلوراءِ جي پيءَ آمر جي [نالي] پويان [سڏبو] هو. هن وقت سيد عليءَ جي اولاد وارن ڇهن قبيلن مان هڪ قبيلي جي رهڻ جو هنڌ آهي.

سيد صدرالدين. عرف صدر بن سيد محمد، روشن نشانين ۽ ظاهر ڪرامتن جو مالڪ، وقت جو ولي، زماني جي مشائخن جو سردار، سيدن جو فخر ۽ جملي برڪتن جو جامع هو. سندس اولاد سنڌ ۾ نجيب خاندان ۽ اصل گهرائي هجڻ ۾ مشهور آهي. سندس ڪجهه اولاد سيوستان ۾ رهي ٿو جن انهن مان ڪيترا نالا بيان تي آيا ۽ ڪي پيا سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙيل آهن. هتي تبرڪاً اصل جاءِ تي رهندڙ ڪي نالا لکجن ٿا.

سيد محمد. متئين سيد صدر جي اولاد مان وقت جو ڪامل هو. سندس وفات جي تاريخ هن مصرع مان نڪتي آهي ع. درود خدا بر محمد بود (هجي شل محمد تي رب جي صلواة). چون ٿا ته پنهنجي هزار صلواة جا هرروز وظيفو هوندو هوس. گويا تاريخ جو هيءَ مصرع سندس انهيءَ شغل جي مدنظر تي هڪ عجيب اتفاق آهي.

[سيد اول شاه]. سندس پٽ سيد اول شاه هڪ مجذوب سالڪ، محبوب جي دربار ۾ واصل ۽ بلند درجن جو مالڪ هو.

[سيد ابوالحسن]. سيد محمد جو پيو پٽ سيد ابوالحسن ڪماليت جو صاحب ۽ شريعت جو پابند مخدوم نوح عليہ الرحمة جي سلسلي جو مريد هو.

[سيد عبدالرسول]. سندس فرزند سيد عبدالرسول بزرگيءَ سان وڏن جو نالو روشن ڪيو ۽ پنهنجي وقت جي ناليرن ۾ داخل ٿيو.

سيد محمد شجاع. مٿئين سيد صدر جي اولاد مان نقشبندي طريقي ۾ پنهنجي وقت جو نامور رهيو آهي.

سيد محمد اشرف. پلي ۾ پلن ماٿهن [١١٤٢] جي جماعت ۾ داخل ۽ بزرگيءَ جي لباس ۾ ڍڪيل هو.

سيد ابوبڪر. وڏن سيدن مان آهي. شاهزادي محمد معزالدين سندس خدمت ۾ حاضر ٿي دعا جي استدعا ڪئي هئي ۽ جلدئي سيد جي وعدي موجب مراد حاصل ٿيس.

سيد غازي خان. ظاهري خواه معنوي ڪماليتن جو صاحب ۽ لڪعلوي سيدن جو سرگروه هو. انهيءَ ڳوٺ جا جملي سيد سندس صلاح ۽ مرضيءَ جي مخالفت جائز نہ سمجهندا هئا.

سيد حمزه. هن وقت وڏو بزرگ ۽ سيدن جو پيشوا آهي.

سن

هڪ نالير و ڳوٺ آهي.

سيد حيدر. بارهن سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر ۽ مخدوم بلال جي خدمت ۾ حاضر ٿي واضح حالات، ڪشف ۽ يقين جو صاحب ٿيو. سندس ڪهڻي اولاد بزرگيءَ سان

موصوف آهي. سندس ڪرامتن مان هڪڙي ڪرامت هيءَ آهي ته هڪ ڏينهن ماڻهن جي انبوهه ۾ ويٺو هو. سڀني ماڻهن ڏانهن ڏسي چيائين ته مون وٽ خدا ڏانهن ايترا رستا آهن جو هنن ماڻهن مان هرهڪ کي جدا جدا رستي سان اصل مقصد ڏانهن پهچائي سگهان ٿو. جن ڪنهن کي به ٻئي جي خبر ڪانه پوندي.

ڦڪا

هڪ مشهور ڳوٺ آهي.

سيد حسن شاهه بخاري. هڪ بي غرض ۽ توحيد جي طريقي جو سالڪ مرد آهي. وڏن ڪان وٺي نيڪن ۽ مشائخن جي سلسلي ۾ داخل، حتي المقدور خدا جي رستي ۾ مشغول ۽ حاجتمندن جي مشڪل ڪشائي ڪندڙ آهي. عباسي ڪلهوڙن جو گهراڻو سندن مريد آهي.

[غفور شاهه]. مٿين حسن شاهه جو پاٽيو غفور شاهه پڻ ظاهري ۽ باطني ڪمالتن مان موصوف آهي.

ريل

هڪ سرزمين، ولين جي رهائش گاهه آهي. ريل جا درويش مشهور آهن. راقم الحروف معلومات آهي، انهيءَ بهار جي خوشبوءِ سان زماني جي دماغ کي معطر ڪري ٿو.

شيخ موسيٰ. شيخ ابوالفضل (١) جو پنجون ڏاڏو آهي جنهن هن پاڻ ڪچڪول ۾ لکيو آهي. هو نائين صديءَ [هجري] ۾ اچي اتي رهيو ۽ پنهنجو خاص وقت گوشي نشينيءَ ۽ ياد خدا ۾ گذاري وفات ڪري ويو.

(١) هي شيخ ابوالفضل ساڳيو اڪبر بادشاهه جو وزير، آئين اڪبري ۽ رقعات ابوالفضل جو مصنف، شيخ فيضيءَ جو ڀاءُ ۽ شيخ مبارڪ جو پٽ آهي. هتان معلوم ٿيو ته شيخ ابوالفضل ۽ فيضي اصل سنڌي آهن. والله اعلم بالصواب.

[شيخ خضر]. شيخ خضر سندس اولاد مان آهي. هو ذهنء صديء [هجريء] ۾ سير سفر جي خيال سان نڪري ناگور جي شهر ۾ پهتو جتي مخدوم جهانيان جي جاء نشين شيخ بخاري اچي، شيخ عبدالرزاق قادري ۽ شيخ يوسف سنڌيء جو مريد ٿي، ظاهري ۽ باطني سير ڪري، سنڌ موٽي آيو ۽ سال ٩١١ ۾ ڪيس شيخ مبارڪ ڄائو.

[شيخ مبارڪ]. هو عقلي توڙي نقلي علمن ۾ متبحر ۽ بزرگ هو. پنهنجي حياتيء جا ڏينهن اڪبرآباد ۾ گذاريائين. هڪ سؤ ويهه سال عمر هئس. شيخ فياض بخاري ۽ شيخ عمر ٺٽوي جو مريد هو. سندس ٻن اڪمل فرزندن شيخ فيضي ۽ شيخ ابوالفضل جو بيان پنهنجي جاء تي ٿي آيو.

درويش يحيٰ. مولانا عالم بڪريء، جنهن جو بيان ٿي آيو، جو فرزند، هڪ وڏو ولي آهي. ريل جي ويجهو رهندو هو. هڪ رات سخت مينهن وسيو ۽ اونداهي ٿي پيئي. درويش نماز پڙهي رهيو هو. چٽ مان پاڻي ٽمي [١١٩٣] سندس چادر تي پيو [ٽنهنڪري] دائيء کي ڏنائين ته درياء تي نيئي ڌوئي، سڪائي جلد کڻي اچ. [دائيء] چيو ته رات اونداهي، مينهن سخت ۽ سج گم آهي؛ مان ڪئن درياء تي وڃي سڪائيندي يس. فرمايائين ته تون ڪوٺيء کان نڪري ڏس ته ڇاتو ٿئي. دائي اڃا ڪوٺيء کان ٻاهر نڪتي ته ڪيس روشن ڏينهن ۽ سج نظر آيو. درياء تي پهچي، چادر ڌوئي، يڪدم خشڪ ڪري گهر موٽي آئي ته اڳئين وانگر اهائي رات قائم ۽ مينهن وسندو ڏسڻ ۾ آيس.

مخدوم نجيم. ريل جي بزرگن جو سردار، مريدن جي وڏين ٽولين جو صاحب ۽ مخدوم نوح عليه الرحمة جو همعصر هو.

درويش ابراهيم. ريل جي درويشن جي جماعت مان [حضرت ابراهيم] خليل وارين صفتن جو مالڪ ۽ انهيءَ جي رستي تي هلندڙ هو.

دشت باران

[هيءَ] سرزمين عارف باالله بزرگن جي ڪاڻ آهي.

شيخ هوٽي لاڪو. [پنهنجي] وقت جي پيرن جو پير هو. اڪثر متي ڪان پيرن تائين ڳاڙهو لباس پهريندو هو. تيرڪمان هٿ ۾ ڪٺندو هو ۽ خانقاهن ۾ وجد ۽ سماع جي غلغلي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ابتدا ۾، جڏهن اڃا سندس شان جو سج پرده جي ڪڪر ۾ ڍڪيل هو، وڃي هڪ ڳوٺ ۾ لٿو. ڳوٺ جي رئيس جو فرزند ڪيتريءَ مدت کان پري ڪٽي بند هو، جنهن صورت ۾ ڪيس اوڏانهن وڃڻ جي طاقت ڪانه هئي، تنهنڪري دعا جي مدد واسطي خدا وارن جي هڪ جماعت کي دعوت ڪئي هئائين. اتفاقاً هن به انهيءَ معرڪي ۾ پهچي ماني گهري، پر جماعت ڪيس حقارت جي نظر سان ڏٺو ۽ ڪاڏي جي پرگهور ڪانه ڪيائون. [جنهن تي] شيخ چيو ته: [هيءَ] ڪاڏو توهان کي تڏهن حلال ٿيندو، جڏهن دعوت ڪندڙ جي فرزند کي هڪدم حاضر ڪندا. جيڪڏهن توهان کان نٿو ٿي سگهي ته مون تي ڇڏي ڏيو. سڀني تعجب کائي اهڙو ڏکيو ڪم شيخ جي حوالي ڪيو. هن هڪدم ڇوڪري کي ٻانهن کان وٺي ڪٽي مجلس ۾ حاضر ڪيو. معلوم ٿيو ته ڇوڪرو انهيءَ ملڪ ۾ تيل وٺڻ لاءِ بازار وڃي رهيو هو، پر شيخ، خداوند ڪريم جي قدرت سان، اتان هتي پهچائي ڇڏيو. انهيءَ وقت کان وٺي سندس مشهوريءَ جو غلغلو دنيا ۾ مشهور ٿيو.

سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ هڪڙي شخص کان، جو سندس جنازي سان [مقام ڏانهن] ويل هو، روايت ڪن ٿا

ته هن، شيخ کي جنازي جي نماز ۾، پنهنجي پرسان ڏسي،
حال جي زبان سان [ڪانئس] سوال ڪيو ته: اهو ڪير، جو
پنهنجي جنازي جي نماز پڙهي رهيا آهيو؟ جواب ڏنائين ته:
هن حالت کان عجب نه ڪاءِ ۽ اسان کي زنده سمجهه.
سندس مزار پرانوار، دشت جي ڪنڌ ۾، ساڪره جي ڪناري
تي، موريائي ڳوٺ ۾، الله وارن جي گڏ ٽيڙ جي جاءِ آهي.

[شيخ احمد ۽ شيخ محمد]. مٿئين شيخ هوتيءَ جا ٻه
فرزند ـ شيخ احمد 'الله پاڪ جي حضور ۾ پهتل' ۽ شيخ محمد ـ
هميشه آزاد، سنڌ جي ناميارن بزرگن ۽ وڏن ۾ وڏن اوليائن
مان آهن. شيخ احمد هميشه عبادت ۽ مجاهدي ۾ ڪوشان
رهندو هو ۽ هڪ گهڙي ذڪر کان خالي نه هوندو هو، ۽
شيخ محمد، قرب جي مقام باطني شغل [۾ مشغول رهڻ ڪري]
ظاهري نفلي عبادتن ڏانهن توجهه ڪونه ڪندو هو. ٻنهي
بزرگوارن جون ڪرامتون ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن. سندن تربتون
ساڳيءَ جاءِ تي پيءُ بزرگوار جي پير ۾ آهن.

هارون مگريو. هڪ وڏي درجي ۽ ڪلي ڪرامتن
جو مالڪ درويش، مخدوم شيخ احمد ۽ شيخ محمد [١١٤٩]
جو همعصر دشت ۽ تل جو رهاڪو هو. هڪ ٻئي سان محققانه
۽ عارفانه صحبتون ڪندا هئا.

درويش ابراهيم ولد ناگودر ٽيٻو. هميشه اناج ۽ زمين
جي ڀاڄين تي قوت گذران ڪندو هو، ۽ سڀني رواجي طعامن
کان منهن موڙيو هئائين. ڀڪي نالي هڪ ڪاتيار، جو هن
جو وڏي ۾ وڏو خادم هو، تنهن کي هڪ ڏينهن ۾ خيال
آيو ته شيخ جي غذا ته اجهاڻ هيءَ آهي، سندس پائخانو ته
ڏسان ڪهڙو آهي؟ سو هڪ ڏينهن ڪونرو کڻي، سائس
ڪاڪوس تائين گڏجي ويو، ۽ درويش جي اڳيان کان ٻوڙي،
مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار ٻه اڇا آنا ڏسي کڻي پڳ ۾ رکيائين.

چون ٿا تہ شيخ جي موت واريءَ بيماريءَ ۾ سندس گهرواري ڪڻڪ جون ڪ بسريون پچائي ڪٽي آئي تہ مان اهڙي وقت ڪجهہ ڪائي. [ڏسي] چيائين تہ هاڻي ”جڏهن حياتيءَ جو روزو مماتيءَ جي ٽپهريءَ تي اچي پهتو آهي، تڏهن هن شي تي ڪئن پڇندس! [باقي] منهنجي طرفان هيءَ اجازت آهي تہ جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو، ضرورت وقت، هڙي مٺي ماني پچائي منهنجي نالي ڏيندو تہ سندس حاجت پوري ٿيندي“. انهيءَ وقت کان وٺي، انهيءَ پاسي جي ماڻهن ۾ رواج ٿي ويو آهي تہ حلال جي وجهہ جي ڪڻڪ جو هڪ ٽويو، هڪ هٿ سان پيهي، هڪ سير گُڙ ۾ گيهہ سان پچائي، سندس روح پرفتوح جي نالي ڪارائيندا آهن ۽ مرادون پائيندا آهن.

مؤمن نالي سندس پٽ ڪنهن حادثي ۾ گجرات جي ڪنهن قلعي ۾ قيد هو. وفات وقت سڏي چيائين تہ ”ابا مؤمن! اچي مون کي غسل ڏي“. هن قدرت الاهي سان، ڪيترن مهينن جي پنڌ تي، پيءَ جو آواز ٻڌي چيو تہ: ”مان هتي قلعي ۾ قيد آهيان، ڪئن اچان؟“ فرمايائينس تہ ”منهنجو هٿ وٺي هليو اچ“. خدا جي قدرت سان هڪدم اچي پيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندس تجهيز، تڪفين کي لڳي ويو. شيخ جي مزار دشت جي سڪرباري ڳوٺ ۾ آهي.

پڪو ڪاتيار. مٿين شيخ ابراهيم جو هڪ وڏو خادم ۽ حال ۽ ڪرامت جو صاحب هو.

درويش جڪرو نند هو. دشت جو هڪ وڏو وليءَ ۽ ڪرامتن جو صاحب آهي. سندس تربت آمريءَ ۾ آهي.

[درويش اسماعيل]. درويش اسماعيل ولد قمرالدين، هڪ ناليرو بزرگ عارف ۽ حقيقت جو صاحب آهي. درويش هالي کي، هن سندس وصيت موجب، ڪشف جي وسيلي معلوم ڪري، خودبخود هڪ ڏينهن جي پنڌ تان اچي، آمريءَ جي ڳوٺ ۾ غسل ڏنو هو.

درريش پنيو ناريجو. دشت جو هڪ وڏو ولي آهي.

هڪ رات پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ الله جي ذڪر ۾ مشغول ويٺو هو، ته ڪن شرير سوارن اچي فقير ڪي زبردستيءَ پنهنجي اڳيان ڪري، سونهو ٿي، رستي ڏيکارڻ لاءِ ڇهبڪ هنيا. درويش قليل دل سان اڳيان ٽيو. اجا ٿي وکون ئي ڪين هليو ته گهوڙن جا پير پٿرن تي ٽاپڙ جڻ لڳا. پٿرن جو آواز ٻڌي سوارن چيو ته "هن زمين ۾ اڳي ته پٿر ڪونه هوندا هئا، هينئر جبل ڪٿان آيو؟" فرمايائين ته "هيءَ زمين نه آهي بلڪ 'ڪوه ڪاف' آهي جو توهان ٻڌو هوندو". ائين چئي سوارن کي اتي موت جي منهن ۾ ڇڏي، پاڻ هڪدم پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ موٽي آيو. سندس وفات سال ۹۰۰هه ۾ ٿي. سندس قبر "ريده" ڳوٺ جي سامهون "رين" نديءَ تي آهي.

درويش هالو سهتو. دشت جو هڪ وڏو ولي آهي.

طهارت ۽ پاڪائيءَ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو. [۱۴۵] هميشه پاڻيءَ جا ٻه ڪوزا-هڪ استنجا ۽ ٻيو وضوءَ لاءِ-پاڻ سان رکندو هو. هڪ ڏينهن هيٺ مٿانهين زمين تان لنگهڻ ڪري، پاڻيءَ جا ٻئي ڪوزا سندس هٿ مان نڪري، هڪ ٻئي تي لڳي پيجي پيا. درويش فرمايو ته "خبردار! مٿان پاڻي هاريو اٿو!" خدا جي قدرت سان ٻئي پڳل ڪوزا سچا ٿي پيا ۽ پاڻيءَ جي هڪڙي ڦڙي زمين تي نه هاري. فوت ٿيڻ وقت وصيت ڪئي هئائين ته "منهنجو ڪپو پير ننڍپڻ ۾ ڪٿون جي ڇيٽي ۾ پرجي پيو هو، تنهنڪري غسل ڏيڻ مهل انهيءَ تي پاڻيءَ جا ويهه ڪوزا هارجو"-ائين ڪيو ويو. سندس تربت آمريءَ ۾ آهي.

درويش علاؤالدين ٻکهيو. دشت جي ناليرن ولين مان هو. سندس زبان مقبول ۽ سيفي هئي-جنهن چوندو هو تنهن ضرور ٿيندو هو. سندس دعا جو تير ڪڏهن به اجابت جي

نشان ڪان نہ گتو. سنہ ٩٠٠هہ ۾ گذاري ويو. دشت ۾ برهمڻ آباد جي قريب آرامي آهي.

قاضي صدهو ولد حماد. سندس پيڙهي سهره خطيبہ جي قاضين سان ملي ٿي. دشت جي ولين مان آهي. هڪ ماڻهوءَ وٽ ڪا سٺي گهوڙي هوندي هئي. تنهن اچي انهيءَ جي وياڻو ٿيڻ لاءِ قاضيءَ کي دعا جو عرض ڪيو ۽ پاس پاسي. هن (قاضي) کي ليمو هٿ ۾ هو، سو کيس گهوڙيءَ کي کارائڻ لاءِ ڏنائين. الله پاڪ جي قدرت سان گهوڙي ڍڪي ٿي پيئي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ بي بها ٻهاڻ ڄڻيائين، جو جڏهن وڏو ٿيو تہ کيس انهيءَ جي قيمت ۾ تمام گهڻا پيسا ملڻ لڳا. اتفاقاً قاضيءَ جو انهيءَ ماڻهوءَ جي جاءِ وٽان لنگهڻ ٿيو ۽ اهو بدمذهب پاس جي ڏيڻ کان جوان جي پوک ۾ لڪي ويو. هن جي لڪي وڃڻ کي قاضيءَ دل جي نور سان معلوم ڪري ورتو. چا ڪيائين جو پڳ سان ٽڪر ڦاڙي ڪٺي انهيءَ ڏانهن هوا ۾ اڇلايائين. پڳ جي ڪپڙي نانگ بڻجي گهوڙيءَ جي مالڪ جي آڳر ۾ ڏنگ هڻي ورتو. هن جا ساٿي نانگ ماري کيس قاضيءَ جي خدمت ۾ کڻي آيا. قاضيءَ دعا ڪئي ۽ چڱو ڀلو ٿيو- پر پنهنجي ڏوهہ کان باز نہ آيو. قاضيءَ سندس دل جو حال معلوم ڪري، خادم کي چيو تہ "انهيءَ ٻهاڻ کي وڃي چؤ تہ 'اسان جي امانت واپس ڏي'." پيغام پهچڻ سان اهو ٻهاڻ ساڳيو ليمو وات سان اڇلائي مري ويو. تنهن کان پوءِ انهيءَ مثل نانگ جي ڪٺي اچڻ جو حڪم ڏنائين. [ڏنائون تہ] ساڳيو ڪپڙو هو!

چون ٿا تہ هن سميجن ماڻهن کان، جي سندس مائٽ هئا، سڱ گهريو. نيڪيءَ واريءَ رات زالون، رسم ۽ دستور موجب، پوک چرچي ۽ اجائي سجائي ڳالهائڻ ۾ لڳي ويون ۽ درويش کي ڏاڍو تنگ ڪيائون. هنن کي ڪيترو ئي چيائين،

پر خبردار نہ ٿيون، پاڻ وڏيڪ پوڪ چرچا ۽ گارگند ڪرڻ لڳيون. لاچار ڪوني جو در بند ڪري ڪين وڏي آواز سان منع ڪيائين. [انهي هوندي بہ] جڏهن هو وڏيڪ چرچن جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون تڏهن ڪاوڙجي چيائين تہ: هي تہ شايد ڪو گڏهين جو ولر آهي، جو سمجهہ پري ڳالهہ نہ ٿيون مڃين". قدرت الاهي سان اهي سڀ زالون گڏهيون ٿي پيون ۽ گڏهين وانگيان هينگون ڪرڻ لڳيون. هي ڏي انهن زالن جا مڙس اچي قاضي جي پيرن تي ڪريا ۽ سندن لچ رکڻ لاءِ [عرض ڪيائون]. انهن مائهن جي عاجزي ۽ الحاح تي رحم جي نظر فرمايائين، ۽ اهي زالون راتو واه پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي شرمنديون ٿي گهرن ڏانهن موٽي ويون. قاضي جي وفات سنہ ٩٠٠ هہ ۾ ٿي. سندس تربت ونهيري ڳوٺ ۾ آهي.

درويش رڪن الدين ولد ديتو (ڏتو). الله پاڪ جي درگاه جو هڪ وڏو مقبول بندو آهي. گهڻو ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف رهندو هو. هڪ ڏينهن مسجد ۾ ستو پيو هو تہ اوچتو مسجد جي امام نفلن کان فارغ ٿي ٽڪرو گهر وڃڻ گهريو، ۽ چادر ڇنڊيائين جنهنڪري ڪي پٽي ڪڪ وڃي درويش جي منهن تي پيا. هڪدم امام جون ٽنگون ڪيريون ٿي ويون ۽ هلڻ کان لاچار ٿي پيو. سمجهيائين تہ هي سندس نادانستہ ڪيل ڪم جو نتيجو آهي، جنهن کان فقير جي منهن تي ڪي ڪک پيا آهن. جلد ئي وڃي فقير جي پيرن تي ڪريو ۽ چڱو ڀلو ٿيو. [هوڏانهن] درويش کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي.

چون ٿا تہ پوين ڏينهن ۾ وجد جي غلبي ۽ ذڪر جي جوش کان سندس هڪ عجيب حالت ٿي پيئي هئي: جڏهن بہ ڪو بلند آواز يا ڏاڍيان ڳالهائڻ سندس ڪن تي پوندو هو، تہ هڪدم وٺي درد پري دانهن ڪندو هو، ۽ انهي دانهن

جي ٻڌڻ سان، اهو آواز ڪندڙ ساهه ڏيندو هو. سندس وفات سنه ٩٨٨ھ ۾ [ٿي هئي].

مخدوم محمد امين. پنهنجي وقت جو موحد ڪامل، جو ويجهڙائي ۾، پٽ باران(١) جي سر زمين ۾، داسوڙيءَ جي ڳوٺ ۾، ٿي گذريو آهي، مخدوم سيد نه طالب علم نصرپوري سندن مريد هو.

بوبڪان (ٻوبڪ)

ناليرو ڳوٺ ۽ خدا وارن جي رهڻ جي جاءِ آهي.

[مخدوم جعفر]. مخدوم جعفر ولد مخدوم ميران- جنهن جو ذڪر اڳتي ٿيندو- مخدوم نوح جو همعصر، ڪماليتن جو جامع ۽ زبردست عالم ٿي گذريو آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن مخدوم نوح رحمة الله عليه فرمايو ته ”مان خدا تعاليٰ کي هنن اکين سان ڏٺو آهي“. [مخدوم جعفر] فرمايو ته توهان هنن اکين سان ڪونه ڏٺو هوندو. هن حقيقت جي ظاهر ڪرڻ خاطر، توهان کي گهرجي ته جڏهن به توهان کي اهڙي حالت پيدا ٿئي، تڏهن ڪنهن خادم کي پنهنجين اکين بند ڪرڻ جو امر فرمايو، پوءِ به جيڪڏهن خدا تعاليٰ جو ديدار قائم آهي ته پوءِ يقين ڄاڻو ته اها اک هيءَ [ظاهري] اک ۽ اهو ديدار هيءُ [رواجي] ديدار نه آهي“. مخدوم (نوح) هن تجربي ڪرڻ کان پوءِ فرمايو ته ”جي نه هجي ها جعفر ته نوح ٿئي ها ڪافر“. ”عجالته الطالبين“ ۾ هيءُ عجيب نقل ڪانئس روايت ٿيل آهي ته مون کي عبدالقادر بن ابراهيم بن محمد مدينه (منوره) علي ساڪنها الف الف صلواة وسلام جي امامن کان روايت ڪري، محرم سنه ٩٠٩ھ ۾ ٻڌايو ته مڪي شريف جو گورنر طورسينا جبل تان، انهي جاءِ وٽان جتي حضرت موسيٰ

(١) ساڳيو دشتِ باران جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو.

پنهنجي رب سان ملاقات ڪئي هئي، هڪڙو پٿر ڪڍائي آيو، جنهن کي جيترو به پڪوسين ٿي ته سندس اندران ڳاڙهي رنگ تي قدرتي اڇي رنگ سان "لااله الا الله محمد رسول الله" لکيل ڏسوسون ٿي. وڏي ٽڪر ۾ سڄو ڪلمو ۽ ننڍي ۾ ڪجهه حصو [ڏسڻ ۾ آيو ٿي]. هن وڏيڪ ٻڌايو ته انهي جاءِ جي سيني پٿرن ۾ اها خاصيت آهي - جنهن تي مون چيو ته "هيءَ شاهد آيت سڳوري 'اِخْلَعْ نَعْلَيْكَ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًي" (تون جتي لاهه، ڇاڪاڻ ته طوي جهڙيءَ پاڪ واديءَ ۾ آهين) جو هڪ راز آهي!" مخدوم مذڪور زماني جي عجائبات مان هو ۽ سندس اولاد ۾ فضيلت ۽ ڪمال اڄ تائين هليو ٿو اچي (١).

[مخدوم عبدالغني ۽ مخدوم نورالدين]. مخدوم عبدالغني ۽ مخدوم نورالدين، جن تي ڪماليت ۽ فضيلت ختم هئي ۽

(١) مخدوم جعفر "حل العقود في طلاق السنود" نالي هڪ عجيب غريب ڪتاب تصنيف ڪيو هو، جنهن ۾ سنڌين جي طلاق ڏيڻ جا نمونا ۽ انهن جا شرعي احڪام بيان ڪيا اٿس. اهو ڪتاب ڪن جهونن ڪتبخانن ۾ اڄ تائين موجود آهي - هن مان ڏهينءَ صديءَ جي سنڌ جي تمدن ۽ زبان تي ڪافي روشني پوي ٿي. هن ڪتاب کان سواءِ مخدوم جعفر جي ٻي عجيب غريب تصنيف آهي "الفطانة في مرمة الخزانة". هن ڪتاب ۾ حنفي فقه جي مشهور ڪتاب "خزانة الروايات" جي تنقيح ۽ ترميم ڪيل آهي. "عجالتہ الطالبين" به مخدوم جعفر جي تصنيف آهي.

هن بزرگ جي پيدائش ۽ وفات جون تاريخون معلوم نه ٿي سگهيون آهن. البت تاريخ معصوميءَ مان هيترو پتو پوي ٿو ته هيءَ سڳورو مرزا شاه بيگ ارغون جي سنڌ تي ڪاهه وقت زنده هو - جنهن ڪري چئي سگهبو ته سندس وفات سنه ٩٢٠ هه کان پوءِ ٿي آهي.

سنڌن جهڙو هرفن موليٰ ڪونہ هو، سي سنڌس [مخدوم جعفر جي] اولاد مان هئا - هڪڙو محمد مراد ياب خان جي حڪومت وارن ڏينهن ۾، ۽ ٻيو ميان غلام شاه خان جي زماني ۾ گذاري ويو. سنڌن اولاد اڃا تائين [سنڌن] يادگار موجود آهي.

حڪيم عثمان. [پنهنجي] وقت جو يگانو ۽ نهايت تجربي جو صاحب هو.

ميان عبدالواحد. وڏيءَ عمر جو پير مرد، حال جو صاحب، نجوم ۽ رمل جو ماهر، پڻ اتي جو آهي. نادرشاه وارن ڏينهن ۾ خداآباد ۾ ڏنو هوم.

مٿين ڳوٺن ۾ هن وقت خواه اڳوڻي زماني ۾ ڪيترائي ڪان ٻاهر بزرگ هوندا، پر معلومات آهر هن قدر تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي - جنهن ڪي بہ وڌيڪ تحقيقات جي توفيق ٿيندي سو ثواب کان خالي نہ رهندو.

[باب سورهون]

[هالا ڪنڊي پرڳڻي جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ]

هالا ڪنڊي (هالا)

هڪ ناليرو شهر ۽ خدا وارن جو آرامگاه آهي. هن وقت نئون پڊل آهي. ڪيئي دفعا دريا جي اٿل سبب اتي جي رهاڪن کي لڏڻو پيو آهي.

مخدوم اسحاق. اصل قوم پٺاڻ ۽ شيخ بهاؤالدين [۱۴۸] زڪريا ملتانيءَ جي خاندان جو مريد ۽ فضيلت ۽ ڪماليت ۾ بينظير ۽ الله تعاليٰ جي وڏن ولين مان هو. سندس ڪرامتون ۽ مناقب ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن. مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد سندس پٽ آهن، جن جو بيان اڳتي ايندو.

مخدوم احمد. هڪ تمام وڏو ولي آهي. هو هميشه گوشه گمناميءَ ۾ وقت گذاريندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ذڪر ۽ سماع جي مجلس ۾ ويندو هو ته مٿس اهڙي ته حالت پيدا ٿيندي هئي، جا بيان کان ٻاهر آهي.

سندس هڪڙي ڪرامت هيءَ آهي ته هڪ وڏيري جي پٽ کي اچي موتمار بيماري ٿي، هن مخدوم احمد کي خدا وارن جي جماعت سميت دعوت ڪئي. ماني کٽي آيا ته مخدوم ٻن ٻن کي گڏجي ويهڻ جو امر ڪيو، ۽ پاڻ اڪيلو رهجي ويو. پاڻ رڪن نالي خادم کي فرمايائون ته "هن دعوت ڪندڙ ماڻهوءَ جي پٽ کي وٺي اچ ته مون سان گڏجي کائي". قضا الاهيءَ سان انهيءَ وقت اهو ڇوڪرو فوت ٿي ويو

هو پر پٽن انهي بزرگ جي تشريف آوريءَ جو ملاحظہ ڪري،
[اها ڳالھ] ظاهر نہ ڪئي هئي. هن [خادم] وراڻيو تہ ”سندس حالت
سخت آهي، اچي ڪين سگهندو“. مخدوم فرمايو تہ ”انهيءَ
کان سواءِ ڪين ڪاڻيندس.“ نيٺ اهو رڪن چوڪري جي
مٿان ويو ۽ هو مخدوم جي پيغام تي يڪدم جيئرو ٿي اٿي
ويهي رهيو ۽ مخدوم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ساڻس گڏ ڪاڏائين –
[وڏ يڪ] ٻڌايائين تہ ”منهنجو روح قبض ڪري چوٿين آسمان
تي کڻي ويا هئا، جتان مخدوم هتي موٽائي آندو آهي“.

چون ٿا تہ هو پوين ڏينهن ۾ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)
آيو. اتفاقاً هڪ سوناري سماع جي مجلس ۾ هڪ بيت سوزگداز
سان پڙهيو، جنهن جي ٻڌڻ سان مخدوم ساهہ ڏنو. سندس
جنازو هالا ڪنڊيءَ کڻي آيا. نقل آهي تہ رستي ۾ انهيءَ مان
ذڪر جلي ڏاڍيان ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

هن ظاهري علم ۽ باطني علم جا ڪي نڪتا مخدوم
عبدالرشيد جي خدمت مان پرايا هئا. سندس وفات سنہ ٩٣٦ ھ
۾ ٿي.

[مخدوم فتح الله]. سندس فرزند رشيد مخدوم فتح الله
پيءَ جي رحلت کان پوءِ وڏن واري پيروي اختيار ڪري،
ارشاد جي مسند چڱيءَ طرح هلائي.

[مخدوم احمد ثاني]. تنهن کان پوءِ، مخدوم فتح الله
جي پٽ مخدوم احمد ثانيءَ، ولايت ۽ ڪماليت جي گاديءَ
تي ويهي، پنهنجا برڪت ڀريا وقت ڏاڍي هدايت ۽ ارشاد
سان گذاريا.

[مخدوم عبدالحميد]. انهيءَ کان پوءِ، هن جو پٽ مخدوم
عبدالحميد، جو سڀني صفتن ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو،
وڏن جو نالو تمام سهڻي نموني ۾ روشن ڪندو رهيو.

[مخدوم عمر]. ڪانئس پوءِ سندس پٽ مخدوم عمر، ڏاڍو هدايت وارو، پنهنجي وقت جو نامور ۽ معرفت جي رستي جو سالڪ پيدا ٿيو. هن سڳوري جون ڪرامتون شمار ڪان ٻاهر آهن. هن ٽي پٽ ـ هرهڪ مخدوم حسين، مخدوم ابراهيم ۽ مخدوم عبدالرؤف ـ ڇڏيا.

مخدوم ابراهيم ولد مخدوم عمر حال ۽ ڪمال جو صاحب ٿي گذريو آهي.

[مخدوم فتح الله (ثاني)]. سندس، ڪمال جي زيور سان سينگاريل فرزند، مخدوم فتح الله، يقين جي رستي ۾، پنهنجن وڏن جي سلوڪ واري وات ورتي، چڱيءَ طرح هليو.

[مخدوم عبدالحميد ثاني]. هو گذاري ويو ته سندس فرزند مخدوم عبدالحميد ثاني وڏن واريءَ ارشاد جي گاديءَ تي ويٺو. هن جي ذات گرامي اجوڪي وقت ۾ خالص تبرڪ ۽ نج غنيمت هئي. مخدوم عبدالرؤف ـ جنهن جو بيان اڳتي ايندو ـ ڪان پوءِ عقيد تمندن کي [١٤٨] عجيب فيض ڏنائين. هو مدينه منوره ۾ گذاري ويو.

[مخدوم رحمت الله]. ڪانئس پوءِ سندس پٽ مخدوم رحمت الله، خدا جي خاص رحمت ۽ ڪمال ۽ فيض جي وصفن سان سينگاريل هو. هو ڀوهه جوانيءَ ۾ گذاري ويو.

[مخدوم عبدالرؤف]. مٿئين مخدوم عمر جو فرزند پنهنجي وقت جو عارف ۽ ڪامل ٿيو. هو اجوڪي زماني جي مشائخن ۾ ممتاز رهيو. سمجھ واري ٿيڻ ڪان وٺي وفات جي وقت تائين سمورو وقت سندن اخلاق سهڻا رهيا، ۽ هميشه عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هو.

سندس ڪرامتون شمار ڪان ٻاهر آهن. ميان نورمحمد هن جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو، ۽ سندس اڪر اڪر جي تابعداريءَ واسطي دل و جان سان تيار رهندو هو. هو سنه ١١٦٦ هه

۾ وڃي خدا جي رحمت سان واصل ٿيو. هالن جي قاضي زادي شيخ ابراهيم هن جي تاريخ "ڪان وليارؤف الخلق" (هو هڪ، خلق تي نهايت مهربان ولي هو). [مان ڪڍي آهي] ۽ محمد پناه رجا ٺٽوي، سندس چوندن حالات هڪ بليغ شعر ۾ نظم ڪيا آهن ۽ پر طوالت جي خوف ڪان هتي ذڪر نٿا ڪريون.

ڪانئس پوء ڪو فرزند ڪونه رهيو.

[مخدوم نعمت الله]. هاڻي مٿين مخدوم عبدالحميد ثاني، جو فرزند مخدوم نعمت الله، ڏاڍي، بزرگي ۽ ڪمال سان وڏن جي گادي، ڪي سينگاري رهيو آهي ۽ حال جو صاحب آهي.

[حاجي دين محمد]. حاجي دين محمد پٽ مخدوم عبدالحميد جو فرزند ۽ انساني ڪماليتن سان موصوف آهي. ...(١) جو وڏو ڀاءُ مخدوم عبدالحميد، مخدوم عبدالرؤف جي حياتي، ۾ ئي پنهنجو وارو ڏاڍي بزرگي، سان وڃائي گذاري ويو هو.

مخدوم محمد. مٿين مخدوم اسحاق جو پيو فرزند، [ظاهري] علمن جي تحصيل ڪماليت جي درجي ڪي پهچائي، باطن جي صفائي، ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئائين. اڪثر خلق الله جي ڪمن ڪارين سان، خداڪارڻ، حاڪمن وٽ ايندو ويندو رهندو هو. ظاهري شرع جي مخالفت سهي ڪين سگهندو هو. هڪ وقت ڪنهن حاجتمند جي ڪم سان ڄام نظام الدين وٽ ٺٽي آيو هو. ڄام چيس ته "تنهنجي ڀاءُ

---

(١) هتي نسخي "ن" ۾ هڪ نالو لکيل آهي، پر اڌ وهيءَ جو ڪاٽل آهي ۽ پڙهڻ ۾ نٿو اچي. ڇاپي نسخي ۾ ته هتي عبارت ڏاڍي منجهيل آهي: لکيل آهي ته "مخدوم عبدالحميد براد ر بزرگ د ر حيات مخدوم عبدالرؤف ببزرگيءَ اتم گذشته بود" - ظاهر آهي ته هن عبارت جي ڪابه صحيح معني نٿي نڪري سگهي.

مخدوم احمد جي ڏاڍي تعريف ڪڍي اٿر. هن جي زيارت جو ڏاڍو شوق اٿر، تنهنڪري جيستائين هو اچي تيستائين تون هتي ترسي پؤ." فرمايائين "ته منهنجي ڪي نه تنهنجي پرواهه آهي، نه منهنجي". انهيءَ گفتگوءَ ۾ هئا ته مخدوم احمد اچي چام جي مجلس ۾ وارد ٿيو. چام سندس زيارت ڪري، ڏاڍي عقيد تمنداڻه خدمت ڪئي. موٽڻ وقت مخدوم احمد پاڻ ڪي چيو ته "اڄ ته جئن آيو آهيان تئن زمين ڪي سوڙهو ڪري هلي هالين پهچون، ۽ ٻپهريءَ جي نماز اتي ادا ڪريون." مخدوم محمد وراڻيو ته "توهان مرضيءَ جا مالڪ آهيو باقي مان ته في سبيل الله پنڌ ۽ محنت جي تڪليف [جو ثواب] هٿان ڪونه ڇڏيندس."

هن بزرگ جي اولاد ۾ پڻ معرفت جي رستي جا سالڪ ۽ وڏا وڏا عارف پيدا ٿيا آهن.

مخدوم محمد يوسف. مخدوم عبدالرؤف واري وقت جي لڳ ڀڳ، خاص ڪرامتن جو صاحب ٿي گذريو آهي. هڪ دفعي پنهنجي تصرف سان درياءَ کي آڻي بازار ۾ وهايو هئائين.

مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم محمد يعقوب]. مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم محمد يعقوب پڻ هر هڪ پنهنجي وقت جو ڪامل هو.

مخدوم عبدالرشيد. هڪ وڏو عالم ۽ ڏاڍو متقي هو. [مائهن جي] وڏي جماعت ڪانئس علمي خواه عملي ڪمال پرائي، پنهنجي وقت ۾ هدايت واري ٿي. مٿيان مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد پڻ انهن مان آهن.

درويش زڪريا. مٿين مخدوم اسحاق جو پائٽيو[١٤٩]، هدايت جي راهه جو سالڪ ۽ خدا آگاهه هو.

شيخ فخرالدين صغير. شيخ ابونجيب سهرورديءَ جي اولاد مان، وڏي ۾ وڏو ولي ۽ هدايت جي رستن جو وڏي

۾ وڏو چاڙهو، سالڪ هو. هالن ۾ آرامي آهي. هو مخدوم نوح جو پنجون ڏاڏو آهي. سندس زيارت اهل دل لاءِ فخر آهي، ۽ سندس درگاه ۾ ايترو تہ قبوليت جو فيض آهي، جو اتي سوالين جو هر مشڪل حل ٿئي ٿو.

شيخ ابوبڪر. هالن جو هڪ ڪامل ۽ جهونو ولي آهي. انهيءَ سرزمين ۾ سندس مزار اهل الله جو زيارتگاه آهي. مخدوم نوح جو ستون ڏاڏو شيخ فخرالدين ثاني پڻ انهيءَ سڳوري جي مقبري ۾ دفن ٿيل آهي.

درويش رڪن پرا. مخدوم احمد جو خاص خادم ۽ [خدا] جي دائمي رضا ۽ قرب جي رستي جو واصل هو.

مخدوم عربي ڏياڻو. پيرآسات جو پاءُ آهي، جو مڪليءَ تي آرامي آهي- ۽ اڳتي بيان ٿيندو.

چون ٿا تہ هڪ هنڌ ويهي قرآن شريف جا ۱۴۰ ختما ڪري يا هٿائين. جڏهن قرآن پڙهندو هو، تڏهن پڪي اڏامڻ کان ۽ پاڻي وهڻ کان بيهي ويندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي خانقاه ۾ ويٺو هو تہ اوچتو سندس هٿ سمنڊ جي گجيءَ ۾ پرجي پيو ۽ انهيءَ مان پاڻيءَ جا ڪي قطرا هيٺ ٽميا. هڪ حال محرم خادم ڏاڍيءَ عاجزيءَ سان هن راز جي حقيقت پڇي. فرمايائين تہ "منهنجو پٽ بايزيد حجاز جي سرزمين ۾ منهنجن معتقدن جي هڪ ٽوليءَ سان سمنڊ ۾ سوار آهي. اوچتو ٻيڙي ڪُنَ ۾ غرق ٿيڻ لڳي. انهيءَ جماعت منهنجي پٽ کي سفارشي بڻائي باس باسي، تنهنڪري هٿ هڻي ٻيڙيءَ کي ڪُنَ مان ڪڍي ڪناري تي پهچائي ڇڏيم". ٿوري وقت کان پوءِ اهي ماڻهو نذر ڪٺي آيا ۽ احوال ڪيائون تہ "جڏهن ٻيڙيءَ مان آسرو پليوسين، تڏهن هڪڙي غيبي هٿ اسان جي ٻيڙيءَ کي اچي ڪُنَ مان ٻاهر ڪڍيو". سنہ ۹۸۰ھ ۾ گذاري ويو(۱)، ۽ هالن ۾ دفن ٿيل آهي.

(۱) نسخي "ن" ۾ سنہ ۹۰۸ھ آهي.

[مخدوم بايزيد]. مخدوم بايزيد مٿئين مخدوم عربيءَ جو فرزند آهي، پنهنجي پيءُ کان چڱو بهرو پرائي، سچ ۽ استقامت ۽ هدايت ۽ فيض جي رستي تي مستقيم رهي، طالبن کي ڏاڍو فائدو رسائيندو رهيو. هاڻي سندس اولاد مان محمد عالم نالي هڪ ماڻهو جيئرو آهي. هو سيد عبداللطيف تارڪيءَ جو خليفو ۽ سندس فقيرن جي جماعت ۾ داخل آهي.

مخدوم مولانا ابوبڪر بن داؤد بريد هالائي. بلند مقامن ۽ احوالن جو صاحب هو. مخدوم نوح وٽانئس فيض پرايو هو.

سيد عبداللطيف حسيني. اتي جي جهونن بزرگن مان آهي. سندن مقام علحده، عام خلق الله جو زيارتگاه آهي. هو گهڻو اولاد ڇڏي ويو، جن مان هاڻي سيد فتح محمد گادي نشين آهي. هن جو ٻيو اولاد متفرق ڳوٺن ۾ خصوصاً ڪجن جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو.

مخدوم نوح ولد نعمت الله. هو صديقي نسب جو آهي. مشرق ۽ مغرب جي امام پنهنجي پيڙهي پاڻ هن طرح ٻڌائي آهي: نوح بن نعمت الله بن اسحاق بن شهاب الدين بن مخدوم سرور بن شيخ فخرالدين صغير-جو هالن ۾ مدفون آهي- بن شيخ عزالدين بن شيخ فخرالدين ثاني -جو شيخ ابوبڪر جي مقام ۾ دفن آهي، بن شيخ ابوبڪر ڪتابي-ڪوٽ ڪروڙ جو رهندڙ- بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصيرالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ ابونجيب ضياء الدين عبدالقاهر سهروردي رحمة الله عليه-جو سهروردي سلسلي جو مني آهي ۽ مخدوم نوح تي سهروردي طريقو ختم آهي. اهو شيخ ابونجيب بن شيخ ابراهيم بن شيخ وجهه الدين بن شيخ محمد عمر بن شيخ عبدالله بن شيخ رضاء الدين محمد بن شيخ مسعود بن شريف ابوالقاسم بن شيخ محمد عمر بن حضرت عبدالرحمٰن بن

اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت شيخ شهاب‌الدين، شيخ عبدالله بن شيخ ابراهيم بن وجيه‌الدين جو فرزند آهي. ستن ڏينهن جو هو ته نماز جي بانگ ٻڌي تمام چٽي زبان سان ڪلمو طيب پڙهيو هئائين. ڪانئس روايت آهي ته چيائين: "چوڏهن سالن جي عمر ۾ مون کي جيڪي مليو هو سو حضرت عليءَ کان مليو". نقل آهي ته ارڙهن سالن جي عمر ۾ هڪ ڏينهن مخدوم عربيءَ سان گڏ خانقاه ۾ مراقبي ۾ مشغول هو. مخدوم عربي قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هو. هو اناويهين سيپاري تي پهتو هو ته هين کي عالم بالا جو شوق دامنگير ٿيو، [سو چاڪيائين جو] مخدوم عربيءَ جي قرآن شريف ٻڌڻ جي ادب جو خيال رکي، ظاهري جسم اتي ڇڏي پاڻ آسمان جي سير تي هليو ويو، ۽ مخدوم عربيءَ ختم پورو نه ڪيو هو ته موٽي آيو. فقير بهاوالدين ڳوڏڙيو چوي ٿو ته هڪڙي ڏينهن ٺٽي ۾ سيد علي شيرازيءَ جي فرزند سيد جلال جي جاءِ تي ويٺا [١٥٠آ] هئاسون ته مخدوم فرمايو ته حضرت ابوبڪر رضي‌الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه اچي لنگهيا. حضرت علي تڪڙو اچي فرمايو ته اٿ جو توکي [حضرت] محمد رسول‌الله سڏي ٿو ۽ حضرت ابوبڪر آهستي آهستي اچي رهيو هو. حڪم موجب روانو ٿيس ته اٺين ڏسڻ ۾ آيم ڳويا اڪي جبل تي چڙهي رهيو هوس. آخر جڏهن مجلس ۾ پهتس تڏهن حضرت عيسىٰ کي ويٺل ڏٺم. اوچتو مون کي هڪ لڪيل ڦرهي هٿ ۾ ملي ۽ حضرت عيسىٰ کان سبق ورتم. مٿو مٿي کنيم ته حضرت رسول ڪريم تي نظر پيم [ڏٺم] ته پاڻ ڳوڏا اوندا ڪيو ويٺا آهن. مون آنحضرت [صلي الله عليه وسلم] ڏانهن توجهه ڪري نئين سر سبق پڙهيو. حضرت ابوبڪر فرمايو ته يا رسول الله هيءُ منهنجو اولاد آهي. چون ٿا ته هيءُ حضرت (مخدوم نوح) ڪنهن وقت ٺٽي آيو. ظاهر جي عالمن ٻڌو هو ته هن ڪجهه پڙهيو ڪونهي، تڏهن به قرآن شريف

جي آيتن جون معنائون چڱيءَ طرح بيان ٿو ڪري. سو هو [ڳڌجي] سندس ڏس ۾ لاءِ ويا. [انهيءَ وقت] مخدوم هڪڙيءَ آيت جي تفسير ۾ مشغول هو. راوي چوي ٿو ته مون ڪي تسبيح هٿ ۾ هئي ۽ هر معنى تي داڻو ڦيرائيندو ٿي ويس. جڏهن مات ڪيائين، تڏهن ڳڻيم ته جملي اسي داڻا ٿيا هئا. جڏهن ته سندس عادتن ۽ ڪرامتن جي بيان لاءِ خلاصو ڪتاب گهرجي، تنهنڪري هن مختصر ۾ هن قدر تي اڪتفا ڪجي ٿي. سندس وفات خميس جي ڏينهن، ٢٧ ذي القعد سنه ٩٩٨ ۾ ٿي، ۽ هن جي درگاهه هالن جي شهر ۾ مشهور آهي.

[مخدوم جلال]. سندس فرزند رشيد مخدوم جلال بزرگيءَ ۽ شايستگيءَ جي نشانين ۽ ڪمال جي خوبين ۾ بيمثال ٿي گذريو آهي.

[ميان ابراهيم]. سندس پاءِ ميان ابراهيم هو، جو پڻ وقت جو بزرگ ۽ فقيرن جي جماعت جو مرشد هو.

[ميان محمد زمان]. هاڻي ميان محمد زمان وقت جو پيرزادو ۽ مخدوم مرحوم جو گادي نشين آهي.

مخدوم صدرالدين راهوتي. هالا پرڳڻي جي پسگردائيءَ ۾ جائيه ڪوٽ ۾ رهندو هو. هميشه وعظ فرمائيندو هو، جنهن ۾ ڏاڍو اثر هوندو هو. چئين پيل ٿو پيءَ ڪان سواءِ نه ڏيکيندو هو. سندس بلند درجي جا احوال مشهور آهن ۽ سچن جي جماعت ۾ سندس ڪمالات جي يگانگي معروف آهي.

[مخدوم مراد]. سندس فرزند رشيد مخدوم مراد هڪ وڏو عالم ۽ نهايت پرهيزگار هو. هو حسن مقري درويش (جنهن جو بيان اڳتي ايندو) سان همعصر هو.

[قاضي منور]. قاضي منور مخدوم مراد جي اولاد مان هو. چون ٿا ته هڪ ڏينهن قيمتي لباس پهريو رستو وٺيو ٿي ويو

۽ سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪيس ڏسي چيو ته "تنهنجو ڏاڏو ته چتين لڳل ٽوپيءَ کان سواءِ ڪين پهريندو هو، توڪي هيءَ ڪنهن کان ورثو مليو آهي". ايتري چوڻ تي مٿس ڏاڍو اثر ٿيو ۽ وڃي سلوڪ وارن جي سلسلي ۾ شامل ٿيو.

شاه ديوانه هالائي. هڪ وڏو مشائخ ۽ ڏاڍين ڪرامتن جو صاحب آهي. مخدوم عربيءَ سان گڏ دفن ٿيل آهي.

درويش قاسم. ڏنڊوڪو رڪو هوندو هوس، پر مخدوم نوح جي مريديءَ جي برڪت سان معرفت جي ڪارخاني مان وڏو نصيب پرائي، حقيقت جي تاڻيءَ ۽ پيٽيءَ کان خوب واقف ٿيو هو.

مخفي نه رهي ته جڏهن الله پاڪ جي توفيق سان هالن جي مبارڪ سرزمين جي ڪن حقيقت وارن جي مختصر احوال کان فراغت ٿي، [١٥١] تڏهن ان جي آسپاس جي ڳوٺن جي ڪن چونڊ خدا وارن جو ذڪر ڪجي ٿو ۽ بزرگن جي روحن کان توفيق ۽ امداد جي درخواست آهي- والله علم بالصواب (سنئين راه خدا کي معلوم آهي).

پاٽوٽ

(مشهور ڳوٺ آهي)

درويش حسن مقري. اصل واڍو هو، دل جي فرهيءَ کي صفائيءَ جي رنديءَ سان لسو ڪري، چٽي، سينگاريو هٿائين. چون ٿا ته هڪ طهارتخانو هوندو هوس، ۽ جڏهن به وضو ڪرڻ لاءِ انهيءَ ۾ ويندو هو، تڏهن بيخود ٿي ويندو هو. هڪ ڏينهن هن جو هڪ مائٽ ٺڪرو سندس ملاقات لاءِ آيو. اتفاقاً درويش طهارتخاني ۾ وضوءَ لاءِ ويل هو. هن اندر وڃي ڏٺو ته درويش ٽڪرٽڪر ٿيو پيو هو. هو دهشت کان ٻاهر نڪري آيو. هڪ ڏينهن پهريءَ جي وقت ڪؤنرو هٿ ۾ کڻي وضو ڪرڻ ويئو. هٿن تي پاڻي هارڻ ٿي گهريائين ته هوڏانهن ٻانگي ٻانگ شروع ڪئي. درويش

بيخود ٿي ويو ۽ باقي ڏينهن ۽ رات ٻئي ڏينهن جي پيهريءَ تائين بيهوش پيو هو. ڪنهن کي به هوش ۾ آڻڻ جي طاقت نه ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن بانگي ساڳئي وقت جي بانگ شروع ڪئي، تڏهن هوش ۾ اچي پڇيائين ته "شايد اجا بانگي بانگ پوري نه ڪئي آهي؟"

هڪ ڏينهن مخدوم مراد ولد مخدوم صدرالدين راهوتي سندس زيارت لاءِ آيو، ۽ جڻ سواريءَ جو ڍڳو ٻاهر ٻڌي هن جي حاضريءَ ۾ آيو، ته خادمن ٻڌايس ته ستن ڏينهن کان درويش وضوخاني ۾ ويٺل آهي. [اهو ٻڌي] حيران ٿيو. ايتري ۾ درويش به ٻاهر نڪري آيو. مخدوم چيس ته "ست ڏينهن فرض [خدا جا] وڃايا اٿيئي". فرمايائين ته "تون پنهنجي ڍڳي جي وڇي خبر لهه، هن ڳالهه ۾ چو پيو آهين؟" اتفاقاً مخدوم کي اچي ٻڌايائون ته سندس ڍڳو گم ٿي ويو آهي. ڏاڍيءَ ڳولا کان پوءِ ڍڳو لڌي، پنهنجيءَ جاءِ تي هليو ويو ۽ وري فقير تي اعتراض نه ڪيائين.

خانوٽ (ڪاٺوٽ)

مشهور ڳوٺ آهي- اتي جا رهاڪو سيد اصل مشعلوي (منياري) آهن.

چاندو شاهه. هائي تازو ڏاڍو حال جو صاحب ۽ سلوڪ جي رستي جو واقف ٿي گذريو آهي. هو نهال شاهه مداريءَ جو معتقد ۽ خليفو هو- جو گنجي ٽڪر تي آرامي آهي ۽ اڳتي بيان ٿيندو.

پٽ

هالن کان ٽن ڪوهن تي هيٺاهين زمين ۾ آهي جا هالن جي تابع آهي.

[سيد شاهه عبداللطيف]. سيد شاهه عبداللطيف جو آرام گاهه محترم ۽ مزار مبارڪ اتي جي عجائبات مان آهي. هو سڳورو

سيد عبدالڪريم جي اولاد مان سيد حبيب شاهه جو فرزند تارڪ [جي لقب سان] مشهور آهي. سيد حبيب شاهه خدا وارو مرد هو. سندس فوت ٿيڻ جي تاريخ "الموت جسر يوصل الحبيب الى لقاء الحبيب" (موت هڪ پل آهي جا دوست کي دوست جي ملاقات ڏانهن رسائي ٿي) آهي. هن زماني ۾ شاهه عبداللطيف سان ولايت ۾ ٻت ڪوبه ڪونه آهي. سندس ڪرامتن جون نشانيون ۽ مناقبن جون خبرون سڄ ڪان به وڌيڪ ظاهر آهن. هن مختصر ۾ ڪيتريون ماپنديون. اسي هجڻ جي باوجود به خدا تعالىٰ سندس سيني جي ڦرهيءَ تي سڀ علم لکي ڇڏيا هئا. چون ٿا ته مرزا [مغل] بيگ ارغون جنهن جي نيائي حضرت جي نڪاح ۾ هئي سو پهريون سندس ڏاڍو دشمن هو. جڏهن وفات ڪيائين ته حضرت جي هڪ مريد "بود خبيث" جي جملي مان سندس تاريخ ڪڍي هئي. هن عارف ڪامل هيءَ ٻڌي في البديهه فرمايو ته ائين چوڻ نه گهرجي بلڪ چئو ته "يڪ مغل به بود." حساب ڪيائون ته ٺيڪ ساڳئي سال جي تاريخ نڪري آئي. حقيقت هيءَ آهي ته اسي ماڻهوءَ کان ههڙو واقعو صادر ٿيڻ ڪرامت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

جنهن ڏينهن هن دنيا مان لاڏانو فرمايائين انهيءَ ڏينهن سندس ماتم ۾ ڪيترن مريدن دم ڏنو. سندس مزار متبرڪ انهيءَ ٻٽ تي عجيب روح پرور ۽ باصفا جڳهه آهي. سندس قبر تي هڪ عاليشان قبو ٺهيل آهي. جيسلمير جي راجا نغارا نذر ڏنا آهن جي صبح و شام [وڄايا ويندا آهن] سندس درگاهه تي عجيب ڪيفيت ۽ سرور، نهايت صفائي ۽ حضور ملي ٿو (١).

(١) ڇاپي نسخي ۾ شاه صاحب جي تاريخ وفات متعلق هي قطعو لکيل آهي جو اگرچ ڪتاب جي عبارت سان بلڪل غير مربوط آهي، پر جنهن صورت ۾ فائدي کان خالي نه آهي تنهنڪري حاشيءَ تي لکي ڇڏجي ٿو: (ڏسو حاشي صفحو ٣٨٩)

[سيد جمال شاھ]. ھاڻي انهيءَ ولي جو جاءِ نشين سيد جمال شاھ ڪجهين خواھ ظاھر ڪرامت سان مخصوص آهي ۽ فقيرن جي سلسلي ۾ ڪيترا ناليرا خليفا اٿس.

جهيجا

مشهور ڳوٺ آهي. جنهن ۾:

شيخ طاھر. جي درگاھ عجيب برڪت ڀري آهي - هن ولي جي ذات گرامي وقت جي عجائبات مان [هئي ۽ هو] عجيب نموني سان رهندو هو - هندو ڪيس لال اڏيرو ۽ مسلمان شيخ طاهر سڏ يندا آهن - بهرحال هڪ معتبر ڪان نقل آهي ته هي حقيقت جي شراب جو سرمست، ڀريائين جهنگل ۾ گذاريندو هو - هڪ ڏينهن ڪاٺڙ لاءِ ڪجهه پاڇيون هٿ ۾ هيس ته اوچتو هڪ اٺ وڪ مان ٿهي اچي شيخ جي جهوپڙيءَ وٽ بيهتو. جيئن ته الله پاڪ جي بيمثال ذات جو جلوو مخلوقات جي هر فرد ۾ موجود آهي، تنهنڪري شيخ به انهيءَ اٺ کي حقيقت جي اک سان ڏسي چيو ته اي خدا جنهن صورت ۾ هن مسڪين تي احسان ڪيو اٿيئي تنهن صورت ۾ جيڪو حال حاضر آهي سو ڪاٺڙ گهرجي - اٺ ٽنل هو سو ڪونه بيٺو ۽ هيءَ منٿون ڪندي، سندس پويان ڊوڙڻ مان وڃي، انهيءَ مرتبي کي پهتو، جنهن کي پهتو - انهي وقت کان سندس شهرت دنيا ۾ پکڙجي ويئي - هن جي رحلت کان پوءِ سندس درگاھ

شاھ صاحب ذوالمواهب سيدِ عبداللطيف
آنڪ قطب وقت خود بوده ست ازمردان حق
چون ز جام ارجعي مخمور نوش وصل شد
گفت هاتف غيب سال رحلتش رضوان حق. ١١٦٥

اهي سا ڳيا بيت مسجد شريف جي هڪ ديوار تي جا قبي جي اتر طرف آهي، اڪريل آهن - ڪنهن جا چيل آهن تنهن جي خبر ڪانهي.

خلق الله جي زيارت گاهه آهي- اتي هر سال عجيب ميلو لڳندو آهي- ساريءَ سنڌ مان هندو زالون اچي گڏ ٿينديون آهن ۽ پردو لاهي گهڻين ۽ سيرن ۾ گهمنديون وتنديون آهن- لال اڏيري جي نالي تي جيڪو به ڪين نچڻ لاءِ زور پريندو آهي ته، مڙسن يا پين عزيزن جي موجود هوندي به هو انهي ڪان انڪار نه ڪنديون آهن- ڏسڻ شرط آهي نه پڌڻ.

[مير محمد منعم]. اتي جي رهاڪو سيدن مان مير محمد منعم زمينداريءَ جي دولت جو مالڪ ۽ وڏي طاقت وارو مهمان نوازي، سخا ۽ بخشش جي ذريعي، سيڪنهن آئي وئي جي خوشيءَ جو گهورو هو- هو پنهنجي وقت جو هڪ مشهور معروف [انسان] ٿي گذريو آهي- سندس فرزند سيد اسدالله پڻ پيءُ جو يادگار ٿي گذريو آهي- اباڻين خوبين ۾ هو پيءُ کان به وڌيڪ مشهور معروف هو.

ڪيبر

مشهور ڳوٺ آهي.

درويش نوح ڪيبرائي. ڏنارپ تي گذر ڪندو هو- ۽ ڪرامت ۽ حال جو صاحب هو- حديقةالاوليا ۾ مذڪور آهي ته جڏهن شيخ حماد جماليءَ جي تصرف سان چام تماچي دهليءَ کان ٺٽي آيو، جنهن مٿي بيان ٿي آيو، تڏهن هن (درويش نوح) ڪيس ڪيبرن جي ڳوٺ ۾ پڏايو هو ته تن ڏينهن کان وٺي چام تماچي جي نالي پڙهو گهمي رهيو آهي- حالانڪ اهو چام جوٺي جو وقت هو.

انڙ پور

اڳوڻن ڏينهن ۾ چام انڙ جو آباد ڪيل هڪ ڳوٺ آهي. تازو درياهه سندس سموري زمين پاڻي ويو آهي.

مخدوم ساهڙ لنجار. هڪ وڏو آزاد [انسان] ۽ وقت جي صالحن مان هو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽

رات يا ڏينهن جي ڪابه گهڙي [پاڪ] پروردگار جي ذڪر کان واندو نه رهندو هو. [١٥٣] سندس مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهن به ڪو نه هلندو هو. جنهن تي به توجه جي نظر ڪندو هو ته هو ولايت جي درجي کي رسي ويندو هو. عادت موجب سوٽرن جو هڪ ولر سندس پوک ۾ اچي نقصان ڪري ويندو هو. ڪڙمي وٽس دانهن کڻي آيا. خادم کي فرمايائين ته سوٽرن کي وڃي پيغام ڏي ته "اسان جي پوک جي ويجهو نه اچو" انهيءَ پيغام کان پوءِ سوٽر وري نه آيا. چون ٿا ته جڏهن به مٽيارين ۾ ايندو هو تڏهن رات جو پير ڊگها ڪري نه سمهندو هو. چوندو هو ته چوطرف ساداتن جا گهر آهن تنهنڪري ادب جي تقاضا اها آهي ته ڪنهن به طرف پير ڊگها نه ڪريان. انهيءَ کان روايت آهي ته چوندو هو: مون پير کان ٻڌو آهي ته جنهن ۾ ٽي ڳالهيون ڏسو ته انهيءَ مان ضرور فائدو وٺو جو توهان جو مرشد اهو آهي. هڪ ته سندس اکيان رهو ته توهان کي خدا ياد اچي. ٻيو ته جيڪي ڳالهائي سو توهان جي دل ۾ ويهي وڃي. ٽيون ته سندس صحبت ڇڏڻ توهان کي ڏکي لڳي. اهو اتيئي دفن ٿيل آهي.

بوهري

آڳاٽو ڳوٺ آهي.

سيد حمزو. اصل مٽياري جو هو. هو معرفت جي درياهه هو

ٿو ٻوڏ ۾ يقين جي خوبين جو جامع ۽ نقشبندي سلسلي جو رهبر ٿي گذريو آهي.

[باب سترهون]

ساگري درياءَ جي ڪناري وارن متفرق گوشن جا بزرگ

جيتوڻيڪ ساگري جي ڪناري تي آرام ڪندڙن سڀني بزرگن جي واقفيت ڏکي آهي، تڏهن به برڪت واسطي، انهن مان ڪن ٿورن تي اڪتفا ڪجي ٿي.

شيخ موسيٰ آهيداڻي. اصل هندوستان جي بزرگن مان آهي. سلطان علاؤالدين جي ڏينهن ۾ سنڌ ملڪ ۾ آيو هو. سندس مزار ساگري نديءَ جي ڪناري تي آهي - سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ ستت ئي هڪ سوداگر قافلي کان ڇڄي ويو. بار سان لڏيل اٺ ساڻ هوس - اوچتو اٺ جو پير ترڪي پيو ۽ [انهيءَ جي ٽنگ] ڀڄي پيئي. آبادي ڏور هئي ۽ هيءُ ماڻهو اڪيلو، تنهنڪري رهي به نٿي سگهيو پر اڳتي وڃڻ به مشڪل هوس. حيران هو ته ڇا ڪري. اوچتو شيخ جي قبر ڏسي وڃي التجا ڪيائين. رات پئجي چڪي هئي سا آرام سان گذاريائين. صبح جو اٺ چڱو ڀلو ڏٺائين جنهن تي ڏک جو ڪو به اثر ڪونه هو ۽ هو بار سميت پنهنجو رستو وٺي روانو ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ انهيءَ اٺ کي، سندس وطن ۾، ڪنهن خوفناڪ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ ڪري خيرات ڪيائين ته انهيءَ جي ڀڳل ٽنگ جي هڏي ۾ ميخ لڳل ڏسڻ ۾ آيس. هن سمجهيو ته هيءَ شيخ جي ڪرامت آهي. هن بزرگ کان اهل بيت جي محبت ۾ ڏاڍيون ڳالهيون مشهور آهن. گهڻي مشهور هجڻ ڪري اهي بيان نه ڪيون ويون آهن.

درويش ونهيون چانهيو. هڪڙو وقت جو مشائخ ۽ قال ۽ حال جو صاحب وڏو ولي [ٿي گذريو] آهي. هو حضرت رسالت مآب جي مجلس اقدس ۾ ويندڙ هو. سندس ڪرامتون بيان ڪان ٻاهر آهن. سندس وفات [جوسن] ١١٠٠ ھ [آهي] عربي تاريخ "مات في عشق" ۽ ان جو فارسي ترجمو "درعشق جان بسپرده" [سندس وفات جي] سال سان موافق آهي. ساڱري جي ڪناري تي توڙڪيءَ (١) جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهي.

درويش آلو. هڪڙو مجذوب مطلق ۽ عارف بالله هو. هو اصل هندوستان جو هو پر سنڌ ۾ اچي نڪتو هو. ماٺ ڪيو پيو ڳهٽين ۾ گهمندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو حرف چوندو هو جو سمجهه ۾ ايندو هو. هو جهنگلن ۾ وڃي ڪاٺين ۽ ڪانن جون ڀريون آڻي ماڻهن کي ڏيندو هو. هو ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هو ۽ سندس وسيلي سان ڪيترن ماڻهن جا مقصد ۽ مرادون پوريون ٿينديون هيون. سندس مزار ساڱري جي ڪناري تي آهي.

درويش پلي. ذات جو سميجو ساڱري نديءَ جي ڪناري تي [١٥٤] رهندو هو. شيخ هوٽي بن لاکي جو سنگتي هو. ڏاڍو خوش طبع هوندو هو. هڪ ڏينهن مڇيءَ جي شڪار واسطي ڪنڊي وجهي گهڻي دير تائين انتظار ڪيائين پر جڏهن مڇي ڪا نه ڦاٿي تڏهن چيائين "خدا يا ڏي يا وٺ" ايتري ۾ درياهه جي ڪناري واري اها زمين جنهن تي ويٺو هو سا ڦاٽڻ لڳي، ڊپ وچان اٿي چوڻ لڳو ته "عجب آهي جو ڪيس ڏيڻ ڏکيو ٿو لڳي ۽ وٺڻ آسان".

درويش لڏو. جن ماڻهن تي درويش ونهي جي نظر فيض ٿيل هئي تن ۾ هڪ مکيه ماڻهو هو. مرشد جي توجهه

(١) نسخہ "ن" نور ڪي.

جي برڪت سان وڏي مرتبي کي پهچي، ڪشف ۽ حضور جو صاحب ٿي پيو هو.

مولانا عباس. شيخ ونهي جو هڪ مکيه خادم هو، جو برگزيده درجي وارو ۽ حال ۽ قال جو صاحب هوندو هو.

مخدوم آدم ٽيپو. وڏي منزل وارو آهي. سندس صحبت فيض کان خالي نہ هوندي هئي.

درويش چتو. هڪ اهل دل ۽ ولايت جو صاحب هو. گهڻن ئي مشائخن جي خدمت مان فيض پرايو هئائين. مخدوم آدم ٽيپي جو خاص مريد هو.

شيخ صدو نوهريو. هڪ وقت جو عارف ۽ [پنهنجي] زماني جو بزرگ ۽ شيخ ونهي جو همعصر هو.

نصرپور

جڏهن مٿي بيان ٿي آيو، سلطان فيروز سنہ ٧٥١ ھ ۾ نصر نالي هڪ امير کي ساگري جي ڪناري تي قلعو ٺاهڻ جو حڪم ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هي شهر آباد ٿي هن جي نالي پويان نصرپور سڏجڻ لڳو. درياه جي هيٺان هجڻ ۽ باغات جي ڪثرت ڪان شهر تفريح گاه ٿي پيو آهي.

چون ٿا تہ ترخاني سردارن ساري سنڌ مان، هن سر زمين کي پنهنجي رهائش لاءِ پسند ڪيو هو. اڄ تائين سندن نسل(١) باقي آهي. ڪجھ سالن کان درياھ انهيءَ پاسي کان وهڪرو ڦيرائي ويو آهي جنهنڪري اتي جا باغات ويران [ٿي ويا آهن] ۽ باغن جي جاءِ تي ڪلر پيو ڏسجي. هتي جي سر زمين بزرگ خيز آهي

قاضي خيرالدين. حال ۽ قال جو صاحب هو. سندس ڏينهن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي دستن جي بيماري ٿي ويئي.

(١) ب، ۾ " دفن " آهي.

دست کنهن ۾ دوا سان بند نٿي ٿيا. سندس عزيزن نا امید ٿي کيس کٽي جوار جي پوک ۾ پيهي تي سمهاريو ۽ سندس پيٽ ڪليل منهن واريءَ مشڪ وانگيان سدائين وهي رهيو هو. اوچتو هو (قاضي خيرالدين) اچي اتان لانگهائو ٿيو ۽ ڏسي رحم اچي ويس. مٿس شفا پري نظر وڌائين ته هڪدم چگو ڀلو ٿي پيو. حديقة الاوليا جي مصنف معتبرن کان روايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ هوئي جوابدار آهن ته اهو بيمار انهيءَ کان پوءِ چاليهه سال صحت ۽ دلجمعيءَ سان زنده رهيو. اشتها موجب جيڪي هٿ ايندو هوس سو کائيندو رهندو هو. سندس پائخاني جو رستو بند ٿي ويو هو ۽ بهشتين وانگيان حاجت ضروريءَ جي تقاضا کان مطلقاً آزاد ٿي چڪو هو. سندس قبر نصرپور جي ڏاکڻي طرف هڪ ڪوهه پنڌ تي آهي.

شيخ محمود معروف به شاهه سيستان قادري. حضرت پير دستگير عليه الرحمته جوحقيقي پوٽو مشهور آهي. اڳاڻي زماني ۾ سندس مزار درياه جي پرينءَ پر هوندي هئي ۽ ڪوبه هن جي قبي ۾ اندر نه وڃي سگهندو هو. گهڻي زماني گذرڻ کان پوءِ انهيءَ زمين کي پاڻي پسائي ويو ۽ سندس لاشو بيءَ زمين ۾، جا اڄ درياهه [١١٥٥] جو وچ آهي، ڪٺي آيا. اتي پڻ خلق الله سندس زيارت لاءِ ايندي هئي، ۽ سڀ اٺهو ڪنهڙي کان ٻاهران زيارت ڪندا هئا. ٿيون پيرو، جڏهين پاڻيءَ جي اٿل آئي، تڏهين نئين سر انهيءَ جاءِ تي دفنايائون جتي اڄ آرامي آهي. انهيءَ کان پوءِ سندس زيارت عام [آهي] ۽ ڪنهڙي ۾ اندر وڃڻ پڻ مقرر ٿي ويو آهي. سندس ڪرامتون قديم الايام کان اراد تمندن جون ڏٺل آهن ۽ قلم يا خيال انهن کي احاطي ڪرڻ کان عاجز آهي.

هاڻي مير محمد زمان رضوي وڏن کان ورثي طور انهيءَ درگاهه خلائق پناه جو گادي نشين مقرر آهي- نهايت بزرگ ۽ تمام ڪامل شخص آهي.

شاهہ هاشم رضوي. اتي پهريائين [اهو] آيو. هن وقت جي رضوي سيدن جو ڏاڏو بزرگوار آهي. وڏو مشائخ ۽ ولي اڪمل ٿي گذريو آهي. هن کان اڳ اتڪل تيه ۽ ڪي سال اڳ پاڻيءَ جي اٿل ڪري سندس لاش، پڻ سيدن جي لاشن سان گڏ، اصلوڪيءَ جاءِ تان ڪڍي ڪٽي آيا، جيڪي معتبر ماڻهو انهيءَ ڪامل جي لاشي سان گڏ هئا تن کان روايت آهي ته باوجود هن جي، جو مٿئين سيد جي وفات کي ٻہ سؤ ويهہ سال گذري چڪا هئا، قبر مان صحيح سالم نڪتو. هڪ آڱوٺي جو چڳهو تازو پڪل ۽ ڪي نباتن جا داڻا پڻ سندس ساڄي پاسي جي هيٺان لڌائون، جيڪي مريدن پاڻ ۾ ورهائي ڪاڍا. پيون ڪرامتون انهيءَ مان سمجهڻ گهرجن.

شاهہ هاشم رضوي ثاني. پشت بہ پشت سندس پوٽو ۽ سجاده نشين هو. انهيءَ جا حالات پڻ تحرير ۽ تقرير کان ٻاهر آهن. حياتيءَ خواه مماتيءَ ۾ سندس ڪرامتون دنيا ۾ مشهور آهن. سندس مريديءَ جي وسيلي هڪ دنيا ديني خواه دنيوي مرادن ۾ بهره ياب ٿي چڪي آهي، سندس گهڻائي محققانہ شعر چيل آهن.

[سيد نورالله]. ڪانئس پوءِ سيد نورالله پڻ وڏن جي رستي تي هلي معرفت وارن جو رستو وٺي وقت گذاري ويو. [پني لڏو شاهہ]. انهيءَ کان پوءِ سندس فرزند حميد پني لڏو شاهہ پيءُ جي گاديءَ تي ويهي وڏن جي بزرگيءَ جون رسمون چڱيءَ طرح جاري رکندو آيو.

[شاهہ نجم الدين]. تنهن کان پوءِ سندس پاٽ شاهہ نجم الدين ڪمال ۽ معرفت جي روشنائيءَ سان بزرگيءَ جي ستاري کي چمڪايو ۽ عقيدتمندن جي دلين کي سچائيءَ ۽ هدايت جي زيور سان سينگاريل رکيو.

[غلام حيدر شاهه]. ڪانئس پوءِ شاهه غلام حيدر وڏن
جو جاءِ نشين ٿيو. هاڻي هن سگهوري جي ذات بابرڪات وڏن
جي ڪارنامن جي يادگيريءَ لاءِ غنيمت آهي.
هن مبارڪ سرزمين ۾ گهڻائي رضوي سيد بزرگ ٿي
گذريا آهن. ٿورن نالن سان تبرڪ وٺجي ٿو.
شاهه غياث الدين ولد شاهه نورالله مذڪور. بزرگيءَ
۾ ڪامل ٿي گذريو آهي.
[شاهه وجه الدين]. انهيءَ کان پوءِ شاهه وجه الدين رهيو،
جو بزرگانه وصفن سان موصوف رهي زندگي گذاري ويو.
[سيد بزرگ]. هن وقت بزرگيءَ جو خاتمو سيد بزرگ
وڏن جي نشاني [باقي آهي] جو چڱي بزرگانه حالت ۾ وقت
گذاري رهيو آهي.
سيد يار محمد رضوي. پهريائين نوڪري ڪندو هو پوءِ
وڏن جي فقيريءَ واري رستي کان واقف ٿي توڪل جي ترهي
تي زندگي گذارڻ لڳو ۽ چڱي حال جو مالڪ آهي.
مير محمد شاڪر رضوي. هن وقت جي بزرگن سان
پرهيزگاري ۽ وڏن جي سيني گڻن سان موصوف آهي. عام
خاص ماڻهو سندس مريد آهن.
سيد محمد ظهير ولد سيد سلطان رضوي [١٥٦]. انساني
ڪماليتن سان موصوف آهي.
مير محمد صديق. ڏاڍو پرهيزگار طالب علم زنده آهي.
سيد عبدالله ۽ سيد عبدالرزاق. پيءُ ۽ پٽ ٻئي شهيد آهن.
چون ٿا ته شهيد ٿيڻ کان پوءِ پنهنجا سر ڪٽي اچي دفن ٿيڻ
واريءَ جاءِ وٽ پهتا. ماڻهن ڏسي کين دفن ڪيو. انهي بزرگن
جي درگاهه عام مخلوق جي زيارت گاهه ۽ عرضدارن لاءِ
مشڪلڪشا آهي.

سيد احمد عرف شاهہ غوري. حضرت پيران پير شاهہ عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ جي اولاد مان آهي. [شهر جي] ڏکڻ پاسي سندس درگاهہ حاجتمندن لاءِ فيض جي کاڻ ۽ هر مشڪلُ حل ٿيڻ جو سر چشمو آهي.

بي بي نوريري. ڏيہ گرن جي قوم مان هڪ مجذوبہ سالڪہ وقت جي ڪامل ۽ ثاني رابعہ هئي. سندس مزار نصرپور جي بازار جي وچ ۾ مريدن لاءِ جاءِ پناہ آهي. قاضي مسعود، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، جي وقت ۾ زنده هئي. وڏيون وڏيون ڪرامتون ڏيکاريندي هئي.

شاهہ عنايت‌الله رضوي. سنڌي زبان جو ڪامل شاعر آهي. سندس شعر عارفن جي زبان جو ورد ۽ يقيني حقيقتن تان پردو کڻندڙ آهن. نصرپور جو رهاڪو هو. سندس مزار شيخ موسيٰ آهنداني‌ؒ جي مقام ۾ عام خلق لاءِ زيارت‌گاهہ آهي. سندس اولاد لڪمير نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهي ٿي.

شاهہ عنايت‌الله. حضرت پير دستگير جي اولاد مان نصرپور ۾ آرامي آهي. سندس زيارت جي فيض ڪان زيارتين جون طرحين مرادون پوريون ٿين ٿيون. سندس اولاد باقي آهي.

قاضي مسعود قريشي عثماني. ظاهري خواہ باطني علم جو صاحب ۽ پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو ولي ۽ پلي ۾ پلو پير ٿي گذريو آهي. علم سان گڏ فقيري بہ هوندي هيس. سندس پٽ حافظ حبيب‌الله نالي ۽ انهي‌ؒ جو پٽ ميان عزت‌الله هرهڪ ڪمال جو صاحب هو. هن وقت ميان عزت‌الله جو پاڻٽيو محمد يار نالي توفيق پريو انسان آهي.

قاضي محمود. مٿين قاضي مسعود جو ڀاءُ شهر جو مکيہ ماڻهو ۽ ڏاڍي مروت سان زندگي گذاريندو هو. سندس پٽ

ميان فتاح وڏو متقي پيدا ٿيو هو، جو شاهه هاشم ثاني رضويءَ جو مريد هو.

ميان عبدالقدوس. وقت جو پير ۽ مٿين قاضي محمود ۽ قاضي مسعود جو همعصر هو.

محمد اشرف. سندس پٽ محمد اشرف ڪسي ڪروڙ گريءَ جي نوڪري هوندي هئي ۽ ڏاڍي انسانيت سان ڏينهن گذاري ويو.

محمد حسن. مٿين محمد اشرف جو پٽ محمد حسن نالي وڏن جي خوبين جو مالڪ ۽ مشهور هو. تازو ديوان گدومل سان گڏ ديرن ۾ قتل ٿي ويو.

شيخ نٿو. نصرپور جي پانرو قوم جي زميندارن مان هو. ايرندي طرف ڪوهه پنڌ تي دفن ٿيل آهي. سندس درگاهه هر قسم جي خلق الله لاءِ زيارت گاهه آهي.

شيخ تودهن دمياري. وقت جو ڪامل پير هو. سندس درگاهه بڪيرن جي پاسي ڏانهن ٻن ڪوهن پنڌ تي عام خاص ماڻهن لاءِ زيارت گاهه آهي.

مخدوم سينهرو. اصل زميندارن مان هو. سندس مزار دنيا وارن جي زيارت گاهه ۽ معرفت جي صاحبن جي جاءِ پناهه آهي.

سيد دين محمد [١٥٧]. اصل مٽيارن جو [پوءِ] نصرپور ۾ رهندڙ، ڪمال جي صاحبن ۾ يگانو هو.

سيد محمد غوث. سندس فرزند سيد محمد غوث پنهنجي وقت ۾ بزرگيءَ جي خوبين سان موصوف هو.

سيد قادرشاهه. هاڻي سيد قادرشاهه ڏاڍو ڪامل ۽ وڏن جو يادگار آهي.

سيد عبدالصمد. مٿين سيد دين محمد جو پائٽيو پڻ ڪليل ڪماليتن جو صاحب هو.

سيد اسحاق. اصل بخاري هتي جو هڪ پير آهي. سندس درگاهہ خدا وارن جي زيارت گاهہ آهي.

سيد محمد محسن. هاڻي هن جو فرزند سيد محمد محسن جيئرو جاڳندو موجود آهي.

سيد اين شاهہ. اصل بخاري، ڪوٽڙيءَ جي سامهون پنهنجي ڳوٺ ۾، جو "سيد اين جي ڏهہ"، سڏبو آهي آرامي آهي. سندس درگاهہ تي مريدن جون حاجتون پوريون ٿينديون آهن.

سيد عبدالرحمان بخاري. هن جي اولاد مان آهي، جنهن جون ڪرامتون مشهور آهن. ڪيس گهڻو اولاد آهي.

سيد عنايت الله. سيد عبدالرحمان جو پاٽ، حال ۽ ڪرامتن جو صاحب، تازو گذاري ويو آهي.

قاضي حاجي. هن سرزمين جي اڳوڻن بزرگن مان آهي.

ميان ابوالبقا محتسب مشهور، جو ملڪين مشهور ۽ عزت جو مالڪ رهي ڪري تازو گذاري ويو آهي، سو سندس اولاد مان آهي.

قاضي عبدالوهاب. اتي جي ناليرن ۽ برڪت پرين قاضين مان هو. سندس گذرڻ کان پوءِ هن جي جاءِ تي سندس پاڻيو قاضي ابوالحسن قضا جي عهدي تي مقرر ٿيو.

قاضي محمد مير. هن جو پٽ قاضي محمد مير هن وقت حيات آهي ۽ قضا جو موروثي عهده چڱيءَ طرح پيو هلائي.

قاضي مخدوم عبدالرحمان. هڪ وڏو عالم ۽ نهايت فاضل هو. شاهہ جهان جي ڏينهن کان وٺي عالمگير جي بادشاهيءَ جي سموري [عرصي] تائين، حرمين شريفين جي نذرن جو متولي هو. ڪيس خدمت جي شرط تي عمدي جاگير مليل هئي.

[مخدوم محمد اڪرم]. سندس وڏو فرزند مخدوم محمد اڪرم ڏاڍو مروت ۽ فضيلت وارو ٿي گذريو آهي.

[ميان مدني]. ميان مدني، جو مديني طيبه ۾ چائو هو، سو انهيءَ وٽ جو ميوو ۽ انهيءَ باغ جو وٽ آهي.

حفيظ يارخان ۽ عابد يارخان. ٻئي نالي نشان وارا پائر مٿئين قاضي عبدالرحمان جا فرزند آهن.

قاضي عبدالرحمان ثاني. سڳورن وڏن جي نسبت ڪري ڏاڍو عزت وارو ۽ [پنهنجن] بزرگن ڪان چڱيءَ طرح واقف رهي، زندگي گذاري، مديني متبرڪ ۾ وفات ڪري ويو ۽ مخدوم حيات سنڌيءَ جي مقبره ۾ دفن ٿيو. حاجي قائم سنڌي جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، ۽ ميان عبدالحميد هالائي، جنهن جو بيان ٿي آيو، پڻ انهيءَ مقبره ۾ مدفون آهن.

قاضي روح الله. پڻ اتي جي نامور بزرگن مان آهي.

مخدوم ميان ميدنه. ڪماليت جي فن جو جامع، متبحر عالم، فقه جي علم ۾ اڪثر عالمن ڪان وڌيڪ ماهر، سڀني ڪماليتن ۾ خلق الله ۾ مشهور ۽ سلوڪ [جي رستي ڪان] واقف تازو ڪمال جي عمر کي پهچي گذاري ويو آهي.

[ميان عبدالله]. سندس فرزند ميان عبدالله ظاهري علمن مان پورو بهرو پرائي، هاڻي حقيقت جي علم ڏانهن متوجه آهي.

ميان نورمحمد طالب علم. مخدوم حاجي محمد قائم جو شاگرد، فقهي فضيلتن ۽ علمي ڪماليتن ۾ پنهنجي وقت جو [١٥٨] وڏو رهبر آهي. ڪجهه عرصه ميان غلام شاهه خان جي لشڪر ۾ قضا جي عهده تي سرفراز هو.

مخفي نه رهي ته اصل شهر جي رهاڪن مان ڪن مکيه ماڻهن جي ذڪر ڪان فراغت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ آس پاس جي رهاڪن جو بيان شروع ڪجي ٿو.

ميان احمد عطائي. نصرپور جي پسگردائي مان تعلقي سماواتيءَ ۾ ڪمال جو صاحب، پنهنجي وقت ۾ مکيه ماڻهو ۽ حال ۽ قال جو صاحب ٿي گذريو آهي.

[مخدوم حاجي هارون]. هاڻي سندس ناٽي مخدوم حاجي هارون بزرگيءَ جي گاديءَ تي ويٺل آهي.

پيرورو. روپاه جي سرزمين ۾ گجرڪوٽ جي ويجهو تازو گذاري ويو آهي.

احمد شاه. هاڻي سندس پٽ، احمد شاه ثاني، سندس جاءِ نشين آهي جنهن ۾ عام خاص ماڻهن جو اعتقاد آهي.

بکيرا

(نصرپور کان ٽي ڪوه اورتي (ٽٽي ڏانهن) هڪ سڳورو ڳوٺ آهي).

شيخ فاضل شاه قريشي. شيخ فاضل شاه قريشي، بکيرا جي رهاڪن مان، قطب الاقطاب شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان، سنه هڪ هزار کان متي ڪي سال گذريا هئا، جو سنڌ ۾ آيو هو. ۽ اچي متئين ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو. نهايت ڪامل بزرگ ۽ پنهنجي وقت جو وڏيرو هو.

چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ مخدوم نوح رحمة الله عليه جي خادمن پراڻ جي ڪناري واري آمريءَ جي ڳوٺ تي، جا خدا جي قدرت سان هڪ متبرڪ جاءِ آهي، جنهن ته [اتي جي] هڪ وڻ جي پاڙ ۾ دريءَ جهڙو هڪ سوراخ ٺهيل آهي ۽ پاڪ دل انسان کان سواءِ ٻئي جو انهيءَ مان لنگهڻ ناممڪن آهي. اهو شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو يادگار آهي ۽ قديم الايام کان هن سلسلي جي فقيرن جو اتي ميلو ٿيندو هو، زبردستي قبضو ڪيو ۽ شيخ جي مريدن جي اتي ڪابه دست اندازي نه رهي هئي. جنهنڪري خادمن جي هڪ جماعت ملتان وڃي انهيءَ قطب الاقطاب (شيخ بهاؤالدين) جي روضي تي آمريءَ جي دستوري ميلي جي قبضي لاءِ التجاءِ ڪئي ۽ ڪين الهام ٿيو ته عنقريب اسان جي اولاد مان هڪ

ماٺهو اتي پهچي اها جاءِ توهان جي قبضي ۾ ڏياريندو. انهيءَ موجب جلد ئي، شيخ بهاؤالدين ملتاني عليه الرحمة جي اولاد مان هڪ بزرگ،

شيخ شهرالله. انهيءَ جاءِ تي آيو، متئين شيخ فاضل شاه کي نياٺيءَ کان سواءِ ٻي اولاد ڪانه هئي، تنهنڪري انهيءَ بزرگوار کي ڪٺي پنهنجو فرزند ۽ نياٺو بنايائين. هن وڏي درجي واري بزرگ شاندار ڪرامتون ۽ ڪليل نشانيون ڏيکاري، امريءَ واري جاءِ، اصلوڪي دستور موجب، پنهنجي پير جي سلسلي جي مريدن جي جوالي ۾ ڏياري. ڪين ١- شاه سراج الدين ۽ ٢- شاه قائم الدين نالي ٻه فرزند ڄاوا. قائم الدين شاه کا اولاد ڪانه ڇڏي.

[شاه سراج الدين]. شاه سراج الدين ڪافي پيري مريدي پيدا ڪري، بادشاه جي دربار ۾ ڏاڍي عزت حاصل ڪئي. شاه عنايت الله صوفيءَ سان جهوڪ جي جنگ جي شروعات هن ڪئي هئي. هو انهن ڏينهن ۾ دهليءَ ۾ هو. کيس ٻه فرزند پيدا ٿيا ١- فاضل شاه ٢- مهر شاه.

[فاضل شاه]. فاضل شاه ڏاڍي پيري مرشدي ڪري لاولد گذاري ويو ڪانئس پوءِ سندس ڀاءُ.

[مهرشاه]. مهرشاه وڏن جي پيريءَ مريديءَ جي گاديءَ تي وينو ۽ چڱي حالت پيدا ڪيائين.

[شاه قائم الدين]. ڪانئس پوءِ سندس نامُيرو فرزند شاه‌قائم‌الدين سندس يادگار آهي، جو هاڻي وڏن جو گادي‌نشين آهي.

ڪاتيار

نصرپور جي سماواتي پرڳڻي جي جهونن ڳوٺن مان آهي. اتي جي بزرگن مان:

شيخ پرڪيو جکو ولد شاهو ڪاتيار. آهي، جو مخدوم اسحاق هالائي جي فرزندن [١٥٩] مخدوم احمد ۽ محمد،

جن جو بيان مٿي ٿي آيو، جو همعصر هو. ابتدا ۾ سخت رياضتون ڪيون هئائين. چون ٿا ته هڪ دفعي سورهن سالن کان پوءِ روزو کوليو هئائين. سارو سيارو هڪڙي چادر پهري، درياهه جي ڪناري تي ويندو هو ۽ غسل ڪري آليءَ چادر ۾ نماز ڪي لڳي ويندو هو. جڏهن چادر سڪندي هئي ته وري نئين سر غسل ڪري، اهائي آلي چادر ڍڪي نماز ۾ مشغول ٿيندو هو. ساري رات وري وري غسل ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۾ جاڳي گذاريندو هو. اونهاري جي ڏينهن ۾ گرم ڏينهن ۾ سارو وقت سج جي هيٺان رڻ پٽ ۾ گذاريندو هو جتي ڪِاڙهه هوا ڪانهه هوندي هئي. آخر رفتي رفتي سندس بدن جي سڄي کل لهي ويئي هئي. چون ٿا ته هڪ ماڻهو سائس گڏ چلي ۾ وينو هو. شيخ جي لاءِ روزاني هڪ وڏي بصري پچائيندا هئا، جا کائيندو هو ۽ هو ٻيو ماڻهو بـک ڪڍندو رهندو هو. گلاخور ماڻهن کٽي هن ڳالهه کي ورتو. چلي ختم ٿيڻ کان پوءِ چاليهه ئي مانيون جيڪي کاڌيون هئائين، سي بنا ڪنهن ڪوٽ جي ڪڍي کٽي انهن ماڻهن جي اڳيان رکيائين ۽ چيائين ته جيڪو کاڌو اٿم سو اجهو هيءُ آهي. مجلس ۾ موجود سڀني ماڻهن انهن مانين مان کاڌو.

هڪ ڏينهن شيخ وٽ هڪ ماڻهوءَ اچي چيو ته ”زال وڃائي اٿم خبر ناهي مري ويئي يا گم آهي. سندس ننڍا ٻار بيقرار آهن“ [شيخ] هڪ نوڪر کي فرمايو ته: هن ماڻهوءَ جي زال وٺي اچ“. هو دروازي کان ٻاهر نڪري حيران ٿي بيهي رهيو. شيخ هڪل ڪري چيو ته ”اڳتي وڃ“ خادم اڳتي ويندو رهيو نيٺ رات پئجي ويئي. جيڪا ٻه وک ٿي رکيائين ته [ائين ٿي معلوم ٿيس] گويا ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيو آهي. آخر هلندي هلندي زمين پنهنجي مٿي جي مٿان ڏسڻ ۾ آيس. اوچتو سندس نظر هڪ اهڙي شاهاڻي دربار تي وڃي پيئي جنهن ۾ قسمين قسمين تنبو ۽ فرش فروش هئا.

اتي هڪ شخص، شاهانه لباس پهريل، ويٺل ڏٺائين ۽ ڪيترا مرد ۽ زالون سندس اڳيان قيد ٿيا بيٺا هئا. مٿئين خادم پنهنجي پير جي پاران انهيءَ عورت جي آزاديءَ لاءِ عرض ڪيو- جواب مليس ته هن عورت نذر جي ادائيءَ ۾ غفلت ڪئي آهي سا ڪانه ڇٽندي. خادم واپس اچي شيخ جي خدمت ۾ احوال عرض ڪيو. شيخ هڪدم انهيءَ عورت جي مڙس کي ساڻ وٺي، ساڳئي دستور، اتي پهتو- ضاعفان جي گهڻيئي گهر ڪيائين پر جواب ڪونه مليس. تنهن تي انهيءَ زال جي مڙس کي چيائين ته "تون پنهنجي زال کي وٺ"- هو زال وٺي هليو ويو. [اهو حال ڏسي] مريدن انهيءَ بزرگ کي چيو ته [هيءُ ماڻهو] عورت کي بنا اجازت ورتيون ٿا وڃن" فرمايائين خدا جو مجذوب ۽ عشق جو مست آيو آهي. جيڪڏهن سيني کي وٺي ويندو ته به ڪين ڪچندس "هيءُ عجيب نقل عارف بالله سيد عبدالڪريم جي زبانان رسالي بيان العارفين ۽ تنبيه الغافلين ۾ بيان ٿيل آهي. ۽ بڌايل آهي ته اهو بزرگ جناب پير دستگير عليہ الرحمته هو. ڪيس چيائون ته "سڀ ماڻهو شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جا مريد آهن پر تون نه آهين سو ڇو؟" [اهو ٻڌي] هڪدم ڪير جو پيالو هٿ ۾ ڪٺي وٺي زمين ۾ ٽٻي هنيائين ۽ گهڙيءَ ۾ وڃي ملتان ڪان نڪتو. سجاده نشين [بزرگ] پنهنجي گهر واريءَ سان خلوت گاهه ۾ ويٺو هو ته هن وڃي ڪير جو پيالو اڳيانس رکيو. فرمايائين ته "ادب ڏار، ڪٿان آيو آهين؟" چيائين ته "اکيون ٻئي پاسي اٿم"- پوءِ هٿ ڏيئي (بيعت ڪري) زمين ۾ ٽٻي هڻي هڪدم اچي انهيءَ مجلس ۾ نڪتو، جتان ويو هو [١٦٠] [۽ اچي] چيائين ته "هاڻي شيخ کي هٿ ڏيئي آيو آهيان"- هڪڙي ڏينهن چيائين ته "ڪنهن وقت خدائي ديدار جي نور ۾ غرق هوس. آواز ٿيو ته اي پرڪيا ٻانهو ٿيندين؟ چيم ته نه. وري آواز آيو ته پلا نوڪر ٿيندين؟ چيم ته نه.

اھڙو آواز ٽي دفعا وري وري ٿيندو رهيو. پر مون قبول نه ٿي ڪيو. آخر آواز آيو ته جنهن صورت ۾ نه پانهو آهين نه نوڪر- تڏهن پڌاءِ ته ڇا ٿيڻ گهرين ٿو؟ عرض ڪيم ته خداوندا! ڪجهه نه آهيان ۽ ڪجهه نه ٿيڻ چاهيان ٿو. هن چوڻ تي خدا تعاليٰ قدرت جو هٿ منهنجي پٺيءَ تي رکيو ۽ منهنجي معرفت قبول فرمايائين.

ميرڻ ڪاتيار. ابتدا ۾ هڪ ڏينهن پنگ پي پيڙيءَ ۾ چڙهيو ٿي ويو ته هڪدم الٰهي جذبي ۾ بيهوش ٿي ويو ۽ جيڪي ملئو هوس سو مليس. ماڻهو انهيءَ معرفت جي ڪيفيت ڪانئس پڇندا هئا پر هو اهو لڪل راز ڪين کوليندو هو. اوچتو هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ سان پنهنجو احوال ظاهر ڪري وينو ۽ اها حالت ڪانئس گم ٿي ويئي. [بس پوءِ ته] چرين وانگيان ڦرندو ۽ طعام جو ٿالهه مٿي تي کنيون جوڳين ۽ مستن جي گولا ڪندو ٿي رهيو. سيد عبدالڪريم کيس مخدوم نوح عليه الرحمة جي خدمت ۾ وٺي ويو ۽ رکو ڏسڻ سان اڳئين ڪان ٻه وڌيڪ معرفت جي مرتبي کي پهتو. اهڙي حالت هٿ آيس، جو جڏهن انهيءَ جو ذڪر ڪندو هو تڏهن بيهوش ٿي ويندو هو. ڪيترائي دفعا کيس مٿل سمجهي مٿس يٰسين پڙهيائون. هن کان روايت آهي جو چيو هئائين، ”حضرت عزرائيل جو مون سان ڪو به واسطو ڪونه آهي“.

مخدوم عبدالحميد قادري. سماواتي پرڳڻي ۾ ڪاتيار جي نزديڪ پوچر ڳوٺ ۾ تازو ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي وقت جو ڪامل هو ۽ وڏيون ڪرامتون سندس يادگار آهن.

[محمد شريف]. سندس فرزند ميان محمد شريف جيڪو آهي جو ڏاڍين ڪماليت جي وصفن سان موصوف آهي. پيءَ جي طريقي موجب آئي وٺي جي ڏاڍي خدمت ڪري ٿو ۽

خانقاه ۾ طالبن جي جماعت سان صبح ۽ شام خفي ۽ جلي ذکر ۾ مشغول رهي ٿو.

شيخ دهانو. سماواتي تعلقي ۾ سپرين جي راج جي سامهون اوڍيجا قوم جي ڳوٺ ۾ سندن عاليشان درگاهه آهي - سڄي اوڍيجا قوم سندس مريد آهي - هن جي اولاد قضا، ملائي ۽ پيرزادگيءَ جي ڪري، اتي جي ماڻهن جا مرشد آهن.

خسرو بن محمود. اصل غزنويءَ جي بادشاهن مان آهي. اوڍيجن جي زمين ۾ سندس شاندار درگاهه آهي - پاڻ توڙي سندس وزير خدا وارن جي زيارتگاه آهن. سندس هڪڙي ڪرامت ته هيءَ آهي جو سندس آرامگاه جي آس پاس واري جهنگ مان ڪنهن ڪي به ڪاٺي يا ٻي ڪنهن شي ۾ دست اندازي ڪرڻ جي طاقت نه آهي. دست اندازي ڪندو ته انهيءَ گستاخيءَ جي ڪري هٿ نه هوندس. [١٦١]

اگهم ڪوٽ

اهو نالو اگهم لوهاڻي جي پويان مليل اٿس، جنهن جو بيان راجائن جي ذڪر هيٺ ٿي آيو. هن جي سر زمين خدا وارن جو سرچشمو آهي.

مخدوم اسماعيل سومرو. هڪ وڏو ولي ۽ ناليرو بزرگ ٿي گذريو آهي. چون ٿا ته ننڍپڻ کان وٺي پيريءَ تائين سڄي عمر رياضتن ۾ گذاريائين. تمام شاهوڪار هوندو هو ۽ قسمين قسمين طعام ۽ نموني نموني جا شربت ٿاهي حقدارن، ۽ طالب علمن ۽ مسافرن کي ڏيندو هو. پاڻ جوَن جي مانيءَ تي افطار ڪندو هو. سندس ڪرامتون حد کان ٻاهر آهن. سنه ٩٩٨ ۾ وفات ڪري ويو.

مخدوم صدو موهيو. هڪ ناليرو عالم ۽ وقت جو پرهيزگار ۽ مخدوم اسماعيل سومري جو دوست هو.

مخدوم عثمان. پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ مخدوم اسماعيل سومري جو همعصر ۽ ساڪِني ڳوٺ ۾ رهندڙ هو.

درويش داوُد ۽ ميان همون. هرهڪ مخدوم اسماعيل سومري جو همعصر هو. هرهڪ جي مدرسي ۾ اٽڪل ٥٠٠ ماڻهو قرآن (شريف) جي قرآت ۾ مشغول رهندا هئا، جن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو انتظام پنهنجي طرفان ڪندا هئا. مرزا باقي، باوجود يڪ ڏاڍو بخيل هو، تاهم هي [بزرگ] جيڪا به [آبادي] ڪندا هئا تنهن تان دل ۽ پيا انگ ابواب معاف ڪري ڇڏيا هئائين. هيڏي سخا هوندي به پاڻ هميشه جوَن جي ماني ۽ لوڻ سان افطار ڪندا هئا. ۽ پنهنجي زمينن جي پيدائش مسڪينن ۽ مستحقن تي خرچ ڪندا هئا.

شيخ نورالدين. [هيءُ] بزرگ اصل سيوستان (سيوهڻ) جو رهاڪو هو. گهمندي اچي اگهم ڪوٽ وٽان لنگهيو ۽ هيءَ سر زمين کيس پسند اچي ويئي. وصيت ڪيائين ته ڪٿي به وفات ڪريان ته مون کي [ڪٿي] اچي هت دفن ڪجو. اتفاقاً پنهنجي وطن جي قريب گذاري ويو. جڏهن سندس جنازو کنيائون تڏهن اهو خود بخود هلڻ لڳو ۽ مٿينءَ زمين کان سواءِ ڪٿي به قرار نه ورتائين. نيٺ اگهم ڪوٽ کان اٽڪل ٽي ڪوهه پاهران انهيءَ پنهنجي پسند ڪيل جاءِ ۾ دفن ٿيو. سندس درگاهه اراد تمندن جي زيارتگاهه آهي.

درويش سليمان. مٽئين پرڳڻي جو رهاڪو [هو]. چون ٿا ته چار زالون هونديون هيس. جنهن سان گهڻو پيار هوندو هوس، تنهن کي، ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ ۾ چوندو هو ته "آءٌ انڌي! هٽ ڪر". هوءَ هڪدم انڌي ٿي پوندي هئي. وري رحم کائي چوندو هوس ته "شال تنهنجون اکيون ڏسندڙ هجن" ته اکين سجي ٿي پوندي هئي. هيءَ حالت ڪيئي دفعا

ٿي هئي. اهڙيءَ طرح سندس زبان مان جيڪي نڪرندو هو، بالڪل تئن [١٦٢] ٿيندو هو.

[شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول القادري]. ابوالمناقب شيخ جمال‌الدين عبدالله، جو حضرت غوث الثقلين (شيخ عبدالقادر جيلاني) جي اولاد مان آهي، جو مريد ۽ خليفو آهي. هو مشهور بزرگ آهي- سندس قبر اگهم جي ڳوٺ ۾ آهي.

درويش عمر بودلو. هڪڙو مجذوب مطلق ۽ خدا سان واصل هو. پهريائين ماڻهن کان ٽهندو ۽ جهنگ ۽ جبل ۾ وقت گذاريندو وتندو هو. پوين ڏينهن ۾ اچي اگهم جي ڳوٺ ۾ رهيو، پنهنجي خواه پنهنجي سامان جي ڪا به خبر ڪانه هوندي هيس. جڏهن به ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم سان سندس خدمت ۾ پهچندو هو ته مرادون حاصل ڪري موٽندو هو. درويش ونهيون، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو آهي، سائس مريدن جهڙيون صحبتون ڪندو هو، اتي ئي دفن ٿيل آهي.

حمزو پرهار. اگهم ڪوٽ جي قديمي مشائخن مان آهي.

خليفو محمد شريف. هن سر زمين جو هڪ قديم ولي آهي.

سيد يونس. اصل متعلوي سيد آهي. [پاڻ] ۽ سندس پٽ سيد عبدالله، هن وقت جي پيرن مان آهن. ٻنهي بزرگن جون قبرون نيڪن جو زيارتگاهه آهن.

سيد فقير. متعلوي جي سيد ڏتي جي اولاد مان آهي. ويجهڙائيءَ ۾ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي.

جون

چاچڪن جي سرڪار جو هڪ ناليرو شهر آهي.

درويش حاجي سورو. جون پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ ۽ مخدوم نوح، اسماعيل جاڪي، سيد رڪن‌الدين ۽

سيد عبدالڪريم جي صحبتن مان فيض پرايو هئائين - گهڻا ماڻهو سريد هوندا هئس.

درويش موسى. جون جي آس پاس ۾ رهندڙ ۽ سنڌ جو مشهور معروف ولي آهي. درويش بهاؤالدين گودڙيو پهريائين هن جو مريد هو تنهن کان پوءِ مخدوم نوح عليہ الرحمة جي خدمت مان فيض پرايائين.

سيد حميد. سيد محمد مڪي، جنهن جو بيان بکر جي ذڪر وقت ڏنو آيو، جي پوٽن مان آهي. هو داٿي پاٽي جي ڪشش سببان، پنهنجن پائرن کان، جي سيد محمد مڪي جي اولاد مان بکر ۽ روهڙيءَ ۾ رهندڙ آهن، ڇڄي اچي هن زمين ۾ رهيو. سندس سگهوري ذات ۾ سڀ انساني خوبيون موجود هيون. اتيئي گذاري ويو. سندس اولاد مان سيد محمد علي ۽ سيد محمد باقر ڏٺي لڏي آيا، جن اڳتي هلي ذڪر ڏينداو.

وڙياه

پڻي تعلقي جون جي سرزمين ۾ هڪ مشهور ڳوٺ آهي. اتان جا آهن:

مخدوم نورنگ سومرو. هڪ ڪامل پير آهي. سندس اولاد ۾ بزرگي موروثي هلندي اچي ٿي.

مخدوم عبدالحميد. هتي جي عارفن ۽ پنهنجي وقت جي وڏن [عالمن] ۽ پرهيزگارن مان آهي. مٿين مخدوم نورنگ جو فرزند هو.

[مخدوم اسحاق] سندس فرزند رشيد مخدوم اسحاق مشهور عالم ۽ پرهيزگار، مخدوم رحمت الله جو ڏاڏو آهي، جنهن جو ذڪر ڏٺي جي بيان ۾ ڏيندو.

مخدوم الياس. شيخ شهاب الدين سهروردي ؒ جي اولاد
مان آهي. هو بزرگيءَ جي خوبين ۽ برگزيدگيءَ جي وصفن
سان موصوف هو. آب دانيءَ جي ڪشش ڪان سنڌ ۾ اچي،
هن ڳوٺ ۾ رهي عمر سڳوري پوري ڪيائين.
[مخدوم عجائب]. ڪانئس پوءِ مخدوم عجائب رهيو
جو سڀني خوبين جو [جامع] هو.
[مخدوم هارون]. سندس پٽ مخدوم هارون وڃي
ٺٽي ۾ رهيو- مخدوم ضياءالدين، جنهن جو ذڪر ٺٽي جي
بيان ۾ ٿيندو سو سندس سڳورو فرزند آهي.

[باب ارڙهون]

[بدين ۽ تلهار، ونگي ۽ ولهار وغيرها شهرن ۽ پراڻ جي ڪناري وارن ڳوٺن جا بزرگ]

بدين

صوبي سنڌ جو هڪ ناليرو شهر آهي. اتي جي بزرگن مان آهن:

درويش پنيو ناريجو. ڪرامتن جو صاحب ۽ وڏو پرهيزگار، بدين جي ويجهو آرامي آهي.

شاه قادري. حضرت غوث الثقلين جي اولاد مان آهي.

[١٦٣] بدين جي ٻاهران ڏکڻ طرف سندس درگاه خدا وارن جي مرجع آهي.

[سيد عارف شاه]. سندس اولاد مان سيد عارف شاه پنهنجي وقت ۾ مشهور هو. هڪ دنيا سندس بزرگيءَ کي مڃيندڙ هئي.

سيد بهار شاه. ڪانئس پوءِ سيد بهار شاه ڏاڍو هدايت وارو ۽ سخاوت ۽ فضيلت ۾ مشهور هو- وڏن بہ نسبت، گهڻي خلق هن جي مريد ٿي.

سيد موليڏنو. هاڻي سندس سوٽ سيد موليڏنو ۽ انهيءَ جا فرزند پير جا گادي نشين آهن.

مخدوم طوغاچي. سندس درگاه بدين جي الهندي طرف گهڻي وقت کان عام ماڻهن جي زيارت گاه آهي. سندس گهڻي اولاد ڳوٺائي صورت ۾ موجود آهي.

مخدوم صالح. مٿين مخدوم طوغاچي جو مريد هو. وڏو ڪامل بزرگ هو. مخدوم طوغاچي جي مزار جي پرسان دفن ٿيل آهي.

[مخدوم يوسف]. سندس پٽ مخدوم يوسف پڻ وڏن جي رستي تي هلندڙ، عالم ۽ پرهيزگار هو.

[مخدوم عثمان]. سندس پٽ مخدوم عثمان پنهنجي وقت ۾ مشهور معروف ٿي گذريو آهي.

[مخدوم عبدالرحيم]. انهيءَ جو پٽ مخدوم عبدالرحيم، شاهجهان جي پوين ڏينهن ۾، ٺٽي جي مفتي جي عهدي تي سرفراز ٿي اتيئي رهڻ لڳو.

[ميان اسدالله]. هن جو فرزند ميان اسدالله بدين جو مفتي ٿيو ۽ بدين ۾ رهي پيو- سندس اولاد اتي موجود آهي. مخدوم عبدالرحيم جو ٻيو پٽ محمد شفيع نالي ٺٽي جي بيان ۾ ايندو.

مخدوم حاجي. سندس درگاهه شهر ۾ اندر آهي ۽ هو قديم زماني جي مشهور بزرگن مان آهي.

سيد مير. اتي جي مشهور مشائخن مان آهي. سندس درگاهه، بدين جي ڏکڻ پاسي، عام ماڻهن جي زيارتگاهه آهي.

[سيد عبدالله]. هن جو پٽ سيد عبدالله، ڏاڍي بزرگيءَ ۽ چڱيءَ حالت ۾ حياتيءَ جو وقت گذاري ويو.

سيد محمد زمان. سندس فرزند سيد محمد زمان هاڻي سندس جاءِ نشين ۽ گاديءَ ڌڻي آهي هڪ وڏي جماعت سندس معتقد آهي.

شاه نور. هن جي درگاهه [پڻ] بدين ۾ عام خلق جي زيارتگاهه آهي.

قاضي عبدالملڪ. گهڻي علم ۽ عمل ڪري اتي جي پيارن مان آهي.

[قاضي امان الله]. هن جو پوٽو قاضي امان الله چڱي حال ۾ رهي گذاري ويو.

[قاضي ڪرم الله]. هن وقت قاضي عبدالملڪ جي اولاد مان قاضي ڪرم الله حيات آهي.

حافظ دائود. هڪ متبرڪ ملا اتي جو رهاڪو آهي. سندس وفات سنه ١٠٣٠ هه ۾ ٿي، جا ڪنهن ماڻهوءَ هن مصرع مان لڌي آهي "دائود بدين رفت بفردوس ابد".

سيد اسماعيل ۽ سيد عمر. مخدوم جلال جهانيان جي اولاد مان سيد حاجي حميد نظام الدين بخاريءَ جا پٽ آهن ۽ اچي تعلقي بدين جي هڪ ڳوٺ "داهر سادات" نالي ۾ رهيا. سندن اولاد اتي مشهور آهي. سيد عمر پاڻ بارگاه ۾ دفن ٿيل آهي. سندس پٽ سيد ميو ۽ سيد لڏو، پنهنجي وقت جا ناليرا [هئا] ۽ بزرگيءَ جي حالت ۾ گذاري ويا. سيد ميو، سيد حميد، سيد احمد پوٽٽي ڇڏي ويو. سيد حميد کي سترهن پٽ ۽ ٻارهن نياڻيون پيدا ٿيون. جن مان سيد عبدالرحيم سندس ناليرو فرزند ۽ برگزيده و پوير آهي. سندس پٽ سيد عبدالقدوس چار پٽ [هرهڪ] سيد پلو، سيد امين، سيد عبدالڪريم ۽ سيد صالح ڇڏي ويو. انهن ۽ اڳين بزرگن جي اولاد اتيئي آهن.

مير سلطان شاه. خواجه خليل خان جيڪو حاڪمن جي بيان ۾ مذڪور ٿي آيو، جو پاڻيجو هو. مامين جي موقوف ٿين کان پوءِ سندس جاگير تي ٺٽي ۾ آيو. ميان ابوالقاسم نقشبندي جي خدمت ۾ مريد ٿي، وچي وڏي مرتبي کي پهتو ۽ بدين ۾ رهائش اختيار ڪري، [٦٦٤] هڪ وڏو بزرگيءَ

۽ ڪرامت جو ڏٺي ٿي پيو. خلق جا ٽولا سندس مريد ٿيا. هڪ خلاصو ڳوٺ سندس نالي پويان سڏجي ٿو. ٿورا سال ٿيا جو هدايت واري اولاد ڇڏي گذاري ويو آهي.

ملا قيصر. عبداللطيف نالي هڪ فاضل، هوشيار ۽ قابل شاعر هو. ڇهين ڇهين مهيني عالمگير جي درگاه ۾ ٽونرين جو جوڙو ڪٽي ويندو هو ۽ لائق عزت پائيندو هو. سندس پوين ڏينهن ۾ هن فاضل دوست بادشاهه، سندس پيڙائپ تي رحم فرمائي، مناسب وظيفو مقرر ڪري ڏنس جئن هو وطن جي ڪنڊ ۾ ويهي آرام سان عمر پوري ڪري.

شيخ اسماعيل قريشي. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. بدين جي ويجهڙائيءَ ۾، هڪ خلاصي ڳوٺ ۾، سندس مزار هڪ دنيا جي زيارتگاهه آهي. شيخ ابن شاهه، جنهن جو اڳتي بيان ٿيندو، سندس اولاد مان آهي.

شيخ عالمشاهه. هن بزرگ جي اولاد مان شيخ عالمشاهه، جو سندس جاءِ نشين ۽ ڏاڍو هدايت وارو هو، سو تازو گذاري ويو آهي.

ميان محمد زمان. اڄ ڪالهه جو مرشد ۽ ميان ابوالقاسم نقشبندي ۽ ميان محمد نقشبندي ٺٽوي جي مريدن مان آهي. ڏاڍو هدايت وارو، نقشبندي سلسلي جي مريدن جي مرجع ۽ وڏين ڪرامتن جو صاحب آهي. هن وقت بدين جي ويجهو لواريءَ جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو- هڪ دنيا کي فيض جي درياهه مان سيراب ڪري رهيو آهي- گهڻن ماڻهن جو اعتقاد آهي ته هن وقت سندس وجود بينظير آهي. ڪنهن به پيدائش نه هوندي، وٽس عام مهمانخانو هلي ٿو. عجب هيءَ آهي ته هڪ ٽولو حقيقت کي سمجهڻ کان سواءِ، رڳو ظاهر تي مٿس طعنه زنيءَ ۾ مشغول آهي. هنن ڏينهن ۾ الٰهي قضا کي پهتو آهي يعني سنه ١١٨٨ هه جي پڇاڙيءَ ۾ گذاري ويو.

چاچڪ

بدين جي جون تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ ۽ قوم جو نالو آهي، تنهنڪري انهيءَ طرف ڪي سرڪار چاچڪان (چاچڪن جو پرڳڻو) لقب ڏنو اٿن. اتي جي بزرگن مان آهي:

شيخ موسيٰ. شيخ مغل جو پٽ، جنهن جو بيان اڳتي ايندو- پيءُ کان پوءِ سندس گاديءَ تي ويهي، وقت جي پرهيزگارن ۽ نامور بزرگن ۾ شمار ٿيو- هميشه صفائي وارن (صوفين) جي مهمانيءَ لاءِ تيار هوندو هو ۽ مهمان نوازيءَ جي رسمن بجا آڻڻ ۾ ڏاڍي ڪوشش ونندو هو- سندس قبر چاچڪن جي ڳوٺ ۾ عام خلق جي زيارت گاه آهي.

ونگو

چاچڪن جي سرڪار کان مٿي هڪ جهونو مشهور معروف ڳوٺ ۽ علحدي سرزمين آهي.

درويش چرڪس ولد ڏنو سرڪي. هڪ دين جو شائق ۽ دين جي راه جو سالڪ هو. تحقيق جي ميدان ۾ توفيق جو گهوڙو سيني کان اڳي ڪڍي ويو هو- اڪثر درويش سندس نظر ڪان ملاحظہ ڪندا هئا- هڪ ڏينهن مخدوم بلال جي خدمت ۾ حاضر ٿي پڇيائين ته ”فرض جي ادب جو مرتبو وڏو آهي يا [پنهنجي] مخدوم جي خدمتگذاري“ مخدوم بلال وراڻيو ته ”فرض جي ادب کي ترجيح آهي“ ظاهر ۾ هيءَ جواب سندس مرضيءَ مطابق نه هو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مخدوم جي دل جي ڦرهيءَ تان سڀ علم ميسارجي ويا- عاجز ۽ پريشان ٿي وڃي معافي ورتائين. جنهن تي، درويش جي فيض واريءَ نظر سان، سندس دل جي پٽيءَ تان جيڪي ڊهي ويو سو سيئي وري نڪجي ويو- هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ [١٦٥] جي ڳئون گم ٿي ويئي- هن اچي شيخ چرڪس کان دعا گهري- فرمايائين ”اي خداوندا! جيڪڏهن

تنهنجي درگاهہ ۾ هيءَ ڳالهہ سچي آهي تہ جيڪو بہ نذراني
ڪان سواءِ دعا گهرائيندو سو مراد نہ پائيندو تہ پوءِ ڳئون
پيدا ڪر“. هڪدم گم ٿيل ڳئون پاڻيهي موٽي آئي.

ولهار

پڻ هڪ مشهور معروف ڳوٺ جو نالو آهي.

درويش صدر ولد ڪيراوئو. سنڌ جو هڪ وڏو مشائخ
۽ سچورو ولي آهي. سندس مٽي، ڪاڏي ۽ سيني عضون تي
وار بلڪل ڪونہ هو. سڄي عمر ڪنوارو ۽ ڇڙو رهي گذاريائين.
ڪنهن وقت ملتان ويو هو ۽ شام جي وقت ملتان جي راويءَ
نديءَ وٽ اچي پهتو تہ پير جي زيارت جي شوق ۾ اتي
[رات] رهڻ ڏکيو لڳس جنهنڪري ميربحر کي سڏ ڪيائين،
ميربحر پرينءَ پر ڪان بڪڻ شروع ڪيو تہ هن وقت پيڙيءَ
آڻڻ جو کهڙو وقت آهي؟ [ائين چوڻ تي] ڪاوڙ ۾ پرجي
پاڻ سان جيڪو ڪؤنرو هون، تنهن کي پاڻيءَ سان پرڻ
جو خادم کي حڪم ڏنائين، الاهي قدرت سان سارو درياءَ
انهيءَ ۾ ماپي، ويو ۽ سڪي واٽ پيدا ٿي پئي. درويش
انهيءَ ئي وقت وڃي شيخ جي زيارت جو فيض حاصل ڪيو.
صبح ٿيو تہ درياءَ جي پاڻيءَ سڪي وڃڻ ڪري اچي خلق
۾ ترٿلو پيو. درويش اهو ڪؤنرو ڪٽي، اچي شيخ جي
خدمت ۾ حاضر ڪيو ۽ احوال بيان ڪري، پاڻيءَ جي موٽائڻ
متعلق صلاح پڇيائين. شيخ فرمايو تہ پاڻي ڪم آئي ڇڏڻ
گهرجي تہ هيءَ ڪرامت يادگار رهي. انهيءَ وقت ڪان وئي
اها ندي سڪي پيئي آهي. هڪ ڏينهن درويش لسوڪاڪڙو
شينهن تي سوار ٿي سائس ملڻ آيو. درويش صدر جي اڳيان
هڪ ڪير ڏائڪ ڳابو ٻڌو پيو هو. درويش اُسي چيو تہ
”منهنجو شينهن بکيو آهي تنهنڪري هيءُ ڳابو انهيءَ کي مهمانيءَ
۾ ڏي“. فرمايائين تہ ”هن جي ماءُ جهنگ ۾ ويئي آهي، جڏهن

ايندي ۽ ٻچو نہ ڏسندي تہ ذهن پريشان ٿيندي". هن چيو تہ "مڙئي خير آهي، [ڪئن بہ هجي پر هي گابو] ضرور شينهن جو ڪاج ٿيڻ گهرجي". ڏاڍو زور هليو پر هو باز نہ آيو. نيٺ نوڪر کي چيائين، جنهن گابو کولي شينهن جي آڏو آندو پر درويش صدر جي ڪرامت سان شينهن گابي کي ڏسندي ئي وٺي ڀڳو. گابو شينهن جي پنيان پيو ۽ شينهن لاچار ٿي وڃي جهنگ ۾ لڪو. تنهن تي گابو موٽي اچي پنهنجي مالڪ جي اڳيان بيٺو - سندس تربت مٽئين ڳوٺ ۾ آهي.

درويش صابر ولهاري. ذات جو پرند. پويون [بزرگ] شاه عنايت صوفيءَ جو همعصر آهي - ڏينهن جو روزو رکي ۽ رات جو عبادت ڪري عمر گذاريائين - هميشه قرآن شريف جو درس ڏيندو هو - حد کان وڌيڪ بزرگي ۽ پرهيزگاريءَ جو صاحب هو.

مياں معروف. سندس پٽ ميان معروف جو قبو مشهور آهي.

ميان مقبول. هن جو پٽ ميان مقبول هن وقت حيات آهي ۽ خدا وارن وٽ قبوليت جي زندگي گذاري رهيو آهي.

ڪوچو

ونگي ۽ ولهار جي سر زمين ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو آهي.

سيد ساجن. لقب سوائي اصل مٽيارين جو مخدوم نوح رحمة الله عليه جو مريد ۽ پنهنجي وقت ۾ هڪ عمدو مشائخ ٿي گذريو آهي. گهڻيءَ مشهوريءَ ڪري سندس احوال ۽ ڪرامتن جو تفصيل نٿو لکجي. سندس درگاهہ خدا وارن جي زيارت گاه آهي ۽ سندس زيارت [جي برڪت سان] حاجتمندن جون حاجتون پوريون ٿين ٿيون. سندس وفات واري ڏينهن هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ خريد فروخت لاءِ گهڻنئي طرفن کان ماڻهو ايندا آهن.

[سيد پني لڏو]. هن حضرت جو پوٽو [١٦٦]، سيد پني لڏو، خدا جي وات ۾ اهڙو تہ محو هوندو هو، جو جهنگلي جانور يا پکي بہ ڪانئس ڪين ٿهندا هئا ۽ شينهن ۽ بگهڙن وغيره جهڙا مرون سائس گڏ رهندا هئا. چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن درياهہ جي ڪناري تان لنگهيو تہ سندس اچڻ ڪان ڏيڏر ٿهڻ لڳا. چيائين شايد اجا مون ۾ غير ڏٺو اٿن. پوءِ تہ اتي ويهي رڻ ۽ زاريءَ ۾ اٺ پهر گذاريائين جيستائين ڏيڏر درياهہ مان نڪري سائس الفت ڪرڻ لڳا. مشهور آهي تہ پنهنجي جاءِ کان وٺي پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي آرام گاهہ تائين، جو هڪ تير جيترو پنڌ بہ ڪين آهي، صبح کان شام تائين پنڌ ڪندو هو. [تڏهين مس مس پهچندو هو]. دير جو سبب هيءَ هوندو هو تہ زمين تي جيڪو بہ پٿر، پترو وغيره ڏسندو هو، سو کڻي ڪجهہ وقت تائين انهيءَ ۾ غرق ٿي ويندو هو ۽ وري وري "سُبْحَانَ اللهِ" جو جملو چوندو هو. هن جي وفات کان پوءِ سندس فرزندن قبي يا حجري ٺاهڻ لاءِ سامان گڏ ڪيو پر اجازت ڪانہ ملين.

تلهار

مشهور ڳوٺ آهي. اتي جي نالي وارن بزرگن مان آهي؛ [سيد منگيلڏو]. بلڙيءَ واري سيد عبدالڪريم جي اولاد مان آهي. ڪنهن سبب جي ڪري پائرن کان ڌار ٿي، ڪيترو وقت هن ڳوٺ ۾ سخت رياضتن ۾ گذاري، چڱي حالت حاصل ڪيائين. اتي جي وڏيري ارباب موسيٰ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد کي ڏنو. آخرڪار دولت سان گڏ فقيري ۽ فقيريءَ سان گڏ دولت چڱيءَ طرح هٿ ڪيائين.

[سيد عالي شاهہ]. ڪانئس پوءِ سندس پٽ سيد عالي شاهہ، پنهنجي وقت جو ناليرو بزرگ، نهايت عزت ۽ احترام سان زندگي گذاري ويو.

[مير حيدر]. هائي هن جو نائي مير حيدر ولد سيد محمد صالح سندس قائم مقام آهي.

پراڻ

درياهه جو نالو آهي. سندس ڪوٽ ناليرا ۾ [حال ۾] مقام جي صاحبن جا گذرگاهه آهن. اتي شيخ بهاؤالدين ملتاني جو وهاريل هڪ آمري جو وڻ آهي، جو خدا وارن جو مشهور معروف زيارتگاهه آهي. هن جي تڙ ۾ دري جهڙي جاءِ آهي جنهن مان مريد لنگهي ٻاهر نڪري ايندا آهن ۽ جيڪو سچ پچ ڏوهي هوندو آهي سو انهيءَ دريءَ مان لنگهي نہ سگهندو آهي. هر وقت فقيرن جي اچ وڃ لڳي پيئي هوندي آهي. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي سلسلي جا فقير پنهنجا وقت اتي سماع ۽ صحبت ۾ گذاريندا آهن.

پير خاڪي. هڪ قديم مشائخ پراڻ جي سرزمين ۾ آرامي آهي.

ابراهيم ناگورائي. قوم جو ٽيٻو، قديمي مشائخن مان آهي. هن سرزمين ۾ سندس مزار الله وارن جي زيارتگاهه آهي.

سيد حسن باڪاٽو. هڪ جهونو مشائخ عمرڪوٽ جي ويجهي پٽ ۾ آرامي آهي.

سيد لال چتو. مينڊري جي پٽ جي سرزمين جو هڪ قديم پير آهي.

تاج محمد ڪسيلرو. قديمي فقيرن جي سلسلي سان تعلق رکندڙ سومي فقير، جو حسن باڪاٽي جي مقام ۾ آرامي آهي، جي اولاد مان تازو گذاري ويو آهي. هو پنهنجي وقت جو ناميارو پير هو، مؤتنگيجيءَ ۾ دفن ٿيل آهي.

درس مظفر. ذات جو هاليپوٽو، بايزيد سمي جي ديهه ۾ نهايت مجاهدن ۽ رياضتن سان زندگي گذاري رهيو آهي ۽

پنهنجي سرزمين ۾ مشهور آهي. مخدوم بهاؤالدين جي سلسلي جي خلافت مليل اٿس.

بابو. ذات جو شڪريو- مينڌري پٽ [١٦٧] جي زمين ۾ آرامي ۽ قديمي مشائخن مان آهي.

درس ڏاتو ڪاڇلو. پنهنجي وقت جو مشهور بزرگ، پٽ ۾ آرامي ۽ الله وارن جي عام زيارت گاهه آهي.

فقير ڪٺوريو. سوميٺي (١) جي زمين ۾ آرامي ۽ قديم مشائخن مان آهي.

حسين فقير راباؤ. پنهنجي وقت جو بزرگ، تازو ئي گذريو آهي. سندس قبر مؤ جي قريب آهي.

[بادل فقير]. هاڻي سندس پٽ بادل فقير مريدن لاءِ مرجع آهي.

درس اجر. لوريره قوم جو هڪ آڳاٽي سمي جو بزرگ، پوپرائي جي ڳوٺ ۾ آرامي آهي.

درس بلال. ٺورا ڏينهن ٿيا تہ آمريءَ جي آسپاس پراڻ واهہ تي رهندو هو. ڪانئس ڪيئي ڪليون ڪلايون ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون.

ميان شرف الدين. هاڻي ميان شرف الدين، نهايت سهڻين وصفن سان موصوف ۽ عام خلق ۾ محترم، سندس جاءِ نشين آهي.

(١) نسخہ "ن" سوسهي

[باب اوڻيهون]

[سنڌ جي غير معلوم شهرن ۽ ڳوٺن جا بزرگ]

ڪن نامي گرامي مشائخن ۽ سنڌ جي عالمن جو بيان جن جي رهائش ۽ تربت جو، جن جڳائي، تنن پتو نہ پئجي سگهيو آهي ۽ ڪتابن ۾ انهيءَ ناليءَ ذات سان بيان ٿيل آهن. [انهن بزرگن] جو، سندن وقت سميت ذڪر ڪجي ٿو، جيڪڏهن هنن نالن وارن بزرگن مان ڪو، ڪنهن خاص جاءِ جو رهاڪو معلوم ٿئي تہ اتي داخل ڪرڻ فرمائيندا.

ابو علي سنڌي. "نفحات" ۾ شيخ روزبهان جي "شطحيات" جي شرح ڪان نقل آهي تہ هو بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جي استادن مان آهي. بايزيد چوي ٿو تہ مون ابوعليءَ ڪان فنا ۽ توحيد جو علم سکيو ۽ ابو علي مون ڪان الحمد ۽ قل هو الله احد.

شيخ عيسىٰ سنڌي. لقب جندالله. شيخ محمد غوث گواليارِيءَ جي خليفي شيخ محمد لشڪر جو مريد هو. شيخ برهان شطاري برهانپوري سندس مريد ۽ خليفو هو. (سندس تصنيفات مان تفسير "انوارالاسرار" مشهور آهي. هو سنہ ١٠٣١ھ ۾ فوت ٿيو. سندس پٽ شيخ عبدالستار، فضيلت، ڪمال ۽ عمدي حال جو صاحب پيءُ واري ارشاد جي گاديءَ تي ويهي گذاري ويو).

شيخ يوسف سنڌي. اڪبر جو وزير ابوالفضل پنهنجي ڏاڏي شيخ خضر ڪي هن جو منظورِ نظر شمار ڪيو آهي.

مخدوم بندو ۽ مخدوم هالو. هرهڪ مشهور عالم آهي، هو راجا ستيہ دل جي ڏينهن ۾ هئا.

حاجي ويسر. پنهنجي وقت جو صالح ۽ ناليرو پرهيزگار، شيخ پرڪيي ڪاتيار جو همعصر هو.
درويش لسو ڪاڪڙو. هميشه شينهن تي چڙهي گهمندو هو. درويش صدر ولد ڪيور، جنهن جو بيان تي آيو، جو همعصر هو.
لڏو بهار. مخدوم نوح جي نظر شفقت جو هڪ منظور نظر هو.
درويش قطب. مخدوم نوح رحمةالله عليہ جو مريد هو. عجيب حالت هوندي هيس. هڪ رات بوبڪن ۾ آيو. هڪ طالب علم ڪانئس پڇيو تہ ”ڪنهن جو مريد آهين؟“ وراڻيائين تہ ”خدا جو مريد آهيان“. [ايتري چوڻ تي شاگرد مٿس مڙي آيا ۽ ڪيس مخدوم جعفر وٽ نيئي تعزير ڏيڻ چاهيائون. [هيءَ حال ڏسي] چيائين تہ بلڪ ”خدا منهنجو مريد آهي“. [هن تي] پاڻ وڏيڪ ڪاوڙيا ۽ ڪيس مخدوم جعفر وٽ وٺي ويا. مخدوم پڇيس تہ ”جئن هي چون ٿا تئن چيو اٿيئي؟“ چيائين ”هائو، خدا مريد هن طرح آهي جو هو اسان جي حق ۾ جيڪو ارادو ڪري ٿو سو ضرور ظاهر ٿئي ٿو. پهريائين پڻ اسان جي پيدا ڪرڻ جو هن جو ارادو هو. هن ارادي [قيرائڻ] جي اسان کي ڪابہ طاقت نہ آهي. جيڪي بہ ڪري ٿو سو اهوئي ڪري ٿو. ظاهر ۾ مخدوم نوح جو مريد آهيان“. هڪڙي عالم ڪيس چيو تہ اها ڳالهہ ڪئن آهي جو توهان کي ڪوبہ علم نہ آهي پر تنهن هوندي بہ چئو ٿا تہ اسان سان خدا جي دوستي آهي“. جواب ڏنائين تہ ”پڏو ڪين اٿئي تہ هڪڙي بادشاهہ کي حسن ۽ جمال واريون هزارين ٻانهيون هيون پر هڪڙي ڏينهن هڪ پنگڻ، جا ماڻهن جي پائخاني سان پريل چلي مٿي تي کنيون ٿي ويئي، ڏسي انهيءَ تي مفتون ٿي پيو. [۱٦٨] [پڏاءِ تہ انهيءَ [illegible] ڪهڙي ڀلائي ڏٺي هوندائين؟“

درويش مهرار نهريو. پنهنجي وقت جو هڪ بزرگ هو. ابتدا ۾ هڪ مرشد هوندو هوس جو فوت ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ سيد عبدالڪريم جي خدمت ۾ حاضر ٿي حاضرين کي چيائين ته "ڪيترو وقت ٿيو جو منهنجو مرشد مري ويو آهي، هاڻي حضرت جن کي مرشد ڪيو اٿم".

درويش احمد. پنهنجي وقت جو يگانو ۽ دنيا جو قطب مخدوم حامد دودائي، درويش عبداللطيف، عالم ڪامل مخدوم ضياءُالدين، درويش سمو، مخدوم عيسيٰ ۽ سندس پٽ ميان عبدالقدوس هرهڪ سيد عبدالڪريم جو صحبتي، فيض يافت ۽ معرفت ۽ يقين ۾ ناميارو آهي.

ميان عبدالرشيد. بصيرت وارو عالم پنهنجي وقت جو يگانو عارف ۽ مخدوم نوح جو همعصر هو.

ميان عبدالله ۽ درويش هارون. سيد عبدالڪريم جا سنگتي ۽ سندس نظر جا نوازيل آهن.

مخدوم يوسف طيونه (تنيو). پنهنجي وقت جو ڪامل زاهد ۽ قرات جي علم ۾ پوري مهارت رکندڙ هو. سندس عاليشان ڪرامتون زماني ۾ مذڪور آهن. هو سنه ٩٣٨ هه ۾ وفات ڪري ويو.

[باب ويهون]

[ٻنوري ۽ ڪڪرالي پرڳڻن جا بزرگ]

نصريه

ٻنوري پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ آهي.

مخدوم صدو لانگاه. پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ وڏي

وڏو پير هو. اهڙو ته ترڪ (توڪل) جو صاحب هو جو رات جو مٽن جو پاڻي به هاري ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو ته "نئون ڏينهن نئون رزق". سندس ڪرامتون عام جي سمجهه کان ٻاهر آهن. سندس مزار مٿئين ڳوٺ ۾ ناليرن بزرگن جي زيارت گاهه آهي. مٽيارن جا سيد، جن مان سيد عبدالڪريم به آهي، گهڻو ڪري مخدوم جا مريد هوندا هئا.

[ملا آجب]. ملا آجب مٿئين مخدوم صدوءَ جو فرزند

۽ ڪليل ڪرامتن جو صاحب هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ جو قصد ڪري نڪتو ۽ ٽيهريءَ جي نماز وقت اچي درياهه جي ڪناري تي پهتو. درياهه جي اورينءَ پر پيڙي ڪانه هئي. خادم چيو ته: ميارى جي موسم آهي. ڳوٺ موٽي هلي رات گذارجي ۽ صبحاڻي هتي موٽي اچي پتڻ ٽپجي". وراڻيائين ته "خير آهي. اتي ئي رات گذري ويندي". تنوري رات مس گذري ته الله جي قدرت سان درياهه هڪڙي واهي جيترو ٿي پيو ۽ آواز ڏنائين ته اي شيخ جيڪڏهن ٽپڻ جو ارادو هجي ته اجهو رستو [موجود آهي] پر شيخ قبول نه فرمايو. پاڻيءَ جي اها حالت ۽ اهو آواز ڪئين دفعا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ آيا پر هن فرمايو ته "اسان جي توڪل خدا تي آهي، توڏانهن التجا ڪانه آڻينداسون". آخر ٻئي ڏينهن اتان پيڙيءَ تي ٽپي ويا.

[ملا شهاب‌الدين]. مٿين ملا آجب جو فرزند، پنهنجي وقت ۾ صالح، توفيق جو صاحب ۽ نهايت نڪته رس ٿي رهيو.

[ملا يوسف]. ڪانئس پوءِ ملا يوسف فقيري ۽ توڪل ۾ معرفت جي مصر جو عزيز سندس جاءِ نشين ٿيو.

[مخدوم فضل‌الله]. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ مخدوم فضل‌الله هڪ بي ريا درويش ۽ وڏن جي طريقي تي هلندڙ هو، جو حياتيءَ جا ڏينهن پنهنجي حالت کي لڪائي گذاري ويو.

[شاه عنايت الله صوفي]. سندس فرزند رشيد، حق کي سڃاڻندڙ پير، شريعت جو بنياد، مرشدن جو مرشد، پنهنجي وقت جو ولي ۽ الله جي درگاه جو مقبول شاه عنايت‌الله صوفي، اوائل ۾ حق جي ڳولا ۾ ڏاڍو سير ۽ سفر ڪيو ۽ گهڻي وقت کان پوءِ وڃي دکن ۾ شاه عبدالملڪ سان مليو. انهيءَ بزرگن جي بزرگ وٽان هو انهيءَ درجي کي پهتو جنهن جي مختصر بيان کان به زبان قاصر ۽ عاجز آهي. [١٦٩] پير جي حڪم موجب سخت رياضتون ڪيون هٿانئين ـ ظاهري علم شاه غلام محمد وٽان، جنهن سندن (مرشد) اجازت سان شاهجهان آباد ۾ فقيريءَ جي گاديءَ کي وقت جي پيرن کان اعليٰ ۽ اتم درجي تي رسايو هو، ڪيائين. شاه غلام محمد جنهن جو ظاهري [علم] جي تحصيل جي عيوض [هيءَ] مرشد ٿي چڪو هو، تنهن جي اچڻ کان پوءِ، شاه عبدالملڪ جي خدمت مان معرفت جي اعليٰ درجي تي پهچي وڃڻ جي اجازت حاصل ڪري، ڪجهه وقت کان پوءِ اچي ٺٽي ۾ وارد ٿيا ـ شاه غلام محمد جيڪو هن مرشدن جي مرشد جي ذريعي ڪمال جي چوٽيءَ تي پهچي چڪو هو، سو پنهنجي مرشد کي ظاهري معبود مقرر ڪري، حضرت شاه عنايت الله جي خدمت ۾ اهڙو ته عاجزيءَ ۽ نياز جو رستو وٺي هلندو هو، جو ٺٽي جي عالمن کيس تعزير لاءِ

شريعت جي ڪورٽ ۾ حاضر ڪرايو- جنهن ته خدا وارن کي هميشه [ظاهر جي] عالمن کان تڪليفون پهچنديون آهن تنهن ڪري [هيءَ به] پنهنجي مرشد شاه عنايت الله جي اڳيان سجدهء تعظيم بجا آڻڻ ڪري ظاهر وارن جو طعنو يعني شرعي تعزير جهلي ارشاد موجب [شاه] جهان آباد هليو ويو ۽ اتي ڪيترو وقت فقيريءَ جي خانقاه کي روشن ڪرڻ کان پوءِ گذاري ويو. سندس خدمت مان هزارين ماڻهو واصل بالله ٿيا.

هن کان پوءِ شاه عنايت الله ميران پور ۾، جو جهوڪ جي نالي سان مشهور آهي، رهي پيري مريديءَ جو غلغلو شروع ڪيو- هن جي محض فقيرن جي جماعت ڪن سلسلن جي پيرن جي اک ۾ ڪنڊي وانگيان چڀڻ لڳي. [نيٺ] انهيءَ ملڪ جي زميندارن جهڙوڪ پليجاڻي جو زميندار نورمحمد ولد منبہ ولد راڏو ولد بابو پليجو ۽ حمل بن لاکو بن حمل بن لاکو، سيد عبدالڪريم عليہ الرحمتہ جي پوٽن جهڙوڪ سيد عبدالواسع ولد سيد عبدالغني ولد سيد عبدالدليل ولد سيد دين محمد ولد سيد عبدالڪريم، سان صلاحڪار ٿي، فقيرن سان جهڳڙو ۽ ڪوڙس بازي شروع ڪئي ۽ ڪنهن وقت فقيرن تي اوچتو حملو ڪيائون جنهن ۾ الله وارن جو هڪ وڏو ٽولو مخدوم تان قربان ٿي ويو. شهيدن جا وارث جهان پناه جي حضور ۾ دانهين ويا ۽ بادشاهي قانون موجب هنن (قاتلن) جي زمين سندن حوالي ٿي- ڪيئي غريب ۽ ٻيا ماڻهو هندوستاني ڪامورن جي ظلم کان [پهچي اچي] فقيرن جي امن واري دامن هيٺ آباد ٿيا- جنهن ته [حديث شريف] ”اشدالبلاء علي الانبيا ثم الاولياء ثم امثل ثم امثل“ (سخت ۾ سخت آزمائشون نبين تي ايندڙيون آهن، تنهن کان پوءِ ولين تي، تنهن کان پوءِ، انهن جهڙن تي، تنهن کان پوءِ انهن جهڙن تي) جي هن جي تقاضا موجب هن ڪاملن جي ڪامل جي شهادت جو وقت اچي چڪو هو تنهنڪري هڪ دفعو وري به سيني

منحوس رهاڪن ٺٽي جي حاڪم کي پاڻ سان شامل ڪري، فقير جي بغاوت [جو بهانو] ظاهر ڪري، بادشاهي دربار مان پيخڪنيءَ جو حڪم جاري ڪرايو- ۽ جڏهن حاڪمن جي بيان ۾ گذري آيو، سنڌ جي سيني پرڳڻن جون فوجون گڏ ڪري مٿس ڪاهي آيا ۽ کيس سنه ١١٣٠ هه ۾ شهادت جي درجي تي رسايائون- هزارين فقير اچي حاضر ٿيا ۽ پنهنجي مرشد جي شهادت جي شمع تي پرواني وانگيان قربان ٿيا.

شاه عزت الله. هن شيخ شهيد جو ناميارو فرزند شاه عزت الله نهايت هدايت ۽ بزرگيءَ سان رهي سنه ١١٨٦ ۾ آخرت جو رستو وٺي روانو ٿيو.

شاه سلام الله. شاه سلام الله پڻ هن وڻ جو ميوو آهي- هن ڪيئي سال رڻ پٽ ۾ سمر کان سواءِ مستيءَ جي حالت ۾ رياضتون ڪندي گذاريا-[١٧٠] ٿورن سالن کان ڪجهه سمجهه سان ٿيو آهي- پر مشهوري پسند نه ڪيائين جنهنڪري شهرن ۾ قدم نه رکيائين. [انهيءَ هوندي به] سندس فدائين جي هڪ ٽولي سکن تي ڏکن کي ترجيح ڏيئي سندس دامن هٿان نه ڇڏي- کانئس ڏاڍيون ڪرامتون ٿينديون هيون. جنهن وقت ۾ ميان غلام شاه خان ۽ محمد عطر خان ٻئي پائر پاڻ ۾ ملڪ تي وڙهي رهيا هئا، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سندن تڪرار جو احوال ڪهاڻيءَ طور سندس حضور ۾ بيان ڪيو. پاڻ فرمايائين ته تاج جو مالڪ غين (غلام شاه) آهي. باوجوديڪ ڪنهن به عقلمند کي ويساهه نه ٿي آيو پر تنهن هوندي به ٿورڙو وقت ٿي ڪين گذريو ته غلام شاه خان ملڪ جو وارث ٿيو- اهڙيءَ طرح جيڪي به سندس زبان مان نڪرندو هو سو تقدير سان پورو ٿيندو هو- ڪڏهن ڪنهن به پڇندڙ جي سوال کان سواءِ سندس زبان ڪرامت بيان مان تنبيه طور ڪي جملا نڪري ويندا هئا جن مان ايندڙ وقت جا

حالات معلوم ٿيندا ھئا ۽ جئن چوندو ھو تئن ٿيندو ھو. تقديراً ھن ڪان ٿورو وقت اڳي پاڻ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو.

[ميان محمد زاھد]. ھاڻي خدا آگاه مرشد، شاه ابراھيم صوفيءَ جو فرزند ميان محمد زاھد شاه عزت الله جي فرزنديءَ جي تعلق سببان صوفي خاندان جي شمع روشن ڪري رھيو آھي.

ھن خامڪار جو قلم ھن خاندان جي بزرگيءَ جي وصف جو بيان ڇا ڪري ڇا ڪندو. باوجوديڪ ھزارين مريد مرشد جي شھادت واري فساد ۾ ڪم آيا ۽ ھن خاندان جو ڪوبہ فرد مشائخيءَ کي پسند نہ ٿو ڪري تڏھن بہ سنڌ ۾ ھزارين مريد ظاھر توڙي مخفي موجود آھن ـ پين ملڪن ۾ پڻ ھن گھراڻي جي توسل جي برڪت سان وڏا وڏا مشائخ ڪماليت جا صاحب بڻجي پيا آھن.

اپلان

ٻنوري پرڳڻي جي ڳوٺن مان ھڪ ڳوٺ آھي. ھتي جي رھاڪن کي اپلان جي قوم چوندا ھئا. شاه عالم پرچي جو اڳتي مذڪور ٿيندو، ھن سرزمين جو آھي.

درويش احمد. قوم جو رونجھو، سيد عبدالڪريم جو ھمعصر ۽ بزرگيءَ ۽ ڪمال ۾ ولين جي لسٽ ۾ داخل آھي.

ھمڙي

پڻ ٻنوري پرڳڻي جو ھڪ ڳوٺ آھي.

قاضي حسن. وڏو عالم، سير ۽ سلوڪ جو صاحب ۽ سيد عبدالڪريم جو ھمعصر آھي.

درويش صابر سومرو. مخدوم نوح رحمتہ الله عليہ جي فيض جي نظر جو خاص نوازيل ۽ ڪمال وارن جي خوبين سان موصوف آھي.

ڏبي

پڻ ٻنوري پرڳڻي جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي.

درويش جوڻو. بزرگيءَ ۽ ولايت ۾ مشهور آهي.
سيد عبدالڪريم جو همعصر هو.

راهوٽ

هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو آهي.

مخدوم صدرالدين راهوٽي. هڪ عالم ڪامل ۽ علمن
جو جامع ٿي گذريو آهي.

مولانا ضياءُالدين. سندس پٽ مولانا ضياءُالدين وهبي
خواه درسي علمن جو جامع ۽ مرزا شاه حسن جو همعصر هو.
پوءِ پڇاڙيءَ ۾ [ڏنائين پر] تعليم ۽ تدريس ڇڏيائين گوشه نشين
ٿي ويهي رهيو ۽ خلق جي پاڻوٽ آمدرفت جو دروازو بند
ڪري ڇڏيو.

شيخ عبداللطيف. عقلي خواه نقلي علمن ۾ هڪ متبحر
عالم ٿي گذريو آهي. مٿئين مولانا ضياءُالدين جو همعصر
ٿو ڏسجي.

ڏائرو

ڏرڪ پرڳڻي جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي.

مخدوم حسن هرپره. بلند درجن جو مالڪ آهي. نقل
آهي ته هڪ ڏينهن وجد جي حالت ۾ پيغمبر صلي الله عليه وسلم
جي حضور ۾ وڃي پهتو. هڪ ماٺهو خوشبوءِ جو ڏرو آنحضرت
صلي الله عليه وسلم وٽ تحفو ڪري آيو. حضرت رسالت مآب
هن کي انهيءَ جي وراهڻ جو حڪم فرمايو. انهيءَ وقت انهيءَ
خوشبوءِ جو ڪاغذ مٿي تي مهنيو هڻائين. چون ٿا ته حياتي
پوري ٿيڻ تائين اها خوشبوءِ مٿي ۾ هوندي هيس.

ٻلڙي

هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو آهي.

سيد ابراهيم شاه. مشهور پير پرڏيهي. سندس قبر ٻلڙيءَ جي ڳوٺ جي آسپاس آهي. هن جي قبر جي چوڌاري [۱۷۱] گھڻا وڻ آهن جيڪو به ساه وارو انهن جي پن کي هٿ لائيندو هو سو هڪدم مري ويندو هو. سيد عبدالڪريم سندس قبر جي مٿان اچي چيو ته جيڪي ماڻهو جيڏرا آهن سي نفس ٿا مارين ۽ تون، جو مئل آهين، سو وري جيڏرا ٿو مارين. چون ٿا ته انهيءَ ڏينهن کان وٺي انهيءَ بزرگ مان اها جلالي نڪري ويئي.

سيد جلال. سيد عبدالڪريم جو وڏو پاڻ وقت جو عارف هو. پاڻ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو. سيد عبدالڪريم کان نقل آهي ته: ننڍپڻ جي ڏينهن ۾ ساڻس گڏ ڪانئي رهيو هوس ته اوچتو ڪاڏي جي ٿالهي غائب ٿي ويئي. سنهنجو پاڻ هڪدم ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويو ۽ وڻن جي وچ مان اها ٿالهي ڪٺي آيو. اها حالت ڪيترا دفعا ٿي. ظاهر ۾ معلوم ٿو ٿئي ته ٿالهيءَ جو ڪٺي ويندڙ ڪو جن هوندو.

سيد عبدالڪريم. ولد سيدلله متياري سيدن مان هو. سندس ولادت سنه ۹۴۴ ۾ ٿي. پهريائين سخت رياضتن ۾ گذاريائين جهڙوڪ صبح جو مسجد ۾ بانگ چئي جماعت جي گڏ ٿيڻ تائين وظيفن پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. نماز پڙهڻ کان پوءِ به اشراق تائين اهڙي نموني سان وقت گذاري گهر تشريف آڻيندو هو. ۽ گهر جو ڪاروبار جهڙوڪ [ماني] پچائڻ، ڪارائڻ وغيره جو پورو ڪرڻ کان پوءِ گڏائي ڪري فقيرن کي ڏؤ ڪرائي، هر مٽي تي رکي. ڏاند ڪاهي، ٻنيءَ ۾ ويندو هو ۽ سج لٿڻ تائين وقت هر ڪاهڻ ۾ گذاري، ڏاندن جو گاه لٽي گهر ايندو هو. پوءِ ڏاندن کي

گاه وجھي پهريءَ جي نماز جي تياري ڪندو ھو. بانگ ڏيئي نماز جماعت سان پڙهي وري دستور موجب ٻنيءَ ۾ وڃي ڏاندن جو گاه لٽندو هو ۽ ڏاندن کي پاڻي پياري موٽي ايندو هو. [تنهن کان پوءِ] ٽپهري، سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي نماز پڙهي، گهر جي ڪم ڪار ۽ فقيرن کي گدائي ڪري ڪارائڻ کان واندو ٿي پنهنجي ڳوٺ کان راهوٽ جي ڳوٺ ڏانهن نڪرندو هو. رستي ۾ سڀ ڪنهن ڳوٺ جي مسجد جي پاڻي ۽ پترن جي خبرچار لهي، ستلن جي خدمت ڪري اتان اڳتي وڌندو هو سڌو ٺٽي تائين. مسجدن جي اهڙي طرح سنڀال ڪندو، ساموئي، واه تري سڄيءَ مڪليءَ جي زيارت ڪري، ٺٽي جي شهر ۾ دستور موجب مسجدن جي خدمت ڪري وڃي پير پٺي جي زيارت ڪندو هو. اتان وري هرهڪ ڳوٺ جي ساڳيءَ طرح مسجدن جي خدمت بجا آڻيندو، باک ڦٽيءَ مهل اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ داخل ٿيندو هو ۽ اچي اول وقت ۾ مسجد ۾ بانگ ڏيندو هو. ماڻهو خيال ڪندا هئا ته شايد سيد کي ننڊ ٺٽي اچي جو هھڙو سوير بانگ ٿو ڏئي - ڪنهن کي به هن سير ۽ سلوڪ جي، جو پنهنجي جاءِ تي هڪ ڪرامت آهي، خبر نه هوندي هئي. ڪيئي سال انهيءَ دستور گذاري انهيءَ درجي تي پهتو جنهن تي پهتو. تهجد جي پهرئين رڪعت ۾ ايڏو ته گريه ۽ بيخودي مٿس غالب ٿي ويندي هئي، جو پرهه ڦٽڻ تائين سامت نه ايندو هو ۽ ڪيس ٻي رڪعت هٿ ڪانه ايندي هئي. پاڻ تعجب فرمائيندو هو ته ماڻهو تهجد ڪئن ٿا ادا ڪن قصه مختصر ته سندن ڪرامتون ۽ بلند مقامات حد ۽ حساب کان ٻاهر آهن - ڪتاب بيان العارفين ۽ تنبيه الغافلين انهن مان ڪن ٿورين سان پريل آهي. سيد محمد يوسف رضوي بکري، مخدوم نوح، مخدوم آدم سميجو مڪلي ڳوٺ ۾ رهندڙ ۽ ٻين وڏن وڏن مشائخن سان صحبتون ڪري فيض پرايو هئائين

حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمتہ وٽان ڏاڍو فائدو حاصل ڪري، سندس اشاري موجب وڃي مٽيئن جاءِ تي رهيو هو. سندس وفات سنہ ۱۰۳۰ ۾ ٿي.

ڪين اٺ فرزند هئا ۱- سيد للو، جنهن تي ڏاڍي بزرگوار جو نالو رکيل هو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو [۱۷۴] ۲- سيد عبدالرحيم- ميان ابراهيم ولد مخدوم نوح رحمتہ الله عليہ چيو هو تہ هن جي چمڻ ۽ وڏي ٿيڻ تي خدا جو شڪر بجا آندم ۽ چيم تہ الحمد لله جو سيد عبدالڪريم ثاني پيدا ٿيو آهي- اتفاقاً پيءُ جي حياتي ۾ گذاري ويو. وڏي درجي جو صاحب هو. ۳- سيد جلال- هن تي چاچي بزرگوار جو نالو رکيل هو جو مٿي بيان ٿي آيو. پنهنجي وقت جو عابد پيدا ٿيو هو. پيءُ جي حياتيءَ ۾ هڪ ڏينهن هالن ڪان موٽيو ٿي آيو تہ ڪيس چورن شهيد ڪري ڇڏيو. ۴- سيد برهان- شاندار ڪماليتن جو هڪ برهان پيدا ٿيو هو. خدا تعاليٰ ڪيس ڏاڍي قوت عطا ڪئي هئي. هيءُ پڻ پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو ۵- سيد للو ثاني- مٿس ڏاڍي ۽ ڀاءُ جو نالو رکيو ويو. هڪ مجذوب سالڪ پيدا ٿيو هو ۽ سير و سياحت ۾ مشغول رهندو هو. پيءُ ڪان پوءِ پڻ ڪجهہ وقت جيئرو هو. ۶- سيد دين محمد- پيءُ جي ڏينهن ۾ گوشي ۾ گذاريندو هو. نهايت شان شوڪت ۽ بي پرواهيءَ جو مالڪ هو ۽ جئن اڳتي ايندو، پيءُ ڪان پوءِ سندس جانشين ٿيو. ۷- سيد محمد حسين- پيءُ هن کي خادم الفقرا جو لقب ڏنو هو ۽ خادمن کي چئي ڇڏيو هئائين تہ جنهن وقت دعا جي ضرورت پئيو تہ هن کي عرض ڪجو. ۸- سيد عبدالقدوس- ننڍپڻ ۾ پيءُ جي هٿن ۾ گذاري ويو. سيد عبدالڪريم سندس بابت چيو هو تہ خدا تعاليٰ ڪان گهريو اٿم تہ اهڙو پٽ عطا ڪري جنهن ڪان خدائي ڪالهيون پڇان. چون ٿا تہ هو راند ڪرڻ وقت ٻارن کي گڏ ڪري، حلقو ٻڌي ذڪر ڪي لڳي ويندو هو.

[سيد دين محمد]. سيد عبدالڪريم وفات وقت پنهنجي سڳوري پٽ سيد دين محمد کي سڏي ولايت جي امانت سندس حوالي ڪئي. جڏهن ته هو انهيءَ کان اڳ ڪپڙن جو شوقين هو، سو پيءُ کان پوءِ مٿو ڪوڙائي، ڪفن ڍڪي، ڪاري چادر ڪلهن تي پهري سجاده نشيني جي گاديءَ تي ويٺو ۽ پيءُ جو نالو هر نموني جي بزرگيءَ ۽ عزت ۾ قائم رکيائين.

[سيد عبدالدليل]. انهيءَ کان پوءِ سندس سڳورو فرزند سيد عبدالدليل وڏن جي گاديءَ تي ويٺو ۽ هدايت جو رستو ڏيکاريندو رهيو.

[سيد عبدالغني]. ڪانئس پوءِ هن جو فرزند رشيد، فقيري ۽ هدايت جي دولت جو مالڪ پنهنجن بزرگن جو جا نشين ٿيو.

[سيد عبدالواسع]. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ سيد عبدالواسع وڏن جي مسند تي ويٺو.

[سيد محمد زمان]. سندس انتقال کان پوءِ سيد محمد زمان ڏاڏي جي مزار پرانوار جي مسند جو سنڀاليندڙ ٿيو ۽ پنهنجي وقت ۾ نالو پيدا ڪيائين.

[سيد مقيم شاه]. تنهن کان پوءِ سيد مقيم شاه وڏن جي مصلي جو وارث هو.

[سيد عبدالواسع]. هاڻي سيد عبدالواسع ولد سيد محمد زمان وڏن جو گادي نشين آهي.

سيد حبيب شاه. سيد عبدالڪريم جي پاڪ اولاد مان آهي. سدائين وجد ۽ حال جو صاحب هوندو هو ۽ نهايت استغراق جي حالت ۾ رهندو هو. چون ٿا ته گهڻو ڪري

انئين ٿيندو هو جو سندن نامي گرامي فرزند سيد عبداللطيف، جنهن جو بيان مٿي گذري آيو، سندن خدمت ۾ حاضر ٿي اچي ڳالهه ٻولهه ڪندو هو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته 'تون ڪير آهين؟' هو (شاه عبداللطيف) ورائيندو هو ته توهان جو غلام عبداللطيف آهيان'. پاڻ فرمائيندا هئا ته مون 'ڪونه ٻڌو' سندس وفات جي تاريخ هن جملي مان نڪري ٿي. "الموت جسر يوصل الحبيب الي لقاء الحبيب" (موت هڪ پل آهي جا دوست کي دوست جي ديدار ڏانهن پهچائي ٿي) هي تاريخ مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ جي ڪڍيل آهي. ۽ [هجري سن موجب سنه ١١٥٥ھ نڪري ٿو] سندس سڳوري فرزند سيد عبداللطيف پٽ ڏٺيءَ جو بيان مٿي گذري آيو.

[درس محمد امين]. درس محمد امين - لقب نانڪ - ٻهراپور جي سرزمين تي رهندڙ هڪ پير هو. هي هڪ وڏو بزرگ، ڪرامتن ۽ رياضتن جو صاحب، برگزيده ۽ نيڪ هو.

[سيد جمن نانگو]. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي [١٧٣] پنهنجي پاڻ ٽي سيد جمن نانگي کي پنهنجو قائم مقام ڪيو هو. هو پڻ حال جو صاحب آهي.

[سيد سماهبو]. مٿين سيد امين محمد جو پاڙيجو سيد سماهبو روپاهه جي پرڳڻي ۾ پين جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ مشهور ڪرامتن جو ڏٺي آهي.

ڳاهوٽ

مشهور ڳوٺ آهي. [هيئيان ماڻهو] اتي جا آهن.

[حسن ستيو]. هڪ ڪامل ولي هو- هڪ ڏينهن وڻ هيٺان ويٺو هو. ڪنهن ٽاريءَ تان جهرڪيءَ وٺ اڇلائي جا اچي فقير تي پيئي. جهرڪي انهيءَ وقت مري ويئي ۽ اچي پٽ تي ڪري. ويٺلن چيو ته جهرڪيءَ جي مرڻ جو سبب تون آهين. چيائين ته مون کي خبر ڪانه آهي پر خدا جو

شڪر آهي جو هن، انهيءَ جانورجي ايتري گستاخي به برداشت نه ڪئي. هڪڙي ڏينهن ڪنهن عالم کان پڇيائين ته "بهشت ۾ سماع هوندو" عالم ورائيو ته "نه" فقير چيو ته پوءِ اسان جو بهشت سان ڪهڙو ڪم؟

منڇر

ننڍي جو تابع هڪ پرڳڻو آهي. اتي جي بزرگن سان هڪ مرد (١) نهايت ڪامل فقير ٿي گذريو آهي جنهن ۾ ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو. سندس مزار آتي معتقدن لاءِ مشهور زيارتگاهه آهي.

[مير ڪمال الله]. مير ڪمال الله مهدوي ميران مهديءَ (سيد محمد مهدي) جو پوٽو هو. چون ٿا ته جڏهين سيد ڪمال الدين ڄائو هو ۽ سيد ميران هن ڪي ڏسي پڇيو هو ته هن جو نالو ڇا آهي تڏهن ڪيس ٻڌايائون ته لالن. فرمايائين ته هيءُ لالن پالڪيءَ ۾ وهندو ڇاڪاڻ ته هيءُ هڪ بزرگ ماڻهو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. آخر هو فاضل خان جي نائي هجڻ جي برڪت سان جيڪي ٿيو سو ڏيهن ڏٺو.

[سيد عبدالحليم]. سيد ڪمال الدين جو پٽ سيد عبدالحليم پڻ هڪ برڪت پريو پيدا ٿيو. سندس اولاد جت تعلقي ڪڪرالي جي سر زمين ۾ رهندا آهن.

سيد محمد.- مٿئين سيد ميران جو نياٽو هو، ۽ ڪرامت جو صاحب رهي گذاري ويو.

[سيد عبدالرحيم]. سندس فرزند سيد عبدالرحيم پڻ هڪ جماعت جو مرشد هو.

[سيد ڪريم ڏنو]. سيد ڪريم ڏنو پڻ وڏن جي قدم تي هلڻ وارو ۽ سهڻين عادتن سان سينگاريل آهي. هاڻي سيد ڪريم ڏني جا پٽ سيد ستار ڏنو(٢)...... جت تعلقي ڪڪرالي جي زمين ۾ رهن ٿا.

---

(١) اصل ۾ انهيءَ مرد جو ڪو نالو ڏنل ڪونه آهي.
(٢) هتي اصل ۾ ٻني ڪي جيت ڪاٺي ويو آهي ۽ پڙهڻ ۾ نٿو اچي.

ڪڪرالا

سمنڊ جي ڪناري سان لاڳيتي هڪ سرزمين جو نالو آهي. جا اصل سنڌ جي حڪومت ۾ داخل هئي، پر پوءِ ڏگهو عرصو سمن ڇامن جي هٿ هيٺ رهي. آخر ميان غلام شاه خان جي حڪومت جي ڏينهن ۾ وري موٽي ملي. هن زمين ۾ ڪيئي بزرگ آهن جن مان ڪي [هيٺ ڏجن ٿا].

درويش صالح. شاندار ڪرامتن سان مشهور آهي. سن هزار هجريءَ کان اڳ ٿي گذريو آهي.

پير لاڪو. پڪار جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهي. جيڪو بہ سندس قبر تي ڪوڙو قسم کڻندو هو تہ رت ٿي ڇڙندو هو. سيد عبدالڪريم (بلڙيءَ وارو) سندس قبر تي اچي چيو تہ ”اي لاڪا! ماڻهن حياتيءَ ۾ شوخي ۽ ڪاوڙ ڇڏي ڏني، پر تون مرڻ کان پوءِ بہ نٿو ڇڏين“. انهيءَ کان پوءِ اڄ تائين جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوڙ ڪٿي اچي سندس قبر تي ڪوٽي يا ڏاهي تہ بہ ڪيس ڪا تڪليف نٿي پهچي.

شيخ اسماعيل. آڳاٽو پير، ڪليل ڪرامتن جو صاحب، اتي آرامي آهي. ديري جي اڪثر ماڻهن جو مقام اتي آهي.

پير ڪومن (١) ديري کان الهندي طرف خدا وارن جي زيارتگاه آهي.

شيخ راڄن. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. ڪڪرالي جا سيئي چام سندس مريد آهن. ۽ سندس اولاد مان گهڻن کي سڳ ڏنا اٿن. سندس اولاد پيرزادگيءَ جي هدايت سان موجود آهي.

شيخ مغل پين. ناليرو ۽ ڪليل ڪرامتن جو ڏٺي، بزرگ آهي. هڪ دنيا سندس مريد آهي. سندس مزار ديري کان اپرندي طرف ستن اٺن ڪوهن تي مشهور آهي.

(١) نسخہ ”ن“ ڪرمن

ڪڪرالا

سمنڊ جي ڪناري سان لاڳيتي هڪ سرزمين جو نالو آهي. جا اصل سنڌ جي حڪومت ۾ داخل هئي، پر پوءِ ڏگهو عرصو سمن ڄامن جي هٿ هيٺ رهي. آخر ميان غلام شاهه خان جي حڪومت جي ڏينهن ۾ وري موٽي ملي. هن زمين ۾ ڪيئي بزرگ آهن جن مان ڪي [هيٺ ڏجن ٿا].

درويش صالح. شاندار ڪرامتن سان مشهور آهي. سن هزار هجريءَ کان اڳ ٿي گذريو آهي.

پير لاکو. پڪار جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهي. جيڪو به سندس قبر تي ڪوڙو قسم کڻندو هو ته رت ٿي چڙندو هو. سيد عبدالڪريم (بلڙيءَ وارو) سندس قبر تي اچي چيو ته "اي لاکا! ماڻهن حياتيءَ ۾ شوخي ۽ ڪاوڙ ڇڏي ڏني، پر تون مرڻ کان پوءِ به نٿو ڇڏين". انهيءَ کان پوءِ اڄ تائين جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوڙ ڪٿي اچي سندس قبر تي ڪوڙي يا ڏاهي ته به ڪيس ڪا تڪليف نٿي پهچي.

شيخ اسماعيل. آڳاٽو پير، ڪليل ڪرامتن جو صاحب، اتي آرامي آهي. ديري جي اڪثر ماڻهن جو مقام اتي آهي.

پير ڪوهن (١) ديري کان الهندي طرف خدا وارن جي زيارتگاهه آهي.

شيخ راڄن. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. ڪڪرالي جا سيئي ڄام سندس مريد آهن. ۽ سندس اولاد مان گهڻن کي سگ ڏنا اٿن. سندس اولاد پيرزادگيءَ جي هدايت سان موجود آهي.

شيخ مغل پين. ناليرو ۽ ڪليل ڪرامتن جو ڌڻي، بزرگ آهي. هڪ دنيا سندس مريد آهي. سندس مزار ديري کان اپرندي طرف ستن اٺن ڪوهن تي مشهور آهي.

(١) نسخ "ن" ڪرمن

[قاضي محمد شريف]. ڪانئس پوءِ سندس پٽ قاضي محمد شريف شريعت جي گاديءَ کي سينگاريو.

[قاضي هدايت الله ۽ پيا]. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ قاضي هدايت الله، تنهن کان پوءِ هن جو پاءُ قاضي محمد فاضل شريعت جي پابندي ۽ ڏاڍي عزت سان مٿين خدمت [بجا آڻيندا رهيا] سڀ بزرگ خاص رنگ ۽ خوبين جا مالڪ هئا. هاڻي اتي قاضي محمد فاضل جي اولاد موجود آهي. پر جنهن صورت ۾ قاضي محمد فاضل جي اولاد صغير آهي تنهنڪري اها (قضا واري) خدمت ٻين جي هٿ چڙهي ويئي آهي. ڪن ٽڪرن ۾ هي برائي نام قاضي آهن جن ۾ قاضي محمد فاضل جي فرزند قاضي محمد خليل جو نالو آهي.

حاجي قائم الدين. گهڻو عرصو بغداد ۾ گذاري، پيرن جي خدمت ڪري، پيران پير جي خلافت جي ذريعي ڪراليءِ ۾ آيو ۽ اچي اورنگا بندر ۾ رهيو. پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي.

[ميان ڪبير محمد ۽ ميان پير محمد]. سندس پٽ ميان ڪبير محمد هو. انهيءَ کان پوءِ هاڻي ميان پير محمد سندس اولاد مان باقي آهي ۽ ڏاڍو هدايت وارو آهي.

درويش گل شاهه. قلندرانه مشرب رکندو هو ۽ ولايت جو صاحب هو. اورنگا بندر ۾ گذاري ويو.

[شيخ رحمت الله]. شيخ رحمت الله پڻ نهايت سالڪ مرد هو. اصل هندوستان جو هو پوءِ اچي اورنگا بندر ۾ رهي گذاري ويو. سندس تربت عام ماڻهن لاءِ زيارتگاهه هئي. هاڻي درياءَ پائي ويو آهي.

شيخ محمود. هڪ ناليرو بزرگ، درياءَ جي اورينءَ پر آراميل آهي. [سندس مزار] اپن شاهه جي ڏکڻ طرف عام ماڻهن لاءِ مشهور زيارتگاهه آهي.

سيد يقيق. هڪ مشهور معروف بزرگ اورنگا بندر کان
اٽڪل ڇهه ڪوهه اتر طرف دفن ٿيل آهي. سندس درگاهه
تي حاجتون پوريون ٿين ٿيون ۽ هر قسم جي بيمارن لاءِ
[گويا ڪ] ڪرامت جو شفاخانو آهي.

ابن شاه. شيخ بهاؤالدين ملتاني جي پيڙهي مان، شيخ
اسماعيل قريشي، جنهن جو بيان بدين جي بزرگن ۾ ٿي آيو،
جي اولاد مان ڏاڍو مشهور آهي. [سندن مزار] اورنگا بندر
کان اُن ڪوهن جي پنڌ تي هڪ ٽڪريءَ تي آهي جا
"اِبن شاه جي ٽڪري" جي نالي سان سڏجي ٿي. سندس اولاد
بهاؤالدين پور جي ڳوٺ ۾ رهي ٿي. ۽ انهن مان ناليرا
بزرگ پيدا ٿيا آهن.

[ابن شاه جو اولاد]. جهڙوڪ شيخ امام الدين، اِبن شاه
ثاني ۽ شيخ امام الدين ثاني. جن مان هرهڪ ڪرامتن ۽
نشانن جو صاحب هو. ۽ شيخ عليم الدين جي مائٽيءَ سبب
ڪيترو عرصو ٺٽي ۾ رهيو ۽ ۾ پٽ شيخ صدرالدين ۽ شيخ
بدرالدين ڇڏي ويو. جي پٺي سڳورا بهاؤالدين پور جي ڳوٺ
۾ لڏي آيا ۽ گذاري ويا. شيخ عليم الدين جو ٽيون پٽ
شيخ پني لڏو هن وقت انهيءَ سلسلي جو پڳدار ۽ ڪامل مرشد
زنده آهي. شيخ صدرالدين جو پٽ شيخ مگي لڏو پڻ هڪ
وڏي درجي وارو، ناميارو بزرگ هو. هاڻي گذاري ويو آهي
ڪو اولاد ڪونه ڇڏيو اٿس.

مخفي نه رهي ته جڏهن سيوهڻ تعلقي جي بزرگن جي
ذڪر کان پوءِ درياهه جي پرينءَ پر رهندڙ بزرگن جي بيان
کان فراغت حاصل ٿي تڏهن هاڻي درياهه جي اورينءَ پر،
ٺٽي تائين، رهندڙ بزرگن جو ذڪر شروع ڪريون ٿا.

[باب ايڪيهون]

[سٽياري، نيرون ڪوٽ، گنجو ڏڪر ۽ انهن جا بزرگ متعلوي (مٽياري)]

هڪ ناليرو شهر عالي نسب سيدن جي رهڻ جو هنڌ آهي. [١٧٥] هتي جا سيد سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن ۽ جدا جدا جاين تي رهن ٿا. انهن مان اڪثر معرفت جا صاحب بزرگ پيدا ٿيا آهن. جنن اڳين بيانن ۽ ايندڙ بيانن مان واضح ٿئي ٿو.

سيد حيدر. پنهنجي وقت جو هڪ وڏو ولي، ڪليل نشانين ۽ ظاهري ڪرامتن جو صاحب هو. کيس گهڻي اولاد هئي جا خانداني نجابت ۽ نسب جي پاڪائيءَ ۾ مشهور آهي. انهن مان ڪيترا ته جدا جدا جاين جي مناسبت تي بيان ٿي آيا آهن. هن شهر جي رهندڙن سيدن وغيره مان ڪي ٿورا نالا تبرڪاً رسم طور بيان ڪجن ٿا.

سيد للو. سيد عبدالڪريم، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو، جو والد بزرگوار آهي. پنهنجي وقت ۾ خدائي فيض جي پالوٽ جي جاءِ ۽ دائمي شهود جو سرچشمو هو.

سيد رڪن الدين. ساڳئي سڳوري خاندان يعني مٽئين سيدن جي گهرائي جي باغ جو پنهنجي وقت جو مشهور [گل] هو. انهيءَ کان نئي روايت آهي جو چيو هئائين ته "تيرن جي ٻٽي پريون وينو آهيان ۽ پيو ٿو هٽان. ڪن جي ڪنن کان ۽ ڪن جي منهن کان نڪرندا ٿا وڃن پر ڪنهن کي سڌ و

تير ڪونه ٿو لڳي جو ڪري پوي. هي تير جنهن کي به لڳندو ته اهڙو ڪرندو جو وري نه اٿندو.

سيد عالي. اتي جي سيدن جي چئن قبيلن مان ڪڙيي قبيلي مان آهي. نهايت بزرگيءَ جي حالت ۾ حياتي گذاري ويو.

[سيد لالن]. سندس پٽ سيد لالن ڪمال ۽ عمدي حال جو صاحب پيدا ٿيو. جڏهن ٺٽا ته هڪڙي ڏينهن سندس معصوم پيٽ کي اچي خيال پيدا ٿيو ته اسان جي نسب جي صحت جي ڪهڙي ثابتي آهي؟ ۽ اها ڳالهه پنهنجي پيءُ سان ڪيائين. هن چيس ته مان توکي دلجاءِ ڏياريندس. رات جو حضرت پيغمبر عليه السلام جي زيارت سان مشرف ٿي. ۽ اشارو ٿيس ته صبح جو توهان جي نسب جي صحيح هجڻ جي نشاني توهان کي پاڻيهي اچي ملندي. اتفاقاً صبح جو ميان عبدالباقي واعظ، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، ڏندڻ ۽ درود حاضري ڪٽي اچي دروازي تي سڏ ڪري، چيو ته ”توهان جي ڏاڏي مون کي هي توهان جي نسب جي صحيح هجڻ جي نشاني عطا فرمائي، توهان جي خدمت ۾ پهچائڻ جو حڪم ڪيو آهي“.

چون ٿا ته سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد هن کي نهايت نيزاريءَ سان زيارت لاءِ گهرائي، نادرشاه جي آمد وغيره جهڙيون اڳڪٿيون ڪائنس معلوم ڪيون. مٿئين شاه صاحب اتان موٽي اچي فرمايو: ”مشهوري اسان جو مقصد نه هئي، هاڻي هن فسادخاني مان لڏڻ پلو آهي“. ۽ جلد ئي گذاري ويو.

سيد شهمير. اتي جو هڪ بزرگ زادو آهي. سنت جي زنده رکڻ ۽ اسلامي مقدمن جي حمايت ۾ تمام ڏاڍو مبالغو ڪندو هو. سدائين انهيءَ ڪم ۾ مشغول رهندو هو ۽ هر ديني ڪم ۾ طالب علمن جي جماعت وٺي دين پاڪ جي تقويت

لاءِ دل و جان سان ڪوشش ڪندو هو. هائي تازو گذاري ويو آهي.

ميان عبدالباقي واعظ. ميان ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو، جي خدمت مان فيض پرايو هئائين. سندس ڪجهه ڪرامت ته مٿين بيان مان ظاهر آهي. مطلب ته سندس وعظ جي صحبت ڪيترن گمراهن کي هدايت جي رستي تي آڻيندي هئي. مشهور آهي ته هو وعظ جي سڀ کا مجلس نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي جناب مان اجازت وٺي پوءِ برپا ڪندو هو ۽ نئين سر اجازت وٺڻ کان سواءِ ڪڏهن به وعظ نصيحت جي مجلس نه ڪندو هو.

ميان ابوالبقا. هڪ ناليرو طالب علم ۽ با عزت عالم تازو گذاري ويو آهي.

سهار

هڪ مشهور ڳوٺ آهي.

درويش حسين. مٿين ڳوٺ جو رهاڪو، اصل ڏوهي، حال ۽ قال جو صاحب پيدا ٿيو هو. هو سيد عبدالڪريم (بلڙيءَ واري) جو همعصر هو.

درويش پنيو سهار. هڪڙي ڏينهن ماڻهو ڪيس سفارش لاءِ حاڪم وٽ وٺي ويا. حاڪم پنيوالن کي چٽي چڏيو هو ته جڏهن درويش اچي ته ڪيس ايترو ته مارجو جو وري اچڻ جي سڌ نه ڪري. انهيءَ فيصلي موجب پنيوالن ڪيس ڏاڍي مار ڏيئي ترڙي ڇڏيو. اجا ٿورو پنڌ مس ڪيو هئائين ته پين ماڻهن، جيڪي ڏنڊ ۾ قائل هئا، [١٧٦] ۽ هن احوال کان بيخبر هئا، تن ڪيس سفارش جي تڪليف ڏني جنهن تي هو موٽي حاڪم جي دروازي تي آيو. دربانن پڻ احوال وڃي حاڪم کي ٻڌايا. هن چيو ته درويش حال جو صاحب آهي. ۽ گهرائي معافي وٺي پڻ ڪم پورا ڪيائين. سندس زمانو سيد عبدالڪريم جي زماني کان اڳ معلوم ٿئي ٿو.

نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)

اصل سنڌ جي هڪ راجا نيرون ڏانهن منسوب آهي. جنهن مٿي ذڪر ٿي آيو ته ديول وٽ بديل جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ، هتان جي حاڪم، جنهن جو نالو سمني هو(١)، پاڻيهي پاڻيهي حجاج وٽ پناهه وٺي، تابعداري قبول ڪري، امان نامو وٺي چڏيو هو. ۽ جڏهن سنت ٿي محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ آيو ۽ ديول فتح ڪري، هيڏانهن (نيرون ڪوٽ) ڏانهن رخ رکيائين، تڏهن انهيءَ امان جي دستاويز جي ذريعي، محمد بن قاسم جي حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري، مددگار بڻيو. [نيرون] هن ملڪ جو هڪ جهونو ناليرو قلعو آهي. جو گهڻي وقت کان ڊهي ويو هو ۽ سنڌس شهريت وڃي هڪ ڳوٺڙي جيتري بڻي هئي. سنه ١١٨٢ ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هن جاءِ کي پنهنجي خاص رهڻ لاءِ پسند فرمائي، مضبوط قلعي ۽ شاندار شهر جو بنياد رکيو. ڪن لاشن جي نڪرڻ وقت ماڻهن کي ڪي عجائبات ڏسڻ ۾ آيا. هتي سٽلن ڪيترن بزرگن، جن کي فوت ٿئي سوين سال گذري ويا هئا، جا لاشا بالڪل صحيح سلامت نڪتا. انهن مثلن مان هڪ زال ۽ مرد پراڻين قبرن مان اهڙا ته تازا نڪتا جو گويا ڪ زنده آهن. چون ٿا ته اهي هڪ ٻئي جا عاشق معشوق هئا. نئين قلعي ۽ شهر جو نالو حيدرآباد مقرر ٿيو. قلعي جي مضبوطيءَ جو کهڙو بيان ڪجي! واقعي، هن کان اڳ سنڌ ۾ اهڙو قلعو ڪو ورلي ليندو هوندو. [هيٺيان ماڻهو] اتي جي بزرگن مان آهن.

(١) هتي به مير قانع ساڳيو ڏوڪو کاڌو آهي. درحقيقت سمني نيرون ڪوٽ جي حاڪم جو لقب هو نه نالو. سنڌس نالو سندر هو جنهن اسان مٿي بديل جي شهادت واري واقعي ۾ لکي آيا آهيون.

شيخ مڪائي (شاه مڪئي). هڪ وڏي ۽ وڏو ولي ۽ پهريون اسلامي حاڪم آهي جو سنڌ جي فتح ڪان پوءِ هتي حڪومت ڪرڻ ويٺو. سندس درگاهه الله جي ولين ۽ خدا جي معرفت وارن جي زيارتگاهه ۽ مرجع آهي.

[شاه بخاري]. شاه بخاري پڻ مٿئين شهر ڪان ٽن ڪوهن جي پنڌ تي هڪ برڪت پري درگاهه ۽ زيارتين جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ آهي!

ناياهو

نيرون ڪوٽ جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي.

درويش بادو. مخدوم نوح جو مريد آهي. چون ٿا ته جڏهن پهريائين مخدوم نوح جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تڏهن فرمايائينس ته چئو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ. ڪلمه طيبه پڙهڻ سان، جڻ مچي تئي تي ڦٽڪندي آهي تئن ڦٽڪڻ لڳو. آخر ڏڪي بيهوش ٿي ڪري پيو. ۽ مردي وانگيان زمين تي سيخ ٿي پئجي رهيو. مخدوم جي حڪم تي کيس حجري ۾ کڻي ويا جتي ٽي ڏينهن بيخبر پيو هو. پوءِ جيڪي ٿيو سو ڏيهن ڏٺو.

رڪن پور

شيخ رڪن الدين ملتاني. جنهن جو بيان ٿي آيو آهي، جي نالي سان هڪ مشهور ڳوٺ آهي.

شيخ ريحان جهنگلي. ذات جو سومرو، اتي جو ڪامل آهي. شيخ رڪن الدين ملتاني سندس زيارت لاءِ آيو هو تنهن ڪان پوءِ انهي ڳوٺ جو نالو سندس نالي پويان سڏجڻ ۾ آيو.

شيخ ريحان جو اصلي نالو چنيسر هو. چون ٿا ته اتفاقاً ڪنهن وقت شيخ رڪن الدين ۽ مخدوم لعل شهباز اچي اتي نڪتا ۽ کيس ماني، کير ۽ ماکي کارائڻ لاءِ زور پريائون.

هڪڙو قدرتي جنڊ پيدا ٿي پيو جنهن جو هڪ پڙ اڃا باقي آهي ۽ جنهن ڪنڊي جي وڻ مان ماڪي لاٿي هئائون، اهو ڪنڊو پڻ يادگار ۽ ماڻهن جو زيارت گاهه آهي.

شيخ قطب. سندس فرزند شيخ قطب پڻ وقت جو قطب هو ۽ رڪن پور ۾ [١٧٧] آرامي آهي. هر مهيني جي چوڏهين تاريخ اوڇتو، بنا تياريءَ جي هڪ وڏو ميلو لڳي ويندو آهي ۽ اڌ رات تائين هرقسم جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن.

[شيخ دودو]. مٿين شيخ محمد قطب جي پاءُ شيخ دودي جي قبر پڻ پاءُ سان گڏ آهي. چون ٿا ته جڏهن شيخ دودو شهيد ٿيو هو، تڏهن مخدوم لعل شهباز فاتحه خوانيءَ لاءِ اچي پٽڙ ۾ وينو هو اِهو (١) پير جو وڻ جنهن کي ٽيڪ ڏيئي وينو هو، سو اڄ تائين موجود ۽ نيڪن جي زيارت گاه آهي.

[شيخ عنايت]. هاڻي پيڙهيءَ جي دستور موجب شيخ ريحان جو سجاده‌نشين شيخ عنايت پڻ چڱيءَ حالت جو مالڪ آهي.

[شيخ ڪريمڏنو]. ۽ شيخ قطب جو خليفو شيخ ڪريمڏنو پڻ اتي رهي ٿو.

شيخ ابراهيم. مٿين شيخ ريحان جهنگليءَ جي اولاد مان پنهنجي وقت جو صاحب هو. هڪ ڏينهن سيد علي شيرازيءَ جي زيارت لاءِ آيو. تسبيح هٿ ۾ هيس. هٿ ڏنائين ته سيد فرمايس ته ”توهان کي پڻ تسبيح هٿ ۾ آهي“. وراڻيائين ته ڏبري ۽ ضعيف گهوڙي لاءِ ته چهبڪ ضروري آهي پر تازو ۽ تکو گهوڙو به چهبڪ کان سواءِ نه ٿو سونهين“.

شيخ ريکن. مٿين شيخ ريحان جهنگليءَ جو اولاد آهي. سندس تربت تعلقي چاڪر هالي ۾ خدا وارن جي زيارتگاهه ۽ پرهيز گارن جي مرجع آهي.

(١) نسخو ”ن“ درخت انار (ڏاڙهون جو وڻ).

ٻوري هڱورو

هڪ مشهور ڳوٺ آهي. جتي مٽياري سيد گهڻا رهن ٿا ۽ انهيءَ خاندان مان ڪيئي بزرگوار اتي پيدا ٿيا آهن.

سيد هارون. بيمثال (الله) جي قرب واري درجي جو مالڪ آهي. پوئين زماني وارن ۾ فقيري ۽ رضا ۾ گهڻن فقيرن جو سردار ٿي گذريو آهي. سندس ڪيئي ڪليل ڪرامتون ۽ محققانه شعر آهن. سندس قبر ڳوٺ جي ٻاهران عام مخلوق جي زيارتگاهه آهي. اڄوڪي وقت جي ناليرن مان آهي.

سيد شير يزدان. سيدن جو مشهور سرگروه، شان شوڪت، دولت، احسان ۽ سخاوت ۾ مشهور آهي، تازو هن ڳوٺ ۾ گذاري ويو.

سيد الهيار. زميندارن جي صورت ۾ نهايت طاقت جو صاحب ۽ ذاتي ڀلائيءَ جو مالڪ هو. الله وارن جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو ۽ خير جون نشانيون ڇڏي ويو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ گذاري ويو آهي. گهڻي اولاد ڇڏي اٿس.

[سيد محمد]. سيد محمد پڻ هڪ دولتمند ماڻهو ڪڙمين جي ويس ۾ انهيءَ طرف جو مشهور صاحب توفيق، حيات آهي.

درويش زڪريا. ذات جو ٿهيم، شيخ ابراهيم ولد ناگوريه ٿيهي جو همعصر، هڪ ناليرو بزرگ آهي.

گنجي ٽڪر تي آرامي بزرگ

هن ٽڪر کي "گنجو ولين جو منجو" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته انهن سڀني جي احوال جي معلومات ناممڪن آهي، تنهنڪري جيڪي هٿ آيو سو تبرڪاً لکجي ٿو.

شيخ پريو ويرداس. هڪڙو موحد مجذوب، وجد ۽ مستيءَ جي راهه جو سالڪ هو. اصل ۾ برهمڻ آهي. هميشه جهنگلن ۽ جبلن ۾ ڪاٽيندو ۽ جهنگلي جانورن سان گذاريندو

هو. آدمين کان ٽهندو هو. پوئين وقت ۾ اچي گنجي ٽڪر جي دامن تي رهيو. ماڻهو هڪڙو هڪڙو ٿي سندس زيارت تي ويندا هئا ۽ هو هرهڪ جو دلي مطلب، ٻڌائڻ کانسواءِ معلوم ڪري، شافي جواب ڏيندو هو. حديقة الاوليا جي مصنف روايت ڪئي آهي ته مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هوس. هو هڪ سنڌي بيت پڙهي رهيو هو. دل ۾ خيال آيم ته خبر ناهي اهو بيت سندس آهي يا ڪنهن ٻئي جو. منهنجي پڇڻ کانسواءِ ٿي چيائين ته هي بيت اسحاق لوهر جو آهي. پيون به ڪيتريون ڳالهيون دل ۾ آندم ۽ جواب ورتم.

نقل آهي ته هڪ ماڻهو سندس زيارت لاءِ ويو ۽ هو بکيو هو. [١٧٨] چيائينس ته فلاڻي ٿوهر جي وڻ وٽ رکيل ديڳڙي ڪڻي اچي چلهه تي رک. هن ائين ڪيو ته پٿرين جي مٿ انهيءَ ۾ وجهي ڏيکڻ ڏيئي ڇڏيائين. ايتري ۾ جهنگل مان هرڻين جو ولر آيو. انهن مان کير ڏڌائين ۽ ديڳڙيءَ مان عمدو طعام ڪڍي هن کي کارايائين. سندس وفات سنه ٩٠٣ھ ۾ ٿي ۽ سندس قبر گنجي ٽڪر جي دامن ۾ آهي.

درويش بديڻ. درويش بديڻ ولد راهو سنڌ جو هڪ ڪامل مشائخ، گنجي تي آرامي آهي. گهڻيئي مالدار اولاد ڇڏي ويو آهي. جيڪي انهيءَ بزرگ جي برڪت سان بنا ڪنهن ڌنڌي ۽ پورهي ڪپڙي پلاهه جي چڱيءَ طرح گذاري رهيا آهن. ۽ پير جي دعا سان وڻائڻ کير ڪونه کٽندو آهي.

درويش چتو. درويش بديڻ جي اولاد مان درويش چتو، وڏين ڪرامتن جو ڌڻي، مٿئين درويش جو جانشين ٿيو هاڻي سندس پٽ موليڏنه انهيءَ جو گادي نشين آهي.

نهال شاه مداري. متاخرن ۾ هڪ وڏو ڪامل ولي آهي. هو ويجهڙائيءَ ۾ وڏن مناقبن سان موصوف ۽ طالبن جي مرادن جو مرڪز هو.

[باب ٻاويهون]

ستيار ۽ پليجار پرڳڻن وغيره جا ڳوٺ ۽ اتي جا بزرگ راڱدن

لنڊن جي ڳوٺن مان هڪ مشهور معروف ڳوٺ آهي. درويش راڇو ستيو دل. هڪ مجذوب مطلق ۽ واصل بالله شخص هو. هميشه پيرين ۽ مٿي اگهاڙو گهمندو وتندو هو ۽ ڪٿي به سڪونت اختيار نہ ڪندو هو. سندس زبان مان جيڪي به نڪرندو هو سو ڪپيندڙ ترار جو حڪم رکندو هو. چون ٿا تہ ڪيس جڏهن ڪو معاملو پيش ايندو هو، تڏهن اٽي بيهي سر ۽ الحان سان ڪو سنڌي بيت پڙهندو هو. ۽ جيڪي چوندو هو سو ٿيندو هو. ڪنهن وقت ڪڇ جي سر زمين مان لنگهندي، مينهن جي ڏڻ وٺ آيو ۽ ڪجهہ ڪير يا ڏونري جي گهر ڪيائين. اتي ڪو مڙس ساٿهو ڪو نہ هو. زالون سائس بي ادبي سان پيش آيون. هو جوش ۾ آيو ۽ نعرو هڻي هليو ويو- اتفاقاً مينهون انهن ڦرن سميت، جيڪي ٻڌا پيا هئا، اڇي ٽنيون ۽ سموريون ڳر ٿي ويون. پوري سال تائين سندن ڪو بہ نشان ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. پوري سال ڪان پوءِ درويش وري اچي اتان لنگهيو. زالن درويش کي سڃاڻي مردن کي ٻڌايو ۽ سڀئي رئندا رڙندا اچي سندس پيرن تي ڪريا ۽ احوال ڪري ٻڌايائون. درويش چيو ”توهان مينهن جو وٿاڻ، رسا ۽ ڪلا تيار رکو، شام جي وقت سموريون

موٽي اينديون"- شام جي وقت اُئين ئي ٿيو- ڏنارن ڪان پڇيائون ته "تو هان هيترو وقت ڪٿي هئا؟" جواب ڏنائون ته "اسان ته دستور موجب صبح جو ويا آهيون ۽ شام جو موٽي آيا آهيون!" سندس وفات جو سال ٩٧٧ ھ ۽ تربت مٽئين ڳوٺ ۾ آهي.

دندي (ڏندي)

مشهور ڳوٺ آهي.

شيخ ممون. شاه جميل جو مريد، هڪ آڳاٽو پير هن جاءِ تي آرامي آهي. مقرر ڏينهن تي انهيءَ تي وڏو ميلو لڳندو آهي.

شيخ ڪپور ۽ شيخ نظام‌الدين. ٻئي شهيد ڏندي تعلقي ۾ آرامي آهن- سڄي سنڌ جي خواجه قوم سندن معتقد آهي. ۽ مقرر چوڏهينءَ تي سندس ميلي تي اچي حاضر ٿيندا آهن.

ستيار

هڪ پرڳڻي جو نالو آهي.

شيخ لوڏي. حضرت غوث‌الثقلين (پيران پير) جو اولاد، عام ۽ خاص جو زيارت گاه آهي.

مخدوم يعقوب پليجو. وقت جو عارف، ستيار پرڳڻي جي ٿاري ڳوٺ جو رهندڙ آهي. چون ٿا ته ڪنهن سائل اچي ڪانئس ڪجھ گهريو. چيائينس ته جهنگل ۾ وڃي منهنجي غلام ڪان هڪ مينهن وٺ. غلام پيغام ٻڌي ڪيس اهڙي مينهن ڏيئي ڇڏي جا هر روز ڇهه ڪاسا کير ڏيندي هئي. مخدوم اها ڳالھ ٻڌي غلام کي چيو ته جنهن صورت ۾ منهنجي پڇا کان سواءِ تو بهترين مينهن [١٧٩] ڏيئي ڇڏي آهي، تنهنڪري توکي آزاد ڪيم ۽ اها ڳالھ فخر طور وڃي گهرواريءَ سان ڪيائين. هن چيو ته جڏهن تو ههڙي احسان جي بدلي ۾ غلام کي آزاد ڪيو آهي تڏهن منهنجا ٻه جيڪي

تنهنجي مٿان حق آهن سي هن توفيق جي شڪراني ۾ بخشيم.
نقل آهي تہ هو هڪ ڏينهن جماعت سان ڳڌجي منگڻ جي
پوک ۾ ويو. ڪجهہ پچائڻ لاءِ ٺڪر جي ننڍڙي سوراخدار
ڪُني ڪان سواءِ، ٻي ڪا ديگ ڪانہ هئي. هن انهيءَ جي
چاڙهڻ جو حڪم ڏنو. خادمن انهيءَ کي چلهہ تي پاسيرو
ڪري رکيو جئن انهيءَ جي سوراخ مان پاڻي نہ هارجي،
فرمايائين تہ سڌو ڪريو چاڪاڻ تہ ماڻهو گهڻا آهن ۽ ڪاڌو
گهٽو تيار ڪرڻو آهي. الٰهي قدرت سان انهيءَ ۾ ايترو تہ
ڪاڌو پڪو جو انهيءَ مان انهيءَ وڏيءَ جماعت ڪائي ڍؤ ڪيو.
ڪاڌي ڪائڻ ڪان پوءِ چيائين تہ هر هڪ ڪوڏر ڪٽي انهيءَ
ڪُني کي هڻي، پر هو ڪنهن ڪان نہ ڀڳو.

چون ٿا تہ هڪ هندو نياڻيءَ جي شاديءَ واسطي ماڻٽن
ڪان اڌ خرار ساريون وٺي هڪ سوالي ڍڳي تي ڳوٺ ڏانهن
ڪنيو ٿي ويو. اتفاقاً جڏهن درياءَ تان ٿي لنگهيو تہ ٻار سميت
وچي پاڻيءَ ۾ ڪِريو ۽ گم ٿي ويو. هيءَ معرفت جي درياءَ
جو ٽوبو ٻڻ اچي اتان لنگهيو ۽ هندوءَ کي ڍڳي جي ٻڏڻ
جي غم ۾ بيقرار ڏسي چيائينس تہ "وڃ، وڃي فلاڻيءَ جاءِ ڪان
ٽپي هڻ، اتي توکي هڪ ڪچهري ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪو
ماڻهو توکي انهيءَ ڪچهريءَ جو رئيس ڏسڻ ۾ اچي، تنهن
کي منهنجو پيغام ڏج ۽ پوءِ جيڪي گهرندين سو توکي ملي
ويندو". اشاري موجب هندوءَ ٽپي هڻئين تہ ڪيس سڪل
ميدان ڏسڻ ۾ آيو. اجا ٿورو اڳتي ويو تہ هڪ وڏي ڪچهري
ڏٺائين جنهن ۾ هڪ ماڻهو تخت تي ويٺو هو. هن مخدوم
جو پيغام پهچايو تہ هُن پنهنجن خدمتگارن کي چيو تہ مون
توهان کي چيو ڪونہ ٿي تہ اجهو ٿو يعقوب وٽان ڍڳي ۽
آن جي گهرڻ لاءِ ماڻهو اچي. بس پوءِ تہ ڍڳو آن سميت
سندس حوالي ڪيائون ۽ هن پاڻ کي اوچتو سڪل ڪناري
تي ڏٺو. مشهور آهي تہ اهو هندو انهيءَ اناج جي ذريعي

عاليشان هلندي ٻڇندي وارو ٿي پيو هو. مٿيون مخدوم مرزا شاهه حسن ارغون جو همعصر هو.

نورائي

مشهور ڳوٺ آهي.

شيخ اسماعيل قادري. پنهنجي زماني ۾ وقت جو صاحب ٿي گذريو آهي. هن تي ساليانو وڏو ميلو لڳندو آهي.

[شيخ محمد صلاح]. هاڻي سندس اولاد مان شيخ محمد صلاح پيڙهيءَ به پيڙهيءَ ورثي جي ذريعي سجاده نشين آهي. هن ۾ خلق جو اعتقاد آهي ۽ بزرگيءَ جي حالت ۾ حياتي گذاري ٿو.

مخدوم عمر. تعلقي نورائيءَ جي قديمي مشائخن مان هڪ وڏي ۾ وڏو پير آهي.

اسحاق فقير. اصل ڪرهيلي ڳوٺ جو ماڻهو آهي. پر نورائيءَ ۾ گذاري ويو. پنهنجي وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي. ماڻهن جو منجهس ڏاڍو اعتقاد هو.

علي اصغر. حضرت غوث الثقلين (پيران پير) جي اولاد مان هاڻي وڏن ڪان مليل ورثي موجب بزرگيءَ ۽ ڪرامت جي گادي سينگاري رهيو آهي. سندس حياتيءَ جو وقت نيڪن جي وصفن سان سينگاريل آهي.

شال

مشهور ڳوٺ آهي.

شيخ اسماعيل قريشي. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد ۽ ڪامل ولي آهي. شال جي سامهون، ٽڪر جي پاسي ڏانهن منهين جي ٽٽن جي ڪناري تي آرامي آهي، سندس اراده جي برڪت سان هڪ دنيا جا مشڪل مطلب پورا ٿين ٿا.

قلو

مشهور واهڻ آهي.

سيد قادرڏنو شاهه. ميان اسحاق سڪريء، جنهن جو بيان اڳتي ايندو [١٨٠] جي مريدن مان، هن وقت وٽندڙ حال

۾ وقت گذاري رهيو آهي. سندس شاندار ڪرامتون ڏسي، ميان غلام شاهه خان جيترو هن جو معتقد آهي اوترو ڪنهن جو بہ ناهي. تازو گذاري ويو آهي.

ڏيهو

پليجار پرڳڻي جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ آهي.

سيد ڦتو. وقت جو پير ۽ زماني جو بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس درگاهه ننڍن خواهه وڏن جي زيارتگاهه ۽ حاجتمندن جي مراد آهي. مقرر ڏينهن تي انهيءَ تي وڏو ميلو لڳندو آهي.

سميجا

مشهور ڳوٺ آهي.

ميان چنو. سندس درگاهه انهيءَ ڳوٺ ۾ خدا وارن جو مرڪز آهي.

اسحاق فقير سڪريو. پنهنجي ڏاڏي سڪري جي ناهر هڪ وڏي جماعت جو مرشد، چڱي حال ۽ نيڪ خصلتن جو ڌڻي ٿي پيدا ٿيو آهي. درويشاڻي نموني جو نهايت پابند آهي.

درويش ڏاتارڏنو. مٿين ميان اسحاق فقير جو فرزند هاڻي درويشيءَ ۽ ڪرامت ۾ وڏن جي قدم تي زندگي گذاري ٿو.

باب ٽيويهون

سونڊا، ڪينجهر، ساموئي، مڪلي جي ٽڪري، ۽ مڪليءَ تي مدفون بزرگ

سونڊا

سونڊا شهر جي نالي جو سبب هيءُ آهي ته هن ٽڪر تي هڪ ڪامل فقير رهندو هو، جو سر سونڊر جي راڳ تي ڏاڍو مهربان ٿيندو هو ۽ خوش ٿي محتاجن جون حاجتون پوريون ڪندو هو. تنهنڪري عام ماڻهن جي زبان تي هي ٽڪر انهيءَ راڳ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. جام تماچي هن شهر جو بنياد رکيو ته به اهوئي نالو ڏنائينس- عوام ”ر“ جي تخفيف ڪري سونڊا چوڻ لڳا. وڌيڪ علم الله وٽ آهي!

هڪ مشهور ڳوٺ آهي. سندس ويجهو آڳاٽي سمي ۾ هيم ڪوٽ نالي پراڻو قلعو هوندو هو. ۽ هاڻي هندن جو تيرٿ آهي. هڪڙي ٽڪرمان پاڻي سمي ٿو. انهيءَ جي هيٺان هڪ قدرتي چشمو 'جهر' نالي آهي اتي هڪ پٿر آهي جو هندو قوم پوڄا لاءِ ڪوڙيو آهي. چون ٿا ته انهيءَ ڳوٺ جي مخدومن اهو پٿر ڪئين دفعا ڪٽي درياءَ ۾ اڇلايو هو پر وري به ساڳئيءَ جاءِ تي قائم ڏسي بس ڪري ويهي رهيا.

مخدوم رمضان ويداني. ناليرو پير ۽ شاندار ڪرامتن جو ڌڻي، عام مخلوقات جو زيارتگاهه ۽ خدا کي ڀِٽلن جو مرڪز آهي.

مخدوم ملا آري. هڪ ڪامل مشائخ ۽ سيد علي شيرازيءَ وڏي جو مريد هو، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. چون ٿا ته، ڪنجهر ڍنڍ جا ملاح ۽ مڇي مارينڙ قوم گندرا اصل سندس مريد هئا. جڏهن هيءَ مٿين سيد جي خدمت ۾ مريد ٿيو، تڏهن انهن کي نذر طور انهيءَ سلسلي ۾ داخل ڪيائين. اڄ تائين اها قوم انهيءَ دستور موجب، سيد علي شيرازي جي اولاد وارن سيدن سان تعلق رکندي اچي.

ملا آري اصل هندو قوم مان آهي سندس مزار انهيءَ جاءِ تي عام خلق لاءِ زيارتگاهه آهي.

[مخدوم ملا بايزيد]. سندس پٽ مخدوم ملا بايزيد پڻ بزرگيءَ ۽ فقيري سان موصوف ٿي رهي ويو آهي. ۽ پيءُ جي پرسان دفن ٿيل آهي.

[ملا ابوبڪر]. ملا بايزيد جو پٽ ملا ابوبڪر پڻ پيءُ ۽ ڏاڏي وانگيان چڱيءَ حالت ۾ گذريو آهي. انهيءَ کان روايت آهي ته، چيائين ته "وجد جي حالت ۾، مون کي پيءُ فرمائيندو هو، ته وڃي ڪو ڪامل مرشد ڳولي هٿ ڪر، ۽ ڪڏهن، سيد عبدالڪريم جو نالو به کڻندو هو. نيٺ، هڪ ڏينهن، پيڙيءَ ۾ ويٺو هوس ته ڪکر پيدا ٿيو. انهيءَ مان هڪ مرد مون تي پرتو وڌو ۽ جيڪي مليم سو اتان مليم".

ملا نارو. مٿي ذڪر ٿيل وڏن جو پشت به پشت جا نشين ۽ سلوڪ جي گاديءَ تي ويهي چڱي رستي تي هلندڙ هو.

ڪلنجهر ڍنڍ

سونڊا ۽ جهرڪ جي سرزمين جي ويجهو، هڪ نهايت ڪشادي خليج آهي. هن خليج (نار) جي ڪناري تي ڪيترن ئي وقت جي صاحب درويشن الله جي يادگيريءَ ۾ وقت گذاريو آهي. هتي ڄام تماچي پنهنجي محبوبه نوريءَ لاءِ جا گندرا

قوم جي هٿي ۾ مٽي بيان ٿي آئي، هڪ عاليشان محلات لهرائي هٿي. هاڻي خود چام وانگيان انهيءَ جو به نالو نشان ڪو نه آهي.

ساموئي

سنه ٧٧٥هه ۾ اڏيل. محمد طور، شهر جي بربادي کان پوءِ [١٨١] جو درڪ پرڳڻي ۾ سلطان علاؤالدين جي لشڪر جي آمد ۽ سومرن سردارن جي طاقت برباد ٿي وڃڻ ڪري ملڪ رهاڪن سميت ويران ٿي ويو. سمن چامن اهو شهر ۽ پراڻو قلعو، جو ڪلا راجا جي نالي پويان ڪلا ڪوٽ سڏبو هو ۽ پيهر وري ٻڌي اڏيندڙ يعني چام تغلق جي نالي پويان تغلق آباد سڏجڻ لڳو، وري ٻڌايو پر اتفاقاً ٻڌي اٺ پورا رهيا. شهر ٿورا ڏينهن تخت گاهه رهي لٽي ڏانهن منتقل ٿي ويو ۽ قلعي اڄ تائين پنهنجي پراڻي نالي ڪلا ڪوٽ سان مشهور آهي.

چون ٿا ته انهيءَ قلعي ۾ هڪ تمام وڏو نانگ آهي. اڳوڻي زماني ۾ سندس مٿو هن زمين ۾ هئو ۽ پڇ هندوستان جي ڪنهن حصي ڏانهن. جيستائين سن صورت ۾ هو، تيستائين هندوستان جو اهو پاسو سنڌ جو تابع هو مگر گهٽي وقت گذرڻ ڪري قدرت الاهيءَ سان انهيءَ نانگ مٿو هندوستان ڏانهن ۽ پڇ هن زمين ۾ ڪيو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي سنڌ هندوستان جي تابع ٿي پيئي آهي.

ساموئيءَ جي عجائبات مان هڪ ستن پاڪ نياڻين جي زمين ۾ گهري وڃڻ جو واقعو آهي.

<u>چوڪرين جي زمين ۾ گهڙي وڃڻ جو واقعو.</u> چون ٿا ته سومرن جي اولاد مان، ست سهٽيون، پاڪدامن، تارڪ دنيا ۽ خدا پرست چوڪريون هونديون هيون، جيڪي تلهار جي ڳوٺ ۾ شاديءَ جي لالچ رکندڙن ماڻهن جي ظلم کان پاسو ڪري، اصحاب ڪهف وانگيان، گمناميءَ جي گوشي ۾

رهنديون هيون. انهن ڏينهن ۾ سيد يعقوب مشهدي، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، ڏاڍي پيراڻي شان شوڪت سان اچي اتان لنگهيو- مٿيون ستئي چٽيون دشمن جي ڊپ ڪان هن سيد جي امان وٺي اچي ساموئيءَ ۾ پهتيون. اتفاقاً هتي پڻ رئيسن جي هڪ ٽولي سندن خواهان ٿي پئي. ۽ جڏهن ته هي راضي نه ٿيون، تنهنڪري ڪين قيد ڪرڻ لاءِ هڪ لشڪر مقرر ڪيائون. هڪڙي ڏينهن، جڏهن دستور موجب، هيءَ پاڪ ڇٽيءَ ڪان اڳ ۾ درياهه تي غسل ڪرڻ لاءِ ويون هيون، تڏهن، انهن، وٽن پهچي پنهنجي مطلب جي گهر ڪئي. جنهن تي شيخ جندي پاڻ جي حقيقت معلوم ڪري ڇوڪرين کي درياءَ ٽپائي ڇڏيو. دشمن پڻ انهي ڊپ ڪان ته متان ڪنهن پناه جي جاءِ تي پهچي وڃن، سندن تعاقب ڪيو. جنهن صورت ۾ عاجزن لاءِ خدا پاڪ ڪان سواءِ ٻي ڪا پناهه ڪانه آهي، تنهنڪري، انهن پاڪ دامن ڇوڪرين، الله جي درگاهه ۾ پاڏائي زمين ڪان پنهنجي ڍڪ ڍڪڻ جي درخواست ڪئي. اها زمين هڪدم انهن ستن ئي ڇوڪرين کي ڳهي ويئي. انهيءَ ڏينهن ڪان وٺي هيءَ واقعو دنيا لاءِ عبرت آهي ۽ انهن معصوم نياڻين جو آرام گاهه عام خلق لاءِ زيارت گاهه آهي. هاڻي ساموئي ۾ رهندڙ ڪن ٻورن ولين جو ذڪر ڪريون ٿا.

[شيخ حماد]. شيخ حماد بن شيخ رشيدالدين جمالي اُچ جي مشهور درويش قدوة الواصلن (پهتلن جو اڳواڻ) شيخ جمال، جنهن جو بيان تي آيو، جو ڏوهٽو، ساموئيءَ جي دامن هيٺان- جتي هاڻي دفن ٿيل آهي- اتي ئي خانقاهه هوندي هيس، سدائين منهن تي برقعو وجهو حجري ۾ ويٺو هوندو هو. طالبن جي جماعت حجري جي ٻاهران گڏ ٿي، گفتگو ۽ ڪشف جي ذريعي شيخ ڪان ظاهري خواه باطني علم پرائيندا هئا. ڄام جوڻي جي ڏينهن ۾ تماچي ۽ صلاح الدين شاهي گهرائي جا فرد ۽ ويجها مائٽ هئا. ٻنهي ٻيءَ ڄڻن کي شيخ جي

خدمت ۾ ڏاڍو ارادو ۽ نهايت قرب حاصل هو. چام جوڻي کي اچي ڏپ ٿيو ته شايد شيخ هنن کي دعا ڪري ملڪ جو والي بڻائي ڇڏيندو، سو مخفي طور، پنهي کي قيد ڪري دهليءَ موڪلي ڇڏيائين. هن واقعي کان پوءِ تماچيءَ جي ماءُ [١٨٢] هر روز صبح جو شيخ جي خانقاه کي ٻهاري ڏيڻ لاءِ ايندي هئي. هڪڙي ڏينهن شيخ جي نظر انهيءَ پوڙهيءَ تي پئجي ويئي ۽ ڪانئس سندس پٽ ۽ پوٽي جو احوال پڇيائين. هن رئندي احوال عرض ڪري سندن آزاديءَ لاءِ ٻاڏايو. [ٻڌڻ سان] شيخ جي عجيب حالت ٿي ويئي ۽ هڪدم سندي زبان ۾ شوقيه بيت، جن ۾ هنن جي ملڪ ۾ موٽي اچڻ ۽ حڪومت سندن حوالي ٿيڻ ڏانهن پڻ اشارو هو، بلند آواز سان پڙهيا. الله جي قدرت سان انهيءَ ئي رات دهليءَ ۾، ٻيءَ ۽ پٽ جي هٿن پيرن مان بند خلاص ٿيا ۽ شيخ جي صورت ۾ هڪڙي ماڻهو سندن آزاديءَ جي راه جو رهبر بڻجي، کين اتان ڪڍي ڇڏيو، ۽ هنن نهايت تکن گهوڙن تي سوار ٿي پنهنجي ملڪ جو رستو ورتو. چوڪيدارن کي خبر پيئي ته ڏاڍو ڊوڙيا پر پوئين پيرين موٽي آيا ۽ کين رستو هٿ نه آيو. آخر منزلون طي ڪري، ڪيبرن جي ڳوٺ جي آسپاس پهچي، ڏڻ مان هڪ گهٽي جي گهر ڪيائون. مخدوم نوح ڪيبرائي انهيءَ ڏڻ جو ڌنار هو، تنهن چين ته "توهان کي چام تماچيءَ جو قسم آهي، متان ڏڻ جي ويجهو آيا آهيو". تماچي حيران ٿي ڌنار کي چيو ته "ملڪ جو والي ته چام جوڻو آهي، توهان ڪنهن جو نالو کڻي رهيا آهيو؟" وراڻيائين "ته ائين برابر آهي، پر ٽن ڏينهن کان غيب مان چام تماچي جو پڙهو ٻڌجي پيو." تماچيءَ کي پڻ جيل مان آزاد ٿئي جملي ٽي ڏينهن ٿيا هئا، جن ۾ خدا جي قدرت سان هيڏو پنڌ ڪيو هئائين.

چون ٿا ته چام جوڻو، اهو تماچيءَ جي دعا وارو بيت ٻڌي، پريشان ٿي، شيخ جي خدمت ۾ پهتو ۽ چيائين ته "توهان

فقيرن کي حڪومت جي ڪمن سان ڪهڙو واسطو؟" هن چوڻ تي شيخ نئين سر ڪاوڙجي فرمايو ته "هن زمين جو وارث مان آهيان. جنهن کي وٺندو تنهن کي ڏيندس. چام ڏکوئجي موٽي ويو. جلدئي ٻيءَ پٽ اچي ساموئيءَ جي درياءَ جي ٻرينءَ پر ٻهتا. پٽ اچي شيخ کي اطلاع ڪيو، جنهن تي شيخ هڪ اکڙيءَ جو ٽڪر ڪڍي چيو ته "هيءَ هڪ ڪاليءَ مٽان ٻڌي، نشان طور، تماچيءَ وٽ کڻي وڃو ۽ خوشيءَ سان اڳتي وڌو". ڏٺي جي مدد سان، انهيءَ نشان جي آڏو، از غيبي ۽ نيا اچي گڏ ٿي. جوڻي کي وچي ڳالهه ڪيائون. جيستائين تيار ٿئي ٿي ٿئي تيستائين تماچي اچي مٿانس ڪڙڪيو. هن (جوڻي) جو لشڪر نشان ڏسڻ سان اچي [تماچيءَ جو] تابعدار ٿيو. آخر جوڻي، ناڪامياب ۽ ذليل ٿي، پڇڻ ڪانسواءِ پيو ڪو رستو نه ڏٺو ۽ ملڪ ۽ دولت تماچيءَ لاءِ ڇڏي ويو. ٻيءَ ۽ پٽ مقرر مدت تائين حڪومت جون مزادون ماڻيندا رهيا.

چون ٿا ته چام تماچي هڪ وڏي رقم شيخ جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪري عرض ڪيو ته جڏهن جيڪي به مليو اٿم سو توهان جي توجه ڪري مليو اٿم، تڏهن هاڻي نئين سر مهرباني ڪريو ته هيءَ ملڪ منهنجي اولاد ۾ قائم رهندو اچي. شيخ فرمايو ته هن رقم مان منهنجي خانقاه جي پرسان مسجد تعمير ڪراءِ ۽ سنڌ جي زمين پنهنجي اولاد کي وراهي ڏي. اهوئي سبب آهي جو اڄ تائين سموري سنڌ ۾، ڪڇ تائين، اڪثر زمين، سما قوم جي هٿ ۾ رهندي اچي. مڪلي، جنهن جي نالي جو سبب اڳتي بيان ٿيندو، واري مسجد اها ساڳي مسجد آهي.

چون ٿا ته انهيءَ ڪان اڳ سمن جو مقام پيرآر (پيرپٽو) هوندو هو. هاڻي شيخ جي اشاري تي، هرهڪ ماڻهوءَ، مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي قبو يا حجرو ٺهرايو ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي آئنده لاءِ اهو دستور ٿي ويو.

شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري .عرف لنگوٽي (١)- ساموئي ٽڪريءَ جي دامن ۾ - جتي دفن ٿيل آهي- اتي قلندرانہ نموني ۾ لنگوٽي ٻڌيو ويٺو هوندو هو. هن ۽ [١٨٣] شيخ حماد جي وچ ۾ اڪثر محققانہ گفتگو ٿيندي هئي. پوين ڏينهن ۾ سيد محمد حسين عرف پير مراد جي چمڻ جي خبر ڏني هئائين. ۽ چمڻ واري ڏينهن، سندس زيارت لاءِ حاضر ٿي، مريديءَ جو اقرار ڪري ، ٽئين ڏينهن گذاري ويو. سندس وفات سنہ ٨٣١ هہ ۾ ٿي.

ملا عبدالرحمان عرف ملا لٽر. اصل عباسي، هڪ وڏي ۾ وڏو مشائخ ۽ ولي اڪمل آهي. جڻ تہ خوش طبع هوندو هو، ۽ پنهنجي حالت کي لڪائڻ لاءِ ظرافت آميز ڳالهين سان محفلون رنگين بنائيندو هو، تنهن ڪري هن نالي سان مشهور ٿي ويو. سما چام سندس نهايت معتقد هوندا هئا ۽ وقت جا بزرگ سندس ڏاڍي تعظيم ڪندا هئا. ساموئيءَ جي ڪناري ۾ دفن ٿيل آهي ۽ معرفت وارن لاءِ زيارتگاهہ آهي. سندس اولاد اڃا تائين باقي آهي.

شيخ جهنڊو پاتڻي. سيد ميران محمد مهديءَ جونپوريءَ جي نظر ڪرامت اثر مان فيض ياب آهي.

چون ٿا تہ، جڏهن مٿيون سيد، ٺٽي ۾ آيو هو ۽ ظاهري عالمن جي اشاري تي چام نظام الدين اعتقاد ڀريو سلوڪ نہ ڪيو هو، بلڪ ٻئي ارادي سان پيڙيءَ تي چاڙهي روانو ڪيو هو. تڏهن جنهن وقت ميربحر پيڙي گپ ۾ چڙي هليا ويا هئا، تنهن وقت، ازلي توفيق هن کي اتي وٺي آئي ۽ اچي کين انهيءَ هلاڪت واري جاءِ مان ٻاهر ڪڍي جيڪي پرائڻو هوس سو پرايائين. پڻ مٿي ذڪر ٿيل ستن معصوم نياڻين جي دعا سان بہ چڱي توفيق جو مالڪ ۽ بلند درجن جو صاحب ٿيو هو.

---

(١) هيءَ مير قانع جي ڪلي غلطي آهي. شيخ عيسيٰ لنگوٽي پيو آهي ۽ عيسيٰ جند الله پيو.

مطلب ته سنڌس درگاهه فيض جي جاءِ آهي. جيڪي بزرگ مڪليءَ جي زيارت تي ايندا آهن، سي ابتدا يا انتها هن سان ڪندا آهن ۽ سنڌس زيارت کي ڪاميابيءَ جي ابتدا يا انتها سمجهندا آهن. ساموئي جا ڪجهه بزرگ ٺٽي جي ذڪر ۾ پڻ ايندا. هتي انهن ٿورن نالن تي اڪتفا ڪئي وڃي ٿي.

مڪليءَ جي ٽڪري

درياءِ عمان (عربي سمنڊ) جي ڪناري ۽ مڪران جي جبل کي ڳنڍيندڙ هاڙهي ۽ پب وغيره جبلن جي ننڍي ۾ ننڍي شاخ آهي. اگرچ [ظاهر ۾] گهٽ ۾ گهٽ درجي جو جبل ۽ هيٺاهينءَ ۾ هيٺاهين شاخ آهي، ليڪن روح ۽ سرور ۾ سيني تي فوقيت رکي ٿي ۽ زماني جي عجائبات مان آهي. هرهڪ قدم تي ولين جو آرامگاهه ۽ هرهڪ وک تي پرهيزگارن جي مرڪز آهي. دين جا بزرگ ۽ تحقيق ۽ يقين جا صاحب ايترا ته منجهس آرامي آهن جو هزارن مان هڪڙي جو به شمار ڪري نه سگهبو. سما چام انهيءَ ۾ ڪيترين ئي عجيب جايون يادگار طور ڇڏي ويا آهن. جهڙوڪ تغلق آباد عرف ڪلاڪوٽ جو قلعو جو باوجود ڊهي وڃڻ جي اڄ به خاص روح ۽ سرور سان اهل دل جي لاءِ قوّت ۽ قوّت آهي. اتيجي جامع [مسجد] اڏاوت جي خيال کان ٺٽي جي وڏي جامع [مسجد] کان ڏيڍوٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

پراڻي زماني ۾ سهسرلنگ جي تلاءَ تي عاليشان محلاتون ٺهيل هيون جن جو گهٽي زماني گذرڻ ڪري ڪو به نشان نه رهيو آهي. اڳاٽي زماني کان رسم ٿي ويئي آهي ته هرهڪ طاقت وارو بادشاهه، امير يا دولتمند ماڻهو، يادگار طور، اتي ڪا نه ڪا مضبوط جاءِ ٺاهيندو هو. اهو دستور اڄ تائين هلندو اچي. اتي جي بي انداز ۽ بيشمار ولين، جي ڪن جي چوڻ موجب سوا لک اتي آرامي آهن، بابت ڪيترو چئي

ڪيترو چئجي. چاڪاڻ تہ سڄي تفصيل جو علم ناممڪن آهي. باقي معلومات آھر، برڪت خاطر، ڪن ٿورن مشائخن جو ذڪر ڪجي ٿو.

نالي جو سبب. نالي جو سبب ھيءُ آهي تہ الله وارن مان ھڪ بزرگ حرمين شريفين جو ارادو رکي اچي ھتي لٿو. ۽ اھڙي حالت پيدا ٿيس جو ھڪدم وجد ۾ اچي سماع شروع ڪري ڏنائين ۽ وجد جي جوش ۾ [۱۸۴] چوڻ لڳو تہ "ھذه مكة لي" (ھي ٺڪري منھنجي لاءِ مڪہ آهي). جنھن صورت ۾ ھي لفظ بار بار دھرايائين ۽ سندس زبان ۾ تاثير ھو، تنھن ڪري عام ماڻھن جي زبان تي ھن ٺڪريءَ جو نالو تخفيف سان مڪلي (مڪہ لي) رھجي ويو.

ڪن جي چوڻ موجب انھيءَ نالي سان ھڪ پاڪدامن، الله واري عورت، اتي مڪلي واري مسجد جي محراب جي پويان دفن ٿيل آهي. ھيءَ نالو متئين شيخ حماد جي اشاري سان پھريائين مسجد تي پيو ۽ پوءِ سڄي ٺڪري انھيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آئي. بھرحال ڏسڻ وٽان جاءِ آهي خصوصا برسات جي ڏينھن ۾ منجھس مٺي پاڻيءَ جا تلاءَ پرجي پيھندا آھن ۽ ھرطرف قدرتي ساوڪ الله پاڪ جي قدرت جي نشاني ۽ آئي وئي لاءِ وقف ھوندي آهي.

[باب چوويھون]

شهر ٺٽو ۽ اتي جا خاندان، بزرگ، عالم ۽ شاعر ٺٽو

هڪ بهترين ۽ منتخب شهر، جو معرفت وارن جي جاءِ ۽ يقين جي ڏٿين جو وطن آهي. اتي جي زمين جي خاصيت آهي جو هوءَ فضيلت ۽ ڪمال جي کاڻ ۽ اتي جي مٽي طبعاً حال ۽ قال جي صاحبن جي پيدا ٿيڻ جو هنڌ آهي. اڳاٽي سمي ۾ سندس زمين مٿان سمنڊ جو پاڻي وريل هو. گهڻن ڏينهن گذرڻ ڪري جڏهن سمنڊ جو پاڻي ڇڏي ويو، تڏهن خشڪ پٽ رهجي ويو. پوءِ وري اروڙ جي شهر جي ويران ٿيڻ ۽ سنڌو نديءَ جي سيوهڻ ڏانهن وهڪري مٽائڻ ڪري، جئن بيان ٿي آيو، زمين مٿان پاڻي وري ويو. جڏهن محمد طور جو شهر سومرن سردارن سميت ويران ٿي ويو ۽ وقت جي حڪومت سمن ڄامن جي هٿ ۾ آئي، تڏهن مڪلي ٽڪريءَ جي دامن هيٺان، اتر طرف وارن باغن جي پرسان، ساموئيءَ نالي شهر ٻڌائون. ۽ هاڻي جيڪي واهڻ ۽ پرڳڻا آباد آهن، سي دستور موجب آباد رهيا. ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊو سنه ٩٠٠هه جي پوين مهينن ۾ نجومين کي، نئين شهر جي آباد ڪرڻ لاءِ، هڪ اهڙي زمين چونڊڻ جو حڪم ڪيو، جا خوشي پيدا ڪندڙ هجي، جتي جا رهاڪو ڪم ۽ بيش آرام پسند هجن، هميشه سير ۽ تفريح ۾ زندگاني گذارين ۽ سندن فطرت ۾ ڪماليت جي لياقت هجي. اهڙين وصفن ۽ خصوصيتن سان

ٺٽي جي سرزمين چونڊي ويئي، جنھن جي اپرندي ۾ ڪجھ باغ ھئا ۽ وچ شھر ۾ ميربحر ٿي رھيا. ھن وقت ٺٽو ٻن معنائن سان آباد آھي. ڪي چون ٿا ته معنيٰ آھي"ته ته" يعني "ھيٺاھين ھيٺاھين" ۽ ڪن جو چوڻ آھي ٺٽ يعني ٺٽ، جا سنڌين جي اصطلاح ۾ 'ماڻھن جي گڏ ٿيڻ جو ھنڌ' جي معنيٰ رکي ٿي.

مخفي نه رھي ته ھيءَ سرزمين، جنھن تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو، پراڻي زماني ۾ بہ ٺٽي جي نالي سان سڏبي ھئي ۽ جنھن ته سنڌ جي مٿئين طرف کي عام ماڻھو سرو چوندا آھن ۽ ھن ھيٺئين طرف کي لاڙ سڏيو ويندو آھي. اھو ٺٽي جي وجہ تسميہ (نالي جو سبب) جو کليو ثبوت آھي.

۽ جڏھن زماني جي گذرڻ ۽ وقت جي انقلابي حادثن ڪان ٻنيور، ديول، بڪار ۽ ترڙي جھڙا عمدا عمدا شھر، جي ساڪوره جي سرزمين ۽ انھيءَ جي لاڳيتا واقع ھئا، ويران ٿيڻ لڳا تڏھن اتي جا اڪثر باشندا ھن شھر ڏانھن لڏي آيا. تڏھن گويا ڪہ "ته ته" جي مصداق، موجب ھاٿوڪي آبادي، انھن مٿين آبادين جو مجموعو آھي.

چاڻڻ گھرجي ته جڏھن ديول چوٿين ولايت ۾ آھي ۽ سندس ڏگھائي ڦاڪ ف ب ل ١١٢ ۽ ويڪرائي ڦاڪ ل ي ٤٥. مقرر ھئي ۽ ٺٽي جي زمين پڻ انھيءَ سان ويجھي آھي، تڏھن گھڻو ڪري انھي جي ئي حڪم ۾ آھي. حڪيم مير عبدالرزاق اصفھاني، تخلص مشرب، جو سيني علمن- خصوصاً جعفر، حڪمت ۽ نجوم جي علمن ۾- وڏي مھارت رکندو ھو ۽ نواب خدايارخان عرف ميان نورمحمد جي پياءَ داؤد خان وٽ ڪيترو عرصو گذاري سنہ ١١٢٧ ھہ ۾ گذاري ويو، تنھن کان ڪيترن معتبرن روايت ڪئي آھي ته ٺٽي جي زمين دراصل يونان جي زمين جي شاخ آھي. اھوئي سبب آھي [١٨٥] جو ڪماليت جا صاحب اڪثر انھيءَ زمين ۾ پيدا ٿين ٿا.

مطلب ته سڄي سنڌ ۾ هھڙي لطافت ۽ صفائيءَ واري، سير و سياحت جي لائق ٻي ڪاٿي جاءِ ڪانه آهي. هتي جو صبح غمگينن جي دلين تان غم جي ڪٽ لاهيندڙ ۽ شام مسافرن لاءِ صبح جھڙن وندرائيندڙ آهي. هتي جا رهاڪو هرهفته ٽوليون ٽوليون ٿي مڪليءَ يا باغن ۾ دل وندرائڻ لاءِ محفلون ڪندا آهن ۽ هھڙا معمولي شين تي به فراغت دوست ماڻھو ڪي ٿورا ليندا.

مطلب ته هن شهر جون خوبيون ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن. طوالت جي خوف کان مختصر طور بيان ڪري هاڻي ڪن سڳورن خاندانن، ولين، عالمن ۽ ٻين باڪمال مڪيه ماڻھن جا ڪجھه حالات طبقن وار بيان ڪجن ٿا. شروعات اهل بيت جي برگزيده طبقي سان ڪجي ٿي. ڇاڪاڻ ته اهيئي موجودات جي ڪتاب جي بسم الله آهن. انهيءَ ۾ پڻ سندن تشريف آوريءَ جي قدامت جو لحاظ رکيو ويندو.

سيدن جو طبقو

اگرچ، هن ملڪ ۾، سيدن جي اچڻ جو وقت پوريءَ طرح، معلوم نه ٿو ٿي سگھي، تاهم، بالفعل، انهن خاندانن جو ذڪر واجب آهي جن جو نالو نشان اڃا تائين باقي آهي. جڏهن هي وڏندڙ ڪتاب هنن بزرگن جي بيان جي برڪت سان حادثن جي مصيبت کان امان ۾ رهي ۽ بزرگن جي حالات جي تحقيق واري فائدي کان پڻ خالي نه هجي.

[هتي ڇاپي نسخه ۾ "عجيبه" جي عنوان سان مير امين الدين خان جي ڪتاب معلومة الآفاق مان ڪي عجيب نقل آندا ويا آهن پر مير قانع جي هٿ اکرين لکيل نسخي ۾ اهي ساڳيا نقل ميرامين الدين جي بيان ۾ متي ذڪر ڪيا ويا آهن. اسان پڻ اهه نقل اتي لکي ڇڏيا آهن. تنهنڪري هتي ڪونه ٿا لکون. قلمي نسخي ۾ پڻ هتي لکيل ڪونه آهن]

انجوي شيرازي سيد

هنن جي خاندان جي شرافت ۽ گهراڻي جو خالص هجڻ اڳين خواه پوين جي ڪتابن ۾ مذڪور آهي.

سيد محمد ۽ سيد احمد، پيءُ ۽ پٽ، بزرگيءَ جي سيني خوبين جا جامع ۽ ڪمال جا صاحب بسم الله الرحمان الرحيم سڳوريءَ جي عددن مطابق سال ٧٨٦ هه ۾ چام صلاح الدين بن تماچيءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيا، منڇر جي پرڳڻي ۾ مراد اوٺي جي ڳوٺ ۾ رهاڪو ٿيا. [١٨٦] سيد محمد، جو ميران محمد جي لقب سان مشهور هو. حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري ڪان پوءِ (١) اِرْجِعِيْ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ـ جو سڏ قبوليت جي ڪن سان ٻڌي روانو ٿي ويو (گذاري ويو).

هن عالي مقام جي بلند مقاميءَ جي ثبوت لاءِ هڪ ئي نڪتو ڪافي آهي ته جڏهن سنڌ س اولاد مان سيد علي ثاني مڪليءَ تي قبو ٺهرايو تڏهن [اهو قبو] تيستائين اهل الله جي لاءِ زيارت گاهه نه بڻيو ۽ منجهس روح ۽ صفائي پيدا نه ٿي جيستائين، خواب جي حڪم مطابق، هن بزرگ جو لاش مراد اوٺيءَ جي ڳوٺ مان ڪڍائي هتي نه آندائون.

قصو ڪوتاهه، مرحوم پيءُ ڪان پوءِ سيد احمد الله وارن جيءَ صورت ۾ اتي رهندو آيو. خدا وارن سان گهڻي صحبت ڪندو هو. هڪ ڏينهن شيخ عيسيٰ جي زيارت لاءِ ساموئيءَ ۾ آيو، قاضي نعمت الله عباسي، وقت جو هڪڙو وڏو عالم، ڪانئس اڳيئي شيخ جي خدمت ۾ ويٺو هو. شيخ سيد جي تشريف آوريءَ کي نهايت عزت جي لائق سمجهي، تعظيم سان پيش آيو پر قاضي بلڪل نه چريو. نيٺ سيد صحبت پوري

---

(١) تون پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ. اهڙي حالت ۾ جو تون پنهنجي رب کان راضي آهين ۽ رب توکان راضي آهي.

قرآن شريف سوره الفجر

ڪري اٿيو. وجڻ وقت پڻ شيخ اڳئين ڪان بہ گهڻي تعظيم بجا آندي. قاضيءَ پڇيو تہ ”موٽڻ وقت سيد جي غائبانہ هيتري تعظيم ڪرڻ جو ڪهڙو سبب تي سگهي ٿو؟“ جواب ڏنائين تہ ”سندس پٽن ۾ زماني جو قطب ڏسڻ ۾ ٿو اچيم. جيڪڏهن سنهنجي حياتيءَ وفا ڪئي تہ انهيءَ جو مريد ٿيندس!“. هوڏانهن سيد قاضيءَ جي هن روش کان رنج ٿي دل ۾ ڦٽيون هڻندو اٿيو هو. سيد جي هن رنجش جي تاثير کان قاضي اچا گهر پهتو ئي ڪين تہ اکين جي ديد گم ڏٺائين، جنهن جو ڪيس ڪو بہ سبب معلوم ٿي نہ سگهيو. فاطمہ نالي سندس ڌيءَ رات جو خواب ڏٺو جنهن جو مطلب هيءُ هو تہ مٿئين سيد سان شادي ڪرڻ مان چار سڳورا موتي پيدا ٿيندا، جن مان هڪڙو نهايت نور سان دنيا کي روشن ڪندو. قاضي پٽي واقعا صبح جو وڃي شيخ عيسىٰ کي ٻڌايا ۽ [شيخ جي] اشاري موجب نيائي سيد جي نڪاح ۾ ڏيئي کيس پنهنجي گهر ۾ رهايائين - خواب جي مطابق، مقرر وقت اندر، سيد مان چار پٽ پيدا ٿيا. ١. سيد علي، ٢. سيد جعفر، ٣. سيد محمد شريف، ٤. سيد محمد حسين.

آخر عام مخلوقات جي دستور جي تقاضا موجب اهو سڳورو بہ ١ محرم ٨٤٥ ۾ گذاري ويو. کيس عباسي قاضين جي مقام ۾ دفن ڪيو جو اڳتي هلي سندس اولاد جي سيدن جو مقام مقرر ٿيو.

[سيد علي]. سيد علي، بن سيد احمد، بن سيد محمد، عرف سيد ميران محمد، جنهن متي بيان ٿي آيو، هڪ آڳاٽو ولي ۽ سڳورو، واصل بالله پيدا ٿيو. سندس ڪرامتن ۽ احوالن جو ڪو شمار ڪونهي. ڪانئس پوءِ بہ ناليرا، الاهي جلال ۽ جمال جا مظهر، وڏي نسل ۽ اولاد جا ڏٽي، فرزند يادگار رهيا. ١. سيد جلال، ۽ ٢. سيد جمال.

[سيد جلال]. مٿئين سيد عليءَ جو فرزند پيءُ جهڙو حال ۽ قال جو صاحب پيدا ٿيو. مائهن کي فقيريءَ ۽ حق جي راهه ڏانهن رستو ڏيکارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين.

[سيد علي ثاني]. سندس فرزند رشيد، سيد علي ثاني، جيڪر سير ۽ سلوڪ ۾ وڏن کان به وڌيڪ توفيق وارو ۽ نهايت متقي هو. تنهن ڪيئي دفعا بيت‌الله جي زيارت ڪئي هئي. ۽ حضر خراه سفر ۾ گهڻن ئي بزرگن جي زيارت ڪئي هئائين. هن درويش آجر کان فيض پرايو هو ۽ مخدوم نوح جو مريد هو. هن جون ڪرامتون ۽ بزرگيءَ جون نشانيون حد ۽ شمار کان ٻاهر آهن. ازان سواءِ هن چڱا نشان ڇڏيا آهن. جهڙوڪ مڪليءَ وارو نور ۽ روشنائيءَ سان ڀريل قبو. وڏي جماعت سندس فيض جي نظر سان وڏي ڪمال کي پهتا. رسالو ”آداب المريدين“ [١٨٧] جو دين جي بزرگن جو دستور العمل آهي، سندس يادگار آهي. سو سنه ٩٧١ ۾ گذاري ويو.

[سيد جلال ثاني]. سندس ناليرو فرزند، سيد جلال ثاني آهي، جو پڻ حسب ۽ نسب جي بزرگيءَ ۽ شان ۾ وڏن وانگيان ناليرو ٿي گذريو آهي. ۽ پيءُ ۽ ڏاڏي جو سجاده نشين هو. مرزا باقي ترخان جي پٽ مرزا صالح پنهنجي نياڻيءَ جو سگ هن بزرگ کي ڏنو هو. ۽ انهيءَ ئي سڱابنديءَ جي ڪري مرزا محمد باقي کيس اڪبر بادشاه جي حضور ۾ موڪليو هو.

[سيد مير محمد]. سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند سيد مير محمد، جو وڏي شان ۾ مشهور معروف هو، ۽ ترخان نامو، سندس تاليف آهي.

[سيد بزرگ]. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ سيد بزرگ، وڏن جا قائم مقام، بزرگيءَ جا گادي نشين ۽ ممتاز شخصيتون ٿي گذريا آهن.

[مير زين‌الدين]. انهيءَ کان پوءِ مير زين‌الدين عرف مير لطف‌الله، ڪمال جو صاحب، بزرگن جو مرجع ۽ سهڻين وصفن جو مالڪ ٿي گذريو آهي. پنهنجي وقت ۾ سيدن جو سردار ۽ رئيسن جو اڳواڻ هو. علمي لياقت ڏاڍي هوندي هيس. سندس تاليف ڪيل ڪتاب، حرزالبشر، مشهور آهي. هو شعر استادن جهڙو چوندو هو ۽ قانع تخلص ڪندو هو.

ڏسجي ٿو ته سندس تصنيفات، حادثن جو شڪار ٿي، سندس سگهوري ذات وانگيان اکين کان مخفي ٿي ويون. هو سنه ۱۱۳۰ ھ (۱) ۾ گذري ويو. هن ڪتاب جي لکندڙ (مير قانع) رضوا عنه جو جملو سندس [وفات جي] سال موافق لڌو آهي.

هو ٻه پٽ ڇڏي ويو. هڪ سيد غلام‌علي ۽ ٻيو سيد عبدالولي. سيد عبدالولي، پيءُ جي سجاده نشين هوندي به جيستائين جيئرو هو، تيستائين بزرگيءَ جي دست رکي، چڱي شان شوڪت سان هلائيندو آيو. ڪجهه سال ٿيندا جو گذاري ويو آهي. هڪ پٽ سيد ابراهيم نالي ڇڏيو اٿس. سيد غلام علي دستور موجب وڏن جو سجاده نشين رهندو آيو. هاڻي سندس فرزند مير لطف‌الله وڏن جو جانشين آهي.

[مير علي اصغر]. مير علي اصغر، ولد سيد فضل‌الله، بن سيد جلال ثاني، دستور موجب پيءُ وانگيان پنهنجين ڪرامتن سان نهمردين جي قوم ۽ ٻين جابلو راڄن جي فتوحات (نذر نياز) تي متصرف آهي. هن جماعت لاءِ مينهن جي مدد ۾، جنهن تي سندس زندگيءَ جو دارومدار آهي، سندس عجيب تصرف نمايان آهن.

چون ٿا ته سيد جلال ثاني لوهه جي ڪمان پٽن جي ٻيچ ۾ اڇلي هئي. انهيءَ لاءِ ته منجهانئن جيڪو انهيءَ ڪمان کي ڪشيندو سو جابلو راڄن جو سنڀاليندڙ ٿيندو. پيءُ جي ارشاد

(۱) ٻنسخه "ن" يڪهزار و صد و سي و دو (سنه ۱۱۳۲ ھ)

موجب سيد فضل‌الله اها ڪمان موڙي ڏيڪاري ۽ راج سندس توسل ۾ رهيا. مينهن جي ضرورت وقت هيءَ پيءُ ۽ پٽ ڪامل تصرف ڪندا هئا. مير علي اصغر وڏي عمر جو ٿي گذاري ويو. جنهن صورت ۾ پنهنجو ڪوبہ اولاد ڪونہ هوس، تنهنڪري

[مير حسن علي]. مير حسن علي ولد سيد عبدالله بن سيد مير محمد بن سيد جلال ثاني، سندس نالي هجڻ جي تعلق سببان، گاديءَ تي ويٺو.

[مير لعلمير]. هاڻي مير حسن عليءَ جو فرزند رشيد مير لعلمير والد بزرگوار جو قائم مقام ۽ بزرگيءَ ۾ مشهور آهي.

[سيد جمال]. وڏي سيد عليءَ جو فرزند سيد جمال پنهي جهانن جي بزرگيءَ ۾ بيمثال ٿي گذريو آهي. هو به فرزند ١. سيد علي محمد ۽ ٢. سيد عبدالقدوس نالي ڇڏي ويو. سيد علي‌محمد کو به فرزند ڪونہ ڇڏي ويو [باقي] سيد عبدالقدوس، جو قدسي صفتن ۽ انساني خوبين سان موصوف ٿي گذريو آهي، انهيءَ اولاد ڇڏيو، جن مان:

[سيد الهڏنو]. سيد الهڏنو عرف سيد الو، ولد سيد شيخو(١)، بن سيد احمد، بن سيد عبدالقدوس، مٿين مير علي اصغر جو نائي هو. هو اولاد ڇڏي ويو، ۽ بزرگن جو نالو زنده رکندي مقرر مدت کان پوءِ وفات ڪري ويو.

[سيد احمد]. پيو سيد احمد عرف سيد وڏو، ولد سيد حامد، بن سيد احمد، بن سيد عبدالقدوس هو. [اهو پڻ] وفات وقت [١٨٨] اولاد ڇڏي ويو. اگرچ سندن پيو اولاد پڻ موجود آهي پر بنده تبرڪ خاطر صرف هي نالا ذڪر ڪيا آهن.

[سيد جعفر]. سيد جعفر، بن سيد احمد، بن سيد محمد عرف ميران محمد، جنهن جو بيان مٿي گذري آيو، وڏ ين

(١) نسخو "ن" سيد سچوڏ نو.

بزرگين ۽ عجيب نشانين جو مالڪ ۽ شاندار خوبين جو صاحب پيدا ٿيو هو. آب داڻي موجب گجرات ملڪ جي نهروالا شهر ۾ وڃي ممتاز طرح پيري مرشدي جاري رکيائين ۽ پاڻرن وانگيان انهيءَ سرزمين جي وڏن پيرن مان شمار ٿيڻ لڳو. هن اتي شادي ڪئي، جنهن مان سيد احمد نالي هڪ عاليمقام فرزند ڄائو. هو جڏهن وڏو ٿيو تڏهن سندس والد ڪيس پنهنجي جاءِ تي وهاري پاڻ سنڌ ڏانهن موٽي آيو ۽ گذاري ويو. سندس اولاد اتي آهي جن جو مختصر حال ٻئي جلد ۾ مذڪور آهي (١).

[سيد قاضي ميان]. مٿئين سيد جي اولاد مان هاڻي سيد قاضي ميان ٺوري وقت کان، اتي جي ناظم جي مائٽيءَ ۽ قضا جي عهدي جي تعلق سببان، پروچ ۾ رهي ٿو. هڪ نهايت انسانيت وارو مرد آهي.

[سيد حمزو]. سيد احمد بن جعفر جي اولاد مان سيد حمزي نالي هڪ نهايت نوراني پير سنه ١١٦٥ ھ ۾ سورت بندر ۾ ڏٺو ويو، جو سير ڪرڻ لاءِ اتي آيو هو. سندس پيشانيءَ

(١) تحفةالڪرام (ج ٢ ص ٣١-٣٢) ۾ سيد احمد شيرازيءَ جو ذڪر هن طرح بيان ٿيل آهي: سيد احمد انجوي شيرازي، سيد احمد شيرازي، جنهن جو بيان ٽئي جي ذڪر ۾ ٿيندو، جي پٽن سيد علي ۽ سيد مراد جي پاءِ سيد جعفر جو فرزند آهي. سيد جعفر ٽئي مان نڪري پهريائين نهروالا ۽ پوءِ گجرات پهتو. هو پنهنجي فرزند رشيد سيد احمد مٿئين کي، بالغ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو گادي نشين بڻائي، پنهنجي وطن پاڻرن وٽ موٽي ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سيد احمد گجرات ۾ نهايت بزرگيءَ سان حياتي گذاري. سندس درگاهه خدا وارن جي مرجع آهي. اتي (گجرات ۾) سندس اولاد مان ڪي ئي حال ۽ ڪرامت جا ڌڻي بزرگ ٿيا آهن.

ماڙ ڪماليت بکي رهي هئي. هاڻي پڻ اتي ئي ٻڌجي ٿو. هن بزرگ جي اولاد مان پيا به ڪي ماڻهو سپاهين جي لباس ۾ نظر مان گذريا آهن.

سيد محمد شريف. ولد سيد احمد، بن سيد محمد عرف ميران محمد، جنهن جو ذڪر ٿي آيو، خانداني شرافت سان، شرف ۽ بزرگيءَ جو گادي نشين رهي، زندگي گذاري ويو آهي. سندس ٿوري اولاد پيڙهيءَ به پيڙهيءَ رهندي اچي. [سيد لطف‌الله ۽ سندس اولاد]. سندس اولاد مان سيد لطف‌الله يادگار آهي. انهيءَ ڪان سيد مؤيد خان، پوءِ سيد محمود، پوءِ سيد لطف‌الله، وري سيد محمود، انهيءَ ڪان پوءِ سيد لطف‌الله عرف ميرلطن [پيدا ٿيا]. هيءَ بزرگ فقيري ۽ توڪل جي رستي جو سالڪ ۽ حضرت شاهه عنايت‌الله صوفيءَ جي معتقدن مان هو. شاهه اسماعيل صوفي، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، سان پڻ مريدانه صحبت هوندي هيس. تسليم ۽ رضا جي درجي ۾ رهي، چڱي حالت ۾، هن بيبقا جهان کان موڪلا ٿي ويو. ڪانئس پوءِ سيد خادم عرف سيد ياسين پوئتي رهيو. انهيءَ ڪان پوءِ هاڻي سيد فضل علي وڏن جو يادگار آهي.

سيد محمد حسين. ولد سيد احمد، بن سيد محمد عرف ميران محمد، جنهن مٿي بيان ٿي آيو، سندس چمڻ جي خبر، وقت جي صاحب، شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ ڏني هئي. ازانسواءِ پين ولين جهڙوڪ پيرڪر گنج قلندر (١)، جو اڳتي مذڪور ٿيندو، ڪي پڻ خبر پڄجي ويئي هئي. سندس چمڻ جي تاريخ قرة اعين (اکين جو ٺار) مان سنه ٨٣١ هه جي مطابق نڪري ٿي. هو جام فتح خان بن جام سڪندر سمي جي ڏينهن ۾ جائو هو.

(١) نسخه "ن" تبرڪ گنج

چون ٿا ته چمڻ وقت اکيون نٿي کولياڻين. شيخ عيسيٰ کي وجي ٻڌايائون ته هو هڪدم زيارت لاءِ ڊوڙندو آيو، ۽ هن شيخ عيسيٰ جي منهن تي اکيون کوليون. شيخ [ڏسي] چيو ته هيءُ ئي اهو ماڻهو آهي جنهن جي مريديءَ لاءِ مون کي انتظار هو. الحمدلله جو مراد پوري ٿي. تنهن کان پوءِ ٽئين ڏينهن گذاري ويو. باقي ٻيون ڪرامتون، جي حمل، ٽيج پياڪي، ٻالپڻي ۽ ٻين وقتن تي کانئس ظاهر ٿينديون رهيون، سي حاجي محمد حسين 'صفائي' جي جوڙيل رسالي تذڪرة المراد، ۾ بيان ٿيل آهن. سندس ذات سڳوريءَ جو مٽ سندس ڏينهن ۾ ته ڇا پر گذريل خواه ايندڙ زماني ۾ به سنڌ اندر ڪو ورلي پيدا ٿيو هوندو. ڪيترا مشائخ سندس مريدي جي لاڳاپي تي فخر ڪندڙ آهن. هڪ وڏي جماعت سندس صحبت جي فيض سان هدايت جي رستي کي پهتي ۽ ولين ۽ متقين جي سلسلي ۾ داخل ٿي آهي. اڪثر ڪري ظاهري شريعت جي پابندي، وعظ نصيحت ۽ طالبن کي ارشاد ڪرڻ ۾ پنهنجا برڪت ڀريا ڏينهن گذاريندو رهندو هو.

نقل آهي ته شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو پوٽو شيخ صدرالدين، پيري مرشدي جي غلغلي سان ٺٽي ۾ منزل انداز ٿي، سندن زيارت لاءِ آيو. ٻئي بزرگوار گڏجي وڏي جامع مسجد، [١٨٩] جا هاڻي مسجد ولي نعمت جي نالي سان مشهور آهي، ۽ اصل ۾ سمن بادشاهن جي ٺهرايل هئي، ڏانهن روانا ٿيا. شيخ، واٽ ۾ هڪ مٿل ٻلي ڏسي، اشارو فرمايو ۽ هوءَ هڪدم جيئري ٿي، اٿي ڪرڙي ٿي. سيد مسجد ۾ ويهي هڪ خادم کي فرمايو ته ٻاهر نڪري جيڪو به ماڻهو ڏسڻ ۾ اچيئي، تنهن کي سڏ ڪر. خادم هڪ برهمڻ کي وٺي آيو. هو مسجد ۾ لنگهي، هڪدم ممبر تي چڙهي، وعظ ۾ مشغول ٿيو ۽ بسم‌الله جي لفظ جون چوڏهن معنائون ٻڌايائين. اتي سيد، شيخ کي چيو ته مٿل کي جيئرو ڪرڻ بدعت آهي،

چاڪاڻ ته انهيءَ مان ماڻهن کي ايذاءُ پهچي ٿو ۽ موت جو عذاب ۽ سزا وري وري چکڻي پوي ٿي. پر مثل دل کي جيارڻ، مشائخن جو طريقو آهي. جنهن تي، شيخ، دل جي تصديق مان فرمايو ته تون مشائخن جي مراد آهين ۽ تو وٽان ٻين مرادون حاصل ٿينديون. انهيءَ وقت کان وٺي، هن شاهه خدا آگاهه تي ”مراد“ جو لقب پئجي ويو. پاڻ انهيءَ لقب جي بدلي ۾ شيخ صدرالدين کي ”حليم“ جو لقب عطا ڪيائون ۽ انهيءَ تي پڻ اهو لقب يادگار رهيو. مسجد صفه سيد جي آثارن مان آهي. جا دراصل هندن جي هڪ عاليشان مڙهي هئي. هن جو ذڪر رسالي تذڪرة المراد ۾ موجود آهي. چون ٿا ته اهو بتخانو چام نندي جي وزير لڪسير نالي هندوءَ جو هو. جڏهن سندس گهر مسجد بنجي ويو، تڏهن هن سيد بزرگوار جي خدمت ۾ حاضر ٿي، مولي نالي پنهنجي پوٽي جي حق ۾ دعا گهرائي. پاڻ فرمايائونس ته شهر جي اتر پاسي ڏانهن اچي رهو. [انهيءَ پاسي ڏانهن] جيترو به شهر هوندو سو تنهنجي پوٽي جي نالي مشهور ٿيندو. مولي ٺٽي مان اهوئي مطلب آهي.

جنهن صورت ۾ هن دار فانيءَ مان دار باقيءَ ڏانهن لاڏاڻو ڪرڻ، نبين ۽ ولين ۽ عام مخلوقات جو دستور آهي. تنهنڪري، هيءَ پڻ مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ سنه ۸۹۳ ھ ۾ متڪئين علي الارائڪ (۱) جي جماعت ۾ وڃي داخل ٿيو. ”ساجد مخلص“ سندس تاريخ آهي.

هن سڳوري کي عباسي قاضين جي قبيله مان شادي ڪرڻ تي ٽي عالي گوهر فرزند ۽ ٽي پاڪدامن نياڻيون، زماني جي زينت، پوٽي رهيون. ۱. سيد منصور ۲. سيد نعمت الله ۽ ۳.

(۱) هيءَ آيت سڳوري بهشتين جي حق ۾ نازل ٿي آهي. مطلب ته بهشتي جنت ۾ گاديلن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا. ۽ پيا هيڏي هوڏي جو نظارو ڏسندا.

سيد حماد. جنهن صورت ۾ هرهڪ جي اولاد گهڻي آهي. تنهن ڪري صرف سجاده نشينن ۽ ڪن ٻورن ٻين نامي گرامي بزرگن جو بيان تبرڪ طور ڪيو وڃي ٿو.

[سيد منصور]. مٿئين سيد محمد حسين جو هدايت وارو فرزند سيد منصور پيءُ بزرگوار کان پوءِ پيري مرشدي جي سلسلي ۾ پيءُ جو سجاده نشين ٿي رهيو. هو سڀني خوبين جو جامع ۽ شاندار ڪرامتن جو صاحب هو.

[سيد منصور جو اولاد]. ڪانئس پوءِ سندس ناليرو فرزند، سيد احمد، بزرگيءَ جي گاديءَ جو مسند نشين ٿيو ۽ وڏن جو دستور سهڻي نموني سان زنده رکندو آيو. تنهن کان پوءِ سيد احمد جو فرزند، سيد محمد طاهر، وڏن جو جانشين ٿيو. هن ٿوري وقت کان پوءِ حرمين شريفين جي زيارت جو ارادو ڪيو، جنهن صورت ۾ سندس فرزند سيد عبدالرحمان صغير هو، تنهنڪري پنهنجي صهري سيد شمس‌الدين ولد سيد حسين بن سيد منصور کي پنهنجي گاديءَ تي وهاريائين. هن شرط تي ته جڏهن سندس مٿيون فرزند لائق ٿيندو، تڏهن گادي سندس حوالي ڪندو. ٿوري وقت کان پوءِ خبر آئي ته سيد محمد طاهر اتي گذاري ويو. اتفاقاً سيد شمس‌الدين، هتي، انهيءَ کان اڳ گذاري ويو. جنهن سيد محمد طاهر جو فرزند سيد عبدالرحمٰن اڃا ٻار هو تنهنڪري سيد شمس‌الدين جو پٽ سيد حسين پيءُ جو جاءِ نشين ٿيو. آخر سيد عبدالرحمٰن [١٩٠] ولد سيد محمد طاهر وڏو ٿي مرحوم پيءُ جي امانت جو دعويدار ٿيو. اِتي سيدن سڀورن سيد حسين جي بزرگيءَ جي ادب ۽ سندس محروميءَ جي ڊپ کان ٻه گاديون مقرر ڪيون.

سيد عبدالرحمٰن ولد سيد محمد طاهر، ٻن گادين جي فيصلي کان پوءِ، صفحہ جي ٻيڻڪ، اضحي جي گوشت جي تقسيم، ۽ سواريءَ ۾ مقدم ۽ ٻهريون نمبر مقرر ٿيو. سيد عليءَ جي جاءِ نشين جي ٻيڻڪ ڪبي پاسي ۾ مقرر ٿي.

سيد عبدالرحمٰن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ سيد منصور، تنهن کان پوءِ هن جو پٽ سيد عبدالرحمٰن، انهيءَ جو پٽ سيد محمد طاهر، انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ سيد محمد شجاع عرف سيد ناٿن وڏن جي گاديءَ سان سرفراز ٿيا. هاڻي سيد محمد طاهر عرف سيد ميرمحمد ولد سيد محمد شجاع پهرين گاديءَ جو سجاده نشين، وڏن وارين خوبين جو مالڪ آهي.

مٿي لکيل موجب ٻي گادي، سيد شمس‌الدين، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو، جي پٽ سيد محمد حسين کان پوءِ سندس پٽ سيد محمد کي ملي، انهيءَ کان پوءِ هن جو پٽ سيد محمد فاضل عرف سيد موٽڻ شاهه ٻيءَ گاديءَ جو وارث ٿيو. هو نهايت جلاليت ۽ ڪرامت سان گذاري ويو. هن جون ڏاڍيون ڪرامتون مشهور آهن. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ سيد محمد خليل ڪانئس پوءِ هن جو سهورو پٽ سيد علي ٻيءَ گاديءَ جو سجاده نشين، نهايت بزرگيءَ جي شان سان وڏن جو يادگار آهي.

سجاده نشينن جي بيان کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مٿين پير جي اولاد مان ڪن ناليرن ماڻهن جو ذڪر تبرڪاً ڪجي ٿو.

<u>مير محمد محسن.</u> مٿين مير جي سهوري اولاد مان چڱي حالت ۾ زندگي گذاريندو هو. هو وقت جي حاڪمن وٽ ممتاز هو. وقت جي شيخ مير مرزا جان جو ناني ٿيو جنهن مان ٽي فرزند پيدا ٿيس. پهريون مير محمد ڪلان جيڪو پنهنجي ميرزائي شان سان چڱو وقت گذاري ويو. هاڻي سندس پٽ مير اسدالله وڏن جو يادگار آهي. ٢. مير ابن، جو پنهنجي مرضيءَ سان فقيري اختيار ڪري، صاحب حال جو رهي، حياتيءَ جو وقت گذاري، اولاد ڇڏي ويو. ۽ ٣. مير غلام‌علي عرف مير ڪولو، جو سالڪن ۾ اويسي مشرب ۽ حال ۽ قال جو صاحب رهي ڪري تازو گذاري ويو آهي.

[مير عبدالقدوس]. مير عبدالقدوس، ولد سيد حامد، بن سيد حسن، بن سيد حامد، بن سيد شرف‌الدين، بن سيد حسين بن سيد منصور، جنهن جو بيان ٿي آيو، هڪ وقت جو وڏو عالم، بزرگيءَ جي شان جو مالڪ ۽ پاڻ جهڙن ۾ ممتاز پيدا ٿيو. سندس فوت ٿيڻ جي تاريخ ١١٤٦ هه آهي - آيت سڳوري هُمْ مُكْرَمُوْنَ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ هن واقعي‌جي مطابق آهي.

[مير منصور علي]. هاڻي سندس حقيقي پٽ مير منصورعلي، هڪ جوان وڏن جي راه تي هلڻ جي توفيق رکندڙ يادگار آهي.

مير محمد نعيم. مٿئين پير جي اولاد مان، ارشاد ۽ چڱيءَ حالت جو صاحب پيدا ٿيو ۽ وڏن واري سلوڪ جي رستي تي پوريءَ طرح هلي، گذاري ويو. سندس فرزند يادگار آهن.

مشهدي سيد

جي نجابت جي صفت ۾ مشهور آهن.

سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق. ٻئي بزرگ ڀائر جام نظام‌الدين جي ڏينهن ۾، سنه ٩٠١ هه ۾، مشهد مقدس کان لڏي اچي ساموئيءَ ۾ وارد ٿيا جا ٺٽي جي ٻجهڻ هوندي به اڃا ڪن پيارن جي رهائش گاهه هئي. سيد يعقوب جي حالت ڪماليتن سان سينگاريل هئي.

چون ٿا ته شينهن تي سوار ٿي آيو هو. عمرڪوٽ جي ويجهو سومرن جي گهراڻي جون ست پاڪدامن نينگريون [١٩١] سما قوم جي ڪن رئيسن جي ظلم کان سندس پناهه ۾ اچي ساموئي پهتيون هيون، جن مٿي بيان ٿي آيو. آڪريه قوم جا وڏا جيڪي آڪره جا رهندڙ ۽ لوهارڪو ڌندو ڪري وقت گذاري رهيا هئا سي پڻ جڏهن سيد اچي انهيءَ پاسي ڏانهن لنگهيو، تڏهن سندس مريد ٿي خدمت ۾ رهڻ لڳا. آڪر انهيءَ قوم جي نالي پنيان سڏجي ٿو. انهن جي اولاد اڄ تائين مٿئين سيد جي مريد آهي.

قصو ڪوتاه ته سيد يعقوب پنهنجي زندگيءَ جو مقرر وقت گذاري سنه ٩٢٢ هه ۾ هن دنيا مان سفر جو سامان ٻڌي ويو. سندس مزار ساموئيءَ ۾ آهي. هو پويان اولاد ڇڏي ويو. جن مان ڪي اجا تائين تعلقي ڪڪرالي جي داري ديهه ۾ رهن ٿا. ڪي پين پاسن ڏانهن لڏي ويا آهن. ۽ ٿورا آڪر ۾ رهي اتي گذاري ويا.

[سيد ملوڪ شاه]. ٺٽي ۾ سيد ملوڪ شاه پنهنجي وقت ۾ هڪ وڏو ڪمال ڏٺي ۽ حال جو صاحب ٿي گذريو آهي. هو قاضي سدوءَ جو مريد هو. سندس قبر مٿئين قاضيءَ جي پرسان مشهور آهي.

[سيد جلال الدين ۽ سندس اولاد]. پيو سيد جلال الدين، جو بزرگيءَ جي اخلاقن سان سينگاريل ۽ بزرگن واري اعليٰ سلوڪ تي رهي گذاري ويو. ڪانئس پوءِ هڪ سيد خيرالدين، ٻيو سيد شريف باقي رهيا. سيد خيرالدين جي اولاد ۾ پشت بہ پشت عمدن اخلاقن سان موصوف ۽ فقيريءَ ۽ رضا جي راه ۾ ڪامل سيد پيدا ٿيندا ۽ گذرندا رهيا آهن. هاڻي سيد محمود عرف سيد بولو سندن يادگار باقي آهي. سيد شريف جي اولاد مان پڻ هڪ ٻئي جهڙي پويان بزرگ گذرندا آيا آهن هاڻي سيد سائينڏني جو اولاد سيد ملوڪ ۽ سندس پاٹر وڏن جو يادگار موجود آهن.

مٿين سيد يقعوب جو پاءُ سيد اسحاق پڻ ظاهري ۽ باطني ڪماليتن سان سينگاريل هو. پويان ڪا اولاد ڪانہ ڇڏيائين. پاءُ سان گڏ دفن ٿيل آهي.

[سيد احمد ۽ سيد محمد]. سيد محمد عابد مشهديءَ جا فرزند سيد احمد ۽ سيد محمد جنهن وقت ايران ۾ شيعہ مذهب جي غلبي ۽ غلو جي سببان [سنه ٩٠٦ هه] مطابق تعداد لفظ مذهب ناحق، ۾ ايران جي اڪثر شهرن جي بزرگن ۾ اچي

تفرقو ۽ لڏ پلاڻ پئي هئي، تنهن وقت حرمين جي ارادي سان لڏي سير ڪندي اچي سنڌ جي ملڪ مان لنگهيا ۽ سنه ٩١٠ هه ۾ ساموئي ۾ منزل انداز ٿي، دريا جي موسم جي انتظار ۾ رهي پيا. اتفاقاً سيد محمد جيڪو ظاهري ۽ باطني ڪماليتن سان سينگاريل هو، تنهن پئي جهان جو سفر اختيار ڪيو ۽ اولاد ڇڏي ويو. سندس وڏو پاءُ دل شڪسته ٿي اڪيلو رهجي ويو جنهن ڪري ٽڪي پيو. انهيءَ ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن شاه بيگ اچي سنڌ پنهنجي قبضي هيٺ آندي ۽ ارغونن جي هڪ جماعت ري مغلواڙي محلي ۾ رهايائين، جتي اڳيئي شافعي المذهب مغلن جي هڪ ٽولي رهندي هئي ۽ باغات ۽ کلي هوا ۾ اتي جي زمين ممتاز هئي، تڏهن سيد کي پڻ بزرگيءَ جي صفتن سان سينگاريل ڏسي ڪٺي رهايائين ۽ ڪيس لائق وجهه معاش مقرر ڪري ڏنائين. دلشڪستو سيد، فوتي پاءُ جي تعلق سببان ۽ پڻ انهيءَ ڪري جو هي زمين اصل کان وڻي ڪشش ڪندڙ آهي، هميشه لاءِ هتي رهي پيو ۽ چڱيءَ حالت ۾ هڪ جماعت جو مرشد ٿي، ڪمال وارن جي شڪل ۾ گذاري، عمر جو مقرر عرصو پورو ڪيائين.

[سيد احمد جو اولاد]. ڪانئس پوءِ سندس ناليرو فرزند سيد محمد، پيءُ جو جانشين ٿيو ۽ ڪمال جي صفتن سان زندگي گذاريائين. ڪانئس پوءِ سيد داؤد انهيءَ کان پوءِ سيد احمد، انهيءَ کان پوءِ سيد يعقوب، هر هڪ پنهنجو دورو بزرگيءَ ۽ ڪمال سان پورو ڪيو.

سيد يعقوب جي اولاد مان ٽي پائر هر هڪ سيد اسماعيل، سيد جلال ۽ سيد جمال [١٩٢] پيءُ سان گڏ هندوستان ڏانهن لڏي ويا ۽ اولاد سميت وڃي اتي رهيا.

سيد يعقوب کان پوءِ سندس فرزند رشيد سيد داؤد، پيءُ جي جاءِ تي بزرگيءَ جي گاديءَ تي ويٺو. هو هر قسم جي ڪمال سان سينگاريل هو. آخر شهيد ٿيو.

سندس پٽ سيد محمد ظاهري علمن ۾ فائق هو. باطني علم ۾ پڻ چڱو ڀرو هوس.

انهيءَ کان پوءِ سيد ابوالمڪارم بلند اخلاقن ۾ مشهور هو. سيد علي بن سيد شرف الدين کان، جو حضرت غوث الثقلين جي اولاد مان سير و سياحت جي خيال کان ٺٽي آيو هو، خلافت حاصل ڪئي هئائين. ظاهري علمن ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور هو. جهانگير بادشاه سندس ڪمال جون خبرون ٻڌي ڪيس اولاد جي معاش لائق وظيفو ٻڌي ڏنو. جڏهن خسرو خان چرڪس سندس حويليءَ جي پرسان جامع مسجد تعمير ڪرائي تڏهن انهيءَ جو متولي به ڪيس بڻايو ويو. سندس وفات جي تاريخ ۱۰۶۵ هه، "ستون دين فتاد" مان ڪڍي اٿن.

ڪانئس پوءِ سندس پٽ سيد مرتضيٰ پڻ پيءُ واري ڪماليتن جي زيور سان سينگاريل هو ۽ فضيلت ۾ مشهور رهي ڪري پنهنجا برڪت پريا وقت پورا ڪيائين. درس للو، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو، سندس وقت ۾ سندس پاڙي ۾ رهڻ لڳو هو.

هن کان پوءِ، سندس پٽ، سيد محمود ڏاڏي مرحوم جي خلافت تي ويهي مريدن خادمن جو مرشد بڻيو.

تنهن کان پوءِ سندس پٽ محمد اشرف نهايت مسڪينيءَ ۽ تقويٰ سان حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيا. هاڻي سيد محمود عرف سيد پير ڏنو، جو صغير ٻچيو هو، وڏن جي خلافت جو جانشين آهي.

[سيد محمد قاسم]. سيد محمد قاسم بن سيد محمد بن سيد داؤد شهيد، جنهن جو بيان ٿي گذريو، مٿئين سيد احمد مشهديءَ جي اولاد مان، حق جي طالبن جي لسٽ ۾ داخل ۽ حال جو صاحب پيدا ٿيو. هو سيد جعفري رضوي بکري، جنهن جو بيان ٿيندو، جي هٿان سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو خليفو ٿيو.

پير جي ميلي تي ٿئي جي خلق، ڪي پاڻ سان وٺي وڃڻ ۽ سوکائي آڻڻ، سندس ذمي آهي. شعبان مهيني ۾ هڪ خلاصو ميلو، ٿئي ۾، سندس جاءِ تي ٿيندو آهي، جنهن ۾ فقير ٽولين ٽولين جون ٽوليون اچي گڏ ٿيندا آهن. سندس وفات جي تاريخ "في جنة عالية" (١٠٥٤) مان ڪڍي اٿن.

[سيد لطف الله]. سندس پاءِ سيد لطف الله عرف سيد لطف پڻ حسبي خواه نسبي ڪمالات سان موصوف ٿي گذاريو آهي.

[سيد محمد قاسم جو اولاد]. سيد محمد قاسم کان پوءِ سندس سڳورو فرزند سيد فقير محمد پنهنجي پيلاري پيءُ جو جاءِ نشين بڻجي خاص بزرگيءَ سان ٿي گذريو.

انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ سيد محمد عابد وقت جو بزرگ ۽ هدايت جي آئيني جو روشن ڪندڙ ٿيو.

ڪانئس پوءِ سيد حامد شاهه پوئتي رهيو. جڏهن هو گذاري ويو ۽ حقيقي اولاد ڪونه ڇڏيائين تڏهن خلافت جي دستار سندس ڪير- پياڪ صغير ڏوهٽي جي سر تي رکيائون ۽ سندس ناني سيد نظرعلي ولد سيد محمد طاهر، عرف سيد مير محمد، جو پير مراد شيرازي انجوي جي سجاده نشين جي پيڙهيءَ مان هو، هن سلسلي جو بااختيار سنڀاليندڙ مقرر ٿيو. هو دستور موجب پنهنجي ميلي، ۽ سيد عبدالڪريم جي ميلي تي خلق ڪي وٺي وڃڻ جو سنڀاليندڙ آهي.

سيد نظرعليءَ جو صغير پٽ ۾- ٿي سال ناني جي دستار جو مالڪ رهي ننڍي پڻ ۾ ئي گذاري ويو.

هاڻي ٻارهن سالن جو نينگر مير نجم الدين هن بزرگيءَ جي بار جو کڻندڙ آهي. ۽ سندس ڏاڏنگ مان سيد پيرڏنو، سيد محمد حسين ولد سيد ابوالبقا، ۽ سيد عمادالدين بن سيد ابوالبقا بن سيد محمد بن سيد داؤد شهيد ڪمان سواءِ ٻيو ڪوبه موجود ڪونهي.

شيرازي عرف شڪرالاهي سيد. هنن جا وڏا حسب ۽ نسب جي بزرگيءَ ۽ شان ۾ مشھور ۽ سندن قديم بزرگي معتبر ڪتابن ۾ مذڪور آهي.

[قاضي سيد شڪرالله]. قاضي سيد شڪرالله، ولد سيد وجه الدين، بن سيد نعمت الله، بن سيدعرب شاه، بن اميرنسيم الدين محمد عرف مير ڪشاه، بن امير عطاءَ الله جمال الدين محدث، بن فضل الله، بن مير عبدالرحمن، بن عبداللطيف حسيني دشتڪي - امير نسيم الدين، امير جمال الدين، سندس چاچي مير لعل الدين ۽ سندس ڪن سؤٽن جو بيان، جھڙي طرح قاضي نورالله شوستري حبيب السير کان [١٩٣] نقل ڪيو آهي ۽ جئن روضة الصفا، هفت تعليم ۽ ٻين معتبر ڪتابن ۾ مذڪور آهي، تئن بجنسي ٻئي جلد ۾ لکيو ويو آهي. هتي ٻيهر لکڻ جي جرات نٿي ڪجي.

جئن تاريخ طاهري وغيره ۾ لکيل آهي، مٿيون سيد سنه ٩٠٦ ھ ۾ هرات کان قندار ۽ اتان شاه بيگ جي حڪم سان سنه ٩٢٧ ھ ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ مرزا شاه حسن ولد شاه بيگ جي ڏينهن ۾ هن نئين فتح ٿيل سر زمين ۾ قضا جي عهدي سان سرفراز ٿيو. اصل ۾ سندن آمد واپارين جي شڪل ۾ ٿي هئي.

نقل - شاه حسن امتحان خاطر هڪ واپاري کان گھوڙا خريد ڪري قيمت ادا ڪرڻ ۾ سستي ڪئي. واپاري مايوس ٿي شريعت جي ڪورٽ ۾ دعويٰ لاءِ اچي حاضر ٿيو. جنهن صورت ۾ دين جي قاعدي ۾ دعوائن جي فيصلي ۾ شاه ۽ گدا برابر آهن تنهنڪري قاضي بادشاه ڏانهن سمن موڪلي ۽ ديندار بادشاه پڻ هڪدم اچي حاضر ٿيو. جنهن صورت ۾ هن کان اڳ دستور هو ته مدعي ۽ مدعاعليه کي هڪ هنڌ ويهي دعويٰ بابت سوال جواب ڪرڻو هو، تنهنڪري قاضي بندوبست ڪري ڇڏيو هو جئن بادشاه مدعيءَ کان هڪ وک به مٿي نه وڌي سگھي. جڏهن بادشاه جو مقصد رڳو امتحان وٺڻ هو تڏهن هڪدم مدعيءَ کي راضي ڪري

ڇڏيائين. هاڻي قاضي اٽي هميشه جي دستور موجب بادشاه جي خدمت بجا آندي ۽ موزون جاءِ تي وهاريو. ٿوري دوستاڻي صحبت کان پوءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي بادشاه چيو ته "ڪمر ۾ هيءَ خنجر انهيءَ لاءِ آندي هيم ته جيڪڏهن توهان منهنجي رعايت ڪري، شريعت جو قانون ڇڏي ڏيو ۽ خدمتگارن مان ڪو به سيديءَ ۽ بزرگيءَ جو خيال رکي چون چرا نه ڪري ته مان پنهنجي هٿ سان هن هٿيار جي ذريعي سيکت ڏيندس". سيد پڻ گاديءَ جي هيٺان اگهاڙي ترارڪڍي ڏيکاري ته "مان پڻ اهو خيال ڪيو هو ته متان بادشاه شريعت جي خلاف هلت ڪري ۽ انهيءَ وقت ڪو به ماڻهو ويجهو اچڻ جي جرات نه ڪري ته مان پاڻ هن ترار سان شرعي سياست بجا آڻيندس". هيءَ نقل جو مضمون تاريخ طاهريءَ ۾ لکيل آهي.

قصو ڪوتاهه، اها صحبت پوري ٿي ته ٿورن ڏينهن کان پوءِ قاضيءَ هن خدمت کان استعيفا ڏيئي چيو ته "بشريت جي ڪمزوريءَ کان ڪو به خالي نه آهي. آءٌ هيءُ ڳرو بار کڻي نٿو سگهان". آخر سندن ئي ڏس تي قاضي شيخ محمد اچ واري کي گهرائي انهيءَ خدمت تي مقرر ڪيو ويو.

بزرگن کان ٻڌو ويو آهي ته جتي پاڻ اچي رهيا ۽ انهن ڏينهن کان وٺي اج تائين سندن اولاد رهندو اچي، اتي انصار قبيلي جا پويان رهندا هئا. گهڻي زماني گذرڻ ڪري انهن مان ڪو ڪو نه رهيو. سيد شڪرالله جي اولاد مان سيد محمد محسن، ولد سيد علي اڪبر، ولد سيد عبدالواسع کان ٻڌو ويو آهي ته انهيءَ قبيلي جا ڪي ماڻهو سنڌ جي ٻاهرارين ۾ رهندا آهن ۽ انهن مان هڪ پوڙهو ماڻهو، ڪڏهن ڪڏهن ٺٽي ۾ ايندو هو ته اسان سان ملڻ به ايندو هو. مقام جو چبوترو، جنهن ۾ بزرگ آرامي آهن، سو به پهريائين انهن جو هو. ڪي قبرون اڃا موجود آهن.

چون ٿا ته آڪر جي رهاڪو انصارن جو هڪ پيو قبيلو ڏاڍي طاقت ۽ مشهور دولت وارو هڪ وڏو قبيلو هو. مشهور خواجہ خواجہ شڪرجي اولاد، جن جا وڏا شيخ عيسيٰ لنڪوٽيءَ سان گڏ برهان پور ڪان آيا هئا، سي به در اصل انهن جا گماشتا هئا. [١٩٤] آخر سندن دولت جي زوال ڪان پوءِ ٺٽي جي الهندي واري مشهور محلہ ۾ خواجن ناميارو عروج حاصل ڪيو. انهن ڪان پوءِ ڪشمشي واپارين جي قوم ڪنڌ ڪنيو ۽ پنهنجو وارو وچايائون.

قصو ڪوتاهہ، سيد قاضي شڪرالله انصارن مان شادي ڪري، انهيءَ قبيلي مان سيد ظهيرالدين ناالي هڪ پٽ ڄڻيو جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو.

چون ٿا ته مٿئين سيد سان ٺٽي پيا به وڏا ڪمال جا صاحب بزرگ ٺٽي آيا هئا ۽ انهن دوستن جي وچ ۾ هڪ خاص اتحاد هوندو هو. اهي سيد منبہ، سيد ڪمال ۽ سيد عبدالله آهن جن مان هر هڪ جو بيان پنهنجي جاءِ تي ايندو. سيد شڪرالله وفات جي وقت پنهنجي ناليري پٽ کي وصيت فرمائي هئي ته ”پنهنجي اولاد کي مشڪل پيش اچڻ وقت هنن يارن مان ڪنهن به هڪڙي ڏانهن رجوع ڪرڻ جي هدايت ڪري“. انهيءَ فيصلي موجب سيد شڪرالله ثاني جي ٻنهي فرزندن سيد محمد حسين ۽ سيد ظهيرالدين ثانيءَ جي اولاد، سيد منبہ سان تعلق رکندڙ آهي. سيد نظام‌الدين جي اولاد، سيد ڪمال سان لاڳاپيل ۽ سيد عبدالرحمان جي اولاد، سيد عبدالله جي دامن کي جهليندڙ آهي. سيد شڪرالله جي قبر سيد عبدالله جي درگاهہ جي الهندي ۾ خدا وارن لاءِ زيارت گاهہ آهي.

[مير ظهيرالدين]. سندس انتقال ڪان پوءِ سندس هدايت وارو پٽ مير ظهيرالدين ولد سلام عرف مير جادم والد بزرگوار جو جانشين ٿيو. هو فضيلت ۽ چڱيءَ حالت جو مالڪ هو.

ظاهر ۾ پرهيزگاري، شريعت جي پابندي ۽ درس تدريس ۾ ۽ باطن ۾ فقيريءَ جي واٽ ۽ وڏن جي طريقي تي هلڻ ۾ مشغول هو. وفات ڪرڻ وقت ٻه پٽ ١- سيد شڪرالله ثاني، ۽ ٢- سيد عبدالرحمان نالي ڇڏي ويو.

سيد شڪرالله ثاني. پيءُ ۽ ڏاڏي جي وصفن سان سينگاريل پيدا ٿيو هو ۽ زماني ۾ نالي نيڪيءَ سان زندگاني گذاريائين. ڪانئس پوءِ چار برگزيدا فرزند پوئتي رهيا. ١- سيد محمد حسين، ٢- سيد نورمحمد، ٣- مير ظهيرالدين ثاني، ۽ ٤- سيد لطف‌الله.

[سيد محمد حسين ۽ سندس اولاد]. سيد محمد حسين پنهنجي وقت ۾ ناليرو ۽ حسبي خواه نسبي ڪمالتين سان موصوف هو. هو ٻه پٽ ١- سيد مير محمد ٢- سيد عبدالواسع ڇڏي ويو.

سيد عبدالواسع پڻ ٻه پٽ ڇڏيا ١- سيد علي اڪبر ٢- سيد علي اصغر. هرهڪ فضيلت ۽ حالت ۾ وڏن جي رسمن جو يادگار هو.

سيد علي اڪبر ٻه سڳورا فرزند ڇڏي ويو ١- سيد ابوالقاسم ٢- سيد محمد محسن.

سيد ابوالقاسم، سيد شاه والي نالي هڪ پٽ ڇڏ يو. جيڪو بزرگيءَ جي صفتن سان موصوف ۽ فضيلت ۽ چڱيءَ حالت ۾ زندگي گذاري ويو. هو مخدوم رحمت الله جو شاگرد هو. "تحفة‌المجالس" جهڙو ڪيترن علمن جو جامع نسخو سندس يادگار آهي. املا، انشاء ۽ شعر ۾ صاف طبيعت ۽ ڪافي ذهنيت جو مالڪ هو. قاضي محمد يحيٰ جي پيءُ قاضي محمد امين جي وفات جي تاريخ "الحافظ لحدود الله" ١١٣٩ (١) سان ڪڍي هئائين. سنه ١١٥٠ هه ۾ تعلقي ڪڪرالي ۾ پنهنجي جاگير جڳت پور جي ڳوٺ ۾ گذاري ويو. سندس لاش شهر

(١) الله جي حدن جو نگهبان.

۾ ڪٽي آيا. سندس شاگرد لطف‌الله ڪتابي وفات جي تاريخ "قدفات في عشقه" (١) مان لڌي آهي.

ڪانئس پوءِ ٻه فرزند رهيا ١- مير سراج‌الدين ابوالقاسم ٢- مير محمد ناصر- مير محمد ناصر دلي دوستن کي جوانيءَ ۾ ئي جدائي جو داغ ڏيئي سنه ١١٧٨ هه ۾ گذاري ويو. سندس فرزند مير شڪرالله عرف چتن نالي يادگار آهي.

مير شاهه وليءَ جو وڏو فرزند مير سراج‌الدين ابوالقاسم، وڏن جي وصفن سان [١٩٥] موصوف، وڏن جو يادگار ۽ گادي نشين ۽ سهڻن اخلاقن جو مالڪ آهي. اتفاقاً ٢٣ ذوالقعد سنه ١١٨٤ هه (٢) ۾ گذاري ويو. شعر جو چڱو ملڪو هوس. قرآن شريف مان تاريخ ڪڍڻ ۾ ته معجزو ڪري ڏيکاريندو هو. اخلاص خاطر شعر جي مشق راقم الحروف وٽ ڪندو هو. [سيد عبدالرحمان ۽ سندس اولاد] وڏي سيد ظهيرالدين والاسلام عرف مير جادم جو پٽ سيد عبدالرحمان ٽي پٽ ڇڏي ويو. ١- سيد محمد، ٢- سيد وجه‌الدين، ۽ ٣- سيد عنايت‌الله.

سيد محمد، سيد عبدالعلي نالي هڪ پٽ ڇڏيو، جنهن کي ڪو اولاد ڪونه ٿيو. پٽر جي قبر چبوتري سان، سندس دفن ٿيڻ جي جاءِ آهي.

سيد وجه‌الدين پڻ سيد محمد سعيد نالي هڪ پٽ ڇڏيو جنهن کي پڻ ڪوبه يادگار ڪونه آهي.

سيد عنايت‌الله ولد سيد عبدالرحمان وفات ڪرڻ کان پوءِ سيد اسدالله پويان ڇڏيو. سيد اسدالله کي ٻه پٽ ٿيا ١- سيد عنايت‌الله عرف سيد بولو، ۽ ٢- سيد محمد، جنهن کو پٽ ڪونه ڇڏيو.

سيد عنايت‌الله عرف سيد بولي کان پوءِ ٻه پٽ رهيا ١- سيد غلام شاهه ٢- سيد غلام اوليا- سيد غلام شاهه تازو ٽي پٽ ڇڏي گذاري ويو.

(١) هو هن جي (الله جي) عشق ۾ وفات ڪري ويو. (٢) نسخه "ن" هزار وصد و هشتاد و پنج (سنه ١١٨٥ هه)

سيد غلام اوليا قوه جوانيءَ ۾ ظاهري خواه باطني علمن جي تحصيل ڪري، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ وڏو درجو حاصل ڪري، هميشه جي دستور موجب، هر روز سيد عبدالله جي زيارت تي ويندو هو، ۽ پنهنجا برڪت ڀريا وقت چگن ڪمن ۾ صرف ڪندو هو. هو ڪرامتن جو ڏٺي تي پيو هو ۽ عين جواني ۾ هن فاني جهان کي رخصت ڪري، مريدن جي خاص جماعت ڇڏي ويو. هر مهني جي ۲۱ تاريخ، سندس وفات جي ڏينهن مطابق مريدن جي جماعت سندس زيارت تي اچي، ختمو ۽ خيرات ڪري مشڪلاتون حل ڪرائيندا آهن.

[سيد نورمحمد ۽ سندس اولاد]. سيد شڪرالله ثاني جو پٽ سيد نورمحمد، پنهنجي وقت ۾ علم ۽ معرفت جو پورو پورو مظهر ۽ دين ۽ يقين وارن جو مرجع هو.

پاڻ گذاري ويو ته سيد نظام‌الدين يادگار رهيو. سيد نظام‌الدين علم ۽ ڪمال ۾ منظم ۽ حال توڙي قال ۾ توفيق جو صاحب هو. چار پٽ ڇڏي ويو. ۱- سيد نعمت‌الله، ۲- سيد نورمحمد ثاني، ۳- سيد فضل‌الله، ۽ ۴- سيد محمد شفيع.

سيد نعمت‌الله فضل ۽ ڪمال جو علمبردار ۽ بزرگيءَ جي سيني خوبين جو جامع هو.

سندس انتقال کان پوءِ سيد عطاءُالله ڏاڏي جي اولاد ۾ نهايت ممتاز حيثيت ۾ گذاريو. هن شان و شوڪت ۾ مير لطف‌الله شيرازي ۽ ٻين وڏن رئيسن جومٽ رهي، زندگي گذاري، ٻه فرزند سڳورا ۱- سيد عبدالله، ۽ ۲- سيد محمد ناصر ڇڏي ويو.

سيد عبدالله نهايت ڪمال جو صاحب هو ۽ نقشبندي سلسلي سان تعلق هوس. وفات کان پوءِ ڪوبه اولاد ڪونه ڇڏيائين.

سيد محمد ناصر تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ پنهنجي وقت ۾ بينظير پيدا ٿيو.

چون ٿا ته سڄي عمر ۾ ڪڏهن به ڪنهن زال جو منهن ڪونه ڏٺو هئائين ۽ حيوانن ۾ نر ۽ ماديءَ جو فرق نه ڪري سگهندو هو. نقشبندي سلسلي ۾ وڏو ڪمال حاصل ڪري، مريدن جو مقصد ۽ حاجتمندن جو مرجع رهيو.

نقل آهي ته مٿين سيد جي ڏينهن ۾ اوچتو اچي ڏڪار پيو. ماڻهو مهانگ ۽ وبا ۾ گرفتار ٿي وڃي ولين جي قبرن تي ملتجي ٿيا. هڪ بزرگ خواب ۾ ڏٺو ته جيڪڏهن ڪو اهڙو ڪامل پرهيزگار، جنهن عمر ڀر پنهنجي اکهڙ به نه ڏٺي هجي، ٻاهر نڪري ٻاران نماز پاڙهيندو ته پوءِ البت دنيا تي رحمت جي مينهن جي ڀالوٽ ٿي سگهندي. پوري لٺي ۽ ان جي آس پاس ۾ سيد جي شخصيت کان سواءِ ڪو اهڙو ماڻهو ڪونه لڌو. هڪڙي بزرگ پڻ خواب ۾ سندن ڏس ڏنو. نيٺ ماڻهو [١٩٦] قاضي محمد حسين ڏانهن ويا جنهن کين تڪليف ڏني. اگرچ پاڻ، ڏيکاءَ ۽ ڪرامتن جي مشهوري، جا هن خاندان ۾ منع آهي، جي خوف کان قبول نه ڪيائون پر سندن والده پڻ تحريڪ فرمائي. چون ٿا ته جڏهن سندن والده کين [ٻاهر نڪري نماز پاڙهڻ جي] تڪليف ڏيڻ لڳي تڏهن چيائين ته ”هن نموني ظاهر ٿيڻ کان پوءِ شايد هن جهان کان موڪلائڻو پوندو“. جنهن تي سندس توفيق واريءَ ماءُ فرمايو ته ”جيڪڏهن خدائي ارادو اهڙي طرح جاري ٿيڻو آهي ته دنيا جي آرام جي مقابلي ۾ جيڪا به سندن رضا هجي سا پلي ظاهر ٿئي“. تقدير جو اتفاق ڏسو جو ٻاران نماز، جا خلق تان مهانگ ۽ وبا جي مصيبت رفع ٿيڻ جو باعث ٿي، ڪان پوءِ، سيد دنيا کان سفر ڪري ويو. جڏهن ته شادي ڪانه ڪئي هئائين تنهڪري اولاد ڪونه ڇڏيائين.

سيد نورمحمد ثاني ولد سيد نظام الدين، جنهن جو بيان ته گذريو، ٻه فرزند ڇڏي ويو. ١- سيد ابوالقاسم، ۽ ٢- سيد نظام الدين ثاني.

سيد ابوالقاسم وڏن جي رستي تي چڱيءَ طرح هلي، وفات وقت سيد مير ڪشاه پويان ڇڏي ويو. هو فضيلت ۾ ممتاز هو. ۽ پنهنجي ماسي قاضي محمد يحيٰ سان گڏ هندستان وڃي وجه معاش ۽ اولاد پيدا ڪيائين. ٿوري وقت ڪان پوءِ گذاري ويو ۽ پٽ ڪونه ڇڏيائين.

سيد نظام الدين ثاني، فقه [جي علم] ۾ سيني ڪان وڌيڪ توفيق وارو ۽ ٻين علمن ۾ وڏو عالم سگهورو پيدا ٿيو. طبيعت جي جذبي جي وس ٿي، جهان آباد (دهليءَ) ڏانهن هليو ويو ۽ فتاوري عالمگيريءَ متعلق ٻين عالمن جا ڪيئي مشڪل حل ڪيائين. بادشاه ڪي خبر پيئي، تنهن عهدي قبول ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ڇاڪاڻ ته بادشاه جي قاعدي موجب علم وارن ڪي نوڪر جي نالي سان نه سڏيندا هئا. [سيد] انهيءَ ڪان انڪار ڪيو. تنهن تي بادشاه وظيفي قبول ڪرڻ جي تڪليف ڏني ته به سيد راضي نه ٿيو. نيٺ جلدئي، آتي آخرت جو سفر اختيار ڪيائين. ڪانئس پوءِ ٻه فرزند رهيا هڪ سيد عرب شاه، ٻيو سيد احمد.

سيد عرب شاه ڪي پڇاڙيءَ ۾ جذبي جي حالت پيدا ٿي پيئي، وفات وقت اولاد ڪونه ڇڏيائين.

سيد احمد جو هڪ فرزند سيد عطاءُالله نالي باقي آهي. جنهن خدا جي قدرت سان شادي ڪري فرزند ڄڻيا ۽ سيني جي وفات ڪرڻ ڪري عين جوانيءَ ۾ مجذوب ٿي پيو.

وڏي سيد نظام الدين بن سيد نورمحمد بن سيد شڪرالله ثاني جي فرزند سيد فضل الله ٻه فرزند ڇڏيا ١- سيد رحمت الله عرف سيد مهتو، ۽ ٢- سيد ابوالحسن.

سيد رحمت الله وقت جو وڏي ۾ وڏو متقي ۽ پلي ۾ پلو ولي هو. هن سيد ڪمال جي درگاه تان فيض پرايو هو. ۽ ڪمال جي صاحبن مان هڪ وڏيءَ جماعت جي صحبت ۾ رهي، نقشبندي سلسلي جي نسبت ممتاز حيثيت جو مالڪ ٿيو

هو. هو پڪن مريدن جي هڪ جماعت ڇڏي ويو جا اڄا تائين هر مهيني جي پنجين تاريخ سندس وفات جي ڏينهن مزار تي ختمو، زيارت ۽ خير خيرات ڪندي، ڏاڍو فيض پرائيندي اچي.

هو پويان سيد محمد صادق کي ڇڏي ويو، جو وڏيءَ عمر کي پهچي فاني جهان ڇڏي ويو ۽ نرينه اولاد ڪانه ڇڏيائين. مٿئين سيد فضل الله جي پٽ سيد ابوالحسن، سيد ابوالبقا نالي هڪ پٽ ڇڏيو.

وڏي سيد نظام الدين، بن سيد نورمحمد، بن سيد شڪرالله ثاني جو فرزند سيد محمد شفيع، حق جي واٽ جو سالڪ، مشهوريءَ کان پري پڇندڙ هو، ۽ نهايت فضل ۽ ڪمال سان رهي گذاري ويو.

هن سيد محمد جعفر نالي هڪ پٽ ڇڏيو جو بزرگي ۽ چڱيءَ حالت ۾ رهي گذاري ويو.

هن کان پوءِ سندس پٽ، سيد بزرگ نالي، جاءِ نشين ٿيو، جيڪو قوه جوانيءَ ۾ مجذوب ٿي پيو ۽ ڪجهه وقت انهيءَ حالت تي رهي گذاري ويو.

[سيد ميرمحمد]. سيد ميرمحمد بن سيد حسين ولد سيد شڪرالله ثاني، سيد محمد حسين نالي هڪ پٽ ڇڏي ويو. انهيءَ سيد محمد سعيد نالي هڪ پٽ ڇڏيو. [١٩٧] انهيءَ مان سيد محمد مير نالي فرزند پيدا ٿيو، جنهن نرينه اولاد ڪانه ڇڏي.

[سيد علي اصغر ۽ سندس اولاد]. سيد علي اصغر، ولد سيد عبدالواسع، بن سيد محمد حسين، بن سيد شڪرالله ثاني، ٽي پٽ ڇڏي ويو ١- سيد حبيب الله عرف سيد ساجو، ٢- سيد فتح محمد عرف سيد ڦتو، ۽ ٣- سيد محمد فاضل.

سيد حبيب الله ٽي پٽ ڇڏي ويو. ١- سيد محمد حسين عرف ماڪر پيو، ٢- سيد صالح محمد عرف سيد ٺاريو ۽ ٣- سيد مڱيلڌو.

سيد محمد حسين عرف مير ماڪر پيو پير قمرالدين نالي فرزند ڇڏي ويو. باقي سيد صالح محمد عرف سيد ٺاريو ۽ سيد مڱيلڌو حيات آهن.

سيد فتح محمد عرف مير ڦُتو چار پٽ ڇڏي ويو ١- سيد مراد علي [عرف] پارو: جيڪو سنه ٨٦ ۾ گذاري ويو ۽ سندس پٽ مير ذوالفقار علي يادگار آهي. ٢- سيد علي جيڪو فرزندن سميت حيات آهي، ٣- سيد محمد فاضل: هو پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو ۽ ٻه فرزند ڇڏي ويو، ٤- سيد فقير محمد: جيڪو پڻ پيءُ جي نشاني باقي آهي.

[سيد محمد محسن]. سيد محمد محسن ولد سيد علي اڪبر بن سيد عبدالواسع بن سيد محمد حسين بن سيد شڪرالله ثاني. ڏاڍي بزرگيءَ سان وڏيءَ عمر ۾ ٢٥ ربيع الثاني سنه ١١٠٨ ۾ گذاري ويو ۽ اولاد ڪونه ڇڏيائين!

[سيد ظهيرالدين ثاني ۽ سندس اولاد] سيد ظهيرالدين والا سلام عرف جادم ثاني ولد سيدشڪرالله ثاني، علم، عمل، پرهيزگاري ۽ تقويٰ ۾ وڏن جي وصفن جو نچوڙ هو.

ڪانئس پوءِ سيد محمد مقيم بزرگيءَ جي رستي تي مقيم (قائم) رهيو. هو ٻه پٽ ١- سيد محمد ڪاظم ٢- سيد محمد سعيد ڇڏي ويو.

سيد محمد ڪاظم عجيب حالتن جو مالڪ هو. ٻه ٻه ٽي ٽي ڏينهن ننڊ ۾ جنهن کي عين بيداري سمجهڻ گهرجي، خلوت ۾ پيو هوندو هو. ۽ ماڻهو هن جو قلبي ذڪر ٻڌندا هئا. آخر پاڻيهي جاڳندو هو. اهڙيون پيون ٻه ڪيتريون ڪماليتون هيس، جيڪي شمار کان ٻاهر آهن. هو ٻه پٽ ١- سيد محمد عارف ٢- سيد عزت‌الله ڇڏي ويو.

سيد محمد عارف، قوت، بهادري ۽ سير و شڪار جي خوبين ۾ وقت جي عجائبات مان هو. شادي ڪرڻ کان پوءِ عين جوانيءَ ۾ گذاري ويو ۽ ڪو نرينه اولاد ڪونه ڇڏيائين.

سيد عزت‌الله نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ ۾، وڏن جي رستي تي چڱيءَ طرح هلي گذاري ويو. سندس رحلت جو واقعو سنه ١١٦١ ۾ آهي. "بارحمت ايزدي پيوست" سندس

تاريخ آهي. هو ڇهه فرزند ڇڏي ويو. ۱- سيد فخرالدين، ۲- سيد يارمحمد، ۳- سيد امين محمد، ۴- هنن ورقن جو ڪارو ڪندڙ بندو علي شير، ۵- سيد محمد صلاح عرف سيد محمد شاه، ۽ ۶- سيد ضياءالدين:

سيد فخرالدين حياتيءَ جو وقت ڏاڍي بزرگيءَ هوندي به سادگيءَ جي نموني تي گذاري ۲۲ ذوالقعد سنه ۱۱۸۴ھ (۱) ۾ خدائي رحمت سان واصل ٿيو. مير حيدرعلي نالي هڪ صاحب توفيق فرزند ڇڏ يائين.

سيد يارمحمد بزرگانه وضع سان، نهايت انسانيت ۽ حسبي خواه نسبي ڪمال سان موصوف رهي تاريخ ۱۹ شعبان سنه ۸۶ (سنه ۱۱۸۶) ۾ رحلت ڪري ويو. ٻه فرزند ۱- مير ڪريم الدين ۲- مير عظيم الدين [ڇڏ يائين] - مير عظيم الدين جو سمجهه سان ٿينديءَ نهايت بلاغت سان پريل، موزون طبع رکي ٿو، هن وقت تائين زنده آهي.

سيد امين محمد (۲) ٻنهي پٽن ۱- سيد صدرالدين، ۽ ۲- سيد محمد انور سميت [زنده آهي].

هن ڳالهه جو لکندڙ بنده علي شير پڻ بن تازه چاول فرزند مير غلام علي ۽ مير غلام ولي الله، جن جي نالن جا عدد سندن ڄمڻ جو سال ڏيکارين ٿا، سان يادگار موجود آهي.

سيد محمد صالح عرف محمد شاه، غريبي حال ۽ مسڪيني نموني سان نهايت سادگي ۽ بي نفسي [جي حالت] ۾ (گذاري) خدائي گهر موجب ۲۲ جمادي الثاني سنه ۱۱۸۶ھ ۾ دوستن کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو.

مير ضياءالدين وڏن جي يادگارن جي سلسلي ۾ زنده آهي. (۳)

(۱) نسخه "ن" بسال هزار و صدو هشتاد و پنج (سنه ۱۱۸۵ھ)
(۲) نسخه "ن" ۾ هتي "عرف سيد موتو" زياده آهي (۳) ياد رکڻ جي قابل آهي ته مصنف پنهنجي دستخطي نسخه ۾ هن جاءِ تي ڏاڍي پاهه ۽ وهه ڪئي آهي ترجمي ۾ لکيل مضمون ڪجهه متن ۾ ته ڪجهه حاشيه تي لکيل آهي جو سوڌي سمجهائي هتي رکيو ويو آهي.

سيد محمد سعيد ولد سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين والاسلام عرف جادم ثاني ۾ هڪ فرزند سيد محمد اشرف نالي ڇڏي ويو. سيد محمد اشرف وڏن واري نهايت غربت واري وضع ۾ رهي، ٻه فرزند ١- سيد جادم، ٢- سيد محمد سعيد نالي ڇڏي، گذاري ويو.

سيد جادم اوچتو ڦوه جوانيءَ ۾ وڃي رب جي رضا سان واصل ٿيو.

سيد محمد سعيد شادي ڪري ٻار ڄڻيا ۽ اهل عيال سميت هن بي بقا گهر مان لڏي ويو ۽ ڪوبہ نالو وڏن جي يادگار طور ڪونہ ڇڏ يائين.

سيد شڪرالله جي اولاد مان ڪن جا نالا نا واقفيت سبب هن ڪتاب ۾ داخل نہ ٿي سگهيا آهن. اميد تہ اها تقصير معاف ڪئي ويندي.

سيد ڪمال ۽ سيد جمال. ٻئي بزرگوار، ڀلارن جو نچوڙ، ڀائر، اصل حسيني گهراڻي شيراز جا رهندڙ، مٿئين سيد شڪرالله جي دوستي ۽ رفاقت ۾ ٺٽي ۾ آيا آهن. جنهن صورت ۾ ٻنهي ڇڙو ڇڙمل رهي زندگي گذاري تنهنڪري ڪانئس پوءِ ڪابہ اولاد ڪانہ رهي.

سيد ڪمال نهايت گهاٽو يار، [١٩٨] انهن چئن يارن ۾ داخل آهي، جن جو بيان سيد شڪرالله جي ذڪر ۾ ٿي آيو. وفات کان پوءِ رهڻ واري حويليءَ ۾ دفن ٿيو. سندس زيارت جي برڪت ملڪين مشهور ۽ سندس توسل جون ڪرامتون، خاص خواه عام ماڻهن ۾ مذڪور آهن.

سيد جمال گذاري ويو تہ ڪيس سيد عبدالله جي درگاهہ جي الهندي ۾ سيد شڪرالله جي پرسان دفن ڪيو ويو. صاحب دل ماڻهو سندس زيارت کان فيضياب ٿيندا رهن ٿا.

سادات ماژندراني عرف لوڏي

سندن وڏو، سيد بدرالدين ماژندران ڇڏڻ ڪان پوءِ شاندار درگاهن (١) جي زيارت سان مشرف ٿـي سنہ ٩٦٧ ھ ۾ عربي سمنڊ جي رستي ديول بندر تي لهي، رهڻ لاءِ ٺٽي روانو ٿيو. جڏهن ساڪوري پرڳڻي جي هالا ڳوٺ ۾ پهتو تڏهن انهيءَ ڳوٺ جي ناليري بزرگ سيد سلطان شاه برقعہ پوش عرف لوڏي، سيد جي اچڻ جي خبر ٻڌي ڪيس اتي رهڻ جي تڪليف ڏني. هن جي صحبت سندس دل کي ڪشش ڪئي ۽ سيد بدرالدين هميشه لاءِ اتي ئي رهجي پيو. تقدير ٿوري وقت ڪان پوءِ سيد سلطان شاه گذاري ويو. سندن نياڻيءَ جي شادي سيد بدرالدين سان ڪرايائون. سيد کي مقرر وقت ۾ انهيءَ معصومہ مان ٽي پٽ ڄاوا. ١- سيد لوڏي، ٢- سيد جنيد، ۽ ٣- مير ڪمال الدين محمد.

سيد لوڏي ۽ سيد جنيد ٻئي انهيءَ ڳوٺ ۾ گذاري ويا. سندن ۽ سندن اولاد جون قبرون انهيءَ ڳوٺ ۾، جو گهڻي عرصي ڪان ويران آهي، يادگار آهن.

[سيد ڪمال الدين ۽ سندس اولاد]. سيد ڪمال الدين محمد، سهڻين ڪمالتن سان سينگاريل پيدا ٿيو. هو گهڻو ڪري مڪليءَ جي بزرگن جي زيارت ڪان فيضياب ٿيندو هو. اتي سيد ظهيرالدين والاسلام عرف مير جادم وڏي سان سندس ملاقات جو اتفاق ٿيو. رفتي رفتي ڳالھہ دوستيءَ ڪان وڌي وڃي اتحاد کي پهتي. ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ سيد ڪمال الدين اچي، ٺٽي ۾ مٿئين سيد جي پاڙي ۾ رهيو ۽ اتحاد جو سلسلو وڌيڪ مضبوط ڪيائين. هو ٽي پٽ هرهڪ ١- مير ابوالفتح ٢- مير مظفر ٣- مير عبدالخالق، ڇڏي ويو.

---

(١) يعني ڪربلا معلي وغيره اهل بيتن جون عراق عجم واريون درگاهون.

مير ابوالفتح وفات وقت ٽي فرزند ڇڏيا ۱- سيد محمد ۲- سيد محمد پناه ۳- سيد محمد شاه. مير عبدالخالق ڪان پڻ ٽي پٽ، ۱- مير بيگ محمد ۲- مير جهنڊو ۳- مير سيد (۱) رهيا.

مير سيد محمد ولد سيد ابوالفتح بن مير ڪمال الدين، جنهن جو بيان ٽي آيو، ٻه پٽ ڇڏيا. ۱- مير عبدالعلي ۲- مير عبدالنبي.

مير عبدالعلي شريعت جي پابندي ۽ علمي قابليت ۾، پنهنجي وقت ۾ ناليرو ٿي رهيو. سڪرن جي محلي ۾ مهر نالي هندن جي مڙهي زوريءَ پٽي، مشهور مسجد ٺهرايائين.

ڪانئس پوءِ سيد محمد عرف مير شيخو رهيو. جنهن جا پٽ ۱- سيد محمد ملوڪ، ۲- سيد محمد پناه، ۳- سيد محمد شاه، ۽ ۴- سيد عالم شاه، هئا.

انهن مان سيد محمد ملوڪ ٻه پٽ ۱- سيد محمد پناه ۲- سيد محمد شاه، ڇڏي ويو. سيد محمد پناه هڪ پٽ ڇڏي وفات ڪري ويو. ۽ سيد محمد شاه اڃا تائين حيات آهي. سيد عالم شاه عرف مير جمال الدين عمر جهان آباد (دهليءَ) ۾ گذاري، پوين ڏينهن ۾ روهڙيءَ اچي هميشه لاءِ رهجي پيو. ڪانئس پوءِ ٻه پٽ رهيا سيد وجہ الدين ۲-سيد محمد ثاني.

مٿين سيد ڪمال الدين جي ٻي اولاد پڻ پنهنجي وقت ۾ ناليري ٿي. جن مان ڪي ٺٽي جي ٻين محلن ۾ رهندڙ آهن.

هڪڙو سيد مير [۶۹۹] سنگ تراشن جي محلي ۾ رهي ٿو. مٿين سيد مير جي اولاد مان سيد بيگ محمد ۽ سيد ٿارو پٽي هٽ بازار جي پويان رهن ٿا.

سيد بيگ محمد مٿين جي اولاد مان يادگار باقي آهي

[سيد سعدالله]. سيد سعدالله (۲) ولد سيد فضل الله بن سيد مظفر بن سيد عبدالخالق، جنهن جو بيان ٽي آيو، ناليرو

(۱) هتي فقط مير سيد لکيل آهي پيو ڪو نالو لکيل ڪونہ آهي.
(۲) نسخہ "ن" نورالله.

مرد ٿي گذريو آهي. سندس اولاد مان سيد جهنڊو پٽن سميت ۽ سيد مظفر موجود آهن.

سيد عبدالنبيءَ جي اولاد مان سيد محمد خليق گهڻن سالن کان مٺي لڪيل مهر واريءَ مسجد ۾ گم ٿي ويو. سندس فرزند نالي سيد گل موجود آهي.

سيد هدايت الله بن سيد عبدالنبي جا ٻه فرزند سيد جمن ۽ سيد ابوالبقا حيات آهن.

مٺين مير ڪمال الدين ساڙندرانيءَ جي اولاد مان سيد محمد ملوڪ، هڪ الله وارو آهي جو شاهه دادن جي درگاهه جي پرسان جمنا جي زمين ۾ آرامي آهي. حضرت پير رحمة الله عليه جا خليفا هر سال ربيع الثاني مهيني جي ١١ تاريخ جي پچاڙيءَ ۾ اتي اچي گڏ ٿيندا آهن. معتبر ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي ته هو نواب لشڪرخان جي حڪومت واري سنه ١٠٧١ ۾ ٻنوري پرڳڻي جي خالصه جو حاڪم هو. ۽ هڪ هندو، جنهن پاڻ کي وقت جو صاحب ۽ موحد ٿي سمجهيو، تنهن سان لڙائي ڪندي شهيد ٿيو. سندس لاشو اتان کڻي آيا. هن وصيت ڪئي هئي ته جتي منهنجو لاشو اچي ويهي، مون کي اتي دفن ڪجو. [سندس لاش] اچي انهيءَ زمين تي قرار ورتو جتي سندس قبر آهي ۽ عام خلق لاءِ زيارتگاهه ٿيو.

[سيد علي ساڙندراني]. سيد علي بن سيد عبدالقدوس ساڙندراني. خط نسخ، خط ثلث ۽ ٻين خطن ۾ مشهور سيد عليءَ جو مٽ هو. هو مخدوم الياس خوشنويس جو شاگرد آهي، جنهن جي شاگرديءَ جي برڪت سان ڪيئن بزرگ خوشنويسيءَ ۾ ناليرا آهن.

عربشاهي، سبزواري ميرڪ سيد

جيڪي حال جي بزرگيءَ ۽ خصلتن جي عمدگيءَ جي ڪمال ۾ مشهور آهن.

[ميرڪ شيخ محمود]. ميرڪ شيخ محمود، ولد ميرڪ ابوسعيد، بن اميرعلي شاه سبزواري عرب شاهيءَ ميرڪ ابوسعيد شيخ جلال‌الدين بايزيد پورانيءَ جو ڏوهٽو آهي. هو سبزوار مان لڏي اچي قنڌار ۾ ويٺو هو. سندس پٽ هرهڪ شيخ ميرڪ محمود، جنهن جو ذڪر ٿي آيو، ۽ ميرڪ بايزيد، شاه بيگ ارغون جي قنڌار مان نڪري، سنڌ فتح ڪرڻ وقت، ساڻس گڏجي سنڌ ۾ آيا. ميرڪ بايزيد بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ميرڪ محمود اچي ٺٽي ۾ رهيو. هو نهايت فضيلت، سخا، زهد ۽ تقويٰ ۾ ممتاز رهي، سالن جا سال شيخ الاسلاميءَ جي اعليٰ عهدي تي سرفراز هوندي به ڪيترن طالب علمن کي ڪامل فيض عطا ڪندو رهيو. خط نستعليق ۾ ڏاڍو ماهر هو. سندس وفات محرم سنه ٩٦٢ ھ ۾ ٿي. "رفت ميرک آه آه" سندس تاريخ آهي. پنهنجي اولاد جي محلي ۾ هڪ عاليشان مسجد ۽ مقام جي مشهور رائنڪ سندس تعمير آهي. ٽي پٽ هرهڪ ١- شيخ ميرمحمد، ٢- ميرڪ عبدالباقي، ۽ ٣- ميرڪ عبدالرحمان ڇڏي ويو.

شيخ مير محمد. هڪ اعليٰ درجي جي خوبين سان موصوف ۽ انساني فضيلتن سان مخصوص ميرڪ هو. سال ٩٧٠ ھ ۾ گذاري ويو. جامع فتاوي پوراني سندس يادگار آهي. ظاهر اولاد ڪونہ ڇڏيائين.

ميرڪ شيخ عبدالباقي. پيءُ کان پوءِ شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي پيءُ جو جانشين ٿيو. سيني علمن، خصوصاً هيئت ۽ حڪمت جي علم ۾ ڪامل هو. مولانا عبدالخالق گيلاني، جو مولانا مرزا جان ۽ شاه فتح الله جو همعصر هو، پڻ ڪي علمي باريڪ نڪتا وٽانئس حل ڪيا. اقليدس (جاميٽري) ۾ ايتري تہ دسترس هيس، جو ڪيتريون پنهنجون شڪليون ايجاد ڪيون هئائين جيڪي سڀني کي [٢٠٠] پسند آيون هيون،

[سيد شيخ محمود ثاني ۽ سندس اولاد]. سيد شيخ محمود ثاني ولد ميرڪ عبدالباقي، پيءُ جي وفات کان پوءِ شيخ الاسلامي جي عهدي تي رهي سڳورا وقت گذاريا. هو ڪمالات ۾ پنهنجي وقت جو بينظير هو. سنه ۱۰۲۰ هه ۾ وفات ڪيائين. "ع يافت ميرک مقام محمودي" سندس تاريخ آهي. ٽي پٽ ڇڏيائين ۱- ميرڪ عبدالباقي لقب سيد خواجه، ۲- ميرڪ شاه خواجه، ۽ ۳- ميرڪ عبدالوهاب ثاني.

ميرڪ عبدالباقي، جو سيد خواجه جي لقب سان ملقب هو، سو لائق ڪمالات سان سينگاريل ۽ پنهنجي موروثي شيخ الاسلامي سان موصوف رهي، زندگي گذاري ويو. سندس وفات سنه ۱۰۵۸ هه ۾ ٿي. "مير عبدالباقي آسوده بفردوس نعيم" سندس تاريخ آهه. هو ٻه پٽ ۱- ميرڪ عبدالهادي، ۽ ۲- ميرڪ محمد مهدي، ڇڏي ويو.

موروثي شيخ الاسلامي ميرڪ عبدالهاديءَ کي ملي. هو حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري گذاري ويو ۽ اولاد ڪانه ڇڏيائين. سندس وفات سنه ۱۰۸۶ هه ۾ لڳن ٿا. "هادي اهل ڪرم يافت مقام محمود" هن جي تاريخ جو مادو آهي.

پاءُ کان پوءِ وڏن جو عهدو يعني شيخ الاسلامي ميرڪ محمد مهديءَ هٿ ڪئي. هن جي گذاري وڃڻ تي، سندس پٽن هرهڪ ۱- ميرڪ محمد شفيع، ۽ ۲- ميرڪ اميرمحمد جي هوندي به مٿيون عهدو سندس چاچي ميرڪ عبدالوهاب کي نصيب ٿيو. هو پنهنجي قسمت جا ڏينهن نهايت شان ۽ عزت سان گذاري سنه ۱۱۱۲ هه ۾ وفات ڪري ويو ۽ پٽ ڪونه ڇڏيائين.

تنهن کان پوءِ مٿئين ميرڪ محمد مهدي جو پٽ ميرڪ محمد شفيع چڱيءَ حالت ۾ گذاري ويو ۽ اولاد ڪونه ڇڏيائين.

ميرڪ محمد مهديءَ جو ٻيو فرزند، ميرڪ مير محمد هڪ فرزند ميرڪ محمد افضل نالي ڇڏي گذاري ويو ۽

اهو پنهنجي چاچي ميرڪ محمد شفيع جي انتقال کان پوءِ بزرگيءَ جي گاديءَ تي ويٺو. هو سنه ١١٤٠ هه ۾ تي پٽ ١- ميرڪ محمد احسن، ٢- ميرڪ محمد محسن، ۽ ٣- ميرڪ عطاءالله، ڇڏي وفات ڪري ويو.

ميرڪ محمد احسن هڪ نهايت چڱو ماڻهو ۽ وڏن جي سهڻين وصفن جو خاتم پيدا ٿيو. ايران جي بادشاهه نادرشاهه جي اچڻ ۽ دهليءَ جي بادشاهه کان گادي کسڻ کان پوءِ سخت تڪليفون سهي داغستان ويو ۽ شيخ الاسلامي جو عهدو جو گهڻي وقت کان ڪالعدم ٿي چڪو هو، سو نئين سر حاصل ڪري، حياتيءَ جا ڏينهن انسانيت ۽ امتياز سان ڏاڍيءَ ترقي ۾ گذاريائين. هو سنه ١١٦٧ هه ۾ گذاري ويو. ”جنت الماوي مقام احسن است“ مان سندس تاريخ نڪري ٿي.

هاڻي سندس پاٽ ميرڪ محمد محسن وڏن واري شيخ الاسلامي جي عهدي تي آهي. سندن ٽيون ڀاءُ ميرڪ عطاءالله عرصي کان گذاري ويو آهي. ڪابه اولاد پوئتان ڪانهيس.

ميرڪ شيخ محمود ثاني جو پيو فرزند ميرڪ شاهه خواجه، ٻه فرزند ١- ميرڪ عرب شاهه، ۽ ٢- ميرڪ محمد عابد، ڇڏي ويو.

ميرڪ عرب شاهه کان ميرڪ محمد وارث، بزرگيءَ جي ورثي جو وارث ٿيو. سندس وفات سنه ١١٥٩ هه ۾ آهي. سندس پٽ ميرڪ عبدالرزاق تازو گذاري ويو آهي. سندس پٽ باقي آهن.

ميرڪ محمد عابد، هڪ ناليرو فرزند ميرڪ محمد جعفر نالي ڇڏيو. هو ٽي پٽ ١- ميرڪ محمد عابد، ٢- ميرڪ بزرگ، ۽ ٣- ميرڪ محمد پناهه عرف مهتو ڇڏي ويو.

ميرڪ محمد عابد عرف مراد عليءَ کان [٢٠١] چار پٽ پوئتي رهيا هر هڪ ١- ميرڪ محمد نقي، ٢- ميرڪ محمد جعفر عرف چتو، ٣- ميرڪ قتو، ۽ ٤- ميرڪ چاندو.

ميرڪ محمد بزرگ، جو سنہ ١١٧٠ ۾ گذاري ويو، تنهن
۾ صغير پٽ خيرالله ۽ ميرڪ ورايو پوئتي ڇڏيا.
ميرڪ محمد پناهہ عرف مهتو ١١٧٣هہ ۾ گذاري ويو.
ڪانئس پوءِ سندس پٽ مير روشن علي نالي رهيو.
[مير عبدالرحمن ۽ سندس اولاد]. ميرڪ شيخ محمد
وڏي جو فرزند ميرڪ عبدالرحمان وڏن جي فضيلتن ۽ صالحن
جي شاندار خوبين سان سينگاريل ۽ بزرگيءَ ۽ قابليت سان
نهايت شامل رهي، ممتاز حيثيت ۾ رهي گذاري ويو. ڪيس
۾ پٽ هئا. ١- ميرڪ عبدالواسع، ۽ ٢- ميرڪ عبدالرحيم.
ميرڪ عبدالواسع ڏاڍو فاضل ۽ وڏو بزرگ هو. هو
شاعريءَ ۾ استاذ هو. ڪانئس پوءِ ٽي پٽ رهيا. ١- ميرڪ
محمد معين عرف لالا، ٢- ميرڪ محمد حسين، ۽ ٣- ميرڪ روح الله.
ميرڪ محمد معين ۾ پٽ ١- ميرڪ محمد نعيم، ۽ ٢- ميرڪ
محمد تقي ڇڏيا.
ميرڪ محمد تقيءَ کي هڪ پٽ هو. ميرڪ علي احمد
عرف مير الڻ. هو سال ١١٦٦هہ ۾ گذاري ويو. سندس پٽ
ميرڪ محمد تقي عرف اپن، هن وقت وڏن جو يادگار آهي.
ميرڪ محمد حسين ولد ميرڪ عبدالواسع بن ميرڪ
عبدالرحمان هڪ مجذوب سالڪ ۽ ڪشف ۽ حالت جو صاحب
هو. سوالين جي دلين جون ڳالهيون معلوم ڪري، بغير سوال
جي سندن عرض جو غرض پورو ۽ ڪئين مشڪلات حل
ڪندو هو. ڪنهن به وقت سندس زبان مان غيب جي خبرن
ظاهر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو حرف ڪونہ نڪرندو هو.
ڪو اولاد ڪونہ ڇڏيائين.
ميرڪ روح الله پڻ پنهنجي ڀاءُ ميرڪ محمد حسين وانگيان
ڪو پوير ڪونہ ڇڏيو.
ميرڪ عبدالرحيم ولد ميرڪ عبدالرحمن ۾ پٽ ڇڏيا
١- ميرڪ احمد، ۽ ٢- ميرڪ أبو سعيد. ٻئي ڀائر پنهنجي جاگهر

ڏورڪيہ (١) جي ڳوٺ ۾ رهي گذاري ويا. پنهي جي اولاد اتي موجود آهي.

[شيخ عبدالوهاب]. شيخ عبدالوهاب ولد شيخ بايزيد بن شيخ ابوسعيد، مٿئين شيخ ميرڪ محمود جو پاٽئيو آهي. جئن مٿي لکي آياسون، سندس پيءُ اچي بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. ۽ سندس اولاد اڃا تائين اتي آهي. جهڙي طرح سکر جي بيان ۾ ذڪر ٿي آيو. شيخ عبدالوهاب ٺٽي ۾ اچي، نهايت بزرگيءَ سان وڏن جي طريقي کي زنده رکڻ ۽ سيني علمن ۾ ماهر هجڻ جي حالت ۾ سنہ ٩٧٠هہ ۾ گذاري ويو.

سادات عريضي سبزواري

[مير عبدالله سلطان]. مير عبدالله سلطان ولد مير ابولمڪارم بن مير غياث الدين محمد (٢) عرف سلطان رضائي سبزواري، جو 'حبيب السير' جي مصنف خوند مير جو پوٽو ۽ سلطان جنيد صفويءَ جو ڏوهٽو هو.

مٿين بزرگن جو تورو بيان بکر ۽ سيوستان جي احوال ۾ ٿي آيو آهي. ۽ جئن لکي آيا آهيون، مير عبدالله سلطان پنهنجي پاءُ مير عبدالرسول سان گڏ، شاهہ جهان بادشاهہ جي ڏينهن ۾ اچي هميشه لاءِ ٺٽي رهيو هو. مير عبدالرسول وفات وقت ڪو پوير ڪونہ ڇڏيو.

باقي مير عبدالله سلطان، جو پنهنجي وقت ۾ انسانيت جي فنن جو جامع ۽ مشهور شاعر هو، سو پنج پٽ ١- ميرشڪرالله، ٢- مير محمد قاسم، ٣- مير عبدالرحمان، ٤- مير محمد عارف، ۽ ٥- مير محمد عالم، ڇڏي ويو.

انهن مان مير محمد قاسم ۽ مير محمد عالم ڪابہ نرينہ اولاد ڪانہ ڇڏي.

---

(١) نسخہ "ن" آهورڪيہ (٢) نسخہ "ن" محمود

مير شڪرالله ڏاڍي بزرگيءَ سان رھي گذاري ويو [١٠٢] ۽ پٽ ١- مير محمد عالم ۽ ٢- مير محمد هاشم ڇڏيائين. ٻنهي هن فاني جهان ڪان موڪلائڻ وقت ڪا نشاني ڪانہ ڇڏي.

مير محمد عارف پنھنجي زماني جو مشھور معروف ماڻھو هو. مير محمد نالي هڪ پٽ يادگار ڇڏيائين. اتفاقاً انهيءَ ۾ ڪوبہ نرينہ اولاد پويان ڪونہ ڇڏيو.

مير عبدالرحمان، حسب ۽ نسب جي بزرگيءَ سان، هن گهراڻي جي شمع روشن ڪئي. وفات ڪان پوءِ ٻہ پٽ مير ابوالبقا ۽ مير علي اصغر ڇڏي ويو. مير علي اصغر حرمين شريفين زاد هما الله شرفا و تعظيما جي زيارت لاءِ ويو ۽ اتي وڃي الله کي پهتو.

مير ابوالبقا عرف بھرورعلي، جو هن برگزيدہ خاندان جو خاتمو هو، سو عزت وارو ٿي گذريو آهي. شاعريءَ ۾ وڏي دسترس رکندو هو. مير حيدرالدين ابوتراب ڪامل جھڙي ڪامل ۽ عامل استاذ جو شاگرد هو. محمدشاه بادشاه جي پوين ڏينهن ۾ گذاري ويو. سندس تاليف مان تاريخ چراغ هدايت عرف بھرورشاهي ۽ ڪي منتخب اشعار باقي آهن. هڪڙي معصومہ نياڻيءَ کان سواءِ ٻي ڪا بہ اولاد ڪا نہ ڇڏيائين. هاڻي هن خاندان جي اولاد ۾ ڪوبہ مرد موجود ڪونہ آهي.

ڪاشاني سيد

مير غروري ڪاشاني [۽ سندس اولاد]. مرزا باقيءَ جو همعصر ۽ معتبر سيد هو. انهيءَ زماني ۾ آب داڻي جي ڪشش سببان پنھنجو اعلوڪو وطن ڇڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. جڏهن نواب خانخانان، سنڌ، مرزا جاني بيگ کان فتح ڪئي، تڏهين حضور خلافت پناه، (اڪبر بادشاه) سيوستان،

لاهري بندر ۽ ضربخانو، خلاصي طور شاهي غلامن (پنهنجي) جي هٿ ۾ رکي، باقي ملڪ مرزا جاني بيگ جي حوالي ڪيو. ٿوري عرصي گذرڻ کان پوءِ هو (مير ڪاشاني) جهانگير بادشاهه جي دربارعاليءَ مان ضرب خاني جي داروغي جي عهدي مان سرفراز ٿيو. شعر نهايت اعليٰ درجي جو چوندو هو. شعر جو ديوان ۽ ڪي ٿوريون لطيف مثنويون يادگار ڇڏي ويو. کيس ٻه پٽ هئا ١- مير محمد منعم ٢- مير جنگلي.

مير محمد منعم والد جي انتقال کان پوءِ شاهه جهان جي ڏينهن ۾ ساڳيو عهدو ماڻيو. ۽ حياتيءَ جا ڏينهن ڏاڍيءَ عزت سان گذاريا. هو پڻ شعر عمدو چوندو هو. 'حسيني' تخلص هوس ۽ هڪ رنگين ديوان ڇڏي ويو.

مير جنگليءَ پڻ پنهنجو وقت شان مان سان گذاري پورو ڪيو. ڪانئس پوءِ ٽي پٽ ١- مير علي رضا، ٢- مير ڪامران، ۽ ٣- مير محمد اشرف، پوئتي رهيا.

مير ڪامران گهراڻي جي سونهن هو. ساڳئي عهدي تي رهي حياتيءَ جا ڏينهن نهايت اميري ۽ ڪاميابيءَ سان پورا ڪري ويو. هن ٻه پٽ ڇڏيا ١- مير علي يار ۽ ٢- مير الله يار مير علي يار تازو گذاري ويو آهي. هڪ پٽ سندس نشاني موجود آهي.

بکر جا رضوي سيد

هنن جا وڏا بکر ۾ بزرگيءَ ۽ سهڻين خصلتن ۾ مشهور آهن. سندن نسب جي سچائي مشهور آهي. انهن مان آهي:

[سيد عبدالرزاق]. سيد عبدالرزاق ولد سيد جادم عرف جادو، جو سيد محمد يوسف، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو، جو پاٽ آهي. سندن اچڻ جو تفصيل معلوم نه ٿي سگهيو. ظاهري ڪابه اولاد ڪانه ڇڏيائين. هو پنهنجي وقت جو صاحب هو. سندس مزار، شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي پويان، قاضي

عبدالله جي چوکنڍي جي الهندي ۾ عام خاص مائهن جي زيارتگاه مشهور آهي.

[مير محمد يوسف]. مير محمد يوسف ولد مير جادم، سيد مبارڪ شاه کان فيض پرايو هو. هو سيد محمد جونپوريءَ جي هڪ وڏي مريد شيخ دانيال جي مهربانيءَ جي نظر جو تربيت يافته هو. پنهنجن بکر ۾ رهندڙن پائرن ۽ سوٽن کان جدائي اختيار ڪري [١٠٣] اچي ٺٽي ۾ رهيو. گهڻو ڪري مڪليءَ تي، انهيءَ جاءِ تي عبادت جي گوشي ۾ گذاريندو هو، جتي سيد ميران محمد مهدي اچي منزل انداز ٿيو هو، جتي مراين جي شادماني جي جاءِ آهي ۽ سلطان سامٽيو آرامي آهي.

نقل - سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان نقل آهي ته سيد ابراهيم بخاريءَ نالي هڪ هندوستاني فقير مٿئين ڳوٺ ۾ آيو هو. ڪيس حال جو صاحب ڏسي سندس خدمت ڪندو هوس. هڪ ڏينهن سنڌ جي زنده پيرن متعلق پڇا ڪيائين. مون هرهڪ جو نالو ڪٺي، سندس صفتون بيان ڪيون. سڀ ٻڌي چيائين ته جيڪي صفتون تو بيان ڪيون آهن تن مان سيد محمد يوسف هڪ بزرگ ۽ معرفت جي ولايت جو بادشاه ٿو ڏسجي. ڪجهه عرصي کان پوءِ مسجد مان گم ٿي ويو. گهڻوئي ڳوليم پر پتو ڪونه پيو. آخر انهيءَ ٿي ڏينهن ياد آيم ۽ دل ۾ چيم ته شايد سيد محمد يوسف جي زيارت لاءِ ويو هوندو. يڪدم روانو ٿيس. مڪليءَ تي، مٿي ذڪر ڪيل جاءِ تي پهچي، فقير کي سيد جي خدمت ۾ نهايت محفوظ ۽ باحضور ڏٺم. جڏهن ته فقير انهيءَ وقت مٿي ۽ پيرين اگهاڙو هو ۽ سير و سياحت جو پڪو ارادو هوس تنهنڪري، سيد کيس پهرڻ لاءِ جتي سڳوري عطا فرمائي. فقير مون کي چيو ته هن جتيءَ مان ٽوپي ٺهرائي ڪٺي اچ. مان ٺٽي وڃي ٽوپي ٺهرائي ڪٺي آيس ۽ فقير اها پهري روانو ٿيو. مان به سندس

پويان لڳس. آخر وڃي انهيءَ ٻيڙيءَ تي چڙهيو، جيڪا بندر کان سمنڊ ڏانهن ٿي ويئي. مون کيس پاڻ سان وٺي وڃڻ جو عرض ڪيو پر نہ قبوليائين. دعا گهريم تہ چيائين تہ تنهنجو ڪم عنقريب سنڌ ۾ جاري ٿيندو.

مطلب تہ سيد جون ڪرامتون بيان کان ٻاهر آهن. سندس درگاهہ سچي عقيدي وارن لاءِ ڏکن جي مصيبت کان نجات ۽ سندس زيارت خادمن لاءِ عزت جو باعث آهي.

عباسي قاضين مان شادي ڪري برگزيدہ ۽ حال ۽ قال جي صاحب اولاد ڇڏيائين. سندس نياڻي سگهوري وڏي ٿي تہ پنهنجي وڏي پاءُ مير ڪمال الدين جي فرزند، سيد اسحاق کي بکر مان گهرائي، شادي ڪرايائين. جنهن مان پڻ نيڪو ڪار اولاد يادگار رهي، جن جو بيان اڳتي ٿيندو.

[سيد ابراهيم]. مير محمد يوسف رضويءَ جي پرهيزگار فرزندن مان سيد ابراهيم ممتاز ۽ ڪرامت جو ڌڻي ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن ننڍپڻ ۾ اچي والد بزرگوار جي حجري جو ڪڙو کڙڪايائين. پڇيائينس تہ "ڪير آهي؟" وراڻيائين: "سيد ابراهيم". فرمايائينس تہ "فقير (ابراهيم) يا رڳو ابراهيم چوڻ گهربو هو. ائين ڪرڻ سان ڪا عزت گهٽجي ڪانہ ها ۽ هيئن ڪرڻ سان ڪا وڏائي حاصل ڪانہ ٿي ٿئي". بس ايتري چوڻ سان هن توفيق واري کي فقيري جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا ٿي پيئي ۽ وڃي وڏي درجي کي پهتو.

[سيد اسحاق]. مٿيون سيد اسحاق بہ پنهنجي پيءُ، چاچي ۽ ڀين وڏن وانگيان، خاص بزرگيءَ جي حالت ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور معروف ٿي رهيو. پنهنجي چاچي جي پاسي دفن ٿيل آهي ۽ پير پرڏيهي جي نالي سان مشهور آهي.

[سيد ڪمال الدين]. سندس پٽ سيد ڪمال الدين، سيد محمد يوسف جو ڏوهٽو ۽ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار، جيڪو

بکر ۾ مدفون آهي، جو همنام، ظاهري ۽ باطني ڪمالات جو صاحب هو. سندس اولاد مان ڪي نالا بيان ڪجن ٿا.

سيد محمد جعفر. سيد محمد يوسف جو پوٽو ۽ هن جي گاديءَ جو مالڪ آهي. هن پهريائين سيد عبدالڪريم جي سلسلي ۾ داخل ٿي، زيارتي جماعت، جا لٽي کان بلڙيءَ وينديا واپس ايندي، تنهنجي مهماني پنهنجي سر تي ڪئين. پر اڳتي هلي اها سيد قاسم مهديءَ جي حوالي ڪيائين.

هو ڏاڍو ڪرامتن جو صاحب هو. چون ٿا ته هڪ بيواهي پلڙي عورت پنهنجن ٽن نياڻين جي شاديءَ جي ڳڻتيءَ ۾ حيران ٿي هن [سيد] جي درگاه ۾ التجا ڪئي آئي. نيٺ هڪ ڏينهن توجه ڪري، ڪجهه لکي ڏيئي چيائينس ته "هيءَ پير دادن جي مزار جي سامهون واريءَ زمين ڏانهن کڻي وڃ. اتي توکي هڪ آباد شهر [٢٠٣] ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن ۾ توکي جيڪي شيون شاديءَ واسطي گهربل آهن، سي سڀ موجود هونديون. تون پنهنجي ضرورت مطابق جيڪي کڻي سگهين سو هڪ ئي دفعي کڻج ۽ وري اميد نه رکج". اشاري موجب پوڙهي پٽ سان گڏجي وئي، ڪپڙا، سون، چاندي، ٿانو ٿپا، روڪڙ، جيڪي به گهربو هوس سو کڻي آئي. پيهر پڻ سڏ ڪيائين پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيس.

سيد محمد عرف سيد قتو. سيد محمد جعفر کان پوءِ سندس پٽ سيد محمد عرف سيد قتو ڏاڏي جي گاديءَ تي ويٺو. فقيريءَ سان گڏ ڪيس دنيا به حاصل هئي. چڱيءَ حالت ۾ حياتي گذاريائين. سندس محققانه شعر ۽ طالبن کي مڪمل فيض پويان يادگار آهي.

[مير مرزائي]. تنهن کان پوءِ سندس پٽ مير مرزائي، لقب سيد محمد جعفر ثاني، پيءُ کان پوءِ ڏاڏي جي گاديءَ

جو سنڀاليندڙ ٿيو ۽ بزرگيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو. هاڻي سيد علي حيدر ولد مير مرزائي وڏن جو گادي نشين آهي.

[سيد عنايت الله]. مٺئين سيد ڪمال الدين جو فرزند سيد عنايت الله، خدا جي خالص عنايت هو. هو عجيب حالتن جو مالڪ هو، پنهنجي ناليري فرزند مير ڪمال الدين احمد خان جي دولت ۽ عزت جي ڏينهن ۾ ڪڏهن به دنيا ڏانهن رخ نہ رکيائين. بلڪ پنهنجين ٻن پاڪ پيرن سان پٽ کان ڌار رهي، هميشه الله جي يادگيريءَ ۾ وقت گذاريندو رهيو. پنهنجي هٿ سان پوکي راهي ڪري قوت گذران پيدا ڪندو هو ۽ جيڪي وڌيڪ ٿيندو هوس سو خدا جي واٽ ۾ خيرات ڪندو هو.

چون ٿا تہ هڪ ڀيري سندس پوک ۾ اهڙي برڪت پيئي ۽ هميشه جي پيدائش کان ٻيڻي پيدائش ٿي. ٻچتو ڏوڪڙ پنهنجي پٽ کي ڏنائين تہ پير پٺي تي وڃي پنهنجي مرحوم ڏاڏي جي اولاد سيدن جي دعوت ڪري ۽ پاڻ پٽ جي دنيوي شان شوڪت جي باوجود بہ فقيرن جي لباس ۾، ڪونرو ڪلهي تي ڪٽي، پيرين پيادو، اوڏانهن روانو ٿيو. [هوڏانهن] سندس پٽ مير ڪمال الدين خان ڪيئي قسم پُر تڪلف طعام تيار ڪرائي، ڪاڏي ونڊڻ لاءِ ڪيئي زرنگار چينيءَ جا ٿانو موجود ڪرايا هئا، هيڪر تہ اهي ٿانو ڏسي، لٺ کڻي، اهي سڀ ڀڃي ڇڏيائين جن جي قيمت هڪ وڏي رقم هئي. ڪاڻ وقت عادت موجب هڪ قسم جو ڪاڏو ڪاڻ وٺو ۽ جيڪو پاڻيءَ جو ڪونرو ساڻ هوس تنهن سان انهيءَ ۾ پاڻي وجهي بي مزي ڪري ڪاڻ شروع ڪيائين.

چون ٿا تہ هو پٽ جي حڪومت وارن ڏينهن ۾، فقط ٻہ يا ٽي دفعا سندس گهر آيو ۽ جڏهن ڪشف جي وسيلي هن دنيا مان لاڏائو قريب ڏٺائين تڏهن گهر جون ڪنجون نندي

پيڻ جي حوالي ڪري، الوداع ڪيائين. وڏيءَ پيڻ کي خيال ٿيو ته شايد ڪنهن رنجش سببان ڪنجون منهنجي هٿ ۾ نه ڏنيون اٿس ۽ انهيءَ فڪر ۾ غمگين ٿي ويهي رهي. سيد دل جي نور سان، اها ڳالهه معلوم ڪري فرمايو ته مون چاڻي ٻجهي توکي گهر جي سنڀال جي تڪليف نه ڏني چاڪاڻ ته تون مون کان پوءِ فقط ڪن ڏينهن جي مهمان آهين. ننڍي پيڻ گهڻو وقت زنده رهندي تنهنڪري هن تڪليف لاءِ موزون آهي، آخر ائين ئي ٿيو.

[مير ڪمال‌الدين احمد خان ۽ سندس اولاد]. مٿئين سيد عنايت جو فرزند مير ڪمال الدين احمد خان، فاضل خان، جنهن‌جو ذڪر ٿيندو، جي ڏاماديءَ جي بدولت، وڏي عزت، نوڪرن ۽ چاڪرن ۽ مکيه عهدن جو مالڪ بڻجي، وقت جي اڪثر وڏن ماڻهن کان وڏي ويو. هو ظاهري چڱي لياقت رکندو هو. ۽ تصنيفن، جهڙوڪ ديوان حافظ جو شرح ۽ اصطلاحات رضويه جو صاحب آهي. سندس وفات سنه ١١٣٢ھ ۾ ٿي. هن جي ستن پٽن مان ٽن پٽن کي اولاد ٿيو.

هڪڙو مير مرتضيٰ، جيڪو ٽيهن سالن جي عمر ۾ ڪماليت جي سڀني فنن جو جامع ٿيو. علمي فضيلتن کان سواءِ سپاهگريءَ جي سڀني فنن ۾ بي‌نظير هو. خوشخطيءَ کي پڻ ستن قلمن تائين [٣٠٥] رسايو هئائين. مرزا صائب جو شاگرد آقا تعظيما جڏهن ٺٽي آيو هو، تڏهن سندس طبيعت کي ڏاڍو پسند ڪري کيس ’الهام‘ تخلص عطا ڪيائين.

جون ٿا ته سندس تربيت، سندس ناني فاضل خان جي جاءِ نشينيءَ لاءِ ڪئي وئي هئي. فاضل خان جي رحلت کان بعد عالمگير جاءِ نشين جي گهر ڪئي. مٿيون مير اجا نڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو هو ته بادشاه جي وفات جي خبر دنيا ۾ پکڙجي وئي. هي تنهن کان پوءِ دربار ۾ وڃي

شاهه عالم بهادر بادشاهه جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ طبع اقدس کي پسند آيو. اتفاقا سندس عمر جو بهار، جو اڃا ترقي ڪري رهيو هو، موت جي خزان جي هٿان فنا ٿي ويو. اهو واقعو سنه ١١٢٦ هه ۾ ٿيو.

سندس پٽ مير ذوالفقار علي، هن خاندان جي نالين جي صورت ۾، ڏاڍي بزرگيءَ ۽ ماڻهپي سان [رهي] تازو گذاري ويو آهي. ڪوبه نرينه اولاد ڪونه ڇڏيائين.

پيو مير غلام علي، تي پٽ هرهڪ مير مهر علي، مير نياز علي ۽ مير راز علي ڇڏي ويو. مير راز علي سنه ١١٨٠ هه ۾ ڦوهه جوانيءَ ۾، جڏهن سندس شادي ٿيڻ واري هئي، دوستن جي دل تي جدائيءَ جو ڏنڀ ڏيئي ويو. سندس وفات، جا هڪ عام ماتم ۽ غمن جي درياءَ جي جوش جو طوفان هو، تي اڪثر شاعرن، درد مندن جي دلين ۾ چيندڙ، درد پريون تاريخون چيون آهن. محرر پڻ پنهنجي هن طبع زاد مصراع تي اڪتفا ڪئي آهي. "بجوار رسول يافت مقام" [جاءِ ملبس رسول جي پاڙي]. هاڻي مير مهر علي ۽ مير نياز علي وڏن جا يادگار حيات آهن.

مٿين مير ڪمال الدين جي [ٽئين] فرزند مير شاهه حيدر جي وفات کان پوءِ سندس ناميارو فرزند مير امير علي پنهنجي اولاد سميت، نهايت ماڻهپي سان، حياتيءَ جي محفل ۾ رونق افروز آهي.

[مير محمد شفيع]. مٿين مير محمد يوسف جي اولاد مان سيد يارمحمد جو فرزند مير محمد شفيع، لقب لطف علي خان، پنهنجي اولاد سميت حاڪمن جي طبقي ۾ مذڪور آهي، دوباره نه لکيو ويو.

[مير محمد رفيع]. مٿين سيد جي اولاد مان مير محمد رفيع، خدا پرست بزرگ، پر مشهوري ناپسند ڪندڙ، پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري ويو.

[مير نجم الدين]. سندس پٽ مير نجم الدين، مخدوم محمد معين جو شاگرد ۽ پائيجو هو. استاد جي حياتيءَ ۾ ٺٽي علمي مدرسو وٺندڙ طريقي سان سينگاري، طالبن جي هڪ جماعت کي تڪميل ڪرايائين. عجيب تصنيفن جو مالڪ آهي. منطق جي ڪروزي رسالي جي تتبع ۾، انهيءَ کان به عمدو ۽ وڏو رسالو، جنهن ۾ مختلف علوم اچي ٿا وڃن، هڪ ڏينهن ۾ تصنيف ڪيائين. فارسيءَ ۾ نخشبيءَ کان به بهتر طوطينامه نثر ۾ لکيائين. شعر به سٺو چوندو هو ۽ "عزلت" تخلص ڪندو هو. هو هڪ غنيمت هو پر تقديرا سندس حياتيءَ وفا نه ڪئي. هو سنه ١١٦٠ هه ۾ وفات ڪري ويو. سندس اولاد مان مير نثارعلي خاص شان مان سان زنده آهي.

سيد محمد يوسف جي اولاد مان، سيد محمد رضا، سيد محمد افضل، سيد محمد زمان وغيرهم جهڙا ڪيئي بزرگ، حال ۽ چڱيءَ حالت جا صاحب ٿي گذريا آهن جن مان ڪيترن جي اولاد خاندان جي شمع روشن ڪري رهي آهي. اختصار جي خيال کان اختصار ڪيو ويو.

بخاري سيد

[سيد محمود بخاري]. سيد محمود بخاري بن سيد حاجي حميد نظام الدين، ارغونن جي ڏينهن ۾ گجرات کان اچي ٺٽي جي سيته محلي ۾ رهيو. هو مسجد فرخ ۽ عيدگاه جو امام ۽ خطيب هو ۽ نهايت بزرگيءَ ۽ سهڻيءَ حالت ۾ زندگي گذاريائين.

سيد طيب. مٿئين سيد محمود جي اولاد مان پنهنجي وقت جو نامور ۽ چڱي حالت ۽ فضيلت جو مالڪ هو.

[سيد رحمت الله]. ڪانئس پوءِ سيد رحمت الله پوئتي رهيو. چون ٿا ته ننڍپڻ جي چمارڻ هڪڙي ڏينهن [٢٠٦] هو پنهنجي پيءُ سان فرخ جي جامع مسجد ۾ هو ته هڪڙو ڪمال

جنو صاحب فقير نالي سيد ابراهيم گودڙيو، جنهن جا جن
گهڻو ڪري تابع هئا، مسجد جي در تي ويٺو هو. جڏهن
پيءُ ۽ پٽ مسجد کان ٻاهر نڪتا تڏهن پيءُ کي چيائين ته
هيءُ پٽ خدا جي نالي تي مون کي ڏي. پيءُ، جنهن جو
فقيرن ۾ ڏاڍو اعتقاد هوندو هو، تنهن هڪدم پٽ کڻي
فقير جي حوالي ڪيو. فقير ننگر کي پنهنجي جاءِ تي وٺي ويو
جا مڪليءَ ٽڪريءَ تي ڪلا ڪوٽ جي سامهون هئي. جڏهن
ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ گذاري ويو تڏهن پنهنجو سمورو
علم سيد کي عطا ڪري ويو. سيد رحمت الله فقير کان پوءِ،
وڏن جي اصلي ماڳ تي موٽي آيو ۽ وڏي پيري مرشدي
ڪري گذاري ويو.

[سيد جهنگل]. سندس اولاد مان سيد جهنگل پنهنجي
وقت ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. سيد مير، جيڪو نقارچين
جي محلي ۾ رهندو هو، سو مٿين سيد جهنگل جي اولاد مان
هو. هو پڻ هڪ مکيه ماڻهو هو. وفات وقت ڪو به نرينه اولاد
ڪو نه ڇڏيائين.

[سيد قاسم]. سيد قاسم پڻ مٿين سيد جهنگل جو اولاد
هو، جيڪو ابدالن جي نموني ۾ رهي لاولد گذاري ويو.

[سيد لطف الله ۽ سندس اولاد]. مٿين سيد محمود جي
اولاد مان سيد لطف الله رانيه جي ڳوٺ ڏانهن لڏي ويو.
اتي جا ماڻهو سندس اعتقاد جا اقراري آهن. کيتي وغيره جو
چاليهون حصو، سندس ۽ سندس اولاد جي نالي وقف آهي.
سندس حالات عجيب و غريب پڌا ويا آهن. راقم الحروف جو
ڏاڏو سيد محمد ڪاظم هن جو نالي هو.

مٿين سيد لطف الله جو پٽ سيد عبدالرزاق فقيري ۽
بزرگانه حالت ۾ گذريو آهي. هو ٻه پٽ ١- سيد محمد فاضل
۽ ٢- سيد ساجن ڇڏي ويو.

سيد محمد فاضل شادي ۾ڪرڻ کان پوءِ مجذوب ٿي پيو. انهيءَ حالت ۾ ڪانئس وڏيون وڏيون ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون.

ارباب بولو، جو هن وقت انهيءَ ڳوٺ جي رهاڪن ۾ وڏي ۾ وڏي عمر وارو آهي، کان ٻڌو اٿم ته ”مون هڪڙي وقت پوک ڪئي هئي، مخدوم نوح جي فقيرن مان هڪ پير سيد، سيد ساجن نالي اسانجي ڳوٺ ۾ رهندو هو، جنهن کي پڻ، سندس بزرگيءَ جو لحاظ رکي، ڪن پوکن جو چاليهون حصو ۽ ڪجهه نذر [پيران] پير جي نالي تي ڏيندا هئاسون. منهنجي پوک جو پيراڻو چاليهون حصو مٿين سيدن ۾ گڏجي پيو. ٻئي گهر ڪندا رهيا پر مان، انهيءَ ڊپ کان ته مان هڪڙي کي ڏيان ۽ ٻئي جو حق مارجي وڃي ۽ ناراض ٿئي، خيرات جي ادائي ۾ دير مدار ڪري رهيو هوس. نيٺ هڪڙي ڏينهن عين سجاڳيءَ ۾ هڪ نوراني پير مون کي فرمايو ته سيد محمد فاضل جو حصو ڇو نه ٿو ادا ڪرين؟ ڇا پنهنجي پلانيءَ جو خيال ڪو نه اٿيئي؟؟ هڪدم اها خيرات، جا جملي پنج روپيا هئي، پڳ جي ڪنڊ ۾ ٻڌي روانو ٿيس. واٽ تي سيد ساجن مليو ۽ چيائين ته مون پنهنجي دعوي ڇڏي. سيد محمد فاضل جو حق جلد ئي ادا ڪر. پوءِ ته اتان ئي سيد محمد فاضل جي گهر جو رستو ورتم [هوڏانهن] سيد محمد فاضل اڪيئي گهر کان ٻاهر نڪتو بيٺو هو. پنهنجي جذبه جي تقاضا موجب مون کي گار ڏيئي چيائين ته آخر دلجاءِ ڪيئي. هاڻي پڳ کول ۽ خيرات ڏي.

مٿين سيد عبدالرزاق جو پٽ سيد ساجن پاڻ کان پوءِ تمام چڱين حالتن ۾ زنده رهيو. سندس وفات واري ڏينهن راقم الحروف معتبرن جي هڪ جماعت سان حاضر هو. هن جون عجيب حالتون ۽ ڪرامتون ڏٺيون ويون. هاڻي سندس فرزند سيد ٺارهو ۽ سيد ڏاتر ڏنو باقي آهن.

[سيد محمد شجاع]. مٿين سيد بخاريءَ جي اولاد مان سيد محمد شجاع بن سيد فيض‌الله بن سيد فتح محمد بن سيد جعفر بن سيد جمال بن سيد ڪمال، وڏن ڪان وٺي سندن دستور موجب، سنڌ جي محلي ۾ رهي، جامع فرخ ۽ عيدگاه جي امامت ۽ خطابت جي خدمت سان [٢٠٧] سربلند رهندو آيو. هو بزرگانہ حالت ۾ گذاري جنت ڏانهن روانو ٿيو. سنہ ١١٣٨ ھ جي مطابق سندس تاريخ "شجاع" آهي.

سندس فرزند سيد سعدالله، مٿين خدمتن ڪانسواءِ واهن، ڪوهن ڪوٽائن ۽ ٺٽي جي قلعي اڏائڻ جي نگراني ۽ داروغپ ۽ بادشاهہ جي پاران بيت‌المال (شاهي خزاني) جي داروغپ جي عهدن تي رهي، زماني ۾ ممتاز رهي ويو. هاڻي سندس پٽ سيد روح الله ۽ سيد عليم‌الدين وڏن جو يادگار آهن.

[سيد عبدالمجيد ۽ سندس اولاد]. سيد عبدالمجيد بن سيد عبداللطيف ولد سيد عبدالرزاق بن سيد اسماعيل بخاري. سيد اسماعيل بخاري ۽ سيد عبدالرزاق جو احوال مٿي بيان ٿي آيو. مير عبداللطيف جنہن مٿي گذري آيو، سيوستان ۾ رهندو هو. سيد عبدالمجيد سيوستان ڪان ٺٽي آيو ۽ شاهجهان جي دربار مان، سيوستان جي تنخواه جي عوض ٺٽي تي تنخواه [جو پروانو] ورتيون آيو. سندس جاءِ ميرڪن جي محلي جي اڀرندي ۾ ڪشمشين جي محلي جي پويان، پيلي جي ڪناري تي هئي. بزرگيءَ ۾ هڪ وڏيءَ جماعت جو پير ٿي گذريو آهي. شيخ ڪالي قريشيءَ جو اولاد پير زادا سندس سچا مريد هئا ۽ نذر نياز ڏيندا ها.

سندس پٽ سيد عبداللطيف عرف مٺو پنهنجي وقت جو بينظير ۽ نهايت ڪامل ساماڻو پر عين جوانيءَ ۾ گذاري ويو. راقم الحروف سندن حقيقي ڏوهٽو آهي. نرينہ اولاد ڪا نہ ڇڏ يائون. فقير (مير قانع) سندن رحلت جو سال سنہ ١١٢٣ ھ جي مطابق، آيت سڳوري الله لطيف بعباده يرزق من يشاء وهوالحڪيم

(الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي رزق ڏئي ٿو ۽ هو حڪمت وارو آهي) مان لڌو آهي.

امير خاني سيد

سندن وڏو ڏاڏو مير ابوالبقاء ولد قاسم خان نمڪين هروي بن ملا مير سبز واري، جنهن کي نواب امير خان سڏيندا هئا، حاڪمن جي ذڪر ۾ بيان ٿي آيو.

[مير ابوالمڪارم ۽ سندس اولاد]. مير ابوالمڪارم، تخلص شهود ولد نواب امير خان، پيءُ جي نوابيءَ هوندي فقيريءَ جو رستو اختيار ڪري، ڪاملن جو درجو حاصل ڪيائين. حضرت سليمان عليه السلام ۽ بلقيس جي قصي بابت سندس هڪ ڪارآمد مثنوي "پريخان سليمان" مشهور ۽ يادگار آهي. ظاهري علمن جو پڻ جامع هو. سيوهڻ ۾ دفن ٿيل آهي.

جئن بيان ٿي آيو، سندس پٽن مان مير امين الدين خان حسين لٽي جي حڪومت تي سرفراز ٿي، اچي هميشه لاءِ رهيو.

مير امين الدين خان اسماعيل سندس پٽ آهي، جيڪو پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي عمدن عهدن تي سرفراز ٿي، زماني ۾ ناميارو ۽ هڪ مکيه رئيس ٿي گذريو. سندس اميريءَ جو شان، شوڪت ۽ طاقت بي مثال آهي.

سندس فرزندن مان مير محمد غوث، نواب خدا يار خان عرف ميان نورمحمد جي حڪومت جي ڏينهن ۾ عهديدارن جو بخشي ۽ بزرگيءَ جي حالت ۾ ممتاز ٿي گذريو آهي.

هاڻي هنجو هڪ هدايت وارو فرزند نالي ميرمحمد ڪريم الدين پيءُ واري عهدي تي مقرر آهي. پيو مير ابوالمفاخر بزرگيءَ ۽ اميريءَ ۾ نهايت ممتاز رهي، هڪ پٽ يادگار ڇڏي گذاري ويو.

نواب امين الدين خان جو پٽ مير محمد عطا، وڏن جي پيرويءَ تي وڏيءَ عزت ۽ افتخار سان گذريو آهي. ٻه فرزند ڇڏيائين.

مير محمد گدا ولد نواب امين الدين خان تازو هڪ پٽ يادگار ڇڏي وفات ڪري ويو آهي.

مٿئين مير ابوالمڪارم "شهود" جو فرزند مير رضي الدين محمد اعليٰ درجي جي خوبين سان موصوف هو. شعر ۾ وقت جو ڪامل ٿي گذريو آهي. فدائي تخلص ڪندو هو. ديوان جو صاحب آهي. سندس شعر مان زماني جي دماغ کي ظاهري خواه باطني ڪماليتن جي خوشبوءِ اچي ٿي. سنہ ۱۱۲۰ھ ۾ گذاري ويو. هن ڪتاب جي جوڙيندڙ لکڻ وقت هيءَ بيت سندس تاريخ جي مطابق لڌو آهي.

بسکہ بفوتش ہمہ کردند ہي
ہي رضي الدين شده تاريخ وي

(هئي ٿي سندس موت تي سيني ڪٽي- هئي رضي الدين تذهن تاريخ ٿي)

هن جو فرزند رشيد مير حيدرالدين ابوتراب، [۲۰۸] تخلص ڪامل، هڪ محقق، پرهيزگار ۽ ڇڙو ڇڙ مل ٿي گذريو آهي. انهيءَ جناب جي ڪماليتن [جي تفصيل لاءِ] ڪتاب گهرجن. ڪئين اهل دل سندس صحبت کي ظاهري خواه باطني فيض جو سرمايو چائندا هئا. اڪثر وڏا ماڻهو سائس اراد تمندانہ سلوڪ رکندا هئا پر هن دنيا ڏانهن توجہ اصلا ڪونہ ڪيو ۽ "ڪُن في الدنيا ڪانک غريب اوعا برسبيل" (دنيا ۾ اهڙيءَ طرح رهہ گويا تون مسافر يا واٽهڙو آهين) جي حڪم تي عمل ڪري، وڏيءَ عمر ۾ گذاري ويو. هندي ۽ سنڌي ايهام، (هنر) ڏوهڙي ۽ ڪبت خواه فارسيءَ ۾ سندس بي ساختہ چيل [شعر] جا نسخا مشهور آهن. راقم الحروف شاعريءَ جي مشق هن استاد ڪامل وٽ ڪئي آهي.

مير حفيظ الدين ولد مير حافظ الدين بن مير ابوالمڪارم "شهود" هن وقت ڪمال جو صاحب ۽ حال ۽ قال جي صاحبن ۾ برگزيده آهي. نثر خواه نظم ۾ سندس ڪمالتهون

د و معني سه معني بلڪ انهيءَ ڪان به وڌيڪ ايهام (هنر) ۾ موجود آهن. نظر جي گهٽتائي ۽ ڪنن جي ڳرائي جيڪڏهن سندس لاءِ روڪ نه هجن ها ته هو شعر ۽ انشا ۾ مير حيدرالدين ابوتراب ”ڪامل“ جو ثاني آهي. [هيءَ به] انهيءَ استاد وانگيان پرهيزگار ۽ چڙ وچڙ مل رهي زندگي گذاري رهيو آهي.

اگرچه هن خاندان ۾ ٻيا به بزرگ ۽ بزرگزادا گذريا ۽ موجود آهن پربند پنهنجي پابنديءَ موجب مٿين ٿورن نالن تي اڪتفا ڪئي آهي.

[قاسم خاني سيدن جو گهراڻو]. سندن ٻيا سوٽ قاسم خاني نالي سان هڪ وڏي لياقت وارو گهراڻو ٿي گذريو آهي. هنن گهڻو ڪري عهدي دارن جي صورت ۾ زندگي گذاري. انهن مان:

قاسم خان نمڪين جي اولاد مان مير محمد رحيم، جنهن جو بيان بکر جي ذڪر ۾ گذريو، چڱي حال ۾ هو.

ڪانئس پوءِ مير محمد ڪريم رهيو ۽ وڏن جي پيرويءَ تي، سهڻن اخلاقن سان موصوف رهي، گذاري ويو. ۽ ڪو به يادگار ڪونه ڇڏيائين.

مٿين قاسم خان جو پوٽو ابوالنصر پڻ بزرگن جي نموني ۾ گذريو آهي.

انهيءَ جو جاءِ نشين مير شيرافگن ٿيو جنهن پڻ حياتيءَ جو وارو بزرگي سان وڃايو. هو مير محمدعابد نالي هدايت وارو فرزند ڇڏي ويو ۽ انهيءَ وفات ڪان پوءِ ڪابه نشاني يادگار ڪانه ڇڏي.

مٿين مير محمد قاسم خان جي پوٽي مير محمد اسلم پڻ ڏاڍي ماٺيچي سان حياتي گذاري. هن ڪان پوءِ مير محمد ڪامل رهيو، جو پڻ نيڪن جي نموني تي زندگي گذاري ويو ۽ اولاد ڪانه ڇڏيائين.

مير محمد نعيم پڻ، مٿئين قاسم خان جي پوٽن مان، وڏن جي قدم تي ٿي گذريو آهي. انهيءَ ڪان پوءِ مير محمد صالح عرف مير قلندر باقي رهيو. هو پڻ چڱي ويو جو ساري گهراڻي جو يادگار آهي.

متفرق سادات

اگرچه هن آزادن جي زاد و بوم سرزمين تي گهڻائي بزرگ ٿي گذريا آهن پر راقم الحروف تبرڪ جي رسم طور ڪن ٿورن نالن تي اڪتفا ڪئي آهي.

سيد محمد [۽ سندس اولاد]. هن بزرگ جي اصل وطن جي ڪابہ خبر ڪانہ پئجي سگهي آهي ۽ سندس اولاد مان بہ سواءِ ذڪر ڪيل نالن جي ٻئي ڪنهن جو پتو ڪونہ آهي. باقي انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ پنهنجي وقت جو ناليرو آهي.

سندس پٽ سيد محمد هاشم مرزا جاني بيگ ترخان جو همعصر آهي. ساڻئي مرزا جي مدح ۾ شاندار قصيدا چيل اٿس. هن جي تاليفات مان هڪ نسخو نالي سيرالسلاطين، جو نهايت عمدو چيو اٿس ۽ مرزا جاني ڏانهن منسوب ڪيو اٿس، يادگار آهي.

مٿئين سيد محمد هاشم جو فرزند سيد عبدالقادر پنهنجي وقت جو ناميارو هو. سنڌ جي بزرگن جي بيان ۾ رسالو "حديقۃ الاوليا" سندس نشاني آهي.

استرابادي سيد

[سيد محمد باقر ۽ سيد محمد طاهر]. سيد محمد باقر عرف اڪرائي ۽ سيد محمد طاهر دلوال عرف...... ٻئي پسٽ سيد حسين صحرائي بن مير حيدر استرآباديءَ جا آهن. ٺٽي ۾ شاه منبي جي مزار جي الهندي پاسي، پائي خان جي محلي ۾ انهيءَ هنڌ رهندا هئا، جتي پوءِ مرزا حسين جي جڳهہ ۽ تنهن ڪان پوءِ انگريزن جي ڪوٺي ٿي.

[سيد محمد حسن ۽ سندس اولاد]. سيد محمد حسن مرزا باقيءَ جو همعصر ۽ ساڻس متعلق هو.

مير طاهر تخلص نسياني سندس پٽ آهي، تاريخ طاهري انهيءَ جي تصنيف ڪيل آهي. هاڻي گهڻي وقت کان سندن اولاد هڪ ماڙي ۾ رهندا آهن ۽ سندن لقب باغائي ۽ صحرائي آهي. هنن جي وڏن جي مزار جي راڻڪ، عبدالله شاھ جي درگاه جي پويان اتر جي طرف يادگار آهي.

سيد عبدالغفور [۽ سندس اولاد]. ڪمالات جو جامع ۽ مڪيه ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل آهي. سندس گهراڻي جي تحقيقات ڪانه ٿي سگهي آهي. سندس ٻه ناليرا پٽ ۱- سيد عبدالرشيد ۽ ۲- سيد عبدالرؤف مشهور آهن.

سيد عبدالرشيد پنهنجي وقت جو علامہ پيدا ٿيو. عالمگير جي ڏينهن ۾ جهان آباد (دهلي) ۾ نالو پيدا ڪيائين. سندس تصنيفات مان ٻه فرهنگ عربي ۽ فارسي منتخب ۽ مناظري جي فن ۾ هڪ نسخہ رشيدي نالي مشهور آهي. وفات وقت اولاد ڪونہ ڇڏيائين.

سيد عبدالرؤف پنهنجي وقت ۾ مشهور هو. پويان ڪو نرينہ اولاد ڪونہ هوس. سيد محمد شريف شيرازيءَ جو اولاد مير لطف‌الله عرف مير لطن سندس حقيقي ڏوهٽو آهي.

مير محمد [۽ سندس اولاد]. هن بزرگ جي اصل جو پڻ چڱيءَ طرح تحقيق نہ ٿي سگهيو آهي. فقط هيترو هو تہ سندس پٽ مير محمود. قاسم خاني سيدن مان شادي ڪري قاسم خاني مشهور ٿي ويو. قصو ڪوتاھ مير محمد نهايت بزرگ ٿي گذريو آهي.

سندس پٽ مير محمود عرف مير محمودي وڏن عهديدارن جي سلسلي ۾ داخل هو ۽ بزرگن جي سهڻين خوبين سان زندگي گذاريائين.

ڪانئس پوءِ مير محمد بزرگ جاءِ نشين ٿيو، جو بزرگيءَ جي وصفن ۾ دنيا جو ساراهيل هو، هو نهايت آسودو هو ۽ وڏيءَ عمر کي پهچي گذاري ويو. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

[سيد محمد علي ۽ سيد محمد باقر ۽ سندن اولاد]. جون جي ڳوٺ ۾ رهندڙ سيد حميد جا پٽ سيد محمد علي ۽ سيد محمد باقر اصل بکر جا رهندڙ هئا، جن جو بيان ٿي آيو. ٻئي بزرگ آب داڻي موجب جون جي ڳوٺ مان لڏي اچي ٺٽي ۾ بکر جي وضوي سيدن جي محلي ۾ ويٺا.

سيد محمد باقر، مير عبدالستار پويان ڇڏيو، جنهن مقرر عمر مٿين محلي ۾ پوري ڪري وفات ڪئي ۽ اولاد ڪانه ڇڏيائين.

سيد محمد عليءَ جو مير محمد فاضل جاءِ نشين ٿيو. هو انهيءَ محلي مان لڏي، وڃي مسواڪ ڪشان (ڏندڻ ڏيندڙ) جي محلي ۾ ويٺو. خوشنويسيءَ ۽ ٻين ڪمالن ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور آهي. ڪانئس پوءِ ٻه پٽ رهيا ١- سيد محمد بزرگ ٢- سيد نظام الدين. ٻئي ڀائر عالمگير جي ڏينهن جي شروعات ۾، دربار ۾ حاضر ٿي، شاهي عهديدارن جي سلسلي ۾ داخل ٿيا.

مير محمد بزرگ قرآن شريف جو حافظ، طالب علم ۽ خوشنويس، پنهنجي پيءُ ۽ شاهه بندر جي خوشنويس محمد شفيع جو شاگرد هو. مٿين ڪمالتين ظاهر ڪرڻ کان پوءِ بادشاهه جو منظور نظر ٿي حڪم موجب ڪجهه وقت هدايت الله زرين رقم جو شاگرد رهيو. ۽ سيد نظام الدين بادشاهه جي همرڪابيءَ ۾ دکن ۾ گذاري ويو.

قصو ڪوتاه سيد محمد بزرگ ايڪيهه سال همرڪاب ۽ شاهزاده محمد ڪام بخش جي مشق جو استاذ رهي، دين پرور بادشاهه جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ٺٽي هليو آيو. ۽ سنه ١١٥٢ هه تائين نهايت بزرگيءَ ۽ عزت سان عمر گذاري، اسي ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

هاڻي سيد محمد بزرگ جو پوٽو مير منور ولد سيد اعظم فتح باغ ۾ رهندڙ آهي.

مٿين مير محمد بزرگ جو سوٽ سيد عبدالرحيم چڱيءَ حالت ۾ گذريو آهي.

ڪانئس پوءِ سيد جلال وٽندڙ حال سان رهيو. هاڻي سيد جلال جو پٽ سيد حامد مٿين محلي ۾ انهيءَ خاندان جو يادگار باقي آهي.

سيد مير محمد. ظاهرا مٽيارين جي سيدن مان آهي. بزرگيءَ ۽ عزت ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور ۽ نشانين ۽ ڪرامتن ۾ دنيا ۾ معروف هو. خواجن جي محلي ۾ رهندو هو، ٻبالائي ڳوٺ جا رهاڪو، جي اڪثر سومرا آهن، سندس پڪا مريد آهن. وفات ڪرڻ وقت نرينه اولاد ڪانه ڇڏيائين.

[سيد سعدالله]. مٿيئن سيد مير محمد جو ڏوهٽو سيد سعدالله ولد سيد بيگ محمد ماژندراني، سندس بزرگيءَ جي گاديءَ تي ويهي، سدائين توڪل، تقويٰ، چڱائي ۽ لڪ ۾ رهي، مريدن جي جماعت جو مرشد رهندو آيو. هن جي وفات سنه ١١٦٧ ھ (١) ۾ اسي ورهين جي ڄمار ۾ ٿي. هاڻي [٢١٠] سندس خاص مريد عبدالڪريم عرف مرزا ڪريم بيگ ولد مرزا قلي بيگ گادي نشين آهي.

علوي جامي بزرگ

هي بزرگيءَ جي باغ جو وڻ ۽ شرافت جي سرمايه جو مور آهن. انهن مان آهن:

[خواجه محمد ۽ سندس اولاد]. پيرن جي پير، احمد جام، جنهن جي بزرگي قلم جي تحرير ۽ سمجهه سمجهائڻ کان مٿي آهي، ۽ جو ٻئي جلد ۾ مشائخن جي بيان ۾ مذڪور آهي،

(١) نخسه "ن" در سال هزار و صد و هشتا دو هفت

جي اولاد مان خواجہ محمد ولد خواجہ احمد. هيءُ بزرگ اتفاقاً پنهنجي اصلي وطن جام لنگر مان اچي ٺٽي منزل انداز ٿيو. پهريائين تہ مني مائٽيءَ جي سلسلي ۾ قاسمخانين وٽ رهڻ لڳو پر پوءِ لڏي اچي انهيءَ محلي ۾ ويٺو جنهن ۾ هينئر رهن ٿا. سندس بزرگيءَ جو ڪمال هر قائل جي قال کان مٿي آهي. جنهن صورت ۾ تيموري خاندان جا بادشاهہ اصل کان وٺي هن گهراڻي جا مريد آهن تنهنڪري هيءُ بزرگ جهانگير جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي شهر ۾ نهايت ممتاز بلڪ اڪثر وڏن ماڻهن جو پيشوا ٿي رهيو.

سندس گذرڻ کان پوءِ هن جي فرزند خواجہ احمد، ٻيءُ بزرگوار جو قائم مقام ۽ وڏي ۾ وڏن نيڪن ۽ سڳورن ۾ سڳورن برگزيدن جي سلسلي ۾ داخل رهي زندگي گذاري. هن ٻہ پٽ ١- خواجہ عطاءُ الله، ۽ ٢- خواجہ امان الله ڇڏيا.

خواجہ عطاءُالله وڏي طاقت ۽ بزرگيءَ سان گڏ ڏاڍو سخي پيدا ٿيو هو. سندس سخاوت، دل ۽ هٿ متعلق ڪئين قصا مشهور آهن.

چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن پنهنجي گهر جي دروازي تي ويٺو هو تہ ائين هڪڙي عورت بازار کان اچي سهڙي ۽ خواجہ جي ڏسڻ سان کڻي منهن تي چادر وڌائين. خواجہ خوشطبعي طور چيس تہ "اي نيڪ عورت! بازار مان منهن اگهاڙو ڪيو ٿي آئينءَ، هينئر ڇا ٿيو اٿئي؟ جو مون کي ڏسي کڻي منهن ڍڪيو اٿئي". وراڻيائين تہ "جن جي اکيان منهن کولي ٿي لنگهيس سي سيئي انسانيت کان ٻاهر هئا. توکي سچو پچو انسان ڏسي پردو ڪيو اٿم". خواجہ انهيءَ نيڪ عورت جي جواب کان ڏاڍو خوش ٿيو. اتفاق سان انهيءَ وقت سندس جاگير کات مان اٽڪل سؤ خرار آن آيو هو. گماشتن کي حڪم ڏنائين تہ اهو سمورو آن زال جي گهر کڻي وڃو، ڇاڪاڻ تہ مون کي انسانن جي تولي ۾ ڳڻيو اٿس.

سندس وفات ڪان پوءِ، هن جو ناليرو فرزند خواجه محمد هاشم جاءِ نشين ٿيو. هاڻي سندس پٽ خواجه رحمت الله ۽ خواجه فتح الله حيات آهن.

خواجه امان الله بزرگيءَ جي شاندار نيڪين جي مجمع ۽ ڪمال جي صاحبن جي مرجع هو. شعر جي واديءَ ۾ پڻ علمبردار هو. سندس تصنيفن مان "بهمن نامه"، جنهن ۾ ست قصا نظم ڪيل آهن، ۽ "هفت اختر" جنهن ۾ ست ڪهاڻيون آهن، يادگار آهن. ٿي پٽ ڇڏي ويو.

پهريون خواجه خيرالله. هاڻي سندس فرزند خواجه محمد خليل موجود آهي، ٻيو خواجه فضل الله انهيءَ جا ٽي پٽ هرهڪ خواجه سيف الله، خواجه سعد الله ۽ خواجه شهر الله نالي، ميان عبدالملڪ جي زمين ۾ پيرزادن وٽ گذارين ٿا، جيڪي سندن ماما آهن. ٽيون خواجه عنايت الله، سندس فرزند خواجه اسد الله هو. هاڻي خواجه اسد الله جو پٽ خواجه اميرالله نالي ڪڇي جي ڳوٺ ۾ اتي جي پيرزادن وٽ رهي ٿو. جيڪي سندس ماماڻا آهن.

[خواجه شهاب الدين ۽ سندس اولاد]. خواجه [عبيد الله] احرار جي اولاد مان خواجه شهاب الدين ولد خواجه مير ڪمال الدين علوي آهي. جنهن صورت ۾ همايون بادشاه ايران ڪان موٽڻ وقت پراڻي ارادي جي مدنظر تي، خواجه مير ڪمال الدين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري، دعا جي مدد جي درخواست ڪئي هئي، تنهنڪري جلال الدين محمد اڪبر بادشاه، پراڻي مريدي ۽ پيءُ جي عقيدتمنديءَ جي حقن ڪي خيال ۾ آڻي مٿين خواجه ڪمال الدين ڪي زيارت جي استدعا ڪئي هئي. هن ڪراڙپ جو عذر پيش ڪري پنهنجي پٽ خواجه شهاب الدين ڪي بادشاه جي حضور ۾ روانو ڪيو. هو ڪيترو عرصو بادشاهي دربار ۾ گذاري، والد جي خدمت ۾ موٽي ويو. ڳپل

عرصي ڪان پوءِ خواجہ [١١٢] مير شهاب الدين، مير محمد حسين گيلاني جيڪو شاه بيگ سان گڏ ٺٽي آيو رهيو هو، جي نياڻيءَ جنهن سان مڱيل هو، سان شادي ڪرڻ جي ارادي سان، والد بزرگوار ڪان اجازت وٺي هن طرف آيو ۽ مراد حاصل ڪري، آب داڻي جي ڪشش سببان هميشه لاءِ رهي پيو، ڏاڍي بزرگيءَ ۽ وڏي شان شوڪت سان گذاري ويو.

ستيون خواجہ ڪمال الدين پڻ هرات سان نڪري ارغونين سان گڏجي ٺٽي آيو. هو جاگير سببان ڪلان ڪوٽ ۾ رهڻ لڳو ۽ اتيئي گذاري ويو. سندس مزار فتحي جي ڏکر تي آهي، جو فتحي نڪر [جي نالي سان] مشهور آهي. ڪانئس پر چار پٽ رهيا. ١- خواجہ مير نجم الدين، ٢- خواجہ مير شمس الدين، ٣- خواجہ مير رضي الدين، ۽ ٤- خواجہ مير شهاب الدين، جنهن جو بيان ٿي آيو.

ڪانئس پوءِ (خواجہ شهاب الدين) خواجہ مير ابو تراب باقي رهيو. هو گهڻو ڪري پنهنجي جاگير تي نيرون ڪوٽ گذاريندو هو. سندس نالي تي هڪ باغ آهي جنهن جو هن وقت رکو نالو وڃي رهيو آهي. وفات ڪان پوءِ اتيئي دفن ٿيو.

انهيءَ ڪان پوءِ سندس پٽ خواجہ مير قاسم، برگزيدين خصلتن سان، ٺٽي ۾ وڏن جو نالو روشن ڪيو.

هن ڪان پوءِ خواجہ محمد مير وڏن جي گاديءَ تي ويٺو ۽ فضيلت ۽ چڱيءَ حالت ۾ گذاري ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ خواجہ محمد شريف وڏن جي بزرگيءَ جو ڏيو چڱيءَ طرح روشن ڪيو. خوشنويسيءَ ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور ٿي رهيو ۽ مير سيد علي خوشنويس جو شاگرد آهي.

تنهن ڪان پوءِ خواجہ مرتضيٰ نهايت قابليت ۽ انسانيت سان وڏن جي بزرگيءَ جو نالو زنده رکيو. هو اغاز پيدايش ڪان وٺي هن وقت تائين مشهور ماڻهن جي لسٽ ۾ زنده

آهي. پهريائين صاحبزاده محمد داؤد خان، پوءِ ميان نورمحمد، تنهن کان پوءِ محمد مراد ياب خان، انهيءَ کان پوءِ ميان غلام شاه ۽ هاڻي محمد سرفراز خان سنڌ جي حاڪمن جي حضور ۾ ڏاڍي اعتبار سان ملازم آهي. بي نظير خوشنويس آهي. ستن ئي قلمن ۾ ڪوبہ مٽ ڪونهيس، طبابت ۾ مير عبد الرزاق تخلص مشرب جو شاگرد آهي. سندس هٿ بيمارين جي شفا ۾ تبرڪ جو حڪم رکي ٿو.

حسني سيدن جو طبقو

[مير مخمد حسين ۽ سندس اولاد]. انهن مان آهي حضرت پير جو اولاد مير مخمد حسين گيلاني هروي، جو نهايت بزرگيءَ ۽ ڪمال سان، هرات مان نڪري، شاه بيگ سان گڏجي ٺٽي آيو ۽ اچي انهيءَ محلي ۾ رهيو جنهن ۾ هاڻي خواجہ محمد مرتضيٰ رهي ٿو. خواجہ مير شهاب الدين، جنهن جو بيان ٿي آيو، سندس نياڻو هو.

سندس وفات کان پوءِ هن جو پٽ مير عبد الله، لقب نازڪ، پيءُ جي جاءِ تي بزرگيءَ سان ويٺو، انهيءَ کان پوءِ مير عبد اللطيف نازڪ طبع ۽ پاڪيزه خصلتن سان مشهور معروف ٿي رهيو، تنهن کان پوءِ مير عبد العزيز پنهنجي وقت جو عزيز ٿي رهيو. پوءِ سيد عبد الله ثاني وڏي عزت سان وڏن جو نالو زنده ڪيو.

ڪانئس پوءِ هن خاندان جو خاتمو، سيد محمد رضا بزرگانہ حالت ۾ گذاري ويو. هن جي وفات ٺٽي جي گورنر خواجہ محمد خليل جي ڏينهن ۾ ٿي هئي. سندس اولاد مان ڪو ڪونہ رهيو. جڏهن تہ پهريائين خواجہ مير شهاب الدين، مير محمد حسين جو نياڻو ٿيو هو تڏهن اها وڏن واري رسم پوين ۾ رهندي اچي، خواجہ محمد شريف مير محمد رضا جو نياڻو هو. هاڻي خواجہ مير محمد مرتضيٰ، مير محمد رضا جو ڏوهٽو آهي.

[سيد نور شاھ ۽ سندس اولاد]. پوءِ پيران پير جي اولاد مان سيد نور شاھ ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ آيو. پھريائين نادره (١) ۽ پوءِ گھڻو وقت ڪڇي ۾ گذاريائين. پيريءَ ۽ بزرگيءَ ۾ پنھنجي وقت ۾ بينظير ھو. سندن جايون ٺٽي ۾ شوراين جي محلي ۾ مشھور آھن. ٺٽي جا اڪثر خليفا سندس سرداريءَ جا قائل آھن. ھن جي گذرڻ کان پوءِ سندس پٽ خليفه برخوردار، علم ۽ معرفت جو برخوردار بڻجي پيءُ جو قائم مقام ٿيو. تنھن کان پوءِ خليفي بريشاھ بزرگيءَ جو وارو وڃايو. پوءِ سيد نور شاھ وڏن جي ورثي جو وارث ٿيو. ھاڻي سيد پني لڏو ھن ناليري خاندان جي بزرگن [٢١٢] جو يادگار ڪڇي ۾ رھندڙ آھي.

شيخ بھاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد سڳوري جي گھراڻي جو طبقو: ھي سڄي سنڌ جي بزرگن ۾ جھونا ۽ سيدن سڳورن کان پوءِ سيني کان وڌيڪ عزت وارا آھن.

[پير شيخ عالي ۽ سندس اولاد]. شيخ بھاؤالدين ملتانيءَ جي پوٽن ۾ وڏي ۾ وڏو پير آھي. ترخاني زماني ۾ فقيرن وانگيان اڪيلوئي اڪيلو سير ڪندو، ٺٽي ۾ انھيءَ جاءِ تي لٿو جتي ھاڻي سندس اولاد رھي ٿو. اتي مير سيد علي شيرازيءَ جو باغ ھو. ھيءَ نار جو آواز ھڏي شب باشيءَ جي ارادي سان ھڪ وڻ ھيٺان ترسي پيو. باغائي شام جي وقت نار جا ڏڳا ڇوڙي شھر ڏانھن ھليو ويو. پر جڏھن تہ شيخ جي دل جو، نار جي آواز سان، تعلق ٿي پيو ھو تنھنڪري خدا جي قدرت سان نار سڄي رات ڏاندن جي وھڻ کان سواءِ وھندو رھيو. صبح جو باغائي اچي ڏٺو تہ نار سڄي رات وھندو رھيو آھي

(١) بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ نارره لکيل آھي. اسان ھي لفظ مير مراد علي خان جي نسخي تان درست ڪيو آھي.

۽ پاڻي، ٻارين ۾ ضرورت کان زياده وهي، ڪن وڻن کي نقصان رسايو آهي. هو نار وهائڻ جي تهمت فقير تي رکي، سيد عليءَ جي خدمت ۾ دانهن ڪئي ويو ته فقير هھڙي حرڪت ڪري ڪيترن وڻن کي نقصان رسايو آهي. سيد نوڪرن کي فقير کي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. روڪ ٽوڪ تي فقير باغ کان ٻاهر نڪتو ته اهو وڻ جنهن جي ڇانو ۾ ويٺو هو ۽ اهو گلن جو ٻارو، جنهن جي ديدار ۾ مشغول هو، بروقت فقير سان گڏ اڳتي رڙهڻ لڳو. ماڻهن فقير جو هيءُ تصرف ڏسي، وڃي سيد عليءَ سان ڳالهه ڪئي. سيد پاڻ به صاحب دل هو ۽ فقيرن جي خدمت کي سعادت جو سرمايو ڄاڻندو هو. سو خبر پڌڻ شرط اٿي ڪڙو ٿيو. ڊوڙي اچي محققانه ملاقات ڪيائين ۽ فقير جو باغ جي ٽڪري سان دلي شوق ڏسي ساري زمين ڪيس نذراني طور ڏيئي ڇڏيائين. انهيءَ کان پوءِ شيخ جو غلغلو ظاهر ٿيو ۽ هڪ دنيا سندس مريديءَ جي سعادت حاصل ڪئي. هو گھٽو ڪري هڪ ئي ٽڪريءَ تي انهيءَ هند گذاريندو هو جتي هاڻي دفن ٿيل آهي. ڪجھ زماني گذرڻ کان پوءِ شادي ڪري چار پٽ ڄڻيائين.

١- ابو محمد، هن کان ننڍپڻ ۾ وڏيون ڪرامتون ظاهر ٿيون. چون ٿا ته هڪ ڏينهن ويٺو هو ته اوچتو ڏسندڙن کي سندس ٻئي پنيون مٽيءَ ۽ گپ سان ڀريل ڏسڻ ۾ آيون. خادمن جي پڇا ڪرڻ تي ورائيائين ته هڪڙو خادم ٻيڙيءَ تي چڙهيو ٿي آيو، ٻيڙي وڃي گپ ۾ چڪ ۾ ڦاٿي، اسان کي ياد ڪيائين ۽ اجهو ٻيڙي ٻاهر ڪڍيو ٿو اچان. ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ ساڳئي خادم اچي، ساڳيو احوال ساڳي تاريخ مطابق بيان ڪيو. هو پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو.

٢- صالح محمد عرف فاضل محمد ٣- ولي محمد. هيءُ ٻئي ڀائر پڻ پيءُ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويا.

٤- شيخ محمد واصل، هيءَ پيءَ جي ڪماليتن سان موصوف ۽ يادگار پيدا ٿيو. پيءَ جي وفات واري ڏينهن، فقيرن جي دستور موجب، ميلو ڪرائيندو هو، جو ٽن ڏينهن تائين رهندو هو. سيد علي شيرازيءَ جي فرزند سيد جلال، هن رشڪ تي اهو ميلو بند ڪرائي ڇڏيو ته انهن جو ميلو سيد عليءَ جي ميلي کان اڳ ۾ ٿيندو هو ۽ فقير ڦهريائين هن ميلي مان ٿي پوءِ سيدن جي ميلي تي پهچندا هئا. سيد جي منع ڪري فقير حاضر نه ٿيا پر اتفاق اهڙو ٿيو جو سيدن جي ميلي وقت اهي فقير به ڪونه آيا جيڪي پين کوٺن مان اچي ميلي کي مچائيندا ۽ سماع (سمنهن) ڪندا هئا. سيد جلال ڳڻتيءَ ۾ پئجي، مراقبو ڪري معلوم ڪيو ته فقيرن جي نه اچڻ جو سبب رکو پير شيخ عاليءَ جي ميلي کسي روڪڻ آهي. [هڪدم] شيخ محمد واصل سان [٢١٣] دوستيءَ جو رستو رکي، دستور موجب ميلي جي اجازت ڏنائين ته انهيءَ ڏينهن فقير اچي پهتا. جڏهن فقيرن کان دير جو سبب پڇيائون تڏهن هنن ورندي ڏني ته سارو ڏينهن پنڌ تي ڪيوسون پر رات جي وقت وري اچي ٿي ساڳين پيرن تي بيٺاسون. نشان پتو ڳولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ٿي ڪئي سون پر ٿر جيترو تفاوت به معلوم نه ٿي ٿيو. اڄ، بغير ڪنهن پريشانيءَ جي ٽن ڏينهن بلڪ وڏيڪ پنڌ تان اچي پهتا آهيون. انهيءَ وقت کان وٺي ٻنهي پيرن ۾ دوستيءَ جو رستو جاري ٿيو. هڪ ٻئي جي ميلن تي فقيرن سميت حاضر ٿيندا هئا ۽ اها رسم قائم رهندي آئي.

شيخ محمد واصل جي نياڻي، شاهه عبدالله قريشيءَ ملتانيءَ جي اولاد جي هڪڙي فرد شيخ ضياءَالدين (١) سان پرڻائي ويئي جنهن مان شيخ محمد ملوڪ (٢) نالي هڪ فرزند پيدا ٿيو جو ننڍي ئي گذاري ويو. شيخ ضياءَالدين پاڻ به هندوستان ڏانهن سير تي هليو ويو ۽ واپس ڪونه آيو.

(١) نسخه "ن" بهاؤالدين (٢) نسخه "ن" محمد

[شيخ محمد رضا ۽ سندس اولاد]. سندس پيءُ شيخ محمد رضا هتي هو ۽ شيخ محمد واصل جي وفات کان پوءِ، سندس پنهنجي اولاد نه هجڻ ڪري، پير شيخ عاليءَ جي گاديءَ تي ويهي بزرگن جي خصوصيتن سان موصوف رهي گذاري ويو. ڪاري تعلقي ڪڪرالي وارا قريشي پيرزادا سندن سوٽ ۽ ڏاڏنگ مان آهن.

شيخ محمد رضا کان پوءِ سندس پٽ شيخ زين العابدين عرف شيخ متن بزرگيءَ جي گاديءَ تي ويٺو. ابتدا ۾ هن ڏاڍيون ڪرامتون ڏيکاريون ۽ پوين ڏينهن ۾ پاڻ کي انهن کان روڪي لڪ جي ڪوشش ڪندو هو. آخر وڏيءَ عمر ۾ نهايت عزت سان رحلت ڪري ويو.

هائي سندس پٽ دائم شاه وڏن جو قائم مقام آهي.
دائم شاهه کان پوءِ سندس پٽ ميان پورو ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ، شيخ زين العابدين عرف ميان متن جو ٻيو پٽ ميان درياهه گاديءَ تي ويٺو. سنه ١٢٠١ ھ ۾ ميان درياهه گذاري ويو ۽ ساڳئي شيخ جو ٽيون پٽ شيخ غلام شاه گادي نشين ٿيو.

[شيخ ڪالو قريشي ۽ سندس اولاد]. شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان، وقت جو بزرگ، زماني جو عاليشان مناقبن جو صاحب، ڪرامت جو درياءُ، ترخانن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ آيو. جنهن صورت ۾ سنڌ جا اڪثر رهاڪو هن گهرائي جا مريد آهن، تنهنڪري ننڍا خواه وڏا سندس تشريف آوريءَ کي تبرڪ سمجهڻ لڳا. خسرو خان چرڪس، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو، هن بزرگ کي پنهنجي نيائي ڏيئي گهر جاٽو بڻايو. اهوئي سبب آهي جو شيخ جي اولاد خسرو خان جي حويليءَ ۾ رهي ٿي.

هن جي گذري وڃڻ کان پوءِ سندس خدا آگاهه فرزند شاهه عبدالله جاءِ نشين ٿيو.

انھيءَ ڪان پوءِ ھن جو، حقيقت شناس، عارف، ڪامل فرزند شيخ رحمت الله رھيو. ھن پنھنجي مقرر عمر پوري ڪرڻ وقت ۾ ناليرا موتي ڇڏيا.

ھڪ شيخ عبدالباقي، ھن خسرو خان چرڪس جي حڪومت وارن ڏينھن ۾ مرادون ماڻيون. پھريائين نصرپور ۾ حاڪم رھي، نوڪرن، چاڪرن، ٻيلين ۽ ٻانهن جو صاحب ٿي رھيو. پڇاڙيءَ ۾ وڏن جي رستي تي ھلي ھن دارالفنا کان دارالبقا ڏانھن رحلت ڪري ويو.

انھيءَ کان پوءِ شيخ عمادالدين ڏاڍي شان مان سان دين ۽ دنيا ٻئي ھٿ ۾ رکيا.

سندس گذرڻ کان پوءِ ھن جو پٽ شيخ عبدالرزاق، حال ۽ سھڻن اخلاقن جو مالڪ ٿي رھيو. تنھن کان پوءِ سندس پٽ شيخ محمد شفيع، وڏن جي پيروي تي، ڏاڍي صدق ۽ استقلال سان رھيو. ھاڻي سندس پٽ شيخ ضياءُ الدين بھاؤالدين پور ۾ پنھنجن عزيزن، اتي جي پيرزادن ۾ رھي ٿو.

ٻيو شيخ عبدالله. ھيءَ وڏن جي اخلاقن جو حامل، خدا آگاھ ۽ وڏي پھچنديءَ وارو پيدا ٿيو. رحلت وقت ۾ ناميارا پٽ ڇڏيائين.

پھريون شيخ سلام الله. ھو فقيريءَ جي رستي تي ھلي، ھدايت ۽ ارشاد جي رستي جو سالڪ ٿي، رياضتن ۽ ڪرامتن جو مالڪ ٿيو. سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي اولاد ۽ سجاده نشين سيد عبدالغنيءَ جو صحبتي ۽ مريد ھو. انھن پيرن [٢١٤] جي ميلي ڏينھن ٻتين ٻارڻ جي خدمت خاص سندس حوالي ھئي ۽ اڄ تائين اھو ڪم سندس اولاد ڪندي اچي. لُٽي واري الھڏتي زرگر، سيد عبدالڪريم جي وڏي ۾ وڏي مريد، جي پڻ زيارت ڪري ڏاڍا فيض پرايائين. کيس ٽي پٽ ٿيا. ١- شاھ مراد، ٢- شاھ عبدالله، ۽ ٣- شاھ رحمت الله. ھر ھڪ وقت جو بزرگ ٿيو.

انهن مان شاهه رحمت الله تمام ماڻهپي ۽ انسانيت سان گذريو آهي. ميان درگاهي شاهه نالي هڪ ناليرو فرزند ڇڏيائين، جو پڻ وڏن وانگيان وڏو تصرف جو صاحب ٿي گذريو آهي. هاڻي سندن فرزند گرامي ميان موٿو شاهه وڏن جو قائم مقام آهي ۽ ورثي موجب شاهه عبدالڪريم (بلڙيءَ واري) جي درگاهه جي روشنائيءَ جي خدمت بجا آڻيندو آهي. هو گهٽو ڪري ڪاري جي ڳوٺ ۾ رهندو آهي.

ٻيو شيخ عزت الله، مشائخن وارين ڪماليتن سان زندگي گذاريائين. گهٽو ڪري ڪاري جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڪانئس پوءِ ٻه پٽ رهيا ١- ميان راجن شاهه، ۽ ٢- شيخ عبدالباقي.

ميان راجن شاهه وڏن جي پيرويءَ تي رهي گذاري ويو. فقير محمد نالي هدايت وارو پٽ ڇڏيائين جنهن ڪو ٻه فرزند ڪونه ڇڏيو.

شيخ عبدالباقي جڏهن اباڻن ڪماليتن سان زندگي گذاري هن دارفانيءَ ڪان دارباقيءَ ڏانهن راهي ٿيو، تڏهن ميان ٺاري نالي هڪ ناميارو فرزند ڇڏي ويو. هاڻي سندس نشاني ميان صالح محمد، وڏن جي نالي زنده رکڻ لاءِ، نيڪيءَ سان حيات آهي.

قاضين جو طبقو

هيءَ نهايت فضل ۽ ڪمال سان ماڻهن ۾ مشهور ۽ عام خاص لاءِ مرجع هئا.

قاضي نعمت الله [۽ سندس اولاد]. قاضي نعمت الله انهن قديمي قاضين مان آهي جن جو نسب حضرت عباس جي اولاد سان ملي ٿو ۽ جيڪي عباسي گورنرن جي وچڻ ڪان پوءِ، پونتي رهجي ويلن مان آهن. چام صلاح الدين بن چام تماچيءَ جي ڏينهن ۾ عالمن جو پيشوا ۽ پرهيزگارن جو اڳواڻ هو. جنهن بيان تي آيو، سيد احمد شيرازيءَ جي شادي هن جي نياڻيءَ سان ٿي هئي. جنهن مان چار بلند بخت گوهر پيدا ٿيا.

سندس پٽ قاضي سائينڏنو وڏي ۽ وڏو عالم ۽ ڀلي ۾ ڀلو پرهيزگار هو. هو ڪمالات جي جامع هجڻ ۾ بينظير ۽ فضيلت ۾ بيمثال هو.

قاضي نعمت‌الله ثاني سندس پٽ آهي. هو وقت جو علامه ۽ زماني جو زبردست عالم هو. هو پنهنجي وقت ۾ عالمن جي مرجع ۽ عارفن جي معرفت جو سرچشمو هو. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي سندس همعصر هئا. هن جو پٽ رحمت‌الله وڏن جي ڪماليتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ تي رهيو. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ شيخ عبدالشهيد ڪلان بزرگن جي گاديءَ تي ويهڻ جو شرف حاصل ڪيو. سماواتي پرڳڻي ۾ ڪاري نالي ديهه هن جو يادگار آهي.

انهيءَ جو پٽ شيخ عطاءُ الله بزرگيءَ ۾ ملڪين مشهور ٿي گذريو آهي. تنهن کان پوءِ شيخ عبدالشهيد ثاني وڏن جي گاديءَ تي مرادن ماڻڻ لاءِ ويٺو. کانئس پوءِ شيخ احمد وڏن جي بزرگيءَ جو وارث پيدا ٿيو. انهيءَ مان شيخ ابوالحسن پيدا ٿيو، جو هن گهراڻي جو خاتمو هو. هن جڏهن عمر جو مقرر عرصو گذاري هن بي بقا جهان کي الوداع ڪيو، تڏهن پويان ڪو به اولاد يادگار ڪو نه ڇڏيائين.

قاضي حماد [۽ سندس اولاد]. عباسي گورنرن جي دور پوري ٿيڻ کان پوءِ باقي رهيل قاضين مان آهي جن جو نسب حضرت عباس جي اولاد سان ملي ٿو. هو فضيلت ۽ ڪمال ۾ نهايت ڪامل ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ نهايت سڀورو هو.

سندس فرزند قاضي صدو وڏي ۾ وڏو پرهيزگار ۽ خاص عام جي ارادتمنديءَ جو مرڪز هو. علمي خواه عملي گهڻين ڪماليتن جي ڪري سڀورن جو سردار ٿي پيو هو. ڪيترن الله وارن جي صحبت مان فيض پرايو هئائين ۽ حال جي صاحبن مان هڪ وڏي گروهه کي ڪمال جي درجي تي رسايائين،

سندس مزار شيرازي سيدن جي مقام ۾. جو اصل سندن وڏن جو قبرستان هو، صاحب دل انسانن لاءِ هڪ مرادن پائڻ جي درگاه مشهور آهي.

قاضي محمود علام [۽ سندس اولاد]. قاضي نعمت الله ثانيءَ جو سوٽ، مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي جو همعصر علام آهي، جو فضيلت [٢٣٥] ۽ ڪمال ۾ بينظير ۽ علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو گهڻين تصنيفن جو صاحب هو. جهڙوڪ، تذڪرة الاوليا ۽ درسي ڪتابن تي عمدا حاشيه. هن ڪان پوءِ به ناليرا پٽ يادگار رهيا.

هڪڙو قاضي عبداللطيف، طبع جي نزاڪت ۾ سندس مٽ ڪو ورلي هو. هو حد درجي جو فاضل هو. وفات وقت اولاد ڪو نه ڇڏيائين.

ٻيو قاضي قطب الدين، علم ۽ عمل جي دائري جو قطب ۽ فضيلت ۽ ڪمال ۾ مشهور هو. هن جي وفات ڪان پوءِ سندس پٽ شيخ عبدالمجيد موروثي بزرگيءَ سان گڏ وڏو پرهيزگار ٿي گذريو. ڪائنس پوءِ سندس پٽ شيخ محمد زاهد وڏن جو نالو روشن ڪندڙ ۽ سچ ۽ استقلال جو صاحب پيدا ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ شيخ ابوتراب، وڏن جي هليءَ چليءَ موجب، وڏيءَ هلنديءَ پڄنديءَ وارو ٿي گذريو. تنهن ڪان پوءِ شيخ محمد زمان جاءِ نشين ٿيو. جو پڻ خوش خلق ۽ سليقي مند انسان هو. هڪ پٽ ڇڏي فوت ٿي ويو.

قاضي وجه الدين. وقت جو يگانو، ترخاني حاڪمن جو همعصر ۽ مٺين عباسي گهراڻي جو فرد هو. تقديراً وفات وقت اولاد ڪو نه ڇڏيائين.

قاضي عتيق الله عباسي. اصل سيوهڻ جو رهاڪو هو. مرزا جاني بيگ ترخان جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ اچي ملا محمد علي ديوان ڪان سبق ورتائين. هڪ باڪمال، صاحب حال،

[دنيا کان] بي تعلق ۽ خدا سان با تعلق مرد هو. سندس فرزند شيخ عزت الله انشا جي فن ۾ بي‌نظير پيدا ٿيو.

شيخ عبدالرشيد. مٿئين قاضي عتيق‌الله جي گهراڻي مان، حال ۽ قال وارو طالب علم هو. قاضي ابراهيم، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو، سندس شاگرد آهي.

قاضي عبدالله بن تاجو. اصل سيوهڻ جي قاضين مان، عباسي گهراڻي جي گورنرن کان پوءِ [سنڌ ۾] رهجي ويل قبيلن جي بزرگن منجهان آهي. علم ۽ تقويٰ جو هڪ وڏو مرڪز ۽ مقصد هو.

چون ٿا ته هن دين جي بزرگ جو لاش، جنهن بيان ٿي آيو، ڄام نظام‌الدين جي ڏينهن ۾ ازغيبي اچي مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي نڪتو ۽ دل جي صاحبن کي خواب جي ذريعي معلوم ٿيو. هاڻي سندس مزار، شيخ حماد جماليءَ جي راڻڪ جي پويان، عام ماڻهن لاءِ زيارتگاهه بلڪ حاجتمندن جي حاجت روائيءَ جو ذريعو آهي. علم جا طالب، لاڳيتيون ست خميسون سندس زيارت ڪري، ڪمال حاصل ڪرڻ ۾ مدد پسندا ۽ مرادون پائيندا آهن.

قاضي شيخ محمد اچي [۽ سندس اولاد]. آل جعفر (١) ڏانهن منسوب ۽ وقت جي مشهور علمائن مان آهي. پهريائين هرات کان اچ آيو هو. ڄام نظام‌الدين جي ڏينهن ۾ جڏهن سيد ميران مهدي جونپوري ٺٽي آيو ۽ وقت جي عالمن مٿس ڪفر جي فتويٰ ڏني تڏهن هن قاضيءَ، انهيءَ ولي اڪمل جي تڪفير سان تعلق رکندڙ، ظاهري عالمن جي دليلن کي نهايت مناسب رد ڪري ڏنو. ڇاڪاڻ ته هيءُ پاڻ حقيقت جو ڄاڻو ۽ اهل حال جي مقام کان واقف هو. سيد ميران [مهدي] هن جي حال ڏانهن توجه فرمائي، سندس اولاد ۾ بزرگي ۽

(١) نسخه "ن" آل احمد.

سرسبزي دائم ۽ قائم رهڻ لاءِ دعا ڪئي. اهوئي سبب آهي جو مختلف حادثن جي باوجود به هن خاندان تي انقلاب جو اثر نه ٿو ٿئي.

قصو ڪوتاه ته اچ ۽ ملتان جي بد انتظاميءَ کان پوءِ مٽيون قاضي اچي بکر ۾ رهيو، پر اڳينءَ گهڻي مشهوريءَ جي بنا تي اچ ڏانهن منسوب رهندو آيو. جڏهن قاضي سيد شڪرالله شيرازي ٺٽي جي قضا کان استعيفا ڏني، جنهن مٿي بيان ٿي آيو، تڏهن مرزا شاه حسن، مٿين قاضي سيد، جنهن جا هن سان قديمي وطن هرات ۾ ئي خانداني تعلقات هئا ۽ انهيءَ تعلقات کي قائم رکڻ لاءِ هتي پڻ هڪ ٻئي جي پرسان مقام ۾ لاڳاپو پيدا ٿي پيو هو، جي رٿ موجب، هن کي گهرائي انهيءَ معزز عهدي تي سرفراز فرمايو. قديمي نجابت ۽ ميران سيد محمد مهدي جونپوريءَ جي دعا جي برڪت سان اهو عهدو موروثي طور سندس اولاد لاءِ وقف آهي. مرزا عيسيٰ ترخان جي حڪومت جي اوائل ۾ سندس حياتيءَ جو دفتر ويڙهجي ويو. شيخ احمد ۽ شيخ فريد نالي ٻه عالي گوهر پٽ ڇڏيائين.

شيخ قاضي احمد وڏو فاضل ۽ ڪامل هو. نيڪ عاقبت واري پيءُ جي وفات کان پوءِ، قضا جي جليل القدر عهدي تي سرفراز ٿيو.

انهيءَ کان پوءِ سندس ڀاءُ شيخ قاضي فريد، جو سڀني علمن جو جامع ۽ وقت جو يگانو هو، شريعت جي ڪورٽ ۾ عزت جي گاديءَ تي ويٺو. هن ٻه فرزند ڇڏيا. ١- شيخ علي محمد، ۽ ٢- شيخ نورمحمد.

پيءُ کان پوءِ قاضي شيخ علي محمد شريعت جي مسند تي ويهي، ٻه نامور پٽ هرهڪ قاضي محمد حسين ۽ شيخ فريد ثاني يادگار ڇڏي وفات ڪري ويو.

شيخ فريد ثاني تي پٽ ڄڻيا. جن مان هڪڙو شيخ علي اڪرم آهي. جو سڀني عزت وارن کان اڳرو هو. سندس

پٽ شيخ زين الدين ڏاڏيءَ بزرگيءَ سان رهي وڏيءَ عمر ۾ گذاري ويو. پٽ ۽ پوٽي هوندي به ڪا نشاني ڪا نه ڇڏيائين.

قصو مختصر قاضي شيخ علي محمد ڪان پوءِ سندس پاءُ قاضي شيخ نورمحمد ڪجهه عرصو وڏن جو قائم مقام رهي ڏاڏيءَ ڪماليت سان گذاري ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ قاضي شيخ علي محمد جو پٽ قاضي محمدحسين شان و شوڪت سان مسند نشين ٿي وڏي بزرگيءَ ۽ عزت سان برڪت پريا وقت پورا ڪيا.

ڪانئس پوءِ سندس فرزند سڳورو قاضي محمد يحيٰ، جنهن ڪي پيءُ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي، نظر گهڻجي وچڻ ڪري، پنهنجو قائم مقام بنايو هو، تنهن شريعت جي گاديءَ تي ويهي وڏن جي طور طريقي ڪي تمام چڱيءَ طرح عمل ۾ آندو. شيخ عبدالباسط ٺٽوي سندس جلوس جي تاريخ "نافذالامر" (سنہ ١١٠٣) مان ڪڍي آهي.

سندس مراد منديءَ جا ڏينهن پورا ٿيا ته سندس پاءُ قاضي محمدامين گادي نشين ٿيو. جڻن بيان ٿي آيو، ميرشاهه ولي هنجي مسند نشينيءَ جي تاريخ "الحافظ لحدودالله" (١١٣٨ ھ) مان لڌي آهي. هن ڪجهه وقت قضا جي عهدي سان گڏ شاهي ديوانيءَ جي نائبي پڻ ڪئي. نيٺ سنہ ١١٦٠ ھ ۾ گذاري ويو. هاڻي سندس به پٽ شيخ عبدالله ۽ شيخ عبدالرؤف يادگار آهن.

هن ڪان پوءِ وڏن جي ميراث مٿين قاضي محمد يحيٰ جي فرزند قاضي محمد محفوظ ڪي ملي ۽ هو شاندار خوبين ۽ عاليشان خصلتن سان زندگي گذاري، سنہ ١١٧٣ ھ ۾ گذاري ويو.

تنهن ڪان پوءِ سندس فرزند گرامي قاضي محمد يحيٰ هاڻي قضا جي مسند تي رونق افروز آهي. تقديراً ٩ محرم سنہ ١١٨٨ ھ تي بيوقتو آخرت جي سفر تي روانو ٿيو ۽ به صغير پٽ محمد حسين ۽ محمد حفيظ ڇڏيائين.

هاڻي متئين قاضي محمد امين جو پٽ قاضي عبدالله وڏن جو گادي نشين آهي.

قاضي محمد حسين جي ٽئين پٽ شيخ محمد باقر علمي خواه عملي گهڻين ڪماليتن سان گڏوگڏ فقيرن جي صحبت اختيار ڪئي ۽ مجذوب سالڪ ٿي پيو.

سندس پٽ شيخ غلام علي علم حاصل ڪري، وقت جو هڪ وڏو ڪامل ٿي، وجي جذبي جي حد کي پهتو ۽ مجذوبن جي سلسلي ۾ رهي عمر پوري ڪيائين. هاڻي ميان مهر علي سندس يادگار آهي.

اگرچ هن گهراڻي ۾ ٻيا پڻ ناليرا پيدا ٿيا آهن پر اختصار خاطر هن قدر تي بس ڪئي ويئي آهي.

عالمن سڳورن، پرهيزگارن ۽ صالحن جو طبقو

هي "عُلَمَاءُ اُمَّتِي كَاَنْبِيَاءِ بَنِي اِسْرَائِيْلَ" (منهنجي امت جا عالم بني اسرائيل جي نبين جهڙا آهن) جي فرمان موجب ڪائنات جي عرصي ۾ سڀني کان فائق آهن.

هيءَ آيت سڳوري "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللهِ اَتْقٰكُمْ" (بيشڪ اوهان مان الله وٽ وڏي ۾ وڏي عزت وارو اهو آهي جو وڏي ۾ وڏو پرهيزگار آهي) جي مصداق موجب سڀني قومن ۽ پاڙن کان اڳرا آهن.

شيخ صدرالدين. وڏي ۾ وڏو عالم ۽ پلي ۾ پلو پرهيزگار جام نظام الدين جو همعصر آهي. هو ايڏو ته علمن جو جامع هو جو هزارها شاگردن کي علم جي ڪمال تي پهچايائين. سيد ميران محمد جونپوريءَ جي تشريف آوريءَ تي ڦريائين ته سندس مخالف ٿي بيٺو پر نيٺ سندس زيارت کان پوءِ پڪو مريد ٿي پيو. سندس اصل نسل جي حقيقت جي خبر نه پئجي سگهي آهي.

مخدوم ركن الدين عرف مخدوم متو. ٺٽيءَ واري مخدوم بلاول جنهن جو بيان ٿي آيو، جي خليفن جي لسٽ ۾ داخل هو. هميشه عبادتن ۽ وظيفن ادا ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو. زهد ۽ تقويٰ جي رستي جا شائق ۽ هدايت ۽ ارشاد جي طريقي جا طالب سندس ڏاڍا مريد ۽ معتقد هوندا هئا. حديث جي علم ۾ تمام ماهر هوندو هو. 'شرح اربعين'، 'شرح گيلاني' ۽ ٻيا سندن تصنيف ڪيل رسالا مشهور آهن. جنت مڪان بادشاه (همايون) جي آوارگيءَ جي ڏينهن سنه ٩٤٩ هه ۾ ٿٽي اندر گذاري ويو ۽ مڪلي ٽڪريءَ تي دفن ٿيو.

[مخدوم ميران]. مخدوم ميران ولد مولانا يعقوب، معقولي خواه منقولي علمن جو جامع هو. مرزا شاه حسن جي ڪچهري ۾ وقت تعليم ڏني هئائين. اڪثر طالب، علم جو نور سندس روشن طبع جي فانوس مان وٺندا هئا. هو سنه ٩٤٩ هه ۾ گذاري ويو. "علامه وارث الانبيا" سندس تاريخ آهي. هن جي مزار مڪليءَ ٽڪريءَ تي آهي.

مولانا عبدالرحمٰن. نقلي علمن ۾ بينظير هو. حياتيءَ جا ڏينهن ديني فائدي ڏيڻ ۾ خرچ ڪندو رهيو. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقيءَ جو همعصر هو.

مولانا ڪريم الدين. فضيلتن ۽ ڪماليتن جو جامع، براين ۽ مشڪلاتن جي ڀاڙ پٽيندڙ، زهد ۽ تقويٰ ۾ دوستن ۾ ناميارو، ۽ مٿين مولانا عبدالرحمٰن جو همعصر آهي.

مخدوم فضل الله [۽ سندس اولاد]. وقت جو وڏو عالم، قدسي فضيلتن جو جامع، انساني علمن جو ماهر ۽ پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل هو. هميشه علم جي پاڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقيءَ جو همعصر آهي.

سندس اولاد مان مخدوم ابوالخير پنهنجي وقت ۾ هڪڙو ڪامل طالب علم پيدا ٿيو. فتاوي عالمگيريءَ جي مسئلن چونڊڻ ۾ شريڪ رهيو.

هن جو پٽ، ملا اسحاق ڪمالين جو جامع هو. تنهن جو پٽ ڪمال الدين نالي تازو لاولد گذاري ويو آهي.

مخدوم فيروز [۽ سندس پويان]. پنهنجي وقت جو ڪامل ۽ ڪامل عالم آهي. بزرگي ۽ علمي ڪمال سندس اولاد ۾ موروثي هلندا اچن ٿا. انهن مان قاضي ابراهيم، مٿين مخدوم جو پوٽو ظاهري خواه معنوي ڪمالين جو جامع پيدا ٿيو. هو شاهه جهان جي دربار ۾ عزت واري عهدي تي ترقي ڪري جهان آباد جو مفتي ۽ لشڪر جو قاضي بڻيو. ڪجهه وقت ٺٽي جو امين بڻجي اتي آيو. چون ٿا ته سندس حويليءَ تي ڏيڍ لک روپيا خرچ ڪيو هئائون. پر هيءَ جڏهن آيو تڏهن ڪانه وٽيس. ٺٽي جو حاڪم، جيڪو ست هزاري امير هو، هفتي ۾ هڪ ڏينهن سندس گهر اچي عام دربار ڪندو هو. پاڻ پڻ نواب جي اچڻ جي عوض هڪ ڏينهن سندس گهر تشريف فرما ٿيندو هو ۽ منجهند کان وٺي شام تائين اتي رهندو هو. محمد بختاورخان عالمگير جي ڏهه سالہ (تاريخ) ۾ قاضيءَ جا عجيب نقل لکيا آهن. راقم الحروف پڻ هنن ورقن کي انهن لطيفن سان ٺئين سونهن ٿو بخشي.

مٿين قاضيءَ کان نقل آهي جو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن فقير (آءٌ) ميرڪ شيخ، [٢١٨] جو بادشاهه دين پناهه جي آخري ڏينهن ۾ صدارت مطلق جي عهدي تي سرفراز ٿيو هو، جي جاءِ تي حاضر ٿيو. اتفاقاً عالمن جي مجلس منعقد ٿيل هئي. جڏهن وچي ويٺس ته اوچتو هڪ شخص سادو لباس پهري، ڦريل پٽڪو مر تي رکي اچي مجلس ۾ داخل ٿيو. ميرڪ شيخ سندس آمد تي سڀني عالمن کان گهڻي تعظيم ڪئي. اُن وقت ٻـ ميرڪ شيخ هن جي تعظيم بجا آندي. حاضرين مجلس هن جي احوال متعلق پڇا ڪئي ته وراڻيائين: ”هيءُ ماڻهو نادر علمن کان ڏاڍو واقف ۽ جنن جي دنيا جو مرشد آهي“. مان هيءُ ٻڌي تڪڙو تڪڙو مجلس مان اٿي ڪڙو ٿيس ۽

انهيءَ پياري جي خدمت ۾ پهچي ملاقات لاءِ عرض ڪيم. هو پنهنجي گهر جو پتو ڏيندو هليو ويو. ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ سندس گهر ڏانهن روانو ٿيس. اطلاع ملڻ تي بالاخاني تان، جو سندس خلوت گاهه هو، هيٺ لهي، احوال معلوم ڪري، عرض ڪيائين ته "بنده کي ڪجهه ڪم آهي، گهڙي ڪن بالاخاني (ماڙي) تي قدم رنج فرمايو ته واندو ٿي اچي ٿو خدمت جي سعادت حاصل ڪريان". اچا ماڙيءَ جا ۾ تي ڏاڪا مس چڙهيو هوس ته دستار بندن جي هڪ عاليشان مجلس منعقد ٿيل ڏسڻ ۾ آيم. سون کي ڏسي سيني استقبال ڪيو ۽ مجلس جي صدر ۾ وهاريائون. انهن مان ٽن چئن ماڻهن کي ڪتاب هٿ ۾ هئا ۽ هڪڙو ڪتاب مطول وچ ۾ کوليو ويٺو هو. هنن ٻن ٽن ڏينهن جي اندر مون وٽ پڙهندڙ هڪ طالب علم ملا سعد الدين تي اعتراض ڪيو هو. جڏهن هن جماعت ۾ انهيءَ ماڻهو مطول ڪتاب کوليو تڏهن اهوئي ماڳيو مقام بحث هيٺ آيو. پڙهندڙ، پاڙهيندڙ ۽ ٻڌندڙن انهيءَ اعتراض جي حل ڪرڻ ۾ بحث شروع ڪيو. سون ٻڻ ٿورو دخل ڏنو. هر علم مان بحث ۽ دليل پيش ٿيو. اها مجلس پهر ڏينهن تائين هلي. اوچتو گهر جو مالڪ ظاهر ٿيو ۽ سڄي جماعت اٿي سندس استقبال جو ارادو ڪيو. مان پرائڻ جي شوق جي غلبي وچان سيني کان اڳ ۾اچي وٽس پهتس. چيائين ته 'ڏادي تڪليف ورتي اٿو ۽ انتظار ڪيو اٿو'. سون ورائيو ته 'هنن پيارن جي صحبت مان ڏادو فائدو پرايو اٿم' چيائين ته 'ڪهڙا پيارا؟' پوءِ تي نهاريم ته ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيم. هڪدم لڱن ۾ ڏڪڻي پئجي ويم ۽ بيهوش ٿي وڃس. شيخ جلدي پاڻيءَ تي دم ڪري منهنجي منهن تي ڇنڊڪايو تڏهن آءٌ هوشيار ٿيس.

ساڳئي قاضيءَ کان روايت آهي ته مان جڏهن اعلیٰ حضرت جنت مڪان (عالمگير) جي پوٽي جو معلم هوس، تڏهن هڪ ڏينهن شيخ ناصر، جو پنهنجي وقت جو عجيب غريب ماڻهو هو،

ڪتابخاني ۾ لنگهي آيو. مون سلطان کي شيخ کان ڪجهه گهرڻ جو اشارو ڪيو. سلطان ڏاڍي نياز سان شيخ کان تبرڪ جي گهر ڪئي ۽ هن مرڪي هٿ ڊگهو ڪري، فرش جي هيٺان ٽوريون پٿريون ڪڍي، هٿ ۾ وٺي ٽي پيرا ڦيرايون. انهن پٿرين مان ڪي آبدارعقيق، ڪي لاڪيٽا لعل، ڪي مرجان ۽ ڪي موتي ٿي پيون. انهيءَ کان وڌيڪ عجيب وري هيءَ ته هڪڙي ڏاڙهي جي وار جي ڇهنب سان پوئي سلطان کي ڏنائين.

قصو ڪوتاهه، مٺئين قاضيءَ کي ٻه ناليرا فرزند ڄاوا. هڪ شيخ امان‌الله، هوستيار جي پرڳڻي ۾ پنهنجي جاگير جي علائقي ۾ رهي گذاري ويو، اولاد ڪا نه ڇڏيائين.

ٻيو شيخ عنايت‌الله، جو پڻ جاگير جي ڪري ٻاهر ڳوٺن ۾ سڪونت ڪري گذاري ويو. هاڻي قاضي ابراهيم کي ڏوهٽن کان سواءِ ٻي اولاد ڪانهي: قاضي محمد يحيٰ، قاضي محمد امين ۽ شيخ محمد باقر، ٽيئي ٻاٺر سندس مڱا ڏوهٽا آهن.

قاضي ابراهيم جو ڀاءُ محمد ڪريم [٢١٩] جاگير جي تعلق سبب نيرون ڪوٽ ۾ گذاري ويو.

مٺئين قاضي ابراهيم جو ڀائٽيو قاضي محمد اڪرم ٻوري پرڳڻي جي قضا سان سرفراز ٿيو.

قاضي ابراهيم جي ڀائرن جي اولاد مان قاضي عبدالجليل ٺٽي جي قضا [جو عهدو] حاصل ڪري اوڏانهن وڏيءَ عزت سان فوت ٿيو.

ميان ابوالمعالي ٺٽي ۽ آسپاس جي جزيه ۽ عدالت جو داروغو مخدوم فيروز جي اولاد مان ناليرو پيدا ٿيو.

سندس پٽن مان ١- شيخ محمد يار: ٺٽي ۾ ڪامل هدايت ۽ وڏيءَ جماعت جو صاحب ٿي گذريو. ٢- ميان عبدالواسع: ابوالفتح قابل خان مير منشيءَ جو ڀاڻيجو، هن عالمگير جي دربار

۾ اعليٰ عهدي تي سرفراز ٿي، نوابيءَ ۽ وڏيءَ عزت سان حياتيءَ جو دور پورو ڪيو. سندس انشاء دنيا ۾ مشهور آهي.

[مخدوم عثمان ۽ سندس اولاد]. مخدوم عثمان ولد مخدوم بهاوالدين بن ميان سچڻ صديقي، جنهن جو بيان پنهنجي جاءِ تي ٿي آيو، اصل ۾ ساڪن اچ، مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾ ٺٽي اچي، ملا محمد علي ديوان جو نياٺو بڻجي، خزاني جي وصوليءَ جي نوڪري ورتائين. مرزا جي گرفتاريءَ کان پوءِ، هو ساڻس اڪبر بادشاه جي دربار ۾ ويو. اگرچه مرزا جاني بيگ کي ملڪ موٽي ملڻ وقت، کيس ساڳي نوڪري ملي ٿي، پر هو پيران سالي جو بهانو ڪري، ٺٽي جي سٺو جريبن تي، جيڪي کيس گذران لاءِ مليا، قناعت ڪري، ٺٽي موٽي آيو ۽ گذاري ويو. چار پٽ ڇڏيائين ١- محمد امين، ٢- عبدالواسع، ٣- عبدالجليل ۽ ٤- عبدالملڪ.

شيخ محمدامين نهايت فضيلت وارو ۽ سيني صوبيدارن تي مستوفي (ماليات وصول ڪندڙ) هو. سندس پٽ ١- محمد شفيع، ٢- محمد مراد، ۽ ٣- محمد رفيع هئا.

محمدشفيع پنهنجي وقت جو برگزيدو ۽ تصنيفات جو صاحب ٿيو. سندس پٽ محمد امان جهان آباد ۾ گذاري ويو. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

محمد مراد عهديدارن جي صورت ۾ رهي گذاري ويو. سندس پٽ ١- محمد صالح، ٢- محمد عاقل، ۽ ٣- محمد رفيع آهن، ۽ هرهڪ بادشاهي عهدي تي سرفراز ٿيو.

محمد عاقل جي اولاد مان محمد احسن خان ڏاڍي انسانيت ۽ فضيلت جو صاحب ٿيو. شاهي عهديدار هو. ٺٽي جي جواهرخاني جي خدمت سندس حوالي هوندي هئي. هاڻي سنه ١١٨٠ هه ۾ اولاد يادگار ڇڏي گذاري ويو.

مٿئين مخدوم عثمان جو پيو فرزند شيخ عبدالواسع پنهنجي سوٽ جعفرخان شاه جهانيءَ جي حق سبحان ڪجهه وقت منشي رهيو. هو خوشنويسيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

عبدالهادي نالي سندس فرزند لاهري بندرجي شاه بندر (١) جي منشيگيريءَ ۾ ناميارو آهي. سندس پٽ محمد محسن، وڏن جي نشاني، ويجهڙائيءَ ۾ گذاري ويو.

مخدوم عثمان جي [ٽئين] پٽ شيخ عبدالجليل مٿئين جعفرخان وٽ مير منشيءَ جو عهدو هٿ ڪيو ۽ هڪ مهيني جي عرصي ۾ گذاري ويو. سندس پٽ محمد محسن ۽ عبدالعليم هئا.

عبدالعليم ڀهريائين لٽي پرڳڻي جي خزاني جي نگرانيءَ جي نوڪريءَ تي هو. موقوف ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڀائر دکن هليا ويا. تقديراً عبدالعليم دربارمان نڪرندي اوچتو گذاري ويو. سندس ڀاءُ محمدمحسن اها ڳالهه ٻڌي، دانهن ڪئي ۽ ماهر ڏنائين. عبدالعليم جا پٽ ١- محمدظهير ۽ ٢- محمدعبدالرشيد آهن.

عبدالرشيد کي [وڏن جي] حق موجب [خزاني جي] نگرانيءَ جو عهدو مليو. هو سنه ١١٤٦ ۾ گذاري ويو.

مٿئين مخدوم محمد عثمان جي [چوٿين] پٽ عبدالملڪ، محمدتقي نالي هڪڙو فرزند ڇڏيو، جنهن حرمين شريفين زاد هما الله [٢٢٠] شرفا و تعظيما (شال الله تعاليٰ انهن جي تعظيم ۽ شرف وڌائي) جي زيارت کان واپس وري سورت بندر ۾ چڱيءَ حالت ۾ گذاري، وفات ڪئي. هاڻي سندس پٽ محمد اسعد نالي اتي موجود آهي.

مخدوم حامد [۽ سندس اولاد]. بزرگيءَ جي خوبين جو سالڪ ۽ هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. گرهرين (٢)

(١) شاه بندر جي لفظي معنيٰ آهي بندر جو بادشاه. مغلن جي دور ۾ بندر جي وڏي ۾ وڏي آفيسر کي شاه بندر چوندا هئا.

(٢) شايد گروهوڙ جنهن کي اڳي گرهل يا ڪرهل به چوندا هئا.

جو قاضي هوندو هو. سندس پٽ مخدوم صابر پيءُ ڪان پوءِ متين خدمت سان سرفراز ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ هن جو پٽ مخدوم ابوالبقا وڏن جي عهدي جو مسند نشين ٿيو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند رشيد مخدوم حامد پيءُ جي بجاءِ شريعت جي گاديءَ تي ويٺو. تنهن ڪان پوءِ سندس پٽ قاضي محمدامين، پوءِ هاڻوڪو گادي نشين قاضي حامد وڏن جو يادگار آهي. هو پيرآر ۾ رهي ٿو.

قاضي محمد قاسم [۽ سندس اولاد]. هڪ مشهور ماڻهو پنهنجي وقت ۾ ناليرو ۽ ڏاڍو فضيلت وارو ٿي رهيو. سندس پٽ قاضي قاضن وڏي درجي وارو ۽ متقي، عارفن جي لسٽ ۾ داخل آهي. ڪيس چار پٽ هوندا هئا ١- محمديعقوب، ٢- عبدالغفار، ٣- محمد شفيع، ۽ ٤- محمد صلاح. انهن مان محمد يعقوب بکر جي قاضي هجڻ ڪري پنهنجي وقت ۾ ناليرو ٿي گذريو آهي. هو ٽي پٽ ڇڏي ويو ١- محمد اشرف، ٢- محمد رضا، ٣- محمد خليل.

محمد اشرف ڏاڍو لائق هو. گهڻي عمر دهليءَ ۾ گذاريائين. نامي گرامي خوشنويس آهي. 'شان شفيعا' (١) خط جو استاد هو. شعر استادن جهڙو چوندو هو ۽ 'بهجت' تخلص هوس، هڪ رنگين ديوان سندس نشاني موجود آهي.

سندس پٽ محمد افضل، ٺٽي جي مشهور معروف ماڻهن ۾ علمي قابليت سان زندگي گذاري. ڪجهه وقت بادشاهه جو بخشي (خزانچي) پڻ ٿي رهيو. هاڻي سندس پٽ ميان عبدالجميل ۽ ميان غلام حسين حيات آهن.

متين محمد يعقوب جو [پيو] پٽ محمد رضا هڪ عزت وارو عهديدار ٿي رهيو. سيني بادشاهي ڪارخانن جي امانت جي نوڪري هوندي هيس.

هاڻي سندس پٽن مان مفتي محمد نعيم، مفتين جي سلسلي ۾ پنهنجي وقت جو مشهور معروف هو. تازو ۾ پٽ مولوي

(١) خط جو هڪ قسم.

عبدالرحيم ۽ محمد باقر يادگار ڇڏي گذاري ويو. انهن مان مولوي عبدالرحيم پيءُ جي حياتيءَ ۾ پورب جو سفر ڪري، اتي علم جي تحصيل پوري ڪري، ٺٽي موٽي آيو. هاڻي مشهور عالمن ۾ ممتاز آهي.' ۽ حج ڪري جيدي ۾ فوت ٿيو ۽ اتيئي دفن ٿيل آهي. ٽي پٽ هرهڪ قاضي محمد رضا، ميان نوراحمد ۽ محمد نعيم، هئس.

محمد رفيع عمر جهان آباد ۾ گذاري خانيءَ جي خطاب جو شرف حاصل ڪيو. احمد شاه جي گڙٻڙ کان پوءِ راجپوتانا ۾ رهڻ لڳو هو. وري وڪيل جي حيثيت ۾ ميان غلام‌شاه خان وٽ آيو هو. ۽ ٿورو عرصو ٺٽي کي ڏسي واپس موٽيو هو. نيٺ اچي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. هو تقويٰ ۽ فضيلت جي زيور سان سينگاريل ۽ مفتيءَ واري عهدي تي پيءُ جو جانشين آهي.

ساڳئي محمد يعقوب جو [ٽيون] پٽ محمد خليل مٺئين مخدوم محمد حامد جي اولاد قاضي ابوالبقا جي مائٽيءَ سببان ڪجهه عرصو گرهرين جو قاضي رهي، گهڻو وقت جهان آباد ۾ ڏاڍي فضيلت سان خلق ۾ مشهور رهي زندگي گذاري ويو.

مٺئين قاضي قاضن جي [ٻئي] پٽ مخدوم عبدالغفار ڏاڍي فضيلت ۽ علم جي دريا هجڻ ڪري، اسدالعلماء (عالمن جو شير) جو لقب ورتو، حياتيءَ جو عرصو ڏاڍي شان مان سان گذاري پورو ڪيو. هن ٻه پٽ محمد ظهير ۽ محمد قيوم نالي ڇڏيا.

قاضي ظهير فاضل ڪامل پيدا ٿيو. ڪجهه عرصو ٺٽي جي قضا ۽ صدارت جي عهدي تي رهي، پوءِ لاهور جي قضا جو عهدو حاصل ڪيائين. پوين ڏينهن ۾ اورنگا بندر جي قضا ۽ احتساب (۱) جي عزت سان سرفراز ٿيو. آخر لاهور

(۱) اڳوڻي زماني ۾ هڪ عهدو هوندو هو جنهن ۾ ڏسڻو پوندو هو ته جئن ملڪ ۾ ڪوبه غير شرعي ڪم نه ٿئي.

۾ گذاري ويو. درسي ڪتابن تي سندس ڪي حاشيہ يادگار آهن. هن مان ميان عبدالحي هڪ جيد عالم پيدا ٿيو جو ننڍي ۾ گذاري ويو. سندس پٽ ميان عبدالصمد پڻ ننڍي ۾ گذريو. انهي؏ جو پٽ محمد ظهير جهان آباد ۾ آهي.

محمد قيوم مشهور معروف آدمين جي حيثيت ۾ رهي گذاري ويو. سندس ٻن پٽن مان ميان عبدالرزاق ۽ سندس ٻـ پٽ ميان محمد ۽ محمد حفيظ سورت بندر ۾ گذاري ويا ۽ ميان عبدالملڪ ڪجهہ وقت ٺٽي جو قاضي ٿيو. هينئر جڏهن نادري دور آيو تڏهن ٻہ اها ساڳي نوڪري، قاضي محمد امين سان گڏ، سرانجام ڏيندي فوت ٿيو.

مخدوم حاجي سبزواري. ٺٽي جو مشهور معروف ماڻهو آهي. سندس پٽ مخدوم محمد يوسف مفتي؏ کي پنج پٽ ڄاوا جن مان هرهڪ فضيلت جو بحر ۽ ڪمال جو بي نظير گوهر هو. ١- قاضي شيخ احمد، ٢- مولانا مير عدل، ٣- قاضي حاجي محتسب، ٤- مخدوم داؤد مفتي، ۽ ٥- قاضي مخدوم عمادالدين.

ملا احمد. (١) شاه فتح الله شيرازي؏ جو شاگرد، ابوالفضل ۽ فيضي؏ جو همسبق ۽ اڪبر بادشاه جي ڏينهن ۾ ناليرو هو. ڪجهہ وقت اتي جو قاضي پڻ رهيو [٣٢١] سندس مڪلي؏ واري مشهور رانڪ هن جو يادگار آهي.

مخدوم محمد. ٺٽي جو صدر ۽ وقت جي اڪثر مڪيہ ماڻهن جو پيشوا ٿي رهيو. پويان ڪو فرزند ڪونہ ڇڏيائين.

مخدوم عمادالدين [۽ سندس اولاد]. علميت جي ڪمال ۾ زماني ۾ مشهور معروف هو. مير عدلي؏ جي عهدي تي سرفراز ٿي بزرگي؏ جو معيار شمار ٿيڻ لڳو، ٻہ پٽ ١- محمد يوسف ۽ ٢- ابوالفضل ڇڏيائين.

(١) نسخہ "ن" برادر قاضي محمد قاسم موصوف (مٿين قاضي محمد قاسم جو ڀاءُ)

محمد يوسف بزرگيءَ ۾ مشهور ۽ دوستن جي صف ۾ انسانيت جي مصر جو عزيز ٿي گذريو آهي. ۾ پٽ ڇڏيائين.
١- محمد حسن ۽ ٢- ميان عبيدالله.

محمد حسن صدارت ۽ مير عدليءَ جي عهدن تي فائز ٿي انسانيت جي اوج تي ساري خلق ۾ سهڻو رهي زندگي گذاري. هو ٺٽي جي صدرن جو خاتمو آهي. سندس شخصيت جي بزرگي تحرير خواه تقرير کان ٻاهر آهي. نادري دور ۾ گذاري ويو. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

ميان عبيدالله هڪ بزرگ، عاقل ۽ بزرگيءَ جي وصفن سان موصوف انسان ٿي گذريو آهي. محمد نصير نالي سندس پٽ هڪ لياقت وارو ماڻهو پيدا ٿيو. هاڻي انهيءَ جو پٽ ميان غلام محمد، مٿين خاندان جو تتمو، موجود آهي.

مولانا داؤد مفتي [۽ سندس اولاد]. وڏي ۾ وڏو عالم هو. سندس فرزند مخدوم ابوالقاسم علم جو طالب ۽ مدرسي جو مالڪ پيدا ٿيو. ڪيترن ئي طالب علمن کي مڪمل فيض رسايائين. عالمگير بادشاھ کيس پنهنجي پاران شرعي وڪيل مقرر ڪيو هو. سندس وفات سنه ١١١٣ھ ۾ ٿي. مخدوم رحمت اللهطالب علم "ذَهَبَ الْعِلْمُ مِنَ السِنْدْ يَقِيناً" (سنڌ مان يقيناً علم لڏي ويو) جي جملي مان سندس تاريخ لڌي آهي.

سندس پٽ ميان عبدالله عرف چانگو يعني ڇهن آڱرين وارو پنهنجي وقت ۾ مشهور هو. تنهن جو پٽ محمد امين وڏن جو يادگار ٿي گذريو آهي. انهيءَ جو پٽ ميان يارمحمد، هڪ سنئون سڌو ۽ صالح ماڻهو هو. تازو اولاد ڇڏي گذاري ويو آهي.

[ملا احمد]. قاضي نصرالله جو فرزند ملا احمد 'مجالس المؤمنين' جي بيان موجب، هڪ پاڪ دين وارو بزرگ آهي. لاهور ۾ فوت ٿيو. سندس مزار مير عبيدالله جي احاطي ۾ آهي.

مخدوم ابوالخير [۽ سندس اولاد]. وڏو عالم ۽ پنھنجي وقت ۾ مشھور معروف ٿي گذريو. نواب قبادخان عالمگيري، سندس ھڪ مخلص شاگرد ھو.

سندس فرزند ميان ڪرم‌الله پنھنجي وقت ۾ ناليرو ٿي گذريو. تنھن ڪان پوءِ ملا عبدالشڪور عام خلق ۾ مشھور ٿي رھيو. انھيءَ جو پٽ محمد صلاح مثنوي‌خان اڄ ڪالھ مشھور معروف آھي. ٿورو وقت ٿيو ته گذاري ويو آھي. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

ملا محمد جھانگيري. قاضي ملا احمد اڪبريءَ جي سوٽاٽ مان آھي. چون ٿا ته ھو جڏھن حضور ۾ ٿي ويو ته [رستي ۾] وطاي مجذوب ڪيس نوازيو ھو. پوءِ ته جلد ئي مسڪين حال ھوندي به، علمي ڪمال سببان، ھڪ مشھور معروف ماڻھو ٿي پيو ۽ نورجھان بيگم جو استاد بڻيو. پڇاڙيءَ ۾ مھابت‌خان جي مخالفت ۽ ڪنھن خطا صادر ٿيڻ ڪري، عتاب ھيٺ اچي قتل ٿي ويو. وصيت موجب سندس لاش ٺٽي آندائون. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

ملا محمد دماغي شاھجھاني. شاھزادو شاھجھان جڏھن شھزادگيءَ واري زماني ۾ ٺٽي آيو ھو تڏھن ھن سندس امامت ڪئي ھئي ۽ شھزادي کي شاھي تخت تي وھڻ جي خوشخبري ڏني ھئائين، تنھنڪري شاھجھان جي بادشاھيءَ وارن ڏينھن ۾ وڏي مرتبي کي رسي، اھو ڪي ٿيو جيڪي ٿيو. نرينه اولاد ڪانه ڇڏيائين.

مخدوم علي محمد قاري [۽ سندس اولاد]. وڏي ۾ وڏو صاحب فضيلت ۽ قرائت جي علم ۾ ماھر ھو. مرزا جانيءَ جي ڏينھن ۾ ٺٽي ۾ آيو. سندس پٽ عبدالمجيد فضيلت ۽ بلاغت جو صاحب پيدا ٿيو. ھن به پٽ ١- عبدالحي، ۽ ٢- عبدالرؤف ڇڏيائين.

عبدالحي تجارت جو پيشو اختيار ڪري گذاري ويو. سندس پٽ منعم خان قابلخان جو نائي بڻجي وڏي اوج کي پهتو. انهيءَ مان ميان اسدالله عرف ڪنگي هڪ عجيب غريب ماڻهو پيدا ٿيو. هو ’روشن‘ تخلص ڪندو هو ۽ وزن ۽ ربط کان خالي گهٽائي شعر [٢٢٢] چوندو هو. تنهن هوندي به سندس صحبت رنگين ۽ ڪافي حظ بخشيندڙ هوندي هئي. تازو گذاري ويو آهي ۽ يادگار ڇڏيو اٿس.

عبدالرؤف متصدي (خزانہ آفيسر) ٿيو هو. سندس پٽ محمد باقر پڻ ابوالفتح قابلخان مير منشيءَ جي داماديءَ جي برڪت سان وڏيءَ عزت وارو ٿيو. پوين ڏينهن ۾ مٿس جذبي جو غلبو ٿي پيو هو سو گهر مال متاع سميت لٽائي وجي معرفت جي راه جو سالڪ بڻيو ۽ مجنون سالڪن جئن زندگي گذارڻ لڳو. ”جو يا“ تخلص ۽ ”شاهي“ لقب سان مشهور هو. سندس شعر مذاق کان خالي نہ آهي. هو مشهور ديوان جو مالڪ آهي. سندس پٽن هرهڪ محمد زاهد ۽ محمد عارف عرف دڪني پنهنجي حياتيءَ جو دور آرام سان پورو ڪيو.

مخدوم عبدالجميل [۽ سندس اولاد]. فضيلت ۾ ملڪين مشهور، اصل لاهري بندر جو رهندڙ آهي. ٿي پٽ هرهڪ ١- ابوالفتح، ٢- محمد شريف، ٣- مخدوم محمد شفيع ڇڏيائين.

ابوالفتح، جڏهن، شاه جهان بادشاه جي ڏينهن ۾، شهزادي اورنگزيب ملتان ۾ اچي لاهري بندر– جو سندس والده جي جاگير هو– جي شاه بندر کي حساب ڪتاب لاءِ گهرايو، تڏهن شاه بندر جي منشين جي سلسلي ۾ شاهزادي جي حضور ۾ حاضر ٿيو هو. دفتر جي ڇڪتاڻ کان پوءِ، جئن تہ آسمان سندس مدد ڪرڻ ٿي گهري. سو ڪٿي شهزادي اورنگزيب جي اڳيان مدد معاش لاءِ عريضو پيش ڪيائين، جنهن جي وسيلي منشين جي لسٽ ۾ داخل ٿيو ۽ علمي جوهر ۽ انشاء جي قابليت

جي بدولت شهزادي جو توجه پاڻ ڏانهن ڇڪائي روز بروز وڏي ترقي ڪندو ويو. رفتي رفتي [شهزادي جي] بادشاهيءَ وارن ڏينهن ۾ مير منشي ۽ مدارالمهام بڻجي قابلخان جو خطاب هٿ ڪيائين. سندس انشاء دنيا ۾ مشهور ۽ هر ننڍي خواه وڏي لاءِ دستورالعمل آهي.

محمد شريف پڻ نهايت باڪمال هجڻ سبب پاڻ کان پوءِ، جنهن ڪنهن سبب کان گم نامي جي ڪنڊ قبول ڪئي هئي، سندس قائم مقام ٿي قابل خان جو خطاب ورتو. سندس انشاء پڻ پاڻ وانگيان دنيا ۾ يادگار آهي.

محمد شفيع به فضيلت ۽ علم جي فن جو جامع پيدا ٿيو ۽ سلوڪ ۾ پڻ خاص مهارت پيدا ڪيائين. عالمگير سندس امتحان وٺي ڏاڍو محظوظ ٿيو ۽ کيس وڏي مرتبي تي ترقي ڏنائين.

مخدوم فيض الله. پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ سيد علي شيرازيءَ جي ظاهري علم جو استاد هو. مٿئين سيد جي فرزند سيد جلال پڻ سندس شاگردي قبول ڪئي هئي. سيد علي جي اولاد وارا سيد هن مخدوم جي اولاد جو ادب تمام گهڻو ڪندا هئا ۽ تبرڪ خاطر تعليم جي ڦرهي پهريائين سندس اولاد کان لکائيندا هئا. هو آڪري ۾ رهندو هو. نقل آهي ته مٿئين سيد علي جو پوٽو سيد علي اصغر انهيءَ پاسي پير ڊگها ڪري نه سمهندو هو.

مخدوم حمزو واعظ. وقت جو هڪ وڏو ڪامل عالم هو. سندس ڪرامتن ۾ مشهور آهي ته آخوند محمد باقر طالب علم، جنهن جو بيان ٿيندو، جي ڏاڏنگ مان هڪ شخص حاجي حمزي نالي ڪيترو وقت حرمين شريفين ۾ رهي ٻارهن حج ادا ڪيا هئا. کيس وطن جي حب ننڍي ڏانهن ڇڪي رهي هئي پر اتفاق هرگز نٿي بڻيو. انهيءَ تلاش ۾ ڏهه سال گذري ويس. آخر هڪ ماڻهوءَ کيس ٻڌايو ته ”هڪڙو ماڻهو بيت الحرام جي

فلاڻيءَ جاءِ تي اڌ رات جو اچي تهجد جا نفل پڙهڻ شروع ڪندو آهي، جيڪڏهن اهو ماڻهو توکي ملي وڃي ۽ تون انهيءَ جي دامن ۾ چنبڙي پوين ۽ نه ڇڏين ته هو ضرور توکي پنهنجي وطن ۾ پهچائيندو“. حاجي حمزي انهيءَ نشانيءَ تي هن بزرگوار کي لڌو جو مخدوم حمزو واعظ هو. هن (مخدوم حمزو) ڪيتري بيخبري ڏيکاري پر هن (حاجي حمزي) سندس دامن مان هٿ نه ڇڏيو. آخر چيائينس ته ”پنهنجا هٿ منهنجن هٿن ۾ ڏيئي، پير منهنجن پيرن تي رکي، اکيون بند ڪر“. بس ائين ڪرڻ سان پاڻ کي [٢٣٣] ٺٽي جي عيدگاه ۾ ڏٺائين. اتي [مخدوم حمزي] فرمايو ته ’اجهو تنهنجو وطن. پر خبردار متان ڪنهن سان ڳالهه ڪئي اٿيئي ورنه تنهنجو ايمان کسجي ويندو“. هن عرض ڪيو ”آخر انسان آهيان. جيڪڏهن توهان جي عمر پوري ٿيڻ تي وڃي ته پوءِ اجازت فرمايو“. انهيءَ شرط تي کيس اجازت ملي ۽ ڪيترو عرصو [ڳالهه] لڪائيندو رهيو.

چون ٿا ته هڪ ڏينهن صبح جو هڪ ماڻهو مڪليءَ جي زيارت ڪرڻ ٿي ويو. هوڏانهن وطايو مجذوب ٽڪريءَ کان موٽيو ٿي آيو، ۽ هڪڙو بيو مجذوب ٽڪريءَ ڏانهن ٿي ويو. وطايه انهيءَ ٻئي مجذوب کي چيو ته ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اڄ مخدوم حمزو گذاري ويو آهي. جناب سيدالمرسلين سندس امامت لاءِ تشريف فرما ٿي رهيا آهن. اڄ ته اسين به هلي پهچون. هيءَ ويندڙ ماڻهو پڻ انهن مجذوبن جي پويان شهر ۾ پهتو ۽ ڏٺائين ته برابر مخدوم حمزه گذاري ويو آهي. هو سندس جنازي تي ويو ۽ صفن سڌي ٿيڻ وقت وڃي پهرين صف ۾ بيٺو. امام جي تڪبير چوڻ وقت پهريائين کيس غيب مان تڪبير ٻڌڻ ۾ آئي.

مولانا محمد طاهر [۽ سندس اولاد]. شيراز کان ٺٽي آيو. تمام وڏي فضيلت ۽ علم جو صاحب هو. سندس فرزند ١- ابوطالب، ٢- عبدالغني، ۽ ٣- ابوالفضل هئا.

ابو طالب ناليرن طالبن جي صورت ۾ گذاري ويو. سندس فرزند شيخ عنايت الله حاڪمن جي صورت ۾ وڏي آبرو سان حياتي گذاري. ڏوهٽن ڪان سواءِ ڪا اولاد ڪانہ ڇڏ يائين. راقم الحروف جا پڻيتا پانڻ ۽ ڪڪرالي جي قاضي، قاضي محمد فاضل، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، جا پٽ انهن سان آهن.

مولانا محمد طاهر جو پٽ ابوالفضل هڪ ممتاز عهديدار جي حيثيت ۾ حياتي گذاري. سندس پٽ محمد حسن (١) گهڻو عرصو جهان آباد ۾ گذاري، عالمگير جي ڏينهن ڪان وٺي محمد شاه جي پڇاڙيءَ تائين جواهرخاني جو نائب رهي پوري اختيار ۽ عزت سان حياتي گذاري. هن ڪان وڏيڪ پلو، سهڻن اخلاقن سان موصوف ٺٽي جو ماڻهو ڪو ورلي جهان آباد ۾ رهيو هوندو. سنہ ١١٧١ هہ ۾ وڏيءَ عمر ۾ گذاري ويو. سندس پٽ محمد يار اڳتي آهي.

مخدوم لقمان [۽ سندس اولاد]. فضيلت جو صاحب ۽ پنهنجي وقت جو مشهور معروف ماڻهو هو. مرزا جاني بيگ ترخان جي ڏينهن ۾ بکر جي شهر جو احتساب هي ڪندو هو. سندس پوٽو عبدالجميل عرف خرداري چڱي فضيلت ۽ نيڪ حالت جو مالڪ رهيو. هن جي پٽ محمد سليم پيءُ جي وظيفي تي حياتي گذاري. انهيءَ ڪان پوءِ محمد اڪرم رهيو. تنهن ڪان پوءِ عبدالواحد يادگار آهي.

مخدوم اسحاق. اصل گجرات جو باشندو، اڳهم جي قلعي ۾ اچي، مخدوم اسماعيل سوسري جو مريد ٿي ٺٽي ۾ آيو. علمي خواه عملي ڪمالتن ۾ ملڪين مشهور رهيو. وفات وقت ٻہ فرزند ١- ميان احمد، ۽ ٢- ميان عباس نالي ڇڏيائين.

(١) نسخہ "ن" محمد حسين.

ميان احمد عجيب و غريب ڪمال ۽ حال جو صاحب هو.
جناب حضرت رسول مختيار عليہ السلام کان ’احمد ڪتابي‘ لقب مليل هوس. مخدوم ضياءُالدين کان نقل آهي تہ ’سندن حجري جي پٺ تي گهڻو رت ڏسڻ ۾ آيو. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ [اهو رت] ميان احمد جي روح جي نشاني هو‘. مطلب تہ ظاهري فضيلت ۾ پنهنجي وقت جو پيشوا هو. مخدوم عنايت‌الله، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، سندن شاگرديءَ جي برڪت سان، نامور طالب علمن جي جماعت جو استاذ ٿيو. [ظاهري] فضل سان گڏ نهايت وڏي سلوڪ جو پڻ صاحب هو. سندس تمام گهڻيون ڪرامتون مذڪور آهن.

هن جو پٽ ميان محمد هڪ فضيلت وارو درويش پيدا ٿيو. علمي مدرسو سهڻي نموني سينگاريل رکيائين. ڪانئس پوءِ ميان احمد جاءِ نشين ٿيو. هو وڏن جي پيرويءَ تي علم ۽ عمل جي رستي جو سالڪ هو. مخدوم ضياءُالدين [٣٧٤] جي شاگرديءَ جي بدولت [پاڻ جهڙن] ۾ ممتاز رهيو.

چون ٿا تہ اگرچ مخدوم سندس استاذ هو. پر جيئن تہ هو سندس ڏاڏي جي شاگرد مخدوم عنايت‌الله جو شاگرد هو، انهيءَ لحاظ کان هو [هن جي اڳيان] ڏاڏي ادب ۽ ارادي سان اٿندو وهندو هو. پوءِ ڏينهن ۾ عين جوانيءَ ۾ جهيجن جي ڳوٺ پنهنجي ڏاڏي جي خادم مير منعم کان نذرانو وٺڻ لاءِ ويو تہ قضا الاهيءَ سان اتيئي حياتيءَ جي امانت واپس ڪيائين (وفات ڪري ويو).

مٿين مخدوم اسحاق جو [پيو] پٽ محمد عباس دنيا دارن جي صورت ۾ وقت گذاري ويو. هو ميرڪ شيخ عبدالوهاب ثانيءَ جو صحبتي ۽ پنهنجي پيءُ جو مريد آهي. سندس جاءِ نشين شيخ محمد تقي دنيا ۾ معتبر ماڻهن جي شڪل ۾ حياتي پوري ڪري گذاري ويو. هاڻي سندس پٽ حيات آهن.

[مخدوم فضل الله ۽ سندس اولاد]. مخدوم فضل الله بن شيخ ابوبڪر بن شيخ محمد اشرف بن شيخ شرف الدين بن شيخ عمادالدين ثاني بن عبدالله خراباتي بن شيخ عمادالدين محمد بن شيخ رڪن الدين بن شيخ اسماعيل سمرقندي بن شيخ صدرالدين چاچي بن شيخ علم الدين محمد بن شيخ اسماعيل شهيد بن شيخ صدرالدين بن شيخ الشيوخ (مرشدن جي مرشد) شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني وڏي ۾ وڏي فضيلت جو مالڪ ۽ پنهنجي وقت جو نامي گرامي آهي. سندس پٽ ١- ابوالفتح، ٢- محمد حسين، ۽ ٣- عنايت الله آهن.

ابوالفتح وطن ڪان نڪري پنهنجي لياقت وجهي بادشاه جي خدمت ۾ پيش ڪري، پهريائين گجرات جي هڪ پرڳڻي اڪليسر جو قاضي ۽ پوءِ عالمگير جي ڏينهن جي ابتدا ۾ سورت بندر، جو قاضي ٿيو ۽ اتيئي گذاري ويو. اولاد ڪونہ ڇڏيائين.

مخدوم فضل الله جو [پيو] پٽ محمد حسين هڪ متبرڪ ماڻهو ۽ قرآن جو حافظ هو. اڪثر طالبن کي فيض رسائيندو رهيو. ٻہ پٽ ١- حافظ عبدالرحيم، ۽ ٢- حافظ عنايت ڇڏيائين.

حافظ عبدالرحيم هڪ متبحر عالم پيدا ٿيو. سورت بندر جي عالمن جو اڳواڻ ٿي گذريو. اولاد ڪانہ ڇڏيائين.

حافظ عنايت الله ولد محمد حسين نيڪ ڀانهو ٿي گذريو. سندس پٽ حافظ سعدالله حيدرآباد ۾ ورهيہ رهي وفات ڪري ويو. سندس پٽ محمد رضا، عزت الله ۽ فتح محمد ٺٽي ۾ آهن.

[مخدوم محمود ۽ سندس اولاد]. عالم ڪامل، سالڪ عامل هو. چڱيءَ حالت ۾ گذاريائين. آڪر ۾ رهندو هو. سندس پٽ مخدوم حامد پيءُ جي ڪمالات جو حامل پيدا ٿيو. ٻہ پٽ ڇڏيائين. [هڪ] مخدوم صالح محمد واعظ، جنهن ڏاڍي تبرڪ سان رهي سڄي عمر، قمري مسجد ۾ وعظ ڪري گذاري. [ٻيو] ملا عبدالڪريم، جو علم ۽ برڪت

وارو ماڻهو هو. آخر وڏن جي جاءِ تي رهي عمر گذاريائين. سندس پٽن مان محمد شاڪر دکڻ جي پاسي ڏانهن زنده آهي.

مخدوم عبدالرشيد. هڪ بصيرت وارو طالب علم، حال ۾ قاليءَ جو صاحب ۽ پنهنجي وقت ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. سندس اولاد جو پتو ڪونه پئجي سگهيو:

[مخدوم آدم ۽ سندس اولاد]. مخدوم آدم بن مخدوم اسحاق لسلي ۾ صديقي ۽ ناننگ ۾ فاروقي، هڪ وڏو اوليا ۽ عامل ڪامل، شاندار حالت ۾ ڪليل ڪرامتن جو ڌڻي آهي. حرمين شريفين زادهما الله شرفا و تعظيما جي زيارت لاءِ ويو ته مڪي شريف ۾ زالن خواه مردن کي حرم اطهر ۾ هڪ هنڌ داخل ٿيندو ڏٺائين. [اهو ڏسي] مڪي جي حاڪمن کي عرض ڪيائين ته هيءَ رسم بند ٿيڻ گهرجي، پر جڏهن ته هيءَ رسم قديم الايام کان هلندي ٿي آئي تنهنڪري حاڪم انهيءَ جي مٽائڻ ۾ تامل ڪرڻ لڳا. آخر حضرت رسالت پناهه عليه السلام جي جناب مان اشارو ٿين ته مخدوم جي صلاح موجب هن کان پوءِ زالن ۽ مردن لاءِ خلاصا ڏينهن مقرر ڪيا وڃن. انهيءَ وقت کان وٺي اها رسم بند آهي. مٿيون مخدوم ٺٽي ۾ حال جي صاحبن مشائخن جي شڪل ۾ ظاهري طور شريعت جي فتويٰ ۾ مشغول هوندو هو. سندس وفات سنه ١٠٦٦ هه ۾ آهي.

هن جو فرزند سڳورو ميان ابوبڪر صدارت جي عهدي تي سرفراز ٿيو. هو اعليٰ درجي جو فاضل هو. سندس اولاد هڪ وڏو گهراڻو بڻجي پيئي هئي. پر هاڻي سندس پوين مان هڪ ٻن ماڻهن کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. سنه ١٠٨٥ هه ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم علي احمد عرف قمري [۽ سندس اولاد]. [٢٢٥]

مٿئين مخدوم آدم جو پاٽ آهي. خوش الحان هجڻ ڪري

قمري لقب مليو هوس. فضيلت ۽ ڪمال جي زيور سان سينگاريل هو. مشهور طالب علم مخدوم رحمت‌الله، جو ڏاڍو فضيلت وارو ۽ انساني خوبين سان موصوف ٿي گذريو آهي، سندس فرزند آهي. انهيءَ جو فرزند مخدوم عبدالجميل آهي، جو پنهنجي وقت جو نامي گرامي فاضل ۽ اعليٰ درجي جو ذڪي هو. مخدوم ضياءُالدين جو نياڻو ٿيو هو. سندس وفات سنه ١١٥٤هه ۾ آهي. ميان محمد صادق ۽ مخدوم نعمت‌الله سندس فرزند آهن.

مياں محمد صادق عين جوانيءَ ۾ علمي ڪمال حاصل ڪيو. هو حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري لڏي موٽي آيو. ٿوري وقت ڪان پوءِ سفر اختيار ڪري جهونا ڳڙهه ڏاڍي عزت ۽ تبرڪ سان گذاري واپس وريو. وري پيهر انهيءَ پاسي ويو ۽ ڪڇ جي سرزمين تي نڙي جي ڳوٺ ۾ حياتيءَ جي امانت ارواحن جي مالڪ جي حوالي ڪيائين. سندس فرزند ميان عبدالجميل عرف ميان متو باقي آهي.

مخدوم عبدالجميل جو [پيو] فرزند مخدوم نعمت الله زماني جي هڪ نادر سوڪڙي پيدا ٿيو. ويهن سالن جي عمر ۾ علمي مدرسو نهايت ڪمال سان سينگاريائين. هو نقلي علمن ۾ پنهنجي ناني مخدوم ضياءُ الدين ۽ عقلي علمن ۾ مولوي محمد صادق، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، جو شاگرد هو. ٿوري ئي وقت ۾ صلاحيت، تقويٰ ۽ علمن جي جامعيت ۾ ڪيترن عالمن کان گوءِ کٽي ويو، ۽ فقيريءَ جي رستي جو سالڪ ٿيو. هو سيد يارمحمد، جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو، جو مريد ٿي اهو ٿيوجيڪو ٿيو (وڏي درجي کي پهتو). زبان کي سندس تعريف جي طاقت ڪانه آهي. جيڪڏهن سندس حياتي وفا ڪري ها ته اڄ سيني ڪمال وارن کان وک اڳتي هجيس ها. سنڌ جي والي ميان غلام شاه خان جو صاحبزادو محمد سرافراز خان منجهس ارادو رکندو هو ۽ مريدن جهڙو سلوڪ

ڪندو هو. تقديراً سنه ١١٧٩هه ۾ حرمين شريفن جي زيارت لاءِ روانو ٿي مڪه شريف کان اورتي ستينءَ منزل تي حجاز جي سرزمين جي ڪلفتہ بندر وٽ ساڳئي سال جي ١٨ ذوالقعد ۾ وڃي منزل مقصود کي پهتو (فوت ٿيو). راقم الحروف کي بہ هي پاڻ جي شاگرديءَ جو شرف حاصل آهي. ۽ انهيءَ مرحوم جي تاريخ ۾ هيءَ مصرع چئي اٿم ”وارث الانبيا شد از دنيا“ (وارث الانبيا ڇڏي ويو جهان).

مٿين مخدوم علي احمد قمريءَ جو پيو فرزند شيخ عبدالباسط آهي. هو هڪ جيد عالم هو. عالمگير جي حضور ۾ حاضر ٿي، خيراقلعہ-جنهن کي رحمان بخش جو لقب هو-جي فتح جي تاريخ آيت سڳوريءَ ”هذا عطاء نا فامنن اوامسک بغير حساب“ (هيءَ اسان جي عطا آهي، هاڻي وٺيئي تہ بخشي ڇڏ ۽ وٺيئي تہ پاڻ وٽ بنا حساب جي رک) مان ڪڍيائين. قدر شناس بادشاهہ هن جي انعام ۾ سندس علمي ڪمالات جي مدنظر تي کيس ٺٽي جي عدالت جي عهدي سان گڏ صديءَ جو درجو عطا ڪيو. پوين ڏينهن ۾ حج ۽ زيارت جو شرف حاصل ڪري ٺٽي موٽي آيو. پيريءَ جي ضعف ۽ وڏي عمر هوندي بہ شاگردن کي سبق ڏيڻ ۾ مشغول رهيو. هاڻي سندس پٽ محمد اشرف صاحبزادگيءَ جي وقت کان ميان سرافراز خان جي منشين جي لسٽ ۾ داخل آهي.

شيخ محمد شاڪر [۽ سندس اولاد]. هڪ لياقت وارو ماڻهو هو. عهديدارن جي صورت ۾ وقت نانوَ نيڪيءَ سان پورو ڪيائين. سندس پٽ ميان غلام احمد يادگار رهيو.

مٿين شيخ محمد شاڪر جو ڀاءُ، شيخ محمد ڪريم هڪ سليقہ مند، لياقت ڀريو ۽ انسانيت جي زيور سان سينگاريل انسان هو. ڪيترو عرصو معاش جي تقسيم جي خدمت تي مقرر هو. تازو لاولد گذاري ويو.

میان آدم متقي. تقويٰ ۾ معرفت وارن متقين جو امام ۽ علم ۾ يقين جي صاحبن جو مرشد هو. مخدوم آدم جو همعصر آهي.

ميان عبدالنبي خائف. نهايت فاضل ۽ خدا وارن جي صورت ۾ رات ڏينهن خدا جي خوف ۾ رئندو ۽ پاڪاريندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس وڏيون ڪرامتون به صادر ٿينديون هيون. ميان آدم متقي جو همعصر آهي.

ميان عبدالرحيم. ذات جو ونانڙي هڪ باڪمال مرد ۽ مدرسي جو صاحب هو. صلاحيت ۽ تقويٰ سندس اولاد وٽ موروثي طور اچا تائين هلندي اچي. هن جي اولاد ۾ ڪي نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل ماڻهو پيدا ٿيا.

مخدوم رحمت الله [۽ سندس اولاد]. مشهور معروف صدر ۽ مدرس [٢٢٦] آهي. هو علمي خواه عملي ڪماليتن جو جامع هو. عالمگير بادشاه زوردار درخواست ڪري ڪانئن گهرائي علم جو امتحان ورتو ۽ پسند ڪيو. بادشاه کي هڏڻ ۾ آيو هو ته هو مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو درس تمام عمدو ڏيندو آهي. سو امتحان طور پڇيائين ته ملا، مولويءَ بيت، چون گرسنه...الخ ڪئن چيو آهي؟ اگرچ مولوي جي ڪلام ۾ مقصود [عام کي] خطاب آهي پر هن ادب جي رعايت خاطر پنهنجي نفس کي خطاب ڪري ”چون گرسنه مي شوم سگ مي شوم. سخت بدانداام بدرگ مي شوم“.

بادشاه ادب ڏسي ڏاڍو خوش ٿي فرمايو ته ”مون نه ٿي ڄاتو ته ملا ادب جي علم مان هيتري قدر بهره ور آهي“ آخر صدارت جي عهدي سان سرفراز ٿي وڏا لاڳ لهي ٺٽي موٽي آيو.

سندس فرزند رشيد محمد عابد صدر پڻ پيءُ وارين ڪماليتن سان زماني ۾ مشهور ٿي گذريو.

هن جو پٽ شيخ ڪمال الدين پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سمجهه جي حد کي پهتو تڏهن جهان آباد ويو هڪ لياقت وارو طالب علم ۽ جيد شاعر ٿي پيو. جڏهن ترقيءَ کي ويجهو پهتو تڏهن اوچتو ماتا جي بيماري ڪيس فنا جي راه ڏانهن ڪاهي ويئي. شاه عبدالغفور هالائيءَ جو واقعو، جو سچ پچ زماني لاءِ عبرت هو، تنهن ۾ آيت سڳوري" فَاعْتَبِرُوْا يَا اُوْلِي الْاَبْصَارِ (اي عقلمند و نصيحت پرايو) تاريخ جي مطابق لڌي هئائين.

میان لطف الله مدرس. هڪ مرد ڪامل پنهنجي وقت جو مشهور جامع العلوم ۽ زماني جو وڏي ۾ وڏو عالم ٿي گذريو آهي.

مخدوم برهان [۽ سندس فرزند]. هڪ فاضل ڪامل ۽ وقت جو علامه هو. اعليٰ درجي جي فضيلت سان گڏ، چڱيءَ حالت جو مالڪ هو، ۽ برڪت سان زندگي گذاريائين. طالبن کي ظاهري خواه باطني فيض رسايائين. ميان ابو القاسم شرعي وڪيل جو همعصر آهي. سندس اولاد مان مولوي محمد ڪريم طالب علم باقي آهي.

مخدوم عنايت الله. مٺيين ميان احمد ڪتابيءَ جو شاگرد وڏي ۾ وڏو عالم ۽ پلي ۾ پلو متقي هو. [علم جا] ٻه روشن جهنڊا ۽ علامه، هرهڪ مخدوم ضياءُالدين ۽ مخدوم محمد معين سندن شاگرد آهن. پيا به ڪيترا شاگرد هن بزرگوار جي خدمت مان فيض پرائي ويا. پنهنجي وقت جو هڪ ارشاد وارو استاذ ٿي گذريو آهي. سندس وفات سنه ١١١٤ھ ۾ ٿي.

شيخ عبدالواسع [۽ سندس فرزند]. هڪ صوفي، وڏو عالم ۽ صوفي طريقي ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. عجيب غريب تصنيف جو صاحب، نواب مير امين الدين خان جو استاذ آهي. هن 'رشحات الفنون' ۽ 'معلومة الافاق' سندس طبع جي

فانوس مان روشنائي پرائي گڏ ڪيا هئا. ”مخزن الاسرار“ جو شرح قاضي ابراهيم کان بهتر ڪيو اٿس.

مٺئين صوفي شيخ عبدالواسع جو پٽ محمد علي چوڏهن ئي علمن ۾ نهايت بهره رکندو هو. سندس تصنيفون، اڪثر علمن ۾، مشهور آهن. تصوف مان واقف ۽ امامي (شيعه) مذهب رکندڙ هو. شعر عمدو چوندو هو. هڪ تخلص ڪونه هوس. اڪثر غزلن ۾ عشقي، ڪٿي مذنب، ڪنهن جاءِ تي ديسي، انسي، بقائي ۽ فنائي ڏنو ويو آهي.

مخدوم طالب الله مدرس. بدين جي ڪوٽ جي رهاڪو شيخ عبدالله جو پٽ آهي. وڏي فضيلت ۽ نيڪ حالت جو مالڪ هو. پنهنجي وڏي پٽ بيگ محمد کي پنهنجي ٻاران عالمگير بادشاه جي حضور ۾ موڪليو هئائين ۽ هو ڏهه هزار درم اولاد جو معاش ۽ هڪ روپيو روزانو مدرسي جي خرچ لاءِ وٺي آيو. هو وڏيءَ عمر ۾ هن بيسود جهان کي ڇڏي ويو.

شيخ عبدالرحمٰن حقاني. علميت جي ڪمال جو صاحب ۽ انسانيت جي خوبين جو جامع، خدا وارو ۽ بيخودي ۽ تقويٰ جي صفتن سان موصوف انسان ٿي رهيو آهي. سندس پٽ حامد خان مڪيه ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل هو.

ميان ابوالحسن. وقت جو ڪامل ۽ علم ۽ عمل جو صاحب هو. اسلام جي عقائد، ايمان جي فرائض وغيره متعلق سندس سنڌي نظم، جا عام توڙي خاص ماڻهن جو ورد آهي، سندس يادگار آهي. هڪ دنيا سندس بزرگيءَ جي قائل آهي. سندس هڪ ڪرامت هيءَ آهي جو پوين ڏينهن ۾ جڏهن پيڙو تي ڪهو ٿي پيو تڏهن هڪ ڏينهن پنهنجي گهرواريءَ جي ڀائيجي ميان عبدالله واعظ عرف ميان موريه کي، اهڙيءَ حالت ۾ جو اڃا ڏاڙهيءَ جو خط به ڪونه آيو هوس، چيائين ته ”اي ابا! هاڻي مون ۾ امامت جي طاقت ڪانه رهي آهي. تون ڏاڙهيءَ سان ٿيءَ

[۲۲۷] ۽ منهنجي ٻدران امامت ڪر". پوءِ جي وقت هيءُ
چئي هن جي ڳلن تي هٿ ڦيريو هئائين. الله جي قدرت
سان ٿيهريءَ تائين هن ڪي ڏاڙهي جا نشان ظاهر ٿيا ۽ وڃي
امامت ڪيائين.

چون ٿا ته سندس هڪڙي مريد ڪنهن ڏينهن اچي
ٻاڌائي چيو ته نواب جو نوڪر رات جو نشي ۾ الوٽ ٿي منهنجي گهر
۾ زوريءَ اندر اچي ٿو ۽ منهنجي زال سان گڏ ويهي جيڪي
وڻيس ٿو سو ڪري ٿو. سندس هيٺي حال تي رحم ڪري فرمايائين ته
"ٿورو ترس آءٌ تدارڪ جو خيال ڪريان ٿو". پوءِ پنهنجي
گهرواريءَ جي ڀاڻيجي ميان عبدالله کي چيائين ته "پير پٺي جي
خدمت ۾ وڃي، منهنجا سلام ڏيئي، انهيءَ ظالم جي تدارڪ ڪرڻ
جو پيغام پهچايو". هن وڃي عرض ڪيو ۽ صبح جو موٽي
آيو ته ڇا اچي ڏسي ته اڳيئي اهو ظالم جنهن وقت انهيءَ
ماڻهوءَ جي گهرڏانهن اچي رهيو هو ۽ پيشاب ڪرڻ واسطي هڪ
ديوارجي پويان ٿي ويٺو، تنهن وقت سندس پير ترڪي ويو ۽ وڃي
هڪ ڪليءَ تي، پيٽ ڀر ڪريو هو، جا زمين ۾ ڪتل هئي.
هن جو پيٽ ڦاٽي پيو هو، آنڊا ٻاهر نڪري آيا هئا ۽ هڪدم
ساهه ڏنو هئائين.

ميان عبدالقادر [۽ سندس اولاد]. سائيٺي ميان ابوالحسن
جو هڪ سوٽ ۽ متبرڪ ماڻهو هو. هي ٻئي بزرگ هڪ ٻئي
جا سنڌ و هئا. هو ٻه پٽ ۱- محمد حفيظ ۽ ۲- عبدالله ڇڏي ويو.

ميان محمد حفيظ هڪ وڏو صالح ۽ ڪامل متقي پيدا
ٿيو. خدا تعاليٰ سندس شخصيت کي ڪرامتن جو جامع بڻايو
هو. جيڪو به ذمي (ڪافر) سندس منهن ڏسندو هو ته بروقت
اسلام ۾ داخل ٿيندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي مشرڪن
سندس زيارت جي برڪت سان اسلام جو شرف حاصل ڪيو.
مسجد اسلام پور انهيءَ جي نالي مشهور آهي. مڪليءَ لڪريءَ

جن دامن ۾ ڪالڪان جي جاءِ ورتي، جتي گمراھ هندن جي ميلي جي جاءِ آهي، هن مسجد جو بنياد رکيو.

ميان عبدالله واعظ عرف ميان مورڙيو پڻ هڪ باصفا عالم ۽ بزرگيءَ ۽ برڪت ۾ ملڪين مشهور هو. پنهنجا برڪت ڀريا وقت هميشه وعظ ڪرڻ ۾ مصروف رکندو هو. سندس اولاد مان ميان عبدالقادر تازو حرمين شريفين جي زيارت مان مشرف ٿي اچي پيءُ جي جاءِ تي وعظ جي مجلس سينگاري ۽ سنه ١١٨٦ ۾ گذاري ويو.

مخدوم هارون [۽ سندس اولاد]. هيءُ شيخ شهاب الدين سهروورديءَ جي اولاد مان مخدوم عجائب بن مخدوم الياس جو فرزند هو. سندس وڏن جو بيان ورياھ ڳوٺ جي بزرگن جي ذڪر ۾ ٿي آيو. هو ٺٽين ڳوٺ (ورياه) مان نهايت فضيلت ۽ [علمن جي] جامع هجڻ جي حالت ۾ ٺٽي لڏي آيو ۽ حياتيءَ جا ڏينهن علم وارن جي صورت ۾ گذاريائين (١).

سندس پٽ مخدوم ضياءُالدين مخدوم عنايت الله جي شاگرديءَ جي بدولت فضيلت ۽ ڪماليت وارن جي هڪ وڏي گروه جو استاد ٿيو. هو سنه ١٠٩١ هه ۾ ڄائو ۽ باوجود وڏي علميت جي فقيريءَ جي راه جو سالڪ ۽ نهايت نوڙت وارو هو. پنهنجي همعصرن ۾ وڏي هدايت ۽ ڪافي فيض سان زندگي گذاري سنه ١١٧١ هه ۾ ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

هن جو پٽ ميان يارمحمد هڪ حد درجي جو صالح، پرهيزگار ۽ بافضيلت انسان هو. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ هاڻي سندس پٽ مخدم غلام محمد غير معمولي علمي فضيلت

---

(١) نسخه "ن" ۾ هتي هيٺين عبارت وڌيڪ آهي:

سندس پٽ مخدوم ابراهيم فضيلت وارن ۽ صالح انسانن جي جماعت ۾ رهي زندگي گذاري.

۽ بيحد انسانيت سان وڏن جو يادگار ۽ ڏاڍي بزرگ جو قائم مقام آهي.

مخدوم رحمت الله [۽ سندس پويان]. مخدوم اسحاق بن مخدوم عبدالحميد جو فرزند آهي. هنن جو ذڪر ورياهه جي ڳوٺ جي بزرگن جي بيان ۾ ٿي آيو. مٿيون مخدوم آب داڻي جي ڇڪ موجب اچي ٺٽي ۾ منزل انداز ٿـي علم وارن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو. ۽ زندگانيءَ جا ڏينهن پورا ڪيائين. [٢٣٨]

سندس پٽ مخدوم آدم پيءُ کان پوءِ درس تدريس جو سلسلو جاري رکي عالمن جي طبقي ۾ وڏن جو نالو زنده رکيو.

هن کان پوءِ مخدوم رحمت الله رهيو، جو وقت جو هڪ وڏي ۾ وڏو عالم ۽ فاضل ڪامل هو. همعصرن ۾ استاذ جي لقب سان مشهور ۽ بزرگيءَ جي خوبين سان سينگاريل، مخدوم بايزيد جو ناميارو شاگرد هو. جو اڳتي بيان ٿيندو. سندس فرزندن مان ميان محمد ذاڪر اڄان تائين جهان آباد ۾ زنده پڄهي ٿو. محمد عالم اتي وفات ڪري ويو. محمد ناصر حرمين شريفين وڃي رهيو هو ته باسي بندر (١) وٽ پڻي جهان جو سفر اختيار ڪيائين. هن خاندان جو تتمو، مخدوم مذڪور جو چوٿون فرزند ميان محمد عاظم ٺٽي ۾ وڏن جو يادگار زنده آهي.

مخدوم ابو مصطفي. هڪ زبردست عالم مخدوم نوح جو معاصر، سندس مريد ۽ شاگرد هو. هو وقت جي ولي سيدالله جي نياڻيءَ مان هو. سندس رهڻ جي جاءِ ٽڪريءَ تي پير شيخ عاليءَ جي پرسان مشهور آهي. ڪيس هڪ برڪت پريو پٽ ڄائو جنهن جو نالو مخدوم بايزيد هو.

(١) مصنف جي هٿ اکر لکيل نسخي ۽ مير نورمحمد خان واري نسخي ۾ "باسي" آهي. بمبئي ڇاپي واري نسخي ۾ "عباسي" آهي.

[مخدوم بايزيد ۽ سندس اولاد]. هو پنهنجي وقت جو هڪ ڪامل ۾ ڪامل طالب علم هو. علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجي همعصرن ۾ استاذ مڃيو ويندو هو. صفا ۽ برگزيدگيءَ مان ڪافي بهره مليل هوس. والده جي پاران سندس نسب سيدن سان ملي ٿو.

سندس پٽ ميان محمد حافظ جيد عالم هو. ٺٽي جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان علي اڪبر ٻيءَ جي جاءِ تي ويهي نالو ڪڍيو. ۽ حياتيءَ جو عرصو پورو ڪري گذاري ويو. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

مخدوم محمد امين. تعلقي روپاه ۽ پٽ باران جي ڳوٺ ڏاٺي (١) ۾ رهندڙ، دل لاکا قوم جي فرد مخدوم طالب الله جو فرزند هو. جو وڏن جي جاين کان لڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. ۽ فضيلت ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور هو. فاضل خان سندس والد مخدوم طالب الله جو مريد هو، تنهنڪري ڪيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنائين جنهن تي هو شان شوڪت جو صاحب ٿيو ۽ حياتيءَ جو دور چڱيءَ طرح پورو ڪيائين. سندس فرزند:

[مخدوم محمد معين]. مخدوم محمد معين مٺئين مخدوم عنايت الله جو شاگرد آهي. خدا تعاليٰ هن ذات ستوده صفات کي پنهنجي وقت ۾ ڪمال جي سيني فنن جو جامع پيدا ڪيو هو. معقول خواه منقول ۾ وقت جو علامه ۽ زماني ۾ لاجواب هو. هيترين علمي ڪماليتن هوندي به سلوڪ جي رستي جو واقف هو. ڪيترن دين جي بزرگن سان صحبتون ڪيون هئائين. ميان ابوالقاسم نقشبندي، جو اڳتي مذڪور ٿيندو، سان ڏاڍو عقيدو هوس. پوءِ ڏينهن ۾ جناب ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف، "تارڪ" لقب واري سان ڏاڍو پيارائو ۽

(١) نسخه "ن" دالي.

عقيد تمنداٺو رستو رکيائين. سندس مخدوم حاجي محمد هاشم جي وچ ۾ هميشه بحث مباحثو جاري رهندو هو. هن ڪيئي تصنيفون ڪيون آهن. حاڪم سندس زيارت لاءِ ڏاڍيءَ عزت سان ايندا هئا ۽ پاڻ ٻه انهن سان پين تحقيق جي صاحبن ۾ نسبت چڱيون ملاقاتون ڪندو هو. "آلسَّمَاعُ مِعۡرَاجُ الاَوۡلِيَا" (سماع ولين جو معراج آهي) جي مقولي مطابق، سماع کي پسند ڪندڙ ۽ علم موسيقي کان واقف هو. هن دارالفنا مان دارالبقا ڏانهن سندس رحلت ٻه رڳو راڳ ٻڌڻ ڪري ٿي. محققانه شعر چوندو هو، فارسيءَ ۾ 'تسليم' ۽ هنديءَ ۾ 'بيراڳي' تخلص هوس. سندس وفات، جا سنه ١١٦١ هه ۾ ٿي ۽ في الواقع حال جي صاحبن لاءِ ماتم هئي، جي متعلق ڪيترن ذوق جي صاحبن وٽندڙ قطعا چيا ۽ تاريخ جا عجيب مادا لڌا آهن. جهرڙوڪ محمد محسن "قطره دريه بجر واصل شد" "معين دين احمد رفت صد حيف" چيو. منهنجي استاذ حضرت مخدوم نعمت الله فرمايو: "شفيع تو رسول". محمد پناه رجا "ناجي شد اوکه آل محمد معين اوست" چيو. مطلب ته سندس بلند مقاميءَ لاءِ هيتروئي ڪافي آهي جو وقت جو صاحب جناب سيد عبداللطيف تارڪ [٢٣٩] (پٽائي) پنهنجي ڳوٺ خادمن کي فرمايو ته "هلو ته پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪرڻ هلون". اُئين چئي نئي آيو ۽ راڳ جي محفل برپا ڪيائين. مخدوم پڻ انهيءَ صحبت ۾ شامل ٿيو. محفل جي عين گرمي ۽ ذوق واري وقت اٿي اندر ويو ۽ جهٽ ساه ڏنائين. مٿئين سيد جنازي سان شموليت ڪري، ڳوٺ ڏانهن موٽندي چيو ته "نئي جو ڏسڻ سندن ڪري ٿيندو هو. بس اڄ کان پوءِ بند آهي".

مخدوم عنايت الله [۽ سندس اولاد]. حال جو صاحب ۽ بي مثال ڪرامت سان موصوف هو. نابين هوندي به حافظو بيحد هوس. ننڍپڻ جي ڏينهن کان، جڏهن نابينا ٿيو هو،

فوت ٿين تائين، جڏهن هو پوريءَ طرح ڪهو ٿيو ۽ وڏيءَ عمر کي پهچي چڪو هو، سڄو عرصو عام ماڻهن کي فائدو رسائڻ ۾ گذاريائين. سندس وعظ جي مجلس پر اثر هوندي هئي. باطني شغل پڻ پوريءَ طرح ڪري ڏاڍي [اندرجي] صفائي حاصل ڪئي هئائين. وٽانئس ڪيترا فيضياب ٿيا. سندس فرزندن مان ميان محمد سعيد واعظ فقيريءَ ۾ مشهور ۽ فضيلت سان موصوف رهي بزرگيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو.

پيو مولوي محمد صادق، جو مخدوم محمد معين جي شاگردن ۾ سيني جو نڪ آهي، وقت جو علامہ ۽ لياقت پريو استاذ پيدا ٿيو. ڪيترن شاگردن کي ڪمال جي درجي تي رسايائين. معقولات ۾ پنهنجي وقت جو بينظير هو. مٿئين سيد عبداللطيف جو مريد آهي. حياتيءَ جا ڏينهن ڏاڍي بي‌تڪلفي، پيري مرشديءَ جي رجوعات کان خالي هجڻ ۽ باطني وظيفن سان مشغوليءَ ۾ گذاري رحلت ڪري ويو.

مخدوم حاجي هاشم [۽ سندس اولاد]. عبدالغفور سنڌيءَ جو فرزند اصل ڳوٺاٿر ماڻهو آهي. مخدوم ضياءُالدين جي شاگرديءَ جي برڪت سان وقت جي عالمن کان اڳرو ۽ مشهور پيدا ٿيو ۽ اقبال ۽ انتظام ۾ اڪثر عالمن کان گوءِ کٽي ويو. جيتوڻيڪ مخدوم محمد معين وغيره جهڙن وقت جي عالمن سان مخالفت هوندي هيس تڏهن به سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن جي زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا، جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چڱي طرح جاري هو. سندس وقت ۾ گهڻ سوين ذمي (ڪافر) ايمان سان مشرف ٿيا. نادرشاه بادشاه ۽ احمد شاه جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو کليل رکندو هو ۽ سندس استدعائن تي دين جي تقويت متعلق

دل گھريا احڪام جاري ٿيندا ۽ چڱيءَ طرح عمل ۾ ايندا هئا. مطلب تہ سندن وجود غنيمت هو. هن جون تصنيفون سيڪنهن علم ۾ ڪيئي آهن. هن سنہ ١١٧۴ ۾ وفات فرمائي. سندس فرزندن مان حاجي عبدالرحمان تازو جهوناڳڙهہ جي پاسي گذاري ويو.

هاڻي مخدوم عبداللطيف پيءُ جو جاءِ نشين آهي. هو پيءُ جي دستور موجب هر جمعي ڏينهن صبح جو جامع خسرو ۾ چڱي وعظ جي محفل منعقد ڪندو هو. هر روز ٽپهريءَ وقت پنهنجي مسجد ۾ حديث پاڙهڻ جو شغل جاري رکندو هو ۽ پنهنجي مشهور مدرسي کي مچايو ايندو هو. هن سال يعني سنہ ٨٧ (سنہ ١١٨٧) ۾ جڏهن پاڻ ميان محمد سرفراز خان جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي مقرر ٿيو آهي، تڏهن سندس فرزند ارجمند ميان ابراهيم عرف موليڏنو پيءُ ۽ ڏاڏي وارا ڪم سنڀالي رهيو آهي.

حاجي عبدالرحمان جي اولاد مان پڻ ميان محمد نالي هڪ توفيق وارو نوجوان علم ۽ صلاحيت جو ڌڻي، وڏن جي پيرويءَ تي هلندڙ [موجود] آهي.

حاجي محمد قائم [۽ سندس شاگرد]. اصل پاهراڙيءَ جو ماڻهو، وڏو عالم ڪامل، بهترين فاضل، عقلي خواه نقلي علمن جو جامع، ڪسبي توڙي وهبي فيض جو مرڪز، مخدوم رحمت الله، جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو، جو شاگرد ۽ مٿين حاجي محمد هاشم جو مد مقابل هو. علمي بحثن ۾ عالمن مان سندس ڪيئي صحبتون ٿيون جن ۾ ذهن ۽ ذڪاء جي بدولت ڪيترن ڪان گوءِ کٽي ويو. هرروز ٽپهريءَ جي وقت حديث نبوي عليہ السلام جو بيان ڪندو هو ۽ ڪيترن توفيق جي صاحبن کي سلوڪ جي واٽ جي هدايت [٢٣٠] ڏيندو هو. سنہ ١١۴٠ هہ ۾ هڪڙو دفعو حج تي وڃي [خير سان] واپس

آيو. وري پيو دفعو اهليہ سميت وڃي اتي رهي پيو، ۽ انهيءَ برڪت پريي هنڌ، حديث جي درس ۾ سيني عالمن ۾ مشهور ٿيو. هوسنہ ١١٥٧ ھ ۾ گذاري ويو. هن مسودي جي لکندڙ آيت سڳوري "فِيْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ" [وفات جي] سال موافق اڏي آهي.

سندس شاگردن مان ملا محمد باقر واعظ وفات ڪري ويو آهي. مخدوم نورمحمد نصرپور ۾ مشهور ۾ مشهور فاضل موجود آهي.

آخوند محمد باقر واعظ. خليفي محمد رضا جو فرزند، حاجي محمد قائم جو شاگرد، پرهيزگاري ۽ تقويٰ ۾ پنهنجي وقت ۾ بينظير هو. سندس بزرگي لکڻ کان ٻاهر آهي. آمدني ٿوري ۽ ضرورت زياده هوندي بہ هميشه در بند ڪري گذاريندو هو، ۽ دنيا وارن جي فتوحات ۽ رجوعات قبول نہ ڪندو هو. شيخ شڪرالله سندس لاءِ ميان نورمحمد جي سرڪار مان ڪجھ وجہ معاش مقرر ڪرائي آيو پر هن هرگز قبول نہ ڪيو ۽ اختياري فقيري ۽ مسڪيني ۾ رهي ڏاڍي فضيلت ۽ ڪمال سان ٻيهقا دنيا کان موڪلائي ويو.

ميان غلام محمد. هڪ جيد طالب علم، فضيلت ۾ مشهور ۽ پنهنجن همعصرن ۾ طبع جي ذڪاء سان موصوف رهي زندگي گذاريائين. عين جوانيءَ ۾ هن دنيا کان موڪلائي ويو. هاڻي هڪ صغير پٽ هن جو يادگار آهي.

آخوند محمد باقر. آخوند عبدالواسع جو فرزند، حاجي حمزي جو اولاد، جنهن جو بيان مخدوم حمزي واعظ جي احوال ۾ گذري آيو، هيءُ فضيلت ۾ تمام ڪامل ۽ فقه ۾ وڏي ۾ وڏو عالم ٿيو هو. پيري ۽ مشهوريءَ کي پسند نہ ڪندو هو نہ تہ فقه ۾ سندس وقت ۾ پيو ڪو مٽ ڪونہ هوس. حافظو تمام قوي هوس، بزرگ سندس خدمت کي تبرڪ

سمجهندا، ۽ جيستائين جيئرو هو تيستائين ڪانئس نهايت مناسب نمونو فائدو وٺندا رهندا هئا. اٽڪل ٨٠ ورهيه بلڪ انهيءَ کان به وڌي چمار ۾ چڙ وچڙ مل ۽ پرهيزگار رهي گذاري ويو.

[ملا محمد ناصر]. سندس پاءُ ملا محمد ناصر هڪ چڱي حال وارو ۽ مشهور مرد هو. وفات وقت اولاد ڇڏي ويو.

حاجي بولو. پنهنجي وقت جو ناليرو طالب علم، پاهراڙيءَ جو رهاڪو، لٽي ۾ ڪجهه وقت طالبن کي فائدو رسائي گذاري ويو.

[آخوند محمد شفيع]. آخوند محمد شفيع، جو هڪڙو متبرڪ ملا جامع مسجد جو نائب امام هو، سو سندس شاگرد آهي. مٿيون آخوند محمدشفيع علمي تحصيل ڪرڻ جي باوجود به ميان سومار باناري ۽ جو فقيريءَ ۾ هڪ جماعت جو مرجع هو، جي صحبت مان ڏاڍو فيض پرائي صاحب دل ٿي پيو هو. فوت ٿيڻ وقت اولاد ڇڏي ويو.

ميان عنايت‌الله طالب علم. مخدوم محمد معين جي مدرسي ۾ نائب هو. هن جي وفات کان پوءِ ڪيئي سال شاگردن جي خدمت ۽ درس ۾ حياتي پوري ڪيائين.

ميان ٺاريو طالب علم. [خلق جي] رجوع کي ناپسند ڪندڙ، گوشه نشيني چاهيندڙ، اناج بزار جي هويان الهندي طرف مسجد ۾ رهندڙ آهي ۽ چند طالب علمن کي درس ڏئي ٿو.

سلوڪ جي سلسلي وارن ۽ حضرت پير عليہ الرحمة جي خليفن، الله وارن جو طبقو

جيڪي دنيا جي عزت ۽ آخرت جي ڀلائيءَ سان گڏ حسبي خواه نسبي بزرگيءَ جا مالڪ، ڪسبي توڙي وهبي ڀلائيءَ جا ڏڻي، زماني لاءِ تبرڪ ۽ يقين ۽ معرفت جي باغ جا سهڻا گل ٿي گذريا آهن. اگرچ گذريل صفحن ۾

هن سڳوري ٽولي جي ڪن بزرگن جو بيان اچي وڃي ٿو تاهم خاص طرح هن باب ۾ هنن برگزيدن جي حالات متعلق ڪي ڪلما خاص طرح لکيا وڃن ٿا.

ملا شيخ اسحاق [۽ سندس اولاد]. دراصل اچ جو ويئل مشائخن سڳورن جي صورت ۾ لٽي آيو. ڏاڍي هدايت ۽ گهڻين ڪرامتن جو صاحب ٿي رهيو. سيد علي شيرازيءَ جو همعصر هو. گذاري وڃڻ کان پوءِ مڪليءَ ٽڪريءَ تي معلوم جاءِ تي دفن ٿي عام ماڻهن خواه بلند مرتبي وارن خاص بزرگن جي لاءِ زيارت گاه ٿيو. سندس صحبت جي بدولت ڪيئي بزرگ مقصد حاصل ڪري سڳورا ٿيا. سندس اولاد ۾ بزرگي ۽ خلافت رهندي اچي. اربع جي رات هر هفتي عموماً ۽ ماه پهرين اربع تي خصوصاً سندس مقبري تي زيارتين جو ميلو مقرر آهي. انهيءَ ڪري هو پير اسحاق اربعائيءَ جي نالي سان مشهور آهي. سندس اولاد مان ڪن گهراڻن ۾ حضرت پير جي خلافت پيڙهي به پيڙهي رهندي اچي. جڻ ته پاڻ جنن اُجي تسخير ۾ مشهور هو تنهنڪري اج تائين سندس پويان موروثي طور جن جي آسيب دور ڪرڻ ۾ وڏي دسترس رکن ٿا. انهن مان جيڪي پشت به پشت سندس مقبري جا متولي ۽ سندس آرام گاه جا مجاور آهن، تن جو ذڪر ڪجي ٿو.

مٿئين پير جي فرزندن مان شيخ محمد صالح پيءُ کان پوءِ ڏاڍي هدايت وارو ٿي گذريو. انهيءَ کان پوءِ اها نعمت شيخ نعمت الله کي نصيب ٿي. تنهن کان پوءِ انهيءَ جو پٽ خليفو اسد الله وڏيءَ عزت سان ٿي گذريو. هاڻي خليفي اسد الله جا ٻه پٽ خليفو نعمت الله ۽ خليفو جان محمد وڏن جا جاءِ نشين آهن ۽ هرهڪ درگاه جي متولي هجڻ جي دعويٰ ۾ مشهور آهي.

ملا محمود راهوتي. مٿئين شيخ اسحاق جو [۳۳۱] رفيق، معتقد ۽ فيض يافته آهي. چون ٿا ته حضرت غوث الثقلين جي

حڪم سان، شيخ اسحاق هن کي، پڳ ۾ رکڻ لاءِ، ڪو تعويذ لکي ڏنو هو. تنهن کان پوءِ جيڪو به ڪيس ڏسندو هو، سو سندس دست بيعت مريد ٿي پوندو هو. آخر جڏهن ماڻهن جي گهڻي انبوه کان اچي تنگ ٿيو تڏهن اهو تعويذ پڳ مان ڪڍي ڇڏيائين. وري ڪو نئون ماڻهو مريد ڪونه ٿيس البت اهي اڳيان مريد سندس ارادي ۾ رهندا آيا. جناب حضرت غوث الثقلين جي خلافت مليل هيس جا اڄ تائين سندس اولاد ۾ رهندي اچي.

خليفو ابوالبرڪات [۽ سندس پويان]. اصل ۾ گجرات جو ويٺل ۽ حضرت غوث الثقلين جي اولاد شاه حافظ الله گجراتيءَ جو مريد آهي. چون ٿا ته شاه حافظ الله کيس ۽ شيخ يعقوب کي، جنهن جو بيان ٿيندو، اشارو فرمايو ته اسان جو سؤٽائو ياءُ سيد عبدالله ٺٽي ۾ مڪليءَ ٽڪريءَ تي آرامي آهي ۽ سندس مزار گهڻن ڏينهن گذرڻ ڪري ڍهي ويئي آهي، سا وڃي ظاهر ڪري اچو. انهيءَ تي هيءُ مٿين شيخ (يعقوب) سان گڏجي ٺٽي آيو ۽ اچي انهيءَ ولي جي مزار ڏسي ظاهر ڪيائون. مطلب ته خليفو ابوالبرڪات وڏين نشانين ۽ ڪليل ڪرامتن جو مالڪ ٿي گذريو آهي.

سندس فرزند سڳورو خليفو محمود پيءُ کان پوءِ هڪ ڪامل بزرگ ٿي ڪري، عاليشان ڪرامتن جو صاحب ٿيو. انهيءَ کان پوءِ خليفو حامد وڏن وانگيان ولين جي وصفن جو سر چشمو ٿيو. هاڻي خليفو محمد سعيد مٿين بزرگن جو جاءِ نشين ۽ وڏيءَ بزرگيءَ جي وصفن سان موصوف آهي. هڪڙي معتبر کان ٻڌو ويو آهي [جنهن چيو] ته اڃا خليفو محمد سعيد ننڍو ڪير پياڪ هو ته مان خليفي حامد جي زيارت لاءِ ويو هوس. پاڻ گهر ۾ اندر هو. سندس پٽ حجري ۾

ستو پيو هو ۽ انهيءَ تِجِ پياڪ پار ڪان جهري ذڪر (١) جاري ٿي رهيو هو. جڏهن خليفو حامد آيو تڏهن اچي ڪيس پير سان سجاڳ ڪري ڳالهه ڪندڙ شخص ڪي چيائين ته بزرگزادن جي مقامات جي قولهه نه ڪرڻ گهرجي. قصو مختصر ته خليفو محمد سعيد هڪ وڏو صالح، جهانن جي مرجع ۽ ڪرامتن جو ڌڻي آهي. سندس وجود تبرڪ آهي.

خليفو داؤد [۽ سندس اولاد]. [خليفو داؤد] بن شيخ زين العابدين، بن شيخ دائود، بن شيخ ايوب بن خليفو عبدالرشيد، اصل صديقي آهي. سندس وڏا هن سرزمين تي پهريان قادري خليفه آهن. ۽ سندن صحيح خليفي هجڻ ڪان ڪو به منڪر نه آهي. هو بزرگيءَ جي طريقي ۽ سهڻي شان سان وڏو صالح ۽ ڪامل متقي ٿي گذريو آهي،

ڪانئس پوءِ سندس پٽ خليفو عبدالرشيد جاءِنشين ٿيو، جو پڻ پيءُ وانگيان ڪمال بزرگيءَ سان همعصرن ۾ عزت سان رهي ڏاڍيءَ نيڪيءَ سان گذاري ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ خليفه زين العابدين صلاح ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل پيدا ٿيو. هميشه خلق ڪان پري، جهوپڙيءَ جي ڪنڊ ۾ دروازو بند ڪري وقت گذاريندو هو. اڪثر ماڻهو نذرانا ۽ سوکڙيون ڪٺي سندس دروازي تي ايندا هئا ۽ سواءِ ڪن ٿورن جي - جن جي حلال هجڻ جي خبر ڪيس دل جي نور جي ذريعي پوندي هئي، ۽ قبول ڪندو هو- سڀ موٽي ويندا هئا. سندس واتان نيازمندانه مناجاتين جا شعر ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. سنه ١١٤٨ هه ۾ وفات ڪيائين.

شاهه ابوالقاسم [۽ سندس اولاد]. هرات جي رهندڙ شيخ عبيدالله انصار جي اولاد مان، ٺٽي ۾ تشريف فرما ٿي ڏاڍي بزرگيءَ سان گذاري ويو.

(١) "لا اله الا الله" ڏاڍيان چوڻ کي جهري ذڪر چوندا آهن.

سندس هدايت وارو فرزند شاهه محمد يعقوب ڏاڍي ڪمال سان سندس جاءِ نشين ٿيو ۽ حياتيءَ جا ڏينهن بزرگن واري سهڻي طريقي سان گذاريائين. پوءِ انهيءَ جو پٽ محمد يوسف ڪماليت جي مصر جو عزيز (بادشاهه) ٿي رهيو. ۽ تصوف وارن جي حلقي ۾ ڏاڍي صلاحيت ۽ تقويٰ سان گذاريائين. انهيءَ کان پوءِ مياں نعمت الله، الله وارو ۽ غير کان آزاد، ڏاڍي عزت سان پنهنجي وقت ۾ نامي گرامي پيدا ٿيو. ڪيس ٻه نيڪ بخت پٽ ٿيا. ١- شاهه عزت الله، ۽ ٢- شاهه اسد الله.

شاهه عزت الله عالمگير جي حضور ۾ پهچي وڃي ملازمن جي سلسلي ۾ داخل ٿيو ۽ بادشاهه جي همرڪاب برهانپور ۾ وڃي اتي شادي ڪري ٻارڇٽيائين. جن مان شاهه حسن الله پنهنجي چاچي شاهه اسد الله، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، جي گهرائڻ تي ٺٽي اچي هميشه لاءِ اتي رهي پيو. جيئن ته شاهه اسد الله عرف شاهه اسماعيل، سندس پهچڻ کان اڳ ۾ ئي گذاري ويو هو تنهنڪري هو سلوڪ جي راهه جي شوق ۾ شاهه مسعود، جو اڳتي بيان ٿيندو، سان گڏجي جهان آباد ويو ۽ شاهه غلام محمد جي صحبت اختيار ڪيائين. اتان وري ٺٽي موٽي آيو. هاڻي فقيرن جي صورت ۾ خلق الله جي دوا درمل ڪرڻ ۾ وقت گذاري رهيو آهي ۽ برڪت کان خالي نه آهي.

شاهه اسد الله عرف شاهه اسماعيل صوفي حضرت شاهه عاشق الله جو مريد آهي جو هندوستان کان آيل ۽ جناب شاهه عنايت الله صوفي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي آيو، جو مخلص آهي. ٺٽي ۾ هن جهڙو ڪماليت جو صاحب ويجهڙائي ۾ پيدا ڪونه ٿيو آهي. هن قاصر جي (منهنجي) زبان ڪيترو به بيان ڪندي پر پوري ڪانه پوندي. سندس ڪرامتون مشهور معروف آهن. هڪ ڏينهن سبق پڙهندي سندس حالت متغير ٿي ويئي ۽ سندن ساري بدن تي ڇهبڪن جا نشان ظاهر ٿي

بيناء انهيءَ حال کي ڏسڻ لاءِ گودڙي گهرائي پھريائون. آخر معلوم ٿيو ته انهيءَ وقت پوليس ٿاڻي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي سزا ڏيڻ لاءِ چھبڪ ٿي هنيان ۽ انهن جو تاثير شيخ جي بدن تي ظاهر ٿيو هو. ظاهر ۾ خلق الله جي دوا درمل ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڪمال ڏيکاريندو هو. عجب وري هي هو ته نامردن ۽ مرڻينگ ماڻهن کي اهڙين خسيس ۽ عقل ۾ نه ايندڙ شين سان چڱو ڀلو ڪندو هو جو حڪيم ته پري رهيو پر ڪو عامي به هوند اهڙي دوا تجويز ڪانه ڪري. هميشه استغراق ۾ رهندو هو. سندس خدمت ۾ مولانا روميءَ جي مثنويءَ جي درس وقت عجيب ڪيفيت پيدا ٿي ويندي هئي. سندس مزار تي هر سال ميلو لڳندو آهي ۽ الله وارن جي زيارت گاه آهي. اولاد ڪانه ڇڏيائين.

شاه محمد مسعود ولهاري. شاه اسد الله عرف شاه اسماعيل صوفيءَ جو وڏي ۾ وڏو مريد ۽ فيض يافته آهي. پھريائين مخدوم حاجي محمد قائم جي خدمت ۾ ظاهري علم پڙهي فضيلت ۾ شهرت حاصل ڪري سلوڪ جي رستي ڏانهن مائل ٿيو. ۽ مثنوي، جا حقيقت جي واصلن لاءِ هڪ عام شاه راه آهي، تنهن جو درس شروع ڪري مڪمل ذوق حاصل ڪيائين. مٿئين شاه جي رحلت ڪان پوءِ، سندس اشاري موجب جهان آباد وڃي، باقي مقصد شاه غلام محمد جي خدمت ۾ رهي هڻ ڪيائين. هاڻي، صوفي سلسلي ۾ نئين ۾ هن بزرگ جهڙو ٻيو ڪو ڪونهي. مثنوي جو درس چڱو ڏيندو آهي. هڪ جماعت کي بيسود وهمن ۽ اجاين خيالن کان آزاد ڪيو اٿس. خلوت جي گوشي ۾ گذاري ٿو [مخلوق جي] رجوع کان بيزار آهي.

عبداللطيف صوفي. تصوف ۾ هڪ جماعت جو مرشد ۽ مٿئين شاه اسماعيل صوفي جو دوست هو. مشهوري پسند ڪا نه هوندي هيس ورنه ڪانئس ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍيون ڪرامتون

ظاهر ٿينديون هيون. هڪ ڏينهن مخدوم محمد معين سندس زيارت لاءِ ويو. گفتگو هلندي موسيقي جي سرن جي ڳالهه چڙي پيئي. تڏهن مخدوم کي مخاطب ٿي چيائين ته ”مان پڻ هن رستي ۾ ڪڏهن ڪڏهن هلندو آهيان“. ائين چئي ونئي هڪ سر شروع ڪيائين جنهن حاضرين جي دل تي اثر ڪري هڪ عجيب حالت پيدا ڪري وڌي.

شيخ محمد يعقوب. شاه حافظ الله گجراتي قادري حسنيءَ جو مريد آهي. جنهن مٿي بيان ٿي آيو. هن جي خليفي ابوالبرڪات ٺٽي اچي، [٢٢٣] مرشد جي اشاري موجب، مڪليءَ تي، شاه عبدالله جي مزار ظاهر ڪئي. مطلب ته فقيريءَ جي فنا جي ڪمال ۾ اولياء الله جي هڪ گروه جو سردار هو. سندس مريديءَ جي صحبت جي برڪت سان سندس ٽي ناليرا نيڪ يار، عالي مرتبي خدا وارن جي جماعت ۾ ناليرا ٿيا. جن هرهڪ پنهنجي جاءِ تي مذڪور ٿيندو. هن بزرگوار جي اولاد جو پتو پئجي نه سگهيو. سندس مقبرو شاه عبدالله جي حجري ۾ پيراندي‍ءَ کان عام ماڻهن جي زيارت گاه آهي.

شيخ عثمان [جو سندس اولاد]. مٿئين شيخ محمد يعقوب جي يارن جي فيض يافتن مان هڪڙو آهي. سندس وڏا اميرن جي خدمت ۾ ”بقاولي‍ءَ“ (بورچيخاني جي نگراني) جي ڪم ۾ مشهور هئا. جڏهن هن کي معرفت جي خونچي تان نصيب ملڻو ٿيو جو انهيءَ ڪري حق جي طلب دامنگير ٿيس تڏهن شوق جي شمع ٻاري، پير جي خدمت مان ڪمال حاصل ڪري، ”بقاولي مشائخ“ جو لقب لڌائين. هو شاندار ڪرامتن جو مالڪ هو.

سندس فرزند ميان ملوڪ شاه ولايت جي ورثي جو وارث ٿي، مشائخيءَ جي ڏاڍي شان سان مخصوص ٿيو. ڪانئس ڪيئي ڪاملن جهڙا حال جي مشائخن جهڙيون ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون. عيدگاه جي مٿان امامن جو جلوه گاه سندس

پيدا ڪيل آهي. سندس پٽ ميان شيرين محمد پيءُ ڪان پوءِ قائم مقام رهيو. تنهن ڪان پوءِ هن جو پٽ ميان عبدالخالق وڏن جي جاءِ تي ويٺو. انهيءَ ڪان پوءِ ميان عبدالواحد وڏن جو يادگار، مقرر جماعت جو مرشد ۽ وڏن واري سلوڪ جي رستي ڪان واقف موجود آهي.

درس للو [۽ سندس اولاد]. ساڪري پرڳڻي جي رسول آباد شهر جي رهندڙ خليفي بايزيد جو اولاد آهي. اڪثر ڪوهستاني ماڻهو پشت به پشت شيخ بايزيد جا مريد آهن. مٿيون درس جناب غوث الثقلين عليه الرحمة جي اشاري موجب ٺٽي ۾ آيو ۽ خوجه قوم جي هڪ جماعت کي اسلام ۾ داخل ڪري، ڪجهه وقت اچي انهيءَ قوم جي محلي ۾، جو هاڻي نورسيه محلي جي نالي سان مشهور آهي، انهيءَ مسجد اندر، جيڪا ٺٽي ۾ نهايت جهوني مشهور هئي ۽ هاڻي حاجي محمد قائم جي نالي سان سڏجي ٿي، ”جملي پير“ ميدان جي سامهون رهيو. چون ٿا ته شيخ يعقوب، شيخ عثمان، جن جو بيان ٿي آيو، درس للو ۽ درس امين محمد، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، انهيءَ ميدان تي هڪ ٻئي سان صحبتون ڪندا هئا. تنهنڪري اهو ميدان عام خلق ۾ ”جملي پير“ جي ميدان سان مشهور آهي. ۽ انهيءَ جي زيارت سان اراده وارن جا مقصد پورا ٿيندا آهن. قصو ڪوتاهه انهيءَ ڪان پوءِ درس للو انهيءَ جاءِ ڪان مغلواڙي لڏي آيو ۽ اچي اتي رهيو جتي هاڻي سندس اولاد رهي ٿي. هو وڏيءَ بزرگيءَ سان گذاري ويو.

ڪانئس پوءِ سندس پٽ شيخ ابراهيم سهڻين ڪرامتن سان پيءُ جو جاءِ نشين ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ انهيءَ جو پٽ ميان احمد بزرگن جي گاديءَ تي ويٺو. تنهن ڪان پوءِ خليفه بڪر ولد خليفي احمد وڏن جي گادي وسائي. هاڻي سندس اولاد ۾ خليفو چتو اراد تمند ٽولي جو مرشد آهي.

درس امين محمد. مٿئين شيخ يعقوب کان فيض ياب، هڪڙو صاحبدل ۽ مٿي ڄاڻايل چئن يارن مان هڪ يار آهي. بلند مرتبه ڪرامتن ۽ بزرگي ۾ ملڪين مشهور هو. سندس قبر مڪليءَ جي دروازي کان ٻاهر واري سرزمين ۾ مشهور آهي ۽ هر عيد (١) جي ڏينهن اتي الله وارن جو ميلو مقرر آهي.

حاجي محمد حافظ [۽ سندس اولاد]. ڏوبي جي لقب سان مشهور فقيريءَ ۾ دنيا اندر بي نظير آهي. سندس وڏا اصل ۾ بکر علائقي جي ڏوبي ڳوٺ جا آهن.

سندس اولاد مان ميان شيخ محمد ڏگهو عرصو ملڪن جو سفر ڪري، اڪثر علمن ۾ ڪامل مهارت پرائي، حڪمت ۽ طبابت جي علم تشريح ۾ بقراط ثاني ٿيو. [٢٣٤] ۽ ڪجهه وقت انهيءَ علم جي تصنيف ۾ مشغول رهيو. اکين جي بيمارين جي تشريح ۽ علاج ۾ هڪ وڏو جلد تيار ڪيو هئائين جو اڃا پورو ڪونه ٿيو ته سنه ١١٧٤ هه ۾ حياتيءَ جي نسخي جي مطالعي کان اکيون ٻوٽيائين.

مٿئين ميان شيخ محمد جو سوٽ ميان نورمحمد، مشهور واعظ ميان عبدالله عرف ميان موريي جي شاگرديءَ جي برڪت سان، ڏهه ٻارهن سال ميان ملوڪ شاه واريءَ مسجد ۾ نهايت تاثير وارو وعظ ڪري، آخر سنه ١١٧٦ هه ۾ گذاري ويو.

مٿئين حاجي محمد حافظ جا ٻيا سوٽ ميان محمد فاضل ۽ ميان صابر ۽ سندس (ميان صابر جو) پٽ ميان محمد قاسم وڏا ڪمال جا صاحب فقير پيدا ٿيا. هو سنه ١١٥٠ هه جي لڳ ڀڳ گذاري ويا.

حاجي محمد طاهر. هڪ معرفت جو صاحب، ڪامل ۽ سيد رحمت الله عرف سيد مهتو شيرازي شڪرالٰهيءَ جو يار

(١) نسخه "ن" عيدالضحيٰ

۽ همعصر آهي، جٺن ته پنهي الله وارن جا مريد اڄ به متفق آهن. سندس ڏوهٽاڻ جو اولاد موجود آهي.

مخدوم آدم نقشبندي. عرف مخدوم آدو متئين مخدوم آدم جو همعصر آهي. جٺن ته انهن ڏينهن ۾ ٺٽي چاٺايل مخدوم آدم جو غلغلو ڏاڍو هو، تنهنڪري هن ڪسر نفسي ڪري ماڻهن کي حڪم ڪيو ته مون کي آدو سڏيندا ڪريو، چاڪاڻ ته هڪ شهر ۾ هڪ ئي وقت به آدم ڪئن موجود رهندا. انهيءَ وقت جا اڪثر بزرگ، زماني جي هن مشهور شخصيت جي معرفت جي برتري جا قائل آهن. نقشبندي سلسلي ۾ هڪ عجيب ڪمال جو صاحب پيدا ٿيو. سندس مناقب شاندار آهن. حضرت ايشان سرهندي (١) جي مريدن مان آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته آخوند يوسف نالي هڪڙو ملان سندن محلي واريءَ مسجد جو امام هو. ۽ هميشه سندن اچڻ کان اڳي تڪبير نه چوندو هو. هڪ ڏينهن مخدوم آدم - جنهن جو بيان ٿي آيو - جو فرزند ميان ابوبڪر صدر نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ اچي ڏٺو ته نماز اڳ ۾ ئي پڙهي ويا آهن. انهيءَ تي ملا کي دڙڪو ڏيئي چيائين ته "تون ٻئي ڪنهن کي موجودئي نه ٿو سمجهين. اڄ کان پوءِ توکي هن مسجد جي امامت کان موقوف ڪيوسون". ملا يوسف مخدوم جي خدمت ۾ احوال ڪٿي وڃي ڏاڍو رنو. فرمايائينس ته ڪو ڀؤ ناهي. پنهنجي ماڙي تي ويهي وڃي قرآن جي تلاوت ۾ مشغول ٿيءُ، خود صدر تنهنجي دروازي تي ايندو ۽ پر خبردار پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ کان اڳ ۾ صلح نه ڪج. ملا حڪم موجب اچي تلاوت ڪرڻ ويٺو- هوڏانهن ميان ابوبڪر کي اچي

(١) خواجه محمد معصوم سرهنديءَ کي حضرت ايشان ثاني جي لقب سان سڏيندا هئا. مخدوم آدم پڻ خواجه محمد معصوم جو مريد هو. جٺن اڳتي ميان ڪبيرمحمد نقشنديءَ جي ذڪر ۾ ايندو.

پيٽ ۾ سور پيو. ھڪدم سمجھائين تہ ڪنھن جو ڏنل آھي ۽ ڪنھن جي رنجش جو نتيجو آھي. صلح جو پيغام موڪليائين پر ڪو بہ جواب ڪونہ مليس. بي اختيار ٿي ھاٿ کي پالڪي ۾ ڪٿائي ملا جي دروازي تي آيو ۽ زار زار روئڻ لڳو. ملا ساڳيءَ طرح ماڙي تي قرآن پڙھڻ ۾ مشغول ھو- آخر ڏاڍي نيزاريءَ کان پوءِ، نذراني، خلعت ۽ نئين منڊ سان گڏ امامت جو ڇھن مھينن جو وجہ اڳواٽ وٺي، صلح ڪري پاڻي پڙھي ڏنائين جنھن جي پيڻ سان صدر کي شفا عطا ٿي.

مخدوم جي وفات کان پوءِ سندس فرزند محمد اشرف جاءِ نشين ٿيو جنھن ڏاڍيءَ بزرگيءَ سان زندگي گذاري. ھن جي سجع ھيءَ مصرع ھئي. "محمد اشرف اولاد آدم" ڪانئس پوءِ مخدوم محمد پيءَ ۽ ڏاڏي جي بزرگيءَ جي آئينہ کي روشن ڪندو رھيو.

مخدوم محمد صادق نقشبندي. مٿئين مخدوم محمد اشرف جو نياٺو، ڪامل ۽ عالم ۽ جناب سيد عبداللطيف تارڪ، جنھن جو بيان ٿي آيو، جو معتقد ۽ وڏو بزرگ ھو.

[مخدوم ابوالحسن صغير]. سندس فرزند ميان غلام حسين عرف مخدوم ابوالحسن [صغير] حرمين شريفين، زاد ھما الله شرفا و تعظيما، ۾ [٢٣٥] وچي ڏاڍو نالو پيدا ڪيو. ھاڻي مخدوم محمد حيات سندي، جنھن جو مديني منوره ۾ مدرسو ھوندو ھو، ۽ انھيءَ سرزمين ۾ وڏي ۾ وڏو عالم ۽ بھترين فاضل شمار ٿيندو ھو، جي وفات کان پوءِ ھن جو جاءِ نشين، با ڪمال محدثن جو سر گروه ۽ قال ۽ حال جي صاحب مدرسن جو سرڪردو آھي.

مخدوم ابراھيم نقشبندي [۽ سندس اولاد] اصل روھڙي جو ساڪن ۽ عاليشان ڪرامتن جو ڌڻي آھي- عقل جو محاسب

۾ فهم جو حساب ڪندڙ انهن جي ڪنهن حصي کي، ٻه شمار ڪري نه سگهندو. سندس فرزند رشيد ميان ابوبڪر عرف نالي چڱو ڀلو عاليدرجي وارن مقامات جو صاحب پيدا ٿيو.

ٻڌالهه ٿا ڪن، هڪڙي ڏهاڙي ڪو مست سندن مسجد ۾ داخل ٿيو. جماعت هن کي روڪڻ لڳي تنهن تي پاڻ فرمايائون: ”جنهن جي دل گهري سو ڀلي اچي، روڪڻ نه گهرجي. هڪدم انهيءَ بزرگ جي ڪلام جي تاثير کان انهيءَ بيعقل مست کي هڪڙي عجيب حالت پيدا ٿي ۽ اهڙي ته توفيق نصيب ٿيس جو وري مسجد کان پير ٻاهر نه رکيائين ۽ ڪامل ٻڌجي پيو. سندس اهڙا تصرف حد کان زياده آهن.

جيڪي ماڻهو سندس جنازه سان گڏ ويا هئا تن کان روايت آهي ته شهر کان ونئي مڪليءَ تائين انهيءَ مرحوم جي جنازه جي مٿان، هڪ عجيب شڪل ۽ آواز وارن پکين جو ايڏو ته هجوم هو، جو [جنازي سان گڏ] هلندڙ هزارين ماڻهن کي سج جي تڙڪي جو ذرو به محسوس ڪونه ٿيو.

هاڻي مٿئين ميان ابوبڪر جو ننڍو ڀاءُ ميان گل محمد، بزرگيءَ جي خاندان جو ڏيو روشن ڪندڙ ۽ بزرگن جي صفتن سان موصوف آهي.

ميان ابوالقاسم نقشبندي [۽ سندس اولاد]. درس ابراهيم جو وڏن کان، شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي گهراڻي جو مريد هو، جو فرزند آهي. پهريائين ميان ابراهيم ٺٽي آيو ۽ ڏاڍي بزرگيءَ سان گذاري ويو. کانئس پوءِ سندس فرزند رشيد ميان ابوالقاسم، علمي خواه عملي ڪمالات سان هڪ وڏي ۾ وڏو قال ۽ حال جو صاحب مشائخ پيدا ٿيو، جنهن هڪ دنيا کي بي انداز فيض رسايو. هن جي صحبت گمراهن کي هدايت جي شاهراه تي آڻيندي هئي. هن جي خدمت ڪري ڪيترن ئي بزرگن مقصد حاصل ڪيو. سندس ڪرامتون ۽ مناقب تحرير ۽ تقرير جي انداز کان ٻاهر آهن. انهن جي

ظهور جي هڪ دنيا شاهد آهي. هن خاندان جا خادم وڏي علم ۽ يقين ۾ مشهور آهن.

سندس اولاد مان ميان احمد ولد ميان ابراهيم بن ميان ابوالقاسم هڪ جوان پيدا ٿيو هو جنهن جي پيشانيءَ مان هدايت بکي رهي هئي. هو قوه جوانيءَ ۾ وجي الله جي رحمت کي رسيو. انهيءَ ٿورڙيءَ حياتيءَ ۾ به کانئس ڪئين ڪرامتون صادر ٿيون، جيڪي دوستن جي مجلسن ۾ مذڪور آهن. هاڻي انهيءَ دين جي بزرگ ۽ يقين جي راه جي سالڪ جي اولاد مان ڪو به موجود ڪونهي. البت سندس ڏوهٽا وڏي بزرگيءَ سان يادگار آهن.

ميان ڪبير محمد نقشبندي [۽ سندس اولاد]. پهريائين هيءَ ۽ مخدوم آدو خواجه محمد معصوم نقشبندي سرهندي، جنهن کي "حضرت ايشان" جي لقب سان ياد ڪندا هئا، جي خدمت ۾ مشغول ٿيا. جڏهن هو سڀورا گذاري ويا تڏهن [دوباره] سرهند وڃي رهيل متصود حاصل ڪري لٽي موٽي اچي، ڏاڍي هدايت سان ڪن طالبن کي ڪافي فيض رسايائين. کانئس پوءِ ٻه فرزند ١- ميان محمود، ۽ ٢- ميان محمدزمان رهيا.

ميان محمدزمان پيءُ جي جاءِ تي ارشاد جي گاديءَ تي ويٺو ۽ ڪيترن طالبن کي فيض سان فائز ڪيائين [٢٣٦] هاڻي سندس اولاد سان ميان احمد نالي هڪ توفيق وارو جوان وڏن جو جانشين آهي.

درس عبدالرحيم. ميان محمد زمان نقشبنديءَ جو صحبتي آهي. پيا به ڪيترا بزرگوار ڏٺائين. سندس ظاهري حالت ذري گهٽ ملامتين جهڙي هوندي هئي. عجيب حالتن جو صاحب هو، ۽ چڱن ڪمن ۾ وقت گذاريندو هو. هن جي حڪمن جو تفصيل ڏکيو آهي. بهرحال هن زماني ۾ سندس جهڙا ماڻهو ناپيد آهن. ٿورا سال ٿيندا جو گذاري ويو.

میر مرزا جان. وڏي ۾ وڏو معرفت جو ڏٺي ۽ يقين
جي راھ جو ڪامل ۾ ڪامل سالڪ ھو. ھي سڳورو ھڪ
عجيب فيض جو صاحب پيدا ٿيو ۽ پنھنجي وقت ۾ ڪمال
جي صاحبن جي مرجع ھو. سندس شاندار ڪرامتون سج کان
به وڌيڪ روشن آھن. ڪيترن کي فيض رسايائين. باوجوديڪ
سندس ڪو پٽ پوٽو ڪونه آھي، تاھم سندس خانقاہ تي
زيارتين جو وڏو ھجوم رھندو اچي ۽ ماڻھو سندس ڏوھڻ
کان فيض وٺندا اچن.

يوسف سھتو. پنھنجي وقت ۾ ھڪ حال ۽ قال جو صاحب،
فقير، مشھور سنڌي زبان جو شاعر ۽ مشائخن وارين ڪرامتن
سان موصوف ٿي گذريو آھي. سنڌي شاعرن جو ميلو سندس
خانقاہ تي اڄ تائين مشھور آھي ۽ مريدن جي ھڪ وڏي
جماعت موجود آھي.

سيد يار محمد [۽ سندس جاءِ نشين]. لڪعلوي (لڪياري)
سيد، سيد سماھہ عرف ڪيھر ــ جنھن جو بيان ٿي آيو ــ جو
پوٽو، نورائي جي پيرزادن جو ڏوھٽو، پيءُ جي ڳوٺ ۾
رھندڙ آھي. ھو شاھ عبدالله ھنديءَ جو مريد آھي، جنھن
جي ڪتاب ڪشڪول جي مصنف شاھ ڪليم الله سان بيعت
ھئي. ھو ڏاڍو ڪامل، ۽ ھڪ جماعت جو مرشد ۽ يقين جي
راھ جو سالڪ ھو. ڪيترن معتقدن کي باطني شغل جي ذريعي
حقيقت جي شاھراھ ڏيکاري، ١٣ رمضان سنه ١١٧٧ھ گذاري ويو.
ھن جي سڳي ڀاءُ مير عزت الله جو فرزند مير چٽن
سندس گادي نشين ٿيو. تنھن کان پوءِ مير يار محمد مرحوم جي
ٽئين ڀاءُ سيد شاھ نواز جو پٽ سيد محمد افضل قائم مقام ۽
ھدايت جي رستي جي سلوڪ لاءِ صاحب توفيق آھي.

[ميان محمد ڪريم]. ميان عبدالله واعظ عرف ميان موريه
جو ڏوھٽو ميان محمد ڪريم ٺٽي سيد جي فيض جي برڪت

سان هڪ توفيق پريو جوان، سلوڪ جي راهہ جو واقف ۽ هڪ خاص جماعت جو مرشد آهي.

درس عبدالڪريم. هڪ صلاحيت پريو ۽ سيفي زبان جو مالڪ مرد هو. جنهن بہ ڪم ڏانهن توجهہ ڪندو هو تہ تقدير مطابق پورو ٿيندو هو. تازو گذاري ويو.

ڪن ناليرن مکيہ ماڻهن جو طبقو

جيڪي ڪنهن ڪمال ۽ حال سان مخصوص ٿي گذريا آهن ۽ انهن مان ڪن جا گهراڻا ناليرا آهن. اگرچه مٿين بيان ۾ پڻ هڪ قسم جي مشهور معروف ماڻهن جو بيان اچي ويو، تنهن هوندي بہ انهيءَ گروه جا ڪي نالا هتي علحده ذڪر ڪيا ويا، تہ جئن پڙهندڙ مرتبن جو فرق معلوم ڪري سگهن.

آقا محمد تاشڪندي [۽ سندس اولاد]. هڪ لياقت ۽ انسانيت پريو ناليرو مرد، مرزا جاني بيگ ترخان جي زماني ۾ ٺٽي ۾ اچي مزنگ جي قبيلي سان گڏجي ويو.

سندس پٽ محمد رضا بيگ پنهنجي وقت ۾ چڱيءَ حالت ۾ رهيو. انهيءَ جو پٽ محمد بيگ پڻ وڏن وانگيان مکيہ ماڻهو ٿي رهيو.

شيخ موسى [۽ سندس اولاد]. اصل بندر محصہ جو رهندڙ ۽ شيخ جمال الدين محدث صديقيءَ جو اولاد ـ چڱيءَ حالت ۾ گذاري ويو. سندس پٽ شيخ عبدالغني تاجرن جي صورت ۾ پنهنجي وقت جو ناليرو ٿي گذريو. هن جو فرزند شيخ عبدالخالق شاهجهان جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي ڪروڙگري، امانت ۽ شرفي جهڙن عهدن تي سرفراز رهي، عالمگير جي زماني ۾، پيريءَ جي ضعف سببان انهيءَ ڪان استعفا ڏيئي، ڏهہ هزار درهم پينشن تي قناعت ڪري، گذاري ويو ۽ پنج پٽ ڇڏيائين.

پهريون شيخ محمد امين - هن کي ٽي پٽ ٿيا، جن مان محمد تقي ۽ محمد مير نواب سيف‌الله خان جي ڏينهن ۾ صفوي شاهزادي سان گڏ جهان‌آباد هليا ويا ۽ اتي ئي فوت ٿيا؛ باقي محمد انور [٢٣٧] هتي سنه ١١٧٩ هه ۾ پنجاه ورهيه کان مٿي عمر جي هوندي به شاديءَ ڪرڻ کان سواءِ گذاري ويو.

ٻيو شيخ محمد جواد - هن چار پٽ ڇڏيا ۽ هرهڪ عمر جو مقرر عرصو گذاري وفات ڪري ويو. اولاد ڪونه ڇڏيائون.

ٽيون شيخ محمد نعيم - هڪ لياقت ۽ چڱي سليقي وارو ماڻهو پيدا ٿيو هو. حاڪمن جي نوڪريءَ ۾ اڪثر وقت گذاري، سنه ١١٤٥ هه ۾ خدا باد ۾ گذاري ويو. شادي ڪانه ڪئي هئائين، تنهنڪري اولاد پيدا ڪونه ٿيس.

چوٿون شيخ محمد مڪرم - ننڍ پڻ ۾ ئي گذاري ويو.

پنجون شيخ عزيز الله - هڪ عجيب وصفن جو حامل نهايت جرأت ۽ همت وارو، ۽ فقيرن سان دوستي رکندڙ انسان هو. گهڻو وقت سفر ۾ گذاري، آخر سنه ١١٥٢ هه ۾ گذاري ويو، ۽ ڪو اولاد ڪونه ڇڏيائين.

شيخ عبدالخالق جا هيءَ ٽيئي پٽ راقم الحروف (مير قانع) جي ناني جا سڳا ڀائر آهن.

شيخ عبدالغني [۽ سندس اولاد]. هڪ لياقت وارو، پنهنجي وقت ۾ مشهور ۽ مکيه ماڻهو ٿي گذريو آهي.

سندس پٽ مخدوم نورمحمد مروج علمن ۾ وڏو ۽ مشهور فيضلت وارو. پيدا ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ عبدالغني، هڪ عزت وارو عهديدار، وڏن جو يادگار رهيو. عالمگير جي زماني کان وٺي فرخ سير جي ڏينهن تائين تصحيح جي داغ جي خدمت سندس حوالي هئي، ۽ ڏاڍي ٺٽ سان گذاريندو هو. شاعريءَ جي فن ۾ وقت جو استاد هو- ٺٽي جي رئيسن جي هڪ جماعت - جهڙوڪ ميرڪ محمد افضل،

مير ڪامران وغيره ـ سندس خدمت ۾، ادب سان، صحبت ۽ درس جو فائدو پرائيندي هئي. هن جو پاڻ شيخ محمد سعيد، پڻ انساني ڪمالات جي ڪيترن ئي قسمن سان موصوف هو. جهان آباد ۾ عمر عزت سان گذاري اتي ئي گذاري ويو.

شيخ ابوطالب [۽ سندس اولاد]. اصل قريشي، صديقي، وڏو لياقت پريو ۽ انسانيت جي فن جو ماهر ٿي گذريو آهي. سندس پٽ شيخ ابوالفتح، جنهن کي داسي جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو، سو جاگيرات جي رقم تقسيم ڪرڻ ۽ اميني جي عهدي سان ممتاز رهي، نالي نيڪيءَ سان گذاري ويو. چون ٿا ته سندس مهر سان ڪو ڪاغذ، شاهجهان جي نظر مان گذريو. مهر جا اکر شڪي ٿي ڏٺا، تنهن تي حڪم ٿيو ته جيڪڏهن [واقعي] شيخ ابوالفتح جي مهر آهي ته شڪي چو آهي؛ پر جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ جعلسازي ڪئي آهي ته انهيءَ کي پڪڙڻ گهرجي. مطلب ته ڏاڍو وڏي عمر وارو ٿي فضيلت ۽ چڱيءَ حالت سان گذاري ويو.

شيخ محمد زاهد، جو هن وقت نامي گرامي ۽ موجود آهي سو مٿئين شيخ ابوالفتح جو سڳو پوٽو ۽ شيخ عبدالخالق ڪروريءَ جو ڏوهٽو آهي.

داروغه گهر [۽ سندس اولاد]. ترخاني دور جو هڪ مشهور معروف ماڻهو ۽ سندن ملازمن جي لسٽ ۾ ناليرو آهي. محمدعلي ديوان، جو ترخاني گورنرن جي ذڪر ۾ بيان ٿي آيو، سو سندس نياٽو هو. هن جو گهراڻو وڏو ۽ ڏاڍيءَ چڱيءَ انسانيت پريءَ حالت ۾ هو.

سندس پٽ عبدالواسع پڻ پنهنجي وقت جو ناليرو ٿي گذريو. کانئس پوءِ محمد رضا رهيو. هو سيد شاه عبدالڪريم [بلڙيءَ واري] جو مريد آهي. رسالو "بيان العارفين ۽ تنبيه الغافلين"، جي مٿئين شاه جي حالات ۽ ملفوظات متعلق سنه ١٠٨٣ هه

۾ تصنيف ڪيائين ـ سندس يادگار باقي آهن. هن وقت انهيءَ خاندان جي ڪابہ نشاني ڪانہ آهي.

ملا حسين [۽ سندس پويان]. هڪ متبرڪ ملا، درس ۽ افاده جو صاحب، پنهنجي وقت جو مشهور ماڻهو ۽ شيرازي شڪرالاهي سيدن جي محلي ۾ رهندڙ هو. ڪيئين ارادي وارا سندس خدمت مان فيض پرائي ويا.

سندس پٽ ملا سروري پڻ پيءُ جهڙيءَ سگهوريءَ حالت جو صاحب ٿي گذريو. انهيءَ ڪان پوءِ، مولانا محمد حسين عرف ملا جانباز رهيو، جو وڏين ڪرامتن سان مشهور ۽ مرتبي وارو شاعر ٿيو. [٢٣٨] ڳالهہ ڪندا آهن تہ هو هڪ سهڻيءَ صورت واريءَ ڇوڪريءَ تي حقيقي عشق بچائيندو هو. انهيءَ، ماڻهن جي شرم ڪان، سندس جان جو دشمن ٿي، کيس شهيد ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي اها حالت، بہ ٽي ڏينهن اڳ شعر ۾ بيان ڪري ڇڏي هئي. کيس فوت ٿئي اٽڪل هڪ سئو ويهہ سال گذريا هوندا.

ملا بلال [۽ سندس جاءِ نشين]. اصل مشهدي، چڱيءَ حالت جو صاحب ۽ وقت جو مشهور معروف ٿي گذريو آهي. سندس پٽ ملا طاهر، ملائيءَ (علم) ۾ پنهنجي وقت جو يادگار هوندو هو. ڪانئس پوءِ ملا الهڏتو ٿيو، جو نهايت متوڪل ۽ ظريف الطبع شاعر پيدا ٿيو. چون ٿا تہ رات جي وقت جيڪي بہ گهر ۾ هوندو هوس، سو خدا جي واٽ ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ ٻئي ڏينهن توڪل تي ويٺو هوندو هو. هو پلي ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪائيندو هو، تنهنڪري کيس "پلا قلي" لقب ڏنو ويو هو. مولانا محمد حسين، جو علميت ۾ پنهنجي وقت ۾ مشهور ٿي گذريو آهي، سو سندس فرزند هو. انهيءَ جو پٽ محمد صادق پڻ هڪ لياقت وارو مرد ۽ شيخ عبدالغنيءَ جو شاگرد هو. سندس اولاد باقي آهي.

عبدالرؤف منشي [۽ سندس پٽ]. اصل قوم جو واڍو هو. هن بلاغت جي رندي سان فصاحت جي ڦرهيءَ کي خوب لسو ڪري، ڪمال جي نقشن سان چٽيو هو. شاهجهان جي ڏينهن جي پڇاڙي ۽ عالمگير جي زماني جي ابتدا ۾ ٺٽي جي حاڪمن وٽ منشيگريءَ ۾ مشهور معروف ٿيو. هو سٺو خوشنويس هو. سندس پٽ محمد عطوف پڻ پيءُ واري فن تي قائم رهندو آيو.

حافظ ابراهيم. اصل قوم لاڪاوٽ - علمي فيض ۾ ايڏي ته مرتبي کي وڃي پهتو، جو شاهجهان بادشاه جي فرزند داراشڪوه جو استاذ بڻيو ۽ زماني ۾ نالو ڪڍيائين.

شيخ عبدالرحمان [۽ سندس پاٽيو]. مخدوم نورمحمد بکري - جنهن جو بيان ٿي آيو - جو اولاد آهي. هو وڏي فضيلت جي بدولت، مفتين جي جماعت ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندس پاٽيو ميان قمرالدين، جو نادرشاه جي ڏينهن ۾ پينشن تقسيم ڪرڻ جي عهدي تي هو، سو پنهنجي وقت جو مکيه ماڻهو هو. وفات وقت اولاد ڇڏي ويو.

عبدالرحمان سيفي قادري [۽ سندس پاٽيو]. تعويذات جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. بادشاه عالمگير، سنتا وغيره ڪافرن جي ڪهڻ متعلق سندس نادر حڪم ۽ عجيب ڪم ڏسي، کيس "سيف‌الرحمان سنتاڪش" لقب ڏنو هو.

سندس پاٽيو ميان محمد رفيع پڻ ساڳئي فن جو علمبردار ٿي ڪري، بزرگيءَ سان گذاري ويو.

محمد شريف، ولد ميان بيگ محمد، هڪ لياقت پريو ۽ تعويذات جي علم ۾ مشهور ۽ استاد ٿي گذريو آهي. مشهوري پسند ڪا نه ايندي هيس، تنهنڪري مسڪينيءَ جي حالت ۾ جهان کان موڪلايائين. مٿيون ميان قمرالدين سندس ڏوهٽو هو.

فاضل خان. اصل نالو ملا عثمان، رهندڙ ڳوٺ ڪلي، ذات جو سميجو، مٿين مخدوم محمد معين جي ڏاڏي مخدوم طالب الله جو مريد هو. جڏهن سمجهه سان ٿيو، تڏهن اچي ٺٽي رهيو. علم جي تحصيل چڱيءَ طرح پوري ڪيائين. تنهن کان پوءِ جهان آباد هليو ويو. قابل خان مير منشيءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، صدرالصدور ۽ مير منشيءَ جي درجي تي ترقي ڪري، نهايت عزت ۽ احترام سان وقت گذاريائين. ڏوهٽن کان سواءِ اولاد ڪونه هيس.

محمد شفيع [۽ سندس اولاد]. مخدوم عبدالرحيم بديني، (جنهن جو بيان گذري آيو) جو فرزند، هڪ بافضيلت [۳۳۹] ۽ پنهنجي وقت جو مکيه ماڻهو آهي. ٺٽي جي شهر جي مفتيءَ جي عهدي تي سرفراز ٿي، پنهنجو نائب اتي ڇڏي، جهان آباد هليو ويو، جتي ٻه پٽ ڄڻيائين ـ شيخ نعمت الله ۽ شيخ غلام حسين. ٻئي مفتي ۽ اتي جي قاضي القضاة جا نائب ٿيا. ٺٽي ۾ ٻه پيا پٽ هرهڪ شيخ عطاءُ الله ۽ شيخ عنايت الله صغير ڇڏي ويو هو. اهي وڏا ٿي پيئي ٺٽي جا مفتي بڻيا. هاڻي شيخ عطاءُ الله کان پوءِ سندس فرزند محمد ڪريم مفتي آهي. شيخ عنايت الله پنهنجي سر زنده ۽ مٿين عهدي تي پنهنجي وقت ۾ ناليرو آهي.

شيخ عبدالحميد [۽ سندس پويان]. هڪ باڪمال ۽ بيپرواهه ماڻهو مشهور هو. جنّ عالم تابعدار هوندو هوس، تنهنڪري "جنائي" جي لقب سان مشهور هو. سندس پٽ شيخ محمد مير جوانيءَ ۾ ئي گجرات هليو ويو ۽ اتي عزت سان وقت گذاري، گذاري ويو. ڪانئس پوءِ ٻه پٽ هرهڪ شيخ محمد مريد ۽ شيخ محمد ڪريم پوئتي رهيا. هي ٻيئي سنه ١١٥٦ هه ۾ سورت بندر ۾ ڏٺا ويا، جڏهن سير جي خيال سان اوڏانهن وڃڻ ٿيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ محمد مريد فوت ٿي ويو، باقي شيخ محمد ڪريم زنده آهي.

شيخ موسيٰ. اصل نصرپور جو هڪ نومسلم آهي. ٺٽي جي ڪامورن جي صورت ۾ وقت جي برگزيده ۽ مکيه ماڻهن جي شمار ۾ داخل ٿي رهيو. شاه عنايت الله صوفيءَ جي جنگ ۾ قتل ٿي ويو. سندس اولاد باقي آهي.

شيخ محمد زمان. هڪ وڏو عزت وارو ڪامورو، نهايت توفيق وارو ۽ مکيه ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل ٿي گذريو آهي. سندس پٽ هرهڪ ڪاظم خان ۽ قاسم حسن خان وقت جا ناليرا ٿيا. انهن مان ڪاظم خان بادشاهيءَ جي ديوانيءَ جي عهدي تي سرفراز ٿيو. هاڻي سندس ڏوهٽا هرهڪ ميان محمد رفيع، هڪ صالح جوان ۽ محمد اعظم هڪ لائق ۽ شاعر وڏن جا يادگار آهن.

قاسم حسنخان عمدين خدمتن جي بدولت مکيه ماڻهن جي لسٽ ۾ شمار آهي. هو هڪ سهڻيءَ روش وارو ۽ بزرگيءَ جي عمدن اخلاقن سان موصوف نوجوان ٿي گذريو آهي. ميان محمد نالي صغير پٽ سندس يادگار باقي آهي.

[شيخ عبدالعزيز]. اصل رهندڙ ڳوٺ هاله ڪنڊي (هالا) مرد قابل ۽ هوشيار هو. نواب امير خان جي خدمت ۾ مقرر هو. پوئينءَ عمر ۾ هالن مان لڏي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين.

هن شيخ عبدالهادي ۽ شيخ عبدالسلام نالي ٻه پٽ ڇڏيا. شيخ عبدالهاديءَ کان پوءِ ڪا نشاني ڪانه رهي. شيخ عبدالسلام هندوستان وڃي دارالحڪومت لاهور جي خالصي جي ديوانيءَ تي سرفراز ٿيو. ڪانئس پوءِ پنج پٽ رهيا: شيخ عبدالرزاق، شيخ محمد سعيد، شيخ عبدالرحمٰن، شيخ عبدالعزيز ۽ شيخ محمد شفيع. [انهن مان] عبدالرزاق ۽ محمد سعيد علم ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل هئا. شيخ عبدالرحمٰن ڪمالات جو جامع هو. هن پنهنجي عمر نواب نظام الملڪ جي خدمت ۾ رهي دکن ۾ پوري ڪئي. شيخ عبدالعزيز عالمگير

جي ڏينهن جي ابتدا ۾ هندوستان وڃي ”دو صدي ذات“
جي مرتبي تي سرفراز ٿيو، ۽ بهادر شاه جي ڏينهن ۾ حضور
۾ عرض ڪري پنهنجو عهدو پنهنجي هڪ عزيز شيخ محمد حسن
کي بخشيائين. وري پيهر هندوستان وڃي ”دو صدي ذات“،
”بخشيگري“ (خزانه آفيسري) ۽ سيوستان جي واقعي نگاريءَ
جو عهدو هٿ ڪيائين. شيخ محمد شفيع عالمگير جي ڏينهن
۾ هندوستان وڃي، ”دو صدي ذات“ جي عهدي سان سرفرازي
حاصل ڪئي ۽ پڇاڙيءَ عمر ۾ پنهنجي پاءُ عبدالعزيز جي
پاران ”بخشيگريءَ“ ۽ سيوستان جي ”وقائع نگاريءَ“ جي
عهدن جو نائب پڻ هو. هن ۾ پٽ ڇڏيا- هڪ شيخ محمد رفيع
ٻيو محمد اعظم. محمد رفيع فرخ سير جي ڏينهن ۾ ”چهار صدي
ذات“ جي عهدي تي رسيو ۽ محمد اعظم، پنهنجي ڀيءُ جي
ڪوٽ تي، نادرشاه جي ڏينهن ۾ ڀيءُ جي درجي کي پهتو.
رسالو ”تحفة الطاهرين“ سندس جوڙيل آهي. هيءَ ٻئي پاٻر-
جٺن مٿي بيان ٿي آيو- ڪاظم الدين خان جا ڏوهٽا آهن.

<u>مرزا شادڪام [۽ سندس پٽ]</u>. نو مسلم هو. بادشاهي
ڪامورن جي لسٽ ۾ هڪ مشهور معروف ماڻهو ۽ نيڪيءَ
جي خوبين سان موصوف ٿي گذريو آهي. سندس پٽ محمد سرفراز
هڪ لياقت ڀريو مڙس پيدا ٿيو. سندس وفات سنه ١١٦٩ھ
۾ آهي.

<u>شيخ محمد مريد [۽ سندس اولاد]</u>. اصل هڪ نومسلم
راجا زادو آهي. سيوستان ۾ رهندڙ هو. عالمگير جي ڏينهن
کان ٺٽي جي قانون گوئيءَ جو عهدو هٿ ڪري، اتي رهڻ
لڳو ۽ حياتيءَ جو عرصو نهايت انسانيت ۽ سهڻين وصفن سان
سينگاريل رهي، مکيه ماڻهن جي شمار ۾ گذاريائين. سندس
پٽ شيخ محمد محفوظ هڪ لياقت ۽ انسانيت ڀريو انسان
۽ اڄوڪي زماني ۾ بينظير آهي. هن جي سهڻيءَ شخصيت

۾ بزرگن واريون وصفون ۽ نيڪن واريون خوبيون موجود آھن. ڪيترن سالن کان نواب غلام شاھ خان جي حاضريءَ جو ملازم ۽ شاھي حضور ۾ وڪيل ٿي وڃڻ جي عھدي تي سرفراز آھي. شعر ۾ وڏو استاد آھي ۽ ”سرخوش“ تخلص ڪندو آھي.

ھن جو فرزند رشيد، شيخ قمرالدين، ھرطرح وڏن جي خوبين جو مجموعو آھي. جوانيءَ جي ابتدا ۾ ئي وڏي لياقت حاصل ڪري، حاڪمن جي محفلن ۾ اچڻ وڃڻ جو سليقو چڱيءَ طرح پرائي، شاھي لشڪر جي وڪالت جي عھدي سان ممتاز ٿيو ۽ ڪن سالن کان بادشاھ جي لشڪر ۾ رھندو اچي. ١١٨٨ھ ۾ سنڌ جي حاڪم جي طرفان ”خانيءَ“ جو خطاب ۽ ديري غازيخان جي گورنريءَ جي عزت عطا ٿي اٿس. طبع موزون ھجڻ ڪري، ڪڏھن ڪڏھن [٢٤٠] خانداني اڍ موجب بيت ۽ غزل جو فڪر پڻ ڪندو آھي، ۽ ”عشرت“ تخلص اٿس.

شيخ بيگ محمد [۽ سندس پٽ]. فاضل خان صدرالصدور جو نياٽو ۽ ميرمنشي آھي. وڏيءَ عزت ۽ انساني لياقت سان زندگي گذاريائين. سندس پٽ شيخ محمد رفيع پنھنجي وقت جو سخي ۽ مڪيه ماڻھن جي لسٽ ۾ مشھور معروف ٿيو، ۽ پنھنجي پاران چڱو نالو يادگار ڇڏي ويو.

منشي محمد عارف. نصيراڻي قبيلي جو ھڪ مخدوم زادو، خوشخطيءَ ۽ ان جي برجستائيءَ ۾ ممتاز آھي. نواب صادق عليخان جي ڏينھن کان حاڪمن جو منشي آھي. ھاڻي سنڌ جي والي ميان غلام شاھ خان جي فرزند سرفراز خان جي سرڪار ۾ مير منشي ۽ بزرگيءَ جي خوبين جو جامع آھي.

ميان محمد افضل نالي سندس پٽ ٿو ھو، جوانيءَ ۾ وڏي لياقت حاصل ڪري سنہ ١١٧٨ھ ۾ گذاري ويو، ھو يان

محمد معظم نالي هڪ ٽج پياڪ پٽ ڇڏ يائين. راقم الحروف سندس وفات جي تاريخ هن مصرع مان لڌي آهي: باد آن جهان نزد محمد افضل (شل هو جهان محمد افضل جي هٿ هجي) - ١١٧٨ھ.

مٿيون محمد عارف سنه ١١٨٨ھ ۾ گذاري ويو.

محمد صالح. علم سياق (علم جفر) ۾ هڪ رسالو "دستور السياق" نالي سندس تاليف ڪيل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته هو ڏاڍ نگ جي خيال ڪان قاضي ڏتي سيوستاني جو اولاد آهي ۽ چانو نپنو ٺٽي ۾ آهي. ڪماليت ڪان خالي نه آهي ۽ ضرور نامي گرامي ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل آهي.

ملا يوسف [۽ سندس پٽ]. پنهنجي وقت جو هڪ نامي گرامي ملا آهي. سندس پٽ ملا عبدالرسول بلاغت جي علم ۾ مشهور هو. سندس تصنيفات مان هڪ برگزيده نسخو "نفائس الافڪار في عرائس الابڪار" نالي نظر مان گذريو ۽ سندس بلاغت جو شاهد اهوئي نسخو ڪافي آهي.

محمد عارف. شرعي وڪيل - هندوستان ۾ گهڻو عرصو گذاريائين. ننڍپڻ ۾ نواب مهابت خان ڪاظم جو استاد ٿي رهيو هو، تنهنڪري مٿين نواب جي گورنريءَ جي ڏينهن ۾ ٺٽي اچي چڱي حال ۾ وقت گذاريائين.

آخوند محمد يعقوب. مشهور فارسي خوانده، استاذيءَ ۾ وقت جي اڪثر عالمن ڪان گوءِ کٽي ويو هو. چڙو چڙمل گذاري اچي پوڙهو ٿيو هو. پيريءَ ۽ قوت جي نهايت گهٽتائيءَ هوندي به هرروز پوئين رات جو اٿي صبح جي نماز وچي پير پٺي وٽ پڙهندو هو، ۽ منجهند جو گهر موٽي ايندو هو. سندس وجود وڏو تبرڪ هو. هن ڪتاب لکڻ ڪان ٿورا سال اڳ فوت ٿي ويو آهي.

ملا محمد فاضل. مولہ ٺٽي جو رهندڙ پنهنجي وقت جو هڪ متبرڪ ملا ٿي گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن شعر جو فڪر بہ ڪندو هو، جنهن ۾ سخن جو حق ڪماحقہ بجا آڻيندو هو.

خوشنويسن جو طبقو

اگرچ مٿين بيانن ۾ هن فن جا ڪيترا مکيہ ماڻهو لکجي چڪا آهن، پر هتي هن شاندار هنر ۾ مشهور معروف ماڻهن جو ذڪر مقصد آهي.

حافظ رشيد خوشنويس. ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ خوشنويسيءَ جي مهارت جو علمبردار هو، ۽ وڏي ۾ وڏن مشهور ماڻهن ۾ شمار ٿيندو.

سيد حسن خوشنويس. ترخاني دور ۾ خوشنويسيءَ جي فن جو ماهر هو. سندس پٽ سيد محمد طاهر پڻ مشهور ستن قلمن جو جامع ۽ عوام ۾ مشهور ٿي گذريو آهي.

مخدوم الياس خوشنويس. مخدوم محمد يوسف جو فرزند نستعليق ۽ نسخ جي خط ۾ پوريءَ طرح ماهر ۽ وقت جو مشهور استاد هو. سيد علي جهڙا رشيد شاگرد وٽانس بهرو پرائي فن جي ڪمال کي پهتا.

سيد رحمت الله. سيد ابوالقاسم بيگلار جو فرزند خط نستعليق ۾ پنهنجي وقت اندر مشهور معروف ٿي گذريو.

شيخ محمد فاضل. شيخ محمد جو پٽ، شاهجهان بادشاه جو همعصر، خط ثلث جي ڪتبہ نويسيءَ ۾ وقت جو بينظير هو. شيخ محمد ولد شيخ محمد فاضل پڻ پيءُ وانگر ڪتبہ نويسيءَ ۾ ماهر هو.

شيخ عبدالواسع خوشنويس. خط نستعليق ۾ پنهنجي وقت جو مشهور معروف هو. شاهجهان بادشاه جي حضور ۾ حاضر

ٿي، فرمانن ۽ نشانن لکڻ جو منشي ٿيو. ڪيس ست پٽ آهن- هرهڪ شيخ عبدالسميع، شيخ عبدالشڪور، شيخ عبدالغفور، شيخ محمد معين، شيخ عبدالحق، شيخ محمد شريف ۽ شيخ عبدالرؤف. هرهڪ، پيءُ وانگيان خوشنويسيءَ جي فن ۾ وڏو ماهر ٿي رهيو. ۽ پيءُ جي جاءِ تي انهيءَ درگاه جي منشيگيريءَ کي رسيو [٢٤١]، جتي سلطان به سجدا ڪندا هئا.

سيد علي. هڪ ناليرو استاد، ڪامل مهارت جو مالڪ ۽ خوشنويسيءَ جي فن جو جامع هو. سندس اڪثر شاگرد ڪمال کي رسيا آهن. سيد مهدي مرحوم- جيڪو سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ گادي وسائيندو آيو- ۽ خواجن جي محلي ۾ رهندڙ سيد احمد، سندس پوٽا آهن.

مياں شيخ محمد. مٿين سيد عليءَ جو شاگرد آهي، ستن ئي قلمن ۾ مشهور معروف هو. سندس پٽن مان شيخ ابوالفضل خوشنويسيءَ ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. شيخ محمد پناه پڻ خوشنويسيءَ جي ڪمالات جو جامع ۽ اڪثر خوشنويسن تي فوقيت رکندڙ هو. اتفاقاً عين جوانيءَ ۾ گذاري ويو. انهيءَ جو پٽ محمد عالم بيمثال خوشنويس ۽ هن هنر جي عجيب فن جو ماهر آهي.

سيد نعمت الله. بينظير خوشنويس ٿي گذريو آهي.

مير محمد بزرگ رضوي- جنهن جو بيان مٿي ٿي آيو- پنهنجي پيءُ، شاه بندر جي خوشنويس محمد شفيع ۽ هدايت الله زرين رقم جو شاگرد، خوشنويسيءَ جي فن جو هڪ وڏو استاد ۽ پنهنجي وقت جو مشهور معروف آهي.

خواجه مير شريف. خواجه مير شهاب الدين - جنهن جو بيان ٿي آيو- جو اولاد، مشهور خوشنويس ۽ سيد عليءَ جو

شاگرد آهي. سندس پٽ خواجہ مير مرتضيٰ - جنهن جي وصف گذري آئي - هاڻي هن فن جي استاذن ۾ وقت جو ناليرو آهي.

ميان حبيب الله. مٿئين سيد عليءَ جو شاگرد ۽ ستن ئي خطن ۾ استاذ ڪامل ٿي گذريو آهي. سندس پٽ ميان تاج محمد وقت جو مشهور خوشنويس هن جو يادگار آهي.

درويش علي بيگ. مغل قوم جو ماڻهو، هڪ ناليرو خوشنويس آهي. سندس پوٽو درويش علي بيگ پڻ ڏاڍي وانگيان هن فن جي نامورن جي قطار ۾ هو.

سيد مير محمد. سيد عليءَ جو هڪ شاگرد، خط ثلث خاص نموني سان لکندو آهي ۽ نسخ ۾ پڻ خوشنويس آهي. ڪيترو عرصو حجاز ۽ يمن ڏانهن گذاري، ٺٽي موٽي آيو هو، پر وري اوڏانهن هليو ويو. هاڻي پڻ مدينہ منوره ۾ رهي ٿو.

بلاغت آثار شاعرن جو طبقو

جيڪي بلاغت ۾ زماني ۾ نهايت مشهور آهن.

مٿين صفحن ۾ هن گروهه جا ڪيترا ماڻهو لکيل آهن، پر ڪتي هن ٽولي جي مشهور معروف ماڻهن جو بيان لکجي ٿو.

محمد مقيم. ترخاني دور ۾، سخن جي ميدان ۾ مهارت جو جهنڊو بلند رکندو آيو، ۽ مرزا جاني بيگ سان گڏ اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ پهتو. سومل ۽ مينڌري جي عشق جو قصو "ترنم عشق" ٺالي سندس يادگار آهي.

ملا عبدالرشيد. اصل لاهري بندر جو رهاڪو، پنهنجي وقت اندر فقه ۾ مشهور ۽ شاعريءَ ۾ ناليرو هو. مرزا غازي سندس صحبت ۽ شعر پسند ڪري، ڪيس ڏاڍي خرچ جي مدد ڏيئي، پنهنجي اصلوڪي وطن ڪان گهرائي، "خاني" جي خطاب سان سرفراز ڪيو هو.

عبدالقيوم. لطيف‌گو، خوش طبع ۽ صاف مزاج شاعر، جهانگير جو معاصر ۽ مير معموري مظفرخان جو هڪ همراه هو. "شهرآشوب" خوش طبعيءَ سان پريل، سندس يادگار آهي.

دانشور. تخلص "شهرتي"، نثي جو هڪ وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ مير عبدالرزاق مظفرخان معموريءَ جو همعصر آهي. پوري شاعراني وضع رکندو هو. عالمگير جي زماني جي پهرئين حاڪم قباد خان جي ڏينهن تائين زنده رهيو. مشهور ديوان جو مالڪ آهي.

ملا محبِ علي. فاضل ڪامل، وڏي ۾ وڏو شاعر هو. صرف جي علم (۱) ۾ عام ماڻهن جو مٿس اعتماد هوندو هو. جهانگير ۽ شاهجهان جي دربار ۾ ڏاڍي اعتبار ۽ امتياز سان گذاريائين.

ملا محمد صوفي. مرزا غازي "وقاري" جي وقت جو وڏو شاعر هو. گهڻو ڪري ساڻس مشاعرا ڪندو رهندو هو، ۽ سندس هڪ وڏي ۾ وڏيءَ عزت وارو نديم هو.

غيوري عرف شڪر. ديوان جو صاحب آهي. مير لطف الله شيرازي انجوي [۲۴۳] جي والد مير بزرگ جي وفات تي هڪ عمدو تاريخ جو قطعو ناهيو هئائين، جنهن ۾ تاريخ جو مادو هن طرح هو: "سروش گفت نمانده بشهر تته بزرگ"-(چيو ملڪ ته ٺٽي ۾ رهيو نه مير بزرگ).

ميان عبدالله جو پٽ، اصل مغل قبيلي جو فرد، مير محمد حسين جو همعصر ۽ ضرب‌خاني ۾ سڪي ٺڪڻ جي ڪم تي مقرر هو. سخن جي روڪڙ تي خوب سڪو هڻندو هو.

(۱) هتي اصل متن ۾ "علم تصريف" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي صرف جو علم، جا اسان ترجمي ۾ لکي آهي. پر انهيءَ جي معنيٰ ناڻي جي مٽا سٽا يا صرافيءَ جو علم به ٿي سگهي ٿي-والله اعلم.

(ناليرو شاعر هو)۔ حضرت پير عليہ الرحمة جي خلافت جي اجازت هيس. سندس ديوان متداول آهي. مشهور مهرون چٽيندڙ (مهرڪن) محمد فياض سندس ڏوهٽو آهي.

شهرتي. پنهنجي وقت جو مشهور ترين شاعر آهي، ڪيس اولاد ڪانہ رهي.

محمد فاضل. مٽئين شيخ علي محمد خوشنويس جو پٽ، برجستو شاعر هو.

حيرتي. هڪ ناليرو شاعر ۽ شهرتي جو همعصر هو.

ملا سلامي ۽ ملا عبدالحڪيم. ٻئي ڀائر پنهنجي وقت جا مشهور معروف خوشطبع شاعر هئا. ملا سلاميءَ جون عجيب ۽ ڪل جهڙيون ڳالهيون عام ماڻهن جي زبان ۾ مشهور آهن. هو ٻئي خواجہ عطاء الله، قاضي محمد حسن ۽ شيخ ميرڪ عبدالوهاب جا همعصر آهن.

ملا عبدالحڪيم. تخلص "عطا"، سڀني اخلاقن جو جامع ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ ڪامل هو. پورا ٽيهہ سال رات جو عبادت ۽ ڏينهن جو روزي سان رهي، عشا (سومهڻي) جي نماز کان وٺي صبح تائين هڪڙي ئي وضوء سان نبي ڪريم جي نعت ۽ حضرت مرتضيٰ علي ۽ امامن سڳورن جي منقبت لکڻ ۾ مشغول هوندو هو. اهڙيءَ طرح لک بيت پورا ڪيائين. ازانسواءِ ہ تي ديوان ۽ ہ تي مثنويون اٿس. سندس ڪلام متقدمن جي طرز تي سليس ۽ فصيح آهي. طبعيءَ عمر کي پهتو. سائو لباس پهريندو هو. عام توڙي خاص ماڻهو سندس معتقد هوندا هئا. شاعري سندس اولاد ۾ رهندي آئي.

محمد ضياء. مٽئين ملا عبدالحڪيم "عطا" جو ڀاڻيو شاعريءَ ۾ ڪانئس برتر ۽ علم جي ناليِ نيڪيءَ ۾ ٻڻ وڌيڪ پيدا ٿيو. سمجهہ سان ٿيندي ئي جهان آباد جو سفر ڪري وڃي مرزا بيدل

ڪي ڏنائين. هن ڪيس "قيامت" تخلص ڏنو. توري وقت کان پوءِ نواب مهابت خان ڪاظم سان گڏ، ڏاڍيءَ عزت سان لنگهي وريو. مٿيون نواب ڪيس خاص نديم (مجلسي) رکندو هو ۽ سندس رهايش لاءِ خورشيد باغ ۾ مشهور حويلي ٺهرايائين. هو رنگين ديوان جو مالڪ آهي.

مسڪين. ساڳئي ملا عبدالحڪيم جو پٽ، ضيا کان پوءِ هن جي تڪيي ۾ سندس قائم مقام ٿي ويٺو. شعر ۾ پيءُ ۽ محمد ضيا جي تقليد ڪندو هو ۽ توڪل تي وقت گذاريندو هو. سندس اولاد موجود آهي.

محمد مير. عرف ميان هاشو ولد ميان داؤد، عربيءَ جي تحصيل چڱيءَ طرح ڪيائين. ميان محمد ضياء سان خيالي شعرن ۾ همخيال هوندو هو. احتساب جي عهدي جي اميد تي نواب اعظم خان سان جهان آباد وڃي رهيو هو ته بڪر پهچي حياتيءَ جو حساب اجل جي تقاضا ڪندڙ کي ڏنائين.

خادم. ملا يارمحمد نالي هڪ پنهنجي وقت جو مشهور ۽ بلاغت جو صاحب شاعر هو.

محمد رضا. تخلص هاشمي، هڪ ظريف‌الطبع شاعر عالمگيري دور ۾ مشهور آهي.

شوقي. نالو محمد حسين ولد ملا عبدالرؤف هڪ لياقت وارو عالم هو. حياتيءَ جو وڏو عرصو جهان آباد ۾ گذاري، ڪجهه عرصي لاءِ ٺٽي جي صدارت ۽ احتساب جو عهدو هٿ ڪيائين. مٿيون شيخ عبدالباسط سندس نائب هوندو هو. محمد هاشم رضوي نصرپوريءَ جو مريد ۽ ميرشاهه شڪرالاهي جو يار هو. شيخ بهائي جي "نان حلوي" جي تتبع تي هڪ مختصر مثنوي "نغمات شوقي" جي نالي سان نظم ڪيائين، جا تصوف جي مذاق ۽ سلوڪ جي چاشنيءَ تي مشتمل آهي. انهيءَ ۾ پنهي

بزرگوارن جي دوستيءَ ۽ مريديءَ جو حق ادا ڪيو اٿس. ٻي مثنوي "ناز و نياز"، ڪجهه ٻيون مثنويون، غزليات ۽ هر قسم جو شعر سندس يادگار آهي. نثر ۾ پڻ خاص سليقو رکندو هو.

شيخ عبدالشڪور [٢٩٣]. اعليٰ درجي جي شخصيت جو مالڪ ۽ شعر جي سليقي ۾ مشهور ٿي گذريو آهي. پنهنجي پيءُ جي فوت ٿيڻ وقت في البديهه هي الفاظ تاريخ ۾ چئي ڏنائين جيڪي قبر ۾ داخل ڪرڻ وقت پڙهندا آهن. "بسم الله وعلي ملة رسول الله" (توکي الله جي نالي سان قبر ۾ رکون ٿا ۽ رسول الله جي طريقي تي خدا جي حوالي ڪريون ٿا).

عيشي. نالو عاقبت محمود خان، اصل راجا زاده هڪ عزت وارو ڪامورو ۽ پنهنجي وقت جو ناميارو آهي. سندس ديوان مروج آهي. ۽ هڪ عجيب انشاء پڻ يادگار ڇڏيو اٿس.

آخوند محمد شفيع. پنهنجي وقت جو مشهور فارسي خوان ۽ استاذ مير عبدالقدوس شيرازيءَ جو يار آهي. هن بزرگ جي پيريءَ ۾ زيارت ڪئي ويئي ۽ قصائد عرفي ۽ سيفي عروض جو ڪجهه حصو سندس خدمت مان پڙهيو ويو. اعليٰ طبع جو مالڪ هو. تاريخ ڳولڻ ۾ ته معجزو ڪري ڏيکاريندو هو. ٺٽي جا اڪثر حاڪم ۽ عزت وارا ماڻهو سندس تعظيم ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪندا هئا.

مير محمود. اصل استراباد جي رضوي سيدن مان آهي. نواب سيف الله خان جي ڏينهن ۾ سنه ١١٤٠ ۾ عالي مرتبه درگاهن جي زيارت تان موٽي اچي ٺٽي ۾ رهيو ۽ شادي ڪري ٻار ڄڻيائين. بزرگيءَ جي زيور سان چڱيءَ طرح سينگاريل هو. صابر تخلص هوس. امامن جي مناقب ۽ مرثين ۾ دفتر نظم ڪندو هو. حال ڪان خالي نه هو. ٻه ٽي مهينا ٿيا آهن جو گذاري ويو.

محمد محسن [۽ غلام علي مداح]. نورمحمد بن ابراهيم بن يعقوب، جو پٽ ـ سندس وڏا پٽ وڪڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا. هيءُ علم ۽ عقل جو صاحب ٿيڃي، رنگين طبع ٿي پيو. سمجهه وارو ٿيڻ سان مير لطف علي خان جي خدمت ۾ تربيت پرائي، شاعريءَ جو مذاق هٿ ڪيائين. تنهن کان پوءِ ڪن ڪمال جي صاحبن جي صحبت حاصل ڪري، وڏو ڪمال حاصل ڪيائين. لٽي ۾ سخن جي لطافت ۽ ڪلام جي ملاحت (سلوڻائي) ۾ هن پايه جو شاعر پيدا ڪونه ٿيو. اهل بيت جي مناقب ۾ "عقد دوازده گوهر"، حضرت صاحب الزمان (امام مهدي) جي ولادت جي بيان ۾ "طراز دانش"، اعلام ماتم عرف حملهٔ حسيني، شعر ۽ قصيدن جو ديوان، وغيره سندس نظم ڪيل آهن ۽ هرهڪ ۾ شعر جو حق ادا ڪيو اٿس.

سندس پٽ ميان غلام علي تخلص "مداح" هن وقت پيءُ جي شاعريءَ کان سواءِ عربيءَ جي تحصيل ۾ پڻ ڪافي بهرو ورتو آهي. هو صاف ذهن جو مالڪ ۽ مڪمل طبع جو صاحب آهي.

محمد پناه. تخلص رجا، شعر ۾ جناب مير حيدرالدين ابو تراب تخلص "ڪامل" جو شاگرد، طبع جي لطف ۽ فڪر جي جدت جي بدولت شعر ۾ سهڻا [نڪتا] ڳولي ڪيندڙ ۽ تاريخ ڪيڻ ۾ عجيب فڪر جو ڌڻي، نمڪين (مزيدار) ماڻهو ۽ مجلس جو مور آهي. فقيرن ۽ الله وارن سان معتقدانه روش رکي ٿو. هاڻي لٽي جي اندر شاعرن ۾ غنيمت آهي.

واثق. نالو آقا محمد صالح، اصل تبريزي، سورت بندر ۾ ڄائو ۽ لٽي ۾ وڏو ٿي مکيه ماڻهن جي قطار ۾ زندگي گذاريائين. آقا محمد ڪريم اصفهانيءَ جي وفات کان پوءِ، نادري دور ۾ رعيت جو وڪيل هو. انهيءَ کان پوءِ ساري عمر ممتاز حيثيت ۾ گذاريائين. برجستي خيال وارو شاعر،

مصور، طراح (مصرع طرح پيش ڪندڙ) ۽ بي نظير خوشنويس تي گذريو آهي. اميري، سهڻي مجلس ۽ بزرگيءَ جي لائق گفتگو جي سهڻي طرز ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سنه ١١٧٩ ھ ۾ وفات ڪيائين.

فائز. شيخ عبدالسجان ولد شيخ مرتضيٰ تخلص "فائز" آهي. شيخ مرتضيٰ ۽ سندس پاءُ شيخ شجاع بادشاهي ڪامورا هئا ۽ عهدن تي سرفراز رهي [٢٩٤] وقت گذاريائون. پاڻ ظريف ۽ لطيفه گو شاعر پيدا ٿيو. ايهام ۽ حاضر جوابيءَ ۾ مشهور آهي. اهل بيت جي ڏاڍي محبت رکندو هو. گهڻو ڪري مناقب ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. ميان نورمحمد جي حڪومت جي پڇاڙيءَ ۾ حاسدن جي جماعت اهل بيت جي محبت ۾ غلوجي ڪري سندس بي عزتي ڪئي، پر هن انهيءَ کي عين سعادت سمجهيو. سندس مولود ڏاڍا مقبول ۽ ننڍي وڏي جي زبان تي جاري آهن. فقير (مير قانع) سندس وفات تي تاريخ جو قطعه چيو آهي جنهن مان ع فائز رحمت سبحان شد گفت (چيائين رب جي مٿس رحمت نصيب) آهي.

سندس پاءُ محمد رفيق بہ هائي ڪڏهن ڪڏهن پاءُ وانگيان سخن جو فڪر ڪندو اهي. ماڻهو سنئون سڌو ۽ سليقه مند آهي.

آخوند فيض الله. تخلص "طپش" هڪ عجيب برڪت پريو ملا هو. خيالي شعرن جي حل ڪرڻ ۾ وڏي دسترس هيس. سندس نثر جي خاص طرز آهي ۽ نظم بہ مذاق کان خالي نہ آهي.

اسد الله. تخلص "تابع" ٺٽي جو هڪ مخدوم، محمد منعم جو "ترائي" جي لقب سان مشهور آهي، جو فرزند ۽ محمد محسن جو شاگرد آهي. چڱي طبع جو مالڪ آهي. ڪيتري عرصي کان سورت بندر ڏانهن ٿو گذاري.

غلام محمد. آخوند محمد احسن جو فرزند، فارسيءَ جي درس ڏيڻ ۾ وقت جو تبرڪ ۽ هن زماني جي سڀني شاگردن جو استاذ آهي. هو هڪ صاف طبع، نوجوان ۽ ملائيءَ ۾ نهايت فائق آهي. ڪڏهن تاريخ لهڻ ۽ قطعه لکڻ ۾ به برجستو فڪر ڪندو آهي.

مؤمن. نالو مرزا غلام علي، الله وردي بيگ گاذرونيءَ جو پوٽو، هڪ لياقت ۽ انسانيت ڀريو نوجوان ۽ تازو شاعر آهي. مٿئين شيخ قمرالدين جي خدمت ۾ بادشاهي لشڪر ۾ رهندو هو. هاڻي سنڌ جي والِيءَ جي، حاضريءَ جو نوڪر آهي.

[باب پنجويهون]

[ٺٽي شهر جي الله وارن، ۽ آسپاس جي اوليائن، ۽ سالڪن مجذوبن جو طبقو]

(ٺٽي شهر جي) مشهور معروف الله وارن جو طبقو

هن ۾ ٽي باب آهن. پهريون باب انهن ڪن مکيه الله وارن جو بيان، جيڪي خود شهر ۾ ۽ انهيءَ جي آسپاس آرامي آهن.

سيد ڪمال شيرازي، سيد ملوڪ مازندراني ۽ شيخ يعقوب جي ٽن يارن مان هڪڙو يار درس امين، جيڪي هن ڪان اڳ مناسب جاين تي بيان ٿيل آهن، اگرچه خود ٺٽي ۽ آس پاس جي بزرگن ۾ داخل آهن. پر خواه مخواه ڳالهه کي دهرائڻ مان فائدو نه ڏسي، اڳئين بيان تي اڪتفا ڪئي ويئي.

سيد شاه منبر. غوث الثقلين (پيران پير) جي اولاد مان آهي. هي سکورو، سيد ڪمال شيرازي، جنهن جو بيان ٿي آيو- ۽ سيد شاه عبدالله حسين- جو اڳتي بيان ٿيندو- شاه بيگ ارغون جي ڏينهن ۾ سيد شڪرالله شيرازيءَ سان گڏجي ٺٽي آيا هئا. ٽنهي بزرگن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هئي. انهن مان هن سکوري جي قاضي سيد شڪرالله سان ڏاڍي سنگت هوندي هئي. پاڙي جي ويجهڙائي ڪري، جتي هينئر آرامي آهي، اتي هڪ مريد جي گهر ۾ اچي رهيو ۽ پرهيزگار ۽ چڙو چڙمل رهي گذاري ويو.

سندس ڪرامتون ظاهر ۽ سندس مناقبن جون نشانيون مشهور آهن. هن جي زيارت عام خلق الله جي حاجت روائي ڪندڙ آهي. هن جي پيرانديءَ ۾ ماءُ ۽ پٽ جون ٻه قبرون آهن. جيڪي سندس خادم هئا. جن جي گهر هيءُ بزرگ رهندو هو.

پير بدر. هڪ وڏو ولي ارغونن جي ڪاهه وقت شهيد ٿيل ۽ جتن جي پاڙي ۾ رهندڙ مشهور معروف آهي. هن بزرگ بلند مرتبي متعلق عجيب داستان ٻڌا ويا آهن. اڄ تائين سندس زيارت ڪرامت کان خالي نه آهي.

پير عباس. درويش آجر جي وقت جو هڪ بزرگ آهي. جنهن جو بيان اڳتي ٿيندو. سندس حالات عجيب ۽ ڪرامتون بي نظير آهن.

پير شاهي. ملڪ امان جي چوڪ جي سامهون، [٣٤٥] جتي هاٿي دفن ٿيل آهي، اتي ئي گهر هوندو هوس، مرزا عيسيٰ جي ڏينهن ۾ فرنگين جي لشڪر جي حملي ۾ شهيد ٿيو.

شاه مسڪين. هڪ ڪامل فقير ۽ ڪن جي چوڻ موجب هڪ عالي نسب سيد - جتي دفن ٿيل آهي اتي ئي تڪيو هوندو هوس. فرنگين جي فساد ۾ شريڪ ٿي، خود ئي شهر جي ڪمال جي صاحبن ۾ آرامي آهي. ۽ بزرگيءَ جي برتري ۽ ڪمالات جي فوقيت ۾ مشهور آهي. ميان ابوالقاسم نقشبندي چوندو هو ته ٺٽي ۾ هن جهڙو ڪامل بزرگ ٻيو ڪو دفن ٿيل ڪونه آهي. بيشڪ سندس زيارت سان هرقسم جون مرادون پوريون ٿين ٿيون.

سيد محمود. سرهين جي محلي ۾ هڪ وڏو مشايخ ۽ عمدو ولي آهي.

چون ٿا ته پهرين سندس قبر ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي، هڪ ماڻهوءَ گهر ٺاهڻ جو ارادو ڪيو، زمين کوٽيائون ته

زمين ۾ اندر هڪ سالم جسم دفن ٿيل ڏسڻ ۾ آين، انهيءَ ئي رات خواب ۾ معلوم ٿين ته اهو بزرگ سيد محمود نالي هڪ اهل الله آهي. انهيءَ وقت کان وٺي خلق‌الله جو زيارت‌گاه آهي.

سيد محمود. هڪ وڏو ولي هو. اناج بازار جي اوپر ۾ سندس مزار زيارت‌گاه آهي. هيءَ متئين سيد محمود کان پيو آهي، قاضين جو محلو هن سگوري جو خاص مريد آهي.

پير لاکهو. اصل قوم جو ڪنير وڏو صاحب حال جو بزرگ پجهي ٿو. ماڻهو سندس زيارت نهايت تبرڪ جي خاطر بجا آڻيندا آهن.

محمد مڪائي نيرن‌ڪوٽي. اناج بازار ۾ آرامي آهي. وقت جو هڪ وڏو بزرگ پجهي ٿو. ڪن جو عقيدو آهي ته هتي انهيءَ ساڳئي شيخ مڪائيءَ جو ظهورو آهي، جنهن جي درگاه نيرون ڪوٽ ۾ مشهور آهي. بهرحال سندس زيارت حاجتمندن جي حاجتن پوري ٿيڻ لاءِ هڪ عجيب وسيلو آهي.

پير لڏو. ويجهي زماني جو هڪ ولي آهي. هو گدا بازار جو هڪ دڪاندار هو ۽ ڪپاهه وڪڻندو هو. دڪان تي هميشه پنهنجي اڳيان منيءَ جا ٽڪرا رکندو هو ۽ جيڪو به مريض اها مني کائيندو هو ته شفاياب ٿيندو هو. انهيءَ وقت جا الله وارا سندس صحبت مان مرادون پائيندا هئا- تازو گذريو آهي- هن کان کي سال اڳ سندس صحبتين مان کي ماڻهو ڏسبا هئا. قصو ڪوتاهه، جڏهن وفات ڪيائين تڏهن وصيت موجب کيس سندس دڪان ۾ دفن ڪيائون. تقديراً انهيءَ سال مينهن وسڻ بند ٿي ويو. بدفال ماڻهو حاڪم کي چوڻ لڳا ته انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هن بزرگ جو شهر جي اندر دفن ٿيڻ ئي برسات جي بند ٿيڻ جو سبب آهي. انهيءَ تي حڪم ٿيو، ته سندس لاشي کي اتان ٽڪريءَ ڏانهن ڪنيو وڃي. اتفاقاً جنهن صبح جو مزور قبر ڍاهڻ لاءِ

تيار ٿيا، انھيءَ جي رات تي اھڙو سٺو سپنو ڏٺائين، جو بدفال ماڻھن جي زبان بند ٿي ويئي. انھيءَ کان پوءِ ڪنھن به ماڻھوءَ انھيءَ بزرگ سان چيڙ چاڙ ڪانه ڪئي. ھاڻي سندس زيارت سوالين جي حاجت روائيءَ جو سبب آھي.

سيد ابراھيم. تحقيق موجب مخدوم راجو قتال جو پوٽو آھي. چون ٿا ته سندس پيءُ وٽ وڏن جي ورثي ۾ ھڪ ڪاٺ جو پيالو ھوندو ھو، جو جڏھن طعام يا پاڻيءَ سان پريندا ھئا تڏھن انھيءَ مان ھزارين ماڻھو ڍاپندا ھئا. [سندس والد] جي گذري وڃڻ کان پوءِ، خادم ساڳيو پيالو ھن وٽ کڻي آيا. ھن اھو ورثي پڇي ڇڏيو. چيائونس: تو ھي ڇا ڪيو، وڏن جي نشاني ھو. وراڻيائين: اسان ۽ توھان کي ھن مان رڳي مشھوريءَ کان سواءِ ٻيو ڇا حاصل ٿيندو. پوءِ اتان سفر ڪري ٺٽي ۾ گذاري ويو. سندس قبر ڪشمشين جي محلي ۾ الھندي طرف مشھور آھي. ڪيئي بزرگ ھن جي زيارت مان فيضياب ٿيا آھن.

شاھ ڪرڪنج. ھڪ مستانو فقير، مغلواڙي جي اترئين پيلي جي ڪناري تي، جتي سندس مزار آھي، اتي فقيرانو تڪيو ھوندو ھوس. سيد احمد شيرازي ڏاڍي ارادي سان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندو ھو. ھن ڪيس وقت جي قطب سيد محمد مراد جي پيدا ٿيڻ جي خبر ڏني ھئي ۽ پاڻ کي انھيءَ ٻار جو مريد ظاھر ڪيو ھو. معتبرن کان ٻڌل آھي ته سيد احمد جڏھن سندس خدمت ۾ ايندو ھو تڏھن ھيءُ ڏاڍي نياز سان سندس تواضع بجا آڻيندو ھو. جنھن وقت سيد مراد جو نطفو ھن کان ماءُ جي پيٽ ڏانھن منتقل ٿي ويو [٢٤٦] تنھن کان پوءِ ھيءُ پنھنجي جاءِ تان چرندو به ڪين ھو، ۽ چوندو ھو ته منھنجو تواضع انھيءَ وقت جي قطب سان ھو جيڪو ھاڻ تنھنجي پيٽ مان نڪري ويو آھي.

پوين ڏينهن ۾ سير ڪندي شهيد ٿي ويو ۽ پنهنجو سر ڪٽي اچي انهيءَ جاءِ تي ڪري پيو جتي دفن ٿيل آهي. جنهن تي ڪيس دفن ڪيائون ـ سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ پوئين رات جو هڪ شينهن اچي پڇ سان سندس آستاني کي ٻهاري ڏيندو هو. اتي جا رهندڙ خواه زيارتي اها حالت ڪيڏي عرصي تائين ڏسندا رهيا.

شاهه شمس. هڪ حق سان واصل ۽ ڪامل مطلق بيپرواهه ۽ قلندرانه زندگي گذاريندڙ هو. خدائي محبت جي جوش جي غلبي کان هڪ جاءِ آرام ڪونه هوندو هوس. جذبي جي وقت کانئس عجيب ڪرامتون صادر ٿينديون هيون ۽ ناياب مڪاشفن جا راز کلندا هئا. شاهه ڪرڪنج جو صحبتي ۽ همعصر هو. نقل آهي ته هو (شاهه ڪرڪنج) چوندو هو ته هيءَ شمس، شمس تبريزيءَ کان هڪ قدم مٿي آهي. سندس مزار شاهه ڪرڪنج عليه الرحمته جي پاڙي ۾ آهي.

پير چتو، ميان لال چتو، شاهه وجيه الدين، جو اڳتي مذڪور ٿيندو، جو پٽ ۽ شاهه جميل جو مريد آهي. جنهن بيان ٿيندو، پاڻ کي جيئري درياه ۾ لڪائي ڇڏيو هئائين ـ هڪ مشهور جهونو بزرگ آهي. سندس مزار ٺٽي جي اپرندي طرف ناليري آهي. هن بزرگ جو ظهور ڪيترن ئي شهرن ۾ بلڪ خود ٺٽي ۾ پڻ ٻن ٽن جاين تي آهي. انهن مان هڪڙي ٺٽي جي الهندي طرف تندسر جي ڪناري تي آهي. ڪن جي چوڻ موجب هيءَ (تندسر جي ڪناري وارو) بزرگ ساڳئي نالي سان پيو بزرگ آهي. انهيءَ ڪري اتي علحدو ميلو لڳندو آهي.

پير البو. اصلي نالو مارڪ اٿس، جام نظام الدين جو نائي هو. ظاهراً انهيءَ بتخاني جي پوڄڻ کان روڪڻ لاءِ آيو هو، جنهن جي جاءِ تي مسجد صف اڏائي ويئي آهي. هن سيد مراد شيرازيءَ جو مريد ٿي، دنيا کي پوريءَ طرح ترڪ ڪري

چڏيو. هڪ ڏينهن مٿئين سيد جتي هو هن وقت دفن ٿيل آهي، انهيءَ جاءِ تي بيٺل ڪبر جي پاڙ جو ڏندڻ آڻڻ جو حڪم ڏنس، هن اتي پهچي جتي ته زمين تي ڪوٽي، اتي وڏو خزانو ڏسڻ ۾ ٿي آيس. جڏهن پن ٽن جاين تي ڪوٽڻ سان خزاني کان سواءِ ڪجهه به نظر نه آيس، تڏهين پير جي خدمت ۾ موٽي اچي احوال عرض رکيائين. هن (پير) فرمايس ته: جيڪي ڏٺئي تي سو ڇو نه کڻي آئين؟ عرض ڪيائين ته جڏهين انهيءَ کي ڇڏي ڏنو اٿم تڏهين منهنجو انهيءَ سان ڪهڙو ڪم؟ انهيءَ تي کيس البو يعني بي‌طمع جو خطاب ڏنائون. قصو ڪوتاهه، پير جي فيض ۽ پنهنجي سچي طلب جي برڪت سان وڏي درجي کي رسيو. هو پير جي حياتي ۾ گذاري ويو ۽ الله وارن جي زيارتگاه بڻيو، سيد مراد رحمة الله عليه سندس زيارت تي گهڻو ويندو هو.

پير بابو. اصل نالو ڪو پيو هوندو هوس. فقيرن جي صورت ۾ انهيءَ جاءِ تي تڪيه ۾ گذاريندو هو، جتي دفن ٿيل آهي. ڪي چون ٿا ته بخاري سيدن مان آهي ۽ ڪي کيس متعلوي (مٽياري) سيدن ڏانهن منسوب سمجهن ٿا. [بهرحال] ناليرو ۽ ڪمال جو صاحب هو. هڪ ڏينهن کيس خبر پيئي ته سيد مراد شيرازي پير البي جي زيارت تي وڃي ٿو، ۽ هن رستي کان موٽندو، هو اڳ جهلي بيهي رهيو. اتفاقاً سيد انهيءَ رستي کان ڪين موٽيو- هو پورو هفتو ويٺو رهيو. سيد جڏهن وري پير البي جي زيارت ڪري اچي سندس رستي کان لنگهيو ۽ ٻڌائين ته هو ستن ڏينهن کان سندس ديدار جي اميد رکيو ويٺو آهي، تڏهن مٿس توجه جي نظر ڪري سندس ڪم تڪميل کي پهچائي فرمايائين: ته بيشڪ تون سچو بابو آهين يعني بابو جهڙو آهين جو [هڪ هندو فقير] مشهور رياضت ڪندڙ آهي. قصو ڪوتاهه سيد کيس مقصد پوري ڪرڻ لاءِ ٿوري سير و سياحت جي هدايت فرمائي. هو بظاهر

ڪڪرالہ جي سرزمين ۾ سير ڪري رهيو هو تہ ڪهيري قوم جي هڪ جماعت ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. اتان پنهنجو سر هٿ ۾ ڪٺي پنهنجي آرامگاه ڏانهن ڊوڙي آيو ۽ اتي پهچڻ تي شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ ڏسي وجي ٻين کي ٻڌايو جنهن تي اچي ڪيس دفن ڪيائون. سندس درگاه زيارتين جو مقصد ۽ عاشقن جو مطلب آهي.

پير دادن. هڪ وڏي ۾ وڏو پير ۽ ڪامل اوليا آهي. هڪ مٽي اگهاڙو، وارن ڪنڊڙيل ۽ تڪيہ وارو فقير هو. ڪي چون ٿا تہ سيد محمد يوسف رضويءَ جو همعصر آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ انهيءَ کان اڳي ٿي گذريو آهي. بهرحال مٿين سيد جو پنهنجي اولاد کي حڪم آهي: تہ جيڪڏهن ڪنهن مشڪل وقت مون تائين پهچي نہ سگهو تہ هن کان دعا جي مدد گهرجو. بيشڪ سندس درگاه سوالين جا مقصد پورا ڪندڙ آهي.

سيد ابراهيم. هڪ وڏي ۾ وڏو بزرگ [بلڪ] پيرن جو پير، ظاهراً بخاري، ننڌ سر جي اورئين ڪناري تي عام خلق جي زيارتگاه، ۽ وڏي طاقت جو صاحب ۽ زيارتين لاءِ بيمثل آهي.

حاجي شيخ بهاؤالدين. شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان سمن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ [٣٤٧] حج تان موٽندي، ٺٽي پهچي، گذاري ويو. ظاهري فضيلت ۾ ڪمال جو درجو رکندو هو. ۽ عمدن مشائخن ۾ شمار ٿيئي ٿو. ڪي چون ٿا تہ هو سيد علي شيرازيءَ جي مريدن مان آهي. فضيلت ۽ شريعت جا صاحب سندس زيارت کي ڏاڍو پسند ڪندا آهن ۽ مرادون ماڻيندا آهن.

پير لونگ. هو هڪ مشائخ ۽ ڪامل ولي، اپرندي طرف هڪ ڪوه پنڌ تي ... جي ڪوٺ ۾ رهندڙ هو.

انهيءَ جاءِ تي سندس مزار مريدن جون مرادون پوريون ڪندڙ ۽ سوالين جا مشڪل حل ڪندڙ آهي.

ڪي ماڻهو ڪيس شيخ جميل جو پٽ شمار ڪن ٿا ۽ انهيءَ شيخ جا سجاده نشين پنهنجو نسب انهيءَ سان ملائين ٿا، پر معلوم ٿو ٿئي ته هو شاه جميل جو پڻيلو آهي. جنهن مذڪور ٿيندو. سندس قبر به اتي آهي. ۽ هتي سندس ظهوري جي جاءِ آهي.

درويش آچر. هڪ ڪمال جو صاحب بزرگ به لائي جي ويجهو، مشائخانه ڪمالات جو صاحب ٿي گذريو آهي. ۽ زيارتين جو مقصد آهي.

مخفي نه رهي ته ٺٽي جي آباد سرزمين ۽ ان جي آسپاس ۾ رکو ايترا الله وارا آباد ناهن جو هزارتي هڪڙي جو به بيان ڪري سگهجي. قصو ڪوتاه، شهر جي وچ جون اڪثر قبرون شهيدن جا دفن گاه آهن. جنهن جامع فرخ جي ٻاهران جيڪو شهيدن جو گنج آهي، تنهن ۾ تيرهن سون کان زياده ماڻهو آهن، جي سيئي نيڪ غيرالله کان بيزار ۽ فرنگين جي هٿان الله سان واصل ٿيل آهن. امير بيگ جي بازار وارو شهيدن جو گنج پڻ اٽڪل ڪجهه سون ماڻهن تي مشتمل آهي. اتي جا خدا وارا پڻ گهٽو ڪري، ساڳئي فساد ۾ شهادت ڪسي رسيا آهن. اهڙيءَ طرح شهر ۽ آسپاس جون پيون قبرون سڀ الله وارن جون آهن ـ مگر راقم الحروف، انهن سڀني جي احوال جي تحقيق نه ھجڻ ڪري، بزرگن جي نالن مان هن قدرتي اڪتفا ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن پياري کي وڌيڪ توفيق ٿئي ته هن ڪتاب ۾ داخل ڪري عِنۡدَ ذِڪۡرِالصَّالِحِيۡنَ تَنۡزِلُ الرَّحۡمَۃُ (صالحن جي ذڪر وقت رحمت نازل ٿئي ٿي) جهڙو ثواب حاصل ڪري ۽ مؤلف کي ممنون فرمائي.

مڪليءَ تي آرامبل اولياءالله مان ڪن تورن جي بيان ۾

اگرچ ساموئيءَ جي بيان جي ابتدا کان وٺي مڪليءَ ٽڪريءَ ۽ ان متعلق ڀرپور بيان سمورا انهيءَ شاندار ٽڪريءَ ڏانهن منسوب بزرگن جا آهن. پر هتي حال جي صاحبن جي مرجع ۽ ڪمال وارن جا ڪجهه نالا تبرڪاً ذڪر ڪجن ٿا. تمام ظاهر آهي ته هن رحمت جي سرچشمي ٽڪريءَ ۽ ان جي آسپاس ۾ آرامي بزرگ قلم جي نوڪ ۽ زبان جي اشارن سان ڪڏهن به چڱيءَ طرح بيان ڪونه ٿي سگهندا. تنهن هوندي به بقول "مَا لَا يُدْرَكُ كُلُّهُ لَا يُتْرَكُ كُلُّهُ" (جا ڳالهه سڄي پروڙي نه سگهجي ته سڄي ڇڏي به نه ڇڏجي) جيترو تحقيق ٿي سگهيو آهي، ان تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن سڳوري کي زياده تحقيق جي سعادت نصيب ٿئي ته هن کي هن ثواب ۾ داخل ٿيڻ گهرجي.

شيخ نعمت الله. شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هڪ وڏو بزرگ آهي. سندس وجود مسعود نهايت ڪمال ۽ وڏين ڪرامتن جي برڪت سان خدا جي خالص نعمت هو. سمن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ گذاري ويو. سندس درگاه اتر طرف سندس فرزند رشيد شيخ جيي جي درگاه جي پويان، اهل الله جي زيارت گاه آهي.

شيخ جيو. شيخ نعمت الله جو فرزند وڏو ولي ۽ عارف ڪامل آهي. ڪرامت جي گهڻن شعاعن ۽ هدايت جي ڏاڍي نور جي سببان سندس خطاب "مڪليءَ جو ڏيو" آهي. سيڪنهن ماه ڀرين سومر جي رات سندس درگاه تي وڏو اجتماع ٿيندو آهي ۽ هرسال مقرر تاريخ تي عجيب ميلو لڳندو رهي ٿو. شهر ۽ ڀرپاڙيءَ جا خادم رات اتي عبادت ۾ گذاريندا آهن. ۽ فقير وجد ۽ سماع ڪندا آهن جنهنڪري

عجيب حالت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. نهايت نورانيت ۾ هيءَ درگاه سڄيءَ مڪليءَ ٽڪريءَ تي ممتاز آهي. زيارتي سندس دعا جي مدد سان هرقسم جون مرادون لهندا آهن.

میان لال. هڪ وڏو بزرگ ڪمال جو صاحب شيخ جيي جي اوير ۾ دفن ٿيل آهي. چون ٿا ته مخدوم عثمان عرف لعل شهباز مرونديءَ جو پاءُ يا سوٽ آهي [٢٣٨] [ذوق] جا صاحب سندس زيارت ڏاڍي نياز سان ڪندا آهن.

شيخ مغل چاچڪ. وڏو ولي، اهل دل ۽ ڪرامت ۽ ڪشف ۾ ڪامل هو. چون ٿا ته مرزا شاهه حسن ارغون نصرپور جي هڪڙي رئيس کي قيد ڪيو هو. سندس عزيز پهريائين شيخ مغل جا مريد هئا. هن وقت انهيءَ کي وساري وڃي شيخ پرڪيي وٽ ملتجي ٿيا. هن کين سوا ڳئون آڻڻ جو تاڪيد ڪيو. هو پنهنجي ڳوٺ مان ڳئون ڪاهيون ٿي ويا ته شيخ مغل درياءَ جي ڪناري تي، جتي هر روز غسل ڪرڻ لاءِ ويندو هو، کين ڏٺو ۽ احوال پڇو. اگرچ ظاهر نه ڪيائين پر دل ۾ غيرت آيس. هو ماڻهو جڏهن شيخ پرڪيي وٽ آيا تڏهن هن چيو ته مون جيڪو طلسم تيار ڪيو هو سو شيخ مغل توهان سان رستي ۾ ملاقات ڪري ٽوڙي ڇڏيو. هينئر انهيءَ قيديءَ لاءِ موت کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي. آخر ائين ئي ٿيو. شيخ جي مزار مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي اهل الله جي زيارت گاه آهي.

شيخ طلحه. شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو اولاد ۽ ڪامل ولي آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن سيد مراد شيرازيءَ جي زيارت لاءِ ويو ۽ پڇيائينس ته "پيري ڇا کي چوڻ گهرجي؟" اتفاقاً پريان هڪ پلو مٺو پيو هو جو ڪِري سڙي ويو هو. سيد مراد [انهيءَ ڏانهن] اشارو ڪري چيو ته "اٺ" ۽ هڪدم اٿي ڪرڙو ٿيو. پوءِ چيائينس ته پيري "اجها هيءَ آهي". انهيءَ کان پوءِ شيخ

ڪان پڇيائين ته ”شيخي ڪهڙي شَي آهي؟“ هڪڙم سندس (شيخ طلحه) حڪم سان دڪان تان هڪ ڪافر ڪي ولي آيا. جنهن ڪي ممبر تي وهڻ جو حڪم ڏنائين ۽ هو ديني واعظ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. [شاه ڪي] چيائين ته ”شيخي هن ڪي چئبو آهي“. هيءُ قصو سيد عبدالڪريم جي زبان مان سندس رسالي ۾ ڏنو ويو آهي. ”تذڪرة المراد“ ۾ هن جي ابتڙ ڳالهه ڏني ويئي آهي. جنهن ۾ شيخ طلحه جي بدران شيخ بدرالدين حليم جو ذڪر آهي. بهر حال ڪمال وارن جا هن قسم جا مرتبه ظاهر آهن. ۽ حقيقي موافقت ۽ ازلي اتحاد جي ڪري هڪڙي جي ڪرامت ٻئي جي ڪرامت چئي سگهجي ٿي، شيخ طلحه جي مزار مڪليءَ ٽڪريءَ تي الله وارن جي زيارت گاه آهي.

شيخ حسين سومرو. سيد محمد حسين عرف پير مراد شيرازي جي خاص مريدن مان آهي. هڪڙي ڏينهن (سيد) سير ڪري رهيو هو ۽ مٿس مهربان ٿي وضوءَ جو بچيل پاڻي ڪيس پيئڻ لاءِ ڏنائين، مٿس اهڙي حالت طاري ٿي جو هڪدم وجد ۾ اچي چوڻ لڳو ته اها حالت هٿ آئي اٿم جو شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ ڪان سواءِ ڪو به انهيءَ ڪان واقف نه آهي. ڪلا قوم سندس اولاد آهي. ۽ انهيءَ وقت ڪان وٺي مٿين سيد جي گهراڻي جا مريد آهن.

درس پنيو. سيد علي شيرازيءَ جو هڪ ڪامل مريد آهي ۽ مقبري جي ايرندي پاسي آرامي.

شيخ حماد نيرون ڪوٽي. هڪ مشهور معروف ولي ٿي گذريو آهي. سندس مزار سيد علي شيرازيءَ جي آرام گاه جي پرسان آهي.

مراد پليجو. ذات جو پليجو. رهندڙ ڳوٺ نورائي، هڪ ڪمال جو صاحب، سيد علي شيرازيءَ جو مريد ۽ انهيءَ درگاه جي مقام ۾ آرامي آهي.

پير آسات [۽ سندس اولاد]. مجذوب سالڪ ۽ محبوب واصل، مخدوم عربي هالائيءَ جو پاڻ آهي. سيد ميران محمد مهدي جونپوريءَ جي خدمت ۾ مريديءَ جو شرف حاصل ڪيائين. اهل الله جي هڪ جماعت هن کي اڪثر مشائخن کان جهونو شمار ڪيو آهي. سندس مزار مشهور آهي.

سندس اولاد مان محمد حسين نالي هڪ حال جو صاحب فقير ٿي گذريو آهي. هن جا پٽ احمد ۽ محمد [٢٤٩] ٺٽي ۾ هوندا هئا. انهن مان احمد جهان آباد ۾ شاه غلام محمد صوفيءَ جي خدمت ۾ گذاريندو هو ۽ فقيرن جو لنگر سندس هٿ ۾ هوندو هو. چڱيءَ حالت سان موصوف رهي زندگي گذاريائين.

ميان منو فقير. مخدوم نوح جو مريد ۽ ڪمال جو صاحب هو. جامع فرخ ۾ گهڻو گذاريندو هو. آڪر ۾ سندس حجرو مشهور آهي. مير سيد علي شيرازيءَ جي ميلي کان واندا ٿي فقير اتي اچي گڏ ٿيندا آهن. پير آسات جي ڏاکڻ جي هيٺان دفن ٿيل آهي. سندس ملفوظاتن مان آهي ته: جڏهن منهنجو مٿو بلندي ڏانهن مائل ٿو ٿئي تڏهن مٿو يعني سور جو ستايل ۽ بدحال ٿيان ٿو. ۽ جڏهن خوديءَ جو خيال ڏاري مٿو مٿي ٿو ڪڍان تڏهن مٿو يعني ڪوتو آهيان پر جڏهن ڪسرنفسي ڪري پنهنجو مٿو نياز مان هيٺ جهڪايان ٿو تڏهن مينو مڏينم ٿا ۽ منو ڪري ڪاٺينم ٿا.

فقير بهاؤالدين ڳوڏڙيو. مخدوم نوح جو وڏي ۾ وڏو مريد ۽ ظاهر ڪرامتن ۾ مشهور آهي. سندس مزار ٺٽين مٿي فقير جي پرسان آهي.

سلطان ڪمر. جناب مخدوم نوح جي مريدن مان هڪ فقير آهي. سندس حجرو آڪر ۾ مشهور آهي. اتي ٻيا ميان مٺي فقير جي حجري وانگيان فقير، سيد علي شيرازيءَ جي ميلي کان واندا ٿي، اچي گڏ ٿيندا آهن.

جمن جتي. سمن جي ڏينهن ۾ مشهور معروف آهي. جتي دفن ٿيل آهي اتي تڪيو هوندو هوس. هميشه چڙو رهيو. سندس ڪرامتون سڀ کان وڌيڪ ظاهر آهن.

مخدوم جمعو. هڪ وڏو ولي، ڪامل متقي، فضيلت ۽ ڪمال ۾ مشهور، حال ۽ قال سان موصوف ۽ سيد علي شيرازيءَ جو همعصر آهي. سندس درگاه مڪلي تي مشهور آهي.

درويش آچر. اصل ٺٽي جو پوڪڙي آهي. سندس ڪماليتون بيان کان ٻاهر آهن. سيد علي ثاني شيرازي سندس مريدن مان آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن هو پنهنجي دڪان تي ستو پيو هو ۽ سيد علي ثاني سندس پير مهڻ ۾ مشغول هو ته درويش حليم - جو اڳتي مذڪور ٿيندو - اچي انهيءَ گهٽيءَ مان لنگهيو. [ڏسي] چيائين ته "هٽي هو نمونو ۽ هيٺي هي روش". درويش آچر انهيءَ ننڊ مان، جا عين بيداري هئي، اٿي مٿي ڪٽي چيو ته "اهي گهٽا آهن. هو گهٽن ۾ ٽورا هيءَ ٽورن ۾ ٽورا آهن". درويش حليم جواب ٻڌي وڌيڪ ڪجهه نه ڪڇيو ۽ هليو ويو. سيد پڇيو ته "هيءَ ڪهڙو گفتگو هليو جو منهنجي ڪوتاهه سمجهه ۾ نه آيو". فرمايائين ته درويش حليم "هٽي" جي لفظ مان اشارو ڏنو ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ ههڙو با ادب آهين ۽ خدمت بجا آڻيندو رهين ٿو ۽ "هيٺي" مان اشارو هوس ته سندس اولاد شريف کان ڪم تو وٺين. جواب ۾ چيو مانس ته: هڪڙو ٽولو اهڙو آهي جو ٻين کان پنهنجو نفع گهٽو گهرندو آهي، اهڙا ماڻهو گهٽا آهن. ٻيو فرقو اهو آهي جو ٻين جو فائدو پاڻ کان وڌيڪ گهرندو

آهي. اهڙا گهٽ، ٻ تورا آهن پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جو پنهنجو نقصان قبول ڪري به ٻين کي نفعو رسائيندا آهن. اهڙا ماڻهو توري ۾ تورا آهن.

چون ٿا ته شهر جي سيدن، انهيءَ ساڱ کان ته سندن فرزند، مريد ٿيند فقير سان ملندا ٿي ويا، ڪيس شهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. جنهن تي هو گجرات هليو ويو، سيد علي درويش جو ڏس پڇائي، درويش کي وڃي سڪرات جي حالت ۾ ڏٺو. هو سڄي امانت سيد کي ڏيئي گذاري ويو. اگرچه پوين ڏينهن ۾ سيد مخدوم نوح جو مريد هو. ليڪن جيڪي مليو هوس سو هن درويش جي فيض [٢٥٠] جي بدولت هو. رازدان ماڻهو چون ٿا ته درويش جو لاشو مخفي طرح مڪليءَ تي آندل آهي. پر غيب جي ڄاڻڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي هن حقيقت جو ڪشف ڪونه ٿيندو آهي.

میان احمد ۽ میان محمد. اصل بغداد جا ويٺل، وڏا ڪرامت جا ڌڻي، ميرڪن جي مقام جي اپرندي ۾ دفن ٿيل آهن. معرفت جا صاحب سندن عاليشان بزرگي ڏسي، سندن زيارت کي وڏي ڪاميابي سمجهندا آهن.

سيد شاه عبدالله حسني. قطب الاقطاب، غوث الثقلين حضرت پير دستگير عليه الرحمة جي اولاد مان ٽي ڄاڻا يل يارن يعني سيد منبر، سيد ڪمال ۽ سيد قاضي شڪرالله، ۾ وڏي ۾ وڏو يار آهي. هو سکور و شاه بيگ ارغون جي ڏينهن ۾ گجرات کان لڏي اچي، مخفي طرح ٽڪريءَ تي انهيءَ جاءِ تي گوشه نشين ٿي ويهي رهيو، جنهن جاءِ تي سندس مزار آهي. هن حياتيءَ جا ڏينهن مجرد (ڇڙو) رهي خدا جي يادگيريءَ ۾ پورا ڪيا. اتفاقاً گهڻي وقت گذرڻ ڪري سندس قبر ڍهي ويئي. ۽ جٿن بيان ٿي آيو، ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ سيد حافظ الله گجراتي، شيخ يعقوب ۽ خليفي ابوالبرڪات کي

مڪليءَ تي وڃي، سندس ڏنل نشان کي ظاهر ڪرڻ جو اشارو فرمايو. انهيءَ وقت کان وٺي سندس مزار نيڪن جو مڪمل مقصد ۽ يادگار آهي. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي جيڪو فيض آئي وٺي کي هن بزرگ مان مليو تو تنهن جي بيان جي قلم کي طاقت نه آهي.

درويش پرڪيو لنگ. هن کي مڪليءَ جي دامن ۾ تڪيو هوندو هو ۽ ڪجهه وقت نغارو وڄائيندو هو. شهر جا ماڻهو سندس خدمت ۾ وڃڻ فرض سمجهندا هئا، ٽڪريءَ واري سمن جي قبرستان جون اڪثر عمارتون، خصوصا سهسي لنگ جون ماڙيون ڏاهي، انهيءَ جي پٿرن مان چونو ۽ گچ ڏاهي، هڪ وڏو منارو تيار ڪيو هئائين. رات جو انهيءَ تي ڏيو ٻاريندو هو. سوداگر، عربي سمنڊ ۾، سنڌ جي بندرن جو رستو انهيءَ ٻتيءَ جي ذريعي مقرر ڪندا هئا ۽ سندس خدمت ۾ اڇي نذرانا رکندا هئا. ايتري ته دولت هئس جو سنڌ جو حاڪم مرزا باقي ساڻس حسد ڪرڻ لڳو. هن مقرر ڪري ڇڏيو هو ته ننڍو خواه وڏو جيڪو به وٽس ويندو تنهن کي ضرور سندس خدمت ڪرڻي پوندي. پڌڻ ۾ آيو آهي ته هڪ ڏينهن سيد علي شيرازي سندس زيارت ڪرڻ ويو تنهن کي به خدمت جي تڪليف ڏنائين. مخدوم نوح اها ڳالهه ٻڌي دل ڪوسي ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو مرزا باقيءَ جلد ئي کيس مخفي طرح شهيد ڪرائي ڇڏيو.

ٺٽي جي آسپاس جا اولياء

سيد احمد غوث. هڪ مشهور معروف بزرگ ڪمال ڪماليت ۽ وڏي ڪرامت جو ڌڻي تي گذريو آهي. سندس مزار فتحي ٽڪر تي نامي گرامي آهي. چون ٿا ته سيڪنهن محرم جي مهيني ۾ قتل واريءَ رات، اتي شهيدن جو روحاني

ميلو لڳندو آهي. ڪيترن اکين وارن اهو ميلو پنهنجين روحاني اکين سان ڏٺو آهي.

میر ڪمال الدين ابواسحاق: حضرت عليءَ جي اولاد سڳوريءَ مان انهيءَ ٽڪريءَ تي دفن ٿيل آهي. سندس پٽر جي قبر الهندي طرف واقع آهي.

ميان ابوبڪر. هڪ ڪمال جو صاحب درويش، سيد ميران محمد مهدي جونپوريءَ جو مريد ۽ ڪانئس فيضياب آهي. هن جي قبر ساڳئي ٽڪر تي سندس نالي سان مشهور ۽ حضور جي صاحبن لاءِ نامي گرامي زيارت آهي.

درويش الهڏتو لوهر. اصل سيد عبدالڪريم (بلڙيءَ واري) جو مريد ۽ وڏي ڪرامت جو ڌڻي عيدگاه جي ڏکڻ ۾ آرامي آهي. سندس زيارت پورو تبرڪ رکي ٿي.

پير لاکو [۽ سندس اولاد]. هڪ ڪامل سيد ۽ نامي گرامي ولي آهي، جنهن زندگيءَ جا ڏينهن ڍڪ ۾ گذاريا، پاڻ ڪي سيد ڪونه سڏائيندو هو. سندس رائنڪ ٽڪريءَ تي پير شيخ عليءَ جي اوريان مشهور آهي.

مخدوم بايزيد جو هڪ ناليرو عالم ۽ ڪامل آهي سو سندس سڳو ڏوهٽو هو.

سيد ابراهيم، جنهن جي مزار ڪنيرن جي ڳوٺ جي ڪناري تي، زيارتين جي مرڪز آهي، سو سندس اولاد مان نامور آهي.

سيد ابراهيم. هڪ عجيب ڪمال جو ڌڻي ۽ بي نظير حال جو صاحب هو. هميشه گودڙي پهريون، گوشه نشينيءَ جي نموني سان ڪلان ڪوٽ ۾ گذاريندو هو. جنن جا ٽولا سندس مطيع هوندا هئا. سيد ابراهيم عرف ڪذا، جنهن کي عام ماڻهو جنن جي ٽولي سان مخصوص ڄاڻندا آهن،

سو اهوئي آهي. سندس مزار [٢٥١] ڪلان ڪوٽ واري ٽلهي جي پٽ هيٺان راز محرم حضرات لاءِ زيارت ڪامل آهي.

درويش داؤد عرف داد درس. هڪ وڏي ڪرامت وارو نامي گرامي بزرگ آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن پنهنجن مريدن سان، انهيءَ ڍنڍ ۾ جيڪا ڪلان ڪوٽ جي مٿان سندس نالي سان مشهور آهي ۽ جتي هاڻي دفن ٿيل آهي، ڏاڻي ٻچي راند ۾ مشغول هو. جنهن رسم آهي هڪڙي ٻني کي ٽي ورتو ۽ اهو ڪاتل وري ٻين جي پويان ٿي ڊوڙيو ۽ پيا ولي ٿي پکا ۽ آڳ واري انهن جي پويان ڊوڙي جنهن کي ولي ٿي سگهيو تنهن کي ٽي ورتو. اتفاقاً آڳ درويش تي اچي ويئي. ۽ سيئي ولي پکا. درويش جنهن کي ٽي ورتو تنهن کي پاڻيءَ ۾ غوطو ڏياري حقيقت جي بحر جو واقف بنائي ٿي ڇڏيو. اهڙن ڪيترن نصيب وارن کي هن پاڻيءَ ۾ واصل بالله ڪري ڇڏيائين. هو سيد مراد شيرازيءَ جو همعصر ٿو ڏجي ٿو. برسات جي موسم ۾ مٿس خاص ميلو لڳندو آهي.

درويش سيد حليم. ڏاڏو ڪمال جو صاحب ۽ مٿي چاٽايل درويش آچر جو همعصر آهي. سندس مزار مٿئين درويش داؤد عرف داد درس جي درگاه جي قريب اهل الله جي مشهور زيارتگاه آهي.

شيخ پٺو ديولي [۽ سندس سجاده نشين]. سندس نالو حسين بن راڄپار بن لاکو بن سخيرو ۽ سندس والده جو نالو سلطاني بنت مراد بنت شرفو آهي. هو قوم جو اپلان آهي. قاضي محمود علامه جي تحقيق موجب هو هڪ جهوني ۾ جهونو ولي ۽ سگهوري ۾ سگهورو خدا جي راه جو واصل آهي. سندس تعريف ڇا ڪري سگهبي؟ ڇاڪاڻ ته سندس بلند شان مان فقط هڪڙي ذري لاءِ به دفتر ڪافي نه ٿيندو. هن جهڙو

ڪمال جو صاحب سجيءَ سنڌ ۾ ڪو چڙو پيدا ٿيو هوندو. هيءَ بزرگ ابتدا ۾ انهيءَ ٽڪريءَ جي هڪ غار ۾، جنهن تي هاڻي دفن ٿيل آهي، اڻين لڪل رهندو هو جڻ لعل ڪاڻ ۾ لڪل هوندو آهي. شيخ بهاؤالدين ملتاني پنهنجن مشهور معروف يارن سميت اچي اتان لنگهيو ۽ دل جي نور سان صحيح ڪيائين ته هن شاندار ٽڪر ۾ هڪ عاليشان لعل لڪل آهي. تنهن تي وچي ڪيس گمناميءَ جي گوشي مان ڪڍي، پنهنجو مريد ڪري، ظاهر ڪيائين. انهيءَ ڏينهن کان وٺي سندس هدايت ۽ مرشديءَ جي پيشانيءَ جو نور دنيا وارن تي جلوه افگن ٿيو. هن جي وفات سنه ٦٤٦هه ۾ ٿي آهي. سندس درگاه سجيءَ سنڌ ۾ ممتاز بلڪ سيني طرفن ۾ مشهور آهي.

هتي جا سجاده نشين ڪمال بزرگيءَ ۾ مشهور آهن. هن وقت شيخ صابو جي انتقال کان پوءِ شيخ ساجن پير جي نظر جي برڪت سان ننڍي خواه وڏي لاءِ مرجع آهي. ٻارهين ربيع الاول ميلي جي ڏينهن هو شيخ [پٽي] جي دستار مٿي تي رکي، مريدن جي وڏي انبوه سان گڏ، خانقاه کان مينار تائين، جنهن جي وچ تي قدري مفاصلو آهي، ڏاڍي نورانيت سان پهچندو آهي ۽ عجيب روحانيت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. [پير جي] ڪرامت جي اثر کان مٿين دستار، باوجوديڪ مٿس ڪافي عرصو گذري چڪو آهي، هڪ نرالي رنگ ۾ جلوه افروز ۽ نورافگن هوندي آهي. بيشڪ هيءَ پڻ انهيءَ بزرگ جي ڪرامت سمجهي سگهجي ٿي.

شيخ جميل. سيد عبدالهادي بن سيد ابوالعطاس، امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان آهي. جون ته ته لوهارڪي ڏنڍي سان مشهور هو. قصو مختصر، هڪ وڏي طاقت جو صاحب آهي. سورٺ (جهوناڳڙهه) جي سرزمين ۾ گرنار جي سامهون جبل تي سندس چلهءِ گاه (چلي بچائڻ واري جاءِ) تان هڪ دنيا قسمين قسمين فيض پرائي رهي آهي. سندس ڪرامتون

ظاهر آهن [٣٥٢] بيان جي ضرورت نہ آهي. پير پٽي جي استدعا تي مٺيهءَ ٽڪريءَ تي آيو ۽ اتي دفن ٿيو. چار خليفا هئس. ١- شاهہ وجيہ الدين، جو اڳتي بيان ٿيندو، مٿئين شيخ جميل شاهہ جي احاطي جي پيرانديءَ ۾ آرامي آهي، ٢- شيخ زڪريا ٣- شيخ ممون، ٤- شيخ ڪرم، جو پير جي جتين وٽ دفن ٿيل آهي.

چون ٿا تہ شيخ جميل سڪرات وقت وصيت ڪئي هئي تہ ۾ ماڻهو هڪ ماڻهو چاڳو (چهہ آڱريو) ڇوڪرو آڻيندا ۽ اهوئي منهنجو جاءِ نشين ٿيندو. سندس فوت ٿيڻ ڪان پوءِ ۾ ماڻهو پالہ لونگ نالي هڪ ڇوڪرو وٺي آيا ۽ اهوئي ڇوڪرو هو جنهن کي شاهہ جميل پنهنجو پٽ سڏيو هو. گادي نشين پنهنجو نسب انهيءَ مان ملائيندا آهن. هاڻي شيخ براق جي انتقال ڪان پوءِ شيخ ممون مريدن جو مشهور مرڪز ۽ پير جي ڪمال شفقت سان معروف آهي.

ملا خليفو سندي. اصل سومرن جي شهر محمد طور- جيڪو درڪ جي پرڳڻي ۾ هو- جو هڪ مکيہ رهاڪو هو. سمن جي ڏينهن ۾ اچي ساڪري ۾ آباد ٿيو. جناب شيخ المشائخ شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي پاران مريد ڪندو هو. پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو ڪامل بزرگ ۽ ڪمالات ۽ وڏي شرف جو مالڪ هو.

شاهہ وجيہ الدين [۽ سندس اولاد]. سيد فتح شاهہ جو فرزند، امام محمد تقي بن امام علي موسیٰ رضا جي اولاد مان، شاهہ جميل جي فيض جي نظر جو نوازيل آهي. سندس مزار شاهہ جميل جي رائنڪ جي پيرانديءَ ڪان خدا وارن جي زيارت گاهہ آهي. هن چار پٽ ڇڏيا. جن مان ١- شاهہ حسن، ڪوهستان ڪان ڇڻ ڪوهن تي هنور جي مٿان آرامي آهي، ٢- شاهہ کهور جهول ۾. سندس اولاد هڪ وڏو ڳوٺ وسايو آهي. شيخ

اسروز سندن اڳواڻ آهي، ٣- شاه آري، شاه جميل جي درگاه جي اتر طرف واري هيناهين زمين ۾ دفن ٿيل آهي- چون ٿا ته ڪهاڙي سندس حوالي هوندي هئي- پير ڪان پوءِ پاڻ کي جيئري قبر ۾ پوري ڇڏيائين- هن جي قبر وٽ ڏندڻ مان ڪبڙ جو وڻ ڦٽو آهي جو يادگيري لاءِ هڪ نشان آهي، ٤- شاه لال چٽو- هن بزرگ جي قبر مقرر ڪانه آهي- ڪيترن ئي شهرن ۾ جتي به سر ڪيو اتس اتي سندس قبر ٺاهي ڇڏي اٿن- ڳالهه ٿا ڪن ته هن پاڻ کي درياءَ ۾ لڪائي ڇڏيو هو سندس مزار "تنڌسر" جي ڪناري تي آهي-

درس علاؤالدين سومرو- سيد علي ثاني شيرازيءَ جو همعصر آهي- ٻنهي جي وچ ۾ گهڻائي سوال جواب سنڌي زبان جي بيتن ۾ مذڪور آهن- نيٺ هن سيد عليءَ کي اهڙو پتو ڏنو جو دعويٰ ڇڏي اچي مريد ٿيو- اصل شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي سلسلي جو مريد آهي- سندس ڪرامتون شمار کان ٻاهر آهن- هن جي مزار شيخ جميل ۽ پير پٺي جي وچ تي اهل الله جي زيارت گاه آهي-

شيخ عبدالوهاب- محمد طور ۾ رهندڙ عباسي خليفن مان هڪ وڏي ۾ وڏو خليفو هو- مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي پسگردائيءَ جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو- جهنگلي جانور، ڦاڙيندڙ خواه ڪائيندڙ سڀ سندس مطيع هوندا هئا- جملي خليفن جي سلسلي جو سردار هو- مرزا باقي ماڻهن جي گهڻي رجوع تي ساڙ ڪائي ڪيس محمد خليل مهردار هٿان قتل ڪرائي ڇڏيو-

شيخ ابوتراب عرف حاجي ترابي- اصل عباسين جو گورنر آهي، جو سنڌ جي ڪن جاين جو حاڪم هو ۽ تبع تابع مشهور آهي- جنن مٿي چاڙهيل آهي هو شهيدن مان آهي- سندس مزار ڪڇي جي ڳوٺ، جيڪو ناري ۽ لتي شهر جي

بدران آباد ٺيل آهي. ۽ ڪوڙي جي ڳوٺ، جو رسول آباد يا محمد طور ثاني جي بجاءِ وسيو آهي- جي وچ ۾ آهي. ٺٽي کان اتڪل چئن ڪوهن تي سندس مزار مشهور معروف آهي. سندس گنبذ تي تعمير جي تاريخ سنہ ١٧١ ھ موجود آهي.

شيخ سند قندراني، لال جوان، پير دادن، قبول حبشي، چئو مشائخ ۽ پير ڪپور هرهڪ ناليرو شهيد شيخ ابو تراب جي پرسان دفن ٿيل ۽ الله وارن جو زيارت گاه آهي. حاجتمند ماڻهو هرهڪ جي زيارت مان وڏو بهرو وٺن ٿا.

شيخ جاڙيو. آڳاٽي سمي جو بزرگ آهي، سندس مزار مشهور ٽڪريءَ تي، جا "شيخ جاڙي جو ٽڪر" جي نالي سڏجي ٿي، نيڪ ٻانهن لاءِ زيارت گاه آهي. سندس قبر تي سيد حسين سلطان جاڙيو ولد امام سيد ابو احمد عبدالله اڪبر بن امام سيد ابو صالح موسیٰ بن امام ابي عبدالله ٧ رجب سنہ ٦٦٦ ھ تي رحلت ڪئي [لکيل آهي].

پير ڪريم. هڪ آڳاٽو بزرگ، عظيم الشان ڪرامتن جو صاحب، ساڪري جي سر زمين ۾ مشهور آهي- گدڙ هن پير جي حڪم ۾ آهن ۽ ضرورت وقت سندس مجاورن جي حڪم سان اچي حاضر ٿيندا آهن. سندس وفات سمن جي دور جي وچ ڌاري ٿي آهي.

[لال انس]. ساڪيءَ طرح لال انس ساموئي جي اتر طرف درياءَ جي ڪپ تي ٽڪريءَ تي آهي.

درس وريو. هڪ قديم زماني جو بزرگ، پنهنجي وقت جو ناليرو ۽ آزاد نيڪن جو زيارتگاه آهي.

درس وريي جي اولاد ۾ نامي گرامي فقير ٿيندا آيا آهن. هر مهيني جي سومر ڏينهن انهيءَ تي هڪ عمدو ميلو لڳندو آهي.

ملا موج دريا. شڪر گهاٽ جي اورينءَ پر، بندر لاهري جو آڳاٽي سمي ۾ ديبول بندر جي نالي سان مشهور هو- جي

پرسان، اهل الله جو هڪ وڏو مرڪز آهي [٢٥٣] سندس اولاد، جي پنهنجي وقت ۾ ملڪ جي نالي سان مشهور آهن، سي اڪثر ڏارا جا بندر جا رهاڪو آهن.

سيد محمود شيرازي. هڪ بزرگيءَ ۾ نامي گرامي بزرگ لاهري بندر جي ڏکڻ طرف مشهور معروف آهي.

بلوخان لوڏي. هڪ بزرگ نشانين ۽ ڪرامتن جوڌڻي ديول بندر عرف لاهري بندر جي دکي واريءَ زمين تي دفن ٿيل، هڪ آڳاٽي سمي جو وڏو پير آهي.

شيخ نورالدين درياڻي. مشهور معروف بزرگ، اعليٰ درجي جي ڪرامتن جو ڌڻي ڏاراجا بندرجي مڪان، عربي سمنڊ جي ڪناري تي دفن ٿيل ۽ ڏاڍي تصرف جو صاحب آهي. [سندس درگاه] صفائي ۽ حضور واري جاءِ آهي جنهن ۾ الله وارن جو ارادو مشهور آهي.

لعل موسيٰ. مخدوم لعل شهباز عليه الرحمة کان فيض ياب آهي. سندس آمد سمن حاڪمن جي ڏينهن جي ابتدا ۾ ٿي هئي.

مخفي نه رهي ته لاهري بندر، جو آڳاٽي زماني ۾ ديول بندر جي نالي سان مشهور هوندو هو، هڪ عجيب شهر سيدن سڳورن ۽ وقت جي فاضلن جي رهڻ جو هنڌ هو، هاڻي ڪجهه سالن کان [زماني جي] حادثن سببان شهر رهاڪن سميت برباد آهي. ۽ اتي جي باقي آبادي ڏاراجا [بندر] جي برابر واري زمين ڏانهن منتقل ٿي ويئي آهي. ڏاراجا بندر هڪ آڳاٽو بندر نڪامره قوم جو تخت گاه آهي، جن ۾ قديم الايام کان پيڙهي به پيڙهي ناليرا سردار پيدا ٿيندا رهيا آهن جن مان:

[راڻو عبيد]. راڻو عبيد خاص عجيب احوالن جو صاحب ٿي گذريو آهي. جنهن صورت ۾ هن جي عجيب احوال جو

ذڪر ڪيفيت ڪان خالي نہ آهي بلڪ الٰهي عجائبات مان هڪ عجائب آهي تنهنڪري سندس بيان ڪيو وڃي ٿو.

راڻو عبيد نڪامره، ڏاراجا جو والي، سنہ ١٠٠٠ ھ ۾ زنده هو ۽ ڪڪرالي جي حاڪم چام جرار جو همعصر هو- ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن چام جرار کي اکين ۾ سخت سور پيو- راڻو ڪيس پڇڻ لاءِ ويو. پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هجڻ ڪري، چام جرار هن جي گوڏي تي مٿو رکي چيو تہ مون کي ڪا سچي ڳالهہ ڪٿي ٻڌاءِ مان، خدا تعاليٰ انهيءَ جي برڪت سان منهنجي اکين جو سور لاهي- راڻي چيو: سچ جو شاهد خدا ڪافي آهي- مون کي فلاڻي ڏينهن ۾ اچي سمنڊ جو سير ڪري پرينءَ پر معلوم ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو- سو ڪجهہ رسد ۽ سامان سوڏا جهاز پاڻ سان ڪٺي سمنڊ ۾ گهڙي پيس. ڪجهہ مدت پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ اچي اهڙي هنڌ پهتس جتي اڳ ۾ ڪوبہ ماڻهو نہ پهتو هو. چيم تہ اچا بہ اڳتي وڃڻ گهرجي شايد هن ڪناري جو پتو پئجي وڃي. اتفاقاً انهيءَ ڪن وٽان لنگهڻ ٿيو جنهن کي ظلمات سڏيندا آهن. سيئي جهاز انهيءَ ڪن ۾ غرق ٿي ويا. جڏهن منهنجي جهاز ڪن ڏانهن رخ رکيو تڏهن مان ٽڪري تي هڪ وڏو وڻ ڏسي ٽپو ڏيئي وڃي انهيءَ کي چنبڙيس- وڻ ۾ هڪ وڏي زبردست پکيءَ جو آکيرو هو- مون کي رات وڻ تي پيئي. صبح جو انهيءَ پکيءَ کي چنبڙي پيس، جنهن اڏائي اچي هڪ جبل جي ڪناري تي ڇڏيو. آءٌ حيران هوس تہ ڪٿان جو ڪٿي اچي پهتو آهيان- الله پاڪ انهيءَ پکيءَ يعني سيمرغ جي مدد سان مون کي اتان آزاد ڪيو. هاڻي آبادي جي ڳولا ۾ ڊوڙڻ لڳس- اوچتو هڪ عبادتگاه جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو ۽ جناب حسنين رضي الله عنهما جي روحانيت جي زيارت ٿي جن مون کي سلامتيءَ جي خوشخبري ڏني. ٽڪل هوس اتيئي ننڊ ڪٿي وير. [٢٥٤]

[ايتري ۾] اتي پرين جي هڪ ٽولي اچي نڪتي، ۽ مون کي پاڻ سان کڻي ويئي. خدا ٿو ڄاڻي ته آءٌ ڪتي رهندو هوس. ناز ۽ نعمت جي ڪا ڪمي ڪانه هيم. ٿوري وقت کان پوءِ وطن جي حب ۽ دوستن جي ياد ۾ آءٌ غمگين رهڻ لڳس. پرين جي سردار منهنجو اهو حال ڏسي، دلداري خاطر پڇا ڪئي. پڌايومانس ته مون کي سفر ۾ بيشمار ڏينهن گذري ويا آهن. خبر نٿي پويم ته منهنجن پوين جو ڪهڙو حال هوندو. وراڻيائين ته جيڪڏهن مونکي جو پڪو وعدو ڪرين ته توکي اتي پهچايان. مون وطن ۾ ائن ڏينهن رهڻ جو وعدو ڪيو، جنهن تي هڪ گهڙيءَ ۾ مون کي پنهنجي ڳوٺ جي ٻاهران اچي ڇڏيائون. [ويندي وقت] چيائون ته ائين ڏينهن کان پوءِ فلاڻي وقت اسان هتي ايندا سون تون حاضر رهج. مان اچي پنهنجي اهل عيال سان مليس ۽ اهو وعدو دل تان لاهي ڇڏيم. خدا جي قدرت سان وعدي جي وفائي مون کي نصيب نه ٿي. انهيءَ کان پوءِ ڊگهو عرصو گذري چڪو آهي، پر انهيءَ لذت جي يادگيري اڄ به دل جي دامن ڇڪي ۽ حيرت ۾ وجهي رهي آهي؛ ليڪن وقت هٿان نڪري ويو آهي. ڳالهه ڪي هتي پهچائي چيائين ته جيڪڏهن منهنجي هيءَ ڳالهه سچي آهي ته شال خدا تعاليٰ تنهنجن اکين جو سور لاهي. الله پاڪ جي قدرت: جام جراڙ جو ڳالهه شروع ڪرڻ کان ئي، فرق محسوس ڪري رهيو هو، سو بلڪل چڱو ڀلو ٿي اٿي کڙو ٿيو ۽ خدا جو شڪر ۽ منهنجي تعريف ڪرڻ لڳو.

سالڪ مجذوبن جي بيان ۾

جئن ته هن ٽولي سان گهڻا مٿين بيانن جي ضمن ۾ جدا جدا جاين تي مذڪور ٿي چڪا آهن ۽ هي ٽولو گهڻو ڪري ظاهر وارن جي اکين کان ڳجهو آهي، هنن خدا وارن سيني کي ڪي ٿورا ماڻهو ڄاڻن ٿا، تنهنڪري هتي ڪن ٿورن،

نالن تي اکتفا ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪو پيارو وڏائيندو ته احسان جو لائق ٿيندو.

وطايو. مجذوب، سالڪ، ڪامل، پنهنجي وقت جي مجذوبن ۾ وڏيءَ معرفت وارو ٿي گذريو آهي. سندس بلند درجي جو ٿورو بيان مخدوم حمزي واعظ جي ذڪر ۾ گذري چڪو آهي. هن ڪان نبي روايت آهي جو چيو هئائين ته شريعت طريقت جي زير ناف آهي. يعني جهڙيءَ طرح مرد لاءِ زير ناف بلوغت جي نشاني آهن. ساڳيءَ طرح شريعت جي پابندي سالڪ ماڻهوءَ کي طريقت جي راه ۾ بالغ بنائي ٿي.

منّو مجذوب. مجنونن جي جماعت ۾ ناليرو، غيب کان واقف ۽ يقين جي رستي جو کوليندڙ هو. چونڊ ٿا ته جڏهن ملا محمد جهانگيري تمام مفلسيءَ کان مجبور ٿي حضور ۾ (جهانگير جي) حاضر ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪيو. تڏهن مڪليءَ جي قبرن کان موڪلائڻ لاءِ اوڏانهن ويو. حسن اتفاق سان موٽندي وقت ڏٺائين ته ٽڪريءَ جي دامن ۾ هو هڪ پنهنجي مست سان گڏ هڪ لاش جي مٿان ويٺو آهي ۽ پنهي هن جي پيٽ مان ڪا شي ڪڍي کائي رهيا آهن. منّوءَ جي نظر جڏهن ملا تي پيئي تڏهن انهيءَ لاش جي ڪيڙن جي هڪ لپ پري، ڊوڙي اچي سندس وات ۾ وجهي چيائينس ته کاءُ. هن سان ۾ بخت يار هو ۽ هن ٽولي جو نهايت معتقد هو سو بنا ڪنهن ڪراهت جي اهي کيان چباڙڻ لڳو. پيو مجذوب اهو حال ڏسي هڪدم ڊوڙندو آيو ۽ چيائين؛ اي منّو! شايد پنهي جهان ملا کي عطا ڪري رهيو آهين. پوءِ ته پنهي هٿن سان ملا جي هيٺين ۽ مٿئين جاڙي وٺي باقي رهيل ڪيڙا، [٢٥٥] جيڪي اجا نه ڳڙا هئائين، زور سان سندس وات مان ڪڍي ڇڏيائين. انهن ڪيڙن کائڻ جي برڪت سان ملا [جهانگير جي] حضور ۾ وڃي مشهور مرتبي کي رسيو.

وڻو مجذوب سالڪ، يقين جو صاحب ۽ مٺين مٺوءَ جو همعصر هو. سندس احوال سمورو ڪرامتون ئي ڪرامتون آهي. ڪڏهن به ڪنهن سان ڳالهائيندو ڪين هو. حاجتمند ماڻهو سندس چرپر مان پنهنجي مطلب جو نتيجو ڪڍندا هئا. ۽ جئن خيال ڪندا هئا تئن ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس ڪنهن ڳوٺ وٽ پهچندو ڏٺائون. ڪنهن نه سمجهو ته ڇا ڪان پهچي رهيو آهي. تقديراً جلدئي نهمردين جي هڪ فوج انهيءَ ڳوٺ ۾ پهچي اتي جي ماڻهن کي بيخبريءَ جي حالت ۾ لٽيو ۽ قتل ڪيو.

ڪامل مجذوب. سندس وڏا لوهار هئا. هن پاڻ کي طلب جي کوري ۾ تپائي، رڻ پٽن ۾ ٿي گذاريو. ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن ڪا رات يا ڏينهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ايندو هو ته اتي جي رهاڪن کي ضرور ڪنهن نه ڪنهن قسم جي خوشي رسندي هئي. تنهنڪري ڪيترائي ماڻهو کيس پنهنجن ڳوٺن ۾ اچڻ لاءِ دعوتون ڏيندا هئا پر جيستائين، دل ۾ ازخود خيال نه ايندو هوس، نه قبوليندو هو. سائل جو جواب، جي ڪڏهن وڻندو هوس ته، ڪنهن سنڌيءَ بيت ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو جو تقدير سان ٺهڪي ايندو هو.

سوٽو مجذوب. پنهنجي وقت جو هڪ مشهور معروف مجنون هو. ڳالهه ٿا ڪن ته ٺٽي جي حاڪم کي نهمردين جي قوم کي سيکت ڏيڻ لاءِ ڪوهستان وڃڻو پيو- سو حال جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ کيس ٽڪر جي دامن ۾ ٿي ڳوليائون. نيٺ هڪ ٽوليءَ کيس خسرو خان جي تلاءَ جي پرسان وڃي لڌو. ڏٺائون ته وڻ جي هڪ ڪاڙيءَ تي سوار ٿي ڇهبڪ هڻي رهيو آهي ۽ چوي پيو ته اي وڻ تنهنجي مٿان هڪ سوار آهي تنهن جي طاقت اٿيئي يا نه- اوچتو وڻ جو هڪ وڏو ڏار ڇيرجي اچي زمين تي ڪريو. پوءِ وڻ تان لهي

انهيءَ ٽولي ڏانهن منهن ڪري چيائين ته هن وٽ جو اهوئي وڏو ڏار هو جنهن کي چڙهي پڳوسون. حاڪم جا ماڻهو چڱي فال وٺي موٽي ويا. حسن اتفاق اهڙو ٿيو جو جڏهن حاڪم چڙهي ڪري دشمن جي ڪوٽ پهتو تڏهن انهيءَ ڪوٽ جو سردار اوچتو مري پيو. سڄي ڪوٽ مان مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪو به ماڻهو ٻاهر ڪو نه نڪتو ۽ هن (حاڪم) جيڪي چيو سو قبول ڪيائون. اهڙيءَ طرح جنهن کي به ڪو مشڪل پوندو هو، سو هن مجذوب جي ڳالهائڻ مان دليل وٺي پنهنجي مقصد ڏانهن راه لهندو هو.

صابر مجذوب. اصل ڏوٻي ذات جو. عجيب حال جو مالڪ هو. ماڻهن جي دروازن تي پاڻيهي وڃي سڏ ڪندو هو ۽ جيڪي چوندو هو تيئن ٿيندو هو.

سچو. پاڻ کان بيخبر هڪ سالڪ هو. جڏهن بک لڳندي هيس تڏهن جيڪي به زمين تان لهندو هو سو کائيندو هو. ماڻهو دل ۾ مرادون رکي ڪيترائي طعام سندس آڏو ڪٺي ويندا هئا. جنهن جي شيءِ قبول ڪندو هو سو ضرور مراد ماڻيندو هو.

شاڪر. هڪ مست مخدوم زادو آهي. مٺ ۾ گذاريندو هو. جنهن تي [٢٥٦] ڪاوڙجي ڪجهه چوندو هو ته اهو چوڻ تقدير سان ٺهڪي ايندو هو.

ملوڪ. هڪ ڪامل مخدوم ۽ حال جو صاحب هو.

حبيب شاه. اصل ڏاهري قوم جو آهي. ابتدا ۾ سندس پيءُ ماءُ چڱيلائيءَ جي حالت ۾ ڪيس پرڻايو. نيڪبختيءَ جي رات زال سان هڪ صحبت ڪري گم ٿي ويو. ۽ ٻارهن سالن کان پوءِ مستن جي لباس ۾ مٽي ۽ پيرين اگهاڙو شهر ۾ موٽي آيو. ۽ گهٽو ڪري پير منبه تي گذاريندو هو. دلين جي ڳالهين

کان ڏاڍو واقف هو. سائل کي مقصد ٻڌائڻ کان سواءِ ئي پورو جواب ڏيئي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ضرورت وقت ڪنهن ماڻهو کان ڪا شي گهرندو هو جا ضرور انهيءَ وقت هوندي هئي ۽ ڏيندو هوس. هڪ ڏينهن مير حيدرالدين ابوتراب ڪامل امير خانيءَ سان گڏ ڪاٺ رهيو. ماني سان گڏ مڇيءَ جو شورو و هو. هن مير مڇيءَ سان ڪجهه ڪانڊ گهريو پر هن ڪيس روڪيو. آخر هڪ وقت، جڏهن هن جي نظر ٻئي پاسي هئي، مير مڇيءَ جو ذرو پڇي وات ۾ وجهڻ گهريو ته هڪدم هن اهو سندس وات مان ڪڍي باقي مڇي ٻاهر اڇلائي ڇڏي. اتي ٻلي ٻيٺي هئي تنهن مڇيءَ کائڻ شرط زمين تي ڦٿڪي ساهه ڏنو.

هڪ ڏينهن مير محمد عطا امير خانيءَ جي ڏيڍيءَ تي اڻ سڏيو اچي، منهن تي چادر تاڻي سمهي پيو. ٽي راتيون ۽ ڏينهن ستو پيو هو ۽ ڪڏهن پاسو به نه ٿي ورايائين. سيد عبداللطيف تارڪ (ٺٽائي) انهيءَ ڏيڍيءَ جي ماڙيءَ تي رهيو پيو هو. سو مجذوب جي ننڊ جو احوال ٻڌي هيٺ لهي آيو ۽ سندس سيرانديءَ کان ويهي فرمائين ته: اي ديوانا هيءَ ننڊ ڪٿان سکيو آهين، جو توکي جيڪي ننڊ ۾ نصيب آهي اهو اسان کي سجاڳيءَ ۾ به نه آهي.

هو نادرشاهي مغلن جي آمدوارن ڏينهن ۾ شهر مان گم ٿي ويو ۽ وري پتو نه پيو ته جيئرو آهي يا مري ويو.

عبدالقدوس. اصل عدلائي مخدومن مان آهي، عجيب حالت هوندي هيس. ماٺ ڪيون پيو ڦرندو هو ۽ ماڻهن جا ڪاڪوس پنگين کان صاف ڪرائيندو رهندو هو. باوجوديڪ هڪڙي ڏينهن به شهر کان پير ٻاهر نه ڪڍيو هئائين ۽ هر روز ماڻهو ڪيس ڏسندا رهندا هئا تڏهن به ڪن ماڻهن، جيڪي بيت الله جي زيارت تي ويا هئا، ڪيس اتي ڏٺو هو. ڪن معتبرن جو ته هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته، هو هر روز صبح جي نماز وقت بيت الله جي جماعت ۾ حاضر هوندو هو.

عنايت مجذوب. سالڪ مجذوبن جي سلسلي ۾ باخبر هو. گهڻو ڪري ڪانئس ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون ۽ وٽانئس ڪيترنئي حاجتمندن جا مقصد پورا ٿيندا هئا.

سيد قاسم. هڪڙو حق جو بيخود سالڪ، ڪيترو عرصو جامع فرخ جي محراب جي پويان واريءَ سرزمين تي رهندو هو. ڪانئس ڏاڍيون ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون.

سناسي مجذوب. عجيب مجذوب، بيخود سالڪ ۽ سچو اگهاڙو ڦرندو ۽ ڪجهه چوندو وتندو هو، جو ڪنهن به ماڻهو کي سمجهه ۾ نه ايندو هو. ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ تي توجه فرمائيندو هو ته انهيءَ کي خلوت ۾ تسلي ڏيندو هو، ۽ سندس ڪيترا مشڪل حل فرمائيندو هو. نادرشاهي مغلن جي اچڻ وارن ڏينهن ۾ گم ٿي ويو.

نورشاه. اصل هندوستاني آهي ڪانئس عجيب اسرار مريدن جي مشاهدي ۾ آيل پڌا آهن. قصو مختصر، هڪ داناءَ، باخبر مجذوبن جي لباس ۾ گدائي تي گذاريندو هو. سندس گفتگو اڪثر بيفائديون ڳالهيون هوندو هو، پر حقيقت ۾ گهڻن کي فيض رسائيندو هو. جذبي جي حالت ۾ نيڪ ڪرامتون ظاهر ٿيڻ انهيءَ جو يادگار آهي.

بولو ڪيدو. پنهنجي وقت جو مشهور مجذوب سالڪ آهي. [٢٥٧] ماڻهو سندس ڏاڍا معتقد آهن. ڪانئس گهڻيون ڪرامتون ڏٺيون ويون آهن. تازو حاجي بانڪي جي درگاه جو ڏيو ڪٽي سندس قبر تي هارياڻين. جنهن تي هڪ ميربحر ڪيس گاربوز ڏنيون ۽ سيڪت ڏيڻ لاءِ پادر پير مان لاٿائين. هن ڪاوڙجي چيس ”اي ڪسڻ جي لائق ڳالهائيندڙ“ بس انهيءَ ئي ڏينهن سندس زبان مان اهڙو ڳالهاءَ نڪتو جو جلد ئي سندس سسي وڍي ڇڏيائون.

ڏوسو مجذوب. ڪڏهن هوش ۾ ته ڪڏهن بيهوش گذاريندو هو.

يارو ۽ پارو. ٻئي حال جا صاحب مجذوب ٿي گذريا آهن.

جيو مجذوب. پڻ ڏاڍي مستيءَ جو ڏٺي فيض وارن مجنونن جي شمار ۾ ٿي گذريو آهي.

چنو. مجذوبن سالڪن مان آهي. هڪ وڏي جماعت سندس ارادي سان وابسته آهي. اگرچه گهڻو ڪري سڀ ڪنهن ماڻهوءَ سان نه ٿو ملي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس وڏيون ڪرامتون ظاهر ٿين ٿيون.

لونگ مجذوب. چون ٿا ته هيءُ اصل ۾ ٻني جي ڳوٺ جي ماڻهن مان آهي. هيءُ جنهن وقت پيٽ ۾ هو تڏهن سندس ماءُ ۽ پيءُ حج تي ويا هئا. تقديراً سندس ماءُ پڻ مهنن جي پيٽ سان گذاري ويئي، جنهن کي دفن ڪيو ويو. سندس پيءُ اتي رهجي پيو. پڻ سالن کان پوءِ ڪو ماڻهو سندس ماءُ جي قبر وٽان اچي لنگهيو ۽ هڪ ٻار کي قبر کان ٻاهر نڪرندو ۽ ماڻهو ڏسي وري اندر ويندو ڏٺائين. اهو حال جڏهن ماڻهن ڪيئي دفعا ڏٺو، تڏهن جاچ ڪيائون. معلوم ٿين ته الله جي قدرت سان هڪ فوت ٿيل عورت کي ٻار ڄائو آهي ۽ سندس پنهي آڱرين ۾ ٻه سوراخ آهن، جن مان کير پي رهيو آهي. خير ڪٿن به ڪري سندس پيءُ کيس اتان گهر وٺي آيو. وڏي ٿيڻ تي مجذوبن جي صورت ۾ ٿي پيو آهي. ۽ حال ۽ ڪرامت جي ڏٺي مستن جهڙي زندگي گذاري ٿو. ڪڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن متوجه نه آهي. ڪي ڪي حاجتمند منجهانئس ڪڏهن فيض پرائين ٿا ۽ سائس مريدن وارو رستو هلن ٿا.

لانڱڏنو. پڻ هڪ حال جو صاحب مجذوب آهي. سندس عجيب حالتون ڏسي ماڻهو سندس ڏاڍا معتقد آهن. اڪثر ماڻهن جي دلين جون خبرون ڏيندو ۽ ڪجها مشڪل دور ڪندو آهي.

باب چوويهون

خاتمه، ٽئي ۽ سنڌ جي الهندي طرف وارو جابلو علائقو ۽ اتي جا بزرگ

اگرچ جبل جا عجائبات ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. ليڪن هنن حرفن جي جامع (مير قانع) نموني طور خرار مان هڪ لپ اختيار ڪئي آهي. ۽ جٿن ٻيءَ آباديءَ جا حالات بيان ٿي چڪا تٿن ڪوهستان جي به ٿوري حقيقت معلوم رهي. هن کان بعد جيڪڏهن ڪنهن کي وڌائڻ جي توفيق ٿئي ته فائدي کان خالي نه ٿيندو.

جبل مهر

هن جي آس پاس ۾ هڪ نهايت وڏو ٽڪر آهي. انهيءَ جي هڪ وڏي پٿر مان الله جي قدرت سان هڪ صفي جهڙي جاءِ ٺهي پيئي آهي. جنهن مان پاڻيءَ جو قطرو قطرو ٽمي ٿو، ۽ هيٺان هڪ ننڍڙي حوض ۾ ڪڏ ٿئي ٿو. هيءَ پاڻي هڪڙو هڪڙو ٿڙو ٿي هڪ ٻئي پويان پيو ٽمي ۽ الڪل ڏيڍ مشڪ پاڻي حوض ۾ جمع رهي ٿي. هن کان نه ڪڏهن وڌي ٿو نه گهٽجي ٿو. هڪ وڏي راڄ جي ساٿهن ۽ چوپاين جي پيچ انهيءَ تي مقرر آهي. پاڻي اصل ڪٿان ٿو اچي، تنهنجي ڪا به خبر ناهي.

پڻ انهيءَ صفي جي هڪ پاسي ۾ هڪ ديگ لڙڪي رهي آهي. مشهور ائين آهي ته اها جنن جي تيار ڪيل آهي. ۽

ڪن ماڻهن جي اعتقاد موجب انهيءَ ۾ خزانو آهي. پر جيئن ته ڪنهن به انسان جي ڪوشش جو همٿ اتي پهچي نٿو سگهي، تنهنڪري حقيقت جو پتو نه پيو آهي.

پڻ مهر جي ويجهو پاڻيءَ جي هڪ ننڍن مٿين جبلن تان لهي ٿي ۽ هيٺين جبل ۾ هڪ گهر جي شڪل لهي پئي آهي جنهن کي مٿعدد ٿنڀا آهن. انهيءَ ۾ پٿر جو هڪ حوض لهي پيو آهي جنهن ۾ هميشه چيلهه جيڏو پاڻي [٢٥٨] ۽ ڪڏهن ڪڏهن آدميءَ جي هڪ ٻن پرهن جيترو پاڻي موجود رهندو آهي. جاهلو ماڻهن جو اهو عقيدو آهي ته جنن ۽ ديون جو نهيل آهي.

پڻ جبل مهر جي مٿان پٿر جا ٽي حوض نهيل آهن جيڪي سدائين مينهن جي پاڻيءَ سان ڀريل هوندا آهن. انهن جو پاڻي نهايت مٺو ۽ صاف آهي. هن جبل تي ماڻهو ڪو ورلي چڙهندو آهي چاڪاڻ ته واٽ نهايت خطرناڪ آهي.

پب جبل

تمام صفائيءَ ۽ حضور واري جاءِ آهي. منجهس انب ۽ انجير وغيره جا پاڻهي پيدا ٿيندڙ گهڻا وڻ آهن. رائينڪ لڪ ۾ ٻه صاف حوض آهن جن جو عمق (اونهائي) بي انتها چيو وڃي ٿو. اتي هڪ ڪامل ولي الله شاه بلاول جي درگاه دعا گهرندڙن جي دعا قبول پوڻ ۽ دل ڪنيل ماڻهن جي اندر صاف ٿيڻ جي جاءِ مشهور آهي.

پڻ انهيءَ جبل ۾ هڪ ٽڪريءَ تان اٽڪل چئن پنجن نارن جيترو پاڻي نمي ٿو جنهن تي ڪيلي، انب، ناريل ۽ ڏاڙهونءَ جا گهڻا وڻ آهن.

لاهوت

پب ۾ هڪ عجيب جڳهه آهي. جبل جي اندر هڪ قدرتي صفي ۾ دري نهي پيئي آهي. جنهن ۾ پٿر جا ٻه ڪرا نهيل آهن. فقيرن انهيءَ ۾ رسا ٻڌي چڏيا آهن جن کي وٺي

اندر ويندا آهن. اندر هڪ گهر وانگيان آهي جنهن جي ڇت سموري ڳئون جي ٿڻن جهڙيءَ شڪل جي آهي. مشهور آهي ته اڳئين زماني ۾ سڀني ٿڻن مان کير ٽمندو هو. هاڻي ڪن ٿورن مان پاڻيءَ جو ليهو ليهو ٽمي ٿو. سڳڪنهن پستان (ٿڻ) جي شڪل جي هيلان زمين واري پٿر ۾ چڙو ٺهي پيو آهي. اهي چڙا هميشه پاڻيءَ سان پريل رهن ٿا نه گهٽجن ٿا نه وڌن ٿا.

گهر ۾ اندر هڪ غار آهي جنهن ۾ رستو آهي جنهن جي ڪا انتها ڪانهي. چون ٿا ته انهيءَ رستي کان اڳئين ڏينهن جي عرصي ۾ حجاز جي سر زمين تي پهچي سگهجي ٿو. ڪن ست ڏينهن چيو آهي. اڳاٽي سمي ۾ فقيرن انهيءَ رستي جو سير ڪيو هو.

پڻ گهر ۾ اندر تغار جهڙو هڪ پٿر رکيل آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته اڳاٽي سمي ۾ الله وارن مان چاليهن فقيرن. تر جو هڪڙو داڻو انهيءَ ۾ گهي سڀني کائي قوت ڪيو هو.

منگهي جو طوق

مشهور جبل آهي. حاجي منگهو نالي هڪ اهل الله بزرگ، شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو همعصر اتي دفن ٿيل آهي. هيءَ جاءِ بزرگ ماڻهن ۽ صاحب توفيق هدايت وارن لاءِ حضور ۽ صفائيءَ واري ۽ دعا جي قبوليت جي جاءِ آهي. انهيءَ ڪري هي جبل منگهي جي طوق جي نالي سان مشهور آهي. جبل جي ڪناري وٽ اٽڪل ڏهن نارن جو گرم پاڻي هڪ حوض ۾ وهي رهيو آهي. اتي مور نالي هڪ واڳو رهي ٿو. هڪڙي جي مرڻ کان پوءِ پيو سندس جاءِ وٺي ٿو ۽ ڪيس به اهوئي ساڳيو لقب ملي ٿو. معتقد ماڻهو گهڻو ۽ ڳابن جهڙا نذر آڻي اتي قربان ڪندا آهن ۽ پهريائين گوشت جو ٽڪرو مور جي پيش ڪندا آهن. جيڪڏهن هن کاڌو ته قبول آهي جيڪڏهن نه ته نه.

پڻ انهيءَ حوض جي برابر ٻيو چشمو آهي. ٻنهي تلائن جي وچ تي هڪ پٿر آهي. جيڪڏهن گرم حوض جو پاڻي انهيءَ پٿر تي هاري، اهو ساڳيو پاڻي پٿر جي هيٺان کٻهن ٿانءَ ۾ جهلبو ته تمام ٿڌو ڏسڻ ۾ ايندو. انهن ٻنهي چشمن جو پاڻي گهڻو ڪري هڪ ڪنڌ ۾ وهي ٿو جتي هزارين واڳو رهن ٿا. هن پاڻيءَ جي ٻنهي ڪنارن تي [٣٥٩] باغات آهي.

پڻ انهن ٻنهي چشمن جي پرسان پٿر جي ڪوه جي شڪل آهي. انهيءَ جو پاڻي هنن ٻنهي پاڻين کان ٻيءَ طرح ٿڌو ۽ مٺو آهي. انهيءَ ڪوه ۾ هڪ واڳو رهي ٿو جنهن کي هنج سڏين ٿا. هن ڪوه کي حاجي منگهي جو لوڙو چوندا آهن.

پڻ حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لعل شهباز جي ڪنڊريءَ نالي هڪ نهر آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي وڻندڙ باغ ۽ فقيرن جا ايڪانت پريا تڪيا آهن.

تاريخ

شکر، خدا که تذکرهٔ تحفة الکرام،
اندر سه جلد یافته تزیین اختتام.
هر جلد اوست روضهٔ اخبار دلکشا،
نظارگیش مفت شود دیده شادکام.
قانع اگرچ نیست سزاوار ذکر خیر،
لیکن بفیض اهل خبر یافت این مرام.
باشد کنند اهل دلش یاد بعد مرگ،
یعني که یادگار نکو ماند مستهام.
سال تمامیت چو نمود از خرد سوال،
"اینک چه منتخب" ز دل آمد مرا پیام.

١١٨١

شڪر خدا ٿيو واجب، جو تحفتہ الڪرام،
ٿيو تن حصن ۾ پورو بازيب ور نظام.
هر جلد ان جو آهي هڪ باغ پر بهار،
جيڪو ڏسي انهيءَ کي ٿئي خوب شادڪام.
قانع اگرچ لائق تعريف جو نہ آهي،
پر اهل دل جي فيض مان حاصل ٿيس مرام.
من! موت کان پوءِ هن کي ڪن ياد اهل ذوق،
يعني هي يادگار ڇڏيو آهي هن غلام.
جڏهين ڪيم عقل کان تاريخ جو سوال،
"ڪهڙو نہ منتخب آهي" دل کان مليو پيام.

* * *

شکر خدا کہ يافتہ تزيين انتخاب،
اين "تحفتہ الڪرام" بآ ذين انتخاب.
سال تماميت چو نمودم ز دل سوال،
هاتف زده ندا کہ "نو آئين انتخاب".

١١٨١

شڪر خدا جو تيار ٿيو منتخب غريب،
هي تحفتہ الڪرام ڪليو واہ وہ! نصيب.
سال تمام بابت دل کان ڪيم سوال،
هاتف ندا ڪئي تہ نئين طرز آ عجيب.

فهرست - ا

مصنف جن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن تن جا نالا

اڪمال في السماء رجال ١٢١

بيگ لار نامه ١٤٥، ١٦٨، ١٧٨، ١٨٣–١٨٤، ١٨٦، ١٨٩، ٢٢٢

تاريخ طاهري ١٣٣، ١٣٧، ١٣٩، ١٧٣، ٢٢٦

تاريخ فرشته ١٣١–١٣٢

تاريخ فيروزشاهي ١٢٢، ١٢٨–١٢٩

تاريخ معصومي ١٢٢، ١٢٩–١٣٠–١٣١، ١٣٣، ١٣٦، ١٣٨–١٣٩، ١٤٩–١٥٠، ١٥٥، ١٥٨، ١٦٠، ١٦٢، ١٦٤، ١٧٢، ١٧٦، ١٧٨–١٧٩

تحفة الڪرام ١٣٣، ١٧٣

چچ نامه ١٢١

چنيسر نامه ٢٠٣، ٢٢٣

رشحات الفنون ٢٣٥

طبقات اڪبري ١٣٢، ١٤٨

عجائب الحيوانات ٢٤٦

عين الحيات منتخب حيات الحيوان ٢٤٦

ڪافيه ١٤٦

ڪتاب الابرار ١٤٢

ڪتاب تذڪره ١٤٢

مبارڪ شاهي تاريخ ١٢٢

معلومة الآفاق ٢٣٥

منتخب التواريخ ٢٢٣، ٢٣٢

فهرست - ٢

ساڻهن، قبيلن ۽ قومن جا نالا

الف

آتش خان ٢٠٤
آجر درويش ٤٦٨، ٦١٤
آجن ملان ٤١٥
آچر درويش ٦٠٩
آدم، ٽيپو مخدوم ٣٩٣
آدم شاهه ٢٥٦-٢٥٧
آدم متقي، ميان ٥٥٧
آدم مخدوم ٥٥٤-٥٥٧، ٥٦٢
آدم مخدوم، سميجو ٤٣٢
آدم مخدوم، نقشبندي ٥٧٧
آسات پير ٣٨٢، ٦١٢
آسو سومرو ٢٨٩
آلو درويش ٣٩٣
آله قلي ديوان ٢٠٦
آمر ١٢٩
آمر آمرائي ١٤٤، ١٥١
آمر (دلوراءِ جو ڀاءُ) ٣٣١، ٣٦٣
اباقا خان ١٤٢
ابراهيم بن يعقوب ٥٥٩
ابراهيم بن ميان محمد ٢٥٦-٢٥٧
ابراهيم بن محمد ٣٧٤
ابراهيم حافظ ٥٨٦
ابراهيم خليل الله ٣٦٨
ابراهيم خان نواب ٢[illegible]٢
ابراهيم درويش ٣٦٨-٣٦٩
ابراهيم سيّد ٣٠٣، ٣١٣، ٣٣٧، ٤٤١، ٤٦٩، ٥٠٤-٥٠٥، ٦٠٥، ٦٠٨، ٦١٧
ابراهيم سيّد ثاني ٣١٢
ابراهيم سيّد گودڙيو ٥١١
ابراهيم شاهه ٤٢٩
ابراهيم عرف موليڏنو ٥٦٦
ابراهيم شيخ ١٤٧، ٢٨٩، ٢٩٣، ٣٠٧، ٣٨٠، ٣٨٣-٣٨٤، ٤٤٦-٤٤٧، ٥٧٥
ابراهيم قاضي ٣٦٠، ٥٣٣، ٥٣٨، ٥٤٠، ٥٥٩
ابراهيم مخدوم ٣٧٩، ٥٦١، ٥٧٨
ابراهيم مرزا ١٦٨، ١٧٨
ابراهيم ميان ٣٨٥، ٤٣٣، ٥٧٩-٥٨٠
ابراهيم ناگوري ٤٢٠
اَبڙو سمو ١١٩-١٢٠
ابڙو شيخ ٤٣٨
ابن بطوطه ١٢٣-١٢٤

ابن شاه ٤٣٩، ٤٤٠
ابن مير ٤٧٦
ابو احمد عبدالله اكبر ٦٢٢
ابوالبقا ميان ٤٠٠، ٤٤٣
ابوالبقا امير خان نواب ٢٣٤، ٢٣٦، ٣١٦، ٤٨١، ٤٩٠، ٤٩٦، ٥٠٢، ٥١٤، ٥٤٣
ابوالبقا بن محمد حسين ٤٨١
ابو بكر بن مخدوم آدم ٥٥٤
ابو بكر شيخ ٢٥٦، ٢٩٠، ٣٨٢، ٣٨٣، ٥٥٢
ابو بكر سيوستاني ٣٥٧
ابو بكر سيد ٣٦٥
ابو بكر صديق رضي الله عنه ٢٩٠، ٣٨٤
ابو بكر مخدوم ٣٨٣
ابو بكر مـلا ٤٥٥
ابو بكر ميان ٥٧٩، ٦١٧
ابوالبركات خليفو ٥٧٠، ٥٧٤، ٦١٥
ابو تراب شيخ ٥٣٢، ٦٢٩، ٦٤٢
ابوالحسن سيد ٣٦٥، ٤٨٩-٤٩٠
ابوالحسن شيخ ٥٣١
ابوالحسن صغير مخدوم عرف ميان غلام حسين ٥٧٨
ابوالحسن قاضي ٤٠٠
ابوالحسن ميان ٥٥٩-٥٦٠
ابوالخير قاضي (قاضي قاضن سيوستاني) ٣٠٧، ٣٢٠
ابوالخير مخدوم ٥٣٧، ٥٤٧
ابوسعيد قاضي ٣٥٢
ابوسعيد شيخ ٥٠١
ابوسعيد ميرك ٣٢٨، ٤٩٧، ٥٠٠
ابوطالب ٥٥١
ابوطالب سيد ٣٤٣
ابوطالب شيخ ٣٠٤، ٥٨٤
ابوصالح موسى ٦٢٢
ابوعقيل ٣١٣
ابوالعطاس سيد ٦١١
ابوالغيث مير ٣١٦
ابوالفتح ترخان ١٩٣، ١٩٨، ٢٠٠
ابوالفتح شيخ ٥٥٣، ٥٨٦
ابوالفتح قابل خان ٥٣٠، ٥٤٨
ابوالفتح مير ٤٩٤-٤٩٥
ابوالفضل شيخ ٣٦٦-٣٦٧، ٥٩٣
ابوالفضل بن محمدطاهر ٥٥٠-٥٥١
ابوالفضل بن عمادالدين ٥٤٥
ابوالفضل، وزير ٣٢٢
ابوالقاسم ٨٥٠
ابوالقاسم سلطان سيد بيگلار ١٩٣، ١٩٩، ٢٠٣، ٢٠٦، ٢٠٨، ٢٢١، ٢٣٥، ٢٧٣، ٣٨٥، ٤٨٨-٤٨٩، ٥٧١، ٥٩٢
ابوالقاسم مخدوم ٥٤٦

ابو القاسم نقشبندي ٤١٤-٤١٥، ٤٤٣، ٥٥٨، ٥٦٣، ٥٧٩، ٦٠٣
ابو محمد ٥٢٦
ابو محمد شيخ ٢٨٩
ابو محمد عبدالله عرف قطب العالم ٢٩٩
ابو محمد مرزا ١٣٦
ابو مصطفي مخدوم ٥٦٢
ابو المعالي ٥٤٠
ابو المعالي مخدوم ٢٣٩
ابو المفاخر مير ٥١٤
ابو المكارم زيد (سيّد) ٢٢٠، ٣١٣، ٣٣٨، ٤٨٠، ٥١٤-٥١٥
ابو الناصر مير ٥١٦
ابو النجيب شيخ ٣٨١
ابو لصرت خان نواب ٢٤١، ٢٤٣
ابي عبدالله امام ٦٢٢
اجر درس ٤٢١
احسان علي مير ٣٣٠
احمد ٦١٣
احمد اكبري ملا ٥٤٧
احمد سيّد ٣٢٧
احمد بن جعفر سيّد ٤٧١، ٤٧٩
احمد بن هاشم ٣١٨
احمد بيگ ، احمد سلطان ١٩٩، ٢٠٦، ٢١١، ٢١٣
احمد ترخان ١٤٣
احمد ثاني مخدوم ٣٧٨
احمد چام ٥٢٠
احمد خليفو ٥٧٥
احمد خواجه ٥٢١
احمد درويش ٤١٤، ٤٢٩
احمد مزنگ اعتماد خان ٢٣١
احمد سيد ٣٤٣، ٣٤٩، ٤٠٢، ٤٢٠، ٤٦٦-٤٦٧، ٤٧١-٤٧٢، ٤٧٥، ٤٧٨، ٤٨٠، ٤٨٩، ٥٣٠، ٥٩٣، ٦٠٥
احمد شاه ابدالي ٢٧٤، ٢٨٩، ٣٣٦، ٣٤١، ٣٤٤، ٥٤٤، ٥٦٥
احمد شيخ ٣٦٩، ٥٣١، ٥٣٤، ٥٤٥
احمد غوث سيد ٦١٦
احمد عطائي ميان ٤٠١
احمد كبير سيد ٢٩٧، ٣٠٣
احمد مخدوم ٣٣٧، ٣٤٧، ٣٨١-٣٨٢، ٤٠٣
احمد ملك ١٨٣-١٨٥
احمد ملا ٥٤٥-٥٤٦
احمد ميان ٥٥١ - ٥٥٢، ٥٥٨، ٥٧٠، ٥٨٠، ٦١٥

احمد میرڪ ۵۰۰
احمدي قاضي ۳۳۸
احمدي مخدوم ۳۳۸، ۳۴۱، ۳۴۳، ۳۹۱
احمد یارخان ۲۴۷، ۲۷۵-۲۷۶، ۲۷۸، ۵۷۷
ادراکي بیگ لار ۲۲۳
اڏیرو لعل (ڏسو طاهر شیخ)
ارباب تماچي ۲۶۹
ارباب موسیٰ ۴۱۹
ارشد بن زید سید ۳۶۳
ارشد خان ۲۳۴
ارغون ۱۳۲، ۲۵۴
ارغون خان ۱۴۲-۱۴۳
اسحاق ۳۳۷، ۳۸۳
اسحاق سید ۴۰۰، ۴۷۷-۴۷۸، ۵۰۵
اسحاق شیخ ۴۰۹، ۵۶۹ - ۵۷۰
اسحاق فقیر ۴۵۲-۴۵۳
اسحاق مخدوم ۳۷۷، ۳۸۰-۳۸۱، ۴۱۰، ۵۵۱ - ۵۵۲، ۵۵۴، ۵۶۲
اسحاق ملا ۵۳۸
اسحاق ملا بکري ۳۲۱
اسحاق هالائي ۴۰۳
اسد ۹۰
اسد اللّٰه ۶۰۰
اسد اللّٰه خلیفو ۵۶۹
اسد اللّٰه شاه ۳۵۲، ۳۹۰
اسد اللّٰه شاه عرف اسماعیل شاه ۴۸۶، ۵۷۲، ۵۷۳
اسد اللّٰه مخدوم ۳۳۷
اسد اللّٰه میان ۴۱۳، ۵۴۸
اسد اللّٰه میر ۳۲۳، ۳۳۰، ۴۷۶
اسفندیار ۱۳۸
اسلام خان ۲۶۳
اسماعیل ۳۱۳
اسماعیل امام ۳۴۹
اسماعیل بنارو ۱۶۵
اسماعیل باکي ۴۰۹
اسماعیل خان بروهي ۲۶۷
اسماعیل درویش ۳۷۰
اسماعیل سومرو مخدوم ۴۰۷-۴۰۸، ۴۵۱
اسماعیل سید بخاري ۳۰۳، ۳۰۶، ۳۱۳، ۳۵۴، ۳۵۶، ۴۱۴، ۴۷۹، ۵۱۳
اسماعیل شاه صوفي ۳۲۰، ۴۷۲، ۵۷۳
اسماعیل شیخ ۲۹۰-۲۹۱، ۳۰۷، ۳۸۲، ۴۳۷، ۵۵۲
اسماعیل قادري ۴۵۲
اسماعیل قریشي ۴۱۵، ۴۵۲
اعتماد خان ۲۲۰
اعظم خان نواب ۲۴۹، ۵۹۷

اعظم سيد ٥٢٠
افغان ٢٦٦
اكبر جلال الدين محمد بادشاه ١٦٠، ١٨١-١٨٢، ١٨٨-١٩٠، ١٩٣، ١٩٧، ٢٠٤، ٢٠٥، ٢٢٠، ٢٢٢، ٢٢٩، ٢٣٢-٢٣٣، ٢٣٥، ٣٠٥، ٣٠٩، ٣١٢، ٣١٨، ٣٣٣، ٣٣٧، ٣٤٨، ٣٦٦، ٤٢٢، ٤٦٨، ٥٠٢، ٥٢٢، ٥٤١، ٥٤٥، ٩٣=
اكبر شاه مير ٣٢٩
البو پير ٦٠٦-٦٠٧
التماس خان بروهي ٢٦٢
الغ خان ١٢٥
الهه بخش خان ٢٦٢-٢٦٣
اميرخان بن مير قاسم ٣١٩
امير خسرو ٣٤٩
امير علي سبزواري ٤٩٧
امير علي مير ٣٢٢
امين الدين ٢٩٨
امين الدين مير ٤٦٥، ٥١٤
امين الدين قاضي ٣٥٨
امين الدين دائود پوٹہ ٢٦٤
امين الدين مير نواب ٢٣٤، ٥١٥، ٥٥٨
الهه بخش ميان ٣٢٥
الهه ڏتو زرگر ٥٢٩
الهه ڏتو لوهر درويش ٦١٧
الهه ڏتو ملا ٥٨٥
الهه ڏتو مير ٤٧٠
الهه يار خان ٢٤٧، ٢٦٠
الهه يار سيّد ٤٤٧، ٥٠٣
الياس لنگراچ شيخ ٢٥٦
الياس مخدوم ٤١١، ٤٩٦، ٥٦١
الياس مخدوم خوشنويس ٥٩٢
الياس ميان ٢٠٧-٢٠٨
امام الدين ٤٤٠
امام الدين جويو ملک ٢٦٦
امام الدين سيّد ٣١٠
امام الدين شيخ ٢٩٨
امام علي نقي ٣١٦
امان الله خواجه ٥٢١-٥٢٢
امان الله شيخ ٥٤٠
امان الله قاضي ٤١٤
امير الله خواجه ٥٦٢
امير بيگ ٢٣١، ٦٠٩
امير بيگ خواجه ٢٠٦
امير حسن دهلوي ٣٤٩
امير حسني ٢٩٠
امير خان ٢٥٣
امين شاه سيد ٣٢٢، ٤١٤

امين محمد ٥٤٦
امين محمد سيد ٤٩٢
انڙ چام ١٣٤
اوڍائي ميان ٢٥٥
اوڍيجا قوم ٢٥٥
اورنگزيب عالمگير ٢٣٥، ٢٣٩-٢٤٠، ٢٤٦-٢٤٧، ٢٥٨، ٢٨٩، ٢٩٣، ٣٢١، ٣٢٦، ٤٠٠، ٥١٨-٥١٩، ٥٣٨، ٥٤٠، ٥٤٦، ٥٤٨، ٤٥١، ٥٥٣، ٥٥٦-٥٥٧، ٥٥٩، ٥٧٢، ٥٨٣، ٥٨٦، ٥٨٨-٥٨٩، ٥٩٧
اوزبڪ ٢٣٢-٢٣٣
اول شاھ ٣٦٥
ايسُوجي ٢٨٢
ايوب سيد ٣٦٤
ايوب شيخ ٥٧١

ب

بابا حسن ابدال ٣١٨
بابا علي دل ٢٠٤
بابا طالب ٢٠٥
بابر بادشاھ ١٣٨، ١٤٦، ١٤٨، ١٥١، ٢٨٩
ٻابو پليجو ٤٢٧
ٻابو پير ٦٠٧
ٻابو شڪريو ٤٢١
بادل فقير ٤٢١
بادو درويش ٤٤٥
بازوئي (قوم) ٢٦٦
باقر سيد ٣٠٣-٣٠٤، ٣٠٩
ٻانڀڻيه (ٻانڀيو) ڄام ١٢٦، ١٢٨، ١٣٤
بايزيد ٣٨٢
بايزيد بخاري ٢٣٤
بايزيد بسطامي ٤٢٢
بايزيد خليفو ٥٧
بايزيد سمو ٤٢٠
بايزيد سيد ٣٦٣
بايزيد شيخ ٣٠٩، ٥٠١
بايزيد مخدوم ٣٨٢، ٤٥٥، ٥٦٢-٥٦٣، ٦١٧
بايزيد ميرڪ ٣٢٨
ٻڄار جوکيو ٢٧١
بخاري شاھ ٤٤٥
بخاري شيخ ٣٦٧
بڇهرا ٣٣٣
بختاور خان ٢٦٢-٢٦٣، ٥٣٩
بختاور فقير ٢٦١
بختيار خان ٣٣٩
بخشو لانگاھ ١٦٤
بدر پير ٦٠٣
بدرالدين سيد ٢٩٧، ٤٩٤
بدرالدين شيخ ٤٤٠، ٦١٢

بديل ٤٤٤
بديع الجمال ١١٣-١١٤
بديڻ درويش ٤٤٨
براق شيخ ٤٢٠
بروهي (قوم) ٢٦٢
برهان الدين سيد ٢٩٩، ٣٠٢
برهان سيد ٤٣٣
برهان شطاري ٤٢٢
برهان قاضي ٣٤٦
برهان مخدوم ٥٥٨
بريشاه خليفو ٥٢٥
بزرگ سيد ٤٦٨، ٤٩٠
بزرگ مير (بن خوارزم شاه) ٣١٨-٣١٩
بزرگ ميرک ٤٩٩
بقراط ثاني ٤٨٨
بقراط حکيم ٤٧٦
بلال درس ٤٢١
بلال سيد ٥٢٧
بلال مخدوم ٣٥٩، ٣٦٥، ٤١٦، ٥٣٧
بلال ملا ٥٨٥
بلاول شاه ٣٨٣
بلاول فقير گورنر ٢٧٠
بلبل خان ١٨٨
بلقيس ٥١٤
بلوخان لوڏي ٦٢٣
بندو مخدوم ٤٢٢
بوعلي اول ٤٣٨
بوعلي سنڌي ٤٢٢
بوعلي قلندر ٣٤٩
بولو ارباب ٥١٢
بولو حاجي ٥٦٨
بولوخان جاکرو ٢٧٠
بهادرخان ٢٦٩، ٢٧٩
بهادرشاه بادشاه ٢٤٧، ٢٧٥، ٥٠٩، ٥٨٩
بهادرشاه سيد ٢٦١، ٢٧٠، ٤١٢
بهاؤالحق شيخ ٢٨٩
بهاؤالدين سيد ٣١٤، ٣٦٢
بهاؤالدين جام سمو ١٢٩
بهاؤالدين فقير گوڏيو ٣٨٤، ٤١٠
بهاؤالدين مخدوم ١٥٠، ٣٠٧، ٥٤١
بهاؤالدين ذکريا شيخ ملتاني ٢١٠، ٢٣٠، ٢٨٧، ٢٨٩، ٢٩٣، ٢٩٧-٢٩٨، ٣٤٩، ٤٠٢-٤٠٣، ٤١٥، ٤١٧، ٤٢٠-٤٢١، ٤٣٧، ٤٤٠، ٥٢٥، ٥٢٨، ٥٥٣، ٥٧٩، ٦١٠، ٦١٢، ٦١٩، ٦٣٤
بهبود ملا ١٧٦، ٢٢٦
بهلول قادري ٤٠٩

بهيل اوڏائي ٢٥٥
بيدل مرزا ٥٩٦
بيرم خان ١٦١، ١٩٠، ٣٠٥، ٣١٢
بيگ محمد ٥٥٩
بيگ محمد سيد ٤٩٥، ٥٢٠
بيگ محمد شيخ ٤٩٠
بيگ محمد ميان ٨٦٥

پ

پاون شاه ٢٩٢
پسائي خان ١٩٧-١٩٨، ٢٠٢، ٢٠٦، ٢١٣، ٢١٥
پائي شيخ ٥٩٧
پرکيو شيخ ٤٠٣، ٤٢٣، ٦١١
پرکيو لنگ درويش ٤٧٩، ٦١٦
پلو سيد ٤١٤
پنيو بن آنڙ ١٢٧
پنيو درس ٦١٢
پنيو درويش ٤٤٣
پنيو ناريجو ٤١٢
پورو ميان ٥٢٨

ت

تاتار خان ١٢٥
تاج الدين مير ٣٢٣
تاجو فقير ٢٦١
ترخان ١٦٧، ٢٥٤
ترهو شيخ ٣٤٦
تغلق چام ١٢٨، ١٣١-١٣٢
تقي الدين مير ٣١٨، ٣٢٨، ٣٣٠
تماچي چام ١٢٥، ١٢٨، ١٣٠، ١٣٤، ٣٥٦، ٣٩٠، ٤٥٤، ٤٥٧-٤٥٨، ٥٣٠
تميمي ١١٩
تودهن دمياري شيخ ٣٩٩
تولي خان ١٤٢
تيمور امير صاحبقران ارغون ١٣١، ١٦٧-١٦٨، ٢٨٨، ٣١٦
تيمور شاه غازي ٣٤١

ٿ

ٿارو خدمتگار ٢٦٥، ٢٦٩
ٿارو ميان ٥٣٠
ٿاريو سعيل ٥١٢
ٿاريو ميان ٥٦٨

پ

پائنده بيگ مرزا ترخان ١٨١، ١٨٥، ١٨٨، ١٩٣، ١٩٦
پائنده محمد ترخان ١٤٥
پٺاڻ (قوم) ٢٦٨
پريو ويرداس شيخ ٤٤٧
پکو کاتيار درويش ٣٧٠
پلي درويش ٣٩٣
پنهوار، مير ٢٥٨، ٢٦٠
پنهوار، پنهور قوم ٢٥٨، ٢٦٠، ٢٦٢
پني قوم ٢٦٤

پني لڏو سيد ٣٩٦، ٤١٩، ٥٢٥
پني لڏو شيخ ٤٤٠
پنيو ناريجو درويش ٣٧١
پير ڇتو ٦٠٦
پير پٺو شيخ ٥٦٠، ٦١٨، ٦٢٠-٦٢١
پير شاه سيد ٣٥١
پير شاهي ٦٠٣
پير محمد راشد ٣٤١
پير محمد مرزا ١٣١، ٣١٦
پير محمد ميان ٤٣٩
پير منبہ ٣٠٨
پيرڻ سيد ٤٨١

ج

جادو سيد ٥٠٣
جادو فقير ٢٦١
جاڙو شيخ ٦٢٢
جامي ملا ٣٦٢
جان بابا ترخان ١٦٨-١٦٩، ١٧٥-١٧٦، ١٧٨، ٢٢٢، ٢٢٦، ٢٣٥
جان شاه رضوي ٣٢٢
جان محمد خليفو ٦٩
جان مير شيخ ٦٧٦
جاني بيگ ترخان ١٧٨، ١٨٢، ١٨٥-١٨٦، ١٨٨-١٩٣، ١٩٥-١٩٨، ٢٠٠، ٢٠٣، ٢٢٢، ٢٢٥، ٢٢٨-٢٣١، ٥٠٢-٥٠٣، ٥١٧، ٥٣٢، ٥٤١، ٥٤٤، ٥٥١
جت ١٤٩
جتوئي ١٥٦
جرار چام ٦٢٤
جعفر بن ابي بڪر ٢٩٠
جعفر بن عمران ٣٦٣
جعفر بن محمد ٢٨٩، ٣١٨
جعفرخان وزير ٢٣٠، ٥٤٢
جعفرسيد ٢٤، ٢٩٧، ٢٩٩، ٣١٣، ٤٦٧، ٤٧٠-٤٧١، ٤٨٠، ٥١٣
جعفر مخدوم ٣٧٤-٣٧٦، ٤٢٣
جعفر صادق امام ٣٣٩
جعفرعلي ارغون ٢٠٤، ٢٠٧-٢٠٨
جعفر مهر ٣٢١
جکرو نندهو ٣٧٠
جلال الدين بايزيد پوراني ٣٢٨، ٤٩٧
جلال الدين جهانيا مخدوم ٢٩٧، ٣٠٣، ٣١٢-٣١٣، ٣٣١، ٣٤٩، ٣٦٧، ٤١٤
جلال الدين سيد ٢٩٨
جلال ثاني سيد ٤٦٨-٤٧٠
جلال خان ابڙو ٢٨
جلال سيد ٣٠٤، ٣٠٧، ٣١٠، ٣٨٤، ٤٣١، ٤٦٧-٤٦٨-٤٧٩، ٥٢٠، ٥٤٩

جلال سيد، "جلال سرخ" ٢٩٧، ٣١٦
جلال سيد شيرازي ١٨٠-١٨١
جلال،محمد،مخدوم ٣٥٣، ٣٨٥، ٤٣٨
جلا نر ٢٦٩
جمال الدين امير ٣٨٢
جمال الدين ديوان ١٩٧
جمال الدين صديقي ٥٨٢
جمال الدين عبدالله شيخ ٤٠٩
جمال الدين فقير ٣٢٧
جمال الدين محمد ٣٣٧
جمال الدين مخدوم ٣٣٧
جمال الدين ملك ١٨٥
جمال الدين مولانا ١٨٣
جمال خاتون (بيبي) ٣٥٥
جمال سيد ٣٨٩، ٣٦٧، ٤٧٠، ٤٧٩، ٥١٣
جمال شيخ ٣٠٧-٣٠٨، ٤٥٧
جمشيد ١٢١
جمعو مخدوم ٦١٤
جمن سيد نانگو ٤٣٥، ٤٩٦
جمن شيخ ٣٠٥
جميل شاه ٤٥٠، ٦٢٠-٦٢١
جميل شيخ پاتٽي ٤٥٧
جُنيد ١٠٥
جنيد سيد ٤٩٤
جنيد صفوي سلطان ٣٢٠، ٥٠١
جوٺو ڏاريجو ١٥٥
جوٺو بن پابنيه (پانيٽيو) ڄام ١٢٥، ١٢٨-١٢٩، ٣١٠، ٤٥٧، ٤٥٩
جوٺو بن خيرالدين ڄام ١٢٧
جوڻيجا ٢٢١
جوهر مرزا ١٦٨، ١٧٨
جهان خان سردار ٢٧١، ٢٨١-٢٨٢
جهان شيخ ٢٦٠
جهانگير بادشاه ٢٠٩، ٢١٢، ٢١٨، ٢٢٥، ٢٣٢، ٢٣٥، ٣٥٦، ٤٨٠، ٥٠٣، ٥٢١، ٥٩٥
جهانگيري هاشمي شاه ٣١٧
جيئندو ملا ابڙو ٢٦٥
جيئو شيخ ٦١٠

جهه

جهنگلي سيد ٢٠٠، ٥١١
جهنگلي مير ٥٠٣
جهنڊو پاتٽي شيخ ٤٦٠
جهنڊو سيد ٤٩٦
جهنڊو مير ٤٩٥

چ

چاچڪ مغل ٦١١
چاڪر بلوچ ٢٥٦
چانڊو شاه ٣٨٧
چانڊيا (قوم) ١٤٩، ٢٥٧

چتن مير ٢٣١
چراغ شاه ٣٢٩
چرڪس خان درويش ٢٢٨، ٤١٦
چگو سيد ٣٦٣
چنگيز خان ١٤٢، ٢٢٨
چنو ١١٤
چني راڻي ٢٥٦
چنيه (اوڍائي بزرگن مان) ٢٥٥ -٢٥٦
چوچڪا بيگم ١٦٤
چوليه (مسمات) ٢٥٦

ڇ

ڇٽو امراڻي ١١٤، ١١٦، ٣٣١
ڇٽو خليفو ٥٧٥
ڇٽو درويش ٣٩٤، ٤٤٧
ڇٽو دلوراءِ جو ڀاءُ ٣٦٣
ڇٽو ميان ٤٥٣، ٦٢٢

ح

حاجي درويش سومرو ٤٠٩
حاجي سيد عرف پرڪيو ٣٦٣
حاجي سيستاني مير ٣٠٥
حاجي (قاضي) ٤٠٠
حافظ الدين مير ١٥
حافظ الله شاه گجراتي ٥٧٠، ٥٧٤، ٦١٥
حافظ قادري خليقو مير ٣٢
حامد سيد ٤٧٠، ٤٧٧، ٤٨١، ٥٢٠
حامد سيد قتال ٣٠٦
حامد مخدوم ٥٤٢، ٥٥٣
حامد خليفو ٥٧٠-٥٧١
حامد قاضي ٥٤٣
حامد گنج بخش سيد ٢٩٣
حامد الحسن بخاري سيد ٣٠٥
حامد ڪوفي ٣٣١
حبيب الله حافظ ٣٩٨
حبيب الله سيد ٣٩٠
حبيب الله ميان ٥٩٤
حبيب شاه سيد ٣٨٨، ٤٣٤، ٦٢٨
حبيب فقير ٢٨٣
حجاج ٤٤٤
حسام الدين مخدوم ٢٩٣
حسن مخدوم ٤٣٠
حسن ٣١٨
حسن الله شاه ٤٧
حسن باڪائو سيد ٤٢٠
حسن دهلوي ٣٤٩
حسن ستيو ٤٣٥
حسن سيد ٣٦٦، ٥٩٢، ٦٢٠
حسن قاضي ٢٤٢، ٤٢٩
حسن مقري ٣٨٥-٣٨٦
حسن علي مير ٤٧٠
حسنين ٦٢٤
حسين ٣١٨
حسين بن راڄپار ٦١٨

حسين بن رشد ٣٦٣
حسين بن علي (امام) ١٤٢
حسين درويش ٤٤٣
حسين ملا ٥٦٥
حسين خان خواجه ٢٦٣
حسين سلطان جاڙيو ٦٢٢
حسين سلطان بن قطب الدين لانگاه، ٢٨٨، ٣٠٧
حسين سلطان بن سلطان محمود ٢٨٨
حسين سومرو شيخ ٦١٢
حسين سيد ٣٦٣، ٤٧٧، ٥١٢
حسين سيد بن بهاؤالدين ٣٦٣
حسين فقير رباؤ ٤٢١
حسين قلي رضوي مير ٣٢٣
حسين مخدوم ٣٧٩
حسين مرزا ٥١٧
حفظ الله خان نواب ٢٤٣
حفيظ يار خان ٤٠١
حق بردي بيگ ٢١٩-٢٢٠
حليم درويش ٦١٤، ٦١٨
حماد ٣٧٢
حماد جمالي شيخ ١٢٩، ١٣٥، ٣٩٠، ٤٥٧، ٤٦٠، ٤٦٢، ٥٠٣، ٥٣٣
حماد قاضي ٥٣١
حماد قريشي ٣٠٧، ٣٠٩
حماد سيد ٤٧٥
حمزو پرهياڙ ٤٠٩
حمزو سيد ٣١٣،٣٦٥، ٣٩٠، ٤٧١
حمزو حاجي ٥٤٩-٥٥٠
حمزو شيخ ٣٠٩
حمزو واعظ مخدوم ٥٤٩-٥٥٠، ٥٦٧، ٦٢٦
حمل بن لاكو ٤٢٧
حمل جت ٢٣٦
حميد سيد ٣٠٣، ٤١٠، ٤١٤، ٥١٩
حميد نظام الدين سيد ٣١٣، ٤١٤، ٥١٠
حميد شيخ ٢٢٦، ٣٦١
حيات شاه ٣٤٥
حيدرالدين ابوتراب ٥٠٢، ٥١٥-٥١٦، ٥٢٠، ٥٩٩
حيدر حقاني سيد ٣١٤، ٣٦٥، ٤٤١
حيدر (شاه بيگ جو ملازم) ٢١١، ٢١٣
حيدر مير ٣٢١، ٤٢٠، ٤٩٢، ٥١٧
حيدر قليچ هروي ٣٥٨
حيرتي شاعر ٥٩٦

خ

خادم ٤٧٢، ٥٩٧
خاكي ٤٢٠

خان خانان مرزا ١٩٠–١٩٧، ٢٠٦، ٢٢٢، ٢٢٥، ٢٥٦، ٢٦٢، ٣١٨، ٥٠٢
خان زمان ٢٢٢
خان ميان ٢٠٦
خان ناهر ٣٠٩
خانه زاد خان نواب ٢٤١
خدا داد خان صاحبزاده ٢٦٧
خدا يار خان ٢٥٠، ٢٥٤، ٢٦٤، ٢٨٦، ٣٢٣، ٣٢٦، ٣٣٩–٣٤٠، ٣٤٨، ٣٦٤، ٥١٤
خسرو خان چركس ١٨٥، ٢٠٦، ٢٠٩–٢١١، ٢١٣–٢١٦، ٢١٨، ٢٢٢، ٢٢٥، ٢٢٨، ٢٣٠، ٢٣٢، ٢٣٨، ٤٠٧، ٥٢٤، ٥٢٨، ٦٢٧
خضر خان ١٥٥
خضر حضرت ٣٥٧
خضر شاه مير ٣٥٢
خضر قادري شيخ ٣٥٤–٣٥٥، ٣٦٧
خليل خان خواجه ٣١٤
خليل خذمتگار ١٧٤
خليل خواجه ٢٢٨، ٢٤٩
خليل مهردار ١٧٩، ١٨٥
خميسو قاضي ١٦٩، ١٧٩، ٢٦٦
خواجه كلان سيد ٣٠٩
خوارزم شاه ٣١٨
خواند مير ٣٢٠
خوش محمد ارغون مير ١٥٧
خيرالدين بن تماچي جام ١٢٦–١٢٩، ١٣٥
خيرالدين پير ٣١٥
خيرالدين فاني ٣٩٤–٣٩٥، ٤٧٨
خيرالله شاه ٣١٠، ٣٢٧، ٥٠٠، ٥٢٢

د

دادن پير ٥٠٦، ٦٠٨، ٦٢٢
داراشكوه ٣٠١، ٣٥٤–٣٥٥
دانشور ٥٩٥
دانيال شيخ ٥٠٤
داهر سادات ٤١٤
دائم شاه ٥٢٨
دائود جام ٢٠٥
دائود خان ٢٥٦، ٢٦٤–٢٦٥
دائود بن لعل ٢٥٧
دائود سيد بخاري ٣٠٣–٣٠٤، ٣٠٨–٣٠٩، ٤٧٩–٤٨١
دائود درويش ٤٠٨
دائود پوتا ٢٥٦، ٢٦٣–٢٦٦
دائود پوتو عمر بن محمد ڈاكٹر ١٢٢، ١٢٨، ١٣٣، ١٣٦، ١٤٨، ٣٣٢
دائود بن آدم شاه ٢٥٠

دائود درويش عرف داد درلي ٦١٨

دائود مفتي مخدوم ٥٤٥

دائود بريد هلائي ٣٨٣

دائود ملا سيوستاني ٣٥٧

دائود ميان عربي ٥٩٧

درگاهي شاهه ٥٣٠

دريا خان ١٣٦-١٤١، ١٤٣

دريا خان عرب ڪوڪي جوخدمتگار ٢٠٤، ٢٠٦-٢٠٨

دريائي آبدار ١٨٥

دلشاد وزير ١٣٤، ١٤٠-١٤١

دلوراء ١١٣-١١٤، ١١٩، ٣٣٠-٣٣١، ٣٦٣-٣٦٤

دلير دل خان نواب ٢٥٣

دواڻائي ١٤٩، ٢٦٣

دودو شيخ ٤٤٦

دولت خان لوڌي ١٩٧، ٢٦٤

دولت خان ڄني ٢٦٠

دهتي (ڏيٿي) ٢٥٦

دين محمد بن نصير محمد ٢٦٠-٢٦١، ٢٦٣

دين محمد سرائي ٢٤٣

دين محمد قاضي ٣٥٨

دين محمد حاجي ٣٨٠

دين محمد سيد ٣٩٩، ٤٢٧، ٤٣٣-٤٣٤

ڏ

ڏاتار ڏنو درويش ٤٥٣

ڏاتر ڏنو سيد ٥١٢

ڏاتو ڪاڇيلو ٤٢٠

ڏنو (ڏيتو) ٣٧٣

ڏنو قاضي سيوستاني ٣٥٣

ڏنو سرڪي ٤١٦

ڏهر قوم ١٤٨

ڏهره پلال ٢٥٥

ڏيسر چام ١٧٦، ٢٠٥، ٢٧٩

ذ

ذوالفقار علي ٢٤٩، ٤٩١، ٥٠٩

ذوالنون ارغون ١٤٣، ١٤٥

ر

راجن شاهه ٣١٠، ٥٣٠

راجو قتال سيد ٢٩٧، ٢٩٩، ٣٠٢، ٣٠٤-٣٠٦، ٣١٣، ٦٠٥

راجن شيخ ٤٣٧

راجو سيد ٣٠٣

راجو فقير ٢٦٢

راجو ليڪي ٢٧٥

راجو دل ٤٤٩

راڄپار بن لاکو ٦١٨

راهم ١٤٧

راڌو بن بابو ٤٧٧

راز علي مهر ٥٠٩

راڻو ميان ٢٥٦
راڻو ورسه ٢٢١
راهو مخدوم، شرف الدين ثاني ٣٥٣
رائجه بيگم ١٧٦
رائذ نو چام ١٣٢-١٣٣،
راءِ ڏياچ ١٥٦
راءِ ساهسي ٢٩٤، ٣٠٨
راءِ سنگهه ٢١٦
راءِ سيهره سردار ٢٨٨
رتن ملڪ ١٢٣-١٢٤
رتو ١١٣
رحمت الله ٥٣١، ٥٥٥
رحمت الله خواجه ٥٢٢
رحمت الله سيد ٣٨٩، ٥١٠، ٥٢٩-٥٣٠، ٥٩٢
رحمت الله شيخ ٣٦١ - ٣٦٢، ٤٩٣، ٥٢٩
رحمت الله مخدوم ٢٥٠، ٣٧٩، ٤١٠، ٤٨٠، ٥٤٦، ٥٥٥، ٥٥٧، ٥٦٢، ٥٦٦
رحمت الله ميان ٥٧٦
رحمو ڏهر ١٤٩
رحيم خان پرانڪ ٢٦٤
رستام بيگ ١٨٧
رستم ١٣٨
رستم مرزا ٢٣٢-٢٣٣
رشيد بن قاضي محمد محفوظ ٣٧٣
رشيد الدين شيخ ٤٥٧، ٦١٠
رشيد خوشنويس ١٤٧، ٥٩٢
رضا بيگ ٢٦٩
رضاء الدين شيخ ٣٨٣
رضي الدين شيخ ٤٩٠
رضي الدين محمد مير ٣٢٨
رضي الدين مهر خواجه ٥٢٣
رضي محمد خان ٢٥١، ٤٥٢
رفيق ١٦٥
رڪن الدين درويش ٣٧٣
رڪن الدين سيد ٣١٧ - ٣١٨، ٤٠٩، ٤٤١
رڪن الدين شيخ ٢٩٧، ٢٩٩، ٤٤٥، ٥٥٣
رڪن الدين مخدوم ٥٣٧
رڪن پرا درويش ٣٨٢
رڪن خادم ٣٧٧ - ٣٧٨
رمضان وبداني مخدوم ٥٥٤
رند بلوچ ١٣٨، ١٤٩
روح الله سيد ٥١٣
روح الله شيخ ١٣٩، ٣٠٩
روح الله قاضي ٣٠١
روح الله مخدوم ٣٤١
روح الله ميرڪ ٥٠٠
روزبهان شيخ ٤٢٢
روشن علي مهر ٥٠٠
رياض الاسلام، ڊاڪٽر ١٢٢
ريحان شيخ ٤٤٥-٤٤٦

ز

زبردست خان، نواب ٢٤٣
زكريا درويش ٣٨١
زكريا سيد ٣٣٢
زكريا شيخ ٢٩٠
زكريا مهر ٣٢٠
زين الدين شيخ ٥٣٥
زين الدين قاضي ٣٥٢
زئي سيد ٣٢٩
زيد بن جعفر سيد ٢٩٦، ٣٦٣
زين العابدين سيد ٣٠٥
زين العابدين، شيخ مٺن ٣٠٧، ٥٢٨، ٥٧١

س

ساجن ارباب ٢٦٩
ساجن سيد ٤١٨، ٥١١، ٥١٢
ساجن شيخ ٦١٩
ساجو شاه ٣٥٢
سارنگ خان ١٣٧، ١٤١
سالار خان ١١٩
سام بن عمر بن هشام ١٢١
سام بن نوح ١٢٢
سامٽيو سلطان ٢٦٨، ٢٧٠، ٥٠٤
سانگي قوم ٢٥٧
ساهڙ لنجاري مخدوم ٣٩٠
سائينڏنو سيد ٤٧٨
سائينڏنو قاضي ٣٥٤، ٥٣١
سائينڏنو، هندو خان ٢١٤-٢١٥
ستارڏنو سيد ٤٣٦
سپهر شکوه ٢٣٩
سچڻ ٦٢٨
سچڻ صديقي ٣٠٧، ٥٤١
سچيڏنو سيد ٤٧٠
سخيدهه ٦١٨
سراج الدين ٣٨٣
سراج الدين ابوالقاسم ٤٨٦
سراج الدين شاهه ٣٠٣
سراج الدين شيخ ٢٩٠
سراج الدين مير ٣٢٣
سراج عفيف ١٢٢، ١٢٨، ١٢٩
سرائي قوم ٢٦٠، ٢٦٢، ٢٦٦، ٢٦٨، ٢٧٣، ٢٨٨
سردار خان نواب ٢٤١
سرفراز ميان ٢٧٦، ٣٢٢، ٣٤٤، ٥٥٦، ٥٩٠
سرور مخدوم ٣٨٣
سڌو فقير ٣٢٧
سعادت خان نواب ٢٤١
سعدالله خان ٢٤٣
سعدالله خواجه ٥٢٢
سعدالله سيد ٤٩٥، ٥١٣، ٥٢٠
سعدالله مرزا ٢٠٨
سعيدالدين ٣٦٠
سعيد خان ٢٣٤، ٣١٤

سعید خان نواب ۲۰۵، ۲۰۶، ۲۰۸، ۲۴۷
سعید رضوي ۳۲۱
سعید قریشي ۲۹۳
سعید محمد ۵۱۷
سعید مولانا ۳۶۲
سکندر بن فتح خان چام ۱۲۹، ۱۳۰، ۱۳۲، ۴۷۲
سلام میر جادم ۴۸۴
سلام الله شاه ۴۲۸
سلام الله شیخ ۵۲۹
سلامي ملا ۵۹۶
سلطان بن بهاول ۴۰۹
سلطاني بنت مراد ۶۱۸
سلطان احمد ۲۹۹-۳۰۰
سلطان جذیمه ۲۹۰
سلطان خواجه ۱۷۹
سلطان حسین ۲۹۰
سلطان سید ۳۹۷
سلطان شاه سید ۳۱۰، ۴۱۴
سلطان شاه لودي ۴۹۴
سلطان طرفه ۲۹۰
سلطان قلي بیگلار ۱۴۳
سلطان کمر ۶۱۳
سلطان محمد ۱۳۶
سلطان محمد مهردار ۱۴۵
سلطان محمود بکري ۲۱۱، ۲۲۴، ۲۳۲
سلطان محمود خان کوکلتاش ۱۳۹، ۱۵۲، ۱۵۵، ۱۵۶، ۱۵۷، ۱۶۶، ۱۷۰، ۱۷۱، ۱۷۲، ۱۷۳، ۱۸۱
سلطان محمود لانگاه ۱۴۹، ۱۵۰، ۱۵۱، ۲۱۴
سلطان مقیم بیگلار ۱۴۳
سلیمان درویش ۴۰۸، ۵۱۴
سما قوم ۱۲۰، ۱۲۲، ۲۵۴
سماهبو سید ۴۳۵، ۵۸۱
سماهبو کهیر سید ۳۶۴
سمند ربیگ ۱۵۸
سمیجا قوم ۱۷۵، ۱۷۶، ۲۰۰، ۳۵۳
سمیري قوم ۱۲۲
سنجر چام ۱۳۲، ۱۳۳، ۱۳۴، ۱۳۷، ۳۲۰
سندر راجا سمني ۴۴۴
سنجر خان داؤد پوتو ۲۶۴
سنگهسن راجا ۲۳۳
سودا قوم ۱۴۳، ۱۷۶، ۲۰۰
سورجمل ۲۶۱
سومار ۵۶۸
سومرا قوم ۱۱۹، ۱۲۰، ۱۲۲
سید الله ۴۳۱

ستيه دل راجا ۴۲۲
سيد قاضي ميان ۴۷۱
سيف الله خواجه ۵۲۲
سيف الله نواب ۲۵۲، ۵۸۲، ۵۹۸
سيف الملوڪ ۱۱۳، ۱۱۴
سينهرو مخدوم ۳۹۹
سيورعلي، سوبر علي ۱۹۹

ش

شادڪام مرزا ۵۸۹
شاڪرخان نواب ۲۴۷، ۲۶۴
شاڪر مخدوم زادو ۶۲۶
شاه بيگ ارغون ۱۳۶-۱۳۹، ۱۴۱، ۱۴۳-۱۴۵، ۱۴۷، ۱۹۳، ۲۱۱، ۲۱۹، ۲۲۳، ۲۲۵، ۳۱۲، ۳۲۰، ۳۲۸، ۳۴۸، ۳۵۰، ۳۷۵، ۴۲۹، ۴۸۲، ۴۹۷، ۵۲۳، ۶۰۲، ۶۱۵
شاهجهان ۲۳۳-۲۳۴، ۲۳۶، ۲۳۹، ۲۴۰، ۲۴۳، ۳۵۴-۳۵۶، ۴۰۰، ۴۱۳، ۵۰۱، ۵۱۳، ۵۳۸، ۵۴۷-۵۴۸، ۵۸۴، ۵۸۶، ۵۹۲، ۵۹۵
شاه چراغ ۳۰۶
شاه حاجي درياني ۳۱۴
شاه حيدر مهر ۵۰۹
شاه حسن ميرزا ۱۴۳-۱۴۴، ۱۴۶-۱۴۷، ۱۴۹-۱۵۰، ۱۵۲، ۱۵۳، ۱۵۵-۱۵۸، ۱۵۹-۱۶۲، ۱۶۴-۱۶۶، ۱۶۸، ۱۷۲، ۱۹۰، ۲۱۹، ۲۲۱، ۲۲۴، ۲۲۵، ۲۸۹، ۲۹۶، ۳۰۷، ۳۱۷، ۳۴۸، ۳۵۳-۳۵۴
شاه حسن تڪدري ۱۵۲، ۲۲۵
شاه خواجه ميرڪ ۱۷۹، ۴۹۸، ۴۹۹
شاه ديوار هالائي ۳۸۶
شاه رخ ترخان ۱۸۲-۱۸۳، ۱۸۸-۱۸۹
شاه طهماسپ ۲۱۹
شاه عالم بهادرشاه ۲۵۱، ۴۲۹
شاه عباس صفوي ۲۱۳
شاه علي ۲۵۷
شاه قاسم ارغون ۱۷۶-۱۷۷، ۱۸۳، ۱۸۶، ۱۹۱، ۱۹۷، ۲۰۲
شاه قاسم (ابوالقاسم) بيگ لار ۲۱۱، ۲۱۶، ۲۲۰، ۲۲۱
شاه قلي خان (ڏسو ميان نور محمد ڪلهوڙو)
شاهل محمد ميان ۲۵۷
شاه مراد ۲۹

شاه مردان سيد ٣٣٥-٣٣٦
شاه محمد ٢٥٦-٢٥٧
شاه محمد ارغون ١٠٩، ١٦٤
شاه محمد بن غازي خان ٢٦٤
شاه محمد (چتر بار وارو) ٢٥٧
شاه محمد سيد ٢٧٢
شاه مير سيد ٢٩٥
شاهنواز ٢٧١، ٤١٣، ٥٨١
شاهوردي خان (ڈسو غلام شاه ميان)
شاه والي سيد ٤٨٥
شاه ولي مير ٤٨٦، ٥٣٥
شاهو كاتيار ٤٠٣
شجاع شيخ بخاري ١٥٠، ٣٠٧، ٣٠٩، ٦٠٠
شرف الدين سيد ٤٧٧، ٤٨٦، ٥٥٣
شرف الدين ميان ٤٢١
شرفو ٦١٨
شرفو مير ٢٣١
شريف سيد ٤٧٨
شريف ابوالقاسم ٣٨٣
شريف خان (شريف الملك) ٢٣٤-٢٣٥-٢٣٦، ٣٥٦
شريف خواجه ٥٣٩
شكرالله سيد شيرازي ٣٠٣، ٤٨٢-٤٨٣، ٤٨٥، ٤٨٧، ٤٨٩-٤٩١، ٤٩٣، ٥٣٤، ٥٧٦، ٥٨٥، ٥٩٧، ٦٠٢-٦٠٣
شكرالله شيخ ٢٧٠-٢٧١، ٢٨٦، ٢٩٦، ٤٨٤، ٤٨٦، ٥٠١-٥٠٢
شمس شاعر ٢١٧
شمس شاه تبريزي ٣٤٩، ٦٠٦
شمس كاشميري ١٨٢
شمس الدين ١٨٥، ٣٤٩
شمس الدين اميرخاني ٢٣٨
شمس الدين خواجه ١٥١
شمس الدين سيد ٢٩٦، ٤٧٥-٤٧٦، ٥٣٢
شنبي ١٦٥
شورا قوم ٢٠٧
شهاب الدين ٣٨٣
شهاب الدين سهروردي ٤١١
شهاب الدين شيخ ٢٩٠، ٣١٢، ٣١٥، ٣٣٠، ٣٨٤، ٤٢٦، ٥٢٢، ٥٦١
شهاب الدين ميرخواجه - ٣١، ٥٢٣
شهباز خان ١٩٩، ٢١٥
شهداد خان ڈالپر ٢٦٤
شهرالله شيخ ٢٩١، ٤٣٠، ٥٢٢
شهمير سيد ٤٤٢
شيبان بن عثمان ثقفي ٣٣١
شيخ مغل ٤١٦
شيخو سيد ٢٧٠، ٤٧٠
شيرازي ٤٨٢، ٤٩٣، ٥٥٠

شيرافگن ٥١٦
شيرخان سوري ١٥٠–١٥٨، ٢٢٠
شير قلندر سيد ٣١٨
شيرين محمد ميان ٥٧٥

ص

صابر سومرو ٤٢٩
صابر مجذوب ٦٢٨
صابر مخدوم ٥٤٣
صابر ميان ٥٧٦
صابو ولهاري ٤١٨
صابو شيخ ٦١٩
صاحب ٢٥٦
صادق خان ١٩١
صادق عباسي ١٧٩
صادق علي سيد ٣٢١
صادق علي خان نواب ٢٥٣–٢٥٤، ٥٩٠
صادق محمد خان ١٨٨، ١٨٩
صالح خان ٢٦٨، ٢٧٢، ٢٧٣
صالح درويش ٤٣٧
صالح سيد ٤١٤
صالح شامي ٣١٥
صالح شاه ٣٣٦، ٣٤٥
صالح محمد سيال ٥٣٠
صالح محمد، ناريو سيد ٤٩٠
صالح محمد فاضل محمد ٦٢
صالح محمد، واعظ مخدوم ٥٥٣
صالح مخدوم ٤١٣
صالح مرزا ١٧٠–١٧١، ١٧٥، ١٧٨، ١٨٠–٢٢٦، ٣٦٨
صالح ملا ١٦٨
صدر درويش ٤١٧–٤١٨، ٤٢٣
صدرالدين راهوكي مخدوم ٣٨٥، ٣٨٧، ٤٣٠
صدرالدين سيد ٣١٦، ٣٤٩، ٣٦٤–٣٦٥، ٤٩٢
صدرالدين شيخ ٢٩٠–٢٩١–٢٩٢، ٢٩٧، ٤٤٠، ٤٧٣–٤٧٤، ٥٣٦، ٥٥٣
صدرالدين شيخ ثاني ٢٩١
صدو قاضي ٣٧٢، ٥٣١
صدو نوهريو شيخ ٣٩٤
صديق چام ابڙو ٢٥٨
صدو موهيو مخدوم ٤٠٧
صفائي سيد ٣١٨
صفر ارغون مير ١٥٩
صفي الدين سيد ٢٩٥
صفي الدين شيخ ٢٩٤، ٢٩٥
صلاح الدين چام ١٢٨–١٢٩، ١٣٤، ١٣٧، ١٣٩، ١٤٣، ١٥١، ٤٥٧، ٤٦٦، ٥٣٠
صلاح الدين مير ٣٥١

ض

ضياءُالدين سيد ٤١٢
ضياءُالدين شيخ ٣٨٣، ٥٢٧
ضياءُالدين عباسي ٣٠٧
ضياءُالدين مخدوم ٤١٤، ٥٥٢، ٥٥٥، ٥٥٨، ٥٦٥، ٥٦١
ضياءُالدين مولانا ٤٣٠

ط

طالب آملي ٢١٧
طالب الله مخدوم ٥٥٩، ٥٦٣، ٥٨٧
طائي بن محمد ٣٣١، ٣٤٦
طاهر ٢٥٦
طاهر سيد ١٤٦، ١٥٣، ١٦٩، ١٨٣، ٢٢٦، ٢٧٣، ٥١٨
طاهر شيخ، اڏيرو لعل ٣٨٩-٣٩٠
طاهر صدر ١٥٨
طاهر ملا ٥٨٥
طغي غلام ١٢٦
طلحه ٦١١-٦١٢
طوغاچي ٢٦٩، ٤١٢
طهماسپ قلي خان ٢٦٩
طيب سيد ٣١٧، ٥١٠

ظ

ظفرخان نواب ٢٣٩
ظفرالله شيخ ٢٧٣
ظهيرالدين سيد ٤٨٤، ٤٨٦، ٤٩١، ٤٩٣-٤٩٤

ع

عادل خواجه ٢١٨
عارف بلوچ ٣٠٣
عارف شاه سيد ٣١٢
عاشق الله ٥٧٢
عاقل شاه ٣٢٩
عالم بكري ٣١٩، ٣٦٧
عالم شاه سيد ٤٩٥
عالم شاه شيخ ٤١٥
عالمگير (ڏسو) اورنگزيب
عالي شاه سيد ٤١٩، ٢٤٢
عالي شيخ ٥٢٥، ٥٦٢
عامل مجذوب ٦٢٧
عباس پير ٦٠٣
عباس بن عبدالمطلب ٢٥٥، ٣٣٧، ٥٣٠-٥٣١
عباس مخدوم ٥٥١-٥٥٢
عباس مولانا ٣٩٣
عباسي ٢٥٥
عبدالباسط ٥٣٥، ٥٥٦
عبدالباقي شيخ ٢١٥، ٥٢٩-٥٣٠
عبدالباقي ميرڪ ٣٢٨، ٤٩٧-٤٩٨
عبدالباقي واعظ ٤٤٢-٤٤٣
عبدالجليل شيخ ٥٤١-٥٤٢
عبد الجليل قاضي ٥٣٠
عبد الجليل مير ٣٢٦
عبد الجميل ٥٤٣

عبد الجمیل مخدوم ۵۴۸، ۵۵۵
عبد الحق شیخ ۲۹۰، ۵۹۳
عبد الحکیم ملا ۵۹۶ - ۵۹۷
عبد الحلیم سید ۴۳۶
عبد الحلیم میان ۳۵۸
عبد الحمید ۲۸۹، ۲۹۴
عبد الحمید ثانی ۳۷۹ - ۳۸۰
عبد الحمید شیخ ۵۸۷
عبد الحمید مخدوم ۳۸۷، ۴۰۶، ۴۱۰، ۵۶۲
عبد الحمید هالائی ۴۰۱
عبد الحی ۵۴۵، ۵۴۷ - ۵۴۸
عبد الخالق سید ۴۹۴ - [illegible]
عبد الخالق شیخ ۵۸۲
عبد الخالق گیلانی ۴۹۷
عبد الخالق مخدوم ۳۳۷ - ۳۳۸
عبد الخالق میان ۵۷۵
عبد الدلیل ۴۲۷، ۴۳۴
عبد الرحمن بن عیاض ۲۹۰، ۳۲۴
عبد الرحمن حاجی ۵۶۶
عبد الرحمن سید میر ۳۷۵، ۳۸۲، ۴۸۴ - ۴۸۶، ۵۰۰ - ۵۰۲
عبد الرحمن سیفی ۵۸۶
عبدالرحمن شیخ ۵۰۹، ۵۸۶، ۵۸۸
عبدالرحمن قاضی ۳۰۷، ۳۳۶، ۳۴۱، ۴۰۰ - ۴۰۱
عبدالرحمن علوی ۳۶۴
عبدالرحمن، ملا لٹر ۴۶۰
عبدالرحمن مولانا ۵۳۷
عبدالرحمن میرک ۱۷۹، ۴۹۷
عبدالرحیم بن عبدالرحمن ۲۹۰
عبدالرحیم حافظ ۵۵۳ - ۵۵۴
عبدالرحیم درس مخدوم ۵۸۰، ۵۸۷
عبدالرحیم سید ۴۱۴، ۴۳۳، ۴۳۶، ۵۲۰
عبدالرحیم میان ۵۵۷
عبدالرحیم میرک ۵۰۰
عبدالرزاق میان ۵۴۵
عبدالرزاق میرک ۴۹۹
عبدالرزاق سید ۲۰۹، ۲۳۸، ۲۳۲، ۳۰۶، ۲۹۵، ۳۹۷، ۴۶۴، ۵۰۳، ۵۱۱، ۵۱۳، ۵۲۴
عبدالرزاق شیخ ۳۶۷، ۵۲۹، ۵۸۸
عبدالرسول سید ۳۶۵، ۵۰۱
عبدالرسول ملا ۵۹۱
عبدالرشید خلیفو ۱۷[illegible]
عبدالرشید سید ۳۱۴، ۵۱۸
عبدالرشید شیخ ۵۳۳
عبدالرشید مخدوم ۳۷۸، ۳۸۱، ۵۵۴
عبدالرشید ملا ۵۹۴
عبدالرشید میان ۴۱۴،

عبدالرؤف ٣٤١، ٥٤٧
عبدالرؤف حكيم ٣٢٦
عبدالرؤف سيد ٥١٨
عبدالرؤف شيخ ٥٣٥، ٥٩٣
عبدالرؤف مخدوم ٣٦٩، ٣٧٩-٣٨١
عبدالرؤف ملا ٥٩٧
عبدالرؤف منشي ٣٣٩، ٥٨٦
عبدالسبحان ٦٠٠
عبدالستار شيخ ٤٤٢
عبدالستار مير ٥١٩
عبدالسلام شيخ ٥٨٨
عبدلسميع خان ٢٥٢
عبدالسميع شيخ ٥٩٣
عبدالشكور شيخ ٥٩٣، ٥٩٨
عبدالشكور ملا ٥٤٧
عبدالشهيد شيخ ٥٣١
عبدالصمد سيد ٣٩٩
عبدالصمد ميان ٥٤٥
عبدالعزى ٢٩٠
عبدالعزيز ابهري ٣٦٠
عبدالعزيز بن عبدالكريم ٣٤٦
عبدالعزيز شيخ ٥٨٨-٥٨٩
عبدالعزيز مخدوم ٣٥٣، ٣٥٩
عبدالعزيز مير ٥٢٣
عبدالعلي سيد ٤٨٦، ٤٩[illegible]
عبدالعليم ٥٤٢
عبدالغفار ٥٤٣-٥٤٤
عبد الغفار مرزا ٢٥٢
عبد الغفور سندي ٥٦٥
عبد الغفور سيد ٥١٨
عبد الغفور شاه ٢٥٢
عبد الغفور شاه هالائي ٥٥٨
عبد الغفور شيخ ٥٩٣
عبد الغني بن محمد طاهر ٥٥٠
عبد الغني سيد ٤٢٧، ٤٢٩، ٤٣٤
عبد الغني شيخ تتوي ٢٤٣، ٥٨٢-٥٨٣، ٥٨٥
عبد الغني مخدوم ٣٧٥
عبد القادر بن ابراهيم ٣٧٣
عبد القادر سيد جيلاني ٢٩٣، ٢٩٥-٢٩٦، ٣٢٧، ٣٤٣، ٣٩٥، ٣٩٨، ٤٠٥، ٤٠٩، ٤١٢، ٤٣٩، ٣٥٠، ٣٥٢، ٣٨٠، ٤٩٦، ٥١٢، ٥٢٠، ٥٢٥، ٥٩٦، ٥٦٩، ٥٧٥، ٦١٥
عبد القادر سيد بن محمد هاشم ٥١٧
عبد القادر ميان ٥٦٠-٥٦١
عبد القدوس سيد ٤١٤، ٤٣٣، ٤٧٠، ٤٧٧، ٤[illegible]٦، ٥٩٨
عبد القدوس ميان ٣٩٩، ٤١٤

عبد القيوم ۳۹۵
عبد الكريم ۲۵۲، ۳۴۵
عبد الكريم بلوچي وارو ۳۸۶،
۳۸۸، ۴۰۵، ۴۰۶، ۴۱۰،
۴۱۴، ۴۱۵، ۴۱۹، ۴۲۷،
۴۲۹، ۴۳۱، ۴۳۳، ۴۳۴،
۴۳۷، ۴۴۱، ۴۴۳، ۴۵۵،
۴۸۰، ۵۰۴، ۵۰۶، ۵۲۹–
۵۳۰، ۶۱۲، ۶۱۷
عبد الكريم درس ۵۸۲
عبدالكريم سيد ۳۲۲
عبدالكريم مرزا كريم بيگ ۵۲۰
عبدالكريم ملا ۵۵۳
عبدالله سندي ۳۶۱
عبدالله بروهي خان قلات ۲۶۶
عبدالله اشرف سيد ۳۶۳
عبدالله بن اسير ۲۹۰
عبدالله بن تاجو ۵۳۳
عبدالله بن عباس ۳۳۷
عبدالله بن سعدالله ۳۶۰
عبدالله بن محمد ۳۳۷
عبدالله خان مير ۲۶۷
عبدالله خواجه ۱۴۶، ۲۲
عبدالله سلطان مير ۲۱۳، ۲۹۰،
۳۵۶، ۵۰۱، ۲۴
عبدالله سيد ۳۹۷، ۴۰۹، ۴۱۳،
۴۷۰، ۴۸۴، ۴۸۷، ۴۹۳
عبدالله سيد ثاني ۵۲۴
عبدالله شاه ۵۱۸، ۵۲۸، ۵۲۹،
۵۷۰، ۵۷۴، ۵۸۱
عبدالله شاه حسين ۶۰۲، ۶۱۵
عبدالله شيخ ۲۹۰، ۳۶۲، ۳۸۳–
۳۸۴، ۳۸۸، ۵۲۹، ۵۳۵،
۵۵۳، ۵۵۹
عبدالله العطري ۲۹۸
عبدالله قاضي ۱۳۵، ۳۶۰–۳۶۱،
۳۶۲، ۵۰۳، ۵۳۶
عبدالله قريشي ۵۲۷
عبدالله لاهوري ۳۰۵
عبدالله منشي ۳۴۰
عبدالله مفتي ۳۰۹
عبدالله ميان ۳۳۶، ۴۰۱، ۴۱۴،
۵۶۰–۵۶۱، ۵۹۵
عبدالله واعظ ۵۵۹
عبداللطيف، مرزا غازي جو غلام
۲۱۷
عبداللطيف درويش ۴۱۴
عبداللطيف سيد ٹٹائي ۳۳۹–۳۴۰،
۳۵۶، ۳۸۳، ۳۸۷–۳۸۸،
۳۸۹، ۴۳۵، ۵۶۳، ۵۶۴–
۵۶۵، ۵۷۳، ۵۷۸،
عبداللطيف حسيني ۴۸۳
عبداللطيف بن عبدالرزاق سيد ۵۱۳
عبداللطيف سيد سيوستاني ۳۰۶

عبداللطيف قاضي ٣٢■
عبداللطيف مخدوم ٥٦١
عبداللطيف مير ٥٢٤
عبداللطيف شيخ ٣٦١ - ٣٦٢، ٤٣٠
عبدالمجيد ٥٤٧
عبدالمجيد سيد ٥١٣
عبدالمجيد شيخ ٥٣٢
عبدالملک ٥٤١ - ٥٤٢
عبدالملک شاه ٤٢٦
عبدالملک قاضي ٤٢٤
عبدالملک ميان ٥٢٢، ٥٤٥
عبدالنبي خائف ٥٥٧
عبدالنبي سيد ٤٩٥ - ٤٩٦
عبدالواحد ٥■١
عبدالواحد ميان ٣٧٦، ٥٧٥
عبد الواسع ٥٤٠ - ٥٤١، ■٨٤
عبدالواسع سيد ٤٢٧، ٤٣٤، ٤٨٣، ٤٨٥، ٤٩٠ - ٤٩١
عبد الواسع شيخ ٥٤٣، ٥٥٨ - ٥٥٩، ٥٧٦، ٥٩٢
عبد الواسع مير ■٦٥
عبد الواسع ميرک ٥٠٠
عبد الولي سيد ٢١٨، ٤٦٩
عبد الوهاب ٢٩٥
عبد الوهاب شيخ ١٧٣، ٤٢٦، ٥٠١، ٥٥٢، ٦٢١
عبد الوهاب عباسي ١٧٩
عبد الوهاب ميرک ١٧٩، ٤٩٨، ٥٩٦
عبد الهادي ٥٤٢
عبد الهادي حکيم ٣٢٣
عبد الهادي سيد ٦١٩
عبد الهادي شيخ ٥٨٨
عبد الهادي ميرک ٤٩٨
عبيد راڻو ٦٢٤
عبيد سيد ٣٦٣
عبيد الله ٥٤٩
عبيد الله شيخ ٥٧١
عبيد الله سيدنا ٣٣٧
عتيق الله ٥٣٢ - ٥٣٣
عثمان ثقفي ٣٣١
عثمان حکيم ٣٧٦
عثمان سيد ٣٠٣، ٣٠٤، ٣٠٨
عثمان شيخ ٢٦٦، ٥٧٤، ٥٧٥
عثمان مخدوم ٣٤٧، ٤٠٨، ٤١٢، ٥٤١، ٥٤٣
عثمان مروندي، قلندر شهباز ٢٩٥، ٣٤٩، ٣٥٥، ٣٥٩، ٤٤٥ - ٤٤٦، ٦١١، ٦٢٣، ٦٣٥
عثمان ملا فاضل خان ٥٨٧، ٥٩٠
عجائب مخدوم ٣١١
عدل مير مولانا ٥٤٥

عدي بن حاتم ٢١٩
عرب شاه سيد ٣٢٨، ٤٨٢، ٤٨٩
عرب شاه ميرك ٤٩٩
عرب كوكه ١٨٧، ١٩٧-١٩٨، ٢٠٤، ٢٠٦، ٢٠٨
عربي ڏ ياڻو مخدوم ٣٨٢
عربي گاهي ١٦٥
عزالدين شيخ ٣٨٣
عزالدين محمد مير ٣٢٨
عزت‌الله بن عنايت‌الله ٥٥٣
عزت‌الله سيد ٤٢٨-٤٢٩، ٤٩١، ٥٧٢، ٥٨١
عزت‌الله شيخ ٥٣٠، ٥٣٣
عزت‌الله ميان ٣٩٨
عزت خان، سيد نواب ٢٤٠-٢٤١
عزت علي مير ٣٣٠
عزيزالله شيخ ٥٨٣
عزيزالله عباسي ٣٠٥
عزيزالله مير ٣٢٩
عطاءالله بن جمال‌الدين ٤٨٢
عطاءالله خواجه ٥٢١، ٥٩٦
عطاءالله سيد ٤٨٧، ٤٨٩
عطاءالله شيخ ٥٣١، ٥٨٧
عطاء الله ميرك ٤٩٩
عطر خان نواب ٢٤٨-٢٤٩، ٢٦٩، ٢٧١، ٢٧٥-٢٧٦، ٢٧٨، ٢٨١
عظيم‌الدين مير ٤٤٢
عظيم خان ٣٦١
عقيل سيد ٣١٣
عكرمه بن عطاء ١٢١
علاؤالدين بن دريا خان ١٤١
علاؤالدين بن خواجه ٢٢٠
علاؤالدين بن درس ٦٢١
علاؤالدين سلطان ١١٩، ١٢٥، ٣٩٢، ٤٥٦
علاؤالدين بن سيد محمد مكي ٣١٢، ٣١٨
علي بن جعفر ٣١٨
علي احمد مخدوم ٥٥٤، ٥٥٦
علي احمد ميرك ٥٦٠
علي اصغر ٣٥٢
علي اصغر سيد ٤٨٥، ٤٩٠، ٥٣٩
علي اصغر مير ٤٦٩، ٤٧٠، ٥٠٢
علي اكبر سيد ٣٠٦، ٤٨٣، ٤٨٥، ٤٩١
علي اكبر ميان ٥٦٣
علي اكرم ٥٣٤
علي بيگ ٥٩٤
علي ثاني سيد ٤٦٦، ٤٦٨، ٦٢١
علي پوتا ١٧٧
علي مرتضي بن ابوطالب ١٤٢، ٢٢٠، ٢٨٩، ٣٤٤، ٣٨٤، ٥٩٦، ٦١١

علي حيدر سيد ٥٠٧
علي خان كوكه ١٨٢، ١٨٦
علي خان وكيل ١٨٥
علي سيد ٢٩٤ – ٢٩٥، ٢٩٧، ٣١٨، ٤٦٧ – ٤٦٨، ٤٧٠ – ٤٧١، ٤٧٥ – ٤٧٦، ٤٨٠، ٤٩١، ٤٩٦، ٥٢٦، ٥٤٩، ٥٩٢ – ٥٩٣، ٦٠٨، ٦١٥
علي شاه ١٢٤
علي شاه مير ٣٢٨
علي‌شير بن تماچي جام ١٣٠ – ١٣١
علي شير قانع ١٣٣، ١٣٨، ١٤٥، ١٤٩، ١٧٠، ١٧٦، ١٧٨، ١٨٣، ١٨٩، ٢٢٣، ٣٠٢، ٣٢٥، ٣٣٠، ٣٣٤ – ٣٣٥، ٣٤٩، ٤٤٤، ٤٦٥، ٤٩١، ٥٨٣، ٦٠٠
علي شيرازي سيد ١٧٨، ١٨٠، ٢٢٦، ٣٦٤، ٣٨٤، ٤٤٦، ٤٥٥، ٥٢٥، ٥٢٧، ٥٦٩، ٦١٢ – ٦١٤، ٦١٦
علي شير كوكه ١٨٢
عليكه ارغون ١٤٣، ١٥٢، ١٥٥ – ١٥٦، ١٥٩، ٢٢٥
علي محمد سيد ٤٧٠
علي محمد شيخ ٥٣٤ – ٥٣٥، ٥٩٦
علي محمد مخدوم ٥٤٧
علي محمد كوكلتاش ١٥٩
علي ملا بوبود ٢٢٦
علي موسي رضا ٣١٣، ٦٢٠
علي نواز ٣٣٥
علي يار مير ٥٠٣
عليم الله شاه ٥٨١
عليم الدين سيد ٥١٣
عليم الدين شيخ ٤٤٠
عماد الدين سيد ٤٨١
عماد الدين شيخ ٥٢٩
عماد الدين اسماعيل شيخ ٢٩٢
عماد الدين ثاني شيخ ٥٠٣
عماد الدين محمد شيخ ٥٥٣
عماد الدين مخدوم ٥٤٥
عماد الملك سر تيز ١٢٣
عمار مير بن مير بزرگ ٣١٨
عمران بن سعيد هارون ٣٦٣
عمر بن علي ٢٨٩
عمر بودلو درويش ٤٠٩
عمر شاه ٣٢٣، ٤١٤
عمر شيخ ٹٹوي ٣٦٧
عمر فاروق رض ٣٥٤
عمر مخدوم ٣٧٩، ٤٥٢
عنايت خان پٹاڻ ٢٤٦
عنايت شاه ٢٥٨
عنايت شيخ ٤٤٦

عنايت الله شاه ٣٢٢، ٣٣٠،
٣٩٨، ٤٠٠، ٤٠٣، ٤١٨،
٤٢٦-٤٢٧، ٤٨٦، ٥٠٧-
٥٠٨، ٥١٢
عنايت‌الله شيخ حافظ ٥٤٠، ٥٥١،
٥٥٣، ٥٨٧
عنايت الله صوفي ٢٥٠، ٤٧٢
عنايت الله مخدوم ٥٥٢، ٥٥٨
٥٦١، ٥٦٣-٥٦٤، ٥٦٨
عياض ٢٩٠
عيسي نبي ٣٨٤
عيسي شيخ ٤٢٢، ٤٦٠، ٤٦٦-
٤٦٨، ٤٧٢-٤٠٣، ٤٨٤
عيسي بن عبدالوهاب ٣٠٦
عيسي مخدوم ٤١٤
عيسي مرزا ترخان ١٣٨، ١٤٣،
١٥٢، ١٦١ - ١٦٢، ١٦٥-
١٦٨، ١٧٠، ١٧٤، ١٧٨،
١٨٧، ٢٠٠، ٢٠٤، ٢٢٢،
٢٢٦، ٢٢٨، ٢٣٥، ٢٥٦،
٥٣١-٥٣٢، ٥٣٤، ٥٣٧

غ

غازي بيگ مرزا ترخان ١٩٧،
٢٠٢، ٢٠٤، ٢٠٦، ٢١٣،
٢١٦-٢١٧، ٢٢٢، ٢٢٦،
٢٢٩-٢٣٠، ٢٣٥، ٢٥٦
غازي خان ١٥٠، ٢٦٣، ٣٦٥، ٤٦٤
غازي (غازان) خان ١٤٢
غازي مرزا ٣٢١، ٥٩٤-٥٩٥
غالب سيد ٣٤٩
غالب مرزا ١٦٨، ١٧٨
غروري كاشاني مير ٥٠٢-٥٠٣
غضنفر بيگ ارغون ٢٢٥
غضنفر خان نواب ٢٤٠
غضنفر علي مير ٢٤٩
غزنوي (قوم) ٢٠٠
غزنين (قوم) ٢٤٠
غفور شاه ٣٦٦
غلام احمد ٥٥٦
غلام اولياء سيد ٤٨٦-٤٨٧
غلام حسين ٥٤٣
غلام حسين شيخ ٥٨٧
غلام حيدر شاه ٣٩٧
غلام شاه سيد ٤٨٦
غلام شاه شيخ ٥٢٨
غلام شاه نواب ٥٩٠
غلام شاه مرتضي ٣٢٢
غلام شاه ميان ٢٦٨، ٢٧١، ٢٧٤،
٢٧٨، ٢٨٠، ٢٨٢، ٢٨٦،
٣٠٨، ٣٢٢، ٣٢٦، ٣٤١
٣٤٣، ٣٧٦، ٤٠١، ٤٢٨،
٤٣٧، ٤٤٤، ٤٥٣، ٥٢٤،
٥٤٤، ٥٥٥

غلام عبدالقادر ٣٢۴

غلام علي آزاد مير ٢٣۴

غلام علي ساد ٥٩٩

غلام علي سيد ٣٦٩

غلام علي شيخ ٥٣٦

غلام علي مرزا ٦٠١

غلام علي مهر ٥٠٩

غلام علي بن عليشير قانع ۴٩٢

غلام علي مير، مير كولو ۴۷١

غلام محمد آخوند ٦٠١

غلام محمد بگائي مخدوم ٣٣٨

غلام محمد سكهاني ٢٦۴

غلام محمد شاه ۴٢٦، ٥۷٢-٥۷٣

غلام محمد شاه صوفي ٦١٣

غلام محمد شيخ ٢٥۴، ٢٦۷، ٢۷١

غلام محمد مخدوم ٥٦١

غلام محمد ميان ٥۴٦، ٥٦۷

غلام ولي الله بن عليشير قانع ۴٩٢

غوري (قوم) ٢٥۷

غياث الدين شاه ٣٩۷

غياث الدين سلطان ٣۴٩

غياث الدين قاضي هروي ١۴٢

غياث الدين محمد سبزواري ٣٢٠، ٣٢٨، ٥٠١

غيب حاجي ٣١٥

غيوري، شكر ٥٩٥

ف

فاضل بيگ ٢٦٩

فاضل شاه ۴٠٢-۴٠٣

فاضل شاه قريشي ۴٠٣

فاضل مير كوكلتاش ١۴٥

فاطمه ١١٥-١١٦، ٣٣٥، ۴٦۷

فتاح ميان ٣٩٩

فتح الله بن لطف الله ٢٣٠

فتح الله خواجه ٥٢٢

فتح الله شاه شيرازي ۴٩۷، ٥۴٥

فتح الله مخدوم ٣۷٨-٣۷٩

فتح الله بن پائيخان ٢١٥

فتح خان، چام سمو ١٣٠-١٣١، ١٦٨، ٣٢٣، ۴۷٢

فتح شاه ٦٢٠

فتح محمد ٥٣

فتح محمد سيد ٣٨٣، ۴٩٠-۴٩١، ٥١٣

فخرالدين سيد ۴٩٢

فخرالدين شيخ ٢٩٠، ٣٨١، ٣٨٣

فرخ ارغون ١٦٨، ٢٢۴

فرخ سير، بادشاه ٢۴٨، ٢٥١، ٥٨٣، ٥٨٩

فرخ مير ١۴٨، ١٥٢، ١٥٦

فريد پاگت ٢٥٩

فريد خان ٢٦٦

فريد شيخ شكر گنج ٢٦٦، ٢٩٧، ٢٩٩، ٣٠٨، ٣٤٩، ٥٣٤
فضل الله بن عبدالرحمٰن مير ٤٨٢
فضل الله خواجه ٥٢٢
فضل الله سيد ٣٠٣، ٣١٣، ٣٦٩، ٤٧٠، ٤٨٧، ٤٨٩-٤٩٠، ٤٩٥
فضل الله شيخ ٣٠٧، ٣٥٣
فضل الله مخدوم ٤٢٦، ٥٣٧، ٥٥٣
فضل علي ٤٧٢
فقير ٥١٣
فقير الله حاجي ٣٤٣ - ٣٤٥
فقير محمد ٥٣٠
فقير محمد سيد ٤٨١، ٤٩١
فياض شيخ ٣٠٧، ٣٦٧
فيروز، جام سمو ١٣٦، ١٣٩، ١٤١، ١٤٣، ١٤٥، ١٤٧، ٣٤٨، ٣٥٩، ٤٩٢
فيروزشاه، سلطان دهلي ١٢٦-١٢٧، ٢٩٨، ٣٩٤
فيروز مخدوم ٥٣٨، ٥٤٠
فيروز وير فقير ٢٥٩-٢٦٠
فيض الله آخوند ٦٠٠
فيض الله سيد ٣٠٣، ٣١٢-٣١٣، ٥١٣
فيض الله مخدوم ٥٤٩
فيضي ٥٤٥
فيضي شيخ ٣٦٦-٣٦٧

ڦ

ڦتو سيد ٤٥٣
ڦتو شيخ ٣٢٦

ق

قابل خان ٥٤٨، ٥٨٧
قادر ڏنو شاه ٣٥٢
قادرشاه ٣٩٩
قادري شاه ٤١٢
قاسم بن عبدالله ٣٦٣
قاسم بيگ مرزا ١٥٦
قاسم حسن خان ٥٨٨
قاسم چرکس ٢١٠
قاسم درويش ٣٨٦
قاسم خان مير نمكين هروي ٣١٩، ٥١٤، ٥١٦
قاسم علي سلطان ١٨٢
قاسم سيد ٣١٣، ٥٠٦، ٥١١
قاسم طغائي مرزا ١٥٨
قاسم كيكي مير ١٣٧-١٣٨
قاسم مير خواجه ٥٢٣
قاسم وكيل ٢٦١
قاضن قاضي ١٣٩، ١٤٧، ٣٥٣، ٣٥٥، ٥٤٣-٥٤٤
قائم الدين حاجي سنڌي ٤٠١، ٤٣٩

قائم الدين شيخ ٤٠٣
قائم خان نهار ٢٦٣
قباد خان نواب ٢٤٠، ٥٤٧، ٥٩٥
قبول حبشي ٦٢٢
قبوليو، دريا خان ١٤٠
قره خان مرزا ٢١١
قزلباش ٢٢٦
قصي بن كلاب ٢٩٠
قطب الدين بن سيد ابراهيم ٣١٣
قطب الدين سلطان (ڏسو) راء سيهره
قطب الدين قاضي ٤٣٨، ٥٣٢
قطب الدين محمد شاه ٣١٧-٣١٨
قطب المحققين ٣٠٩
قطب شيخ ٢٤٦
قلندر مير ٥١٧
قلندر شير بن مير علي ٣١٨
قلندر علي مير ٣٢٣
قلي بيگ ٥٢٠
قلي بيگ ميرزا سلطان ١٥٩
قمرالدين ٣٧٠
قمرالدين شيخ ٥٩٠، ٦٠١
قمرالدين ميان ٥٨٦
قنذراني شيخ ٦٢٢
قنمبرخان بروهي ٢٦٠
قوام الدين ٣٢٨
قيصر پنهور ٢٦٢
قيصر منگسي ٣٦٦
قيصر ملا عبداللطيف ٤١٥

ک

كاشي پٺاڻ ٢١٩
كاظم الدين خان ٥٨٨-٥٨٩
كاكر بروهي ٢٦٧
كالاخان بلوچ ٢٦٦
كالو شيخ ملتاني ٢١٠، ٢٣٠
كالو قريشي ٣٢٨، ٥١٣
كار بخش مغل ٢٣٠
كامران مرزا ١[illegible]٧، ١٦٤، ١٦٩، ٢٨٩
كامران مير ٥٠٣، [illegible]٨٤
كان شكر ٢٩٩
كاهو بن تماچي ١٢٤
كپور پير ٦٢٢
كبيرالدين بن محمد سيد ٣٤٩
كبير شيخ ٣٤٦
كبيرمحمد ميان نقشبندي ٤٣٤، ٥٧٧، ٥٨٠
كپور شيخ ٣٥٠
كجريو پير ٤٣٨
كجسنگ پتي راجا ٢٦٩
كركنج شاه ٦٠٥
كرم الله شيخ ٣٢٦
كرم الله قاضي ٣١٣

كرم الله ميان ٥٤٧
كرم شاه مير ٣٢٩
كرم شيخ ٦٢٠
كرن چام سمو ١٢٩-١٣٠
كريم پير ٦٢٢
كريم الدين سيد ٤٩٢
كريم الدين مولانا ٥٣٧
كريم ڏنو سيد ٤٣٦
كريم ڏنو شيخ ٤٤٦
كلا راجا ٤٥٦
كلاب ٢٩٠
كلمتي ١٥٦
كلهوڙا ٢٥٥-٢٥٦
كمال الدين سيد ٤٨٤، ٤٨٩، ٤٩٣، ٤٩٤، ٤٩٦، ٥٠٥، ٥٠٧، ٥٠٩، ٥٢٢، ٥٢٣، ٦٠٢، ٦١٧
كمال الدين شيخ ٥٥٨
كمال الدين بن ملا اسحاق ٥٣٨
كمال الله مير ٤٣٦
كوراٹي قوم ١٤٩
كومن پير ٤٣٧
كهورشاه ٦٢٠
كهير سيد ٣٦٤
كهير قوم ٢٥٧
كيبك ارغون ١٣٧، ١٤٣، ١٦٨

ک

کتوريو فقير ٤٢٠
کنکهار ١٤٣-١٤٤، ١٥١-١٥٢، ١٥٥، ١٦٩
کهريو راء ١٨٨
کهڙا ٣٣٦، ٣٤٣

گ

گداعلي ملا ١٨٧، ٢٣٠
گجر قوم ٢٥٥
گدومل ٢٧٢، ٣٩٩
گکر، قوم ١٦٤
گرديز شاه ملتاني ٢٩٣
گلاب شاه مير ٣٢٩
گل شاه درويش ٤٣٩
گل محمد ٥٧٩
گل محمد خان خراساني ٢٧١-٢٧٢، ٢٨٣
گهرام لاشاري ٢٦٠، ٢٦٦

ل

لاشار ٢٥٦
لاشاري ٢٥٦
لاكا ١٧٦
لاكو بن همل ٤٢٧
لاكو بن سخيره ٦١٨
لاكو بن قل ١٥٣-١٥٤
لاكو پير ٤٣٧، ٦٠٤، ٦١٧
لاكو شيخ ٣٩٣

لال ميان ٦١٠
لال عيسن ٢٥٧
لالن سيد ٤٤٢
لدّو بهار ٤٢٣
لدّو پير ٦٠٤
لدّو درويش ٣٩٣
لدّو سيد ٤١٤
لدّو شورو ٢٦٩
لسو كاكڙو ٤١٧، ٤٢٣
لشكرخان نواب ٢٤٠
لطف‌الله ٢١٣، ٢١٥، ٢٣٠
لطف‌الله سلطان ٢٠٦
لطف‌الله سيد ٣٢٣، ٣٢٩-٣٣٠،
٤٦٩، ٤٨١، ٤٨٧، ٥١١،
٥١٨، ٥٩٥
لطف‌الله ميان ٥٥٨
لطف علي سيد ٣٣٥
لطف علي مير ٢٤٩، ٥٠٩، ٥٩٩
لعل‌الدين مير ٤٨٢
لعل انس ٦٢٢
لعل جوان ٦٢٢
لعل چنّو سيد ٤٢٠-٤٢١
لعل شهباز (ڏسو) عثمان مروندي
لعل شيخ ٤٣٨
لعل مير ٤٧٠
لقمان ٥٥١
لكدير لكسير ١٤٠-١٤١، ١٧٤
للو درس ٤٨٠
للو سيد ٤٣٣، ٤٤١
لنبد ٤٤٩
لوڌي خان ٢٣٨
لوڌي شيخ ٤٥٠
لونگ پال ٦٢٠
لونگ پير ٦٠٨
لهپا ماڇي ٢٦٦

م

ماڇي ١٤٤، ١٤٨، ٢٦٦
مانكچند بن راءِ كوريو ٢١٣،
٢١٥-٢١٦
مانك وزير ١٤٧
ماه بيگم ١٤٣، ١٤٨
مالديو راجا ١٦٠
مبارك دربان ١٣٢
مبارك خان دائودپوٽو ١٤١،
٢٢٠، ٢٦٤، ٢٦٧
مبارك سيد ٣١٣
مبارك شاه ٥٠٤
مبارك شيخ ٣٦٦-٣٦٧
متو شيخ ٣٢٦
متّو مجذوب ٦٢٦-٦٢٧
ميٺو فقير ٦١٣-٦١٤
مجاهد خان ١٨١، ٢٢٠
محبت خان ٢٥٨
محب علي خان ٢١٩-٢٢٠

محب علي ملا ۳۵۶، ۵۹۵
محتسب قاضي ۵۴۵
محراب خان ۲۶۲
محمد احسن ۵۴۱
محمد احسن آخوند ۶۰۱
محمد احسن ميك ۴۹۹
محمد اسلم ۵۱۶، ۵۴۲
محمد اسماعيل خان ۲۷۲
محمد اسماعيل مخدوم ۳۴۳
محمد اشرف ۳۹۹-۴۰۰، ۵۴۳، ۵۰۶، ۵۷۸
محمد اشرف سيد ۳۶۵، ۴۹۳
محمد اشرف شيخ ۵۵۳
محمد اشرف مير ۵۲۳
محمد اعظم ۵۸۹
محمد افضل سيد ۳۲۴ - ۳۲۵، ۳۲۸، ۳۹۸، ۵۱۰، ۵۴۳، ۵۸۱، ۵۸۳
محمد اكرم قاضي ۵۴۰
محمد اكرم مخدوم ۴۰۰، ۵۵۱
محمد اكرم مير ۳۲۳
محمد امان بن محمد شفيع ۵۴۱
محمد امان ترخان ۱۹۳، ۲۱۳، ۲۳۱
محمد امين درس ۴۳۵
محمد امين شيخ ۵۸۳
محمد امين قاضي ۴۸۵، ۵۳۵-۵۳۶، ۵۴۰، ۵۴۳، ۵۴۵
محمد امين مخدوم ۳۷۴، ۵۴۱، ۵۴۶، ۵۶۶
محمد انور سيد ۴۹۲
محمد اول ميرك ۳۲۸
محمد باقر آخوند ۵۴۹، ۵۶۷
محمد باقر سيد ۳۰۶، ۳۱۰، ۵۱۷، ۵۱۹
محمد باقر شيخ ۵۳۹، ۵۴۰
محمد باقر بن عبدالرؤف ۵۴۸
محمد باقي مرزا ۱۶۸-۱۶۹، ۱۷۱، ۱۷۴، ۱۷۶-۱۷۷-۱۷۸، ۱۸۰، ۱۸۲، ۱۸۷-۱۸۸، ۲۰۲، ۲۲۲، ۲۲۵-۲۲۶، ۲۲۸، ۴۶۸، ۵۳۱ - ۵۳۲، ۵۳۷، ۵۴۰، ۶۱۶، ۶۲۱
محمد بزرگ سيد ۵۱۹-۵۲۰
محمد بزرگ ميرك ۵۰۰
محمد بن احمد ۳۱۸
محمد بن بايزيد ۳۰۸
محمد بن جعفر ۳۱۸
محمد بن چنيه چام ۲۵۵
محمد بن حسن ۳۱۸
محمد بن حنفيه ۳۴۴
محمد بن شيبان ۳۳۱
محمد بن عبدالله ۲۸۹، ۳۳۷

محمد بن علي ٣٣٤
محمد بن عمر ٢٨٩
محمد بن غياث‌الدين سلطان ٣٤٩
محمد بن قاسم ١٢١، ٢٤٤، ٣٣١، ٣٣٣، ٤٤٤
محمد بن محمد حسين ٦١٣
محمد بن موسى ٣٣١
محمد بن هارون ٣١٨
محمد بيگ ٢١٤-٢١٥، ٢٤٢، ٥٨٢
محمد تاشقندي ٥٨٢
محمد تغلق سلطان ٢٩٨
محمد تقي ٥٣٢، ٥٨٣
محمد تقي سيد ٣١٣، ٣٢٢، ٣٤٢، ٦٢٠
محمد تقي شيخ ٥٥٢
محمد تقي ميرك ٤٩٩-٥٠٠
محمد ثاني سيد ٤٩٥
محمد پناه رجا ٣٨٠، ٥٦٤، ٥٩٩
محمد پناه شيخ ٥٩٣
محمد پناه ميرك ٤٩٩، ٥٦٠
محمد جعفر چتو ميرك ٤٩٩
محمد جعفر سيد ٤٩٠، ٥٠٦
محمد جواد ٥٨٣
محمد حافظ ميان ٥٦٣، ٥٤٦
محمد حامد ٥٤٤
محمد حسين بن محمد اشرف ٣٩٩، ٥٤٦، ٥٥١
محمد حسن شيخ ٥٨٩
محمد حسن مير ٢٤٩
محمد حسين پير مراد شيرازي ٤٦٠، ٦١٢
محمد حسين سيد ٤٣٣، ٤٦٧، ٤٧٢، ٤٧٥-٤٧٦، ٤٨١، ٤٨٤-٤٨٥، ٤٩٠-٤٩١، ٥١٨
محمد حسين شوقي ٥٩٧
محمد حسين صفائي ٤٧٣
محمد حسين قاضي ٤٨٨، ٥٣٤-٥٣٥، ٥٣٦، ٥٤٦، ٥٥٣، ٦١٣
محمد حسين مرزا ٢٥٢
محمد حسين مولانا ٥٨٥
محمد حسين مير ٣٢٩، ٥٢٣-٥٢٤، ٥٩٥
محمد حسين ميرك ٥٠٠
محمد حفيظ ٣٤١، ٥٣٥، ٥٤٥، ٥٦٠
محمد حيات سيد ٤٧٨
محمد خان بن دريا خان ١٤١
محمد خان بن يارمحمد ٢٦٢
محمد خداداد خان ٢٧٠-٢٧١
محمد خليل خان نواب ٢٤٨
محمد خليل خواجه ٥٢٢
محمد خليل قاضي ٤٣٩، ٥٤٣-٥٤٤
محمد خليل سيد ٤٧٦
محمد خليل مهردار ٦٢١

محمد خواجه بن احمد خواجه ٥٢٠-٥٢١
محمد دائود خان ٢٦٤، ٥٢٤
محمد دماغي ٥٤٧
محمد ذاكر ٥٦٢
محمد راشد پير ٣٢٧
محمد رحيم ٥١٦
محمّد رسول الله (صلعم) ١٤٢، ٢٩٧، ٣٠٣، ٣٠٥-٣٠٦، ٣١٢، ٣٣٦، ٣٤٧، ٣٨٤، ٣٩٣، ٤٣٠، ٤٤٢، ٤٤٣، ٥٥٠، ٥٥٢، ٥٥٤، ٦١٤
محمد رضا بيگ ٥٨٢
محمد رضا خليفه ٥٦٧
محمد رضا سيد ٥٢٤
محمد رضا شيخ ٣٢٦، ٥٢٨
محمد رضا قاضي ٥١٠، ٥٤٣-٥٤٤، ٥٥٣، ٥٨٤
محمد رضا مخدوم ٣١٤
محمد رضا هاشمي ٥٩٧
محمد رفيع شيخ ٣٥٨، ٥٢١، ٥٢٣، ٥٨٦، ٥٨٩
محمد رفيع مير ٥٠٩
محمد رفيق ٦٠٠
محمد زاهد ٥٣٢، ٥٨٤
محمد زاهد بن شاه عنايت الله ٤٢٩
محمد زكريا مير ٣٢٧
محمد زمان سيد ٤١٣، ٤٣٤، ٥١٠
محمد زمان شيخ ٣٨٥، ٤١٥، ٥٨٠، ٥٨٨
محمد زمان مرزا ٢٢٤
محمد بن سام، سلطان غوري ٢٨٨
محمد سرفراز ٥٦٦، ٥٦٩
محمد سعيد خليفو ٥٧٠
محمد سعيد سيد ٣٢٢، ٤٨٦، ٤٩٠-٤٩١، ٤٩٣
محمد سعيد شيخ ٥٨٤، ٥٨٨
محمد سعيد لاهوري ٣٤٤
محمد سيد واعظ ٥٦٥
محمد سلطان ميرك ٢١٦
محمد سليم ٥٥١
محمد سيد ٣٢٩-٣٣٠، ٣٤٣، ٣٦٣، ٣٦٥، ٤٣٦، ٤٤٦-٤٤٧، ٤٦٧-٤٦٨، ٤٧٢، ٤٧٨-٤٧٩-٤٨٠، ٤٨٥-٤٨٦، ٤٩٠، ٥١٩-٥٢٠، ٥٩٤
محمد شاه بادشاه ١٢٦، ٢٥١، ٣٣٠، ٣٣٦، ٣٤٣، ٥٠٢، ٥٥١
محمد شاكر بن ملا عبدالكريم ٥٥٣
محمد شاكر رضوي ٣٩٧
محمد شاكر شيخ ٥٥٦

محمد شاه سید ۴۹۵
محمد شجاع سید ۳۱۳، ۳۶۵، ۴۷۶، ۵۱۳
محمد شریف حافظ ۱۳۰
محمد شریف خواجه ۵۲۳
محمد شریف سید ۳۶۷، ۳۷۲، ۵۱۸
محمد شریف شیخ ۵۸۶، ۵۹۳
محمد شریف مخدوم ۴۰۶، ۴۰۹، ۴۳۹، ۵۴۸-۵۴۹
محمد شفیع آخوند ۵۶۸، ۵۹۸
محمد شفیع سید ۴۸۷
محمد شفیع شیخ ۵۸۸-۵۸۹
محمد شفیع مخدوم ۴۱۳، ۴۲۰، ۵۲۹، ۵۴۱، ۵۴۳، ۵۴۸، ۵۹۳
محمد شفیع میر ۲۴۸، ۵۰۹
محمد شفیع میرک ۴۹۸-۴۹۹
محمد شیخ ۳۶۱، ۳۶۹، ۵۹۲
محمد شیخ قاضی ۴۸۳، ۵۲۳
محمد شیخ میرک ۶۰
محمد صادق آقا ۲۵۲
محمد صادق خان ۱۹۰
محمد صادق سید ۴۹۰
محمد صادق مخدوم ۳۸۱، ۴۳۵، ۵۵۵، ۵۷۸
محمد صادق ملا ۵۸۵
محمد صادق مولوی ۵۶۵
محمد صالح ۴۲۰، ۵۴۱، ۵۹۱
محمد صالح آقا ۲۷۲، ۵۹۹
محمد صالح شیخ ۵۶۹
محمد صالح مرزا ۱۶۸-۱۶۹
محمد صالح میر ۱۷
محمد صدیق میر ۳۹۷
محمد صلاح قاضی ۵۴۳
محمد صلاح شیخ ۴۵۲
محمد صلاح محمد شاه ۴۹۲
محمد صلاح مثنوی خان ۵۴۷
محمد صوفی ۵۹۰
محمد ضیاء ۵۹۶، ۵۹۷
محمد طاهر ۳۲۲
محمد طاهر حاجی ۵۷۶
محمد طاهر سید ۴۷۵-۴۷۶، ۴۸۱، ۵۱۷، ۵۹۲
محمد طاهر مولانا ۵۵۰-۵۵۱
محمد ظهیر سید ۳۹۷
محمد ظهیر شیخ ۵۴۲، ۵۴۴-۵۴۵
محمد عابد سید ۴۸۱
محمد عابد مخدوم ۵۰۷
محمد عابد مشهدی ۳۷۸
محمد عابد میر ۵۱۶
محمد عابد میرک ۴۹۹
محمد عارف سید ۴۹۱
محمد عارف مخدوم ۲۳۰، ۵۴۸، ۵۹۰-۵۹۱

محمد عارف مير ٥٠١-٥٠٢
محمد عاقل مخدوم ٣٣٧، ٣٤٣، ٥٤١
محمد عالم ٣٨٣، ٥٦٢، ٥٩٣
محمد عالم مير ٥٠١-٥٠٢
محمد عبدالرشيد ٥٤٢
محمد عثمان ٣٠٧
محمد عطا مير ٥١٤
محمد عطرخان ميان ٢٧٣، ٢٧٦-٢٧٧، ٢٧٩، ٤٢٨
محمد عطوف ٥٨٦
محمد علي ديوان ٨٤[illegible]
محمد علي سلطان ١٩٥، ١٩٩، ٢٠٣-٢٠٤
محمد علي سيد ٤١٠، ٥١٩
محمد علي سيوستاني ٣٠٧، ٥٥٩
محمد علي شيخ ٣٠٨
محمد علي ملا ٢٣٠، ٥٣٢، ٥٤١
محمد عمر شيخ ٣٨٣
محمد غوث شيخ ٢٩٠، ٢٩٢-٢٩٣-٢٩٤-٢٩٥-٢٩٦، ٣٢٥، ٤٢٢
محمد غوث سيد ٢٩٥-٢٩٦، ٢٩٧، ٣٩٩، ٥١٤
محمد فاضل سيد ٤٧٦، ٤٩٠، ٤٩١، ٥١١-٥١٢، ٥١٩
محمد فاضل شيخ ٥٧٦، ٥٩٢، ٥٩٦
محمد فاضل قاضي ٣٢٤، ٤٣٩، ٥٥١
محمد فاضل مُلا ٥٩٢
محمد فياض ٥٩٦
محمد قاسم سيد ٤٨٠-٤٨١
محمد قاسم شيخ ٥٧٦
محمد قاسم قاضي ٥٤٣، ٥٤٥
محمد قاسم مُلا ٢٣٠
محمد قاسم مير ٥٠١
محمد قائم حاجي ٥٦٦-٥٦٧[illegible]
محمد قائم كوكلتاش ٢٧٩، ٢٨٣
محمد قائم مخدوم ٥٧٣، ٥٧٥
محمد قيوم ٥٤٤-٥٤٥
محمد كاظم سيد ٤٩١، ٥١١
محمد كاظم مرزا ٣٢٨
محمد كاظم ميان ٥٦٢
محمد كاربخش ٥١٩
محمد كامل مير ١٦[illegible]
محمد كريم آقا ٢٦٨-٢٦٩، ٥٩٩
محمد كريم شيخ ٥٤٠، ٥٥٦، ٥٨١، ٥٨٧
محمد كريم مولوي ٥٥٨
محمد كريم مير ٥١٤، ٥١٦
محمد كوكه مَلك ١٤٥
محمد لشكر شيخ ٤٢٢
محمد مُحسن سيد ٤٠٠، ٤٨٣، ٤٨٥، ٤٩١
محمد مُحسن شاه ٣٢٩

محمد محسن مخدوم ٥٤٢، ٥٦٤،
٥٩٩-٦٠٠
محمد محسن میرک ٤٩٩
محمد محفوظ شیخ ٥٨٩
محمد محفوظ قاضي ٢٧٣، ٥٣٥
محمد مخدوم ٣٣٧-٣٣٨، ٣٧٧،
٣٨٠-٣٨١، ٤٠٣، ٥٧٨
محمد مراد ٥٤١
محمد مراد سید ٣٠٤، ٦٠٥
محمد مراد یاب خان ٢٦٧-٢٦٨،
٢٧١-٢٧٢-٢٧٣-٢٧٥-
٢٧٦، ٣٣٠، ٣٤٠، ٣٧٦،
[illegible]٢٤
محمد مرتضي خواجه ٥٢٤
محمد مرزا ترخان ١٨٢
محمد مرید شیخ ٥٨٧
محمد مسعود شاه ولهاري [illegible]٧٣
محمد مسعود پشاوري ٣٤٤
محمد معزالدین ٢٤٣، ٢٦١، ٣٦٥
محمد معصوم خواجه ٥٨٠
محمد معصوم مخدوم ٣٢٥
محمد معصوم میر بکري ١٢١،
١٢٥، ١٢٧، ١٣٢، ١٣٦،
١٤٤، ١٤٦، ١٥١، ١٧٠،
١٧٦، ١٨٣، ١٨٩، ١٩٠،
٣١٢، ٣١٨-٣١٩، ٣٢٧،
٣٢٩، ٣٣٣، ٣٥٥
محمد معظم [illegible]٩١
محمد معین بن سلطان کابلي ١٩٩
محمد معین شیخ ٥٩٣
محمد معین مخدوم ٣٤٤، ٤٣٨،
٥١٠، ٥٥٨، ٥٦٣، ٥٦٥،
٥٦٨، ٥٧٤، ٥٨٧
محمد معین میرک ٥٠٠
محمد مقیم سید [illegible]٩١، ٤٩٣
محمد مقیم ملا ٢٣٠، [illegible]٩٤
محمد مکرم شیخ ٥٨٣
محمد مکي سید ٣١١، ٣١٣،
٤١٠، ٤٤٥، ٦٠٤
محمد ملا جهانگیري ٥٤٧، ٦١٦
محمد ملوک سید ٤٩٥-٤٩٦
محمد ملوک شیخ ٥٢٧
محمد منعم خان خانان ٢٥١
محمد منعم مخدوم ٦٠٠
محمد منعم میر ٣٩٠
محمد مهدي سید جونپوري ١٤١،
٢٥٦، ٣٥٣، ٣٧٤، ٤٣٦،
٤٦٠، ٤٦٦، ٥٠٤، ٥٣٣-
٥٣٤، ٥٣٧، ٦١٣، ٦١٧
محمد مهدي میرک ٤٩٨
محمد میان ٢٥٦، ٥٤٥، ٥٦٦،
٥٨٨، ٦١٥
محمد میر ٥٨٣، ٥٩٧
محمد میر خواجه ٥٢٥
محمد میر شیخ ٥٨٧

محمد مير قاضي ٤٠٠
محمد ناصر سيّد ٤٨٦-٤٨٧
محمّد ناصر ملا ٥٦٨
محمّد نصير خان ٢٠٧
محمد نصير مخدوم ٥٤٦
محمد نعيم شيخ ٥٨٣
محمد نعيم قاضي ٥٤٣-٥٤٤
محمد نعيم مير ٤٧٧، ٥٠٣، ٥١٧
محمد نعيم ميرك ٥٠٠
محمد نقشبندي ٤١٥، ٥٥٢
محمد نواز ٣٠٨
محمد وارث ٣٥٨
محمد واصل ٥٢٧-٥٢٨
محمد وفا لكوي ٣٤٥
محمد هاشم بن حافظ مير ٣٢٥
محمد هاشم مخدوم ٹٹوي ٣٤٤، ٥٢٢، ٥٦٣
محمد هاشم رضوي ٩٧
محمد هاشم سيّد ٥١٧
محمد هاشم عباسي ١٨٠
محمد هاشم مير اصفهاني ٣٢٣، ٥٠٢
محمد يار شيخ ٥٣٠
محمد يحيى قاضي ٣٤٩، ٤٨٥، ٤٨٩، ٥٣٥، ٥٤٠
محمد يعقوب قاضي ٥٤٣-٥٤٤
محمد يعقوب آخوند ٥٩١
محمد يعقوب شاه ٥٧٢
محمد يعقوب شيخ ٥٧٣
محمد يعقوب كشميري ٢٤٨
محمد يعقوب مخدوم ٣٨١
محمد يعقوب مير ٣٣٠
محمد يوسف سيد ٤٣٢، ٥٠٣-٥٠٤، ٥٠٦، ٥٠٩-٥١٠، ٦٠٨
محمد يوسف عزيز مصر ٥٧٢
محمد يوسف مخدوم ٣٨١، ٥٤٥-٥٤٦، ٥٩٢
محمد يوسف مير بكري ٢٤٨
محمدي قاضي ٣٣٨-٣٤٠
محمود بخاري سيد ٥١٠
محمود بن طيب شاه ٣١٧
محمود ثاني سيد ٤١٨
محمود خان ملك ٢١٨
محمود خليفو ٥٧٠
محمود راهوتي ٥٦٩
محمود سلطان بن فيروز لانگاه ٢٨٨، ٣٠٢-٣٠٣
محمود سيد ٣١٢-٣١٣، ٣٦٣، ٤٧٢، ٤٧٨، ٤٨٠، ٥٩٨، ٦٠٣-٦٠٤، ٦٢٣
محمود شاه سلطان گجراتي ٧٥، ١٥٥، ١٦١، ١٦٥، ٢١٨، ٢٥١-٢٥٢، ٣٠٩، ٣١٢، ٣١٨، ٣٢١، ٣٤٩
محمود شيخ ٣٢٨، ٣٣١، ٣٥٣، ٤٣٩، ٤٩٧، ٤٩٩، ٥٥٣

محمود غزنوي سلطان ٢٨٨
محمود قاضي ٣٩٨-٣٩٩، ٥٣٢، ٦١٨
محمود ملا ١٦٨
محمود ميان ٥٨٠
محمود مير ٥١٨
محمود ميرک ٥٠١
محي‌الدين بن العربي شيخ ٣٤٢
مخدوم جعفر بوبکائي ١٣٨
مخدوم جهانيان ٢٩٨ - ٢٩٩، ٣٠٢، ٣٠٦-٣٠٧
مخدوم حاجي سبز واري ٥٤٥
مخدوم حيات ٣٠١
مدني ميان ٤٠١
مراد بخش ٢٩٣
مراد بنت شرفو ٦١٨
مراد پليجو ٦١٣
مراد سيد ٣٠١، ٤١٧، ٦٠٧
مراد شيرازي ١٣٥، ٤٨١، ٦٠٦، ٦١١، ٦١٨
مراد علي سيد ٤٩١، ٥٢٥
مراد علي مير ١٢٢
مراد کليري ٢٦٦
مراد مخدوم ٣٨٥، ٣٨٧
مراد مرزا ٢٣٣
مراد يو ميربحر ١٧٧، ١٨٠
مراد يو سيد ٣٦٣
مرتضي خواجو ٥٢٣
مرتضي سيد ٣١٨، ٤٨٠
مرتضي شيخ ٦٠٠
مرتضي مير ٣٢١، ٥٠٨
مرزا بيگ ترخان ٢٢٥
مرزا جان ١٩٧، ٥٩١
مرزا خان پني ٢٥٨، ٢٦٠
مرشد ملا ٢١١، ٢١٧
مريد بلوچ ١٧٠-١٧١
مريد خان نواب ٢٣٢-٢٣٣
مريد کوکا ١٦٨
مستي خان جويو ٢٦٨
مسعود سيد ٢٩٥
مسعود شاه ٥٧٢
مسعود شيخ ٢٩٠، ٣٨٣
مسعود قاضي ٣٩٨-٣٩٩
مسکين ترخان ١٥٠-١٥١، ٢٢٤
مسکين شاه ٦٠٣
مسو فقير ٢٧٠
مصطفي خان مرزا ٢٣٣-٢٣٤
مصلح الدين ١٤٢
مظفر خان ٥٩١
مظفر خان جهانگيري ٢٣٨
مظفر درس ٤٢٠
مظفر سيد ٤٩٤-٤٩٦
مظفر شاه سلطان گجراتي ١٣٧، ١٤٣، ٢٩٩-٣٠٠

مظفر شاه ٣٢٣
مظفر علي خان ٢٦٩
مظفر مرزا ترخان ١٦٩، ١٨٢، ١٨٥، ١٨٤، ٢٠٠، ٢٣٣
معتصم بالله ٣٣٤
معروف بن محمد ٣٣٤
معروف قاضي ٣٢٠، ٤١٨
معزالدين جهاندار شاه ٢٤٨، ٢٦٣
معين الدين مير ٣٢٣، ٥٦٤
مغل بيگ ارغون ٣٨٨
مغل پين شيخ ٤٣٤
مغل خان نواب ٢٣٩
مقبول ميان ٤١٨
مقصود شاه ٣١٥
مقصودو ٢٦١، ٢٤٥-٢٤٦-٢٤٤، ٢٤٩، ٢٨١
مقيم سلطان ٢٠٢، ٢١٦، ٢٢٣
مقيم شاه سيد ٤٣٤
مكن شيخ ٣٥٠
مكسي قوم ١٤٨
ملا آري مخدوم ٤٥٥
ملا جاني بندري ٢٢٨
ملا خليفو سنڌي ٦٢٠
ملا سروري ٥٨٤
ملا مير سبزواري ٣١٩، ٥١٤
ملتفت خان ٢٣٨
ملک تاج كافوري ١٢٥
ملک محمد فراخي ١٨٥
ملوک مخدوم ٦٢٨
ملوک شاه سيد ٤٤٨، ٥٠٢، ٥٤٤-٥٤٦
ممنون شيخ ٣٥، ٢٩٦، ٦٢٠
منبه بن داؤد ٤٢٤
منبه پير ٦٢٨
منبه سيد ٤٨٤، ٦٠٢، ٦١٥
منصور سيد ٣٤٩، ٤٤٣، ٤٤٥-٤٤٤-٤٨٦
منعم بيگ ٢٣١
منعم خان ٥٣٨
منعم مير ٥٥٢
مگيلڏو شيخ ٤١٩، ٤٤٠
مگيلڏو سيد ٤٩٠
منور قاضي ٣٨٥
منو مير ٢٣١
موج دريا سيد ٣٥٢
موج دريا ملا ٦٢٢
مودودي مسكين ٣٠٩
مودي خان ٢٠٩
موسىٰ آخوند ٣٢٥
موسىٰ بن طائي ٣٣١
موسىٰ بن يعقوب ٣٣١
موسىٰ درويش ٤١٠
موسىٰ سيد ٣١٢
موسىٰ شاه ٣٣٦، ٣٤١

موسى شيخ ٢٩٣، ٣٦٦، ٣٩٢، ٤١٦، ٥٨٢، ٥٨٨
موسى كاظم ٣٦٣، ٦١٩
موسى نبي ٣٧٤
مولو دولتراء ١٩١، ٤٧٤
مولڊنو سيد ٤١٢، ٤٨٨
موهن ٣٧٠
موهو چار ٢٧٠
مويد خان سيد ٣٧٢
مهابت خان ٢٥١، ٥٤٧، ٥٩١، ٥٩٧
مهتر عسل ٢٣٠
مهيان اميري ٢٦٦
مهدي سيد ٣٤٩، ٥٩٣، ٥٩٩
مهرچار ڏيسر ١٧٨
مهردين ٦٢٧
مهرسيد ٤١٣، ٥١١
مهرشاه ٤٠٣
مهرعلي مير ٥٠٩، ٥٣٦
مهين خان نواب ٢٤٧-٢٤٨
ميان مير ٣٥٥، ٤٠١
مير افضل شاه ٣٢٥
ميران محمد (ڏسو محمد مهدي سيد)
مير بابا ٢٤٩
مير سيد ٣٣٥-٣٣٦، ٤٩٥
مير سيد ڪلان ٣٥٥
ميرڪ شيخ پوراني ١٥٨
ميرڪ شاه سيد ٤٨٩
ميرمحمد ٢٦١-٢٦٢، ٢٦٤، ٣٢٩، ٥١٨، ٥٩٣
ميرمحمد ساربان ١٣٥، ١٥٩
ميرمحمد شيخ ٣٥٣، ٣٩٧
ميرمحمد گدا ٥١٥
ميرمحمد مير ٥٠٢
ميرمحمد ميرڪ ٤٩٨
مير مرتضي خواجه ٥٩٤
مير ميران ٣١٤، ٣٢١
مير نواب ٣٩٨
ميرڻ شاه ٢٦٠
ميرڻ ڪاتيار ٤٠٦
ميرو بلدي ٢٦٦
ميرو رند ٢٦٦
ميون سيد ٤١٤

ن

نادرشاه ٢٦٧، ٢٧٠، ٢٧١، ١٨٩، ٣١٢، ٣٢٥، ٣٧٦، ٤٤٢، ٤٩٩، ٥١٥، ٥٨٦، ٥٨٩
نارائنداس شجاعت خان ٢١٦
نارو ملا ٤٥٥
ناصر شيخ ٥٣٩
ناصرالدين ميان ٣٥٨
ناصرالدين سيد بکري ٣١٧
ناصرالدين محمود سيد ٢٩٩، ٣١٢

ناصرالدين قباچه ٢٩٣
ناگودر ٽيپو ٣٦٩
ناگوريه ٽيپو ٤٤٧
نبي بخش خان بلوچ ١٢٢
نٿو سيد ٣٦٣
نجم الدين شاهه ٣٩٦
نجم الدين مير ٤٨١، ٥١٠، ٥٢٣
نجم الدين مخدوم ٣٦٧
نسيم الدين ٤٨٢
نصرالله قاضي ٣٥٣، ٥٤٦
نصيرالدين شيخ ٣٨٣
نصيرالدين شيخ دهلوي ٢٩٨
نصيرالدين سيد ٣٠٨
نصيرخان بروهي ٣٤٤
نصيرمحمد ٢٦٠
نظام الدين، جام سمو ١٢٩-١٣٠، ١٣٣، ١٣٧، ١٤٠-١٤١، ٣٨٠-٣٨١، ٤٦٠، ٤٦٣، ٤٧٤، ٤٧٧، ٥٣٣، ٥٣٦، ٥٩٢
نظام الدين سيد ٣٠٢، ٣١٣، ٣١٧، ٤٨٤، ٤٨٧-٤٨٨، ٤٨٩، ٤٩٠، ٥١٩
نظام الدين شيخ ٤٥٠
نظام الملڪ نواب ٥٨٨
نظر شاهه ٣٥٢
نظرعلي سيد ٣٨١
نعمت‌الله سيد ٤٧٤، ٤٨٢، ٤٨٧، ٥٩٣
نعمت‌الله شيخ ٥٦٩، ٥٨٧، ٦١٠
نعمت‌الله قاضي ٢٢٧، ٤٦٦-٤٦٧، ٥٣٠، ٥٣٢
نعمت‌الله مخدوم ٣٨٠، ٣٨٣، ٥٦٤
نڪامره قوم ٢٣٦
ننڍو جام (ڏسو) نظام الدين جام
نوبهار سيد ٣٠٤
نوح ڪيبرائي ٣٩٠
نوح بکري ٣١٥
نوح مخدوم ١٩١، ٣٢٧، ٣٥٦، ٣٦٧، ٣٧٤، ٣٨٢-٣٨٣، ٣٨٤، ٣٨٦، ٤٠٢، ٤٠٦، ٤٠٨-٤٠٩-٤١٠، ٤١٤، ٤١٨، ٤٢٣، ٤٢٩، ٤٣٢-٤٣٣، ٤٤٥، ٤٥٨، ٥١٢؛ ٥٦٢، ٦١٣-٦١٤-٦١٥-٦١٦
نوراحمد ٥١٤
نورالحق ٣٥٧
نورالله شاهه ٣٩٦-٣٩٧
نورالدين شيخ ٢٩٠، ٤٠٨، ٦٢٢
نورالدين مخدوم ٣٧٥
نورالدين مير ٣٢٣

نورالله قاضي ٣٠٤-٣٠٥، ٤٨٢
نور پري ٣٩٨
نورجهان بيگم ٥٤٧
نورشاه سيد ٣٥١، ٥٢٥
نورمحمد بن ابراهيم ٤٢٧، ٥٩٩
نورمحمد پليجو ٢٥٠
نورمحمد سيد ٣٢٢، ٤٨١، ٤٨٥، ٤٨٧-٤٨٨، ٤٩٠
نورمحمد شيخ ٥٣٤-٥٣٥
نورمحمد مخدوم ٥٦٢، ٥٦٧، ٥٨٣، ٥٨٦
نورمحمد ملا ٣٢٤
نورمحمد ميان كلهوڙو ٢٥٣، ٢٦٢، ٢٦٥، ٢٧٣، ٢٧٩، ٣٠٦، ٣٢٣-٣٢٤، ٣٣٨، ٣٤٤، ٣٥١، ٤٠١، ٤٤٢، ٥٦٧، ٦٠٠
نورمحمد واعظ ٥٧٦
نورنگ مخدوم ٤١٠
نُوري ١٢٩، ٤٥٥
نول غوري ٣٠٩
نوناصرالدين ٣٠٤
نيهارقوم ٢٦٣
نهال شاه ٣٥٢، ٣٥٧، ٤٤٨
نيازعلي ٥٠٩

و

واصل بن عطا ٢٣٨
ونو مجذوب ٦٢٧
وجه الدين سيد ٤٨٢، ٤٨٦، ٤٩٥
وجه الدين شاه ٣٩٧
وجه الدين شيخ ٢٩٠، ٣٨٣-٣٨٤
وجه الدين قاضي ٥٣٢
وجيه الدين شاه ٦٠٦، ٦٢٠
وجيه الدين ميان ٣٥٨
ورايو سيد ٣٠٤
ورايو ميرك ٥٠٠
ورو پير ٤٠٢
ورياه ٥٢٨
وطايو مجذوب ٤٢٦، ٥٤٧، ٥٥٠
ولايت شاه ٣٤٥
ولي محمد ٥٢٦
ونهيون شيخ ٣٩٤، ٤٠٩
ويسر حاجي ٤٢٣
ويرسال راٺو ١٦٠

هه

هاجره بيبي ٩٩
هادي سيد ٣٤٩
هارون بن عبدالله سيد ٣٦٣
هارون سيد ٣١٨، ٤٤٧
هارون مخدوم ٤٠٢، ٤١١، ٥٦١
هارون مگريه ٣٦٩
هاشم بن همام ٣١٨

هاشم چند ٢٥٦
هاشم شاه ثاني ٣٩٦، ٣٩٩
هاشم مخدوم ٥٦٥
هالو جام ٢٠٥
هالو سهتو ٣٧١
هالو مخدوم ٣٩٢
هدايت الله ٤٣٩، ٥١٩، ٥٩٣
هلاكو خان ١٤٢
همايون بادشاه ١٥٥، ١٥٧، ١٦٠، ١٦٢، ١٦٤-١٦٥، ٢٢١، ٢٢٤-٢٢٥، ٣٠٥، ٣١٢، ٣١٦، ٣٢١، ٥٢٢، ٥٣٧
همت دلير خان ٢٥٣
همون ميان ٤٠٨
هندو خان، سائينڈنو ٢١٦، ٢١٨، ٢٣٢
هوت خان ٢٦٤
هوتي جام ٢٧٠
هوتي شيخ ٣٦٨-٣٦٩، ٣٩٣
هوندو شورو ٢٦٩
هيبت خان ١٤٣

ي

يادگار مرزا ١٥٩-١٦٠، ١٨٧
يار محمد سيد ٣٠٩، ٣٩٧، ٤٩٢، ٥٠٩، ٥٥٥، ٥٨١
يار محمد مولانا ٣٢١، ٣٦٠
يار محمد ملا ٥٩٧
يار محمد ميان ٢٦١-٢٦٣، ٥٤٦، ٥٦٢
يحيٰ بكري ٣١٩
يحيٰ شيخ ٣٠٧
يحيٰ مخدوم ٢٣٧
يعقوب ٥٩٩
يعقوب بن طائي ٣٣١
يعقوب پليجو ٤٥٠-٤٥١
يعقوب علي ١٨٧، ١٩٨
يعقوب سيد ٣٢١، ٣٦٤، ٤٤٠، ٤٥٧، ٤٧٧-٤٧٩
يعقوب شيخ ٥٧٠، ٥٧٥-٥٧٦، ٦٠٢، ٦١٥
يعقوب ملا ١٩٨
يعقوب مولانا ٥٣٧
يعقوب مير ٢٥٩
يوسف خان نواب ٢٤٧
يوسف سهتو ٥٨١
يوسف شيخ ٢٨٨، ٢٩١، ٣٦٧، ٤٢٢
يوسف مخدوم ٤١٣-٤١٤
يوسف ملا ٤٢٦، ٥٧٧، ٥٩٢
يونس مير ارغون ٢٢٤
يونس سيد ٣٦٣، ٤٠٩

فهرست نمبر -٣
ماڳن مڪانن جا نالا

الف

آباد (قلعو) ٢٨٠
آب جو قلعو ١٢٦
آريسر تعلقو ٢٦٩
آڪر ٤٧٨، ٤٨٤، ٥٤٩، ٥٥٣-
٥٥٤، ٦١٣-٦١٤
آگرو ٢٣٣
آمري ٣٦٤، ٣٧٠، ٣٧١، ٤٠٢،
٤٠٣، ٤٢١
ايا (ڪونڙي وٽ) ٤٠٠
اپلان ٤٢٩
اُچ ١٤٩، ٢١٩، ٢٦١، ٢٨٧،
٢٩٤، ١٩٧، ٣٠٨، ٣٣١، ٥٢٣
اچاوڙو ١٣٣، ١٤٨، ٢٧٩
احمد آباد ٢٩٩-٣٠٠، ٣٠٢
اڏيپور ٢٦١، ٢٧٦
اڏيجا ٤٠٧
اردن ٢٨٧
اروڙ ١١٣-١١٤، ١٤٤، ٣١١-
٣١٢، ٣١٦، ٣٣٠، ٣٤٨،
٣٦٣، ٤٦٣
اصفهان ٢١٨
اڪبر آباد ٣٦٧
اڪڙي ١٣٦
اڪليسر، پرڳڻو ٥٥٣
اگهمر ڪوٽ ١٤٥، ٢٦٨، ٤٠٧،
٤٠٩، ٥٥٧
الله آباد ٣٣٣
الله آباد (سنڌ) ٢٧٥، ٢٧٧
امرڪي ٢٧٦، ٣١٥
اميرپور ٢٣٦
انڙپور ١٩١، ٣٩٠
اونوال ٢٦١
اوچ ٢٧٤
اورنگا بندر ٢٢٧، ٤٣٩، ٤٤٠،
٥٤٤
ايران ٢٨٩، ٣٥٦، ٤٧٨، ٥٢٢

ب

بارگاهه واه ٢٠٠
بازار اميربيگ ١٧٢، ٢٣١
باسي بندر ٥٦٢
باغبان ١٤٤، ٣٥٤، ٣٦٠
ٻٻالائي ٥٢٠، ٦٠٨-٦٠٩
ٻتوه (گجرات) ٣٠١-٣٠٢
ٻنورو ١٥٨، ١٦١، ١٦٥، ٢٣٧، ٢٥٠،
٤١٥، ٤٢٩-٤٣٠، ٤٩٦، ٥٤٠

بخارا ٣٠٥
بدين ١٦٩، ١٨٢، ١٨٥-١٨٦، ٢٧٠، ٤١٢، ٤١٦، ٥٥٩
برلس، برلس ٢٥٥
برهانپور ٤٨٤، ٥٤٢
برهمن آباد ١١٣، ٣٤٢
بستا بندر ٢٨٠، ٢٨٢
بغداد ٣٢٧، ٣٣٤، ٣٤٣، ٣٦٣، ٦١٥
بڪار ٣٣٥، ٤٦٤
بڪيرا ٣٩٩، ٤٠٢
بکر ١٢٤-١٢٥، ١٣٢، ١٣٤، ١٤٠، ١٤٥، ١٤٨، ١٥٠، ١٥٦، ١٥٨-١٥٩، ١٦١، ١٦٤-١٦٥، ١٦٧، ١٧٠، ١٨١، ٢٠٨، ٢١٣، ٢٣٤، ٢٤٠، ٢٥٨، ٢٦٠-٢٦١، ٢٦٣، ٢٦٥، ٣١٣، ٣١٨، ٣٢٠-٣٢١، ٣٢٣-٣٢٤، ٣٢٦، ٣٣٠، ٣٣٢، ٣٣٥-٣٣٦، ٣٥٣، ٣٥٦، ٥٠١، ٥٠٣، ٥٠٤-٥٠٥-٥٠٦، ٥٣٤، ٥٤٣، ٥٥١، ٥٥٨
بلوي ٢٥٠، ٤٣١، ٥٠٦
بلوچستان ٣٤٤
بمبئي ٢٧٣، ٥٢٥
بنگالو ١٥٧
بوبڪان ٣٧٤، ٤٢٣
بوهري ١٩٠-٣٩١
بهار ٢٣٣
بهاوالدين پور ٥٢٩
بهاول پور ٢٦٦
بهرار پور ١٢٤، ٢٣٧، ٤٣٥
بهلطور، قلعو ٣٣٣
بيجڪ ٣١٩
بيڪانير ١٦٠

پ

پاج (ڪاڇي جي جبل ۾) ٢٥٦
پانيرا ١١٤، ٣٣١، ٣٦٣
پالوٽ ٣٨٦
پالي خان جو محلو (ٺٽي ۾) ٢٣٠
پٽ شاھ ٣٨٧
پٽي ٢١٩، ٤١٠
پڄ ٢٨٠
پرالو ٢٥٦، ٣٤٥
پڳو ٽوڙهو ٣٠١
پنيور ٤٦٤
پيا ڪوٽ ٤٣٥
پيلاٽي ٣٤٦

ت

تاين پرڳڻو ٢٦٦
تبريز ١٤٢
تغلق آباد (ڪلان ڪوٽ) ١٤٨، ١٩٦، ٢٤٢-٢٤٣، ٢٥٦، ٤٦١

تلهار ٢٥٧، ٢٦٨، ٢٧٢، ٤١٢،
٤١٩، ٤٥٦
ترمذ ٢٢١
توركي گوٹ ٢٢١، ٣٣٣، ٣٩٣
تهورو ٢٦٣

ٽ

ٽو ٢٥٨، ٢٧٢، ٢٧٥
ٽرڙي ٤٦٤

ٿ

ٿلتي ١٣١، ٣٥٩، ٥٣٧

ٺ

ٺارو هگورو ديهه ٢٧٢
ٺٽو ١٢٥، ١٢٧، ١٣٢، ١٣٣،
١٣٦، ١٤٠، ١٤٣، ١٤٧،
١٤٨، ١٥١، ١٥٦، ١٥٩،
١٦١، ١٦٥-١٦٦، ١٦٩،
١٧١، ١٧٣، ١٧٦، ١٧٩،
١٨٢، ١٨٧، ١٩٣، ١٩٦-
١٩٧، ٢٠١-٢٠٢، ٢٠٤،
٢١٠، ٢١٢، ٢١٤، ٢١٦،
٢١٨، ٢٢٥، ٢٢٩، ٢٣٢،
٢٣٤، ٢٤٣، ٢٤٦، ٢٤٩،
٢٥١، ٢٥٣-٢٥٤، ٢٦٧،
٢٦٩، ٢٧١، ٢٧٣، ٢٧٨-
٢٧٩، ٢٨٣، ٣٠٧، ٣١١-
٣١٢، ٣١٩، ٣٢٤، ٣٢٦،
٣٢٨، ٣٣٦، ٣٤٨، ٣٥٦،
٣٦٤، ٣٨٠، ٣٨٤، ٤٠٢،
٤١٠-٤١١، ٤١٣-٤١٤، ٤٢٦،
٤٢٨، ٤٣٢، ٤٣٦، ٤٣٨،
٤٤٠، ٤٥٦، ٤٦٠-٤٦١،
٤٦٣-٤٦٤، ٤٧١، ٤٧٣،
٤٧٧-٤٧٨، ٤٨٠، ٤٨٢،
٤٨٤، ٤٨٨، ٤٩٣-٤٩٤،
٤٩٧، ٥٠١-٥٠٢، ٥٠٤،
٥٠٦، ٥٠٨، ٥١٠، ٥١٣-
٥١٤، ٥١٧، ٥١٩، ٥٢١،
٥٢٣، ٥٢٥، ٥٢٨-٥٢٩،
٥٣٢، ٥٣٤، ٥٣٧-٥٣٨،
٥٤١، ٥٤٧، ٥٥١، ٥٥٤،
٥٥٦-٥٥٧، ٥٦١، ٥٦٣،
٥٦٨، ٥٧٠، ٥٧٢، ٥٧٤،
٥٧٩-٥٨٠، ٥٨٢، ٥٨٧،
٥٩١-٥٩٢، ٥٩٤، ٥٩٥،
٥٩٧، ٥٩٩، ٦٠٢-٦٠٣،
٦٠٥، ٦٠٨، ٦١٠، ٦١٢،
٦١٥، ٦٢١-٦٢٢، ٦٢٧
ٺل ٣٦٩

پ

پاٹ ١٥٩، ١٦٤، ٣٣٤، ٣٥٨
پب جبل ٣٦١، ٦٣٣
پٽ باران ٢٦٤، ٣٧٤
پٽن ٢٩٩
پٽنهه ٢٣٣
پٽن ١٥٥-١٥٦

پيري ٣٣٧

پُران (درياءُ) ٤٠٢، ٤١٢،
٤٢٠–٤٢١

پکار ڪوٽ ٤٣٧

پليجار ٢٣٧، ٤٥٣

پنجاب ٣٣١

پوپراڻي ٣٢١

پوچر ڪوٽ ٤٠٦

پورھ ٢٦٩

پهلي پرڳڻو ٢٦٦

پير پدر ٢٣٤

پير پٺو ٢٣١، ٢٧٥، ٤٣٢،
٤٥٩، ٥٩١

ج

جاڙو جبل ٢٨٠

جاڻيھ ٢٨٥

جتوئي ٢٦٥

ججو واھڻ ٢١٩

جرم ديھ ٣٤١

جگت پور ٤٨٥

جلال آباد ٣٤٤

جلوگير ١٣٦

جنهور ١٦٤

جوڌ پور ١٦٠

جون ١٦١، ٤٠٩، ٤١٠، ٤١٦

جوبو قلعو ٢٧٩

جهان آباد (دهلي) ٤٨٩، ٤٩٥،
٥١٨، ٥٣٨، ٥٤١، ٥٤٤،
٥٤٥، ٥٥١، ٥٥٨، ٥٦٢،
٥٧٢–٥٧٣، ٥٨٣–٥٨٤،
٥٩٦–٥٩٧، ٦١٣،

جهيجا ٢٢١، ٣٨٩، ٥٥٢

جيسلمير ١٦٠، ٢٧٢، ٣٨٨

جھ

جھم ٤٥٤–٤٥٥

جھوڪ ميران پور ٢٥٠، ٣٦٥

جھول ٦٢٠

جھونا ڳڙھ ٥٥٥، ٥٦٦، ٦١٩

چ

چاچڪ ١٤٧، ٢٦٤، ٢٧٧، ٤١٦

چاچڪان ١٨٢، ١٩٣، ٢٢٩،
٢٨٩

چانڊوڪي ١٣٦، ٢٥٥، ٢٥٦–٢٥٧

چتر ڪوٽ ٣٣٤

چتر بار ٢٥٧

چتور ١٥٥

چنيھ پيلو ٢٥٦

ح

حاجي منگھي جو لونو (ڪوھ)
٦٣٥

حبيباڻي، جليباڻي ٢٠٨

حجاز ١٦٠، ٣١٧، ٣٨٢

حجام ٢٦٣

حرمين شريف ٣١٢-٣١٣، ٣٥٣، ٣٦٢، ٤٦٢، ٥٠٢، ٥٥٦، ٥٦٢، ٥٧٨
حسار پور ٢٩٣
حويلي پرگڻو ٣٠١
حيدرآباد ٢٨١، ٣٣٧، ٥٥٣

خ

خانپور ٢٦٤-٢٦٥، ٢٨٠، ٣٣٩
خانوٽ ٣٨٧
خداآباد ٢٦٢، ٢٦٤، ٢٧١، ٢٧٥-٢٧٦، ٢٧٩، ٣٧٦، ٥٨٣
خراسان ١٤٢، ٢٣٢، ٣١٧، ٣٣٢، ٣٥٦
خورد ٤٧٢
خورسڪان ٢١٨
خوشاب ٢٤٧
خيرپور ميرس ٣٣٧

د

داسوڙي ٣٧٤
دائرو ڳوٺ ٤٣٠
دبلي، دبلي ٢٦٥
دپو ٤٥٣
دبي ٢٠٦، ٢٦٤، ٤٣٠
دجلو ١٤٢
درپيلو ١٤٨، ١٧٣، ٢٦٣، ٣٠٦
درڪ پرگڻو ١٢٠، ٢٣٠، ٦٢٠
دره سيوي ٢٥٧
دشت باران ٣٤٨، ٣٦٨-٣٦٩، ٣٧١-٣٧٢
دکن ٤٢٦، ٥٤٢
دلاور قلعو ١٥٠، ١٦٠
دورنگ ڳوٺ ٢٦٤
دهلي ١٢٥-١٢٦، ١٢٨-١٢٩، ١٣١، ١٤٨، ١٥٥، ٢٢٩-٢٣٠، ٢٨٨-٢٨٩، ٣٩٠، ٣٩٩، ٤٠٣، ٤٠٧، ٤٥٨، ٥٤٣، ٥٨٧
ديپال ڪانگڙي ٢٥٥
ديرو ٢٦٠، ٢٧٤
ديرو غازي خان ١١٤، ٢٨١-٢٨٢، ٣٠٨، ٥٩٠
ديره ٢٦٤، ٢٨٠-٢٨١، ٤٣٧
ديول بندر ٤٤٤، ٤٦٤، ٤٩٤

ڏ

ڏاراجا ٢٣٦، ٢٦٧، ٦٢٣-٦٢٤
ڏاراچي ٢٦٩
ڏائي ٢٥٦
ڏورکي ٥٠١

ڌ

ڌنيو ٢٦٤
ڌوبو ڳوٺ ٥٤٦

ڊ

ڊيرو ٢٥٧، ٣٤٧

ڏ

ڏاڏار ٢٦٦
ڏوري هنگورو ۴۴۷

ر

راجپوتانا ٥۴۴
راڏنپور ١[illegible]-١٥٦
راڻيپور ٣۴٣
راور، پرڳڻو ٢٣٢
راهوت ۴٣٠، ۴٣٢
رائدن ڳوٺ ۴۴٩
رٻڙي ٢٨٨
رجب ڳوٺ ٢٦۴
رسول آباد ٥٧٥، ٦٢٢
رفيان ١٧٣
رڪن پور ۴۴٥-۴۴٦
روپاهه ٢٦٥، ٣٣٥، ٥٦٣
روهڙي ١۴۴، ١٥٧، ١٧٠، ٢٥٦،
٢٧٩، ٣١١، ٣١۴، ٣١٦،
٣١٩، ٣٢٣، ٣٢٦، ٣٣٥-
٣٣٩، ٣۴٥، ٣٩٥
ريڍه ڳوٺ ٣٧١
ريل ٣٦٦-٣٦٧-٣٦٨
رين ندي ٣٧١

ز

زيڊي ڳوٺ ٢٦٢

س

سابرمتي ٣٠٠
ساڏ پيلو ١٦٥
ساڪرو ١٣٩، ٢٠١، ٢٠٣، ٢٠٦،
٢٧٨، ٢٧٩، ٦٢٠
ساڪوره ۴٦۴، ۴٩۴
ساڪره درياء ٣٦٩، ٣٩٣
سالوج قلعو ٣٣٣
ساموئي ١٢٠، ١٢٧، ١٣٦، ٢٠٧،
۴٣٢، ۴٥۴، ۴٥٦-۴٥٧،
۴٥٩-۴٦٠-۴٦١، ۴٦٣،
۴٦٦، ۴٧٧-۴٧٨-۴٧٩،
٦١٠، ٦٢٢
سانڪرو، سانڪره ٢٢٣، ٢٥٦
سانوهه ماڪ ٢٦٢
ساهتي پرڳڻو ٢٥٩
سبزوار ٣٢٨
ستيار ۴۴٩-۴٥٠
سرو ٢٥٦
سرواهه ٣٣٣
سڪرباري ڳوٺ ٣٧٠
سکر ٢٥٧، ٣١١، ٣١٩، ٣٢٦-
٣٢٧-٣٢٨، ٣٣٠، ٣۴١،
٣۴۴، ٥٠١
سلطانپور ٣٠٥
سماواتي ٢٦۴، ۴٠١
سمرقند ٢٢١

سن ۱۲۶، ۱۷۶، ۳۶۵
سنبل پرگنو ۲۳۳
سندري قلعو ۲۸۰
سند پچه گوٹ ۱۳۶
سند ۲۰۲، ۲۰۹، ۲۲۱، ۲۶۱، ۲۶۸، ۲۷۱، ۲۷۳، ۲۷۶، ۲۷۸، ۲۸۷، ۲۹۱–۲۹۲، ۳۰۴، ۳۱۱، ۳۱۵، ۳۱۷، ۳۲۰، ۳۲۷–۳۲۸، ۳۳۰–۳۳۱، ۳۳۷، ۳۳۹، ۳۴۱، ۳۴۳، ۳۴۴، ۳۴۸، ۳۵۰، ۳۵۵، ۳۵۹، ۳۶۳–۳۶۴، ۳۶۷، ۳۶۹، ۳۷۵، ۳۹۰، ۳۹۲، ۳۹۴ ۴۰۲، ۴۱۰، ۴۱۲، ۴۱۷، ۴۲۲، ۴۲۸، ۴۲۹، ۴۳۷، ۴۴۱، ۴۴۲، ۴۴۴–۴۴۵، ۴۵۹، ۴۶۴، ۴۶۶، ۴۷۱، ۴۷۹، ۴۸۳، ۴۹۷، ۵۰۲، ۵۰۴–۵۰۵، ۵۲۴–۵۲۵، ۵۲۸، ۵۳۳، ۵۹۰، ۶۰۱، ۶۱۶، ۶۱۹
سوخته گهاٹ ۲۴۰
سورت بندر ۲۶۹، ۵۴۲، ۵۴۵، ۵۵۳، ۵۹۹–۶۰۰
سونڈا ۴۵۴–۴۵۵
سهار ۴۴۳
سهسه لنگ تلاء ۴۶۱
سيسم ۳۳۳
سيتهور ۱۱۴، ۲۸۷، ۳۰۹، ۳۲۱، ۳۳۳–۳۳۴
سيري ۳۳۰
سيوستان ۱۱۹، ۱۲۴، ۱۴۳–۱۴۴، ۱۳۸، ۱۵۹، ۱۶۱، ۱۷۲، ۱۸۱–۱۸۲، ۱۸۵، ۱۸۸، ۱۹۰–۱۹۱، ۱۹۷، ۲۱۲، ۲۳۹، ۲۵۵، ۲۶۱، ۲۶۷، ۲۷۶، ۲۹۸، ۳۳۱، ۳۳۳، ۳۴۸–۳۴۹، ۳۵۴، ۳۵۶، ۳۶۴، ۴۰۸، ۵۰۱–۵۰۲، ۵۱۳، ۵۸۹، ۵۹۱
سيوهڻ ۱۲۴–۱۲۵، ۱۲۷، ۱۳۲، ۱۴۳، ۱۷۳، ۱۸۹، ۲۰۹، ۲۱۳، ۲۲۵، ۲۷۹، ۴۳۰، ۴۶۳، ۵۳۲–۵۳۳
سيوي ۱۳۶، ۱۳۸، ۱۴۵–۱۴۶، ۱۴۸، ۲۱۳، ۲۵۷–۲۵۸، ۲۶۰، ۲۶۳، ۲۶۴، ۲۶۶، ۲۶۸، ۳۳۱–۳۳۲–۳۳۳–۳۳۴–۳۳۵

ش

شال ۱۴۳، ۱۴۵–۱۴۶، ۲۱۹، ۴۵۲
شاليمار باغ ۳۰۵
شاه بندر ۲۷۷، ۵۱۹، ۵۴۲
شاهپور ۲۷۹، ۲۸۱، ۳۲۳
شاهجهان آباد ۴۲۶–۴۲۷

شاهه کره ۱۹۳، ۲۲۳، ۲۷۷
شاهي مسجد لاهور ۳۰۵
شکارپور ۲۶۰، ۲۶۲، ۲۶۴-
۲۶۵، ۲۶۷، ۳۲۶، ۳۴۱، ۳۴۵
شکر گهاٽ ٦۲۲

ط

طورسينا ۳۷۴

ع

عاليجان واهه ۱۳۹، ۱۸۵، ۲۰۱، ۴۷
عجم ۲۳۴، ۳۲۰، ۴۹۴
عراق ۱٦۱، ۱٦۴، ۲۳۴، ۳۲۰، ۴۹۴
عمرکوٽ ۱٦۰ - ۱٦۱، ۲۰۰،
۲۱۱، ۲۲۱، ۲۳۵، ۲٦۸،
۲۷۳، ۴۲۰، ۴۷۷

غ

غازياه، غازي واه ۲۵۰

ف

فتح باغ ۲۰٦-۲۰۷-۲۰۸، ۵۲۰
فتح پور ۲٦۰، ۲٦۲، ۳۴٦
فتحي ننگر ۵۲۳، ٦۱٦
فرات ۱۴۲
فرشته (پراڻو ڀکر) ۳۱۱، ۳۱۵
فريد آباد ۲٦۷

ق

قنو ۴۵۲
قکا ۳٦٦
قلجي ۳۴٦

ق

قبچاق ۲۲۸
قلات ۲٦۲، ۲٦۴، ۲۷۷، ۳۴۴
قنداٺيل ۳۳۳
قندار ۱۴٦، ۱۵۷، ۱٦۱-۱٦۲،
۲۱۱، ۲۱۳، ۲۱۷، ۲۲۵،
۲۳۰، ۲۳۳، ۲٦۷، ۳۱۸،
۳۲۸، ۳۳۴، ۳۵۵ - ۳۵٦،
۴۸۲، ۴۹۷

ڪ

ڪابل ۱٦۴، ۲۱۲
ڪاتيار ۲۰۱، ۴۰۳، ۴۰٦
ڪاڪاراج ۳۳۱
ڪانجي قلعو ۷۰
ڪاهان، ڳاها ۱۳۷، ۱۴۱، ۳۵۹
ڪجو ۲۷۴، ۲۷۷، ۳۸۳
ڪڇ ۱۱۸-۱۱۹، ۱۴۳، ۱۴۷،
۱۵۲، ۱۵۵، ۱٦۹ - ۱۷۰،
۱۸۷، ۲۰۰، ۲۲۵، ۲۸۲
ڪدباره ۲٦۲
ڪراچي ۲٦۹، ۳۲۷
ڪربلا ۱۴۲، ۳۵۵
ڪرتي، ڪرن قلعو ۲٦۷
ڪرنال، گرنار ۱۳۵، ۱۵٦
ڪرهيلو ۳۰۲
ڪشمير ۳۰۰
ڪعبة الله ۱۱۴

ڪڪرالو ۱۷۶، ۱۷۸، ۲۰۵، ۲۳۶،
۲۶۸، ۲۷۰، ۲۷۴، ۲۷۹،
۴۳۶-۴۳۷، ۴۳۹، ۴۴۸، ۴۸۵،
۵۲۸، ۵۵۱، ۶۰۸، ۶۲۴
ڪڪڙ ۳۴۶
ڪلان ڪوٽ (ٺٽ ڏسو تعلق آباد)
۱۹۳، ۴۵۶، ۵۱۱، ۵۲۳، ۶۱۸
ڪلڪته بندر ۵۵۶
ڪلور نڪري ۳۳۷
ڪنيرن جو ڳوٺ ۶۱۷
ڪنڊي ۱۲۳
ڪنرو تعلقو ۲۶۹
ڪنڪاني ۲۶۶
ڪنڪري، بادشاهه پور ۲۴۵
ڪونڙي ۴۰۰
ڪوٽ ڪروڙ ۳۸۳
ڪوٽ ماڇي ۱۳۶
ڪوڇو ۴۱۸
ڪوداريه ۲۷۴
ڪورهره ۲۷۲
ڪوهستان ۶۲۰، ۶۲۷
ڪوه ڪاف ۳۷۱
ڪوٽيا ۳۴۴
ڪهيارو ۲۶۷
ڪهير، تعلقو ۲۶۹
ڪيچ مڪران ۲۵۵، ۳۱۷
ڪينجهر ۱۲۹، ۳۵۴-۳۵۵

ک

کوڙي جو ۶۲۲

گ

گاج لئن ۲۶۱
گاجريلو ۱۳۲
گاجيءَ جو ڳوٺ ۲۲۱
گاهي جمشيد ڳوٺ ۲۶۲
گجر ڪوٽ ۴۰۲
گجرات ۱۲۶، ۱۳۱، ۱۴۳، ۱۴۶
۱۴۸، ۱۵۱، ۱۵۷، ۱۶۰-
۱۶۱، ۲۹۹، ۳۰۲، ۳۶۰،
۳۷۰-۳۷۱، ۵۱۰، ۵۵۱،
۵۵۳، ۵۷۰، ۵۸۷، ۶۱۵
گهيرو ۲۶۲
گرنار ۱۶۵
گروهڙ ۵۴۲
گمبٽ ۳۴۳
گنجابو (گنجاوه) ۲۱۳، ۲۱۶،
۲۳۴
گنجو ٽڪر ۳۸۷، ۴۴۱، ۴۴۷
گوا بندر ۱۷۲

ڳ

ڳاڙهو ڏڙهو ۲۵۹
ڳاهڻ ماڳ ۲۶۲
ڳاهوٽ ۴۳۵
ڳهربلو ۲۶۰

گهہ

کهارو ۱۵۰، ۲۶۰
کهاڙو ۲۵۸
کهاڙ واه ۲۵۷
کهڙا ۳۳۸، ۳۴۰
کهونو، کهونڪي ۳۳۶

ل

لاڙڪاڻو ۲۵۷، ۲۶۲، ۲۶۷، ۲۶۸، ۲۷۸
لاکات ۲۵۹
لاهري بندر ۱۷۲-۱۷۳، ۱۹۶-۱۹۷، ۲۰۹، ۲۲۹، ۵۰۳، ۵۴۲، ۵۴۸، ۵۹۴، ۶۲۲-۶۲۳
لاهوت ۶۳۳
لاهور ۱۹۰، ۲۱۲، ۲۴۷، ۲۵۱، ۲۸۹، ۳۰۵، ۳۱۹، ۳۵۴-۳۵۵، ۵۴۴، ۵۸۸
لٽي ۶۲۱
لڪو ۲۶۴
لڪي ۱۴۳، ۱۶۹، ۱۸۹-۱۹۰، ۳۵۱، ۳۶۳، ۳۶۵
لکپت بندر ۲۸۰، ۲۸۲
لنجاري ۲۷۳
لواري ۴۱۵
لوه ۲۵۶

م

ماٿيلو ۱۳۲، ۲۶۱، ۲۸۷، ۳۰۹
مارکپور ۲۶۲
مازندران ۴۹۴
متياري، متياريون ۳۸۷، ۳۹۱، ۳۹۹، ۴۱۵، ۴۱۸، ۴۳۱، ۴۴۱، ۵۲۰، ۶۰۷
محال پاڳناڙي ۲۶۶
محال شورا ۲۶۶
محال ڪڇي ۲۶۶
محضه بندر ۵۸۲
محمدآباد ۲۷۱-۲۷۲، ۲۷۵، ۲۷۷، ۳۲۳-۳۲۴
محمد طور ۱۱۹-۱۲۰، ۴۵۶، ۴۶۳، ۶۲۰-۶۲۱-۶۲۲
محمود آباد ۱[illegible]۶
مدينه منوره ۳۶۰، ۳۶۹، ۴۰۱، ۵۷۸، ۵۹۴
مرادآباد ۲۷۳، ۳۳۰
مرزالپور ۳۴۱
مرک پور ۲۹۰
مرلده گونه ۲۰۸
مستونگ ۲۱۹
مسجد صفه ۴۷۴
مسجد فرخ (ٺٽو) ۵۱۰
مسقط ۲۷۱، ۲۷۴
مشڪين باغ ۲۳۹

مشهد ٣١٣، ٤٧٧
مصر ٥٤٦
مغل پين ٤٣٨
مغل واڙو ٤٧٩، ٥٤٥، ٤٦١
مڪران ١٧٤-١٧٦، ١٨٣
مڪلي ١٢٩، ١٣٥، ١٤١، ١٧٤،
١٨٣، ١٩٨، ٢٢٨، ٢٣٤،
٢٣٧، ٢٧٠، ٤٣٢، ٤٤٤،
٤٥٤، ٤٥٩، ٣٦١ ٤٦٣،
٤٦٥-٤٦٦، ٤٦٨، ٥٠٤،
٥١١، ٥٣٣، ٥٣٧، ٥٥٠،
٥٦٠، ٥٦٩-٥٧٠، ٥٧٤،
٥٧٦، ٥٧٩، ٦١٠، ٦١٢،
٦١٤-٦١٥-٦١٦، ٦٢٦
مڪن موري ٢٥٩
مڪه شريف ١٤٦، ١٦٦، ٢٢١،
٢٩٨، ٣١٣، ٣٢٧، ٣٦١-
٣٦٢، ٣٧٤، ٥٥٤، ٥٥٦
ملتان ١٢٤-١٢٥، ١٣١، ١٣٤،
١٤٦، ١٤٨-١٤٩، ١٥١،
١٦٤، ٢١٢-٢١٣، ٢٢٤،
٢٣٢، ٢٣٩، ٢٤٧، ٢٥٥،
٢٥٧، ٢٦٣-٢٦٤، ٢٦٦،
٢٨١، ٢٨٧، ٢٩١، ٢٩٣،
٢٩٥، ٢٩٧، ٣٠٧، ٣٢٤، ٣٣٠،
٣٤١، ٣٤٩، ٣٥٤، ٤٠٢،
٤٠٥، ٤١٧، ٥٣٤، ٥٤٨،

منافي تعلقو ٢٦٩
منجهر ڍنڍ ٢٦٢، ٣٣٣، ٤٣٦
منگهي جو طوق جبل ٦٣٤-٦٣٥
موتنکيجي ٤٢٠
مورو قلعو ٢٨٠
مهراڻ ١١٤، ١١٩، ١٨٩، ٣٣٠
مئو ١٤٩، ٣٠٨، ٤٢١
ميران (ماگهه) ٢٧٤
ميران پور (ڏسو) جهوڪ ميندرو
پٽ ٤٢١

ن

نارو ٥٣١، ٦٢١
ناياهو ٤٤٥
نرڪار ڪوٽ ٢٦٧
نصرپور ١٣٢، ١٤٦، ١٥٥، ١٨٢،
٢٠٠-٢٠١، ٢١٥-٢١٦،
٢٦٨، ٢٧٨، ٣٩٤-٣٩٥،
٣٩٨-٣٩٩، ٤٠١، ٤٠٣،
٥٢٩، ٥٦٧، ٥٨٨، ٦١١
نگرڪوٽ ١٢٦
نلي، تلي، لڪ ٢٧٩
نورآباد ٣٠٠
نوراڻي ٣٥٢، ٦١٢
نوشهرو ٢٥٩، ٢٧١، ٢٧٥،
٢٧٨، ٣٣٩
نهاران ٢٦٦
نهال دريا ٢٣٩

نهروالا ۴۷۱
نئون آباد ۳۴۱
نيتڪ ڪوٽ ۲۶۲
نيرون ڪوٽ ۱۸۲، ۲۱۴، ۲۸۱،
۳۷۸، ۳۳۱، ۳۳۳، ۵۲۳، ۵۳۰
نيلو فري ڍنڍ ۲۳۵

و

وریاه ۴۱۰، ۵۶۱
ويسر ۲۶۴
وڪڙ ديهه ۳۴۱
ولهار ۴۱۲، ۴۱۷-۴۱۸
وند ۲۸۲
ونگو ۴۱۲، ۴۱۶، ۴۱۸
ونهيري ۳۷۳

ھ

هاٿي در (شڪارپور) ۳۴۵
هاڙهو جبل ۴۶۱
هاشم پور ۳۵۴
هالا ڪندي، هالا ۱۴۸، ۱۵۸،
۱۹۱، ۲۱۷، ۲۵۲، ۳۷۷-
۳۷۸، ۳۸۰-۳۸۱، ۳۸۵-
۳۸۶، ۴۳۳، ۴۹۴، ۵۸۸
هالاڻي ۳۴۶
هانسي ارڳنو ۲۶۶
هنڙي ۲۵۶، ۲۵۸، ۲۶۲، ۴۲۹
هرات ۱۴۶، ۳۱۹، ۳۲۱، ۴۸۲،
۵۲۳-۵۲۴، ۵۳۳-۵۳۴
هرمز ۱۷۹
هزارو ۱۶۴
هگورجا ۳۳۹
هندوستان ۲۶۷، ۲۷۱، ۲۸۸-
۲۸۹، ۲۹۵، ۳۰۵، ۳۴۱،
۳۴۹، ۳۵۵، ۳۵۷، ۳۹۲-
۳۹۳، ۴۲۷، ۴۳۹، ۴۵۶،
۴۷۹، ۴۸۹، ۵۲۷، ۵۷۲،
۵۸۸-۵۸۹
هنور ۶۲۰
هيمڪوٽ ۴۵۴

ي

يثرب ۲۲۱

صحت ناسون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٥	١-٢	جنتر منتر ۾	۾ جنتر منتر
٩	١٤	اٿر	ڏکڻ
٩	١٥	ڏکڻ	اتر
١٣	١١	چچ	چڄ
٢٣	١	نالي	نالي جي
٣٦	٢٦	فتحنامون	فتحنامو
٤٢	٢٥	فتنحامي	فتحنامي
٢٤	چوٽي وارو عنوان	باب پهو	باب ٽيون
٦٧	١٣	عباسي گهراڻي وارن جي گورنرن جو طبقو	[باب چوٿون] عباسي گهراڻي وارن جي گورنرن جو طبقو
٦٧-٦٩	چوٽي وارو عنوان	باب ٽيون	باب چوٿون
٧٠	٢١	غزنوين ۾ دهلي جي- الخ	[باب پنجون] غزنوين ۽ دهلي جي- الخ
٧٠-٩٠	چوٽي وارو عنوان	باب ٽيون	باب پنجون
٧٥	١٦	سلميان	سليمان
٨٣	٢٣	منصف	مصنف
٨٩	٢٥	پيٽ	پٽ
٩٠	٢٤	چام	چام
٩١	١٦	سومرن جو طبقو	[باب ڇهون] سومرن جو طبقو
٩٢-١١٢	چوٽي وارو عنوان	باب ٽيون	باب ڇهون
١٠٨	٣	مان	مٿي
١٢٤	١١	چالهين	چاليهين

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٢٤	٢٦	متقق	متفق
١٢٨	٢١	چٽ	چٽ
١٥٢	١٠	نگرائيءَ	نگرانيءَ
١٥٨	١٢	پوراني	پوراني
١٥٩	٧	بـ	ٻ
١٧٠	١	راجپوت	راجپوتن
١٧٤	١٢	پنهنج	پنهنجي
١٩٠	١٢	خاڻ	خان
١٩٤	١٧	پياريءِ	پياري
١٩٥	٢٥	لامر	الامر
٢٠٠	٢	تثل	قتل
٢٣٩	٧	٣١	٢١
٢٣٩	١٠	٤٣	٢٣
٢٤١	٥	١٥٨٢	١٤٨٢
٢٦٠	٢١	...	ٻني جو
٢٦١	٥	لي	+
٢٧٧	٨	شان	شاه
٢٨١	١٨	ڪـ	ڪان
٢٨١	١٩	مثين	لثين
٢٨٧	١	[باب ٻهريون]	[باب تيرهون]
٢٨٧	٢	مسيتپور	ميتپور
٢٨٨	چوٽي وارو عنوان	باب ٻهريون	باب تيرهون
٢٩٠	٩	لـڪڻ	لـڪڻي
٣١٥	١٨	ملماني	ملتاني
٣١٨	١٦	نطب	قطب

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙيُ، ڪاٺُو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٿِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاڪ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)